مڪمل 36 ئي سُر

شاهه جو رسالو

(شاهه جي سوانح ۽ فڪر سميت
پنجاهه قلمي ۽ ڇاپي رسالن
سان ڀيٽيل متن ۽ معنيٰ وارو
زير زبر سان سچو صحيح رسالو)

محقق ۽ شارح
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Sindhica
سنڌيڪا

شاھ جو رسالو

(شاھ جي سوانح ۽ فڪر سميت پنجاھ قلمي ۽
جملي ڇاپي رسالن سان ڀيٽيل متن ۽
معنيٰ وارو زيرن زبرن سان سچو صحيح رسالو)

محقق ۽ شارح
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Sindhica
سنڌيڪا

ڪتاب نمبر

310

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 2009ع
نئون ڇاپو: 2012ع
ڪتاب جو نالو : شاهه جو رسالو
محقق ۽ شارح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائيندڙ : سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

قيمت : =/ رپيا

800

"Shah Jo Risalo"
(Poetry of Shah Abdul Latif Bhitai)
Research by: Dr. Nabi Bakhsh Khan Baloch
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi-74400 Phone: 021-32737290
www.sindhica.org
Email: sindhica_academy@yahoo.com

استاڪسٽ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گھنٽا گھر چوڪ سکر فون: 5628368-071،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 ـ
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 343115-0300

ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گھر بئراج روڊ، سکر- علمي ڪتاب گھر، ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه- عثمانيه لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گھر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- رحيم ڪتاب گھر مهراڻ چوڪ بدين- مدني اسلامي بوڪ اسٽور نئون چوڪ دادو، ممتاز ڪتاب گھر دادو-حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - سعيد بوڪ اسٽور، گل ڪتاب گھر لکي در شڪارپور- المهراڻ ڪتاب گھر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگھڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- سرتاج ۽ گلزار بوڪ اسٽور، ڪنڌڪوٽ- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- ڪنول ڪتاب گھر، مورو، سنڌ ڪتاب گھر، مورو- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ٿر ڪتاب گھر، عمر ڪوٽ- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي - مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 3319565-0300، عطار ڪتاب گھر، بدين، مهراڻ ڪتاب گھر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گھر، ڪپرو،

لکپڙهه ۽ وي پي ۽ ذريعي گھرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400

عنوانن جي فهرست

پبلشر نوٽ

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو پنهنجي ٻوليءَ، توڙي فڪر ۾ اسان سنڌين جي لاءِ حيات جو پيغام آهي. جيستائين رسالو باقي آهي تيستائين اسان کي ڀٽڪائڻ ۽ مٽائڻ وارن جون ڪوششون هرگز ڪامياب نه ٿينديون. شاهه ڀٽائي رسالي کي "آيتون آهين" سڏيو، جيئن جيئن اسان انهيءَ رسالي مان آيتن جو پيغام ۽ فڪر پنهنجي لاءِ سرچشمو بڻائينداسون تيئن تيئن اسان جي انفرادي زندگي ۽ اجتماعي حيات ۽ شعور سگهارا ٿيندا ويندا. انهيءَ ڪري اسان سيني ساڃاهه وندن جو فرض آهي ته جيڪي ماڻهو ڀٽائيءَ جي "آيتون آهين" واري فڪر ۽ شعور جي انحراف جي ڏگ تي هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پنهنجي نئين نسل کي انهن واري چالبازين کان بچايون. اسان جي ڪيترن نسلن انهيءَ انحراف جي سزا ڀوڳي آهي ۽ هي دور وري آفاقي حقيقتن ۽ سچائين کي ابلاغ جي ذريعن سان پڌرو ڪري رهيو آهي ۽ اهي حقيقتون فڪر، دانش ۽ شعور کي جهنجهوڙي رهيون آهن. مرحوم شيخ اياز انهن حقيقتن جي آشڪاريءَ جو برملا اظهار ڪندي چيو هو ته "ڀٽائيءَ جو ڏگ ٺيڪ آهي، ٻيا ورن وڪڙن وارا ڏگ تو کي ڀٽڪائيندا رهندا."

اسان سنڌيڪا جي طرفان مسلسل ڪوشش پئي ڪئي آهي ته شاهه سائين جي رسالي کي عام ڪيون ۽ ان آفاقي پيغام کي سنڌ جي هر ماڻهوءَ تائين پهچايون. ان سلسلي ۾ لطيفيات جي حوالي سان سورهن ڪتابن جي مستقل سيريز ڇاپي چڪا آهيون.

هيءُ رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لڳاتار عالماڻين ڪوشش جو نرالو علمي شاهڪار آهي. بلوچ صاحب سالن جا سال علمي عرق ريزي ڪري شاهه جي رسالي جو مستند متن تيار ڪيو هو جيڪو ڏهن جلدن ۾ فڪر توڙي لغت جي تحقيق، تنقيد ۽ ڀيٽا سان مختلف وقتن تي شايع ٿيندو رهيو. آخر ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي شاهه جو ڪلام مستند متن ۽ رسالي جو ڪلام گڏائي ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي تڏهوڪي سيڪريٽري محترم شمس جعفراڻي جي ذريعي 2009ع ۾ شايع ڪرايو، اها اشاعت سنڌ ۾ بيحد مقبول ٿي ۽ جلد ئي ناياب ٿي وئي.

هينئر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ يادگار ڪاميٽيءَ فيصلو ڪري هن رسالي جي اشاعت جو ذمو سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي حوالي ڪيو آهي جنهن لاءِ اسان ڊاڪٽر بلوچ جي گهرڀاتين ۽ ڪاميٽيءَ جي سڀني ميمبرن جا بيحد شڪرگذار آهيون. خاص طور تي محترم پروفيسر محمد يوسف شيخ، سائين عبدالغفار سومري ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي پوٽي جناب محمد راشد بلوچ هر مرحلي تي هن رسالي جي اشاعت لاءِ نگراني ۽ رابطي ڪاريءَ جا وڏا وڙ ڪيا.

اسان کي اميد آهي ته شاهه جي رسالي جو هي مستند متن شاهه جي عاشقن لاءِ فڪري رهنمائي، شخصي ۽ اجتماعي سڌاري ۽ قومي ترقيءَ جي لاءِ هڪ اهم ماخذ بڻبو جنهن سان موجوده دور جي نفسي مونجهارن، ويڳاڻپ ۽ ابتري جي خاتمي ۾ ڀرپور مدد ملي سگهندي.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

شڪريي ادائي

هڪ ئي جلد ۾ سمايل هي شاهه جو رسالو، پنجاهه قلمي رسالن ۽ سورهن ڇاپي رسالن سان ڀيٽيل وڏي تحقيق آهي، جنهن ۾ سڀ سُر شامل آهن ۽ سڄو ڪلام زيرن زبرن سان صحيح صورت ۾ بيهاريو ويو آهي. هن رسالي جي خوبي ۽ خصوصيت بابت گهڻو چوڻ جڳائي پر آءٌ ان ڪي ٿورن لفظن ۾ چوڻ چاهيان ٿو، حالانڪ شاهه صاحب چئي ويو آهي ته "پلئه پايو سچ، آچيندي لڄ مران." هي رسالو ٽن خاص خوبين سان سينگاريل آهي: ڪلام جي ڪاٿي جي لحاظ سان جامع آهي، صحت جي لحاظ سان مُستند آهي، ۽ تحقيق جي لحاظ سان معياري آهي.

هن ڪم کي ڪاميابيءَ تائين پهچائڻ ۾ پهريون ڪردار منهنجي پنهنجي ذوق ۽ جذبي جو آهي، پر ٻين ٻه گهڻن سڄڻن مونکي سهارو پڻ ڏنو آهي جن سڀني لاءِ منهنجي دل ۾ جايون آهن.

مونکي دلي خوشي ٿي آهي جو منهنجي حياتيءَ ۾ هي وڏو ڪشالو ۽ ڪارنامو پورو ٿيو جنهن سان شاهه عبداللطيف (رحه) جهڙي عظيم انسان ۽ سندس الهامي ڪلام جو ڪنهن حد تائين حق ادا ٿيو. آءٌ هن ڪاميابي جي موقعي تي پنهنجي والد مرحوم علي محمد خان کي ياد ڪندي سندس شفقت ۽ محبت کي وڏي پيار سان ميڃان ٿو. آءٌ اڃان ڇهن مهينن کن جو ڇاول هوس جو هن سائين هي جهان ڇڏيو پر وڃڻ ويل وصيت ڪيائين ته "منهنجي پٽ کي پڙهائجو." منهنجي چاچي مرحوم ولي محمد خان جا احسان جو اهو قول پاڙيائين ۽ آءٌ ايترو پڙهي ٻيس جو سندن مِهر ۽ محبت جي ساڃاهه طور اڄ هي چند لفظ لکي سگهان ٿو.

هن موقعي تي خاص طرح، آءٌ جناب ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جو ممنون آهيان جنهن شاهه جي رسالي بابت هن کان اڳ وڏي تحقيق وارن جلدن جي تياري توڙي ڇپائي ۾ مدد ڪئي، ۽ ان بابت وڏي تحقيقي رٿا جي ڪاميابيءَ تي پڪن پختن دليلن سان مقالو لکيو، ۽ هاڻي هن جامع مستند ۽ معياري رسالي جي اشاعت جو تعارف ڪرايو آهي.

خادم العلم
نبي بخش
(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)

علامه آءِ- آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
15- محرم 1429هه
13 جنوري 2009ع

تعارف

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رح تي هڪ صديءَ کان هلندڙ تحقيق جي تڪميل

سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي سال 1102ھ/1690ع ۾ ڄائو، ۽ 1165ھ/1752ع ۾ وفات ڪيائين. هو دنيا جي انهن ڳاڻ ڳڻين شاعرن مان آهي، جن پاڻ ڪاغذ قلم کڻي شاعري نہ ڪئي ۽ نہ وري ٻين کي چئي ان کي لکرايو، جيئن مولانا رومي، جنهن جي مثنوي ڇويهہ هزار شعرن تي مشتمل آهي، ان لاءِ روايت آهي تہ هو پاڻ شعر چوندو ويندو هو ۽ سندس خاص مصاحب اهو لکندا ويندا هئا. دراصل شاهه لطيف جو سمورو ڪلام هڪ خاص ڪيفيت جي پيداوار هو، جيڪو سندس حاضريءَ ۾ ويٺل فقير ٻڌڻ ۽ ورجائڻ سبب ياد ڪري وٺندا هئا. اهو ان ڪري ممڪن هو جو تہ شاهه جي زندگيءَ ۾ ئي راڳ هڪ مستقل روايت ۽ رسم طور نظر اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو شاهه عبداللطيف لاءِ ٻہ ڏند ڪٿائون خاص طور تي مشهور ٿي ويون هڪڙي اها تہ هن پنهنجو سمورو ڪلام وفات کان اڳ ڪراڙ ڍنڍ ۾ ٻوڙائي ڇڏيو ۽ ٻي اها تہ هو اُمي يعني اڻپڙهيل هو. بهرحال، شاهه جي شاعريءَ جو سندس زندگيءَ ۾ لکيل يا لکرايل مجموعو نہ مليو آهي ۽ پهريون مڪمل مجموعو "گنج" جي صورت ۾ ملي ٿو، جيڪو 1207ھ يعني شاهه صاحب جي وفات کان ٻائيتاليهہ سال پوءِ جو لکيل آهي، جيئن "گنج" لفظ مان ظاهر آهي تہ اهو اهڙو مجموعو آهي، جنهن ۾ شاهه جي ڪلام کان سواءِ سندس حاضريءَ ۾ ڳايل ٻين فارسي، هندي ۽ سرائيڪي يا پنجابي شاعرن جو ڪلام موجود نظر اچي ٿو. "گنج" جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ شاهه لطيف کي مثنوي روميءَ سان جيڪا محبت هئي، ان لحاظ کان گنج جي شروعات بہ مثنويءَ جي پهرئين شعر سان مناسبت رکندڙ بيت سان ڪئي ويئي . مثنويءَ جو اهو شعر هن ريت آهي:

بشنو از ني چون حڪايت مي ڪند
و از جدائيها شڪايت مي ڪند

گنج جو پهريون بيت هن ريت آهي:

وڏيل ٿي وايون ڪري، ڪٺل ڪُوڪاري
هن پن پنهنجا ساريا، هوءَ هنجون هوتن لاءِ هاري

اهڙيءَ طرح ٻيا فارسي شاعر جن جو ڪلام گنج ۾ شامل آهي تن ۾ سنائي ۽ حافظ قابل ذڪر آهن. ازانسواءِ سنڌي اساسي شاعرن قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطف الله ۽ شاهه عنايت رضويءَ جو ڪلام پڻ گڏيل آهي. شاهه جو رسالو پهريون ڀيرو مڪمل صورت ۾ سال 1283ھ/1867ع ۾ بمبئيءَ مان ليٿو پريس تي ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ ان کان پوءِ لاڳيتو ڇپبو رهيو. تاهم ان کان اڳ يعني 1207ھ کان 1283ھ واري مني صديءَ جي عرصي دوران توڻي ان کان پوءِ

شاھ جو رسالو پنھنجي عام مقبوليت سبب ويجھڙائيءَ واري زماني تائين قلمي صورت ۾ لکيو ۽ لکرايو ويو. بهرحال؟ وڏي ڳالھ اھا تہ انھن سيني قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ گھڻو اختلاف نظر اچي ٿو. مثلاً، 'پهرئين يا اوائلي دور وارا رسالا، جن کي 1207ھ تائين شمار ڪجي تہ اهي سڀ جا سڀ "سُر سسئيءَ" سان شروع ٿين ٿا. ليڪن 1250ھ کان پوءِ وارا سڀ قلمي رسالا "سُرڪلياڻ" سان شروع ٿين ٿا. ٻي وڏي ڳالھ تہ شروعاتي رسالن ۾ سواءِ "گنج" جي سيني ۾ بيتن جو تعداد گھڻو گھٽ ۽ پوئين دور وارن رسالن ۾ اهو ھيٺ تي پهچي ٿو. مثلاً: شروعاتي قلمي رسالن ۾ بيتن جو تعداد مشڪل سان ٻہ هزار ۽ واين جو تعداد هڪ سو کان گھٽ آهي تہ پوين رسالن ۾ اهو تعداد چار هزار بيت ۽ ٽي سو واين کان بہ وڌي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪن قلمي نسخن ۾ سرن جو تعداد ٽيھ آهي تہ ڪن ۾ ورِي اهو ڇٽيهين کان بہ مٿي آهي.

ساڳيءَ ريت ڇاپي رسالن جي حالت بہ ڪا بهتر ڪانہ هئي. بمبئيءَ مان جيڪي رسالا ڇپيا، انھن ۾ بہ بيتن جو تعداد گھٽ وڌ ٿيندو رهيو. سال 1913 ۾ مرزا قليچ بيگ جي مرتب ڪيل رسالي ۾ بيتن جو تعداد 4163 ۽ وايون 240 آهن تہ مطبع صفدري بمبئيءَ واري ڇاپي ۾ اهو انگ ترتيبوار 4187 ۽ 237 آهي. ڇاپي رسالن ۾ شايد اهو وڌ ۾ وڌ تعداد هو.

انهيءَ پس منظر ۾ شاھ جي رسالي تي پهريون ڀيرو جديد انداز ۾ تحقيق جو آغاز ويھين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪيو ۽ انهيءَ ڪم ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ساڻس گڏ ٻانھن ٻيلي ٿي رهيو، جنھن جو پاڻ مقدمي ۾ ڪليءَ دل سان اعتراف ڪيو اٿس. ڊاڪٽر گربخشاڻي جيئن تہ ولايت ۾ رهي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري وٺي آيو هو، ان ڪري تحقيق جي جديد طريقن کان واقف هو. هن پهريون دفعو اهو محسوس ڪيو تہ شاھ جي رسالي ۾ جيڪو ٻين شاعرن جو ڪلام آيل آهي،تنھن کي شاھ جي پنھنجي ڪلام کان الڳ ۽ ڌار ڪري نج شاھ جي ڪلام کي شايع ڪيو وڃي. انهيءَ تحقيق جي نتيجي ۾ پهريون جلد 1923ع ۾، ٻيو 1924ع ۾ ۽ ٽيون 1931ع ۾ شايع ٿيا. پهرئين جلد جي تياريءَ ۾ڇئن نسخن (ٻن قلمي ۽ ٻن ڇاپي)، ٻئي جلد ۾ هڪ وڌيڪ قلمي نسخي ۽ ٽئين جلد ۾ اڃا هڪ وڌيڪ قلمي نسخي کي سامهون رکيو ويو. بهرحال انھن ٽن جلدن ۾ ڪل ارڙهن سر مڪمل ٿي سگھيا. ليڪن وڏي ڳالھ هيءَ تہ پهريون ڀيرو انھن سرن جي شرح بہ لکي وئي. گربخشاڻي اهو پهريون عالم هو، جنھن شاھ جي بيتن جي شرح يا سمجھاڻي پڻ ڏني ۽ اشتقاق ڪدي، لفظن جون معنائون ڏنيون. ازان سواءِ هو پهريون شارح هو، جنھن مثنوي روميءَ جي حوالي سان شاھ جي وڌ ۾ وڌ بيتن جي قابل قدر سمجھاڻي پيش ڪئي. پر نهايت افسوس جي ڳالھ آهي تہ اهوايڏو وڏو ڪم پايہءِ تڪميل تي نہ پهچي سگھيو. جنھن جو ممڪن سبب اهو ٿي هو تہ ان وقت جي ادبي حلقن، هندو توڙي مسلمانن طرفان مٿس سخت تنقيد ڪئي وئي.

شاھ جي رسالي تي اها غير مڪمل تحقيق ٿي هئي، جو 1951ع ڌاري "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان اهو ڪم نئين سر ڊاڪٽر دائود پوٽي جي حوالي ڪيو ويو. جيئن هو پنھنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ هن اهو ڪم 1952ع ۾ ڀٽ شاھ تي گنج شريف جي پيٽ ڪرڻ سان شروع ڪيو ۽ ان جون مختلف پڙهڻيون مرزا قليچ بيگ واري ڇاپي نسخي ۾ درج ڪندو ويندو هو. سال 1958ع جي ماهنامہ نئين زندگي جي هڪ مضمون ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي لکيو تہ هن وقت تائين يعني گذريل نون سالن ۾ شاھ جي رسالي جا تقريباً ٽيھ قلمي نسخا پيٽي چڪو آهيان. ليڪن اوچتو ڊاڪٽر دائود پوٽي نومبر 1958ع ۾ رحلت ڪئي ۽ اهو ڪم ائين غير مڪمل رهجي ويو.

ڊاڪٽر دائود پوٽي جي وفات کان پوءِ اهو احساس پاڻ وڌيڪ شدت سان ظاهر ٿيڻ لڳو تہ شاھ جي رسالي تي هلندڙ تحقيق کي ڪيئن مڪمل ڪيو وڃي. آخر 1966ع ۾ ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي ان ڪم جي اهميت کي محسوس ڪندي اهو ڪم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هڪ پيش ڪيل تجويز جي روشني ۾ سندس حوالي ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ موجب اهو ڪم ٻن مرحلن ۾ مڪمل ٿيڻو هو. پهرئين مرحلي اندر شاھ جي رسالي ۽ سوانح بابت ماخذ

ڳولي تحقيقي انداز ۾ شايع ڪرڻا هئا. ٻئي مرحلي ۾ شاهه جي رسالي جي "جامع، مستند ۽ معياري متن" کي مڪمل ڪرڻ هو. ٽئين مرحلي دوران تحقيق ڪندي شاهه جي رسالي جا ٽن قسمن جا متن معلوم ٿيا، جيڪي تحقيقي انداز ۾ ڇاپي پڌرا ڪيا ويا ته پڻ مستقبل ۾ حوالي جي لاءِ اهي به هر محقق جي آڏو هجن.

(الف) سال 1969ع ۾ برٽش ميوزيم ۾ رکيل شاهه جي رسالي جي اوائلي نسخي کي شايع ڪيو ويو، جنهن کي ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي غير مڪمل تحقيق ۾ پڻ استعمال ڪيو هو. اهو نسخو گنج کان اڳ يعني ٻارهين صديءَ جي آخر جو آهي.

(ب) سال 1974ع ۾ راڳنامي جي روايت يعني سرڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ 69-1270ھ دوران لکيل ٽن قلمي نسخن کي پيٽي هڪ مثالي متن شايع ڪيو ويو ۽ حاشين ۾ مختلف پڙهئيون ڏنيون ويون.

(ج) سال 1977ع ۾ سرسسئيءَ سان شروع ٿيندڙ اوائلي دور (1165-1207ھ) جي ڏهن قلمي نسخن کي پيٽي هڪ ٻيو مثالي متن شايع ڪيو ويو.

ڪم جي ٻئي مرحلي جي شروعات 1980ع ۾ ڪئي وئي، پر خود ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ موجب ڪم جي رفتار ڪيترن سببن ڪري سست رهي. آخر سال 1989ع ۾ "شاهه جو رسالو" يعني "شاهه جو ڪلام" جو پهريون جلد منظر عام تي آيو، جنهن ۾ سرڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ جي معياري متن، پيٽ ۽ سمجهاڻيءَ کان سواءِ شاهه لطيف جي سوانح تي جديد تحقيقي انداز ۾ روشني وڌي وئي ۽ هر نئين ڳالهه جي سند پيش ڪئي وئي. ان کان سواءِ انهن ٻنهي سرن جي سنڌي نثر ۾ سمجهاڻي يا شرح پڻ هر بيت جي آڏو ڏني وئي. شاهه جي ڪلام جو ٻيو جلد، جنهن ۾ چار سر شامل هئا، ٽن سالن جي وقفي کان پوءِ 1992ع ۾ ڇجي پڌرو ٿيو. اهي ٻئي جلد ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي تحت سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ طرفان شايع ٿيا.

سال 1994ع ۾ جڏهن حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر مقرر ٿيڻ سبب ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي چيئرمين جي ذميواري مون تي عائد ٿي ته مون شاهه صاحب جي ڪلام سان گهري عقيدت سبب هن ڪم کي هر لحاظ سان اوليت ڏني. مون کي هن ڳالهه جو فڪر هو ته جيڪڏهن ٽن جلدن تي تحقيق ۽ تياريءَ ۾ ڏهاڪو سال صرف ٿيا هئا ته پوءِ ڪل رٿيل ڏهن جلدن يعني باقي ستن جلدن جي تياريءَ ۾ ڪيترو وقت لڳندو! آخر ڊاڪٽر صاحب سان مشوري ڪانپوءِ فيصلو ٿيو ته جيڪڏهن گهربل وسيلا مهيا ڪري ڏنا وڃن ته اهو ڪم تيزيءَ سان اڪلائي سگهبو. نتيجي طور مون پنهنجي انتظامي صلاحيتن کان ڪم وٺندي ڊاڪٽر صاحب کي گهربل وسلا مهيا ڪري ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ۽ ان کان پوءِ رسالي جا باقي ڇهه جلد "علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا" هيٺ شايع ٿيا. اهڙيءَ طرح آخرڪار "شاهه عبداللطيف جو ڪلام" ۽ "رسالي جو ڪلام" صحيح صورت ۾ سال 1999ع ۾ منظر عام تي آيا. بقول ڊاڪٽر صاحب "ٽيهن سالن جي تحقيق ۽ پنجاهه قلمي ۽ سورهن ڇاپي رسالن جي مطالعي ۽ پيٽ" سان، شاهه جو پنهنجو ڪلام زيرن زبرن سان، صحيح صورت ۾ معياري ترتيب ۽ معنيٰ سميت پڌرو ٿيو. رسالي جي آخري ڏهين جلد ۾ اهو ڪلام، جيڪو تحقيق جي نتيجي ۾ شاهه جو پنهنجو ڪلام ثابت نه ٿيو، اُهو "رسالي جو ڪلام" تحت شايع ڪيو ويو، جنهن لاءِ تفصيلي مقدمي تحت علمي ۽ ادبي تنقيد جا معيار واضح ڪيا ويا ۽ هر بيت لاءِ سبب ۽ سمجهاڻي ڏني وئي ته اهو ڇو شاهه جو ڪلام نٿو ٿي سگهي يا اها وائي شاهه جو ڪلام ناهي. ڏنل وچور موجب اٽڪل ٻه هزار ۽ هڪ سو اسي بيت ۽ هڪ سو چاليهه وايون شاهه جو پنهنجو ڪلام ثابت نه ٿيا، ظاهر آهي ته اهو ڪلام مختلف رسالن ۾ شامل هو. مطلب ته ان تحقيق جي نتيجي ۾ شاهه جي پنهنجي ڪلام جو ڪل تعداد بيتن ۽ واين سميت ٽي هزار ٽي سؤ ويهن جي لڳ ڀڳ بيٺو.

ڊاڪٽر صاحب رسالي جو هڪ پورو جلد رسالي جي لغت لاءِ وقف ڪيو جنهن ۾ انوکن لفظن، اصطلاحن، عبارتن، فقرن ۽ جملن جي معنيٰ ڏني وئي ۽ انهن جو انداز ويهن هزارن کان مٿي آهي. هن جلد کي ڇپائڻ جو اعزاز

”سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري“ کي حاصل ٿيو. اهو جلد ”روشني“ جي نالي سال 2002ع ۾ منظر عام تي اچي چڪو آهي. اهڙيءَ طرح ڏهن جلدن ۾ شاهه تي هلندڙ تحقيق هر لحاظ سان مڪمل ٿي.

هتي تحقيق جي بنيادي اصلن کان واقفيت رکندڙ هر شخص اهو سوال ڪري سگهي ٿو ته پلا پرک جا اهي ڪهڙا معيار يا بنياد آهن،جن کي ڪسوٽي بنائي اهو فيصلو ڪري سگهجي ٿو، يا ڪيو ويو آهي، ته هيءُ شاهه جو ڪلام آهي يا ٿي سگهي ٿو ۽ هيءُ شاهه جو ڪلام ناهي يا نٿو ٿي سگهي؟ ڊاڪٽر صاحب اهي معيار هيٺينءَ ريت مقرر ڪيا آهن:

(1) رسالن جي تعداد جو معيار

(2) رسالن جي قدامت جو معيار

(3) رسالن جي پيٽ جومعيار

(4) ٻوليءَ جو معيار

(5) شاعريءَ جو معيار

(6) اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار

ظاهر آهي ته اهڙو بيت جيڪو سڀني رسالن ۾ موجود هجي ته اهو هر صورت ۾ شاهه جو ڪلام چئبو. ائين تحقيق جي ميدان ۾ ماخذ جي قدامت کي وڏ ۾ وڏ اهميت حاصل آهي يعني جيڪو شاعر يا مصنف جي زندگيءَ يا دور کي ويجهي ۾ ويجهو هجي. گهڻن رسالن جي پيٽ سان وڌيڪ صحيح پڙهتي اختيار ڪري سگهجي ٿي. باقي ٽي معيار داخلي نوعيت جا آهن جن جي اهميت کان پڻ ڪوئي انڪار ڪري نٿو سگهي، جو ته اهي علمي دنيا ۾ مڃيل آهن.

انهن معيارن کي ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت استعمال ڪيو ويو آهي، ان وضاحت جي هتي گنجائش ناهي، البت ڊاڪٽر صاحب پنهنجي طرفان انهن تي تفصيلي روشني وڌي آهي. ليڪن اهو طئي آهي ته مستقبل جي ڪنهن به محقق يا تنقيد نگار کي انهن معيارن کي ئي جاچڻو پوندو يا انهن تي تنقيدي نظر وجهڻي پوندي ته اهي ڪيتري قدر جديد تحقيق جي بنيادي اصولن مطابق آهن ۽ انهن جي ڪهڙي افاديت آهي.

شاهه جي رسالي بابت ذري گهٽ هڪ صديءَ تي ڦهليل انهيءَ تحقيق جي ايڏي پس منظر بيان ڪرڻ جو مقصد صرف اهو هو ته جنهن جديد تحقيق جو آغاز ويهين صديءَ جي شروع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪيو، اها تحقيق ايڏن مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ، ويهين صديءَ جي آخر ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي هٿان ٽيهن سالن جي مسلسل محنت سان رسالي جي ڏهن جلدن ۾ پايہءِ تڪميل تي پهتي.

جيتوڻيڪ عام طور ائين سمجهيو وڃي ٿو ته ڪا به تحقيق حرف آخر نه هوندي آهي، پر اها به حقيقت آهي ته تحقيق جي دنيا ۾ ڪي شيون حرف آخر ثابت ٿيون آهن. اسان هتي صرف هڪ مثال تي اڪتفا ڪريون ٿا. مثنوي مولانا روميءَ جي سلسلي ۾ علمي دنيا ان حقيقت کان واقف آهي ۽ هينئر دنيا جا اڪثر محقق ان تي متفق آهن ته مثنويءَ جو اهو مستند متن (Critical Text) جيڪو مشهور مستشرق آر. اي. نڪلسن 1925ع کان 1940ع يعني پندرهن سالن جي مسلسل محنت ۽ عرقريزيءَ کان پوءِ تيار ڪيو، اهو حرف آخر آهي. ياد رکڻ گهرجي ته مولانا روميءَ 672ھ/1274ع ۾ وفات ڪئي ۽ هيءُ متن گويا ڇهن صدين کان وڌيڪ عرصي بعد مرتب ڪيو ويو. نڪلسن نه رڳو اهي ڇهه دفتر ايڊٽ ڪيا، بلڪ انهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو به ڪيو ۽ ٻن جلدن ۾ ضروري تشريح ۽ حوالا ڏنا. اڄ علمي دنيا ۾، ويندي ايران سوڌو، نڪلسن جو تصحيح شده ايڊيشن هڪ ڪلاسڪ (Classic) جي حيثيت رکي ٿو ۽ ان جو ئي حوالو معتبر ليکيو وڃي ٿو.

آخر ۾ هن ڳالهه جي وضاحت ڪري ڇڏجي ته شاهه جي رسالي جو هيءُ متن ان ڪري جامع آهي ڇاڪاڻ ته هن تحقيق دوران هڪ وڏو انگ يعني ڪل اٺهٺ رسالا مطالعي هيٺ آندا ويا، جن مان ڇائيتاليهه قلمي ۽ ٻاويهه ڇاپي رسالا

آهن. جديد تحقيق جي اصولن موجب قلمي مواد کي بنيادي ماخذ (Primary Source) ۽ ڇپيل مواد کي ثانوي ماخذ (Secondary Source) جي حيثيت ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. ٻيو ته انهن سيني رسالن جون اختلافي پڙهڻيون به ڏنيون ويون آهن. ان لحاظ کان جنهن شخص وٽ رسالي جا ڏهه جلد آهن، ان وٽ گويا اهي سڀ رسالا موجود آهن، جيڪي گذريل ٻن صدين دوران لکيا يا ڇاپيا ويا، جنهن ڪري هو انهن رسالن جي تقابلي مطالعي کان پوءِ پنهنجي راءِ پڻ قائم ڪري سگهي ٿو. مستند ان ڪري، ڇاڪاڻ ته جيڪا پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ ٻي جنهن کي ڇڏي ڏنو ويو آهي، ان جي شاهدي يا سند ڏني وئي آهي. معياري ان ڪري، ڇاڪاڻ ته هر بيت کي مقرر ڪيل معيار يا ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويو آهي ۽ ڪنهن پڙهڻيءَ کي اختيار ڪرڻ وقت اهو سبب يا سمجهاڻي ڏني وئي آهي ته اها پڙهڻي ڇو اختيار ڪجي ٿي يا هي بيت ڪهڙي معيار جي لحاظ کان شاهه جو بيت نه آهي.

تحقيق جا ڪي اهم نتيجا:

(1) هن تحقيق کان اڳ عام طور اهو سمجهيو ٿي ويو ته شاهه جو رسالو سرڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. پر هن تحقيق جي نتيجي ۾ معلوم ٿيو ته اوائلي رسالا، جيڪي شاهه جي وفات کان پوءِ ۽ تيرهين صديءَ جي شروع تائين لکيا ويا، اهي سڀ سرسسئيءَ سان شروع ٿيندڙ هئا. 1207هه ۾ لکيل ”گنج“ هن سلسلي جو اوائلي نه پر آخري رسالو هو.

(2) شاهه عبداللطيف بابت پهريون دفعو سائنسي انداز ۾ کوجنا ڪري معتبر سوانح عمري مرتب ڪئي وئي، جيڪا ڏند ڪٿائي انداز کان پاڪ آهي. پهريون دفعو شاهه لطيف جي ڄمڻ جي صحيح هنڌ جي نشاندهي ڪئي وئي، ڇو ته هن کان اڳ سڀئي سوانح نگار شاهه جي امڙ جي باري ۾ غلط فهميءَ جو شڪار هئا، اهي سڀ هالا پراڻا جي مخدوم عربي يا شاهه دياڻي کي شاهه لطيف جو نانو قرار ڏين ٿا، جيتوڻيڪ اهو بزرگ شاهه لطيف کان لڳ ڀڳ هڪ صدي اڳ ٿي گذريو.

(3) شاهه لطيف جي راڳ جي باري ۾ پهريون دفعو تحقيقات مڪمل ڪئي وئي ته 1144هه کان پوءِ ڀٽ شاهه تي راڳ جو باقاعده سلسلو شروع ٿيو، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. شاهه جي راڳ کي سائنسي انداز ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ اهو نتيجو قائم ڪيو ويو ته اهو راڳ هندوستاني موسيقيءَ جو حصو ناهي، بلڪ شاهه لطيف پنهنجي راڳ واري روايت جو پاڻ موجد آهي، جيڪا هڪ قسم جي لوڪ موسيقي آهي، جنهن ۾ آواز جي موسيقيءَ جي بجاءِ لفظن جي موسيقي بنيادي حيثيت رکي ٿي.

(4) سنڌ جي مختلف علائقن ٿر، ڪاڇي، ڪوهستان ۽ ساموندي علائقي يا ڪاري جي سڄاڻ سگهڙن سان ملاقاتن کان سواءِ شاهه جي ڪلام جي ڄاڻو فقيرن ۽ پارکن سان وقت بوقت رهاڻيون ڪري شاهه جي ڪلام ۾ آندل ڪيترن انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي صحيح معنيٰ ۽ مطلب معلوم ڪيو ويو آهي. جيڪو لغت جي ڪتابن ۾ قطعي موجود نه هو. انهيءَ قيمت معلومات هٿ ڪرڻ جو عرصو لڳ ڀڳ اڌ صديءَ تي ڦهليل آهي. علمي تحقيق جو هيءُ نئون انداز هن کان اڳ سنڌ ۾ ناپيد هو.

(5) هن تحقيق ذريعي پهريون ڀيرو شاهه جي رسالي جي تاريخ کي اجاگر ڪيو ويو آهي ته رسالن لکڻ جي شروعات ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿي، جدا جدا هنڌن ۽ وقتن تي جيڪي رسالا لکيا ويا، تن مان ڪهڙا اصل ۽ ڪهڙا نقل آهن. گويا شاهه جي وفات کان پوءِ اسان جي دور تائين اها رسالي جي ٻن سؤ سالن جي تاريخ آهي، جنهن سان رسالي کي سمجهڻ جو هڪ نئون باب کلي ٿو.

(6) شاهه جي رسالي ۾ آيل ڪيترن ئي لفظن ۽ مڪانن جي نالي جي ٻهريون ڀيرو درست پڙهڻي قائم ڪئي وئي، جيڪا هن کان اڳ حيرت انگيز نموني ۾ غلط طور رائج هئي. هتي فقط چند مثالن تي اڪتفا ڪجي ٿي. سريمن ڪلياڻ جو هڪ بيت آهي:

او قابيل، اکين ۾ توکي ٻاري ٻان
اپو اڳرايون ڪرين، ماڳ هٽيو مستان
جانب تون زيان، اکين سين ايذا ڪرين.

لاڳيتو چئن بيتن ۾ اهو ساڳيو لفظ 'اوقابيل' آيو آهي ۽ ان جي معنيٰ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ حضرت آدم ع جو پٽ قابيل ورتي آهي، جنهن پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪيو هو، يعني هتي شاهه صاحب محبوب کي قابيل يعني قاتل سڏي ٿو. اها ساڳي پڙهڻي ۽ ساڳي معنيٰ غلام محمد شاهواڻيءَ، ڪلياڻ آڏواڻيءَ ۽ عثمان علي انصاريءَ جي رسالن ۾ ملي ٿي، جن گهڻي ڀاڱي گربخشاڻيءَ جو تتبع ڪيو آهي. دراصل اهو لفظ 'عقابيل' يعني عقابي اکين جي معنيٰ ۾ آيل آهي ۽ بمبئيءَ واري ڇاپي ۾ بہ ائين آيل آهي. ڪاڏي اکيون ۽ ڪاڏي قابيل!

ٻيو مثال سرسامونديءَ جو هيٺيون بيت آهي:

بندر ديسان ديس، ملهه نہ ملي وار يئين
فقيراڻي ويس. املهه ڏين اتورئا.

ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاري 'ملي واريئين' جي معنيٰ ڪئي آهي تہ واري سان نٿو ملي يا واريءَ جي داڻن يعني ڪوڙي ڪچ تي نٿو ملي. جڏهن تہ اصل لفظ جيئن ڊاڪٽر صاحب پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اهو ملي بار يا مالا بار آهي. شاعر جو مطلب آهي تہ هر ملڪ ۾ بندر آهن، پر مالابارجهڙا بندر ڪي ٻيا ناهن. اهي بندر شايد ان زماني ۾ وڏيڪ نفعي ڪمائڻ لاءِ مشهور هوندا هئا. سرسريراڳ ۽ سرساموندي ۾ پوربندر، عدن ۽ لڪا بندرن جا نالا پڻ ملن ٿاجتي سنڌ جا سوداگر وڻج واپار لاءِ ويندا هئا.

(7) اها حقيقت تسليم شده آهي تہ شاهه لطيف کي مثنوي روميءَ ۽ ان جي فڪر سان وڏي مناسبت آهي. مولانا رومي دنيا جو اهو واحد شاعر آهي، جنهن جو ڇهه دفعا نالو ڪٺي شاهه لطيف حسن ۽ عشق بابت سندس خيالن کي ساراهيو آهي. جيئن تہ:

طالب قصر، سونهن سر، ايءَ روميءَ جي رهاڻ،
ٻهرين وڃائڻ پاڻ، پسڻ پوءِ پرين کي.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ توڙي ڪانئس پوءِ شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ سريمن ڪلياڻ ۾ شاهه جي رسالي جو هيٺيون مشهور بيت شاهه جو ڪلام سمجهي آندو آهي.

عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڏڙيا.
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو.

ڊاڪٽر بلوچ هن بيت کي شاهه جو ڪلام نٿو سمجهي، تنهنڪري ان کي شاهه جي ڪلام ۾ نہ بلڪ رسالي جي ڪلام ۾ داخل ڪيو اٿس ۽ ان لاءِ سبب ڄاڻايو اٿس تہ اهو بيت اوائلي دور جي گهڻن رسالن ۾ ڪونهي. ٻي وضاحت اها ڪئي اٿس تہ عزازيل دراصل تڪبر ڪيو هو، ان ڪري پوءِ ملعون ٿي ويو. بهرحال ڊاڪٽر صاحب جي راءِ آهي تہ هي بيت ڪنهن سالڪ فقير شاهه صاحب کان پوءِ چيو، جيڪو رسالي ۾ داخل ٿي ويو.

اچو تہ ھن بيت کي مثنوي روميءَ جي فڪر جي روشنيءَ ۾ ڏسون، ڇو تہ شيطان کي مثنويءَ ۾ ڪيترا ڀيرا بحث هيٺ آندو ويو آهي. دفتر چوٿين ۾ رومي چوي ٿو:

دانَد او ڪو نيڪبخت و محرم است
زيرڪي ز ابليس و عشق از آدم است

يعني ”جيڪو نيڪبخت ۽ محرم راز آهي اهو ڄاڻي ٿو تہ هوشياري يا چالاڪي ڪم شيطان يا عزازيل جو آهي، پر عشق ڪم انسان جو آهي.“

گويا روميءَ جي فڪر مطابق عشق انسان جي خصوصيت آهي ۽ نہ ابليس جي، جنھن پنھنجي خالق سان اهو بحث ڪيو هو تہ آءٌ انسان کان بھتر آهيان، ڇو تہ آءٌ باھہ جي پيدائش آهيان ۽ انسان مٽيءَ جي پيدائش آهي. اهائي تہ سندس دليل بازي هئي، جنھنڪري تڙيل بنجي ويو. حقيقت ۾ سڀني صوفين انسان ڪي ئي عشق جومحور قرار ڏنو آهي. ان لحاظ کان ڏسجي تہ شاھہ لطيف اهڙو شعر ڪيئن ٿي چئي سگهيو، جيڪو صوفين جي عام مڃيل تعليمات جي خلاف هجي. اهو وري انڪري بہ تہ شاھہ لطيف جو ڪلام شطحيات کان پاڪ آهي. هاڻي ڏسو تہ ڊاڪٽر صاحب جيڪو نتيجو صرف بيروني شاهدين جي آڌار تي قائم ڪيو آهي، اهو شاھہ جي ڪلام جي فڪري يا اندروني شاهدين تي ڪيئن پورو بيهي ٿو.

سريمن ڪلياڻ ۾ شاھہ لطيف جو هڪ مستند بيت آهي، جنھن ۾ عزازيل جو نالو ورتل آهي ۽ اهو بيت سڀني رسالن ۾ هن ريت موجود آهي:

اکر پڙهي اياڳيا، قاضي ٿئين ڪئاءِ،
جئن پيرئين ۽ پائيين، ايڏنھن ائين نہ آءٌ،
ان سرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازيل کي.

هن بيت ۾ شاھہ لطيف انهيءَ انسان کي نياڳو قرار ڏئي ٿو، جيڪو ٿورو پڙهي، پاڻ کي عقل ڪل يعني فيصلي ڪرڻ واري حيثيت ڏئي ٿو يا قاضي سمجهي ٿو. هو هدايت ڪري ٿو تہ پاڻ کي هر وقت صحيح سمجهڻ ۽ ان تي غرور ڪرڻ واري عادت جي ويجهو بہ نہ وڃڻ کپي. آخري سٽ ۾ واضح ڪري ٿو تہ انهيءَ پاڻ کي صحيح ڀانئڻ واري سزا جو مزو عزازيل چکيو. تڏهن تہ ابليس ۽ شيطان جو لقب مليس، توکي بہ ان مان سبق سکڻ کپي. هاڻي ظاهر آهي تہ هن بيت ۾ عزازيل يعني شيطان جي عمل جي سخت مذمت ڪيل آهي ۽ ٻين کي ان کان بچڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. عام رسالن ۾ هيءُ بيت مٿي ڄاڻايل عاشق عزازيل واري بيت سان گڏ رکيل آهي. ڏسو گربخشاڻي، شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارا رسالا. هينئر واضح ٿي ويو تہ ٻنهي بيتن جي معنيٰ ۾سڌو سنئون تضاد آهي. ائين ٿي نٿو سگهي تہ هڪ بيت ۾ شاھہ صاحبُ جهڙو اعليٰ شعور رکندڙ شاعر، شيطان جي عمل جي مذمت ڪري ۽ ٻئي بيت ۾ وري ان کي اصل عاشق قرار ڏئي.

(8) ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق جي نتيجي ۾ ڇاپي رسالن ۾ ڪي اهڙيون فاش غلطيون نظر آيون آهن، جن جي هن کان اڳ ڪنھن بہ نشاندهي نہ ڪئي آهي. مثلاً: هيٺ ڄاڻايل اٺ وايون، جيڪي شاھہ جي نالي ۾ ڏاڍيون مقبول آهن، سڀ کان پهريائين ٽرمپ جي ڇاپي رسالي ۾ آيل آهن.

1- منڊ پيئندي مون ساڄن صحيح سڃاتو (سرڪلياڻ)
2- ٿيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو (سرڪلياڻ)
3- دوست ڀيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو سعيو (سريمن ڪلياڻ)
4- يار سڄڻ جي فراق ڙي جيڏيون آلا مازي (سريمن ڪلياڻ)

5- چوري چڏمر ڇپرين، ڀاروچل ڀانهي (سرديسي)
6- آءٌ راڻا رهه رات، تنهنجي چانگي کي چندن چاريان (مومل راڻو)
7- ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، مون کي سوڌو سجهه نه ڏي (مومل راڻو)
8- جيڪس جهليا مڇ، ڳهاتو گهر نه آئيا (سرگهاتو)

اهي اٺ ئي وايون ڀيريون دفعو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ٽرمپ جي رسالي تان پنهنجي رسالي ۾ شامل ڪيون، جنهن کان پوءِ شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ جي مرتب ڪيل رسالن ۾ پڻ اچي ويون. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته اهي وايون هئي ڪنهن به اڳيئن قلمي رسالي ۾ موجود نه آهن،بلڪ بمبئيءَ مان ڇپيل رسالن ۾ به ناهن. ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق موجب اهي وايون دراصل انهيءَ منشيءَ جون ٺاهيل آهن، جنهن کان ٽرمپ صاحب رسالي جو متن تيار ڪرايو هو. هن جڏهن ڏٺو ته باقي ٻين سينني سرن جي آخر ۾ وايون موجود آهن، پر ڪن سرن ۾ ڪونهن ته هن اهي پاڻ ٺاهي ڪسر پوري ڪري ڇڏي! اهڙيءَ طرح اندازا ڀاڻ واين جي آخر ۾ "اديون عبداللطيف چئي" واريون مصراعون به وڌائي ڇڏيائين، جيڪي هن کان اڳ ڪنهن به قلمي رسالي ۾ ڪونه هيون.

هن ايڏي ساري ڊيگهه يا تقرير ڪرڻ جو مقصد صرف اهو واضح ڪرڻ هو ته شاهه جي رسالي تي ٿيل هيءَ تحقيق سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ هڪ شاهڪار علمي ڪارنامو ۽ بيش بها اضافو آهي،جنهن جي جيتري به پذيرائي ڪجي، اوتري گهٽ آهي. علمي دنيا ۾ اهڙا ڪارناما گهٽ ملن ٿا، جو ته قدرت جي مهرباني کان سواءِ اهي سرانجام نٿا ڏئي سگهجن. سنڌي ادب جي اها وڏي خوشقسمتي آهي،جو ڊاڪٽر بلوچ جي صورت ۾ سنڌ کي اهڙو محقق مليو جنهن سالن جا سال پيار جو پورهيو ڪري علمي ۽ اعليٰ تحقيق جو اهڙو شاهڪار سنڌ وارن کي پيش ڪيو.

جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو ته 'شاهه جو رسالو' 'شاهه جو ڪلام' ۽ 'شاهه جو رسالو' 'رسالي جو ڪلام' هن کان اڳ سال 1999ع 1998ع ۾ ڌار ڌار جدا ڪتابن جي صورت ۾ شايع ٿي چڪا آهن. پر ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته اهي ٻئي گڏ هڪ ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪجن ته جتي پڙهندڙ ۽ محقق ساڳئي وقت شاهه جي پنهنجي اعليٰ فهم ۽ فڪر واري شاعريءَ مان مستفيد ٿين، اتي انهن شاعرن جو ڪلام جيڪو شاهه صاحب پاڻ ٻڌو ۽ ٻڌرايو يا جيڪو پاڻ پسند ڪيو يا ڪانئس پوءِ ڪن فقيرن سنڌس نالي ڪري ڇڏيو، اهو پڻ هر وقت سندن آڏو رهي، جو ته اهو ڪلام پڻ شاهه جي فڪر کي سمجهڻ لاءِ پنهنجي اهميت رکي ٿو. هاڻي اهو سڀ ڪجهه هن هڪ ڪتاب يا جلد ۾ شامل آهي. هن سان ان غلط فهميءَ جو پڻ ازالو ٿي ويندو جنهن تحت اها مهم هلائي وئي آهي ته ڊاڪٽر بلوچ شاهه صاحب جو ڪيترو صحيح ۽ حقيقي ڪلام رسالي مان خارج ڪري ڇڏيو آهي.

هن ڪتاب ۾ منهنجي پنهنجي ذاتي خيال ۾ ٻن اهم اضافن جي ضرورت باقي رهندي. ڀيريون ته جن چاهڻ يعني پنجاهه قلمي ۽ سورهن ڇپيل رسالن تي هن تحقيق جو مدار آهي، جديد تحقيق جي اصولن موجب انهن جون جيڪي اختلافي پڙهڻيون (Variants) بيتن کان پوءِ آخر ۾ رکيون ويون آهن سي هن جلد جي آخر ۾ به اچڻ گهرجي. ان صورت ۾ واقعي اهو هڪ رسالو نه پر چاهڻ رسالن جي برابر هوندو. گويا پڙهندڙ ۽ محقق وٽ گڏريل ٻن سؤ سالن دوران لکيل ۽ ڇپيل رسالن جو مواد هر وقت آڏو هوندو. ٻي ضرورت بيتن جي جامع ڏسٽي (Index) مرتب ڪرڻ آهي، جنهن سان ڪنهن به بيت کي آسانيءَ سان ڳولي سگهجي.

بنگلو سيڪريٽري 7، باٿ آئيلينڊ
ڪراچي، سنڌ
12 ڊسمبر 13/2008 ذوالحج 1429هه

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

مهاڳ

ٽيھن سالن (۱۹٦٦- ۱۹۹٦ع) جي مسلسل محنت ۽ مطالعي سان، ’شاھ جي رسالي‘ جو مستند معياري متن تيار ڪيو ويو ۽ شاھ عبداللطيف رحہ جي سوانح، ڪلام ۽ فڪر بابت تحقيق کي توڙ تائين پھچايو ويو. ان مقصد لاءِ جدا جدا فقيرن جا لکيل ”شاھ جا رسالا“، سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاھر، جتي بہ سُجھيا تي ڏٺا ويا، ۽ پنجاھ کن اھڙن قلمي رسالن ۽ ٻين جملي ڇاپي رسالن کي، علمي تحقيق جي معيارن مطابق پيٽي، انھن ۾ شامل ڪلام کي زيرن زبرن سان صحيح صورت ۾ شايع ڪيو ويو. اھا تحقيقي رٿا ڏھن جلدن جي اشاعت سان ۱۹۸۰-۱۹۹٦ وارن سورھن سالن ۾ پوري ٿي.

ان رٿا کي ڪاميابيءَ سان پوري ڪرڻ خاطر ھيٺين اصولن کي سامھون رکيو ويو. پھريون تہ شاھ جا رسالا جيڪي اڳين فقيرن لکيا سي شاھ جي ڪلام جا پڪا پختا شاھد ڪري مڃيا ويا، ۽ جيڪي فقير شاھ جي دور کي وڌيڪ ويجھا ھئا تن جون پڙھڻيون ترجيحي طور تي اختيار ڪيون ويون. ٻيو تہ ھر بيت ۽ ھر وائي جون جدا جدا رسالن واريون پڙھڻيون لازمي طور پويان لکيون ويون انھيءَ لاءِ تہ اھي ھن دور جي پڙھندڙن جي سامھون رھن ۽ پڻ ايندڙ وقت ۾ تحقيق لاءِ ڪارگر ٿين. ٽيو تہ ھر بيت ۽ ھر وائي کي زيرن زبرن سان لکيو ويو تہ جئن اھي صحيح صورت ۾ پڙھي سگھجن. چوٿون تہ ھر بيت ۽ وائي ۾ آيل انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جون معنائون لکيو ويون تہ جئن مطلب صاف طور سمجھ ۾ اچي. پنجون تہ انھن اصولن مطابق ٿي ھر بيت ۽ ھر وائي کي مستند معياري متن ۾ شامل ڪيو ويو ۽ ڪوبہ ڪلام ڏاريو ڪري ڪونہ ڪڍيو ويو.

انھن اصولن مطابق ڪيل تحقيق سان ھيٺيان مقصد پورا ٿيا:

■ ھڪ تہ پھريون ڀيرو، شاھ جي رسالي جي تدوين ۽ تاريخ کي (جلد-۱ ۾) تفصيل سان بيان ڪيو ويو. يعني تہ ’شاھ جي رسالي‘ لکڻ جي شروعات ڪيئن ۽ ڪڏھن ٿي ۽ جدا جدا فقيرن جيڪي رسالا لکيا تن مان ڪھڙا اصل ۽ ڪھڙا نقل آھن. معلوم ٿيو تہ اوائلي دور ۾ رسالن لکڻ جي شروعات سسئي جي سُرن سان ٿي، تان جو سنہ ۱۲۵۰ھ ۾، راڳ جي سھوليت خاطر، رسالي کي نئين سر ’راڳنامي‘ جي صورت ۾ لکيو ويو، ۽ ان جي شروعات ’سُر ڪلياڻ‘ سان ڪئي وئي.

■ ٻيو تہ شاھ جي سوانح عمري تان رسمي روايتن وارو غلاف لاھي، ان کي اصلي ماخذن، تاريخي حوالن ۽ صحيح روايتن جي روشني ۾ نئين سر لکيو ويو. شاھ جي اھا سوانح ھن جامع مستند رسالي جي شروع ۾ شامل آھي.

■ شاھ جي ڪلام ڪي قلمي ۽ ڇاپي رسالن سان پيٽي، زيرن زبرن سان، صحيح صورت ۾ شايع ڪيو ويو.

■ جدا جدا رسالن ۾ ڏنل ٻين وَلين، سالڪن ۽ سگھڙن جي ڪلام کي بہ قيمتي سمجھي، جانچي پيٽي، صحيح صورت ۾ جلد ڏھين ۾ شامل ڪيو ويو ۽ ان اڳين خيال کي رد ڪيو ويو تہ اھو ”ڏاريون ڪلام“ آھي ۽ ان کي ڪڍي ڇڏڻ گھرجي.

■ رسالي جي سُرن، سرن جي داستانن، ۽ داستانن ھيٺ بيتن ۽ واين جي ترتيب کي موضوع، معنيٰ، بيان ۽ شاھ جي عارفانہ فڪر جي روشني ۾، وڌيڪ سھڻي سِٽاءَ سان سنواريو ويو. اھا ترتيب ھن جامع مستند رسالي ۾ بہ قائم رکي وئي آھي.

■ سڀ کان اهم مقصد هو ته شاهه جي عالمگير انساني ۽ عرفاني فڪر جا اهي جملي رخ روشن ڪيا وڃن، جيڪي جدا جدا سُرن ۾ سمايل آهن ۽ جن جي تجزيي ۽ تشريح سان شاهه جي وسيع عالمگير فڪر جي عمارت اڏي سگهجي. هن جامع مستند رسالي جي هر سُر جي شروع ۾ ان ۾ سمايل شاهه جي عارفانه فڪر جو اختصار ڏنو ويو آهي.

ان رٿا جي تڪميل سان ڪن اهڙن مسئلن تي به روشني پئي جن ڏي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت هئي. پهريون ته اهو محسوس ٿيو ته شاهه جي بيتن ۽ واين جي صحيح متن معلوم ٿيڻ بعد، انهن کي معياري سنڌي نثر ۾ آڻڻ گهرجي ته جئن معنيٰ تي وڌيڪ روشني پوي. ان لاءِ راقم پهرين ٻن سُرن يعني سر ڪلياڻ ۽ سر يمن جي بيتن ۽ واين جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيو ۽ اهو پهرئين جلد ۾ شايع ٿيو. ٻيو ته شاهه جي صحيح ڪلام جي اشاعت بعد ان کي ٻين ٻولين ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ راهه هموار ٿي. هن کان اڳ جيڪي ترجما ٿيا آهن تن ۾ شاهه جي اصل صحيح ڪلام کي مدنظر نه رکيو ويو آهي. ٽيو ته شاهه جي صحيح ڪلام جي اشاعت سان، شاهه جي عارفانه فڪر جي تشريح لاءِ صورتحال سازگار ٿي.

اهڙن ۽ ٻين اهم موضوعن تي لکڻ ۽ نئين تحقيق طرف وک وڌائڻ بدران، ڪن سڄڻن جڏهن هن تحقيقي رٿا بابت لکيو ته ان تي تنقيد جو ئي سوچيو. هن وقت تائين جيڪي ڪجهه تنقيد طور لکيو ويو آهي ان تي غور ڪرڻ سان اطمينان ٿيو آهي ته ڪيل تحقيق معياري اصولن ۽ مضبوط بنيادن تي ٻيٺل آهي ۽ ان ۾ ردبدل جي ضرورت ڪانهي. ڪن صاحبن پنهنجي تنقيد ۾، شايع ٿيل جلدن ۾ ڇپُلن چڪن جو ذڪر ڪيو بيشڪ ايڏي وڏي تحقيقي ڪشالي ۾ (جيڪو ڪيترن ئي سالن جي وڏي عرصي ۾ پورو ٿيو، جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ رسالن يا ٻين تحريرن جي مطالعي ۽ پيٽ جي ضرورت ٿي، ۽ جنهن ۾ هزارن صفحن جي مواد کي اتارڻ، نئين سر ترتيب ڏيڻ ۽ صحيح طور تي شايع ڪرڻ جي انساني ڪوشش جي باوجود ڪن ڇپُلن چڪن جو رهجي وڃڻ لازمي هو. جئن ته، ڪنهن سر ۾ ڪو بيت ٻيو پيرو ڇپجي ويو؛ ڪنهن بيت ۾ ڪنهن ٻئي بيت جون ڪي سٽون گڏجي ويون؛ ڪو بيت جيڪو پهرين ستن جلدن ۾ 'شاهه جي ڪلام' هيٺ رکڻو هو سو جلد ڏهين ۾ 'رسالي جي ڪلام' هيٺ ڇپجي ويو؛ يا ڪو بيت جيڪو ڏهين جلد ۾ رسالي جي ڪلام طور رکڻو هو سو پهرين ستن جلدن ۾ ڇپجي ويو. انهيءَ ڪري شروع کان ئي اهڙين ڇپُلن چڪن کي درست ڪرڻ طرف ڌيان ڏنو ويو، جنهن جو ڪجهه تفصيل جلد-٧ (١٩٩٨ع) ۾ ضميمي طور موجود آهي. ان جلد کان پوءِ شايع ٿيندڙ انهين– نائين جلد (١٩٩٩ع) ۾ ڇپُلن چڪن کي گهڻي حد تائين درست ڪيو ويو. هاڻي هن جامع جلد ۾، ٨-٩ ۽ ١٠ جلد ۾ شايع ٿيل سڄو ڪلام مطالعي هيٺ آڻي، رهجي ويل ڇپُلن چڪن کي درست ڪيو ويو آهي.

ڪن سڄڻن، ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جي معنائن بابت پنهنجيُ اختلافي راءِ ڏني آهي. هن جامع مستند جلد ۾، هر صفحي تي شايع ڪيل بيتن ۽ واين جي هيٺيان حاشين ۾ صحيح معنائون ڏنيون ويون آهن، پر ڪو پڙهندڙ ڪنهن ٻي معنيٰ کي وڌيڪ صحيح سمجهي ته ان کي اختيار ڪري.

وڏي رٿا هيٺ اڳ ڇپيل ڏهين جلد ۾ (صفحي اول کان صفحي ١٧٨ تائين)، ٻين وليين، سالڪن ۽ شاعرن جي ڪلام کي (جيڪو مختلف قلمي ۽ ڇاپي رسالن ۾ موجود آهي) تحقيق ڪري، پيٽي، صحيح صورت ۾ رکيو ويو آهي. جنهن کي جلد ڏهين ۾ ڏسڻ گهرجي.

هن جامع جلد ۾، شاهه جي سوانح بعد، پهريائين اڳئين جلد ائين- نائين ۾ ڇپيل سرن کي رکيو ويو آهي، ۽ ان بعد جلد ڏهين ۾ ڇپيل سرن کي (سر بسنت تائين) رکيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته جئن هر پڙهندڙ، هن هڪ ئي جلد ۾، سڄي شاهه جي رسالي کي صحيح طور سان پڙهي سگهي. هر سڄاڳ عالم ۽ محقق لاءِ ضروري آهي ته هن جامع جلد ۾ شامل هر بيت ۽ هر وائي جي جدا جدا پڙهڻين کي وڏيڪ تفصيل سان سمجهڻ لاءِ اڳ ڇپيل ڏهن جلدن ۾ ڏنل تحقيق کي سامهون رکي. ان بعد، سسئي جي ٽيهه اکري، تمر فقير جو ڪلام ڏنا ويا آهن.

خادم العلم
نبي بخش

علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا
سنڌ يونيورسٽي (ايلسا قاضي ڪيمپس)
حيدرآباد سنڌ ٧١٠٠٠
١٠- آڪٽوبر ٢٠٠٨ع

شاهه عبداللطيف جي سوانح حيات

نسب نامو*، ولادت، ننڍپڻ ۽ ابتدائي تعليم وارو دور

شاهه عبداللطيف، سنڌ جي 'مُتهلوي' ساداتن، يعني 'مُتَعَلوي' يا مٽياري سيدن جي 'ڪريم- پوٽا' خاندان مان ٿيو جيڪو مٽي شجري ۾ هڪ وڏي پاڙي 'جَراڙ' يا 'جَرَاڙ- پوٽا' جي هڪ شاخ آهي. انهيءَ پاڙي جو وڏو سيد جراڙ (جلال) هو جيڪو سيد شرف الدين جو فرزند هو. انهيءَ لحاظ سان 'جراڙ- پوٽا' ساڳئي وقت 'شرف- پوٽا' آهن. شرف الدين جو ڏاڏو سيد حيدر، هرات شهر جي سيد مير علي جو پٽ هو جيڪو مٽي امام موسيٰ ڪاظم جي اولاد مان هو. انهيءَ لحاظ سان مٽياروي سيد شهر هرات جي سندن وڏي ڏاڏي مير علي (يعني سيد علي) جي اولاد سببان 'هِراتي سيد' آهن، پر مير علي هِراتي کان مٿئين نسب نامي جي اعتبار سان 'ڪاظمي سيد' آهن. مٽياروي سيدن جي شجري موجب، سيد حيدر پهريائين سنڌ ۾ آيو ۽ هالا- ڪنڊي (قديم شهر هالا) ۾ اچي رهيو جتي هالا قبيلي جي رئيس شاهه محمد بن دريا خان کيس پنهنجي نياڻي ڏني جنهن مان کيس 'علي' نالي پٽ ٿيو. سيد حيدر موٽي هرات ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين؛ پٽس سيد (مير) علي سنڌ ۾ ئي رهيو، ۽ ڪريم- پوٽا توڙي ٻيا سڀ مٽياروي سادات هن 'سيد علي سنڌي' جو اولاد آهن.

(الف) ساداتن جو مٽياري ۾ اچڻ. شجري جي روايت موجب، سيد (مير) علي (سنڌي) ٨٠٢- ٨٠٣هه وارن سالن ۾ هالا- ڪنڊي ۾ ڄائو هوندو، پر غالباً سندس والد سيد حيدر ڪجهه وقت اڳ (اٺين صدي هجري جي آخر ۽ سمن جي حڪومت جي شروعاتي دؤر ۾) سنڌ ۾ آيو ۽ مير 'علي' سنڌي به ٨- صدي هجري جي آخر ڌاري ڄائو. هو هالا- ڪنڊي ۾ پنهنجي ناناڻن ۾ نپنو، جن کيس پرڻايو. هن ٻيو نڪاح ٽُرڪن جي قبيلي مان ڪيو. کيس ٽي پٽ ٿيا: احمد، شرف الدين ۽ مرتضيٰ عرف پرئو، جن سڀني کي اولاد ٿيو. سيد علي سنڌي جڏهن اولاد وارو ٿيو ته هالا- ڪنڊي مان لڏي اچي پينگهاري پرڳڻي سان لاڳو پرڳڻي جي 'متعله' يا 'متعاله'، يعني 'متهلو' (= 'مٽهالو'، 'مَٽ- هالو') شهر ۾ وينو، جنهن جي نالي مان ڀانئجي ٿو ته اهو هالا قبيلي جي سربراهن جي زمينداري ۾ هو جن پنهنجي ڏوهٽي کي جاگير ڪري ڏنو. اهو شهر هن وقت موجود ناهي پر شهدادپور کان ٨-٩ ميل اوپر طرف 'متهلو' ديهه ۽ ٿپو ان نالي جي يادگار طور موجود آهن. سيد علي سنڌي ۽ سندس اڪثر اولاد، ٩- صدي هجري وارو گهڻو عرصو 'متهلي' ۾ رهيا ۽ سيد علي به مُتهلي ۾ ئي وفات ڪئي. هنن سيدن پنهنجي دينداري، ديانتداري ۽ ڪامياب زمينداري جي ڪري دينڊار سلطان ڄام نظام الدين جي دور حڪومت (٨٦٦- ٩١٤هه) ۾ وڏو اثر رسوخ پيدا ڪيو. متهلي طرف جڏهن ٻاڙي جي اٽاٽ ٿي، تڏهن هي سڄو خاندان ٩- صدي جي پوين ڏهاڪن ۾ موجوده شهر مٽياري واري ماڳ تي لڏي آيو، جتي هو 'متهلوي' (=مُتهلي جا) سڏجڻ لڳا. هي هڪ علمي گهراڻو هو ۽ سندن تحريرن ۾ جٿن پوءِ تٿن 'متهلوي' کي 'متعلوي' ڪري لکيو ويو. مٽيارين وارو ماڳ اصل ۾ چانگن بلوچن جو شهر 'مَٽ- آري' (آري جو مَٽُ) هو، پر هن سيد گهراڻي جي وڌندڙ اثر رسوخ سببان سندن نالي پويان 'متعلوي' به سڏجڻ لڳو جيتوڻيڪ عوام ۾ اصل نالي 'مَٽ- آري' پويان 'مٽياري' وڌيڪ مشهور ٿيو.

---

* نسب نامي وارو سڄو تفصيل مٽياروي سيدن جي روايت شجري تان ورتل آهي، جيڪو اصل فارسي ۾ هو ۽ جنهن جا نقط سنڌي اتارا هن وقت موجود آهن. سيد حيدر جي سنڌ ۾ اچڻ تائين هن شجري جي موجوده روايت ۾ البت ڪي نقص آهن: هڪ ته سيد حيدر کان امام موسيٰ ڪاظم تائين ڏنل نسب نامي ۾ ڪي پيڙهيون ڪٽل آهن، ۽ ٻيو ته سيد حيدر غالباً امير تيمور جي هندوستان تي حملي کان اڳ سنڌ ۾ آيو.

(ب) **ڪريم- پوٽا پاڙو:** مٽياري واري ماڳ تي لڏي اچڻ ڪانپوءِ، چاليهن پنجاهن سالن اندر، سنه ٩٤٤ هجري ۾ سيد علي سنڌي جي پٽ شرف الدين جي اولاد (شرف- پوٽن) جي 'جَراڙ' يا 'جراڙ- پوٽا' پاڙي مان، لال محمد شاهه عرف للي شاهه جي گهر عبدالڪريم شاهه ڄائو، جيڪو پنهنجي درويشي ۽ ديناري، فڪر ۽ فهم، تصوف ۽ توڪل جي ڪري مشهور ٿيو. سندس والد جو گهر 'مٽياري' ۾ موجود جامع مسجد جي ڏکڻ- اولاهين ڪنڊ سان لڳو لڳ هو، جتان مسجد جي ديوار ۾ هڪ نشان يادگار طور اڄ تائين موجود آهي. شاهه للو پاڻ عابد زاهد ۽ سهروردي طريقي جو سالڪ هو. سندس گذر سفر اڪثر لاڙ طرف ٿيندو هو ۽ وفات پڻ اتي ئي ڪيائين ۽ سهروردي سلسلي جي بزرگ شهاب الدين قريشي جي مقام ۾ مدفون ٿيو(١). جيئن ته شاهه للو پاڻ هڪ وڏو درويش هو، انهيءَ ڪري گهڻين جاين تي سندس پڻ معتقد ۽ مريد ٿيا، جن مان ڪي بلڙي واري جُوءِ ۾ هئا، جن جي محبت ۽ عقيدي جي ڪري عبدالڪريم شاهه پنهنجي تعليم ۽ شادي بعد 'مٽياري' مان لڏي وڃي اتي وينو. انهي ڪري ان ڳوٺ کي 'سيد پور' توڙي 'للاٽي لوءِ'(٢) سڏيو ويو، پر جيئن ته اهو بلڙيءَ واري پيٽيءَ ۾ هو انهيءَ ڪري اهو ماڳ به انهيءَ جُوءِ جي نالي سان 'بُلڙي' سڏجڻ لڳو. ميون شاهه ڪريم گهرٻار عيال سوڌو، سندس زندگي جي وڏي عرصي تائين، اتي رهيو ۽ وفات به سنه ١٠٣٢هه (١٦٢٣ع) ۾ اتي ڪيائين.

تصوف جي سلسلي ۾، ميين شاهه ڪريم ۽ سندس والد ٻنهي جي سهروردي طريقي سان نسبت باقي رهي، پر شاهه ڪريم پاڻ قادري طريقي سان وڌيڪ وابسته ٿيو. ميين شاهه ڪريم کي اٺ پٽ ٿيا، جن مان ڇهن کي اولاد ٿيو جيڪو وڌيو ويجهيو، ۽ ڏاڏي جي نالي سان سندن پاڙو 'ڪريم- پوٽا' ٿيو. سندس ٽئين نمبر فرزند جلال شاهه(٣) جي اولاد مان شاهه عبداللطيف جو والد شاهه حبيب ٿيو.

(ج) **شاهه حبيب ۽ سندس ڪٽنب:** شاهه حبيب، ميين شاهه ڪريم جو پڙپوٽو هو. سندس ڏاڏو جلال شاهه يا جمال شاهه غالباً پنهنجي والد ميين شاهه ڪريم جي وقت ۾ مٽياري ۽ هالن طرف گهڻو گذارڻ لڳو. هو هالن طرف هو جو ڦورن ڪنهن مائي جو مال هنيو ۽ جڏهن شاهه پويان واهر ٿي ويو تڏهن ڦورن ڪيس شهيد ڪيو، ۽ هو 'گولي پير جي مقام' ۾ مدفون ٿيو. هي مقام شهدادپور تعلقي جي ديهه ۽ ٽپي 'جَما' ۾، پٽ ڪان ست ميل ڪن اتر طرف آهي جتي جلال شاهه (جمال شاهه) جي تربت موجود آهي. سندس شهيد ٿيڻ بعد سندس ٻار ٻچا جيڪڏهن مٽياري ۾ هئا ته به موٽي وڃي پنهنجي ڏاڏي سان 'سيدپور' (بلڙي) ۾ رهيا. جلال شاهه (جمال شاهه) جو فرزند عبدالقدوس شاهه به عابد ۽ درويش ٿيو جنهن اتي وفات ڪئي ۽ پنهنجي ڏاڏي ميين شاهه ڪريم جي مزار جي ويجهو ڏکڻ- اوڀر طرف دفن ٿيو. ڪيس ٻه پٽ ٿيا: حبيب الله شاهه (حبيب شاهه) ۽

---

(١) بزرگ 'شهاب الدين جو مقام' بدين شهر کان ڏيڍ ميل ڪن اتر- اولهه طرف آهي ۽ عوامي زبان ۾ 'شاهه بدي' (شهاب الدين) جو مقام سڏجي. بدين شهر جو نالو پڻ 'شهاب الدين' (= شهاب دين= شاهه بدين= بدين) جي نالي پويان پيو. شاهه للي جي مزار ان مقام ۾ موجود ۽ مشهور آهي.

(٢) يعني 'شاهه ڪريم للاٽي جو ڳوٺ' (للاٽي مان مراد 'للي جو پُٽ' آهي) جنهن بابت ڪنهن مرادوند بيت چيو ته:

وانءُ للاٽي لوءِ، جت ولايت وند ٿئي
معرفت مڪان ۾ وڻ تڻ وائي چوءِ
سائيڙي سيکهين پاند پنئو ٿو پوءِ
سيد پيرُ سندو، مان پَسي حالُ هَٿَ ڪٽي.

(٣) اوائلي مصنفن، مير علي شير قانع توڙي ٻين، جن 'بيان العارفين' واري شجري کي سامهون رکيو تن هيءُ نالو 'جلال' ڪري ڄاڻايو آهي. البت ان کان پوئين دور ۾ اهو نالو 'جمال شاهه' ڪري لکيو ويو.

عبدالرشيد شاھ، جن ٻنهي کي اولاد ٿيو. ديناري درويشي جي ورچ حبيب الله شاھ کي ملي. ميين شاھ ڪريم بعد، جملي ڪريم- پوٽن ۾ شاھ حبيب ئي زهد ۽ عبادت، فقر ۽ فضيلت جو صاحب ٿيو، ۽ سندس اعليٰ اخلاق، فيض ۽ فقيري جو خاص طرح سندس فرزند شاھ عبداللطيف جي تربيت تي وڏو اثر پيو. ڪريم- پوٽن ۾ شاھ حبيب ئي شاعر ٿيو جنهن بيت چيا جن مان ڪي 'شاھ جي رسالي' ۾ موجود آهن. شاھ حبيب جي شاعريءَ جو پڻ شاھ لطيف تي اثر پيو.

شاھ حبيب پنهنجي والد جي وفات وقت، يا سندس وفات ڪانپوءِ، ڪجھ وقت لاءِ اچي مٽياري شهر ۾ رهيو. اها جاءِ جتي هو رهيو(١) اتي ئي سگهي ٿو تہ سندس گھر هو، ۽ 'مٽياري' ۾ سندس رهڻ انهيءَ ڪري ٿيو جو شايد اتي سندس شادي ٿي. پوءِ عزيزن جي ساٽس اٽيٽت ٿي، جو درويش هاشم شاھ جيڪو ڪيس گهٽو گهرندو هو تنهن جي چوڻ تي مٽياري کي ڇڏيائين. ڪن روايتن موجب شاھ حبيب هڪ شادي عزيزن مان ڪئي ۽ ٻي ٻاهران ڪئي جنهن مان شاھ عبداللطيف ڄائو. پر هڪ تہ اهو پڪيءَ طرح معلوم ناهي تہ سندس پهرين شادي ڪڏهن ٿي، ۽ ٻيو اهو بہ معلوم ناهي تہ پنهنجن مان جيڪا شادي ڪيائين سا ڪهڙي پاڙي يا ڪهڙن عزيزن مان ڪيائين. مٽياروي سيدن جي پاڙن جا شجرا موجود آهن پر انهن ۾ شاھ حبيب جي ان شادي جو ڪو حوالو موجود ڪونهي. روايتن موجب، ٻنهي گهرن مان ڪيس اولاد ٿيو: پر هڪ تہ شاھ حبيب جي اولاد بابت جيڪي حوالا موجود آهن سي سندن وفات ڪان سوا- سئو سال ڪن پوءِ جا آهن ۽ ٻيو تہ شاھ عبداللطيف جي وفات ڪانپوءِ (خاص طرح گادي نشيني جي مسئلي تان) شاھ حبيب جي نرينہ يا ٻئي اولاد بابت بيان پٽرا ٿيا، انهيءَ ڪري شاھ حبيب جي جملي ڪٽنب بابت ڪنهن پڪي نتيجي تي پهچڻ مشڪل آهي. البت اهو يقيني آهي تہ هڪ ئي گهر مانِ شاھ حبيب کي ٽي فرزند ٿيا جن مان فقط هڪ شاھ عبداللطيف باقي بچيو. ٻئي گهر مان، هڪڙن حوالن موجب جمال شاھ نالي فرزند ٿيو، ۽ ٻين موجب جمال شاھ ۽ مصري شاھ نالي بہ فرزند ٿيا. ٽڪڙ واري شجري موجب جمال شاھ جو پٽ ڪريمڏنو شاھ ٿيو، جنهن جو ڪوبہ پٽ جمال شاھ نالي ڪونہ هو: ٻين شجرن ۾ ان جو پٽ جمال شاھ نالي هو، جيڪو شاھ عبداللطيف بعد گادي نشين ٿيو. پڻن ڪانسواءِ شاھ حبيب کي 'بي بي بتول'(٢) نالي هڪ نياڻي هئي، جيڪا غالباً شاھ عبداللطيف جي سڳي ڀيڻ هئي. ان سميت يا ان ڪانسواءِ، شاھ حبيب جي ٻن نياڻين جو ذڪر ٿيل آهي، پر مير سانگي ڄاڻايو آهي تہ اها پڪ ڪانهي تہ اهي ڪهڙي گهر مان هيون، پر ٻنهي جي شادي شاھ حبيب جي وقت ۾ ٿي. سانگي کي غلام محمد شاھ گدا ٻڌايو تہ انهن مان هڪ مٽياري سيدن جي 'موسيٰ' پاڙي ۾ ڏنل هئي تہ ٻي سمهباٽي پاڙي ۾ ڏنل هئي(٣). شجرن جي تحقيقات مان معلوم ٿيو تہ:

شاھ حبيب جي هڪ نياڻي، سيد موسيٰ جي پاءُ سيد عيسيٰ جي اولاد 'عيسيٰ- پوٽن' جي پاڙي مان محمد حافظ شاھ جي پٽ کي پرڻايل هئي(٤)؛ مگر شجرن مان توڙي زباني روايتن مان اها تصديق نہ

---

(١) چون ٿا تہ اها جاءِ پوئين ويجهي وقت ۾ موجود 'ماڪن شاھ' جي حوالي هئي. ١٩٤٠ع ڌاري اتي نم جا ڪي وڻ هئا، ۽ پڻ چوديواري سان هڪ ننڍڙي ڪوٺي ٻيٺل هئي، پُراڻين پٽين سان ۽ هيٺاهين ڇت سان، جنهن تي پٽيون ٽڏا هئا ۽ هيٺ زمين تي بہ ڪي ٽڏا پيل هئا. اهي شاھ حبيب جا ڪک سڏبا هئا. ماڻهو ادب ڪندا هئا ۽ اتي ختما چلا ڪندا هئا.

(٢) لطائف لطيفي، فارسي متن، ص ص ١٨٠- ١٨١ روايت مشهور آهي تہ انهي ڪري ئي ڪيس ادب وچان ٻيبي بتول، ٻيبي زاٽي يا ٻيبي سردار سڏيندا هئا.

(٣) لطائف لطيفي، فارسي متن، ص ١٧٣.

(٤) ٽڪڙ واري شجري ۾ صاف ائين ڄاڻايل آهي. محمد حافظ شاھ بن گهريو شاھ پاڳارو هو.

تي سگهي تہ ڪو شاهہ حبيب جي ڪا نياڻي سمهباڻين ۾ بہ ڏنل هئي(١).

(د) شاهہ عبداللطيف جي ولادت(١١٠٢هہ): عام روايتن موجب، شاهہ حبيب کي اولاد ڪونہ ٿيندو هو ۽ ڪنهن درويش کان دعا گهريائين، جنهن چيس تہ: توکي پُٽ ٿيندو، پر سندس نالو عبداللطيف رکجانءِ(٢). سنہ ١٣٠٠هہ ۾ اتاريل هڪ بياض ۾ اها اڳاٽي روايت جيئن نقل ٿيل آهي، تنهن موجب اها دعا شاهہ حبيب کي مٽياري شهر جي مست درويش هاشم شاهہ ڪئي هئي(٣)، جيڪو پاڻ جراڙ- پوٽو هو ۽ شاهہ حبيب جو عزيز هو. شجري مان پڻ اهڙي تصديق ٿئي ٿي تہ ٻئي همعصر هئا. شاهہ حبيب دل ۾ ارادو رکي هاشم شاهہ وٽ ويو، جنهن کيس ڏسي چيو تہ "حبيب مان لطيف جي بوءِ ٿي اچي."(٣) شاهہ حبيب کي ڄڻ واڌائي ملي تہ کيس عبداللطيف نالي پُٽ ٿيندو، جنهن جي خوشبوءِ ملڪ واسيندي. پوءِ پُٽ ڄائو، جنهن جو نالو عبداللطيف رکيائين، پر ٻارڙو گذاري ويو. ساڳئي گهر مان ٻيو پٽ ڄائس تنهنجو نالو بہ عبداللطيف رکيائين، پر اهو بہ گذاري ويو. وري بہ ساڳئي گهر مان ٽريو پُٽ ڄائس، جنهن جو نالو وري بہ عبداللطيف رکيائين، جيڪو بچيو ۽ اُهوئي شاهہ عبداللطيف ٿيو. اهي ٽيئي ٻارڙا جنهن بيبيءَ مان ٿيا، سا عرس فقير ڏيري جي نياڻي هئي، جيڪو ملتان جي ولي غوث بهاؤالدين زڪريا جي خليفي قندر فقير ڏيري جي اولاد مان، "ڏنوڻريات" لقب وارن ڏيرن فقيرن جي "ثابت" يا "ثابت پوٽا" نُک مان هو. هنن ڏيرن فقيرن جا بہ سلسلا هئا: هڪڙا "سايات" يا سبزپوش (سائو ويس ڪندڙ) ۽ ٻيا "ڏوُنريات" يا سفيد پوش. اهي وڏا پهتل درويش هئا ۽ 'گنبات ڏٽي' (گنبات واري ايراضي جا رکوال ولي) ڪري سڏبا هئا. ثابت فقير پاڻ وڏو درويش ٿي گذريو- جو چيائون تہ:

سوالي سچيءَ سڪ مان جي 'ثابت' کي سارين
تن نڪا تنگي توڻ جي، نڪي اُڌارين(٤).

عرس فقير کي بہ نياڻيون هيون: وڏي ڏنائين رب رکيي فقير ڏيري کي، ۽ ننڍي نياڻي ڏنائين شاهہ حبيب کي. شادي بعد، شاهہ حبيب بہ سهريجن جي پاڙي ۾ ٿي وينو جتي سندس گهر 'سُئي قندر' واري

---

(١) سمهباڻي، يعني سيد سمهہ ابن عبدالوالي بن دين محمد بن شاهہ ڪريم) جو اولادؒ ڪيس چار پٽ هئا. عبدالرحمان، عبدالحڪيم، بهارو ۽ ابوالفتح. جيڪڏهن شاهہ حبيب جي نياڻي سمهباڻين ۾ ڏنل هئي تہ (پيڙهين ۽ وقت جي اندازي مطابق) اها خود سمهہ شاهہ جي ڪنهن پٽ کي ڏنل هوندي.

(٢) مرزا قليچ بيگ لکيو آهي تہ شاهہ صاحب کي اولاد ڪونہ ٿيندو هو، پوءِ ڪنهن اولياء کان دعا گهريائين، جنهن کيس يقين ڏياريو تہ: "توکي پٽ ڄمندو، جو زماني جو غوث ٿيندو ۽ تنهن جو نالو عبداللطيف رکجانءِ" (احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، ص ١٣). البت اهو ڪونہ ڄاڻايائين تہ ڪيس اها ڳالهہ ڪٿان معلوم ٿي يا اهو ولي ڪهڙو هو جنهن دعا ڪئي. هيءَ روايت مٽياري سادات جي خانداني روايت آهي، جيڪا مسلسل طور هلندي آئي آهي ۽ اعتبار جوڳي آهي. ڪافي ڳولا بعد آخرڪار هيءَ روايت راقم کي تحريري صورت ۾ ملي. اها تحرير جيتوڻيڪ پوءِ جي آهي، پر يقيني طور ڪنهن اڳاٽي ذخيري تان نقل ٿي. جن لفظن ۾ اها نقل ٿيل آهي، تنهن کي ٽڪڙ جي 'منعماڻي' پاڙي وارن سيدن جي زباني بيان ٿيل روايت چوڻ مناسب ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ اها لکت انهن ئي وٽ محفوظ رهي آهي. اڄ کان هڪ صدي اڳ سنہ ١٣٠٠هہ ۾ جنهن اها نقل ڪري لکي، تنهن کي وري "ڇنڇر ڏينهن ڏهين تاريخ ربيع الاول سنہ ١٣٦١هہ" ۾ حافظ بسل ٽکڙائي اتاريو. اهو بياض محترم قمرالزمان شاهہ جي مهربانيءَ سان راقم جي مطالعي هيٺ آيو.

(٣) درويش هاشم شاهہ جڏهانڪر مستي ۽ مجذوبي ۾ آيو تہ هندوستاني ڳالهائڻ لڳو. غالباً قلندر شهباز تي ڪن ٻاهرين عقيدتمندن سان ڳالهائيندي اها ٻولي اختيار ڪيائين. اسان هت سندس قول هندوستاني بدران سنڌيءَ ۾ ڪري لکيا آهن.

(٤) ثابت فقير ايڏي وڏي درجي وارو هو جو کيس 'ميان ثابت' ڪري سڏيو ويو. سندس قبر 'سُئي قندر' واري قبرستان ۾ ڏيرن فقيرن جي خاص مقام ۾ هڪ اوچي ٽلهي تي آهي جنهن تي ست قبرون آهن، جن مان اولهہ طرف کان پهرين قبر ثابت فقير جي آهي ۽ سِر تي پڻ نالو 'ميان ثابت لکيل آهي.

تاريخي مقام کي بلڪل ويجهو اولهہ طرف هو. اها گهر واري جاءِ روينيو رڪارڊ موجب سروي نمبر ١٣٤ ديهہ 'سئي قندر جاگير' تعلقي شهدادپور ۾ آهي ۽ مقامي طور ٦٠-١٩٥٠ع تائين اتي جي سيني ماڻهن کي، ان جي خبر هئي. ''سئي قندر مقام'' کان نمبر جي لام تي اتر - اولهہ طرف ۽ موجوده شاخ جي اوپر، شاھ حبيب جي گهر لڳ هڪ کڏ هئي جنهن کي ''ساياتن جي کڏ'' ڪري چوندا هئا. انهيءَ جي پرسان ١٩٣٠ع تائين، ڪنڌي جا وڻ بيٺل هئا جيڪي ''شاھ حبيب جا ڪنڊا'' سڏبا هئا. اُتي سندس حويلي هئي جنهن جي پتين جون ڀنائون بہ ان وقت ماڻهن ڏٺيون. انهيءَ حويليءَ ۾ ئي شاھ حبيب جا ٻهريان بہ پٽ ڇاوا جيڪي گذاري ويا ۽ 'سُئي- قندر مقام' ۾ دفنايا ويا. ﭘنهي جون قبرون اڃا تائين موجود آهن(١).

ٿيون پٽ شاھ عبداللطيف بہ انهي ساڳئي گهر ۾ ڄائو ۽ اتي ئي نپنو ۽ وڏو ٿيو. هجري سنہ مطابق اهو سال ١١٠٢ھ هو، جنهن جي تصديق انهيءَ روايت مان ٿئي ٿي تہ وفات وقت (١١٦٥ھ) شاھ صاحب جي عمر ٦٣ سال هئي. ١٣- صدي هجري (١٩- صدي عيسوي) تائين باخبر ۽ ڄاڻو ماڻهن وٽ سال ١١٠٢هجري شاھ صاحب جي ولادت جو مڃيل سال هو جو ان وقت جي عالم فاضل شاعر سيد غلام محمد ''گدا'' اهوئي سال پنهنجي هيٺين تاريخي مادي واري شعر مان ڪڍيو(٢).

گدا، سال توليد سلطان 'پٽ'

شنيدم زهاتف 'عنايت شعار'

١١٠٢

شاھ عبداللطيف ڪٿي ڄائو ان بابت البت پوئين دور جا لکندڙ صحيح راءِ قائم ڪري نہ سگهيا، ڇاڪاڻ جو هڪ تہ سندن ڌيان تي اها ڳالهہ ويٺل هئي تہ شاھ صاحب جي امڙ 'دياني' خاندان مان هئي، يعني تہ هالن پراڻن جي هئي، جنهن ڪري شاھ جي ولادت بہ ان طرف ٺيٺ گهرجي ها. البت ٻئي طرف، مقامي طور تي جيڪا پڪي پختي ڳالهہ هلندڙ هئي سا هيءَ تہ شاھ صاحب جي امڙ، 'پٽ' کان اوپر طرف ڏيرن فقيرن مان هئي ۽ انهي ڪري ان طرف سندس ولادت جو فطري طور وڌيڪ امڪان هو. پر 'سئي قندر' لڳ ڏيرن فقيرن جي ڳوٺ جي حوالي ڏيڻ سان، 'دياني' خاندان مان شاھ صاحب جي امڙ هجڻ واري نظريي جي نفي پئي ٿي، انهيءَ ڪري اوپر طرف جا ٻيا حوالا آندائون: پوءِ هڪڙن 'پيِنءِ پور' کي تہ ٻين 'هالا حويلي' کي شاھ جي ولادت جو ماڳ ڪري لکيو. لوُنگ فقير مهيسر جنهن جي مزار شادي شهيد لڳ خيرپور ضلعي ۾ آهي، تنهن جي فقيرن ڪٿان ٻڌو تہ شاھ عبداللطيف 'پيِنءِ پور' ۾ ڄائو هو يا اتي چلو ڪڍيو هئائين' سو اتي وڏي منسجد ٺاهيائون(٣). مير سانگي پوءِ 'لطائف لطيفي' ۾ ان جو ذڪر ڪيو ۽ 'پئي پور' ('صحيح پينءِ

---

(١) سنہ ١٩٥٩ع ۾ جڏهن راقم شاھ حبيب جي گهر واري جاءِ وجي ڏٺي ۽ پڻ اندر مقام ۾ شاھ عبداللطيف جي انهن سڳن ڀائرن جون قبرون وڃي ڏٺيون تہ اهي تازو ڪجهہ وقت اڳ نئين سر ٺهرايون ويون هيون. هڪ تي 'عبداللطيف' جي نالي جي سِر لڳل هئي، پر ٻيءَ تي جيڪا سِر هنئي وئي هئي. تنهن تي 'عبدالرشيد' نالو لکايو ويو هو، حالانڪ اڳ ٻنهي تربتن تي 'عبداللطيف' نالا لڳل هئا. تکڙ واري شجري ۾ بہ شاھ عبداللطيف جي ٻين ٻن ڀائرن جا نالا ساڳيا 'عبداللطيف' ڄاڻايل آهن.

(٢) لطائف لطيفي، صفحو- ٢٠٤.

(٣) جم يا چلو ڪري ڀانيل جاءِ مسجد سان لڳو لڳ اتران آهي، جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن طرح شاھ صاحب سان منسوب ڪئي وڃي ٿي. ٻہ ڳوٺ هڪ ٻئي سان لاڳو ۽ ويجها آهن: 'پيِنءِ پور' اتر طرف، ۽ سمن جو ڳوٺ 'لڌا سما' ('لڌا' سمن جو پاڙو) ڏکڻ طرف آهي.

پور') کي شاهہ صاحب جي ولادت جي جاءِ ڪري ڄاڻايو(١). ان بعد مولوي دين محمد وفائي بہ 'لطف اللطيف' ۾ انهيءَ ساڳي ڳالهہ کي ورجايو(٢). ٻئي طرف ليلارام وتڻ مل لالواڻي پنهنجي ڪتاب ۾ 'هالا حويلي' (ڀٽ کان ١٨ ميل ڏکڻ- اوڀر) جو نالو لکيو(٣)، پر اهو ڪونہ ڄاڻايائين تہ ڪهڙي زباني يا شاهدي جي آڌار تي هن اهو نالو لکيو. باوجود انهيءَ جي، لالواڻي جي پوئلڳي ڪندي گربخشاڻي بہ 'هالا حويلي' کي شاهہ جي ولادت جي جاءِ ڪري ڄاڻايو(٤). مرزا قليچ بيگ وري 'ڀيڻءَ پور' ۽ 'هالا حويلي' ٻنهي کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي جو لکيائين تہ: ڀٽائي صاحب جي ڄمڻ جي جاءِ 'هالا حويلي' ۾ هئي جا 'ڀئي پور' (صحيح ڀيڻءِ پور) سان لڳ ڏکڻ- اڀرندي ڪنڊ ڏي هئي. جنهن گهر ۾ شاهہ صاحب ڄائو هو اتي پوءِ هڪڙي مسجد جوڙائي وئي هئي جا اڄا تائين نصيرواهہ جي ڪلهي تي بيٺل آهي(٥). نصيرواهہ جي حوالي ڪانسواءِ مرزا صاحب جي ٻي سڄي عبارت خيالي آهي ۽ سرزمين جي ڄاڻ کان سواءِ لکي ويئي آهي. شاهہ لطيف ساڳئي وقت هالا حويلي ۾ ۽ ڀيڻءِ پور لڳ مسجد واري ڳوٺ ۾ تولد ٿي نٿي سگهيو، ڇاڪاڻ جو ڀيڻءِ پور کان 'هالا حويلي' ڪافي پري آهي، ٻيو تہ اها ڏکڻ- اوڀر طرف ڪانهي پر اتر- اوڀر طرف آهي. 'ڀيڻءِ پور' تعلقي حيدرآباد ۾ ۽ 'هالا حويلي' تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ آهي(٦).

سنہ ١٩٥٨ع ۽ سنہ ١٩٥٩ع ۾، ۽ ان بعد ١٩٧٤ع ۾ ۽ وري سنہ ١٩٧٦ع ۾، جڏهن راقم 'سئي قندر' واري ماڳ توڙي 'گنبات' لڳ ڳوٺن ۾ وڃي پڇائون ڪيون تہ اتي هڪ روايت اها بيان ڪيائون تہ شاهہ حبيب ڪي سال 'سئي قندر' واري مقام لڳ اولهہ طرف واري ڳوٺڙي ۾ پنهنجي حويليءَ ۾ رهيو، ۽ جڏهن اتان لڏيو تہ پوءِ ڪوٽڙي ويو. ٻي روايت جيڪا پوئين دور جي مصنفن جي لکتن کان متاثر ٿي بيان ڪئي وئي سا هيءَ تہ: ڇاڪاڻ جو پهريان ٻارڙا ڪين بچيا هئا، انهيءَ ڪري جڏهن شاهہ عبداللطيف پيٽ ۾ ٿيو تہ شاهہ حبيب ماڳ مٽايو ۽ اتان لڏي ويو. پر اهو دليل ايڏو وزندار ڪونهي ڇاڪاڻ جو شاهہ حبيب پختي ارادي ۽ وڏي توڪل وارو بزرگ هو، جو باوجود پهرين ٻن ٻارڙن جي فوت ٿي وڃڻ جي بہ ٽئين ٻار جو نالو عبداللطيف رکيائين، تہ پوءِ وهم ۽ وسوسي ۾ اچي هن ڪيئن پنهنجو گهر ڇڏيو هوندو ۽ ماڳ مٽايو هوندو! جيئن تہ شاهہ حبيب جي گهر واري جاءِ توڙي پهرين ٻن ٻارڙن جي ولادت ۽ وفات بابت مقامي طور پڪيون پختيون شاهديون توڙي پڪا پختا آثار موجود آهن، انهيءَ ڪري پوري وثوق سان چئي سگهجي ٿو

(١) لطائف لطيفي، ص ٢٩.

(٢) لطف اللطيف، ڪراچي، ١٩٥ع، ص- ١٠.

(٣) لالواڻيءَ جو شاهہ عبداللطيف بابت انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب، ڇپيل سنہ ١٨٨٩ع، ص-١.

(٤) گربخشاڻي، شاهہ جو رسالو جلد-١، ص-١١.

(٥) مرزا قليچ بيگ احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، راقم جو سنواريل ڇاپو، ١٣٩٢هہ/ ١٩٧٢ع، ص-٩.

(٦) ميين شاهہ عنات رضوي، پنهنجي حياتيءَ جي آخري سالن ١١٣٠هہ- ١١٣٣ھ ڌاري (جڏهن شاهہ عبداللطيف بہ ٽيهن سالن کن جو هو، ۽ ماڻهن ۾ توڙي ميين شاهہ عنات وٽ سندس عزت هئي) وڏيري ڏهيسر پليجي تي ڏمرجي هيٺيون بيت چيو، جنهن ۾ رخ بدلائيندڙ درياءَ کي خطاب ڪندي هالا حويلي کي بہ بددعا ڏنائين تہ اها واريءَ ۾ لٽجي پورجي وڃي:

ڳاهڪي کي ڳُرُ ڪري پليجاڻي پاءِ

واري جا ولايت جي هالا حويلي لاءِ.

شاهہ عبداللطيف جي ميين شاهہ عنات سان محبت هئي. جيڪڏهن شاهہ عبداللطيف هالا حويلي ۾ ڄائو هجي ها تہ اها ڳالهہ ميين شاهہ عنات کان ڳجهي ڪانہ رهي ها (جو هالا حويلي نصرپور کان فقط چار ميل پري هئي) ۽ ڀاراتي ۾ ان جو نالو نہ آڻي ها (مٿين بيت لاءِ ڏسو ميين شاهہ عنات جو ڪلام، مقدمو ص ٣٥، لطائف لطيفي، ص- ١٦٤).

ته ٽيون ڀار ’عبداللطيف‘ (شاهه عبداللطيف) پڻ اتي ئي ان ساڳئي گهر ۾ ڄائو. ٽي سڳهي ٿو ته ڀارڙي جي خير سان صحيح سلامت ولادت بعد، سندس صحت عافيت ۽ دوا درمل خاطر شاهه حبيب ڪي ڏينهن وچي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي رهيو هجي، پر اهڙي گمان موجب پڻ سندس ’پيٺ پور‘ وڃڻ وڌيڪ مناسب نظر اچي ٿو جو اتي جا ڪي سما فقير غالباً سندس مريد ۽ معتقد هئا، جن مان ميان اسماعيل فقير سمو پوءِ شاهه عبداللطيف جو خليفو ٿيو(١). بهرحال جيڪڏهن اتي شاهه حبيب جو رهڻ ٿيو ته به ٿوري وقت لاءِ ٿيو جو هو وري پنهنجي حويلي ۾ موٽي آيو(٢).

(هه) ننڍپڻ ۽ ابتدائي تعليم. شاهه عبداللطيف جي ولادت جي تاريخ ڪٿي به لکيل ڪانهي، پر جيڪڏهن مهيني صفر سنه ١١٦٥هه ۾ وفات وقت سندس عمر پريا ٽيهٺ سال هئي ته پوءِ قمري سالن جي حساب سان سندس ولادت ١١٠٢هجريءَ جي صفر مهيني جي ١٤ تاريخ ڏاري يا ڪي ڏينهن اڳ پوءِ ٿي هوندي. ولادت کان اڳ سندس ٻه همنام سڳا ڀائر فوت ٿي چڪا هئا؛ هي ٽريو لطيف هو جيڪو وڃي بچيو هو، جنهن مان سندس والدين جي خوشي ۽ ساڻس پيار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري ننڍڙو لطيف نه فقط ٻالجتيءَ واري دور ۾ پنهنجي پيءُ ماءُ جي محبت ۽ شفقت ۾ نپنو پر اها نعمت وڏي هوندي تائين ساڻس شامل حال رهي، جنهن سندس شخصيت کي سنواريو ۽ اجاريو. ٻالجتيءَ ۾ ٻيو ڀارڙو جيڪو سندس ويجهو ساٿي هو، سو هو سندس ماسات محمد عالم ڏيرو جنهن سان هو کيڏيو ۽ خوش ٿيو.

ڀاراٽي وهي واري هن دور ۾، لطيف جي اٿڻ ويهڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ جو مرڪز سندس پنهنجي گهر وارو ڳوٺڙو هو، پر ان جو دائرو البت گنباٽ واري ڄُوءِ تائين وسيع هو. ان وقت ننڍڙي لطيف جي اچ وڃ سندس والده جي پيڻ ۽ ٻين عزيزن جي گهرن تائين، يعني گنباٽ واري تر ۾ (٣) ڏيرن فقيرن جي راڄن ڳوٺن ۾ ٿيندي رهي.

نتيجي طور ٻالجتيءَ واري هن دور ۾، ڏيرن فقيرن جي قبيلي واري نج سنڌي ٻولي، جيڪا سندس مادري ٻولي پڻ هئي، سا ننڍڙي لطيف جي ذهن تي نقش ٿي ۽ زبان تي چڙهي ۽ اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ تي سندس ڪُلي طور دسترس ۽ ڪمال لاءِ پيش خيمو بني.

ان وقت مڪتبي تعليم جو دور هو جنهن موجب قرآن شريف، سنڌي ۽ ابتدائي فارسي تعليم معياري سطح تي ڏني ويندي هئي. والدين ننڍڙي لطيف کي پاڻ کان پري ڪري فوري طور تي ڪنهن مڪتب ۾ ڪونه ويهاريو: البت سندس تربيت گهر ۾ ئي ٿيندي رهي جو نه فقط والد شاهه حبيب پاڻ علم ۽

---

(١) لطائف لطيفي، فارسي متن، ص- ١٦٩.

(٢) سنه ١٩٦٤ع ۾ هن سلسلي ۾ پڇائون ڪندي، قاضي حڪيم محمد بخش مرحوم (٩- آگسٽ ١٩٦٤ع) تي نصرپور ۾ تصديق سان ٻڌايو ته: سيد جيئندل شاهه (اصل وينل ’هالا حويلي‘ جو جيڪو پوءِ اچي ڳوٺ عثمان شاهه جي هڙي ۾ ويٺو) چوندو هو ته پڻائي صاحب ’هالا حويلي‘ ۾ ڄائو ڪونه هو، پر وڏي هوندي ’هالا حويلي‘ مان سندس لنگهه هو، جو اتان ’لڏا سما ۽ پيٺ پور‘ ڏانهن پنهنجن مريدن فقيرن وٽ ويندو هو. اها واٽ هن طرح هئي: پٽ، اڏيرولال، هالا حويلي، نصرپور ۽ اتان ’لڏا سما‘ ۽ ’پيٺ پور‘ جيڪي ٻئي لڳولڳ آهن.

(٣) ’گنباٽ‘ هڪ وڏي ايراضي جو نالو هو. موجوده صورتحال موجب، اها ايراضي شهدادپور تعلقي جي حدن ۾، شهدادپور ۽ ٽنڊي آدم جي وچ ۾ ريلوي لائين کان اولهه طرف ويندي وڏي واهه سکر بئراج تائين، اتر ۾ ’مَلڏسي‘ ۽ ’گولي پير‘ تائين، ۽ ڏکڻ ۾ ڳوٺ ’مُلي مکڻ‘ تائين هئي. سمن جي دور کان وٺي هي هڪ وڏي آباد ايراضي هئي. ترخانن جي دور ۾ هيءَ ايراضي شاهه قاسم بيگلار جي جاگير ۾ هئي، جنهن هتي گنباٽ وارو قلعو ٺهرايو جنهن جا آثار ’مِٺن فقير ڏيري‘ جي ڳوٺ کان سڌ پنڌ اولهه طرف، ويندي ١٩٧٦ع تائين موجود هئا، ۽ راقم پاڻ ڏٺا.

نظر وارو هو، پر والده بہ هڪ وڏي فاقيري گهر مان هئي. البت عبداللطيف جڏهن ڪجهہ وڏو ٿيو تہ روايتن موجب شاهہ حبيب کيس قرآن شريف پڙهڻ لاءِ اهڙن استادن وٽ ويهاريو جيڪي پاڻ وڏا نيڪ ۽ پرهيزگار هئا. انهن اهڙي تہ توجهہ سان پڙهايو جو قرآن شريف عبداللطيف جي دل تي نقش ٿي ويو. انهن مان خاص استاد ميون نورمحمد ڀٽي هو، جنهن پوءِ کيس مڪتبي تعليم ڏني. ميون نورمحمد گنبات جي ڏيرن واري راڄ کي ويجهو اٺن ميلن ڪن جي پنڌ تي "وانئين" جو ويٺل هو(۱) ۽ شاهہ حبيب جو محبتي ۽ معتقد هو. عبداللطيف جي پڙهائي لاءِ شاهہ حبيب کيس سڏي پاڻ وٽ رهايو. هن شفيق استاد پنهنجي سعادتمند شاگرد کي مڪتبي تعليم پوري ڪرائي. ان بعد وڌيڪ تعليم جو سلسلو جاري نہ رهيو، پر ميون نورمحمد هميشہ لاءِ شاهہ حبيب وٽ ايندو رهيو ۽ عبداللطيف جيئن تہ ويتر وڌيڪ ڄاڻ ڏانهن مائل هو سو ساڻس ملندو رهيو ۽ ڪانئس سکندو رهيو. بالآخر جڏهن شاهہ عبداللطيف اچي ڀٽ کي وسايو تہ ميين صاحب کي پڻ سڏي اتي کيس سندس اوطاق ليکي ڏنائين ۽ ڀٽ تي پاڻ وٽ رهايائين. اهڙي طرح نوجواني واري دور ۾ تو ڙي پوءِ شاهہ عبداللطيف جو پنهنجي مشفق استاد سان ملڻ، وٽس ويهڻ ۽ ساڻس صحبت ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو(۲).

شاهہ لطيف جي ننڍپڻ وارا ڪم ازڪم ٻارهن سال ڪن پنهنجن ناناڻن ڏيرن فقيرن ۾ سئي قندر ۽ گنبات واري تر ۾ گذريا. انهيءَ عرصي ۾، ٻين ٻارڙن سان گڏ، گنبات سان لاڳو اولهہ طرف، واريءَ جي ڀٽن واري ايراضي (جنهن ۾ پوءِ هن 'ڀٽ' واري ماڳ کي وسايو) ۾ ننڍڙي لطيف ميهنن وسندي ڙانديون کيون هونديون. ان وهيءَ ۾ گنبات جي جوءِ ۾ هر ماڳ ۽ ڳوٺ ڏنائين، ۽ ٻارن تو ڙي وڏن جو پيار ماڻيائين. ننڍپڻ وارين انهن يادگيرين جو ئي نتيجو هو، جو پوءِ وڏي هوندي سارنگ جي هڪ بيت ۾، 'گنبات' تي ڪرم جي ڪڪرن جي گونج جو ذڪر آندائين تہ:

واهُندئان وڄُ ٿي، گڙيون ڏونهہ گنبات

انهيءَ ٻاراڻي وهيءَ ۾ سندس سنگت ۽ رفاقت فطري طور تي ڏيرن فقيرن جي ٻارن سان ٿي، جن سان هو کيڏيو ۽ خوش ٿيو ۽ جيڪي پوءِ وڏي هوندي سندس پيارا فقير ۽ معتقد ٿيا. انهن مان اڄن فقير ڏيرو ۽ سُک فقير ڏيرو، ٻئي شاهہ صاحب جي حاضرات جا فقير هئا. جاني فقير ڏيرو بہ شاهہ صاحب جو ننڍڙي هوندي جو ساٿي هو جنهن جو پُٽ عنايت پڻ ڏانهس گهڻو مائل ٿيو. پر شاهہ صاحب جو سڀ کان وڌيڪ ويجهو ۽ پيارو ساٿي سندس پنهنجو سڳو ماسات، رب رکيي فقير جو پٽ، محمد عالم ڏيرو هو جيڪو پوءِ خاص فقير ۽ خليفو ٿيو: شاهہ صاحب کيس ڀٽ تي سماع ۽ ذڪر جو اڳواڻ مقرر ڪيو ۽ کيس "محمد عالم سچو عالم" ڪري سڏيو. پر عام طرح هو 'خليفو محمد عالم ذاڪر' سڏجڻ لڳو. شاهہ

---

(۱) 'وانئين' يعني ننڍڙي 'وانءِ' يا ننڍڙو ڳوٺڙو، جنهن کي سانگي، مرزا قليچ بيگ ۽ لالواڻي 'وائي' ڪري لکيو. سانگي ڄاڻايو آهي تہ اهو ڳوٺ اڏيري کي ويجهو آهي. لالواڻي جنهن سنہ ۱۸۸۹ع ۾ ان بابت پڇا ڪئي هئي، سو لکي ٿو تہ اهو ڳوٺڙو اڏيري کان چار ميل ۽ ڀٽ کان ٻارهن ميل پري آهي "جتي هن وقت ابڙا رهن ٿا" (۱۸۹۹ع ۾ ڇپيل انگريزيءَ ڪتاب، ص-۱۱)

(۲) ڀٽ تي ميين نورمحمد واري اوطاق ۱۹۵٤ع تائين موجود هئي. ان سال مٿي درگاهہ ڏانهن ويندڙ رستي کي سرڪاري طور ڪشادي ڪرڻ وقت اها 'ميين جي اوطاق' رستي جي وچ ۾ اچي ٿي وئي ۽ "بل ڊوزر" ڪري ڊاهي وئي. پوءِ فقط هڪ ڪوهي باقي وڃي رهي هئي جيڪا رستي جي ٻوري وچ تي هئي ۽ مٿان ڪنهن ٻڪ سان ڍڪي ڇڏي هئائون، جيڪا راقم پاڻ ڏٺي هئي. 'ميين جي اوطاق' ۾ هڪ 'ڏکي' لهيل هئي جيڪا ڇُن سان لتل هئي؛ پوئيان ميان ان جي خاص سنڀال ڪندا هئا ۽ روزانو چندقوڪ ڪندا هئا ڇاڪاڻ جو بعضي شاهہ صاحب جڏهن پنهنجي استاد وٽ ايندو هو تہ ان ڏکي تي اچي ويهندو هو. ميين نورمحمد جي پٽ ميين ولي محمد جي شاهہ صاحب وٽ وڏي عزت هئي، ايتري قدر جو وفات بعد ميين ولي محمد ئي شاهہ صاحب کي غسل ڏياريو ۽ جنازي نماز پڙهائي.

صاحب جي وفات کانپوءِ فقراء جي سڄي نظام کي سنڀاليائين ۽ وڏي خدمت ڪيائين. وفات بہ پٽ تي ئي ڪيائين، جتي سندس قبر شاهه صاحب جي روضي جي ٻاهران ڏکڻ طرف، ۽ تمر فقير جي تجر کان اوڀر طرف، تربتن جي اتر واري قطار سان لاڳيتي ڏکڻ طرف واري قطار ۾، اولهہ کان ٻيو نمبر آهي.

والد جي رهنمائي هيٺ تربيت وارو دور (١١١٥ ـ ١١٢٠هہ؟)

ننڍپڻ واري مڪتبي تعليم بعد، بلوغت توڙي نوجواني واري دور تائين شاهه لطيف جي تربيت پنهنجي والد شاهه حبيب جي شفقت ۽ هدايت هيٺ ٿي. هو هميشہ گڏوگڏ هئا، اهڙو جو ڇڻ هڪٻئي جا رفيق هئا. شاهه حبيب پاڻ پڙهيل هو ۽ دعا خاطر تعويذ لکي ڏيندو هو. بعضي هو حال وارا بيت پڻ چوندو هو. عالمن ۽ عارفن جو صحبتي هو، ۽ خود پاڻ پنهنجي وقت ۾ وڏو فيض وارو عابد زاهد هو. مير علي شير قانع ڪيس "ڪريمي سلسلي جو ناميارو بزرگ، ۽ وجد ۽ حال وارو ڪرامتن جو صاحب" سڏيو آهي(١). سندس تاڪيد ۽ سعيو توڙي سندس نظر فيض اثر جو سايو، ٻئي سڪيلڌي لطيف سان شامل حال رهيا. ٻئي طرف خود نوجوان لطيف ۾ پاڻ پنهنجو سوچڻ ۽ اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني منزلن ماڻڻ جي ذوق ۽ جذبو موجزن ٿيو.

پر هاڻي شاهه حبيب ڪوٽڙي ۾ لڏي آيو ۽ نوجوان لطيف جي ڏسڻ وائسڻ جو دائرو اُتر طرفان هالن کان وٺي هيٺ لاڙ ۾ بلڙي تائين، ۽ اولهہ طرفان ڪوٽڙي واري علائقي کان وٺي اوڀر ڏانهن پٽ ۽ گنباٽ تائين ۽ اُتان کان ڏکڻ ڏانهن نصرپور تائين وسيع ٿيو.

شاهه حبيب جو سئي قندر مان لڏي ڪوٽڙي مغل ۾ ويهڻ: شاهه لطيف ڏهن ٻارهن سالن ڪن جو هوندو، جو شاهه حبيب 'سئي قندر' واري ڳوٺڙي مان لڏي وڃي اٺ نو ميل اولهہ- ڏکڻ طرف 'ڪوٽڙي مغل' ۾ وينو. هڪ مقامي روايت موجب، سندن لڏڻ جو سبب اهو هو جو شاهه عبداللطيف اڃان سرجيوئي هو جو ڏيرن فقيرن مان ڪن درويشن شاهه حبيب کي چيو تہ: 'قطب سرجيو آهي ۽ هت رجوعات ٿيندي. اسين فقير ڪيڙن ۾ لڪا پيا آهيون. هاڻي يا اوهان وڃي ٻئي پاسي ويهو يا اسان کي لڏڻو پوندو." پوءِ شاهه حبيب وڃي گهران پڇيو تہ بي بي صاحبہ اميدواري جي تصديق ڪئي. فقيرن جي اها ڳالهہ بالآخر سبب بڻي جو شاهه حبيب بالآخر سئي قندر مان لڏيو. هيءَ روايت پنهنجي جاءِ تي، پر پاڻيجي ٿو تہ سندس سهري عرس فقير ڏيري جي فوت ٿي وڃڻ جي ڪري شاهه حبيب 'سُئي قندر' واري ماڳ کي ڇڏيو ۽ گنباٽ واري پيٽي مان لڏيو. سندس لڏڻ جو هڪ خاص سبب اهو بہ هو جو 'ڪوٽڙي' جو رئيس مرزا بيگ مغل جيڪو سندس عقيدتمند هو، تنهن خير ۽ برڪت خاطر شاهه حبيب کي دعوت ڏيئي وٺي آٽي ڪوٽڙي ۾ رهايو جو ڪيس دعا ۽ سهاري جي ضرورت هئي. مير صاحب سانگي جي بيان موجب، شاهه حبيب ڪوٽڙي شهر لڳ ٻاهران پنهنجو گهر ڪيو(٢). اندازو ٿئي ٿو تہ اهو گهر، مرزا بيگ مغل جي حويليءَ واري ڪوٽ سان لاڳو الهندي طرفان هو جنهن کان اولهہ طرف جهنگ ۽ لال لئو هو.

والد جي تربيت وارو دور: شاهه حبيب هاڻي پنهنجي سعادتمند فرزند کي پنهنجي صحبت ۽ رفاقت ۾ رکي سڄو توجهہ سندس تربيت تي ڏنو تہ جيئن هو ذهني، اخلاقي ۽ روحاني طور اعليٰ درجي کي پهچي. ڪيس هميشه پاڻ سان گڏ پئي رکيائين ۽ جتي پئي ويو اتي وقت جي عالمن ۽ درويشن جي صحبت ۾ پئي وهاريائين. ڪيس وٺي اباڻي ماڳ مٽياري ۽ خاص طرح وڏي ڏاڏي ميين شاهه ڪريم جي آخري آرام گاهہ تاڱين پاڻ سان گڏ نيائين، ۽ پڻ شاهه

---

(١) "مير حبيب الله ڪ همانا ذات اقدسيش ناموس سلسله ڪريميه وبڪرامات ظاهره من الشمس است" (مقالات الشعراء، ص٣٥٧). "هميشہ صاحب وجد و حال بود واستغراق ڪمال داشت." (تحفة الڪرام، مطبع ناصري دهلي، ٣×١٧٣).

(٢) اهڙو اشارو سانگي جي نظم ۾ آهي: (لطائف لطيفي، ص ٦١):

بوده در قرب شهرش خانه آباد ازان سيد حبيب شاهه آزاد ٠

ڪريم جي فقيرن سان ملايائين: ٻئي طرف ميين شاهه عنات سان ملڻ لاءِ ڪيس شاهپور- نصرپور تائين گھمايائين. اهڙيءَ طرح بلوغت ڏانهن اُسرندڙ، سالم طبع ۽ ذهين لطيف پنهنجي والد سان گڏ انهن سفرن ۽ صحبتن مان گھڻو ڪجھ پرايو. هاڻي سندس ڏسڻ وائسڻ جو دائرو ويتر گھڻو وڌيو: يعني اُتر طرفان هالن ڪان وٺي هيٺ لاڙ ۽ ٻُلڙي ۽ نئي تائين ۽ اوڀر طرف گنباٽ ڪان اڳتي پينءَ پور، هالا حويلي، شاهپور ۽ نصرپور تائين وڏيڪ وسيع ٿيو. البت سندس گھڻو سارو وقت ڪوٽڙي ۾ ئي پئي گذريو: شاهه حبيب جهڙي اهل دل درويش پنهنجي صالح فرزند کي پاڻ جيڏن سان راند روند ڪرڻ ڪان ڪونه ٿي روڪيو، جو ان ننڍيءَ ٿهيءَ ۾ لطيف جو گز ڪمان ڪڻڻ يا ساٿي ٻارن سان لڪ لڪوٽي راند ڪرڻ جو ڪن روايتن ۾ ذڪر آيو آهي. پر شاهه حبيب ساڳئي وقت، وڏي سُرت سمجھ واري لطيف کي پنهنجي خاص توجهه، اعليٰ تربيت ۽ عارفانه نظر سان اعليٰ اخلاق ۽ نيڪ اعتقاد ڏانهن مائل ڪيو. نوجوانيءَ واري دور ۾ قدم رکڻ سان گڏ ڪيس طريقت جي راهه ڏسيائين ۽ نفساني خواهشن تي ضابطي خاطر زهد ۽ جهد جي تلقين ڪيائين. پنهنجي والد بلڪ مرشد جي اهڙي هدايت ۽ رهبري هيٺ نوجوان لطيف لوڪ ڪان پاسيرو ٿي، جهنگ ۾ گوشائتو ويهي، ڌڻيءَ جي ياد ۾ محو ٿي، پنهنجي نفس کي نمائڻ ۽ پاڻ پڇاڻڻ لڳو. هن خلق ڪان پري ٿي جن ماڳن تي رياضت ڪئي ۽ چلا ڪييا تن سڀني بابت معلومات موجود نه رهي آهي، پر ٽن جاين بابت پوري پڪ آهي جتي هو وڃي گوشائتو ويٺو ۽ عبادت ۾ محو ٿيو. اهي جايون اڄان تائين نوجوان لطيف جي اُتي ويهڻ ۽ رياضتن ڪرڻ سببان مشهور ۽ محفوظ رهيون آهن.

انهن مان هڪ هو لئي جو وڏو شاهي وڻ، جيڪو پوءِ 'لال لئو' سڏجڻ لڳو، جنهن جي جُھنڊ ۾ لطيف وڃي ويهندو هو. اهو وڻ ڪوٽڙي ۾ سندس گھر کي ويجھو اولهه طرف واري لاڳيتي جهنگ ۾ هو، جتي ڪنهن اڳئين درويش جو مقام هو ۽ جتي پوءِ شاهه لطيف جي ڪديل چلي ۽ ڪشالي جي يادگار طور مسجد، ڪوهه ۽ جايون نهيون، جن جا آثار توڙي انهي پيڙهيءَ وارا وڻ هن وقت (١٩٩٩ع) تائين موجود آهن. لئي جو وڻ جنهن جي جُھنڊ ۾ لطيف وڃي ويهندو هو سو اتر طرف، مسجد واري جاءِ کي ويجھو آهي. ان جاءِ تي اڄان تائين هڪ جهونو ڏوڙو ڏنگو 'لئو' بيٺو آهي جيڪو چون ٿا ته ان اصلي 'لئي' جي بنياد مان آهي(١).

ٻيو نشان غالباً خود 'پٽ' واري اها جاءِ هئي جتي پوءِ شاهه لطيف پنهنجو حجرو ٺهرايو. ان جاءِ تي هو هڪ وڻ جي جُھنڊ ۾ اڪيلو محويت واري حالت ۾ ويٺل هو جو قلندر شوري جنهن اتي پنهنجيون ڏاچيون پئي چاريون ڪيس ڏٺو ۽ ڏاچين پڻ ڏسي ٽاهه ڪاڻو جو قلندر شوري ڊوڙي وڃي سندس ڳوٺ (جيڪو ڪوٽڙي ڪان ڪوهه ڪن پٽ واري طرف هو) پنهنجي پيءُ صاحبڏني کي ٻڌايو جيڪو ساڻس گڏجي اتي آيو پر اُها جاءِ خالي پئي هئي. وڏيري صاحبڏني پوءِ پنهنجي پٽ (قلندر) کي سمجھايو ته: 'شاهه حبيب جو پٽ اڪثر هن جُوءِ ۾ ويراڳ ۽ بيخودي واري حالت ۾ اچي ويهندو آهي، ۽ جيڪڏهن هو ٻئي پيري ڪيس ڏسي ته ڪانئس دعا گھري'.

ٽيون نشان اهو هو جيڪو هاڻي 'شاهه جو ڪنڌو' ٿو سڏجي، جيڪو پٽ ڪان ڏيڍ ميل ڪن اوڀر- اتر طرف ريلوي اسٽيشن ڪان ٻه اوڀر ڪنب داڙون- شهدادپور واري رستي تي) آهي ۽ جتي اڄان تائين وڻن جو جھُنڊ موجود آهي. ان جو ذڪر اڳتي ايندو، پر مٿين روايت جيڪا ان وقت جي اکين ڏٺي شاهد قلندر شوري ڪان بيان ٿيل آهي ۽ پڻ سندس والد وڏيري صاحبڏني جي زباني تصديق ٿيل آهي ان مان ظاهر آهي ته شاهه حبيب مسلسل طور وڏي ڌيان ۽ پختي ارادي سان پنهنجي پياري فرزند جي تربيت پئي ڪئي ته هو زهد ۽ رياضت ذريعي روحاني طور ڪماليت جي درجي کي پهچي. مٽياري جي درويش هاشم شاهه جي عبداللطيف جي ولادت بابت

(١) لطائف لطيفي، ص-١٤٤.

ڪيل دعا واري روايت مٿي بيان تي چڪي آهي شاهہ حبيب بيشڪ پنهنجي پلاري عزيز هاشم شاهہ جي دعائيہ لفظن تي پڪو يقين رکيو هو: 'لطيف جي بوءِ اچڻ' يعني خوشبوءِ ٿيڻ وارا لفظ معنيٰ خيز هئا. شاهہ حبيب ٻالجتيءَ کان وٺي لطيف جي هر طرح تربيت ڪئي هئي ۽ هاڻي جڏهن کيس ڪجهہ اهڙو پروسو ٿيو تہ عبداللطيف زهد ۽ عبادت ذريعي ڪافي ترقي ڪئي آهي تڏهن، پنهنجي اطمينان خاطر، کيس درويش هاشم شاهہ وٽ وٺي ويو. ان وقت شاهہ لطيف جي عمر ١٥ سال کن هئي. هاشم شاهہ، نوجوان لطيف ۾ اعليٰ صلاحيت جا آثار ڏٺا، پر باوجود رياضت ۽ عبادت جي هن درويش کيس اڃان بہ وڌيڪ ترقي ۽ ڪمال طرف ترغيب ڏيندي چيو تہ:

'حبيب جو پٽ (اڃان) پچي راس نہ ٿيو آهي'

ڪمال کي پهچڻ واري تربيت اڳيئي سندس والد طرفان جاري هئي، پر هن ترغيب ويتر نوجوان لطيف ۾ نئون جذبو جاڳايو جو هو موٽي اچي زهد ۽ عبادت ۾ مشغول ٿيو ("باز ورع اختيار کرد") ۽ مسلسل مجاهدي سان بالآخر مجازي رنگ کي مٽيائين ۽ پنهنجي اندر جي آئيني کي ايترو تہ اُجاريائين جو ڏسڻ پسڻ ۽ فهم فڪر جا طور طريقا مٽس عيان ٿيڻ لڳا. ان جو ثبوت 'ڪنڌي واري ماڳ' تي سندس ياد الاهي ۾ محويت ۽ ان موقعي تي پنهنجي والد شاهہ حبيب طرفان پيار ڀري پڇا تي سندس ڏنل جواب مان ملي ٿو. جڏهن تہ شاهہ لطيف هاڻي وڏو هو انهيءَ ڪري پنهنجي والد کي حال ڏيندو هو تہ هُو ڪٿي وڃي ٿو ڇلو ڪڍي؛ اڪيلائي ۾ عبادت لاءِ ويهڻ کان پوءِ شاهہ حبيب سندس سماءُ لهندو هو ۽ پڻ روحاني واردات ۾ سندس حال پائي ٿيندو هو. هن ڀيري، وچان هڪ ٻن ڏينهن جي وٿي پئجي ويئي ۽ واءُ لڳڻ ڪري ڪنڌي واري جاءِ کي مٽي گهيري وئي ۽ لطيف جي جسم تي پڻ لٽ چڙهي وئي. ان حالت ۾ کيس ڏسي شاهہ حبيب جي دل ڀرجي آئي (جنهن تصغير ۾ آندل پيار ڀريي لفظ 'انگڙا' مان ظاهر آهي) ۽ چيائين تہ:

"لڳي لڳي واء، ويا انگڙا لتجي"

والد جو هي دلنواز آواز ٻڌي شاهہ لطيف پڻ ساڳئي جذبي سان جواب ڏنو تہ:

"پئي ڪٽي پساه، پسڻ ڪارڻ پرين جي."(١)

شاهہ لطيف جو هيءُ جواب، جنهن ۾ ساڳئي دلپذير بيان ۽ ساڳئي دلپذير معنيٰ ۾ ٻي سٽ چئي بيت پورو ڪيائين، سو ان عمر ۾ سندس اعليٰ شاعرانہ شعور جو آئينو آهي؛ پر ان کان وڌيڪ اهو سندس اندر جي اوجر ۽ روحاني رُتبي تي شاهد آهي ڇاڪاڻ جو هن جواب ۾ سندس پنهنجي 'نيستي'، 'پرپور سڪ ۽ صبر' ۽ 'عشق الاهي ۾ رچي راس ٿيڻ' جا سڀ اهڃاڻ سمايل آهن(٢).

پير هاشم شاهہ سان پهرئين ڀيري ملڻ کانپوءِ شاهہ لطيف ٽي سال کن سانده رياضتون ڪيون. هينئر سندس عمر ١٨ سال کن هئي. شاهہ حبيب هاڻي جڏهن ٻيهر کيس درويش هاشم شاهہ جي خدمت ۾ وٺي ويو

---

(١) لطائف لطيفي (ص ٩٣- ٩٤) جي پڙهٽي "پسڻ خاطر" آهي. لالواڻي جي انگريزي ڪتاب ("شاهہ لطيف"، ص- ٨) ۾ ڏنل پڙهٽي "پسڻ ڪارڻ" آهي.

(٢) سانگي، هن اهم واقعي جي اصليت بدران ان جي بالڪل هڪ عامي روايت کي قلمبند ڪيو آهي (لطائف لطيفي، فارسي متن، ص ص ١٤٤- ١٤٥) تہ: شاهہ لطيف ان وقت ننڍو ڇوڪرو هو ۽ محض راند خاطر ٻين ڇوڪرن سان گڏجي اتي ويو هو ۽ راند ڪندي هو هڪ ڪنڌي جي ٽڙ واري پور ۾ وڃي لڪو يا ان جي آڏو واريءَ جو ڍڳو هو تنهن ۾ لڪو جو کيس ڪوبہ ڏسي نٿي سگهيو. ٻيا ڇوڪرا بالآخر موٽي ويا پر پاڻ اتي ئي عبادت ۾ محو ٿي ويو. هن روايت ۾ هيءَ راند وارو بيان گهٽو پوءِ ڳنڍيو ويو ــ جيئن ٻاراڻي وهيءَ ۾ شاهہ صاحب جي ڪرامت وڌيڪ روشن ٿئي. پر ان موقعي تي شاهہ حبيب ۽ شاهہ لطيف جي چيل پُرمعنيٰ سٽن مان ظاهر آهي تہ شاهہ لطيف ان وقت راند واري وهيءَ کان وڏو هو، ۽ پنهنجي ڪيل رياضت توڙي شاهہ حبيب جي تربيت جو مٽس گهرو اثر پئجي چڪو هو.

تڏھن ھن لطيف کي محبت ۽ شفقت جي نگاھ سان ڏٺو ۽ دعا ڏيندي چيو تہ:

”لطيف جو چراغ روشن ٿيندو.“

يعني تہ ’آئنده لطيف جو پنھنجو چراغ روشن ٿيندو‘، يا ٻي مراد تہ ”ھن وقت بہ روشن آھي پر اجان اڳتي ھلي گھڻو وڌيڪ روشن ٿيندو“(١). پنھي حالتن ۾ ھيءَ ورندي واڌائي واري ھئي: ھڪ طرف شاھ حبيب کي اطمينان ٿيو تہ سندس والدانہ تربيت جو مقصد پورو ٿيو، تہ ٻئي طرف شاھ لطيف کي مستقبل ۾ شمع روشن ٿيڻ واري واڌائي سان گڏ ويتر وڌيڪ ترغيب ملي تہ ڪيس سلوڪ ۽ معرفت ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ اجان بہ اڳتي قدم وڌائڻو آھي. درويش ھاشم شاھ پوءِ سگھو ئي تاريخ ١٢- ربيع الاول سنہ ١١٢٠ھ ۾ وفات ڪئي. ان وقت شاھ لطيف جي عمر پريا ارڙھن سال ھئي. آئنده تربيت جي واڳ ھاڻي خود سندس پنھنجن ھٿن ۾ ھئي: شفيق والد پنھنجو فرض پورو ڪري چڪو ھو، ۽ درويش ھاشم شاھ پڻ سندس نالو وٺي ڪيس دعا سان نوازيو.

پاڻ پنھنجي تربيت ۽ ڪماليت ڏانھن قدم وڌائڻ وارو دور (١١٢٠ـ ١١٤٢ھ)

نوجوان لطيف جو ’خود پاڻ پنھنجي تربيت وارو‘ ھي دور ويھہ- ٻاويھہ سال ڪن مسلسل طور جاري رھيو. اھو سندس زندگي جو خاص الخاص طلب ۽ تلاش، پرجھہ ۽ پروڙ وارو دور ھو، جيتوڻيڪ سندس عارفانہ تحقيق جو سلسلو سڄي عمر تائين ھلندو رھيو. زمان ۽ مڪان جي لحاظ سان، ھيءُ دور ٻن پاڱن ۾ وراھيل نظر اچي ٿو: ھڪ پھرين پندرھن سالن (١١٢٠- ١١٣٥ھ) وارو دور جنھن ۾ سندس سلوڪي طلب ۽ تحقيق وارا پند ڪجھہ پراھان ھئا، ۽ ٻيو پوين پنجن- ستن سالن ڪن وارو دور (١١٣٥- ١١٤٢ھ) جنھن ۾ سندس ٻاھرين پنڌن سان گڏ ’ڀٽ واري ڀيٽي‘ تي پڻ توجھہ ٿيو. انھن پنھي دورن ۾ حق ۽ حقيقت جي مسلسل طلب ۽ تلاش جا اڳتي ھلي جيڪي نتيجا نڪتا، ۽ جن جا اھڃاڻ شاھ عبداللطيف جي پوئين دور واري زندگي ۾ نمايان ٿيا، تن جي بناءَ تي ڪافي وثوق سان چئي سگھجي ٿو تہ ھن عرصي ۾ سندس عملي ۽ فڪري ڪشالي جو رخ خاص طرح ھيٺين پنجن طرفن ڏانھن رھيو:(١) ڏسڻ پسڻ ۽ پرجھڻ پروڙڻ خاطر سير سفر جو سلسلو شروع ڪيائين، (٢) شاديءَ جي رسم پوري ڪيائين، (٣) عارفانہ زندگي جي عملي راھ رسم جي ڄاڻ لاءِ پنھنجي وڏي ڏاڏي ميين شاھ ڪريم جي سوانح ۽ طور طريقي کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪيائين، (٤) سلوڪ ۽ معرفت جي اعليٰ معنوي فڪر ۽ ڄاڻ لاءِ ميين شاھ ڪريم جي بيان ڪيل نُڪتن ۽ حقيقتن توڙي مولانا رومي جي مثنوي ۾ سمايل رازن کي پروڙڻ طرف توجھہ ڪيائين، ۽ (٥) ٻين جي تلقين لاءِ، پنھنجي فڪر کي سنڌي بيتن ۽ واين ذريعي ظاھر ڪرڻ جو پھہ ڪيائين.

پنھنجي سر، شاھ لطيف جي بامقصد مسافرين ۽ ملاقاتن جي شروعات انھن ماڳن سان ٿي جتي اڳ ھو پنھنجي والد سان گڏجي ويندو ھو. انھن مان ڏکڻ طرف مٽياري، گنجو ٽڪر ۽ اڳتي بلڙي ۽ ٺٽو ھئا. بلڙي سندس ڏاڏاڻو ماڳ ھو، جتي سندس وڏي ڏاڏي ميين شاھ ڪريم توڙي ڏاڏي عبدالقدوس شاھ جون مزارون ھيون. اتر طرف (پراڻن) ھالن جو تاريخي شھر ڪوٽڙي کي ويجھو ھو ۽ پڻ ساداتن جو پھريون ماڳ ھو. شاھ لطيف جي

---

(١) ان بعد ھن روايت ۾ ھيٺيان لفظ آھن:

”پوءِ (شاھ حبيب) سمجھيو تہ ڪمال حاصل ٿيو آھي. پوءِ ڀٽ تي سڪونت اختيار ڪيائون ۽ مريد ڪيائون.“

ظاھر آھي تہ اھي الفاظ پوءِ راويءَ طرفان وڌايل آھن. ھاشم شاھ واري زباني سان چڻ انھن جي ڪابہ مناسبت نظر نٿي اچي چاڪاڻ جو درويش ”ھوگا“ (ٿيندو) جو لفظ چيو ۽ نہ ”ھو گيا ھي“ (ٿي ويو آھي).

وقت ۾ بہ هالا عالمن ۽ درويشن جو گهر هو. اتان ڏهہ ميل کن اوڀر طرف 'گولي پير جو مقام' سندس واسطي اهميت وارو هو، جو اُتي سندس پڙڏاڏي جلال شاهہ (جمال شاهہ) شهيد جو مزار هو. ڏکڻ- اوڀر طرف ساگري ڍوري جي ڪناري وارن درويشن جا ماڳ مڪان ديدار لاءِ اهميت وارا هئا. خاص طرح ڀيڻءَ پور ۽ اڳتي شاهپور ۽ نصرپور وارو ڀاڱو ويجهو هو، جتي وڏو شاعر ۽ درويش ميون شاهہ عنات اجان زندهہ هو، ۽ شاهہ لطيف وٽس وڃڻ شروع ڪيو. ساگري ڍوري جي ڪنار سان، اتران ڀهريائين مشائخ هوتي جي درگاهہ هئي، جيڪو ڀاڻ يا ڪائنس پوءِ سندس بہ ڀهتل فرزند احمد ۽ محمد ميين شاهہ ڪريم سان مليا هئا. اجان ڏکڻ طرف ٻين اهل مماتي وارن بزرگن جون مزارون هيون جيڪي پڻ ميين شاهہ ڪريم جي وقت جا هئا- مثلاً درويش آچر، شيخ ڀرڪيو ڪاتيار، درويش پلي، پنيو سهاڙ، مخدوم محمد اسماعيل سومرو اگهمر ڪوٽي، شيخ موسو، رکن الدين ولد رتو (جُوڻ جي علائقي جو)، ميرڻ ڪاتيار، مهراڻ فقير نهڙيو، مخدوم صابر ولهاري، مٽياروي سيد ساجن سوائي، جرڪس ڏناٽي (ولهار ۽ ونگي علائقن جا). ميين شاهہ ڪريم جي ناتي سان، شاهہ لطيف جو انهن درويشن جي ماڳن مڪانن کي ڏوري ڏسڻ فطري هو، جيتوڻيڪ ٻين ولين ۽ نيڪن جي تلاش ۾ ڪن ٻين جاين تي بہ ويو هوندو. تلهار ۽ بدين طرف سندس پنهنجن وڏن عزيزن بزرگن جون مزارون خانقاهون هيون. ميين شاهہ ڪريم جي اولاد مان بہ درويش سيد پليڏنو ۽ سيد مگليڏو تلهار جي علائقي ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا هئا ۽ ٻئي وڏا لائق ۽ سالڪ هئا. اجان اڳتي بدين لڳ، 'شهاب الدين سهروردي جي مقام' ۾ (جيڪو عوام ۾ 'شاهہ بَدي جو مقام' سڏجي) خود ميين شاهہ ڪريم جو والد 'شاهہ للو' مدفون هو. انهيءَ ڪري ساگري جي وَليئن وارن ماڳن مڪانن ڪانپوءِ اڳتي ويندي بدين تائين شاهہ لطيف جو وڃڻ بلڪل قرين قياس نظر اچي ٿو.

سندس هن سير سفر واري دور جا ڀهريان پنج ڇهہ سال گهٽي حد تائين سنڌ جي ماڳن مڪانن کي ڏسڻ، درويشن جي خانقاهن ۽ درگاهن جو ديدار ڪرڻ، مختلف ڌنڌي پيشي وارن وٽ ويهڻ ۽ عوامي زندگي جي مطالعي ۾ گذاريا. هن عرصي اندر گهٽي ۾ گهٽا گهمرا پنهنجي وڏي ڏاڏي ميين شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي ڪيائين ۽ گهٽو ڪجهہ پرايائين. هاڻي هو پڪن پختن اپرنڊڙ ارادن سان مالا مال ٿي ڪماليت طرف قدم وڌائڻ وارو هو، جو ڪيس زميني زندگيءَ جي هڪ اهم منزل ڏانهن موٽڻو پيو: اها هئي سندس شادي جنهن ۾ سندس شفيق والد جي رضا ۽ رغبت اثر انداز ٿي. هن وقت سندس عمر ٢٤ سال کن هئي.

شاديءَ جي رسم. شاهہ عبداللطيف جي ڳڀرائي ۽ بلوغت وارو دور اڳ ختم ٿي چڪو هو، پر فهم ۽ فڪر جي ڪمال ۽ عروج طرف وڌڻ جي اجان ابتدا هئي: سندس توجهہ، ڪماليت جي راهہ ۾ مسلسل ڪوشش ۽ ڪشالي ۽ قدم اڳتي وڌائڻ طرف هو جو ڄاڻائين ٿي تہ ويهڻ جو وقت ڪونهي ۽ تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻو آهي. شادي ۽ گهرٻار ڪري ويهي رهڻ سندس سالڪانہ جدوجهد ۽ جستجو جي خلاف هو. شاديءَ بابت سندس خيال ساڳيا وڏي ڏاڏي ميين شاهہ ڪريم وارا هئا، جنهن شادي کي رنج ۽ آزار ٿي سمجهيو ۽ رڳو 'لوڪ لڄا جي ڪري شادي ڪئي هئائين'(١). شاهہ عبداللطيف جو پنهنجو چوڻ هو تہ جيستائين حق جو طالب مطلوب سان نہ ملي، يعني سالڪ الاهي وصال نہ ماڻي، تيستائين شادي نہ ڪري، ڇاڪاڻ جو سلوڪ جي راهہ ۾ ڪاميابي آزادي ۽ يگانگي ۾ آهي(٢). باوجود انهيءَ جي جو سندس سڄو توجهہ اخلاق ۽ ڪردار جي معراج طرف هو. زندگي جي هن مرحلي تي ڪيس شادي ڪرڻي پئي.

---

(١) ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جو مرتب ڪيل "شاهہ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام"، ١٩٣٧ع ڇاپو، ص، ٩-١٠.

(٢) لطائف لطيفي (فارسي متن)، ص- ١٠٤.

ڪوٽڙي جو رئيس مرزا بيگ مغل مقابلي ۾ دل قبيلي جي ماڻهن هٿان سنه ١١٢٤هه ۾(١) مارجي ويو. سندس ٻار ٻچا بي واها ٿي پيا، ۽ سواءِ شاهه حبيب جي ٻيو ڪو سندن سهارو ڪونه هو. مرزا بيگ کي هڪ ڇوڪرو هو جيڪو پڻ سگهوئي فوت ٿيو ۽ باقي فقط سيده بيگم (يا سعيده بيگم) هڪ نيڪ سيرت نياڻي هئي. شاهه حبيب پنهنجي معتقد جي هن بيواهه ڪٽنب جي ضائفائن کي سنڀالڻ ۽ سهارو ڏيڻ ضروري ڄاتو، ۽ سندس رضا بعد پنهنجي فرزند کي مڃايو ۽ بيبي سيده بيگم سان سندس نڪاح ڪرايو. جيڪڏهن شاهه لطيف، ان کان اڳ بيبي صاحبه کي ڏٺو هو ۽ سندس دل ۾ محبت جي دونهين دکيل هئي ته به ان کي ڍڪيو هئائين ۽ ٻاهر ڪابه ٻاڦ ڪانه ڪڍي هئائين(٢)؛ شادي واري موقعي کان اڳ هو پنهنجي سالڪانه صبر سان ان خيال کي اورانگهي آجو ٿي چڪو هو. پر هن وقت والد جي رضا ۽ هڪ بيواهه ۽ يتيم گهر کي سهاري ڏيڻ خاطر شادي قبوليائين. ان جي تصديق شاهه لطيف جي اِزدواجي زندگي جي اهڃاڻن مان ٿئي ٿي. جيئن ته زندگي جي هن مرحلي تي سندس سچو توجهه حق ۽ حقيقت جي اعليٰ منزلن طرف هو، انهيءَ ڪري سندس هن شادي جي ضرورت ۽ اهميت اسلامي شرعي رسم مطابق هئي: ان ۾ نه ته ڪا عاشقي جي ٻُوءِ هئي، نه ته ڪو افساني جو رنگ هو(٣). شادي بعد به شاهه لطيف جو پنهنجي گهر سان جيڪو برتاءُ رهيو سو بيشڪ شاهانه ۽ شريفانه هو پر عاشقانه ڪونه هو. روايتن موجب بيبي صاحبه کي اميدواري ۾ پلي جي سَڌ ٿي ۽ ونهيون فقير جَت وڏي تڪليف سان پلو وٺي آيو ۽ سهڪندو آيو. شاهه صاحب سبب معلوم ڪري چيو ته ٻار اڃان پيٽ ۾ ئي آهي ته فقير کي ايڏو هلاڪ ڪيو اٿس؛ ڄمندو ۽ وڏو ٿيندو ته الائجي ڇا ڪندو! ان بعد هڪ ٻڍڙي خدمتگار فقيرياڻي تي جڏهن بيبي صاحبه ڏمر ڪيو ته شاهه صاحب کي اهو ڏکيو لڳو. ان بعد ڪو اهڙو سبب ٿيو جو ٻارڙو خير ڪو ڄائو(٤).

حقيقت ۾ شاهه جي زندگي جو شاديءَ کان اڳ ۾ ئي اهڙو دور شروع ٿي چڪو هو جو سندس سوچ ويچار جا معيار مَٽجي ويا هئا؛ پنهنجي گهر- واريءَ جي سَڌن جي پورائي کان وڌيڪ پنهنجن مخلص فقيرن جي تڪليف کي مهانگو ٿي سمجهيائين. شاديءَ کان اڳ ئي گهر کي ڇڏيو هئائين ۽ گهڻو وقت ڪوٽڙيءَ کان ٻاهر پئي گذاريائين، ۽ شاديءَ بعد به گهر ڪري ڪونه ويٺو؛ سندس هل هلان جو اهو سلسلو 'پٽ' کي وسائڻ کان پوءِ تائين هلندو رهيو. مير سانگي ڄاڻايو آهي ته: ان وقت به شاهه صاحب گهڻو وقت ٻاهر گهمندي

---

(١) مير علي شير قانع هن واقعي جو تاريخي ماده "يک مغل به بود" يا "بود خبيث" ڄاڻايو آهي. مرزا بيگ جي قبر، ميين ونهيين جي مقام لڳ، شاهه قاسم بيگلار جي قبرستان ۾ موجود آهي جنهن تي اهوئي سال لکيل آهي.

(٢) شاهه لطيف جو مرزا بيگ جي حويلي ۾ دعا لاءِ وڃڻ ۽ سيده بيگم جي چيچ جهلڻ واري ڏندڪٿا نه فقط سنڌ جي تهذيب ۽ ريت رسم جي خلاف آهي، پر شاهه لطيف جي اعليٰ ڪردار (جنهن لاءِ سندس والد سالن جي توجهه سان سندس خاص تربيت ڪئي هئي) جي پڻ ابتڙ آهي. اصل ۾ مير علي شير قانع (محض شاهه لطيف جي ڪرامت بيان ڪرڻ خاطر) ايترو لکيو ته 'اهو مغل اڳ مخالف هو'؛ پر ائين ڪونه چيائين ته ڪو شاهه لطيف جي سندس حويليءَ ۾ اک هئي انهيءَ ڪري هو مخالف هو. اها ڳالهه پوءِ بنائي وئي ۽ مير سانگي پهريائين ان کي تحرير ۾ آندو ۽ پوءِ ٻين ان کي نقل ڪيو. شاهه لطيف جي شاديءَ واري زندگي جي اهڃاڻن مان هن جڙتو بيان جي ڪلي طور تي ترديد ٿئي ٿي. (ڏسو هيٺ)

(٣) مرزا قليچ بيگ شاهه جي شاديءَ جي سلسلي ۾ صحيح راءِ قائم ڪئي آهي ته "شوق جِي پٺيان شادي ڪين ڪيائين." "سندس بيبي گهر واريءَ سان ...... اوتري محبت ڪانه هوندي هيس. نڪا عشق پٺي ڪا شادي ڪئي هئائين. رڳو شرع شريف جي حڪم پوري ڪرڻ لاءِ ڪم ڪار جي سهنج لاءِ شادي ڪئي هئائين. شادي ڪرڻ به هڪڙي سنت هئي، تنهنڪري هن روا رکي." (احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ص ص ٦٠-٦١).

(٤) مرزا قليچ بيگ، احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ص ٢٦؛ لالواڻي، انگريزي ڪتاب 'شاهه لطيف'، ص ٢١؛ دين محمد وفائي، لطف اللطيف، ص ص ٩٦، ٩٨.

پئي گذاريو ۽ جڏهن پٽ تي هوندو هو تہ بہ گھڻو وقت مسجد ۾ هوندو هو ۽ پنجئي وقت نماز جا جماعت سان پيو ادا ڪندو هو. ان ڪانسواءِ پيو بہ گھڻو سارو وقت گھر کان ٻاهر گذاريندو هو، ۽ اندر حويلي ۾، جيڪا مسجد سان لڳو لڳ اتران هئي، گھٽ ئي ويندو هو(١).

شاهہ ڪريم جي طور طريقي کي سمجھڻ. مٿي چئي آيا آهيون تہ زندگي جي سفر ۽ ڪشالي واري ٻئي دور ۾ گھڻي ۾ گھڻا گھمرا ميين شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي ڪيائين جتي ذڪر ۽ سماع ۾ شريڪ ٿي ان سلسلي کان واقفيت حاصل ڪيائين، جيڪو پوءِ پاڻ پٽ تي قائم ڪيائين. شاهہ ڪريم بابت ڳالهين هٿ ڪرڻ لاءِ ڪريمي فقيرن سان صحبتون ڪيائين جن مان جتن فقيرن سان پوءِ هميشہ لاءِ سندس نينهن ۽ ناتو ٿي ويو. شاهہ ڪريم جي سوانح ۽ تلقين بابت ڪتاب (غالباً 'بيان العارفين') دستياب ڪري مطالعي لاءِ پاڻ وٽ رکيائين جيڪو پوءِ هميشہ لاءِ پاڻ سان گڏ ڪڻندو هو(٢). ميين شاهہ ڪريم جي تواضع ۽ نهٺائي، تجريدي زندگي کي ترجيح، فطري مشاهدن ۽ روزمره جي ڌنڌن ۽ مشغلن جي مطالعي مان حقيقت تائين پهچڻ وارن سلسلن شاهہ لطيف جي ذهن ۽ فڪر کي گھڻو متاثر ڪيو.

ميين شاهہ ڪريم پنهنجي طرفان ڪيل هدايت ۽ تلقين ۾ اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار توڙي عارفانہ فڪر کي گاهي بگاهي پنهنجن توڙي ٻين درويشن جي چيل سهڻن سنڌي بيتن ذريعي سمجھايو هو. اهو طور طريقو هڪ بهترين مثال جي صورت ۾ شاهہ لطيف جي سامهون آيو. ان کان اڳ کيس پنهنجي والد شاهہ حبيب جي عام فهم بيتن ذريعي اهڙي تربيت ملي هئي. ان وقت ميون شاهہ عنات رضوي، عام مقبول سنڌي بيتن ۾ سلوڪي شاعري جو بادشاهہ هو. گنباٽ واري پيڙهي جتي شاهہ عبداللطيف جو ننڍپڻ گذريو اتان ميين شاهہ عنات جي شاهپور ويهن ميلن تي هئي. ڪوٽڙي کان بہ شاهپور ۽ نصرپور ايتري ئي پنڌ تي هيون. ميين شاهہ عنات جي بيتن جو غلغلو هو ۽ اهو پڙلاءُ ننڍپڻ توڙي نوجواني واري دور ۾ شاهہ لطيف جي ڪَنن تي پيو. پهريائين غالباً سندس والد شاهہ حبيب کيس ميين شاهہ عنات وٽ وٺي ويو جنهن کيس گھڻو پيار ڪيو. پوءِ شاهہ عبداللطيف پاڻ ميين شاهہ عنات وٽ وڃڻ ۽ سندس صحبت مان فيضياب ٿيڻ لڳو. اهي ملاقاتون ۽ صحبتون اندازاً سنہ ١١٢٢هہ کان وٺي. جڏهن شاهہ لطيف جي عمر ويهہ سال هئي، وڌيڪ گھاٽيون ٿيون ۽ ڪم از ڪم سڄا سارا ڏهہ-ٻارهن سال پوءِ ويندي سنہ ١١٣٣هہ ۾ ميين شاهہ عنات جي وفات تائين مسلسل طور جاري رهيون. پنهنجي جوان ذهن ۽ سالم طبيعت توڙي ميين شاهہ عنات سان سندس محبت جي ڪري، شاعريءَ جي ذوق ۾ شاهہ لطيف، ميين شاهہ عنات کان گھڻو ڪجھہ پرايو. ميين شاهہ عنات جي وفات بعد پڻ سندس ڪلام سان شاهہ صاحب جي گھڻي رغبت رهي جنهن جو عڪس شاهہ صاحب جي بيتن ۾ نمايان طور نظر اچي ٿو(٣).

---

(١) لطائف لطيفي، فارسي متن، ص- ١٢٧. باوجود انهن اهڃاڻن جي، شاهہ جي شاديءَ کي مير سانگي 'افسانه عشق' ۽ 'عشق بازي' طور منظوم ڪيو؛ نہ فقط ايترو پر شاهہ جي گھر واري بابت مير علي شير قانع جي ڏنل اشاري کي محض عامي روايتن جي آڌار تي وڌائي وڌ ڪيو، حالانڪ اهي روايتون سنڌ جي ريت رسم توڙي شاهہ جي اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جي ابتڙ هيون. مثلاً شاهہ لطيف کي اندر گھر ۾ دعا لاءِ وٺي ويا تہ وڃي پرده دار بيمار ڇوڪري، جي چيچ جهليائين، پوءِ سندس ٻيءَ کي پٽيائين ۽ پڻ سنديس ننڍڙو پاءُ مٺو تہ جڻ شڪر ڪيائين. (ڏسو 'لطائف لطيفي'، فارسي متن، ص، ٥٩- ٧٣).

(٢) مير عبدالحسين سانگي جنهن هي ڪتاب ڏٺو هو، تنهن هن کي 'رسالو' ڪري ڄاڻايو آهي جنهن ۾ ميين شاهہ ڪريم جو احوال درج هو (لطائف لطيفي، ص-١٢٢) مرزا قليچ بيگ ان کي "شاهہ ڪريم بلڙي، واري جو رسالو" ڪري لکيو آهي. غالباً انهن حوالن مان مراد 'بيان العارفين' ئي آهي.

(٣) "ميين شاهہ عنات جو ڪلام" (سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٣ع) ۾ راقم هن موضوع تي تفصيل سان روشني وڌي آهي (مقدمه، صفحا ٨٩- ١٠٦). ان وقت ميين شاهہ عنات جي وفات جو سال معلوم نہ هو. پر پوءِ پڪيءَ طرح معلوم ٿيو تہ ميين شاهہ عنات سنہ ١١٣٣هہ ۾ وفات ڪئي.

ذوق ڪمال ۾، مولانا رومي جي مثنوي ۾ سمايل سلوڪ ۽ معرفت جي رازن کي سمجھڻ: شاهہ لطيف جي ذوق ڪمال ڪيس حق ۽ حقيقت جي اعليٰ مقامن جو متلاشي ڪيو. سلوڪ ۽ معرفت جي اعليٰ معنويٰ فڪر جا اهڃاڻ، توڙي ديني تعليم جي رسمي ڄاڻ کان اڳتي اسلامي تعليم جي 'روح' تائين پهچڻ جا راز، ڪيس ميين شاهہ ڪريم جي 'بيان العارفين' ۽ مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي ۾ نظر آيا. پنهنجي پاڻ تربيت واري هن دور ۾، شاهہ لطيف خاص طرح مثنوي کي سمجھڻ طرف گھڻو ڌيان ڏنو. چئي نٿو سگهجي تہ شاهہ کي مثنوي جي باڪ ڪٿان پئي ۽ ڪيئن پئي، پر غالباً ميين شاهہ ڪريم جي سوانح ۽ تلقين طرف توجهہ ڪندي، ڪيس 'مثنوي' جي اهميت ۽ عظمت جو پتو پيو، ڇاڪاڻ جو ميين شاهہ ڪريم کي مولانا رومي جي مثنوي توڙي سندس ديوان مان بيت ياد هئا(١). البت شاهہ صاحب کي مثنوي سان هن دور ۾ ڪنهن روشناس ڪرايو، سو خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي. ٿي سگهي ٿو تہ ٺٽي جي عالمن جي صحبتن ۾ شاهہ صاحب کي مثنوي بابت وڌيڪ واقفيت حاصل ٿي ۽ مثنوي پاڻ وٽ رکيائين. ان دور ۾ ٺٽہ قيصر- ڀاسوڙي طرف جي عالم ۽ درويش محمد عارف جو فرزند محمد صلاح، جنهن کي فارسي تي دسترس هئي ۽ پڻ مثنوي جو ڄاڻو هو، سو شاهہ صاحب جو معتقد ٿيو، ۽ جئن ئي هو شاهہ صاحب جو ارادتمند ٿيو ۽ سندس خذمت ۾ اچڻ لڳو تہ شاهہ صاحب ڪانئس مثنوي پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ جو سلسلو شروع ڪيو، جيڪو پوءِ زندگيءَ جي پوئين دور تائين جاري رهيو(٢). مثنوي سان شاهہ صاحب جي شغف جي ايتري تہ مشهوري ٿي، جو وقت جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي مثنوي جو هڪ خوشخط نسخو شاهہ صاحب ڏانهن تحفي طور موڪليو. پر خوبي جي تلاش واري هن هلندڙ دور ۾، مثنوي کي خاص توجهہ سان ٻڌڻ ۽ سمجھڻ سان، شاهہ صاحب جي سجاڳ ذهن ۽ صاف دل تي جيڪو ڪجھہ نقش ٿيو، تنهن مان سندس رهنمائي خاص انهيءَ طرف ٿي جيڏانهن هو پاڻ مائل هو: يعني تہ انسان جي زميني زندگي جو راز ئي انهيءَ ۾ آهي تہ ڪمال جي جستجو ۾ رهي تہ جيئن معرفت جي مقام تي پهچي ۽ حق جو قرب حاصل ڪري.

سفر ڪرڻ ۽ هر ڏنڌي پيشي وارن سان ملڻ، پرجهڻ ۽ پروڙڻ. قادر جي قدرت، ڪائنات جي وسعت، خالق ۽ مخلوق جي رشتي جي حقيقت ۽ هن زميني زندگيءَ جي لاهن چاڙهن ۾ انسان جي اخلاق ۽ ڪردار جي ڪيفيت کي پرجهڻ ۽ پروڙڻ خاطر، شاهہ صاحب هڪ جاءِ تي ويهڻ ۽ گھر سنڀالڻ بدران ڏسڻ ۽ ڏورڻ، ڪهڻ ۽ ڪشالا ڪرڻ کي ترجيح ڏني. هن دور ۾ هن سنڌ توڙي سنڌ جي پر وارن جن ملڪن ۽ ماڳن کي ڏٺو، تن سڀني بابت معلومات محفوظ نہ رهيا آهن. البت ڪڇ ۾ شاهہ ڪريم جي معتقد جتن فقيرن وٽ گھڻو ويو، جيڪي پوءِ سندس ئي مريد ٿي ويا. اپرندي ڏانهن سندس جيسلمير طرف وڃڻ بابت بہ ڪي پڪا دليل موجود آهن. الهندي طرف سنڌ جي ڪوهستان ۽ لس ٻيلي وارو ملڪ ڏٺائين ۽ سنڌ جو اوڀر، ٿر ۽ اُتر سڀ ڏٺائين. سفر ۾ هر طبقي ۽ هر ڏنڌي پيشي وارن سان مليو، وٺن وينو ۽ سندن روزمره جي ڪرت ۽ ريت رسم کان واقف ٿيو، جهن جو پڪو پختو ثبوت رسالي جي مختلف سرن ۽ داستانن هيٺ سندس بيتن ۽ واين ۾ موجود آهي.

---

(١) "شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام"، سنواريندڙ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، ١٩٣٧ع.

(٢) راقم سان ١٧ جنوري ١٩٥٩ع تي، مولوي محمد صلاح جي اولاد مان، ميين عبدالله (عمر ٨٩ سال) هي حقيقت بيان ڪئي ۽ ٻڌايائين تہ مولوي محمد صلاح جي ان باري ۾ تحرير بہ هن ڏني هئي.

ڀٽ تي دائمي سڪونت، فاقيري فيض ۽ تربيت، ڪمال ڄاڻ ۽ معرفت جي فروغ وارو دور (١١٤٢ـ١١٦١ھ)

شاهہ لطيف جي نوجوانيءَ کان وٺي پڪي جوانيءَ تائين سندس زندگي جا سچا سارا ويهہ سال ڳهڻ ۽ ڪاهڻ، ڏسڻ ۽ پسڻ، پرجهڻ ۽ پروڙڻ ۾ صرف ٿيا: حق ۽ حقيقت جي تلاش ۾ پاڻ پنهنجي تربيت وارو اهو دور سندس واسطي هڪ وڏو ڪشالو هو، جنهن ۾ مسلسل طور ٻاهرئين مطالعي ۽ مشاهدي سان گڏ سندس پنهنجي اندروني سُرت سِرت سان بصيرت جا نوان باب کليا، ۽ ڪيس يقين ۽ معرفت جا اعليٰ مقام حاصل ٿيا. هاڻي سندس عمر چاليهہ سال هئي، ۽ جوانمرد لطيف هر لحاظ سان پاڻ کي پچائي راس ڪيو هو. فڪر ۽ فهم، ڄاڻ ۽ بصيرت جي اعليٰ منزل تي پهچڻ بعد هاڻي سندس حياتي جو تخليقي ۽ تعميري دور شروع ٿيو، جنهن ۾ ڪمال معرفت جي جستجو سان گڏوگڏ ٻين لاءِ رهنمائي، فاقيري فيض ۽ تربيت طرف متوجهہ ٿيو. شاهہ جي حياتيءَ جي هن دور بابت جيڪي اهڃاڻ موجود آهن، تن جي بناء تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ سندس زندگيءَ جو ويهن سالن ڪن وارو هيءُ عرصو خاص طرح هيٺين مشغلن ۽ مرحلن وارو دور هو:

(الف) ڀٽ کي وسائڻ ۽ اتي دائمي سڪونت اختيار ڪرڻ.

(ب) شاهہ حبيب جي وفات، ۽ ان بعد مرشديءَ جو مسند سينگارڻ.

(ج) ڀٽ تي فاقيرو نظام ۽ انتظام قائم ڪرڻ.

(د) سماع ۽ ذڪر جو سلسلو ۽ راڳ جو ادارو قائم ڪرڻ.

(ھ) وڏن جي درگاهہ جي سنڀال ۽ تعمير ڪرڻ.

(و) معتقدن مريدن وٽ ڀيرا ڪري سندن حال معلوم ڪرڻ ۽ ڄاڻ وارن فقيرن درويشن سان ملڻ.

(ز) سنڌ جي عالمن عارفن سان صحبتون ڪرڻ.

هيٺ سندس انهن مشغلن ۽ مرحلن تي مختصر روشني وڌي ويندي.

(الف) ڀٽ کي وسائڻ ۽ دائمي سڪونت اختيار ڪرڻ. شاهہ عبداللطيف جو ڀٽ کي وسائڻ بابت ڪوبہ پڪو پختو حوالو موجود ڪونهي. البت مير عبدالحسين خان سانگيءَ جيڪي ڳالهيون ٻڌيون ۽ 'لطائف لطيفي' ۾ قلمبند ڪيون، سي ساڳيون پوءِ مرزا قليچ بيگ ۽ ليلارام لالواڻيءَ بہ سندن ڪتابن ۾ آنديون. مگر تنهي جي بيانن ۾ وڏو تضاد آهي، جنهن مان ڪوبہ خاطر خواهہ نتيجو ڪڍي ڪونہ ٿو نڪري. مير سانگيءَ کي ٽي جدا بيان مليا جن موجب، مرزا بيگ مغل جي نياڻيءَ سان شادي بعد سگهوئي شاهہ لطيف ڪوٽڙيءَ مان ڀٽ تي لڏي آيو، ٻيو تہ پنهنجي والد شاهہ حبيب جي وفات بعد لڏي آيو، ۽ ٽيو تہ سير سفر واري دور بعد آخري عمر ۾ شاهہ صاحب ڀٽ تي اچي ويٺو(١). ٻهرئين اهڃاڻ موجب، سنہ ١١٢٤ھ ۾ مرزا

---

(١) 'لطائف لطيفي'، فارسي متن، ١٩٦٨ع، صفحو ٦٩، ۽ ڀڻ ٤٢- ٤٣ ۽ ٣٦. ساڳيءَ طرح "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" (١٩٧٢ع ڇاپو) ۾ مرزا قليچ بيگ هڪ جاءِ تي لکيو تہ 'مرزا مغل جي حياتيءَ ۾ ئي سندس اٽڪلٽ ۽ ايذاء کان ڪوٽڙيءَ مان لڏي وڃي ڀٽ تي ڳوٺ ٻڌائون (ص- ٣٤). ۽ ٻي جاءِ تي ڄاڻايائين تہ "پيءُ جي مرڻ کان پوءِ سگهوئي شاهہ عبداللطيف لڏي اچي ڀٽ تي ويٺو"(ص- ٣٨). وري هڪ جاءِ تي چيائين تہ شاهہ صاحب ڀٽ تي هو جو گلان کي دعا ڪيائين (ص- ٨٦) تہ ٻيءَ جاءِ تي آندائين تہ آخري عمر ۾ ڀٽ کي وسايائين(ص- ٣٦)- سندس انهن بيانن ۾ تضاد آهي. لالواڻي پنهنجي انگريزي ڪتاب 'شاهہ لطيف' (ڇاپو ١٨٩٠ع) ۾ شاهہ جي شاديءَ جي بيان بعد لکيو تہ هو پاڻ اچي ڀٽ تي رهيو ۽ گهڻو وقت اتي گذاريندو هو، حالانڪ سندس گهر ٻار ۽ والد ڪوٽڙيءَ ۾ هئا. هو پنهنجي والد کي "ڀٽ تي لڏي اچڻ لاءِ مڃائي نہ سگهيو. اهو معلوم ناهي تہ شاهہ لطيف ڪڏهن اچي ڀٽ تي (گهر ٻار ڪري) ويٺو، پر (ڀٽ تي) سندس مريدن (لالواڻي کي) ٻڌايو تہ شاهہ صاحب سندس والد جي فوت ٿيڻ ۽ ڀٽ تي دفن ٿيڻ بعد لڏي آيو"(ص- ١٣)

بيگ مغل جي وفات کان اڳ يا پوءِ پٽ تي لڏي آيو، ٻئي اهڃاڻ موجب سنہ ١١٤٤ھ ۾ شاهه حبيب جي وفات بعد لڏي آيو، ۽ ٽئين ٽاڻي موجب اڃان بہ ان کان پوءِ آخري عمر ۾ لڏي آيو. انهن بيانن موجب، شاهه لطيف جو پٽ کي وسائڻ وارو عرصو سنہ ١١٢٤ھ کان وٺي ١١٤٤ھ تائين گهٽ ۾ گهٽ ويهہ سال کن ٿئي ٿو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ شاهه لطيف جي پٽ کي وسائڻ، يعني شروعاتي ارادي ۽ پوءِ آخري طور اتي گهر ٻار ڪري ويهڻ ۾ ڪجهه وقت لڳو هوندو؛ پر ٻين اهڃاڻن مطابق اهو وڌ ۾ وڌ ست سال کن (١١٣٥-١١٤٢ھ) ٿي سگهي ٿو.

شاديءَ بعد فوراً ڪوٺڙي مان لڏڻ لاءِ ڪو سبب ڪونہ هو: شادي جو مقصد ئي هڪ شريف أجڙيل خاندان کي سهارو ڏيڻ هو، جيڪو هڪ وسندڙ گهر ۽ شهر کي ڇڏي پٽ ۽ ٻرَ کي وسائڻ سان پورو ٿي نٿي سگهيو. غالباً ڪوٺڙي ڇڏڻ جي نوبت تڏهن آئي جڏهن مغل حويلي جا ٻيا سڀ ڀاتي گذاري ويا. روايتن مان معلوم ٿو ٿئي تہ بي بي سيده بيگم جو فقط هڪ ننڍو ڀاءُ عرف 'گولو' هو جيڪو شاديءَ کان پوءِ سگهوئي گذاري ويو؛ سنديس والده ڏهہ- ٻارهن سال پوءِ سنہ ١١٣٥ھ جي لڳ ڀڳ رضا ڪئي. هڪ روايت موجب، شاهه لطيف پٽ تي هو جو "گلان" اچي اتي ڳايو ۽ شاهه صاحب کيس دعا ڪئي(١) جو هوءَ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي نڪاح ۾ آئي ۽ ميان غلام شاهه جي ماءُ بڻي. جيڪڏهن انهيءَ روايت کي صحيح تسليم ڪجي تہ بہ گلان سنہ ١١٣٥ھ ڌاري شاهه لطيف جي آڏو ان وقت ڳايو هوندو جڏهن هو شروع ۾ پنهنجي عيال کان سواءِ بعضي اچي پٽ تي رهندو هو. گلان جو قصو بيان ڪندي سانگي ڄاڻايو آهي تہ ان وقت مخالفن ميان نور محمد ڪلهوڙي کي شاهه بابت اهين ٻڌايو تہ 'اهو سيد جنهن پٽ کي پنهنجي آستاني بنائڻ جي رٿ رٿي آهي.'(٢)

مٿي بيان ڪري آيا آهيون تہ ننڍپڻ کان وٺي شاهه لطيف گنباٽ ۽ ان سان لاڳيتي ڍرپ کي ڏٺو هو: پوءِ بلوغت ۽ جوانيءَ واري دور ۾ پڻ اتي گهمندو هو ۽ گوشائتو ويهي چلا ڪيندو ۽ عبادت ڪندو هو. "شاهه جو ڪنڊو" ان ڍرپ واري ايراضي جي اترين پاڳي ۾ هو، جتي شاهه صاحب رياضت ۾ محو ٿيو هو. 'پٽ' يعني موجود درگاهه ۽ ڳوٺ وارو ماڳ، ان ڍرپ واري ايراضيءَ جو وچ هو جتي (غالباً 'حجري' واري جاءِ تي) پاڻ اڪثر نويڪلائي ۾ رياضت ڪندو هو، جوڳان وقت ڪن ماڻهن اتي کيس ڏٺو ۽ سندس گوشائتي ويهڻ واري ڳالهہ مشهور ٿي. انهيءَ پٽ جي هيٺان ڏکڻ طرف 'ڪِراڙ واري ترائي' هئي جتي مينهن جو پاڻي بيهندو هو. ان جي چوڌاري ڪِرڙ هئا، جنهن ڪري ان کي 'ڪراڙ' سڏيو ويو. پٽ واري اها ڀيٽي شاهه صاحب کي پسند آئي ۽ اتي پهريائين پنهنجو پاڻ ۽ بعد ۾ پنهنجن فقيرن سان گڏجي خاص طرح سانوڻ ۾ اچي منزل انداز ٿيندو هو، جڏهن مال وارا پاڳيا ماڻهو بہ انهيءَ ڀيٽيءَ تي واڻيون ڪندا هئا. جيئن ئي شاهه صاحب جي عمر چاليهن سالن (١١٤٠-١١٤٢ھ) کي ويجهي ٿيڻ لڳي تہ پٽ واري ماڳ کي هميشہ لاءِ وسائڻ وارا سندس ارادا پختا ٿيا. پٽ واري ڀيٽي جي اصل کهڙي حالت هئي، شاهه صاحب ڪيئن ات موجوده درگاهه واري ماڳ کي چونڊيو ۽ هموار ڪيو، کهڙي طرح اتي جايون نهرايون- ان

(١) لطائف لطيفي، ص- ٨٦.

(٢) 'سيد که بريٽ شزيف آستانہ تجويز کرده است' (لطائف لطيفي، فارسي متن، ص-٨٦). ميان غلام شاهه جي ولادت جي تاريخ في الحال اسان جي آڏو موجود ناهي، پر اهو تاريخي طور ثابت آهي تہ سنہ ١١٥٢ھ ۾ نادر شاهه بادشاهه جڏهن ميان نور محمد خلاف سنڌ تي چڙهيو پئي آيو تہ ميان نورمحمد پنهنجي طرفان اڳواٽ صفائي خاطر صاحبزادي غلام شاهه کي نادر شاهه جي خدمت ۾ موڪليو هو. ان وقت غلام شاهه وڏو هوندو نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ سندس عمر پندرهن سورنهن سال کن هوندي، جنهن مان پڻ اهو گمان ٿئي ٿو تہ سندس والده مائي گلان سنہ ١١٣٥ھ ڌاري پٽ تي شاهه جي خدمت ۾ اچي ڳايو هوندو.

بابت سانگيءَ جا قلمبند ڪيل هيٺيان بيان تصديق جهڙا آهن(١):

- سانگيءَ ڪي وڏيري عبدالله ٻڌايو تہ هن پنهنجي پيءُ وڏيري رستم کان ٻڌو، جنهن پنهنجي پيءُ وڏيري قلندر کان ٻڌو تہ هي ماڳ اصل ۾ واريءَ جي هڪ وڏي شاهي پٽ هئي جنهن جي چوڌاري پاڻي هو ۽ هر طرف وڏو جهنگ هو، جتي هن شاهہ لطيف کي ننڍي هوندي بيخودي ۽ محويت واري حالت ۾ ويٺل ڏٺو هو(لطائف لطيفي، ص ١٤٤).
- اهو معلوم آهي تہ خود سندس حياتيءَ ۾ حضرت اولياءَ صاحب (شاهہ صاحب) 'پٽ شريف' جا سڀ پاسا پلئہ پوريءَ طرح ڏٺا هئا. پٽ جي هيٺ چوڌاري پاڻيءَ جون خوبصورت ترايون هيون ۽ هيٺ پٽ جي پاسي ڪناري سان سائي سهڻي وڻراهہ هئي. مٿي پٽ وارو ماڳ راحت بخشيندڙ هو، جنهن جا آثار هن وقت(١٨٨٠-١٨٧٨ع) تائين موجود آهن، جو آب ڪلاني ۾ چوڌاري هيناهيون پاڻيءَ سان پرجي وڃن ٿيون، جن مان ڪي (وڻراهہ جي ڪري) نظاري دار آهن (لطائف لطيفي، ص٧٨-٨٩).
- جڏهن ڪان اولياءَ صاحب (شاهہ صاحب) پٽ تي پنهنجو فيض ور تڪيو قائم ڪيو تڏهن سانوڻ جي برسات ۾ اڪثر سير تفريح لاءِ ايندا هئا. بهار جي موسم ڪين وڻندي هئي ۽ ان موسم ۾ خاص طرح گهڻي عبادت ڪندا هئا. (لطائف لطيفي، ص-١٨٣).
- شاهہ صاحب ئي 'پٽ شريف' ڪي سڀ کان اول اچي وسايو هو. ان کان گهڻو اڳ تائين هيءَ سرزمين غيرآباد هئي ۽ منجهس جهنگ هو. پٽ شريف جي چوڌاري سڄو سال پاڻي بيهندو هو، گاهہ گهڻو ٿيندو هو ۽ پاڳيا ماڻهو مال چاريندا هئا. سانوڻ جي آب ڪلاني ۾ پاڳيا ماڻهو پٽ تي پنهنجا پاڻ ڪندا هئا حضرت اولياءَ صاحب جيئن تہ (هت) اڪيلو پيو هلندو هو، سو هن پيٽيءَ ڪي ڏسي پسند ڪيائين؛ پر جيئن تہ هت واري پٽي وسندي ۽ هلندي هئي، سو مٿان پنجهو وجهائي پٽ کي هموار ۽ ڪشادو ڪيائون اها (خذمت) فقيرن لاءِ رياضت هئي (لطائف لطيفي، صفحا ٩٠-٩١).
- ڳالهيون هلنديون آيون آهن تہ حضرت اولياءَ صاحب (شاهہ صاحب) حياتيءَ جو وڏو عرصو سير سفر ۾ گذاريو ۽ جڏهن آخر عمر ۾ اچي پٽ تي وينا (تڏهن پهريائين) 'پٽ' (جي چوٽي کان) ڪجهہ هيٺ تي هڪ ڪوٺي (حجره) ٺهرايائون، جنهن جي آڏو ڪجهہ باغيچو ڪيائون ۽ زمين کي (هموار ڪري) ڪشادو ڪيائون. پوءِ بہ صُفا (حجرا) پنهنجي حرم لاءِ هڪ صُفو (حجره) پنهنجي والد لاءِ ٺهرايائون. هڪ مسجد، ٽن گنبذن سان، پاڻ پنهنجي سر بيهي ٺهرايائون. پوءِ 'پٽ' جو ٿر ۽ ٻرُ اڳيئن کان وڌيڪ ويڪرو ۽ ڪشادو ٿيو جو سَوَن فقيرن مٽي ڪٽي اچي ان جي مٿان وڌي. پوءِ (شاهہ صاحب) پاڻ پنهنجي عصا جي چوٽيءَ سان (نقشي جي صورت ۾) ليڪا ڪڍي درگاهہ جي خليفن لاءِ جاين جون حدون نروار ڪيون، ۽ پوءِ هر هڪ پنهنجي پڄندي ۽ مرتبي آهر پنهنجي پنهنجي حد ۾ ائين جايون جوڙايون جيئن حضرت اولياءَ صاحب رٿ ڪري ڏنيون هيون، ۽ انهن جون پٽيون اڄان تائين (١٨٨٠-١٨٨٧ع ۾) بيٺون آهن (لطائف لطيفي، ص ٣٦).

---

(١) ڇاڪاڻ جو انهي موضوع بابت جيڪي بيان سانگي (١٨٨٨- ١٨٨٠ع ڌاري) 'لطائف لطيفي' ۾ آندا آهن سي گهڻو ڪري سڀ ڪيس وڏيري عبدالله شوري ٻڌايا. هڪ جاءِ تي سانگي سَنَد سان بيان ڪيو آهي تہ هن وڏيري عبدالله (عمر ٥٥ سال) کان ٻڌو جنهن پنهنجي والد وڏيري رستم (عمر نوي سال) کان ٻڌو جنهن سندس پيءُ وڏيري قلندر شوري کان ٻڌو، جنهن اُنيون چاريندي شاهہ لطيف کي پٽ تي وڻن ۾ ويٺل ڏٺو هو ۽ ڪيس ڪير پياريو هو. ان بعد جڏهن شاهہ صاحب پٽ واري ماڳ کي هموار ڪري ٺهرائي سهڻو پٽي ڪيو تڏهن ٻڻ قلندر پنهنجي پيءُ وڏيري صاحبڏني سان گڏجي اتي ويندو هو (لطائف لطيفي، فارسي متن، ص ١٤٤- ١٤٥).

آخري طور ڀٽ تي اچي ويهڻ کان اڳ مٽئين ڪم پوري ڪرڻ ۾ وقت لڳو هوندو ۽ اهو ڪن مرحلن ۾ پورو ٿيو هوندو. پهريون مرحلو اهو هو جو شاهہ صاحب هتي اڪيلي سر پئي آيو ويو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ ماڳ پسند آيس ۽ اتي پنهنجو تڪيو (عارضي رهائش) ڪيائين. ان بعد بعضي پنهنجن فقيرن سان گڏ اچي ٿي هتي رهيو، ۽ انهيءَ عرصي دوران جهنگ وڍي صاف ڪيائون، زمين هموار ڪيائون، ان سرزمين کي ڪشادو ڪيائون، ۽ ان جي چڱي خاصي ڀاڱي تي مٽان مٽي ۽ ڀنجهو وجهي ڀَٽ پڪو ڪيائون. جڏهن شاهہ صاحب جي عمر چاليهہ سال کن ٿي تہ ڀٽ تي ئي پنهنجي دائمي سڪونت جو ارادو پڪو ڪيائين. عمر جو اهو هڪ اهڙو مرحلو آهي جو هر سجاڳ دل واري انسان کي زندگيءَ جي نئين ورق ورائڻ جو خيال اچي ٿو. ١١٤٢هہ وارو سال شاهہ صاحب جي زندگيءَ جو چاليهون سال هو ۽ بالڪل ممڪن آهي تہ ١١٤٢-١١٤٣هہ واري عرصي ۾ ڀٽ واري ماڳ تي اهي جايون ٺهيون جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. جاين ٺهڻ بعد ئي سندس والد ۽ پاڻ ڪوٽڙيءَ مان لڏي هميشہ لاءِ اچي ڀٽ تي مقيم ٿيا. هن بيان ۾ جن جاين جو ذڪر آهي، سي سڀ پهريائين ڪچيون ۽ محض اوٽ اُجهي لاءِ هيون. البت گنبذن واري مسجد جو ذڪر صحيح نہ آهي جو اها پوءِ ٺهي جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. پهرين جيڪا مسجد ٺهي سا ڪچي ۽ صُفائين هئي.

(ب) **شاهہ حبيب جي وفات.** ڀٽ تي دائمي سڪونت لاءِ تياريون ڪرڻ، جايون ٺهرائڻ ۽ ان بعد ڪوٽڙيءَ مان لڏي اچي ڀٽ تي ويهڻ وارو مرحلو پورو ٿيو هو جو شاهہ حبيب بيمار ٿيو. شاهہ عبداللطيف پوءِ سڄو توجهہ پنهنجي شفيق والد ۽ مرشد جي چڱڀلائيءَ لاءِ دوا درمل ۽ خدمت طرف ڪيو. سندس سڀ فقير ۽ انهيءَ اوسيڙي ۾ هئا ۽ وڏي شاهہ جي صحت ۽ عافيت لاءِ دعا گهرندا رهندا هئا. شاهہ صاحب گهڻو سارو وقت حويليءَ ۾ اندر پنهنجي والد جي خدمت ۾ پئي گذاريو، ۽ جنهن وقت ٻاهر ايندو هو تہ فقير ڪانئس خيريت جو احوال پڇندا هئا. هڪ طرف شاهہ حبيب پاڻ پنهنجي دينداري ۽ درويشيءَ جي ڪري مشهور هو تہ ٻئي طرف شاهہ عبداللطيف پنهنجي سر عام خاص ۾ مقبول هو. انهيءَ ڪري ڪيئي وڏا ڄاڻو طبيب آيا ويا هوندا، پر ڦڪين فرق نہ ڪيو. شاهہ عبد اللطيف سڄو وقت والدؒ جي خدمت ۾ رهيو، ۽ پئي پيار ڀرين لفظن سان حال پڇائين. پر آخر اهڙو وقت آيو جو شاهہ حبيب طرفؔان ڪا ورندي ڪانہ وري. شاهہ صاحب ان وقت ٻاهر آيو تہ سيني کي اڳواٽ ڄاڻ ڏئي؛ جڏهن سندس پيارن فقيرن اڳتي وڌي اچي ڪانئس حال پڇيو تڏهن جواب ڏنائين تہ:

اوني ابهرا ٿيا، بينا تنگ ڪشين
ڪڇن ڀچن ڪينڪي ورندي وات نہ ڏين
لاڪيٽا، لطيف چئي، تا منجهئون لوڪ لڏين
نيڻ نماٽا ڪٽيو هنجهون تا هارين
سي جنگ جواب نہ ڏين، ڪنهن ڏاڍي ڪيف ڪڪوريا(١)

(١) ڄاڻو فقيرن وٽ جتي ڪٿي راقم هي بيت (ذرا مختلف پڙهڻين سان) ٻڌوجيڪو 'متفقہ زبانين موجب' هن موقعي تي شاهہ صاحب پڙهيو. مير عبدالحسين خان سانگي هن واقعي بابت جيڪا روايت قلمبند ڪئي آهي، سا شاهہ حبيب ۽ شاهہ لطيف جي پيار ڀريي ناتي جي سراسر ابتڙ آهي. ان روايت موجب، شاهہ حبيب جي بيماريءَ وقت شاهہ لطيف ڀٽ تي هوئي ڪونہ، ۽ هو ڪوٽڙيءَ ۾ رهيو پيو هو. انهيءَ تي شاهہ حبيب ڏانهس ڏوراڀي جو بيت چوائي موڪليو، جنهن جي جواب ۾ وري پاڻ بہ بيت چوائي موڪليائين، پر آيو ڪونہ. ان جو سبب اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ شاهہ عبداللطيف رضا الاهي تي راضي رهڻ جو عهد ڪيو هو سو چيائين تہ: جي آءٌ ويندس ۽ والد کي فوت ٿيندو ڏسندس تہ مون کي ڏک ٿيندو، جيڪو ڪيل عهد جي خلاف ٿيندو (ڏسو لطائف لطيفي، فارسي متن، صفحا ٤٢- ٤٣).

جڏھن شاھ حبيب وفات ڪئي تہ شاھ لطيف پاڻ پنھنجي والد کي پٽ تي اُتي دفنايو جتي ھن وقت سندس مزار آھي. اھو سال ۱۱۴۴ ھجري ھو جڏھن شاھ حبيب گذاريو. شاھ عبداللطيف جنھن اڳيئي سڪ ۽ صبر جا پيالا پيتا ھئا سو رضا الاھي تي راضي رھيو جو سندس شفيق والد ھن جھان مان سرخرو ٿي ھُن جھان طرف لاڏاڻو ڪيو. ٺٽي جي نامياري عالم ۽ اديب ميان محمد صادق نقشبندي، جيڪو شاھ عبداللطيف جي مريديءَ جي دائري ۾ داخل ٿي چڪو ھو، تنھن حضرت شاھ صاحب جي رضا ۽ تسليم واري حال موافق شاھ حبيب جي وفات جي تاريخ ھيٺئين عربي ماده مان ڪڍي جيڪو معنوي اعتبار سان نھايت ئي موزون ۽ بي بدل آھي:

"اَلموتُ جِسرٌ يُوصِلُ الحبيبَ لِلِقاءِ الحبيبِ"

يعني: "موت ھڪ پُل آھي جيڪا ھڪ دوست (حبيب) کي ٻئي دوست سان ملائي ٿي"(۲). پوءِ شاھ صاحب جڏھن والد جو قبو تعمير ڪرايو تہ اھو ساڳيو تاريخي فقرو سامھون در تي سھڻو ڪري لکارايائين جيڪو اڄان تائين موجود آھي.

مرشدي جو مسند سينگارڻ. شاھ عبداللطيف کي مرشدي جو مسند ورثي ۾ مليو ھو پنھنجي والد وانگر سندس طور طريقو پڻ 'رسمي مرشدي مريدي' کان الڳ ھو. شاھ حبيب پنھنجي وقت جو ھڪ وڏو بزرگ ۽ حال جو صاحب ھو. ميين شاھ ڪريم کان پوءِ، ڪريم- پوٽن ۾ شاھ حبيب تصوف جي قادري طريقي ۾ وڏي فيض وارو ٿيو، سندس وڏي ميجوتي ٿي ۽ گھڻا ماڻھو سندس مريد ٿيا. سندس وفات بعد اھي سڀ فطري طور شاھ عبداللطيف ڏانھن متوجہ ٿيا. شاھ لطيف پاڻ قادري طريقي ۾ ھيٺئين سلسلي موجب پنھنجي والد شاھ حبيب کان دست بيعت ٿيل ھو:

شاھ عبداللطيف پنھنجي والد حبيب اللہ شاھ کان قادري طريقي جي خلافت جو خرقو ڍڪيو، حبيب اللہ شاھ پنھنجي والد عبدالقدوس شاھ کان، ان پنھنجي والد جلال شاھ (جمال شاھ) کان، ان پنھنجي والد شاھ عبدالڪريم کان، ان پنھنجي مرشد سلطان ابراھيم بھاري کان، ان پنھنجي مرشد سيد احمد قادري حسني حموي (شام جي شھر 'حما' جي) کان، ان پنھنجي والد سيد علي ھاشمي کان، ان پنھنجي والد سيد شھاب الدين احمد کان، ان پنھنجي والد سيد شرف الدين قاسم کان، ان پنھنجي والد سيد بدرالدين يحيٰ کان، ان پنھنجي والد سيد نورالدين حسين کان، ان پنھنجي والد علاؤالدين علي کان، ان پنھنجي والد سيد شمس الدين محمد کان، ان پنھنجي والد سيد سيف الدين يحيٰ کان (جيڪو حضرت پيران پير جي اولاد مان پھريون بزرگ ھو جيڪو بغداد مان لڏي اچي حما ۾ مقيم ٿيو ھو)، ان پنھنجي والد سيد ظھيرالدين احمد کان، ان پنھنجي والد سيد شمس الدين ابونصر محمد کان، ان پنھنجي والد قاضي سيد ابو صالح نصر کان، ان پنھنجي والد سيد حافظ ابوبڪر تاج الدين عبدالرزاق کان، ان پنھنجي والد شيخ الاسلام حضرت غوث اعظم سيد محي الدين ابو محمد عبدالقادر جيلاني کان جيڪو قادري طريقي جو باني مباني ھو(۲).

---

(۱) شاھ حبيب جي وفات بابت ڏسو راقم جو تفصيلي مضمون، سماھي 'مھراڻ' نمبر ۳-۴، سن ۱۹۷۸ع.

(۲) حضرت پيران پير کان اڳتي سندس پنھنجن مرشدن مشائخن جو ھي خاص سلسلو حضرت علي رضہ سائين تائين پھچي ٿو ان کان سواءِ قادري طريقي ۾ حضرت پيران پير جي مرشدن مشائخن جا ٻيا سلسلا حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ ٻين اصحابن ڪرامن تائين پھچن ٿا. مير عبدالحسين خان سانگي 'لطائف لطيفي' ۾ (صفحا ۲۳- ۲۴) شاھ صاحب جو قادري طريقت ۾ ھي سلسلو ويندي حضرت علي رضہ تائين ڏنو آھي پر ھن پھرئين پاڳي ۾ ڪانئس ڪي نالا رھجي ويا آھن. ھي ساڳو مٿيارين جي عالم فاضل مشتاق متعلوي جيئن لکيو آھي تيئن ڏنو ويو آھي. مولوي دين محمد وفائي مرحوم پڻ ان کي ئي 'لطف اللطيف' (صفحہ ۳۱- ۳۲) ۾ نقل ڪيو آھي.

جڏهن ته شاهہ صاحب ساڳئي وقت پنهنجي والد توڙي مرشد جو جاءِ نشين هو، انهيءَ ڪري مخلص مريدن جي دلجوئي، خير خواهي ۽ رهبري خاطر، شاهہ صاحب پنهنجي والد کان عنايت ٿيل تصوف جو طريقو ختم ڪونہ ڪيو پر بدستور جاري رکيو؛ البت هو نہ ڪنهن کي پنهنجي مريد ٿيڻ جي ترغيب ڏيندو هو تہ نڪي پاڻ ڪنهن کي رسمي طور مريد ڪندو هو. اهي ماڻهو جيڪي سندس فيض واري صحبت ۽ رفاقت يا سندس عارفانہ ڪلام ۾ مسايل حقيقت ۽ هدايت کان متاثر ٿي ساڻس صدق ۽ اخلاق جو ناتو ڳنڍيندا هئا تن جي عقيدت، سندس شفقت جي ڪري، ڏينهون ڏينهن وڌندي ويندي هئي. سندس اهڙن ارادتمندن بلڪ عاشقن (عرف عام ۾ سڏجن 'مريدن') جي صف ۾ اڻ پڙهيل توڙي پڙهيل ۽ عالم شامل هئا: مثلاً هڪ طرف سنڌ ۾ ننڍي جو عالم مخدوم محمد صادق عقيدتمند ٿيو تہ ٻئي طرف ڪڇ جا سادا غريب جت بلوچ سچا سر گهور مريد ٿيا. تصوف ۽ طريقت ۾ شاهہ صاحب پنهنجي وڏي ڏاڏي ميين شاهہ ڪريم وارو سلسلو اختيار ڪيو. ميين شاهہ ڪريم جيتوڻيڪ بعد ۾ پنهنجي مرشد سلطان ابراهيم بهاري کان قادري طريقي جي خلافت جو خرقو ورتو هو مگر ان کان اڳ هو سهروردي طريقي مان فيضياب هو. انهن طريقن جي عارفن جي نقش قدم تي هو سنت جماعت جو پورو پيروڪار هو. ساڳئي وقت هو پنهنجي مرشد سلطان ابراهيم وانگر، ذاتي ارادت ۾ "اويسي" هو: يعني نبي ڪريم (صلعم) جي عاشق اُويس قرني وانگر غائبانہ رسول الله (صلعم) کان رشد هدايت حاصل ڪيائين. شاهہ عبداللطيف کي حضرت محمد مصطفيٰ صلعم سان حقيقي ۽ شعوري عقيدت هئي جو 'رسالت' کي 'توحيد' جي تصديق لاءِ لازمي ڪري ٿي ڄاتائين:

'وحده لاشريڪ له' جڏهن ٿو چئين ايئن
تان مڃ محمد ڪارڻي نِرتئون منجهان نينهن'

۽ حضرت جن جي 'عبديت' ('عبده و رسوله') واري مقام کي انسانيت جو لاحد وارو معراج ڪري ٿي ميڃيائين:

'نڪا ابتدا 'عبد' جي نڪا انتها'

شاهہ عبداللطيف جي حضرت رسول اڪرم سان بي انتها محبت هئي، بلڪ عشق هو جو سندن اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار ۽ نئين نياپي سان هڪ نئون جهان روشن ٿيو: اڳيان وهم ۽ وسوسا ويا ۽ غلام آزاد ٿيا، 'چوريون چرڻ سکيون' ۽ 'ڏکيون ڏک وڃيون'. شاهہ عبداللطيف پنهنجي زندگي جي عارفانہ بصيرت واري هن دور ۾، 'اويسي طريقي' سان پنهنجو روحاني رشتو حضرت نبي صلعم سان ڳنڍيو، مگر ان جي باوجود جڏهن تہ پاڻ سلوڪ ۽ طريقت ۾ 'مرشدي' جي مقام تي فائز هو انهي ڪري، پاڻ هڪ خاص قدم کنيائين جيڪو سندس اعليٰ شعور تي شاهد آهي.

مخدوم محمد معين ٺٽوي ڏانهن خط ۽ سوال: سلوڪ ۽ طريقت جا رهنما ۽ عارف عامي سطح وارن ويچارن کان آجا هوندا آهن. عام سطح تي 'اويسي طريقي' بابت البت اهڙا ويچار پيدا ٿي سگهن ٿا تہ غائبانہ مرشد وٺي سگهجي ٿو يا نہ، ۽ اهل مماتي وارن کي بہ مرشد وٺي سگهجي ٿو يا نہ! شاهہ صاحب هنن مسئلن جي وضاحت لاءِ ننڍي جي وڏي محقق عالم ۽ صوفي مخدوم محمد معين ڏانهن، جيڪو ان وقت شاهہ صاحب سان محبت ۽ عقيدت جي رشتي ۾ اچي چڪو هو، اويسي طريقي بابت هڪ خاص خط لکيو جنهن جو مخدوم صاحب تحقيق ۽ تفصيل سان جواب ڏنو، ۽ پوءِ فارسي ۾ لکيل انهن ٻنهي خطن جو متن 'رساله اويسيه' جي نالي سان مشهور ٿيو. هيٺ شاهہ صاحب جو سڄو خط ۽ مخدوم محمد معين جي لکيل تفصيلي جواب جو اختصار ڏجي ٿو تہ جيئن ٻنهي جو موضوع ۽ مقصد معلوم ٿي سگهي ۽ پڻ شاهہ صاحب جو هيءُ تاريخي خط سامهون اچي وڃي(١).

(١) راقم، شاهہ صاحب جو هي خط مخدوم معين جي جواب جي اختصار سميت رسالي "نئين زندگي"، نومبر ١٩٥٣ع ۾ ڪجهہ وڌيڪ تفصيل سان شايع ڪيو آهي ۽ اتي ڏسڻ گهرجي. 'رسالہ اويسيہ' جو اصل قلمي نسخو راقم کي پير جهنڊي جي وڏي ڪتبخاني ۾ دستياب ٿيو.

سوال خُدام حضرت شاهه صاحب سَلمه الله

بسم الله الرحمن الرحيم

[١] چه فرمايند علماء كرام مراجع انام اندر آنچه لفظ "اويسي" در كلام طائفه صوفيه رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين واقع شده يا نه؟ و بر تقدير كه واقع شده باشد، چه معنيٰ دارد؟ اگر "اويسي" كسي است كه فيض از روحانيت گيرد، مرشد ظاهر با اين منافات دارد يا ندارد؟

[٢] و نيز فيض گرفتن از ميت در عالم برزخ عقل و شرع آنرا تجويز نمايد يا نمايد؟

[٣] و نيز فقر و سلوک را باقوال علماي ظاهر منافات هست يا نه؟

[٤] و نيز يكي از كباران اولياء الله تعاليٰ كه مشهور بخوارق عادات و كرامات باشد، ليكن سلسلهء ارادت بتعين مشائخ، مثل سلسله نقشبنديه و قادريه مشهور ندارد، طريقهء آن بزرگ راسست بنياد و بي اصل توان گفت يا نه؟

[٥] شما كه علماي حامي دين و بيان كننده قبيح و حسن اند، مي پرسم شمارا كه جواب اين مقدمات چه باشد؟ و ميخواهم كه بعبارت فارسي سهل الماخذ آنرا بقيد قلم آريد كه نفع عام شود و انتفاع باقي مانده جزاكم الله سبحانه و عافاكم كشا يُحب و يرضي و أجركم و رضي عنكم آمين."

جواب خُدام حضرت مخدومنا سَلمه الله

بسم الله الرحمن الرحيم

حامداً لِله سبحان العظيم و مصليا و مسلما علي رسوله الكريم و اهل بيته الفخيم و اصحاب ذوي الفضل العظيم- اما بعد:

[١] جواب سوال اول آن است كه "اويسي" در كلام حضرات صوفيه واقع شده و اشتهار يافته، چنانچه بر

حضرت شاهه صاحب سَلمه الله جن جي خادمن جو سوال

بسم الله الرحمن الرحيم

[١] علماء ڪرام، جيڪي خلق جي رجوعات جا مرڪز آهن، هن باري ۾ ڇا ٿا فرمائين ته: لفظ "اويسي" صوفين سڳورن الله جي رضامندي وارن جي جماعت جي ڪلام ۾ آيل آهي يا نه؟ جيڪڏهن آيل آهي ته ڪهڙي معنيٰ اٿس؟ جيڪڏهن "اويسي" اهو شخص آهي جيڪو روحاني فيض حاصل ڪري ٿو ته (ان حال ۾) ظاهري مرشد (وٺڻ سندس) هن (عمل ۽ اعتقاد) سان مخالفت رکي ٿو يا نه؟

[٢] ۽ پڻ ڪنهن ميت کان جيڪو عالم- برزخ ۾ آهي، فيض وٺڻ کي عقل ۽ شريعت جائز ڏيکارين ٿا يا نه؟

[٣] ۽ پڻ فقر ۽ سلوڪ (جي نظرين) جي، ظاهري عالمن جي قولن سان مخالفت آهي يا نه؟

[٤] ۽ پڻ اولياء الله مان ڪو وڏو ولي جو (سندس) عجيب ڪارنامن ۽ ڪرامتن سبب مشهور هجي، مگر (پنهنجو) مريديءَ جو سلسلو نقشبندي يا قادري طريقي جي ڪن خاص مشائخن سان رکندڙ نه هجي، ته ان بزرگ جي طريقي کي ضعيف ۽ بي بنياد چئي سگهجي ٿو يا نه؟

[٥] اوهان، دين جي مددگارن ۽ برائي ۽ ڀلائي جي بيان ڪندڙن کان پڇان ٿو ته انهن مَسئلن جو جواب ڪهڙو آهي؟ گذارش آهي ته انهن (جوابن) کي سليس فارسيءَ ۾ قلمبند ڪندا ته عام فائدو ٿئي ۽ اهو نفعو هميشه لاءِ باقي رهي- شال ڌڻي تعاليٰ اوهان کي خير عطا ڪري ۽ بخشي جئن پاڻ گهري ۽ چاهي، ۽ اوهان کي اجر ڏئي ۽ اوهان کان راضي رهي. آمين!

اسان جي حضرت مخدوم سلمه الله جن جي خادمن جو جواب

بسم الله الرحمن الرحيم

الله تعاليٰ جي حمد، ۽ صلواة ۽ سلام رسول ڪريم تي، ۽ سندس اهل بيت فخيم تي، ۽ فضل عظيم وارن اصحابن تي، ۽ ان بعد:

[١] پهرئين سوال جو جواب هيءُ آهي ته لفظ 'اويسي' صوفي حضرات جي ڪلام ۾ آيو آهي ۽

ناظر كتب قوم مخفي و مستور نباشد- و "اويسي" كسي را گويند كہ روحانيان را در تربيت و تكميل او دخل باشد- و اين معني منافات يا پير ظاهر ندارد....

عام استعمال ٿيو آهي جيئن تہ هنن بزرگن جي ڪتابن پڙهندڙن كان لڪل ۽ ڳجهو نہ آهي. 'اويسي' انهيءَ شخص کي چوندا آهن جنهن جي تربيت ۽ تكميل ۾ روح وارن کي دخل هجي. هيءَ (روحاني فيض وٺڻ) ظاهري مرشد وٺڻ جي مخالف نہ آهي...

[٢] جواب سوال دويم ان است كہ فيض گرفتن از اهل قبور و امداد جستن از ايشان شرعا و عقلا جائز است و در حكايات احوال مشائخ عظام كہ بنقل ثقاة رواة بثبوت پيوسة است، واقع و كائن است- و نزديک طائفہ صوفيہ كرام امري است معهود و مشهور ....

[٢] ٻئي سوال جو جواب هيءَ آهي تہ: اهل مماتي وارن كان فيض وٺڻ شرعاً خواه عقلا جائز آهي ۽ (اهو دستور) وڏن درويشن جي حالات ۾ پڻ موجود آهي جيكي (حالات) معتبر ذريعن رستي نقل ٿي (اسان تائين) پهتا آهن. ۽ پڻ صوفياء كرام وٽ اها ڳالھ عام طور تسليم ٿيل آهي...

[٣] جواب سوال سيوم آن است كہ تبعيت علماء، كہ تبعيت شرع محمدي است، شرط فقرو سلوک است، منافات چہ معنيٰ دارد.....

[٣] ٽئين سوال جو جواب هيءَ آهي تہ: علماء جي متابعت ۾، جا (حقيقت ۾) شرع محمدي جي متابعت آهي، فقر ۽ سلوڪ ئي هڪ خاص شرط آهي. انهيءَ ڪري (فقر ۽ سلوڪ جي نظرين ۽ ظاهري عالمن جي قولن ۾) مخالفت بي معنيٰ آهي.

[٤] جواب سوال چهارم آن باشد كہ چندين هزار اولياء مقربين گذشتہ اندک سلسلہ مشائخ ايشان شهرت نداشت- اين همه دوستان خدا بگمنامي در جهان و باديها عمر بسر بردند مگر اولياء ببودند. امام يافعي در "روض الرياحين" اولياء را نقل مي كند آنها كہ داند كہ در كدام سلسلہ بوند و از شيخ كدام واسطہ داشتہ اند. خواجہ حافظ شيرازي كسي نميداند كہ از كہ سبق علوم باطن خوانده- چانچہ در "نفحات" آورده است اين معني شرط ولايت نيست و بدين سبب طعن نمودن و طريق ايشان را بي اصل گفتن جرات و گستاخي است.

[٤] چوٿين سوال جو جواب هيءَ آهي تہ: ڪيئي هزار الله جا پيارا اولياء ٿي گذريا آهن جن جي مرشدن جو سلسلو مشهور نہ هو. انهن مڙني خدا جي دوستن هن جهان ۽ ان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گمنامي جي زندگي گذاري مگر هئا اولياء. امام يافعي "روض الرياحين" ۾ انهن ولين جو ذڪر ڪيو آهي جن جي ڪيس خبر هئي تہ ڪهڙن سلسلن مان هئا ۽ ڪهڙن مشائخن سان لاڳاپيل هئا. خواجہ حافظ شيرازي جي ڪنهن کي بہ خبر ناهي تہ ڪنهن كان باطني علم جو سبق پڙهيو -هئائين. جئن جو (مولانا جامي جي ڪتاب) "نفحات الانس" ۾ آيو آهي، هيءَ ڳالھ (يعني ظاهري مرشد وٺڻ) ولايت جي لاءِ ڪو شرط نہ آهي؛ انهيءَ جي ڪري طعنو هڻڻ ۽ اهڙن (بزرگن) جي طريقي کي بي بنياد چوڻ جرات ۽ گستاخي آهي.

[٥] والله سبحانه و تعاليٰ هو العاصم عن الزلل و الخطاء والنسيان و هوالمستعان و عليہ التكلان. اميد از نظر كنندگان اين چند ورق آن است كہ اين عاصي سراسر معاصي محمد الملقب بالمعين اين محمد الملقب بالامين را بدعاء حصول حقيقت اسلام و

[٥] تحقيق الله پاڪ ئي غلطي ۽ خطا ۽ ويسر كان بچائيندڙ آهي ۽ ان جي ئي مدد دركار آهي ۽ انهي تي ئي توكل آهي. هنن ورقن تي نظر ڪندڙ صاحبن كان اميد ڪجي ٿي تہ هو هن عاصي گنهگار محمد لقب "معين" ولد محمد لقب "امين" کي اسلام جي

وصول باسرار شريعت مظهر و ختم بر کار بران کنند. حقيقت جي حاصل ٿيڻ ۽ شريعت پاڪ جي اسرارن تائين پهچڻ ۽ انهيءَ تي خاتمي ٿيڻ جي دعا ڪندا.

شاهہ صاحب هن خط ذريعي پنهنجي ذاتي ضرورت پوري ڪرڻ کان وڌيڪ ٻين جي تسڪين لاءِ وضاحت تي طلب ڪئي: ڪيس جيتوڻيڪ پنهنجي والد کان قادري طريقي ۾ فيض مليو، پر ان سان گڏ پاڻ پنهنجي سر اويسي طريقي ۾ اعليٰ مدارج کي پهتو ۽ حضرت نبي صلي الله عليہ وسلم جي روحاني فيض سندس قلب کي ويتر وڌيڪ روشن ڪيو. هن خط مان ظاهر آهي تہ سلوڪ ۽ طريقت جي راهہ ۾ ٻين جي رهنمائي خاطر، ظاهري اسباب طور پڻ شاهہ صاحب قابل قدر قدم کنيو جنهن مان سندس 'مرشد هئڻ' جي وڌيڪ تائيد ٿئي ٿي. خط جي عبارت ۽ سوالن جي سلسلي مان شاهہ صاحب جي علم ۽ فڪر تي ڪافي روشني پوي ٿي. مخدوم محمد معين کي سندس خاص تاڪيد تہ سليس فارسيءَ ۾ جواب ڏيو جئن هرڪو سمجهي سگهي، ڏيکاري ٿو تہ شاهہ صاحب کي سليس ۽ مشڪل فارسي عبارت جي فرق جي پوري ڄاڻ هئي. اها شاهدي شاهہ صاحب جي فارسي مان واقفيت تي هڪ خاص دليل آهي.

(ج) ڀٽ تي فاقيرو نظام ۽ انتظام قائم ڪرڻ. ڀٽ کي وسائڻ ۽ اتي دائمي طور سڪونت اختيار ڪرڻ سان شاهہ صاحب جو عالم اسباب ڏانهن متوجهہ ٿيڻ لازمي هو. جڏهن کان وٽي ڀٽ کي هموار ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ شاهہ صاحب جو اتي ڪجهہ وقت رهڻ ٿيو، تڏهن کان وٽي فقيرن کي ڪم ونڊي ورڇي پئي ڏنائون. ڪوٺڙيءَ مان ڀٽ تي لڏي اچڻ بعد ايندن ويندن جي آدرڀاءُ، ٻنيءَ جي انتظام، ۽ حويليءَ جي سنڀال جي سلسلي ۾ شاهہ صاحب وڏي پوئواري ڪئي. مسجد ۽ جماعت جي خدمت خاص فقيرن جي حوالي ڪيائين، ۽ پڻ راڳ لاءِ خاص فقير مقرر ڪيائين. اهو نظام ۽ انتظام جئن پوءِ تئن وڌندو ۽ وڌيڪ سهڻو ٿيندو ويو، تان جو سندس زندگيءَ جي پوين سالن ۾ اهو سڄو نظام هر لحاظ سان مڪمل طور پوري پابنديءَ سان هلڻ لڳو(۱). ان وقت، جدا جدا ڪم هيٺينءَ طرح جدا جدا فقيرن جي حوالي هئا:

- مائي گنگا جت، مائي صالحان ٽُنياڻي ۽ مائي ٻُوئا وساڻ اندر حويليءَ ۾ خدمتگار هيون.
- عبدالواسع فقير سالارو، سڪر فقير ڏيرو، اسماعيل فقير سمون ڀينءَ پوري، فقير سيد نهال شاهہ، اسماعيل فقير ڏيرو، اجن فقير ڏيرو، ڪمال فقير سينهڙو، ورو فقير عرف 'وڳند'، نور محمد فقير ابڙو ڪانڙي مڪان جو، عمر فقير سهتو، فقير سيد سائينڏنو موسيٰ پوٽو مٽياروي ۽ بچو فقير خاص حاضري جا فقير هئا. عمر فقير سهتو، شاهہ صاحب جو خاص خادم هو جنهن ڪيس ننڍي هوندي نپايو هو. شاهہ صاحب جو هنڌ بسترو سيد سائينڏني جي حوالي هو ۽ هو ئي هنڌ وڇائيندو هو. بچو فقير ڪونئرو جهليندو هو. عبدالجميل فقير انڙ، شاهہ صاحب جو مصلو ۽ تسبيح سنڀاليندو هو، ۽ نماز ۽ عبادت جو بندوبست سندس حوالي هو.
- خليفو محمد عالم ڏيرو، شاهہ صاحب جو ماسات، ذڪر ۽ سماع جو نگران هو(۲).

---

(۱) مير سانگي جي هڪ روايت موجب، شاهہ جي زندگي جي پوين ڏهن سالن ۾ هيءُ سڄو نظام قائم ٿيو (لطائف لطيفي، فارسي متن، ص- ۱۸۱)، پر سانگي جي پنهنجي ئي ڪيترن بيانن توڙي ڪن ٻين حوالن مان تصديق ٿئي ٿي تہ شاهہ صاحب جي ڀٽ تي لڏي اچڻ سان ئي فاقيري نظام جي شروعات ٿي. البت هن نظام جي تڪميل ۽ پوري پابندي شاهہ جي زندگي جي پوين پنجن کي سالن ۾ ٿي، جڏهن هو ٻاهر مسافرين تي وڃڻ بدران گهڻو وقت سڄو ڀٽ تي ئي گذارڻ لڳو.

(۲) يعني محمد عالم ڏيرو 'وڏو' جيڪو اڳ ٿي گذريو. هن پوئين ويجهي دور ۾ حاجي عالم ڏيرو راڳائي هو جنهن اول ميين حسين کان ۽ پوءِ ٽنڍي غلام حيدر جي فقير حافظ چاڪي کان راڳ سکيو. هن پوئين محمد عالم جو ٻالڪو غلام دين آريسر ٿيو جيڪو تند جو وڏو قابل هو.

ــ سومر فقير لاڙڪ، هڪ پهتل درويش هو جنهن کي شاهہ صاحب کان پيري مريدي جو ارشاد مليل هو: يعني تہ ڪو مريد ٿيڻ ايندو هو تہ سومر فقير جي حوالي ٿيندو هو. ٻيا فقير سندس وڏو ادب ڪندا هئا(١).
ــ عارف فقير ٽيپو ٽنڊي الهيار (تعلقي) جو وڏو عابد شخص هو ۽ نوئي فقيرن کي عبادت جي ترغيب ڏيندو هو ۽ نماز سيکاريندو هو.
ــ عنايت فقير وساڻ جت ٿي ڪجائي جو رسو جهليندو هو.
ــ رحمون فقير بورچي هو.
ــ قاسم فقير حجام هو ۽ شاهہ صاحب جي سنوارت ڻاهيندو هو.
ــ احمد فقير سمون، گهَلين جو، شاهہ صاحب جي گهوڙي 'چنگل' جو سئيس ۽ گاهي هو.
ــ ونهيون فقير سالاراڻي جت، 'موتي' ۽ 'گردگان' يا 'ڪينهون' نالي ٻن ڪتن کي سنڀاليندو هو (اهي ننڍڙا گلر هئا جو شاهہ صاحب ڪٿي ڏٺا ۽ ٻڪ پئي مٿا، سو ٻنهي کي ڪٺي آيو. ونهيون فقير انهن جو خاص خدمتگار هو).
ــ محمد رحيم فقير، شاهہ صاحب جو منشي هو ۽ لکپڙهہ جو ڪم سندس حوالي هو.
ــ انهن کان سواءِ راڳائي فقير جدا هئا، جيڪي حضرت شاهہ صاحب کي نهايت پيارا هئا، ۽ جن جو ذڪر اڳتي ايندو(٢).

ڪمن جي مٿين تقسيم ۽ تڪميل شاهہ صاحب جي خداداد تنظيمي صلاحيت، مردم شناسي ۽ دلنواز شخصيت جو نتيجو هئي. اصل ۾ اهو سڄو نظام محبت جي مضبوط بنياد تي ٻڌل هو. شاهہ صاحب کي هميشه اهو خيال رهندو هو تہ جيئن ڪنهن بہ فقير کي ڪابہ تڪليف نہ پهچي، تہ فقيرن کي وري اها اڻ تڻ هوندي هئي تہ جيئن ڪابہ ڪوتاهي نہ ٿئي. شاهہ صاحب جي محبت ۽ دلنوازي جو اهو معجزو هو جو ڪنهن بہ فقير ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ کان ڪونہ ٿي ڪيٻايو. وَنهيون فقير سالاراڻي جت جيڪو تازو خدمت ۾ حاضر ٿيو هو 'موتي' ۽ 'ڪينهون' ٻنهي ڪتن جي سنڀال تنهن جي حوالي ٿي. سندس سڄو ڌيان ان طرف هوندو هو. هڪ ڏينهن فقير ماني تي وينا تہ ٻيل ٻڌي وينا. 'موتي' وينو هو پر ڪاڌو ڏنائونس تہ نہ پيو ڪائي (جو 'ڪينهون' ڪٿي ٻئي پاسي هو). شاهہ صاحب کي ٻڌايائون تہ چيائين: "ابا موتي اڪيلو آهي، هن جو سنگتي ڪونهي: جي ڪو ٻيل ٻڌيس تہ ڪائي". ونهيين کي شاهہ صاحب جا اهي لفظ دل ۾ وسي ويا تہ 'هن جو بہ سنگتي هجي جو هن سان ٻيل ٻڌي ۽ گڏجي ڪائي'، سو ونهيين فقير ويهي موتي سان گڏ ڪاڌو. ان ڏينهن کان وٺي شاهہ صاحب جي ونهيين فقير تي وڏي مهر ٿي جو چيائون تہ "جتي ونهيون ڪتائي، اتي پتائي." ونهيين فقير کي پٽائي صاحب پوءِ خلافت جي ڦڙڪي ٻڌائي.

(د) ڀٽ تي 'سماع ۽ ذڪر' جو سلسلو ۽ راڳ جو اِدارو قائم ڪرڻ. ڀٽ کي وسائڻ ۽ اتي سڪونت اختيار ڪرڻ سان، شاهہ صاحب اتي سماع جو سلسلو شروع ڪرايو، ۽ ان ڪانپوءِ راڳ جو ادارو پڻ قائم ڪيو.

سماع. ڀٽ تي ٿيندڙ سماع جي نوعيت ۽ فقيرن جي سيني بہ سيني روايت مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميين شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي ٿيندڙ سماع ۽ ذڪر واري سلسلي کي ئي شاهہ عبداللطيف ڀٽ تي قائم ڪيو. سماع

---

(١) عام مجيل ۽ مشهور روايت موجب سومر فقير لاڙڪ اتر جو هو ۽ خانپور (لڳ شڪارپور) جو وينل هو. مير سانگي جي لکڻ موجب، سومر فقير پير پٽي کان، ٧ ڪوهہ پري خانپور جو وينل هو.

(٢) مير عبدالحسين سانگي 'لطائف لطيفي' (١٦٩- ١٧١) ۾ تفصيل سان فقيرن جا نالا ڏنا آهن. راقم بہ ڀٽ تي حسين بخش فقير لاڙڪ وٽ موجود 'شرح لطيفي' (نالو ائين) تان "ڏٺي بخش فقير" جو (تازو ويجهي وقت ۾) اتاريل نالن جو تفصيل، ٤- آڪٽوبر سنہ ١٩٥٥ع تي ڏٺو ۽ نقل ڪيو.

جو شغل رات جو ٿيندو هو. ماهه پهرئين سومار جي رات ۽ حج جي رات خاص سماع لاءِ مقرر ٿيون. جمعي جي ڏينهن ۽ عيدن جي موقعن تي پڻ نماز بعد سماع ٿيندي هئي. ميين شاهه ڪريم جي وقت ۾ غالباً سماع جي شروعات سيازي ۾ ٿي؛ سياري ۾ هني ٻاري جو ڪم گهڻ هو ۽ فراغت وڌيڪ هئي. رات جو سماع جي شغل وقت، سياري جي سيءُ کان توڙي روشنيءَ خاطر مچ ٻاريندا هئا ۽ فقير پڻ چوڌاري مچ کي ويجها ٿي سماع ڪندا هئا. سماع جي سلسلي ۾ سُر سان بيت، ضَربون ۽ ذڪر شامل هئا. انهيءَ ساڳئي نموني سان ڀٽ تي پڻ سماع ۽ ذڪر شروع ٿيو، جنهن جو اڳواڻ شاهه صاحب جو ماسات ۽ وڏو خليفو محمد عالم ڏيرو مقرر ٿيو. خليفو محمد عالم سماع لاءِ مچ ٻاريندو هو، جنهن جي اُتر طرفان خليفو پاڻ ۽ سندس ساٿي، ۽ سامهون ڏکڻ طرفان تمر فقير ۽ سندس ساٿي ويهندا هئا. ان بعد شاهه صاحب ايندو هو. پهريائين 'هو الو' جون ٽي تسبيحون ٿينديون هيون. ان کان پوءِ خليفي محمد عالم جي ٽولي جو فقير بلاول يا ڏناسري جي سُرن مان بيت ڏيندو هو، ۽ پهرين سٽ آلاپڻ بعد خليفو محمد عالم "اَلْقَارِعَةُ مَا الْقَارِعَةُ" (قرآن شريف جي سورة جا الفاظ) جي ضرب هڻندو هو. ان بعد سامهون تمر فقير وارا ساڳي سٽ پڙهي ٻه ضربون هڻندا هئا. ساڳئي وقت فقير مچ جي چوڌاري بالڪل آهستي پير پير ۾ ڏيئي ڦرندا هئا. اهڙيءَ طرح جو سَوا ڦيري ۾ سڄي سماع ختم ٿئي. آخر ۾ مچ جي الهندي طرفان سڀ ويهي گڏجي ذڪر ڪندا هئا ۽ ذڪر ۾ پڻ سُر سان بيت پڙهندا هئا(١). پڇاڙيءَ ۾ دعا گهُري اٿندا هئا.

اهو چئي نٿو سگهجي ته ڀٽ تي جڏهن پهريائين سماع جو سلسلو شروع ٿيو ته فقير ڪهڙا بيت ۽ ڪنهن جا بيت پڙهندا هئا. ٿي سگهي ٿو پهريائين ميين شاهه ڪريم يا ٻين اڳين بزرگن جا بيت پڙهيا ويا هجن، پر پوءِ شاهه صاحب جا بيت ئي سماع ۾ پڙهيا ويا. اهو پڻ معلوم ناهي ته ان وقت بلاول ۽ ڏناسري کان سواءِ ٻين ڪهڙن سُرن جا بيت پڙهندا هئا، مگر هن وقت ڀٽ تي سماع ۾ هيٺين سُرن جا بيت پڙهيا وڃن ٿا، ۽ ٿي سگهي ٿو ته شاهه صاحب جي وقت ۾ پڻ انهن ساڳين سُرن جا بيت پڙهيا ويا هجن، جيڪي اڄان تائين هلندا اچن.

پهريون ڦيرو (سڄو)

ڦيري جي پهرين چوٿين پتي ۾	سُر بلاول جا ڇهن کان وٺي اٺ بيت
ڦيري جي ٻي پتي ۾	سُر سري راڳ جا ڇهن کان وٺي اٺ بيت
ڦيري جي ٽي پتي ۾	سُر سامونڊي جا ڇهن کان وٺي اٺ بيت
ڦيري جي باقي چوٿين پتي ۾	سُر سورٺ جا ڇهن کان وٺي اٺ بيت
ٻيو ڦيرو (چوٿين پتي)	سُر راڻو ۽ سُر حسيني جا ڇهن کان وٺي اٺ بيت
جملي سوا ڦير	**جملي ڇهه سُر**

موجوده وقت ۾ عيدن جي ڏينهن تي نماز بعد سماع ۾ فقط ٽن سُرن يعني بلاول، راڻي ۽ حسيني مان بيت پڙهندا آهن(٢).

راڳ جو ادارو. سماع جي هن نظام ۾ بيتن جو سُر سان پڙهڻ، سيني جو گڏجي ذڪر جي سُرائتي توار ڪرڻ، تار ۾ سمايل ضربون هڻڻ، ۽ گول حلقي ۾ ڦرڻ جا عنصر شامل هئا، جيڪي پوءِ راڳ جي اوسر لاءِ ڄاڻ ۽ بنيادي ترغيب جو باعث بڻيا.

سنه ١١٤٢هه ۾ جڏهن شاهه صاحب 'ڀٽ' کي وسايو ته فقير پڻ اتي رهڻ لڳا، جن مان ڪي خاص راڳ جي ذوق ۾ راڳائي ٿيا ۽ راڳ ڪرڻ لڳا. مير عبدالحسين خان 'لطائف لطيفي' ۾ اهو نڪتو نروار ڪيو آهي

---

(١) هي 'سماع وارو ذڪر' هو. ان کان سواءِ روزانو هر نماز بعد 'تسبيحي ذڪر' جدا ٿيندو هو.

(٢) ڀٽائي صاحب جي وفات بعد، ١٤ ۽ ١٦ صفر تي سماع قائم ٿي. ١٦- صفر واري سماع ۾ ٽن سُرن يعني بلاول، راڻي ۽ حسيني مان بيت پڙهندا آهن، ۽ ١٤- صفر واري سماع ۾ چئن سُرن يعني پورب، ڪاموڏ، ڪارايل ۽ حسيني مان بيت پڙهندا آهن

تہ: شاهہ صاحب کي راڳ ئي پٽ تي رهايو، نہ تہ پاڻ پنهنجي جذبي ۽ جوش ۾ هتان کان هتي گهمندا ڦرندا رهيا. راڳ جي رس سان ئي سندن تسڪين ٿي ۽ راڳ خاطر ئي پٽ کي وسائي ويٺا(۱).

فقير شروع ۾ شاهہ صاحب جا بيت ۽ وايون فراغت واري وقت ۾ گڏجي ڳائڻ لڳا، پر پوءِ شاهہ صاحب جي توجهہ سببان خود فقيرن ۾ ايڏو ذوق وڌيو جو ڇڻ راڳ سندن واسطي هڪ روحاني خوشي واري خوراڪ بنجي ويو. سنہ ۱۱٤٤ھ ۾ شاهہ حبيب جي وفات ڪانپوءِ، راڳائي فقيرن جي جيڪا ڪيفيت هئي، تنهن بابت 'لطائف لطيفي' ۾ هيٺيون بيان نقل ٿيل آهي(۲):

"لطيفي فقير جيڪي راڳائي هئا، تن مان گهڻن کي واري جو تپ ٿي پيو. جڏهن مونجهہ ۽ پيڙا کان پريشان ٿيا تہ حضرت شاهہ صاحب سان طبيعت جي ناسازي جي شڪايت ڪيائون. تڏهن شاهہ صاحب کين ارشاد فرمايو تہ: 'هر جمعي رات سندم والد بزرگوار (شاهہ حبيب) جي درگاهہ تي لطيفي ساز وڄايو ۽ راڳ ڳايو'. فقيرن ان تي عمل ڪيو ۽ بالڪل چڱا ڀلا ٿي ويا. هو پهر رات کان پوءِ راڳ شروع ڪندا هئا ۽ صبح صادق وقت بس ڪندا هئا. پر ڪجھ وقت گذرڻ کان پوءِ باقاعدگي سان راڳ ڪرڻ ۾ سستي ڪيائون ۽ وري اچي کين تپ ورايو. انهيءَ ڪري پوءِ هميشہ لاءِ (باقاعدگي سان جمعي رات) راڳ ڪندا رهيا، جو ويندي هن وقت تائين جمعي رات راڳ ڪندا رهن ٿا."

هن مان ظاهر آهي تہ شاهہ حبيب جي وفات کان پوءِ ئي فقيرن کي شاهہ حبيب جي روضي اڳيان هر جمعي رات راڳ ڪرڻ جو ارشاد ٿيو. ائين ڪيائون پر وري وچ ۾ وٿي پئجي وئي. ان کان پوءِ وري هر جمعي رات باقاعدگي سان راڳ شروع ڪيائون، ۽ پوءِ اهو سلسلو هميشہ لاءِ جاري رهيو. هن بيان مان انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ سنہ ۱۱٤٤ھ ۾ شاهہ حبيب جي وفات واري تاريخ کان پوءِ، هڪ ٻن مهينن اندر شاهہ صاحب جمعي جي رات راڳ لاءِ مقرر ڪئي، ۽ راڳائي فقيرن کي خاص هدايتون ڏنيون جن موجب هر جمعي رات راڳ ٿيڻ لڳو جنهن ۾ فقير شاهہ صاحب جي بيتن ۽ واين کي جدا جدا سرن ۾ ڳائڻ لڳا. اهڙيءَ طرح سنہ ۱۱٤٤ھ کان وٺي 'شاهہ جو راڳ' بحيثيت هڪ اداري جي هميشہ لاءِ قائم ٿيو(۳). راڳ لاءِ شاهہ صاحب جي رهنمائي هيٺ هيٺيان اهتمام ٿيا: ۱. هن درد ۽ محبت پيدا ڪندڙ ۽ دلين کي جياريندڙ راڳ لاءِ شاهہ صاحب سندس بيتن ۽ واين جي ذخيري مان ڪي خاص ڀاڱا (موضوع) چونڊيا ۽ انهن جي ڳائڻ لاءِ 'سر' (راڳ) مقرر ڪيا. اڳتي هلي انهن اصولن موجب 'شاهہ جو راڳ' سرن مطابق وڌيڪ اهتمام سان ڪايو ويو. ۲. راڳ ۾ وڄت لاءِ 'دنبوري' جو نئون ساز استعمال ٿيو، ۽ پهريون دنبورو شاهہ صاحب پاڻ ٺٺي

---

(۱) و ازان وزيکہ انس بہ سرود گرفتند بمکان شريف ماندن اختيار کردن و ذوق و شوق ما فوق بہ آن مي داشتند و ازان جوش تسکين يافتند- والا" نہ مدامي بمحل گردي مصروف بودند بعروج بسر مي بردند- وسرود براي حصول نزول سببي شد. (لطائف لطيفي، فارسي متن، راقم جي تصحيح سان شايع ڪيل شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي ڪميٽي، ڀٽ شاهہ، ۱۹٦۷ع ص- ۱۰۱۰.

(۲) منقول است کہ اکثر فقراء لطيفي کہ سرودي بودند تپ نوبت کردند. چون از ملالت و ناهمواري طبع عاجز آمدند شکايت از بي اعتدالي طبيعت بحضرت اولياء عرض گذرانيدند. فرمان صدور يافت کہ هر شب آدينہ بدرگاہ پدر بزرگوار سرود لطيفي بسرايند و کلام شريف بگويند. فقراء عمل برحکم کردند صحت کلي يافتند. بعد از يک پاس شب آغاز سرود مي کردند و بوقت صبح صادق انجام مي نمودند. وچون مدتي منقضي شد در کردن سرود کاهلي و تساهلي نمودند. باز بہ علت تپ گرفتار آمدند. لابد مداومت ساختہ کہ تاهنوز شب جمعہ کلام کرامت نظام مي سرايند (لطائف لطيفي، ص- ۱۸).

(۳) 'شاهہ جي راڳ' جي شروعات ۽ پوءِ ان جي دوروار تاريخ تي راقم جي ڪتاب "سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ" (۱۹۷۸ع ڇاپو، صفحا ۱٤۹- ۱٤۰۰) ۾ تفصيل سان روشني وڌي آهي. البت ان ڪتاب لکڻ وقت، شاهہ حبيب جي وفات واري سال تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ بدران، گربخشاڻي واري ڏنل سال ۱۱۵۵ھ تي ڀروسو ڪيو ويو ۽ 'شاهہ جي راڳ' جي شروعات ان سال ۾ ڄاڻائي وئي جيڪو صحيح نہ هو. سنہ ۱۱٤٤ھ صحيح آهي.

۾ ويھي ٺھرايو. ۳. راڳ ڳائڻ لاءِ وقت مقرر ڪيو ويو ۽ ان جي پوري پابندي ڪئي وئي، ھن طرح جو عشا جي نماز جماعت سان ادا ڪرڻ بعد راڳ جي شروعات ٿي ۽ فجر جي نماز کان اڳ راڳ جي خاتمي جي دعا گھري وئي. ٤. راڳ لاءِ، راڳائي فقير چونڊيا ويا ۽ تمر فقير کي راڳ جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو.

ان طرح 'شاھ جي راڳ' جي اداري جي ھڪ باقاعدي تنظيم مطابق تڪميل ٿي جنھن موجب ڀٽ تي ھر جمعي رات توڙي عيد ۽ حج جي موقعن تي راڳ ٿيڻ لڳو، پر اھو سڄو انتظام محض رسمي نہ ھو: زندگي جي ھن مرحلي تي (۽ غالباً ان کان اڳ پڻ) راڳ شاھ صاحب لاءِ روحاني خوراڪ بنجي چڪو ھو. انھيءَ ڪري ايندڙ سورھن سالن کن تائين (۱۱٤٥- ۱۱٦۱ھ)، شاھ صاحب جڏھن بہ ٻاھر سفر تي ٿي ويو تہ راڳائي فقير بہ پاڻ سان گڏ ٿي ڪنيائين، ۽ سفر ۾ بہ ھر رات 'راڳ' باقاعدگي سان ٿي ٿيو. جڏھن شاھ صاحب وقت جي ڪن وڏن عالمن وٽ ٿي ويو تہ انھن پڻ سندس 'دل جيارينڌڙ راڳ' جي سلسلي ۾ ڪيس بيوس ۽ بي ميار ڪري ٿي ڇاتو. سفر ۾ 'شاھ جي راڳ' جي آخري محفل سنہ ۱۱٦۱ھ ۾ ٺٽي جي شھر ۾ ٿي جنھن حاضرين جي دلين ۾ ايڏو تہ درد ۽ عشق الاھي وارو اثر پيدا ڪيو جو اتي وڏي حال وارن مان مخدوم محمد معين ان رس ڀريي راڳ جي پيدا ڪيل جذبي ۽ احساس جي اثر ھيٺ وفات ڪئي.

(ھ) وڏن جي درسگاھن جي سنڀال ۽ تعمير. شاھ صاحب معنوي لحاظ سان 'وڏي حال وارو' ھو، ۽ پڻ عملي طور 'حال' جو صاحب ھو. انسان جي اعليٰ ڪردار ۽ ڪمال، حق جي تلاش ۽ حقيقي وصال وارين منزلن ماڻڻ جي لحاظ سان سندس فڪر، لاحد ۽ لامتناھِي 'مستقبل' سان ھمڪنار ھو جو چيائين تہ "جي قيام مڙن، تہ ڪر اوڏا سپرين". ساڳئي وقت شاھ صاحب جي نظر ۾ 'ماضي' پڻ وڏو معنيٰ خيز ۽ سبق آموز ھو، ڇاڪاڻ تہ اھو انسانن جي انفرادي اخلاق ۽ ڪردار توڙي سماجي ريت ڪُريت جو آئينو آھي. وڏن جو ادب ۽ ريت رسم جو لحاظ سنڌ جي تھذيب جو لازمي جز ھو، جنھن کي شاھ لطيف وڏي اھميت ڏني، شاھ صاحب جي پنھنجي تربيت ۾ سندس وڏن جو ھٿ ھو، ھاڻي جڏھن شاھ صاحب پاڻ اخلاق ۽ ڪردار جي اعليٰ منزل تي پھتو تڏھن وڏي احسان مندي سان پنھنجن وڏن جي آثارن جي سنڀال ۽ تعمير ڏانھن ڌيان ڏنائين.

سڀ کان پھريائين بلڙيءَ ۾ ميين شاھ ڪريم جي درگاھ سندس توجھ جو خاص مرڪز بني. شاھ صاحب جو والد شاھ حبيب، ڏاڏو عبدالقدوس شاھ، پڙڏاڏو جلال شاھ (جمال شاھ) سڀ اتي ڄاوا نپنا ھئا. عبدالقدوس شاھ وفات بہ اتي ڪئي ۽ پنھنجي ڏاڏي ميين شاھ ڪريم جي مزار جي ويجھو دفن ٿيو. عزازت جي انھن رشتن کان وڌيڪ، شاھ صاحب جو پنھنجي وڏي ڏاڏي ميين شاھ ڪريم سان گھرو روحاني رشتو ھو جو سندس ھدايت ۽ تلقين کي دل سان لاتائين، ۽ 'بيان العارفين' کي سفر ۾ بہ ساڻ ڪنيائين. جئن شاھ ڪريم بُلڙيءَ ۾ نئين ماڳ کي وسايو ھو تئن پاڻ 'ڀٽ' کي وسايائين. شاھ ڪريم وانگر ڀٽ تي 'سماع ۽ ذڪر' جو سلسلو قائم ڪيائين، ۽ ميين شاھ ڪريم جي چيل بيتن ڀران پاڻ بيت چيائين: نہ فقط ايترو پر ڪن فقيرن کي جيڪڏھن ميين شاھ ڪريم جي ڪنھن بيت جي سٽ ياد نہ ھئي تہ پاڻ ٻي چئي ان کي پورو ٿي ڪيائين(۱). مثلاً شاھ صاحب کي جڏھن ڪن فقيرن ٻڌايو تہ ميين شاھ ڪريم ھيءَ ھڪ سٽ چئي ھئي (پر اڳتي سندس مراد الائجي ڪھڙي ھئي) تہ:

ٺري 'يَڳي ڪِنگري نلھا ڦيرا ڏي

(۱) عقيدتمندن جي روايتن موجب، شاھ ڪَريم کان موقعن تي بيتن جون ڀھريون سٽون چيون ۽ جڏھن فقيرن باقي ھين سٽن بابت پڇيو تہ جواب ڏنائين تہ: سندس اولاد مان ڪو عارف ٿيندو، جيڪو انھن بيتن کي سڄو ڪندو

تڏهن چيائين تہ: هائو ابا!

آٽي ئڪي ني، پر وجي سَلهاڙي ساڻ سان.

اهڙيون روايتون انهيءَ ڳالهہ تي شاهد آهن تہ شاهہ صاحب جي مبين شاهہ ڪريم سان وڏي محبت ۽ عقيدت هئي. ننڍي هوندي پنهنجي والد سان گڏ، ۽ جوانيءَ ۾ پاڻ پنهنجي سر، بلڙي تي پيرا ڪيائين، پر هاڻي پنهنجن فقيرن سان گڏ ڪريمي درگاهہ تي وڌيڪ وڃڻ لڳو. اتي سماع ۽ ذڪر جي شغل ۾ شامل ٿيڻ سان گڏ 'پٽ' تي پنهنجو راڳ پڻ شروع ڪرايائين. ڪريمي فقيرن 'شاهہ جو راڳ' سکيو ۽ اهڙيءَ طرح پٽ کان پوءِ شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي ئي سڀ کان پهريائين 'شاهہ جو راڳ' ٿيو جيڪو اڄ تائين هلندو اچي.

زندگي جي هن دور ۾ ڏهن ٻارهن سالن تائين اهڙي عقيدت واري حاضري بعد، شاهہ صاحب اڃان بہ وڌيڪ خدمت خاطر مبين شاهہ ڪريم جي مزار تي روضي جوڙائڻ ۽ پرسان جامع مسجد ٺهرائڻ جو ارادو ڪيو، ۽ ۵۴-۱۱۵۶هہ واري عرصي ۾ ان ڪم کي وڏي همت ۽ محبت سان پورو ڪيائين: شاهہ ڪريم جو سهڻي گنبذ سان روضو ۽ ان جي اُتران لڳو لڳ عاليشان جامع مسجد جوڙايائين، ۽ اتان ويجهو ڏکڻ- اوڀر طرف پنهنجي ڏاڏي عبدالقدوس شاهہ جي تربت تي قبو ٺهرايائين. شاهہ ڪريم جي روضي ۽ مسجد شريف کي ڪاشي جي سرن سان سينگاريائين جيڪي ملتان مان آنديائين ۽ پڻ اتان ڪاريگر آنديائين جن بلڙيءَ ۾ ويهي وڌيڪ سرون ناهيون. اهو سڄو ڪم سنہ ۱۱۵۶هجريءَ ۾ راس ٿيو، ۽ شاهہ صاحب جي ارشاد تي سنڌس معتقد ۽ مريد ۽ ٺٽي جي نامياري عالم مخدوم محمد صادق نقشبندي ڪريمي درگاهہ جي تڪميل جي تاريخ هيٺئين سهڻي فقري مان ڪڍي:

"هست درگاهہ ڪريمي جلوه گاهِ حق ابد"

(ابجد جي حساب سان عدد= ۱۱۵۶)

شاهہ صاحب پوءِ انهيءَ تاريخي مصرع سان سينگاريل ڪَتبو، ڪاشيءَ جي سرن تي نيرن اکرن ۾ لکائي روضي تي هڻايو(۱). ٻي هڪ ننڍي سِرَ جنهن تي 'لطيف' لکايائين سا روضي جي دروازي واري سامهين ديوار ۾ اتران هڻايائين. ان وقت ڪريمي درگاهہ جي گادي تي عبدالواسع شاهہ (بن عبدالغني شاهہ، بن محمد دليل شاهہ بن دين محمد شاهہ بن ميون شاهہ ڪريم) هو جنهن جو ڌيان درگاهہ کان وڌيڪ دنيوي ڪاروبار طرف هو. ان ڪري اچي وهم ويٺو تہ عبداللطيف شاهہ درگاهہ ٺهرائڻ کان پوءِ اندر وري پنهنجو نالو هڻايو آهي تہ جيئن وارث بنجي ۽ درگاهہ تي قبضو ڪري: سو شاهہ صاحب جي روانگي بعد خود پاڻ اچي اها سِرَ جنهن تي 'لطيف' لکيل هو پٽائي ڦٽي ڪيائين. ان وقت شاهہ لطيف 'بلڙي' مان اڃان 'ڊنڊي' جي شهر ۾ (بلڙي ۽ ننڍي محمد خان جي وچ تي) پهتو هو ۽ اتي 'ڪريم- پوٽي' سيد محمد صلاح (بن ابوبڪر شاهہ بن محمد شريف شاهہ بن محمد دليل شاهہ بن دين محمد شاهہ بن ميون شاهہ ڪريم) وٽ ٽڪيل هو جو عبدالواسع شاهہ

---

(۱) سنہ ۱۳۵۵هہ ۾ جڏهن سجاده نشين غلام حيدر شاهہ، لونگ فقير مهيسر جي فقيرن جي خدمت ذريعي روضي جي مرمت ڪرائي تڏهن شاهہ صاحب جون لڳايل اصلوڪي ڪتبي واريون سرون لاهي، ٻين سرن تي ڪَتبو لکائي لڳايائون. انهن اصلوڪين سرن مان فقط تاريخ جي سال واري سر مجاورن سنيالي رکي ۽ اها راقم کي وڏي مجاور صوف فقير ڏيکاري. ٻي هڪ سر بلڙي جي ڪن ٻين دوستن وٽ هئي، ۽ وڌيڪ ڳولا سان ٽريءَ سر جو ٽڪر جنهن تي "طفال" جو لفظ پڙهڻ ۾ آيو سا مون اداري سنڌالاجي جي ميوزم ۾ حفاظت لاءِ رکائي. شاهہ عبداللطيف جو مبين شاهہ ڪريم جي درگاهہ جوڙائڻ بابت تفصيل، منهنجي مضمون ("شاهہ عبداللطيف جي سوانح بابت وڌيڪ تحقيق ۽ معلومات")، سہ ماهي مهراڻ بهار ۲۰۰۶ع ۾ ڏسڻ گهرجي.

جي سِر پٽائڻ جي خبر اچي پهتي، جنهن تي شاهہ صاحب چيو تہ: ”هن ضعيف جو نالو عبداللطيف آهي، باقي ’لطيف‘ نالو تہ الله جل شانه جي نالن مان هڪ آهي. شال ان ذات باري تعالىٰ کي ڪا غيرت نہ اچي“(١).

درگاهہ ڪريمي جي خاص خدمت ۽ تعمير ڪان پوءِ شاهہ صاحب پٽ جي جاين ڏانهن توجهہ ڪيو. شروع ۾ اهي جايون تڪڙو تيار ڪيل هيون، پر هاڻي انهن کي وڏيڪ سهڻي سٺاءِ سان تعمير ڪيو ويو. پنهنجي وڏي ڏاڏي شاهہ ڪريم ۽ ڏاڏي عبدالقدوس شاهہ جي مزارن جي تعمير بعد شاهہ صاحب پنهنجي والد شاهہ حبيب جو مقبرو بہ پڪو ڪرايو ۽ ٻاهران دروازي جي مٿان وفات جي تاريخ واري هيٺين مصرع جيڪا سندس مريد ۽ پلاري عالم مخدوم محمد صادق نقشبندي نٽوي جوڙي هئي سا لکايائين:

”الموتُ جسرٌ يوصل الحبيب للقاء الحبيب“

(ابجد جي حساب سان عدد= ١١٤٤)

مسجد شريف شروع ڪان ڪچي پر مضبوط ٺهيل هئي، انهيءَ ڪري ان کي شاهہ صاحب پوءِ پنهنجي زندگي جي آخري دور ۾ وڏو شاندار ڪري ٺهرايو.

(و) معتقدن مريدن وٽ وڃڻ ۽ حال وارن فقيرن ۽ درويشن سان ملڻ. مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ شاهہ صاحب جي زندگي جو هن ڪان اڳيون ويهن- ٻاويهن سالن وارو دور (١١٢٠- ١١٤٢هہ) طلب ۽ تحقيق وارو دور هو جنهن ۾ هن سنڌ توڙي سنڌ ڪان ٻاهر سفر ڪيا، درويشن جا ماڳ مڪان ڏوري ڏٺا، ۽ سنڌ جي جدا جدا پاڳن ۾ ڏنڌي پيشي وارن توڙي عام ماڻهن جي روزاني زندگي ۽ حال حقيقت ڪان واقف ٿيو. اهي پنڌ ۽ سفر سندس پاڻ پنهنجي تربيت ۽ پرجهہ پروڙ خاطر هئا. زندگي جي هن ٻئي دؤر ۾، جيڪو چاليهن سالن جي عمر ڪان پوءِ وارو دور هو، شاهہ صاحب پاڻ هڪ جهانديده درويش ۽ حال ۽ قال جو صاحب هو. هن دور ۾ سندس مسافريون وڌيڪ سوچيل مقصدن ۽ منزلن واريون هيون: يعني پنهنجن، پيارن مريدن ۽ مخلصن وٽ پيرا ڪري سندن پوئواري ڪرڻ، ٻين حال ۽ چاڻ وارن فقيرن سان ملڻ، ۽ عالمن عارفن سان سلوڪ ۽

---

(١) مير عبدالحسين خان ’لطائف لطيفي‘ (ص ٣٢- ٣٤) ۾ اها سڄي ڳالهہ لکي آهي ۽ پڻ سر جو ذڪر ڪيو آهي تہ: ”اما يک خشت بسمت شمال دروازه مقابل روضه ڪريمي لطيفي بديوار نصب ڪردند ڪہ بران لطيف نگاشت بود.“ چٽي وضاحت ٿيل ڪانهي تہ ڪهڙي ديوار تي سر هنئي وئي، البت اڳتي هلي لکي ٿو تہ اصل سر جتان ڪڍي وئي، ان ساڳي جاءِ تي صاحبڏني شاهہ بي سر هڻائي جيڪا پيلي رنگ تي نمايان آهن. جيڪڏهن صاحبڏني شاهہ ڪا سر هڻائي هئي تہ اها بہ سنہ ١٣٥٥هہ ۾ غلام حيدر شاهہ جڏهن لونگ فقير جي فقيرن جي خدمت ذريعي مرمت ڪرائي ۽ اپرنديءَ پٽ تي ٻاهران نئين ڪاشي لڳي تڏهن پڻجي وئي. راقم بہ ٽي پيرا ميين شاهہ ڪريم جي روضي توڙي اتران ان سان لڳ مسجد جي ديوارين کي جانچي ڏٺو پر اهڙي ڪا سر لڳل نظر ڪانہ آئي. البت مجاور حاجي صوف ميمڻ ٻڌايو تہ سندن وڏا چوندا آهن تہ شاهہ لطيف واري اصل سر جنهن تي ’لطيف‘ لکيل هو سا روضي جي اپرنديءَ پٽ جي ٻاهران، روضي جي در ڪان اتر، پٽ جي بالڪل آخري اترئين ڪناري سان ڪنڌ لڳ پر ذرا مٿي لڳل هئي. مير عبدالحسين سانگي، هيءَ سڄو بيان حڪايتي رنگ ۾ شاهہ صاحب جي ڪرامت جي سلسلي ۾ آندو آهي. سندس لکڻ موجب هڪ تہ ميين شاهہ ڪريم کي پاڻ تي روضو منظور ڪونہ هو ۽ انهيءَ ڪري جيڪو بہ عمارت ٺهرائڻ خاطر اتي بيٺل وڻ وڍيندو هو تنهن کي نقصان رسندو هو، پر شاهہ صاحب کي ڪجهہ ٿي ڪونہ ٿيو. ٻيو تہ عبدالواسع شاهہ جي ان اڻ- سهائيندڙ هلت سببان (شاهہ لطيف جي رنجش جي ڪري) ٽن پيڙهين ڪان پوءِ سندس اولاد ۾ گادي ختم ٿي ويئي ۽ اها ڦري محمد صلاح شاهہ جي اولاد ۾ آئي (لطائف لطيفي، ص ٣٠-٣٣). مير سانگي عمارت جي اندر واري اها جاءِ ڄاڻائي آهي جتي ’لطيف‘ جي نالي واري سر هنئي وئي هئي، پر ڪتبي جي ’درگاهہ ڪريمي‘ واري سر جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. ان سر تي لکيل ڪتبي مان ظاهر آهي تہ اها روضي جي اندر ان اڳئين ڪتبي جي سر هئي. هاڻي اتي ساڳيو ڪتبو جيڪو لڳل آهي سو پوءِ نئين سر لکايو ويو. شروعاتي تحقيق دوران ١٩٦٨ع ۾، ۽ وري ٻيهر سيپٽمبر ١٩٨٧ع ۾، راقم اها سر ڏٺي ۽ ان جو فوٽو ورتو. درگاهہ جي مجاور حاجي صوف ميمڻ ان سر کي سنڀاليو آهي. هيءَ سر شاهہ عبداللطيف جي هٿن جو وڏو يادگار آهي، جنهن کي وڏي احتياط سان محفوظ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

معرفت واريون صحبتون ڪرڻ. هن دور جي مسافرين ۾، شاهه صاحب قرآن شريف پنهنجي دور لاءِ ۽ مثنوي شاهه ڪريم جي ملفوظات 'بيان العارفين' ۽ مولانا رومي جي 'مثنوي' حاضرين جي وعظ ۽ نصيحت لاءِ، پاڻ سان گڏ رکندو هو. سندس ارادتمند ميون محمد صلاح ساڻس گهڻو ڪري گڏ هوندو هو ۽ ڏينهن جو اڳين نماز ۽ جمعي نماز بعد مثنوي پڙهندو هو ۽ ان جي شرح ڪندو هو. ان ڪان سواءِ راڳائي فقير شاهه صاحب سان انهن سفرن تي گڏ هوندا هئا ۽ رات جو سمهياڻي نماز بعد 'شاهه جو راڳ' ٽيندو هو.

شاهه صاحب جي سير سفر بابت اڪثر خيالي انومان ڪيا ويا آهن ته هِتي به ويو هُتي به ويو، ائين جو جڻ هر جاءِ تي ويو، پر ان باري ۾ ڪي به اهڙا ثاٽا يا اهڃاڻ نه ڏنا ويا آهن جن تي ڪو ڀروسو ڪري سگهجي(١). انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هن ڪان اڳئين دور ۾ توڙي هن دور ۾ شاهه صاحب سنڌ توڙي سنڌ ڪان ٻاهر ڪيترن ئي ماڳن مڪانن تي ويو، پر انهن سڀني بابت صحيح معلومات محفوظ نه رهي آهي. البت سندس زندگيءَ جي اڳئين دور جي ڀيٽ ۾، هن پوئين دور ۾ ڪيل مسافرين يا ملاقاتن بابت ڪي وڌيڪ ڀروسي جهڙا بيان ۽ اهڃاڻ ملن ٿا(٢).

هن دور ۾ شاهه صاحب جي محبتين ۽ معتقدن جو دائرو وڏو وسيع ٿيو، جنهن ۾ عام توڙي خاص اچي ٿي ويا. پاڻ عقيدي توڙي عمل ۾. 'رسم' بدران 'روح' جي تلقين ڪيائين، ۽ توحيد جي اعليٰ نظريي طور ڪل ڪائنات جي خالق تي يقين ۽ توڪل، مخلوق سان پيار ۽ اعليٰ انساني ڪردار جا سبق ڏنائين. شاهه صاحب جي پنهنجي اعليٰ اخلاق ۽ محبت ڀريي طور طريقي جو اثر دلين تي ايترو ته پيو جو حڪمران توڙي ڪي هندو فقير سندس معتقد ٿيا.

ويهن سالن ڪن جي هن وڏي عرصي ۾ هو گهڻن ئي فقيرن وٽ گهڻن ئي ماڳن تي ويو هوندو، پر جتي ڪجهه وڌيڪ ترسيو اتي سندس نالي سان 'تڪيا' قائم ٿيا. هن وقت به سنڌ ۾ گهڻين جاين تي 'شاهه جا تڪيا' موجود آهن، جن مان ڪي مريدن پوءِ سندس نالي سان قائم ڪيا ۽ فقط ڪي ٿورا اهڙا آهن جن بابت وڌيڪ ڀروسي سان چئي سگهجي ٿو ته شاهه صاحب پاڻ پنهنجي حياتي ۾ اتي ويو هوندو. مثلاً ڪپري تعلقي ۾ 'واگهين جي پٽ'(٣)، ٺٽي ۾ مڪلي لڳ، بدين، روهڙي، بکر (پراڻو) ۽ ترائي (مديجي ڪان ٻه ميل اتر-اولهه) ۾ جيڪي 'شاهه جا تڪيا' آهن، اتي غالباً شاهه صاحب پاڻ ويو ۽ ٽڪيو(٤). انهن ٿورن مشهور 'تڪين' جي جدا جدا ماڳن مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته شاهه صاحب سنڌ ۾ لاڙ ڪان وٺي اتر تائين پنهنجن مخلص معتقدن وٽ ڀيرا ڪيا.

سنڌ ڪان ٻاهر هن دور ۾، شاهه صاحب خاص طرح ڪڇ ۾ پنهنجن پيارن فقيرن جتن بلوچن وٽ گهڻو ويو. ڪڇ ۾ شاهه صاحب سان ارادت ۽ عقيدت جو بنياد وَنهيين فقير سالاراڻي جت ۽ تماچي فقير

(١) مثلاً مير عبدالحسين خان سانگي جو 'لطائف لطيفي' (ص ١٨٣) ۾ بنا ڪنهن دليل جي بيان ته "حضرت اولياء صاحب، سنياسين ۽ جوڳين جي ٽولي ۾ پورا ٽي سال گذاريا ۽ ڪوهستان جي سير تي هو." اهي شاهه جي زندگيءَ جا ڪهڙا ٽي سال هئا، ۽ اهو پورن ٽن سالن وارو مدو ڪنهن ڳڻيو.

(٢) انهن مان ڪي ٿورا لکت ۾ موجود آهن ۽ ٻيا زباني روايتن ذريعي مشهور آهن. زباني روايتن جي وڌيڪ تصديق راقم پاڻ انهن ماڳن تي وڃي اتان جي سڄاڻن ۽ خاص طرح انهن اڳين بزرگن جي اولاد ڪان ڪئي، جن جو شاهه صاحب جي سلسلي ۾ ذڪر ٿيل هو.

(٣) ٻه پٽون جيڪي 'واگهين جون پٽون' سڏجن، تن مان ايرندي طرف واري تي پٽائي صاحب جو تڪيو آهي ۽ الهندي واري تي مخدوم صاحبن جي مريدن مان هڪ درويش بهرم فقير جوٽيجي جي تربت آهي، جيڪو 'بهرم بري' سڏجي.

(٤) ٻين ڪن ماڳن بابت پڻ روايتون آهن پر انهن تي وڌيڪ غور جي ضرورت آهي.

نهڙيي وڌو. هن دور جي پهرئين سفر ۾ شاهه صاحب انهن ٻنهي فقيرن تي ڪا اهڙي فيض واري نظر ڪئي جو هو پٽ تي آيا. تماچي فقير کي شاهه صاحب ڪجهه موڻي وچڻ جو ارشاد ڪيو ۽ هو اتي ئي رهيو، تان جو وفات کان ڪجهه وقت اڳ شاهه صاحب کيس سڏي پاڻ وٽ ترسايو. ونهيين کي شاهه صاحب پاڻ وٽ پٽ تي رهايو ۽ سندس خلوص جي مدنظر کيس پنهنجو خاص خليفو ڪيائين جو سندس پويان ڪڇ ۽ واڳڙ طرف ٻيا گهڻا شاهه صاحب جا معتقد ٿيا(١). ڪڇ طرف جتن فقيرن ۾ شاهه صاحب جي سفر جا منزل به منزل سلسلا ونهيين فقير جي اتي وڌايل اراتمندن سببان شروع ٿيا، ۽ شاهه صاحب جتي جتي پيرا ڪيا انهن ماڳن مڪانن جو ماڻ ٿيو ۽ پڻ پوءِ تمر فقير جي اڳواٽي هيٺ اهي 'شاهه جي راڳ' جا مرڪز بڻيا. مسلسل طور مشهور روايتن موجب ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته شاهه صاحب هيٺين ماڳن تي پيرا ڪيا:

- 'ڏر' مڪان، لکپت جي شهر سان لاڳو، جتي سالار فقير وٽ شاهه صاحب آيو.
- پٽائو مڪان، 'پپر' جي شهر لاڳو (تعلقو لکپت) جتي درويش سانوَلي فقير جت جو مزار هو.
- آسالڙي مڪان، تعلقو لکپت.
- 'ڪنڊو' مڪان (تعلقو ڪاهڙ) جيڪو ونهيين فقير جو اصل ڳوٺ هو.
- 'اوريٽڙو' مڪان (تعلقو نکترائو) جيڪو ميين تماچي فقير نهڙيي جو ڳوٺ هو.
- چڙهوٽ مڪان، نکتراڻي شهر کي ويجهو، جتي شاهه صاحب جو خليفو صالح فقير مگريو رهندو هو.
- سِراڙو مڪان (تعلقو ڪاهوڙو)، جتي شاهه صاحب جو خليفو چتو فقير لاکاڻي جت رهندڙ هو.
- بگهاڙيو مڪان (ٻني)، جتي ميين شاهه ڪريم جا خاص مريد جيئنداڻي جنت فقير هئا.
- اَرل مڪان (تعلقو نکترائو)، جتي شاهه صاحب جو خليفو دين محمد فقير هو. هو اصل ريباري هو ۽ شاهه صاحب سان صحبت ۾ مسلمان ٿيو، جنهن پوءِ پڳ ڏنس ۽ خليفو ڪيس.

مٿين ماڳن جا نالا معلوم ۽ مشهور آهن جتي شاهه صاحب گهڻا پيرا ڪيا. سالاراڻي جتن فقيرن جي ٻي هڪ متفقه روايت موجب شاهه صاحب 'واڳڙ' کان ايرندين پاڳي ۾ به ويو جتي ان وقت جت وينل هئا، ۽ اتي چاليهه ڏينهن رهيو هو جو انهيءَ ياد ۾ پوءِ مچ ۽ ميلو ٿيو (۽ پڻ ڪن روايتن موجب پٽائي صاحب پُڄ تائين ويو ۽ پڻ ڪڇ جو راءِ ساڻس اچي مليو هو).

ڪڇ ڪانسواءِ، سنڌ کان ٻاهر هن دور ۾ شاهه صاحب ٻاهڙ مير ۽ جيسلمير طرف پيرا ڪيا جتي سما، سميجا، مگريا، لنجا، پنهرا دل ۽ ڪي ٻيا سندس مريد هئا. جيسلمير جي راجا سان به سندس ڏيٺ ٿي ۽ هو ايتري قدر متاثر ٿيو جو شاهه صاحب جي وفات بعد درگاهه تي نوبت لاءِ نذراني طور پيرون ڏياري موڪليائين. ان طرف شاهه صاحب پهريائين غالباً ملتان جي غوثي جماعت جي فقيرن جي دعوتن تي ويو ۽ پوءِ پاڻ انهن ماڳن تي ويو ۽ رهيو، جتي ڪانئس پوءِ (ويندي هن پوئين ويجهي دور ۾ سنه ١٩٣٠ع تائين) 'شاهه جو راڳ' ٿيندو رهيو(٢).

---

(١) ونهيين فقير سالاراڻي جي اولاد مان احمد فقير، گل محمد فقير ۽ طيب فقير جيڪي پاڪستان ڪانپوءِ ڪڇ مان سنڌ لڏي آيا ۽ شاهه جي رسالي جا ڄاڻو ۽ سالڪ هئا تن (جوڻگي، لڳ چوهڙ جمالي، ۾ ٢٢- اپريل ١٩٦٢ع تي ساڻن ڪيل تفصيلي ڪچهري، ۾) متفق طور اها تصديق ڪئي. راقم جي استدعا تي گل محمد فقير، شاهه صاحب جي قادري طريقي واري ڪلاهه جيڪا پاڻ ونهيين فقير کي ڏني هئائين ۽ پوءِ سندس اولاد سنڀالي رکي هئي؛ سا مونکي ڏني جنهن کي پٽ شاهه ثقافتي مرڪز ميوزم ۾ محفوظ ڪري رکيو ويو.

(٢) ٻاهڙ مير جي پرڳڻي تلواڙو سٽيشن کان ڏکڻ سمن ۽ راهومن فقيرن وٽ ويو، جو اتي پوءِ فقير سماع ڪندا هئا. دعا گهرندا هئا ۽ بعد ۾ چيٽ جي مهيني ۾ 'لوڻي ندي' جي پيٽ ۾ سال به سال ميلو ٿيڻ لڳو. ڳوٺ 'سُروڙهيار' (هلندڙ- اڳئين صفحي تي)

سنڌ کان ٻاهر ڪڇ ۽ جيسلمير طرف هن دور وارين مسافرين ۾ شاھ صاحب ڪن حال ۽ چاڻ وارن ناٿ-پنٿي جوڳين ۽ پڻ ڪن هندن تي ساڌن سنتن سان مليو، ۽ ساڻن توحيد ۽ وحدانيت جي روشني ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪيائين. مذهب جي حقيقت ۽ حقانيت تي شاھ صاحب هن کان اڳ گھڻو سوچيو هو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هو عقيدي جي 'سچائي' ۽ 'رسم' بدران 'روح' جو قائل ٿي چڪو هو. اعليٰ چاڻ وارن صوفين ۽ عارفن وانگر، شاھ صاحب ظاهري پاڪبازي ۽ لوڪ لباس بدران عقيدي جي سچائي، نيت جي صفائي ۽ مخلوق سان محبت جي تلقين ڪئي: تنبيھ طور "منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين" چئي ظاهري رسم رياءَ ۽ اندر جي ٻيائي کي ننديائين؛ هندو ڌرم جي رکوالن جي ڌرمي پاٺ پوڄائن ۽ عملي ڪرتوتن کي پيٺيائين تہ ڪيس منجهن محض ٻاهرين رسم ۽ رياءَ وارو رنگ نظر آيو. تڏهن چيائين تہ: "هندو هڏ نہ آهيين، جڙيو تو نہ جڳاءِ". شاھ صاحب حق ۽ حقيقت جو ڳولائو هو، ۽ پنهنجي زندگي جي هر مرحلي تي هو مسلسل طور ڪائنات جي حقيقت، خالق ۽ مخلوق جي رشتي، انساني عقيدي ۽ ڪردار جي رسمي صورت توڙي اعليٰ معيار جو مطالعو ڪندو رهيو. زندگي جي هن دور ۾ جڏهن هو پاڻ معرفت جو صاحب ٿيو، تڏهن توحيد ۽ وحدانيت واري عقيدي ۾ ئي ڪيس انسان ذات توڙي ڪائنات جي وحدت نظر آئي. هاڻي هو اسلام جي حقيقت کي سمجهندڙ عارفن، توڙي چاڻ وارن سنتن ساڌن سان وحدانيت ۽ توحيد جي رازن کي روشن ڪرڻ لاءِ ٿي مليو(۱). ٻاهڙ مير- جيسلمير طرف مسافرين ۾ شاھ صاحب غالباً پورب کان ايندڙ ۽ هيڪڙائي حق مڃيندڙ 'هٺ- يوڳين' کي ڏٺو جيڪي تن کي تسيا ڏيئي حق جي تلاش ۾ هلندڙ هئا ۽ جن جي جوڳ ۽ ڪشالي جو بنيادي عقيدو 'توحيد' هو. ڪن مشهور روايتن موجب شاھ صاحب ٻاهڙمير جي پريان (والهوٽي واري علائقي ۾) ڪنهن ماڳ تي ويو، جتي 'مَلي- ناٿ' نالي هڪ موحد ساڌو سندس معتقد ٿي ويو ۽ پوءِ ان تڪيي تي يادگار طور مسلمانن- هندن جو گڏيل ميلو ٿيڻ لڳو. ڪڇ ۾ شاھ صاحب ڪنگار ڪاپڙين جي مڙهين ۽ ڪوٽيسر ۽ نارائڻ سر مندرن جي سنتن کان سندن ويساهن ۽ پوڄائن بابت پڇيو، ۽ پڻ توحيد ۽ وحدانيت جي روشني ۾ ساڻن پيار ۽ محبت سان ويهي ورونهہ ڪئي. شاھ صاحب ڪوٽيسر جي مندر لڳ واري مسجد ۾ تڪيو جتي سندس تسبيح يادگار طور اجان تائين ٽنگيلَ آهي. پڻ شاھ صاحب 'هَنج-ڪريون' (ڏکهين ڳچين وارا ڪوُنرا) آنديون هيون جيڪي يادگار طور رکيل آهن. ڪوٽيسر جي مندر ۾ ويو، جتي شاھ صاحب سنتن کي سچائي واري ويساھ ۽ 'هيڪڙائي حق' جي ترغيب ڏني جنهن کان هو گھڻو متاثر ٿيا، سندس وڃڻ کان پوءِ اندر جنهن پٽ کي شاھ صاحب پنا ڏيئي وينو هو اتي پٽ ۾ محراب مثل نشان يادگار طور

(تعلقو ۽ ضلعو ٻاهڙمير) ۾ غوث جو خليفو جمعو فقير شيدي ان پڇاڙي واري دور ۾ راڳ ڪندو هو. ڳوٺ 'سانئون'، برهان جو تڙ، اتي لنجا فقير دل دنبورن تي راڳ ڪندا هئا. ڳوٺ 'سينهار' جي غوثي جماعت جي راهومن مان همير فقير راهومو راڳ ڪرائيندو هو. ڳوٺ 'هڙيا‌ريو' جي راهومن مان دائم فقير ۽ جامين فقير دنبورن تي راڳ ڪندا هئا. 'پاسرلو' ۽ 'سينهاٽي' ڳوٺن ۾ پنيرا دل فقير راڳ ڪندا هئا. انهن ماڳن جي راقم گھڻن باخبر ماڻهن کان جيڪي ان طرف ويا ۽ رهيا هئا پڇي پڪ ڪئي. آخر ۾ مرحوم هوت سمون، جيڪو هڪ وڏو سڄاڻ ۽ جهانديده شخص هو ۽ تازو هندستان مان لڏي آيو هو (جنهن سان ٤- نومبر ۱۹۸۰ع تي ننگرپارڪر جي ڳوٺ ساجن خاصخيلي ۾ تفصيلي رهاڻ ٿي) تنهن انهن ماڳن مان گھڻن تي ڀٽائي صاحب جي وڃڻ واري روايت جي تصديق ڪئي.

(۱) رسالي جي 'سُر رامڪلي' ۾ 'جوڳين سناسين' جي نالن کي سطحي نظر سان ڏسي، اڳين لکندڙن بنا سوچ ويچار جي شاھ جي جوڳين ۽ سناسين سان گڏ گذارڻ جون خيالي ڳالهيون لکيون. سڀ کان اول مير عبدالحسين خان سانگي. 'لطائف لطيفي' ۾ (صفحا ۳۱، ٥٦، ۱۸۳) ۽ پوءِ ليلارام ۽ مرزا قليچ بيگ سندن ڪتابن ۾ جيڪي ڪجھ لکيو آهي تنهن ۾ وڏيون اوٿايون آهن، جو هڪ طرف شاھ جي ڪرامتن بابت وڌاءُ تہ ٻئي طرف 'جوڳين ۽ سنياسين' جي نيڪي بدران گلا آهي. مجموعي طور سان سندن انهن بيانن مان فقط اهو نتيجو نڪري ٿو تہ نڪو شاھ صاحب انهن 'جوڳين سناسين' جي ويساهن ۽ ڪريا ڪرمن کان متاثر ٿيو تہ نڪو هو بہ شاھ صاحب سان سچائيءَ سان پيش آيا.

قائم رکيائون(۱). 'ڏِيٺو ڏر' جبل واري مڙهي جي ڪنهن ڪاپڙي کي (ٻي روايت موجب، خود ڌرمناٿ کي) ڏٺائين جيڪو پنهنجي ٻانهن مٿي اڀي ڪري جهليو بيٺو هو. ڪانئس پڇيائين تہ هن چيو تہ: 'مون تپسيا طور ٻانهن کي . ايو جهلي سُڪائي ڇڏڻ جو وچن ڪيو آهي'. تڏهن شاهہ صاحب کيس تنبيهہ طورر هي بيت پڙهيو تہ:

هنيون نہ سُڪايئي هوت لئي، تو سُڪائين ٻانهون
ڏيکارين تو ڏيهہ کي ڏتا ڪيو ڏانهون
پاٺهي مُنئي پاڻ کي، چوين 'آديسي آئون'
ايءُ پنڌ پراهون، ڪي ڪي لهندا ڪاپڙي(۲).

'شاھ جي رسالي' جو 'سُر رامڪلي' هن دور جي مسافرين ۽ مشاهدن جو يادگار آهي جنهن ۾ شاهہ صاحب 'ناٿ پنٿي' مُوحد جوڳين، سامين سنياسين ۽ ڪنڦاڙن ڪاپڙين جي حوالن ڪِنايَن سان توحيد ۽ وحدانيت جي نهايت دلپذير ۽ مؤثر طريقي سان تلقين ڪئي آهي. هن سر ۾ شاهہ صاحب هيڪڙائي حق وارن جي وڏي تعريف ڪئي آهي، سچائي ۽ صداقت کي ساراهيو آهي ۽ رياءُ رسم کي ننديو آهي.

گندي ۽ گراهہ، جن سناسين سانديو
اني ڪان الله، اجان آڳاهون ٿئو.

(ز) سنڌ جي عالمن عارفن سان صحبتون ڪرڻ. پاڻ پروڙڻ ۽ پرجهڻ خاطر ويهن سالن کان وٺي نوجوان لطيف سنڌ جي ولين ۽ درويشن جي ماڳن مقامن تي ويو ۽ پڻ ان وقت جي ڪن سالڪن ۽ عالمن سان مليو، جن مان ڪم از ڪم ٻن وڏن حال ۽ ڄاڻ وارن بزرگن جا نالا تصديق سان معلوم آهن: هڪ ميون شاهہ عنات رضوي ۽ ٻيو ميون صابر ولهاري. سيد عنات الله شاهہ عرف ميون شاهہ عنات، نصرپور جي رضوي ساداتن مان هو؛ سلوڪ ۽ طريقت ۾ هو سکر جي شاهہ خيرالدين قادري رحہ جي سلسلي سان راسبتہ هو، ۽ پنهنجي وقت ۾ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو. شاهہ لطيف جي نوجواني کان وٺي ساڻس محبت ۽ نيازمندي واري ڏيٺ ويٺ ٿي. شاهہ پور جو ڳوٺ جتي ميون شاهہ عنات رهندو هو توڙي نصرپور جتي هو ايندو ويندو هو، اهي ٻئي ماڳ ڪوٽڙي کان گهٽو پري ڪونہ هئا. اندازاً سنہ ۱۱۲۰ھ کان وٺي ويندي سنہ ۱۱۳۳ھ ۾ ميين شاهہ عنات جي وفات تائين، ٻارهن تيرهن سال ڪن شاهہ لطيف جون ميين شاهہ عنات سان رهاڻيون رهيون(۳). ميون صابر ولهاري، وقت جو وڏو عالم عارف ۽ تقويٰ جو صاحب هو. هو سمن جي 'ٻَرند' پاڙي مان هو ۽ پرڳڻي ولهار (ٽنڊي الهيار کان ڏکڻ اوڀر) ۾ درسگاهہ قائم ڪئي هئائين جيڪا اڳتي ٽالپور اميرن جي دور ۾ وڏي اوج کي پهتي. ميون صابر قرآن شريف جي تعليم تدريس جو عالم ۽ وڏي فقيري حال وارو بزرگ هو، جنهن جي ديدار

---

(۱) سالاراٽي جتن فقيرن جن شاهہ صاحب جا اهي آثار پاڪستان کان اڳ پاڻ ڏٺا، تن مان هڪ کان وڌيڪ فقيرن راقم سان انهن آثارن جي تصديق ڪئي. وڌيڪ اتي جي پوڄارين ائين بہ مشهور ڪري ڇڏيو هو تہ شاهہ صاحب 'نارائڻ سر' مان ٽپي هنئي ۽ اچي ڪوٽيسر جي مندر مان نڪتو.

(۲) ٻي پڙهڻي:

ايءُ پنڌ آڳاهون، ڪي ڪاهي رسنا ڪاپڙي.

-

ايءُ پنڌ آڳاهون، جت نانگا گڏنا ناٿ کي.

(۳) ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ عبداللطيف جي تعلق بابت وڌيڪ ڏسو راقم جو ڪتاب "ميين شاهہ عنات جو ڪلام"؛ مطبوع سنہ ۱۹۳۶ع، مقدمو صفحا ۸۹- ۱۰۶، خاص طرح صفحا ۸۹- ۹۰، ۹۶ ۽ ۱۰۶. ان ڪتاب جي مقدمي لکڻ ۽ ڇپجڻ بعد ميين شاهہ عنات جي وفات جو سال (۱۱۳۳ھ) پڪيءَ طرح معلوم ٿيو.

لاءِ شاهه عبداللطيف پاڻ وڏي چاهه سان وٽس هليو ويو. ميين صابر سنه ١١٣٥ھ ۾ وفات ڪئي ۽ مخدوم پير محمد هالائي "صد داغ بدل" جي فقري مان سندس وفات جو سال ڪڍيو. جيئن ته اهو پڪو تاريخي سال آهي، انهيءَ ڪري شاهه صاحب سنه ١١٣٥ھ ۾ يا ان کان اڳ ساڻس مليو(١).

پڻ ڪي وسائڻ ڪان پوءِ، چاليهن سالن جي عمر بعد زندگي جي پٺئين دور ۾، شاهه صاحب جون سنڌ جي جن عالمن ۽ عارفن سان صحبتون ٿيون تن مان هيٺين بزرگن بابت (ڪتابن ۽ تحريرن مان، مشهور ۽ معتبر روايتن مان، توڙي جن ماڳن تي هو رهندا هئا اتي سندن پوين ۽ ٻين ڄاڻن جي بيانن مان) جيڪي حوالا ۽ ثاٻتا ملن ٿا تن مان تصديق ٿئي ٿي ته شاهه صاحب جون ساڻن ملاقاتون ۽ حال واريون صحبتون ٿيون.

- آخوند حاجي متين الدين سانوڻي هالن پراڻن جو، جنهن کي شاهه صاحب ميڻائين رنگ جو پنهنجو لباس ڏنو هو جيڪو پوين يادگار طور سنڀالي رکيو، تان جو ويندي ٨٠-١٨٨٧ع تائين اهو سانگي جي اُستاد آخوند احمد سانوڻي وٽ موجود ۽ محفوظ هو (لطائف لطيفي، ص ١٥١).
- سيد شهمير شاهه باقيل پوٽو مٽياروي (وفات ١٠- محرم ١١٧٧ھ) مخدوم محمد هاشم جو هونهار شاگرد هو، ۽ اسلام جي خدمت ۽ دين جي قوت ۾ ڪوشان رهيو. تحفة الڪرام ۾ سندس ذڪر آهي. شاهه صاحب جي ساڻس محبت جي واٽ هئي جو ڪيس حجت سان چيائين ته هو هڪ هندو شخص کي مسلمان نه ڪري.
- مخدوم عبدالباسط هالائي، وڏو عالم ۽ شاهه صاحب جو معتقد هو، جنهن وٽ شاهه صاحب ايندو هو ۽ اچي ٽڪندو هو ('لطائف لطيفي، ص ١٥٢؛ لطف اللطيف، ص ١٦٦).
- حافظ ميون اسحاق درس مشائخ پوٽو عرف ميون اسحاق بَنوري، 'مَيي مشائخ هوتي' واري ماڳ کان ميل کن ڏکڻ طرف، موجود ڳوٺ 'مُلڪو دڙو' (تعلقو ٽنڊوالهيار) ۾ مڪتب پڙهائيندو هو. وڏو عابد زاهد هو. ٻارڙن کي نهايت پيار سان پڙهائيندو هو. شاهه صاحب اچي ڪيس مليو ۽ پڇيائين ته: 'ادا پاڙهين ٿو يا ڪارين ٿو!' حافظ اسحاق جواب ڏنو ته: 'جي ڪاريندس ته به لطيف ٿيندا' (يعني اکرن ۾ ڪريا ته به اخلاق ۾ لطيف(= نيڪ ۽ پاڪ) ٿيندا). شاهه صاحب اشارو سمجهيو ۽ ساڻس وڏي محبت سان مليو. شاهه صاحب وٽس پيرا ڪندو هو ('مشائخ هوتي' ۽ 'مُلڪو دڙو' ماڳن جي مشهور مقامي روايت).
- ميون محمد مبين ٺٽائي، مخدوم محمد هاشم جو همعصر ۽ دوست، پنهنجي وقت جو وڏو عالم، ۽ درسگاهه 'چوٽياريون' (ضلعو سانگهڙ) جو باني هو (جيڪا پوءِ ٽالپورن جي دور ۾ وڏي اوج کي پهتي). شاهه صاحب اڪثر سانوڻ ۾ وٽس ايندو هو. هڪ ڀيري گڏجي ماني کاڌائون ۽ پوءِ صحبت ۾ وينا ته گهڻو ويهي ويا ۽ البت دير ٿي وئي. جڏهن شاهه صاحب موڪلايو ته ميين مبين چيو ته: جهڙ ڦڙ آهي ترسي پئو.' شاهه صاحب جواب ڏنو ته:

'رداء جا رضا جي سا اوچڻ آديسين'

پوءِ موڪلائي روانو ٿيو. (مشهور روايت جنهن جي تصديق انهيءَ مان به ٿئي ٿي جو اها سٽ رسالي ۾ 'سر رامڪلي' جي هڪ بيت ۾ موجود آهي).*

---

(١) ميين صابر جو 'تحفة الڪرام' (جلد-٣، مطبع ناصري دهلي، ص- ١٦٦) ۾ ذڪر آهي. شاهه لطيف جي ساڻس ملاقات بابت ڏسو 'لطائف لطيفي' (ص- ١٦٢)، 'لطف اللطيف' (ص- ٨٨) ۽ 'تذڪره مشاهير سنڌ'، جلد-٣، ص ص ٢٦٥- ٢٦٧.

* هي ملاقات غالباً هن دور جي آخري سالن ١١٥٥- ١١٦٠ھ ۾ ٿي. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ان وقت شاگرد هو، چوٽيارين ۾ پڙهندو هو ۽ ميين محمد مبين کي 'ابو' ڪري سڏيندو هو. شايد مانيءَ وقت هو خدمت ۾ موجود هو جو جنهن پيالي ۾ شاهه صاحب پاڻي پيتو سو گرهوڙي صاحب سنڀالي رکيو. ٻيءَ روايت موجب اهو پيالو شاهه صاحب پاڻ ڪيس ان موقعي تي يا ٻئي موقعي تي ڏنو هو جيڪو هن پوئين ويجهي دور تائين گرهوڙ ۾ سيدن وٽ حفاظت سان رکيل هو (لطف اللطيف، ص- ١٩٠).

- مخدوم دين محمد صديقي سهروردي سيوستائي (۹۲- ۱۱۹۳ھ)، اصل 'پاٽ' جو پوءِ اچي سيوهڻ ۾ رهيو هو. شاھ صاحب سان سندس گھاٽا دوستانا تعلقات هئا جو هڪ ٻئي سان دستارون بدلائي پڳ مٽ يار ٿيا هئا. مخدوم موصوف ظاهري علم توڙي تصوف ۽ طريقت ۾ وڏو ڪامل عامل هو (تذڪره مشاهير سنڌ، جلد-۱، ص ۸۶ ۽ ۲۰۳).
- ميون محمد صلاح بن ميون محمد عارف (ڊاسوڙي- ٽنبي قيصر جو، پوءِ 'مٽياري' ۾ رهيو)، فارسي جو عالم ۽ مولانا رومي جي مثنوي جو وڏو ڄاڻو هو. شاھ صاحب جو معتقد ۽ مريد ٿيو، ۽ ٻاهر سفر ۾ هميشه ساڻس گڏ هوندو هو ۽ روانو مثنوي جو وعظ ڪندو هو. شاھ صاحب وٽ سندس وڏي عزت هئي ۽ ڪيس 'خليفو محمد صلاح' سڏيندا هئا. سنڌي ۾ 'بزغل جا ڪلما' جوڙيائين جيڪي 'محمد صلاح جي سنڌي' جي نالي سان مشهور ٿيا، پڻ شاھ صاحب جو 'سفرنامو' جوڙيائين جيڪو پوئين ويجهي دورر ۾ ضايع ٿي ويو(۱).
- مخدوم عبدالله آگرو ڪنڍياري جو(۲) جنهن وٽ، مسافري ۾ اڳتي ويندي يا موٽندي، شاھ صاحب ترسندو هو.
- مخدوم محمد صديقي قريشي جيڪو سنه ۱۱۶۵ھ ۾ بہ حال حيات هو. هو پنهنجي وقت جو عالم ۽ درويش هو ۽ ڪوٽڙي ڪبير (تعلقو ڪنڍيارو) ۾ مڪتب پڙهائيندو هو. سندس اهو مڪتب مخدومن جي پاڙي ۾ 'سوا لک مقام' جي وچ تي هو، اتي مسجد هئي جتي شاھ صاحب اچي ٽڪندو هو. مسجد جي پرسان هڪ لئي جو وڻ هو جيڪو پوءِ يادگار طور 'ڀٽائي صاحب وارو لئو' سڏبو هو ۽ سنه ۱۸۹۷ع ڌاري پڻ بيٺل هو(۳).
- فقير محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو فاروقي (وفات ۱۱۹۲ھ)، سچل جو ڏاڏو، درازن جي شهر کان ٻاهر ڪيڙن جي ويڙ ۾ گوشائتو رياضت ۽ عبادت ۾ ويٺل هو جو شاھ صاحب اتان لنگھندي ساڻس مليو، ۽ سندس اشاري تي ميان صاحبڏنو ويراڳ مان نڪتو ۽ ڪوھ ڪٽايائين ۽ مسجد ٺهرايائين ('لطف اللطيف' ص ۸۳- ۸٤).
- مخدوم محمدي (وفات ۱۱۷٤ھ)، مخدوم عبدالرحمان شهيد جو فرزند ۽ جانشين، جنهن جي وقت ۾ هڪ ڀيري شاھ صاحب کهڙن جي شهر جي ٻاهران چنيهه فقير اڄڻ جي ڪوھ تي اچي لٿو. جڏهن مخدوم صاحب کي خبر پئي تہ پنهنجو خاص ماڻهو موڪليائين ۽ تاڪيد سان دعوت چوائي موڪليائين. غالباً شاھ صاحب اڳ مخدوم عبدالرحمان شهيد سان مليو هو، جنهن کي پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙي سنه ۱۱٤۵ھ ۾ شهيد ڪرايو. انهيءَ اڳيئن لاڳاپي جي ڪري ئي مخدوم موصوف حجت سان چوائي موڪليو تہ: هت اسان وٽ اچي رهو. پر شاھ صاحب جو اچي فقير وٽ لٿو هو سو رات اتي رهڻ مناسب سمجهيائين. انهيءَ تي شاھ صاحب، ٽڪر جي ٽڪر تي اڱر سان هيءُ بيت لکي مخدوم محمدي ڏانهن ڏياري موڪليو:

---

(۱) سندس اولاد وٽ مسلسل طور هلندڙ روايت جيڪا راقم سان مرحوم مولوي عبدالله (۱۷ جنوري ۱۹۵۹ع تي) بيان ڪئي.

(۲) مخدوم جي اولاد جي روايت جيڪا آخر ۾ ان گھراڻي جي وڏيءَ عمر جي مائي جي زباني بيان ٿي (۽ راقم کي غلام رباني آگري ٻڌائي). هن روايت جي ڪنهن قدر هن مان تصديق ٿئي ٿي جو مخدوم صاحب مثنوي جو ڄاڻو هو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ مخدوم دائود آگرو بہ مثنوي جو وڏو شائق ۽ ڪاتب هو.

(۳) ڪوٽڙي ڪبير جي مخدومن عالمن وٽ مسلسل طور هلندڙ روايت، جنهن جو ذڪر راقم سان پهريون پيرو هن خاندان جي سربراھ مرحوم غلام قادر فيبروري ۱۹۶۸ع ۾ ڪيو. بعد ۾ ۱۹۸۵ع ۾ موجوده جانشين ميان غوث محمد گوهر جي معرفت راقم کي ڪاغذات ڏنا جن مان معلوم ٿيو تہ مخدوم محمد سنه ۱۱۶۵ھ ۾ حال حيات هو. راقم مسجد ۽ لئي واري جاءِ پڻ ڏٺي ۽ وڏيڪ پڇا ڪئي، جنهن تي معلوم ٿيو تہ شاھ صاحب جڏهن مخدوم محمد وٽ ايندو هو تہ عبدالرحيم ڦل پوٽو ڪوري فقير سندس خاص خدمت ۾ رهندو هو. هن فقير جي پوين وٽ ان وقت جي هڪ 'ٿالهي' وڏي حفاظت سان رکيل آهي (جو پانهنجي ٿو تہ ڀٽائي صاحب ان ۾ ماني کاڌي هئي) جيڪا راقم کي ميان محمد اسماعيل (عمر ۸۵ ورهيہ) ڏيکاري.

اڄ نہ آيس آنءَ، صبح ايندس سپرين
توتي جنهن جو نانءَ، سو ڪٽي بار ڳهين جا(۱).

شاھ صاحب ٻئي صبح مخدوم صاحب وٽ ويو. ان وقت شاھ صاحب سان راڳ لاءِ پنهنجا راڳائي فقير دنبورن سان گڏ هئا. جڏهن تہ مخدوم صاحب شريعت جو پابند هو سو سبب پڇيائين، جنهن تي شاھ صاحب عذر ڏيندي چيو تہ: اسان جي مجبوري آهي جو 'راڳ' اسان جي روحاني خوراڪ بنجي چڪو آهي. مخدوم صاحب جن چيو تہ: هت بنا سازن جي پل راڳ ٿئي ۽ پل بند، شاھ صاحب قبول ڪيو ۽ دنبورا اندر ڪوٺي ۾ سنڀالي رکيائون. رات جو نماز بعد جڏهن ٻاهران ويهي فقيرن وڏي سوز گداز سان راڳ ڪيو تہ اندر دنبورا وڄڻ لڳا. ان تي مخدوم صاحب چيو تہ: هيءُ هڪ نرالي حالت آهي ۽ شاھ صاحب بي ميار آهي. ان موقعي تي شاھ صاحب هفتو ڪن مخدوم صاحب وٽ ٽڪيو ۽ سندن پاڻ ۾ رهاڻيون ٿيون. مخدوم محمدي پاڻ اويسي سلسلي جو وڏو شيخ ۽ جائي چم ڪان الله وارو هو. هيءَ ملاقات غالباً شاھ صاحب جي زندگي جي آخري سالن ۵۹- ۱۱۶۰ھ ڌاري ٿي جڏهن مخدوم صاحب اجهان ۱۶- ۱۷ سالن جو جوان هو.

- چنيهہ فقير اڄڻ، کهڙن جو، جنهن وٽ شاھ صاحب ٽڪيو جنهن مٿي بيان ٿي چڪو آهي. سندس کوھ تي لٽو هو ۽ ان کوھ جا نشان کهڙن واري پڪي رستي کان فرلانگ اوپر طرف آهن.
- سيد محمد بقا لڪياري (شهيد ۱۱۹۲ھ)، جناب پير صاحب محمد راشد 'روضي- ڌڻي' جو والد، جنهن سان شاھ صاحب جي ملاقات ٿي ۽ هڪ ٻئي سان حجائتي گفتگو ڪيائون. شاھ صاحب جي اها ملاقات مسافري ۾ کهڙن جي شهر کان اڳتي ويندي ڪٽي ٿي(۲) جنهن جو ذڪر سيد محمد بقا صاحب پوءِ پنهنجي هونهار فرزند محمد راشد (۱۱۷۰- ۱۲۳۰ھ) سان ڪيو انهيءَ ڪري محمد راشد صاحب جن شاھ صاحب جي چيل بيتن ڏانهن توجهہ ڪيو. هو سنڌ جو پهريون وڏو عالم ۽ قادري طريقي جو اڳواڻ هو جنهن سڀ کان اڳ شاھ صاحب جي بيتن ۾ سمايل عارفانہ فڪر کي سڃاتو ۽ ڪن کي پنهنجي وعظ ۽ نصيحت ۾ بيان ڪيو جيڪي سندن ملفوظات ۾ موجود آهن.
- پير موسن شاھ جيلاني، 'لوءِ مبارڪ' (گهوٽڪي) جو عالم عارف ۽ سجاده نشين هو جنهن سنہ ۱۱۰۱ھ ۾ شاندار جامع مسجد جوڙائي ۽ مدرسو قائم ڪيو. شاھ صاحب جڏهن 'لوءِ' ۾ آيو تہ انهيءَ مسجد ۾ اچي ٽڪيو جتي پير صاحب سان روح رهاڻ ٿي. جنهن ۾ شاھ صاحب مارئي جي سُر مان پنهنجا ڪي بيت پڙهيا جيڪي پوءِ اتي پيرن صاحبن وٽ يادگار رهيا. روايت موجب شاھ صاحب جيڪو پهريون بيت پڙهيو ۽ جنهن پير صاحب تي وڏو اثر ڪيو سو هيءُ هو:

زُمر زُخرف سومرا، حمد جني جو هنڌ

---

(۱) هيءَ ڳالهہ کهڙن جي مخدومن عالمن وٽ مسلسل طور هلندي آئي آهي ۽ پڻ وڏي عالم مخدوم محمد عاقل (چوٽون) پنهنجي ڪتاب 'تاريخ آئينہ جهانما' (قلمي) ۾ آندي آهي. راقم سان ان جو ذڪر پهريائين استاد مرحوم مخدوم امير احمد ڪيو، جنهن ڪي پوءِ 'تحفة الڪرام' جي سنڌي ترجمي (مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۷ع، ص ص ۲۲۸- ۲۴۰) جي حاشيہ ۾ پڻ آندائين. مخدوم صاحب جن ائين بہ چيو تہ: شاھ صاحب پاڻ ٻِگر جي ٽُڪر تي اگر سان اهي سٽون لکي موڪليون هيون. کهڙن ۾ اڄ وٽن ويس تہ مون کي اها ڪوٺي واري جاءِ پڻ ڏيکاريائون (جيڪا جامع مسجد جي ٻاهرئين دروازي لڳ هئي) جتي شاھ صاحب ٽڪيو هو. مرحوم مولوي دين محمد وفائي پڻ لطف اللطيف' (ص ص ۸۱- ۸۲) ۾ شاھ صاحب جو مخدوم محمدي وٽ وڃڻ وارو بيان 'تاريخ آئينہ جهان نما' جي حوالي سان آندو آهي.

(۲) 'لطائف لطيفي' (ص ۷۹) ۾ مير عبدالحسين خان سانگي هن ملاقات بابت لکيو آهي، ۽ پڻ مولويءَ دين محمد وفائي 'لطف اللطيف' (صفحا ۸۴- ۸۵) ۾ ان کي بيان ڪيو آهي.

اهدنا الصراط المستقيم اهو پنهوارن پنڌ
باري لاهج بند، تہ ملان ماروئڙن کي(۱).

- مخدوم محمد هاشم صاحب (وفات ۱۱۷۲ھ)، بلڙي جي پرسان بهرام پور ۾ رهندڙ هو جو شاهہ صاحب جي ساڻس ڏيٺ ٿي. مخدوم صاحب سان شاهہ صاحب جي ڄاڻ سڃاڻ ۽ ملاقاتن جو سلسلو پوءِ ويندي ۱۱۵۳- ۱۱۵۴ھ وارن سالن تائين قائم رهيو. انهن سالن ۾ شاهہ صاحب ارادو ڪيو تہ بلڙي ۾ ميين شاهہ ڪريم جي مزار تي قبو جوڙائي. مخدوم صاحب کي جڏهن خبر پئي تڏهن شاهہ صاحب کي جهليائين تہ قبو نہ نهرائي، جنهن تي شاهہ صاحب عذر پيش ڪيو تہ ميين شاهہ ڪريم سان سندس بي انتها محبت آهي انهيءَ ڪري ٿو قبو جوڙائي، پر ان سان گڏ جامع مسجد بہ تعمير ٿيندي. ان بعد ملاقاتن ۾ ويڇهائي ڪانہ رهي، پر باوجود ان جي شاهہ صاحب کي مخدوم صاحب لاءِ آخر تائين وڏي عزت هئي(۲).
- درويش ڏاتار ڏنو بن درويش اسحاق سَڪَريو (’ملاڪاتيار‘ وارن بزرگن جو وڏو جنهن جو ذڪر قانع تحفة الڪرام ۾ آندو آهي) تنهن سان شاهہ صاحب جي گهڻي ڏيٺ هئي. جڏهن ميين شاهہ ڪريم جي روضي ۽ مسجد جي تعمير لاءِ شاهہ صاحب ڪاشيءَ جي سِرن وٺڻ لاءِ ملتان وڃڻ جو ارادو ڪيو تہ درويش ڏاتار ڏنو (جيڪو ملتان وارن بزرگن جو خاص مريد هو) ساڻس گڏجي ملتان ويو هو. (هيءَ روايت ملاڪاتيار وارن بزرگن وٽ مسلسل طور هلندي آئي آهي، ۽ راقم سان اتي جي سجاده نشين فقير محمد اسحاق مرحوم پنهنجي زباني بيان ڪئي).
- مخدوم ٻاون شاهہ، ملتان جي سهروردي غوثيہ درگاهہ جو سجاده نشين، جنهن سان فقير ڏاتار ڏني سان گڏ شاهہ صاحب مليو ۽ صحبت ڪئي. اها ملاقات ۱۱۵۴- ۱۱۵۵ھ وارن سالن ۾ ٿي هوندي.
- ميان محمد صادق نقشبندي نئوي، عالم ۽ صوفي، مخدوم محمد معين جو شاگرد هو ۽ خواجہ محمد زمان لواري واري جو استاد هو: فارسي جو وڏو ڄاڻو ۽ شاعر هو جنهن کي مير علي شير قانع ”جامع فنون ڪمال ظاهري و باطني“ ڪري لکيو آهي، سو شاهہ صاحب جي زندگي جي هن دور جي شروع ۾ ئي سندس معتقد ۽ مريد ٿيو ۽ سندس اها ارادتمندي آخر تائين قائم رهي. هن پوءِ شاهہ صاحب جي ارشاد تي، شاهہ حبيب جي وفات (۱۱۴۴ھ) توڙي ميين شاهہ ڪريم جي درگاهہ جي تعمير (سنہ ۱۱۶۵ھ) جون ابجد جي حساب سان فارسيءَ ۾ سهڻيون تاريخون ڪڍيون.
- خواجہ محمد زمان (اول) لواري وارو، جيڪو شاهہ عبداللطيف جي مريد ۽ وڏي عالم ميان محمد صادق نقشبندي نئوي جو شاگرد هو، تنهن سنہ ۱۱۵۰ھ ۾ لواري کي وسايو، جتي پوءِ غالباً ڪجهہ ڏانهن ايندي ويندي شاهہ صاحب ساڻس مليو ۽ ڪا گهڙي پاڻ ۾ اعليٰ معرفت واري صحبت ڪيائون. خواجہ صاحب نئي مان ظاهري توڙي باطني علم سان ڀهرور ٿي آيو هو، سو شاهہ صاحب ڪانئس پڇيو تہ: ”فنا ڪان پوءِ بہ

---

(۱) راقم کي هيءَ روايت گهوٽڪي ۾ اعتبار جهڙن صاحبن کان ملي، ساڳي روايت پوءِ عادلپور ۾ پڻ ملي پر البت ’مارئي جي سُر‘ مان انهن بيتن جو سلسلو بدليل هو.

(۲) وڌيڪ مخدوم محمد معين جي بيان هيٺ ڏسو. مير عبدالحسين خان سانگي ’لطائف لطيفي‘ (ص ص ۱۰۰- ۱۰۱) ۾ جيڪا حڪايت آندي آهي تہ مخدوم محمد هاشم راڳ بند ڪرائڻ لاءِ شاهہ صاحب وٽ (ڀٽ تي) آيو هو جو دنبورا ڪوٽي ۾ بند ڪرڻ جي باوجود وڳا، سا صحيح ناهي. اهو سازن جو خودبخود وڄڻ وارو واقعو تڏهن ٿيو جڏهن شاهہ صاحب ڪهڙن ۾ مخدوم محمدي وٽ مهمان هو. مخدوم محمد هاشم جي منع ڪرڻ واري روايت بابت ڪن بيانن ۾ ائين ڄاڻايل آهي تہ مخدوم صاحب چيو تہ: ”شرعي لحاظ کان خود ميين شاهہ ڪريم پڻ سندس قبر تي قبي جوڙائڻ کان منع ڪئي هئي.“ ميين شاهہ ڪريم جي ڪيل منع جو اهو ذڪر ’لطائف لطيفي‘ ۾ آندل آهي.

ڪو علم آهي؟" جواب ڏيڻ بدران خواجه صاحب پاڻ سامهون سوال پڇيو ته: "فنا ڪان اڳ پلا ڇا آهي؟" خواجه صاحب ان ملاقات وقت نسبتاً جوان هو ۽ چاهيائين ٿي ته شاهه صاحب سندس مريد ٿئي، پر شاهه صاحب وڏيڪ ڪونه ترسيو ۽ روانو ٿي ويو. خواجه محمد زمان جي نظر ۾ "شاهه صاحب هڪ اهل دل عارف هو جنهن جو قلب ذڪر الاهي ۾ مشغول هو." (ڪتاب "مرغوب الاحباب"، تصنيف نظر علي ٽالپور؛ لطف اللطيف، ص ص ٧٥- ٧٦؛ تذڪره مشاهير سنڌ، جل-٣، ص ١١١- ١١٣).

- مير (سيد) محمد عطا اميرخاني ٺٽوي (وفات ٣- شعبان ١١٧٨هه)، جڏهن ڪان شاهه صاحب جي صحبت ۾ آيو ته پنهنجون تلخ طبع واريون عادتون ۽ مذهبي نفرتون ترڪ ڪيائين، ۽ باوجود هڪ شيعه گهراڻي جي فرد هجڻ جي هو صاف دل صوفي ٿي پيو. شاهه صاحب به پوءِ ڪيس گهڻو پاڻئڻ لڳو ۽ ٺٽي ۾ بعضي وٽس وڃي ٽڪندو هو. سنه ١١٥٢هه ۾ شاهه صاحب وٽس اوطاقي هو جو اتي حبيب شاهه ڪلهوڙي نالي هڪ مجذوب درويش ڪي ستل ڏنائين جنهن ۾ ڏينهن به راتيون پاسو ڪونه ورايو هو. تڏهن سندس پرسان ويهي شاهه صاحب چيو ته: 'اي مست! توڪي جيڪي ننڊر ۾ حاصل آهي سو اسان جاڳندي پيا ڳوليون؛ اهڙي ننڊر تون ڪنهن ڪان سکئين!(١).

- مخدوم محمد معين ٺٽوي. هو پنهنجي وقت جي چوٽيءَ جي عالمن مان هو جنهن سان شاهه صاحب جون زندگي جي هن دور جي شروع ڪان وٺي محبت ڀريون ملاقاتون ٿيون ۽ ويندي آخر تائين قائم رهيون. مخدوم محمد معين پنهنجي وقت جو وڏو محقق ۽ فلسفي، ابن عربي جي صوفيانه فڪر جو علمبردار سالڪ صوفي، ۽ 'وحدت الوجود' جي نظريي جو وڏو حامي هو. هو ٺٽي جي وڏي عالم مخدوم عنايت الله ۽ دهلي جي وڏي عالم شاهه ولي الله جو ذهين شاگرد هو. تصوف ۾ نقشبندي طريقي جي شيخ ۽ مرشد ميان ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي جو مريد هو. شاهه عبداللطيف جو وڏو يار هو: بعضي پاڻ پڻ تي شاهه صاحب وٽ ايندو هو ۽ شاهه صاحب ٺٽي ۾ وٽس روح رهاڻ لاءِ ويندو هو. مخدوم محمد معين جي ديني ۽ فقهي ڄاڻ تي شاهه صاحب جو وڏو ڀروسو هو جو آڳاٽو ڏانهس 'اويسي طريقي' جي حقيقت سمجهائڻ بابت خط لکيو هئائين. مخدوم محمد معين ڪي شاهه صاحب لاءِ وڏي عزت بلڪ دلي محبت هئي ۽ سندس هر ارشاد جو خاص لحاظ رکندو هو(٢). مخدوم محمد معين سماع جو شائق ۽ 'شاهه جي راڳ' تي عاشق هو، ايتري قدر جو آخر حياتي ۾ به 'شاهه جو راڳ' ٻڌندي مٿس حال پئجي ويو جنهن ۾ دم ڏنائين. مير علي شير قانع 'تحفة الڪرام' ۽ 'معيار سالڪان طريقت' ۾ اهو واقعو هيئين لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

---

(١) مير علي شير قانع، مقالات الشعراء، ص ص ٢٢١- ٢٢٢ ۽ تحفة الڪرام ۾ اهو ذڪر آندو آهي ۽ معيار سالڪان طريقت ۾ ان مجذوب کي 'قلهره' ڪري لکيو آهي. محمد عطا بابت وڌيڪ ڏسو لطف اللطيف، ص ص ٧٨- ٧٩ ۽ تذڪره مشاهير سنڌ، جلد-٢ صفحا ٣٣٨- ٣٣٩.

(٢) مخدوم محمد معين ۽ مخدوم محمد هاشم جا ديني مسئلن تي هڪ ٻئي سان سوال جواب ٿيندا هئا (تحفة الڪرام، ٣x٢٢٩). هڪ ڀيري ڪنهن خاص مسئلي جي اهميت سببان مخدوم محمد هاشم پاڻ مخدوم محمد معين وٽ اچڻ جو ارادو ڪيو، ۽ هو جنهن وقت آيو تنهن وقت شاهه صاحب به مخدوم محمد معين وٽ ويٺل هو. ٻاهران دروازي ڪان جيئن ئي مخدوم محمد هاشم اندر گهڙيو ته شاهه صاحب ڪيس ڏسي مخدوم محمد معين کي چيو ته: "اڄ مخدوم صاحب کي ڪوبه رد ڪد نه ڏجو جو سندس پيشاني تي نبي ڪريم (صلعم) جي چانو آهي.' اهو ٻڌي، جيئن مخدوم محمد هاشم آيو ته مخدوم محمد معين سندس آجيان ڪئي ۽ چيائينس ته: انهيءَ مسئلي تي اوهان سان اسان جو ڪوبه اختلاف ناهي. پوءِ مخدوم صاحب کي در تائين اماڻي آيو. (مشهور روايت جيڪا ملاڪاتيارن جي بزرگ فقير محمد اسحاق پڻ راقم سان پنهنجي زباني بيان ڪئي).

- ”پٽ تي شاھ صاحب پنھنجن فقيرن کي چيو تہ: اڄو تہ پنھنجي يار جو آخري ديدار ڪرڻ ھلون. ائين چئي ٺٽي ۾ (مخدوم محمد معين وٽ آيو ۽ اتي) راڳ جي صحبت (محفل) ڪيائين جنھن ۾ مخدوم (محمد معين) پڻ شامل ٿيو. محفل جي عين گرمي ۾ ذوق واري وقت ھو اٿي اندر ويو ۽ ٿوري دير ۾ دم ڏنائين. سيد موصوف (شاھ عبداللطيف) جنازي ۾ شموليت بعد پٽ ڏانھن موٽندي چيو تہ: ٺٽي ۾ اچڻ سندن ڪري ئي ٿيندو ھو- ھاڻي ڪانئس پوءِ ختم“ (تحفة الڪرام، جلد-٣، مطبوع دھلي، ص ص ٢٢٩- ٢٣٠).

”آخر عمر ۾ (مخدوم معين) بہ قدوة العارفين شاھ عبداللطيف جي خدمت ۾ وڏي ارادي ۽ اخلاص وارو ٿيو. شاھ صاحب کي بہ ٺٽي ۾ مخدوم صاحب جي صحبت نھايت وڻي وئي ۽ سندس ملڻ خاطر ھو ٺٽي ۾ گھڻو اچڻ وڃڻ لڳو. مخدوم موصوف جي (حياتي جي) آخري ڏينھن ۾ شاھ صاحب آيو ۽ اچي راڳ جي صحبت (محفل) ڪرايائين. مخدوم کي ان راڳ ٻڌڻ سان حال پئجي ويو، ايتريقدر جو جان ڏيڻ کان سواءِ چارو ڪونہ رھيو... (جڏھن) سندس جنازو مڪلي ڏانھن پئي نيائون تہ سيد (شاھ عبداللطيف) پڻ پويان ڪانڌي ٿي پئي ھليو...... شاھ عبداللطيف جنازي سان ڪانڌي ٿيڻ بعد موٽندي، پنھنجي ڪرامت ڀري زبان سان چيو تہ: ”ٺٽي ۾ پنھنجي يار جي الوداع خاطر ھي اسان جو آخري ڀيرو اچڻ ٿيو......“ (معيار سالڪان طريقت، قلمي).

پٽ تي ھڪ جاءِ مقيم ٿيڻ وارو آخري دور (١١٦١ـ ١١٦٥ھ)

مخدوم محمد معين جي وفات سنہ ١١٦١ھ ۾ ٿي جنھن جي تصديق قانع جي ڏنل تاريخي ماده ”قطره در بحر واصل شد“ مان ٿئي ٿي. وفات بعد مٿئين بيان مان ظاھر آھي تہ شاھ صاحب کي وڏو غم ٿيو جو چيائين تہ سندس ٺٽي ۾ اچڻ جو ھيءُ آخري ڀيرو ٿيندو ۽ دوست جي جدائي بعد ھاڻي ھو وري ٺٽي ڪونہ ايندو. ان وقت شاھ صاحب جي عمر ٥٩ سال ھئي، ۽ ھو جيئن ’پٽ‘ تي آيو تہ وري ڪنھن ٻئي سفر تي ٻاھر ڪونہ ويو، ۽ زندگي جو باقي عرصو پٽ تي ئي ياد الاھي ۾ فقيرن سان گڏجي گذارڻ جو پھ ڪيائين. ان جي تصديق انھيءَ مان ٿئي ٿي جو ھاڻي پٽ تي، اڳين مسجد واري جاءِ تي، ھڪ وڏي ٽن گنبذن واري جامع مسجد ٺھرائڻ شروع ڪيائين، جيڪا بکر جي وينل عيدن رازي شاھ صاحب جي موجودگي ۾ سندس نظرداري ھيٺ سنہ ١١٦٢ھ ۾ جوڙي راس ڪئي(١). اھا ساڳي ٽن گنبذن واري مسجد اڃان تائين موجود آھي. ھالن پراڻن جي قاضي ابراھيم، شاھ صاحب جي ارشاد موجب، مسجد جي تعمير جي تاريخ ھينئين منظوم مصرع مان ڪڍي(٢):

---

(١) لطائف لطيفي ۾ آندل بيان موجب، شاھ صاحب ان مسجد جو بنياد رکيو ۽ اھا شاھ صاحب جي موجودگيءَ ۾ سندس روبرو جڙي: ”مسجد معلي روبروي والاتبار نمونہ پسنديده تيار شد“(ص- ٢٩) ”عيدن معمار ساڪن بکھر مسجد مطھره روبرو اولياء صاحب بر پٽ شريف ساختہ بود.“ (ص- ١٧١) بنا ڪرده شاہ والاتبار- کہ شد روبروي مُعليٰ تيار (ص- ٢٦). شاھ جو روضو بہ پنج سال پوءِ عيدن رازي جوڙيو.

(٢) قاضي ابراھيم پوءِ شاھ صاحب جي وفات جي تاريخ پڻ ڪڍي. مسجد جي جُڙي راس ٿيڻ جي تاريخ واري اھا سِرَ ضرور مسجد ۾ ڪٿي لڳائي وئي ھوندي پر ھن وقت موجود ناھي. شايد وراندي جي ٺھڻ يا ٻين تعميري تبديلين وقت اھا سر لاٿي وئي جو پوءِ وري لڳائي ڪانہ وئي. مسجد جي تعمير بابت قاضي ابراھيم جي منظوم ڪيل اھا تاريخي مصرع راقم کي ولھار جي ڪتبخاني جي ڪُھنن ڪاغذن ۾ ھينئين طور لکيل ملي.

”تاريخ عمارت مسجد غواصِ بحر حقيقتِ سيد شاھ عبداللطيف جيو عليہ الرحمة قدس الله سره العزيز

بطريق مصرع: نادري مسجد درين دوران چہ زيبا دل ربائي“

١١٥١

ھن لکت ۾ سال وارو عدد ١١٦١ بدران ١١٥١ آھي جيڪو صحيح ناھي، ۽ لفظ ’ربائي‘ پڻ صحيح ناھي جو ان سان مصرع جو وزن ٽٽي ٿو. صحيح ”دل ربا“ آھي، ابجد جي حساب سان: (نادري= ٢٦٥، مسجد= ١٠٧+ درين=٢٦٤+ دوران= ٢٦١+ چہ= ٨+ زيبا= ٢٠+ دل= ٣٤+ ربا= ٢٠٣=) ١١٦٢ بيھي ٿو.

"نادري مسجد درين دوران چه زيبا دل رُبا"

شاهہ صاحب هاڻي ڀٽ تي ئي گوڏو ڀڃي وينو ۽ اتي همه تن عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول ٿيو. مير سانگي جو هيٺيون بيان شاهہ صاحب جي زندگيءَ جي انهيءَ آخري دور جي عڪاسي ڪري ٿو:

"ڀٽ واري جامع مسجد ۾ هميشه (= روزانو لازمي طور) پنجئي وقت نماز جا، جماعت سان ادا ڪندا هئا. نماز ۾ پاڻ آڏو امام نہ ٿيندا هئا. حضرت شاهہ عبدالڪريم جي طريقي موجب، ٽي تسبيحون ذڪر جون صبح جي نماز ۽ ٻين نمازن وقت مقرر ٿيل هيون، جيڪي پڙهيون ويندیون هيون: پهرين تسبيح "الله هو"، ٻي تسبيح "الله الله"، ۽ ٽئين تسبيح "هُو هُو". پاڻ اڪثر روزي ۾ هوندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ: "(حقيقي) 'روزه دار' اهو آهي جيڪو عيد جو محتاج ناهي، ۽ (حقيقي) 'عابد' اهو آهي جنهن ۾ 'انانيت' ('آءٌ') ناهي: مسجد بہ ماڻهن لاءِ انهيءَ ڪري سجده گاه بني آهي جو (منجهس خودنمائي ڪانهي ۽) پاڻ پنيري تي ٻين جو منهن ڪعبي ڏانهن ڪيو اٿس"(۱).

هاڻي شاهہ صاحب جڏهن ڀٽ تي ماڳائتو مقيم ٿيو تہ اتي راڳ پڻ هر جمعي رات باقاعدگي سان ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري ڀٽ سندس مريدن ۽ معتقدن توڙي ٻين عام مرادوندن جو مرڪز بڻي. راڳ ٿورو گهڻو اڳ بہ فقير ڪندا هئا پر ۱۱۴۴هہ ۾ شاهہ حبيب جي وفات کان پوءِ فقيرن راڳ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو. ان کان پوءِ وارن سورهن سالن جي عرصي ۾ راڳائي فقير وڏي سمجهہ ۽ سوز سان شاهہ صاحب جا بيت ۽ وايون ڳائڻ لڳا. اهڙي توجهہ سان 'شاهہ جو راڳ' هڪ اعليٰ ادارو بڻجي ويو ۽ راڳائي فقير بہ راڳ ۾ وڏي ڄاڻ وارا ٿي ويا. تمر فقير واڳ جو اڳواڻ هو، ۽ سيد تقي فقير، هاشم علي فقير ريحاڻ پوٽو ۽ ٻيا سندس اڳواڻي هيٺ راڳ ڪندا هئا. سيني راڳاين فقيرن وٽ هاڻي دنبورا پڻ هئا، ۽ جئن تہ هر جمعي رات 'شاهہ جو راڳ' خود شاهہ صاحب جي حاضري ۾ ٿيڻ لڳو تنهنڪري فقيرن جي 'راڳ واري سڏ' ۾ وڏو درد ۽ اثر پيدا ٿيو جنهن جو غوغاء پري پري تائين وڃي پهتو:

"لات جا لطيف جي، سڏ تنهن جو سُجهي"

هڪ طرف شاهہ جي بيتن ۽ واين جي لفظن ۽ معنيٰ ۾ سمايل درد ۽ اثر، تہ ٻئي طرف خود راڳائي فقيرن جو راڳ ۾ سوز وارو 'سڏ'-انهن ٻنهي جاذب جُزن جي ميلاپ سان 'شاهہ جي راڳ' ۾ وڏي ڪشش پيدا ٿي جنهن هر جمعي رات 'ڀٽ' تي محبتين جا ميڙا لڳائي ڇڏيا.

شاهہ صاحب جو عشق ۽ عرفان، ڪل ڪائنات جي خالق جي وحدانيت تائين پهچي چڪو هو، ۽ هاڻي خالق حقيقي سان وصال کان سواءِ هن عارضي زندگي واري وجود کي بي سود ڪري ٿي ڄاتائين. انهيءَ حق ۽ حقيقت جي آگاهي جو اظهار ان وقت 'سُر سنهڻي' جي 'وائي' ۾ ڪيائين جو چيائين تہ:

"کهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري"

اڳ هلندڙ مسلسل روايت توڙي موجوده دور جي اعليٰ عالمانہ راءِ مطابق، انهيءَ وائي جي لحاظ سان، 'سُر سنهڻي' آخري ڪلام هو جيڪو شاهہ صاحب چيو(۲).

---

(۱) لطائف لطيفي، صفحا ۹۷، ۱۰۲ ۽ ۱۲۷.

(۲) اڳ هلندڙ روايت مير عبدالحسين خان سانگي 'لطائف لطيفي' (صفحو ۱۸۲) ۾ آندي آهي ۽ موجوده دور جي اعليٰ عالمانہ ۽ سالڪانہ راءِ علامہ آءِ. آءِ. قاضي جي آهي جيڪو پاڻ فڪر ۽ نظر جو صاحب، علم ۽ فيض جو سرچشمو ۽ خاص طرح شاهہ جي فڪر ۽ عرفان جو وڏو ڄاڻو هو.

شاهہ صاحب لاءِ راڳ روحاني خوراڪ هو ۽ بالآخر راڳ جي رس ۾ ئي هيءُ جهان ڇڏيائين. پڇاڙي واري وقت، سندس ارشاد موجب، ٽي ڏينهن لاڳيتو راڳ ٿيندو رهيو ۽ شاهہ صاحب پاڻ استغراق واري حالت ۾ مراقبي ۾ ويٺو رهيو. جڏهن راڳ ۾ ذرا وقفو ڪيائون تہ ڏٺائون تہ ان مراقبي واري حالت ۾ ئي شاهہ صاحب جو روح پرواز ڪري چڪو هو(١). شاهہ صاحب جي اُستاد (ميين نورمحمد ڀٽي مرحوم) جي فرزند ميين ولي محمد غسل ڏياريو(٢) ۽ شاهہ صاحب جي پنهنجي ارشاد موجب ڪيس ان جاءِ تي دفن ڪيائون جتي هن وقت سندس مزار آهي. هجري سال ١١٦٥ جي صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ هئي جو شاهہ صاحب وفات ڪئي: اها سندس پيارن فقيرن لاءِ هڪ وڏو صدمو هئي جنهن ڪي ڪي فقير برداشت ڪري نہ سگهيا ۽ انهيءَ غم ۾ گذاري ويا. ان وقت جي ٻن عالمن بزرگن، قاضي ابراهيم هالائي ۽ محمد پناهہ 'رَجا' نقشبندي ٺٽوي، جيڪي ٻئي شاهہ صاحب جا معتقد هئا، تن سندس وفات تي هينيان 'تاريخي قطعا' چيا جيڪي ان غمناڪ ۽ جانگداز واقعي جا يادگار آهن:

- قاضي ابراهيم هالائي هينين قطعي ۾ "رضوان حق" جي لفظن مان وفات جو سال ڪڍيو:

شاهہ صاحب ذوالمناقب سيد عبداللطيف
آن ڪہ قطبِ وقت خود بودست در مردان حق
چون زِ جامِ ارجعي مخمور نوشِ وصل شد
گفت مُلهم غَيب ربي رحلتش "رضوان حق"
١١٦٥

- محمد پناهہ 'رَجا' سندس هينين ٻن شعرن جي پوئين سٽ مان رحلت جو سال ڪڍيو:

زد نعره در فراق دگر کرد سينه چاک
"شد محو در مراقبه جسمِ لطيف پاک"
= ١١٦٥
گفت اين "رَجا" مريد سنِ ارتحال پير
"گرديد محو عشق وجودِ لطيف مير"
١١٦٥

مٿيون بيان شاهہ صاحب جي زميني زندگي جو هڪ مختصر خاڪو آهي، جيڪو ڪن معتبر تحريري حوالن ۽ پروسي جهڙين روايتن ۽ تصديقي ثاٽن مان اجاگر ٿئي ٿو(٣). مگر انهن جملي اهڃاڻن کان وڌيڪ پڌرا ڪي ٻيا آثار آهن جيڪي شاهہ صاحب جي سوانح حيات کي روشن ڪن ٿا. اهڙن آثارن مان 'ڀٽ' تي سندس مزار سندس خاڪي جسم جي امانت گاهہ آهي؛ بلڙيءَ ۾ ميين شاهہ ڪريم جو قبو ۽ جامع مسجد، ۽ ڀٽ تي شاهہ حبيب جو قبو ۽ جامع مسجد سندس جوڙايل عمارتن جا يادگار آهن. 'لال لئو'، 'ڪندو' ۽ ڪي ٻيا ماڳ مڪان پڻ سندس زندگيءَ جي ماضي وارن مرحلن جا نشان آهن. پر حقيقت ۾ 'شاهہ جو رسالو' ۽ 'شاهہ جو راڳ' ئي حضرت شاهہ صاحب جي سوانح جا جٿرا جاڳندا باب آهن. رسالي ۾ محفوظ سندس پنهنجو ڪلام، حضرت شاهہ صاحب جي اعليٰ شاعري ۽ عارفانہ بصيرت تي شاهد آهي.

---

(١) لطائف لطيفي، ص- ١٢٠.
(٢) ايضاً، ص- ١٧١.
(٣) ڪن ثاٽن اهڃاڻن جي وڌيڪ تحقيق اجان باقي آهي. في الحال 'رسالي' جي مقدمي طور ايتري قدر هيءَ مختصر خاڪو مرتب ڪيو ويو آهي. ١٤- صفر ١١٦٥هہ وفات واري تاريخ ٢ جنوري ١٧٥٢ع جي برابر بيهي ٿي.

ساڳئي وقت اهو سنڌي ٻوليءَ جو دائمي دستاويز آهي. اهو جڻ الهامي ڪلام آهي جيڪو شاهہ صاحبؒ جي عالمگير فڪر جو مظهر آهي، اسلامي تعليم ۽ تلقين جو روح آهي، زندگي جي مختلف مرحلن ۽ موڙن تي انسان جي فطري جذبن ۽ احساسن جو عڪس آهي، ۽ اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو آئينو آهي. ٻئي طرف 'شاهہ جو راڳ' سنڌي موسيقي جو هڪ اهم تاريخي ادارو آهي، جنهن جو شاهہ صاحب پاڻ بنياد وڌو ۽ ان جي تڪميل ڪئي- اهو انهيءَ لاءِ تہ درديلي ۽ مٺي آواز ۾ ڳايل سندس بيتن ۽ واين ۾ سمايل حق ۽ حقيقت، فڪر ۽ هدايت جو دلين تي خاص اثر ٿئي؛ اهڙو اثر جيڪو سالم دلين کي وڍيڪ سنواري، گهٽيل دلين کي اُجاري، بلڪ مُئن دلين کي جياري.

◈

شاهه جو رسالو

هڪ ئي جامع جلد ۾ رسالي جو سڄو معياري متن

—

اڳ ڇپيل اٺين- نائين جلد وارا سڀ سر، ڪلياڻ کان سارنگ تائين

۽

اڳ ڇپيل ڏهين جلد وارا سڀ سر، ڪيڏاري کان بسنت تائين

۽

تمر فقير جو ڪلام، سسئي جي ٽيهه اکري ۽ فارسي ڪلام

سُر ڪلياڻ

سُر ڪلياڻ نهايت ئي ڳرو ڳوڙهو سُر آهي. اعليٰ ڄاڻ ۽ معرفت حاصل ڪرڻ ۽ اعليٰ مقصد ماڻڻ لاءِ، هن سُر ۾ سمايل فڪر انسان کي شڪ ۽ شرڪ بدران يقين، آرام بدران بي آرامي، تسڪين بدران تڙپ ۽ بيتابي، رسمي ڏيکاءُ بدران سچائي، ۽ سڏن بدران سِر جي قرباني جي راه ڏيکاري ٿو. هن سُر ۾ 'توحيد' ۽ 'رسالت' جي حوالي سان، انسان جي عقيدي جي صفائي ۽ ڪائنات جي وحدت جو راز سمجهايل آهي. اعليٰ ڄاڻ ۽ معرفت واري مقام تي پهچڻ خاطر، حقيقت جي تلاش ڪندڙ کي ترغيب ڏنل آهي تہ هو ٻيائيءَ کي ٻوڙي، خوديءَ کي ڪائي، هئڻ ۽ هستي واري ڪُلاه ڪاٽي؛ ٻاهرين لُڇَ پُڇ بدران اندر ۾ لوچي ۽ لُڇي، ۽ 'پاڻ' کي پاڻ کان پري ڪري ائين جو جِئڻ مرڻ کان اڳ مري. هن سر ۾ عشق جي آزمايش، محبوب جي بي پرواهي، ڪاتي ۽ ڪوس، ڪوري ۽ آگ جو ذڪر آهي؛ محبوب جو ڪهڻ ۽ عاشق جي ڪسجڻ جو بيان آهي: عشق آسان ناهي پر سوريءَ جي سيج آهي. عشق جي واردات ضربن ۽ زخمن واري آهي. عشق جي آزمايش ۾ ڪاميابي لاءِ سچي عاشق کي محبوب آڏو ڪسي قربان ٿيڻ ۽ سرهو ٿي سوريءَ تي چڙهڻو آهي. اهو سڄو ماحول نهايت ڳرو ڳوڙهو آهي. سُر ڪلياڻ يقين کي محڪم ڪندڙ، قربانيءَ لاءِ جوش ۽ جذبو جاڳائيندڙ، اعليٰ منزل تي پهچڻ لاءِ ولولو وڌائيندڙ، ۽ همت ۽ حوصلو ڏيندڙ آهي. هيءَ سر خاص طرح حق ۽ حقيقت جي ڳوليندڙ کي لوڏيندڙ ۽ لرزائيندڙ آهي، سندس سک ۽ آرام وڃائيندڙ آهي، ۽ کيس اعليٰ معرفت واري مقام لاءِ اپاريندڙ ۽ اٿاريندڙ آهي.

داستان پهريون

١

اوّلِ اَللهُ عَلِيمُ، اَعليٰ عالَمَ جو ڌڻِي
قادِرُ پَنهنجيءَ قُدرَتَ سِين قائِمُ آهِ قَدِيمُ
والِي واحِدُ وَحدَهُ رازِقُ رَبُ رَحِيمُ
سو ساراهِ سچو ڌڻِي، چَئِي حَمدَ حَکِيمُ
ڪَري پاڻَ ڪَرِيمُ، جوڙُئون جوڙَ جَهانَ جِي.

٢

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، اِيءُ وِهائِج وِيءُ
ڳَنِين جي هارائِيين، هَنڌُ تُنهِنجو هِيءُ
پاڻان چوندءِ پِيءُ، پَري جامُ جَنّتَ جو.

٣

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، هِي هيڪَڙائِيءَ حَقُ
ٻِيائِيءَ کي ٻَکُ، جَن وِڌو سي وِرسِيا.

٤

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، ٻُڌءِ نہ ٻوڙا
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئا، گَهَٽَ اَندَرِ گهوڙا
ٻاڙِيندين ڳوڙها، جِتِ شاهِدَ ٿِيندءِ سامُهان.

٥

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، جان تُوچَئِين اِيئَن
مَڃُ مُحَمدُ ڪارَڻِي، نِرتُئُون مَنجهان نِينهَن
تان تُون وِڃئو ڪِيئَن، نائِين سِرَ ٻِئَن ڪي.

٦

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، جَڏهن چيو جَن
تَن مَجيو مَحمدَ ڪارَڻِي، هِيجان ساڻُ هِنيَن
تَڏهن منجهان تَن، اَوَتَڙ ڪونہ اولِئو.

٧

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، جَن اُتو سِين اِيمانَ
تَن مَجيو مُحَمدُ ڪارَڻِي، قَلبَ ساڻُ لِسانَ
اُوءِ فائِقُ ۾ فرمانَ، اَوَتَڙ ڪَنہِ نہ اولِئا.

٨

اَوتَڙِ ڪَنہِ نہ اولِئا، سُتَڙ وِئا سالِمَ

د -١. اولِ= سڀ کان پهريائين. عليم= سدا ڄاڻندڙ. عالم= سڄو جهان. قديم= ازل کان اڳ. وحده= هو پاڻ اڪيلو. جوڙئون= جوڙي مان. جوڙ= بناوت جهان جي. ٢. وحده لاشريڪ له= هو اڪيلو آهي ۽ سندس ڪو شريڪ ڪونهي. وهائج= خريد ڪج. ويءُ= نفعي وارو مال. ٣. ورسئا= ڀُليا، گمراه ٿيا. ٤. ڪ= يا. گهٽ= اندر. ٥. ڪارڻي= ڪارڻ ڪندڙ. نرتئون= نِرت سان. ٦. هيجان= هيج مان، خوشيءَ مان. اوتڙ= خطري وارو اٽانگو ۽ ڏکيو تڙ. اولئو= ڏکجي ويو، ٿيلهجي ويو. ٧. اُتو= چيو. فائق= ٻين کان وڌيڪ وڏي عقيدي وارا. ٨. سُتڙ= ٻيڙين جي لنگر لاءِ سولي محفوظ جاءِ، سٺائو تڙ.

هيڪان ئِي هيڪُ ٿِئا، اَحَدَ سِين عالِمَ
بي بَها بالِمَ، آڳي ڪِئا اَڳِهين.

٩

آڳي ڪِئا اَڳِهين نِسوروئِي نُورُ
لاخَوفُ عَلَيهِم وَلاَ هُم يَحزَنُون، سَچَنِ ڪونهي سُورُ
مَولي ڪِئو مامُورُ، اَنڱُ اَزَلَ ۾ اَنِ جو.

١٠

وَحدَهُ جي وَڏِئا، 'الاالله' اَڏَ ڪِئا
"مُحَمدُ رَسُولُ الله" چَئِي، مسلمانَ ٿِئا
عاشِقَ، عبداللطيفُ چئي، اِنهين پَهِ پِئا
جيلاه ڏٽيءَ ڏُئا، تي وِئا وَحدَتَ گَڏِجي.

١١

وَحدَهُ جي وَڏِئا، ڪِئا 'اِلاالله' اَڏَ
سِپي ڏٽُ پَسِي سَڌَ، ڪَنه اياڳِي نہ ٿِيي.

١٢

وَحدَهُ جي وَڏِئا، "اِلاالله" سِين اورِينِ
[illegible] حَقِيقتَ گَڏِئو، طَرِيقتَ تورِينِ
مَعرِفَتَ جي ماٽِ سِين ڏِسَ اَندَرِ ڏورِينِ
ڪَلهنئُون ڪورِينِ، عاشِقَ عبداللطيفُ چَئي.

١٣

سِرُ ڏِيُونديان ڏٽُ نہ لَهان، ڏٽُ ڏِيُونديان سِرُ ناهِ
هَٿَ، ڪَرائِيون، آڱرِيون، وِيا ڪِپجِي ڪانهِ
وَحدَتَ جي وِهانهِ، جي وِئا سي وَڏِئا.

١٤

تون چَئُہ اللهُ هيڪَڙو، وائِي ٻِي وِسارِ
ٿَنَ ۾ تَندُ توارِ، سَدا سُپيرِينِ جِي.

١٥

تون چَئُہ اللهُ هيڪَڙو، ٻِي وارِجِ مَ وائِي
جيڪا مُڪِي سَڄَڻين سِکِجُ تون سائِي
اوڙِڪَ اِهائِي، ڳولي لَهِجُ ڳالهڙِي.

١٦

تون چَئُہ اللهُ هيڪڙو، ٻِي وائِي وِساري ڇَڏِ
ٿَنُ هِنيين سِين گَڏِ، سَڄَڻُ ساهَ پَساهَ ۾.

١٧

پاڻهِين جَل جَلالُهُ، پاڻهِين جانِ جَمالُ
پاڻهِين صُورت پِرينءَ جي، پاڻهِين حُسَنُ ڪمالُ
پاڻهِين پِيرَ مُرِيدُ ٿِئي، پاڻهِين پاڻُ خِيالُ
سَڀُ سَيوئِي حالُ، مَنجهان ئِي مَعلومُ ٿِيي.

١٨

پاڻهِين پَسي پاڻُ کي، پاڻهِين ئِي مَحبُوبُ
پاڻهِين خَلقِي خُوبُ، پاڻهِين طالِبُ تَنهِ جو.

١٩

عاشِقُ چَئُہ مَ اَنَ کي، مَ ڪِين چَئُہ مَعشُوقُ
خالِقُ چَئُہ مَ، خامَ تُون، مَ ڪِين چَئُہ مَخلُوقُ
سَلِجَ تَنه سُلُوڪُ، جو ناقِصيَان نِڳَئُو.

٢٠

'اَحدُ' 'اَحمَدُ' پاڻُ ۾، وِچان 'مِيم' فَرقُ
ٿِئا مُستَغرَقُ، عالِمَ اِنهين ڳالهِ ۾.

هيڪان ئي= هيڪڙائي مان. هيڪ ٿئا= گڏجي هڪ ٿئا. احد= هڪ الله. بالم= أستغنا وارا، توڪل وارا. آڳي= ڏٽي، مالڪ. ٩. لاخوف عليهم ولاهُم يَحزنُون= (قرآن پاڪ ٢- ٦٢) "نہ آهي خوف انهن تي: نڪو ڪو ڪين ڏک رسندو" يعني انهن مٿان يا انهن لاءِ ڪوبہ خوف خطرو ڪونهي، ۽ نڪي هو ڪو ڏک ڏسندا. مَوليٰ= ڏٽي تعاليٰ، خالق، مالڪ. مامُور= امر ڪيل= ڏٽيءَ جي حڪم سان (لکيل انگ). ازل= وقت يا شروعات جي تخيل کان اڳ ('ابد' جو ضد). انگ ازل ۾= ازل جو لکيو. ١٠. اِلاالله= سواءِ الله جي. جيلاه= جڏهن جو. ڏُئا= ڏُٺيا. تي= تڏهن. پَسِي= ڏسي ۽ سمجهي. ١٢. حقيقت= حق واري منزل. طريقت= حق تائين پهچڻ واري واٽ. معرفت= حق جي عارفانہ ڄاڻ. ڏِس= طرف، ڏوراهين ڪنڌ، الله جي پنڌ واري واٽ. ڪلهنئون ڪورين= ڪلهن ڪان ڪنڌ وڍين. ١٣. وئا ڪپجي ڪانه= ڪيڏانه ڪپجي ويا. وحدت= الله جي ذات جي هيڪڙائي. وِهانه= شادي، وصال. ١٥. مُڪي= موڪلي. اوڙڪ= نيٺ، نڌان. ١٩. سلج= ٻڌائج. سُلوڪ= حال واري ڳالھ، معرفت وارو نُڪتو. ناقصيان= ناقصيءَ واري حالت مان. نڳئو= نڪتو، آزاد ٿيو. ٢٠. احد= ذات حق، 'هڪ الله'. 'احمدُ'، معنوي لحاظ سان، محمد (صلي الله عليہ وسلم) جن جو ٻيو نالو: 'اِسمُه اَحمَدُ" (قرآن حڪيم). مستغرق= غرق ٿيل. انهين ڳالھ ۾= احد ۽ احمد ۾ فرق واري خيال ۾.

٢١

اَحَدان اَڳي جا هُئِي، سُوڌِي سا صِفَتَ
اَپَرِ اِشارَتَ، پَرَ سِڌَنِ ڪي ـ سُتَّرِي.

٢٢

'صِفَتَ' سَنگُ 'اَحَدَ' سين، اَحَدُ صِفَتَ' ري ناهِ
'اُو' اُن هي ئُون آهِ، پَرِ ٻِيءَ ٻِيائِي ٽِيا.

٢٣

'هُو' پُڻ آهي 'هِنَ' سين، 'هِيءُ' نہ 'هُنئان' ڌارَ
اَلانسانُ سِرِي وَاَنا سِرِهُ، پَرُوڙج پَچارَ
ڪَندا وِئا ڌوارَ، عالِمَ عارِفَ اِهڙِي.

٢٤

صورتَ سوجهہ مَ ٿَنہ جِي، جاٽي ٻُجهِين جو
اِيءُ سُخَنُ آهي سو، جو مُنہ مُقابِلِ نہ ٿِيي.

٢٥

ڪارِي راتِ، اَچو ڏِينهُ اِيءُ صِفَتَان نُورُ
جِتي پِرينءَ حُضُورُ، اُتي رَنگُ نہ رُوپُ ڪو.

٢٦

سو 'هِيءُ' سو 'هُو' سو "اَجَلُ" سو 'اَللهُ'
سو 'پِرين' سو 'پَساهُ'، سو 'وِيرِي' سو 'واهِرُو'.

٢٧

ڪوڙِيين ڪايائُون ٿُنهنجيُون، لَکَڻَ لَکَ هَزارَ
جِيءُ سَيَڪَنهِ جِيءَ سِين، دَرسَنُ ڌارو ڌارَ
پِريَمِ ٿُنهنجا پارَ، ڪِهڙا چَئِي ڪِيئَن چُئان.

٢٨

پڙاڏو سو 'سَڏُ'، وَرُ وائِيءَ جو جي لَهين
هُئا اَڳهِين گَڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ ٻہ ٿِئا.

٢٩

جَنِ ڪي جِئائِين، پِرينِ پاڻُ پَسائِيو
ئَنِ ڪي ٽِئائِين، لِيا پائِڻُ آئِيا.

٣٠

سَيَڪَنهِين ڏانهَ سامُهُون، ڪو هَنڌُ خالِي ناهِ
اَحدان جي اَرڳِ ٿِئا، سي ڪانهِرَ ڪِبا ڪانهِ
مُحِبُ مَنجِهين مَنَ مانهِ، مُون اڃاڻَندِي اُڃهُو.

٢١. احدان= احد (واري منزل) کان. سوڌي= سهڻي صحيح، سمجهڻ ۾ سَولي. صفت= ذات حقيقي جي ظاهري صفت. اپر= اِعليٰ، وڏي معنيٰ واري. اشارت= 'اشاري' ۾ سمايل معنيٰ، معنوي مام. سِڌن= صحيح عقيدي ۽ فڪر رکندڙن، سنئين راه (صراط مستقيم) تي هلندڙن. ستري= سولي. ٢٢. سنگُ= پڪو ميل ميلاپ، پختو جوڙ. صفت سنگ احد سين= 'صفت' ۽ 'احد' (ذات) جو ساڳيو هڪ وجود. ان- هي ئون= ان جي منجهئون. ٻي= ٻيءَ معنيٰ ۾، ٻي حالت ۾ ٻيا= هڪ ٻئي کان جدا. ٢٣. هُو= ذات حق، الله. هن= 'صفت'، وجود ظاهري. هيءُ= صفت، وجود انساني. هُنئان= 'هُن' کان. الانسانُ سري وَانا سِرُهُ- (صوفين سالڪن جو مقولو تہ) 'انسان منهنجو ڳُجهہ آهي، ۽ آءٌ انسان جو راز آهيان." توار= وائي، ڳالهہ. عارف= عرفان وارا. معرفت جا صاحب. ٢٤. ايءُ سخن= 'ذات حق' جي هستي ۽ وجود بابت هي بحث. منه مقابل نہ ٿيي= دليلن ذريعي طيءِ ٿي نٿو سگهي، نبيري نٿو سگهجي. ٢٥. صفتان= 'صفتن' جو، صفاتي. نور= روشني. حضور= موجودگي وارو جلوو. رنگ ۽ روپ= ڪاراڻ اڇاڻ وغيره وارو مخصوص رنگ يا صورت. ٢٦. اجل= موت، قضا. پساه= پنهنجو ساه، پنهنجي جند جان. واهرو= واهر ڪندڙ، مددگار. ٢٧. ڪوڙين= ڪروڙين. ڪايائون (ڪايا= ڪائي، هائي، جسمي بناوت ۽ صورت)= بناوتون ۽ صورتون. لکڻ= مهاندا، لڇڻ، وصفون. جِيءُ= ساه، جند جان. درسن= ڏيک، ڏسڻ ۾ نوع نوع نمونو. پريم= اي منهنجا پرين. پار= پار پتا، وصفون. ٢٨. پڙاڏو= ڪنهن آواز، ڳالهاء يا سڏ جي ساڳي صورت ۾ گونجدار موٽ. پڙاڏو سو سڏ= سوئي پڙاڏو سوئي سڏ آهي، ٻئي ساڳي ڳالهہ آهن. ور= اُتل، موٽ. وائي= گفتگو، ڳالهاءُ. اڳهين= اڳ ئي، ڏريائين، مُنڍان ئي، اصل ۾. ٢٩. ليا= لياڪا، جهاتيون. ٣٠. احدان= 'احد' کان. ارڳ ٿئا= الڳ ٿيا. ڪانهر= ڪاهل، سست، ڪانئر، بي همت، ڪمزور. ڪبا ڪانه= ڪيڏانهن ڪبا، ڇا ڪبا، انهن کي ڇا ڪبو. منجهين= منجهہ ئي. من مانه= من ۾، من اندر. اڃاڻندي (مذڪر)، اڃاڻندِي (مونث)= اڃ ڄاڻائي واري حالت ۾. مون اُجهئو= آءٌ ڪيس ڳولڻ خاطر پئي پڇڪيس.

٣١

سَيَڪَنهين ڏانهَ سامُهُون، ڪو هَنڌُ خالِي ناهِ
ڪُڇَڻُ ڪَڏِي لاهِ، پاهَتُ ئِي پِرينءَ سِين.

وائي

ڪِئَن آن لَهَندِي سي، اي يا اَللهَ!
ڪِئَن آن لَهَندِي سي، "وَحَدَهُ" جي وِڍِيا
جِتي وَحدَهُ وَڍَ ٿِئي يا اَللهَ!
ڪو تِتي مُونکي ني
سِسِي ڏِيان ساهَ سِين، يا اَللهَ!
آءٌ تنهِ پانڊِيءَ ڪي

داستان ٻيو

١

صُوفِيءَ سَيرُ سِيَنِ ۾، جِئَن رَڱِنِ ۾ ساهُ
ساهَ ڪَري ڳَالهَڙِي، جا پَرُوڙِي پَساهَ
اهِسَ اِيءَ گُناهُ، جِئَن ڪا ڪَري پَڌِرِي.

٢

صُوفِي سالِمُ سي وِئا جي اَڪثَرَ سِين اَڏِيارَ
بازِي بازِندَنِ ڪي آهي اَويسارَ
پِريان سِين پَهڪارَ، رِنديءَ رَساڻِي ڪِئا.

٣

صُوفِي چائين سَڌ ڪَرين، صُوفِيءَ ايءَ نه صَلاحَ
ڪاٽي وِجُهه ڪُلاهَ، هَڻُ اَڃِلي آڳِ ۾.

٤

ڪُلاهَ رَکِين ڪَنڌَ تي، ته صُوفِي سالِمُ ٿِيءُ
وِهَ وَٽِي هَٿِ ڪَري، پُرُ پيالو پِيءُ
هَنڌُ ٿَنِي جو هِيءُ، جَنِي حاصُلُ ڪِئو حالَ ڪي.

٥

"صُوفِي لا ڪُوفِي" ڪونه پانئيسِ ڪيرُ
مَنجهائِين مَنجِهه وِڙهي، پَڌِرِ ناهِسِ پيرُ
جَنِي ساڻُسِ ويرُ، ٿِيي ٿَنِي جو واهَرُو.

٦

ڏِنِي ڏُکويا، اَڻَ ڏِنِي راضِي رَهيا
صُوفِي تي ٿِيا، جِئَن ڪِين ڪنياڻُون پاڻَ سِين.

---

٣١. ڪُڇَڻ= آڌا سوال پڇڻ (ته ائين چو آهي، اهو ڇا آهي؟). ڪڏي لاهه= ڪڏي ڇڏ. پاهت= رضامندي، پيار، نياز نئڙت واري وات، نباهڻ وارو ناتو. وائي: آن= آءٌ. لهندي= ڳولي لهندي، ڳولي لهان، ڳولي لهنديس. وحده= 'هڪ الله' جي عشق ۽ عقيدي. وَڍ= ڪوس. د-٢. ١. سيرُ= ديدار، پسارو. پساهُ= ساهه وارو حِس، اندر جي روشني، سجاڳي. ٢. سالم وئا= ڪاميابي سان منزل مقصود کي پهتا. اڪثر سين= هڪ محبوب بدران هن سان هُن سان ۽ گهڻن سان، الله واحد بدران ٻين غيرن سان. اڏيار= ياري ۾ اڏ ڏيندڙ، اڻ- يار، ياري ۾ نه آهن. بازندن= ڪيڏندڙن. بازندن ڪي= (انهن خاص بلند مقام صوفين) ڪيڏندڙن جي نظر ۾. اويسار= نه وسرڻ جهڙي، هميشه ياد. پريان سين= پنهنجي هڪ ئي پياري محبوب سان، هڪ الله سان. پَهڻ= ڪنهن سان ڪا ڳالهه ڪرڻ، پوري اعتماد سان خاص راز جي ڳالهه ڪرڻ، دل جو حال اورڻ. پَهڪارَ ('پَهَڪارُ' جو جمع، جئن صلاحڪارُ جمع صلاحڪارَ)= حال پيش ڪندڙ، راز اوريندڙ، محبوب جي قرب ۽ رضا واري منزل تي پنهنجي دل جو راز بيان ڪندڙ. رندي= هڪ ڳالهه هڪ خيال وارو جذبو، ڪنهن اعليٰ منزل ۽ مقصد تي رسڻ وارو اڻ- ٽر ارادو. رساڻي= پهچائي. ٣. چائين= چوائين. سَڌ= نفساني خواهش، تمنيٰ. صوفيءَ= سچي صوفي کي. اي نه صلاح= اها صلاح ناهي، ائين نه جڳائي، ائين مناسب ناهي. ڪاٽي وجهه= ڪپي وجهه، وڍي ٽڪرا ڪر. ڪُلاهه= ڏگهي چوٽيدار ٽوپي (جيڪا صوفي 'تاج' طور پائين). ٤. صوفي سالم= سالم صوفي، سچو صوفي. وه وٽي= وه جي وٽي، زهر جي وٽي، وٽي جنهن سان زهر وارو پيالو وندجي. حال= 'قال' جو ضد، پنهنجي اخلاقي ۽ روحاني ترقي واري اعليٰ منزل؛ پنهنجي وجود جي سهڻائي ۽ صفائي واري عملي ڪيفيت. ٥. لا= ناهي. ڪوفِي= ڪُوفي وارو، ڪٽنب وارو، ڪنهن خاص لاڳاپي يا فرقي وارو. ڪونه پانئيس= هن کي ڪوبه پنهنجو ڪري ڪونه سمجهي، ڪوبه ساڻس پيار ڪونه ڪري. منجهائين منجهه= اندران اندر، ڳجهوئي ڳجهو. وڙهي= پنهنجي 'پاڻپڻي' 'انا' ۽ 'آپي' سان جنگ ڪري. واهرو= واهر ڪرڻ وارو، ڏکئي وقت ۾ مدد ڪرڻ وارو. ٦. ڏنو= جيڪي ڪنهن ڏنو هجي، ڏنل مال. ڏني ڏکويا= ڏني واري حالت ڪين ڏک ڏنو ۽ ايذايو، اڻ ڏني= اٿهوند تي، ڏک بک تي. راضي رهيا= رضا سان قبوليائون ۽ خوش رهيا.

٧

حاصِلُ جان نہ حالُ، صُوفِي جِمَر سَڏائِيين
ڪونهي ٿِئي قالُ، وَٿُون جَن وِڃائِيُون.

٨

وَٿُون جَن وِڃائِيُون، صُوفِي سالِمُ سي
هاٿي ٿِئي ڪي، ڏوريان ڏوريي نہ لَهان.

٩

تَعظِيمان تَرڪُ ٿِئا، واڪاڻان وِئا
وَڃي تِتِ پِئا، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

١٠

ظاهِرَ ۾ ظانِي، فِڪرَ مَنجهہ فَنا ٿِئا
ٿِئي ڪي تَعلِيمَ جي ڪُرِھ اَندَرِ ڪانِي
حَرَفُ حَقانِي، دَورُ ڪِئائُون دِلِ ۾.

١١

اَڻڪِي عَيان نہ ٿِيي، ڪِي پَرُوڙِي ڪونَ
سَچي جِهڙِي سونَ، مُنهِ نہ پيئي ماڙُهوئين.

١٢

عِلَتِيءَ آرامُ، پَسِي عِلَتَ آئِيو
حُسنُ جوحَقَ جو، خامِي پانئِي خامُ
اَچي ٿِئا اِسلامُ، ڪُفرُ ڪافِرُ پاڻَ ۾.

١٣

مَحرُومَ ئِي مَرِي وِئا، ماهِرَ ٿِي نہ مُئا
چِڙِيءَ جِئَن چُهَنجَ هَٽي لَڏيائُون لُئا
حُبابَ ئِي هُئا، اِنهِين وادِيءَ وِچَ ۾.

١٤

مَرَٽا اَڳي جي مُئا، سي مَرِي ٿِيَن نہ ماتُ
هُوندا سي حَياتُ، جِيَٽان اَڳي جي جِيا.

٧. حاصل= حاصل ڪيل، ميسر، موجود. حال= سچي الاهي محبت ۾ هردم مشغولي. جمر (جئن+ مَر) متان. قال= 'حال' جو ضد، زباني ڳالهيون. وٿون= مال ملڪيت واريون قيمتي شيون. ٨. ڏوريي نہ لهان= ڏک ڏاڪڙا ڪڍي، پڇائون ڪري بہ نٿو ڳولي سگهان، نٿو ڏسي سگهان ۽ ملان. ٩. تعظيمان= تعظيم وارو هجڻ ڪان. ترڪ ٿيا= ڇڏيائون. واڪاڻان وئا= پنهنجي ساراھ ڪان پري ٿي وئا. نهايت= آخرين حد، هئڻ، هستي، وجود ۽ حساب واري حد. ١٠. ظاني= ظن ڪندڙ، بدگماني ڪندڙ، ظاني مان اشارو قرآن شريف ۾ آيل آيتن ڏانهن (مثلا: سورة الفتح جي آيت ٻارهين آهي تہ "و زين ذالک في قلوبکم و ظننتم ظن السوء" (اهو سندن دلين کي وڻايو ويو ۽ پوءِ اوهان بدگمان ٿيا، ظن وارا ظاني ٿيا). فڪر= ڳوڙهو ويچار، حقيقت کي سمجهڻ وارو خيال. فنا ٿِئا= غرق ٿئا، محو رهيا. تعليم= 'الست بربکم' وارو سوال، توحيد واري مليل تعليم. ڪُرِھ اندر= پنهنجي وجود ۾. ڪاني= ننڍي ڪان جو گهاءُ ۽ زخم، ان گهاءُ جو سور. حرف= هڪ اکر، هڪ لفظ: ('قالوابليٰ' مان 'بَليٰ' (هائو) وارو لفظ) انهيءَ اقرار وارو، حق تعاليٰ اڳيان ڪيل وعدو. دور ڪئائون= وري وري ياد ڪيائون. ١١. اَڻ- ڪِي= اڻ- ڪَيل ڪم (جيڪو بنا تجربي جي) ماڻهو سمجهي نٿو سگهي. عيان نہ ٿيڻ= چٽو نہ ٿيڻ ۽ سمجهہ ۾ نہ اچڻ. ڪِي= ڪَيل، تجربي ۾ آيل ڳالهہ. پروڙي ڪونہ= ڪو ڪونہ ٿو سمجهي ٻُجهي، پُرجهي، پروڙي. سچي جهڙي سون= سون جهڙي سچي، نج صاف سهڻي (ڳالهہ حقيقت، هدايت، واٽ، راه). مُنه نہ پيئي= نظر نہ آئي (پلئہ نہ پيئي، حاصل نہ ٿي، سمجهہ ۾ نہ آئي). ١٢. علتي= علت وارو، بيمار، عادتي علتي آرام پسي علت آئيو= عادتيءَ کي عادت پوري ٿيڻ تي آرام آيو. (مثلاً خوشبوءِ تي مٺي ۾ سور ۽ ڏپ تي آرام). خامي پانئي خام= اهو (گندگي، خرابي وارو) ناقص، ظاهري سبب ڳوليندڙ. خامي، حقيقي حسن کي عيب ڪري ڄاڻي. اسلام= الله جي آڏو سر سجدي ۾ ڪرڻ. ڪفر= الله جو انڪار، حق ۽ حقيقت جو انڪار. ١٣. محروم= وانجيل، پري ڪيل، ڌڪيل، نامراد، نامقبول (ٿوري ڄاڻ وارا، غافل ۽ گمراه). محروم ئي مري وئا= محرومي واري حالت ۾ ئي مري وئا. ماهر= وڏي ڄاڻ وارا، مڪمل ڄاڻ وارا، معرفت جا صاحب. چڙي= جهرڪي. چهنج= چهنب. لڏيائون= لاڏاڻو ڪيائون، هليا ويا، مري ويا. لُئا= لوءِ مان، بستي مان، هن جهان مان. حُباب= بوڙيا، جر ڦوٽا. حباب ئي هئا= (وادي جي سدا وهندڙ قيمتي پاڻي توڙي وادي جي زرخيز زمين مان ڪو فائدو حاصل ڪونہ ڪيائون، نہ ڪجهہ پوکيائون نہ لٽيائون:) فقط واري ۾ وهندڙ پاڻي مٿان عارضي بوڙيا بنجي پل ۾ پورا ٿي ويا. ١٤. مرٽان اڳي= موت اچڻ کان اڳ، موت ۾ مرڻ کان اڳ. مرڻ کان اڳ. مئا= پنهنجي نفساني خواهشن ۽ پنهنجي 'آپي' ۽ 'انا' کي ايترو تہ ضابطي ۾ ڪيائون جو جڻ مري چڪا. مري ٿين نہ مات= جسماني طور مري ختم ٿي نٿا وڃن، سندن نالو نشان گم نٿو ٿئي. حيات= حقيقت ۾ هميشہ لاءِ جيئرا، زنده جاويد.

١۵

جيڏان اڳي جي جِيا، جُڳَ جُڳَ سي جِيَنِ
موتِي ڪِينَ مَرَنِ، مَرڻان اڳي جي مُئا.

١٦

طالِبُ قَصَرُ، سُونهَ سَرُ، اِيءَ رومِيءَ جِي رُوءِ
جَنِي ڏِنِي جُوءِ، تَنِي ڪُجِئو ڪِينڪِين.

١٧

طالِبُ قَصَرُ، سُونهَ سَرُ، اَندَرِ رُومِي راءُ
جَنِي ڏِنِي جاءِ، تَنِي ڪُجِيو ڪِينڪِين.

١٨

طالِبُ قَصَرُ، سُونهَ سَرُ، رُومِي جو آهي
تاڙِي جي لاهي، تہ مَنجِهين مُشاهدو ٿيي.

١٩

طالِبُ قَصَرُ، سُونهَ سَرُ، ايءَ رُومِيءَ جِي رِهاڻُ
پهرين وِڃائِڻُ پاڻُ، پَسَڻُ پوءِ پِرينءَ ڪي.

٢٠

طالِبُ قَصَرُ، سُونهَ سَرُ، ايءَ رُومِيءَ جِي راحَتَ
جَنِي ڏِنِي سَتَ، تَنِي ڪُجِئو ڪِينڪِين.

٢١

طالِبُ قَصَرُ، سُونهَ سَرُ، ايءَ رُومِيءَ جِي اوطاقَ
پَچِين دَرِ فِراقَ، تہ مَنجِهين مشاهدو ماڻِين.

٢٢

ڪَرِي طَرِيقَتَ تَڪِيو، شَرِيعَتَ سُجاڻِ
هِنيون حَقِيقَتَ هيرِ تُون، ماڳُ مَعرفَتَ جاڻِ
هُوئِج ثابُوتِيءَ ساڻِ، تہ پُسَڻَ ڪان پالهو رَهِين.

٢٣

'پاڻُ' پَردو 'پاڻَ' ڪي، سُٽِي ڪَرِ سَنيالَ
وِچان جو وِصالَ، سو تان هُئَڻُ 'هِنَ' جو.

٢٤

'پاڻُ' پَردو پاڻ ڪي، طالِبَ سُڃُ تون
نَڪا 'هان' نہ 'هون'، پَردا سَڀِ پاسي ٿِئا.

١۵. جيئا اڳي= جسماني جيئڻ کان اڳ، روزمره جي زندگي بسر ڪرڻ واري عام حالت کان اڳ. جي جيئا= جيڪي دل جي صفائي ۽ حق جي يادگيري ۾ سدائين سجاڳ ۽ بيدار رهيا سي حقيقت ۾ جيئرا آهن. جڳ جڳ= جڳن جا جڳ، هميشه لاءِ. جين= جيئرا رهن. ١٦. طالب= 'سلوڪ' ۾ طالب علم، 'طريقت' ۾ شاگردي وارو درجو رکندڙ سالڪ الله جو طالبو. قصر (عربي) محل، محلات، ماڙي. سر= تلاءُ، شاهي تلاء. رومي= مولانا جلال الدين رومي (٦ ربيع الاول سنه ٦٠٤- ۵ جمادي الاخر سنه ٦٧٦) مشهور ڪتاب 'مثنوي' جو مصنف، شمس تبريزي جو مريد، ترڪي جي شهر قونيا ۾ مدفون. روءِ= منهن. رخ، چهرو. جُوءِ= پيٽي، منزل. ١٨. تاڙي= در ڪي اندران بند ڪرڻ لاءِ هڪ آڏ ۽ اٽڪل تہ جئن ٻاهران ڪوبہ در کي ڌڪو ڏيئي کولي نہ سگهي، تاڪي. مشاهدو= حقيقت جو علم، الاهي ديدار. ١٩. رهاڻ= گفتگو، سمجهاڻي، ڳالهہ ۽ حال. پهرين= سڀ کان اول. وڃائڻ= فنا ڪرڻ. پاڻ= پاڻپڻو، آپو، خودي. ٢٠. ست= وڏي ٽولي، وڏي سنگت، ڪچهري ۽ رهاڻ (عارفن جي). ڪثرت، گهڻائي. ٢١. اوطاق= رهڻ جي جاءِ، مقرر فڪر ۽ نظر وارو ماڳ. پچين در فراق= تون سڙي ۽ پچين تہ توکي منجهہ ئي مشاهدو ٿئي. ٢٢. طريقت= شريعت کي وڏيڪ سهڻي نموني ۾ سمجهڻ ۽ طبعي طور محبت سان قبول ڪري ان تي عمل ڪرڻ واري وات. تڪيو= ماڳ. رهائش گاهہ. شريعت= اسلام جي حڪمن احڪامن، قاعدن قانونن کي بالڪل صحيح نموني سان سمجهڻ واري هدايت، اسلام جو ٻڌايل مڪمل ضابطہ حيات. هنيون= دل، قلب. حقيقت= اسلام ۽ شرع اسلامي جي ٻاهرين توڙي اندروني حقيقت. معرفت= شريعت، طريقت ۽ 'حقيقت' ٽنهي جي عين الاهي رضا مطابق ڄاڻ ۽ پروڙ، الاهي ڄاڻ. هوئج= رهج، هميشہ لاءِ هُجج. ثابوتي= محڪم ارادي، پڪي يقين ۽ مڪمل ايمان واري حالت ۽ ڪيفيت. پالهو= خالي، آجو. ٢٣. 'پاڻ'= آپو، 'آءٌ'، انانيت (هڪ عزيز جي خيال ۾ هت 'پاڻ' مان مراد 'حق تعاليٰ' آهي، ۽ اها معنيٰ ابن العربي جي هن قول موجب ٿيندي تہ "خلق السموات والارض بظهوره في مظاهرها واحتجابه بصُورها"= حق تعاليٰ آسمان ۽ زمين خلقيا اهڙيءَ طرح جو ذات جي جلوي سان انهن جا مظاهر بنيا، ۽ پويان ذات حق جي حجاب ذريعي انهن جون صورتون نمودار ٿيون). اها معنيٰ نهايت ڳوڙهي آهي پر سالڪن لاءِ شايد سولي هجي. وچان جو وصال= جيڪو طالب ۽ محبوب حقيقي جي 'وصال' جي وچان آڏ آهي. هن جو= هن طالب ۽ سالڪ جو.

وائي

سَيڪا پِريان ڪُون پُوڄي

نِيهُ نيٽين، ڳُڻُ ڳالهيين

جا چِتايَمِ چِتَ ۾، سَڄَڻُ سا تو ٻُجهي

لاتِ جا لَطِيفَ چِي، سَڏُ تَنهِين جو سُڄي

داستان ٽريو

١

عالَمُ 'آئُون' ساڻُ، پَرِئو تو پِيرَ ڪَري

'پاڻُ' نہ آهي جاڻُ، مانڊريءَ منڊرُ پَڪيڙِئو.

٢

ڪِيئَن مائيندا مَنَ ۾، 'خودي' ۽ خُدا

ٻِنِ ٽرارينِ جا، ڪا آهي هِڪَ مِياڻُ ۾!

٣

'آئُون' سِين اَنَ پارِ، ڪَڏهِن تان ڪونہ پِئو

اِنَ اللہَ وِترُ يُحِبُ الوِتر، نيئِي ٻيائِي ٻارِ

هيڪڙائِيءَ وَٽِ هارِ، هَنجهُون جي 'هُئَڻ' جُون.

٤

'آئُون' اورِيان جَهلِ تون، ڇَڏيَمِ 'پاڻُ' پَچارَ

شِرڪَ ساڻُ سَتارَ، گهٽا گهارِيَمِ ڏينهڙا.

٥

ٻَنِ ٻِيائِي سُپرِين، 'پاڻان' اُتي پَلِ:

'آئُون' اوري جَهلِ، تہ توکي رسي تو ڏٽي.

٦

توکي رَسي تو ڏٽي، جُملوئِي جَمالُ

ڪونهي ٻِئو خيالُ، جي شارِڪَ شَڪُ وِڃائيين.

٧

'مُون' مُون-هِين ۾ سَپِجي، مُون کي مُون جُڳاءِ

مُون-هِين جي ساڃاءِ، مُون- هِين منجهان مُون ٿيي.

٨

'ڏِسَڻُ' ڏِسين جي، تہ هَمہَ کي حَقَ ڇَئين

شارِڪَ شڪُ مَ ني، اَندا اِنهِين ڳالهِ ۾.

٩

وڏي تان اِنَ واٽَ ۾ ٻيلپَ 'ٻيائِي'

آهي اُونداهِيءَ جو شِرڪُ سَهائِي

ڇَني ڇَنائي، اَلفَ جي عَينَڪَ ۾.

وائي. پوڄي= دلي محبت ڪري، مڄي ۽ بندگي ڪري. نيہ= بي انداز سوز ۽ درد واري محبت. نيٽين= اکين ۾. ڳُڻُ= پيار، ميناڄ، سهڻائي ۽ سچائي. ڳالهيين= ڳالهين ۾. چتايم= سوچيم. چت ۾= دل ۾. ٻُجهي= ڄاڻي، پروڙي. لات= مٺي ٻولي، مٺي وائي. سڏ= وڏو بلند آواز، 'شاھ جي راڳ' جو هڪ خاص اصطلاح: 'وائي' جي ڳائڻ وقت، پهرين مٿي چوٽ واري ڇڪ ('وائي' جي ڳائڻ جا ٽي ڀاڱا آهن: ١. سڏ ٢. ميان ٣. نڪيڙ، جن کي اسان "سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ" ۾ کولي سمجهايو آهي). د-٣-١. عالم= سارو جهان. 'آئون'= اَنانِيَتَ، آپو، خودي، هستي. پرئو= تار ٿيو. پير ڪري= (پاڻي جي وڏي تڪي وهڪري جو اصطلاح) گهمرا ڪري، ڪُن ڪري. 'پاڻ' نہ آهي جاڻ= هر وجود ۾ جيڪو 'پاڻ' يا 'آپو' آهي، تنهن کي خود اها ڄاڻ ڪانهي. مانڊري= منڊر ڪندڙ؛ جادو ڪندڙ، طلسم ڪندڙ. منڊر= طلسم (جيڪو سمجهہ منجهائي ڇڏي). ٢. مائيندا= ماپي سگهندا، سمائي سگهندا. خودي= پاڻپڻو، آپو، انانيت، پنهنجي هستي وارو غرور. مياڻ= تلوار کي سانڍي رکڻ لاءِ ڪوپو، ڪِپ. ٣. اَن پار= حق ۽ حقيقت واري هن طرف ڏانهن. اِن الله وِترُ يُحِبُ الوِتر= تحقيق الله هڪ آهي، ۽ هيڪڙائي کي پسند ڪري ٿو. هيڪڙائي= وحدانيت. هنجهون= اکين جي ڳوڙهن جو وهندڙ پاڻي، وهندڙ ڳوڙها. ٤. آئون= انانيت، آپو، پاڻپڻي وارو غرور اوريان، اورتي، حق حقيقت واري راھ يا منزل کان اورتي. شرڪ ساڻ= دوئي يا ٻيائي سان گڏ. ستار= اي ستار، اي عيب ڍڪيندڙ مالڪ. ٦. جملوئي= سڀ مشاهدو، جملي حقيقت (يعني 'تون' ۽ 'تنهنجو ڏٽي'). جمال= سندس ئي (حقيقي محبوب جو، الله جو) جلوو ۽ جمال. شارڪ= اي شرڪ ڪندڙ! دوئي جو گمان رکندڙ! شڪ= شبهو، غير گمان. ٧. مون= 'آءٌ آهيان' وارو خيال. مون هِين ۾= منهنجي ئي اندر ۾. سپجي= سرجي، پيدا ٿئي. جڳاءِ= مناسب آهي، جڳائي ٿي، ٺهي ٿي. مون هِين جي ساڃاءِ= پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ واري تميز. مون هين منجهان= منهنجي پنهنجي اندر مان. ٨. 'ڏسڻ'= رڳو 'اک' سان نہ پر 'دل' سان ڏسڻ، عارفانہ نگاھ سان ڏسڻ. همہ کي= سڀ کي، سڀني شين کي. شڪ نيڻ= شڪ ڪرڻ. ٩. ٻيلپ= ٻن ڄڻن جي رفاقت، سنگت، شراڪت. ٻيائي= هڪ ٻدران ٻن وجودن جو خيال. 'اونداهي' جو شرڪ= 'اونداهي' سان گڏ ان جي ضد (سهائي) کي ملائڻ. سهائي= چٽائي، روشنائي، اڄو ڏينهن. 'الف'= (صورتخطي جي لحاظ سان) لفظ 'الله' جو پهريون حرف. (معنوي لحاظ سان) الله تعاليٰ جي وحدانيت، هيڪڙائي، توحيد واري حقيقت.

١٠

بي شَرڪُ پائِين پاڻَ کي، عينُ شِرڪَ اِيءُ
وِجائي وُجُودَ کي پاڻان پاسي ٿيءُ
هَڌهن ڪونهي 'هيءُ'، 'هُو' پُڻُ ڪونهي 'هِنَ' ري.

١١

آڌو جو اِثبات کي سو شِرڪُ لاهي شَڪُ
هُئي جَنه ۾ حَقَ، تَنه 'نَفِي' جهڙو ناه ڪِين.

١٢

اِنَ پَرِ نه اِيمانُ، جِئَن ڪَلِمي-گو ڪوٺائيين
دَغا تنهنجي دِلَ ۾، شِرڪَ ۽ شيطانُ
مُنه ۾ مُسلِمانُ، اَندر آزرُ آهِيين.

١٣

ڪُوڙو تون ڪُفرَ سِين ڪافرُ مَ ڪوٺاءِ
هِندو هَڏِ نه آهيين، جٽيو تو نه جُڳاءِ
تِلڪَ ٽِڪي کي لاءِ، سَچا جي شِرڪَ سين.

١٤

ڪافرُ ٿيءُ تہ اَبهِين باب شَرعَ جا ڇَڏِ
مَنَ مُشرِڪَنِ گَڏِ، تہ ويجهو ٿِئين وصالَ کي.

١٥

مُنه آهيريان اُجرو، قَلبَ ۾ ڪارو
بهران زيبُ زبانَ سِين، دِلِ ۾ هَچارو
اِنَ پَرِ ويچارو، ويجهو ناهه وصالَ کي!

١٦

مُنه تہ مُوسيٰ جهڙو، اَندرِ ۾ اِبليسُ
اهڙو خامُ خَبِيثُ، ڪَڏي ڪوهَ نہ ڇَڏيين.

١٧

مُنه تہ مُوسيٰ جهڙو، سِيرَتَ شيطاني
بازِي بيرانِي، ڪَڏي ڪوهَ نہ ڇَڏيين.

١٨

جانِ جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناه سُجُودُ
وِجائي وُجُودُ، تِهان پوءِ تَڪبِير چَئُ.

١٩

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نمازَ
سَڀُ وِجائي سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُ.

٢٠

جَنِ وِجايو وُجُودُ، 'فاني' ٿِئا 'فِي اللهِ' سان
نہ تَنِ قِيامُ، نہ قَعدو، نڪو ڪَنِ سُجُودُ
جيلاهَ ٿِئا نابُودُ، تيلاهَ رَسِئا بُودَ کي.

٢١

'اَناعَبدُ'، 'مَعبُودُ' تون، اِتِ شِرڪُ نڪو شَڪُ
پَچارُون پِرِين جون مَحَبّتِينِ مَرڪُ
سو سَيوئِي حَقُ، جَنهِ ۾ پَسَڻُ پِرِينءَ جو.

---

١٠. بي شرڪ= شرڪ کان خالي (تہ مون ۾ شرڪ ڪونهي). عين= هوبهو، پڪو پورو. وجود= پنهنجي 'وجود' وارو خيال. هڌهن= بالڪل، يقيني طور. ١١. آڌو= وچان، اڳيان. اثبات= حق ۽ حقيقت جو ثبوت، ذات حق جي تصديق. شرڪ= ٻُئي، ٻن وارو خيال. نفي= انڪار، ظاهري يا حقيقي وجود جو انڪار. ١٢. آزرُ= حضرت ابراهيم نبي سڳوري جو پيءُ جيڪو بتن جو پوڄاري هو، بت پرست، ڪافر. ١٣. جٽيو= ڌرمي پوترتا جو سڳو جيڪو هر هندو ڳچيءَ ۾ پائي. تلڪ= نراڙ تي (سنڌر جو) ڳاڙهو ٽڪو. ١٤. اَبهين= تون بيهين، پيرن ۾ ٿين، اڳتي وڌين. باب= عنوان، ياڳا، فصل. شرعَ= شريعت. مشرڪن= شرڪ وارن سان. وصال= محبوب سان ملڻ، مقصد تائين پهچڻ. ١٥. آهيريان (آهيري، آنهيري، آنهِري= آرسي، آئينو)= آرسيءَ کان، آئيني کان. قلب ۾ ڪارو= اندر جو ڪارو. زيب= سهڻائي. ١٦. موسيٰ= حضرت موسيٰ نبي سڳورو. ابليس= شيطان. خامُ= ناقص، بيڪار. خبيث= بد، اندر جو پليت ۽ بڇڙو. ١٧. سيرت= عملَ، ڪم، افعال، ڪردار. بازي= راند، ڪيڏ. بيراني= ويراني. (فارسي. بيرُون) بيرُوني= ٻاهرين گندن افعالن واري ڪيڏ، بيران ڪرڻ واري، ٻُلائڻ ۽ برباد ڪرڻ واري. ١٨. تڪبير چئہ= نماز لاءِ 'الله اڪبر' (اواري تڪبير) چؤ. ١٩. نماز= سجدي واري مقرر ٿيل عبادت. ساز= واڄٽ. ٢٠. فاني ٿِئا في الله ۾= 'فنا في الله' واري درجي تي رسيا. قيام= نماز ۾ اُبو ٿي بيهڻ. قاعدو= قعدو، نماز ۾ ويهڻ. نڪو ڪن سجود= نڪو سجدو ڪن. جيلاه= جنهن لاءِ، جنهن جي ڪري. نابود= هستي کان خالي ۽ فنا. بود= هئڻ واري دائمي حالت، بقا. ٢١. انا عبد= آءٌ ٻانهو آهيان. معبود= 'ٻانهپ' لائق ڏٽي، ٻانهپ جو سائين.

٢٢

نابُودِيءَ نيئِي، عَبدَ کي اعليٰ ڪِئو
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿِئا، صُورَتِ پُڻ سيئِي
ڪَبِي اِتِ ڪيهِي، ڳالهِ پِريان جي ڳُجهَ جِي.

٢٣

نَکا اِبتِدا عَبدَ جِي، نَکا انتِها
جَنِ سُڃاتو سُپرين، سي وَڃَڻَ ڪي وِئا.

وائي

وَجَهَ مَنجِهه خَلِيلُ، اَندرِ آزَرُ آهيِنِ
سَڏَ مَ ڪَرِ صِحَتَ جِي، اڃان تون عَلِيلُ
مُنهَ ۾ مُسلمانُ تون، قَلبُ تان ڪَلِيلُ
نالو ناهِ نفاقَ جو، جِتي رَب جَلِيلُ
وِتُرِ جي وِصالَ ۾، دُوئِي ناهِ دَلِيلُ

داستان چوٿون

١

عاشِقَن اَللهَ جي مَحَبَتَ رَکِي مَنَ
سَندِي سِڪَ پِرِينِ، ٿَنِ ۾ آهي ٿَنَ ڪي.

٢

عِشقَ جِي اسبابَ کي پَرِ ۾ پُڇِيائُون
دارُون هِنَ دَردَ جو، ڏادو ڏسيائُون
"آخِرُ وَالعَصر جو" اِيَهِين اُتائُون
تِهان پوءِ آئُون، سِڪان ٿِي سَلامَ ڪي.

٣

عاشِقَن اَللهَ جي سَدا وائِي واتِ
"فاذڪُرنِي اذڪُرڪُم"، ٿَنِ ۾ اها تاتِ
اُنِي ڪي ڪَنه ساتَ، سَڄَڻُ ويلُ نَ وِسَرِي.

٤

عاشِقَن اللهُ، ويروتارَ وُجُودَ ۾
آهَ ڪَرِيندي ساهُ ڪَڏهن ويندُنِ نِڪَري.

٥

عاشِقَن اَللهَ جي وائِي نَقد وَٽِي
سائِي ڳالهَ سُٽِي، سوکِهي رَکيائون ساهَ سين.

٦

عاشِقَن آرامُ، ڪَڏهن تان ڪو نَه ڪِئو
طَعني ڪِئا تَمامُ حَبِيباڻي هيڪَڙِي.

٧

عاشِقَ اِئَن نَه هُونِ، جِئَن تون سَڄي اَگڙين
وَڃِئو دَرِ دوستَنِ جي، رَتُ ڏِيهاڙِي رُونِ
ٻيءَ پَرِ ڪَنهِ نَه پُونِ، ماڪُرِ مَحبُوبَنِ سِين.

---

٢٢. نابودي= نيستي (پاڻ، خودي، هستي يا وجود وڃائڻ واري حالت). مخفي= لڪل، سمايل. صورت پڻ سيئي= صورت ۾ پڻ سيئي آهن، سيئي ساڳي صورت ۾ پڻ آهن.٢٣. 'عبد' جي نکا ابتدا آهي نہ نکا انتها: (عبد 'وقت' جي قيد کان بالاتر آهي): بندگي يا عبديت جو وڏو شان آهي. هن بيت جي ٻنهي سٽن جي آخر ۾ قافيا آهن پر هي بيت شاھ صاحب کانئس اڳ واري سنڌي نظم جي روايت سان ملائي چيو آهي جو اهو تاريخي طور، تصوف ۾ سندس عبديت واري فڪر تي شاهد آهي). وائي. وَجَہ منجھ= مُنهن ۾، ڏسڻ ۾، ظاهري نشانين ۾. خليل= خليل الله حضرت ابراهيم، نهايت سهڻو ۽ نيڪ. آزر= حضرت ابراهيم جو پيءُ (جيڪو وڏو بت پرست هو)، مشرڪ، ڪافر. عليل= بيمار. ڪَليل= ڪَنيل، مُڙيل، ڦريل، خراب. نفاق= فرق، شڪ ۽ شرڪ. رب جليل= وڏي شان وارو پالڻهار. وِتُرُ= (ع). اکي، اڪائي هيڪڙيائي، وحدت. واحد (ڏٺي). دليلُ= رهبر، سونهون. د-٤-٢. اسباب= 'سبب' جو جمع. اَسبابُ= سببُ، ڪارڻ. (سنڌي اصطلاح ۾ 'اسباب' گهڻيون ڳڏ انوکيون شيون، گهڻو سامان، سڄو نظارو، عجب پسارو ۽ لقا. دارون= دوا، علاج. ڏاڍو= تمام ڪارگر، مجرب ۽ مفيد. "آخر 'والعصر' جو"= (اهو سڄو فقرو جڻ محبوب طرفان سلامن اچڻ وارو آهي ۽ معنيٰ تہ) صبر ڪر. ٣. "فاذ ڪرُوني اذڪرڪُم" (قرآن شريف جي سورة بقره. آيت ١٥٢)= پوءِ مون کي ياد ڪريو تہ آءٌ اوهان کي ياد ڪريان. سات= ساعت، گهڙي. ٤. ويروتار= ١. وِيرَئُون تار، پاڻي جي چڙهندڙ وير کان بہ مٿي، تمام گهڻي، زوران زور. ٢. ويرئون تار: وير يا ويل کان وڌيڪ، ويلي وقت کان وڌ، ويران وڌ (عام مفهوم موجب: هر وقت، سدائين). ڪريندي= ڪندي. ٥. نقد= روڪڙي، پڪي پختي، يقيني، سچي سهڻي. ٦. طعنو= ڳالهاءِ، گفتو، ٻول، ويڻ. تمام= پورو، ختم. حبيباڻي= حبيبن جي (طعني)، محبوبن جي (گفتي). ٧. سڄي اڱڙين= ثابت عضون سان، سگهي لڱين، سڄي لڱين. ٻي پر ڪنہ= ٻي ڪنهن بہ ريت سان، ٻئي ڪنهن بہ حيلي سان. پُون= پَوَنِ. ماڪر پُونِ= مقبول پون، پسند پون، مانائتا ٿين.

٨

جان عاشِقَ مَٿۦِ ماسُ، تان دعويٰ ڪَرِ مَ نِيهَ جي
سائو مُنهُ، سُونه ڳُئِي، لَڱَنِ ڇَڏِئو لاسُ
ڏيئِي تَنَ تپاسُ، پُڇجُ پوءِ پريتڙو.

٩

جان عاشِقَ مَٿي رَتُ، تان دعويٰ ڪَري مَ نِيهَ جي
سائو مُنهُ، سُونه ڳُئِي، سِڪَڻَ اِيءُ شَرطُ
نہ ڪِين گوڏَ گَرتَ، مَٿان سِرَ سودا ڪَري.

١٠

اجان تو مَنجها، ڪَڪَ ڇُتي رَتُ نِڪَري
مُنهَ ۾ معشُوقَنِ جا ڪِيئَن جَهلِيندين گهاءَ
سو تون ڪُڄاڙاءَ، سِڪَڻَ جون سَٺُون ڪرين.

١١

مَحبتَ جي ميدان ۾، عاشِقَ تِيءُ آچامُ
سامُهان سَلِ، سِڌُ ڇَئي، ڪندءِ تِيرُ تَمامُ
ڪَهِجُ ڪو مَ ڪَلامُ، جِمَ دوستَنئُون دُورِ ٿيين.

١٢

محبت جي ميدان ۾، رُڪَ جو آهي رَنگُ
ڪوڙيين مَنجهان ئِي ڪو، اِيءُ نباهي نَنگُ
عِشقُ نانگُ نِسَنگُ، خَبَرَ ڪاڏَنِ ڪي پَوي.

١٣

محبتَ جيٖ ميدان ۾، اَڇي پيرَ پِياءِ
سِرُ وَڍَڻَ، ڏُڻ ڏارُ ڏُرَڻَ، اِيٖ سِينگارَ سَنداءِ
ڏِيندا مُون ڏِناءِ، مَٿا مَعشُوقَنِ لئي.

١٤

محبتَ جي مَيدانَ ۾، ڪَرِ پڙاڏو پَٽُ
سِرُ سُوريءَ، ڏُڻ ڪُنگرين، مَٿان ڪُڇين ڪَٽُ
عِشقُ نانگُ نِپَٽُ، خَبَرَ ڪاڏَن ڪان پَوي.

١٥

محبتَ جي ميدانَ ۾، سَرِ جو سانگُ مَ ڪَرِ
لاهي سِرَ لَطيفُ چَئي، اڳئان دوستَنِ دَرِ
وَڍِيين تان واهُ ٿيين سَندي دوسان دَرِ
عِشقُ نانگُ اَپَرِ، خَبَرَ ڪاڏَنِ ڪان پَوي.

١٦

محبتَ جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪَرِ مَ سانگُ
سُورِي سُپيرِينِ جي، چَڙهُ تہ ٿيين چانگُ
عَشقُ آهي نانگُ، خَبَرَ ڪاڏَنِ ڪي پَوي.

---

٨. دعويٰ م ڪر= حُجت نہ ڪر. هام نہ هڻ. سائو منهن= رونق ۽ رت واري ڳاڙهاڻ ڪان خالي. سونه ڳئي= مهانڊي جي سهڻائي ختم ٿي. لڱن= عضون. لاس= رطوبت، پاڻيٺ، پراءُ، ست. ڏيئي تن تپاس= ١. تن کي تپسيو ڏيئي، جسم کي جهوري ڳاري. ٢. پنهنجو پاڻ کي آزمائي، مهميز ڏيئي. پڇج= پڇائج، پڇا ڪج. پريتڙو= پرينءَ جو ناتو، عشق، محبت. ٩. نہ ڪين گوڏ گرت= هڙ ۾ ڪي ڪين هجيس. مٿان سر، مٿي سر= سر جي مٿان، سر جي عيوض، سودا ڪري= ڏي وٺ ڪري، سر ڏيئي محبت وٺي. ١٠. ڪڪ ڇُتي= ڪڪ جي ڇُهڻ سان، ڪڪ جي لڳڻ سان. گهاء= گهٽا گهرا ڌڪ، زورائتا زخم. ڪڄاڙاء، ڪڄاڙئا= ڇا جي ڪري، ڇا لاءِ. ١١. ميدان= جنگ مقابلي يا آزمايش جي ڪشادي ايراضي. آچام= (اصل فارسي لفظ 'آماچ' يا 'آماج' ۾ اُچار جي تبديل)= نشان جنهن کي تير هڻجن. سَل= تيرن جا آرپار زخم. تمام= پورو، ختم. ڪلام= هاءِ هوءِ وارو گفتو، آه دانهن وارو لفظ. جم (= جئن+م)= متان. ١٢. رُڪ جو= رڪ جي ترارين جو، قتل ٿيڻ ۽ سر ڏيڻ جو. رنگ= تماشو، لقاء. ڪوڙيين (ڪوڙي= ويهہ) ڪروڙن مان (ڪوڙ= ڪروڙ). ننگ= محبت جو گهاٽو ۽ نازڪ ناتو. ١٤. پڙاڏو= آواز جي موٽ واري گونج، گونجندڙ آواز. ڪر پڙاڏو پٽ= پٽ کي پڙاڏو ڪر، محبت جي ميدان ۾ وڏي آواز سان پڌري پٽ ٻولائي هوڪو ڏي. ڪنگرين= ڪنگرن مٿان. مڇڻ= مٿان. ڪَٽُ= ذري جيترو، ڪجهہ بہ ("فلاڻو ڪٽ بہ نہ ڪڇيو": ڪڇ ۾ جتن جي ٻولي). نِپَٽُ= اهو پَٽُ جيڪو پٽيو ڪيڙيو نہ ويو هجي، ناپٽ. نانگ نپٽ= 'ناپَٽ' زمين جو نانگ، اريج جو زهريلو نانگ. ١٥. سانگ= سانگو، بچاء جو خيال. لاهي= ڪاٽي، وڍي. واه ٿيين= واه جو ٿئين، سرخرو ٿئين. اَپَر= وڏو، شاهي، غير معمولي، نرالو. ١٦. چانگُ= وڏو سورهيہ ۽ سر ڏيندڙ (چانگ قبيلي جو پهلوان).

١٧

محبتَ جي ميدانَ ۾، رَڳَنِ ڪانهي راندِ
معشوقَنِ مهاندِ، لَڪين لِيلائي مُئا.

١٨

محبتَ جي ميدان ۾، رَڳَنِ ناهي راندِ
حَبِيبَنِ هيڪاندِ، سَگهنِ ٿِيي نہ سَيِدُ ڇَئي.

١٩

عِشقُ نہ آهي راندِ، تہ ڪِي ڪَنِسِ ڳِيرُو
ڄِيءُ جُسي ۽ جان ڄي، ڀَڄي جو هيڪاندِ
سِسِي نيزي پاندِ، اُچَلِ تہ اَدَہَ ٿِئي.

٢٠

عاشِقَ مَعشوقَنِ ڄي وَٽِي ويهُہ ڳِرِي
ڄمَ وِرچِي ڇَڏِيين سَندِي دوستَ دَرِي
ڏيندءِ ٻُڪِي ٻاجهہ ڄي وِيندءِ ٽَپَ ٽرِي
ساڄَنِ توءِ سَرِي، اَسان سَرِي نہ اُنِ ري.

٢١

عاشِقَ معشوقَنِ جو وَٽِي ويهِجُ سيرُ
اچِي پُڄَندَئي پاڙهين، پِرَتان پَرِي پيرُ
ڀَلان سَندو پيرُ، رَهبَرُ ٿيندءِ راهَہ ۾.

٢٢

عاشِقَ معشوقَنِ جو، وَٽِي ويهِجُ دَرُ
پِرِين پُڄَندءُ پاڙهين، لَهندءِ سارَ سُبَرُ
اُنِي جو اَثَرُ، رَهبَرُ ٿِيندءِ راهَہ ۾.

٢٣

عاشِقَ مَعشوقَنِ جو وَٽِي ويهُہ ڏُڪانُ
پَئِجَ پيشَ پِرِينَ جي پُٽِيءَ وِجهِي 'پاڻُ'
تہ تون ٿِيِي سانُ، سدا هوئين سُرخُرُو.

٢٤

عاشِقَ مَعشوقَنِ جو، وَٽِي ويهِجُ گهَٽُ
ڄمَ وِرچِي ڇَڏِيين مَحبَتَ سَندو مَٽُ
ڪَرِي سِرَ جو سَٽُ، پِيِجُ ڪِي پِيالِيُون.

٢٥

عاشِقَ مَعشوقَنِ جو وَٽِي ويهِجُ رَندُ
پِيارِيندءِ پاڙهين مَيخاني جو مَنڌُ
سِرَ اُنِ جو سَڦرو سُپَڪُ آهي سَندُ
مَتان ڪَڍِين ڪَنڌُ، اوڏو ٿِي اُنِ ڪِي.

---

١٧. رَڳُ (جمع. رَڳَ)= ڪُند ذهن، ڪند فهم، جنهن تي ڪوبہ اثر نہ ٿئي، سگهو پر صفا بي اثرو ۽ بي حس، طاقتور پر بي مروت ۽ بي لڇڻ. راند= ڪيڏ، بازي، ڪيڏ جي مجال، عشق جي آزمايش واري ميدان ۾ بيهڻ جي جرات ۽ طاقت. رڳن ڪانهي راند= بي حس ۽ بي اثرن لاءِ ڪيڏڻ جي مجال ڪانهي، بازي لڳائڻ جي ڀيٽي ڪانهي. مهاند= مهند، آڏو، سامهون. ليلائي= ليلائيندي، زاريون نيزاريون ڪندي، منٿون ڪندي. ١٨. سگهن= مغرورن ڪي، بي غم ٿلهن متارن ڪي. ١٩. ڳيرو (ڳپ+ رو)= ڳيدار منهن وارا، نئين بالغ وهيءَ وارا، ڪچي جواني وارا. جو= جيڪو. هيڪاند= هڪ- جائي ميلاپ، گڏ هئڻ واري حالت، يڪ وجودي، هئڻ ۽ حياتي. نيزي پاند= نيزي جي ڇنب تي، ڀالي ۾ ٽنگيل. اَدَہ ٿئي= ادا ٿئي، سِر جو حق ادا ٿئي. ٢٠. ڳري= ڳلي، گهٽي معشوق جي. ورچي= ٽڪجي، بيزار ٿي. دري= ننڍڙو خاص در (محبوب جي اچ وڃ جو)، لنگهہ. ٻُڪي= داڻا، ورچ، پڙي (دوا جي). ٽپ= ڏک، زخم. سري= گهرج پوري ٿي، هر طرح جي آساني رهي ۽ ڪابہ محتاجي نہ رهي. ٢١. سيرُ= واٽ، گس. پيرُ پري= قدم ڪٽي، هلي اچي ڪري. 'ڀلان' = ('ڀلو' جو جمع) ڀلن (خاص محاورو اتر- اُپرنديين ٽر جو). پيرُ= صورت، تصور. رهبر= سونهون. راه ۾= منزل واري پنڌ ۾. سلوڪ ۽ طريقت ۾. ٢٢. وٽي ويهجُ دَرُ= دروازو جهلي ويهي رهج، فقط سندس ئي سهارو وٺج. لهندءِ سار= سنڀار لهندءِ، پڇاڙي ڪندءِ، پرگهور ڪندءِ. سُبَرُ= وڏي ست صبر وارو، وڏ گردو، مٺيادار. اثر= قرب ۽ توجهہ جو نتيجو، سار سنڀار جو تاثير. ٢٣. ڏڪانُ (ع. دُڪانُ= ويهڻ جي جاءِ) جتي واڍو، لوهار، سونارو وغيره ڪاريگر روزانو ويهي ڪم ڪري، روزانو ويهڻ وارو ماڳ مرڪز (جتي محبوب هميشه اچي ويهي ٿو). پُٽي وجهي= پوئتي اُڇلائي، پري ڦٽو ڪري. پاڻ= پاڻپڻو، 'آءٌ' ۽ 'آپي' وارو خيال (تہ 'آءٌ' بہ ڪا شيءِ آهيان). سرخرو= مانائتو، پيارو ۽ اعتبار وارو، پسند ۽ مقبول. ٢٤. گهٽ= لنگهڻ واري جاءِ، لنگهہ. ڇڏيين= تون ڇڏين. سر جو سَٽُ= سِر جو سوُدو. ٢٥. رند= پيچرو، گس، واٽ. ميخاني جو مند= محبت جي ميخاني وارو شراب، محبت جي نشي واري سُرڪي. سرو= شراب. سڦرو= سٺو. سُپڪ= پيٽ ۾ ساڪرو يا تلخي وارو، يعني لذيذ. سند= پورو سنڌيل، ڍڪي رکيل ۽ پچايل. متان ڪڍين ڪند= متان هٽي پري ٿين، متان سر بچائڻ جو سانگو ڪرين.

٢٦

پَتنگُ چائين پاڻَ کي، پَسِي مَچُ مَ موٽُ
سَهائيءَ سُپيرِينِ جي کِهڙُ تہ ٽِيين گهوٽُ
اجان تون اَروٽُ، کوري خَبَرَ نہ لَهين!

٢٧

پَتنگُ چائين پاڻَ کي، تہ جيري پَوءِ جاڙِي
تان تان تاڙِج تاءَ ڏي، جان آڳِ نہ اُجهاڙِي
وِسهُ وِهاڙِي، اَٿُ نہ ڏِجي عامَ کي.

٢٨

پَتنگُ چائين پاڻَ کي، تہ اچي آڳِ اُجهاءِ
پَچِڻَ گهڻا پَچائِيا، تون پَچِڻَ کي پَچاءِ
واقِفُ ٿِي وِساءِ، اَٿُ نہ ڏجي عامَ کي.

٢٩

پُڄُ پَتنگَنِ کي، سَنديُون کامَڻَ خَبَرُون
آٿِيو وِجهن آڳِ ۾، جِيءُ پنهنجا جي
جيري جَنِي جي، لَڳا نيزا نِيهَ جا.

٣٠

پِري پَتنگَ آئِيا، سُرِي سَهائي جَهلَ
کَندا کانہ اُچَلَ، مَٿو ڏِيندا مَچَ کي.

٣١

پُري پَتنگَ آئِيا، سُرِي سَهائي وَٽِ
کَندا کانہ گهَٽِ، مَٿو ڏِيندا مَچَ کي.

٣٢

پُري پَتنگَ آئِيا، سُرِي سَهائي ساءَ
کَندا ٻي نہ کاءَ، مَٿو ڏِيندا مَچَ کي.

٣٣

پَتنگَ، رَءِ رَچنگَ، آڳِ پَسِي آئِيا
اُهي عبدُاللطيفُ چَئِي، کوري کَپايا
جيلاہَ لَٿُون لايا، مَرَنِ موٿَنِ کِينکِي.

٣٤

چَڙهِئو چکاسِنِ چاهِ، آڳِ ٻَرندي آئِيا
وِهُسَنِ واڙِيءَ قُلَ جَئَن مَحَبَتِي مَچَ لاءِ
کامَنَدَنِ کَنِئو، اُجهاٽَنِ اُونداهِ
جَنِ اَندَرَ ٻَري باهِ، اِيءَ سُدِ سَيَکا اُنِ کي.

٢٦. پتنگُ (جمع) پتنگ= کنين وارا جيت (جيڪي باوجود گرمي جي، شمع يا بتي جي شعاع تي آڏامي اچن ۽ اچي باهہ جي شعلي مٿان پاڻ هڻن، ڪِرن جلن ۽ مرن: انهيءَ ڪري عام روايتي خيال تہ هو باهہ تي عاشق آهن). پروانا. (اصطلاحي معنيٰ ۾) سچا عاشق جيڪي محبوب مٿان اچي سر گهورين. سهائي= سهائي ۾، شعاع واري دائري ۾، حسن جي تجلي واري گهيري ۾. گهوٽ= سهڻي لباس ۽ سينگار وارو وَنو. اروٽ= 'روٽ' (= پڪل ماني) جو ضد، اڻ پڪل، ڪچو. کوري خبر= کوري جي خبر، باهہ جي ساڙڻ ۽ جلائڻ جي سُڌ. ٢٧. جيري پئو= جيري ۾ پئو، ٻرندڙ باهہ ۾ پئو. تاڙج= پاڻ سِڪ مان اڳتي ٽِج. تاءَ ڏي= تئو ڏي، سيڪ ڏي (ٻرندڙ باهہ ڏي). وِسهُ= ويسهُ ڪر، يقين ڪر. وِهاڙي= رات وهامي چڪي (۽ انهيءَ ڪري 'شمع' يا باهہ بہ جاڻ اُجهامي، پر تون باقي رهندين). اَٿ، انت= آخر، پڇاڙي. راز. ٢٨. پچڻ= جلڻ، سڙڻ، پچائيا= جلائيا، جلائي ختم ڪري ڇڏيا. واقف ٿي= ڄاڻو ٿي، راز جو ڄاڻندڙ ٿي. ٢٩. جيري جني جي= جن جي جيري ڪي، جگر ڪي. نيزا نيہ جا= عشق جا ڀالا، باهہ جا اُلا (جيڪي ڄڻ بره جا ڀالا آهن). ٣٠. سهائي جهل= روشنيءَ جي آڌار تي، روشني وٽ، شمع جي شعاع وٽ ويجهو. کنڌ اُچل= کنڌ جي اُچل، سر جي قرباني. مٿو ڏيندا (اصطلاح: مٿو ڏيڻ)= يقيني طور پنهنجا مٿا گهوري ڏيندا، بار پنهنجي مٿي ڪندا، منهن ڏيندا. ٣١. کندا کانہ گهٽ= محبت ۾ قرباني ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي ڪانہ ڪندا. ٣٢. ساءَ= وڻندڙ خاصيت (لذت، محبت واري ميناج جي) کندا ٻي نہ کاءَ= ٻي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ڪندا، محبت ۾ سر قربان ڪرڻ واري ارادي تي قائم رهندا. ٣٣. رَءِ= سڄو سربستو، بنا نقص جي. رچنگ ('پتنگ' سان موزونيت جي لحاظ سان آندل)= رچيل، رچندڙ (عشق ۽ محبت ۾). ٣٤. چڪاسن، چڪاسين= چڪاس ڪن، چتائين، جانچين، چڱيءَ طرح نهارين. چاهہ= آڳ. وِهسن= خوشيءَ وچان ٽڙن ۽ ٻهڪن. واڙِي= ولين ۽ ٻاڄين پوکيل خاص زمين جو ٽڪر (جيڪو اڳ ڪوهہ يا چشمي جي پاڻي تي اڪثر چيٽ ۾ پوکبو هو ۽ ڄڻ ناياب هو). واڙيءَ قُل= واڙيءَ جو ٽڙيل سهڻو گل. ڪامندن= ڪامڻ وارن، سڙڻ وارن. ڪنئو= نفعو حاصل ڪيو. اُجهاڻن اونداہ= اُجهامي وڃڻ لاءِ (روشني يا ڪاميابي ڪانهي) پر اونداهي آهي.

٣٥

اَچِي اُجهانيو آڳِ ڪِي، پَتنگَنِ سِين پَرواز

ڪامِي خاڪَ ٽِيڻَ جو اُنِي وَتِ انداز

رَمزَ پَرَوڙِيئُون رازُ، جِيري جِي جِهيءَ جو.

٣٦

پَتنگَن پَهُ ڪري، اَچِي اُجهائِي آڳِ

ڪِيڻَن ڪي قُربَ جِي ڪا جا لَڳِي لاڳِ

مَرِي پِئا سَڀِ ماڳِ، ڪامِي ڪُوري وِچَ ۾.

٣٧

پَتنگَن پَهُ ڪِئو، مِڙئا مَتي مَچَ

پَسِي لَهسَ نه لِچئا، سَڙئا مَتي سَچَ

سَندا ڳچين ڳَچَ، ويچارَنِ وِڃائِيا.

٣٨

اَصُلِ عاشقَنِ جو، سِرُ نه سانَدَڻُ ڪَمُ

سَئو سِسيان ئِي اَڳرو، سَندو دوسان دَمُ

هِيءُ هَڏو ۽ چَمُ، پِڪَ پِريان جِيءَ نه پَڙي.

٣٩

اَصُلَ عاشقَ پانهنجيون سِسيُون نه سانڍِينِ

لاهيو سِرَ لَطِيفُ چئي، ساهَ سَلهاڙِيو ڏِينِ

ڪُلهنِڻُون ڪاڻِين، پُڇَن پوءِ پرِيتڙو.

وائي-١

دِلِ ماهي دي نال لوڪو

دل رانجهي دي نال لوڪو

مَئن رانجهن دي رانجهن مَيڏا

ٻِئو سَڀ ڪُوڙو ٽوڪو

مَحبتَ جي ميدان ۾، سِرُ وَڍِي ڪو ڪو

وائي-٢

عِشق ساجن دا لڳا مَئن نُون مائِي!

بره ڍولڻ دا لڳا مئن نون مائي!

راتيان دَردَ ڏِينهان دَرماندِي، لوڪان ڪَل نه ڪائِي

مونکي مَرض ماريئو، سيڻن هَٿِ سَگهائي

دارُون هِنَ دَردَ جو، آهِيين يا اِلاهِي!

داستان پنجون

١

سِڪَڻُ ۽ سُوري، ٻَئِي اَڪرِ هيڪَڙي

ويهَڻُ واٽڙِينِ تي، ڪارَڻُ ضرُوري

ٻِنهِينءَ جي پوري، جِيءَ ڏِني ري نه جُڙي.

٣٥. سين پرواز= پرواز سين، پرواز جي طاقت سان، اُڏام جي زور سان. خاڪ ٽيڻ جو= سڙي رک ٿيڻ جو، بالڪل ختم ٿيڻ جو. انداز= اندازو، تڪ تور. رمز پروڙيئون رازُ= رمز ۽ رازُ پروڙيئون. جيري جي جهيي= باهه جي جَرَ يا لاٽ. ٣٦. پهه ڪري= گڏجي پڪو ارادو ڪري. ڪيڻان (واحد: ڪِيڻئون)= سُرندڙ جيت يعني پتنگ (جيڪو ڪنين نڪرڻ ڪان اڳ ڪيڻئون هوندو آهي). لاڳ= لئون، ميٺ، لذت، چس. ڪا جا لڳي لاڳ= ڪا جا لاڳ لڳي، اهڙي ڪا عجب لئون لڳي. ٣٧. پتنگن په ڪيو= پروانن (جيتن) ارادو ڪيو، سچن عاشقن پڪو ارادو ڪيو. لهس= جهر يا ساڙو، باهه جو سيڪ. نه لچئا= اصل جاءِ تان ذرو هيڏانهن هوڏانهن نه چُريا، نه هٽيا، ذرو به پري نه ٿيا. مٿي سچ= سچ جي مٿان، سچي عشق واري جذبي خاطر. سندا ڳچين ڳچ= ڳچين سندا ڳچ، پنهنجين ڳچين جا وڏا ڳترا ۽ ڳپل، پنهنجين سسين جا ٽڪرا. ٣٨. سِر نه سانڍڻ= سر جو بچاءُ نه ڪرڻ، محبت ۾ سر ڪي قربان ڪرڻ ڪان نه بچائڻ. ڪم= دستور، شيوو، وڙ. اڳرو= ٻها ۾ وڌيڪ، ملهه ۾ زياده، وڌيڪ قيمتي. دم= هڪ لمح محبوب جي ديدار جو، ذرو وقت سچڻ سان محبت جو. پڪ= هڪ ڦڙي محبت واري شراب جي (جيڪا پرين هٿان ملي، پاڻ پي باقي جيڪا بچائي ڏين). نه پڙي= برابر نه ٿئي، مَٽ نه ٿئي. ٣٩. لاهيو سر= سِر ڪي وڍي. سلهاڙڻ= ساڳئي رسي ۾ گڏ ٻڌڻ (جانورن ڪي). وائي-١. ڪوڙو ٽوڪو= ڪوڙي شيءِ، ڪوڙا ٽوڪَ. وائي-٢. مائي= اي ماءِ! اي امان. بره= عشق. ڍولڻ= پيارو ڍول، پيارو دلبر. درماندي= بنهه ماندي، بالڪل بي حال. لوڪان= لوڪ ڪي، ماڻهن ڪي. سگهائي= صحت، چڱيلائي، دارون= علاج. يا الاهي= اي الله سائين. د-٥-١. سڪڻ= سڪ چڪ، سوز ۽ درد واري حالت، سچي سڪ. سوري= ڪنهن وڏي ڏوهاري ڪي اڳ موت جي سزا ڏيندا هئا ته ان ڪي سوريءَ تي چاڙهيندا هئا: ۽ هڪ اونهي کڏ يا کوهه جي مٿان رکيل تختي تي ويهاريندا هئا جنهن جي هيٺان تري ۾ اُڀا ڀالا کتل هوندا هئا: يعني نيزن جي مثل تکين چوٽين سان سيخون کتل هونديون هيون. تختي تي ويٺل مجرم نيٺ نندر سببان بي حال ٿي هيٺ ڪرندو هو ۽ ڀالن ۾ ٽنگجي ويندو هو. اکر هيڪڙي= هڪڙي اکر وارا، ساڳئي اکر وارا، ٻنهي ۾ ڪو فرق ڪونهي، (سور ۽ سختي جي لحاظ سان) ٻئي ساڳي ڳالهه. ڪارڻ ضروري= ضروري حيلو، لازمي ڪم (واٽڙين تي ويهڻ يا وهڻ وارو).

٢

سُوريءَ سڏُ ٿِئو، ڪا هَلَندِي جيڏِيُون!
وَڃڻُ تَن پِئو، نالو نِيهَ ڳِنهن جي.

٣

اُپِي عاشِقَنِ کي سُورِي سَڏُ ڪَري:
”اَتِي سَڏَ سُرِکَ جي، تہ ڪُڏُ مَ پيرُ پَري
سِسِي ڏار ڌَري، پُڇجُ پوءِ پرِيَنِ کو.“

٤

سُورِي تِي سِينگارُ، اَصُلُ عاشِقَنِ جو
لُڏِئا ڪِينَ لَطِيفُ چئي، نيزي ٿِئا نِروارُ
ڪُسَڻُ جو قَرارُ، اَصُلُ عاشِقَنِ سِين.

٥

سُورِي سِينگارِي، اَصُلُ عاشِقَنِ کي
لُڏِئا ڪِينَ لَطِيفُ چئي، ٿئا نيزي نظاري
ڪُونِئو ڪِناري، آڻِئو چاڙهي اُنِ کي.

٦

سُورِي مَتِي سيڻَ، ڪِهڙِي ليکي سَنرا:
’جو لَئِ لَڳا نيڻَ، تہ سُورِيان ئي سيجَ تِي.‘

٧

سُوريءَ چڙهڻُ، سيجَ پَسَڻُ، اِيءُ ڪَمُ عاشِقَنِ
پاهُون ڪِين پَسَنِ، سائُو هَلَنِ سامُهان.

٨

سُوريءَ جي سَئو وارَ، ڏِيهاڙِئُون چَنگِ چڙهِينِ
جِمَ وِرچِي ڇَڏِيينِ، سِڪَڻَ جِي پَچارَ
پِرِينِ پَسِين پارَ، نِيهُ جِئائِين نِڱِئو.

٩

سِڪَڻُ سَيوئِي سُورُ، مَحبتَ وڏو مامِرو
’اَنئِي پَهَرَ مَلُورَ، ساعتَ نہ سِگهو جِندَڙو.‘

١٠

سِڪَ نہ آهي سُٽري، ڪَڻُ پَرُوڙِي پيرُ
ڪُسَڻَ ڏاران ڪيرُ، ڪَري سَڏَ سِڪَڻَ جِي!

١١

ڪَنهِ چِيئِي تہ پاءِ، پيرُ پِريان جي پيرَ ۾
تُون سُڪَنِ جون سَٽُون ڪَرِين، سيڻَنِ سُورُ سُهاءِ
انگهَنِ جِيءُ اَڙاءِ، جان نالو ڳِيڙِءِ نِيهَ جو.

١٢

سِڪَڻَ اِيءُ نہ حَدَ، جِئَن لِڪِئو لِياڪا پائِيين

٢. تن پئو= انهن کي هلڻو پئو. ڳنهن جي= جيڪي نيه جو نالو وٺن ٿيون، دعويٰ ڪن ٿيون. ٣. سُرک جي= محبت جي مَئي جي، عشق جي. ڪُڏ مَ= ڪوءِ مَ، سُساءِ نہ، ذرڙي جيترو بہ هٺاءِ نہ. ٤. لُڏئا= هبڪيا، هٺيا، ڊنا. نيزي= نيزي تي، ڀالي تي، سوري جي سيلهہ تي. ٿئا نروار= نکري پڌرا ٿي آيا، سنيري اچي سنوان سامهان ٿي بيٺا. ٥. سينگاري= سينگار بنجي، سونهن ٿئي، سهڻي لڳي، ٺهي. نيزي نظاري ٿئا= سوري جي نيزن ۽ ڀالن جي نظاري چڙهيا، نيزن تي نروار ٿئا، نيزن ۽ ڀالن جي سامهون ٿيا. ٦. سيڻ= پيارا سڄڻ، سچا قربدار عاشق. ڪهڙي ليکي= ڪهڙي حساب سان، ڪهڙي ريت. سَنرا (واحد ’سنرو‘)= چاق، سهڻي رُوءِ رونق وارا. لَئِ، لَهُ= نيه، عشق، محبت ۾ محويت. لءُ لڳڻ، لَهُ لڳڻ= محبت ۾ گرفتار ٿيڻ، عشق ۽ محبت ۾ لڳڻ (نيڻن جو). سوريان سيج تي= سوري مان ڦري سيج ٿي، سوري بدران سيج تي. ٧. سيج پسڻ= سوري کي سيج ڪري ڏسڻ ۽ ماڻڻ. پاهون، پانهون= پوئتي. سائو= ڳهڻ- سهُو، وڏي صبر وارا، صابرين (جيڪي اُج بک سهن، ڏک جهلين دانهہ نہ ڪن، موت سامهان وڃن ۽ ڪين ڪڇن). وڏي همت وارا. ٨. سَئو وار= سئو ڀيرا. ڏيهاڙئون، ڏيهاڙئون، ڏيهاڙي، ڏيهاڙي= روز، هر روز، روزانو. چنگ= چنگل (ف)، پَنجو سوريءَ جو (سوريءَ جو هيٺيون گهيرو جنهن ۾ اُڀا بيٺل ڀالا). چنگ چڙهڻ= سوري جي ڀالن تي ٽنگجڻ، سُرندي وانگر وڃي چڙهڻ، علي الاعلان سوريءَ تي چڙهڻ. پچار= يڪي ورونهہ، لاڳيتي اڻ ٽٽ، مسلسل يادگيري. پارَ= اهڃاڻ، آثار. پرين جو پار= سڄڻن جو سانيهہ. محبوب جو ماڳ. نِڱئو= نِڪتو، اسريو، پيدا ٿيو. ٩. مامرو= معاملو. وڏو مامرو= وڏو ڪشالو، وڏي ڳوري ڳالهہ. ملور= ملولُ، غمگين، بيحال، بيمار. ساعت= لحظو، ڪن پلڪ، گهڙي ڪن. جندڙو= جند، من، طبيعت. ١٠. پير ڪڻ= قدم وڌاءِ، اڳتي هل. ڪسڻ= قتل ٿيڻ. ١١. پير پريان جي پير ۾ پاءِ= محبوبن جي جتيءَ ۾ پنهنجو پير وجهہ، محبوبن واري واٽ وٺڻ جي هام هڻ. سيڻن= سڄڻن، محبوبن. سُور سهاءِ= سور سهائي، (پنهنجي عاشق کي) درد ۽ ايذاءِ ڏيڻ وٺي. انگهن= انگهن تي، سوريءَ جي ڀالن تي. جيءُ اڙاءِ= پنهنجي جند جان کي اٽڪاءِ، پنهنجو پاڻ کي ڦاساءِ ۽ ٽنگاءِ. نالو ڳيڙِءِ نيه جو= عشق جو نالو ورتئي، عاشق ٿيڻ جي هام هنيئي. ١٢. حد= آخري دنگ، انتها. لڪئو لياڪا پائيين= لکي لکي اڳڻ تي جهاتيون پائين.

پَئي پِريان جي نہ ٿِيين مَٿي اَگڻَ اَڏا!
اِيءُ پُڻ ڪُوڙِي سَڌَ، ڪِلِئو ڪَايو سُمهين.

١٣

چاڙِي ٻُجهي جَن، توسِين سُورَن سَج ڪِي
تُون ڪئن سَنديون تَن، پَر سِين پَچارُون ڪَرين!

١٤

جيڪي سِڪَڻُ سِڪُ، نا تہ پَسُ سِڪَنديُون
پاسي تَنِي مَ لِڪُ، نِيهُ نہ سُڃاڻَن جي.

١٥

جي تون سِڪَڻُ سِڪئو، ڪاتِيءَ پَئي مَ ڪَنجهہ
سُپيرِيان جي سُورَ جو، ماڙهن ڏجي نہ مَنجهہ
اَندرِ اِيءُ اَهَنجُ، سانديج سُڪائُون ڪَري.

١٦

جان وَڍِيين تان ويهُہ، اَڻ- وَڍِيو تان واڻ ٿِيءُ
هِيءُ تَنِي جو ڏيهُہ، ڪاتِي جَنِي هَٿَ ۾.

١٧

پِهرين ڪاتِي پاءِ، پُڇجُ پوءِ پرِيَتَڻُو
ڏُکُ پِريان جو ڏِيلُ ۾، واڄَڻَ جِئَنُ وَڄاءِ
سِيڃُن ماهُ پَڇاءِ، جان نالو ڳيڙُءِ نِيهَ جو.

١٨

ڪاتِي ڪونهي ڏوهُ ڳُڻُ وِڍِيندڙ هَٿَ ۾
پَسِئو پَرِ عَجِيبَ جِي، لِڇِئو وَجِي لوهُ
عاشِقَن اَندوهُ، سَدا مَعشوقَن جو.

١٩

ڪاتِي تِڪيائِي مَ ٿِيي، مَرُ مُنيائِي هوءِ
مان وِرمَن توءِ، مُون پِريان جا هَٿڙا.

٢٠

تو جَنِي جِي تاتَ، تَن پُڻ آهي تُنهنجِي
”فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ“ اِيءُ پَرُوڙِج باتِ
هَٿِ ڪاتِي ڳِڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرين جِي.

٢١

ڪاتِي جَن ڳِري، مان لَئُہ لَڳو تَن سِين
مَحبَتَ جي ميدان ۾، وَڃان پيرَ پَري
اَڏِيءَ سِرُ ڌَري، مان ڪُهَنِم سُپرين.

مٿي= صحن مٿي، سڄڻ جي اڱڻ تي. اڏ ٿيڻ= ہ ٽڪر ٿيڻ، ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ، بي انتها محبت ۾ بيحال ٿي لڇڻ. ڪوڙي سَڌَ= ڪوڙي خواهش، اجائي تمنا. ڪلئو ڪايو سمهين= بنا ڪنهن ڳڻتي ۽ فڪر جي، وڏي خوشي مان مانيون ٽڪيون ڪائي آرام سان ننڊون پيو ڪرين. ١٣. چاڙي ٻجهي= سوچي سمجهي. جن= محبوبن. سج ڪِي= سَڃيا، سامهون ڪيا، موڪليا. پَرَسين= ڌارين سين، غيرن سين، ٻين سين. پچارون ڪرين= ڳالهيون ڪرين، شڪايتون ڪرين. ١٤. جيڪي= يا تہ. تني= تن جي پاسي، تن وٽ. لِڪُ= گوشو ڪري ويهہ، اوٽ جهلي ويهہ. نيه نہ سڃاڻن جي= جيڪي عشق کي نہ سڃاڻن، جن وٽ محبت جو قدر ئي ڪونهي. ١٥. ڪاتي پئي= ڪاتي پوندي، ڪاتي سان وڍجڻ واري وقت. مَ ڪنجهہ= ايذاء جي سببان دٻيل آواز ۾ دانهون نہ ڪر. ماڙهن= ماڻهن کي. ڏجي نہ منجهہ= منجهہ نہ ڏجي، راز جي خبر نہ ڏجي. اي اهنج= اهو درد، اهو سڄڻن جو ڏنل سور. سُڪائون (واحد 'سڪا')= ميجتائون، باسون ('ميجتا' يا 'باس' بہ دل ۾ ڪبي آهي تہ جيڪڏهن هيئن ٿيو تہ هيءَ خيرات ڪندس). ١٦. وڍيين= تون وڍيو آهين، محبت جو گهايل آهين. اڻ- وڍيو= جي اڻ- وڍيو، جيڪڏهن تون اڃان (محبت ۾) وڍيل نہ آهين، عشق جي آزمائش ۾ راس نہ آهين. واڻ ٿِي= يڪدم واڻ وٽ، يڪدم هتان روانو ٿي. ڏيهہ= ملڪ، ماڳ. ١٧. پريان جو ڏک= پرين جو درد، فراق ۾ محبوب جي سڪ ۽ وصال وارو درد. ڏيل= جسم، بت، جند. واڄڻ جئن= وڏي واڄي وانگر، گهنڊ وانگر. وڄاءِ= ٻُراءِ. ماهہ= ماس (پنهنجي جسم جو). ڳيڙُءِ= ڳيڙوءِ (ڳنهڻ مان)= ورتوءِ. ١٨. پر= ريت، حالت، نمونو، رسم. عظيم جي= سڀ کان وڏي جي، ۽ سدا وڏي جي (تلميح طور 'الله تعاليٰ جي'). لڇئو وجي= لِڇڪيو وڃي. لوهہ= ڪاتي. اندوهہ= اوسيئڙو، فڪر، غم. ١٩. تکيائي= تکي ئي. منيائي= مُڏيائي، مُڏي ئي. مانءُ= تہ مَنَ. وِرمن= ويرمَ ڪن، ترسن، دير ڪن. توءِ= تہ ڪر، تہ ٻل، تہ هوند. ٢٠. تات= هر وقت يادگيري، هر ويلي طلب. 'فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ' (قرآن شريف جي آيت: سوره بقره، آيت نمبر ١٥٢)= (الله تعاليٰ طرفان ارشاد تہ) ”پوءِ اوهين مونکي ياد ڪريو تہ آءٌ اوهان کي ياد ڪريان.“ اي بات= اها ڳالهہ. ڳڙ واتِ= وات ۾ ڳڙ= زبان ۾ ميناج، مٺو ڳالهائڻ. ٢١. جن ڳري= جن سان سدائين، جن وٽ هميشہ موجود. مان= منهنجو. لَئُہ= عشق، نيه. اَڏي= اڏيءَ تي. مانءُ= شال.

٢٢

اَگيان اَڏِين وَٽِ، پوِيَنِ سِرَ سَنباهيا
ڪاٽِ تہ پوءِ قبُولَ ۾، مَڇُڻِ پانيين گهَٽِ
مَتا مَهاڻِ جا، پِئا نہ پَسِين پَٽِ
ڪَلاڙڪي هَٽِ، ڪُسَڻَ جو ڪوپُ وَهي.

٢٣

مَتي وَٽِ مڙن، تہ سَيَڪهين سَڌَ ٿِيي
سِرَ ڏِني سَٽَ جُڙي، تہ عاشِقَ اِيئَن اَچَنِ
لِڌا تي لَيَنِ، مُلِ مَهانگا سُپِرِين.

٢٤

ناٿي ناهِ ڪَڪُوهُ ڪِين مُلِ مَهانگو مَدُ
سَنباهيچ، سَيدُ چَئِي، ڪاٽَڻَ ڪارَڻِ ڪَندُ
هِيءُ ٿَنِي جو هَندُ، مَٿَنِ پاسِ مَرَنِ جي.

٢٥

مُلِ مَهانگو قَطرو، سِڪَڻُ سَعادَتَ
آسان عِبادَتَ، نَظَرُ نازُ پِرِينَ جو.

وائي

سُپِيريان جي سُونهَ ڄِي، ڳالهِ ڪِيئَن نہ وَڃي!
وَڃي دَرِ دوستن جي، سُورِيءَ سِرُ سَرهڃي
عاشِقَ انگهن چڙهئا، ٻِئو سَيُڪو پَڃي
پُڇجُ پوءِ پرِيتَڙو، پِهرين سِرُ سَنڃي
عاقِلَ ئِي اوجُهون ٿِئا، پورو توءِ نہ پَڃي.

---

٢٢. اڳيان= اڳ وارا، جيڪي اڳي وڏي چڪا آهن. اڏي= ڪاٺ جو وڏو مضبوط ٽڪر جنهن تي گوشت يا مڇي وڍجي. ڪاٽ= مٿو وڍ. پوءِ قبول ۾= (محبوب جي) قبوليت ۾ داخل ٿئي. مڇڻ= مٿان. پانيين= پائنين، سمجهين، مَهايين(هٺ جمع جي معنيٰ ۾)= سرويچ عاشقن جا، وڏن سر گهور عاشقن جا. پَٽ= پٽ تي، زمين تي (اڏي جي پرسان). ڪلاڙ، ڪلال= (الف) (سنڌي اصطلاح) ڪُنل جانورن جون ڪلون رڱيندڙ، ڪنلن جي ڪلن جو واپاري جنهن جي ڌنڌي جو مدار ڪوس تي هجي. (ب) شراب چڪائيندڙ، سنڌيندڙ، رڪندڙ، ونڊيندڙ. ڪوپ= مسلسل وڍ وَڍان. سڄو وقت وڍڻ ٽڪڻ، ڪپڻ ۽ ڪاٽڻ. ٢٣. سڌ ٿيي= سڪ ٿئي، تمنا ٿئي، خواهش ٿئي. سٽ جڙي= سودو ٺهي وڃي. ايئن اچن= ائين ئي بنا هٻڪ جي هيڪاندا سارا هليا اچن، ڪئين عاشق (سر ڏيڻ لاءِ) اچي ڳڏ ٿين. لِڌا= لڪيا، ازل جي لکئي مطابق، ڀاڳ سان. مُل مهانگا= اهڙي وڏي قيمت وارا جو خريد ڪري ئي نہ سگهجن. ٢٤. ناٿي ناه= ناٿي تي ملڻ وارو ناهي. ڪڪوه= رنگين شراب. ڪِين ملهہ مهانگو= ملهہ (واري حد) ڪان اجان گهٽو وڌيڪ مهانگو آهي. مَدُ= شراب (عشق جو)، سَرو. مٿن پاس= شراب جي وڏن ماٿن وٽ. ٢٥. مل مهانگو= ڪنهن بہ قيمت ڪان وڌيڪ مهانگو، جيڪو ملهہ وٺي نہ سگهجي. قطرو= هڪ ڦڙو (عشق جي شراب جو). نظرُ= نظر ڪرڻ (شفقت واري)، نهارڻ (ٻاجهہ وارو)، ديدار. ناز پرين جو= محبوب جو سهڻو ناز انداز. وائي: ڪئن نہ وڃي= ڇو نہ غوغاء ڪري، ڪيئن نہ هُلي. سرهڃي= سِر کي سوريءَ سامهون ڪجي، سوريءَ تي اچلائڻ لاءِ تيار ڪجي. انگهن= سوري جي انگهن تي، پالن تي. سنڃي= سڃي. سر سَڃي= سر کي سوريءَ لاءِ تيار ڪري، قربانيءَ لاءِ محبوب آڏو پيش ڪري. اوجهون ٿئا= رُليل پُليل ٿيا، رُلي پُلي ويا، مُنجهي ويا. پورو= [اصل پڙهڻي= "پورو ڪوهُ نہ لڃي." شروع ڪان ئي هي ڪاتب جي غلطي آهي: صحيح پڙهڻي: "پورو توءِ نہ پَڃي."] (سنڌي اصطلاح: پورو پڃڻ= ڳجهہ ظاهر ٿيڻ، راز پڌرو ٿيڻ) پورو= ڳجهہ، ڳوڙهو. توءِ= تہ بہ. نہ پڃي= ظاهر نہ ٿئي، نہ کلي.

سُر يمن

سُر ڪلياڻ ۽ سر يمن ۾، شاھ صاحب ڪن ٻين ڪردارن جي زباني بدران ڇڻ پاڻ پنهنجي زباني پنهنجي ’حال‘ جو اظهار ڪيو آهي. ’سر يمن‘ گهڻي ڀاڱي ’سر ڪلياڻ‘ ۾ سمايل فڪر ۽ فهم جي تصديق ۽ ان جو وڌيڪ تفسير آهي. سر ڪلياڻ ۾ عشق جي آزمايشن، محبوب طرفان سختين، ۽ عاشق لاءِ سوز ۽ فراق جي صدمن بابت جيڪي اهڃاڻ ڏنل آهن تن جو سر يمن ۾ وڌيڪ تفصيل آهي. سر يمن جي پهرئين ۽ ٻئي داستان جو مکيہ موضوع ’درد‘ آهي جيڪو انسان جي وجود ۽ نُمود جي هڪ بنيادي حقيقت آهي. انسان جي درد واري ڪيفيت ازلي آهي، ڇاڪاڻ جو سندس روح فراق واري حالت ۾ آهي. مڪمل طور صحتمند ٿيڻ ۽ اعليٰ مقام تي پهچڻ لاءِ اول اهو ضروري آهي تہ درد ۽ سور جو احساس پيدا ٿئي. داستان ٽئين ۾، عشق ۾ آزمايش ۽ محبوب جي عاشق تي سختي جو ذڪر آهي، جنهن جي ابتدا سر ڪلياڻ ۾ ٿيل آهي: عاشق ڪي نہ رڳو اها سختي صبر سان سهڻي آهي، پر ڪيس پاڻ ۾ بي انتها محبت واري اها نفسياتي ڪيفيت پيدا ڪرڻي آهي جو هو سور سختي کي فرحت ۽ راحت سمجهي. داستان چوٿين ۾ سوز ۽ فراق واري سختي جو وڌيڪ تفسير آهي. ان محبت واري مَچ جو ذڪر آهي جنهن ۾ سچا عاشق (پتنگ) پنهنجو پاڻ اڇي سٽين ٿا. ان محبت جي مچ کي آڳرين ۽ لوهارن جو ڪورو ڪري ڄاڻايل آهي. جنهن ۾ عاشق کي جلڻو ۽ پچڻو آهي تہ جيئن سندس ڪٽ لهي صاف ٿئي ۽ هو محبوب سان ملڻ جهڙو ٿئي. داستان پنجين ۾ علم جي بنيادي توڙي آخري مقصد جي وضاحت ٿيل آهي. اهڙي تعليم ۽ تربيت جي ترغيب ڏنل آهي جنهن مان انسان علم جي روشني ۾، ڪل ڪائنات جي خالق ۾ پنهنجو يقين پختو ڪري. داستان ڇهين ۾ محبت جي ميخاني ۾ ميخواري ۽ مخموري جا اهڃاڻ ڏنل آهن. شاھ صاحب جي فڪر مطابق ’نينهن جي نشي‘ جا خاص الخاص رخ ٻہ آهن: هڪ محبوب طرفان ڏاڍائي ۽ سختي واري آزمايش ۾ صبر ۽ ان سان گڏ سوز ۽ فراق ۾ درد جي لذت، ٻيو محبوب طرفان ٻاجھ ۽ مهر ۾ راحت. جيڪڏهن عاشق کي محبوب هٿان پيالو پيڻ ۽ سڪ جي سرڪي جي لذت وٺڻي آهي تہ ان جي عيوض ۾ ڪيس سر ڏيڻو پوندو.

داستان پهريون

١

حَبِيبُ تُون، طَبِيبُ تُون، تُون دَردَ جي دَوا:
جانَبَ مُنهنجي جيءَ ۾، آزارَ جا اَنوا
صاحِبَ! ڏِئين شِفا، مِيان! مَرِيضَن کي.

٢

حَبِيبُ تون، طَبِيبُ تون، تون دَردَ جو دارُون
دَوا مُنهنجي دِل کي، تُنهنجيون تَوارون
ڪَريان تي ڪارُون، جِئَن ٻُکي ٻِئنئُون نہ ٿِئي.

٣

حَبِيبُ تُون، طَبِيبُ تون، تون- هين ڍَرئَن ڍَرِبُ
تون ڏِيين، تون لاهيين، تون- هين هادِي رَبُ
آهِمِ ڏِيين، تون لاهِيين، ڏاتَر! کي ڏُکندَنِ.

٤

حَبِيب تون، طَبِيبُ تُون، تون دارُون کي دَردَنِ
تون ڏِيين، تون لاهِيين، ڏاتَرَ! کي ڏُکندَنِ
تَڏِ ڦَڪِيُون فرقُ ڪَنِ، جَڏِ اَمرُ ڪَرِين اُنِ کي.

٥

جان کي ڪَرِي طبيبُ، دارُون هِنَ دَردَ جا
هَٿِئو سي حَبِيبُ، اَڪوڙِئو اَڏَ ڪَري.

٦

پاٻوهي هيڪارَ، مون کي پُڇِئو سَڄَڻين

د -١. حبيب= پيارو پرين. جانب= اي پيارا جاني، اي محبوب. انوا= [انواع (عربي. نوعُ، جمع انواع)=] قسم، نمونا. نوء جمع انوا= طبعي حالتون. ٢. دارون= دوا، ٻُڪي. توارون (واحد. توار)= ذڪر جا آلاپ، آلاپ وارا سڏ. تي= انهيءَ ڪري، انهيءَ سببان. ڪارون= حيلي لاءِ دانهون، مهر ۽ مدد لاءِ سڏ ۽ التجائون. ٻُڪي= دوا. ٣. ڍرئن= جيڪي بيماريءَ ۾ هيٺا ٿي ڍرهي پيا. ڍرب، ڍرٻ= دوا، ٻڪي آهم= مونکي آهي. وارئو= ورائي، وري آٿي. ويڄ= طبيب. ٤. ڏاتر= اي ڏاتارَ. کي ڏکندن= ڏکندن کي، دردن سورن کي. ڦڪيون= ٻڪيون، دوائون. جڏ امر ڪرين= اي مالڪ، جڏهن تون حڪم ڪرين. ٥. دارون= ڍرپ، دوائون، علاج (هت معنيٰ) دردن، زخمن ۽ گهاون جون لپريون پٽيون. هٿئو= پنهنجو هٿ هٿيو، فوراً ڇڪيو، جهليو. ٦. پاٻوهي= پاٻوہ مان. سڄڻين (’جمع‘ جو صيغو احترام طور)= وڏي شان واري سڄڻ سائين.

"اَلستُ بِرَبِکُم"، چيائون جنه وارَ
سَندِي سورَ ڪِنارَ، تَنَّ تَڏهانڪُون نہ لَهي.

٧

پاٻوهِيو پُڇَنِ، ڪِٿِي هَٽُ حَبِيبَ جو
نيزِي هينان نِيهَ جِي، پاسِي پاڻُ نہ ڪَنِ
عاشِقَ اَجَلَ سامُهَان، اُنچِي ڳاتِ اَچَنِ
ڪُسَڻُ قُربُ جَنِ، مَرَڻُ تَنِ مُشاهِدو.

٨

ڪونِي ڪُهي سُپِرِين، ڪونِي ڪُهَڻَ ساڻُ
نيزِي هينان نيه جِي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻُ
جُلُ وِڃائِي جاڻو، عاشِقَ اَجَلَ سامُهُون.

٩

ڪونڻَ قَرِيبَنِ جو، عَينُ تَڙَڻُ آهِ
اِيءُ اَلنَبِي ڳالِهڙِي، سڪُ وَرَندِي ساهِ
آسَرَ هَنڌِ مَ لاهِ، چِڻڻَ ڪِنَدَڻُ اُن جو.

١٠

ڪُهَن تان ڪَرَ- ڳهُرا، ڪَرَ لَهَنِ تانِ ڪُهَنِ
سيئِي مُون مُهَنِ، سيئِي راحَتَ رُوحَ جِي.

١١

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوني سو ڪُهي
سوئِي مُون مُهي، سوئِي راحَتَ رُوحَ جِي.

١٢

ڪُهي سو ڪَرَ لهي، ڪوني سو قَرِيبُ
اِها عادَتَ سِڪئو هَرِ زَمانِ حَبِيبُ
تَڇِي سو طَبِيبُ، سوئِي راحَتَ رُوح جِي.

١٣

رَهِي اَڃِي راتِڙِي، تَنِ واڍوڙِين وَٿاءِ
جَنِ کي سُور سَرِير ۾، گهَٽَ مَنجهارا گهاءَ
لِڪائِي لوڪاءَ، پاڙهِين ٻَڌِنِ پَٽِيُون.

١٤

سِرَ جُدا، ڏَڙَ ڏارَ، دوڳَ جَنِي جا ڊِيڳِ ۾
سي مَرُڪَنِ پَچارَ، هَڪِيا جَنِ جي هَٽَ ۾.

١٥

ديڳيين دوڳَ ڪَڙهَنِ، جِتِ ڪَٽِهيءَ ڪَٽِڪو نہ لَهي
تِتِي طَبِيبَنِ، چاڪَ چِڪَندا چِڏِئا.

١٦

اَڄُ پُڻِ دانهو دانه، واڍوڙڪِيءَ مَنهِن
ويجَ وَرائِي ٻانهَ، چوري چاڪَ نِهارِئا.

اَلست بِرَبِکُم" (رب جو روحن کان سوال)= ڇا آءٌ اوهان جو رب (مالڪ ۽ پالڻهار) ناهيان؟ رُوحن جو جواب "قالوا بلىٰ"، 'چيائون هائو' (قرآن حڪيم: سوره ٧، آيت ١٧٢) چيائون (جمع جو صيغو ادبُ ۽ احترام طور)= وڏي شان واري سائين چيو. جنه وار= جنهن ويل. سور ڪنار= ڦٽ جي چوڌاري سوڄ ۽ سور واري وَٽ جنهن ۾ سخت سور جو احساس ٿئي، ڦٽ يا زخم جي چوڌاري سور واري ڳاڙهي ڪنار. ٧. پاٻوهيو= خوشي ۽ پيار مان. پڇن= عاشق ٿا پڇن. هٽ= حبيب جو هٽ جنهن سان نيزو ٿو هڻي. نيزي هينان نيه جي= نيه جي نيزي هينان. اجل= موت. اُنچي ڳاٽ= اوچي ڳاٽ سان، وڏي ڪر سان. قرب= محبوب سان ويجهائي. ڪسڻ قرب جن= جن لاءِ ڪسڻ 'قرب' برابر آهي. مشاهدو= ديدار محبوب جو. مرڻ تن مشاهدو= تن لاءِ موت محبوب جي ديدار برابر آهي. ٨. ڪوني (پهريون)= سڏي، سڏ ڪري. ڪوني (ٻيو)= سڏي پنهنجو ڪري، گهرائي پنهنجي قرب ۾ آڻي. ڪهڻ ساڻ= ڪهڻ شرط، ڪهندي ئي. ٩. ڳالهڙي= مام، اشارو. سڪ= پيچ ۽ سمجهه، حقيقت ڪي پوريءَ طرح سمجهه. آسر= اميد (محبوبن جي مهر ۽ قرب جي). ١٠. 'ڪَرَ- ڳهُرا'= خبر لهندڙ، خبرچار جي ڳهُر ڪندڙ. ڪر لهن= جيڪڏهن همدردي ڪن ۽ حال پڇن. مون مُهن= مونکي مُهن (مُهڻ= مسائڻ، مُنو ڪرڻ، سخت مجبوري ۾ مبتلا ڪرڻ). ١١. ڪَر لهي= همدردي ڪري حال پڇي. ١٢. تِڇي= وڃي. ١٣. واڍوڙين= محبت جي گهايلن، عشق جي ڦٽيلن. سرير ۾= جسم ۾، جان ۾. گهٽ منجهارا گهاءَ= اونهون اندر ۾ زخم. ١٤. دوڳ= گوشت جا وڏا ٽلها ٽڪر، ڏُنگ. سي= سچا عاشق. مر= پل ته. ١٥. ڪٽهي= رڌڻ لاءِ ٽامي جي وڏي شاهي ڪٽچي، ڪٽاهي. ڪَٽڪو= ڪٽاهي ۾ وڏي شاهي ڪفگير لڳڻ سببان واڇي وارو آواز، واڄٽ. چاڪَ (واحد چاڪُ)= ڇهڪَ، چيرَ، زخمن جا گهاوَ. ١٦. واڍوڙڪي= واڍوڙنِ جي، وڍيلن جي. مَنهين= نڌڙو مَنهن، واڍوڙڪِي مَنهينءَ= حقيقي محبت ۾، گهايلن جي ديري ۾. چوري= زخمن کي زور ڏيئي، ڦٽن کي سوٽري صاف ڪري. چاڪ نهارئا= چڪندڙ ڦٽ ۽ زخم (علاج خاطر) جانچي ڏٺا.

١٧

اَڄُ پُڻِ ڪَنجهو ڪَنجهہَ، واڍوڙِڪِيءَ مَنهين
جو پُڻِ پِيبِنَ سَنجهہَ، تہ هوءِ پَنيُون هوءِ پَڻيُون.

١٨

ويچارا واڍوڙ، سَدا شاڪِرَ سُورَ تي
تاڻِنِ مَتي توڙ، اوري ڪَنِ نہ آسَرو.

١٩

سَدا آهي سُورَ جي واڍوڙَنَ وائِي
جيڪا اُٿَنِ مَنَ ۾ سلَنِ نہ ٻَائِي
اوڙِڪِ اُهائِي، ڳُوِلئو ڏِسن ڳالهڙِي.

٢٠

سَگهَنِ سُڌِ نہ سُورَ جِي، تہ گهايَلِ ڪيئَن گهارِينِ
پِئِلَ پاسو پَٽَ تان، وَڍِيلَ نہ وارِينِ
پَرِ ۾ پَڇِي پِرينءَ کي، هَئِي هَنجهُون هارِين
سَڄَڻُ جي سارِين، سي نہ رُونِ نہ چُونِ ڪِين.

٢١

سَگهن سُڌ نہ سُورَ جِي، تا رُڙِڪَنِ رَنجُورِي
پِئا آهن پَٽَ ۾، مَتِنِ مامُورِي
لَڳِينِ لَئُونَ لَطيف چئي، سَدا جي سُورِي
پِرِتِ جَن پُورِي، تِنِ رويو وِهامي راتڙِي.

٢٢

سَدا آهي سُورَ جِي، رَنجورِنِ رُڙِڪَ
ڪَنهِ جَنهِ ڏَکَ ڏَسائِيا، لَڳين ڪِينَ جهُٽَڪَ
اِنَ پَلاريءَ پُٽِڪَ، هيڪَرَ حُضُورِي ڪِئا.

٢٣

آيَلِ! آن نہ وِسَهان، هَنجهُون جي هارِين
آٽِئُو آبُ اکِينِ ۾، ڏيهَہَ کي ڏيکارِينِ
سَڄَڻُ جي سارِين، سي نہ رُونِ نہ چُونِ ڪِين.

٢٤

اگهي اگهائِي، رَنجُ پِريان کي رَسِئو
چَڪِيمِ چَڳائِي، سورانگهي سُورِيءَ تان.

٢٥

هُو جي مَنجها هيجَ، وَهَمَ پِريان جي وَڍِئا
ٻُکِي ڏيئي تن کي، کوهُ ڪَرِيندا ويجَ
نَڪا پِڇَ نہ پيچ، پَسَڻُ ڏاران پِرينءَ جي.

٢٦

وڍِي جَن وَڍِياس، وَرِي ويجَ ئي سي ٿِئا
پِرِتِ ٻَڌائون پَٽِيُون، رُوح ڪَئِائُون راسِ
هِنيَڙا تَنِي پاس، گهار تہ گهايَلُ نہ ٿِيين.

٢٧

ويڄَنِ ويني ئِي، دوستُ پيهي دَرِ آئيو
صِحَتَ جِي سَرِيرَ ۾ ڪَلَ ڪَڙِيين پيئِي
پِيڙَ پَرِي ويئِي، اَچَڻَ ساڻُ عجِيبَ جي.

---

١٧. ڪنجهو ڪنجهہ= ڪنجهہ ۽ ڪنجهہ، سور واري چنگهو چنگهہ. سنجهہ= سج لٿي جي مهل. هوءِ پنيون= اهي ساهيون (ڦٽن جي مٿان رکڻ واريون) لُپريون. هوءِ پڻيون= اهي ساهيون (ڦٽن جي مٿان ٻڌڻ واريون ڪپڙي جون) پڻيون. ١٨. تاڻن= تاڻين= ڪاهين، ڇڪين، هلن. مٿي توڙ= بالڪل توڙ تائين. اوري= اوريئي منزل مقصود کان اوريان. ١٩. وائي= زبان تي ڳالهہ ۽ پچار، ذڪر ۽ يادگيري. من ۾= دل ۾، اندر ۾. سلن نہ= پڌري نہ ڪن. اوڙڪ= آخرڪار، نڌان، انت، جڏهن تڏهن ڳالهڙي= اها راز واري خاص ڳالهہ. ٢٠. وڍيل= گهايل. پَر ۾= پنهنجيءَ پر ۾، ماٺ ۽ صبر ۾. ٢١. رُڙڪن= سور ۾ ڪنجهن، آهون ڪن. رنجوري= جن کي درد آهي، درد جا ماريل. مٿن اموري= مٿن مخموري، مٿن غشي طاري. سدا جي سوري= سدائين سور واري حالت ۾. پوري= پڪي. ٢٢. رنجورن= دردمندن. رُڙِڪَ= رُئڻ ۽ درد جي دانهن جو هلڪو مسلسل آواز. ڏسائيا= زور سان ڏنگيا، سور جي سخت زوردار سوٽن ساٽا ڪيا. جهُٽڪ= دانهن ۽ جهوري. پٽڪ= سور سببان رئڻ ۽ دانهن ڪرڻ وارو هلڪو مگر مسلسل آواز. حضوري ڪئا= حقيقي محبوب جي حاضري ۾ آندا. ٢٣. هنجهہ= اک جي ٽُنري ماں هر وقت سمنڊ پاڻي. ٢٤. اگهي اگهائي= ناچاقي قبول پئي. چکيم چڳائي= چڳائي حاصل ڪيم. سورانگهي= اورانگهي، مٿان لنگهي. ٢٥. هو جي= اهي عاشق وهم پريان جي= محبوب جي خيال ۾. پڇ= بالڪل پڇڙي رَبِ، پڇڻ. پيچ= ١. (لاڙ ۽ ڪڇ ۾ جتن جي ٻولي) رَبِ، (حڪيمن وٽ) ڪانجهي. ٢. سُتي جيڪا پياري وڃي، پيئڻ جي دوا. ٢٦. وڍياس= مون کي وڍيو. پرت= پرت جون، پيار جون. پِرت= پرت جون، پرت سان. هنيڙا= اي هينئڙا! اي من! تہ گهايل نہ ٿئين= تہ نہ وڃين. ٢٧. سرير ۾= بدن ۾، بت ۾. ڪل ڪڙيين پيئي= ١. ڪڙين کي خبر پئي: ڦٽن جيڪي ڪڙيون ٻڌيون هيون تن کي خبر پئي. ٢. ڪڙين ذريعي خبر پئي، خود مريض کي زخمن جي پرجڻ ۽ ڪڙين جي پڪي ٿيڻ ذريعي سڌرندڙ صحت جو احساس ٿيو (خبر پئي). پيڙ= پيڙا، سور جي سختي. آزار.

٢٨

ڪارائِيان قَرِيبُ، وَنِين— ٿُون ويجھو گھڻو
دارُون سَبَ دَردَ ڪي، طَبعَ جو طبيبُ
ايھي حالِ حَبِيبُ، ساھان اوڏو سُپرِين.

وائي

وِرسِئا ويجَ ويچارا، پُليا ويجَ ويچارا
دل ۾ دردُ پرِين جو
منَ ۾ مَرض پرِين جو
اُتيو ويجا، مَ وِھو، وَجو ڏرِيَ گڻي
اُتيو ويجا مَ وِھو، گڻو ڏرِيَ ٿمارا
ٻُڪِي ڏيندا ٻاجھہَ جي، آيا سُور ڏٽِي
ٻُڪِي ڏيندا ٻاجھہ جي، آيا جِيءَ جِيارا.

داستان ٻيو

١

جان جان ناھِ ضَرورُ، تان تان طَبِيبُ ناھِ ڪو
جُہ سو سَرِئو سُورُ، تہ ڪَرَ ويجُ وَرِ پئو.

٢

سُورُ جَنِي ڪي سَرِئو، سَرِي تَنِ صحتَ
مِنِي مُصِيبتَ، آھي عاشِقَنِ ڪي.

٣

اُتِياري، اُتِي وِئا، مَنجھان مُون آزارَ
حَبِيب ئي ھَٽِي وِئا، پِيڙا جي پَچارَ
طبِيبَن توارَ، ھَڏَ نہ وَٽِي ھاڻِ مون.

٤

اُورَ ڏُکندو اُو تِيي ھادي جَنھِ حَبِيبُ
تِرُ تَفاوتُ نہ ڪَري ٿنھِ ڪي ڪو طبِيبُ
رَھنُما رَقِيبُ، سائِرِ آھي سُپرِين.

٥

سائِرِ صِحتَ سُپرِين، آھي نہ آزارُ
مَجلِسَ وِيرَ مِنو تِيي، ڪاٽيندي ڦھارُ
خَنجَرُ ٿنہ خُوبُ ھَٽِي، جَنھِ سين ٿئي يارُ
ساجَن مُون ستارُ، سوجھي رَڳون ساہَ جون.

٦

رڳُون تِيون رَبابُ، وَڄَن ويلَ سَيَڪھين
لُڇَن، ڪُڇَن نہ ٻئو جانِبَ ري جَوابُ:
سوئِي سَنڊِيڊُم سُپرِين، ڪِيَسِ جَنہ ڪَبابُ
سوئِي عَينُ عَذابُ، سوئي راحتَ رُوحَ جِي.

٧

اَنڌا اُونڌا ويجَ! ڪَلَ ڪُڄاڙئا ڪانئِين
اسان ڏُکندو ڏِيلَ ۾، ٿُون پيارِيين پيجَ
سُوري جَنِي سيجَ، مَرڻُ تَن مُشاھِدو.

٨

تَنَ طبِيبُ نہ تون، سُڌ نہ لَھين سُورَ جِي
ڏَڪِ پنھنجا ڏرِيڙا، ڪَڌَ ڪَٽِي ۾ پُون
ڪانہ ڪُھرجي مون، حَياتِي ھوتَن ري.

٢٨. ڪارائيان= ڪارائي ڪان، ڪاراڻ ڪان، اک جي تاري جي ڪاراڻ واري گھيري ڪان. ونين- ٿون= ونين ڪان، اک جي تاري جي ماڻڪين ڪان. طبع= طبيعت جو، جان ۽ جسم جي سِرشت جو. وائي. ورسئا= پليا= گمراه ٿيا. ويچارا= ٿورو ڄاڻندڙ. ٿمارا= اوھان جا. د.٢-١. سرئو= پلئہ پيو. ور پئو= ور ۾ پئو، ور چڙھيو، منھن پئو. ٣. اُتياري آزار= سُورَ جاڳائي. ھٽي وئا= لڳائي ويا. پچار= ورونھہ، جھوري. ٤. اور= رواجي ڪان وڌيڪ، حد ڪان زياده. رقيب= چوڪسي ڪندڙ، مٿان نظرداري ڪندڙ، چاري. ٥. مجلس وير= راضي ٿي ملڻ ۽ گڏ ويھڻ وقت. ڪاٽيندي= وڍڻ وقت، ڏک ھٽڻ ۽ گھائڻ وقت. خوب ھٽي= ٺاھي ھٽي. ستار (عربي)= ڍڪيندڙ؛ (سنڌي) وڏو مھربان ۽ ڏاتار. ساه جون رڳون سوجھڻ= ڦٽڪندڙ جانورن جون ساھ واريون رڳون سُوٽي آڏي جھلي ھٽيڪيون ڪري وڍي ڇڏڻ (تہ ڦٽڪي نہ ۽ آزار ڪان آجو ٿي ذبح ٿي وڃي). ٦. رباب= ھڪ ساز جو نالو. لُڇن= ڦٽڪن (درد ۾ عاشق). جانب ري= محبوب ڪان سواءِ. جواب= اھو جواب جيڪو ايندڙ ٻن سٽن ۾ آھي. سَنڊڻ= سُنڊ ملائڻ، ڦاٽل، ڀڳل، چيريل (عضوي، ڪپڙي وغيره) ڪي جوڙڻ. ڪباب= ڳترا ڳترا، ٽڪر ٽڪر. ٧. انڌا اوڌا= اي عقل جا انڌا ۽ رت جا اونڌا. ڏيل ۾= بت ۾، جان ۾، اندر دل ۾. جني سيج= جن ڪي سيج= جن ڪي سيج برابر آھي. مشاھدو= ڪيل، رؤنشو، تماشو، عجب لقاء. ٨. تن= بت ۽ جسم. تن طبيب= جند جان جو طبيب. ڏک= ٻڌ ۽ سانڌ، ڪڻ ۽ پُور. ڪڌ ڪٽي ۾ پون= زمين ۾ ڪڌ ڪٽي (پور). ھوتن= وڏي شان وارو محبوب ۽ پيارو پرين.

٩

هارئا ويجَ! مُياس، سُڌ نہ لَهين سُور جي
پِريان كي چُوندِياس، تہ ترسُ طَبِيبَن ڇڏِئو.

١٠

كُنيِسِ كُويجَنِ، ٿَنِ طَبِيبَ نہ گَڏِئا
ڏيئِي ڏَنيَ ڏَڏَنِ، پاٽان ڏِيلُ ڏُكوئِيو.

١١

كوماٽا كَرِيون كَري، چاكَ اُيرئامِ
واري ويجَ ڏِنامِ، ڏَنيَ ڏُكندي سامُهان.

١٢

طَنبُو طَبِيبَنِ، آٽي اگڻِ كوڙِئا
دارُون هِنِ دَردَ كي، ڦَكِيُون فَرقُ نہ كَنِ
وِرچِئو ويجَ وَجَنِ، سُڌِ نہ پِيينِ سُورَ جِي.

١٣

ايريندَڙا نہ اي، جي مون كي ڏِنا سَجَڻِين
هارئا ٿَنِي تي، ويجَ وِجاء مَ دَرِيڙا.

١٤

ويجَ وِجاء مَ دَرِيڙا، كَندا كون فَرقُ
مُون كِي ٿِئا مَركَ، مُون پريان جا ڏكڙا.

١٥

ويجَ وِجائُون ڇَڏِ، توكي سُڌ نہ سُورَ جي
آنديئي جي اگهَنِ لَئي، سي گوريُون گورِينِ گَڏِ
سوئِي صاحِبُ سَڏِ، جو پَركا لَهي پِيڙَ جِي.

١٦

ڏارين دُنيا كارَڻِ دَرِپِيُون، ٿَنَ جو ٿُون نہ طَبِيبُ
ايندو اَڄُ عَجِيبُ، شادِي ڏِيندو صِحَتَ جِي.

١٧

ويجَنِ سِين وائِيءَ پِئا، كِرِي نہ كِئائُون
جي پَندِ پارِئائُون، تہ سِگهائِي سَگها ٿِئا.

١٨

ٽَڙِي طَبِيبَن، گهايَلُ گهَران كَڍِئو
چِكِئا چاكَ چِيهُون كَري، كَرِيُون مُورِ نہ كَنِ
دوسَ دَرسَن ٿُنهنجي، وڏو ٿارُ ٿَپَنِ
وِرچِئو ويجَ وَجنِ، آءُ پِرين تہ اُبهان.

١٩

آهي گهٽو اگهَنِ جو ٿَرسُ طَبِيبَنَ
كِئو وَسُ ويجَنِ، تان كِرِيءَ ري كِين ٿِئي.

٢٠

اگها ٿِي سَگها ٿِئا، جي وينا وَٽِ ويجَنِ
تہ تَرسِي طَبِيبَنِ، چِينِي هُوندَ چَگا كِئا.

٢١

پاڙي ويجَ هُئامِ، تان مُونِ مُور نہ پُڇِئا
تيلاهِين پِئامِ، موريسَر اكِين ۾.

٢٢

هارئا تو هِرِي، كُبِڄُ كايا سِين كِئو
كَيَئِي جي كِرِي، تہ ٿُون ٿَوانو ٿِيين.

٩. هارئا ويج= اي هاريل (شكست خورده) طبيب. ١٠. ڏيل ڏكوئيو= منهنجي جسم كي ڏكويو. ١١. چاك= چكندڙ ڦٽ. ڏكندو= آزار واري جاءِ. ڏكندي سامهان= آزار واري جاءِ وٽان. ١٢. ورچئو= كك ٿي، ٿكجي. ١٣. ايريندڙا= ايريندڙ، ورندڙ(ڦٽ). ١٤. ٿئا مرك= مرك ٿئا. ١٥. ويجائون (ويجائي جو جمع)= طبابتون، علاج ۽ حِيلا. پركا= جانچ، سُڌ. پيڙ= سور، درد. ١٦. ڏاريين= تون ڏاهين ۽ ركين. دنيا كارڻ= دنياوي طمع خاطر. درپيون (هينئين لاڙ ۽ كڇ جي ٻولي وارو اُچار)= درپيون، درين (جڙين ٻوٽين) واريون ٻكيون سُتيون. ١٧. وائي: پئا= آڏا سوال جواب كيا (مريضن). پند= نصيحت. پارئائون= پوري كيائون. ١٨. چيهُون كري= ڦٽي ڦاٽي چيرَ كري. ٿپَ= ڏكَ، ڏكن وارا زخم، گهاوَ. وڏو ٿار ٿپن= ٿپن تي ٿار وڏو. اُبهان= اٿي اُڀو ٿيان (بيماري جي بستري تان). ١٩. كِري= رك، پرهيز. ٢٠. اگها ٿِي= اگها ۽ هوند. سگهيا ٿيا= صحتمند ٿيا. جي وينا وٽ ويجن= جي طبيبن وٽ صبر كري وينا. ترسي= رحم پئي. چيني= وڏي ڌيان ۽ غور سان علاج كري. ٢١. موريسَر= اكين جي بيماري، 'پڙوار'. ٢٢. هارئا= اي اهوجه، اي موڙهل. تو هري= تو هر شيءِ كائڻ تي پاڻ كي هيرائي، جيكي شيون نہ كائڻ كپن ها سي كائي. كُبِڄُ= خراب پَڄُ (جنهن مان سولي جند نہ ڇُٽي). كايا= جسم، بدن، سرير. كاياسين كُبِج كئو= بدن كي كُبِج لاتو.

٢٣

ويجَ مَ بُڪِي ڏي، مَرُ چڱيائِي مَ ٿيان
سَڄَڻُ مانَ اَچِي، ڪَرَ- لاهُو ٿِي ڪَڏهِين.

٢٤

هُئين ويجَنِ وَٽِ، ٽُون ڪِئن جِيءُ جَڏو ٿِيين
سِرُ ڏيئِي ۾ سَٽِ، ڪوهُ نہ ڪِيئِي ڏرِيڙا!

٢٥

ويهَڻُ ويجَنِ وَٽِ، سِڪين تہ سَگهو ٿِيين
اَڳِين عادَتَ مَٽِ، تہ اَگها! عاجِزُ نہ ٿِيين.

٢٦

ٽَرِسُ طَبِيبَنَ جو، جَڏَنِ ڪِئو نہ جاتِ
جو ويجَنِ جي واتِ، دارُونئان تَنهِ ڏُورِ ٿِيا.

٢٧

سيڻي سُور طَبِيبَ، جَنِي سُورَنِ سَجَ ڪِي
جو لِڪِنو هُتِ لَطِيفُ چئي، سوئي ڪَنِ قَرِيبَ
جي نوازِئا نَصِيبَ، دارُونءَ سي دُرستَ ڪِئا.

٢٨

اَکِهين مِٽِي اَڄُ، ڪِئو سَڌُ صِحَتَ ڪي
ڏُور ڏُکندا يَڄُ، مِهرَ مُنهُ ڏيکارِئو.

وائي

ويـجَ مَ مُـون وَٽِ وي

آيا جانِي مون گهَر آيا
آيا هادِي مون گهَر آيا

ويجَنِ وَڏا ئِي وَس ڪيا، مَرضَ مُنهِنجي ڪي
مَرُ چڱيائِي نہ ٿيان، ويجَ مَ بُڪِي ڏي
ڪَرَ-لاهُو ٿِي ڪَڏهِين اَگڙِ شالَ اَچِي

بُڪِي ڏِيندَمِ ٻاجهہَ جي، سندو رَحمَتَ ري.

داستان ٽريو

١

هَڻُ حَبِيبَ هَٿُ ڪَٽِي، ٽيڪَ مَ، ٽورو لاءِ
پِرِيمِ تُنهنجي گهاءِ، مَران تہ مانُ لَهان.

٢

هَڻ حَبِيبَ هَٿُ ڪَٽِي، دلِ ۾ ڏرِي ڏنهان
وَڍِ تہ ويرَمَ نہ ٿِئي، صَبُرُ آهٖ نہ سَهان
ڪَنهِ ڪي ڪِينَ چوان، تہ مونِ ڪي مارِئو سَڄڻين.

٣

هَڻُ حَبِيبَ هَٿُ ڪَٽِي، ٻَنگان يَرِي ٻاڻُ
ماڳهِن مُون مِنهُ ٿئي، جهولِيءُ وِجهان پاڻُ
اِن پَرِ ساجَنَ ساڻُ، مَنَ مُقابِلو مُون ٿِئي.

٤

عُقابِيلَ اکِينِ ۾ باري توڪِي بانَ
اَيو اَڳرائيون ڪَرِين، ماڳِ هَٽيو مَستانَ
جانِبَ تُون زِيانَ، اکِينِ سِين ايذا ڪَرِين.

٥

عُقابِيلَ اکِينءُ ۾ توڪِي تِڪا تِيرَ
ساجَنَ! اِنهين سِيگَ سِين ڦَٽِيئي گهَٽا فَقِير
ٻِئو مَ مارِج مِيرَ، تُنهنجو پهروئي پُورو ٿِئو.

٦

عُقابِيلَ اکِينِ ۾، تِيرَ تِڪا توڪِي
ساجَنَ اِنهينَ سُورَ جي ڪَلَ نہ آ ڪَنهِ ڪي
مارِين تو مُون ڪي، چاڙِهئو لوهَ لَطِيفُ چئي.

٢٣. ڪر-لاهو= اهو جيڪو اتفاق سان ڪٽي اچي ۽ ڪنهن جي خبر پڇي، ڪَر لهندڙ. ٢٤. ۾ سَٽَ= سَٽَ ۾، سوُدي ۾. ٢٦. جات= جاد= ياد. دارونئا تنه= تنهن دارونءَ کان، تنهن علاج کان. ٢٧. سورن سَج ڪِي= سورن جي سج ڪئي، سور سامهان ڪيا، سور ڏنا. ٢٨. ڏور ڏکندا يج= اي ڏکندا ڏور يج، اي آزار ڇڏي وڃ. وائي. ٽلهہ ۾ ڪاتبن 'ويہ' ڪري لکيو جيڪو صحيح آهي پر وائيءَ ۾ قافيي جي لحاظ سان 'وي' چئبو: لاڙي محاوري ۾ 'وي' عام رائج آهي. سندو رحمت ري= رحمت سندو ريهہ، ڏٽي جي مهر ۽ ٻاجهہ وارو علاج جيڪو مريضن کي صحتياب ڪري. د-١.٣. هڻ= ڏڪ هڻ (تلوار جو، خنجر جو). ٽيڪ مَ= تلوار يا خنجر کي مياڻ ۾ نہ وجهہ. ٣. ٻنگان= ٻنگ کان= ونگ کان= ڪمان کان، تير جي منڍ واري ونگ يا گوشي کان. ماڳهين= منڊئين، ويتر وڌيڪ. مِنهُ= بهانو، سبب. ٤. عقابيل= عقاب پکي جي ڪنين سان جڙيل تِيرَ. باري= ڳرا، زور سان لڳندڙ ۽ وڏا گهاءِ ڪندڙ. بان= ٻاڻ، تير. زيان= ڪِيس، هاڃا. ٥. سيگَ= ڪمان.

٧

عُقابيلَ اکِينِ سِينِ، تِيرُ چَلايو تو
پِئو مَرُ ماري سو، جَنهِ جو پَهرو پُورو نہ ٿِئي.

٨

جي پائِنِ کانَ کَمانَ ۾ تہ سِينو سِپَرَ رَکُ
مُنَهَ ۾ مَعشُوقَنِ جا، چاکَ چَنِکَا چَکُ
سُورِي پانءِ مَ شَکُ، عاشِقُ ٿِيءُ تہ اُبهِين.

٩

جي پائِنِ کانَ کَمانَ ۾ تہ سِينو سِپَرَ ڏِيجِ
مُنَهَ ۾ مَعشُوقَنِ جا، جهالُو ٿِي جهَلِيجِ
پاهانِ پَگَ مَ ڏيجِ، عاشِقُ ٿِيءُ تہ ابهِين.

١٠

جي پائِنِ کانَ کَمانَ ۾ تہ ڏِجيئين سِينو
کَهچ مَ کِينُو، مَتان دوسِتُون دُورِ ٿِيين.

١١

پائي کانُ کَمانَ ۾، مِيان! مارِ مَ مُون
مُون ۾ آهِين تُون، مَتان تُنهِنجو ئِي توکِي لَڳي.

١٢

لوري جِتِ لَڳومِ، اُتي اُيو آهِيان
سُورهُ پِرِين سَندومِ، مَنَ پاجهائي پِئو هَٽي.

١٣

کانارِئا کُٽکَنِ، جَنِي لوهَ لِڳَنِ ۾
پاڻِهين بَڌَنِ پَنِيُون، پاڻِهين ڏَکَ ڏُئَنِ
ويجَنِ وِرچِي چَڏِئا، اَجُ کَ کالهہ مَرَنِ
کِنه کي کِينِ چَوَنِ، دَردُ اسان جي دِلِ ۾.

١٤

چوري چَنگُ، بَنگُ لِهِي، حَبِيبَنِ هَنيوسِ
پُجهان باڻُ لَڳوسِ، کانارِئو کَرُ کَٽي.

١٥

سَرُ جو سَجيئو سَجَٽِين، پَرُ پِيڏيءَ ڏيئِي
کانَ کَرنگهَرُ کَپِئو، پَگَن سِرِ پِيهِي
جيرا جِگَر، بُکِيُون، پاساڙا پيئِي
ويجَنِئُون ويئِي، ٿِي وَهِيٽِي سَجَٽِين.

١٦

سَرُ جو سَجيئو سَجَٽِين، بَنگان پَرِي بانُ
وِئو وُجودان نِکِرِي، کَڙِ کَڙِ کَرِي کانُ
ٿِئا جي نِيشانُ، سي پِهرِئين سِين پُورا ٿِئا.

١٧

سَرُ جو سَجيئو سجَٽِين، بِنگان باڻُ پَري
وِئو وجُودان نِکِرِي، کَڙَ کَڙَ کانُ کَرِي
پُڇو پِيرَ پَرِي، تَہ کِين نَرِئو هَٽُ حَبِيبَ جو.

١٨

سَرُ جو سَجيئو سجَٽِين، سِيگَ مَنجهان سِيلو
ٽِينگَرُ ٽِکئو کِينکِين، پارِ لَنگهئو پِيلو
هَٽڻُ سِين حِيلو، جانِبَ جيڏو ئِي کِئو!

١٩

سَرُ جو سَجيئو سَجَٽِين، ٽَنهِ لوريءَ لوهُ پِئو
وِئو وُجُودان نِکِرِي، کَڙِکو کانَ کِئو
مَنجهان مُون وِئو، گهائِيندو گهَٽِنِ کي.

٢٠

سَرُ جو سَجيئو سَجَٽِين، بِيهَرَ بانُ پَرِي
اَچِي چِمَکِئو چوهَہ مان، کَڙِ کَڙِ کانُ کَرِي
جيرا جِگَرَ بُکِيُون، لَنگهي پِئو پَرِي
لَڳو جِيءَ جَرِي، تاڻِيان تِيرُ نہ نِکَري.

٨. اُبهين= مَرکين، مانائتو ٿئين. ٩. جهالُو= اهو جيکو ٻن وڙهندڙن جي وچ ۾ پئي، (جهالو جي حيثيت ۾) پنهنجي منهن ۾ پڻ زخم ۽ گهاءُ جهلي. پاهان= پوئتي. پاهان پگ مَ ڏيج= پوئتي پير نہ کڻج. ١٠. ڏجيئين= تون ضرور ڏجان. کهج= ڇڪج. کينو= 'کين'، انکار. ١٢. لوري= 'لورن' کاريگرن جو ٺاهيل تکي لوهي نوک وارو تير. جت= جنهن جاءِ تي. ١٣. کانارئا= کانَ لڳل. کٽکن= کُٽکَ ڪن. جني= جن کي لوهہ يا رک جي وارن تيرن چوٽين جا اونها زخم. ١٤. چوري چنگ= کمان کي ڇڪي. ٻنگ= ونگ، گولائون گهيرو. ٻنگ لهي= تير جو گوشو هٽ ڪري، ڇڪي. ٻجهان= ڄاڻان تہ. کانارئو= اهو عاشق کان لڳڻ سان. کر کٽي= مٿي اُبڙي، مٿي اٿلي. ١٥. سَرُ= تير. سجڻ= ڏک الارڻ، نشان ڪرڻ. پر پيڏي ڏيئي= ڇپٽي جو پر ڏيئي. زورائتو جهلو ڏيئي. پاساڙا= جسم جي ٻنهي طرفن. ١٦. سجيئو= سڌو چتائي هنيو. ٻنگان پري= چڙهيل ڪمانان پري. ١٨. سِيگ= ڪمان. سلهہ ڪري هٽڻ= سڌو جهنيارو ڪري هٽڻ. ٽينگر= ٽِرنگرُ، ٽن نوڪن وارو تير. حيلو= هنرمندي، ڪاريگري. ٢٠. چمڪئو= چمڪو ڪري اچي لڳو.

٢١

ڪُهيو چَنڊِين ڪانَ، هَڏَ نه هَڻائِين ڪِين
ٽَئا جي نِيشانَ، سي پهرئين سِين پُورا ٿِئا.

٢٢

جِت حَبِيبَ هَٿَنِ، پَري ناٽڪَ نِيهَ جي
تِتي طَبِيبَنِ، وَڃي وِڃا وِسَري.

٢٣

هَٿين جي حَبِيبَ! مَحَبَتي مَيَا ڪَري
پُڇان ڪِينَ طَبِيبَ، هُند گهاوَنِ سِين ٿِي گهاريَان.

وائي

مونکي تا مارين، ڪو پَهُ پِئڙو سَڄَڻين
وَڍِئو، چيرِئو، چِچِرِئو، ڏيهَ ڪي ڏيڪارين
سيخُون سَڄَڻَن هَٿَ ۾، چُلهي تي چاڙهين
"مُوتُوا قَبلَ اَن تَمُوتُوا" مَرَڻ اِنَ مارين
"فَهُو حَي لايَمُوتُ" مارِئو جِيارِين.

داستان چوٿون

١

هَي هَي وَهي هاءِ، مَنَ ۾ مَحبُوبن جي
جِيرا جَوشَ جَلائِيَا، بُڪِن بَري باهِ
پَسو مَڃُ مَٽاءِ، جي ويساهِ نه وِسهو.

٢

هي هَي وَهي هُوءِ، مَنَ ۾ مَحبوبن جي
جِيرا جوشَ جَلائِيا، بُڪِن مُڪِي بُوءِ
اَچِي پَسو رُوءِ، جي ويساهَ نه وِسهو.

٣

ڪاندين ٽاندين ٻاٻرين پَچان مَرُ پيئِي
جيرا، جِگر، بُڪيُون، سِيخُن ۾ ٽَريئِي
ويچَنِئُون وِيئِي، تِي وَهيٽِي سَڄَڻين.

٤

ڏَڳايومِ ڏَئين، چيرو اَندَر چَنڊڙي
لَڳِي سيخَ وُجُودَ ۾، سَندِي نِيهَ نَئين
مُشاهِدي ٿِهين، مونکي وِڌو مَڃَ ۾.

٥

ٽَتو تَنُ تَنُورَ جئَن، ته چَنڊي ساڻُ چَماءِ
آٽي آڳَ اَدَبَ سِين، ٻاري جانِ جَلاءِ
بُرقعانِ اَندَرِ بازِيُون، پَنهنجون سَڀ پَچاءِ
لُڇَڻَ لَٿُون، لَطِيفُ چئي، پَڌَرِ هَڏَ مَ پاءِ
مَتان لوڪَ لَڪاءِ، وِصالان وِڄُ پئي.

٦

آجان تَنُوراءِ، ڪالهه ڪَڍِياسون سَڄَڻين
ٽِپُڻُ تاياٽون ٽڪڙو، وَحَدَتَ جي وَڌاءِ
مَحَبَتِنِ مَٽاءِ، مَڃُ مُورائِين نه لَهي.

٧

مَڃُ مَنجهيئِي آهه، ٻاهَرِ ٻاڦَ نه نِڪري
چورِ ته لَڳي چاهِ، ڪامِ ڪامَندَنِ ڪَٽِئو.

٨

ڏَنُ ڏَنُ ڏَمَڻَ وارَ، اَڄُ پُڻُ آڳِرِيَن جي

---

٢١. ڪهيو= ٻولايو، چئي، خبردار ڪري. چنڊين ڪانَ= ڪانَ ڪمان مان ڇوڙين. ٢٢. جت= جنهن وقت. تتي= تت، تنهن وقت. ٢٣. ميا= مهر. هُند= هوند، جيڪر. وائي. ڪو پَه= ڪو خيال. پئڙو= پيو. موتوا قبل ان تمُوتوا= صوفين جو قول ته "مرو انهيءَ کان اڳ جو آخر جسماني طور مرو"، عشق ۽ محبت ۾ جيئري ئي پنهنجي هستي ختم ڪريو. فَهُوَ حي لايَمُوتُ= پوءِ اهو سدا حيات آهي ۽ مري ئي ڪونه ٿو. د-٤-١. هي هي، هاءِ= سک ۽ ڏک واري آه. وَهي= هلي پئي، جيرا= جگر. جوش= عشق جي غلبي. ٢. وهي هاءِ= هاءِ هوءِ جاري آهي. روءِ= منهن ۽ جسم جو رنگ. ٣. ٽاندين ٻاٻرين= ٻيرن جي ڪانن وارن وڏو ٽاندن ۾. مر= پل ته. تي وهيٽي سڄڻين= وڃي محبوبن جي حوالي ٿي آهي. ٤. ڏڳايوم= مون ٻاريو (چيرو) ڏکايوم ڏئين= ڦوڪي ڦوڪي دونهين ٻاري. چيرو= ٽاندو. ٥. چماءِ= مانو ڪر. ٽتو ڪر. برقعان اندر= پردي اندر پچاءِ= پڪيون ڪر. لُڇَڻَ لٿون= لُڇڻ واري لٿون، لڇ پڇ واري سڪ. پڌر هَڏِ مَ پاءِ= ظاهر هرگز نه ڪري وجهه. لوڪ لڄاءِ= لوڪ کي لڪا پوي. وڄُ پئي= وڇان وٽي پئي. ٦. ٽپُڻُ= ته وري ٻه. محبتين مٽاءِ= سچي محبت وارن جي مٽان. ٧. مڃ ٺاهه= مڃ ٻار، مڃ مچاءِ. چور= تون پاڻ سڄڻ جي سڪ ۽ يادگيري کي وڌاءِ. چاهِ= باهه. لڳي چاهه= باهه لڳي. ڪام= جل، سڙ، ٻر. ڪامندن= جلندڙن. ڪٽئو= داءُ ڪٽيو، محبت ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. ٨. ڏنُ ڏنُ= ٽڪڙو ٽڪڙو ڏنوڻ. ڏمڻ وارا= ڏنوڻي کي ٽڪڙو وارو وار ڏنوڻ.

ڀاري مَڇُ مجازَ جو، اوتياڻون اَگارَ
ڏوڏڻان ڏِيءُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿِئي.

٩

داٺودِي ڏيُون ڪَري، رَڪَنِ ڪونهي چيتُ
ڪوريءَ هيتَ سُچيتُ، ڪاهيو پاڪرِيين هٽي.

١٠

داٺودِي ڏيُون ڪَري، رَڪَنِ ڪونهي رَنگُ
ڪوريءَ هيتِ خَتنگُ، ڪاهيو پاڪرِيين هٽي.

١١

پَچائي پَهاڻَ، جَنِ رَساٽيو رُڪَ ڪي
ٿَنِي سندو ڄاڻَ، آهي آڳِڙيَنِ ڪي.

١٢

ڏوڏا تون نہ ڏٺئين، آڳِ اوڏو نہ وَجين
اَلا جي عشقَ جا، سي تان تُون نہ سَهين
اَيو اِيئن چَئين، تہ آءٌ آڳِڙيو آهيان.

١٣

سرُ سانداڻَ ڪَري، پُڇجُ گهَرُ لُهارَ جو
ڏَکَنِ هيتِ ڏري، مانَ گَڏيئي رُڪَ سِين.

١٤

سَهي جِئن سانداڻِ، ڏَکَنِ مَٿي ڏَکَڙا
وَهہ وِڃائي پاڻِ، ڏي ڏُوائُون ڏُگرين.

١٥

ٻَرِ ٿَنِ اَگارَنِ، ٻہ- ڏائِين ٻَرَنِ جي
هِڪَ جِئَنِ گُوري ڪانئِيا، ٻِئو ڏوڏي مَنجهہِ ڏَکَنِ
اَجان لُهارَنِ، ميڙي رَکِئا مَڇَ ڪي.

١٦

ٻارِئو اُجهائِينِ ٻِرين، اُجهايو ٻارين
مون ڪي ٽا مارِينِ، لُونٺان لُهارن جا.

١٧

اَڄُ آڳِڙيا آئِيا، سُوڏا سِراٽِي
پِياري پاٽِي، تيغُون ڪَندا تَکِيُون.

١٨

اَڄُ آڳِڙيا آئِيا، سُوڏا ڪِي سُڄاڻَ
لاهِيندا موريانَ، رُڪُ ڪَرِيندا پَڌرو.

١٩

سَرها ڏِنَمِ سي، جَنِ ساڄاءِ سِراڻَ سِين
تيغَ ٿَنِي جِي ڪي، ڪَٽُ نہ لَڳي ڪَڌهِين.

٢٠

ڪَٽُ ڪَڙهي، لوهہُ ٻَري، ڏوڏا جِتِ ڏَکَنِ
مَترڪَنِ مُنہَ ڪَڍِئا، سانداٽِيُون سَنڪَنِ
اَڄُ پُڻِ آڳِڙيَنِ، ميڙو آهي مَڇَ تي.

٢١

جِئن چيرو ڪانئي جَرَ سين، عِشقُ اِيئن ڪَري
اَجانُ پِرتِ پَري، ڳالهِہ نہ ڳالهِين جهَڙِي.

مجاز= مجازي محبت. ڏوڏڻان= ڏُوڏي ڪان، مڇ ڪان. جم= جئن م، مٿان. ٩. داٺودي= حضرت دائود وارو ڪورو. ديون ڪري= باهہ جون زوردار ڇيپون ڪڍي. چيتُ= چيتو. ذهن، سڪن ۾ سبق حاصل ڪرڻ جو شعور. سچيت= سٺي چيتي وارو. ڪاهيو هٽي= آٽيو سٺي، واريو وجهي. پاڪريين= پاڪو وارن ڪي، زرهہ وارن ڪي. ١٠. رڪن= رُڪن ڪي، سخت دل وارن ڪي. رنگ= اثر، لاڳ. ڪوريءَ هيٽ= عشق جي آڙاهہ اندر. ١١. رساٽيو= رسايو، رس وارو ڪيو، پورو پچايو. تني سندو ڄاڻ= اُن جي پوري خبر. آڳڙين ڪي= لوهارن ڪي. ١٢. ڏوڏا= سخت تاء وارا وڏا مڇ. اَيو= بيٺو. آڳڙيو= آڳ يا باهہ وارو. ١٣. سر= پنهنجو مٿو. ١٤. سهي= جهلي. سانداڻ= مضبوط لوهي اڏي. وَهہ= پنهنجي جسم جي طاقت. پاڻ= پاٽان. ڏوائون ڀارون دگرين= ڏگرين ڪي، مطرقن ڪي. ١٥. ٻَرِ= جسن، شاباس. ٻہ ڏائين= ٻہ ڀيرا. اجان= اجان ٻہ. پاٽان وري. ١٧. سوڏا= وڏا ڄاڻو ۽ ڪاريگر. سراٽي= سِراڻ وارا. پياري پاٽي= تيزي وارو پاٽي ڏيئي. ١٨. سُوڏا= وڏا ڄاڻو ۽ ڪاريگر. سُڄاڻ= وڏي سمجهہ وارا. موريانڻ= تکي سٺي اوزار تي مٿان اپريل ڪٽ. اُهو ڪٽ جيڪو اوزار جي صاف سطح تان مٿي موري، اُپري بيهي. ١٩. سَرها= ٻنا ڪنهن ڳِٽيءُ جي، خوش ڪلندا. تيغ= ترار. ڪَٽُ= موريانڻ. ٢٠. ڏوڏا= وڏا تکا مڇ. ڏکن= ڀڙڪا ڪري ٻرن. سَنڪن= سٺونڪي ۾ اچن، دپ ۾ چي ڪنبن، ٽڙڪن ۾ ٽڙهن. ٢١. چيرو= ٽانڊو. پرت پري= پرت پري آهي.

وائي

سِگھي سارَ لَھيجِ

ساجَنَ! سُورَ ثُماري آئون ماري

سُورِ ثُماري جي مَران

تان مُون ڏوھُ مَ ڏيجِ

ڏرِينَ يَري ھَٿڙا

داروُن دوستَ ڪَريجِ.

داستان پنجون

۱

جَنِي دَورُ دَردَ جو، سَبَقُ سُورَ پَڙھَنِ

فِڪِرَ ڦَرھِي ھَٿَ ۾، ماٿِ مُطالعُ ڪَنِ

پَنو سو پَسَنِ، جَنھِ ۾ پَسَڻُ پِرينءَ ڪي.

۲

وِسرِئومِ سَبَقُ، پھرين سِٽَر نہ سَنيَران

اَجان ھِيءَ وَرَقُ، مون مُطالعُ نہ ٿِئو.

۳

پَڙھيو تا پَڙھِنِ، ڪَڙھَنِ ڪِينَ ڦُلوبَ ۾

پاٽان ڏوھہَ چَڙھَنِ، جِنَ وَرَقَ وارِينِ وِترا.

۴

سِٽَر نہ سا سارِينِ، اَلفُ جَنھِ جي اَڳَ ۾

ناحَقَ نِھارِينِ، پَنا ٻِئا پِرينءَ لَئِي.

۵

اَڪَرَ ڄُتي ھيڪَڙي ٻھُون جي نہ ٻُجھَنِ

ڪوھُ ڪِبو ڪي ٽَنِ، سَڄِي سُٽائي ڳالھڙي.

٦

اوجھُون ڪَري عامَ ڪي مُنجھايو مُلَنِ

اُو پِريان ئي پاسي ٿِئا، ڳھِ ڳھِ ڳالھِيُون ڪَنِ

ساھان اوڏو سُپِرينِ، لوچِئو تانِ نہ لَھَنِ

دَمُ نہ سُڃاڻَنِ، دانھُون ڪَنِ ٻِئَنِ ڪي.

۷

مُلا ڪوھُ مارِين، ڪارِين ڪُتابِنِ ڪي

وَرَقَ جي وِصالَ جا، سي پَنا نہ پارِين

سا سِٽَر نہ سيڪارِينِ، جَنھِ ۾ پَسَڻُ پرينءَ جو.

۸

اَدا ڙي آخُونڊَ! مارِ مَ مَعصُومَنِ ڪي

دَردَ تُنھِنجي دل تي جي بِرہَ وَسائِي بُوندَ

ھِيئَن نہ مارِيُئِي ھُوندَ، عاقِلَ اَبوجھَنِ ڪي.

۹

جي تون فارسي سِکِئو، گولو توءِ غلامُ

جو ٻَڌو ٻِن ڳالھِئين سو ڪِئَن چائي چامُ

اُجِئو تان آبُ گھري، ٻُکِئو تان طعامُ

ايءُ عامَنِ سندو عامُ، خاصَنِ منجھان نہ ٿِئي.

۱۰

سِٽرُوَن پَڙھُ ساجاءِ جون، ڪَنزُ قُدُوري ڇَڏِ

وانءُ تَنِي جي سَڏِ، جَنِي سانگُ نہ ساہَ جو.

د-٥. ۲. پسڻ= ديدار. پرينءَ ڪي= پياري پرينءَ جو. محبوب حقيقي جو. نہ سنيران= ذھن ۾ آٽي نٿو سگھان. اجان= اجان سوڌو. ورق= ڪتاب جو ھڪڙو پنو. ھي ورق= ھي پنو= ظاھري پنو. مطالع ٿيڻ= مطالعي ۾ اچڻ، پڙھڻ ۾ اچڻ. ۳. پاٽان= پاٽمرادو. ڏوھہ چڙھن= مٿن گناہ پيا چڙھن. ورق وارين= پنا اُٿلائين. ٤. ناحق= ناحقي، اجايو. نھارين= جانچي ڏسن. پنا ٻئا= ٻئا پنا، ٻئا ورق. پرين لئي= پياري محبوب ڪاڻ. ٥. اکر ڄُتي ھيڪڙي= ھڪڙي اکر ڪي ڇھڻ سان. ٻھون= گھڻا (پيا اکر). جي نہ ٻجھن= جيڪي نٿا سمجھن. ٦. اوجھون ڪري= مونجھارا ڪري. مُلن= پڙھيلن، ٿورو پڙھيلن، اڌ- پڙھين. پِريان= پرين ڪان، حقيقي محبوب ڪان. ڳھ ڳھ- الخ= ڳھي ڳھي ڳالھيون ٿا ڪن. پِريان ئي= پرين ڪان ئي. لوچئو= ڏيان سان جانچيو. دم= پنھنجو دم، پنھنجو ساہ. ۷. مُلا= اي پڙھائيندڙ، اي مُعلم. ڪوہ= ڇو. ۸. آخوند (ف). پڙھيل، مڪتب جو استاد. معصوم= ننڍڙا ابھم ٻار. درد= پيار محبت ۽ ھمدردي جو درد. برہ= ڪنھن سان دلي پيار، عشق. ۹. ٻڌو ٻن ڳالھيين= ٻن ڳالھين ۾ جيڪو ٻڌو. چائي= چوائي. ۱۰. ساجاءِ جون= ادب فضيلت ۽ صداقت جون. ڪَنزُ= حنفي فقہ جو ڪتاب "ڪَنزُ الدقائق"، مشھور عالم عبدالله بن احمد النسفي جو تصنيف ڪيل. قُدُوري= حنفي فقہ جو "ڪتابَ القدوري"، تصنيف ڪيل عبدالحسين احمد بن محمد القدُوري (بغدادي، وفات ٤۲۸ ھجري) جو. وانءُ= وڃ.

١١

پَني ۾ پيهِي، تان تو الفُ نہ اُجهئو
ڳالهِ پِريان جي ڳُجهہَ جي، جيهِي نہ تيهِي
خَبَرَ تو کيهِي، قاضِي! هِنَ ڪِتابَ جي.

١٢

اَگرُ پَڙهہُ 'اَلف' جو، ٻِئا وَرَق سَڀِ وِسارِ
اَندَرِ کي اُجارِ، پَنا پَڙهندين ڪيتِرا.

١٣

سِٽَرَ سائِي سار، اَلفُ جَنهِ جي اَڳِ ۾
مِيمان جو مَعلوُمُ ٿِئو، وَرَقُ سوئِي وارِ
ناحَق ڪِيمَ نِهارِ، پَنا ٻِئا پرِينءَ لَئِي.

١٤

پَڙهئو پَڙهيجاھُ، سَبَقُ اِنهين سُورَ جو
'مِيمُ' رَکِجاھ مَنَ ۾، اَلفُ تَنھ اَڳِياھُ
چِتا چوريجاھُ، اِها لاتِ لَطِيفُ چَئِي.

١٥

جي هَرائِين هنِين تي، سَندِي 'الف' اوڙِ
تہ ڪِتابَن جي ڪوڙِ، منجهان تو مَعلوُمُ ٿئي.

١٦

ڪوڙين ڪِتابَن ۾، حَرفُ مڙوئِي هيڪُ
جي تو نظَرُ نيڪُ، تہ بِسم اللهِ ئِي بَس ٿِي.

١٧

ٿَنُ ڪَڏِي، مَنُ حُجِرو، ڪِينَ چالِيها رَکُ
ڪُهُ نہ پُوڄئو پُوڄِئين اَنئِي پَهَرَ اَلَکُ
ٿُون تان پاڻُ پَرَکُ، سَيَکَنهِ ڏانهن سامُهُون.

١٨

تِهَڙا نہ چالِيها چالِيهہَ، جهڙو پَسَڻُ پِرِينءَ جو
ڪاتِبَ ڪُڄاڙئا ڪَرِيين، مَٿي پَنَن پيهہَ
جي وَرَق وارِيين وِيهہَ، تَپِ اَگرُ اُهوئِي هيڪَڙو.

١٩

ڪُه تو ڪاغذ ڪورِيين، وِينو وِڄايين مَسُ
ڏورِ تِئان ئِي ڏَسُ، اَگرُ جِتائِين آئِيو.

٢٠

ڪِئو مُطالعُ مُون، هُو جو وَرَقُ وِصالَ جو
تِنهِ ۾ ٿُون هِي ٿُون، ٻِي لاتِ نہ لَحظي جِيتَري.

١١. پيهي= اندر وجي، گهڙي. ڳجهہ= راز، حقيقت. هن ڪتاب جي= الاهي عشق ۽ معرفت واري هن ڪتاب جي. ١٢. 'الف' = 'الله' جي نالي جو پهريون اکر. اندر= اندريون وجود (نفس، قلب، ذهن، نيت). اُجار= ڏوئي اڇو اجرو ڪر. ١٣. سار= سنڀار. ناحق= اجايو. پنا ٻئا= ٻئا ورق. ١٤. پڙهئو پڙهيجاھ= پڙهي وري پيو پڙهجانءِ. چِتان، چِتان= پنهنجي چت مان. چوريجاھ= چورج، اٿارج. ١٥. هَرائين= هَرَ ڏيارين، اوڙ= هر سان چيريل سڌي قطار. ڪوڙ= ڪوڙي (= ويهہ). ڪروڙ (= بيشمار ڪتاب). ١٦. مڙوئِي= سڀوئي. ١٧. ڪَڏِي= هڪ ماڻهو جي ويهڻ لاءِ ننڍي جاءِ. الکُ= جيڪو لکاءَ ۾ نہ اچي. پاڻ پرک= پاڻ کي آزماءِ. ١٨. تهڙا نہ= تهڙا سهڻا نہ آهن. چاليهو= چاليهہ ڏينهن، چاليهن ڏينهن جي مدت (سنڌ جي آڳاٽي رسم روايت موجب، آب- هوا ۽ مندن جي مٽ سٽ جي لحاظ سان، ٻني ٻاري ۽ ڪُرمت جي لحاظ سان، ۽ پڻ مال جي سنڀال جي لحاظ سان، هڪ سال 'ٻارنهن مهينن' بدران 'نَوَن چاليهن' ۾ ورهايل هو. انهن مان هر 'چاليهي' جي جدا جدا خوبي ۽ خاصيت آهي، ۽ هر چاليهي جا جدا جدا نظارا آهن. مثلاً 'چيٽ وارو چاليهو' گلن ڦلن جي خوشبوءِ ۽ بهاري جو آهي: 'سانوڻ جو چاليهو' ڪڪرن جي رنگن، ڪنوڻين جي تجلن، وس ۽ وسڪارن ۽ گاهن جو گلزارين جو مهينو آهي. سياري جا ٽي چاليها، چنڊ جي چانڊاڻ ۽ تارن جي تجلين وارا آهن. سواءِ هڪ 'هاڙهہ جي چاليهي' (ويساک جا پويان ڏهہ ۽ جيٺ جا ٽيهہ ڏينهن، مئي- جون ۾) جي، گهڻو ڪري سال جا ٻيا اٺئي چاليها، هوا، روشني، رنگ ۽ بُو جي لحاظ سان ڪنهن نہ ڪنهن خوبي وارا آهن). تهڙا نہ چاليها چاليهہ= هڪ سال جا نَو چاليها تہ خير، پر ڪٽي چاليهہ چاليها ڳڻجن تہ بہ اهي پنهنجين جملي خوبين، خاصيتن ۽ سهڻاين ۾ اهڙا شاندار ناهن، جهڙو پسڻ پرينءَ جو. 'پَسڻ' = محبوب جو نظر ڪٽي نهارڻ ويل سندن حسن ۽ صورت جو جلوو: عاشق جي اک سان محبوب جو نظارو ۽ ديدار. ١٩. ڪه تو= ڇو تو. ڏور ڏس= پتو پڇ، ان حقيقت جو ڏس پتو ڳولي لهہ. اکر آئيو= حرف پيدا ٿيو. ٢٠. هو جو= اهو جيڪو. وصال= ميلاپ، محبوب سان ملڻ. تنه ۾ = تنهن ورق ۾، تنهن پني ۾. لات= وائي، ڳالهہ. لحظي جيتري= ذري جيتري، لِکَ جيتري.

وائي

سيڻَنِ جيءَ سَنيارَ، جَڏڙو جِيءُ جِيارِئو
پِرين جِيءَ پَچارَ، جَڏڙو جِيءُ جِيارِئو
ڪَرَمَ ڪَرِيمَن جِي، اَهڪِيءَ وير اُڪارِئو
صالِحَن جيئن سَڏَ ڪَري، طالِحَنِ ڪي تارِئو
اُونهين تَڙَ عَميقَ مان، پِرين پوچ پيارِئو
سامُهُون ڪَري سُپرين، نِرمَلَ نُور نِهارِئو
مَرض مريضن تان، اِشاري ساڻَ اُتارِئو

وائي-٢

وَنئو هوتُ وَڃِن،
اَلا جهلِيان، اَلا پَلِيان، هنيڙو نہ رَهِي
آءٌ جَنِي جي آهِيان، ڪَڙِي تِيان مَ ٽَنِ
گَهَٽِين پِٽين گهورِيان، سَنڌَڙي ٻاجههَ ٻَئِنِ
مَرُ مَران، مارين مون، پُرزا پُرزا ڪَنِ
٦ مُيائِي گهورئي، جي مان مُحِبَ مِلِن

داستان ڇهون

١

ايڪُ پِيالو، ٻہ ڄڻا، عِشقُ نہ ڪَري ايئَن
لَڪيا جي لَڪڻَ ۾، سي قُربَ رَسندا ڪِيئَن
هُئڻَ ڪِئا هِيئَن، وانجِئا پَسُ وِصالَ ڪان.

٢

ايڪُ پِيالو، ٻہ ڄڻا، عِشقُ نہ اِيئَن ڪَري
آنّي سي ايڪُ ٿِئا، جي ٻُتا نِيهَ ڳَري
ڏُئِي ڏار ڏَري، جُهُ خُلتَ خَنجَرُ آئِيو.

٣

ايڪُ پِيالو، ٻہ ڄڻا، عِشقُ نہ ڪَري اَڌَ
اِيءَ تان سائِلَ سَڏَ، ڪَئِي جا قوالَ سِين.

وائي-١. سيڻن= پيارن مِترن، پيارن سڄڻن. سنيار= يادگيري. جڏڙو جي= فراق ۾ بيمار جيءُ. جياريو= ان سنيار جياريو. پچار= هر وقت ساڳي ڳالهه. ڪرم= احسان، ٻلائي. ڪريم= هر وقت ٻلائي ڪندڙ. اهڪيءَ وير= ڏکيءَ ويل. صالحن جيئن= چڱن جيئن. طالحن= اياڻن، بدنصيبن. تارئو= انهن پيارن سڄڻن تاريو. اونهون تڙ= جهجهي پاڻي وارو ڪوه. عميق= گهڻو اونهون. پوچ= گهڻو، جام. سامهون ڪري= پنهنجي نور (جلوي) کي سامهون ڪري. نرمل= اي پاڪ پرين. اشارو= نظر جو، اکين جو. اتارئو= لاهيو (شايد اصل لفظ 'اُتاريو' هجي؟). وائي-٢. ڪڙي مَ ٽِيان= ڪڙي نہ لڳان. گهٽين پٽين= گهٽي طرحين، طرحين طرحين. گهوريان= گهوري قُني ڪريان، قربان ڪري ڇڏيان. سنڌڙي ٻاجهه ٻئن= ٻئن سندي ٻاجهه، محبوب کان سواءِ ٻين جي مهر. د-٦-١. ايڪ= هڪ پيالو، ساڳيو هڪ ئي پيالو. ٻہ ڄڻا= پيڻ وارا ٻہ ڄڻا (جيڪي ساڳئي هڪ ئي پيالي مان پين). عشق نہ ڪري ايئن= عشق ايئن نٿو جائز ڪري، جوتي پيڻ جي اجازت نٿو ڏئي. لَڪيا= لڪجي پيا، پنهنجي ڪچائي ۾ ظاهر ٿي پيا. لکيا جي لکڻ ۾= جن جي لِڇڻ ۾ لَڪا آهي، جن جو لِڇڻ سهڻو ناهي (جو هُو جوٺو ٿا پين، ساڳي پيالي مان ٿا پين). وانجئا= پري ٿي پئا، رهجي ويا، محروم ٿي ويا. ٢. جدا جدا لڪتن جي لحاظ سان ٻيءَ سٽ مان مراد آهي تہ: آني سي ايڪ ٿئا جي ٻُتا نيه 'ڳري' آني، آنجي= ڳري ملي هڪ ٿي (آنجڻ= ڳرڻ، جدا جدا ٽڪرن جو ڳڱهرجي، ڳري ملي هڪ ٿيڻ.) هڪ ٻئي سان گس پيسي سوڙها ٿي، هڪ ٻئي سان لڳي هڪ ٿي. ٻُتا= ڳنڍيا (ڳنڍجڻ، ملي هڪ ٿيڻ)، ڳنڍجي هڪ ٿئا. ٻُتا= ڳاهيا (ڳاهڻ= لتاڙي پوري ذرا ذرا ڪري ملائي ڇڏڻ، ڪانهين يا سنگن جو وجود وڃائي ڇڏڻ). ڇيپاٽي، جدا جدا وجود ۽ صورت وڃائي، ملائي هڪ ڪري ڇڏيا. ٻُتا= ڳهيا (ڳهڻ= ڳاهه ۾ ڳهڻ)، ڳڏجي سوڙها ٿئا. ٻُتا= هڪ ٻئي سان ملي جُڙِي بينا (ڳُنڊجڻ وارن جو)، ونجي هڪ لڙهي ٿئا، هڪ ڳت ٿئا، ڳوڙهه ٿئا، ڳاهٽ ٿئا. نيه= ڳاهه واري وچين ڪاٺي جنهن جي چوڌاري ڏاند هڪ قطار ۾ سوڙها ٿي وهن ۽ ڳاهه ڳاهين. ڳري= ڳوري وڏي آزمايش ۽ تڪليف واري. ڳري= ان وٽ، انهي ماڳ. جي ٻُتا نيه ڳري= (الف) جيڪي ڳري ڳاه واري ڪاٺي لڳ ڳهيا ('نيه' سان لڳو لڳ ڀهرئين ٻڌل ڏاند کي 'نيهي' چئبو، يعني جيڪو 'نيه' سان لڳو لڳ سخر سوڙهو ٿي وڏي تڪليف سان وَهي ۽ ڳهي. انهيءَ تشبيه مطابق سور سختيون سهندڙ عاشق کي پڻ "عاشق نيهي" سڏيو ويو)؛ ڇڪجي آنجي سوڙها ٿئا، هڪ ٻئي سان ڳسي پيسي هڪ ٿئا. ڏُئي= دوئي، ٻيائي. خُلتُ (ع)= سچي محبت، سچو عشق. 'خُلتَ خنجر'= خلت جو خنجر، عشق جو ڪات. ٣. عشق نہ ڪري اڌ= عشق اڌو اڌ نہ ڪري، عشق ۾ اڌو اڌ ڪري پيئڻ جائز ناهي. اِيءَ= اها ساڳي وٽي مان پيئڻ واري رسم. سڏ= سائل جي سڏ، سوالي جي صدا، سوالي جي خواهش. قوال سين= سماع ڪندڙ ذاڪر سان، سماع وقت صفت ۽ ثنا ڳائيندڙ سان.

٤

ايڪُ پيالو، پِه ڄڻا، عِشقُ نہ ڪَري اِتِ
مائِنِ ڪِينَ مِياڻ ۾ پِه ٽَرارِيُون تِتِ
اِيءَ پَرِ آهي اُتِ، ڄِتي ناتو ناهِ ڪو.

٥

عاشِقَ زَهَرَ پِياڪَ، وِهُ پَسِئو وِهُسَنِ گهڻو
ڪَڙي ۽ قاتُل جا هميشہ هيراڪَ
لَڳِين لَنُّونِ لَطِيفُ چئي، فَنا ڪِئا فِراقَ
توڙي چِڪَنِ چاڪَ، تَبِ آهَ نہ سَلَنِ عامَ کي.

٦

سِسِي سي گهُرَنِ، جي وارِيندڙ وِچَ ۾
اَوءِ ڪِين ٻِئو پُڇَنِ، سَرو جَنِ سَنباهِيو.

٧

اَٽئِي سَڏُ سُرڪَ جِي، تہ وَنءُ ڪَلاڙڪي گهَرِ
وَڍَڻُ، چِيرَڻُ، چِچرَڻُ پَهتِ اُنِي جي پَرَ
جي وَٺِي پوئِي وَرِ، تہ سَهنگِي آهِ سَيدِ چئي.

٨

مَ ڪَرِ سَڏُ سَري جِي، جو تون ٽارِيين ٽُروهُ
پِيتِي جَنہ پاسي ٿِئي منجهان رَڱِنِ رُوحُ
ڪاتِي، چِڪُ ڪَڪُوهُ، لاهي سِرُ لَطِيفُ چئي.

٩

سَڏڙِيا سَري جون، ڪوهُ پَچارُون ڪَنِ
جُہ ڪاتَ ڪَلاڙِنِ ڪَڍِيا، موٽِئو پوءِ وَڃَنِ
پِڪُون سي پِيَنِ، سِرَ جَنِي جا سَٽَ ۾.

١٠

اَٽئِي سَڏُ سُرڪَ جِي، تہ وَنءُ ڪَلاڙين ڪاتِي
لاهِي رَڪُ، لَطِيفُ چئي، متو وٽِ ماتِي
تِڪَ ڏيئِي، پِڪَ پِيءُ تون، ڪُهُڻَ مَنجهانَ گهاتِي

---

٤. عشق نہ ڪري ات= عشق ان مطابق نہ ڪري، اها ريت ئي نہ ڪري. مائِن، مائين= سمائجن، مامن، ماپن. مياڻ= تلوار جي ڪپ. ناتو= سچي نيه جو ناتو، عشق جي پاڪائي ۽ پرهيز وارو رشتو. ٥. زهر پياڪ= جيڪي زهر پيئندڙ آهن. وِهُ= زهر. وهسن= تمام گهڻو خوش ٿين. ڪڙو= ذائقي ۾ ڪڙو (زهر). قاتل= قتل ڪندڙ، ماريندڙ ٠زهر). هيراڪ= هير رکندڙ، نهيل عادي. لنئو= محبت جي ميخ، عشق جي تار. فنا ڪئا فراق= وڇوڙي ڪين ماريو (مئن مثال ڪري ڇڏيو). چڪن چاڪ= انهن جا چاڪ پيا چڪن، گهاو پيا رسجن، وڇوڙي جا ود پيا ڏکن. ٦. واريندڙ= وتي وارڻ وارا، واري سان شراب ڪڻي اچي ڏيڻ وارا. ونديندڙ= ونڊڻ وارا. واٽيندڙ= 'وٽ' طور ڏيڻ وارا، ورچ طور ڏيڻ وارا، ورچيندڙ. اوءِ= اهي (جيڪي سَري ڏٽي آهن). سرو جن سنباهيو= جن سرو سنباهيو، جن شراب چڪايو، جن چڪايو ۽ پيارڻ لاءِ تيار ڪيو. ٧. ڪلاڙڪي گهر، ڪلالڪي گهر= ڪلاڙن يا ڪلالن جي گهر. ڪلاڙ= ڪلاڙ= (جيڪو ڪلون جانورن جون، ڪوري صاف ڪري، لوٽي، سڪائي، وڪٽي) ڪل تي ڪاتي هلائيندڙ ۽ ماسُ ڪوريندڙ، ڪلن جا سودا ڪندڙ. (اصلاحاً) ڪاتي وارو، ڪٺور، سخت دل. شراب چڪائيندڙ، بنيدار. سنسڪرت جي اِشتقاق موجب. ڪليا پالَ= ڪَليا= شراب+ پال= رکندڙ، مئي فروش، شراب چڪائيندڙ. پهت= پڪي پختي ريت. جيڪي هو وٺن ايندڙ کي محبت ۽ مان طور هميشه ڏين، پُوئو، نيندِ، لاڳ. ور پوئي= (سر ڏيڻ جي عيوض) توکي واري ۾ ملي وڃي، هٿ اچي، نصيب ٿئي. ٨. سَرو= شراب. ٽروه (ٽوه)= ننڍي گول گدري مثل هڪ نهايت ڪڙو پتو جنهن جي ول سانوڻ جي مينهن تي وارياسي زمين ۾ گهڻي انداز ۾ پيدا ٿئي (ع. حَنظه). اصطلاحي معنيٰ= ڪڙي قاتل شراب ڪان گهڻو گهڻ (ٽروه جهڙي) ڪڙي شيءِ. 'لطيف' چئي: 'سر ڪاتي لاهي ڪڪوه چڪ'. ڪاتي= وڍي. لاهي= (وڍڻ بعد) لاهي ڏيئي. ڪَڪُوه= رنگ جو ڪَڪو شراب، ڳاڙهيرو شراب. چڪ= ان جو قطرو زبان تي رک، ان جي ذري جيتري ذائقي جي لذتِ وٺ. ٩. سڏڙيا= نلهي سَڏ يا خواهش وارا. سَري جون= عشق واري شراب جون. پچارون= ڳالهيون. ڪلاڙن= سَري ڏٽين، بنيدارن، شرابدارن، ڪين قتل ڪرڻ لاءِ ڪڍي سنوان ڪيا. موٽئو پوءِ وڃن= اڳتي وڌڻ بدران دِڇي پوئتي ورن، اها پيٺي ڇڏي هليا وڃن. پِڪُون (واحد پِڪَ= ڦُڙي، ذرڙو)= پيالي ۾ باقي بچيل ڦُڙا، تمام لذيذ بچيل ڦڙيون (هر لذيذ شيءِ جو آخر ۾ باقي بچيل ذرو وڌيڪ لذيذ لڳندو آهي). سَٽ= سودو، پڪو نقد سودو، اتي جو اتي پڪو. ١٠. سڏ= طلب، سڪ. سُرڪ جي= محبت جي شراب جي چُڪي جي. ڪلاڙين ڪاتي= ڪلاڙن جي، سر وڍڻ جي اڏي واري ڪاتي تي، ڪُسڻ واري تراڙي تي. متو لاهي رک= (محبت واري سرڪ جي عيوض) سر گهوري رک، وٽ ماتي= ماتي وٽ، شراب واري مٽ وٽ. تِڪ ڏيئي= وڏي گيت ڏيئي. پِڪَ= پڇاڙي واري ڦُڙي، آخري قطرو. ڪُهڻ منجهان گهاتي= گهاتي ڪُهڻ منجهان، شراب جي گهاتي ڏُک منجهان.

جو وَرَنَهَ وِهاڻي، سو سِرَ وَٽِ سَرو ساهِنگو.

١١

اَتئِي سَڌَ سُرڪَ جِي، تہ وَنءُ ڪَلاڙڪي هَٽِ
لاهِي رَڪُ، لَطِيفُ چَئِي، مَتو ماڻي وَٽِ
سِرُ ڏيئِي ۾ سَٽِ، پئجُ ڪي پيالِيُون.

١٢

اَتئِي سڌَ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪَلاڙَنِ ڪُوءِ
مَهيسَر جي مَندَ جِي هُٽ هَڏهن وَهي هُوءِ
جان رَمزَ پَرُوڙِيَمِ رُوءِ، تان سِرَ وَٽِ سُرڪِي سُڳڻي.

١٣

ڪَندِ ڪَنارو، مُنهِ وَٽِي، عادَتَ جَنِي اِيءُ
ٿَنِي تِڪُون ڏِنِيُون، جَنبِي منجهان جِيءُ
سَرو ٿَنِ سبِيءَ، سِرَ جَنِي جا سَٽَ ۾.

١٤

جُه هينانمِ باهِ، مُچُڻِ آگِ اُجهائِيين
رُپو ڪندا راهِ، ڪَوَنَر ڪُلاڙِي آئِيا.

١٥

بَنِيءَ هينان باهِ، مُچُڻِ آگِ اُجهائِين
مون ڪي تا مارِينِ، لُونئان لُهارِن جا.

١٦

جيڏانه قاتِلَ ڪوڙَ، اکيون اوڏاهِين ڪٽي
وِهُ ٿَنِي جِي ووڙَ، جَنِي سانگُ نہ ساهَ جو.

ورنَهَ (واحد. ورنهُ)= اي سگها سهڻا جوان، متارا مڙس! وهاڻِي= نشي ۾ چَڪچور ڪري. سِرَ وَٽِ= سِر جي وند عيوض، سر جي ورچ برابر، ساهنگو= سهانگو، سستو. ١١. سَٽِ= سودو (سِرِ ڏيڻ ۽ سُرڪ وٺڻ وارو). ١٢. ڪلاڙنِ ڪوءِ= ڪلاڙن جي ڪوءِ ۾= ڪلاڙن واري گهٽي يا بازار ۾ (جتي ڪلاڙن جو دڪان آهي ۽ جتي عاشق جا سر وڍجن پيا). مَهيسَرُ= وڏو شاهي تلاء گهٽي مينهن يا گهٽي پاٽي (ٻئي آڳاٽي وقت ۾ وڏيون قيمتي شيون) سبباں اهو سَرُ (تلاء) مشهور ٿيو. ان نالي جي عام مشهوري ۽ معنوي مناسبت جي لحاظ سان، اهو نالو پوءِ شراب جي وڏين ٻنين توڙي انهن ٻنين جي مالڪن کي پڻ ڏنو ويو، جن وٽ شراب (وڏي تلاء جي اڻ- ميي پاٽي مثل) جون شاهي ٻنيون، مٽن جا مٽ پريا پيا هجن. سنسڪرت جي اشتقاق موجب مهيسر= مهيشور= مهاشو، جنهن کي گتيوال شراب جو ديوتا ڪري مڃيندا آهن (ڊاڪٽر گربخشاڻي، رسالو جلد-١، ص ٣٥٢). هت 'مهيسر' معنيٰ وڏو ڪلاڙ، شراب جو وڏي نالي وارو واپاري: اصطلاحي معنيٰ موجب 'مُحبت جي مئي جو وڏو واپاري'. مَند= 'مد' جو عام مقبول سنڌي اُچار، سنسڪرت ۾ (مَديه= شراب)= شراب. هُٽ= ڪلاڙن جي گهٽي ۾. هڏهن= هر وقت، هميشه. وَهي هُوءِ= هوءِ لڳي پئي آهي، لولي لڳي پئي آهي، هاڪ لڳي پئي آهي. رمز پروڙيم روءِ= رمز جي روءِ پروڙيم، راز جي ڳالهه کي سمجهيو. سِر وَٽ= سِر جي ورچ برابر، سر جي عيوض. سرڪي= محبت جي مَئي واري سُرڪ. سُڳڻي (= صحيح محاورو 'سُڳڻي'، ۽ نہ 'سڳڻي')= سهڻي ڳڻ واري، وڏي بخت ۽ فائدي واري. ١٣. ڪنارو= وڏو گول خنجر، ٻٽڇي، ترار. وٽي= شراب جي پيالي. تِڪ ڏيئي پيڻ= وڏو ڍڪ ڳيت ڏيئي پيڻ. جُنبي= لڳي، مشغول ٿي. منجهان جيءَ= جيءَ منجهان، هيج ۽ خوشيءَ مان. سرو= شراب. ٿَنِ= تن لاءِ، سَبيءَ= سبيل، جا، گهٽو. سَٽِ ۾= سودي ۾، سودي ۾ بدل (تہ جي 'سرو' ملندو تہ 'سِرُ ڏبو). ١٤. جِهُ= جئن جو، جڏهن جو، جئن ٿي. سي= پياڪ، متارا، ميخوار. اگڻ= اگڻ تي، ڪلاڙن جي ماڳ تي، مَنهن ۽ ميخاني تي، دڪان تي. سائي ٿيڻ= وري ڪنهن شيءِ ۾ ساهه پوڻ ۽ ان جو تازو ٿيڻ. اُج سائي ٿيڻ= اُڃ تازي ٿيڻ، اُڃ جو وڌڻ ۽ زور وٺڻ. هي= هي شراب جيڪو حاضر آهي. پيتو= سو پيڇي ختم ٿي ويو. هُو= هو پيو جيڪو مٽن ۾ آهي. ١٥. ٻني= شراب چڪائڻ وري ڪوري يا وڏي چُلهه. رپو ڪندا راءِ= رپو راءِ ڪندا، چاندي جا ڍگ ڪندا، قدر ڪندا ۽ وڏي ڳري قيمت ڏيندا. ڪوَنر= شهزادا جوان. ڪلاڙِي= ڪلاڙن وٽ ايندڙ، ڪلاڙن سان واسطو رکندڙ (جيڪي 'ڪلاڙن' جي نسبت سان 'ڪلاڙي' سڏجن)، ميخاني جا گهورا ۽ شائق. ١٦. قاتِلَ= قاتِلَ شراب. ڪوڙَ= گهڻا، جهجها. اکيون اوڏاهين ڪٽي= نگاهون نظرون ان طرف ڪري. وِهُ= زهر مثل قاتل شراب. ووڙ= وچايل شيءِ جي ڳولا يا ڳولا لاءِ ڏنل ڇاڻ (اها شيءِ جنهن کي ووڙجي ('ووڙ' اڪثر وڃايل جانور جي. جيڪي وڃائيندا سي 'ووڙيندا'، پڇائيندا ۽ ڳوليندا، يا 'ووڙ ڏيندا'، يعني نياپا موڪليندا ۽ ڳالهه هُلائيندا ۽ چوندا 'ادا ووڙ آهي'، آڏو هيا ڪانئن پڇندا تہ "ادا ڪهڙي ووڙ آهي؟") هر قسم جو وَهُ، زهر، زهردار شراب. وه تني جي ووڙ= تن جي ووڙ وهُ آهي، تن جي ڳولا واري وٽ زهردار شراب آهي. سانگ= سانگو.

۱۷

اَکيون اوڏاهِين، ڪَٽي، جيڏانهَ قاتِلَ ڪُلُ

مَتو ڪَنِ نہ مُلُ، ڀِڪَ بَرابَرِ پاهِنجو.

۱۸

ڳَنرِنِ ۽ ڳِنڪَنِ، وَٽيون پِيَنِ وِهَ ڳاڏِيُون

”بِدِهِ ساقِي بَرخيز، پِيارِ ڪي پِيندَنِ“!

اُو ڀِڪين نہ پَرچَنِ، مَٽَ ٽَڪِيائُون مَنجهيَان.

۱۹

موڪِيءَ مَٽَ اُپَٽِئا، آٽِي اُنَرَ هيٽِ

مَتارا ٿَنهِ ميٽِ، اَچَنِ سِرَ سَنباهِيو.

۲۰

مَوڪِيءَ مَٽَ اُپَٽِئا، آٽِي اُنَرَ واءِ

مَتارا ٿَنهِ ساءِ، اَچَنِ سِرَ سَنباهِيو.

۲۱

مَوڪِيءَ مِٽَ اُپَٽِئا، سَوارا صُبُوحِ

اُونچي، عَبداللطِيفُ چَئي، باسَ پُهَتِيَنِ بُوءِ

ڪَڙو جي ڪَڪُوه، وَنرِ سِرَ گهُرَنِ وَٽِيُونِ.

۲۲

وَنرِ سِرَ گهُرَنِ وَٽِيُون، دوسر ڪِينَ ڏِجَنِ

بِيا، بِنِشِينِ، بِنوش، اِيءُ پِيالو پِرِينِ

اُونچي، عبداللَطِيفُ چَئي، وَٽي وَڌِ گهُرَنِ

ڀِڪين تان نہ پَرَنِ، مَٽَ ٽَڪِيائُون مَنجهيَان.

۲۳

آنِي تِيءُ اگَارَ، ڪامِي خَرِيدارَنِ سِين

۱۷. قاتِلُ ڪُلُ= ڪُل قاتِل، سڀ قتل ڪندڙ. متو ڪن نہ مل ڀِڪ برابر پاهنجو= پنهنجو متو ڀِڪ برابر مُل نہ ڪن. ۱۸. ڳَنرڻ= مينهن، ڳئون يا ٻڪري جي ٿڻ مان سڌو سنئون پنهنجي وات ۾ ڳوها هٽي کير ڳڙڪائڻ. ڳِنڪڻ يا گهُنڪڻ= ڳيتون ڏيئي پيئڻ وقت نڙي مان ’ڳٽ ڳٽ‘ يا ’گهٽ گهٽ‘ وارا آواز ڪرڻ. ڳنرن ۽ ڳنڪن= خوشي ۽ سِڪ مان، هيڄ ۽ هيج مان، وڏا تڪا تڪڙا ڍڪ ڀري ڳيتون ڏين ۽ ڳٽ ڳٽ ڪن، ڳنڪن سان ڳيتون ڏيئي پين. وٽيون= پياليون، وٽين مٿان وٽيون. وِهِ ڳاڏيون= زهردار شراب سان ڀريل. بِده (ف)= ڏي. برخيز(ف)= اُٿي. بده ساقي برخيز= اي ساقي! اٿي ڏي. پيار ڪي پيندن= پيندن کي پيار. پيندن= وڏن پيئندڙن، پياڪن. اُو= اُهي پياڪ، اهي متارا ميخوار. ڀِڪين= ڀِڪن تي، وٽيءَ جي تري ۾ پيل ٿورڙين ۽ ننڍڙين سُرڪين تي. نہ پرچن= نہ سرچن، نشي واري سرور ۾ نہ اچن، سرور سان مخمور نہ ٿين. مَٽ= شراب سان سَنڌيل مٽ، شراب سان ڀريل مَٽ. ٽڪيائون= نظر ۾ ڪيائون (اجان وڌيڪ پي ڍؤ ڪرڻ خاطر)، تاڙيائون، چٽايائون. منجهيان= منجهه وارا، اندر ڪوٺي ۾ سانڍي رکيل. ۱۹. موڪي (سنڌي ۾ مؤنث واري صورت= ’مُغي‘) ميخاني جي ساقياڻي (’مغ‘ جمع ’مُغان‘= ايران ۾ اڳوڻي وقت وارا شراب چڪائيندڙ ۽ وڪڻندڙ، ميخاني جا مالڪ جيڪي پيالو پيارين). مٽ اُپٽئا= سنڌيل شراب وارا مَٽ کوليا (جن ۾ شراب سنڌ جي پچي تيار ٿي چڪو هو). اُتر هيٽ= اُتر لڳڻ وقت، اُتر جي واءِ ورڻ وقت، سياري جي شروعات ۾ (مقامي طور سنڌ ۾، ڪچو شراب مٽن ۾ ڀري انهن جا مُنهن لِنبي ڇڏيندا هئا، اهو ڪم از ڪم هڪ اونهارو سڄو سَنڌيل هوندو هو ۽ گرمي ڪائي مچندو هو) سيءُ پوڻ وقت ڪولين جڏهن ميخوار کي نشي واري سڌ ٿئي. متارا= سدا پيئندڙ، وڏا ميخوار. تنه ميٽ= تنهن تازي ڪوليل شراب جي لذيذ ذائقي خاطر، تنهن جي ذائقي جي ذوق تي. اچن سر سنباهيو= پنهنجا سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو اچن. ۲۰. موڪي= شراب پياريندڙ ڪلالڻ، ميخاني جي ساقياڻي. اُتر واءِ= اُتر جي واءِ لڳندي. متارا= سدا پيئندڙ، وڏا ميخوار. تنهن ساءِ= تنهن نئين شراب جي لذيذ ذائقي خاطر. ۲۱. سوارا صبوح= علي الصباح، سويرا صبح جو، صبح جو سوير (مقرر وقت کان بہ اڳ). اُونچي= اونچي جي، اُچي جي، اعليٰ قسم واري شراب جي. باس پهتين بوءِ= باس بوءِ پهتين، هٻڪار ۽ خوشبوءِ ’صُبوحي پيالا‘ پيئندڙ ميخوارن تائين وڃي رسي. ڪڙو= سخت ڪوڙو. ڪَڙو جي ڪڪوه= جيتوڻيڪ اهو رنگين شراب سخت ڪوڙو آهي. وَنرِ= وند، نئين قسم جي وند. وَنرِ سر= هر نئين ذائقي واري شراب جي ورچ وقت. گهُرن وٽيون= وٽيون گهرن، پيالا گهرن وٺن. ۲۲. دوسر= ٻيو ڀيرو، ٻئي واري وارو ڀيرو. ڏِجن= ڏُٺن، پسند ڪن. ڪين ڏجن= پسند نہ ڪن. بيا (ف)= اچ، اي همنشين تون اُچ. بنشين (ف. نشسبتن= ويهڻ)= ويهہ. بنوش (ف. نوشيدن= پيئڻ)= پيءُ. اي= هيءُ. وڌ= وڌيڪ. وَٽي وڌ گهرن= وٽين مٿان وٽيون پيئڻ بعد اجان بہ وڌيڪ وٽي جي گهر ڪن. پَرن= پلجن، ڀي پورائي ڪن؛ ڀي بس ڪن، ڀي سرشار ٿين. ۲۳. آنِي= سَڙي، ٻَري. تِيءُ اگار= سڙي ٻري اگار ٿيءُ. ڪامي= جلي. خريدارن سين= خريدارن سان، شراب وٺندڙن گراهڪن سان (واسطي ۽ لاڳاپي ۾، سندن حاضري ۽ خدمت ۾).

پَسين سي يَتارَ، پَرُ پيتوئي جَنِ سِين.

٢٤

موکِيءَ مَتارا، وَڏيءَ ساجهرِ سارئا
پِيڻَ جي وارا، اَڄُ نہ آيا ڳِچڙي.

٢٥

مَتارا مَري وِئا، موکِي پَئِي مَرُ
تُنهنجو ڏُکُ ڏمَرُ، کونہ سَهندو اَنِ ري.

٢٦

مَتارا مَري وِئا، موکِي تون نہ مِرين!
کيهِيءَ پَرِ پَرِين، ڏُکِي! ڏاتارَنِ ري!

٢٧

اَجان کُورا ماڳَ، مَٽَ کُنڪا کَٽَ گهٽا
لاهي ويهُ مَ لاڳَ، موکِي مَتارَنِ جا.

٢٨

موکِيءَ مَنو نہ گهُرِئا، وِهَ نہ وِهائِئا
سُرکِيءَ کاڻَ، سَيدُ چَئِي، اُتي تي آئِئا
هُوءَ جي ڳالهِين ڳِگّائِئا، تَنِ جون بَنِين پاسي بُنِيُون.

٢٩

سري کِين کِئو، ويڻُ موکِيءَ جي مارئا
کوجو سُخَنُ کَلاڙَ جو پٽي تي پئو
تنهان پوءِ ٿئو، مرڻُ متارن جو.

٣٠

هُوندو هَڏِ مَ رَکُ، لاءِ پِياکَنِ پاڻِنجو
وَٽِي واٽاڙُنِ کي، پِيارِي پَرَکُ
سا لِکَ لَهي تِي لَکَ، جا تو اِيندِي اُنِ سِين.

٣١

هوندو هَڏِ مَ سَنڊِ، لاءِ پِياکَنِ پاڻِنجو
پُوڄَ پِيارَڄ پَهِيڙا وِيندا وَنِئو کَنڊِ
تہ هَٽِ تُنهنجي هَنڊِ، موکِي کو مانُ لَهِين.

٣٢

وِجهِجُ واٽاڙُنِ تي مَيخانِي جي ماکَ

يَتار= پوتار، معزز ۽ لائق. ٢٤. متارا= وڏا ميخوار، سدا پيئندڙ. وڏيءَ ساجهر= سڀ کان سويل. پيڻ جي وارا= پيڻ جي مقرر وقت تي. ڳچڙو= گنجڙو، ڳوٺ، ماڻهن جي ميل وارو ماڳ، ميخانو. ڳچڙي= ميخاني تي. ٢٥. پئي مر= تون پٽ پئي مر. ٢٦. کيهيءَ پر= کهڙيءَ پر، کهڙيءَ ريت. پَرين= پلين، پئي پلين، پئي پلجين، پئي جِئين. ڏکي= سوريتي، ڏاهڳڻ. ڏاتارن ري= (انهن) متارن ميخوارن کان سواءِ. ٢٧. کورا= شراب چکائڻ واريون باهيون ۽ بٺيون. ماڳ= ميخانن وارا ماڳ، ماڳ ميخانا. مٽ= شراب جا پريل مَٽ. کنڪا کٽ= کنڪا ۽ کٽ=١. ٻٺين تي چڙهيل ڪڙاهين ۾ لڳندڙ کفگيرن جا آواز. ٢. پگل مٽن جا تازا ٽوٽا ٺڪرا. لاڳَ= سهاڳ وارا لاڳ. لاهي ويهہ مَ لاڳَ= لاڳ لاهي نہ ويهہ، سهاڳ وارا لاڳ لاهي نہ ويهہ. ٢٨. مَنو نہ گهرئا= هنن (ميخوارن متارن) کي موکي مَنو نہ گهرئو، موکي سندن بدخواهي کانہ کئي. وه نہ وهائئا= شراب ۾ گڏيل زهر هنن کي کونہ وهائيو، زهريلي شراب هنن کي ويڳ کونہ ڏنو. آئيا= ڳوڙهہ ٽيا، سوڙها ٿيا ۽ پگهرئا. ڳالهين= موکي جي گفتن، موکي جي انهن لفظن تي تہ 'اڳوٺي شرراب ۾ کارو نانگ ڳري کنڊا ٿي ويو هو.' ڳگاٽ= ڳهر، ٺارُ. ڳگائئا= ڳهرائي ڇڏيا، ٺاري ڇڏيا (ماري ڇڏيا ۽ سندن بت ٺري ويا). بٺين پاسي= شراب چکندڙ کورين جي پرپاسي، بٺين جي اوسي پاسي. بُنيون= قبرون. ٢٩. سري= شراب. ويڻ= موکيءَ جي ڳالهہ واري گفتي تہ شراب ۾ نانگ جو زهر گڏيل هو. سخن= گفتو، ڳالهہ. تهان پوءِ ٿئو= اُن گفتي ٻڌڻ کان پوءِ متارا هراس ۾ مري ويا. ٣٠. هوندو= جيکي موجود آهي، هڏ مَ رک= بنان پيارڻ جي پاڻ وٽ هرگز نہ رک، لڪائي نہ رک. لاءِ پياکن= پياکن کي ڏيڻ ۽ پيارڻ لاءِ. وٽي= وٽي آٽي، سڏي. واٽاڙو، واٽاڙن کي= واٽ ويندن کي، راه مسافرن کي، پَرکُ= ڳالهہ کي پرک، حقيقت معلوم کر (جيکا ٽِرينءَ سٽر ۾ بيان ٿيل آهي). لِکَ= هک گهڙيءَ کان گهٽو گهٽ وقت جي وٿي، ذري جيتري وقت جي مدت. لهي تي لَکَ= لک تي لهي، وڏي قيمت واري آهي. جا= جيکا (لِکَ). تو= توکي. ايندي= پيش ايندي، ميسر ٿيندي، پلئہ پوندي. ٣١. سنڊڻ= مٽ ۾ شراب سنڊڻ، مٽ ۾ کچي رس کي بند کري رکڻ (تہ اهو پچي شراب ٿئي). (هت معنيٰ) سانڍي نہ رک، لکائي نہ رک. پوڄ پيارج= تن کي گهٽو پيارج، پياري ڏؤ کرائج. پهيڙا= جيکي پهو وٽي هلن، پانڌي، راه مسافر. لنگهندڙ. 'ونئو کنڊ' (ظرف)= کنڊ ونئو، مُنهن ونئو، خاموشيءَ سان پنهنجو رخ ونئو، راه ونئو. کو مان لهين= من کو مانُ حاصل کرين، من مانائتي ٿئين، نيکنامي حاصل کرين. ٣٢. واٽاڙن تي= واٽ وٺيو ويندڙن مٿان، راه مسافرن تي. ماک= شبنم. ميخاني جي ماک، ميخاني جي ميءِ جا هلکا سنهڙا ذرا، ميءِ جي بوءِ ۽ بوندار. سڀ کنهن کي سڌ ٿيندي، خبر ملندي.

ٽِينديِ سُڌِ سَيَڪَهِين، هَنڌِ هَنڌِ پُونديِ هاڪَ
پِرهه جا پِيَاڪَ، جهُ سي اڳڻِ آئِيَا.

٣٣

ڪَلاڙڪِين مَنهِين، ڪُسَڻَ ري پِئو ڪِين نَہ
مَتا مَتارَنِ جا، پِئا پَسُ زَمِينَ
رَکِي رُوح رهِينَ، وَٽِيون پِيتُئون وِکَ جُون.

٣٤

سِرَ وَٽِ سُرڪِي سَڳِٽِي، وَٽِين چونہ وَري
قَدُرَ ڪَيفَ ڪَمالَ جي آهِي خاصَ ڪَرِي
سُرڪِي جَنِ سَرِي، ٿَنِ جون بَنِينِ پاسي بُنِيُون.

٣٥

قاتِلُ ڪَمائي ڪَري، وِهُ ماکِي جي ڪَنِ
وَٽان ويهِي ٿَنِ، پِئِجُ ڪي پِيَالِيُون.

٣٦

ڪَلاڙِنِئُون ڪاءِ، مَتِ نہ سِکِين مُون هِيان
رُوندِي راتِ وِهاءِ، چِڪائِيندي بَنِيُون.

وائي

وِساريج مَ ويڻَ، آهي جوڀَنُ ہ ٿِري ڏِينهَڙا
لُوئِيون سَهَنِ لوکَ جا، وِهاڻِيءَ ٽِيون ويڻَ
اَصُلِ آسارِينِ جا، سُتي وِئَڙا سيڻَ
جيڏِيُون! جي مان وِسهو، نِندرَ مَ هيرئو نيڻَ
راتڙِيُون جاڳِن جي، سي آءٌ ڪَندَڙِي سيڻَ.

◈

هنڌِ هنڌ پوندي هاڪ= ڳالهه وڏي سڌ هُلي ويندي، عام مشهوري ٿي ويندي. پره جا پياڪ= جيڪي پره جو پين، پره جا پيالا پين، 'ميءِ صُبُوحي' (صبح جو ٽاڻي وارو شراب). ٣٣. ڪلاڙڪين= ڪلاڙن جي. مَنهين= مَنهَنِ ۾، مَنهن هيٺ، مَنهن اڏيل بٺين يا دڪانن ۾. ڪسڻ ري= عاشقن جي قتل ٿيڻ کان سواءِ ڪا ڳالهه ئي ڪانهي. متارن جا= متلوالن ميخوارن جا، مست پياڪن جا. پئا پس زمين= زمين تي پيل ڏس، وڍيل ۽ زمين تي ڪريل ڏس. روحَ= پنهنجيون دليون جانيون، پنهنجا ساه پساه، پنهنجا سر ۽ ساه. رهين رکي= گروي رکي، الاهي عشق واري شراب ۽ نشي جي عيوض ضمانت ۾ رکي. وک= زهر، ڪڙو قاتل شراب. ٣٤. سر وٽ= سر برابر، سر لڳ، سر سان (مٿا سٽا ۾). سرڪي= هڪ سُرڪ. سڳٽي= وڏي ڳڻ ڳاري، سئو ڳڻن واري. وري= موٽي، ميخاني ڏانهن پوئتي وري. ڪيف ڪمال= ڪماليت وارو سرور، انتهائي سرور. جي= جي لاءِ، جي واسطي. خاص ڪري= (سرڪي جي صفت) خاص ۽ خالص، خالص الخاص ۽ بالڪل خوب. جن سري= جن پياڪن کي حاصل ٿي، جن کي نصيب ٿي. بَني ۽ بَنيون= ٻرنڊڙ ٻاهه جي وڏي چلهه جنهن تي شراب چڪائجي، شراب تيار ڪرڻ وڪٽڻ ۽ وندائڻ واري جاءِ، شراب جي بٺي. بُنيون= قبرون. ٣٥. 'وهُ' جي صفت، (قاتل= صفا ماريندڙ، ٺپ ماريندڙ. ڪمائڻ= ڪنهن زهريلي يا سخت نشيدار شيءِ کي ٽورو ٽورو ڪري ڪائڻ (تان جو بنا ڪنهن فوري نقصان جي ان ڪائڻ تي ٺهي وڃڻ) مُهوَسين جي اصطلاح ۾ سنکيي وغيره زهردار شين کي باهه ۾ ترڪيب سان ٺاهي جوڙي پچائڻ مارڻ تان جو اهڙي ڪمائي ڪانپوءِ ان جو 'ڪک' يا ذري جيترو وزن بہ ماکي مثل مٺو ٿي پوي، يعني صحت ڏيندڙ ٿي پوي. وٽان ويهي تن= ويهي تن وٽان. پنج ڪي پياليون= تون ڪي پياليون پئيج. تون کو فيض حاصل ڪج. ٣٦. ڪلاڙنئون= ڪلاڙن کان. مت= عقل واري ڳالهه. مون هِيان= اي منهنجا قلب. روندي= رئندي. رات وهاءِ= رات وهامي ٿي، رات گذري ٿي. چڪائيندي بٺيون= بٺيون چڪائيندي، شراب چڪائڻ لاءِ بٺيون ٻاريندي. وائي. وساريج مَ= تون نہ وسار ۽ هميشه ياد رک. ويڻ= گفتا، سخن، نصيحت پريا گفتا، چڱائيءَ وارا چوڻ. جوبن= جواني. ہ ٽري ڏينهڙا= ٻڻ تہ کي ٽورڙا ڏينهڙا. لوئيون= چڙواڳ، بي لغام، بي افعاليون. لوک جا= اوڙي پاڙي جا ۽ ٻين سيني جا. وهاڻي= وهامي وڃڻ وقت، وقت پوري ٿي وڃڻ بعد (سڄي عمر ٽائين). ويڻ= طعنن وارا گفتا. آسار، آساري= جنهن کي سار نہ ٿئي، سجاڳي نہ ٿئي، جيڪا بي اون ۽ غافل هجي. ستي= سُتي کان پوءِ. سيڻ= پيارا مِٽر، پيارا سڄڻ. جي مان وسهو= جي مون تي اعتبار ڪريو. ننڊر مَ هريئو نيڻ= اکين کي سمهڻ جي هير نہ وجهو.

سُر کنيات

سُر کنيات شاهه عبداللطيف جي تخيلقي شاعري جو شاهڪار آهي. هن سُر ۾ هڪ طرف انساني محبت جي اعليٰ قدرن جي اپٽار آهي ته ٻئي طرف سنڌ جي محبت ۽ مجاز واري ريت رسم ۽ ماحول جا اهڃاڻ. انهن ۾ نمايان نُڪتن جو تفسير هيٺين طرح آهي:

(الف) محبوب جي سنگدل ۽ ستمگر هئڻ واري عام مشهور خيال جي برعڪس، اهو نازڪ نڪتو نروار ڪيل آهي ته محبوب پنهنجي ڀلائي واري ذاتي فطرت طور ڀلا آهن: "ڀلائي آهين، پرين ڀلائيءَ پانهنجي." هو هميشه ڀلائيءَ ڏانهن مائل آهن ۽ سندن اها عالي ظرفي ۽ اخلاقي بلندي سندن مَرڪندڙ مُنهن ۽ مهر ڀري نظر مان ظاهر آهي: "مُنهن ۾ محبوبن جي ڀَلائي جا پيرَ." ڪُل ڪائنات ۾ 'ٻن اکين ۽ ٽئين نڪ' وارو انساني حسن بي مثال آهي. تارا ۽ چنبر حسين آهن پر محبوب جي حسن جو مٽ نه آهن. اهي محبوب جي ڏوراهين ماڳ مڪان جي ڏِس ڏيکارين ٿا. اهي محبوب جي حسن ۽ جمال تي شاهد آهن جو محبوب واري ماڳ جي مٿان آهن ۽ سهڻي سڄڻ جي سونهن جو جلوو ڏسن پسن ٿا: "سڄڻ سُتا ولهه ۾ چوٽا ڀري ڪپور."

(ب) سنڌ جي محبت ۽ مجاز واري رسم روايت موجب، سمُن تي سچو رهڻ ۽ ڪشالو ڪڍي ڪيئن به ڪري محبوب واري ڏوراهين ماڳ تي پهچڻ لازمي هو. ڏوراهين پنڌ واري صورت ۾ رڳو اُٺ ئي عاشق جو سهارو هو. هن سُر جي پوين ٽن داستانن ۾ ڪرهو يا اُٺ ئي مرڪزي ڪردار آهي، پر معنوي لحاظ سان ان جا ٻه رُخ آهن: هڪ اهو اُٺ جيڪو عاشق کي محبوب جي ماڳ تائين پهچائي، ٻيو انسان جي زميني زندگي ۾ سندس پنهنجي وجود جي هوڏ ۽ هستي وارو اُٺ جنهن کي زندگي جي سفر ۾ ڪاميابي واري آخري منزل تي پهچڻو آهي. انهيءَ لحاظ سان، استعاري طور، انسان جي ان انفرادي وجود واري اُٺ جي ننڍپڻ، جواني، ۽ وڏپڻ وارن دورن بابت انهن داستانن ۾ نازڪ نفسياتي اشارا سمايل آهن، جيڪي شاهه صاحب جي اعليٰ فهم ۽ فڪر تي شاهد آهن.

داستان پهريون

۱

پيشانيءَ ۾ پرينِ، جي، ڀَلائِيءَ جا پيرَ
اُکڻ اُکَندِيَنِ جي ڏِئي پاٻوهي پيرَ
قَمرُ پاڙي ڪَيرُ، شَمسُ سُپيرِينِ سِين.

۲

ڀَلا ڀَلائِيءَ پانهِنجي ڀَلا ئِي آهِينِ
سَباجها سِرِ چڙهي ڏوراپو نه ڏِينِ
مان ڏي مَديُون ٿِينِ، سَجڻَ سَجاڻِ ۾.

۳

ڏٽي ڪَريندهن ڪَڏهِين حَياتيءَ هيڪاند
مَنَ ۾ مُشتاقن جي ڪِي رَنجائي راندِ
پِرين ڏيساندَرَ پاندِ، ڳُجهہُ ڳِرهيَان ڪَنِ سِين.

۴

هيڪانڊِيءَ هوئِي، پِرين پاٽان هَلِئا
ڪِبو ڪُهُ روئِي، پُوندو سانگُ سَيَڪهِين.

۵

مَرُ هيڪاندا هُون پِرِين، سانگِ مَ وَڃنِ سيڻَ
رَهيا آهِينِ رُوحَ ۾ نِتُ تَنِي جا نيڻَ
جَنِ وِماسِئا ويڻَ، تو تارِيءَ تَنِ تَڳِي هِنيُون.

۶

ڪِلان تان ڪامي هِنيُون، جي رُئان تان راندِ
جهَليان جهِيٽو نه ٿِئي جو جرُ نيٽِين پاندِ
اَگڙيُون ويساندِ، پِرينءَ گڏِجي ڳَنڍيُون.

۷

مُون جَنِي لاءِ ڪِئا چاريڪا نيٽِين

د-۱-۱. پيرَ= نمونا، نشان، آريڪڻ. پاٻوهي= مُرڪي، خوش ٿي. پاڙي= برابر ڪري. ۲. سِرِ چڙهي= منهن چڙهي، مٿان بيهي، ڪاوڙ ڪري. ۳. ڪريندهن= ڪندين. هيڪاند= گڏجاڻي. مشتاقن= عاشقن. رنجائي، رنجاڻي، رنجاڙي= سور، درد. ڪي راند= راند ڪئي، ڦيرون ڏيئي، گهاريون وڌيون. پاند= چيڙي وٽ. ۴. سانگ= سانگين وانگر لاڏاڻو. ۵. سانگ مر وڃن= لڏي پري نه وڃن، پراهان نه وڃن. جن وماسئا ويڻ= جن جا گفتار ۽ ٻول مون کي سيباڻا، جن جي ڳالهاءِ (ٻڌڻ جي) اڻ تڻ آهي. تاريءَ تن تڳي هنيون= منهنجي دل تن جي آسري پئي جيئي. ٦. ويساند= ساهي، آرام، ويساهين. ۷. چاريڪا= گسَ، واٽون، چارا. نيٽين= نيٽن ۾.

سَڀاجهي سيڻين، ڪَري ڳُڻَ ڳِهيو هِنِيُون.

٨

اَڄُ اَڇَڻَ ويرانِ، جاڳو نيڻَ مَ سُمهو
رِڪابين پيرانِ، واڳين متي هَٿڙا.

٩

هِنيَڙي سَڄَڻَ سارِئا ڪِتي هُوندَمِ هيرَ
اَچي لالَڻَ نہ ڏيين مَتي پَلنگن پيرَ
تِي وِرُوهَڻَ ويرَ، ڳُجهو ڳِرهِيَان ڪَن سِين.

١٠

اَڱڻِ آيا نہ سَهان، ويني گَهرِ ڳَهُرانِ
مُنہَ مُقابِلِ سُپرين پَسئو تِي پَچانِ
وارُ نہ سَهان وِچ ۾ اَچان دَرِ مَيَانِ
ڳَرا مَنجهہِ ڳَٽانِ، پِرين وِجهان پيٽَ ۾.

١١

چَندرَ ميرائِيءَ سُپرِين، ڪارا جهڙا ڪيرَ
ڪَڙا ڳهاءَ ڪيوڙِي، آنڪا ڳهاءَ عَبِيرَ
ساڄَنُ پَرِيو ڏِيرَ، مَنان مُورِ نہ وِسرِي.

١٢

هُنَ تاري هُنَ هَنڌِ، هُتِ مُنهنجا سُپرِين
سَڄَڻَ ماڪِيءَ مَيٽِ، ڳوڙا ڏِين نہ ڪَڏهِين.

١٣

هُنَ تاري هُنَ هَنڌِ، هُت مُنهنجا سُپرِين
سَڄَڻَ ماڪِيءَ مَنڌِ، ڳوڙا ڏِين نہ ڪَڏهِين.

١٤

هُنَ تاري هُنَ جاءِ، هُت مُنهنجا سُپرِين
سَڄَڻَ ماڪِيءَ ساءِ، ڳوڙا ڏِين نہ ڪَڏهِين.

١٥

هُن تاري هُنَ رُوءِ، هُتي مُنهنجا سُپرِين
سَڄَڻَ ڪٿُورِيءَ بُوءِ، مونکي مُورِ نہ وِسرِئا.

١٦

هُن تاري هُنَ لامَ، هُتي مُنهنجا سُپرِين
سُهڻي مَنجهہِ سَلامَ، مون وڏي مُڪا سَڄڻين.

١٧

تارا تيلِي- رُوءِ، تو ڏنہَ گهڻو نِهارِيَان
جانِبُ جَهين جُوءِ، ٿُون تيڏاهِين اُپرِين.

١٨

ٽارَا تيلِيءَ رُوءِ، لُڏا لالَ! نہ اُپِرِين
ڄِهڙو تون صُبُوحِ، تِهڙي صافِي سَڄڻين.

سڀاجهي سيڻين= تن سڀاجهن سڄڻن.ڳهيو هنيون= ڳهہ ۾ رکي ڇڏيو، ڳروي ڪري ڇڏيو، پاڻ وٽ سوگهو ڪري ڇڏيو. اهڙا ڳڻ ڪيائين جو آءٌ ڳهجي ويس، ڳروي ٿي ويس ٨. ويران= انهن جي وير، اڇڻ جي مهل. رڪابين پيران= رڪيبن ۾ سندن پير آهن. يعني رڪيبن ۾ پير وڌا اٿن ۽ چڙهن ٿا. واڳن متي هٿڙا= سندن هٿ واڳن ۾ آهن، واڳون سندن هٿ ۾ آهن. ٩. هيرَ= هينئر، هن وقت. وروهڻ= حال اورڻ، ورونهہ ڪرڻ. ١٠. اڱڻ نہ سهان= مون وٽ هت هلي اچن سو نہ برداشت ڪريان. ويني گهر ڳهُران= گهر ويني ئي آءٌ ڪين پٽي چاهيان. مُنہ مقابل= سامهون. پچان= انهن لاءِ پچان ٿي، جلان. در(فارسي)= اندر ۾. مَيَان= سمايان (اندر جو اندر ۾ سَمائي ڇڏيان). ڳرا منجهہ ڳٽان= سندن ڳٽن ۽ پلاين جي ڪري پرين ڳرا آهن، انهن کي جيڪر پنهنجي پيٽ ۾ وجهي سانديان. ١١. چنبر ميرائي= چنبر جي ميرائي جهڙا (يعني چنبر جهڙا روشن ۽ سهڻا). ڪارا جهڙا ڪير= ڪير جهڙا مٺا. ڪڙا ڳهاءَ ڪيوڙي= ڪيوڙي جهڙا ڪڙا. آنڪا ڳهاءَ عبير= عنبر جهڙي آنڪي بوءِ وارا (= نهايت مٺي خوشبوءِ وارا). پريو ڏير= ڏير سان پريل= نهايت ڏيرج وارو، وڏي ڪانڌ وارو. ١٢. سڄڻ ماڪيءَ جي ميٺاج جهڙا مٺا آهن. ١٣. ماڪيءَ منڌ= ماڪيءَ جي رس جهڙا مٺا. ١٤. ماڪيءَ ساءِ= ماڪيءَ جي مٺي ذائقي جهڙا. ١٥. هُنَ روءِ= هُنَ تاري جي چٽائيءَ جهڙا. ڪٿوري بوءِ= ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ ۽ هٻڪار وارا. ١٦. هُن لامُ= هن تاري جي سِڌ ۾. سهڻي منجهہ= خواب ۾. ١٧. تارا تيليءَ روءِ= اي سائيرڙي- نيرڙي رنگ وارا چمڪندڙ تارا. سنڌي محاوري ۾ 'تيليو رنگ'، تيل جي رنگ جي مناسبت سان 'تيليو' ڪونہ سڏيو ويو، پر سائيري نيرڙي ڳڏيل رنگ روءِ واري جانور کي تيليو سڏيو ويو. ١٨. 'لُڏا' ٻہ تارا آهن، جيڪي 'ٽيڙن' جي پويان اُڀرندا آهن. ٻئي تارا وڏا چٽا چمڪندڙ آهن. پر ڏکڻ وارو جيڪو 'ٽيڙن' جي سڌو هيٺان آهي، سو سائيري- نيري چمڪي وارو آهي (جنهن کي 'آهيڙي'، 'شڪاري' يا 'ماري' بہ سڏين. چاڪاڻ جو 'هرڻ' يعني ٽيڙن جي پويان آهي). ٻيو اتر طرف وارو ذرا ڳاڙهيري رنگ تي (لال) آهي. صبوح يعني وڏي پرهہ ڦٽيءَ وقت، ڏاڪٽيون 'لتو' اجان بہ وڌيڪ چٽو ۽ سهڻو لڳندو آهي. هت خطاب انهيءَ لُڏي تاري کي آهي. صافي= چٽائي، سهڻائي

١٩

تارا! تيلاهِين، تو ڏانهَ گهڻو نِهاريان
سَجَڻَ جيڏاهِين، تون تيڏاهِين اُپرين.

٢٠

تارا تِرَ تِروكڙيون مَٿِن ڦُلڙيُون
وَرُ سي راتڙِيُون، جي مان اوريُون پِرينءَ سين.

٢١

تارا ٿراريُون، نيزا نيڻَ پِرينِ جا
هَٽِن مُنهَ پاريُون، سانگو ڪَنِ نہ ساهہَ جو.

٢٢

اُونداهِي اَڄ راتِ ۾ پِرينِ پَساي پاڻُ
چَندرُ ڪَتين ساڻُ، پيهي وِئو پَڙلاوَ ۾.

٢٣

ڪَٽي نيڻَ خُمارَ مان ڪِئائون نازَ نَظرُ
سُورج شاخُون جهُڪِيُون ڪُومَاٽو قَمَرُ
تارا ڪَتِيُون تائِبَ ٿِئا ديکِيندي دِلبرُ
جهڪو ٿِئو جوهَرُ، جانِبَ جي جمالَ سِين.

وائي-١

اَڱڻِ آيامِ پيهِي، يا اللهُ!

مُون سارِيندي سُپِرين
مُشڪُ عَطر مُون پرين، سِڪيَسِ جَمُ سِيوئِي
ساهُ جَني جو سيڪڙو، رُوحَ تَنِي ساڻُ ريهِي.

وائي-٢

پِرينِ پاتا پيرَ، آئون ڪيرَ!

ڪميٽِي آهِيَان
مُون گهَرِ آيا مُون پِرين، سُونهَڻُ لڳا سِيرَ

داستان ٻيو

١

ناسِيندي نِگاهَ، پهرِين ڪِجُ پِرِينءَ ڏي
اَحوالُ عاجِزنِ جا آڪِجُ لُڱِ اَللهُ
روزُ نِهارِين راهَ، اَڪِيُون اُوهان جي آسَري.

٢

ناسِيندي نَظرُ، پهرِين ڪِجُ پِرِينءَ ڏي
قَمَرَ! ڪَهِجُ قَرِيبَ کي نِستَ آءٌ نِبرُ
ٻِي پيٽِي نہ پَرُ، اڪيون اُوهان جي آسَري.

٣

ناسِينِدي نِرتِ، پهرِين ڪِجُ پِرِينءَ ڏي
قَمَرَ! ڪَهِجُ قَرِيبَ کي ساري ساڻُ سُرتِ
ٻِئو پَروَسو نہ پِتِ، اڪيون اُوهان جي آسَري.

٤

ناسِيندي نِهارَ، پهرِين ڪِجُ پِرينءَ ڏي
سَنيها ڪي سَڄَڻين چئِجُ چَندرِ اَپارَ
ساجَنَ سِپِ جِمارَ، اڪيون اُوهان جي آسَري.

٥

تون چَندرَ اُهوئِي، جو پَسِين هُتِ پِرينءَ کي
آڏو چِئجُ عَجِيبَ کي ڏِيانءِ جو روئِي:
”هيڪاندِيءَ هوئِي، سانگُ مَ پَوي سَڄَڻين“.

٢٠. تِرَ= جسم تي جائي جم کان هڪ ڪارڙو نشان. تروڪڙي (جمع تروڪڙيون= تلوڪڙيون)= جسم تي (مُنهن تي، ٻانهن تي). سُئيءَ سان چُڳهه ڪري، سُرمي يا ٻئي رنگ سان ڀري ٺاهيل جُڙتو تِرڦُلڙيون= تارن جا ڦُلڙين مثل چمڪا. وَر سي= وري بہ سي، سدائين سي، ڀل سي (سدائين هجن). جي مان اوريون= جن ۾ مون محبوب سان گڏجي پنهنجو حال اوريو. ٢١. مُنه پاريون= منهن سامهيون. ٢٢. پيهي وئو= پئجي ويو. سمائجي ويو. پڙلاوَ، پڙلاءِ= محبوب جي حسن جو جلوو. پَڙلاوَ ۾= ڍڪجي ويو (حسن جي زوردار تجلي ۾). ٢٣. خمار مان= ڳاڙهين ڳوڙهين خماريل اکين سان. جوهر= هيرو. وائي-١. اڱڻ آيام پيهي= منهنجي اڱڻ ۾ اندر قدم ڀري آيا. سڪيس جم سيوئي= سندن واسطي سڄي ڄمار سڪيس. جني جو سيڪڙو= جن لاءِ سڪندڙ. روح تني سان ريهي= روح تن ساڻ ريهہ سان ڳنڍيل آهي. وائي-٢. سونهڻ لڳا سير= سندن اچڻ واريون واٽون سونهڻ لڳيون، سهٽيون ٿيڻ لڳيون. د-٢-١. ناسيندي= اول، اوڀر طرفان افق مٿان اڀرندي. ٢. نست، نبر= ست ۽ ٻر کان سواءِ، ضعيف. ٻيٽي= واهہ، ڳلي. پر= آسرو. ٣. نرت= نُوچ واري نظر. ٻت= آسرو. ٥. ڏيان جو روئي= جيڪو پيغام آءٌ توکي روئي تي ڏيان تہ: ’وصال کان پوءِ وڇوڙو نہ پوي‘.

٦

آءٌ جي ڏِيَئِين سَنيهَڙا، سِي چَندرَ پَلِئِہ بَنڌُ
چَئِجُ حالُ حَبيبَ کي نَئِي نُوڙائِي کَنڌُ
تو تيڏاهِين پَنڌُ، عالَمَ جيڏَنهَ آسرو.

٧

ڇَگِيان چَندرَ چَئيج، سَنيها کي سَڄَڻين
اَڳَڻَ مَٿان اُپِرِي، پِريان جي پَئِيج
جِهيٽو ڳالهائيج، پيرين ڏري هَٿڙا.

٨

جِهَا اُڃا چَندَ، تِهَان اُڃا مان پِرين
اَڱَڻَ مَٿي اُپِرِين، کِڙين مَٿي کَندَ
سَڄَڻَ جِيءَ اُکَندَ، تو ڏنهُ گهٽو نِهارِيان.

٩

اَڄُ پُٽِ اُڃائِي، چوڏهينءَ ماهَ چَندرَ جِي
مون ڏُونهُ مون پِرينِ جي اَڄَڻَ جي وائِي
مون گهَرِ واڏائِي، پيئِي کامِ کَرنِ ۾.

١٠

اَڄ پُٽِ اوپارو، چوڏهينءَ ماهَ چَندَر جو
مون گهَرِ مون پِرينِ جو اَڄَڻَ جو وارو
سَڄَڻَ سوپارو، پيچ پِنيءَ گهَرِ آئِيو.

١١

چوڏهينءَ چَندرُ اُپِري، اُٺتريهينءَ پَسِي نہ عامَ
مَٿِسِ ناهِ مَلامَ، جيکِين پُڇين پُڇُ سو.

١٢

سَهسين سِجَنِ اُپِري چَوراسِيين چَندَرِنِ
بِاللّٰهِ ري پِرينِ، سَڀ اُونداهِي ياٺئِيان.

١٣

چَندَر تُنهنجِي ذاتِ، پاڙيان تان نہ پِرينءَ سِين،
تون اُڃو ۾ راتِ، سَڄَڻَ نِت سوجهَرا.

١٤

قَمَرَ کارو نانگُ، توکي کائي کَڏهِين
وِڇوڙو وِڙانگُ، ڏِنئِي ڏُکوئِنِ کي.

١٥

چَندَر! چِٺائِي تُنهنجِي، سَهائِي مون سُور
لايان لالَ لِڳَن کي، چَندَن پَري بُورُ
کُوماٹُو کَپُورُ، مون واجهيندي پِرينءَ کي.

١٦

چَندَر! تُنهنجي ذاتِ، سَڀ مَڙهايان سونَ سين
آهِنِ پِرين پَنڌُ ۾، کِڙُ سَڄيائِي راتِ
اَڃَنِ جَهين ساتِ، لَهِي وَڄُ، لطيفُ چَئِي.

١٧

چَندر! مَ آءُ چَڙهِي، سَنجهي کَر مَ سوجهرو
اَسان پِرين پانَ ۾ گهارَڻَ ڏي گهَڙِي
تو پُٽِ هُوندَ سَرِي، جي پَلَڪُ پانهيرو اُپَرِئين.

---

٦. سنيهڙا= نازک نياپا. پلئہ بند= پنهنجي پوتيءَ جي پلئہ ۾ ٻڌ. (اڳ محبت جا مخفي پيغام 'شين' جي صورت ۾ ويندا هئا، جيکي قاصد ڳنڍ ٻڌي کڻي ويندا هئا. انهيءَ کري اهڙي نياپي کي 'ڳنڍ' چيو ويو. هت 'پلئہ ٻڌڻ' وارو اصطلاح ان اڳين رسم ۽ روايت جو عکس آهي.) 'نُوڙائي'= 'نِئڙائي'، نِوڙائي. ٨. کڙين= چڱي چانڊوڻ کرين. کندَ= زمين جو گهٽ ملکن وارو وڏو خطو. ٩. کرن= رقيبن. ١٠. اوپارو= چڱو ٿي اپرڻ جو وقت. پيچ پنيءَ- آڌيءَ رات جو (جڏهن رات پڇي ٿي. نري ٿي) ۽ ان کان پوءِ واري وقت ۾. ١١. چوڏهينءَ چندر اپري= چوڏهينءَ جو چندر تہ بيشک اپريل ئي آهي جيکو سيکو ڏسي ٿو. اٺتريهين پسي نہ عام= اوٺتريهين تاريخ ان کي سيکو (عام) ڏسي کونہ سگهندو. ملام= ملامت. ١٢. سهسين= هزارين. چوراسيون= هک چوراسي نہ، پر گهڻيون چوراسيون. ١٣. پاڙيان= مٽايان، برابر کريان. سڄڻ نت سوجهرا= محبوب هر وقت سهڻا ۽ روشن. ١٤. وڙانگ= اي وٺواند، اي نياڳا. ١٥. مون سور= مون لاءِ سور آهي. چندن پري ٻُور= چندن جو ٻورو لپ پري، هٿ پري. کوماٹو کپور= مون کي واجهائيندي واجهائيندي ايتري گهڻي دير ٿي وئي جو (منهنجي بدن کي سرهاڻ طور لڳايل) کافور (کپور) جي خوشبوءِ بہ جهَکي ٿي وئي. ١٦. کِڙ= سڄو کُلي بيهہ. سات= ساعت. ١٧. پانهيرو= پوءِ پرو، ٿورو دير سان.

١٨

چَندرَ ۾ اُيَرُ سَنجهہَ، تہ اونداهِي اَجهو ڪَريان
پَري ڪَٿُوريءَ هَنجهہَ، رُنا پِرِين پَهائِيان.

١٩

چَندَر ڪي چورائي، جهڙَ! جهپي ٿِي نہ وَڃين
اُونداهِي آهي، اَجهو عاشِقَن ڪي.

٢٠

آيو چَندرُ چَڙهي، چاريءَ جو چيو ڪَري
اُيو اُتِ اَڙي، جِتِ ڏِنائين پِرِينءَ ڪي.

٢١

چَندَر! چوئين سَچُ، مَرُ تون مَنيين پانئيين
ڪَڏهن اُپِرِين سَنهڙو، ڪَڏهن اُپِرِين ڳَچُ
جو مُنہَ ۾ بَرِيئِي مَچُ، سو پَدَمُ پِريان جي نہ پاڙيان.

٢٢

چَندَر! چَوان تو حَقُ، جي وِڙهين جي وِچڙين
۾ اڪيون ٽِرئو نڪُ، تو ۾ ناه پيشانِي پِرِينءَ جِي.

٢٣

اُيرُ چَندَر! پَسُ پِرِين، تو اوڏا، مون ڏُور
سَجَڻ سُتا وِلَهہَ ۾ چوٽا پَري ڪَپُور
پيرين آءٌ نہ پُڄَڻِي، بابَلُ ڏِئي نہ بُور
جَنہِ تي چَڙهِي اَسُور، سَنجهي سَجَڻُ سانيِيِيان.

٢٤

آءٌ اُڪَنڊِيائي مَران، پِرِين پَلا، پَرَ ڏُور
بابَلُ ڏِئي نہ بُورُ، پَنڌَ نہ جوڳِي پيِرَڙي.

٢٥

ڪَرَهو نہ ڪَيڪاڻُ، پيرين آءٌ نہ پُڄَڻِي
جو مون راتِ رَساڻِي، نيئِي ساڄَنَ سانُ
مون نہ وَهِيٽو پاڻُ، وينِي نينَ نِچوئِيان.

وائي

هِينئَڙو هِيءَ ضَرُورُ،

آيَل! ڪِينَ رهندو پِرِينءَ ري!

سَگهو ساعتَ نہ جِندَڙو، اَنئِي پَهَرَ مَلُورُ
مَنَ ۾ مُشتاقَن جي، ساجَنَ! تُنهنجو سُورُ
پيرين آءٌ نہ پُڄَڻِي، ڏيهہُ پِريان جو ڏُورُ
وڃي وِيلَ سَيَڪَهِين، هِينئَڙو پِرِينءَ حُضُورِ.

داستان ٽريو

١

راتِ سَهائِي، پُون سَئِين، پَٽين وڏو پَنڌُ
هَلَندي حَبِيبَنِ ڏي، ڪَرَها موڙ ۾ ڪَنڌُ
بَنڌَڻُ سوئِي بَنڌُ، جو پَهُچائِي پِرِينَ ڪي.

٢

راتِ سَهائِي، پُون سَئِين، پِرتَ نَئِين، پَنڌُ پُورِ
مَيا! مَحبوبَنِ جي هَلِي وانءُ حُضُورِ
جي چُٽَڪَنِ چِتَ ۾، سي ڪيئن سَجَڻَ ڏُورِ
الله لَڳِ اَسُورِ، مونکي نيئِي ميڙِئين.

٣

راتِ سَهائِي، پُون سَئِين، پِرتِ نَئِين، پَنڌُ پَسُ
مَيا! محبوبنِ ڏي ڪِجُ وَڃڻَ سِين وَسُ

١٨. سنجهہ= سانجهيءَ وقت، سنجهي ۾. اونداهيءَ= اونداهي ڪي. اجهو= بچاءِ ڍَڪ. ڪٿوري= مُشڪ، خوشبودار وڪر. هنجهہ= جهولي. پهائيان= مجايان، پرچايان. ١٩. جهڙَ= اي جهڙ. جهپي نہ وڃين= قابو ڪري ڍڪي نٿو ڇڏين. ٢٠. چاري= چوڪي تي بيٺل پهري وارو. ٢١. چوئين= چَوَئين، چوانءِ. مَرُ= پل تہ. منيين پانئيين= چڱو نہ سمجهين، برو پائئين. پدم= پير جي تري ۾ ليڪو جيڪو آڱوٺي ۽ آڱر جي وچ مان شروع ٿي هيٺ ڪڙيءَ ڏي وڃي جيڪو بخت وارو. ٢٣. ولهہ ۾= ٻاهر ٿڌڪار ۾. ڪپور= ڪپور سان. ڪافور سان. ٻابل= بابل، بابو. ٻُور= جوان اٺ. اسور= اسور جو اسر جو. 'سجڻ سانيِيٽيان' سجڻ ڪي ملان، گڏجان. (ٻي پڙهڻي) سجڻ پيٽيان= محبوب جي زيارت ڪريان، دلبر جو ديدار ڪريان. ٢٤. پنڌ نہ جوڳي= پنڌ ڪرڻ جهڙي ناهيان. ٢٥. ڪيڪاڻ= گهوڙو. وائي. آيل= اي ماءِ. جندڙو= جان ۽ تن. پرين حضور= پياري پرين جي حضور ۾. د-٣-١. پَٽين= پَٽن تي. پٽيين= پنڌ جي پٽين تي. بنڌڻ سوئي بنڌ= اهڙو پڪو پختو ارادو ڪر. ٢. سهائي= چنڊ ۽ تارن جي روشنائي واري. پون= زمين. هلي وانءُ= هلي وڃ، پهچ وڃي. چٽڪن= هُرَن، وري وري ياد پون. اسور= اسر جو، پرڀات کان اڳ.

راتهن هَلِي رَسُ، تہ ڪَرَنِ خَبَرَ نہ ٿِيي.

٤

ڪَرَها چَڌِ ڪُواٽَ، وِڳون وِجهہُ وَڏنديُون
سَئِين سُپيرِينَ جِي، وِنگِي يانءِ مَ واٽَ
چَڌِ جهوري ڏي جهاٽَ، تہ هُونديءَ راتِ هُتِ مڙُون.

٥

ڪَرَها ڪَسَرَ چَڌِ، وِڪَ وَڏَندِي پاءِ
مُنهنجو هَلَڻُ اُتِهين جِتي جانِبُ جاءِ
توکي چَندَنُ چاريان، ہِئو وَڳُ لاٽِي ڪاءِ
اِيهِين اُٺَ اُناءِ، جِئَن هُونديءَ راتِ هُتِ مڙُون.

٦

ڪَرَها ڪَسَرَ چَڌِ، وِڳون وِجهہُ وَڏنديُون
هيڪَرَ حَبِيبَنِ سان مونکي نيئِي گَڏِ
مَچُڻُ پُونيئِي هَڏِ، آهُون اُڪَندِيَنِ جِيُون.

٧

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتِي ڳُتِيئِين مالَ
قُطِيفِي جي ڪَرَها، هيدِي پايئين حالَ
چَندَنُ چاريئين جالَ، جي پهرئين پَهَرِ رَساٽِيين.

٨

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتِي مَنجهہِ مَهارَ
چانگا چَندَنُ چارِيَئِين اَنئِي پَهَرَ اَپارَ
سَندِي پِيَہ پَچارَ، جي مون راتِ رَساٽِيين.

٩

مَيا تو مَهارَ، سَچِي پايان سونَ جي
چارِيَئِين چَندَنِ چوٽِيُون، نائِي مينديءَ ڏارَ
سَندِي پِيَہ پَچارَ، جي مون راتِ رَساٽِيين.

١٠

ماءُ مُنهنجي ڪَرَهِي، موتِينِ جَڙِي مالِهہ
وِيءُ چَنائِين ڪالِهہ، اَڄُ وِڪَ واٽِيان نہ لَهِي.

١١

ڪَرَها ڪُرُ سُجاڻُ، پِيَہ — ڪو ۽ پانهنجو
اَصُلِ آهي آهِنجو ناليرو نِداڻُ
ڪَرَهَا اَسان ساڻُ، ڪي چانگا ڪِجُ چڱائِيون.

١٢

اَڄُ مُنهنجي ڪَرَها، مَيَا مَجُ مِنٿَ
جهاڳِيندي جهَر پَٽِيُون، متان ڪَرِيين ڪَٿَ
سُپيرِيان جي سَٿَ، مونکي نيئِي ميڙِيين.

١٣

لَڪِ لاڪيٽو ڪَرَهو، ڪوڙين ڏيئِي ڳِدومِ
اَگَٺِ سُونهَ ٽِئومِ، مُلِ مَهانگو مَ چِئو.

١٤

لَڪ لاڪيٽو ڪَرَهو، ڪوڙين ڏيئِي ڪاهِ
اِيلاچِيُون آهَرَ ۾، پوڄَ مَيي ڪي پاءِ
ڪَٿَ نہ ڪَندو ڪاءِ، پَلاٽِئو تہ پِرِينءَ مِڙي.

وائي-١

هِي ہہ ڳالهڙِيُون، مِيان سَجَڻا!
آءٌ اوريَنديس پرِينءَ سِين
ڳالهِيُون پرِيَمِ تُنهنجِيُون، وَڏِي وَڻَ ٽِيُون
گوشي پِرِين نہ گَڏئا، پَرَ سِين مون نہ ڪِيُون.

ڪرن= محبت ۾ خلل وجهندڙن، رقيبن. ٤. ڪواٽ= ڏنگي ڏکي واٽ. جهوري= ڳڻتي، انديشو. ڏي جهاٽ= ڏي تکڙي تکي سٽ. هونديءَ رات= راتِ هوندي. ٥. ڪسر= پڳل وک. ٦. آهون پونئي هڏ= آهون پٺون تنهنجي مٿان پون. ٧. مال= مهار، ڳاني. قطيفو (ع. قطِيفة)= پٽ، ريشم، بخمل. هَيدي= پلاٽي (گاهہ سان پريل هندِي)، ہڙهو ڏين جو (لاڙ، ڪڇ). ٩. چندن چوٽيون= چندن جي ٽارين جا چوٽيءَ وارا گونچ. نائي= نوڙائي، هيٺ ڪري. ١٠. موتين جڙي مالهہ= موتين سان مڙهيل ڳاني ٿهي ٿي. ويءُ= وڏي سائي گاهہ واري زمين. وک واٽيان نہ لهي= اڄ (سندس هلڻ تکي ۽ واٽ سان پوري آهي ۽) سندس قدم واٽ تان نٿو ٽڙي. ١١. ڪُرُ= نهو، بُڻُ، نسل. پيہ- ڪو= پيءُ جو. نداڻ= توڙ گهٽو، تمام گهٽو، انت گهٽو. ١٢. جهر= جهر جهنگ. جهرپٽيون= جهنگ واري ڏکيي پنڌ جون وڏيون وٽيون، لامون، ديگهون. ١٤. پوڄ= گهٽيون (ايلاچيون). آهَرَ= آهُري ۾= ڪاڏي ويل، ڪاڏي ۾. ڪَٿَ= ڪٿ ڪٿان، تخميني طور ويچار، تخمينو. وائي-١. ہہ ڳالهڙيون= (محاورو) ہہ اکر، ہہ لفظ. اوريَنديس= پنهنجي حال سڻائڻ طور چونديس. گوشي= گوشائتا. پاسي تي

وائي-٢

سَدين سيڻَ نہ هُونِ، نِيهُ نِيَاپِي نہ ٿِيي
ڪارِيءَ راتِ رَتَ ڦُڙا جانِ جان نيڻَ نہ رُونِ
موٽڻُ جَنِي مِيهَڻُو، پڙ تي سيئِي پُونِ
جَنِ مُسافِرَ سُپرين، سي مَرُ رويو رُونِ.

داستان چوٿون

١

بُورُ نہ چَري ٻُورُ، پَسِئو ٿُورُ تَڪُون ڪَري
مُونين هَٽِي موٽِئو، ڪَرَهو راتِ ڪَپُورُ
مَيو ٿِئو مامُورُ، چَندَنُ چَکِي آئِيو.

٢

اوٻَارين نہ اَنرا، ٻَدا چَرَنِ نہ ٻُورُ
ليڙَنِ ڪي لطيفُ چَئي موٽڻ جو مذڪُورُ
مَيَنَ ڪي مامُورُ، اُٺَڻُ اڱِئين پَنڌَ جي.

٣

چَري نہ مِصريءَ سَنگَ، چَندَنَ جا چُوپا ڪَري
اَکِينِ مَٽي اَنگَ، مَيي ڪي مَجازَ جا.

٤

مَيو اَنگَ- مَيو، چانگو چَني نہ ڪِئو
ذاتِ ڏُريان نہ سِکِئو، ڪَرَهو رَءِ رَيو
جو پَرَمَلا پَيو، ناهِ نِهايَتَ ٿَنهِ سِينِ.

٥

وينو مَنجهين وَڳَ، نايو ناڳيلان چَري
ڪَڏهن هِنَ ڪَرَهي جا پَڏرِ پَڳَ نہ لِڳَ
جَڳَ ۾ جِهڙو جَڳَ، هِيئڙي سانِ هُتِ چَري.

٦

جِئان ڪوڙِ ٻہ ڪانِيُون، پَنجين لَکين پَنُ
تِئان چاٽي چِڳِيُون، مَيي رَتو مَنُ
ٿَنهِ وَلِ سَندو پَنُ، ڪُوماٽو ڪوڙين لَهي.

٧

جِئان ڪوڙِ ٻہ ڪانِيُون، پَنجين لَکين پا
مَيو ٿَنهِ ماڳا، ڏِيهاڙِي ڏارَ چَري.

٨

جِئان ڪوڙِ ٻہ ڪانِيُون، پَنجين لَکين پِڪَ
تِئان ڏيئِي تِکَ، مَيو مستانو ٿِئو.

٩

اُٺُ نہ وَڃِي وَڳَ سِين، چَري نہ لاٽو
مَيي ڪي مَجازَ جو ٿُوهي ۾ ٽاٽو
پَٽاري پاٽو، مَرَندي سِينءَ نہ مَٽِئو.

١٠

اُٺُ نہ وَڃِي وَڳَ سِين چَري نہ چانگو
لَڳِيَسِ نانُگَ نِيهَ جي، نِهوڙِئو نانگو
چَڏي سِرَ سانگو، رِڙهي رَندِ پِرينِ جي.

د-٤-١. ٻُور= ڪچڙا گونچ گلڙا. ٻورُ= جوان اُٺ. تور= پنهنجي تور وارو گلو. تڪون ڪري= گلي ڏانهن پڇي وڃڻ لاءِ واجهائي. مونين هٽي= ڳوڏن سان لائي مروڙي. ڪپور= ڪافور. مامور= مخمور، نشي ۾ مست. ٢. انرا= بيمار. ٻورُ= ٿارين جو ڪَڄُ. مامور= امر ڪيل، نصيب ۾ لکيل. ٣. چندن جا چوپا ڪري= چندن کي ٻہ پورو نہ ڪائي ۽ چوپا ڪري ڪڍي ڇڏي. انگ= اهڃاڻ، آريکڻ. مجاز= محبوب جيَ محبت جا. ٤. انگ- ميو= انگن عضون ۾ پريل، لڳين مضبوط. چني نہ ڪئو= ڪاڏي سان ڪونہ متو آهي، مايا ڪانہ چاڙهي اٿس. ذات= ذائڻ. رءِ رَيو= پوري ڊئو ۾ آهي. جو پرمَلا پَيو= جيڪو 'پَرمَلَ' جي وڻ يا ول تي پيو، جنهن پَرمَل جو ذائقو چکيو. ناه نهايت تنه سين= تنهن سان پڄڻ پيٽي ڪانهي. ٥. ناگيلان= ناگيليون، ناگيل جي وڻ جون ڦريون. پڌر پڳ نہ لڳ= پٽر ۾ پيرا نٽا لڳن، ٻاهر ميدان ۾ پيرن جا نشان لڳل ناهن (جو پانئجي تہ وڳ مان اٿي ٻاهر ويو آهي). ٦. ڪوڙ ٻہ ڪانيون= جنهن ول جون ٻہ ڪانيون ڪروڙ لهن. پنجين لکين پن= پن پنجين لکين وڪامي. تئان= ان ماڳ تان، تتان. ٨. پِڪُ= پنگ، تري ۾ پيل ڦڙو. تِڪَ= گيت. ٩. لاٽو= هڪ ڪارو ٻوڙو جنهن کي اٺ چاه سان کائين. پاٽو= پاڻ، ويهڪ واري جاءِ. ١٠. نانُڪ= نوڪ، ناڪيلي جي تکي چهنب. نِهوڙِئو= نهوڙي نيو، هيٺو ڪري ماريو. نانگو= جيڪو ٻيا سڀ آسانگا پلي نينهن ۾ نروار ٿئو. رَندِ پرين جي= محبوبن واري واٽ تي.

١١

أتُ نہ وجي وَڳَ سِين، ٻَڌو چَري نہ ٻُورُ
مَيي ڪي مَجازَ جو ڪُڙهہ اَندرِ ڪو سُورُ
سو پرائِيِن پُورُ، سُڪِي جِئَن سانئو ٿِيو.

١٢

ڪَرَهو سَرَهو نہ ٿئي، چانگو تان نہ چَري
لايو لَٺُون، لَطِيفُ چئي، مُنو ماڳِ مَري
نَظَرُ نِيهَ ڌَري، پيشانِيءَ ۾ پِرينءَ جي.

١٣

ڪِين جو ڪيڏاهِين، چانگو چَڪِي آئِيو
تاٽِئو تيڏاهِين، نيٺَ چَنايو نِڪَري.

١٤

اُتِي اَڙائِينس، چَڏِئو تہ چيڪُ ٿئو
ڪارايان ڪِڙِئو وَجي، پَلاٽِي پائِينسِ
ڏاوَڻِ ٿَنهِ ڏائِينسِ، جِئَن چَري ۽ چِنگهي پُٺُو.

١٥

دو- دَستي دو پيرَ، سِيني سَنگهرَ رُڪَ جي
ماءُ! مُنهنجي ڪَرَهي، تازي قُلَنِ هيرَ
ٿَنهِ ڪي ڪامَڻَ ڪَنئِي ڪيرَ، جو مُونهِين وَٽِ مَسَ رَهي.

١٦

پيشانِيءَ ۾ .پرينءَ جي چانگي رکيو چِٽُ
نيٺَ چَنايو نِٽُ، اُيو اوڏاهِين اُسَري.

١٧

نَوَ نِيرَ، ڏههَ ڏاوَڻِيُون، پَندرَهن پَينڊَ پِيَاسِ
بَغَلَ مَنجهہِ بَگهاڙِيُون، لَگين لوههَ لَڳَاسِ
جُه ساجَنَ سَنيرِيَاسِ، تہ چِرڪَ چِنائِين هيڪَڙي.

١٨

نَوَ نيرَ پائي، جان مون ڪَرَهو جهَلِئو
چِڪِيءَ چِنائي، وِئو پِهرِين راتِ پِرينِ ڏي.

١٩

وَٽي سيڻَ سُوٽَ، پاءِ پنهنجي ڪَرَهي
وَلِيُون واسَ وَرَنِيُون پَهرِيُون مَٿي پَٽَ
چانگي چَڪِي چَٽَ، تہ پوءِ نہ رَهندو پَنڌَ ري.

٢٠

نيٺَ چِنائي نِٽُ، ڪَرَهو ڪُنگوءِ ريٽَ تي
چانگي رَڪَئو چِٽُ، پَرَمَلَ جي پَساهَ تي.

٢١

لَڪين سَئين چَرَنِ، ڪَرَها ڪُنگوءِ ريٽَ تي
تِئائِين ويسَرَنِ، هَٿِ نہ آيو هيڪَڙو.

وائي

آهِينمِ ڳالهڙِيُون، ماءُ! مُرادُون پرينءَ سِين
جي مان پيِيُون پرينءَ ري، ڪُوءِ سي راتڙِيُون
جي مان اوريُون پرينءَ سِين، وَرُ سي ٻاتڙِيُون
پَسڻَ ڪارڻِ پرينءَ جي، پاتِيَمِ جهاتڙِيُون
آڏِيءَ عبداللطيفُ چئي، ڪُهَنمِ ڪاتڙِيُون.

١١. (اهو اٽ) ٻڌل حالت ۾ ٻُورُ (ولين جا گونچ ۽ وڻن ٻوڙن جا گلڙا گل ۽ ٻور) ٻہ نہ چري. ڪڙهہ= اندر ۾. سانئو (جاتڪي ڪڇ جي ٻولي)= ڪانو (جوئر جو)= سڪي ڪانو ٿيو، سڪي سنهو ٿيو، ٽانئو ٿيو. ١٢. سرهو نہ ٿئي= چڱو ڀلو نہ ٿئي، خوش نہ ٿئي. ١٣. نيٺ= مضبوط چمڙي جو وٽيل رسو جنهن سان اٺ کي ڏانوڻ ڏجي، چمڙي جو وٽيل مضبوط ڏانوڻ. ١٤. چيڪ ٿئو= هيڏانهن هوڏانهن ويو، رليو. ڪِڙِئو وجي= ڀڄي گم ٿي وڃي. پلاٽي پائينس= پلاٽي وجهينس ۽ چڙهينس. ڏائينس= ٻڌينس (اهڙي ڏانوڻ سان ٻڌينس). ١٥. دو دوستي= ٻٽي. دوپير= ٻنهي پيرن واري ڪامڻ= جادو (پاڻ وٽ هڪ جاءِ ويهارڻ وارو). ١٧. پينڊ= رسو جيڪو اٺ يا مينهن کي ٻڌڻ لاءِ هڪ پير ۾ وجهجي بگهاڙيون= پاڪڙي جي ڪچن ڪان لڳل ڪليون. لوهہ= بگهياڙين واريون لوهيون ڪليون. ١٨. چڪيءَ چنائي= هڪ ئي چڪ سان چنائي. ١٩. سيڻ= ٽلهو رسو. سُوٽ= مضبوط وٽ (ڦيري) وارو. واس ورنيون= خوشبوءِ دار، رنگدار. پهريون= پڪڙي پيون. چٽ= چَس، سواد، ذائقو. ٢٠. ڪُنگوءِ ريٽ= ان نالي وارو ٻيٽ (زباني روايت موجب، گجرات جي ڪناري سان جتي ڪا ندي چوڙ ڪري ٿي، اتي هڪ وڏو ٻيٽ آهي، جنهن کي 'ڪنگوريٽ' چون جنهن ۾ جهنگلي اُٺ عام جام پيا گهمن.) پرمل جي پساهہ تي= پرمل ول جي تازي رَسَ تي. وائي. ور سي ٻاتڙيون= واهہ ڀليون سي ڳالهڙيون. ڪهنم ڪاتڙيون= سڪ ۽ فراق واريون ڪاتڙيون مونکي ٿيون ذري ذري ڪهن.

داستان پنجون

۱

اَڄُ نه اڳِينءَ ڍارَ، ڪَرَهو ڄڻُ ڪالهه هو
اڳڻِ آيو نه ڪَري، پاهوري پچارَ
جيڪُسِ مَنجهِ قطارَ، ڪا وَلِ چِنائين وِهَ جي.

۲

پَلاٽِئان پِئو، اولاٽِئو نه اُتِيي
جيڏانهَ وَڳُ وِئو، اُيو تَرسي اوڏهِين.

۳

ڪَرَها توڪي ڪامَ، سَچو پَسِي مون سَچِي
مانَ پَرُوڙِي مامَ، ساڱاهي سَئِينءَ وَهِين.

۴

هُنگَرَ هَلايو، ڏيئِي موڙ مَهارَ جِي
وَسان جي وِيو، ڪَرَهو تي ڪامُون سَهي.

۵

آٽِي بَڌِمِ وَڻَ جاءِ" مانَ چَري ڪي مُگرِيُون
ڪُڌاٽُورو ڪَرَهو لِڪِئو لاٽِي ڪاءِ
اِنَ مَيي سَندِين ماءِ، مونکي ڳالهڙِيين گوڙها ڪِئا.

۶

ڪَرَهي ڪي ڪَئِين، وِڌِمِ پِيندَ پَلڻَ جا
ليڙو لاٽِيءَ ڪي چَري، نِيرَ ساڻُ نَئِين
چانگي سَندي چِتَ ۾ صاحبَ وِجهُ سَئِين.
اوباهِيوس اَئِين، لُطفُ ساڻُ لَطِيفُ چُئِي.

۷

چانگا! چَندَنُ نه چَرِين، مَيا! پِئِين نه مرڪَ
اَگرِ اوڏو نه وَجين، ٿُڪِئو چِڏِيين توڪَ
لاٽِي، وِچان لوڪَ، کِهڙي اَگرِ آٽِرِئِي.

۸

چانگي چَئِي چُڪِياس، مَتان اَڪَ نه اُلهي
چؤڏاري چَندَن وَڻُ پَچِي پوڄ پِياسِ
جَنهِ وَلِ گهٽا وِهاٽِيا اَنَ سين آرِ لَڳِياسِ
راڙي رَٽُ ڪِيَاسِ، هِنَ ڪُڌاٽُوري ڪَرَهي.

۹

مِٺيُون لَهي مُهاءِ، جي تو چانگا چِنيُون
وَلڙِيُون وِهَ ساءِ، اَجان تو مُهَندِيُون.

۱۰

پَسي ڳاڙها گُلڙا، ڪَرَهَل ڪِيمَ تَرسُ
سي تان هَلِي پَسُ، جي اِنَ وَلِ وِهاٽِيا.

۱۱

مَيي ماڳائِي، وِڏو واٽ وَلِينِ ڪي
خَبَرَ ڪيٺَ ڏِٺِينِ تِي، وِڏُوٽا واهِي
ڪَرَهي ڪاڪَتَ چِڏِئِي، وَريسِ نه وائِي
چانگي چَريائِي، ويئِي ويچاري وِسرِي.

د-۵-۱. اڳينءَ ڍار= اڳينءَ طرح. پاهوري= پاهوري جي، ڪاڏي واري جاءِ جي، ڪاڏي جي. جيڪس= لاشڪ جو. ۲. پلاٽئان پئو، اولاٽئو نه اتيي= پلڻ جو بار ته نه سهي، پر ٿلهي پٺي ۾ اٿي نه سگهي. ۳. ڪام= لڪڻ. مام= راز واري ڳالهه. ساڱاهي= ڏيان ڏيئي، سمجهي. سئين وَهين= سٽو سچو سياٽو تي هلين، وڏي وک وجهي تڪڙو هلين. ۴. هنگر هلايو ڏيئي موڙ مهار جي= (لڪڻ هئڻ بدران اُٺ ڪي) هونگر سان، مهار کي پاسي تي ذرا چڪ ڏئي هلايو ته هلندو. ڪامون سهي= لڪٽيون سهي. ۵. وَڻَ جاءِ= انهي وڻ واري جاءِ وٽ جنهن تي مُگر ول چڙهيل آهي. مگريون= مُگر ول جون ڦريون جيڪي اُٺ چاه سان چرن. ڪڌاتورو= بدبخت. ڳالهڙين گوڙها ڪئا= اندر ۾ غمن جا انبار ڪيا. ۶. پيندَ= پيرن جي رسن جا ڪَڙا (’پيند‘ اٺ يا مينهن کي هڪ پير ۾ وجهبو). پلڻ جا= روڪڻ وارا، جهلڻ جا. نئين= نئڙي، ڳاٽ نوائي. اوباهيوس= ايو ڪيوس، سرهو ڪري اٿاريو، سرخرو ڪريوس. ۷. ميا پئين نه موڪ= اي ميا! تون سٺو جال وهندڙ پاٽي نٿو پئين. ٻيا سٺا چارا. آٽرئي (هينين لاڙ ۾ ڪڇ جي جاتڪي ٻولي جو لفظ)= توکي وٽي. ۸. پوڄ= گهٽا، جهجها. وِهاٽيا= وِه ۾ زهر سان چريا ڪيا. آر=لَئون، آرو. ۹. مهاءِ= منهن مان، واتان. وه ساءِ= زهر جهڙيون. مُهَنديُون= توکي موهينديون، توکي ڪاٺ تي هرڪائي مارينديون. ۱۰. ترس= سِڪ، سَڌڪر. وهاٽيا= وِهه ۾ وڌا، زهر ۾ ماريا. ۱۱. ماڳائي= ماڳان ٺئي، ماڳهان ٺئي= ڏريان ٺئي. وڏوٽا= ڪاوڙيا. ڪاڪت= طاقت.

۱۲

وَڏَپَڻَ ۽ واءُ، ڪَرَهي ڪاڏو ڪوڙِئو
ڪوءِ ٻَنِ پَلاڻِئاءُ، اولاڻِئو نہ اُٿِيي.

۱۳

ٿَرَ ڏُونگَرَ (ٻَرَ) روهہَ، مَيي سَڀ مَناڙِيَا
هاٿي اگَهُ اَسِي ڪوهہَ، آهي اَنَ جَماجَ ڪي.

وائي-۱

آءٌ جِيَندِي ڪِيئَن، يا الله!
مون مسافِرَ سُپِرِين
مُونکي ڇَڏي هَلِئا، هاٿي ڪَريان ڪِيئَن.

وائي-۲

توٽي ٽَڙِين تون،
تو دَرُ توءِ نہ ڇَڏِيان
مونکي توءِ مشاهِدو، توڙي مُنهُ نہ ڏِيين مون
مون ٻِئا دَرَ گهَٽيئِي نِهارَئا، آهِيين ٽُون هِي ٽُون.

❖

۱۲. واءُ= واءُ جو مرض. ڪاڏو ڪوڙئو= ڳچي هيٺ ڊاري ۽ ٻوٽ زمين تي ڪوڙيو. ڪوءِ، ٻن= ڪڏ پوي. اولاڻئو نہ اٿيي= ٻنان پلاڻ جي بہ نہ اٿي سگهي. ۱۳. مناڙيا= پيرن هيٺ لتاڙيا. اگهُ اسي ڪوهہ= گهر جو اگهہ بہ ان لاءِ اسي ڪوهہ آهي. جماج (عربي. جَمازُ)= تکو هلندڙ اُٺ. وائي-۲. مون کي توءِ مشاهدو= مون لاءِ تہ بہ ديدار آهي (جڏهن تون مون کان منهن موڙين ٿو).

سُر بروو

هيءُ سُر سچي عاشق جي محبت ڀرين جذبن ۽ احساسن جو آئينو آهي: سڄڻ جي سِڪ ۽ ساڻس بي انتها پيار واري شعوري ۽ لاشعوري ڪيفيت جو اظهار آهي: فراق ۾ عاشق جي اندر جي آه ۽ درد جي دانهن جو آواز آهي. محبوب موجود ڪونهي پر هو هردم عاشق جي اکين آڏو آهي: ڪيس غائبانه ياد ڪندي عاشق پنهنجي اندر جو حال اوري ٿو، ڪانگ کي قاصد ڪري نيه جا نياپا موڪلي ٿو، ۽ محبوب کي پيار ڀريا ڏوراپا ۽ محبت جون ميارون ڏئي ٿو. ٻئي طرف هيءُ سُر محبوب جي بي مثال حسن ۽ ناز جي نظاري جو آئينو آهي: سهڻي محبوب جي سهڻي صورت ۽ سيرت ۽ سندس ڳڻ ۽ ڳالهيون ان جا خاص عنوان آهن. عشق ۾ عاشق بي وس آهي: "هيرائي هٿ ڪيو هنيڙو حبيبن" ۽ "لڳيءَ جو لطيف چئي نڪو ڦال نه ڦيل." عشق زوراور ذات آهي جنهن سان ڪوبہ حيلو نٿو هلي: "عشق اهڙي ذات جو منجهائي مَين ڪي."

داستان پهريون

١

جَڏهن پَوي ٿي يادِ، صُحبَتَ سُپِيرِين جِي
فَريادُئُون فَرِيادَ، ناگَهِ وَجِن نِڱِئو.

٢

ڪَڙو مَنجهِ ڪَڙي، جِيئَن لوهارَ لَپِيٽئو
تِيئَن مَنهنجو جِيءُ جَڙي، سُپِيرِيان سوگهو ڪَيو.

٣

جانِبَ تون جيڏو، آهِين شانَ شُعُورَ سِين
هُون تي ڪِج مُنهنجا ڀِرِينِ، توهُ تُسي ٿيڏو
اِيءُ ڪامِلَ ڪَرَ ڪيڏو، جِئَن نَوازِيمِ نِگاهُ سِين.

٤

جانِبَ مُنهنجي جِيءُ ۾ جي تو طَمَعَ پوءِ
وَٽَ ڪاتي، وَڍِ انگڙا، ادَبُ ڪَرِ مَ ڪوءِ
ڀانيان ڀالُ سَندوءِ، جي ساجَنَ سَنئُون نِهارِئين.

٥

جانِبَ اِيئَن نہ جُڳاءِ، جِيئَن مارِئو موٽِئو نہ پُڇِين
رَتي رَتُ نہ سِنجري، سِڪَ تُنهنجِي ساءِ
آسان تو هِي لاءِ، سَهسِين سُڪاڻُون ڪَيُون.

٦

ڀَلي ڪِيئِي ڀَلا ڀِرِينِ، هِيئَن نہ مُناسِبُ هوءِ
لائي، چَٽُ چَرِئو ڪَري، پاڻُ ڪَڍي وِئين پوءِ
توڙي حُبَ نہ هوءِ، تَہِ هوتَ نہ ڪِجَنِ هيڏِيُون.

٧

ڀَلي ڪِيئِي ڀَلا ڀِرِينِ، اِيءُ نہ شانُ سَندوءِ
ڀِهرِين لايو ڀرِيتڙو، ڪِينَ پُڇِين تو پوءِ
قادِرُ شالَ ڪَندوءِ، ميڙو هِنَ مِسڪِينَ سِين.

٨

اکيُون ڀِرِين ءِتُنهنجِيُون ڳَهلِيُون ۽ گهوڙا
لاهِين نہ لوڙا، جي تو هاجي هيرِيُون.

٩

نيڻَ سَڪيلا سُپِرِينِ، ڀَوُنرَ ڀِرِوُن ڀالا
ڇِڪئِمِ چاڪَ ڀِرِينءَ جا اَندر ۾ آلا
يارُ،ميڙِين ياالله، جَنهن جِي صُحبتَ ڪاڻِ سِڪي هِنيُون.

د-١-١. فريادئون فرياد= هڪ فرياد جي مٿان وري ٻي فرياد. ناگه= اوچتو. نڱئو= نڪرئو. ٢. لپيٽيو= ورائي سوگهو ڪيو. ٣. شان شعور سين= شان ۽ شعور سان، وڏي شان ۽ عالي دماغ وارو. توهه= ڪرم، مهرباني. تُسي= خوش ٿي. ٤. انگڙا= عضوا. ٥. نہ سنجري= نہ وهي (سنجرڻ= آهستي آهستي سمڻ، تورو تورو ٿي وَهڻ). سڪ تنهنجي ساءِ= تنهنجي سڪ جي ساءِ سببان. سڪائون ڪيون= باسون باسيون. ٦. ڀلي ڪيئي= تو جيڪا ڪئي سا ڀلي ڪئي!! (محاوري طور معنيٰ تہ: 'اهڙي ڀلي ڪانہ ڪئي'). پاڻ ڪڍي وڃڻ= ڪو معاملو جاڳائي وچان پاڻ نڪري وڃڻ. هيڏيون= ايڏيون وڏيون ڏاڍايون. ٧. ڀريتڙو= پرت جو ناتو، نينهن، عشق. ميڙو= ميلائو، گڏجاڻي. ٨. ڳهليون= لڙائي جي گهوڙن جون ڳهليون، وڏيون ڇُلنگيون. لوڙا= حملا، هَلائون. هاجي هيريون= جيڪي تو هاجي تي هيرايون. ٩. سڪيلا= نِنڊيون ترارِيون. ڀوُنر= ڪارا.

١٠

ڪوڙي ڪَڻُ مَ سُپِرين، ڪَنيئِي تان ڪوڙ
اهلَ اکڙين جي نيئِي نِباهِج توڙ
مُون ۾ عَيبنِ ڪوڙِ، تون پاڻُ سُجاڻج سُپرين.

١١

ساهُ وَٺِي وِئين سُپِرين، ڪَري قزاقِي
دِلبَر دِلَ ڪسي وِئين، يارَ ٿِئين ياڪِي
جاڙَ مون ضعيف سين تو جانِبَ ڏِسُ جا ڪِي
هِت بُتُ رهيو باقِي، تُون ساهُ وَٺِي وِئين سُپِرين.

١٢

ساجَنَ سِپاهِي، آءٌ آوهان جو آهِيان
اچان ويلَ سَيَڪِهين وِجهان واجهائِي
لالَنَ تو لائِي، ڪِينڪارئِمَ ڪَرَن ڪي.

١٣

تُون صاحِبزادو سُپِرين، آءٌ نِسورو نوڪَرُ
بيحَدَ ڪَريان بَندگِيون هَٿَ بَدِي حاضُرُ
چِنان، هَڏِ نہ ڇَڏيان، دوست تُنهنجو دَرُ
مُون تان مِهرِ نَظَرُ، پرين لاهِ مَ پاهِنجو.

١٤

بَرُوي جي بانِي، ڪَنهن ڪان سِڪئين سُپرين
آٽي ڏِينداءِ هَٿَ ۾ مَسُ قلمُ ڪانِي
حَرفُ پُڇنداءِ هيڪَڙو ظاهرُ زبانِي
ٿَنِ اڳئان جانِي، ڪِهڙي ڪَندين ڳالهڙي!

١٥

ڪِئان سِڪئين سُپِرين، ڪاسائِڪي ڪارِ
تِڪِي ڪاتِي هَٿ ڪَري، مُنِيءَ سِين مَ مارِ
چوري چاڪَ نِهارِ، تہ سُورَنِ سانگهيڙا ڪَيا.

١٦

اچين جي هيڪارَ، مون سارِيندي سُپرين
وَنِيُون وِهاٽا ڪَريان، هَنڌُ وِڇايان وارَ
ساجَنَ سَيَ جمارَ، گولِي ٿِي گُذاريان.

وائي-١

وَٺان وَجُ مَ مُون، منهنجو تُون هِينِ تُون
ڪونہ سُجاٽا ڪو بِيو، وَٺان وَج مَ مُون
مُون ٽَڏهانڪَرَ مَجيئو، جَڏهان ”ڪُن فَيَڪُون“
اُهڪيءَ رَسِجُ اَحمَدا، اڳيان سوڙهِي پُون
اُتي رَسِجُ ڪارِٽِي، جِتي هُونگَ نہ هُون
ڏِجَ ڪا لَپَ لَطِيفَ ڪي، طَهُورا مان تون.

وائي-٢

هاڻِ اِيندو، هاڻِ اِيندو
منهنجو سَجَڻُ سائِين هاڻ اِيندو
نِماڻِيءَ جو نِجُهرو پاسي پاڻِ اَڏِيندو
مَٿان لَڪَنِ ساٿڙو، صَحِيءُ سَلامَتَ نيندو
آگَرِ لائي اَنڊِيُون، نيئي وَسِينءَ ۾ وجهندو
مَهَندِ تيندو مُصطفيٰ، پُنِيءَ لوڪُ لَنگهندو.

١٠. ڪنيئي تان ڪوڙ= پر جي (نگاهون) ڪنيون اٿئي تہ پوءِ پل گهورن سان گهاءِ. نظر جا نيزا هڻ. اهل اکڙين جي= اکين جو آرو. اکين جو راض. ١١. ڪري قزاقي= قزاقن واري ڪري، وڏن ڏاڍن وارو ڪم ڪري. ياڪي= تن تنها، بي پرواهه. جاڙ= ظلم. ١٢. واجهائي= جهاتي. تو لائي= تنهنجي لاءِ ئي. ١٣. بندگيون= خدمتون. ١٤. برووِ= (هت اصطلاحي معنيٰ طور) ماڻن واري محبت. باني= صلاح، ترغيب، هُشي (چوندا: ”توکي ڪنهن اها باني ڏني آهي“). ١٥. مني= مڏي. چاڪ= ڦٽ، گهاوَ. سانگهيڙو (جمع. سانگهيڙا)= ڪوري دلي يا مٽ ۾ سنهڙو سوراخ. ١٦. ونيون= اکين جون ماڻڪيون، اکيون. هنڌ وڇايان وار= وارن کي تو لاءِ هنڌ ڪري وڇايان. وائي-١. جڏهان ڪُن فيڪُون= (ڪُن= ٿيءُ. فيڪون= پوءِ ٿي پوندو. ’ڪن فيڪون‘ آيت: خالق ڪنهن بہ ٿول کي حڪم ڏيندو ’ٿيءُ‘ تہ پوءِ ٿي پوندو). جڏهن ڪان وٺي خالق مونکي خلقيو مون تڏهان ڪر مڃيئو- ’قالوابليٰ‘ واري ڪيل قول ڏانهن اشارو. روحن کي خلقي رب ڪانئن پڇيو: ’ڀلا، آءٌ توهان جو رب ناهيان؟‘ (الستُ بربي). روحن اقرار ڪيو ۽ ’چيو تہ هائو‘ (قالوابليٰ). احمدا= اي احمد (صلعم)، اي منهنجا نبي محمد (صلعم)! ڪارٽي= ڪارڻ ڪندڙ، حاجت رَوا ڪندڙ. جتي هونگ نہ هون= جتي ڪو آواز ڪونهي (آءٌ اڪيلوئي آهيان). طهورا= پاڪ شراب. وائي-٢. نجهرو= ضعيف گهر، جهوپڙو. آگر لائي= پنهنجي آگر هٿ ۾ ڏيئي (ڏوري هلندو).

داستان ٻيو

۱

ڪَري ڪانگ ڪُرنشون پيرين پرينءَ پَئيجُ
آءٌ جو ڏيئين سَنيھڙو سو وِچ ۾ وِساريجُ
لِلهِ لَڳِ، لَطِيفُ چَئي، ڳُجھو ڳالهائيجُ
ڇوان تيئن چَئيجُ، تہ ڪيانتا خوشُ ھوئين.

۲

اُڏُءُ لَڳِ اَللهَ، ويلو ڪَرِ مَ وِچَ ۾
آءٌ جو ڏيئين سَنيھڙو سو سانڍِ بَرابَرِ ساھَ
سَندي ڳُجھاندَرَ ڳاھَہ، ڪَھجُ مَ قَرِيبنِ ري.

۳

آءٌ اُڏامِي ڪانگِڙا، پارانيا پَچارِ
ويھي هِتَ وِصالَ جو تان ڪو ترُ تُوارِ
جي ڏِٺَي ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامِي آڻِ ٿُون.

۴

پارانيا پَچارِ، متي لامَ لَطِيفُ چَئي
قيرِ مَ فَضِيلتَ ٿُون، جا ڪُرَ اَھِنجي ڪارِ
جي ڏِٺَي ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامي آڻِ پِرين.

۵

تُنِ جَنِي جِي تانگَ، سي سَجَڻَ سَفَرِ هَلِيا
لَئِجُ لاتَ، لَطِيفُ چَئي، ڪَڏھن اِيندَمِ، ڪانگَ!
ڪَنهِ سَناٽي سانگَ، پِرين پَرڏيھي ڪِئا.

۶

وَھَلو وَنءُ وَراءِ پِرين، آءُ ڪانگا وَڻِ ويھُہ
جَنِ ڏُورِ ڇتايو ڏيھُہ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

۷

آءُ ڪانگا لَنئُ لاتِ، وَھلو وَرُ وَراءِ پِرين
وِٽِرا جي وِلاتِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

۸

تان ڪِين لَئِجُ ڪانگَ! ڪَڏھن ايندا مان ڳري
سِيٽَنِ ڪارَڻِ سانگَ، مُون تان گَھَٽِيئِي ڪِئا.

۹

ڪانگَل سيئي ڪوٽِ، پِرين جي پَرڏيھَہ ۾
جَنِي رِءَ جَھانَ ۾ اَڪِرِيُنِ اَروٽِ
لِلهِ لَڳِ لَطِيفُ چَئي ڪِج ڳَراجو ڳوٽِ
جي ڏمرِئا ڪَنھن ڏوٽِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

۱۰

پِرين جي پَرديسَ ۾، تُنِ جِي ڪانگا ڪِج خَبَرَ
تہ سَڀَ مَڙهايان سونَ سِين پَڪِي تُنهنجا پَرَ
گَھمِي مَتان گَھَرَ، ڏِج پارانيا پِرينءَ ڪي.

۱۱

آءُ ڪانگا وَڻِ ويھُہ، سُڏِيون ڏي ساٽيھَہ جُون
"ڇِگا پَلا سُپِرين ڪِ سُڪ وَسي ساٽيھُہ"
پِرينِ لَئِي پَرڏيھُہ، مون تان گَھٽو نِھارِئو.

۱۲

ڪُرُ ڪنيو ڪانگُ لَئِي مُنِيءَ تي مَضبوطُ
آٽِئو ڏي آٽَڻَ ۾ سَنيھا ثابُوتُ
ڪانگَلَ اَتھون قُوتُ، پارانيا پِرِينِ جا.

۱۳

مَتَان مُنِيءَ مُنھنجي ڪَنھِن اُڏايو ڪان

د-۲-۱. ڪُرنشون (فارسي. ڪُورنش)= تعظيمون، آدرون. لِلهِ لَڳِ= الله جي واسطي. ڪيانتا= چڱي خبر آڻيندڙ، خوشخبري ڏيندڙ. ۳. پارانيا (واحد. پارانيو)= نياپا. پچارِ (امر)= ٻڌاءِ. تر توار= 'وصال' جي ڪا ذري جيتري ڳالھ ٻڌاءِ. ۾ ڏيسار= ڏيساوَر ۾، پرڏيھ ۾. ٤. متي لامَ= متي وڻ جي لامَ تي ويھي. ڪُرَ= ڪُڙم، پُري پيڙهي. اهنجي= اوهان جي. ٥. لئج لات... ڪانگ!= اي ڪانگ! واڌائي واري لات لئج. ٥. سناٽي= ڏکيي، ڳري. سانگ= سفر. ۷. لنئَ لات= لات واري متي ٻولي ڪر. ٦. وهلوون= تڪڙو وڃ. ٦. وهلور ور= سگھو موٽ. ٨. مان ڳري= مون وٽ. سيٽن ڪارڻ= پيارن سڄڻن خاطر. سانگ= سفر (سندن ڳولا ۾). ۹. اروٽ= اٽوٽ، اکين ۾ پاڻي نہ هئڻ ۽ سُڪڻ واري حالت. ڳراجو= روڄ راڙو، زاري نيزاري. ڏوٽ= ڪاوڙ. ۱۰. مڙهايان= جڙايان، سون سان سينگاريان. ۱۲. آٽڻ= ڪتڻ واري جاءِ، جتي سڀ ڳڏجي ويهن ۽ ڪتين. ثابوت= پڪا پختا. قوت= خوراڪ ۽ جياپو، زور ۽ ڏڍ. ۱۳. مُني= زمين ۾ ڪوڙيل ٻه- سانگي ڪاٺي، گتل ڪاٺي جنهن سان مال کي ٻڌجي، گھر جي اڱڻ تي ڪوڙيل ڪاٺي.

ڳِنهي آيو ڳالھڙِي سَندي سُپيرِيان
جيڏيُون جاڙ ڪِيان، سُئِم هُوندَ سَنيهڙو.

۱۴

ڏائي چڙهِي ڏارَ تي ڪِين جو ڪانگَ ڪَهيو
سُورائتيءَ سُورِ پيُئِي پهو پَٽِ هَنيو
ڪامِي اَرِٿ ڳنيو، ويچاريءَ وِرُونهہَ ڪان.

۱۵

ڏائي چڙهِي ڏارَ تي زاغُ ڪَري زاريُون
آڻيو ڏِئي آتڻَ ۾ سَنيها ساريُون
ماٺِ ڪريو ماريُون، تہ ڪَهيو سُٽِيان ڪانگَ جو.

۱۶

ڏائي چڙهِي ڏارَ تي، ڪا جا لاتِ لَتِي
آتڻَ مَنجهہ اَندوهہُ ٽِئو، سَڳهي ڪانہَ ڪَتِي
ويڙهي مَنجهہِ وَتِي، ڪِين جو ڪانگَ ڪَمائِيو.

۱۷

ڪِين جو زاغُ زبانَ سِين لَيو مَتي لامَ
پَهُچايائِين پِرِينِ جا سَرتِيون اَڄُ سَلامَ
ڪاڪِيُون ڪَتي ڪامَ، تہ ڪَهيو سُٽِيان ڪانگَ جو.

۱۸

اَنگهُئان هيٺِ نہ اُلِهي، ڪان ڪان ڪانگُ ڪَري
پِريانَ سَندي پارَ جي ڪانگَلَ ڳالھہ ڳَري
پَٽِ نہ پيرُ ڏَري، اُيو چَئِي آيا پِرِينَ.

۱۹

آءُ ڪانگا ٻَهہُ ڪولِ، سُڌِيُون ڏي ساڻيهہَ جِيُون
آنَدءِ جي عَجِيبَنَ جا سي خَط خوشيءَ سِين ڪولِ
آءُ سُٽِيان، تون ٻولِ، سَنيهو سَڄَڻَ جو.

۲۰

اَچِئو اچِئو پُونِ، واڪا ڪِئو وَٽِنِ ۾
سَنيها سيڻَنِ جا، چوٽيءَ چڙهِئو چُونِ
ڪانگَ نہ ڪُوڙا هُونِ، پِريان سَندي پارَ جا.

۲۱

ڪانگَلَ ٽُنهنجيءَ چانگَ، جَڏو جِيءُ جِياريو
مٿان لامُنِ لَتَ ڏِئو ٻولِين سِر ٻيلانگَ
اُڏُءُ مٿان ڦانگَ، "ڪَرَ جاوَنِ، آوَنِ پِرِينِ."

۲۲

ڪانگَلَ نيئِي ڪانگَ، منهنجي ڏي محبوبَ کي:
"لالَڻَ لائِيُي ڏينهڙا، ڪَنهن سَنانٽي سانگَ
اوهان رِيءَ اٽانگِ، وينِي وِرهہُ وَسائِيَان."

۲۳

ڪانگا ڪِتابَتَ جي آنديئِي خُوبُ خَبَرَ
لَسَ ٽُنهِين ۾ لِکِئا دِلاسا دِلبَرَ
هِنيَڙو مون هَرَ هَرَ، وانڇِئو وانڇِئو وِندُري.

جاڙ ڪيان= اوهان ڏاڍائي ڪئي، اوهان مون تي ظلم ڪيو. ۱۴. ڏائي ڏار تي چڙهي= گهر واري وڻ جي ڪنهِي پاسي واري ڏار مٿان ويهي (فال ۽ سوڻ واري عام روايت موجب وڻ کي سامهون ٻيهجي تہ ڪنهِي طرف واري ڏارر يا ٽار تي جيڪو ڪانگ ويهي لات لنوي ٿو سو سچو پيغام ڏيندڙ آهي). پهو= ڪپهہ جو پهو، پوٽي. پٽ هنيو= زمين تي سٽيو. وِرُونهہ ڪان= وِرُونهہ واري جاءِ ڪان، آتڻ واري جاءِ تان (اٽي چرخو ڪٽي رواني ٿي). ۱۵. ڏائي چڙهي ڏار تي= ڪنهِي طرف واري ڏار تي مٿان ويهي. زاريون= زورائتيون تيز تڪڙيون لاتيون. ساريون= ساري سنڀالي. ماٺ ڪريو ماريون= ماريون! اوهين ماٺ تہ ڪريو. ڪهيو= ٻول، پيغام. ۱٦. لات لتي= لات لَئِي، ٻولي ڪئي. اندوه ٽئو= ڏک ۽ غم وارو سمان چانئجي ويو. ويڙهي= گهر، پاڙي. ڪمائيو= حاصل ڪيو. ۱۷. زاغ= ڪانءُ. ليو= لات ڪيائين. ۱۸. انگهئان= انگهہ يا انگهي ڪان هيٺ. ڪانگل ڳالهہ ڳري= ڪانگل وٽ ڪا ڳالهہ آهي، ڪو خاص پيغام آهي. ۱۹. ٻهہ ڪول= ويجهو ويهہ. ۲۰. پُونِ= پَوَنِ، اڏامندا اڏامندا اچي لهن ۽ ويهن. چُونِ= چَوَنِ. هُونِ= هُجَنِ، ٿِيَنِ. ۲۱. چانگ= مِٺي آواز واري ڊگهي لات، ٻيلانگ= ٻہ سانگي ڪتل ڪاٺي، ٻہ- سانگي ڪتل ٽوٽي. ڦانگ= ٽاري، ٽوٽيءَ جي هڪ انگهہ. "ڪر جاوَنِ، آون پرين": فال يا سوڻ جو ٻول، جو ڪانگ وينو لنئي تہ ان کي ائين چئجي تہ: "اُڏر اي ڪانگا! ڪر يا رقيب وڃن يا رلن، ۽ سڄڻ اچن." ۲۲. ڪانگ= ڊگهو خط. سنانٽي= ڏکيي، اٽانگي. سانگ= ٻاهر جو سفر. اٽانگ= اٽانگائي واري حالت، ڏکيو حال. وره= وڇوڙو، فراق. ۲۳. لس= سراسر، منڍ کان آخر تائين. وانڇئو= ڏسيو، جانچيو.

٢٤

زاغ ٿُنهنجيءَ ذات جو ٿورو متي مُون
اُڏامِج عَبداللطيفُ چَئي صُبحِ سيڻَن ڏُون
ڪِج وينتيُون وِتريون ٻاجهائيج ٻهُون
تہ: "لالَڻ ڪونہ لهُون، ڄهو تو جَهان ۾."

٢٥

ڦَريبَن جو ڪانگڙو متي تار تِلي
ڳَٽئو ڪيانتو خَبرُون ڪِيرُوُن ڏِيو ڪِلي
لائِي جَنهن لالَڻ سان منهنجي ٻاتِ ٻَلي
سو چشِمَن تي چَلي، جو دَرباري دوستَ جو.

٢٦

ڪَلِي ڪانگا تو ڏِيان، هِنيُون ساڻُ هَٿَن
رهجي [illegible] ڪاءُ وِلاتَ ۾ اڳيان عَجيبنِ
پرين مانَ پڇَوَنِ، تہ هيءُ قُرباني ڪيرُ ٿِئو.

٢٧

ڪانگل ڪوڏُ ٿِيوءِ، جِئَن پِئو آهِين پَٽ ۾
[illegible] ٻيڙڪو نہ سَهِين، اڄُ سارو ڏِينهُ سَنوءِ
پيهي حالُ سَندوءِ، ڪانگنِ ڪانگيرو ڪَيو.

٢٨

هُتِين وَسِيلو وِچَ ۾ ڪانگل پاريئہ ڪانہ
اُتئہ ڪِينَ عجِيبَ ڪي ظاهِرُ ساڻُ زبانَ
توڙِ ٻهُتين تانہ، اوريائِين آٽئو ڏِيين.

٢٩

پريان سَندي پار جو ڪانگل نہ ڪُوڙو
اَچِي وَجِي وِچ ۾ مَتي دَرَ دوُڙو
جو اَندَرِ اوسيڙو، سو لاٿائين لَطِيفُ چَئي.

٣٠

آنديمِ ڪانگُ قَريبَ جيون، اڄُ واڌايُون واهَ
مَنَ مُرادوُن پُنيُون، ٿِيُون سَرهايُون ساهَ
آندا پرين الله، سَڌَ منهنجا صابَ پيا.

٣١

وِئو ڪانگُ لَئِي، واڌائي وِصالَ جي
اَجهي سَجَڻَ آئيا وَڏي ناهِ نُهي
وَيَتَ سَپ وِئي، سيڻَ سَلامتَ آئيا.

وائي

ڳوا ڪان ڪان ڪندا،

وِهـاڻـيءَ وَٽـنِ ۾
مون ڏِٺا، مون وِسهَو، انڌنِ پيچي انڌا
اَچِي عَدالَتَ ۾، ويهِي وَٽُ وِجهَندا
حَلالُ چِڏي هِتِهين مَتي ڏِونڌِ ڏِرَندا
قَتَلِ ڦهيارَنَ تي اوريائين اَڙَندا
سَگَ جيڏاهِين سُرهَو، تيڏانہ نہ تَرَسَندا
هَنڌان هِدايت جي، اُستخوانُ آڻيندا
چِمِڙي وارَ چُهنبَ وِڙِيا، هُماءَ سين نہ هَلندا
هُدهُد پاسي هَنجهڙا وينا ايئَن وِهَسَندا
طالِعَ طائُوسَن جا پسِئو زاغَ پَچَندا
ڪُوڙا ڪِرِفتيءَ تي سَنُون ڏيو سِرِندا
ڪُوڙا ڪانگيرا ڪِئو مُنا تان مَرڪَندا
پَرچِي پاڙهيرينِ سِين، چُوٽو تان چُٽَندا
حَدَ لنگهياڻُون حَقَ جي، ٻنهي پيرين ٻَجهَندا

٢٤. سيڻن ڏون= سڄڻن ڏهون، محبوبن ڏانهن. وينتيون= زاريون. وتريون= گهڙيون. ٻهون= گهڻو. ٢٥. ڪيانتو= خوشي ۽ خير جي خبر ڏيندڙ ڪانگ. ڪيرون ڏيو= مبارڪون ڏيئي. بلي!= واه واه، واه واه جهڙي. ٢٧. ڪانگيرو= گهڻن ڪانون جو مٿان اُڏامڻ ۽ ڪان ڪان ڪرڻ (اڪثر، ان وقت جڏهن ڪو ڪانگ ڦٽڪندو ڏسندا، ورتل ۽ جهليل ڏسندا). ٢٨. پاريئہ ڪانہ= تو ڪانہ پاري، تو پنهنجو وعدو پورو نہ ڪيو. اُتئہ ڪين= تو ڪين چيو. ٢٩. دُوڙو= دُورو= دُولو= دُولهو، دادلو. ٣٠. واڌايون= خوشيءَ واريون خبرون. صاب پيا= سجايا ٿيا، مقبول ٿيا، اگهاڻا. ٣١. لئي= لات ڪري، واڌائي ۽ وصال واري ٻولي ڪري. 'ويت' يا 'وپت'= اڻ ٽڻ، ڪپت. وائي. انڌن پيچي انڌا= انڌا انڌن سان گڏ آهن، سڀ انڌا آهن. وٽ وجهڻ= ڦيرو وجهڻ، سنئين ڳالهہ ڪي منجهائڻ. ڦهيارَ= سنهي مڃي جيڪا ڪائڻ جهڙي ناهي. ڦهيارن تي= نندين بي سود ڳالهين تي. استخوان= هڏا. زاغ= ڪانءُ. ڪرفتي، ڪِرپٽي= گونهہ، غلاظت. پاڙهيري= شڪاري، ماري. چوٽو تان چٽندا= ڪاڏو چڳندا، قوت گذران پيا ڪندا.

داستان ٽيئو

١

نازَ مَنجهارا نِڪرِي جڏِ پِرين ڪَري تو پنڌ
پُون پُٺ بِسمِ اللهِ چَئِي، راهَہ چُمِي ٿي رَندُ
اُپيُون گهٽِي اَدَبَ سِين وني حُورُون هَندُ
مونکي سائينءَ جو سَوڳَنڌ، جِئن ساجَنُ سِيئَان سُنهَٺو.

٢

صُورتَ سَندِيَنِ سالَ، پاڻَ مُصاحِبَ سُپِرين
مَولي ڏِنَنِ مُنه ۾ نُوري نيڻَ نِهالَ
سَندي خوابَ خِيالَ، مُون مَنُ مَستانو ڪِئو.

٣

ڳاڙها ۽ ڳُوڙها، سَجَڻَ ڊراڪَ ڇُڳَنِ جِئن
مُڪائُون مَحَبتَ جا جهاڀا ۽ جهُوڙا
سَچُ ڪِ سَنيُوڙا، سَجَڻَ اَچِي سامُهان.

٤

پاٽُوندَرَ ماڻِڪَ پِرين، عَطَرَ سِين آهِنِ
گهُنڊِڙي نہ لاهِين، سَجَڻَ بَنيي وارَ جِئن.

٥

پاٽُوندَرَ ماڻِڪَ پِرين، عَطَرَ سِين اَمُلَ
مُنهِ گهُنڊِي تَڻَ گِلَ، پوري لوڪَ نہ لَڪِئا.

٦

مُنهِنجِي مَحبوبَنِ، ڪِڇِي ڪِنڙِي ڪانڪا
توٽي اڳلِي آهِيان تان پِي سَندِي تَنِ
جامو ڏيئِي جَنِ، منهنجيون ڍِليون سَڀِ ڍَڪائِيُون.

٧

مُنهنجي مَداين جِي ڪَلَ پِريان پيئِي
ڪَڏهِن ڪوسا نہ ٿِيا ڏوراپو ڏيئِي
ساجَنَ سَيئِي، ڍَڪِئَمِ ڍولَ ڍِلائِيُون.

٨

عَيبَ نہ اَچَڻُ ڏِينِ، مونکي مُون پِرين ڏي
آڏا ٿِئو اڪِين ڪي اُيا ئي آهِنِ
اوڳُڻَ پاسي ٿِين، تہ ڪاٽِياريءَ ڪاڻَ لَهِي.

٩

ڪُهَن ۽ ڪونِين، اِيءَ پَرِ سَندِي سَجَڻين
هِنيين گهُرَنِ اوڏڙا، هَٽَنِ سين ٽِيلِينِ
ڪي ڪَمتَرَ پَرُوڙِين، اِيءَ اَٽانگِي ڳالهڙِي.

١٠

جَنِ رِءَ سَرِي نہ ساهَہ، رَتِي رُسُ مَ تَنِ سِين
هُوءَ ڪَرَهِين ڪُڇِ ڪِيمَ ڪِين، ڪِڇِ سيدُ چَئِي صَلاحَ
ٻِي وِرُوهَڻَ واهَہ، ڪا توکي آهي تَنِ رِي!

١١

آءَ عَجِيبَ اڳِي، ٻُڌُ حَقِيقَتَ حالَ جِي
چَئُہ ڪا باتَ بَيانُ ڪَري تان مُون تَنُ تَڳِي
لالَڻ تو لَطيفُ چَئي ٿي جَنهن سان لَڙهَہ لَڳِي

د-٣-١. سوڳنڌ= قسم. ٢. سال= سراسر سهڻي. مصاحب= صحبت ڪندڙ، صحبت ۽ محبت ڏانهن مائل. ٣. جهاڀا= اهي جهاڀا جن ۾ ننڍڙيون ٽليون هجن ۽ لڏڻ سان هلڪا مٺا واڄا ڪن. جهوڙا= ملس، پشم، ڏاس يا سڻ جا ڪاريگريءَ سان ڳٽيل ۽ ٽوُنرن سان نهيل ٿُلها ڳانا جيڪي اڪثر اٺن جي ڳچين ۾ سينگار لاءِ وجهجن. ٤. پاٽوندر= پٽ جي پوشاڪ وارا، وڏي شان وارا. گهنڊي= گهنڊ، پيشانيءَ ۾ گهنج (ارڏائي جو، لاغرضائي جو). بنيو يا ٻنيو وار= ڪڪوريل وار، پورڙو سهڻو وار. مُنهه گهنڊي= منهن ۾ گهنڊي (ناز واري).تڻ ڳل= ڳلن تي سهڻي مرڪ واري ٽڪ. پوري لوڪ نہ لڪئا= اهڙن اعليٰ وصفن وارن محبوبن کي عام ابوجهه ماڻهن صحيح طور نہ سڃاتو. ٦. ڪڇي ڪنڙي ڪانڪا= منهنجي ڪنهن ننڍڙي عيب ڪي بہ ظاهر نہ ڪيو. جامو ڏيئي= پنهنجو پاند ڏيئي. ڍليون= ڍلايون، اوڻايون. ٧. ڪوسا نہ ٿيا= گرم نہ ٿيا، ڪاوڙيا نہ. ٨. اُياڻي آهين= هميشہ سامهون بيٺا آهن. اوڳڻ= ڪچايون، عيب. ڪاٽياري= ڪاڻ واري ڏوهاري. ڪاڻ لهي= قصور لهي. ٩. هنيين گهرن اوڏڙا= دل سان ويجهو وهارڻ ٽا چاهين. هٽن سان ٽيلين= (ظاهر ۾) هٽن سان ٽيلهي پري ٽا ڪن. ڪي ڪمتر= ڪي ٿورڙا (ڏاها ۽ داناءَ). ١٠. ڪرهين= ڪاوڙ ڪن. صلاح= صلح واري ڳالهه. وروهڻ= ورونهه ڪرڻ، محبت جي پچار ڪرڻ. ١١. جنهن سان لڙهه لڳي= جنهن سان تنهنجي محبت جي تند لڳي.

سو تان مَنجهہِ سَگِي، پُوتو آهہِ پِريتِ سِين.

۱۲

اُٽِي وَڄُ اَندوهَ، دوستَنِ دِلاسو ڪِئو
مَحبوبَنِ مَعافِي ڪِئا، ڏُکُ ڏمَرَ سَڀِ ڏوهَ
جا پَرِ لوهَرَ لوهَ، سا پَرِ سُورَنِ ساڻُ ٿِي.

۱۳

جي ٿي جيءَ گهُرِئا، سيئِي سَڄَڻُ آئِيا
سي سي ڦٽُ ڇُٽِي وِئا، جي ٿي ڪالهہ ڪُرِئا
آٽي اَڻ- ٽُرِئا، دارُون دوست پيارِيا.

۱٤

جِيءَ گهُرِئا جيئِي، سيئِي سَڄَڻُ آئِيا
پَکو مَنُ سَجو ٿِئو، گَڄَ ڳَنڍِئا پيئِي
پيڙ پَري ويئِي، اَڄَڻُ سِين عَجِيبَ جي.

وائي-۱

دوستَ نيٽَانَ جو، دوستُ نيٽَان جو دِلبَندُ لو!
پَلو جيڏِيُون!
هيڏانهن هوڏانهن سُپرين، ڪاڏي وَرايان ڪَنڌُ لو!
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، راهَ پُڇايان رَندُ لو!
ساڄَنُ سَيِڻَان سُونهَٽُو، سائينءَ جو سَوڳَنڌُ لو!
جيڏانهہ عالَمَ آسَرو، مُون پڻ اوڏاهين پَنڌُ لو!

وائي-۲

دلبَرَ آ، دلبَرَ آ، يارَ وو، دلبَرَ آ
سُورُ ٽُنهنجو سُپرين مُونکي آهِ رُوحِ رَهيو
دوستَ دارُون دِلِ کي، تو رءَ ڏِيندو ڪيرُ پِيو.

داستان چوٿون

۱

عِشقُ اِهڙِي ذاتِ، مُنجهائِي مَينَ کي
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُونگَرين، رُئَنِ سَڄِيائِي راتِ
اُٿِيي وِيئي تاتِ، مِيان مَحبُوبَنِ جِي.

۲

آدمِينِ اخلاصُ، مَتائي مانو ڪِيو
ڳوڻہ ڪائي ڪَڏِهِينِ سَندو ماٺهُوءِ ماسُ
دِلبَرَ هِنَ دُنيا ۾ وَڃي رَهندو واسُ
ٻِئو سَڀُ لوڪُ لِباسُ، ڪو هِڪدِلِ هُوندو هيڪڙو.

۳

دِل جو دلبَرُ هيڪڙو، گهڻا تان نہِ ڳَڄَنِ
دِلِ ڏِجي کي هيڪڙي، توڙي سَوَ سِڪَنِ
اوءِ چِلولا چَئِجَنِ، جي دَرِ دَرِ لائِنِ دوستِي.

٤

جِئَن سا ڪانِي ڪانهہ، لهسندي لاٽيُون ڪري
اَڄِي اُپَري اوڇتِي دَردَ پِريان جِي دانهہَ
وِيڄَ ڏِٺِيين چو ٻانهہَ، سُورُ هِنيين کي سامُهُون.

۵

لَڳِيءَ جو لَطِيفُ چئِي نڪو قالُ نہ قِيلُ
لِکِئِي لامُون ڪوڙِيُون، نيٽين وَهي نِيلُ
هِينڙا ٿِيءَ سُڌِيلُ، ڪالهہ قَرِيبنِ لَڏِيو.

٦

ڏَرَ تي ڏُونهين جِيئَن، سُرٻُر سُپيرِيَنِ ڏي
لَڳو آهِ لَطِيفُ چَئِي تَنُ پِريان سِين تِيئَن

۱۲. اَندوه= غم، فڪر، گوندر. سا پر سورن ساڻ ٿي= منهنجن سورن ساڻ بہ ساڳي سختي ٿي (۽ سور پڄي پري ٿيا). ۱۳. ڪُرِئا= سور وارا ٿيا، جن تي ايذاء ڏنا. اڻ- ترِئا= تور کان ٻاهر، تمام گهڻا. دارون= علاج واريون دوائون پيئڻ جون. د- ٤-۱. مين کي= وڏي طاقت ۽ وڏي صبر وارن کي. ڏينهان= ڏينهن جو. ڏورڻ ڏونگرين= ڏونگرن کي ڏورڻ، سسئي وانگر جبل جهاڳڻ، مستانو ٿي جهرجهنگ ڳولڻ. ۲. مانو ڪيو= جهڪو ڪيو، گهٽ ڪيو. واس= خوشبوءِ. لوک لباس= ٻاهريون ڏيکاءُ، رياڪاري. هڪدل= پڪي پختي محبت وارو. ٤. ڪاني ڪانهہ= ڪانهن ٻُوڙي جي ڪاني، ’ڪامون‘ ٻوڙي جو ڪانو جنهن مان تِرُ جي ڪاني سيک ڏيئي ٺاهين. لهسندي= سيک ۾ جلندي. ۵. لڳيءَ جو= محبت جي لئون لڳيءَ جو. قال نہ قيل= چوڻ چائڻ ڪونہ هلندو. لکئي= تقدير واري لکئي، انگ ازل واري لکئي. لامون ڪوڙيون= پير پختا ڪيا. نيل= نيرُ، هنجهون. سڌيل= سڌير، سجاڳ، هوشيار. ٦. ڏر= ڏرتي. سرٻر= دونهين جيئن سڙڻ ۽ رڙهڻ، چُرڻ.

حاصل تِئي هِيئن، قرِينو قرِيبَ جو.

۷

پَرَوَسِ تِئَن پَرياڻَ، پِرين وَسِ نہ پانهنجي
لِڳو كِينَ لَطِيفُ چَئي چِپَرُ چاتِيءَ ساڻ
پِرين ڏيکاري پاڻ، خُوش كَري وِئا خوابَ ۾.

۸

كي اوڏائِي ڏورُ، كي ڏُورُ ئي اوڏا سُپرين
كي نہ سَنيَرِجَن كَڏهِين، كي نہ وِسَرَن مُورُ
مينهن كُنڊِيءَ جِيئَن پُورُ، تِيئَن دوست وَراكو دِلِ سِين.

۹

ماڻهو گهُرَنِ مالُ، آءٌ سَبَ ڏِينهَ گهُران سُپرين
دُنيا تَنهن دوست تان فدا كَريان في الحالُ
كِيَسِ نامَ نِهالُ، پَسَڻُ تان پري ٿِئو.

۱۰

هيرائي هَتِ كِئو هنيَڙو حَبِيبَن
بَڌي كَڇِيءَ ٽَندُ ۾ سَلهاڙِئو سيٽَن
جُهَ وِڌا پيچَ پِرينِ، تہ هِينئَڙو هَٽِيكو ٿِئو.

۱۱

كَڏهِن طاقِيو ڏِين، كَڏهِن كُلَنِ دَر دوستَنِ جا
كَڏهَنِ اچان اچڻُ نہ لهان، كَڏهن كوٺِئو نينِ
كَڏهِن سِكان سَڌُ كي، كَڏ ڳجهاندَرَ ڳرَهِينِ
اِهَڙائِي آهِينِ، صاحِبَ مُنهنجا سُپرين.

۱۲

جَڏانهِ كَرَ جانِي، سَجَڻَ سانگِ سِڌارِئا
راتِيان راحَتَ ناهِ كا، ڏِينهان حيرانِي
آئُون پَنهنجي پِرينءَ تان كوڙِين قُربانِي
رَضا رَبانِي، نا تہ كَريان وَسُ وِصالَ كي.

۱۳

جَڏانهَ كَرَ تِيامِ، ساجاءِ سُپيرينِ سِين
تَڏانهَ كَرَ تِرَ جيتَرو ويلَ نہ وِسِرِيامِ
اَندَرِ رُوحَ رَهِيامِ، سَجَڻَ اوطاقُون كَري.

۱۴

اَڄُ پُڻِ اَنگِئَمِ اَنگَ، هَٿان حَبِيبَن جي
ساجَنَ رِءَ سَرتِيُون رُوحَ نہ رُچَنِ رَنگَ
جانِي آيو جُوءِ ۾ مَنجهان نِيهَ نِسَنگَ
جا پَرِ ساٿِيءَ سَنگَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئي.

۱۵

اَڄُ پُڻِ جُڙِيَمِ جوڙَ، دوستُ پيهِي دَرِ آئِيو
سُكَنِ وَنِي ڏُكَنِ كي مَحكَمَ ڏِنِي موڙ
جا پَرِ كَٽِرِيءَ كوڙَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئي.

قرينو= محبوب سان ويجهائي واري نسبت. ۷. پرياڻ= پهہ، رٿ، صلاح. ۸. پُور= كنڊي مينهن جي سڱ جو صفا گول ونگ. ۹. نهال= خوش، ٺڙيل. ۱۰. سلهاڙيو= پاڻ سان گڏ ٻڌو. ۱۱. طاقيو ڏين= طاق پچائي در ڏيئي چڏين، در صفا پوري چڏين. ڳجهاندر ڳرهين= مون سان ڳجهو ويهي ڳالهين. ۱۲. سانگ سِڌارِئا= سانگ تي ويا، پري هليا ويا (سانوڻ جي مينهن ۾، مال وارا ماڻهو پنهنجو مقرر ماڳ ڇڏي، جتي گاهہ ٿيو هوندو اتي وڃي مال سانگي ويهندا). ۱۳. ساجاءِ= ادب ۽ محبت واري ڏيٺ، سڃاڻپ. ۱۴. انگئم انگ= منهنجا انگ انگجي ويا، منهنجو جان جسم سندن نظر ۽ رک هيٺ اچي ويو. (اَڻ جون راهون، ڦٽيون، يا ٻيو كو مال انگي ڇڏيندا، ان تي اكر يا نشان كڍي پنهنجي رک ۽ حفاظت هيٺ آڻي ڇڏيندا، جئن ٻيو كو ان كي هٿ لائي، چوري ڦوري، كٽي نہ سگهي). جا پر ساٿيءَ سنگ= ساٿي جيكا ريت سنگ سان ٿو كري (سارين، كٽك وغيره جو ساٿو كندا، موڙيون ٺاهي. سنگن واري چوٽي تختي تي سٽيندا، جنهن سان سنگ سڃي ختم ٿي ويندا، انهن مان داڻا ڇٽي جدا ٿي ويندا). ۱۵. جڙيم جوڙ= منهنجي سَبَ سَولي ٿي، منهنجي اميد پوري ٿي. محكم= مضبوط. موڙ= مروٽ. جا پر كٽريءَ كوڙ= جيكا پر كٽريءَ جي كوڙ ڏيڻ جي ('اِستري' جي ايجاد ٿيڻ كان اڳ، كپڙي ڌوئڻ بعد كٽري ان كي ٺهہ كندو هو ۽ هر تهہ تي مٿان مگرو يا مهرو هڻندو هو تہ سَر نكري سڌا ٿين. پڻ گهٽن كپڙن جو سٿو كري مٿان مُگرا هڻندو هو).

١٦

ڏاڙَ مون ڏيکارِئو هوٿَنِ جو حُضُورُ
پرِين پَرچَڻَ جو ڪِئو موڻائي مذڪُورُ
اِيءُ دوستَنِ جو دَستُورُ، جِئَن چنان چِنَنِ ڪِينڪِين.

١٧

شُڪُرُ گِڏئاسُون سَجڻين، جي جانِبَ جانِي يارَ
ويني جَنِي وَٽِ ۾، ڪوڙِين ٿِئا قرار
ڏِٺي ڪِجُ مَ ڏارَ، پاڙو ٿَنِ پرِينِ ڪان.

١٨

جِيري جاڳاٽي، شُڪرُ گَڏِياسُون سُپرِين
لاٿو گَس قُلوبَ تان اَچِي ساجَنَ سياڻي
هِنيڙي ڪي هاٽي، عَجِيبَنِ اُجارِيو.

وائي

مَولو گَندو ماڙِ،

مُنهنجِي الله گَندو ماڙِ
هادِي ڏيئِي هَٿڙا اَچِي چِڪَڻُ مان چاڙِ.

❖

١٦. مذڪور= ذڪر. چنان= آءٌ دوستي چنان. چنن ڪينڪي= تہ بہ پاڻ محبوب دوستي نہ چنن. ١٧. قرار= آرام، راحتون.
١٨. جيري جاڳاٽي= جيئري جاڳندي، جڏهن حال حيات آهيون تڏهن.

سُر سامونڊي

موضوع جي اعتبار سان سر سامونڊي جا ٻہ رخ آهن، هڪ تاريخي ۽ ٻيو سماجي. تاريخي لحاظ سان، هيءُ سُر ڪنهن سمي سمنڊ ذريعي سنڌ جي واپار جي اهڃاڻن ۽ اصطلاحن ۾، هتان جي پيشہ- ور وڻجارن (پرڏيهہ ويندڙ واپارين) ۽ ٻيڙياتن ناکئن جي سمنڊ وارن سفرن ۽ ڪشالن جو يادگار آهي. سماجي لحاظ سان، هن سر ۾ وڻجارن جي پرڏيهہ وڃڻ سببان وڇوڙي ۾ سڄڻن جي سڪ ۽ پيارين گهر وارين جي ڳڻتي ۽ اوسيڙي جو ماحول سمايل آهي.

داستان پهريون

١

ڳُوها ڪالهہ ڳٽِي، وِڌئُون اُتَرَ آسَري
اللهَ جُهرِي مَ اُنِ جي اولي جِيءِ اَڙِي
وَڻِجارَنِ وَٽِي، وَکَرُ وِڌو ٻيڙِيين.

٢

آئِي اُتَرَ مُندَ، هِنيين اُدَکو نہ لَهي
وَٽِين لاڄُو بَندَ، ٻيهَرَ مَکِين ٻيڙِيُون.

٣

لڳِي اُتَرَ هِيرَ، سامُونڊِين سِڙهہ سَنباهِيا
نَنگَرَ ڪَڍِي ناکُئا، ٿِئا سَٽائي سِيرَ
هِنيَڙي نِتُ اُڪِيرَ، ڪاري ـــ ڪيڙائُن جِي.

٤

لَڳِيي اُتَرَ اوهَرِئا، واهُوندي وَرَنِ
آءُ گهڻو ئِي گهورِيَان، سَودو سامُونڊِينِ
اَڳڻِ جَنِ اَڇَنِ، عِيدَ وَرُ ٿِئي اُنِ ڳي.

٥

ڳُوها ٿا ڳڻَنِ، وَڙِڪَنِ اُيِيُون وائِنِيُون
سانباهي سَمُونڊرَ جِي ڪالهُون پوءِ ٿا ڪَنِ
تون نہ پُڇَندِينءَ ٿَنِ، جُه ڳٽِي سِڙهہ سِير ٿِئا.

٦

سامُونڊِري ٿُون سَنبَهِي، ساڄو جَهلِ سُڪاڻُ
لَڳِي واءُ وَڏاندَرو، مُنجهائي مِهراڻُ
جَنِي ڀانيو ڀاڻُ، ڪَري ٿوائِي ٿَنِ ڪي.

١-١: ١. ڳوها= ٻيڙيءَ جي وچ تي مضبوط ڏگها ٿنڀا جن تي سڙهہ ڪڇن. ڳوها ڪالهہ ڳٽي= ڪالهہ ڳوهن تي سڙهہ ٽنيائون، چاڙهيائون. وڌئون= ٻيڙءُ ڪي درياهہ يا سمنڊ ۾ هاڪارِيائون. اتر آسري= اتر جي هوا جي آسري تي (جنهن جي لڳڻ سان سڙهہ زور ڀريندا ۽) ٻيڙي سنئين رخ تي هلندي. اولو (جمع، اولا) = ٻيڙي جي پاسن سان ٻڌل ڪاٺ جا اُهن جن جون چوٽيون ٽاڻن مثل جيڪي پاڻيءَ کي پوئتي ڌڪين، ۽ ٻيڙي اڳتي هلي. اَڙي= چوٽي. وڻجارن= پرڏيهہ جي واپارين. وَٽي= ڏٽي، چونڊي. وکر= سودي واپار جو سامان. ٢. اتر مند= اتر جي هوا لڳڻ جي موسم، سيارو (جڏهن سمنڊ ماٺ ٿئيءَ ٻيڙيون هاڪارجن). ادڪو نہ لهي= اندر جي ڳڻتي نہ لهي، لاڄو، لاڄو بند= ٻيڙين جا رسا ۽ انهن رسن جي سلسلي جا ٻيا سڳا. ٻيهر مکين ٻيڙيون= ٻيو ڀيرو ٻيڙين کي مَکُ پيا ڏين (سيارو پورو ٿيو تہ ٻيڙيون پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍي، انهن کي مک ڏيئي رکندا. اهو پهريون مک، وري جڏهن ايندڙ سياري ۾ ٻيڙيون پاڻي ۾ لاهيندا تہ لاهڻ کان اڳ انهن کي ٻيهر مک ڏيندا). ٣. لڳي اتر هير= سياري جي هوا شروع ٿي. سڙهہ سنباهيا= (ٻيڙين تي چاڙهڻ لاءِ) سڙهہ تيار ڪيا. ننگر ڪڍڻ = پاڻيءَ جي تري ۾ کُتل ناتاري ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ ۽ ٻيڙي کي هلڻ لاءِ آجو ڪرڻ. سٽائي= سولي، موافق هوا واري. سير= پاڻي واري واٽ. ڪارو= سمنڊ ڪيڙائو= سمنڊ جو سفر ڪندڙ. ڪاري ڪيڙائن جي= سمنڊ جو سفر ڪندڙن جي. ٤. اتر= اتر جو واءُ (جيڪو سياري جي شروعات کان لڳي). واهوندو= اولهہ- ڏکڻ جو واءُ (جيڪو سياري پوري ٿيڻ تي لڳي). اوهريا= ٻيڙيون هاڪاري هليا، روانا ٿيا. گهوريان= گهوري ڦٽو ڪريان، ٻن وڃهان. ور= مَرُ، ڀل تہ. ٥. ڳوها ٿا ڳڻن= ڳوهن تي سڙهہ ٿا چاڙهين (رواني ٿيڻ جي تياري ٿا ڪن). وڙڪن= لُڏن لمڪن، ڦڙڪن. وائڻيون= ڳوهن جي چوٽيءَ ۾ يا ٻين جاين تي ٻڌل ننڍڙيون سنهڙيون جهنڊيون. سانباهي= سنبت. سير ٿيا= وڏي سمنڊ ۾ پيا. ٦. سامونڊري= اي ناکئا. تون سنبهي= (وڏي سمنڊ ۾ آهين سو) تون تيار ٿي، پاڻ سنڀالي سجاڳ ٿي. ساڄو جهل= سولو ڪري جهل. سُڪاڻ= ٻيڙيءَ جي پويان وڏو ڏگهو اڀو تختو جنهن کي پاسي تي ورائڻ سان ٻيڙي جو رخ بدلائي سگهجي. وڏاندرو واءُ= وڏو سخت واءُ، طوفان. مهراڻ= (اصطلاح طور) سمنڊ، درياءُ. منجهائي مهراڻ= مهراڻ منجهائي، سمنڊ زور وٺي ۽ ناکئن کي حيران پريشان ڪري (اُن وقت جڏهن وڏو واءُ ٿو سمنڊ ۾ پوي).

٧

سَمُنڊَ ڪِينَ سُڪَنِ، ڪوڙين جي ڪائو ٽِئي
پاڻيءَ سين پيڪُ ڪِئو تيلاهه وَڻجارَنِ
لَعلُون سي لَهَنِ، جَنِي سَودو سَچَ سِين.

٨

نَوان پِنجَرَ پانجرِي، نَوان سڙهه کُوها
بَندَر صَحِيءَ هُوا، ڪا نه وِهايُون وَڪِري.

٩

لُڙُ لَهريُون لَسَ ليٿ، جِتي اَٿُ نه آبَ جو
اللهُ اُتِ مَ اولِيِينِ ٻيڙا مَٿي ٻيٺ
جوکو ٿيي مَ جڙاوَ کي، ڦَرَهي اچي مَ ڦيٺ
لَڳي ڪا مَ لپيٺ، غارِيبي غوراب کي.

١٠

وَهَه تِکَ، وَهڪُرا، جِت نَنگَرَ نه ٺَهَرَنِ
وَڏانڍَرِيُون وَهَه سامُهِيُون جَجهي جورَ جُنبَنِ
نيڍُوءَ ۾ ناتارِيُون وَڻجارا وِجهَنِ
مُلا مُعَلِمَنِ، مُون ڳِري سُئِي ڳالهڙِي.

١١

ڊَنگِي مَنجهه ڊَريا، ڪِينِ ٻُڏي ڪِينِ اُپڙِي
هُو جي وادِي واٽِئا سي سُونهَڻَ سَڀِ سَڙِيا
مُعَلِمَ ماڳِ نه اڳِيين، فِرِنگِي مَنجهه ڦِريا
مَلاحَ تُهنجِي مَڪَرِي اَچِي چورَ چَڙهيا
جِتي ڊِينگَ ڊَرِيا، تِتي تارِي تُنهِنجِي.

١٢

اِيءَ گَتِ غَواصَنِ، جِئَن سَمُنڊُ سوجهيائُون
پيهِي مَنجهه پاتارَ جي ماڻِڪَ ميڙِيائُون
آٽِي ڊِناڻُون، هِيرا لَعلَ هَٿَنِ سين.

---

٧. ڪائو= پاڻي جي لاٽ (ڪاري جي ٻولي). ڪائو ٿيڻ= پاڻي ۾ لاٽ اچڻ. پيڪ= واسطو، واهپو. چاهه، محبت. لهن= حاصل ڪن. ٨. پنجر= کوهي جي چوٽي وٽ پڃري مثل ويهڪ جي جاءِ، جتي 'پانجري' ويهي. پانجري= جيڪو مٿي پنجر واري جاءِ تي ويهي ۽ پري پري پاڻيءَ ۾ مڇي وغيره جي جانچ ڪري ۽ هيٺين کي ٻڌائي. صحي هوا= بلاشڪ اتي هئا. ڪانه وهايائون وڪري= پر ڪو وڪر ڪونه وهايائون. ٩. لڙ= کوهيري مثل لڙاٽ جنهن ۾ پري نظر نه پوي. لهر (جمع لهريون)= درياءَ جي پاڻي ۾ تکي وهڪ، ڊگهي مسلسل چولي. سمنڊ ۾، 'لهر' ڪناري کان پري وڏي سمنڊ ۾ ٿيندي پر ڪناري جو اهڃاڻ ڏيندي. لهر جو رخ هميشه ساڳيو هوندو. سنڌ لاڳو سمنڊ ۾ لهر، (تارن جي حساب سان) 'سَئِيل' کان شروع ٿيندي جنهن جي رخ سان ناکئا ٻيڙي ڪناري ڏانهن آڻيندا. لس= بنا چولي جي پاڻي جي ماٺي سطح. ليٺ= پاڻي جي اٿل پٿل، چولي تي چولي. اٿ= انت، ڇيهه. اولڻ= پاڻيءَ ۾ اڻانگي طرف ٺيلهڻ، اٽائي واءُ سببان ٻيڙين کي بندر يا ڊوڪ (بيهڻ ۽ بچاءَ واري جاءِ) جي ٻدران ٻئي طرف ڦيرڻ. جڙاو= جهاز يا ٻيڙي جي جڙاوت، پاسن وارا جَڙيل ڦرها ۽ پاٽيا. لپيٺ= پاڻي جي وڏي چولي جو زوردار ڌڪ. غاريبو غوراب= ٿوري خرچ سان ٺهيل سادو سستو ٻيڙو. غوراب= هڪ خاص قسم جو ننڍڙو ٻيڙو، ننڍو جهاز. ١٠. وَهَه تِکَ= پاڻي جي سير ڪي تک. جت ننگر نه ٺهرن= جتي لنگر پوريءَ طرح لڳي نه سگهن. وڏانڍريون= وڏيون ٻيڙيون. وَهه سامهيون= پاڻيءَ جي تک جي آڏو. ججهي جور= وڏي زور سان. جُنبن= جُنبي هلن، پاڻي کي چيري هلن. نيڍو، ڏکڻ طرف هندوستان جي ڪناري وارو هڪ پاڳو (عام روايت 'نيڍؤ جي نار'). ناتاريون وجهڻ= لنگر انداز ٿيڻ. ملا= وڻان. معلمن= ناکئن ڳري= ڏکي، ڳٽتي واري، ڊيڃاريندڙ. سُئي= ٻڌي. ١١. ڊنگي= ٻيڙيءَ جو قسم. اُپڙي= ('ٻُڏي' جو ضد) پاڻيءَ جي سطح تي ڪجهه مٿي ٿئي. واٽئا= هڪ ٻئي پران لاڳيتا ڳتيا، ٺوڪيا ۽ پچايا. سونهڻ= ڪاٺ جون ڪليون جن سان تختا ٺوڪي پچائجن. معلم ماڳ نه اڳئين= ديسي ناکئا اڳئين ماڳ تي ناهِن، اڳئين اوج تي ناهن. فرنگي= 'فِرنڪ'، يورپي جهازن وارا. ملاح= اي ناکئا! مڪريءَ= ٻيڙيءَ. ڊينگ= وڏيون شاهي لهريون. ڊريا= مٿان وريا. ١٢. گت= رسم، چال. غواص= پاڻيءَ ۾ وڏي ٽٻي هڻندڙ، پيشه ور ٽوبو. سوجهيائون= پَهه ڪري جانچيائون، رٽ ڪري ڳوليائون. پيهي= اندر اونهي پاڻي ۾ ٽٻي ڏيئي. پاتار= اونهو پاڻي. ماڻڪ ميڙيائون= سچن سپن وارا ماڻڪ موتي هٿ ڪيائون. هيرا لعل= سنڌ ۾ سامونڊي ناکئن جي روايت موجب ڪن جاين تي سمنڊ جي تري ۾ ٽڪريون آهن جن مان هيرا ۽ لعلون هٿ اچن ٿيون.

١٣

آچاڙا عَمِيق جا گَڏِيا غواصَنِ
جُهڙيُون جهاڳي آئِيا، ڪارُونيارَ ڪُنَنِ
سَمُنڊرُ سوجهي جَنِ، آڻي اَمُلَ اولِئا.

١٤

وِئا جي عَمِيق ڏي، مُنهِ ڪائو ڏيئِي
ٽَنِ سِپُون سوجهي ڪڍِيُون پاتاران پيئِي
پَسَندا سيئِي، اَمُلَ اَکڙِيُنِ سين.

١٥

سِڙهه سَنوان، لاڄُو لَوان، اولا سَندَنِ عاجَ
ساٿي سَقَرِ هَلِئا يَري جُنگَ جَهاجَ
حاصِلُ ڪَريين حاجَ، واحِدَ وَڻجارَنِ جي.

١٦

سِڙهه سَنوان، لاڄُو لَوان، مُهاڻا سَندَنِ مِيرَ
ساٿِي سَقَرِ هَلِئا، ٿِئا سَٽاوا سِيرَ
جي اَچَنِ ساڻُ اُڪِيرَ، سي ٻيڙا رکِين ٻاجَهه سين.

١٧

سِڙهه سَنوان، لاڄُو لَوان، مَتِنِ مُهاڻا مَلَ
جي اَچَنِ آبَ اُڇَلَ، سي ٻيڙا رکِين ٻاجَهه سين.

١٨

اَچَنِ سِڙهه اُپڙَئا، مَتِنِ مُهاڻا مِيرَ
جي اَچَنِ اُپِي سِيرَ، سي لَنگهائيج لَطِيفُ چَئي.

١٩

ناکُئو نِگهبانُ، مُنجي مُعَلِمُ خبَرُون
جَنِ ساري گَنيو سَمُنڊرَ ۾ سَفَرَ جو سامانُ
لُطفَ ساڻُ، لَطِيفُ چَئي، ٽَنِ لَنگهِئو طوفانُ
سَنياري سُبحانُ، وَيجي عَدَنِئُون اُڪَتا.

٢٠

مُعَلمَ سُڪاڻِينِ ڪي، اُيو ڪَري سَڏَ
ٽَري هيٺِ طَنابَ جي کِئو کَڙکو ڪَڏَ
هِيءُ مالُ پُهچي مَڏَ، جو پاڻُ پَرائو چاڙهيو.

٢١

مُعَلمُ سُڪاڻِينِ ڪي اُيو ٻُرهَي حالُ

١٣. آچاڙا= پاڻيءَ جون آڏيون وڏيون چوليون ۽ لهرون. جُهڙيون= لاڳيتو مينهن، جهڙيون ڦڙيون، طوفان (جُهڙي ڦُڙي جمع جهڙيون ڦڙيون). جهاڳي آئيا= لنگهي آيا. ڪارونيار ڪنن= ڪنن جي ڪارونيار، ڪنن جي ڪاراڻ (ٻاڇي سببان، ڪنن ۾ ڪاراڻ)، ڪُنن واري ڪارونيار ٻه جهاڳي آيا. اولئا= پاڻي ۾ اندر ٽيلهي ٽيلهي گڏ ڪيا. ١٤. عميق= اونهو پاڻي جيڪو ٻارهن وامَن کان ٻاهر هجي؛ ٻارهن وامن اندر سوتانگهو چئبو. (وام= ماڻهوءَ جي جسم ۽ ٻن ٻانهن جي ويڪر). منهن ڪائو ڏيئي= پنهنجي منهن کي آڏو ڪائو ڏيئي (ٽوٻا ان وقت منهن آڏو ڪو خاص شيشي وارو نقاب يا ٽوپ پائيندا هئا). پسندا سيئي=اهي غواص يا ٽوٻا وڏي ملهه وارا موتي ڏسندا ۽ هٿ ڪندا. ١٥. عاج= عاج جا (سهٽائيءَ جي لحاظ سان، ڪاٺ جا سهٽا مضبوط اولا جن تي عاج جي جڙاو ۽ چٽسالي ٿيل هجي). جنگ جهاز= وڏا جهاز، 'جنگ' قسم جا جهاز، چين مان آندل 'جنڪ' جهاز. حاصل ڪريين حاج= اي الله، تون انهن وڻجارن جي حاجت پوري ڪرئين، رٿيل مراد پوري ڪرين. ١٦. سٽاوا ٿيا= سولا ٿيا. سي ٻيڙا رکين= اي ڏٽي! اهي ٻيڙا سلامت رکين. ١٧. مهاڻا مل= وڏا پهلوان مهاڻا. جي اچن آب اڇل= جيڪي وڏي سمندر ۾ پاڻي جي وڏي اڇل جي سامهون اچن ٿا. ١٨. اچن سڙهه اپڙئا= مٿي چڙهيل سڙهه نظر پيا اچن. مٿن مهاڻا مير= انهن ٻيڙين جا ناکئا وڏي شان وارا آهن. اچن اُپي سير= جيڪي اپي سير وٺيو پيا اچن. ١٩. منجي= موڪلي، اماڻي. عدنئون= عدن کان. اُکتا= نِڪتا، پهتا، اڳتي وڌي ويا. ٢٠. سڪاڻين کي= سڪاڻ وارن کي، جيڪي سڪاڻ جهلي ٻيڙا هلائين. طناب= رسي، مفاصلي جي ماپ جي رسي. ٽري هيٺ طناب جي= ٻيڙي جي ٽري هيٺان هڪ طناب جي مفاصلي تي. ڪڏ= ڪَڏي، سمندر ۾ ڪٿي هيٺ ٽڪر آهن جن مٿان اڇڙا ڪوڏ (جيت) لڳل، جيڪي ڪڙڪا يا آواز ڪن، اهي جايون خطري واريون جو ٻيڙا هيٺ ٽڪر سان لڳي ڀڄندا: ناکئو سڏ ڪري ٿو سڪاڻين کي چوي ته ٻيڙيءَ جو رخ ڦيرايو جو هيٺان ڪِڏي جو ڪڙڪاٽ آهي. پهچي مڏ= مڏ تي پهچي، بندر واري گدام تي سلامت پهچي. ٢١. ٻُرهي= ٻڌائي. بيان ڪري.

اورڙان انگريزيءَ پُورئو، پَرڙان پُوري پالُ
وِچَ ۾ وَاگهيرنِ جي چارئي پَهَرَ چالُ
هِيءَ مَڏَ پَهُچي مالُ، جو پاڻَ پَرائو چاڙهئو.

٢٢

اوريان ئِي آڻين، ميڙئو مُعَلِمَ خَبَرُون
سا تان سُڌِ نه ڏِينِ، جِتي وَهُ ويڏَ ڪَري.

٢٣

سِڙهه تي سِبياڻُون، بَندَرَ جَنِ تَڙَنِ تي
مُلا مُعَلِمَ خَبَرُون پُڇي پُورياڻُون
سُتَرِ سُونناڻُون، اوتَرِ ڪَنهِ نه اولِئا.

٢٤

سِڙهه تي سِبياڻُون بَندَرَ جَنِ تَڙَن تي
سِڙهه سِبي ساجا ڪري، ڳُوها ڳنياڻُون
بَيرَقُون بَحَرنِ ۾، ڇوڙي ڇڏياڻُون
لَهرِيُون لنگهياڻُون، لُطف ساڻُ لَطِيفُ چئي.

٢٥

سِڙهه تي سِبياڻُون، بَندَر جَنِ تَڙَنِ تي
ڳُوها، سِڙهه، اوليُون، قُلميُون ڳياڻُون
آيَلِ تَن آڻُون، موٽَئو ڪِينَ وِسَهان.

٢٦

بَندَرَ باروبار، مُلُ نـه مَلِي- بارِيين
فَقِيراڻي پار، اَمُلَ ڏِينِ اَتورئا.

٢٧

بَندَرَ ديسان ديس، مُلُ نه مَلِيوارِيين
فَقِيراڻي ويس، اَمُلَ ڏِينِ اَتوريا.

٢٨

بَندَرَ جان پَئي، سُڪاڻِيا مَ سُمَهو
ڪَپِرُ تو ڪُنَ ڪَري، جِئَن ماڻي مَنجهه مَهي
ايڏو سُورُ سَهي، بِندرَ نه ڪجاهُ ناڪُئا!

٢٩

سُتا سَبِ پَئي، سَندي مُعَلِمَ آسَري
اَئِين پُڻُ سُمهو ناڪُئا، بَندَرِ ناهِ پَئي
جَن جي لائِقَ لَج ڪَنئِي، سي سُتَرِ سَيبئِي ٿِئا.

اورڙان= سنڌ واري پاسي کان. پورئو= هليو، آمد و رفت ڪئي. پورئو= جهازراني ڪري رستو جهليو. پريان= پرئين پاسي کان (هيٺ بمبئي واري پاسي کان، يا اڃان بہ ڏکڻ هندوستان واري پاسي کان؟). پال= پورچوگال يا ٻي ڪا مغربي طاقت مثلاً ڊچ يا فرينچ (وڌيڪ تحقيق طلب). وچ ۾=غالباً ڪڇ ۽ گجرات واري ڪناري سان واگهيرن (واگهيلن) جي چارئي پهر چال= سامونڊي ڦورو واگهيلا تن جي اچ وچ (هن وقت ڪڇ جا واگهيرا ۽ ٻڍالا مسلمان آهن، جيڪي جکائو ۽ ڪوٽيسر واري ڪناري سان رهن ٿا ۽ ٻيڙين ۾ هلن ٿا. اها ڳالهه مشهور آهي تہ اڳ واگهير ۽ ٻڍالا سامونڊي ڌاڙيل هئا). ٢٢. جتي وهه ويڏ ڪري، جتي سمنڊر سخت ٿئي ۽ وڏي تڪليف ڪري. ٢٣. سُتر= سولو ٺڙ. سونناڻون= جانچيائون، رخ ۾ رکيائون. اوتڙ ڪنهن نہ اولئا= ڪنهن اوتڙ ٺيلهجي نہ ويا، اولجي نہ ويا. ٢٤. بيرقون= جهنڊا. ٢٥. قلمي (جمع. قلميون)= هڪ سڙهه جو نالو. آيل= اي امان. تن موٽئو ڪين وسهان= آءٌ تن کي وسهان ئي ڪانہ ٿي تہ ڪي موٽندا، وري مون وٽ ايندا. ٢٦. باروبار= هر 'بار' تي. بندر باروبار= بندر تہ هر 'بار' تي آهن، جتي ڪٿي 'بارن' تي آهن. ملي- بارِيين= اهي بندر جيڪي 'مَلي' نالي 'بار' تي آهن. مل نہ ملي- بارِيين= جيڪي 'ملي' جي 'بار' وارا بندر آهن، تن جو ملهه ئي ڪونهي. (لغت جي لحاظ سان لفظ 'بار' جي معنيٰ وڌيڪ تحقيق طلب آهي. غالباً 'بار' اها پيٽي جتي ندي اچي ڇوڙ ڪري ۽ هڪ قسم جي ڪاڏي يا 'نار' ٺاهي جنهن مان ٻيڙين جي اچڻ وڃڻ جي سهوليت ٿئي ۽ 'بندر' جو بنياد پوي. ٥- صدي هجري (١١- عيسوي) جي شروع ۾ سنڌ جي سامونڊي ڪناري وٽ سنڌو ندي جي هڪ ڇوڙ جو نالو 'منهن برا' (يعني 'منهن بار' يا 'منهن باري') آيو آهي. اڃا تائين 'باري' 'واري' ۽ 'ٻاري' وارا نالا موجود آهي، مثلاً ڪيڏي- واري، گهوڙا- ٻاري وغيره. ڏکڻ هندوستان وارو 'ملبار' اصل ۾ 'ملي- بار' آهي، ۽ هن بيت ۾ انهيءَ 'ملي بار' (ملبار) وارن بندرن جو ذڪر آهي. اتورئا= بنا تور جي، تور کان ٻاهر، گهڻا. ٢٨. پئي= خطري وارو وقت (بندر تائين پهچڻ لاءِ). ڪپر= ڪپر وارو پاسو، ڪناري وارو پاسو. ڪُن ڪري= پاڻي جا خطري وارا گهمرا ڦيرا ڪري. جئن ماڻي منجهه مهي= جئن ماٽي ۾ ماناڻي مهي کي ولوڙي. ٢٩. لائق=ذاتي تعاليٰ. لج ڪنئي= لج جو بار ڪنيو، عزت آبرو جو بار ڪنيو.

٣٠

ٻيڙِياتا ٻيئِي، تو نہ ڦٻنِديون ڳالهڙيون
سَڄِيون راتِيُون سُمَهين پَرُ سُکانُ ڏيئِي
مُندَ وِڃائِي مالَ جي وڻجارا ويهي
سِيان سَپيئِي، پارَ پُڇَندِيُون خَبَرُون.

٣١

سامُوندِرِينَ سَعيو، سَدائِينَ سَفَرَ جو
کو ڏيهُہ چِتايو، اُونهين وَڃنِ اوهَرِئا.

٣٢

کيڙائُنِ کارو، سَنجهيئِي سارِئو
آيَلِ اُمارو، آهِنِ پرِيين پارَ جو.

٣٣

کاري کيڙائُو، مَتِي مِني موٽِئا
سودو کَنِ نہ سون جو، وَڏا وِهائُو
موتِي جي مِهرانَ جا تَنِ ۾ طاماتُو
سامُونڊِري سائُو، لَکا لُوپي آئِيا.

٣٤

لَکا لَکا کَنِ، لَئِہ لَکا جي اوهَرِئا
سُٽِي سونُ لَکاءَ جو، سُکُ نہ ساموندِرِينَ
پِرهَہ پَکِهہ چوڙِيا، کاري کيڙائُنِ
وَڏي ياڳِ پِرَنِ، جي کَهيا کارُونِيارَ ڏي.

٣٥

هَڙَ ۾ کِينَ هُئُونِ، هُنهين هُنِ نہ چاڙهِئا
تَرَسَندي تَڙَنِ تي لَهِي سِڄُ وِئُونِ
جَڏِ سائِين سَبَبُ کِئُون، تَڏِ سُتَّرِ تِئا سَيدُ چَئي.

٣٦

وِساٽُو سو واءُ، جَنهِ پَرِ دِرِجَن ناکُئا
پِيئِي کَرَ کُنَنِ ۾، اُجهاٽو اوڙاهُ
اَچو اِنَ تَڙاءُ، تہ سامُونڊِرِيا سُکِ ٿئو.

وائي-١

تَڙَ نِهارِيان تي، منهنجا بَندَرِ وِئڙا جي
مانَ سِڙهہ سُڄاڻان سَڄَڻين
اُپي اوسَهِہ پائِيَان، کارَڻِ وَڻِجاري
گهٽو اُکَندِي آهِيَان، پِرِينءَ پَنهنجي کي.

وائي-٢

تُون تان گرهَڙَ پائِي لَڄُ،

---

٣٠. ٻيڙِياتا= ٻيڙيءَ جا ناکئا. ٻيئي ڳالهڙيون= ٻئي ڳالهيون، هک سمهڻ ۽ آرام ڪرڻ، ۽ ٻيو جفاڪشيءَ سان نفعو ڪمائڻ. ٣١. چتايو= نظر ۾ رکيو. اونهين= وڏي سمندر ۾. اوهرئا= ٻيڙا هاڪاري هليا پيا وڃن. ٣٢. کاري کيڙائن= کارو کيڙيندڙن، سمندر ۾ گس ۽ واٽون ڪندڙن (هاري زمين ٿو کيڙي، يعني زمين کي هر سان جاٽرون ۽ اوڙون ٿو ڏئي، ۽ پيرن هيٺان ٿو ڪدي؛ تيئن کارو کيڙيندڙ سمندر ٿو کيڙي، سمندر ۾ ٿو اچي وڃي، سمندر ٿو لتاڙي ۽ ان ۾ گس واٽون ڪري). اُمارو= پوري پڪي ارادي وارو ترت سانباهو. پرئين پار جو= پرئين ڪناري تي پهچڻ جو. ٣٣. متي مني موٽئا= سمندر جهاڳي بندر تي پهتا جتي منو پاڻي آهي؛ پنهنجي ديس واري بندر تي جتي منو پاڻي آهي، موٽي آيا. وهائو=سامان سوديندڙ، وکر وٺندڙ. طاماعو= تن ۾ انهن جي طمع آهي. سائُو= وڏي صبر وارا، حوصلي ۽ ارادي وارا. گهڻ- سهو (جيکي تڪليف جي شڪايت ئي ڪانہ ڪن). لکا= پرلڪا، پرلڪ شهر ۽ بندر (سوماطرا جي اُترنديين ڪناري تي، ساموندرا جي پادشاهي جي گادي جو شهر ۽ بندر). لوپي آئيا= مال ملڪيت گڏ ڪري آئيا، وڏو نفعو ڪمائي آئيا. ٣٤. لکا لکا کن= وڻجارن کي 'لکا' جو نالو ئي زبان تي آهي، 'لکا کي پيا هرهر ياد ڪن. سٽي سون لکاءِ جو= 'لکا' جي سون جي ڳالهہ ڏي (تہ اتي گهڻو سون آهي). پرن= موٽي اچن ۽ اچي گڏجن، موٽن ۽ ملن. ٣٥. هڙ ۾= ڳنڍ ۾، پاڻ وٽ هٽيکو ٻڏل ۽ موجود. هونهين= بنا ڏيڻ جي، مفت. ٣٦. وِساٽو= بند ٿي ويو. کنن ۾ کر پيئي= کُنن جو زور وارو پاڻي لهي ويو. اجهاٽو= ماٺ ٿي ويو. اوڙاهہ= اوڙاهي، سمندر جو وڏو طوفان جنهن ۾ پاڻي وڏو چاڙهہ ڪري، تڙ بندر ٻوڙي. وائي-١. تي= تنهن لاءِ. جي= جيلاهہ، جنهن ڪري جو (انهيءَ ڪري ئي پنهنجن تڙن گهاٽن تي پڇائون ڪري جو منهنجا سڄڻ وراهين بندر تي ويل آهن). وائي-٢. گرهڙ= درياءَ جو ڦاٽ يا گهارو، درياءُ، سمندر. تون تان گرهڙ پائي لڄ= تون درياءَ (جي پاڻي) کي لڄ ۽ ننگ وجهين ها تہ توکي تاري ٻيڙيءَ ۾ پهچائي ها.

ڪوهُ نہ ويئِيئُن اُنِ سين

اُجارِيائُون اولِيُون، ڏئارِيائُون ڏَجُ
سيڻِ ساجُهر لَڏِئو، ٿُون نِهارِيين اَجُ
ڪيرُ سُٽِيندو تُنهنجِيُون اَدورائُون اَجُ
مَتان وِهين ويسَرِي، اُٿِي پورَلَ پَجُ

داستان ٻيو

١

پَڳهَہ پاسي گهارِ، آيَلِ! ساموُندِرين جي
وِجهي جِيءُ جنجارِ، جِمَ وَڃِني اوهَرِي.

٢

پَڳهَہ پاسي پَجُ، آيَلِ! ساموُندِرين جي
مَنَ ۾ ٻاري مَچُ، جِمَ وَڃِني اوهَرِي.

٣

پَڳهَہ پاسي ويهُہ، آيَلِ! ساموُندِرين جي
ٿُون ويسَرِي وِڪَ ڪَٽِي، هُو پُورِيندءِ پَرَڏيهُہ
سَمُنڊُر جَنِ ساٿيهُہ، ڪوهُ نہ ويئِينءُ اُنَ سين.

٤

اِينديِنءُ تان آءُ، هَٽِي هَٿُ پَڳهہ ۾
لَڳِي واءُ سُواءُ، سِڙهُہ سانباهِي نہ سَهِي.

٥

وانءُ وَهلِي نِڪَرِي،¹ نَنگَرَ جان نہ ڪَٽِنِ
مَتان ڏُورِ وَڃِنِ، نارِيُون پُوري ناڪَئا.

٦

نَنگَرَ ناتارِيُون، پَڳهہ ڪَٽِي پَندِ ٿِئا
بَندَرَ بازارِيُون، سُڃان سامُونڊِرِنِ ري.

٧

نہ سي ٽُڙ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻِجارَنِ جِيُون
سَرَتِيُون ساموُندِرين جا، اَجُ پُڻ ڇِڪِيمِ چاڪَ
مارِينمِ فِراق، پاڙيچِيُون پِرينِ جا.

٨

ڏَنِي ڏِيارِي، ساموُندِرِنِ سِڙهَہ سَنباهِيا
وِجهئو وَرُ وَنجهَہ ڪي، روئِي وَڻِجاري
مارِيندَمِ ماري، پِرهَہ سُور پِرينِ جا.

٩

ڏِنِي ڏِيارِي، ساموُندِرِنِ سِڙهَہ سَنباهِيا
اُنِ ڪي مُندَ اُتَرَ جِي، اوچِتِي آئِي
وَڻِجارَنِ وائِي، آهي پَرِيين پارَ جِي.

اوليون= اولا. ڳنَ. ڏَجُ= ٻيڙي يا جهاز جي ڪپڙي وارين جملي شين (سڙهہ، وائٽيون، جهنڊا، ٻيرقون) جو جنسار. سُٽيندو= ٻڌندو. ادورائون= ادورايون= ندورايون، ندورائپ واريون (ڏانهون)، بدبختي واريون (ڏانهون). پورل=('پوري' جو تصغير) پورڙي، موڳڙي، موڙهل. اٿي پج= اٿي ڊوڙ ڊُرڪ ڪر، اٿي پاڻ پتوڙ. د-٢: ١. پڳهہ= ٻيڙي ڪي ڪنڌيءَ سان ٻڌڻ وارو مضبوط ڪلو ۽ رسو. گهار= رهہ، ٻيٺي رهہ. جنجار= جنجال ۾، ڏک ۾، جدائي واري فڪر ۾. ٢. پج= ڪام ۽ جل (انتظار ۾). ٣. ويهہ= ترس، انتظار ڪر. ويسري= بي فڪري. پوريندءِ= ٻيڙيون هاڪاري ويندئي. ٤. ايندين تان آءُ= (وڻجارو ٿو پنهنجي گهر واري کي چوي) اچڻو هجئي تہ اچ. هٽي هٿ پڳهہ ۾= پڳهہ واري رسي ۾ هٿ وجهي. واءُ سواءُ= اُبتو سبتو واءُ، اُٽائو سٽائو واءُ. سانباهي= تياري (سڙهہ جي سانپاهي= سڙه کي چاڙهڻ واري تياري). ٥. وانءُ= وڃ. وهلي نکري= تڪڙي هلي پهچ. ننگر جان نہ ڪٽن= جيستائين (ٻيڙا ٻيٺا آهن ۽ ناڪئا اڃان انهن جو) لنگر نہ ٿا ڪٽن. ناريون= بندر وٽان شروع ٿيندڙ ڪاڏيون (تري وارا اونهان واهڙ، جن مان ٻيڙا لنگهي وڏي سمنڊ تائين پهچن). پوري= لنگهي، جهاڳي. ٦. ننگر ناتاريون پڳهہ ڪٽي= لنگر ڪٽي، ناتاريون ڪٽي، پڳهہ ڪٽي (سڀ ساڳي معنيٰ ۾، يعني ٻڌل ٻيڙا ڇوڙي اُجا ڪري). ٧. هوڙاڪ= هوڙن وارا، يعني ٽڙ خالي آهي ۽ اُتي هورن وارا موجود نہ آهن. چاڪ= ڦٽ، ڏک ۽ سُورُ. ٨. ڏياري= ڏياري وارو مهينو(= سمنڊ جي سفر جي مند پرجي آئي آهي ۽ سيارو اچڻ وارو آهي ۽ سمنڊ ماٺو ٿيو آهي). وجهئو ور ونجهہ ڪي= ٻيڙيءَ جي ونجهہ کي پنهنجي پوتيءَ جو ور وجهي، يا پنهنجي ٻانهن جو ور وجهي. ٩. مند اتر جي= اتر جي هوا لڳڻ واري موسم، سياري جي شروعات. مند اوچتي آئي= اوچتو اُتر اُگاٽو لڳي پيو، اُتر جي هوا وقت کان اڳ ۾ لڳڻ شروع ٿي.

١٠

تِي ڏِيارِيءَ ڏيٺِ، ٻوليو هَلڻَ جي ڪري
مَڪِئو پَنهِنجي مَڪُرِي، چيٺي چَگِيءَ چيٺِ
رُئان رَهَنِ نہ سُپِرين، جان ڪِين جَهلِيان بيٺِ
مُون سين ڪري ميٺِ، سَجَڻَ سَفَرِ هَلِئا.

١١

ڏِني ڏِيارِي، سَجَڻَ سَفَرِ هَلِئا
پايو پاندُ ڳِچيءَ ۾، زورِ ڪَرِيان زارِي
ڪانُ هَٽِي ڪارِي، وِئو وَٽِجارو اوهَرِي.

١٢

تِئا ڏِيارِيءَ ڏِينهَ، سامُوندرِين سَفَرَ جي
مُون سِرِ اُنا جيڏِيُون سَندَا مَحَبتِ مِينهَ
ڪِيَسِ نِماڻِي نِيهَ، ڪاري ڪيڙائُنِ جي.

١٣

پَرڏيهہ پُورِيائُون، سامُوندرِين سِڙهہ سَنباهِيَا
مان تَڻَ مارِيائُون، پاٽان وِجهي گُوندَرين.

١٤

ڪارو جي ڪيڙِينِ، سيئِي منهنجا سُپِرين
رُئان رَهَنِ نہ لِڪَ سِين، جَهليان جَهلَ نہ ڏِين
وِرهَ ويڌَ ڪَرِينِ، آيَلِ! سامُوندرِينِ جا.

١٥

وئا اوهَرِي او، مُونکي ڇَڏي ماڳِهين
جُڳَنِ جا جُڳَ تِئا، تِئان نہ موٽِيو ڪو
گُوندَرُ مارِيندو، ويَچارِيءَ وِئَنِ جو.

١٦

اُونِهين ۾ اوهَرِي، جَڏِهن جي وِئا
سانداري سَمُوندَر جي نِهوڙي نِئا
وَجي تِتِ پِئا، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪَا.

١٧

اُونِهين ۾ اوهَرِي، جَڏِهن وِئا جي
موٽِي ماڳِ نہ آئِيا، ماءِ! سامُوندرِي سي
ڪارو ٿِني ڪي، جيڪُسِ وَهُ وَرِي وِئو.

١٨

اونِهين وِئا، نہ وَرِئا، آءٌ ٿَنهِ مارِي ويڻَ
ڪري سامُوندرِي سيڻَ، جُسي جارُ پِرائِيو.

١٩

جي اوهَرِئم اَڄُ، سي ڪَڏِهن اِيندا مان ڳِري
پِريان جِي هُنَ پارَ ڏي، وَڃِي ڏَنئُڪي ڏَڄُ
سامُوندرِيَڪو ڏنجُ، ماءُ! مارِيندُمِ ڪَڏِهِين.

١٠. تي ڏياري ڏيٺ= ڏياري وارو مهينو ڏٺو. چيٺي= چڱيءَ طرح سان چيٺي، پوريءَ طرح سنياري، ٺاهي جوڙي. بيٺ= ڪمر پٽو، چيلهه وارو سندرو جان ڪي جهلي= ڪين چيلهه واري پٽي ۾ جهلي سوگهو ڪريان. ميٺ= منٿون ڳالهيون. ١١. ڪان= تير، گولي (اصطلاحاً، هت معنيٰ جدائي، وڇوڙي يا فراق وارو ڪان). ڪاري= وڏو زخم ڪندڙ، ماريندڙ. وئو اوهري= ٻيڙيءَ تي هليو ويو. ١٢. سامونڊرين= سامونڊرين ڪي سنبت سمنڊر جي سفر جي. اُنا= ونا. سندا محبت مينهن= وڇوڙي ۽ فراق ۾ گهٽي 'سڪ ۽ محبت جا مينهن'. ڪاري ڪيڙائن جي= ڪاري جا ڪيڙائو (سمنڊر جهاڳيندڙ) تن جي نيه. ١٣. پرڏيهہ پُوريائون= پرڏيهہ وڃڻ جو پهه ڪيائون. مان تڻ= مون کي. پاٽان= هيڪاري، ويتر وڌيڪ. ١٤. ڪيڙين= سمنڊر ڪي سفر هيٺ آڻين. لڪ سين= ذري سين، ذري ڪن جيترو. وره= ڏک، جدائي ۽ وڇوڙي وارا ڏک. ويڌ ڪرين= سور سختيون ڪن. ١٥. ماڳهين= هن ماڳ تي. جڳن جا جڳ ٿئا=(ڳڻڻ ڪان ٻاهر) ڪيئي ورهيہ لنگهي وئا. وئن جو= وِيلَن جو، جيڪي ويا تن جو. ١٦. اونهين ۾= ڪناري واري تانگهي پاڻي ڪان ٻاهر، وڏي سمنڊر ۾ (جتان ٻيڙا ٻين ملڪن ڏي روانا ٿين). سانداري سمونڊر جي= سمنڊر جي سانداري. ساندارو ڏيڻ= ٻيڙي ڪي سمنڊر جي نار جي هڪ ڪنڌيءَ تان ٻي ڪنڌيءَ ڏي موڙي وڃڻ، هڪ ڪناري تان ٻئي ڪناري تي وڃي وڃڻ. نهوڙي نئا= وڏي مشڪل ۾ وڌا. ١٧. جيڪس= غالباً، لاشڪ، شايد، جيڪر تہ. وَهُ وري ويو= سمنڊر مٿان وري ويو (وَهہ= سمنڊر جو چاڙهہ، سمنڊر جي ڇولي جو چاڙهہ). ١٨. تنهن ويڻ= ان ڳالهہ. آءٌ ماري= مونکي ماريو. سيڻ= ويجها مائٽ. جُسي= منهنجي جسم. جارُ پرائيو= سور پرائيو. ١٩. اوهرئم= منهنجا سمنڊر جي سفر تي روانا ٿيا. مان ڳري= مان وٽ. وڃي ڏنئڪي= وڃي چمڪي، وڃي پڌري ٿي. ڏڄ= ٻيڙي يا جهاز تي جيڪي جهنڊا ۽ وانٽيون لڳل سي پري ڪان ٿورو نظر چڙهيا، جملي جهنڊين ۽ وانٽين واري سناه. ٿوري نظر آئي (يعني پري وڃي پهتا). ڏنج= ڏنجهہ= سور، فراق.

٢٠

ساموندرين جي آنءُ سُورن سِجهائِي
جيڏيون! جُدائِي، سَهان نه سُپيرِين جِي.

٢١

سامُوندِري ساري، مَتي تَڙ گُذارِيان
مُونکي تِي ماري، اُني سَندِي ڳالهڙِي.

٢٢

آهِيين اَساري، مَتي تَڙ گُذارئِين
تو ڪِيئن وِساري، سَنگتَ سامُوندرِين جِي.

٢٣

آءٌ جَن آساري، مَتي تَڙ گُذارِيان
مُونکي وِساري، شالَ مَ وَڃن اوهَرِي.

٢٤

سامُوندرِي ساري، ماءُ! مُنهنجو جِندڙو
بَندَر وَڻِجاري، وِجي لاڌا ڏِينهڙا.

٢٥

سامُوندرِي ساري، ماءُ! مُنهنجو جِندڙو
ڪارڻِ وَڻِجاري، گهڻو اُڪنِدِي اُهِيان.

٢٦

اُهرِئا جِئائِين، ڏُڪَن ئَن تَڙَن تي
سامُوندرِين سائِين، واءُ سَٽائو وارِيين!

وائي-١

اَئِين مونکي زورِ نه جَهلئو واري، جيڏيون وو!
آءٌ هَلَندِي هوتَ ڏي

اُونهين وِنئا اوهَرِي، طَرازُون تاري
مَرِي رَهندِيَس ماڳهين، سامُوندِري ساري
سُورُ تُنهنجو سُپرين! مُون مَعذُورِ کي ماري
هاڻِ نه جِيان جيڏِيُون، آءٌ جا ڪُنِيسِ ڪوهِياري

وائي-٢

وِيندِي آءٌ ئَن وَٽِ،

مون وَهُ وَڻِجارَنِ سين

پَڳهَه ڪَڻُ مَ پاٽِڻي! تان ڪِي مُون لاءِ جَٽِ
وايُون وَڻِجارَنِ جِيُون، اديُون اَڄُ نه هَٽِ
ڏِيئِي سِڙهه سِيرَ ئِئا، پير نه لايئُون پَٽِ
پُورِيندِيَس پرينِ ڏي، ڪانه ڪَرِيندِيسِ ڪَهٽَ
ڳرهِيان سُورُ سَفَرَ جو، هَلِي پنهنجي اَرٽِ
آيَلِ! وَڻِجارَنِ جي سِرُ پُڻ ڏِينديَسِ سَٽِ.

داستان ٽيو

١

ڪنياٽَڙِي تَڙِ وَٽِين، اُپِي تَڙِ واجهاءِ:
مانَ اَچيهُون ڪاءِ، سُواداَئِي سَڄَٽين.

٢

مُون اُپِي تَڙَ وَٽِ، پرينِ پَڳهَه چوڙِئا
ڪا مُونهِين ۾ گهٽِ، نه تہ سَڄَڻَ سَباجها گهڻو.

٣

مُون اُپِي تَڙَ هيٺِ، پرينِ پَڳهَه چوڙِئا
ڪا مُونهِين ۾ ڏيٺِ، نه تہ سَڄَڻَ سَباجها گهڻو.

---

٢٠. سجهائي= ماري وِڌي. سورن سجهائي= سورن مونکي پورو ڪري ڇڏيو. ٢٢. اساري= ويسري، بي خبر. ٢٣. آساري= آسري تي. اوهري= ٻيڙين تي روانا ٿي. ٢٤. بندر= بندر تي، پرڏيهه جي ڪنهن بندر تي. ٢٦. اهرئا= ٻيڙين ۾ روانا ٿيا. ڏُڪن= ٻيڙين ساڻ اچي پهچن، اچي لنگر انداز ٿين. واءُ سٽائو= سٽائو واءُ، سَولو واءُ (جيڪو ٻيڙي کي سنئين رخ تي سٽو سولو ۽ تکو هلائي). وارِيين= لڳائيين. وائي-١. طرازون= ٻيڙيون. ماڳهين= هن ماڳ تي ئي. وائي- ٢. مون وه= منهنجو وڃڻ، منهنجو واهپو، منهنجو وهنوار، منهنجو ناتو. پاٽڻي= او پاٽڻي، او ٻيڙي وارا. جٽ= ترس، بيهه. هَٽ= هٽ وٽ، هٽ تي، هن جاءِ تي. ڳرهيان= اوريان (پنهنجين سرتين سان). پنهنجي ارٽ= پنهنجي آٽڻ تي، پنهنجي گهر ۾. سٽ= سٽ ۾، بدلي ۾، سودي ۾. د-٣: ١. ڪنياٽڙي= ڪنيات جي (شهر ڪنيات جي عورت جنهن جو پيارو ور يا جنهن جا پائر سامونبري سفر تي ويل آهن). تڙ وٽين= تڙ جي وٽن وٽ، بندر جي وٽن وٽ. اُپي تڙ واجهاءِ= بيٺي تڙ نهاري ۽ پڇائون ڪري. اچيهون= اسان وٽ اچي يا پهچي. سُواداَئي= خوشخبري. ٢. مون اپي= مون بيٺي. ٣. ڏيٺِ= اهڙو عيب جيڪو ڏسڻ ۾ اچي، ڏٺو وائٺو عيب، پڌرو عيب.

٤

مُون اُيي ٽڙَ جهلَ، پِرينِ پَڳهَ ڇوڙِئا
ڪا مُونهِين ۾ اَلَ، نہ تہ سَڄَڻَ سُباجها گهٽو.

٥

مُون اُيي ٽڙَ پاس، پِرينِ پَڳهَ ڇوڙِئا
هو الله هارَ اوهَرِئا، آءٌ دَمِ دَمِ دُعا ڪنديِاس
آسَ نہ لاهِينديِاس، موٽِي اِيندا مان ڳري.

٦

اولا ڪٽِي اوءِ، پَڳهَ ڇوڙي پَندِ ٿِئا
آيَل! ساموندِرين جي آهِ اڙانگي جُوءِ
ڪَڏهن ڏِسَنديَس رُوءِ، وَري هِنَ اکِينِ سين.

٧

سامُوندِريَڪو سگُ، آهي ڳُوندَرَ گاڏُئون
انگهُنِ چاڙهي اگُ، وِئو وَڻجارو اوهَرِي.

٨

جا جَرِ جاڻرُون نہ مَٽي، ڏِيئا نہ موهي
سَڌُون ڪوهُ ڪَري، سا پَنهِنجي ڪانڌَ جِيُون.

٩

جَرِ ٽَڙِ ڏِيا ڏي، وَڻِ ٽِڻِ ٻَڌي واٽُنِيُون
الله! ڪانڌُ اچي، آءٌ آسائِتي آهِيان.

١٠

اَجان وِڻُرِمِ ڪالُ، مُون ليکِيندي وَرهَ ٿِئا
مَنُ ڳُوماٺو ٿنِ لئي، جِئن سا ڦُلَنِ مَالَ
اگڻِ اِيندَمِ شالَ، آسَرَ ٻَرِي آهِيان.

١١

وِئڙا ڪالهہ ڪري، ٻارِهين ماهِ نہ موٽِئا
لَڳي ٿنِ ڳري، ڪهِڙيون هَنجُهون هاريَان.

١٢

پَتَڻِ پوءِ پَچارَ، آن ڪي وِيندا ڳَڏِئا
اُڪَنڍَ مُون اپارَ، شالَ مُنهِنجا موٽِئا!

١٣

ڳِريو جَهلِئو روءِ، مَٽي مُهري هَٽَڙا
ڪوءِ سَؤدو سندوءِ، جو ٽُون ڏولِيا سِکِئو.

١٤

وَرُ وِڌائِين وَنجَهہ ڪَي، اُليڙَڻَ نہ ڏي:
'رَهُہ' اَجوڪِي راتِڙِي، لالَڻَ! مُون لائي
وَج مَ ڦوڙائي، ايڏي سَفَرِ سُپرِين!'

٤. ٽڙ جهل= ٽڙ وٽ. ال= وِڏ، ذاتي نقص. ٥. ٽڙپاس= ٽڙ وٽ. اوهرئا= ٻيڙا هاڪاري هلئا. ٦. جُوءِ= رهائش واري جاءِ (جيڪا پرڏيهہ ۾ آهي، جنهن ڪري مون لاءِ اڻانگي ۽ ڏکي آهي). ٧. گوندڙ گاڏئون= ڏکن سورن وارو. اگ= انگ، عضوو، جسم ۽ جان. ٨. جا= جيڪا (زال جنهن جو مڙس ساموندري سفر تي پرڏيهہ ويل آهي). جَرِ= جَر لاءِ، پاڻي لاءِ، درياءَ يا سمنڊ خاطر. جاڻرون (واحد جاڻر، زيارت، سُکا، باس)= سکائون، باسون. مٽڻ= سانباهڻ، تيار ڪرڻ. جاڻرون مٽڻ= پيٽيل سکائون يا باسيل باسون ڏيڻ لاءِ تيار ڪرڻ، سانباهڻ. ڏيئا موهڻ= (سُکا طور پيٽيل ڏيئا جيڪي اٽي ڪي گيهہ سان ڳوهي ٺاهجن، ۽ پوءِ آهستي آهستي انهن جا پاسا سموهجن ۽ مٿي سڌا سهٽا ڪرڻ. سڌون ڪوهہ ڪري= ڇو پوءِ تانگهون ڪري، سڪون ڪري، ملڻ لاءِ آسون اميدون رکي. ٩. ڏيا ڏي= ڏئا ٻاري سَولا ڪري رکي، پينا طور ڏئي. واٽنيون= ننڍڙيون جهنڊيون (جيڪي باسيل باس طور ٻڌجن). ١٠. ڦلن مال= گلن جي ڪَنڍي، گلن جو هارُ. ١١. ڪري= واعدو ڪري، موٽڻ جو وعدو ڪري. لڳي= پاڪر پائي. ٿن ڳري= ٿن جي ڳچيءَ سان. هنجهون هاريان= ڳوڙها ڳاڙيان، روئان. ١٢. پتڻ= پتڻ ۾، ٽڙ تي، بندر واري گهاٽ تي. پوءِ پچار= پچار پئي پوي، ڳالهہ پئي ٿئي. شال منهنجا موٽئا- شال منهنجا موٽڻ وارا ٿيا، اچڻ وارا ٿيا. ١٣. ڳريو= پڳهہ وارو رسو (جنهن سان ٻيڙي ٻڌل آهي). مهرو= ٻيڙي جي اڳيل ۾ لڳايل مضبوط ٿلهو ڪلو (جنهن ۾ پڳهہ وارو رسو ٻڌجي). ڪوءِ سودو سندوءِ= (پنهنجي ڪانڌ کي پئي چوي تہ) ٻن پيو تنهنجو اهو واپار. جو تون ڏولئا سکئو= جيڪو اي سڄڻ تون سکيو آهين. ١٤. ونجهہ= بانس جي ڊگهي ڪاٺي (جنهن سان ڪناري لڳ تانگهي پاڻي ۾ ٻيڙي کي هلائجي: ونجهہ هيٺ زمين ۾ هٽي پوئتي ڌڪبو تہ ٻيڙي اڳتي وڌندي. ٻيو تہ بعضي ونجهہ کي زور سان هيٺ تر ۾ کوڙي، ان سان ٻيڙي کي ٻڌي ڇڏبو. جڏهن ٻيڙي هلائڻي هوندي تہ رسو ڇوڙي، ونجهہ کي لوڏي ڌوڏي، اُليڙي ڇڪي ٻاهر ڪڍبو). اليڙڻ نہ ڏي= لوڏي ڌوڏي ٻاهر ڪڍڻ نہ ڏئي (تہ متان ٻيڙي رواني ٿئي). ڦوڙائي= فراق ڏيئي.

١٥

بيڙيءَ جي پُوٽَن، نِيهُ نہ ڪِجي اُنِ سين
اَيا ڏنبَ ڏُسَنِ، جُهُ سِڙهَه ڏيئِي سِيرَ ٿِئا.

١٦

اَڄُ پُڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻَ جِيُون
اَنئِي پَهَرَ اَڻَنِ، سَعيو ڪَنهن سَفَرَ جو.

١٧

اَڄُ پُڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻَ جِيُون
مُون اَبِيني هَلِئا، بَندَرَ جَنِ تَڙَنِ
سَرَتِيُون سُورُ سَندَنِ، مُون مارِيندو چِندَڙِي.

١٨

اَڄُ پُڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻَ جِيُون
هَلَڻَ- هارا سُپرِينِ، رُئَان تان نہ رَهَنِ
آءٌ جهلِيندِي ڪيتَرو، آيَلِ ساموُندرِيَنِ
پَڳهَہ چوڙِي جَنِ، وِڌا بيڙا -بارِ ۾.

١٩

پُران مانَ پُجان، بَندَرَ مُون ڏُورِ ٿِئا
نہ مُون هَڙَ نہ هَنج ڪِين، چَئِي جو چِڙهان
تِيَهين ڪَج پاتِڻِي! جَنهِ پَر پِرِينءَ مِڙان
ڪارُون تي ڪَريان، تو دِرِ اُپِي ناڪُئا.

٢٠

لاهِيندائِي ڪَنِ، ڳالهِيُون هَلَڻَ سَنديُون
ڏِيندا مون ڏُکَنِ، وَهِ وِجهندا چِندَڙو.

٢١

وَڻجاري وائِي، سَدا آهِ سَفَرَ جِي
آيَلِ! اِهائِي، مُون مارِيندي ڳالهڙِي.

٢٢

وَڻجاري واري، پرهَ پَڳهَہ چوڙِئا
ڪيڙائو ڪاري، سَنيُوڙا، سَيِدُ چَئِي.

٢٣

وَڻجاري وَرِي، پرهَ پَڳهَہ چوڙِئا
اوَلِيُون پَسِي اُنِ جُون پِئڙمِ ڳَجَ ڳَرِي
وينديِسِ ماءِ مَرِي، ساري ساموندرِيَن کي.

٢٤

وَڻجاري جِي ماءُ، وَڻجارو نہ پَلِيين
آيو بارهين ماهَ، پُڻ تو سَفَرِ سَنبهي.

٢٥

وَجيئِي وِسَرِي شالَ! جو تو سَوُدو سِکِئو
اَجان آئين ڪالَ، پُڻ تو سَفَرِ سَنبَهين.

٢٦

وَڻجاري ڪانڌاءِ، مُون وَرُ وِيني گهارِئو
لَڳِي اُتَرَ- واءُ، ڍولِئو هَلَڻَ جِيُون ڪري.

٢٧

جان وَڻجارو ڪانڌُ، تان مون هَڌِ لائُون لَڌِيُون

١٥. بيڙيءَ جي پوٽن= جيڪي بيڙين ۾ تا هلن، بيڙياتا جيڪي پرڏيهه وڃن. ڏنب= وچوڙي جي ڏک ۽ غم جا چَنڪا. ڏنب ڏسن= ڏنب ڏيئي ساڙين. ڏسڻ= ڏنگ هڻڻ، ايذاء ڏيڻ. سڙهه ڏيئي= سڙهه ڪٽي، سڙهه چاڙهي. سير ٿئا= (ڪنارو ڇڏي) اندر وڏي اونهين سمنڊ ڏانهن ويا، روانا ٿيا. ١٧. مون ابيني= مون بيٺي. بندر جي تڙن= بندر جي تڙن ڏي (هت 'بندر' اسم خاص آهي. يعني ان خاص 'بندر' جي گهاٽن ڏي). ١٨. پڳهه= پڳهه جا رسا (جن سان بيڙا ٻڌل آهن). بار= اونهون پاڻي، ڪناري کان پريرو وڏي پاڻي وارو سمنڊ. ١٩. بندر= اهي خاص بندر جتي هو ويا آهن، سي پهچ ۾ مون کان پري آهن. هڙ نہ هنج ڪين= نڪي ڳنڍ ۾ ٻڌل نڪي جهولي ۾ حاضر. چئي= ٻولي ڪري، ڀاڙو ٻولائي ڏيئي چڙهان. ڪارون= منٿون، نيزاريون.
٢٠. لاهيندائي ڪن= (سفر تان موٽڻ وقت ڪناري تي) بيڙين جو سامان بندر تي لاهڻ ساڻ. وهه وجهندا= سير ۾ وجهندا، اونهين سمنڊ ۾ وجهندا (تہ جئن پرڏيهه وارن بندن ڏانهن روانا ٿين). ٢٣. وڻجاري= پرڏيهه جو واپار ڪندڙ، زال جو ڪانڌ. ڪيڙائو= سمنڊ ڪيڙيندڙ. سنيوڙا= سنيريا، تيار ٿيا. ٢٣. اوليون= بيڙيءَ جون (جن سان بيڙي هلائي تا وڃن). ڳج ڳري پوڻ= وڏو غم ۽ اندوهه ٿيڻ. ماءِ= ماڳ، جاءِ، هن ماڳ تي، هن جاءِ تي، هتي. ٢٤. بارهين ماهَ= ٻارهين مهيني. سفر سنبهي= سفر تي وڃڻ جي تياري ڪري. ٢٥. ڪال= ڪالهه. ٢٦. وڻجاري ڪانڌاءِ= وڻجاري ڪانڌ ٻدران. ور= مر تہ، چڱو تہ. مون ويني گهارئو= آءٌ ويني هجان ها (شادي نہ ڪريان ها). ٢٧. لائون لهڻ= پرڻجڻ، ڪنوار ٿيڻ. مون هڌ لائون لڌيون= آءٌ جڻ ڪنوار ئي ڪانہ ٿيس (ڇو تہ ڪانڌ وڻجارو آهي، سو سدائين ٻاهر هوندو آهي، ۽ آءٌ هت اڪيلي هوندِيس).

پرڏيهہ مَٿي سانگ، اُنئي پَهَر اُنِ جو.

۲۸

نِبَرُ نِيهُ سَندومِ، مون جهَليندي نہ رَهيا
قادِرُ شالَ ڳندومِ، ويجهي وَڻجارَنِ سِين.

۲۹

نِبَرُ نِيهُ سَندومِ، جِئَن مون اُپِي هُنِ تيلئو
سَعيو سامُونڊرِين سين، اُکِهن تان نہ ڪِئُومِ
وِجهڻُ مَنجهہ هُئُومِ، پاڻَ وَراڪي رَسَ سِين.

۳۰

لاهِيان جي نہ چِتاءَ، الله! اُنِ مَ وِسَران
مَڙهئو مَنجهاراءَ، جِيءُ منهنجو جَنِ سين.

۳۱

چِتان جي نہ چُرَنِ، الله! اُنِ مَ وِسَران
مُون مَنُ آهي ٿَنِ، مَڙهئو مَنجهارا هِنيين.

۳۲

ننگرئو نيٽين، مَنُ اولِيءَ نہ اوهَري
سَباجهِي سيٽين، پائي ڳُڻَ پڳهيو هِنيون.

۳۳

جَنِ لَئِہ جهجَن نيڻَ، تني پَرڏيهہ پُورِئو
ڪاري- ڪيڙائُنِ ري ڪارا ٿِئَمِ ڪيڻَ
وِردَ ٿِئَڙَمِ ويڻَ، سَرتِيُون سامونڊرِنِ جا.

۳۴

جَنِ لَئِہ نيڻَ جِهجَنِ، سي آءٌ ڪِٿِ نِهارِيان
آيَلِ! سارِيو اُنِ کي اُڇنگارُون اُڇَنِ
ٿَنِ ڳاري ڪيڙائُنِ، واحِدَ واري آڻِيين.

۳۵

سيئِي جوڀَنَ ڏِينهَن، سَڄَڻَ سَفَرِ هَلِئا
رُئان رَهَنِ نہ سُپِرين، آيلِ! ڳَريان ڪِيئَن
مُونکي چاڙهي چِيئَن، وِئو وَڻجارو اوهَرِي.

۳۶

سَفَرُ سُڪيرونِ، هُونِ سَلامَتَ سُپِرين
چَڙهئا جو چِتُ ڪَري، پُنو سو ڪاڄونِ
تِئان مَ پاڳُونِ، جِئان مُون ڏيئِي هَلِئا.

وائي

آيَلِ! ڳَريان ڪِيئَن، جِيجَلِ! ڳَريان ڪِيئَن
منهنجو، نيهُن، پَلِئو نہ رَهي
سامُونڊرِيءَ جي سَڱَ ڪي، رُئان راتو ڏِينهَن
مادَرِ! پائي مُنڊرِيُون، وَڃان ساڃَنَ سِيئَن
وِئو وَڻجارو اوهَرِي، مُونکي چاڙهي چِيئَن
ڳُونڊَرَ مَٿان جِنڊَڙي، وَرِئا وَلِينِ جِيئَن
اَڏوهِيءَ جِئَن ڏُڪَڙا، چَڙهئا چوٽِيءَ سِيئَن.

داستان چوٿون

۱

جي وِئا ڀِهرين پُورُ، آهِيان گهوري اُنِ جي
سامُونڊرِيڪو سُورُ، ماءِ! مارِيندُمِ ڪَڏهِين.

سانگ= ڀاهڙ وارو گذارو، ڀاهر جو گذر سفر. ۲۸. نبر= اپرو، هيٺو، ضعيف. ۲۹. تيلئو= ٻيڙي کي ڪناري کان ڌڪي پري ڪيو. پاڻ وراڪي= پاڻ کي رسي جو ور وجهي، پاڻ کي رسي سان ويڙهي. رس= ٻيڙيءَ جو رسو، پڳهہ وارو رسو (جيڪو پڇاڙيءَ ۾ ٿو چوڙجي). ۳۰. چِتاءَ= چِتان، چت تان، دل تان. مڙهئو= ڳنڍيو، قابو ٿيو. منجهاراءَ= اندران، جان مان. ۳۱. منجهارا هنيين= هانءُ منجهان، دل جان منجهان. ۳۲. ننگرئو= لنگرئو، لنگر سان ٻڌو. ڳڻ= ڳٽن جا بار چاڙهي. پڳهيو هنيون= دل (جي ٻيڙيءَ) کي پڳهہ ساڻ ٻڌو، دل کي ٻڌي قابو ڪيو. ۳۳. جهجن= ونجهلن، ڏک ۾ جهوراٽي وڃان ڳوڙهن سان پرجن ۾ ڳرن. ڪيڻ= طعام. ورد= وظيفو، هردم جو يادگيرو. ويڻ= گفتا، ٻول. ۳۵. جوڀن ڏينهن= جواني جا ڏينهن. چيئن= ڏاگهہ جي چوٽيءَ مٿان وچ تي توري ڪڏ وانگر نمندي جنهن ۾ هندو ماڻهو مردي کي ناهي رکن ۽ پوءِ باهہ ڏين. ڏاگهہ وارين ڪاٺين جو ڍڳ، باهہ جو مچ. ۳۶. سفر سڪيرون= (دعائي فقرو) شال سندن سفر سڪيرو ٿئي، سولو ٿئي!! پُنو سو ڪاڄون= سندن ڪاڄ پورو ٿيهي. سندن لايو سجايو ٿئي. پاڳون= سندن ڀاڳ. "تئان مَ پاڳون، جئان مون ڏيئي هلئا"= سندن ڀاڳ تيئن نہ ٿئي جيئن مون سان ڪري ويا. وائي. پلئو نہ رهي= جهليو نہ رهي. پائي منڊيون= هٿ هٿن ۾ ڏيئي آڱريون پچائي. د-۴:۱. پُورُ= ٻيڙيءَ جو پرجي روانو ٿيڻ. گهوري= گهولا. سامونڊريڪو= سامونڊريءَ جو، سمنڊ جو سفر ڪندڙ ڪانڌ جو.

٢

سامُونڊِرِينِ جي سُورَ، ڪُيُمِ جيءُ جڏارَئُون
پُونِ ڏِيهاڙِي پُورَ، وِرهَہ جا وُجُودَ ۾.

٣

اَڳِڻِ آيا جان، تہ سَرتِيُون مُون سُکَ ٿِيا
اَملَ پِرِينِ مَٿان، ٻَرَڪِئو ٻِئَنِ ڏِيان.

٤

هِنيَڙو ٻيڙِيءَ جان، ڏُتڙِ پَئِي ڏِينهَہ ٿِيا
پُڇِئو تان نہ پِريان، ڪَرَلاهو تِي ڪَڏهِين.

٥

مُونکي جيارِيو، پِرِينِ جِي ڪا ڳالهہ ڪري
ڏِنو اَڄُ اَڏِيو، هِنيَڙو ڪوٽ بُرجَ جِئَن.

٦

اُسان اُڏارا، آٽي آونگِ چاڙهيا
مُنهَہ ڏِيئِي مُون آئِيا سَمهان سِيَارا
اُپِرِينِ سِيڪارا، پَسِئو وَرَ ٻِئَنِ جا.

٧

وانءُ وَجي وانئُٽِ، هِنيَڙا ماڳُ پِرِينِ جو
چُمِئو چُمُ چانئُٽِ، هُوءَ جا سَندِي سَڄِٽين.

٨

لَڪ سَنِهين، نَڪِ سَئِين، ڪَجَلَ ڀِنا نيڻ
سامُونڊِرِي! مُون سيڻَ، ڪِ تو ڪالهہ لَنگهائِيَا.

٩

سَر نِسَرِئا پاندَ، اُتَرَ لَڳا، آءُ پِرِينِ!
مون تو ڪارڻِ ڪاندَ! سَهسين سُڪائُون ڪِيُون.

١٠

سَرَ لوهِيڙا ڳِپِئا، ڪُسَرَ نِسرِئا
تو ڪِئَن وِسَرِئا، ڍولِيا! ڏِينهَہ اَڄُڻَ جا.

١١

جيڪَر اَچِي هاڻِ، تہ ڪَريان رُوح رُچَندِيُون
آيَلِ! ڍولِيي ساڻِ، هُندَ ڳِرِ لَڳِي ڳالهِيُون ڪَريان.

١٢

جي اَچِي تہ جهيڙِيَان، آيَلِ! ڍولِيي سان
لائِيئِي ڏِينهَہ گهڻا، مُون سين ڪِيئِي ٿورَڙا.

١٣

ڍولِيو وِئڙو ڍورِ، تي تِي سِيءُ گُڏارِيَان
مادَرِ! مُون مَ چورِ، نا تہ پَٽَرِ پُنَديسِ پِرِينءُ ري.

---

٢. جڏارئون= اگهو، بيمار. پُونِ (ٻولي) = پَوَنِ. پور= غمن جا اوٿار، ڏکوئيندڙ ويچار، ورهہ= محبت ۾ فراق ۽ جدائي جو غم. وجود= جان ۾، اندر ۾. ٣. ٻرَڪئو= (خوشيءَ مان) زور ڪريون، خوشيءَ جي جوش جذبي سان. ٤. ڏُتڙ= 'سَتڙ' جو ضد، ڏکيو تڙ، ڏکيو گهاٽ. ڏُتڙ پئي= ڏُتڙ ۾ پئي، ڏُتڙ ۾ ڦاٿي. ڪرلاهو (ڪر= خبر+ لاهو= لهندڙ)= واٽ ويندي لڙي خبر پڇندڙ، اتفاق سان ايندي ڪٿي ڪنهن ڪي پڇندڙ ('ارادو' ڪري تہ نہ، پر 'ڪولاهو' تي بہ ڪڏهن پرين نہ پڇئو). ٥. مونڪي جيارو= مونکي جئرو ڪريو، مون ۾ ساھ وجهو. ڏِنو اڄ اڏيو= تہ جيڪر (منهنجي هانو ۽ دل جو غم ۽ ڏک ۾) ڏٺل گهر هوند اڏجي وڃي. ڪوٽ برج جئن= ڪوٽ جي مٿان بيٺل برج وانگر، ڪوٽ جي ڪنگري وانگر. ٦. آونگ= اُچَٽُ، ڇڪو (جنهن تي ڪا شيءِ آٽي وائڪ خاطر چاڙهي رکجي). منهن ڏيئي= منهنجي آڏو. سيڪارا= لڱن جا ڪاندار، سِيَاندڙا، سِياڙا، سِيسڙاٽ. ٧. وانئٽ= ('وائسڻ' مان امر) ڏس، پس. ٨. لک= چيلهہ. ڪجل ڀِنا= ڪجل سان ڀِڳل. نيڻ= اکيون. مون سيڻ= منهنجا پيارا سڄڻ. لنگهائيا= اُڪارئا، ٻيڙيءَ چاڙهي اماڻيا. ٩. سَرَ= 'سَرَ' جو ٻُوڙو. پاندنسرئا= چونيون نِسريون. اتر لڳا= اتر جا واءُ لڳا. يعني سيارو آيو آهي. (هڪ سياري ۾ وڻجارو ڪاند ويو، ۽ انهيءَ لحاظ سان هت مراد ان وڃڻ واري سياري کان 'پوءِ جو ڪو سيارو' آهي. سامونڊي وڻجارا سياري ۾ ويندا هئا ۽ وري بہ سياري هوندي ورندا هئا جو سمنڊ جو سفر سياري ۾ ئي ٿيندو هو). سڪائون ڪيون= ميجتائون ڏنيون، باسون باسيون. ١٠. سَرَ= سچا سر. لوهيڙا (واحد. لوهيڙو) = جبل ۽ ٽر جو سهڻو سائو وڻ، جنهن جو ڪاٺ نهايت مضبوط ٿئي ڪُسَر= ڪوڙا سر. ١١. روح رچنديون= دل لڳنديون، دل وٹنديون. صاف چئيون ٻولن بدل ڳالهيون. ڳر لڳي= ڳري لڳي، ڳچيءَ لڳي. ١٢. جهيڙيان= جهيڙي واري ڳالهہ ڪريان، ميار ڏيئي چوانس تہ (ٻيءَ سٽ). ميار واري ڳالهہ تہ: 'مونکي تہ ٿورڙا ڏڍائيءَ پر تو تہ گهڻا ڏينهن وڃي لاتا!' ١٣. ڍور= ڍوري تي، درياءَ تي. درياءَ جي سفر تي. تي تي= تڏهن ٿي. مادَر= اي ماءُ. مون مَ چور= مونکي مَ چور، مونکي نہ ڇيڙ. پٽر پونديس= ظاهر ٿي بيهنديس (پرين بنا بيحال ٿي جيڪي چوڻو هوندو سو) چئي ڏينديس..

١٤

اُپيُون ٽَڙَ پُوڇين، وَهُون وڻجارَن جِيُون
آڻِئو اکا ڏِينِ، گڻُوري سَمونڊرَ کي.

١٥

سِڙهه سُجاڻِئو چوءِ، ماءُ! سامُونڊِري آئِيا
مانَ مُنهنجو هوءِ، جانِي هِنِ جَهازَ ۾.

١٦

هِي سَڄَڻَ سيئِي، جي مُون ڪوڏ نِهارِئا
اَيندَمِ جان پيهِي، تان سَڀ لاهِيندَمِ ڏُکڙا.

١٧

چَمڪِيُون چوڌارَ، ڏڄُون ڏاڙيچَنِ جِيون
ماءُ! سامُونڊِري آئِيا سَهسَ ڪري سِينگارَ
ٿَنِي جي ٿوارَ، ڪالهُونڪَرَ ڪانگُ ڪَري.

١٨

جَنِي ڪارَڻِ مُون، ٽَڙَ پُونجارا پُڇِئا
پُنِيَمِ اُميدُون، سيئِي سَڄَڻَ آئِيا.

١٩

اڳِينءَ جان آئُون، جَرِ پَلَٽَ تِي پائِيَان
تہ آيَل! وَڻجارَنِ جيُون تِيُون ڏُنُڪَنِ ڏِجاڻُون
مَنجهان رُوحَ رَءِ تِئا، مُحَمدُ مَجِئاڻُون
پُنِيُنِ مُدائُون، ڪَنڊَ- ڪيڙائُو آئِيَا.

٢٠

وائِٽيُون تِيُون وَرڪَنِ، اَجان سِڙهه نہ پَڌرا
اُپيُون سِي مَرَڪَن، جَنِي سَندا آئِيَا.

٢١

ڳُوهَنِ سِرَ وائِٽيُون، وائٽيين سِرِ گهندَ
ڪيڙِي ڪيڙي ڪَنڊَ، ماءِ سامُونڊِري آئِيَا.

٢٢

لاڄُو تا لَونِ، آچَنِ سِڙهه اُپَڙِئا
ڪارَڻِ ٿَنِ پِرينِ، وينِي واڻ نِهارِيَان.

٢٣

اَچَن سڙهه اُپَڙِئا، مَٿَنِ ڪَپَڙَ ڪوٽَ
سامُونڊِري مُون گهوٽَ، لَڪا لُوپِي آئِيَا.

٢٤

ماءِ ولاتِي مونِئا، ٽَڙَ تا ٿوارِينِ
وايُون وڻجارَنِ جِيُون جِيءَ کي جِيارِينِ
ڪِليو ڪِيڪارِينِ، جَنِ سيڻَ سَلامَتَ آئِيَا.

وائي

هوءِ جا ويا هَٽِي، آءٌ تنهن جَڙَ جَڏِي کِي
بَندرَ مَتان بارَ سي وِئڙا ڪالهہ کَٽِي
سِڙهہَ ڏيئِي سِيرَ ٿئا، چِنِي ٿَندَ ٽَٽِي
سامُونڊِريءَ جي سَڳ جِي هِنيين حُبَ گهَٽِي
لائِيندِيسِ لِڳَنِ کي سَندي پيرَ پَٽِي
اَنِ سين عَبداللطِيفُ چئي ميڙِيندَومِ ڏَٽِي.

◈

١٤. وهون= زالون، مڙسن واريون پرڻيل زالون. اکا= داڻا جيڪي پيڻا طور ڏجن، داڻا جيڪي خيرات طور ڏجن. ١٥. چوءِ= چوي، چوي پئي. ١٦. ڪوڏ= وڏي سڪ مان. پيهي= اندر هلي. ١٧. چمڪيون= چٽيون ٿيون، پڌريون ٿيون. ڏڄون= هيڙن جي ڪوهُن جي مٿان ٻڌل جهنڊيون، وائٽيون. سهس= سوين، گهڻا. توار= ٻولي (انهن جي اچڻ جي واڌائي واري لات). ١٨. ٽڙ پونجارا= بندر جي ٽڙ تي پونجيءَ وارا، بندر جا سوداگر ۽ واپاري. ١٩. اڳينءَ= اڳينءَ نماز (ظهر) جي وقت. جر پلٽ پائڻ= سمنبر کي ميڄنا ڏيڻ. ڏنئڪن، ڏنئڪن= پري کان ٿورو ٿورو نظر پيون اچن، انهن جا ٽُڪ پيا نظر اچن. رَءِ ٿيا= صاف سچا ٿيا. پنين= پوريون ٿيُن. مدائون (ع. مُدعائون) = مقصد واريون ڳالهيون، مرادون. ڪنڊ- ڪيڙائو= ملڪن جي سمنبرن جا سفر ڪندڙ، پرڏيهہ پوريندڙ ٢٠. وائٽيون= ڪوهي تي مٿي چوٽي واريون جهنڊيون. ورڪن= ڦڙڪن. ٢١. ڪوهن سر= ڪوهن جي چوٽيءَ تي. گهند= آواز ڪندڙ گهنڊ. ڪيڙي ڪيڙي= ڀيلي ڀيلي، جهاڳي جهاڳي. ڪنڊ= ملڪ، ڏيهہ. ماءِ= ماڳ تي، پنهنجي ماڳ تي. ٢٢. لاڄو = جهنڊا، سڙهن جا پاند. لونِ= ڦڙڪڻ جو آواز ڪن. ٢٣. مٿن ڪپڙ ڪوٽ= (سڙهن تي) ٿلهي ڪپڙي جون لڳل وٽون ۽ ڪنگرا: (هيڙين تي چاڙهيل سڙهه جڻ ٿلهي ڪپڙي جا ڪوٽ آهن): گهوٽ= لاڏا، جوان. لڪا= پَرلڪ (سوماطرا جي اُيرنديين ڪناري تي، سامونبرا رياست جي گادي جو شهر). لوپي آئيا= سوڍي واپار ڀر ڪٽي آيا. ٢٤. ولاتي، پرڏيهہ ويندڙ. ٽڙ ٿا توارين= ٽڙ ٿا آواز ڪن، ٽڙن تي آواز ۽ غلغلو آهي. وائي. جا جڙ هٽي وئا= جا لڱون لائي وئا. سير ٿئا= سمنڊ جي سير ۾ پهتا، وڏي سمنڊ ۾ گهڙيا. چني تند ٽٽي= لاڳاپن واري چڪيل تند ڇني. پٽي= پيرن جي خاڪ.

سُر سري- راڳ

فڪر ۽ موضوع جي لحاظ سان، سُر سري راڳ هڪ جدا حيثيت رکي ٿو ۽ سُر سامونڊيءَ جدا حيثيت رکي ٿو. رسالن ۾ پڻ ٻئي سُر جدا جدا نالن سان ڏنل آهن. پر گهڻا ساڳيا بيت ڪن رسالن ۾ سر سري- راڳ جي داستانن هيٺ ته ڪن رسالن ۾ سُر سامونڊيءَ جي داستانن هيٺ رکيل آهن. ان جو هڪ وڏو سبب اهو آهي جو اڳين فقيرن ۽ ڪاتبن ٻنهي سُرن جي بيتن جي موضوعن ۾ جيڪو فرق آهي، تنهن کي پوريءَ طرح نه سمجهيو. سُر سامونڊيءَ جو مکيه موضوع آهي پيشه ور سامونڊي وڻجارا ۽ سندن پرڏيهي واپار جو ڌنڌو جنهن ۾ ناکئن، ملاحن، ٻيڙن، جهازن ۽ سامونڊي سفر جي مشڪلاتن ۽ ان جي ماڳن منزلن جو ذڪر آهي. ٻئي طرف سُر سري- راڳ هڪ معنوي ۽ تمثيلي سُر آهي جنهن ۾ بنيادي طور تي هن جهان ۾ انسان جي حياتي جي سفر، ان جي آزمائش ۽ مشڪلاتن، ۽ اُن ۾ ڪاميابي لاءِ سعيي ۽ ڪوشش جي ضرورت ۽ نيڪ عمل جي اهميت جو بيان آهي، پر اُن بيان جي خاص خصوصيت اها آهي جو ان ۾ سر سامونڊي واري ماحول جا ڪِنايا ۽ اشارا، تشبيهون ۽ تمثيلون پڻ آندل آهن.

سُر سري- راڳ سڄو تمثيلي سر آهي: هيءُ جهان سمنڊ آهي، جنهن ۾ انسان جي حياتي ٻيڙيءَ مثال آهي. ان ٻيڙيءَ کي هن جهان جي سمنڊ مان ايمان ۽ يقين، صدق ۽ سچائي، ڪوشش ۽ ڪاميابيءَ سان صحيح سلامت پار پهچائڻو آهي. هن سناٽي سمونڊ ۾ الله تعاليٰ جي لطف ۽ ڪرم جي ضرورت آهي ۽ الاهي مدد درڪار آهي. حياتي هڪ وڏي قيمتي وٿ آهي جنهن کي سنڀالڻو آهي: حياتيءَ جي ٻيڙيءَ کي ڏيهاڙي مکڻو آهي ته جيئن مضبوط ٿئي، ۽ پوءِ ان کي همت ۽ حوصلي سان سمنڊ جي لهرين لوڏن کان بچائڻو آهي. آخر ۾ اهو فڪر سمايل آهي ته جيڪي وڏا ڄاڻو ۽ وينجهار آهن سي ئي ماڻڪ موتي پرکين ٿا ۽ اهي ئي تعريف جي لائق آهن.

داستان پهريون

١

جيڪِين مَنجهہ جَهَانَ، سو تارِيءَ تَڳِي تُنهِنجي
لُطفَ جِي، لَطِيفُ چَئي، تو وَٽِ ڪَمِي ڪانہَ
عَدُلِ چُٽان آن نہ، ڪو ڦيرو ڪَجِ فَضُلَ جو.

٢

جيڪِين مَنجهِ جَهَانَ، سو سَڀ صِفَتَ تُنهِنجِي
قادِرَ تُنهِنجِيءَ قُدرَتَ جا مِڙيئِي مَڪَانَ
پَدَمَان ئِي پَري ٿِئا آڳِي جا اِحسَانَ
ظاهِرُ ساڻُ زَبانَ، ڳَڻي ڳِڻيان ڪيتَرا.

٣

سارِي رات سُبحَانُ، جاڳِي جَنِي ياد ڪِئو
اُن جِي عبَداللطِيفُ چَئي، مِٽيءَ لَڌو مَانُ
ڪوڙين ڪَنِ سَلامُ، آڳِهِ اَچِئو اُنِ جي.

٤

ڪائو ڪَمايوم، موتِي مُون نہ وَڻجِئا
سِيهي جو، سَيدُ چَئي، وَکَرُ وِهايومِ
اوچتو آيومِ، سَودو صَرافَنِ سِين.

٥

پَڳِمِ عَهدَ اَللهَ جا، ڪَجُ ڪَمَايُمِ ڪُوڙُ

د-١-١. تاري تڳڻ= ڪنهن جي سهاري تي هلڻ، ڪنهن جي مدد جي آسري تي گذران ڪرڻ. تاري تڳي تنهنجي= (اي خالق!) تنهنجي آسري تي پيو هلي. لطف= ڪرم، مهر. عدل چٽان آن نہ= آءٌ عدل سان نہ چٽان، انصاف ڏيندو تہ آءٌ ڇٽي نہ سگهندس. فضل= مهر، بخشش. ٢. صفت تنهنجي= تون 'ذات' آهين، هيو جهان ۾ جيڪي بہ آهي سو تنهنجو پرتوو آهي. 'ڪلام' ۽ فلسفي جي اصطلاح ۾ 'صفت'= عرض. قادر تنهنجي قدرت جا مڙيئي مڪان= اي قادرَ! تنهنجي قدرت هر جاءِ تي حاوي آهي. پدمان= پدم کان. پدم= ڳڻڻ جي ڏاڪن مان (ايڪا، ڏهاڪا، سئو، هزار.......) چوڏهون ڏاڪو. ٣. سبحان= الله سُبحانہٗ و تعاليٰ، جهان جو خالق. مِٽي= مُئي پڇاڙا هڏن جي خاڪ، قبر جي مٽي. آڳهہ= اڳيان، آڏو ماڳ تي، آڏار، آسرو. ٤. ڪائو= شيشو، شيشي جهڙي گهٽ قيمت واري جنس. ڪمايوم= مون ڪمايو= مون حاصل ڪيو، مون ورتو. وڻجڻ= سؤدڻ، سودي ۾ خريد ڪرڻ. نہ وڻجئا= نہ سؤديا، نہ خريد ڪيا. سيهو= ڌاتو جو قسم، موتين کان سواءِ ٻي غيرجنس. سيهي جو وکر وهايوم= سيهي جي جنس وارو سامان سؤديم. ٥. عهد= پڪا وعدا. ڪچ= سچ جو ضد، ڪوڙ، ڪوڙو وکر. ڪچ ڪمايم ڪوڙ= ڪچا ڪوجها ڪم ڪيم، ڏوهہ گناهہ ڪيم.

پيجرو جو پاپَن جو، سو چوٽيءَ تائين چُورُ
مَعلُومُ اَٿئِي مُورُ، ڳُوڙهو اِنهِينءَ ڳالَهه جو.

٦

وِٽُ وِيمي جو جي لَهين تہ ٻي ڪارِ نہ ڪَرين ڪا
سَا پَرُوڙِج ڳالهڙِي وَڻِجارَنِ وَٽا
موتِي جَن هَٿا، آنڌءِ گهٽي اَدَبَ سِين.

٧

سيوا ڪَرِ سُبحَانَ جِي ، جِتِ جَرُ وَهي تو جالَ
سَوين وَهَنِ سَمُوندرَ ۾، ماڻِڪَ موتي لالَ
جي ماسو مِليئِي مالُ، تہ پُونجِيارا پُرُ ٿِئين.

٨

سيوا ڪَرِ سَمُونڊَر جِي، جِتِ اَگُوچَرُ آهي
لَکين واڻَ لَطِيفُ چَئي تو نِيڏُو نمائي
ٻَڏِي اولِي عاجَ جِي، وَجُ چِڻِي چَلائي
نَظَرَ هيٺ نَبِيءَ جي هيجان هَلائي
تہ مُهرِي مَٿائي، تو سَڄيائِي مَعافُ ٿِئي.

٩

سيوا ڪَر سَمُونڊَر جِي جِتي لَهرِ ڏڪاءِ
"اِنمَا يُوَفِي الصابِرُونِ" اِيءُ بيڙِيءَ بَنڌڻُ پاءِ
تہ سامُونڊِري سَندياءِ، ڪَنين مَنڊِي نہ سُٽِيان.

١٠

سي پُونجِيارا پُرِ ٿِئا، سَمُنڊُر سيوِئو جَنِ
آنداٿُون عَمِيقَ مان جهوتي جَواهِرَنِ
لَڌاٿُون لَطِيفُ چَئي، لَعلُون مان لَهرِنِ
ڪانهي قِيمَتَ تَنِ، مُلُ مَهانگو اُنِ جو.

١١

سَمُنڊُر جي سيوِنِ، ماڻِڪَ ٿَنِي ميڙِئا
چِلڙَ جي چوئِينِ، ٿَنِ سانگوٽا سُتِيُون.

١٢

سيوِئو جَنِ سُبحَانُ، وِير نہ وڙهي ٿَنِ سِين
ٻَڌِي تَوَڪَلَ تُرهو، آرُ لَنگهِئا آسَانُ
توبَہَ جي تَسبِيحَ سِين تَرِي وِئا طوفَانُ
ڪامِلُ ڪِشتِيبانُ، وِچَ ۾ گَڏِيِن واهَرُو.

پيجرو= جسم جو هڏائون پيجرو. چور= هيٺ کان وٺي مٿي چوٽيءَ تائين چور آهي. مور= اصل، بڻ، بنياد. ڳوڙهو= ٿري ۽ مارواڙي ٻوليءَ ۾ ڳجهارت، ڳجهہ، راز. انهينءَ ڳالهہ جو= منهنجي اهڙي حال جو بڻ ۽ راز. ٦. وِٽُ= مايو، مقدار، راز، حقيقت، سگهہ، فائدو. ويمون (ع. بيمة= ڪنهن شيءِ جي حفاظت جي ذميداري، جوابداري)= وڻج واپار جو اصطلاح، واپار وارو وکريل سامان جنهن کي حفاظت سان آڻڻ ۽ مالڪ کي پهچائڻ جي ذميداري ڪنيل هجي، واپار جيڪو پرپٺ ڪجي (اصل خريد ڪندڙ طرفان اڪثر ٿوري قيمت جي آڇ ٿيندي جيڪا لاچار وارو وڪڻندڙ قبول ڪندو، جنهن ڪري وٺندڙ کي وڏو فائدو ٿيندو. ٻي ڪار= ٻي حاج، ٻي ڪرت، ٻيو ڌنڌو. ٧. سيوا ڪر= خدمت ڪر، تات تاري ڪر. جال= اڻ- مَيو. ماسو= هڪ تولي جو ٻارهون حصو، ٿورو ذرو. پونجيارا= پونجيءَ وارا، مُوڙيءَ وارا، سيٺ. ٨. 'اگوچر' لفظ صحيح ناهي. اصل ۾ غالباً 'اگهُون- چَرُ' هو، معنيٰ وڏو گهٽو اونهو پاڻي. 'اگهون- چر' پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو، پر جيئن تہ سڀني رسالن ۾ 'اگوچر' آهي، انهيءَ ڪري متن ۾ پڻ اهو لفظ رکيو ويو آهي. واڻ= وڏا ٻيڙا. نيڊو= روايت موجب هندوستان ۽ سلون جي ساموندي ڪناري لڳ ڪو سمنڊر وارو ٽڪر جتي طوفان ۽ وڏي چولي سببان ٻيڙا خطري ۾ هوندا هئا. 'نيڊو جي نار' جو ذڪر بہ ناکئن جي روايت ۾ اچي ٿو. اولي=ڳڻ. مهري مٿائي= مهري ۽ مَٿُ= ٻہ جدا محصول. مهري مَٿائي= مهري تو مٿان (معاف ٿئي). ٩. جتي لهر ڏڪاءِ= جتي سمنڊر جي لهر ٻيڙن کي ڏکن مٿان ڏک ٿي هڻي. قرآن شريف جي 'سورة الزمر' جي آيت 'انما يوفي الصابرون بغير حساب'= الله تعاليٰ صبر وارن جي واهر ٿو ڪري، ۽ سندن اجر بي حساب آهي. سندياءِ= ٽنهنجي. منڊي= مدي ڳالهہ، مدائي. ڪنين نہ سٽيان= پنهنجن ڪنن سان نہ ٻڌان. ١٠. سمنڊر سيوئو جن= جن سمنڊر کي سلام ڪيو. عميق= اونهي سمنڊر مان. جهوتي= جهوتون ڏيئي، گهتون هڻي ڳولي. جواهرن= جواهرن کي (موتين کي استعاري طور 'جواهر' يعني قيمتي هيرا سڏيو ويو آهي). 'موتين' کي قيمت جي لحاظ سان، استعاري طور لالون (لعالون) سڏيو ويو آهي. ١١. چلڙ= ڏٻا. چوئين= ٿورڙو بيٺل پاڻي اُٿلائين پٽلائين ۽ جانچين. سانگوٽا= ورن ورن وارا وڏا ڪوڏ. سُتيون= سِپيُون. ١٢. آر= پاڻي جو وڏو وهڪرو، وير واري تڪ. ڪشتيبان= ناکئو. واهرو= وچ خطري ۾ اچي سندن مددگار ٿيو.

١٣

سارِي رات سُجان، سَودو ڪَن صاحِبَ سان
پَرِي ٻانهپَ ٻيڙِيُون، هَلَئا جوبَ جُوانَ
پاڻِي پَهلوانَ، لَحظي مَنجِهه لَنگهي وِئا.

١٤

ڪَرَڦَلَ، ڦوڻا، پارچا، پاڻِيٽَ پاتاڻون
ڪوٺِيُون ڦِيمَتَ سَندِيُون تَرَ ۾ طاقياڻون
ٻيرَڦون ٻَحرَنِ ۾ چوڙِي ڇَڏياڻون
لاڄِنَ مَنجِهه، لَطِيفُ چَئي، ٻيڙا ٻَڌاڻون
نَذرُ نَبِيءَ جامَ جو چڙهندي چَياڻون
جي چوهي چوڙياڻون، سي ٻيڙِيُون رَڪِين ٻاجهه سِين.

١٥

ٻانهپَ جو ٻيڙِنِ ۾ وَکَرُ وِڌاڻون
سوٽِي مَعرفَتَ جا سَچا سَودِياڻون
"اَلتائِبُ مِنَ الذَّنبِ ڪَمَنْ لَاذَنبُ لَهُ" اِيءَ ڪَٽَ ڪَنياڻون
اُنِي جي آڻُون، بَرڪَتِ ٻارُ لَنگهائِيان.

١٦

جَنِي سَودي سَچَ سِين وَکَرُ وِهايو
بَخِرو "لَهُمُ البُشريٰ" جو اُنِي لَئِي آيو
ٿَنَ ڪي لَالَنَّ لَنگهايو، ساندارو سَمُونڊرَ جو.

١٧

وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئِي پُراڻو نه ٿِئِي
ويچِيندي وِلاتَ ۾ ڏَرو ٿِئِي نه ضاعَ
سا ڪا هَڙُ هَلاءِ، آڳِهِ جَنهِنَ جي اُڀِهِين.

١٨

وَکَرُ ڏيرَڻُون ڏيرَ، پَرَ وِهائُو ويسَلا
کَنِ وِهائِي وَسِ ڪِئو وَکَرُ وَڏِيءَ ويرَ
کَنِي گهُمندي سيرَ، وَکَرُ وِکامِي وِئو.

١٩

هيڪِي ٻانهِي چِتَ ۾، ٻِي صاحِبُ سَنوارِي
ڏَنگِي هِنَ دَرياهَ مان هَلائِي هاڪارِي
طرازُون تارِي، سُتَڙِ سَيِيئِي ڪَرِي.

٢٠

هيڪِي ٻانهِي چِتَ ۾، ٻِي سَنوارِي صاحِبُ
ڪَڏِي اُونهي ڪُنَ مان اِيءُ اَڳِي جو عَجَبُ!
اِيءُ سائِينءَ جو سَبَبُ، جِئَن ٻُڏا ڪَڏِي ٻارِ مان.

---

١٣. سُجان= وڏي ذهن ۽ سمجهه وارا، ڄاڻو. صاحب= سائين (ڌڻي تعاليٰ). جوب= مضبوط، وڏي همت ۽ حوصلي وارا.
١٤. ڪرڦل (ع. قرنفل)= لونگ. پارچا= قسمين قسمين ڪپڙا. پاڻيٽ= عرق جدا جدا قسمن جا. ڪوٺيون= ٻيڙن ۾ هيٺ تر ۾ تهخانا. طاقياڻون= (اندر قيمتي سامان پري پوءِ مٿان) طاق ٻچائي بند ڪيائون. ٻيرڦون= جهنڊا. لاڄن ۾= ٻيڙن جي سڙهه وارن ۽ ٻين رسن ۾. ٻيڙا= رنگدار ٽُڪا، رنگين ڪپڙي جي ٽُڪرن ۽ رنگين سڳن سان ٺاهيل گُل. نذر= نذرانو. چوهي= چوهي ۾، تکي واءُ ۾. چوڙياڻون= هاڪارياڻون، هلاياڻون. ٻيڙيون= هت مراد 'وڏيون ٻيڙيون' يعني ٻيڙا جيڪي سمنڊ ۾ هلن. ١٥. وکر= واپار جون شيون، سودي جو سامان. التائب من الذنب ڪمن لاذنب لہ= گناه کان توبهه ڪندڙ، گناهه نه ڪندڙ جهڙو آهي. ڪٽ= نفعو. ١٦. وهايو= ورتو. بخرو= ڀاڱو، حصو. لهم البشريٰ= انهن لاءِ خوشخبري. ساندارو= وَرَ وارو ڦيرو (جتان ٻيڙن کي هڪ طرف کان ٻئي طرف ڦيرائجي.) ١٧. پئي= رکيي، گهڻي وقت تائين رکڻ سببان. ضاع= ضايع، بي ڪمو، بيڪار. هڙ هلائي= اڳين دور واري وڻج واپار ۾ (پرڏيهي بندر جي حاڪم کي پنهنجي ملڪ جي سوکڙين جي بدل هڙ تحفي طور ڏيندا هئا). هڙ هلائڻ= سوکڙين جي هڙ يا ڳنڍ تحفي طور ڏيڻ. آڳهه جنهن جي= جنهن جي آڌار تي. ابهين= تون اتي اُڀو ٿين، سرخرو ٿين، تنهنجو منهن مٿي ٿئي. ١٨. وهائو= وهائيندڙ خريد ڪندڙ. ويسلا= ويسرا، غافل، سست ۽ ڍرا. وس ڪئو= پوري ڪوشش سان حاصل ڪيو. وڏيءَ وير= سويرو، اڳواٽ وقت اندر. سير= بازاريون، گهٽيون، رستا. ١٩. هيڪي= هڪ جا، هڪڙي. چت ۾= من ۾. صاحب= سائين. ڌڻي، موليٰ. سنواري= رٿي، تيار ڪري. ڏنگي= ٻيڙي. هن درياه مان= هن جهان جي درياه مان، هن حياتي جي درياه مان. هلائي هاڪاري= هلائي رواني ڪري. طراز (ع. طَراد) هڪ قسم جي ٻيڙي. طرازون= ٻيڙيون. سُتڙ= سنئين تڙ تي، سڌو بندر تي. سيئي ڪري= سيئي سوليون ڪري بندر تي آڻي. ٢٠. سائين جو سبب= ڌڻيءَ وس. ٻُڏا= ٻڏندڙ ٻيڙا. ٻار= ٻاڻيءَ جي تک، ڦيري ۽ اونهي ڪُن واري صورت.

٢١

هيڪِڙي ٻانهي چِٽَ ۾، ٻِي جا ڪَري اَلله
ڪَڏي اُونهين ڪُنَ مان، اُڪاري اوڙاهُ
تنهِ واحِدَ کي واهُ، جو سُتَرُ سِيئِڻي ڪَري.

٢٢

هيڪِڙي ٻانهي چِٽَ ۾، ٻِي اَلله ڪَري
پاڻَ هِي وِجهي ڪُن ۾، پاڻَ هِي ڪَنڌِيءَ ني
سُتَرُ سي ڏوئي، جي تَرُ توائي مَڪُرا.

٢٣

هيڪِڙي ٻانهي چِٽَ ۾، ٻِي جوڙي جوڙُ جَبارُ
ڪَڏي اُونهين ڪُنَ مان، اِيءَ آڳي جو آڌارُ
جَهازُ جوهَرِيَنِ جو، تنهِ ٻِيڙي ۾ ڏي پَتارُ
ننڍا وَڏا مَڪُرا سَڀ پَسندا پارُ
مُنهُ مَدِيني سامُهُون جِت مُحمد شاھ موچارُ
سَٻاجهو سَتارُ، سُتَرُ سِيئِڻي ڪَري.

٢٤

اُتي اور اَلله سين، ڪُوڙُ ڪَماءِ م ڪَڄُ
ڪَڍُ تُون دَغا دِلِ مان، صاحِبَ وَٽي سَڄُ
مَحَبتَ سَندو مَنَ ۾ ماڻڪُ ٻارِجُ مَڄُ
اِنهين پَرِ تُون اَڄُ، تہ سَودو تِيئِي سَڦرو.

٢٥

جي تُون ٿِئين اَلله جو، تہ عالَمُ سَڀ سَندوءِ
"مَن لَهُ المَوليٰ فَلَهُ الکُلّ" پَرِينِ پاڻَ اُتوءِ
ڪَپَرُ ڪِينَ ڪَندوءِ، وانءُ تُون لَهرِنِ ڳَڏِئو.

وائي-١

ڪَنڌِي سارِيان ڪانَ، يا اَمُنَ اَمانَ!
يا اِلٰهي! ٻاجھ ٻيلاٽي ٻانئِيان
ڳِڻَ ڳاٺِيئو ناھ ڪو، اَپَرِ ٿِئا عِصيانَ
خَبَرَ ناھ خَبَرَ جِي، نِسورا نسيَانَ
والِي! رَسِجُ وَهِلو، اَرَڪَ ٿِئا انسانَ
سُڻُ سَٻاجها سُپرِين، بَرَتُون نِگهبانَ
مَدِيُون پَسِي مُنهنجِيُون شرمايا شيطانَ
هِنَ مُنهِنجي حالَ کي هَي هَي ڪَنِ حَيوانَ
سائين سُڪاڻِي آهِيين سامُونڊِرِين سُبحانَ
وَرُ وَسِيلا سُپرِين! تارِج مان طُوفانَ
تُرهو چَنو تار ۾، رَسِجُ تُون رَحمانَ
ٻيلِي جو ٻُڏَنِ جو، مُون تي مونٽي مانَ
وِينو پِني پِنٽو، ڪَرِ پيرو مَٿي پانَ

....

خالِقَ تان خُوبُ ڪِئا ڳُولَن جا گُذرانَ
آهيان آندوهَنِ ۾، وِينو پِنان پانَ
سُوالِي تو سَمَڪِئا، داتا ڏِيئِي دانَ
وِلها سَڀِ وَنهيان ڪِئا تُنهنجي جُودَ جُوانَ
مَتان مُونکي ڇَڏِئين، ٻيلِي سَندا ٻانَ
وِيرَ وَسِيلو آهِيين داڙُو ۾ دِيوانَ
لاءِ ڏُهارِيَنِ ڏيهَ کي خِيمو اَڏِئو خانَ
اُتي عَبدُاللَطِيفَ جي سُتَّجُ ڪا سُلطانَ.

٢١. تنهن واحد کي واھ= تنهن واحد جي واکاڻ، تنهن ڌڻي جي تعريف. ٢٢. سُترُ= سڌو تڙ تي، سولائيءَ سان بندر تي. ڏوئي= ٻيڙن کي هاڪاري آڻي. مڪرا (مڪرو جمع مڪرا)= ٻيڙا. ٢٤. اور= ڌڻيءَ جو ذڪر ڪر، ڌڻي کي ياد ڪر. ماڻڪُ ٻارجُ مڄ= چڱي سهڻي شعاع وارو مڄ ٻارج (هت 'ماڻڪ' صفت آهي 'مڄ' جي). سڦرو= وڏي نفعي وارو. ٢٥. عالم= سڄو جهان. 'مَن لَهُ الموليٰ فَلَهُ الکُلّ' = موليٰ جنهن جو آهي، سڀ ڪجھ تنهن جو آهي. اُتوءِ= ڇيوءِ. توکي ڇيو. ڪپر ڪين ڪندوءِ= ڪنارو توکي ڪوبہ نقصان نہ ڪندو (تنهنجي ٻيڙي ڪناري سان ڪٽي لڳي ڀڄندي ڪانہ). وانءُ= وڃ. وائي- ١. ڪنڌي ساريان ڪان= (اي منهنجا موليٰ توکان سواءِ) ٻي ڪا واھ مونکي ڪانہ ٿي سجهي. يا امن امان= اي ڌڻي مونکي پنهنجو امن امان ڏي. ٻيلاٽي= وڏي پاڻي جي وچ ۾، وڻن وارو ننڍڙو ٻيٽ (جتي ٻيڙي ٻيهي ۽ ان جو بچاءُ ٿئي). اپر= گهڻا، وڏا. عصيان= گناھ. خبر ناھ خبر جي= ڪنهن 'خبر' جي بہ خبر ڪانهي. نسورا= بالڪل، هوبهو. نسيان= ويسارا. ارڪ= رڪ رڪاءُ نہ ڪندڙ، بي صبرا، بي پرهيز. پان= پَن، پن پردو، حفاظت، امان. سمڳئا= ڏاتي ڇڏيا، سکيا ڪيا. جود= سخا. ٻان= بچاءُ ڪندڙ، محافظ، ضامن. داڙو= سفارش ڪندڙ. پر جهليندڙ. ديوان= شاهي دربار. عدالت ۽ انصاف جي جاءِ.

وائي-٢

مُون ۾ تُون مَوجُودُ، آءٌ اڳاهِين آهِيَان
اڪِيُون اکڙِيَنِ کي، سِڪِئو ڪَنِ سُجُودُ
تيلاه رَسِئا بُودَ کي، جيلاه ٿِئا نابُودُ
اِنَ دَرِ سيئِي اڳهِئا، جَنِ وِڃايو وُجُودُ.

داستان پيو

١

تانگهي ۾ تاڻي، بَنڌُ پَنهنجو تُرهو
اُونِهين ۾ آٽي، ڪو نہ ڏِينڊءِ ڪو ٻِئو.

٢

تارُو ترئو وَڃنِ، ننڍيا وَڏا واهُڙا
هَئي بَرِ اَتارَنِ، جِئَن ڳرا مَتِنِ مولِهيَا.

٣

ڏوري لَهہُ ڏانارُ، جمَ وِرچي وِهين ويسَرو
هَڪِئو هوج هُشيارُ، ڪِوَڻِ ڪِوَندي اوچِتي.

٤

سُتين کِهڙِيءِ سارَ، وِڄُ ڪِوَنديءِ ويسَرا
تو جيڏا تو يارَ، لَهرِ لَهوارا ڪِئا.

٥

وِڄُ ڪِوَنديءِ ويسَرا، سُتا سَنجهيئِي
وِيرَ وَرِي ويئِي، اَسارَنِ تان اوچِتي.

٦

نَئِنِ ۾ نِندرُون ڪَنِ، وِڄُ ڪِوَنديءِ ويسَرا
اُتان اَسارَنِ، وَڃي وَهُ واڪا ڪِئو.

٧

آيَئِہ نِندرَ اَياڳَ کي، ڪِوَڻِ ڪوايو
جَنِي نہ پَئُہ پانيو، ڪَري توائِي تَنِ کي.

٨

نَڪو سُڪُ نڳٽرين، نہ ويساندِ نَئِين
جيڪا اَچي سامُهِين، پانئِين سَا سَئِين
مُوڙِي ڪوهُ مَئِين، جِئَن سَڄِيُون راتِيُون سُمَهِين.

وائي-٢. آءٌ اڳاهين آهيان= آءٌ (همت ۽ حوصلي سان) اڳتي آهيان. سڪئو ڪن سجود= اکيون اکين سان ملي، سڪ ۽ محبت ۾ هيٺ ٿين (۽ وري ملن ۽ وري هيٺ ٿين). بود= اثباتي وجود، اثباتي هستي وارو مقام. ٿئا نابود= 'پاڻ' وڃايائون، نفي ٿيا، پنهنجي هئڻ هستي کي ڇڏيائون. د-٢-١. تانگهي ۾= تانگهي پاڻي ۾. تاڻي= ڇڪي. بنڌ= ٻڌ. ترهو= ڪکن ڪانن ۽ ڪاٺين جو نوڙين ۽ رسين سان ٻڌي تاهيل تر، هڪ قسم جو منجو (جو اڪثر ڍنڍن ۽ ڇڇن ۾ ٻيڙيءَ طور ڪم آڇجي). ٢. تارُو= جيڪي ترڻ ۾ تڪا آهن. ٻر= ڪام. هئي ٻر= کهڙو نہ ڏک ۽ ارمان! هئي افسوس!! اتارن= اڻ تارن ڪي (اهي جيڪي تري نہ ڄاڻن تن لاءِ (افسوس ۽ ارمان). مولهيا= پڪا، متي سان ٻڌل بار واريون هڙون، ڳريون هڙون، ڳرا مُوڙا (ڪنهن وڏي واهه يا گهٽي پاڻي مان تري ٻيءَ پر وڃڻ وقت، تارو پنهنجي جُتي، ڪپڙا ۽ ٻي ڪا هڙ متي تي پڪي سان ڇڪي ٻڌي پوءِ ترندا آهن). ٣. ڏوري لهہ= ڳولي لهہ. ڏانار= ڏنو، تمام وڏو ٻنو، وڏي ٻني ڪان ٻہ وڏو ڏانار (ذڪر اوچتي ڪوڻ ۽ نئن ۾ وڏي پاڻي اچڻ جو آهي، جنهن ڪان بچاءُ لاءِ ضروري آهي تہ اڳ ۾ ئي ڪو 'ڏانار' ڏسي ڇڏجي جنهن تي چڙهي بچجي). هڪئو، هڪيو (اصل حقيو= صحيح، پورو، حقيقي طور، بنا شڪ جي)= پوري پڪ سان، پوري وقت تي، پڪ سان موجود، مهل تي تيار ۽ موجود. ڪِوڻ= وِڄ. ڪِوَندي= چمڪندي.
٤. سارَ= سنڀار تي، آسري تي. لهوارا ڪئا= (وَهُڪ واري طرف هيٺ) لوڙهي لهوارا ڪيا. ٥. وڄ ڪونديءَ= ان وقت جڏهن ڪوڻ ٿئي. وِيرَ= پاڻيءَ جي اُٿل، نئين ۾ زور سان آيل پاڻيءَ جي اُٿل. وري ويئي= مٿان وري ويئي. اسارن تان= جيڪي غافل ٿي ستا تن تان، جيڪي سجاڳ نہ هئا تن مٿان. ٦. وَهُ= پاڻي جو تڪو وهڪرو، وڏو تڪو پاڻي. ٧. جن نہ پَئُہ پانيو= جن وڄ جو اڍڪو نہ ڪيو، خطرو محسوس نہ ڪيو. توائي ڪري= رُلائي بي حال ڪري. ٨. نڳٽرَ (واحد. نڳٽر)= آسمان ۾ تارن جا هميشہ هڪ نموني هڪ ساريڪا ميڙ (جهڙو ڪَتيون، ٽيڙو، وڇون). نڳٽرين= نڳٽرن ڪي. نڪو سڪ= انهن کي هڪ جاءِ ٽڪاءُ ڪونهي (۽ پيا اُيرن، هلن، لهن). نيون (واحد. نئن)= برسات ۾ جبلن تان لهندڙ پاڻيءَ جا تڪا وهڪرا. ويساند= ساهي، وٿي (پاڻي لٿو تہ بنا ساهي ۽ دير جي تڪو وهي ويندو). يعني تہ: سڀ سدائين پيا هلن، پر پنهنجي راهہ وٺيو پيا هلن. موڙي= ڪمائي، نفعو. ڪوهہ مئين= ڇو ٿو ڳڻين، ان جو ڇو ٿو اندازو ڪرين. جو بنا ڪم ۽ ڪوشش جي سڄيون راتيون ستو پيو آهين. (ان صورت ۾ تنهنجي ڪمائي ڪجهہ بہ ڪا نہ ٿيندي، پوءِ ڇو پيو سوچين تہ ڪمائي ڪيتري آهي).

٩

گهڙج گهاٽي نِيهَ سِين، اُڱَٿان ڪَپَرُ ڪارُونيارُ

اُڪارِج آڌارَ، لَهرينِ مانَ، لَطِيفُ چَئي.

١٠

جي پانئين ڪارو ڪيڙيانِ تہ اُتي بُونبُ بَناءِ

"قُل هُوَالرَّحمٰنُ آمَنا بِهِ" ساجا سِڙهَہ سباءِ

پَنج پَڳهَہ، ٽِريهَہ اوليُون، لاجُو سَپ لڳاءِ

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، گُوها خُوبُ ڪٽاءِ

تہ سامُونڊري سَندِياءِ، سَچي ساکَ اُبهي.

١١

مَ ڪِين هيج مَ هوجَ، ٽرسُ مَ، تاڻَ طَرازَ کي

چَئُہ ڪَلِمُو مُحمدَ تي تہ اُڱيان اچي اوجَ

سَهُڪيءِ پَتِ سَبوجَهہ، ٽُنهنجي مَڪي ڍُڪي مَڪُري.

١٢

وَهُ چيرِيندي مَڪُرِيين، لَهرِ لَڳندي نِتُ

جَنِ جيڏاهِين چِتُ، ٽَڙ تيڏاهين ڍُڪَنديُون.

١٣

جِتي لَهرِينِ لَکَ، کَنِ ڪَرِڳَلِ پاڻُ ۾

اُتي عبدَاللّطِيفُ چَئي، رَبَ ٽُنهنجي رَکَ

ڪُچاڙو هِي ڪَکَ، پَرَ جَهلِيندا پيڙِ جو.

١٤

اَتِ اُبتو آرُ، مُنهنجي موجَ نہ سَهي مَڪُري

ميڙي مَنايِن جو بيحَدَ چاڙهيُم بارُ

چَوڻُ چارو ناهَ ڪو بَديُون بي شُمارُ

ڪَپَرُ ڪارُونيارُ، اُڪارِيين اِحسانَ سِين.

١٥

جِتي وَنجَهہ نہ واهَ، چَپا چُرنِ ڪِينَ ڪِين

ڪِشتي ڪاغذ ڪَچَ جي، چاڙهيمِ مَنجها چاهَ

پَسِي سَختِي سَمُنڊَر جِي ماندا ٿيا مَلاحَ

شَرمُ رَکِين ٿُون شاهَ، لائِقُ لاڳي جا ڏٿي!

١٦

لَهرِينِ ليکو ناهِ ڪو، ڪَپَرَ ڪُنَ ڪارا

آچاڙا عَمِيقَ جا اَچِنِ اوپارا

اُتي اَسارا، وِيرَ وَرنديِئَہ ويسَرا.

١٧

وِيرَ وَرَندِيئَہ ويسَرا، اُتي توهُ طَلَبِ

١٠. ڪارو ڪيڙڻ= سمنڊ ۾ هل چل ڪرڻ، گس واڻون ڪرڻ. بونب= ٻيڙو، جهاز. قُل هُوَ الرحمان آمَنا بِهِ' (چئو تہ اهوئي رحمان جنهن تي اسان ايمان آندو) جي معنيٰ وارا سنا سڙهہ سباءِ. پنج پڳهہ= پڳهہ جا پنج رسا (معنوي لحاظ سان پنج وقت نماز جا). ٽيهہ اوليون= ٺوريون نہ، پر سڄيون ساريون ٽيهہ اوليون، ٽيهہ چپا (معنوي لحاظ سان= ٽيهہ روزا). لاڄو سپ لڳاءِ= سپ جهندا رسا ٻڌ. 'وَحدهُ لا شريڪَ لهُ (= الله هڪ آهي ۽ ساڻس ٻيو ڪو شريڪ ناهي، ٻيو ڪوبہ سندس برابر ناهي) جي عقيدي وارا ڳوها اُپا ڪر، سدا مٿي ڪٽاءِ. ساک ابهي= ساک قائم ٿئي، ساک پت رهي. ١١.'هيج' ۽ 'هوج' ملاحن جا اصطلاح ۽ هڪ ساريکا آواز (جڏهن ٻلي تي رسي ڇڪيندا تہ 'هيڏانهن' يا 'هوڏانهن' جي معنيٰ ۾ اهي يَڪ مُشتا آواز ڪندا). تاڻ= ڇڪ. اوڄ= سهٽي اُٿاوت، سهٽي سناءَ. سهڪيءَ پَت= سَوليءَ طرح. سبوجهہ= اي سهٽي سمجهہ وارا، چڱي ٻڌ سُڌ وارا. مڪي ڍُڪي= مڪي طرف هلي، مڪي سامهون بندر تي سڻائي ٿي هلي پهچي. ١٢. وَهُ چيريندي= پاڻيءَ جو وهڪرو چيريندي. مڪريين= مڪرين کي، ٻيڙين کي. لهر لڳندي نت= هميشہ (لهر پاسن کان لڳندي، پاسن کان لهر ڏک هٽندي). جن جيڏاهين چت= جن جو جيڏاهين لاڙو. ٽڙ ڍُڪڻ= ٻيڙيءَ جو ٽڙ تي پهچڻ. ٽڙ تيڏاهين ڍِڪنديون= ان ٽڙ يا بندر تي سڌو پهچنديون. ١٣. ڪن ڪرِڳل= گوڙ ڪن، وڏا آواز ڪن. ١٤. اَت= تمام گهڻو. اُبتو آر= پاڻيءَ جو ابتو ڦيرو، بيحد تکو وهڪرو. موج نہ سهي= پاڻيءَ جي موج ۽ تک جي سٽ نٿي سَهِي سگهي. ١٥. ونجهہ نہ واهہ= (پاڻي ايڏو اونهو آهي جو) ونجهہ نٿو لڳي، ۽ ٻي ڪا واهہ ڪانهي. چَپا (واحد. چپو)= اولا. ڪاغذ ڪَچ جي= بيڪار شين مان ٺهيل، بيڪار ٻيڙي. چاڙهيم= هاڪاريم، هلايم، سمنڊ تي چاڙهيم. منجها چاهہ= حرص مان. لاڳو= محصول. لاڳي جو ڏٿي= لاڳو وٺندڙ، جنهن کي لاڳي وٺڻ جو اختيار هجي. ١٦. آچاڙا= وڏا اوسانب، وڏيون اُٿلون، وڏيون ويرون. عميق جا= اونهين پاڻي جا، اونهين سمنڊ جا. اسارا= اويسرا، اي بي خبر. ١٧. وِير ورَنديئہ= پاڻي جي اُٿل توتي مٿان ايندي. توهُ= راضپو (الله جو). توهُ طلب= توه جي طلب ڪر، الله جي فضل ۽ ڪرم جي دُعا گهر.

سائِرَ کَنهِ سَبَبِ، ڪالهہ نہ وِڙهن ڪُنَ ۾.

١٨

ڪالهہ وِڙائِين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگَ جَهازَ
تُنهنجي اَڄُ طَرازَ، آهي آرَ اکِينِ ۾.

١٩

آهِيين آرَ اکِينِ ۾، ناکُئا ڪِجُ نِگاهَ
وَڏا ٻيڙا ٻوڙِئا سائِرَ ڏيئي ساهَ
مُلاحِظو مَلاحَ! ڪِجُ ڪو اِنهن ڪُنَ جو.

٢٠

مُلاحِظو مِهراڻَ جو مُورِ مَ لاهِ مَناءِ
سامُونڊري سَياڳَ ڪي سُمَهڻَ آيوءِ ساءَ
جاڳي جَرَ مَتاءُ، تاري وانءُ طرازَ ڪي.

٢١

تاري وانءُ طرازَ ڪي مَنجها مَوجَ مَلاحَ!
سُڏيُون ڏِينِ سَمُونڊرَ جِيُون اُونهين جا آگاهَ
سُونهن جِي صَلاحَ، وَٽُ تہ وِيرِ لَنگهي وڃِين.

٢٢

سُونهان سُڏيُون ڏِينِ، ديواني دَرياءَ جِيُون
ڪُوڙَ اوڏائِي ڪِينَ ڪِين رُڳو سَڄُ سَودِينِ

عِجزَ جو اَڏَ رات ڪي وَڻِجُ وِهائِينِ
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنهہ سِيرَ مان.

٢٣

ثابِتُ لَنگهِئا سِيرَ، لَهرِين لوڏيا ڪِينَ ڪِينَ
وَڃي پُهُتا پارَ ڪي، نِرتُون مَنجهان نِيرَ
ماءِ پُهُتا مِيرَ، ٻار لَنگهياتُون ٻاجهہ سَين.

٢٤

ساتِينِ سَنبَتَ پَنڌَ جي، تُون ويسَرو وِيرَ
جوڙِي جُنگَ جَهازَ ڪي ڪوڙ هَٽائِج ڪِيرَ
وَهي وَڻِجارَنِ جي بَندَرَ ڏانهہ ٻهيرَ
گهَرِ ٿِئي جي ڪِيرَ، جَن لاڳيدارَ لَنگهائِيا.

٢٥

وِيرَ مَ لائي ويهُہ، مَٿي آرَ اوڙاهَ جي
پَسي پاڙي وارِيُون ڪِجُ اَنديشو اِيهُہ
ڏِسِين نہ وِيندو ڏيهُہ، پَٽَڻُ هُنَ پارَ مَٿي.

٢٦

اَنئِي پَهَرَ اوڙاهَ تي مَنجهہ گرِهَ گهاري
وَسِ نہ ويچاري، تہ ڪا ماڳِ ڍُڪَندِي مَڪُرِي.

سائِر= درياءُ، سمنڊر. نہ وڙهن= توکي نہ وڙو. ١٨. جاڏا= وڏا مضبوط. جنگ جهاز= وڏا شاهي جهاز. ان وقت جا چيني 'جَنڪ' جهاز. طراز= ٻيڙي. ١٩. آرَاکين ۾= آر جي اکين ۾، آر کي سامهون. ڪج نگاهہ= نظر ڪج. ڌيان ڪج. سائر ڏيئي ساهَ= سمنڊر ساهہ کڻي (ساهہ= وير جو مٿي چڙهڻ ۽ لهڻ، سمنڊر جي پاڻي جي سطح جو هيٺ مٿي ٿيڻ). ملاحظو= ڊپ، اوسيئڙو، پري رهڻ وارو فڪر. ٢٠. مهراڻ= (استعاري طور هت معنيٰ) سمنڊر. مُور مَ لاهہ مناءِ= پنهنجي من مان ڊپ نہ لاهہ. سياڳ ڪي= (تقليبي صنعت، الٽي معنيٰ واري صنعت موجب) اياڳ ڪي، توکي نياڳ ڪنيو آهي. سمهڻ آيوءِ ساءُ= سمهڻ مان توکي ساءُ آيو، توکي راحت آئي. ٢١. منجها موج= موج منجها، زور واري لهر منجهان. اونهين جا آگاهہ= عميق سمنڊر جا واقف. سونهن جي= جيڪي.سونهان آهن تن جي. ٢٢. ديواني درياءَ جيون= هيبت واري سمنڊر جون. روايت موجب، اڳ ناکئا جاوا ۽ چين ڏانهن ويندي ڪنهن پاڳي واري سمنڊر کي جيڪو خطرناڪ هو، 'ديوانو درياءُ' سڏيندا هئا). عجز= نهٺائي، نماڻائي، عاجزي (نئڙت ۽ عبادت). نباهيو نين= سلامت نين، بچائي وڃن. ٢٣. ثابت لنگهئا= بنا ڪنهن نقصان جي لنگهي ويا. نرتون= وڏي سمجهہ سرت سان. ماءِ= جاءِ، مقرر ماڳ، بندر. ٻار= اوڙاهہ پاڻي جي تک ۽ چڪ، اونهي پاڻي جي لهر ۽ لوڏ. ٢٤.ڪوڙ هٽائج= ڪوڙ مان هٽائج، وڏي چاهہ ۽ هيج سان هٽائج. ڪيرَ= ميخون، ڪلَ. وهي= هلي پئي، وڃي پئي. ٻهير (ف. اٿالو)= قطارن جي لانڍ. ڪير= واڌائي. لاڳيدار= محصول اڳاڙيندڙ. ٢٥. وير= ويرم، دير. آرُ= پاڻيءَ جي پلٽ. پاڻيءَ جي تکي چڪ. اوڙاهہ= اونهو پاڻي، عميق سمنڊر. مٿي آر اوڙاهہ جي= اونهي سمنڊر جي پاڻيءَ جي تک چڪ واري ماڳ تي. پاڙي واريون= اهي پاڙي واريون جن جا پتار ۽ پائر سمنڊر ٻوڙي ڇڏيا. مٿي= ڏانهن، طرف. ٢٦. گرِهہ= (ف. گريہ) منجهہ گرهہ= گريي ۾، اوسيڙي ۾، الڪي ۾. ماڳ ڍڪندي= ماڳ تي پهچندي، بندر تي سلامت پهچندي.

۲۷

دُنيا سَپ دَرياهُ، ڪو ڪو تارُو تنهِ ۾
هِڪڙي لَهرِ لَوپَ جي، ٻئو آتَشِي اوڙاهُ
طَالِبَنِ توڙاهُ، موڙي چاڙهِي مَڪُرِي.

وائي

سَهسين شُڪرانا، ڪَرِ سَهسين شُڪرانا
ڪوڙين پالَ ڪَرِيمَ جا

حَمدُ چَئو حَڪِيمَ ڪي ظاهر زبانا
تو ڏيکاري تو ڏٺي باطِنَ جا بانا
مَتان مَردَ وِسارِيين صاحبَ جو ثَنا
دُرستُ رَکِي دِلِ ۾ پڙهُ لاالهَ لِسَانا
جَفا ڏيئِي جانِ کي، ٿِيءُ فِڪرَ مَنجِهه فَنا
تُسِي توسين توهَ ڪَري آگو اِحسانا
ڪَڏُ تون دَغا دِلِ مان ٻانهپَ سين، ٻانها
صاحِبَ وَٽِي سَچَ سين، ٿِيءُ دانهُ، ديوانا!
جي تَحقِيقُ ٿِئا تَسليمَ سين، اوءِ ڪِئَن اَمَانا
ڳاڳِئا جي جَبارَ لَئِي سيئِي سَمانا
”فَاذ ڪُرُونِي اَذ ڪُرُڪُم“ ڪَهِئو قُرانا
”وَاشڪُرُوا لِي وَلا تَڪفُرُونِ“ ڪَڏُ تون ڪُفرانا
سَپ سَنوارِئا سُپرين قَوالَ تو ڳَنا
چَڱِي چَئِجُ چاهَ سين مَدَحَ اِيءَ مَنا
تائبُ ٿِيءُ ٽَڪَڙو جوشان جُوَانا!
لَهِين تون لَطِيفَ ڪان اَمُنُ اَمانا.

داستان ٽريو

۱

اڳِهِين اُتومانءِ، تہ مَک پَنهِنجِي مَڪُري
پورا شَڪُ مَ پانءِ، لَهرِيون صَحِيءُ لَڳنديُون.

۲

وَڻجارا ويني، تو نہ سَرندِي شاهَ ري
مَکِ پَنهِنجِي مَڪُرِي، چَڱِي ڪَرِ چيتي
پاسَا پاڳڙِينِ جا سَمُندرُ تو سيڪي
جي لُنڊا مَنجِهه ليڪي، وِيرِ وِڙهندِي ٽِنِ سين.

۳

مَکُ ڏِيهاڙِي مَڪُرِي، ٽُنَ ٽُنيندو آءُ
سانباهِي سَمُونڊرَ جي مَنا مُورِ مَ لاه
اَڄُ ڪِ سَنجِهه صُباح، اُهَرندين اَتانگَهَ ٽڙين.

۲۷. آتشي اوڙاه= هَوَس وارو اوڙاه. موڙي چاڙهي= ڦيرائي، پاسو ڏيئي هاڪاري. وائي. سهسين= هزارين. ڪوڙين= ڪروڙين. ظاهر زبانا= زبان سان ظاهر. باطن جا بانا= مخفي رنگ، ڳجها راز. لسانا= لسان سان، زبان سان. جفا= تڪليف. تُسِي= راضي ٿي. توهہ ڪري= احسان ڪري. جي تحقيق ٿِئا تسليم سين= جيڪي پڪيءَ طرح 'تسليم' واري منزل تي آهن، (صوفين جي اصطلاح ۾ 'رضا ۽ تسليم' واري مقام تي آهن.) جَبار= الله تعاليٰ جو نالو. سمانا= چڱي مان لهڻ وارا، آڏو چڱي مان مهت وارا. 'فاذڪرونِي اذڪر ڪُم'= پوءِ مونکي ياد ڪريو تہ آءٌ اوهان کي ياد ڪريان. 'واشڪُروالِي ولاتڪفرون'= (نعمتن لاءِ) منهنجو شڪريو ادا ڪريو ۽ انڪار نہ ڪريو (ناشڪري نہ ڪريو). سنوارِئا= سچا سنوان سهڻا ٿيا. قوال= ثنا ۽ تعريف ڪندڙ. تائب= (گناهَن ڪان، فڪر کان) توبهہ ڪندڙ. جوشان= جذبي مان. جوانا= اي جوانو. لطيف ڪان= الله ڪان. امن امانا= امن امان، سلامتي ۽ حفاظت. د- ۳-۱. اُتو مانءِ= چيو مانءِ. مک= تيل سان مک. مڪري= ٻيڙي. پورا= اي پورا، اي ڳهيلا، اي وِسوڙل. صحي= ثابت، پڪيون پختيون. ۲. ويني= ويهڻ سان (۽ ڪم نہ ڪرڻ سان). نہ سرندي= اطمينان سان ويل نہ گذرندي. شاھ= بندر جو شاھ، شاھ بندر (جنهن کي حساب ڪتاب سان محصول ڏيڻو آهي). پاڪڙي= ٻيڙي. پاڪڙين جا= ٻيڙين جا. سيڪي ٿو= ڏک هٽي هيٺا ڪري ٿو. لُنڊا= ڪوتهہ، ناقص، ڪنيل. ۳. ٽُن= سوراخ (تري ۾ پيل). ٽنيندو آءُ= پَريندو آءُ، بند ڪندو آءُ (روزانو، سدائين، مسلسل طور). سانباهي= سمندر جو اُٿڻ ۽ اڇڻ، وير جو وڙهڻ ۽ اڇڻ، خوفائتي آوت. اهرندين= ٻيڙي هاڪاريندين، ٻيڙي ڪاهيندين. اتانگهہ ٽڙين= اتانگهہ ٽڙن تي، ڏکين ٽڙن تي، ٻيڙي جي ڏکين ڊوڪن (ٻيهڻ وارين جاين) تي.

٤

مُون تي چيُئہ ڪانڌَ! پُتي پاڙِ مَ مَڪُرِي
سِڙهه پُراڻا پاندَ، لَهرِيُون صَحِيءَ لَڳنديُون.

٥

مَنجها پيئِي مَڪُرِيءَ ڪا جا پاڻِيءَ پِڪَ
وَڪرُ هَٽِي وِٽِڪَ، ڪَنجِي ڪارو ٿِئو.

٦

مَنجها پيئِي مَڪُرِيءَ ڪا جا پاڻِيءَ بُوندَ
مُون سي ڏِٺا رُوندَ، وَڪرُ جَن وِجائِيو.

٧

توڙي ٿوائي، توءِ ٿُنهنجي آسَري
جِئَن وَڻجاري سين وَڪري، تِئَن مون گهرِ سَرَهائِي
سَجَڻَ ڳرِ لائِي، ڪِيرُون ڏِينديَسِ جيڏِيين.

٨

ٻيِڙي ٿُنهنجي ٻاجَهہِ، وَڪرُ ٿَنهِ وصالَ جو
گُوها اولا اُن جا سڀ سُونهارا ساجَ
مُعَلِمَ جِتِ مُحتاجَ، اُتِ پُورَڻَ وارو پاڻِ ڏٺِي.

٩

ٻيڙي پُراڻِي، وَڪرُ پاءِ مَ وِٿرو
ٿَري ۾ ٿُن پِئا، پاسَنئُون پاڻِي
هِيءَ هَڏِ وِهاڻِي، ڪَڙُهہ ڪَالهُوٽِي ڏِينهَ ڪي.

١٠

ٿَري ٿُنَ پِياسِ، پاسَنئُون پاڻِي وهي
گُوهو جُهرِجُهنو ٿِئو، لاڄُو سَڀ لَڙِياسِ
جيلاهَ سَڌرُ سُڪاٽِياسِ، وَهي تي وَهہ سامُهُون.

١١

وينو ٿُنَ ٿُنِينسِ، مَڪِ ڏِيهاڻِي مَڪُري
سَنباهي سَيدُ چَئِي، مَتي ناءَ نِئِينسِ
وَٿائي وَڏاندَرا لاڄُو لَڳائِينسِ
آخِرِ اُهرائِينسِ، تہ جوکو ٿِئي نہ جَڙاوَ ڪي.

---

٤. ڪانڌ= اي منهنجا پيار! پُتي= پراڻي، سڙيل ڪاٺ واري. پاڙ مَ= پاڙي تي نہ وٺ. سڙهہ پراڻا پاند= سڙهہ جا پاند پراڻا آهن (سڙهہ پراڻو آهي ۽ واءُ جي سٽ نہ جهليندو.) ٥. منجها پيئي مڪريءَ= ٻيڙيءَ جي اندر پئي. پاڻيءَ پِڪَ= پاڻي جي ذري. وِٽِڪَ= رنگدار ڪٽ يا ڪس. ٦. پاڻيءَ بوند= پاڻيءَ جي بوند، پاڻيءَ جو ذرو. روند= رئندا، هميشہ لاءِ رئندا. ٧. توڙي توائي= ٻيڙي توڙي ٽڙ ڪان توائي ٿي وئي آهي، تڙ تي پوري نہ آئي آهي ۽ پري تي ويئي آهي. وڪري= گهٽو وڪر. سجڻ ڳر لائي= سجڻ جي ڳر لاتل آهيان، سجڻ مون کي ڳر لاتو، سڄڻ پرڏيهہ کان موٽيو ۽ مونکي مليو. ڪيرون= مبارڪون ٨. ٻيڙي تنهنجي ٻاجهہ= اي وڻجارا! جيڪڏهن ٻاجهہ ۽ مهر تنهنجي ٻيڙي آهي. وڪر تنهن وصال جو= تنهن ۾ تو وڪر بہ وصال (محبت ۽ ميلاپ) جو پاتو آهي. ڪوها اولا- الخ= ان جا ڪوها، اولا ۽ ٻيا پرزا بہ سهڻا برڪت وارا آهن. معلم= ناکئا. پورڻ وارو= هاڪارڻ هلائڻ وارو. معلم جت محتاج- الخ= تہ پوءِ جت ناکئا بہ محتاج ٿيندا ۽ سندن وس ڪونہ هلندو تہ پاڻ ڏٺي تعاليٰ ان کي سلامت هلائيندو (چاڪاڻ جو تو ٻيڙي کي نيڪ نيت ۽ نيڪ مقصد سان سهڻو ڪري بنايو آهي) ٩. وِٿرو= وڏيڪ، گهڻو. هڏ وهاڻي= تہ هوند گذري وئي. ڪڙهہ= ڪپُ، گهٽي ڳِتي ۾ پئو، وڏو غور ۽ ويچار ڪر. ڪالهوٽو= ڪالهہ وارو، سڀاڻي. ڪڙهہ ڪالهوٽي ڏينهن ڪي= سڀاڻي جيڪي ٿيڻو آهي، تنهن لاءِ وڏو غور ۽ ويچار ڪر تہ ان ۾ ڪامياب ٿئين ۽ اهو خير خوبي سان گذري. (سڀاڻي. هت 'ڪالهہ' هندي ۽ اردو جي 'ڪل' يعني سڀاڻي واري معنيٰ ۾ آيل آهي). ١٠. تري تن پياس= ان ٻيڙيءَ جي تري ۾ تن پيا: تنگ ۽ سوراخ ٿيا. ڪوهو= ڪوهي واري ڪاٺي. جُهر جهنو= تمام پراڻو، گهڻو جهونو. لاڄو= ڪوهي جا رَسا. ڪوهي جي بالڪل چوٽيءَ ۾ ٻڌل جهنڊيون. سڌر= چاڻو ۽ حوصلي وارا. سڪاٽياس= ان ٻيڙي جا سُڪاڻي، ان جي سڪاڻ وارا، ان جا ناکئا. وَهہ= وهڪرو. وهہ سامهون= وهڪري سامهون، وير جي چاڙهہ سامهون. ١١. سنباهي= پوريءَ طرح تيار ڪري. ناءَ، ناوَ= سمندر جي ڪاڏي يا ڪاري (جنهن مان ٻيڙي ٻاهران سَمند مان اندر ڪناري ڏانهن اچي، ۽ اندران ڪناري واري بندر ڪان ٻاهر وڃي). متي ناءَ نئينس= (پوريءَ طرح جوڙائي راس ڪرڻ بعد) ان ٻيڙيءَ کي پاڻي ۾ لاهي ٻاهر سمندر ۾ هاڪارڻ لاءِ ڪاڏيءَ تي آڻ. وڏاندرا= وڏا. اهرائينس= تارينس، هاڪارينس، هلائينس. جوکو= نقصان. جڙاو ڪي= ٻيڙيءَ جي جڙاوت کي، جڙيل ڳنڍيل ڳتيل ڀاڱن کي.

١٢

وَنِي وِجُهہ وَکَرَ جا دَنگِيءَ ۾ داٽا
وِيرِ وَرَنديءَ ويسَرا! ويهُہ مَ وِيڳاٽا
هِيءَ ٻِنبرَ نہ ڇاٽا، ڪَڏهن هٽنديءَ ڪُنَ ۾.

١٣

وَکَرُ وهائي لُونڙُ، رُنگَ ڪٽُوري ڪَهُرين
ٻِنگو تُنهنجو ٻَرِ تي، جِمَ ڳالهائين ڪُوڙُ
وِڃائين مَ مُوڙُ، ڪُنئو تُنهنجو گهورِئو.

١٤

شَهَرُ ڏِسِي سَرَهو ٿئين، ڏِنيئي نہ بازارِ
وَکَرُ وَکَارِنِ جو ڏُکِئو کهڙيءَ ڊارِ
ٽَڻَ ٽَنِي سين گهارِ، تہ لَهِين لَکَ لَطِيفُ چَئي.

١٥

وَکَرُ وَڻجَارا، پاڻ ٻَرائو چاڙهئو
اَڃِي لَهرِيون لَڳِيُون ٻيڙيءَ ٻِپَارا
جاڳو جي جارا، تہ تَڙ ٿوائِي نہ ٿِيي.

١٦

اَڃِي سو ڏِنوءِ، جو ڪَپَرُ سوءِ ڪَنَنِ سين
سُتي لوڪِ، لَطِيفُ چَئي، ذَرو يادُ نہ ڪِئوءِ
غافلُ تي غُرابُ ڪي اوڙاهَ تي آندوءِ
سو ڇِتَرُ ڇُهي ڪان رکين جو پئو پراٽو پوءِ
جَهازُ ضَعِيفَنِ جو پاٽيءَ ۾ پرتوءِ
سَيدَ! ساڻُ سَندوءِ، پُرِ بَندرِ پهچائِيين.

١٧

جُتو وانءُ جَهازُ، ڳڏِئو غُرابنِ سين
پُورِيندي هُنَ پارَ ڏي سَڌرَ ڪُڄ سازُ
اَچِنِ ٿا آوازُ، سَنراٽي سَمُونڊَر جا.

١٨

جَرَ ۾ ڦوٽو جِيئَن، لَهرِيُون لَڳندي اَڏَ ٿِئي
ٿُون پُڻ آهِين تِيئَن، دُنيا ۾ ڪو ڏِينهڙو.

١٩

هيءُ جو سَودو سَفَرو، سو مُون پَلَءِ پاءِ
وَسُ ويچاري ناهِ ڪو، آگا عَرضُ اُوناءِ
رءَ هَمراهِيءَ هَادِيءَ جي مُورِ نہ مِڙِي ماءِ
لُطفَ ساڻُ لَنگهاءِ، لَهرُو لَهرِنِ وِچ مان.

١٢. وکر= سامان. دنگي= ٻيڙي. ورنديءَ= پوئتي موٽنديءَ، پاٽي لهي ويندءِ (۽ تنهنجي ٻيڙي سُڪي تي لڳي بيهي رهندي). ١٣. وکر وهائي لونڙ= 'لوڻ' جو وکر خريد ڪري، لوڻ سودي رُنگ= سَوائي، تور ۾ وزن کان ڪجهہ وڌيڪ (ورتل شيءِ جي تور کان پوءِ، وننڊڙ دڪان واري کان گهر ڪري رُنگ وٺندو ۽ چوندو تہ مٿان ڪجهہ رُنگ وجهي ڏئي. پر 'رُنگ' ساڳي شيءِ جي ملندي، (هت ان مجيل رسم ڏانهن اشارو تہ رنگ ساڳي شيءِ جي ملندي، باقي لوڻ جي خريداري تي ڪٿوريءَ جي رنگ ڪانہ ملندي). ٻنگو، جهڳو= ڪمزور ڪکن جو گهر. ٻر تي= بالڪل ڪناري لڳ (ٻنهي حالتن ۾، هر وقت خطري اندر جو ٻڏي وڃي). موڙ= موڙي، مور. ڪنئو= نفعو. گهورئو= ٻن پيو، ڪوءِ پيو. ١٤. وکارن= وکر وارن، دڪاندارن. ڏُکئو= ڪجي آيو. کهڙيءَ ڊار= کهڙيءَ طرح. ٽڻ= ڪا گهڙي، ڪجهہ وقت. ١٥. ٻپارا= ٻنهي پاسن کان. جارا= جار مان، جفا سان، وڏي همت سان. تڙ توائي ٿيڻ= تڙ کان توائي ٿيڻ، سنئين رخ کان هٽي، تڙ تي نہ پهچڻ. تڙ توائي نہ ٿئي= تڙ تي سٽو پهچي. ١٦. ذرو ياد نہ ڪئوءِ= تو ڏٽي کي ياد نہ ڪيو، تو پنهنجي رب کي نہ ٻاڏايو. اوڙاهہ= اونهين اٿانگي پاڻي تي. ڇتر= موزو، جتيءَ جو ڇنل پادر، موزي سان مشابهت طور ننڍڙي پراٽي ٻيڙي. ڇهو، ڇُهو= ڇوهو واءُ، سخت تکو واءُ (ٻيڙي هيٺ مٿي ٿيندي تہ چوندا 'ٻيڙي ۾ ڇوهو پَئي وئو.' پئو پراٽو پوءِ= جيڪو (غوراب) پاڻيءَ ۾ پئي پَئي، جيئن پوءِ تيئن پراٽو ٿي ويو. سيد= اي سائين، اي مالڪ، اي سردار، اي اڳواڻ! پُر بندر= پوربندر (ڪاٺياواڙ جو مشهور بندر). ١٧. جُتو= لاڳيتو ڳڏيو. وانءُ= وڇ جهاز= اي وڏا جهاز. غورابن سين= ننڍن ٻيڙن سان. پوريندي= هاڪاريندي. ساز= اوزار، ضروري پرزا (جڻن ڪو نقص ٿئي تہ ان کي درست ڪري سگهجي). آواز= گوڙ جا وڏا آواز. سنراٽي= زبردست، خوفناڪ، خطرناڪ. ١٨. ڦوٽو= بوڙيو، حُباب. ١٩. سو مون پلءَ پاءِ= (وڻجاري تي دعا گهري تہ اي منهنجا ڏٽي!) اهو سودو مونکي پلءَ پوي، ان جو نفعو مونکي حاصل ٿئي. اوناءِ= اڳهاءِ (موجوده ٻولي ۾ 'اوناءِ' عام رائج آهي. اڳين ٻوليءَ ۾ غالباً هن لفظ جو اچار بنا پيش جي اوناءِ هو، سنڌ جي بالڪل ڏکڻ الهندي پاڳي ڪڇ ۾ اجان تائين اهو اصلوکو اچار هلندڙ آهي). همراهي= مدد هادي= واٽ ڏيکاريندڙ، سونهون، معلم. ماءِ= مقرر ماڳ، مقرر جاءِ، بندر وارو مقرر تڙ. مور نہ مڙي ماءِ= (هيءَ ننڍڙي ٻيڙي) ماڳ تي هرگز ڪانہ پهچندي. لهرو= بار کڻندڙ ننڍي ٻيڙي، (لاهري ٻيڙي جيڪا ١٥ ۽ ١٦ صدي کان وٺي سنڌو درياهہ ۾ توڙي سلمونڊي ڪناري ويجهو جهازن مان سامان ڍوئڻ توڙي مسافري لاءِ ڪم ايندي هئي.)

وائي-۱

ساٿِيَنِ نَنڊا بارَ وو، تَنِ پانڌيَنِ نَنڊا بارَ

توکي آرسُ اکڙِيَنِ ۾

پاتا پاڙي واريين پُڪا مَنجھ پاتارَ

پَتڻُ تو پُورَ ڪَري، آئِي تُنهنجِي وارَ

سَجِيُون راتِيُون سُمهين ڪِيو مَنجھ خُمارَ

ڪ تو ڪَنين نہ سُئِي ڪِپَرَ جِي ڪُوڪارَ

سائِينءَ مُڪَهين سَچ ڪي، تُون ڪُوڙو مَنجھ قطارَ

ڪ تو ڪَنين نہ سُئِي هَلڻَ جِي هاڪارَ

تائبُ ٿِيءُ ٽَڪِڙو، پَرُوڙِ اِيءَ پَچارَ

نِندَرَ نہ ڪَجي ايتري، سَٽِجُ ادا يارَ

”ڪُل نَفسِ ذائِقَةُ المَوت“ سَچِي اِيءَ سَنيارَ

شِڪارُ تون شَهبازَ جو، تون تان مَنجھ شڪارَ

لَکَ مِڙِيئي لُٽِيا، هُنهين وِٺا هَزارَ

ڏِئِي جي اَللهُ کي تہ هُندَ ٿِيين پريين پارَ

جوڻِن مَتان جُٽِ تي، دُنِي تُنهنجي دارَ

جيفو آهِ حَدِيثَ ۾، اَنڌِيءَ اِيءَ آچارَ

وَنُئِيءِ ڪِينَ وِلهَنِ سين، ڪَنِبِي پُرِ ڦهارَ

سَا ڪِيئَن هَلِي توسين، جا پُڳِي ڪان پَتارَ

جِيَڻُ جالَ نہ نِبهي، سَٽِجُ اِيئَن سچارَ

جَمَ وِساريين ويسرا پِتِينِ جِي پُلڪارَ

وائي-۲

پُڇان ٿِي تو کَنَ

پانڌي ميان!

پُڇان ٿِي تو کَنَ

هادي ميان!

ڪِٿي پريان جا پَڳڙا

جتان جَتَنِ لَڏئو، اُتي چِٽِيا پَکَن پَنَ

جَرُ موتِيين جِئَن هَارِئو، مُنهنجي هِنيَڙي پَڳا پَنَ

داستان چوٿون

۱

وِجن مَ وِينجھارَ، پاٽِيٺَ جي پَرڪِيا

اَيھرُ پائي اَکِينِ، لَهنِ سَيڪَنهِن سارَ

موتِيءَ جي مزاجَ جو قَدرُ مَنجھ ڪِنارَ

وائي-۱ ننڊڻ، ننڊڻ= اٺ، گهوڙي يا ڪنهن ٻئي وهٽ تي بار ٻڌڻ، بار ٻڌڻ ۽ چاڙهڻ. ساٿين ننڊا بار= تنهنجن ٻين رفيقن ٻيڙين ۾ پنهنجا بار چاڙهيا آهن، سامان سولا ڪري رکيا آهن. پُڪا= ڪُٺا، فال جا چُٽڪا. پاتار= اونهين پاڻي واري ماڳ تي. پتڻ تو پور ڪري= پتڻ واريون ٻيڙيون پيون پرجن ۽ مسافر پيا چڙهن. ڪيو= نشي ۾ الوٽ. ڪوڪار= ڪنڌي ۽ ڪناري وارا سڏ (تہ سگهو اچو جو ٻيڙي هلڻ واري آهي). (پاڻيءَ جي ڪاڏ جي ڪري) ڪپر جي ڪرڻ وارو وڏو آواز (ٻيڙي ڪي خطري وارو سمان). مُڪهين= توکي موڪليو. هاڪار= هڪل، پڙهو. ڪُلُ نَفس ذائِقَةُ المَوت= هر ساهہ وارو موت جو ذائقو چکندو (آيت). سٽ جي معنيٰ= تون تہ شڪار ۾ محو آهين، پر تون پاڻ شهباز (عزرائيل) جو شڪار آهين. جوڻن مٿان جٽ ٿي= تنهنجي گوڏن رانن ۽ چيلهہ تائين چڙهيل آهي. دني= دنيا، ناٺو. تنهنجي دار= تنهنجي گهر اندر. جيفو= ڍونڍ. حديث ۾= ائين ڄاڻايل آهي تہ دنيا ڍونڍ آهي. انڌيءَ ايءَ آچار= انڌيءَ (دنيا) جا اهي آچار آهن. ولهن سين= سڄن سين، ڪنگالن سان. پڳي ڪان پتار= پنهنجي هر مالڪ کان جدا ٿي. جيڻ جال نہ نبهي= جيڻ سدائين ڪونهي، حياتي هميشہ لاءِ نہ آهي. پتين جي= قبر جي پاسن جي. پُلڪار= سوڙهہ سختي. وائي-۲. توکن= توکان. پکن پن= پکن جا پن. جر= پاڻي (اکين جو). موتين جئن= موتين مثل لڙڪ. جر موتيين جئن هارئو= اکين جا لڙڪ ۽ ڳوڙها موتين مثل ڪريا. پڳا پن= ور پڳا، سهڻائي وارا ور پڄي پيا، لاڏ ڪوڏ ختم ٿي ويا، دل جون خوشيون ختم ٿي ويون. د-۴:-۱. وينجهار= وينجهر (جيڪي موتين ۾ سوراخ ڪن)، جيڪي موتي مٽيا وِنڌين، ڪاريگر، وڏا ڄاڻو. پاٽيٺ= آبدار موتي، موتين ۾ قدرتي پاڻيءَ وارو چمڪو. ايهر (= آهري، شيشو)= عَينڪَ، عينڪ مثل خاص شيشن جا ڪوپا جن جي پاڻڻ سان ننڍين سنهين شين کي وڏيڪ چٽو ڏسي سگهجي. مزاج= جوهر، ذاتي جوت. قدرُ= وزن، ماڻ، قيمتي هئڻ يا نہ هئڻ. ڪنار= موتيءَ جو گهيرو، ڪنارو. ڪُهريءَ، ڇَڇَ يا سامونڊي پاڻي جي ڪنار جتي سپون ٿين ۽ موتي پيدا ٿين ۽ ملن. موتيءَ جي مجاز جو قدر منجهہ ڪنار= ٻہ معنائون (الف) موتيءَ جي ذاتي جوهر جو وزن ۽ قيمت ان جي گهيري واري چمڪ ۾ آهي (ب) موتيءَ جو قدر ان پاڻي جي ڪنڌيءَ سان آهي جتي سپون ۽ موتي آهن ۽ جتي پارکو انهن کي ڏسي جانچي انهن جي قيمت ڪٿين ٿا.

صَرافِنِئُون ڏارَ، ماڻِڪَ مُلاحِظو ٿِيِي.

٢

اَمُلُ آڇِ مَ اُنِ کي، جي نہ پَرُوڙِنِ مَٽِ
جِتِ گَڏِجِيئِي جوهَرِي ماڻِڪُ ٿِيئِين مَٽِ
جَنِي سونَ سين سَٽِ، ٿَنِ هَٽِي رِيءُ رَدِ ڪِئو.

٣

سونارا صَرافُ ٿِيءُ، هَڏِ مَ ڪُوڙُ ڪَماءِ
مَتان تو هَٽاءِ، وڃي وِڃا وِسَرِي.

٤

سينٽو هُئِين صراف سِين، تہ هُوندَ نہ ٿِئين هِيڻُ
جيڪُس جوهَرِنِ سين ڪِينِ ڳُڌاريئِہ ڏِينهَن
جَبَلَ مَنجها جِيڻُ، سوجهي ڪَڍِيائون سونَ ڪي.

٥

سونارا، صَراف سِين پَچِي چِڏِ بازِي
چانڊِي ڪِئو چِلائِيين رُپو رَوازِي
جِتِ ٽِيندو رَبُ قاضِي، اُتِ توريندءِ تجويزَ سين.

٦

سونارا، صَراف سين بازِي پَچِي چِڏِ
جو چانڊِي ڪِئو چِلائِيين، سو مَڇُڻ پوئِي هَڏِ
صَرافاٽِي سَڏِ، ٽُرَندا تِرَ مِيزانَ ۾.

٧

سونارا، صَراف سين لَڏو لاهِہ، مَ لَڏِ
سَودو سوئِي چِڏِ، جِتِ جَواهِرُ ناهِ ڪو.

٨

سونارا، صَراف سين لَڏو لَڏِ مَ لاهِہ
آهي ٿَنِ اُونداهِہ، جَنِ جَواهِرَ ضاعِ ڪِئا.

٩

جُهُ صَرافَنِ لَڏِئو، تہ تون پُڻ لَڏِڄ سونَ
قَدرُ لَهندءِ ڪونہ، نيئِي گَڏِينِدءِ گَڏُونءِ سين.

١٠

جي نہ سُڃاڻَنِ سَچَ ڪي، ويهُہ مَ تَنِي وَٽِ
اَمُلَ ڪي اَڏَ ڪَري پاڻا هَٽَندا پَٽِ
ماڻِڪُ ٿَنِ سان مَٽِ، جي پارکُو پاٽِيَٽَ جا.

١١

ٿا صَرافَ سُڃَنِ، (ڪي) پاڻُ ڪوڻائِنِ جوهَرِي
ماڻِڪُ ڪَري مُٽَ ۾، وانءُ وَنِي وَٽِ تَنِ
(تہ) سَندُسُ ٿِي، سيڏُ چِئِي، (ٿا) ڪَهڙو قَدُرُ ڪَنِ
(ڪ) پاٽِيَٽُ اِي پَرکَنِ، ڪ ڪَنچَنُ گَڏِينِ ڪَڄَ سين.

١٢

وِٺا سي وِينجهارَ، هِيرو لَعلَ وِنڌِينِ جي

ماڻڪَ= ماڻڪ کي، وڏي قيمتي موتي کي. ملاحظو ٿئي= حجاب ٿئي، شرم ٿئي. ماڻڪُ (پيشُ سان). ملاحظو ٿئي= ماڻڪ شرمندو ٿئي (چوندا: تون ملاحظو ٿو ڪرين، مونکي ملاحظو ٿو ٿئي). ٢. اَمُلَ= اهڙا موتي جن جو ملھ ڪري نہ سگهجي، جيڪي هر ملھ ۽ قيمت کان مٿي آهن، نهايت قيمتي موتي. مَٽِ= سونارا سون ۾ 'مٽ' ملائين (جن کي مٽ جي خبر ناهي سي سون کي ڪيئن سڃاڻندا). جوهري= جواهرن جو پرکيندڙ، ڄاڻو. ماڻڪُ= نهايت وڏي ملھ وارو موتي. مَٽِ= ملھ، قيمت. سٽ= سوداگري، واهپو، ڌنڌو. ريءُ= ڪوڙي چاندي، گلٽ. ٣. سونارا= اي سونارا. صراف ٿيءُ= صراف مثل ٿيءُ، سچ جو پارکو ۽ واپاري ٿيءُ. وڃا= وديا، ڄاڻ، علم جي امانت. ٤. سينٽو= واقف، ڄاڻ سڃاڻ وارو، گهائل مائل. جوهرين= قيمتي ذاتن جي پارکن. ٥. پچي چڏ بازي= صراف سان هوڏجي، حرفت، ٺڳي ۽ ٺاھ ڇڏ (صراف کان پري رھ، ان سان تنهنجي بازي ۽ سٽ ڪانہ هلندي). رپو روازي= رپو رواجي= مَٽ گڏيل چاندي، ڪوٺاريءَ وارو فاسد مواد.. ٦. مڇڻ پوئي هَڏِ= متان تنهنجي ڳچيءَ پوي، متان تنهنجي لاءِ مصيبت بنجي. ٽُرندا تِر= تِر ٽُرندا، ذرڙن جو بہ وزن ٿيندو. ميزان= ساهمي، تارازي. ٧. صراف سين لڏولاھ= صراف سان گڏ رھ (تہ ڪجھ سکين ۽ پرائين). مَ لڏ= لڏو ڪٽي نہ وڃ. پري نہ ٿيءُ، وٿي نہ وجھ. جت جواهر ناه ڪو= جت ڪا وڏي قيمت واري وٿ ئي ڪانهي. ٨. لڏو لڏ= صراف سين لڏو لڏي هل، گڏ گذار. مَ لاهِہ= لڏو مَ لاه (صراف لڏي ٿو تہ تون بہ لڏ ۽ پنهنجو لڏو لاهي نہ ويهي رہ). ضاع ڪئا= ضايع ڪيا. ٩. گڏون= غير گڏيل ذاتو. ١١. وڏا صراف ۽ ڄاڻوڪي ڪي ٿا سُجهن، باقي گهڻا سڀ پاڻ کي جوهري چئي پاڻ پڏائڻ وارا آهن. تون ماڻڪ کڻي وٽن وڃ ۽ پوءِ ڏس تہ انهيءَ جو ڪهڙو ٿا قدر ڪن: يا هو پاٽيٽ کي پرکين ٿا، يا سون (ڪنچن= سون) کي ٿا ڪچ سان ملائين! ١٢. هيرو لعلَ= 'هيرا لعلون'. ونڌڻ= سوراخ ڪرڻ (موتي ۾)، قيمتي مڻيي ۾ ڳهہ ٺاهڻ لاءِ سوراخ ڪرڻ.

ٿَنِي سَندا پوئِيان، سِيهي لَهَنِ نَہ سارَ
ڪُٽِين ڪُٺُ لُهارَ، هَاٽي اُنِي پيٽِيين.

۱۳

اڳهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٺ ٿِي
پَلَئِہ پايو سَچُ، آچِيندي لَڄَ مَران

وائي-۱

جاڳُئو جاران جيڏيُون، پاڻُ پَرَنِ جي
جاڳُئو جوشان جيڏيُون، پاڻُ پَرَنِ جي
هَلندي حَبِيبَنَ ڏي، ويلو وِچِ نَہ ڪَجي
مَٿي اُهسَ اُسِري، پَتَنگَ جِئَن پَئِجي
عَرَضُ اَحوالُ اُنَ کي چَڱيءَ پَتِ چَئِجي
ڪَري نِيازُ نِڪَٽِي، واحِدَ ڏي وَرجي
اَجَلُ اِيندو اوچِتو جو سدا تو سُجي
آهي موٺ مِڙنَ تي، گوڙيُون ڪِئو تو ڳَجي

اڳِئان اُونداهِيءَ جو ثَمَرُ سَاڻُ کَڻِجي
تان ڪين قُوتُ قَبَرَ جو، ڳوريُون آن ڳرِجي
آڳو عَيبَ اُواهِنجا ڍَڪِئا ڳُجَهہ ٻُجهي
جيڪِين وَهي وُجُودَ ۾ صاحِبُ سو سَمُجهي
ڊِرجي ڊراءِ ڏَٽِيءَ جي جيڪو پَئِيءَ پَڄي
اَمُنُ آهي اُنَ کي مَنجِهہ الله جي اَجهي

وائي-۲

عُمرِ سَڀِ عَبَثُ، ويلَ وِڃايَمِ پانهنجي
وَقتَ وِڃايَمِ پانهنجا
وِيٺي لِکيو لوڙِيَان، جيڪِين ڪِئو مَسُ
قَلبُ مُون ڪارو ٿئو، ٿُون ڪَامِلَ لاهِيين ڪَسُ
حالُ مُنهنجو ههڙو جهڙو، ٿان تون پِريمِ پَسُ
اُتِي اَيا ڳَڻِ کي راحِمَ اچي رَسُ

❖

سيهي= سيهي جي، شيهي جي. ڪُٺ= فاسد لوهہ. وائي-۱. جاران= ڪَست مان، زور مان. جوشان= جوش مان. پَرن= سپرد ڪن. ويلو وچ نہ ڪجي= وچ تي ويلو نہ ڪجي، وچ ۾ وقت نہ وڃائجي. اُهس= اهاءُ، روشني. اُسري= جذبي سان مٿي چڙهي، اڳتي وڌي. نياز نڪٽي= بس رڳو نياز ئي. ثمر= توشو، هڙ مُوڙي. ڳوريون آن ڳر جي= اوهان وٽ جيڪي حسين زالون آهن. ڍڪئا ڳجهہ= لڪل راز. وهي وجود ۾= اندر ۾ جيڪو خيال اچي ٿو. وائي-۲. عبث= اجائي. لکيو= لوح قلم جو لکيو، مقرر نصيب، ڀاڱو. لوڙيان= پوڳيان. جيڪين ڪئو مس= ازل واري ان مس جيڪي لکئو. ههڙو جهڙو= ايرو سيرو، هيٺو. پريم= اي منهنجا پرين. راحم= رحم وارا ڌڻي، رحم ڪندڙ مولي.

سُر گهاتو

هيءُ گهاتوئن جو سُر آهي: يعني انهن بي ڌڙڪ بهادرن جو بيان آهي جيڪي وڏي ڄاڻ وارا آهن ۽ خوفائتي سمنڊ ۾ خطري وارن ماڳن تي وڃي وڏن مڇن کي ڦاسائين. اهڙو هڪ خوفائتو ماڳ "ڪلاچي جي ڪُن" جو آهي جتي جيڪو گهاتو وڃي ٿو سو سلامت نٿو موٽي.

انهيءَ پس منظر ۾ (جيئن وڏي ڄاڻ ۽ همت وارا گهاتو به ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ قابو ٿي ويا)، ڀين گهاتوئن کي سُڄاڻي ۽ سمجهائڻي ته: جي سمنڊ ۾ ڦاٽ گهڙو ۽ ڪلاچي جو رخ ڪريو ته رڇن کي رڱ ڏيو ته وڏيڪ ڪارائتا ٿين، ۽ پنهنجي پوري تياري ڪريو جو ڪلاچيءَ جو ڪن اوهان تي ڪا ڪَهَل ڪونه ڪندو! وڏا مڇ مارڻا آهن ته اڳتي اونهين پاڻي ۾ گهڙي رڇ وجهو، باقي ننڍي جهول پاڻيءَ ۾ جهُڳا وجهڻ مان ڪجهه نه ورندو. وڏا مضبوط رڇ تيار ڪريو جو سمنڊ جا ڏار به وڏا آهن: هي ته ننڍڙيون نارون، ڇڇ ۽ ڇاڙون آهن؛ اوڙاهه ته اڃان اڳتي آهي. ڪامياب گهاتوئن جا اهي اهڃاڻ جو انهن گهڙڻ سان وڏي گهور ڪئي (مڇن کي ڄانچڻ ڳولڻ ۽ جهلڻ لاءِ وڏي هَل هَلان ڪئي ۽ ڪامياب ٿيا: مانگر مڇ کي ماريائون ۽ گهڻو مانائتا ٿيا.

داستان پهريون

١

گهنگهرِئا گهڻَ ڄاڻَ، مُوڙهِي مَت مَهائِيينِ
وِئا گڏِجي وِيرِ ۾، پَئا مُنه مِهَراڻَ
اڳيان پويان ٿاڻَ، وِيا ويچارَنِ وِسَرِي.

٢

ماڪ پَڄايَنِ مولهِيَا، مَٿان رات پَئِي
اُجَهڻُ لَڳِينِ اولِيُونَ وِئِنِ وَنجهَه وَهِي
ڪَلاچِيان ڪَهِي، ڪَڏهِن ڪونه آئِيو.

٣

ڪالهَه ڪَلاچِيءَ وِئا ڄَتِيُون ڳَٽِي ڄُڳِيرَ
پائُنِ پيرو نه ڪِئو، اَدَنِ ڪِي اَويرَ
اِهَڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنَ وَرائي جَهلِئِي.

٤

ڪالهَه ڪَلاچِيءَ وِئا گهاتُو ڪَري گهُورَ
مادَرِ مَلاحَنَ جا وِيئِي سَهان سُورَ
مُونڪي ڪَري مَلوُرَ، اُوِنهين وِئا اوهَرِي.

٥

ڏيهَاڙِي جَنِ ڏئيرا مارِئو ڏِنمِ موڪَ
گهَرَ ۾ گهاتُوئَڙنِ جا ٿا مارِيئَمِ ٿوڪَ
لَڏِي وِچان لوڪَ، اُونهين وِئا واهَرِي.

٦

نَڪا بُوءِ بازار ۾ نَڪا چُلرَ ڇَٽَ
جِتي ڏنيَرَنِ جِي اڳِي هُئِي اُگهٽَ
سي پڙَ پَسِئو پَٽَ، ماڙهُو وَڃِنِ موٽِئا.

٧

اُپِي اُسڙان اُسَ ۾ جَهلِئو ڪُنَ ڪِنارَ
گهاتُو گهَرِ نه آئِيَا وَڏِي لَڳِينِ وارَ
هُيَسِ جَنِي هارَ، سي مُوڙِي چڙهيا مَڪُرا.

د-١: ١. گهنگهرِئا= گهنگهر ۾ پئا، وڏي ڏولائي ۾ پيا، وڏي مونجهه ۾ پيا. گهڻ ڄاڻ= گهڻو ڄاڻندڙ، وڏا ڄاڻو. موڙهي= مُنڌي. مَت= ڄاڻ، ڏاهپ، سُڄاڻپ. مهائيين= تمام وڏي همت وارن جي، وڏن جنگي بهادرن جي. وِئا گڏجي= وڪوڙجي وِئا، ڦِٽ ٿي ويا. پئا منه مهراڻ= مهراڻ جي منهن پيا، درياءَ جي هيبت سامهون ٿيا. ٿاڻ= ٿاڻا= اهڃاڻ، انڪلون، حيلا. ٢. مولهيا= پٽڪا، مٿي تي ويڙهيل ڪپڙا. اُجهڻ= جهڪيون ٿيڻ، هيٺيون ٿيڻ. وئن ونجهه وَهي= وَنجهه وَهي وين. ونجهه لڙهي وين (هيٺ تري ۾ نه لڳا ۽ اونهين پاڻيءَ جي ڇڪ ۾ هٿن مان ڇڏائجي لڙهي ويا). ڪَلاچيان= ڪلاچيءَ کان. ٣. ڄَتيون= مڇيءَ مارڻ لاءِ ٺاهيل ڄَتون. ڄُڳير= ڦُرن وارا، سهڻا ۽ سَبَرَ، جوڌا جوان. ڪيرَ= ٽولي، جماعت، سنگت، قطار. ٤. ڪري گهُور= گهُور ڪري، نظر ۾ رکي، جُوهه ڪري. ملور= ملول، ڏکارو. اوهري= (پنهنجيون ڀيڙيون) هاڪاري. ٥. ڏنيرا= ڪُرڙا. موڪ= گهڻا. ٿوڪ= شيون، سامان. ٦. چلر ڇٽ= چلرن جي ڇٽ، چلرن جي تکي باس. ڏنيرن جي= ڪُرڙي مڇيءَ جي (جيڪا نهايت لذيذ ۽ قيمتي). اُگهٽ= گهٽائي. پڙ= مياڻين وارا ماڳ. ماڙهو= ماڻهو. ٧. اسڙان= اُس جو ڪاڙهو سهان. ڪن ڪنار= ڪن جي ڪنار، اونهين گول گولائي واري پاڻي جي ڪناري جي ڀَر. وار= وير، دير. هار= آهار، آسري. موڙي= ڦيرائي. مَڪُرا= ٻيڙا.

٨

ٿريُون پسان نہ تارِ ۾ جُهڳا جاءِ نہ ڪَنِ
مادرِ مَلاحَنِ، ماڳِ نہ ڏويا مَڪَرا.

٩

مُون أڌارئا مَڇَڙا، اللهُ گهاتو آڻِ
مِيان مُندارَنِ سِين مُونڪي وِجُهہ مَ ڪاڻِ
هَٽَ مُنهنجي هاڻِ، قَدُرُ لَڌو جَنِ ري.

١٠

اوري هُئا تہ آئِيا، جيڪُسِ وِئا پَري
ساٿِي سَڌُ ڪَري، ماڳُ نِهاري موٽِئا.

١١

رويو رَڃَ نِهاريَان اُديون اَڄُ سَندانِ
سَٽِي ساڃَ پِيانِ، وِيڙو لوهُ لِڪُون ڪَري.

١٢

ڪِلِي جان ڪِيڪاريَان تان ساٿِي سَگ نہ ڪَنِ
وارِئو وَهِٽَ وَجنِ، ڪَنِ سَياڳِين سامُهَان.

١٣

جان گهڙُنداءُ گهاتُئا، تان رَڃَنِ ڏِهو رَڳ
سَڳايُون ۽ سَگ، ڪَلاچِي ڪِينَ ڪَري.

١٤

جِئَن جُهڳا پايين جهولَ ۾، اِيئَن نہ مَرَنِ مَڇَ
سَبَرَ ڏارَ سَمُوندرَ جا ڪي راوان رَڳَجُ رَڇَ
هِي چاڙُون ۽ چَڇَ، اَجان اوڙاهُ اَڳاهُون ٿِئو.

١٥

اَئِين جا لُڌو لوڌَ، نہ اِيءَ پَرِ گهاتُوئَڙنِ جي
ڪُنَ ڪَلاچِيءَ ڪوڏَ، سُڪِ نہ سُتا ڪَڏِهين.

١٦

گها اَڳِيان، گهاتُو اَڳِيان، (اِي) گهوري نہ چاڻَنِ
جِنهِ پَرِ مَڇَ مَرَنِ، سا پَرِ اِي نہ سِکِيَا.

---

٨. ٿڙيون ('ٿر' جو جمع)= ڪکن ڪاين سان ٺهيل ننڍڙا مَنهن جيڪي پاڻي تي ترن ۽ جن تي ٻہ ٽي ماڻهو ويهي سگهن. ماڳ نہ ڏويا= ٻيهڪ واري هنڌ نہ آندا، ڪناري لڳ ڊوڪ تي نہ ڍُڪايا. ٩. مون اڌارئا= مون اڌارا ورتا (منهنجي اهڙي سقيم حالت جون مڇڙيون بہ اُڌاريون ورتم). مندارن (ف. بُندار= دڪاندار)= دڪاندارن، ڪوڙيدارن. مونڪي وجهہ مَ ڪاڻ= منهنجي ساڻن ڪاڻ مَ وجهہ، مونکي سندن ڪاڻيارو نہ ڪر. هٽ منهنجي= منهنجي ساڻن هٽ ۽ هوڏ، منهنجي هاڻي ۽ هيڻ، منهنجي جند جان. ١٠. ماڳ نهاري= سندس ماڳ جايون جانچي ڏسي. ١١. ساڃ= رَڃَن جا سامان. لکون ڪري= ريکون ڪري. ١٢. سگ نہ ڪن= مونکي سگيٽو ڪري نہ پائن. وهٽ= پنهنجي چڙهي وارا وهٽ (اٺ، گهوڙا، گڏهہ). ڪن سياڳين سامهان= انهن سامهان جيڪي مون ڪان وڌيڪ سياڳيون آهن (جو سندن ور وري آيا آهن). ١٣. ڏهو= ڏِيو. سڳايون= مائٽريون (۽ مهربانيون). ١٤. جُهڳا= رڇ جو هڪ قسم، ست اٺ فوٽ ڪن، سنهين سٽ جو، ڪاري جي مڇي مارڻ لاءِ (شاهبندر لڳ ساموندري ڪناري تي اڄان (آڪٽوبر ١٩٩٢ع) تائين استعمال ٿئي. پيشگير جيڏو رڇ جنهن کي مهاڻا ٽُونئين تي رکي پاڻيءَ ۾ اُڇلائيندا آهن. جهول= واهڙ، ڍنڍ، ڍوري جي هڪ 'مٽار' يعني تانگهي پاڻي وارو پاسو، ٻي 'جهول' يعني جي اونهين پاڻي وارو پاسو. ساموندري ڪناري ڏانهن وير جڏهن چڙهي وري لهندي تڏهن هيٺاهين ۾ پاڻي ڇڏي ويندي. اهو پاڻي جي تانگهو تہ 'جهول' ۽ جي اونهون تہ 'ڪُن'. سبر= سبر، وڏا زوردار. راوا= رائو رڇ (رائو. جمع راوا) وڏي ۾ وڏو رَڇ، جيڪو سمنڊر ۾ وجهن ٿا. اڳ رَڇ رڱيندا هئا، تہ جيئن اڇو واٽيل سٽ وڌيڪ مضبوط ٿئي ۽ پڻ ڏسڻ ۾ سولائي ٿئي. رڱڻ لاءِ ڳاڙهيرو رنگ، 'ڪرڙي' جي وڻ جي ڏانديءَ مان ڪڍندا هئا. 'ڪرڙي' جو وڻ هن وقت بہ ڪاري وارن واهڙن جي ڀيٽن ۾ موجود آهي ۽ خاص طرح مياڻي جي ٻيلي ۾ گهڻو آهي. چاڙون= تانگهي پاڻيءَ جون چرون، ساموندري ڍورن جون پوڇڙيون جتي تورو پاڻي ٿئي، ڪَسيون. ڇڇ= درياءَ جي اڳين پيٽ جا پاڻي سان ڀريل ياڳا جيڪي ڊيگهہ ۾ گهٽا ۽ ويڪر ۾ تورا. اڳ ڪتان درياءُ وڙهو پئي، پر پوءِ جڏهن وهڪرو مٽايائين تہ اڳين وهڪ وارن ڪن اونهن ياڳن ۾ اونهون پاڻي سدائين لاءِ بيهي ويو. مثلاً شاهہ بندر تعلقي ۾ "ڇڇ جهان خان لغاري" جيڪو فرلانگ ڪن ويڪرو ۽ ڏيڍ ميل ڪن ڊگهو، پر گهڻو اونهون جنهن ۾ پاڻي سدائين ڀريو بيٺو آهي. ١٥. ڪن ڪلاچيءَ= ڪلاچيءَ جي ڪن وٽ. ڪوڏ= ڪوڏ مان، خوشيءَ مان. ١٦. گها= گهاءَ، گهائا، گهاوا (واحد. گهائو)= وڏا رڇ. گهورڻ= مڇي مارڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ گهور ڪرڻ، هل چل ڪرڻ. گهوري نہ ڄاڻن= پاڻيءَ ۾ مڇيءَ مارڻ جو ڍنگ نہ ڄاڻن.

١٧

گهورِيندهِين گهورِ پِئا، اَگهورَ گهوريائُون
مانگرُ مارِيائُون، مَلاحَنِ مُنهَ سَنرا.

وائي

گهاتــوئــڙا اَدا،

متان اَئين رَڃُ وڃائيو

گهوري ماري گهاتُوئا، رَڃَنِ رَنگَ ڏِجا
مَهندانِ اِنَ مُلکَ جو، اَئين کو ڏِرپُ کَجا
کري صَلاح سِيدُ چَئي، اُونِهين اُهرِيجا

داستان پهريون

١

مَتو آهِين مَڇَ، ٺُلهو ٿِئو ٿُونا هَٽِين!
جا تو ڏِنِي اَڃَ، تِنهِ پاڻِيءَ پُنا ڏِينهَڙا.

٢

ٺُلهو ٿِئو ٿُونا هَٽِين، مَتو آهِين مَڇَ
بابِ تُنهِنجي رَڃَ، لِکِئا لوحَ قَلمَ ۾.

٣

جِئَن تون هَڏَ نه موٽِئو، پَلو پَلو مَڇَ
جا تو ڏِنِي اَڃَ، تِنهِ پاڻِيءَ پُنا ڏِينهَڙا.

٤

جان واهُڙَ ۾ وَهُ، تان تُون مَڇَ نه موٽِئو
کائي ۾ کوهُ کَرِين پوءِ موٽَڻَ جو پَهُه
سِرَ مَٿي تو سَهُه، مَهميزُون مَلاحَ جِيُون.

٥

تان تون مَڇَ نه موٽِئو جان جَرُ هُئَڙو سِيرَ
آڏا مَنڊي کِيرَ، گهڻَ ۾ جهلِيَئِي گهاتُوئِين.

٦

جان جَرُ هُئَڙو جالَ، تان تُون مَڇَ نه موٽِئو
پُوئِتِي اَچُ کِ کالَ، سائُيوُيُون سانگَنِ ۾.

٧

کُنڊِي کَلِينِ وِچَ ۾ جَڏهن هَنئِي جَنِ
مُونکي مُون پرِينِ، کَڏَڻَ جِي کانهَ کَئِي.

٨

کُنڊِي کَلِينِ وِچَ ۾، جَڏهن هَنيائُون
موتِ نه مارِيائُون، ڏورِ ڏِيئِي وِئا ڏُکَ جِي.

◈

١٧. گهورِيندهين= مڇيءَ جي گهور شروع ڪرڻ سان ئي. گهورِ پِئا= وڏي گهور ۾ وڃي پيا، مڇي مارينديِ پَري وڃي پيا. اگهور= اهڙي ڏکي جاءِ جتي گهور ڪرڻ نهايت ئي مشڪل هجي، پاڻيءَ جي وڏي اُڇل ۽ اٿل پٿل هجي. اگهور گهورئائون= نهايت ئي مشڪل ماڳ تي وڃي مار ڪيائون. مانگرُ= مانگر مَڇُ، ماٺهو ڪائيندڙ وڏو مَنگرو (’واڪيڻُ‘ ۽ ٻيا انهيءَ جنس جا منگرا). وائي. گهوري (گهورڻ= مڇي جو شڪار ڪرڻ، مڇيءَ ڪي جانچڻ ۽ ڳولڻ). پاڻيءَ ۾ هلي مڇي ڪي ڳولي جانچي. ملڪ= سمنبر ۽ ان جو وڏيون ويرون ۽ وڏا مڇ. اُهريجا= اُهرجؤ، ٻيڙيون هاڪارجو، ٻيڙيون اڳتي ڪاهجو. د-٢: ١. ٿُونا هٽين= منهن سان زورائتا ڌڪَ هٽين. اڃ= پاڻيءَ جي گهٽي اُڃاڻ. پنا= اچي پورا ٿيا، ڄاڻ تہ ختم ٿيا. ٢. باب تنهنجي= تنهنجي باب ۾، تنهنجي باري ۾. رَڃ= وڏا ڄارَ (جنهن ۾ تون ڦاسڻ وارو آهين). لِکئا لوح قلم= ازل کان وٺي لکيل آهن. ٣. هڏ= موراهين، بالڪل، بنهہ. پلو پلو= تنبيهي ندائي فقرو: ”پلو ٿيو! پلو ٿيو.“ (= پر ان جي سزا ملندي، اهڙو ڪم ڪرڻ نہ کپندو هو). ٤. واهُڙ= هت معنيٰ سمنڊ جو واهڙ، ڪناري لڳ نديءَ جي چوڙ وارو ڪو درياهُ. وَهُ= پاڻيءَ جي وهڪ ۽ پلٽ. کائي ۾ = لاٽ ۾ (کائو= وير جي لهڻ سان پاڻيءَ جو لهي وڃڻ، پاڻيءَ جي لاٽ). مهميزون= سختيون، مارون، مٿي ۾ سُوئي لڳڻ واريون سيکتون. ٥. جر= دريا ۽ واهه، واهڙ جو وهندڙ پاڻي. جر هئڙو سير= پاڻي سير ڪري پئي وڙهو (واهه، واهڙ، درياهه ۾ گهٽو پاڻي هو). آڏا منڊي رڃ= آڏا رڃ اڏي ان جا ڪلا نوڪي مضبوط ڪري ڇڏيا اٿن. گهڻ= لوگها، مڇي جي پڇڻ جون واٽون. ٦. سائيُويون= ڄار. سانگن ۾= (درياهه جي) ڦاٽن ۽ واهڙن (جتي تون ڦرين ٿو). ٧. کُنڊي= گهيردار گولائين ۽ مضبوط لوهي ڏانديٖ مڇي ڦاسائڻ لاءِ هڪ پاسي ڏور ٻڌل ۽ ٻيو پاسو گولائون هيٺ وريل لوهي ڪنيو. ٨. ڪليون= مڇيءَ جي منهن واري پاسي مٿان ڪنهڙ هينيان ڳليون جن مان مڇي ساهه ڪڻي. موت نہ ماريائون= ائين نہ ماريائون جئن مري وڃان (پر مُئي واري حالت ۾ ڇڏيائون). ڏور= ڊگهو وٽيل سڳو جنهن جي چوٽيءَ ۾ ڪنڊي لڳل هوندي آهي.

١٨

يَڪُلِئا پُوٽُن، دَلق گَڏِئو ڏُوڙ ۾
راتِيان رُچ رَهَن، ڏِينهان ڏورِن ڏُونگرين.

١٩

يَڪُلِئا پُوٽُن، دَلق گَڏِئو ڏُوڙ ۾
ڳالهيُون ڳُجهِي لوڪَ سِين پَڌَرِ پَئِي نَه ڪَن
ڪا مُلِ آهي تَن، مُون پِريان جِي ڳالهڙِي.

٢٠

خُوفان ڪاهوڙِين، ڳوڙهو سُڪي نَه ڳَلَ تان
حُزنُ ڏِينهُ حَشَرَ جو توڙان لَٿو نَه تَن
ڪِئائُون، ڪِي ڪَنِ، آجِڪو اُخريٰ جو.

وائي

وَسائِيندڙِي مِينهُ، ماڻُ مِلان ڪي سَجَڻين
اَکِين آڪَمَ لائِيا، ڪَرَ مُندائِتا مِينهُ
مُونکي پِرِين ميڙِئين، روجهڙيُون ميڙِئين مِينهُ
مادَر مونِي نَه وِهان، مُون پِريان سِين نِينهُ
اَلا مِلَندِي پِرِينءَ ڪي راتِيُون ڏوري ڏِينهُ.

داستان پهريون

١

گَنجِي ڏُونگَرَ گامَ جو، پَئو جَنِ پَرو
چَڏِي ڪيٽ ڪَرو، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

٢

گَنجِي ڏُونگَرَ گامَ جِي پيئِي جَنِ پَرَکَ
وارِي سي وَرَق، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

٣

گَنجِي ڏُونگَرَ گامَ جِي پيئِي جَنِ پَٽِي
چَڏِي نِندَر گهَٽِي، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

٤

جَنِي پيئِي بُوءِ، گَنجِي ڏُونگَرَ گامَ جِي
ڏورِي سائِي جُوءِ، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

٥

گَنجِي ڏُونگَرَ گامَ جِي پيئِي جَنِي باسَ
چَڏِي سي لِباسَ، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

٦

گَنجِي ڏُونگَرَ گامَ جِي پيئِي جني سُڌِ
سي بي چَڏِي ٻُڌِ، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

٧

گَنجِي ڏُونگَرَ گامَ جِي پيئِي جن پَرُورَ
چَڏِي سي ضُرُورَ، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

---

١٨. يڪلئا، يَڪوليا= مٽيءَ ۾ پيوت ٿيا. پُوٽُن= هِت هُت هلن. دلق= لباس. رچ= بيابان جنهن ۾ مٿان توڙي هيٺ زمين ۾ پاڻي ڪونهي (ايرندي ناري جي پريان سانگهڙ ضلعي جي اتر- اوڀر کان وٺي خيرپور ضلعي منجهان ويندي روهڙي تعلقي جي ايرندين حد تائين، ۽ اڳتي ڪٿي وڏي ۽ ڪٿي گهٽ ويڪر واري) ايراضي جنهن ۾ پاڻي ڪونهي ۽ جنهن ڪي مقامي سنڌي اصطلاح ۾ 'رِچ' ('ر' جي زير سان) سڏجي. هي 'رِچ' پاڻي جي پاڇي واري 'رُج' يا سَراب کان الڳ آهي. ڏورڻ ڏونگرين= ڏونگرن ۾ ڏورڻ، پهاڙ ۾ ڏٽ ڳولڻ ۽ چوندڻ. ١٩. پَڌر پئي= ظاهر ٿي، کُلي. ڪا مُل آهي تن= تن وٽ ڪا آهي. ٢٠. خوفان= پنهنجن عيبن، ڪچاين ۽ گناهَن جي سزا جي خوف کان. حزن= دائمي گِريو، دائمي ڏک. ڏينه حشر= جزا ۽ سزا جو ڏينهن. ڪي ڪن= ڪي ڪجهه ڪن پيا. آجِڪو= (عربي. آذوقه) ثمر، توشو. اُخريٰ جو= آخرت جو. د-٢: ١. گنجو ڏونگر= گنجو ٽڪر جيڪو حيدرآباد شهر جي ڏکڻ کان شروع ٿي گهٽو اڳتي سعيد پور تائين وڃي ٿو. 'سعيد پور' سڏجي ٿي 'سعيد پور ٽڪر واري'. گنجي ڏونگر گام جو= گنجي ڏونگر جي گام جو، ڳوٺ يا بستي جو پئو جن پرو= جن کي ڏس پيو (انهيءَ گام جو، انهيءَ ڳوٺ جو. جتي وڏي نظر وارا وڏا درويش رهندڙ هئا). ڪيٽ= ٻني. ڪرو= گڏ ڪري رکيل ٻنيءَ جي پيدائش، ميڙي هڪ جاءِ ڪيل نفعي واري اپت. لوچي= وڏي محنت ۽ وڏو ڪشالو ڪري. ٢. واري سي ورق= سي ورق واري، اهي پنا اٿلائي، اڳيان خيال مٽائي. ٣. پَٽي= دَڙَ، مٽي (جيڪي گنجي ڏونگر گام ۾ ويا ۽ انهن کي الهي قرب جي ذري جيتري به ورچ ملي). ٤. جني پيئي بوءِ= جن کي خوشبوءِ آئي. سائي جوءِ= اهائي جُوءِ، ساڳي پيٽي ('گنجي ڏونگر گام' واري). ٥. باس= بوءِ، ڪا ٿوري خبر، ڪڙڪ. لباس= پوشاڪون، ويس وڳا. ٦. ٻُڌ= چاڻ. ٧. ضرورَ (جمع)= ذاتي ضروري ڪمَ، پنهنجيون ضروري ڳالهيون.

۸

گنجو ڏُونگرُ گامُ، پيهي جَنِ پَروُڙيُو
ڪري تَنُ تَمامُ، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

۹

پيهِي چِپَر پَسُ، گنجي ڏُونگرَ گامَ جو
توکي ڏِيندا ڏَسُ، ڏوٽِي آهِين ڏيهہ ۾.

۱۰

گنجي ڏُونگرَ گامَ ۾ کِهڙو اَٿِئِي ڪامُ
پَسِئُو ٿَنہ پهاڙَ ڪي اَچِي نہ آرامُ
مَتان ڏُونگرُ ڏورِئين اُجهي جِيئَن عوامُ
هُوَڻُ ڪَرِ حَرامُ، ڪامُ تہ ڪاهوڙِي ٿِئين.

۱۱

گنجي ۾ گُن گهڻا، پيرُ پَروڙي پاءِ
ڪاهوڙِي ڪُڙِ وِئا نڪا اوڏِي ماءِ
جَنِي ڏِنِي جاءِ، تَنِي موٽَڻُ مِيهَڻو.

۱۲

ڪاهوڙِينِ ڪَٽِي، ساجُهر ہَڏا سَندَرا
ڏوريندي ۾ ڏُونگرين ڪِئائُون پاڻُ پَٽِي
ڏُکَنِ ڏِيلُ هَٽِي، ڇيهُ لَڌائُون ڇِپَرين.

۱۳

اُٿِئُو اُٿِئُو ڪَنِ، 'هَلو هَلُون ڏُٿ ڪي'
پاٽِي پونٽِرِيَنِ ۾ ڪُنڌَرَ سِرِ ڪُلَهنِ
ڏُوران ڏُورِ سُڄَنِ، ويئِي وِهامِي رائڙِي.

۱۴

وييُون پَبِ پَئِي، ڪيرُون ڪاهوڙِينِ جيُون
آءٌ تَنِ ڏُوٽِيئڙِن ڪي پُڇان ڪيرُ پَهِي
رِجُنِ راتِ رَهِي، جَنِي ڏُونگرَ ڏورِيَا.

۱۵

جِي ڪو ڏُٿُ ڪَري، تہ ڏُونگرُ ڏورَڻُ ڏاکڙو
ڇِپَرُ ڪونہ ڏِي، سُوکڙِيُون سُتَنِ ڪي.

۱۶

کِڄِئا ڪاهوڙِي، پَسِي پورِهَتَ ويسَرا:
'ڏُوٽِيئڙا ڏُوڙِي، وِکَ وَرايو پندَ جِي'.

---

۸. پيهي= ٺڪر ۾ اندر وجي. ڪري تن تمام= پنهنجو جسم ڳاري، پنهنجو پاڻ (کي حيرت ۾) پورو ڪري. لوچي= گهڻو فڪر ڪري، گهڻو سوچي ويچاري. ۹. ڏوٽي= ڏٽ ڏورڻ وارا، ڏٽ ڏورڻ وارا، ڏٽ چونڊڻ وارا. ۱۰. ڪام= ڪم. 'اُجهي جيئن عوام'= 'تون عامي ماڻهن وانگر اُجهي' (ڏونگر نہ ڏورجانءِ)، 'جيئن عوام پيو اجايو اجهي'، پيا اُجهن (تئن تون متان ڏونگر (تئن تون متان ڏونگر ڏوريين). هوڻ= هستي، هوڏ، هٺ. ڪام= ہُرُ، جَلُ، سَڙ. ۱۱. پير پائڻ= گهڙڻ، اندر وڃڻ. گُن= اوصاف، فائدا. ڪڙ وئا= سدا سلامت وئا. ماءِ= وَسئن، بستي. ۱۲. ڪاهوڙي= ڪاهو يا ڪهو (ہُوڙن جون پاڙون کوٽيندڙ لوهو اوزار) ڪلهي تي کڻندڙ ۽ ڏٽ ڳوليندڙ ۽ گڏ ڪندڙ. ڪاهوڙين ڪٽي= ڏٽ وارو سامان ڪٽي، سندري ہڏڻ وارو ڪپڙو ڪٽي. ساجهر= صبوح جو سويل. پاڻ پٽي ڪئائون= پاڻ کي مٽي ۽ مير سان پري ڇڏيائون، پاڻ کي مٽي ڪري ڇڏيائون. ڏيل هٽي= پنهنجو جسم ۽ بت هٽي. ڇيهہ لڌائون ڇپرين= ٺڪرن جي آخري حد وڃي ڏٺائون. ۱۳. اٿيو اٿيو ڪن= صبح سويل اٿي اها وائي ڪن تہ "اُٿو اٿو هلو هلو ڏٽ ڪي". پونٽرين ۾= پونٽريو (واحد)، پونٽريا (جمع) = پتل يا ہئي ڌاتوءَ جو ٿانءُ پاٽي لاءِ، جنهن جي مٿان ڪپڙو سبيل (مارواڙ ۾ 'پونٽريو'). ڪنڌرُ= انگڙو، جنهن سان وڻ (ڄار، ڪرڙ، ہير، ڪنبي وغيره) کي هيٺ نمائي، ڏٽ (پيرون، ڏئونرا، پڪا، ہير، سگر) چونڊين. ڏوران ڏور سڄن= (ويا تہ هلندا ويا جو سندن) ڏس پتا جئن پوءِ تئن پَري پيا سُجهن. ۱۴. پب پئي= پب جبل ۾ لنگهي ويون. ڪيرون= قطارون (لفظي معنيٰ پُريون، پيڙهيون). ڪير پهي= ڪهڙو ايندڙ واٽهڙو، ڪهڙو قاصد. ۱۵. ڏٽ ڪري= ڏٽ ڏوري، ڏٽ ميڙي. ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو= ڏونگر ڏورڻ وڏو ڏاکڙو آهي. ڇپر= جبل، پهاڙ. سوکڙيون= سوغاتون. ستن ڪي= جيڪي ستا پيا آهن (۽ ڏاکڙو نٿا ڪن). ۱۶. کڄئا= ماندا ٿيا، خفي ٿيا، ورچي ويا. ويسَرا= بنا ڪنهن ڪم جي، واندا ۽ بنا ڪنهن اوسيڙي جي. ہي سٽ جڻ ڪاهوڙين جي زباني ڏوٽي پورهيتن کي چيل آهي تہ: اي ڏٽ جو پورهيو ڪندڙ! اوهان ڏوڙي وک وڌايو، ہيٺي وک وڌايو.

١٧

ڪاهوڙي ڪجَنِ، پَسِي پورهِئَ ويسَرا
سي ڏوٽِيئڙا ڏورِ ٿِيا رِڃُنِ جي رَهَنِ
ڪا مُلِ آهي تَنِ، مون پِريان جِي ڳالهڙي.

١٨

سَڪِئا سِينهَ گُهمَنِ، جِتي پيرُ نہ پَڪِڻينِ
تِتي ڪاهوڙِينِ، وَرَ ڏيئِي وَڻَ چُوندِئا.

١٩

ڏُٿَ گهٽان ئِي ڳَنِ، اِنَ اوراهين پَنڌَ جو
سَندا ڪاهوڙِينِ، پَري سُڄَنِ پيچَرا.

٢٠

جِتِ نہ پَکِيءَ پيرُ، تت ٿُمَڪي ٻاهڙي
ٻئو بارِيندو ڪيرُ، ڪاهوڙِڪيءَ ڪيرَ ري.

٢١

هُو ڏوٽِي هُو ڏِينهَ، هُو ڏُونگَرَ هُو لَڪيُون
ڪنهِ جِنهِ لِڏا نِيهَ، جَئِن پُٽا لُوسَنِ لُڪَ ۾.

٢٢

ڏُونگرين ڏِسجَنِ، اَڄُ پہ رَهيُون اُنِ جِيُون
ڏوٽِيئڙا ڏُٿَ کي آرهاڙان اَڄَنِ
خِيما ڪاهوڙِينِ، اَڄُ نہ اُنِي پيٽِيين.

٢٣

ڪِ ڪي ڪاهوڙِي، چِپَرَ ۾ سَڏُ ٿِئو
اَڳِي ٿي سُئِي، اُنِي سَندِي ڳالهڙِي.

٢٤

ڏُونگرِ نہ ڏوٽِي، ڏُونگرُ سُڃو ري ڏوٽِيين
پُڇان پَرو ٿِي، ڪِ ڏوٽِي ڏُٿِ اَڇِٽا!

وائي

آءٌ جيهَائِي جَاتِ، ٿُون پاڻُ سُڃاڻُج سُپرِينِ
اويُون آريءَ جَامَ جِيُون پَريان سَڃِيائِي راتِ
ٻانهِي چُونم ٻاجَهه سِيِن، تہ ڪَرَ لَڌِيمِ ڏاتِ
تان ڪِين ڏُونگرُ ڏورِيَان، جان نہ وِهامي راتِ

داستان ٽريو

١

ويجهو وانءَ مَ واٽَ کي، ڪَهِڄ ڏُونهُ ڪُواٽَ
اُجِهي مَنجهان آٽَ، اَويسِي ٿِي آءُ ٿُون.

١٧. ڪجن= ڪجن پيا، ورچن پيا، ماندا پيا ٿين. هيءَ سٽ (ڪاهوڙين جي زباني) انهن پورهيتن لاءِ چيل آهي جيڪي واندا ۽ ويسرا وينا آهن، تن کي ڏسي هو انهن ڏوٽيڙن کي ياد ٿا ڪن جيڪي ڏوراهين پنڌ تي رڄن ۾ رهي پيا ڪشالا ڪن ۽ ڏٿ ڏورين. رڄن= رڄن ۾. رڄ ('ر' جي زير سان)= اهو بياباني علائقو جنهن جي زمين ۾ هيٺ گهٽي اونهائي تائين بہ پاڻي نہ هجي. تن مل= تن وٽ. سڄي سٽ جي معنيٰ= تن وٽ، منهنجي پرين جي ڪا ڳالهڙي آهي. ١٨. سَڪِئا= ڍنا، ڍڄ ۾. سينہ= شينهن. پڪڻين= پکين جو. ور ڏيئي= گهمرا ڪري، ڦيرا ڏيئي. وڻ چوندئا= وڻن مان ڏٿ چونديو (مثلاً ڪبڙن مان پيرون ۽ ڪنڊين مان سڱر). ١٩. ڏٿ ڪن= ڏٿ ڏورن، ڏٿ ڳولي هٿ ڪن. پيچرا= جهنگ جا گس. ٢٠. پکي پير= پکيءَ جو پيرو. ٿمڪي= چمڪي. ڪاهوڙڪيءَ= ڪاهوڙين جي. ڪير= قطار، لانڍ (جماعت، ٽولي). ٢١. هو ڏوٽي هو ڏينهن= ڏٿ ڏوريندڙ ڏوٽي، اڄ بہ ساڳيءَ طرح جئن اڳ هئا. هو ڏونگر هو لڪيون= سندن ماڳ ساڳيا، ڏونگر ۽ لڪ لانگها ساڳيا. لِڏا= لِڪيا. ڪنہ جنہ لڏا نيہ= ڪنهن اهڙي عشق ٻڌا، ڪنهن اهڙي قرب ۾ قابو ٿيا. پُٽا= پيا. لوسن= لهسن، لهسجن، لوسائجن. لُڪَ= لُڪ، سخت گرم هوا. ٢٢. رهيون= رهيل شيون، ڇڏيل شيون. آرهاڙان= آرهاڙ يا آرهڙ ڪان وٺي، آرهڙ جي مند جي شروع ڪان وٺي. خيما= لفظي معنيٰ 'طنبو' (هت اصطلاحي معنيٰ ۾ 'غريباڻيون رانئٽيون'). ٢٣. ڪِ ڪي= شايد ڪي. چپر ۾ سڏ ٿيو= چپر ۾ سڏ وارو آواز ٿيو: شايد ڪي ڪاهوڙي اتي آهن. ٿي سئي = سُئي ٿي وئي، ٻڌي ٿي وئي، ٻڌڻ ۾ ٿي آئي. ٢٤. پَرو= پتو، ڏس. ڪ= ڀلا، ممڪن آهي جو. ڏٽ اڇٽا= ڏٿ لاءِ اڇٽا (آهن). وائي. جيهائي= جيڪا بہ، جيهي تيهي. جات= ذات. پاڻ سڃاڻج= پنهنجو پاڻ سڃاڻج، ڪرم ڪج. اويون= چر جون سانداريون جن ۾ پاڻي پري اڇجي. تہ ڪر لڌيم ڏات= تہ هوند مون ڏات لڌي، تہ جيڪر مون کي ڏات ملي وئي. د-٣: ١. ڪهج= هلج. ڪواٽ= ڪريل واٽ، منجهيل واٽ. اُجهي= رُلي پُلي. آٽ= اواٽ= اجائي واٽ، ڏکي واٽ. اويسي ٿي= اويسي منزل سان، تصوف جي اويسي طريقي وارو درويش. (اويسي طريقو= غائبانہ محبت ۽ صداقت رکڻ، بنا ملڻ ڏسڻ پسڻ جي، ڪنهن ۾ ويساهہ رکڻ (جئين اويس قرني ايمان آندو هو الله جي نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم تي).

٢

سُونهَپَ ۾ سَپَ گهٽا، مُنجَهڻُ ماڪي هوءِ
پَرو "تَنهين پوءِ، جو اُجهي پَئي اَنَ تان.

٣

اُجهي پئا اَواڻ ۾، واڻ وِڃائي جَنِ
ڪُرَندان ڪِين پَروڙِئو، رَندِ نہ سي رِڙهَنِ
ٻيئي دَارَ ڏيُون ڪِئو، پيرَتِ تان نہ پُڇَنِ
ڏُورِ پَريان لَئي ڏار ٿِئو ويچارا وَڃنِ
خَبَرَ ڪاهوڙِينِ، آهي لِڪَ لاهُوتَ جي.

٤

ڏوري ڏِسِي ڏونگرين واڻ وِڃائي جَنِ
اُوءِ بَصِيرَ بَرَنِ ۾ اَندا ٿِئو اُپِيَنِ
ڪَنِ آڏِيُون تاڙِيُون، گُنگِنِ جيئَن گهُمنِ
فراقِي فَرمانَ جو آهي ٻَرُ ٻوڙَنِ
لڳا ٿِئا لَطِيفُ چَئي، سُتا پِئا سِڪَنِ
ڪَپَتِ ڪاهوڙِينِ، آهَ اُتي پِي نہ لهي.

٥

ڪُپيريان پَري ٿِئا، اَٻُڌي ٻُڌائُون
اُٻِي ڪي آئُون، هير ڏِسِي آئِيو.

٦

ڏوري ڏوري ڏيہَ، ماءِ ڪاهوڙِي آئِيا
مَيَنِ پيرين ڪيہَ، ڪُهُ جاڻان ڪِنہ پارَ جِي.

٧

ڪاهوڙِينِ گِرا، سُوڏِي خَبَرَ پَڪيَان
سوجهي جَنِ ڪَيا، مَتي اَنگهَنِ آنهِرا.

٨

جهنگل هَليا سي نہ پُليا، راهَ هَليا ڦُرجَنِ
اَوجهڙِ سي نہ پَونِ، جَنِي ٻيئي ڇَڏِيُون.

٩

جهنگُ ڪامِي پَٽُ ٿِئو، پَڳِي چوران لِڪَ
سيڪَڙُو ۽ سِڪَ، ٻيئي ڪَڌِئا پاڻَ ۾.

١٠

جهنگُ ڪامِي پَٽُ ٿِئو، لَٿِي چوران لِڪَ
ويئِي وُجُودان نِڪرِي جي، ڪا دَڙِي دِڪَ
هيڪُ سَجڻُ ٻِي سِڪَ، ٻيئي پَهنَا پاڻَ ۾.

---

٢. سونهپ= واقفيت. سپ= لفظي معنيٰ 'نانگ'، اصطلاحي معنيٰ ڏپ ۽ خطرا. منجهڻ= منجهي وڃڻ (گس تان). ماڪي هوءِ= ماڪي آهي، ماڪي ٿيو پوي، وڏي فائدي وارو ٿئي. پرو= پتو، خبر. اجهي= منجهي، 'رلي پُلي'. ٣. اُجهي= ڳولي ڳولي، ٿڪا ٽاٻا ڪائي، رلي پُلي. اواڻ= ڪريل واڻ، جيڪا واڻ ئي ناهي. ڪين= ڪين ڪجهہ. رند= پيچرو، گس. ڪُرند= ڪريل پيچرو، ڪريل گس. ٻيئي دار= ٻيئي جهان، هيءُ جهان ۽ هو جهان. ديون ڪئو= ٻاري. پيرت= پير- واڻ، سنهون پيچرو. ڏور= پري. عام ماڻهن کان پري. لڪ= ٿورڙي، ڪا ڪجهہ. ڪا رتي، ذري جيتري. ٤. ڏوري ڏسي ڏونگرين= جن ڏونگر ڏوري ڏسي ڇڏيا آهن (جن کي جبلن جي ذري پرزي جي خبر آهي). بصير= اهي اندر جي اکين وارا. اپين= ٻيهن، هلن. فراقي فرمان جو= فراق واري حڪم جو (جڏهن روح مالڪ کان جدا ٿيا ۽ انسانن ۾ آيا). ٻر= زور، ڏِڍ. لڳا= اگها، بيمار. ڪپت= اُلٽڻ، ڳٽتي. آه= دانهن. (هن بيت ۾، مجموعي طور سان، معنيٰ وارو مرڪزي نقطو اهو آهي تہ: جيڪي ڪمال واري درجي تي پهچي چڪا آهن، سي عام ماڻهن جي حواسن واري ظاهري ڄاڻ توڙي سُرت صحت ۽ سلامتي واري ضرورت جا محتاج ناهن. هو ظاهر ۾ نابين آهن تہ بہ اندروني طور 'بصير' (ڏسڻ پسڻ وارا) آهن. جي هو لڳائي ۾ ستا پيا آهن تہ بہ الاهي سڪ ۾ سجاڳ آهن. انهن ڪاهوڙين تي اهڙي حالت ۾ بہ حق جي سڪ ۽ ياد تازي آهي ۽ هو انهيءَ الٽڻ ۽ اوسيڙي ۾ آهن). ڪپت= اوسيڙو، فڪر. آهہ= سڪ ۽ فراق واري دانهن. ٥. ڪُپيري= اُها واڻ جتي پير ئي نہ لڳي، پير وڃائيندڙ واڻ، منجهائيندڙ واڻ. اٻڌي= جيڪا ڪنهن نہ ٻڌي، اڻ- ٻڌل. اٻڌي ٻڌائون= اڻ ٻڌل کي ٻڌائون، نامعلوم کي معلوم ڪيائون. هير= هن وير، هاڻي، تازو. ٦. ڏوري ڏوري= ڳولي ڳولي. ڏيہَ (جمع) = ڪيئي ڏيہہ، ڪيئي پيٽيون. ماءِ= جاءِ، ماڳ، پنهنجي ماڳ. مَين= باهمت مردن، جوان مڙسن. ڪيہ= دز، مٽي. ٧. گِرا= وڻان، انهن کي. سوڏي= سچي سربستي. خبر پڪيان= پڪين جي خبر، پڪين بابت ڄاڻ. سوجهي= جانچي، ڏسي سمجهي. انگهن مٽي= (وٽن، ڏارن، ٽارن جي) چوٽين تي. آنهرا= آڪيرا، وانهرا. ٨. جهنگل هليا= جهنگل ۾ هليا، واٽ ڇڏي جهنگ ۾ هليا. پُليا= مُنڌا، ٻتال ٿيا. راهہ هليا= واٽ وٺي هليا، واٽ وٺي هلڻ وارا، گس سان هلڻ وارا. ڦرجن= (ڦورن هٿان) ڦرجي وڃن. اوجهڙ= ڏنگي ڏُڪي اَواٽ. ٻيئي= ٻئي طمعون، هن جهان جي ۽ هُن جهان جي. ١٠. دڙي دڪ= ننڍڙا دڙا، رنڊڪون اَٽڪون. پهنا= پرتا، راضي ٿيا، هڪ ٿيا.

۱۱

جهنگ ڪامي پَٽ ٿِئو، ڪيڙن موريو گاهُ
جِني پاسِ اللهُ، تَنُ نہ اَڇي ٿِن ڪي.

۱۲

جهنگلُ آهيڙِين ڪي، پَنَڻُ ڪِئو روءِ:
"نہ ڪُتا نہ ڪوڙِڪِيُون!" چڙهيو اُپو چوءِ
"هاڻي هِنهان پوءِ، لڳيءَ لُوٺو نہ ٿِيان."

۱۳

جهنگلُ آهيڙِين ڪي پَنَڻُ ڪِئو رُوندو
"نہ ڪُتا نہ ڪوڙِڪِيُون!" چڙهيو ٿيو چُوندو
هَڏِهن نہ هُوندو، اِنهان پوءِ عالَمَ ۾.

۱۴

ڪُتا نہ ڪُوڪارَ، نہ سي سَڏَ شِڪارِيين
پَنيو ڪٽي پارَ، جهنگلُ آهيڙِين ڪي.

۱۵

سانيَرِ ٻَڌِي بيٺِ، جَنِي ڏُونگرَ ڏورِئا
ٿَنِ ڪاهوڙِين ڪِهَ هيٺِ، وَڃي پاسا ڪوڙِئا.

وائي-۱

سِيَاڪو سيٺانِ، پوري تو پاڻُ سُڃاڻِي نہ ڪِئو
هُوند نہ پيپين هيٺري، وِئين جي سيٺانِ
مونئو ماڳَ نِهارِيين، کِهڙي مُنهِ ڪيٺانِ.

وائي-۲

جاڳِي اڪڙِين، ڪوهُ اوجاڳو نہ ڪِئو
اڪڙِيُون پرِينِ ڪي ٿَهَ ٿَهَ ڪِيو ٿِمَنِ
جي سَنجهيئِي سُتِيُون سي مَرُ سُورَ سَهَنِ
ٿُون اناسِي اوجهرِين، هُوءِ تا هوٺ هَلَنِ.

---

۱۱. ڪيڙن= ڪيڙين ۾، پٽرن وارين پيٽين ۾. موريو= اُڀريو، پيدا ٿيو. ۱۲. آهيڙين ڪي= شڪارين ڪي. پنڻ= وڏي آواز وارو روڄ راڙو. 'نہ ڪتا نہ ڪوڙڪيون'= اڄ هت نڪي ڪتا آهن تہ نڪي ڪوڙڪيون. (ڪوڙڪي= ڪاٺ ۽ لوهہ مان جوڙيل هڪ ٿل ۽ اٽڪل جيڪا جانورن جي اچڻ وڃڻ واري واٽ تي زمين ۾ لڪائي پورجي، ۽ جڏهن جهنگ جو جانور ان کي لتاڙي يا ان ۾ ڦاسايل شيءِ کي ڪاٺڻ لاءِ ڇڪي تہ جانور جو عضوو ان ۾ ڦاسي سوگهو ٿي وڃي.) لڳي= باهہ لڳي، لڳل باهہ سببان. لوٺو= سڙيو، ٻي پٽيو. ۱۳. چڙهيو ٿيو= سامهون اڀو ٿيو. چُوندو= چَوَندو. هڏهن= هرگز، مور، بالڪل. انهان پوءِ= انهن ڪان پوءِ، جيڪي شڪاري ايندا هئا تن ڪان پوءِ. ۱۵. سانير= سوير، سانير سان، پڪي ارادي سان. ٻڌي بيٺ= بيٺ ٻڌي، سندرو ٻڌي. ڪهہ هيٺ= زمين هيٺ. وڃي پاسا ڪوڙئا= وڃي سُتا، دفن ٿيا. وائي-۱. سياڪو= سڱ، مائٽي. سيٺان= ساٿن، انهن سان. پوري= اي اوڳي! هوند نہ پيين هيٺري= هوند هيٺري خفي ۽ ڪشالي ۾ نہ پئين ها. سيٺان= ساٿن، انهن سان. ڪيٺان= سندن واسطي. انهن لاءِ. وائي-۲. ٿهہ ٿهہ ڪيو= (ڳوڙها ڳاڙيندي) ڪرنڊڙ ڳوڙهن جا وڏن ڦڙن وارا 'ٿهہ ٿهہ' آواز ڪيو اکيون پيون ٿمن. اناسي= بي- نڪِي (بنا نڪ جي)، بي اثري. اوجهرين= ننڊ ۾ جهوٽا کائين.

سُر ڪاپائتي

هن سُر جو تعلق آتڻ ۾ ڪتڻ جي پيشي ۽ پورهيي سان آهي. اهو پيشو ۽ پورهيو جيتوڻيڪ هاڻي باقي نہ رهيو آهي، پر پورهيي ۽ محنت جي ضرورت ۽ اخلاقي اهميت قائم آهي. اڳ، پورهيت مايون آتڻ ۾ گڏ ويهي پنهنجن چرخن تي ڪتينديون هيون. انهن کي صلاح تہ: ڪتڻ واري جيڪڏهن ماهر آهي تہ بہ پنهنجي مهارت تي هوڏ هٺ نہ ڪري پر نياز ۽ نئڙت سان نباهي. ڪتڻو آهي تہ ڏيان سان ڪتڻو آهي، وقت وڃائڻو ناهي ۽ پورهيي ۾ مشغول رهڻو آهي. محنت سان سنهڙو سڦرو سٽ ڪتڻو آهي ڇاڪاڻ جو صاف سهڻو ڪتيل سٽ پارکن کي پسند ايندو ۽ وڏي اگهہ ۾ وڪامندو.

اعليٰ فڪر جي لحاظ سان، جن جو پيشي ۽ پورهيي سان پيار آهي تن کي سدائين قرار آهي. پورهيي ڪندي جن جي پنهنجي رَب سان رهاڻ آهي سي ڪنهن ٻئي جون ڪاڻياريون ۽ محتاج ناهن. هُنن هَٺ ۽ هٺڻ جو وڻ ئي وڍي ڇڏيو: سنهون ڪتيائون، پڙا پڳائون ۽ پنهنجو سڦرو سُٽ ماڻڪن تي مٽيائون. پر اي ڏٽي منهنجا! جيڪي ويچاريون ٿلهو ٿيون ڪتين تن کي بہ تہ ڪو ٿيلهي نہ ڪڍي!

داستان پهريون

١

توڙي ٿون ڪاتار، جِمَ هيڪَلِي پيرِيين

ڏِني ڪا ڏُئار، صَرافَ ٽُنهنجي سُٽَ ۾.

٢

جَني پيرئو هيڪَلي ٽَنِي ميڙئو ماءِ

ٽَندُ اِهڙي ساءِ، مون آتَڻِ هَڏِ نہ اُجهي.

٣

جان ڪَتين ٽان ڪَٽُ، هِيءَ هَڏِ وهاڻِي

ڪاپائِتي سَيَڪا ڪَتي سِيَباڻِي

جانتو جَنِ جاڻِي، ٽَنِ هَٽان پَهِي نہ ڇَڏِي.

٤

هيءَ هڏ وِهاڻِي، جان ڪَتَندِينءَ تان ڪَٽُ

ڪو پنهنجي عِيدَ کي، پيري ڪِجُ پَرَٽُ

مَتان روئِين رَٽُ، صُباحَ وِچِ سَرَتِيين.

٥

ڪَتَڻَ جي ڪانہ ڪَرِين، سُتِي ساهِين هَڏْ

صُباحَ اِينديئِي اوچِتِي، عِيدَ اُگهاڙِنِ گڏْ

جِتِ سَرِتيُون ڪَنديُون سَڏْ اُتِ سِڪَندِينءَ سِينگارَ کي.

٦

پائي ڏورِ اَرَٽ ۾ ڪَنِين نہ ڪُوڙِي

وِنهانءَ جي واڌائِيين پُوڻِي سَنيُوڙِي

مَٽِي جِنهِ مُوڙِي، سا ڪِئَن وِيهي ويسَرِي!

٧

نہ ڪِين ڪِتوءِ ڪالَ، اَجُ پُڻ اُجَهڻَ کي مَرِين

د-١-١. ڪاتار= قابل ڪتڻ واري، ڪتڻ ۾ ماهر. هيڪلي= اڪيلي. پيريين= چرخو هلائين، ڪتين. ڏئار= گهُنڊي، پڙي (اصطلاح طور 'بدبختي'. ڪنهن جو بخت ڦٽو ۽ گهٽتائي ٿي تہ چوندا: هُن جي گهر ۾ ڏئار آهي). صراف= سون چاندي پرکيندڙ، سٽ پرکيندڙ ۽ ڏيندڙ، سٽ جي ڏيتي ليتي ڪندڙ پارکو. ٢. پيرئو= ڦيرئو (چرخو). اهڙي ساءِ= اهڙي ذوق سان، اهڙي نموني سان، جن اڪيلو ويهي ڪتيو (جن ٻين کي ڏيکارڻ بدران اڪيلو ويهي الله سان اوريو عبادت ڪئي تن ئي ڪٽئو حاصل ڪيو)؛ مون کي انهيءَ نموني آتڻ ۾ (ٻين سان گڏ ويهي) تند ڪتڻ ئي نٿي اڪلي. ٣. هيءَ هڏ وِهاڻي= هيءَ ويلَ بہ ڇڻ وئي، هيءَ رات تہ وهاڻي (ڪمن وارن ڏينهن ۾ رات جو ڏيئو ٻاري ويهي ڪتينديون هيون، ان جي شاهدي اها جو ڪونئرو هار جي شعاع تي پئي ڪتيو). ڪاپائتي سيڪا= سيڪا ڪاپائتي جڏهن ڪتي ٿي تڏهن سيبائي ٿي، وڻي ٿي ۽ مانائتي ٿئي ٿي. پهي= ڪپهہ جي پُوڻي (جيڪا هڪ هٽ ۾ جهلجي ۽ جنهن جي چوٽيءَ مان تند وَٽجي نڪري). ٤. عيد کي (اڳين ٻولي)= عيد لئي. پيري= چرخو چوري (= سٽ ڪتي). ڪج پرت= پرت بنائج (سٽ ڪتي، ڪپڙو ٺاهي، ان تي سهڻو پرت پَرج). ٥. سُتِي= سُتي پئي آهين. ساهين هڏ= هڏ ساهين= عضوا سِڌا ڪرين. ڍڪها ڪرين ۽ ڇڪين، آرس ڀڃين، ڳر موڙين. صباح= ڪنهن سڀاڻڪي ڏينهن تي، اڳتي ڪنهن ڏينهن. ٦. ڪوڙي= ڪر ڪان ٺٺائيندڙ. وِنهان= شادي. واڌائيين= مبارڪن لاءِ. پوڻي سنيوڙي= سنيري وتين، سدائين تيار پئي رهين. مٽي جنه موڙي= جنهن جي مٽي تي پري، جنهن مٿان ذميداري جو بار. ٧. ڪتوءِ= تو ڪتيو. ڪال= ڪالهہ. اُجهڻ= رلڻ.

مُنا مَنجِيءَ اُڪَڙئا، اَرَٽ ڏُرڪِي مالَ
هَئي ٽِنِي جي حالَ، جَن ڪاپِي مَنجهان ڪِين ڪِئو.

٨

اَڄُ پُڻ اُجهڻ ڪي مَرِين، نَڪِين ڪتوءِ ڪالَ
اَرَٽِ اوڏِيائِي نہ وِهِين، مَحڪَمُ وَنِي مالَ
پوري توسِين پالَ، ڪانڌُ ڪَرِيندو ڪيتَرا!

٩

سي تو وَهيءِ وِڃائِيا جي ڪَتَڻ سَندا ڏِينهَن
اَرَٽِ اوڏِيائِي نہ وَڃِين، پوري پوري سَيئَن
ٽَندُ پَسَندِينءَ ڪِيئَن، هاٽِي ٽُون وَڏِي ٿِئين.

١٠

توڙِي ٽُون وَڏِي ٿِيين، اُٿِي آٽڻِ آءِ
ٽِيءَ پيڙِي پيرَمَ وارِيين، ٻِي هڏِ ڪَر مَ ڪاءِ
نہ صَرافَ تو صُباحَ، ڪوني ڪاتارِيَن سِين.

١١

سونَ سارِيڪا هَٽَڙا ڪُهُ نہ ڪَتِين رَڏُ!
ويهِي ڪُندَ ڪاپو ڪَرِ، گهڻيين گوهِيُون ڇَڏِ
نہ صَرافاٽِي سَڏ، مَرَڪِئو هُوندَ مَٽائِيين.

١٢

مَڇُڻ ياڳَ پَرَ ڏِيين، ڪَٽُ ڪُنبَنڌِي آءُ
جَڏهِن ٽَڏهِن ماءُ، پُلَن پيرَڻ وارِيُون.

١٣

جِئَن پيرِيين ۽ پانئِيين، ايڏانهَ هَڏَ مَ آءُ
اِنَ سُرڪِيءَ ساءُ، آهي عزازِيل کي.

١٤

پيرِيين ۽ پانئِيين، اِئِين وِڏُوٽو ڪانڌُ
ويٺِي اور اَرَٽُ سِين ڳُڇِيءَ پايو پانڌُ
نہ ٽُنهِنجو ٿِي وِڙانڌُ. ڪِتو وِتو نہ ٿِئي.

١٥

پيرِيين ۽ پانئِيين، پانئِڻُ پَڇِي ڇَڏِ
ڪِتو وِتو پورهيو هوڏُ وِڄهنديَئِي هَڏِ
هِتِ ڏِيو مَٽِين ڏَڏِ، جِتِ ڏَڪَنِ ڏهَسَئِي وارِيُون.

١٦

پيرَٽا جَن پانئِيو، ٽَن پَئِي ڪاپاٽِين ڪاڻِ
ٽُنهنجِي ٽِرِسئِي مَٽِي تاڻِ، هُتِ ڏَڪَنِ ڏهَسَئِي وارِيُون.

مُنا= چرخي جي پاسن وارا ٻہ منيا، هڪڙو هڪڙي پاسي ۽ ٻيو ٻئي پاسي، ٻہ مضبوط ٿلهيون ڪاٺيون جيڪي چرخي ڪي مٿي جهلي بيهن. منجي= چرخي جي منجي، هيٺيون ڪاٺ جو تختو جنهن ۾ مُنا لڳل. منا منجيءَ= منجيءَ جا منا، منجيءَ ۾ لڳل منا. اڪڙئا= ڍرا ٿئا لڏي نڪري پيا. ارٽ مالَ= چرخي جي ماله، چرخي جي مٿين گولائي ۾ واٽيل سٽ. ڏُرڪي= ڍري ٿي، لڙڪي پئي. ڪاپي منجهان= ڪتڻ منجهان، ڪتڻ جي پورهيي مان. ٨. محڪم وَني= مضبوط جهلي. پوري= اي اٻوجه. پال= ٿورا، مهربانيون. ڪَريندو= ڪندو. ٩. وَهيءَ= وهيءَ ۾، جوانيءَ ۾. پوري= اٻوجه. پورو= ڦرو. پوري سيئن= ڦري جيترو ٻہ. ٽيءَ سٽ جي معنيٰ= هاٽي عمر ۾ تون وڏي ٿي وئي آهين تنهنجي نظر گهٽجي وئي آهي، سو تند ڪي ڪيئن ڏسي سگهندينءَ! ١٠. پيرم= چرخو. ڪوني ڪاتارين سين= جن ڪي ڪاتاريون (سئيون ڪٽيندڙ) ڪري مجيو ويو آهي، تن ڪاتارين سان گڏ ٽوڪي ٻہ سڏي ۽ مان ڏئي. ١١. سون سارِيڪا= سون جهڙا. رَڏِ!= اي رَڏي ڪندڙ! صرافاٽي= صراف جي، پارکو خريدار جي. مٽائيين= تون سودو ڪرين (ڪتيل سٽ ڏيئي قيمت وٺين) ١٢. پر ڏيڻ= ڀروسو رکڻ، زور لڳائڻ. ياڳ پر ڏيڻ= ياڳ تي ڀاڙڻ. پُلن= پلجن، گمراه ٿين. پيرڻ واريون= چرخو ڦيرڻ واريون، گهٽي ڪتڻ واريون. ١٣. جئن پيريين ۽ پانئيين= ائين جو ڪتين ٻہ ٿي ۽ پنهنجو پاڻ کي ٻہ ڪجهه سمجهين ٿي. ان سُرڪيءَ ساءُ= انهيءَ ڏُڪَ جو ذائقو (عزازيل چڪي چڪو آهي). ١٤. وڏوٽو = رنجاٽو، ڪاوڙيو. وڙاند= ردي ۽ بيڪار. ڪِتو= ڪتيل سٽ. وِتو= ڦٽو ڪيل. ڪتو وتو نہ ٿئي= ڪتڻ اجايو نہ ٿئي، ڪيل پورهيو اجايو نہ وڃي. ١٥. پانئڻ= هستي. ڪِتو= ڪَتيل، ڪاپو ڪيل. وِتو ڪري وڄهنديئي= ڦٽو ڪري ڇڏيندئي. ڏڏ= اياٽا، پورا. ڏيو= ڏيڍ سئو تندن جي تاڃي ۽ اُڃت وارو سُٽ. مٽين= مٽائين، وڪڻين. ڏڪن= ڏڄ ۾ ڪنبن. ڏهسئي واريون= ڏهن- سوَن تندن جي تاڃي ۽ اُڃت واري 'ڏهسئي' سٽ ڪتڻ ۽ مٽائڻ واريون. ١٦. پيرٽا= پيرڻ مان، ڪتڻ (تي فخر ڪرڻ) مان. پانئيو= پاڻ ڪي ڪجهه ڪري سمجهيو. تن پئي ڪاپائتين ڪاڻ= تن ڪتڻ وارين کي سٽ جي خريدارن سان ڪاڻ پئي، سي پڇا ۽ عتاب هيٺ آيون. ٽرسئي= ٽن سوَن تندن واري، ٽن سوَن تندن جي ٻر يا اُڃت واري تاڃي. ڏهسئي= ڏهن سوَن تندن جي ٻر يا اُڃت واري تاڃي.

۱۷

ڪَتُ ڪَنبَندِي آءُ، مَتان ياڳَ پَرُ ڏيين
تو جيڏيون تو سَرِتيون رُونديِ رات وِهاءِ
اَرٽ اولاٽيو ماءُ، سَمُورا ساٽ ني.

۱۸

اَنئي پَهَرَ اَرٽ سين جي ڪَتَن ۽ ڪَنبَن
تَنِ جو صَرافَن، قورو قولئو ڪِينَڪِين.

۱۹

چائتِ پائي چِتَ ۾ سَنهُون ڪِتو جَنِ
تَنِ جو صَرافَنِ، ڏُکو داخِلُ نَہ ڪِئو.

۲۰

مَحَبَتِ پائي مَنَ ۾ رَنڊا روڙيا جَنِ
تَنِ جو صَرافَنِ، اَٽُورئو اَگهائِيو.

۲۱

ٿُلهو سَنهو اَگهيو، ڪِين جي ڪَتيائِينِ
مَرَڪئو مَنيائِينِ، صَباحَ وِچ سَرِئين.

۲۲

سُٽُ اُني جو سَقِرو جي پَرِ ۾ پيچائِينِ
آوازُ اُو اَرٽ جو ساھَ نَہ سُٽائِينِ
لِڪايو لَطِيفُ چَئي ڪَنبئو ڪَتائِينِ
جي ماٽِڪَ مَنائِينِ، تہ ۽ مُلُ مَهانگو اُنِ جو.

۲۳

ٽُنبائِي تاڪِيدَ سِين جَنِ پِڃايو پاءُ
لَسِي تَندُ لَطِيفُ چَئي هَلِي تَنِ هَٿاءُ
مَلِمَلِ مَنجهان ماءُ، جي سِڳيون تَنِ سُونُ ڪِئو.

وائي

ڪا هِنيين سِين لاءِ، پوري ڪا هِنيين سِين لاءِ
پَهيُون ٽُنهنجِيُون جهرڪِين جهوريُون، پِيُون اُڏايُون واءُ
اَرٽ پاسي اوجهرِين، توڪي سُمَهڻُ آيو سَاءُ
سَنجهي سُمهين، صُبحِ سُمهين، وَهِي سَبِ وَهياءِ
جَڙَ جَنِي جِي جان ۾ سي لوچَنِ لالَڻَ لاءِ.

داستان پيو

۱

تانسِينءَ پِڳوئِي پيرِ، جانسِينءَ رَتو راسُ ٽئي
بُرِيءَ بيڪارِيءَ سِين، هارِي پاڻُ مَ هيرِ
ڪَتُ ڪَتندِي ڪيرِ، نَئين سِين نِجاڻِجِي.

۲

ٽَرڪُ ڏِنگِي، وَرَ گهٽا، ڪَتِيان ڪُجاڙو
ڪاپِي مَتان ڪيتَرو آٽِيان اُڏارو

۱۷. ياڳ پَرُ ڏيين= ياڳ تي پاڙين، پنهنجي چڱي بخت کي زور سمجهين. اولاٽئو= ڦٽو ڪيل، ڦٽائي ڇڏيل. ۱۸. ڦورو= سٽ جو ڦورو، گول ويڙهيل سٽ، ويڙهو. ڦولئو= ڪوليو. ۱۹. چائت= ٻيائي، ڪوٽ. داخل نہ ڪيو= ليکي واري ڪتاب ۾ نہ لکيو. ۲۰. رنڊا= سٽ جون تندون يا سُٽ جا ڏورا جيڪي لسا ۽ صاف نہ هجن پر جن ۾ ڳنڍيون ڳوڙها هجن. روڙڻ= چپٽيءَ سان زور ڏيئي، ڳنڍين ڳوڙهن کي سنواري، تند يا ڏوري کي صاف سڌو ڪرڻ. رنڊا روڙيا جن= جن ٿلهو ۽ ردي سٽ ڪتيو. اٽوريو= بنا تور، بنا تور ٽڪ جي. ۲۱. ٿلهو سنهو اگهيو= ٿلهي توڙي سنهي جو اگهہ ٿيو. ڪين جي ڪتيائين= جي هوند ڪجهہ ڪتيائين. مرڪئو مڃيائين= مرڪندي مڃايائين (سٽ ڏنائين ۽ قيمت ورتائين). ۲۲. سقرو= سنو ۽ صاف. پَر ۾= پنهنجيءَ پر ۾ (ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ نہ). ماٽڪ مڃائين= سٽ جي مَٽا ۾ ماٽڪ وٺن، سٽ مڃائيندي ڪين ماٽڪ ملن. مل مهانگو ان جو= انهن جو سٽ ملهہ ۾ اجان بہ وڌيڪ مهانگو آهي. ۲۳. ٽُنبڻ= ڪپهہ کي وچائي سٽ ڪٽ ڪري مِٽي ۽ دَز ڪڍڻ. پڃڻ= ڪپهہ کي پِٽي، پَها پها ڪري، اڪيڙي صاف ڪرڻ. 'پڃڻ= (اوزار) تي پها پها ڪري صاف ڪرائڻ.' لسي تند= جنهن ۾ ڳنڍيون ڳوڙها يا پڙا نہ هجن. مل مل= تند ڪڍڻ وقت ان کي ذري ذري ملڻ، وري وري ملي مهٽي لسو ڪرڻ، سون ڪئو= سون برابر نفعو ڳڏ ڪيو، ڄڻ سون ڪمايو. وائي. اي پوري، اي موڳي ڪا نصيحت هينئين سان هنداءِ. پهيون= ڪپهہ جون ڇڳون. اوجهرين= ننڊ جا جهوٽا ڪائين. وَهي= جواني. وهياءِ= گذري وياءِ. جڙ= محبت جي جڙ، عشق جي ڪُندي. د-۲: ۱. پِڳوئي پير= پِڳل چرخو ٿي ڦيراءِ. هاري= مُٺي. پاڻ مَ هير= پنهنجو لاڳاپو نہ رک. نجاڻجي= نہ ڄاڻجي. ۲. ڪاپي مٽان= ڪتيل سٽ عيوض.

جي وَرُ ڏِئي وارو، تہ سُونهان سَرتين وِچَ ۾.

٣

اوبِيندي عَيبَنِ جِيُون لِينجهُون کِيمَ لِڪاءِ
ڏاجي ۾ ڏِينداءِ، ڪِتي مُقابِلِ ڪَپڙا.

٤

چَرکو ڏِئي نہ چَسَ، پيِريان پيئَرَ نہ پَري
مُونکي ماري مَس، ڪَتائِيندِيُون ڪيتَرو.

٥

تاجي توريائُون، تہ عَيبَ نِڪتا اَڳِيَان
ڪوني ڪاپاتينِ ڪي پَرِ ۾ پُڇيائُون
اڱلَڙي آئُون، مُون ڪان پڙا پَڳا نہ ٿِئا.

٦

جَنِي ڪِتو ڪالھَہ، سي پاٽان پيِيُون مامَري
جَنِي ٿَرڪُ نہ مالھَہ، سَرَهيُون سي صَرافُ سِين.

٧

چَرکو پَنهنجِيءَ چِتَ ۾، يَئِيءَ پيرِئو جَنِ
توٽِي کِينَ ڪَتَنِ، تہ پَہَ ڪانڌُ اُني جو ڪوڏِيو.

٨

ڪَتيمِ سَبِ جَمارَ، توءِ پاندِي پُورِي نہ ٿِئي
جِئي مُون يَتارَ، جو ڪوني ڏِيندُمِ ڪَپڙا.

٩

ڪَتي مَتي آئِيُون ڪَري تَندُ تَيارُ
اَٽَلَ اوڏاهِين ٿِئِي، جيڏانهہ پِرينءَ پارُ
ڪاپائِتيءَ قرارُ، پورهيي مان پرائِيو.

١٠

نہ ڪَتي ڪَتائِي، نہ ڪَڍِي ڪورِيين ڪاڻِ
رَبَ سان جَنِ رِهاڻِ، تَنِ اَدِوَ ناهِ اَڳهاڙُ جو.

١١

سي اَجُ نہ آتڻِ آئِيُون جَنِي ڪِتو ڪالھَہ
اَرٽَ اَڪَلِي مالھَہ، پُوري وِيِيُون نِجُهرا.

١٢

نہ سي وَوڻَ وَوٽَنِ ۾، نہ سي ڪاتارِيُون
پَسِئو بازارِيُون، هِنيَڙو مُون لُوڻُ ٿِئي.

١٣

وِيِيُون ڪَنهِ وِگهہ تَري، پيرا يَچِي ماءِ
آتڻِ مَتي اَسِري آيَسِ جَنِي لاءِ
تِئان هِتِ نہ ڪاءِ، آتڻِ ڪِتُمِ جَنِ سِين.

١٤

اولاٽِئانِ اَرٽَ، وِيُون ڪيڏَنہ ڪَتڻَ وارِيُون
لُڙِجَنِ لاڪيٽِينِ جِيُون پَهِيُون مَتي پَٽَ
اوبَڻُ ۽ اَڳهٽَ، چَڏي پيئِيُون چَپرِين.

---

٣. اوبيندي= تند ڪتيندي. لينجيون= پڙيون، تند ۾ سنهڙيون ڳنڍيون. ڏاجي ۾= ڏاج ۾. ڪتي مقابل= تنهنجي ڪتيل سٽ برابر. ٤. چس= راحت، مزو. پيريان= ڦيرايان. نہ پري= نہ ڦري. ٥. نِڪتا= (عام اُچار) نِڪتا. پر ۾ پڇيائون= مخفي طور پڇيائون. اڱلڙي= ميري، عيبن واري. پڙا= تندن ۾ ڪپهہ جون ڳنڍيون ۽ ڳوڙها. ٦. پيِيون مامري= جهيڙي جهنجهٽ ۾ پيون، جنجال ۾ پيون. سرهيون= سُرخرو، آبائتيون. ٧. يَئِيءَ= ڏجندي. پيرئو= ڦيرئو. ڪوڏيو= چاهيندڙ. ٨. پاندي= (لفظي معنيٰ) تاجيءَ جو پاند، آخر حصو. (اصطلاحي معنيٰ)= پڇاڙي پوري نہ ٿئي. ٩. ڪَتي مَتي= پوڙو ڪتي ناهي جوڙي. اَٽل= ڪٿر، واڌ. جيڏانهن پرينءَ پار= جيڏانهن پرينءَ جو پاسو. قرار= اطمينان، آرام. ١٠. ڪوريين ڪاڻ= ڪورين جي ڪاڻ، ڪورين جو غرض (ئي ڪانہ ڪڍي). ادِو= ڍپ. ١١. اَڪلي= اَڪڙي. نِجُهرا= (پنهنجا) جهوپڙا، (پنهجي آتڻ وارا) جهوپڙا. ١٢. نہ سي ووڻ ووٽن ۾= (هن وقت) ووٽن (جي پوک) ۾، (اڳيان ڦٽين وارا پلا) ووڻ ڪين آهن. ڪاتاريون= هوشيار ۽ قابل ڪتڻ واريون. پسئو بازاريون= (خالي يا ٿوري ڪپهہ ۽ ٿوري ڪپڙي واريون) بازاريون ڏسيو. لوڻ ٿئي= ڳري، وِگهري. ١٣. وِگهہ تري= وگهہ ۾، مصيبت ۾، موت ماريندڙ بيماريءَ ۾. پيرا پچي= اچڻ جا ڦيرا ڦٽا ڪري. اچڻ ختم ڪري. ماءِ= ماڳ. ڪِتُمِ (اصل ائين، اڳين ٻولي) ڪتيم. ١٤. اولاٽئان ارٽ= انهن جا چرخا بند ٿيا. لُڙجن= مٽيءَ ۾ لٽجن. پهيون= ڪپهہ جون ڇڳون. اوبڻ= سٽ کي اوبري تي ويڙهڻ. اڳهٽ= سوڙهہ، اڳهر.

۱۵

جي هُوءِ تاڻِين تَندُ ڪي، تہ تون هَڏِ مَ تاڻِ
اڳي اِنَ اُهَڃاڻِ، سالِمُ تَندُ سَڃِي رَهي.

۱۶

ڪي اوبِينِ عَرَبَ ۾، ڪي ڪابُلَ مَنجهہ ڪَتَنِ
سُٽُ اُنِي جو سَڦِرو مَٽِئو ماڻِڪَنِ
قادِرَ! ڪِينَ ڪَدَنِ، ٽيلي ٽُلهي واريُون.

۱۷

ڪي اوبِينِ عَرَبَ ۾، ڪي ڪابُلَ ٽِيُون ڪَتَنِ
سُٽُ ٽَنِي جو سَڦِرو مِيرُ جَنِي جي مَنِ
توڙي ڪِينَ ڪَتَنِ، تہ بہ ڪانڌُ اُنِي جو ڪوڏِيو.

۱۸

نَفِيءَ جي نانہِ سِين پَهِي پِڃِيائُون
پِڙا جي پائِڻَ جا پِيرِي پَڳائُون
هُو جو وَڻُ هُئَڻَ جو وَڍِي وِڌائُون
اَسِين ۽ آئُون، آئڻ ناهي اُنِ جي.

وائي

آءٌ جا وِيندَڙِي پارِ پرِينِ ڄِي،

مُونکي آيَلِ جَهلَ مَ پاءِ
جَهلُون پَلُون پائِيين، پاڻان مَتَ نہ آڇِيين ماءُ
وِئو ٻاروچو نِڪرِي مُونکي سُور چَڪائِي ساءُ
مُنهَنجا ڳَم ڪرِيمَ تي، ريبي تان نہ رَهاءِ.

---

۱۵. تاڻين تند ڪي= محبت جي تند کي (ٽوڙڻ لاءِ) ڇڪن. تہ بہ تون هڏ م تاڻ= تون هرگز نہ ڇڪ. ان اهڃاڻ= اهڙي طريقي سان. سالم تند سڃي رهي= محبت جي سالم تند سڃي رهي (۽ ڪڏهن ڪانہ ٽٽي). ۱٦. ڪي اوبين عرب ۾ ڪي ڪابل منجهہ ڪتن= ڌڻيءَ جي مخلوق جتي ڪٿي ڪم ۾ لڳل آهي. (وڏي مقصد واري معنيٰ تہ، ڪي ولي ۽ پيارا عرب ۾ آهن تہ ڪي ڪابل ۾ ڌڻي جي بندگيءَ ۾ مشغول آهن. مَٽِئو ماڻڪن= ماڻڪن تي مٽيو، ان سٽ جي عيوض ڪين ماڻڪ مليا (نهايت مهانگو وڪاڻو، وڏي قيمت تي وڪاڻو). قادر= اي قادر! اي ڌڻي! ٽلهي واريون= ٽلهي سٽ واريون، جن ٿلهو سٽ ڪتيو. ۱۷. مير= محمد صلعم. مير جني جي من= جن جي من ۾ حضرت محمد صلعم جي محبت ۽ هدايت آهي. ۱۸. نفي= 'اثبات' جو ضد. 'نفي' جي 'ناهہ'= 'نفي' ۾ جيڪا 'ناهہ' آهي (ناهہ= هئڻ، نيستي، پاڻ کي نہ ڪري پائڻ). پهي= ڪپهہ جي پوٽي. پڃيائون= ڦوندا ڦوندا ڪيائون. پڙا= تند واريون ڳوڙهيون. پڙا پچڻ= سٽ جي تند ۾ جيڪي سنهڙيون ڳوڙهيون هجن سي سُوئي پچي ڪڍي، تند کي لسو ڪرڻ. هئڻ= هستي. وائي. آيل= اي امان. پاڻان= ويتر، پاڻ وٺان ہي وڌيڪ ڪا. مت نہ آڇيين= صلاح نہ ڏئين. سور چڪائي ساءُ= سور جو ساءُ (ذائقو) چکائي. ريبي= ڏُتاري.

سُر بلاول

هن سُر ۾ سنڌ جي سماج واري آڳاٽي دور ۾، پيشه ور منگتن مڱڻهارن جو، وڏيءَ ويل آسُر جو اُٿي، سردارن جي درن تي بيهي، ڏان ونڻ لاءِ سندن ساراهون ڪرڻ وارو ماحول سمايل آهي. اعليٰ معنوي معيار جي لحاظ سان، اهو ماحول سخا ۽ سورهيائي جي ڪردارن کي روشن ڪري ٿو.

داستان پهريون

١

اللهَ! جُنگَ جِيَن، اَجهي جَنِي گهارِيَان
شالَ مَ سُڪي وِيَرِي جِتّان پَهِي پِيِنِ
مَرَڪَڻُ اڳَڙِينِ، جَنِ ڏِنِي مُون ٿِئِي.

٢

پانڌَپَ سِين نہ پاڙِيان سَئِين ٻِئا سَردارَ
آهي مِثَلَ مِينهَ جي سَخِي تُنهِنجي سارَ
حاتِمِ هَڙدَ هَزارَ، جُهڙَ تُنهنجي جهَپِئا.

٣

جي تُون آسائُو آئِيو، تہ وَنءُ جَڳري لائي
مَتان وَڙُ وِجائِيين ڪِنه ٻِئي دَرِ واجهائي
سَمي سَامَائي، چِنتا لَتِي چارَڻين.

٤

جي تُون آسائُو آئِيو تہ وَانءُ پانڌَپ پاسِ
گهوڙا هيوَرَ هَتِيَا، وَنِي آءٌ وَڻاسِ
پَرِينڌِهين پيِياسَ، سُتِي سَخَاوَتَ جِي.

٥

وِسَهُ اِنهِين وِيڻَ کي جِتِّن دَعوَتَ ڪِي داتا
مَضمَضه واتا، وِجهُ تہ ڏيئِي واتَ ۾.

٦

پيرَ پَرِينڌَهِين نَرئا، اِينڌهين لَتِي اُجَ
وِيرِي مَنجهہِ سُجَ، ڪَرَ لَڏِي رڻِ- اوڪارِئين.

٧

اَڪِين سوئِي اوڙِڪِئو جو ڪَنين سُئِوم ڪَرَنُ
ماءُ مُنهنجو مَنُ، جامُ پَسندِهِين پَتِئو.

٨

جي اُدَمِئو اَجُ تہ وَسندو سونَ- قُڙيين
يانَ تَهِين ڏي يَجُ، جالَ ڏِئِينڌُئي جَڳرو.

د-١-١: وِيرِي= نندڙي ترائي، پاڻي جو دٻو. پهي= واٿهڙو، ايندا ويندا. مرڪڻ اڳڙين= جن جُنگن ڏني منهنجي اکين جو مرڪَڻُ ٿئي، منهنجيون اکيون مرڪن. ٢. پانڌَپ= وڏي سردار. پاڙيان= برابر ڪريان، ڀيٽيان. مثل مينهن جي= مينهن وانگر (جيڪو سيني تي وسي، ۽ سيني کي سکيو ڪري). حاتم= سخي. هَڙدَ هزار= هزده هزار، ارڙهن هزار. جهڙ تنهنجي جهپئا= تنهنجي جهڙ ڊڪي ڇڏيا، جن تي تنهنجي سخا ۽ ڪرم جا ڪڪر ڇانئجي ويا. ٣. آسائو= آس اميد وارو تہ ڏات ملي. وڙ وڃائين= اي چارڻ منگتا! متان تون پنهنجو لڇڻ وڃائين جو سخي کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي در تي وڃين، متان تون ان سخي جي وڙائتي سخا هٿان وڃائين. سمي سامائي= جڪري (جيڪو نسل جي لحاظ سان سمو هو) جي سامائجڻ سان، وڏي ٽيڻ ۽ سخي ٽيڻ نسان. ٤. پانڌپ= وڏي ڏاتار وٽ. هَيور= هاٿي. هتيا= هٿيڪا، پڪا پورا. پرينڌهين= منڊ کان ئي، ڇائي ڇر کان. سُتي= ٻارڙي کي صحت خاطر جيڪا دوا سِپيءَ ۾ وجهي پيارجي، سپي صحت جي، ڊُک صحت جو. ٥. وِسهہ= اعتبار ڪر، پڪ ڄاڻ. ويڻ= ڳالهاءُ، اهو گفتگو تہ (داتا دعوت ڪئي آهي). داتا= ڏاتار، سخي. مضمضه= گرڙي (جيڪا وات ۾ آهي). دعوت ۾ طعام ڪائي، تون گرڙي پيو ڪرين؛ اها هيٺ اڇل تہ سخي تنهنجو وات ڀري موتين ماڻڪن ۽ سون سان. ٦. ويري= پاڻيءَ جي ڀريل نندڙي ترائي. رڻ اوڪارئين= رڻ اُڪرندڙن، رڻ کي پار ڪندڙن. ٧. اوڙڪئو= ڏٺو. ڪرن= سخي ڄام ڪرن (جنهن کي جهڙو ٻئم تهڙو ڏنم). پَتئو= پت ۾ اچي ويو، يقين وارو ٿيو تہ بيشڪ هيءُ سخي آهي. ٨. جي ادمئو اڄ= جيڪڏهن هيءُ ڪرم جو ڪڪر اڄ گوڙ ڪري متي چڙهيو آهي. وسندو سون قڙيين= سون جون قُڙيون وسائيندو (جيڪڏهن اڄ سخي جڪرو خوش ٿي ڏات ڏيڻ لاءِ ٻاهر آيو تہ سون جي ورڪا ڪندو). يانَ= اي يان، اي منگتا. جال (سيني کي)= عام جام. ڏئيندو= ڏئو ڪرائيندو، ڏئي ڇڏيندو.

٩

اُڏمئِو اوڙاھُ، لَکين وَھَنِ واھُڙا
سَمي سَرو چِکائِيو، پِئي شاھُ گداءُ
راھُوءَ جي رِھاڻَ ۾ نکو ڏرپُ نہ ڊاءُ
ھوتِياڻِي ھَٿاءُ، وِڙ پہ وَڄَنِ واسِيا.

١٠

رَاھُو تُنھنجي ريتِ، پَرڳنديِن ٿِي پَڌري
گهٽا گهوڙي چاڙھئا تو مُسافِرَ مَسِيتَ
پُڇين کا نہ وِڏِيتِ، جي آيا سي اگهِيا.

١١

سَرُ نِھارِجِ سَيِرو، تَڙِ تَڙِ کِيمَ تَرَسُ
ڏِينڊئِي لَکَ لَطِيفُ چَئي، راڄَ راھُوءَ جي رَسُ
وِلَها جِنه وَنِھيان کِئا پاڳَ تِنھين جي پَسُ
کوڙيين لاھي کَسُ، جي ڳالھائي ڳاٽَ کَٽِي.

١٢

سَنيھا سَرِيرَ ۾ راھُوءَ جا رَھِيامِ
ٻِئا دَرَ وِسِرِيَامِ، ڏِني جادَمَ جَکَري.

١٣

سَمُو سَخاوَتَ جي وِيٺو پُڇي پَر
کوئِئو کَنگالَنِ کي ڏِئي دِلاسا دَرِ
مَٿي وِلَھَنِ وَرِ، ڏيھاڙِي ڏاتارَ جي.

١٤

سَمُو سَوائِي، ٻَھُون ٻِئِئان آگِرو
ڏانَہ جيءَ دَربَارَ ۾، وَرتِي اِيءَ وائِي:
ڳُهَڙَ ڳالھائِي، مُهُڙَ سَڀَ مَلھائِيا.

١٥

سَما تو سِرِ ڇَٽُ، نا تہ پاڳارا پُرِسَ ٻِئا
ڳُهَڙَ تُنھنجي ڳِجَڙِي اچي جالَ جَڳَٽُ
جِنه جيھوئِي پَٽُ، تِنھِ تيھائِي ٻِکِيا.

١٦

جان تُون ساقِي آهيين تان وَنِي وِڄُ مَ وِجھُ
جُودُ تُنھنجو جَکَرا آهي ثانِي سِڄُ
نِيهَ پِيالو نِجُ، خالِصُ ڏي کُهَين کي.

٩. اڏمئو اوڙاھ= سمنڊ جو اوڙاھ پاڻي اُڏمي مٿي چڙھئو. ('اوڙاھي' سمنڊ جو اھو وڏو خوفناڪ چاڙھ آھي جيڪو اڀري ڪنارا ٻوڙي). سخي ائين سخاوت ڪئي جو ڄڻ اوڙاھ اڏمي پيو. لکين وَھن واھڙا= جڏھن اوڙاھ ٿو اڏمي تڏھن ان جي اٿل مان ٻيون ڪيئي وھنديون وھن ٿيون، سخي جي سخا جي جيڏانھن ڪيڏانھن پلٽ آھي. سمي= راھُو. سرو چڪائيو= شراب چکائيو. پِئي شاھ گداءُ= ھرڪو پيو پئي، ننڍو وڏو پيو پئي. راھوءَ جي رھاڻ= راھوءَ جي ڪچھري. ھوتياڻي= راھو ھوتياڻي، راھو پٽ ھوتيءَ جو (ھن بيت مان معلوم ٿيو تہ ھوتيءَ جو پٽ راھو سخي ھو). وِڙ= دشمن. وڄن واسيا= واسيا وڄن، ڏاتِ وٺيو خوش ٿيا وڄن. ١٠. راھُو= اي راھو. تنھنجي ريت= تنھنجي سخا واري ريت. پرڪنديِن= پراھين ڪنڊين، پَرڏيھن ۾. مسيت= مسجد. (مسجد ۾ ٽڪندڙ غريب مسافرن مان بہ تو گھٽن کي گھوڙن تي چاڙھيو). وڏيت= ذات پات جي خبرچار، تفصيلي خبر. ١١. سَرُ= وڏو شاھي تلاءُ. سيرو= ڀريل، وڏي پاڻيءَ وارو. تڙ تڙ ڪيم ترس= ھِتي ھُتي ھر تڙ تي نہ بيھہ ۽ نہ واجھاءِ. ولھا= ڏکيا بکيا. ونھيان= سکيا ساوا. پاڳ= پڳ، سرداري. کَس= کَٽ (مَسڪيني ۽ تنگي وارين ڳَتين جي)، دل جي کٽ (جنہ کي لاھي اندر اجاري اجو ڪري). ڳاٽ کٽي= مٿي نھاري، ڪرم جي نظر ڪري. ١٢. سنيھا= يادگيريون سخي راھوءَ جون. ڏني جادم جکري= (منگتو چارڻ ٿو چوي تہ) جادم جکري جي سخاوت ڏسي مون کي ٻئا در وسري ويا (جن درن تي بيھي وچي سردارن جون ساراھون ڪندو ھوس). ١٤. سَمو= جکرو. سوائي= بختاور، سوايو. ورتي ايءَ وائي= اھائي ڳالھہ پئي ھلي. ڳُهڙ ڳالھائي= ڳُهَڙ جي ڳالھاءُ ئي، سندس ھڪ سھڻي گفتي ئي: سندس انھيءَ گفتي تي تہ سوالين کي ڏيو. (ڳُهڙ جو لقب جکري سمي تي؛ اھو نالو ڪانئس اڳئين سردار جو پڻ ھو. مُهڙ بہ ڪڇ ۾ حڪمران ھو. مُهڙ جي نالي سان ٻيا بہ سخي سردار ٿيا، جن کي ڳُهڙ جي ھڪ ڳالھاءُ ئي ملھايو). ڳُهڙ= اي ڳُهڙ، اي وڏي ڪانڌ وارا، اي وڏي دَم دِماغ وارا. ڳِجڙي= گنجڙي، ديري. جڳٽ= جُڳ (ميڙ ماڻھن جو). جيھوئي= جھڙوئي. پٽ= پيالو، ڪشتو، ٿانءُ (خيرات وٺڻ جو). تيھائي= تھڙي ئي. ٻکيا= خيرات. ١٦. وڄ وجھڻ= وارو ڀڃڻ (ھڪ ڀيرو ڏيڻ ٻيو ڀيرو نہ ڏيڻ) رَھائي ڇڏڻ. جُود= سَخا. ثاني سڄ= سڄ جو ثاني، سڄ برابر (جيڪو جتي ڪٿي روشني ڏي). نيه پيالو= نيه جو پيالو، عشق جي وٽي. کُهيا= ڏتڙيل، ڪنگال.

۱۷

هَتان جادَمَ جَڳري وَٽِي پوءِ مَ وِڃُ

اَچو آيا نڄُ، سَمي وائِي واتَ ۾.

۱۸

هَتان جادَمَ جَڳري وَٽيءَ وِڃُ مَ پوءِ

پِي پِي سو پُرِ ٽِئِي جو حاتِمَ پاسي هوءِ

ڪَيفَ ڏاران ڪوءِ، جِئي ڪو مَ جهانَ ۾.

۱۹

ڏُڪو دارُونءَ هيڪَڙو جي وِڪامي پَدَمِ

سَمُو دَمِ قَدَمِ، تو جالَ پِياري جَڳرو.

۲۰

ڏُڪو دارُونءَ هيڪَڙو جي وِڪامي نِيلَ

سَمُو جامُ سَبِيلَ، تو جالَ پِياري جَڳرو.

۲۱

ڏِنِي جادَمَ جَڳري چِتِ ٻِئا چِڙهِن ڪِينَ

سَمُو ٿَنِ سارُوَن لَهي جي مُنا ۽ مِسڪِين

اِنهِين مَلَ مُبِينَ، لَڌِي سارَ سَپِنِ جِي.

۲۲

ڏِنِي جادَمَ جَڳري چِتِ نہ ٻِئا چِڙهَنِ

تہ ڪُهُ ڪُوهَ ڪِڄَنِ، جُهُ سَرُ لِيي سَپِرو.

۲۳

پَسَندهِينِ پُرِ ٽِئا جَڳرو ۽ جاچِڪُ

ٽِئان ڏِنِي مَڱٽي طَهُورا جي تِڪَ

سَمي پَڳِيَسِ سِڪَ، واصِلُ ٿِئو وِصالَ سِين.

وائي

جان ڏِناٺُون پيرَ، جان ڏِناٺُون پيرَ

مَٿي اڱڻَ آئِيا، سُونهَڻَ لَڳا سِيرَ

جِئائِينِ نَبِي نِڱٽو پَرِي مُبارَڪَ پيرَ

لَٿا ڏُڪ سُڪَ ٿِيا، ٿِي واداٽِيءَ ويرَ

پَڳا ڪوٽَ ڪُفارَ جا اَچِي علي شيرَ.

داستان پيو

۱

جَڳرو جوڙِي، پاڻَ ڏِٽِي پَيدا ڪِئو

ڪِهَرَ جِئَن ڪَرُ ڪَٽِئو، مَلُ مُڃُون موڙِي

---

۱۷. جادَم جڪري= جادم جي پيڙهيءَ واري جڪري. وٽيءَ پوءِ مَ وڃ= وٽيءَ ۾.وڃ نہ پوي، ويٽلن مان هرهڪ کي هر واري وٽي ملي، وارو نہ پڄي. ”اچو آيا نڄ“= ’اچو اچو، پلي آيا‘ (اها وائي ۽ سندس وات ۾ آهي). ۱۸. حاتم پاسي هوءِ= جڪري جي رهاڻ ۾ وينل هجي. ڪيف= خمار، مخموري. ۱۹. ڏُڪو= تولو، ٿورڙو مقدار. وڪامي پدم= پدم ۾ وڪامي، پدم جي ملھ ۾ وڪامي. پدم= ڳڻپ جي ڏاڪن مان چوڏهون ڏاڪو (ايڪا، ڏهاڪا، سو، هزار، ڏه هزار، لک، ڏه لک، ڪروڙ، ڏه ڪروڙ، ارب، ڏه ارب، ڪرب، ڏه ڪرب، سنک، ڏه سنک، پدم). سمو= سخي سمو سردار جڪرو. دم قدم= هر دم، هر گهڙي، هر گهمري. جال پياري= جام پياري، گهڻو پياري، آل جال پياري، عام خاص کي پياري، سيني کي پياري. ۲۰. جي وڪامي نيل= جيڪڏهن ڪٽي نيل جي ملھ ۾ وڪامي. نيل= ڳاڻيٽي جي ڏاڪن ۾ سورهون ڏاڪو: پدم، ڏه پدم، پوءِ نيل، ڏه نيل. سمو جام= سخي جڪرو. سبيل= پيڻ جي خيرات، وهندڙ واٽ تي پري رکيل پاڻي مثل جيڪو ايندو ويندو پيو پئي. ۲۱. چتّ ٻئا چڙهن ڪين= ٻئا سخي چت تي ڪين چڙهن، ياد ئي ڪين اچن. سارون= سنڀارون. منا= منٺل، ڏڪارا، تڪليف ۾ آيل. مل= باهمت، پهلوان. مبين= ظاهر ۽ پڌر، مشهور. ۲۲. سٽ جي معنيٰ= تہ ڪوهُن کي ڇا ڪبو جي هڪ وڏو شاهي سدائين پريل تلاءُ ملي وڃي. ۲۳. پُر ٽِئا= مخمور ٿئا. طهورا جي تڪ= طهورا جي ڳيت، طهورا کي وڏو ڏڪ ڪري پيتو. پڳيس سڪ= سندس سڪ لاهي ڇڏي، پيڻ جي سڌ لاهي ڇڏي. واصل ٿئو وصال سين= وصال ۾ واصل ٿئو، جان ۽ روح ۾ جڪري سان گڏجي هڪ ٿي ويو. وائي. جان ڏنائون پير= جڏهن سڄڻ منهنجي اڱڻ تي قدم رکيا. سير= گس، واٽون. سونهڻ لڳا= سهڻا نظر اچڻ لڳا. نڳٽو= پيدا ٿيو، اُٿيو. ٿي واداٽيءَ وير= مبارڪ جي مهل آئي. د-۲-۱. جڪرو= سخي جڪرو. ڪِهَر جئن= ڪيهر شينهن وانگر. ڪر ڪٽئو= ڳاٽ ڪنيو. مل= پهلوان. مڃون موڙي= مڃون ٿاهي پاسن کان موڙي مٿي ڪري. جڏهن گهوٽ تو گهوڙي تي سوار ٿي هلي تہ پويان ساٿس پيار ڪندڙ پوئلڳ بہ ڏگهيون قطارون ڪري ٿا نڪرن، ايتري قدر جو واٽون ٿهي ٿيون وڃن.

گهوٽ چڙهئو گهوڙي، پيچين لايا پيچرا.

٢

ڏمرئو تہ ڏي، پرچئو تہ پاٽ پري
جُنگَ جَگَري کي، ٻئي جَگيُون چِٽَ ۾.

٣

وينو ڏِئي ڏاتارُ، ٻَڌيو ماڻِڪَ مُوڙِيُون
ڪَمُ نہ ڄاڻي ڪين ٻئو وِڄا جو واپارُ
لَٿو ڏُرٺ ڏُڪارُ، جُنگَ ساماڻي جَگري.

٤

جَگرا تُون جِيين، تُنهنجو ڪَنين مَندو مَ سُڻيان
اکيين ۽ هِنيين، ٻِنهي تارِي تُنهنجي.

٥

جَگرا جِيين شالَ، تُنهنجو ڪَنين مَندو مَ سُڻيان
جِئَن تو اَچِي ڪالھ، آزارِئا آجا ڪِئا.

٦

جهُڙ تُنهنجي جهَپِئا هَزارين حاتِمَ
ڪوجهَنَ سَندا ڪَمَ، ڪامِلَ ري ڪيرُ ڪَري.

٧

جَنِ جُهَارِيو جَگَرو، وِيلَھ ٿَنِ وَجي
سَمُو ٿَنِ سَجي، جي اَڻ- تُوٽيا عالَمَ ۾.

٨

پيريُون پيري پَچَ، هي جي مَنجهان پوريُون
ٻِئي دَر ڪِنهِ مَ وَڃُ، ري هاشِمي هيڪَڙي.

٩

جَگرو جَسَ ڳرو، ٻِئا سَڀ اَنِيرا
جِيائِين جُڙِئو جَگرو، تِئائِين نہ ٻِئا
مِٽِي تِنهِ ماڳا، اَصُلِ هُئِي ايتَرِي.

١٠

جَگري جهو جُوانُ، ڏِسان ڪونہ ڏِسِينِ ۾
مُهُڙَ مَڙني مُرسَلِين، سَرسُ سَندُسِ شانُ
اِيءُ آگي جو اِحسانُ، جِنهِ هادِي ميڙِيُم هِهَڙو.

١١

جِئائِين جُڙِئو جَگرو، تِنهِ مِٽيءَ ڪونهي مُلُ
اِهَڙو گوهَرُ گُلُ، پاڻَ ڏِٺِي پيدا ڪِئو.

١٢

جَگرو جَسَ ڳرو، ٻِئا مِڙِيئي خانَ
مِٽي اِنَ مَڪان، اَصُلِ هُئِي ايتَرِي.

---

٢. ڏمرئو تہ ڏي= جي ڪاوڙيو، تہ بہ ڏي. پاٽ= ڳائيندڙ منگتو، جو ڳائي ۽ صدا هڻي. پرچئو، پرتو= راضي ٿيو. پاٽ پري= پاٽ کي پري ٿو چڏي. جُنگ= وڏي شان ۽ ڏان واري، وڏي سخي. ٣. ڏاتار= ڏيندڙ، سخي. ٻڌيو ماڻڪ موڙيون= ماڻڪن جون موڙيون ٻڌيو، ماڻڪ ڳنڍين ۾ ٻڌيو. وڄا (وديا= ڄاڻ، علم)= حڪمت عملي، وڏو ڳُن ۽ فهم، ڪرامت سخاوت. ڏرت= ڏک، ڏڪار. ٤. جيين= (توکي دعا آهي تہ) شال جيين! مندو= مندائي وارو گفتو، گلا. ڪنين مَ سڻيان= پنهنجن ڪنن سان نہ ٻڌان. تاري= آسرو، تات. ٥. آزارئا آجا ڪيا= جيڪي آزار ۾ هئا، تن کي آزار کان آجو ڪيو، جيڪي قيد بند جي سختي ۾ هئا، تن کي آزاد ڪيو. ٦. جهڙ تنهنجي= تنهنجي ڪرم جي ڪڪرن، تنهنجي سخا جي جهڙ. جهَپئا= سُسائي ڇڏيا، گهٽائي ڇڏيا. هزارين حاتم= هزارين حاتم جهڙا سخي. ڪوجهن سندا= اگلن سندا، عيبدارن سندا. ڪريم= جو سدائين سخي هجي. ٧. جُهارڻ= ساراهڻ. ويلھ= ويلي واري بک، تنگي، اٿهوند. تن سَجي= تن کي سجي، تن ڏي سجي، تن ڏي توجهہ ڪري، تن ڏي ڌيان ڏئي. اڻ- توٽيا= ٽُون يا ٽوڻ ڪان سواءِ، جن وٽ ويلي جي ٽوڻ ڪانهي. عالم ۾= جڳ ۾. ٨. پيريون (واحد. پير)= وَڏا نغارا. پيري= واري، ڦيرائي (اڳ منگتا صبوح جو سردارن جي درن تي پيريون وڄائيندا هئا ۽ ڪين ڏان ملندا هئا). هاشمي= حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم. ٩. انيراءِ= هڪ سردار جيڪو پيٽ ۾ اييڏو وڏو ڪونہ هو. ٻيا سڀ انيراءِ= ٻيا سڀ رواجي سردار. جيائين= جتائين، جنهن ماڳ ڪان. جڙئو= پيدا ٿئو. تئائين= تنهن ماڳ ڪان. تئائين نہ ٻئا= ٻئا سردار ان ماڳ مان نہ جڙئا. ١٠. جهو= جيهو، جهڙو. مُهڙ= مندي، اڳواڻ. آگي جو= الله جو. ميڙيم= ملايم. ١١. جئائين= جتان، جنهن جاءِ تان. جڙئو= جڙيو، بنيو. تنهن مٽيءَ ڪونهي مل= تنهن مٽيءَ جو ملھ ئي ڪونهي. اها ايڏي قيمتيي هئيي جنهن جو ملھ ڪري ئي نٿو سگهجي. گوهر گل= املھ ماڻڪ ۽ سهڻو گل. ١٢. جَس ڳرو= جَس ۾ ڪرو، صحيح سچي ساراھ وارو. مٽي= اها مٽي جنهن مان جڪري کي ڏٺي جوڙيو. ان مڪان= ان جاءِ تي جتان مٽي ڪنئي وئي. اصل هئي ايتري- ماڳهين هئي ايتري.

۱۳

جَڳرو جَسَ ڳرو، ٻئا مِڙيئِي چامَ
مِنِي اِنَ مَقامِ، اَصُلِ هُئِي ايتري.

۱٤

جَڳرو جَسَ ڳرو، ٻئا مِڙيئِي ميرَ
مِنِي اِنَ خَميرِ، اَصُلِ هُئِي ايتري.

۱۵

جَڳرو جَسَ ڳرو، ٻئا مِڙيئِي مَلَ
سَمي جي سُهاڳَ جي ڪِنهَ نہ پيئِي ڪَلَ
مِنِي اَنَ مُرسَلَ، اَصُلِ هُئِي ايتري.

وائي-۱

آسَرو آهي، يا الله! مُونکي هوتَ حَبِيبَ جو
مُونکي دوستَ حَبِيبَ جو
جانِ جان اوڏا ڪَرَها پُهچان تان ڪاهي
موٽ مُنهنجا سُپرين، واڳون وَرائي
شفاعت شَفِيع جِي تِنهِ ۾ قيرُ هَڏهن ناهي
ميرُ مُحَمَدُ ڪارِڻي آڙئا ڇڏائي
اهي ڪَمَ ڪَرِيم جا جِئَن لڳا لنگهائي
لُطف سانُ لَطِيفُ چئي، مُوڙها مِلائي.

وائي-٢

پَسِئو سو پَسبو
نُورُ نَبِيءَ جو، نُورُ شَفِيع جو
ظاهِرُ ٿِئو زَمِين تي ڏيهَن جو ڏِئو
خاوَنَدَ خاصَ خَلقِيو هِھڙو ڪونہ ٻِئو
ڏِرندو ڇَٽرُ رَسُولَ تِي ڏُوران ٿِي ڏِسبو
بابو بِيبيءَ فاطِمَہَ ميڙي ۾ مَلهندو.

داستان ٽريو

۱

تُون اوڊِرُ، تُون اوڊِڪو، تُون اَجهو، تُون آڳُ
هِتِ پُڻِ تُنهنجو تَڪيو، مَهند بہ تُنهنجو ماڳُ
سي لوڙِيُون ڏِينِ نہ لاڳُ، جي اَجهي آيُون اَبڙي.

٢

سَمُو تَنِ سَڏُ ڪَري جَنِ تي وڏو وِيرُ
اُتيءَ تہ آجِي ٿِيان، پاءِ پاڳوڙي پيرُ
تو رءَ ٻِئو ڪيرُ، سَرِٽِينِ جا سُونا سَهي.

۳

سَرِٽِينِ جا سُونا سَهي، وَسِيلو وَلِهنِ
لُڏي ڪِين لَطِيفُ چَئي اَڳِئان لالُ لَڪَنِ
جِتِ ڪوڙئِين ڪِينَ ڪُڇَنِ، اُتِ پاٻوهي پَٽرو.

---

۱۳. چام= نالي جا چام، نالي جا سردار. ان مقام= ان جاءِ تي. ۱٤. مير= نالي جا مير، نالي جا سردار. ان خمير= خمير واري، انهي رس ۽ طاقت واري. ۱۵. مَل= نالي جا پهلوان. سمي جي= جڳري جي (جيڪو سمو هو). سهاڳ جي= (اصطلاح طور) بخت جي. مُرسل= موڪليل. الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل (شاهه صاحب، معنوي طور، سمي جي مثالي ڪردار جي حوالي سان، جناب رسول الله صلي الله عليه وسلم (الله جي طرفان رسول يا موڪليل) جو شان ڳايو آهي.) وائي-۱. جان جان= جيسين تائين. واڳون ورائي= رخ ڦيري پوئتي ڪري. آڙئا= ڦاٿل، آزار ۾ ڦاٿل، گناهن جي سزا ۾ آيل. لڳا= مندا، عيبدار، ناقص. مُوڙها= مُنڌل، ٻنڪيل. وائي-٢. پَسِئو سو پسبو= ڏٺو ۽ اجان وڌيڪ ڏسبو، روشن ٿيو ۽ اجان وڌيڪ روشنائي نظر ايندي. ڏيهن جو ڏيو= اهو ڏِيو جنهن ڏيهه روشن ڪيا. ميڙي ۾ ملهندو= حشر واري ڏينهن سَرهو ۽ سرخرو هوندو. د-٣-۱: اوڊِر= سمن جي شجري ۾ هڪ آڳاٽو نالو، سمن جي پيڙهي ۾ هڪ وڏو ڏاڏو. تُون اوڊِر= تون ئي وڏو ڏاڏو اوڊر آهين. اوڊِڪو= ڍَڪ وارو لباس. اجهو= اڏيل گهر، آرام وارو گهر. آڳ= باهه جنهن تي هٿ سيڪجن ۽ پڻ ڪاڏي ڪي پچائي. تڪيو= رهائش واري جاءِ (جيڪا ڍڪين لاءِ پناهه). مهند= اڳيان= اڳئين جهان ۾. تنهنجو ماڳ= تنهنجي جاءِ. لوڙيون= لڳل لوڙيون، هنيل مال، ڪاهي آندل مال. لاڳ= محصول، ڏنڊ. جي اجهي آيون ابڙي= جيڪي ابڙي جي ماڳ تي پهتيون. ٢. تن سڏ ڪري= تن کي سڏي پناهه ڏئي. اُتي= (پناهه ۾ آيل مائي ٿي ابڙي کي چوي ٿي) تون اُتي دشمنن کي پَلِ تہ آءٌ آزاد ٿيان. پاءِ پاڳوڙي پير= رڪيب ۾ پير پاءِ، گهوڙي تي چڙهي سوار ٿيءُ (مقابلي لاءِ). سرٽين جا= سامن جا، جيڪي پناهه ۾ آيون تن جا. سونا سهي= ذما کڻي، بار سهي. ۳. وسيلو ولهن= ولهن جو وسيلو، ڏکين بکين جو سڏ سڻندڙ. لُڏي= هيڪي، ڊڄي، هٽي. اڳيان لال لڪن= اهو گهوٽ (ابڙو) لڪن حملي ڪندڙن جي آڏو. پاٻوهي= مُشڪي، سرهو ٿئي.

٤

سَرڻين جي سُک لَئي سانگ کنئي سردار
جي ٿيون ابڙي آڌار، سي سُنگ نہ ڏيندين سومريون.

٥

جي آجهي آيُون ابڙي، تِنهِ وَڏي چامَ چمارَ
ٻاجَهہ جَنهِين جي ٻارَ، اَنئي پَهَرَ اگوندَرا.

٦

آروڙجي اُٿيو ديمِينِ پِيِيَسِ ڏُکُ
لاتائين لَطِيفُ چَئي عالَمَ تان اهُکُ
ٿِن سَرڻِينِ ٿِئو سُکُ، جي آجهي آيُون ابڙي.

٧

آروڙجي اُٿيو، ديمِينِ پِيِيَسِ دانهَ
پاٻوهيو پيرُ کڻي سَمُو سَرڻِينِ ڏانهَ
مَٿِئان مَتي ٻانهَ، اُيو آچي سُلطانَ کي.

٨

جُہُ چَليُون پَسي نہ چَکِئو تِنهِ واکاڻِئو وِکَ
لَڏي کِينَ لَطِيفُ چَئي لَڱنِ اڳيان لِکَ
پِيرُ نہ موڙي پانهنجو ٽَنگِيءَ پَئي ٽِکَ
سَرڻِينِ ڏِئي نہ سِکَ، هَکَلَ سِين هالارَ ڏَڻِي.

٩

پِڙ ۾ اُيو پاڻِ، ساٿِينِ کي سَڏ کَري
يَلي جيءَ لاڏاڻِ، سَڀِ لَنگهِيندا لَکِيُون.

١٠

ابڙو اڳهامَنَ ۾، سَبَڙُ جِئَنِ ٻيلي
سي پَٽَ کِنهِ نہ پُوڻِيا جي تو پَڙُ پِيلي
سَمُو سانوڻُ مِينهَ جِئَن رِجون ٿو ريلي
اَچَنِ جي ويلي، ٿَنِ بورَ بَخشي بَٽِ- ڏَڻِي.

١١

ابڙو اڳهامَنَ ۾ پَرجهَلو ٻاري
مَنهن مُني چَکرو طاماعُنِ تاري
سَمي سُوالِين کي ويلهَ وِساري
پُڇي سي پارِي، جي عاجزَ اُجُورَنِ ۾.

٤. سرڻين جي= سامن جي، پناهہ وٺندڙن جي. سُک لئي= سلامتي لاءِ. سانگ= تلوار. ابڙي آڌار= ابڙيَ جي آڌار، ابڙي جي آسري تي. سُنگ، سونگ= محصول، کنهن ڏاڍي جو مقرر کيل ڏنڊ. ٥. اجهي آيون= ابڙي جي اجهي آيون. تنهن وڏي چام چمار= تنهن چام جي شال وڏي چمار هجي. ٻاجهہ جنهين جي ٻار= جنهن جي ٻاجهہ سڀبان ٻار. انئي پهر اگوندرا= تن جا ٻارڙا رات توڙي ڏينهن بي غما ۽ بي ڊپا آهن. ٦. آروڙجي اٿئو= وڏي کاوڙ ۾ جلهہ سان اٿيو. ديمين= حملي کندڙن فوجن. ڏک= نظر. لاتائين لطيف چئي عالم تان اهک= لطيف ٿو چوي تہ: جڏهن هيٺن تي حملي کندڙن کي هو سورهيہ سامهون ٿيو تہ (مظلومن جي مدد کرڻ وارو اصول پکو ٿيو ۽) عالم تان آزار لهي پيو. سرڻين= سامُن، پناهہ ۾ ايندڙن. ٧. ديمين پيِيس دانه= حملي کندڙ فوجن تي هن جي هَکل پئي. پاٻوهيو= سرهو ٿيو. مٿئان متي ٻانهن= پنهنجي ٻانهن مٿي کان اُڀي کري. سلطان کي= چڙهائي کندڙ بادشاهہ کي (آيل ٻانهون، يعني سام ۾ آيل سومريون، نہ پيو ڏئي، پر انهن جي بدران پنهنجي ٻانهن اُڀي کري پيو بادشاهہ کي پيش کري). ٨. تنه واکاڻئو وِک= تنهن وِک سڀبان واکاڻجي ويو جيکا ان خوفائتي وقت ۾ اڳتي وڌائي کنئي. لڏي کين= لرزي کين، ڊڄي کين. لِکَ= ٿورو ذرو. ٽک= حملي جي تيزي. سرڻين ڏي نہ سِک= سامن کي کجهہ بہ نہ چوي. هالار ڏڻي= هالار جو مالک. هالار= کڇ جي ڏکڻ- اولهہ ۾ ڄام نگر جي اولهہ وارو پاڳو. ٩. پڙ ۾= جنگ جي ميدان ۾. ايو پاڻ= پاڻ بيٺو. يلي جي لاڏاڻ= چڱي جي لاڏاڻ= چڱي جي اڳوائي واري لڏي سان. لکيون= ڏکيون چاڙهيون. ١٠. ابڙو= سخي ابڙو (ساڳيو سورهيہ ابڙو جنهن سامون جهليون. يا هي کو ٻيو ابڙو، جيکو سخي هو). اڳهامن ۾= اڳهامن جي ملک ۾، انهيءَ ملک ۾ جتي اڳهامن جا راڄ هئا ('اڳهام' هک ذات آهي، هک قبيلي جو نالو آهي، هيءُ سخي ابڙو اڳهامن واري ملک ۾ رهندڙ هو، يا اتي انهن جو سردار هو. انهيءَ لحاظ سان هيءُ ابڙو بہ اڳهام هو). سبڙ جئن ٻيلي= جئن لس ٻيلي ۾ سبڙ ڄام سخي تئن اڳهامن ۾ ابڙو سخي. ١١. پرجهلو= پشت پناه. ٻاري= 'پرجهلو' جي صفت، وڏو مضبوط. منهن مُني= منهن جي اها وچ واري مضبوط مُني جيکا سڄي منهن جو بار جهلي. طاماعن تاري= جيکي سوالي طمع رکي اچن تن کي تاريندڙ، گهُرجائن جي گهرج پوري کندڙ. ويلهہ= بک، تونڻ جي تنگي. پاري= کم (۽ آمدني) کان سواءِ، اڻ هوند وارا. عاجز= محتاج، مجبور، مشکل گذارو کندڙ. اُجورن ۾= ملندڙ اُجورن ۾، (ٿورڙا اجورا جيکي انهن کي ملن ٿا، کي ٿورڙيون خير خيراتون جيکي کين ملن ٿيون).

١٢

صُلحُ ڪَرِ سُلطانَ سين ڪَڍي گهَلَ گهَرا
تہ تُون تِنهِ دَرا، ڏِيهاڙِي ڏانَ لَهين.

١٣

اَصغر ڏي آهِين گهٽا، تُون اَڪبَر ڏي آءُ
متان لوڙو لاهِيين مَجُوسيءَ مٿاءُ
حَيدرَ جي هَٿاءُ، وِڙُهہ تہ ويرِي مارِيين.

١٤

مَارِ مَ مُطِيعَلِ ڪي، مَجُوسيءَ ڪي مارِ
وَڏي جَنگِ مَ وِسَارِ، نَنڍيان نَفعو ناہ ڪو.

١٥

نَنڍيان نَفعو ناهِ ڪو، مَ وَڏِي وساري
مَجُوسِي ماري، اَڪبَرَ ڏي اَچيج تُون.

وائي

ڍَڪَ ڍَڪِيندو، مُون نہ ڇَڏِيندو

شَفِيعُ شافعُ سُپِرين

اَنڌا اُونڌا آڪَڙِئا، سَڀ نِباهِي نِيندو
وَٽان ويچارَنِ جي، داڙُو ٿِي دَڙِيندو
جي ڏوهارِينِ ڏاڪَڙا، لَڪَ سِي لَنگهائِيندو
نُور ناڪارُونَ نہ ڪَري، مُحَمدُ مِنَتَ مَڃِيندو
هِت پُڙِ حامِي هِنَ جو، اَڳِئان آڏَرَ ڏِيندو
طَهُورا ٽَڙئنِ ڪي پانڌپُ پِيارِيندو
پاڻَ سُڃاڻِي پاڙِهين ڪامِلُ ڪَرَمُ ڪَرِيندو
طَنبُو آڻي تارَ ۾ عاصِينِ وَٽِ اَڏِيندو
داتا دوزِخِينِ ڪي لِينگهو لَهرائِيندو
رَسَڻَ وير رَسِي ڪَري مُشڪَ رَنگُ مَٽِيندو
رَحمَۃُ لِلعالَمين اَهُڪيءَ آگهُ ٿِيندو
اُتي عبداللَطيفُ ڪي هادِي هَٿُ جهَلِيندو.

◈

١٢. سلطان= سيني ۾ وڏيڪ طاقتور ۽ وڏو حاڪم، جنهن جو هين سيني حاڪمن مٿان حڪم هلي (معنوي لحاظ سان ڪُل جو قادر، هڪ الله). گهَلِ= گهوڙن جي گهل= گهوڙن واري وڙهندڙ فوج. ڏان= بخششون. لهين= حاصل ڪرين. ١٣. اصغر= ننڍو (گناه). اڪبر= وڏو (گناه). لوڙو= حملو، جهيڙو. مجوسي= نفس امَاره. حيدر= حضرت علي سائين جو لقب. ١٤. مُطِيعل= ننڍڙو مطيع، مجايل ۽ گهٽو هيٺو، تنهن ڪي. وڏي جنگ= جيڪا نفس سان ڪجي. ننڍيان نفعو ناه ڪو= ننڍين جنگين مان ڪو فائدو ڪونهي (’نفس‘ سان جنگ جي مقابلي ۾ ٻيون جنگيون ننڍيون آهن). ١٥. ننڍيان= ننڍيءَ ڪان، ننڍي جنگ ڪان، ٻاهرئين دشمن واري جنگ ڪان. وڏي= وڏي جنگ، پنهنجي اندر واري دشمن سان جنگ، ’نفس امَاره‘ سان جنگ. مجوسي ماري= پر مجوسيءَ ڪي ماري. مجوسي= نفس اَماره. وائي. ڍڪ ڍڪيندو= منهنجا عيب ۽ گناهہ ڍڪيندو. آڪڙِئا= ٽاٻن ۾ آيل. داڙو= سفارش ڪندڙ. دڙيندو= پرجهلو ٿيندو. ڏوهارين لاءِ ڏاڪڙا= گنهگارن لاءِ ڏڪيا. لَڪ لانگها. ناڪارون= انڪارَ. طهورا= پاڪ پيالا. پانڌپ= سردار. لينگهو= گناهہ جو داغ.

سُر پرڀاتي

سُر بلاول وانگر، هيءُ سُر بہ موروثي منگتن ۽ مڱڻھارن طرفان سخي سردارن کي ڳائڻ ساراهڻ ۽ کانئن ڏاڻ وٺڻ واري رسم روايت جو يادگار آهي، پر هن سُر جو خاص موضوع لس ٻيلي جي والي سپڙ ڄام جي سخا آهي: ٻين سردارن سخا ڪئي تہ پنهنجي شان شوڪت وڌائڻ لاءِ ڪئي، پر سپڙ ڄام سخا ڪئي تہ پنهنجي نالي وڌائڻ ڪاڻ ڪانہ ڪئي پر ڪيرت وارن جي قدرداني ۽ ڏکين ڏڏن جي مدد لاءِ ڪئي: هن خاص طرح محتاجن کي مان ڏنا ۽ ڏڏن کي ڏان ڏنا. اعليٰ معنوي لحاظ سان هيءُ سُر گھُرندڙ ۽ ڏيندڙ ٻنهي جي اعليٰ ڪردار جو آئينو آهي.

داستان پهريون

١

اِيءُ نہ ڀائِنِ ڀيرُ، جِئَن ڪِيرِيءُ ٽَنگِيو ڪِينُرو
سُونهاري صُبُوحَ سِين وِجھِي وِينِين ويرُ
توڪي چوندو ڪيرُ، ڪِيرتَ ڏاران مَڱڻو.

٢

سُتو ڪِيئَن ٻِندِرون ڪَرِين، وَرُ وِهاڻِيءُ ووءِ
سُيان سازُ سَندوءِ، ڀيو هُوندو پَٽَ ۾.

٣

سيرانديءُ سازُ ڪِئو سُمهِين ساري راتِ
جاڄڪاڻِي ذاتِ، اِيئَن نہ هُئِي اڳھِين.

٤

جاڄڪَ! جيڏا پَسُ، وِئا سَويرا ساجَ ڪٺِي
ڪِينرُ ڪِيرِيءُ ٽَنگِئو، ڪَنجھي لَڳي ڪَسُ
تو گھِرندي مَسُ، لَڄَ لَنگَھَڪِي چَڏِئِي.

٥

پُورِئا دَرَ مَ پِنُ، جَنِ پِنئِي پُورَتَ نہ ٿِيي
ڏِيهَ ۾ ڏاتَرُ هيڪڙو، نانءُ ٿِهين جو ڳِنُ
جو رَينَ رَساڻِي دِنُ، ڏِيئِي ڏُرمائِي ڪِينَڪِين.

٦

ڏُرمَنِ جي ڏِيئِي، سي ٿُون مَنگُ مَ مَڱڻا
سَپَڙ سَندي دَرَ تي ڪَرِ وينتِيُون وِيهِي
پُڇي نہ ڏِيئِي، وَرِي ليڪو نہ ڪَرِي.

٧

مَنگُ ٿَنهِين کي مَڱڻا جو ڏِينهاڙِي ٿو ڏي
ڪُوڙا دَر دُنيا جا جاڄڪَ مَنگِين جي
سُيان تو هِي ڪي، موتِي ڏِيندا مُنهَ ۾.

٨

مُوڙهو پُٽِين مَڱڻا، ڪيڏانه هُئِين ڪالَ
لَنگھا چَڏِ، لَطِيفُ چَئِي، اُجھڻَ جا افعالَ
سَپَرَ دَرِ سُوالَ، ڪَرِ تہ قِيمَتَ آڻِيين.

د-١-١. ڀير= نمونو، ڪردار. ڪيريءُ ٽنگيو= ڪليءِ ۾ ٽنگيل آهي. ڪينرو= ڪيرت ڪرڻ وارو ساز، سرندو. سونهاري صبوح سين= سهڻي بختاور صبوح سان (تون وير وجھي وينين جو اهو صدا ۽ ساراه جو وقت آهي ۽ تون ان کي وڃائين پيو). ڪيرت ڏاران= ڪيرت نہ ڪرڻ واري حالت ۾. ٢. وَرُ= موٽ. وِهاڻيءَ= وهاڻيءُ جو، آڌي کان پوءِ رات وهامڻ وقت. ووءِ= "ووءِ" واري آلاپ ڏانهن، صدا ۽ ساراه واري ڪيرت ڏانهن. سيان= ايندڙ وقت ۾، اڳتي ٣. جاڄڪاڻي ذات= ڪيرت ڪندڙ ڀانن، چارڻن، منگتن مڱڻهارن جي ذات. ٤. جاڄڪ= اي جاڄڪ. جيڏا= هڪ جيڏا. ڪنجھي لڳي ڪس= ڪينري ساز جي ڪنجھي (ڏاتو) کي ڪٽ لڳي وئي آهي. مَسُ= ڪاري ريهہ واري نئين لهندڙ ڏاڙهي. گھرندي مس= نئين ريهہ ڏاڙهي اچڻ سان، تنهنجي نئين جوانيءَ ساڻ. تو لڄ لنگھڪي چڏئي= تو لنگھن جي لڄ پت واري ريت (صبوح سوير ساز ڪٺي ساراه ڪرڻ) ڇڏي. ٥. پورئا در= جيڪي در اندران بند هوندا آهن (جن تي ويهي منگتا ڏان وٺڻ لاءِ صدائون ۽ ساراهون ڪن). ڳن= ڳُڻ، وٽ. رين= رات. دِنُ= ڏينهن. ڏيئي= ڏيڻ کان پوءِ. ڏرمائڻ= دل هٽڻ، پڇتائڻ. ٦. ڏرمن جي ڏيئي= ڏيڻ بعد دل من هٽن. وينتيون= گھر واريون صدائون. پڇي نہ ڏيئي= ڏيئي وري نہ پڇي، ڏيئي وري نہ پڇاري. ٧. منگ= گھُرُ. جو ڏينهاڙي ٿو ڏئي= جو روز ٿو رزق ڏئي (الله تعاليٰ). موتي ڏيندا منهن ۾= سامهون مهٽا ڏيندا (تہ اسان ٿي تہ توکي ڏنو!) ٨. موڙهو= منٺو، موڳو ٿيو. اُجھڻ= اجايو هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ، رلڻ. افعال= نمونا، ڪم. قيمت آڻيين= قيمت وارو انعام وٺي اچين.

٩

مُنجهي ويهُہ مَ مَگَڻا ڪُنجين لائي ڪَسُ
ٻيلي ۾ ٻاجهون ٿيُون رِڙهي رُونجهاٽي رَسُ
پاٽ پَهِرِئا پَسُ، ڏِڏنِ ڏاتِيُون لَڌِيون.

١٠

جيڪِين ڏِڏنِ ڏي، ڳُجهُہ ڳُجهائِين ڳُجهَہ ۾
سو جي سُٽِينِ ڪَڍِهين ڪيرَتِ وارا ڪي
تہ سارَ مِڙيئِي سي، هُندَ پِٽُون ڪَنِ پَلَڪَ ۾.

١١

لَڪِي جي ٻُجهَنِ، پَڌَر پَٽُہ مَ اُنِ سِين
نَندِي وَڏِي ڳالهڙِي سَچِي تان سَمُجهَنِ
ٿُون ڪِيئَن اڳيان تَنِ، وَجِئو وِلِلِين واتَ سِين.

١٢

چارَڻَ وَسِ نہ ڪاءِ، تہ ڪا ڪِيرَتِ جي ڪَري
جَنِهِي سَندو مَگَڻو هَٿِ تَنِي جي آهِ
جي ڳارائِينِسِ تہ ڳاءِ، جي سُمَهارِينِسِ تہ سُمَهي.

١٣

طَمَعَ جِي تَوار، مَتان ڪَرِين مَگَڻا
ڏِڪي ڪَندئِي ڏارَ، ماڻڪُ ڏيئِي مُٺِ ۾.

١٤

گُهرَڻُ هَڏِهِين گهور، ڪَرِ ڪِيرَتِ جي ڪامَ ڪا
چِنهِ پَرِ رِيجهي راڄيو، سائي ٿُون تَندُ چورِ
ڪارَڻُ ڏانُ مَ ڏورِ، اڳيان لَنگهِي ٿِي لَڄَ مَري.

١٥

ڏاتارَ ڏُڪَ ڪِئا، پاڻا مَتي مَگَڻي:
"مُون دَرُ ڇَڏيو مَگَڻا، مَنگِين ڪوهُ ٻِئا
تيلاهِين پِئا، تو وِڄئان وِلَها ڏِينهَڙا."

١٦

ڏاتارَ ڏوهُ نہ ڪوءِ، ڏوهُ مِڙوئِي مَگَڻي
جي اُيو دَرَ پَرِ هوءِ، تہ ڏِيهاڙي ڏاتِ لَهي.

١٧

ڪَڙِهَہ اڳِئان ڪَپُ، ڏِينهاڙي ڏاتارَ جي
لَنگها لاهِ مَ لِڪَ سِين مَتان چانٺِ چَپُ
مَگَڻهارَن مَپُ، ڪونهي ٻِئو ڪِيرَتَ ري.

---

٩. ڪنجين لائي ڪس= سُرندي جي تارن کي ڇڪيندڙ ڪنجين کي ڪَٽ لائي نہ ويهہ (تون سرندي کي هٿ ئي ڪونہ لائين، ۽ ان جون ڪنجيون ئي ڪَنجي ويون آهن). ٻيلي ۾= سبڙ جي گادي جيْ شهر 'ٻيلي' ۾ رونجهاٽي= رونجهي جو پٽ سبڙ. سبڙ جنهن جو وڏو ڏاڏو رونجهو هو. پاٽ= ڳائيندڙ (جيڪي ڳائيندي صدائون ۽ ساراهون ڪن) جيڪي سبڙ کي ڳائين. پهرئا= پهرايل، پوشاڪون پهرايل. ڏاتيون (واحد، ڏات)= ڏان، انعام. ١٠. ڏڏن ڏي= ڏڏن کي ڏئي. ڏڏ= موڳا جيڪي ڪجهہ نہ ڄاڻن، اهي موڳا منگتا ۽ چارڻ جيڪي ڳائي وڄائي نہ سگهن. سُٽين= سٽن. پٽون ڪن= پڃي پُرزا ڪن. ١١. لڪي جي ٻجهن= جيڪي پري کان ٿورڙو ڏسڻ سان ئي صحيح ڪري ٿا وٺن، ذرا ڏسڻ سان ئي سمجهي ٿا وڃن. پڌر پوڻُ= ڪنهن سان سامهون ٿي کُلي ڳالهائڻ ۽ بحث ڪرڻ، بي حجاب ٿي کُلِي مخالفت ڪرڻ. پڌر پَئُہ مَ ان سين= انهن سان سامهون بحث مباحثو نہ ڪر. وڃئو وللين= تون وڃئو اجايو ابتو سبتو ڳالهائين، بڪوات ڪرين. ١٢. چارڻ وس نہ ڪاءِ= اها چارڻ جي وس جي ڳالهہ ناهي. ڪيرت= صدا ۽ ساراهہ. هٿ تني جي آ= تني جي هٿ وس آهہ، تني جي اختيار ۾ آهي. ڳارائينس= ڪيس ڳارائين. تہ ڳاءِ= تہ ڳائي. ١٣. طمع جي= گهٽي گهُرڻ جي. توار= آلاپ، وائي. ڏِڪي ڪنڌئي ڏار= اهي ڏيڻ وارا (جيڪي وڏا پارکو آهن) سهي ڪري وٺندا تہ منگتو سچائي سان ٿو ساراهي يا پنهنجي مطلب وارا آلاپ ٿو ڪري، توکي 'ڏان' ڪونہ ڏيندا. ١٤. گهرڻ= گهر ڪرڻ، سوال ڪرڻ (تہ ڪجهہ ملي). گهور= ترڪ ڪر، ڇڏي ڏي. ڪر ڪيرت جي ڪامَ ڪا= ڪجهہ وٺڻ ۽ حاصل ڪرڻ واري ڪيرت (صدا ۽ ساراہ) کي ئي ڇڏي ڏي. ڪارڻ ڏان= ڏان ڪارڻ، انعام خاطر. مَ ڏور= مَ پند ڪر، ڪشالا نہ ڪر. اڳيان لنگهي ٿي لڄ مري= ٻين آڏو لنگهي انهيءَ لڄ ۾ پئي مري تہ سندس مڙس پيو پني. ١٥. ڏاتار= سخي، ڏيندڙ. ولها= بک ڏک وارا. ١٦. در پر هوءِ= ڏاتار جي در وٽ هجي. ڏات لهي= ڏان حاصل ڪري. ١٧. ڪڙهہ= گهر جو ٻاهريون در. ڪَپُ= زاري نيزاري ڪر (صدا ۽ ساراهہ ۾). لِڪ سين= ذري سين، بلڪل ٿورڙيءَ دير لاءِ بہ. چانٺ= در جي هيٺان ڪاٺ جي ٿلهي پٽي. مپ= داءُ، وَجهہ، ٻلو. ڪيرت= آلاپن واري صدا ۽ ساراهہ (سخي سردار جي).

١٨
ڄاڻي توءِ مَ ڄاڻُ، هيءُ دَرُ اَبوجَهن جو
انَ دَرِ سيئِي اَگهيَا جَنِ نہ ڄاڻيو ڄاڻُ
رُونجهاڻِي راڄاڻُ، آهي اَبوجَهن جو.

١٩
ڪِيرتَ راهَ گُمُ ڪِي، ڄاڻُ وڃايو ڏاڻُ
جي سُڄاڻي ڄاڻُ، تہ سيوئي سُبحان ٿِئين.

٢٠
ڪاٽي سي ٽُنبيرَ، جَنِ ريجهَايا رَاڄيَا
وِٽُرا وَڏِيءَ وِيرَ، ڪُلِهين رَکِي ڪِينرَا.

٢١
ٽُنبيرَنِ ٽوارَ، اَڄُ نہ سُڄي ڳِچَڙي
مَڙهيُونَ مَڱڻهارَ، پُورِي ڪِنهِ پارِ وِئا.

٢٢
ميرا پَسي مَڱڻا، سَبَڙَ سَڏُ ڪِئا
سَبوجَهنِ سُئا، اَبوجَهنِ ڪي آسَرو.

٢٣
اُتِيو اَبوجَهاءِ، سَبَڙَ جو سَڏُ ٽِيو
جِئَن اَئِين ڪِيرَت ڪَٽُ نہ سَڪئا ٽِئَن پاٽا ريڻو راءُ
مَڱو مون مُلاءُ، آءُ اوهَان جو آهيَان.

وائي-١

ٻِئي دَرِ وَنءُ مَ ڪيڏاهِين،
جو تُون ڄامُ مَنگندين مَڱڻا!
ڦير مَ هينيُون ڪَنڌُ ڪيڏهِين، ٽِينديئي حاجَ هِيَائِين
وِرچي تُون وِهَاڳَ ڪان، مَتان ڏِئين ڀَاهِين
ٽُنبو ڪَڻُ مَ تيڏهِين، جِيفو آهِ جيڏاهِين
دَرِ ڏَاتا مَگَ مَنگتا، اَدا هوئِڄِ ايڏاهِين
اِن اللهَ وِترہ يُحِبُ الوِترَ، وَحدَتَ وَاڳَ وِڏائين
پَنهنجي طَرفِ پاڙِهين سائِلَ سَڏِيَائِين
جِتي جُوائَنِ ڪي ڪونِي ڪُنائِين
اتي عُشاقنِ ڪي اُلفَتَ اُهجُ ڏِنائِين
ڪِيرَتِين قُربَ سِين خُلَتَ ڪاڄُ ڏِنائِين
الانسَانُ سِري وَانَا سِرُہُ، ان پِرِ اُتائِين
ڳُجهَہ ڳُجهاندَرِ ڳَالهِيُون رازُنِ رَکيائِين
پَسو پينارَنِ جي پَٽَ ۾ پاڻُ وِڏائين.

وائي-٢

جو نُوازي ڏِڏ، آسَرُ لاهِ مَ اَنَ جِي
اوڏايان اوڏو گهَٽو، ڪِهڙا ڪَرِيين سَڏُ
ويهُ داتا جي دَرَ تي، لَنگها لاهي لَڏُ
اَگلَنَ ڪي اوڏو وِهي، گندا ڪري گَڏُ
ڪهڙا جَڏُ جَڏوئِيين، جُودَ مَهندان جَڏُ
اڳيان عَجِيبَنِ جي، مُشڪِلُ ٻَڌَڻُ مَڏُ.

١٨. جن نہ ڄاڻيو ڄاڻ= جن ڄاڻ کي ڪجهہ ڪري نہ ڄاتو. رونجهاڻي= سڀڙ رونجهاڻي. راڄاڻ= وڏو راڄيو، وڏو راڄائتو، رَڄُ چڱو.
١٩. ڪيرت= سردار جي ساراهہ ۽ واکاڻ. راهہ گُم ڪي= راهہ وڃائي، مقصد کان پري ڪيو. ڄاڻُ= علم (تہ آءٌ ڄاڻان ٿو). ڏاڻ= ڏان، انعام. سيوئي سبحان ٿيين= سڄوئي صاف سهڻو ٿئين، سڄوئي سون ٿئين (اي مڱڻا! توکي پنهنجي 'ڪيرت' ۽ پنهنجي ڄاڻ تي ناز ۽ ڀروسو آهي، پر ڪيرت تہ ڄاڻ توکي منجهايو ۽ ڄاڻ تنهنجو ڏاڻ وڃايو. جي سردار ڄاڻ توتي پنهنجي نظر ڪري تہ تون سڄوئي سون ٿي پوين، وڏي درجي وارو ٿي پوين). ٢٠. ڪاٽي= ڪٽي. ٽُنبير= تنبن وارا، تنبي جي سازن تي ڳائڻ وارا، چارڻ ۽ منگتا. راڄيا= راڄن جا سردار. ٢١. توار= وائي، آلاپ. ڳِچڙي= سردار جي رهائش واري ماڳ تي. مڙهيون= مڱڻهارن جي رهايش واريون جايون. مڱڻهار مڙهيون پوري، الائجي ڪهڙي طرف هليا ويا. ٢٢. ميرا= ميرن ڪپڙن سان ڏتڙيل. ابوجهن آسرو= جيڪي اڻڄاڻ هئا، تن کي بہ آسرو رهيو تہ سخي سڀڙ سندن سار لهندو. ٢٣. ڪٽ نہ سڪيا= ڪجهہ بہ نہ سڪيا. مڱو= گهرو. مون ملاءُ= مون وٽان، مون کان. وائي-١. سڄي ٽلهہ جي معنيٰ: اي مڱڻا! جي توکي ڄام کان 'ڏان' وٺڻو آهي تہ پوءِ ٻئي ڪنهن در تي نہ وڃ، ٻئي ڪنهن در تي صدا نہ وڃي هڻ، سخي ڄام کان ئي توکي ڏان ملندو. حاج= حاجت. هيائين= هتائين. وهاڳ= آڌي رات جي وهاڻ جو راڳ. متان ڏئين ڀاهين= متان پوئتي موٽين. جيفو= لالچ، طمع. مگَ= گهُر، ڀڻُ. اُهج= اشارو، اهڃاڻ. خلت= دوستي، اخلاص، محبت. ڳجهاندر= اونهون راز، ڳجهہ. پَٽ= ڪِستو. وائي-٢. اگلا= اٻالا، ڪوجها. گندا= ڪِنا، بدحال. جَڏ= جَڏا، معذور، اپرا. جڏوئيين= جڏا ڪري ڀانئين. جود= سخا. (سخيءَ جي سخاوت آڏو ڪو جڏو آهي ئي ڪونہ). مڏ= سامان سڙو، مَڏِي. مڏ ٻڌڻ= ڪا ڳالهہ ناهڻ، ڪو بهانو ڪرڻ.

داستان پهريون

١

اُيـــرِئو تارو، اُڀِي وَرُ وِهاڳَ ڏي
سَڀَڙُ رِيسـارو، ڇِتَ پَرڪي چارڻين.

٢

سَڀَڙُ ساهِ پَساهِ، جاڄِڪَ جِمَ وِسارِيين
ريهي رُپِي سَندِيُون تَندُون تُنبِي پاءِ
سُڪَنِ اِيندءِ ساءُ، ويلهه وِينديئِي وِسرِي.

٣

ڏڏُ تِي ڏانُ گهُر، ڇَڏِ وِجا ڄِي وائِي
سَڀَڙُ راتِ سَنباهِيا تازِي تو لائِي
جو ڄاڻي نه ڪائِي، تِنه بيلي ڏٺِي ٻاجهه ڪِي.

٤

چوڻاٽِي چوٽَ وَهِي سُڪا سانگَ پَري
ڪوڏَڻُون ڏانَ ڏَڏَنِ ڪي سَڀَڙُ سَنجهِي ڏي
اِنَ راهَ مَٽِي رُونجهي، ماڻڪ اُڄَليا مِينهَ ڄِئَن.

٥

ڪِيرَتَ ڪا سَنباهِ، چارَڻَ چوڻاٽِيءَ مَٽِي
وائِي ڄاڻي سَيَڪا جيڪا ڪَرِينِ ساءِ
لَنگها تون لِيلاءِ، اڳِيان اُنَڙَ ڄامَ جِي.

٦

اُنَڙَ ۾ آسَ گهَڻِي تِهان وَڏيرو ڊِرپُ
سو مَڱڻهارَنِ مَپُ، جو نه موٽائِي مَڱڻا.

٧

اُنَڙَ ۾ آسَ گهَڻِي، تِهان وَڏيرو ڊِراءِ
مَڱڻا نه موٽاءِ، ڏِئِي تو ڏانُ ڏَڏَن ڪي.

٨

ڄَنِ سَڱوئِي ناه ڪو، چارَڻَ سي ڇَيڄَنِ
رُونجهي راهَ پُڇَن، مَٽِي ڪُلَهن ڪِينَرا.

٩

لَنگهِي تِي لَڄَ مَرِي ڄِئَن تُون ڏَڏُ ٿِئو
صُباح سِياڪو، صَحِيءُ مِڙندو مَڱڻا.

١٠

اُڀي وَرُ وَرناءِ، دانهُون دَنبُورَنِ ڄِيُون
اڳِيان اُنَڙَ ڄامَ جِي لَنگها تُون لِيلاءِ
جوڙِ تَندُون ڪَرِ ڄاءِ، مَتان سَڀَڙَ جو سَڏُ ٿئِي.

د-٢-١. تارو= صبوح وارو تارو. اُيرئو تارو= صبوح وارو تارو ايريو آهي. ريسارو= اهو پرڪيندڙ آهي ۽ ريس ڪندڙ آهي ته ڪو ساڻس ٿو وڌيڪ محبت ڪري يا ڪنهن ٻئي سان ٿو ڪري. ڇت پرڪي چارڻين= ساڻس محبت جي دعويدارن چارڻن جون دليون ٿو پرکي. ٢. ساهِ پساه= ساهہ ۾ پَساهہ ۾ سانديل، دم دم ۾ سمايل. جم وسارين= تون متان وسارين. ريهي= ريهه ڏيئي. رپي سنديون= چانديءَ جون. تُنبي پاءِ= تنبي کي وجهه. ساءُ= سواد، مزو، لطف. سڪن ايندءِ ساءُ= توکي سڪن جو ساءُ ايندو (سڪن ۾ مزا ماڻيندين). ويلهه= بک. ٣. ڏڏ تي ڏان گهر= اي مڱڻا، تون اُٺڄاڻ تي انعام گهر. وڄا= ڄاڻ يا علم (راڳ جو). وائي= ڳالهه. تازي= تازي گهوڙا. تولائي= تنهنجي لاءِ ٿي. ٤. چوڻاٽي= سخي سبڙ چوڻاٽي. چوٽ وهي= پريو وَهي، پريل درياهه وانگر سير ڪري پيو وَهي. سانگَ= نديا وڏا ڊورا. سڪا سانگ پري= اُٿلي، پلٽ ڪري، سڪل ڊورا پيو پري. ڪوڏئون= خوشيءَ مان. سنجهي ڏي= سنجهي جو ڏئي. رونجهي= سبڙ رونجهي. ان راهه مٽي= انهيءَ رَوِش سان، انهيءَ ريت. ٥. ڪيرت= ساراهه ۽ صدا. سَنباه= سوچي هل، سنباهي هل. چوڻاٽيءَ مٽي= چوڻاٽيءَ ڏانهن. وائي ڄاڻي سيڪا= سبڙ کي هر وائي جي ڄاڻ آهي. ليلاءِ= ٻيهي نياز نئڙت سان گهُر. ٦. آس= اُميد. تهان وڏيرو= آس اميد کان وڌيڪ وڏو. مڱڻهارن مپ= مڱڻهارن لاءِ مپ آهي. مپ= وڏو بچاءُ، مضبوط وسيلو. ٨. سڱو= سڱ، سڱ سياڪو. رونجهي راه= رونجهي جي راه، رونجهي سبڙ ڄام ڏانهن وڃڻ جو رستو. مٽي ڪلهن ڪينرا= سرندا پنهنجي ڪلهن تي ڪنيو. ٩. لنگهي= لنگهي جي زال، لنگهي جي ماءُ. لڄ مري= شرمسار ٿئي. ڄئن تون ڏڏ ٿئو= جو ڏڏ تي پُئين (جو تون سڄاڻ ۽ هنرمند نه ٿئين جوڳائين ۽ ڪيرت ڪرين)، صباح= سڀاڻ، اڄ نه سيان، اڳتي ڪنهن ڏينهن. سياڪو= سڀ سياءَ، سڀ لنگها ياٺر، لنگهن جو سڄو راڄ. ١٠. ور= راڳ ڏي ور. ورناءِ= ڪن ڏي، ٻڌ.

١١

صُبحُ جو سُڀَراجُ، ڪَرِ دَاتا جِي دَرَ تي
سَندو ڪُورَنِ ڪاجُ، آهي حاتِمَ هَٿَ ۾.

١٢

جَاچِڪَ جاڙَنَ جاءِ، سا پَرِ آءٌ نہ سِکِئو
پاٽَ نہ نِينمَ پاڻ سِين، سَڳا جي سِياءَ
جي رَنجاڻِين راءَ، تہ پُڻ تارِي تُنهِنجي.

١٣

چارَڻُ لَگو، پَنڌُ گهٽو، ڪين چوڻاٽِيءَ چَئيجُ
هِتِ ڪِين هَلائيجُ، اتي آءٌ نہ اَچٽو.

١٤

تون سَڀَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تون صاحِبُ، آءٌ سَڳُ
پُڇِي تُنهنجو پَڳُ، ڪُلهي پاتُمَ ڪِينرو.

١٥

تون سَڀَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تون پارِسُ، آءٌ پِينارُ
ڏِسِندِهين ڏاتارُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينرو.

١٦

تون سَڀَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تون ڏاتارُ، آءٌ ڏڏُ
سُٽِي تُنهنجو سَڏُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينرو.

١٧

تون سَڀَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تون ڏاتارُ، آءٌ ڏوهُ
تون پارِسُ آءٌ لوهُ، جي سَجين تہ سون ٿِيان.

١٨

ڏاتارُ تہ ٽُون، ٻِئا مِڙيئِي مَڱڻا
مِينهَ مُندائِتا وَسڻا سَدا وِسِين ٽُون
جي گهَرِ اَچِين مُون، تہ ميرِيائِي مانُ لَهان.

١٩

ڏڏُ وڏو ڏڏُ، پاڻُ ڪونائِي مَڱڻو
نہ ڪَنهِ نِئو پاڻ سِين، نہ ڪَنهِ ڪِئو گڏُ
سَڀڙَ ڪَري سَڏُ، ڏڏُ ڏولِيءَ چاڙهيو.

٢٠

ٻولِي ٻيلِي جِي ڪَري، پاسي پَرِ پِئو
سُٽائي سُتَنِ ڪي وِهاڻِيءَ وِئو
جاڳِي ڪِينَ ٻِئو، سُرُ سِکيوئِي هَڪَڙو.

٢١

پاسي پَرِ پِئو، ٻولِي ٻيلِي جِي ڪَري
چارَڻ چاڙهي چوڏولَ ۾ نِماڻو نِئو
رُونجهي راتِ ڪِئو، سَرفرازُ سَيِدُ چئي.

٢٢

اگهِيا وِيڻَ وهاڳَ، ڏنگا ڦِڏا ڏڏَ جا
مَتي موڻِئا مَڱڻي سَندا ڏِينهَ سُهاڳَ

١١. سُڀَراج= ڪيرت، صدا ۽ ساراهہ. ڪُورن= نابينن، اپاهج مڱڻن. ڪاج= شادي ۽ خوشي جو جشن. حاتم= سخي. ١٢. پاٽ= ڳائڻ وارا، ڪيرت وارا. نہ نينم= مون کي ساڻ نہ نين. سڳا جي سياءَ= جيڪي ويجها عزيز شريڪ آهن. جي رنجاڻين= جي تو رنج ڪيو. راءَ= اي ڄام. تاري= تات، يادگيري. ١٣. لگو= لنگڙو، منڊڙو. چوڻاٽي= سڀڙ چوڻاٽي (سڀڙ پٽ 'چوڻا' جو). ڪين چوڻاٽيءَ چئيج= ڪجهہ چوڻاٽيءَ کي چئيج (لگو چارڻ. جنهن کي سخي سڀڙ سڏيو هو سو ٿو ان نياپي آڏيندڙ ماڻهوءَ کي چئي تہ: "تون هيترو ڪجهہ سخي سڀڙ چوڻاٽيءَ کي چئيج تہ: هڪ تہ چارڻ لگو آهي ۽ ٻيو تہ پنڌ گهٽو آهي. انهيءَ ڪري جيڪي ڏيڻو هجئي سو هت ڏياري موڪل، باقي اتي تو وٽ آءٌ پهچي ڪونہ سگهندس.") ١٤. سيڪڙو= سِڪ وارو. سڳ= سگ، ڪتو (تنهنجي در جو). پڳ= پير، پيچرو (تو تائين پهچڻ جو). ١٥. تون پارس آهين، جيڪو لوهہ کي بہ سون ڪري. ڏسندهين= ڏسندي ئي. ١٧. آءٌ ڏوهہ= آءٌ گنهگار. سجڻ= سڌو نشان ڪرڻ، سڌي نظر ڪرڻ، سڌو نشان تي اک ٻڌڻ. جي سجين تہ= جي تون سڌو مون تي مهر جي نظر ڪرين تہ. ١٨. ڏاتار تہ تون= ڏاتار تہ هڪڙو ئي تون. ميريائي= اگلي ئي، عيبدار ئي. ١٩. ڏڏ وڏو ڏڏ= مڱڻو، رڳو ڏڏ ڪونهي پر وڏو ڏڏ آهي، پر پاڻان ان کي سخي سڀڙ پاڻ وٽ سڏي ٿو. پاڻ سخي سڀڙ ڏولي موڪلي تہ ان تي چڙهي اچي، سڀڙ مڱڻي کي مان ڏيئي ڏوليءَ تي چاڙهيو. ٢٠. اهو لگو مڱڻو هاڻي پاسي پر پيو آهي تہ بہ ٻولي ٻيلي جي پيو ڪري (ٻيلي جي سردار جي ڪيرت وارو هڪ ئي سُر سکيو.) ٢١. چوڏول= چئن دروازن واري وڏي شاهي شاندار ڏولي. سخي سڀڙ ماڻهو موڪليا جيڪي ڪيس چوڏول ۾ چاڙهي وٺا. رونجهي= سڀڙ رونجهاڻي. ٢٢. اگهيا= قبول پئا. ويڻ= ٻول. وهاڳ= وهاڻي رات وارو ڳائڻ. ويڻ وهاڳ= وهاڻي رات واري وهاڳ جا ٻول. سهاڳ= سک ۽ خوشي جا ڏينهن (سخي سڀڙ جي پيار ۽ مهر وارا ڏينهن).

رُوٺُو ڏاران راڳ، سَٻڙ راتِ سَمگِيو.

٢٣

ٻُجهان ٻاجهہ تِي، ٻاجهاڻو ٻيلي ڏٽِي
سَٻَرَ سا سُئِي، جا چارڻَ جي چِتَ ۾.

٢٤

ڏات نہ آهي ذات تي، جو وَهي سو لَهي
آريون اٻوجهن جيون سَٻڙ جامُ سَهي
جو راءَ وَتِ راتِ رهي، تنهن کي جُکي
جا نِڪتيان نہ ٿئي.

وائي - ١

ڏِينِي سِين ڏاتارَ، تِي موچارِي مَگڻي
اَچِي چارڻ چورِئِي، ڪا جا تَندُ تَوارَ
سا سِيبَاٽي راڄِيي سَٻَاجهي سَتّارَ
نِيَاڳن نَوازَ تِي تِلَن تا تاتارَ
آيو حاتِمُ هَٽَ ۾ لَنگهيءَ جي پِتَارَ

وائي - ٢

وَڏا ڏاڻ ڏناڻِين، ڳنياڻِين رَختُ ريزالَنِ جو
ڏاتِيُون ڏِئِي ڏڏَنِ کي سَنديُون سونَ سَراهِين
آنڌا مَندا آئِيا، سَخا سَڌُ وِڏائِين
کِينَ مَنجهان کِينِ کَري، سو نہ ساراهيين سائِين
"وَ تُعِزُ مَن تَشاءُ و تُذِلُ مَن تَشاءُ" آهي سَبُ اُتائِين
نَوازِيائين نُطف مَنجهان، کِين ڪئائِين
حرفتَ حَرِيفن جي، پيري سَڀَ پڳائِين
حَاسِدَ سَڀَ حُزنَ ۾، مُدَعِي پاڻَ مُنائِين.

❖

رونٽو= رونٽي هٽ وارو. ڏاران راڳ= بنا راڳ جي. سَمگئو= انعام ڏيئي خوش ڪيو. ٢٣. ٻُجهان= مونکي معلوم ٿيو، جاڻان ته. ٻاجهاڻو= ٻاجهہ ڀريو ٿيو. ٻيلي ڏٽي= ٻيلي جو والي. جا= جيڪا (آس اميد) چارڻ جي چت ۾، دل من ۾. ٢٤. وڏي انعام جو مدار ذات جي اوچائي تي ناهي: جيڪو وڏيڪ صالح هوندو ۽ وڏيڪ خدمت ڪندو انعام اڪرام ان کي ملندو. آريون= انگل، ماٺا. جُکي= ايذاء تڪليف. جا نڪتيان= ڪڏهن بہ، هرگز. وائي-١. ڏيني= ملاقات. چورئي= چوري، وڃائي. تند= 'شاه جي راڳ' جو اصطلاح، طنبور جي تند تي راڳ جي ڇيڙ. سِيباٽي، وَٽي وئي، پسند پئي. سٻاجهي ستار= مولىٰ مهربان. نياڳن نواز تي= جيڪي اياڳا هئا سي بہ نوازجي ويا. لنگهيءَ جو پِتار= لنگهو، مڱڻهار. آيو حاتم هٽ ۾= حاتم (سخي سَٻڙ) اهڙو راضي ٿيو جو ڄڻ منگتي جي هٽ ۾ اچي ويو. وائي-٢. رَختُ= گذر سفر جو بار. ريزالن جو= اڪيلن بيواهَن جو (ريزالو جمع ريزالا). سون سراهين= سون جون ڪوٺيون، سون سان ڀريل ڪوٺيون. کِين منجهان= اٿهوند مان. کِين= کِين ڪجهہ، سڀ ڪجهہ. سو نہ ساراهيين سائين= تون تنهن سائينءَ کي نٿو ساراهين. جيڪو "جنهن کي چاهي عزت وارو ڪري، جنهن کي چاهي ذليل ڪري." نطفو= مَنيءَ جو قطرو. حرفت= رٿ، منصوبو. اصل "پيري پڇي سڀ پڳائين." حريفن جي= مخالفن جي. پيري= ڦيري، ورائي. حزن= غم، اندوه. مدعي= ڪوڙا دعويدار. مُنائين= مَذموم ڪيائين، شرمندا ڪيائين.

سُر ڪارايل

هن سُر ۾ هَنجهہَ ۽ ڪاري اصيل نانگ جي روايتي خوبين جي تمثيل سان، اعليٰ اخلاقي معيار جا ڪي رخ روشن ٿيل آهن. سنڌ جي روايت موجب، هنجهہ نهايت ئي صاف ۽ سگهڙ پکي آهي: هو ڪارن ڪانيرن وانگر نڪي تانگهي ميري ۽ لُڙيل لُبيل پاڻيءَ ۾ لهي، تہ نڪي وري ڪاڏي لاءِ چِلڙ ۾ چهنب هڻي ۽ ڪکي ڪائي. هو تار پاڻي واري وڏي سَرَ (تلاء، ڍنڍ) يا ڇِڇ ۾ لهي ۽ اتي سپون سوجهي موتي چڳي. هنجهہ نڪي پاڻ ڪي گندي ميري پاڻيءَ ۾ ميرو ڪري تہ نڪي بک ڪان بي حال ٿي ڪکي مڇي کائي. هو هميشه تار ۾ تري ۽ مُنهن لايو موتي چڳي. ٻئي طرف ڪاريھر يعني ڪاري اصيل نانگ جو ڪردار بہ شانائتو آهي: هو اصل نسل ۾ "اصيل" آهي جو باوجود سندس قاتل زهر واري طاقت جي، هو اڻ ڏکويو ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪونہ ڪائي.

داستان پهريون

١

وَحدَهٗ وائِي ڪَري چڙهندي چِيَائِين

سو لُڙُ لنگهِيائِين، جِتي پارڪَ پَکِيَان.

٢

اکڙِيُون اوڙاهہَ ۾، اُيو ٽڪِي تارِ

پِٽُون جو پاتارِ، هَنجُهہ ٿِهين جو هيرَٽُون.

٣

ڪَؤنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پَؤُنرُ پري آڪاسِ

ٻنهِين سَندِي ڳالهڙِي رازِقَ آندِي راسِ

تِنهِ عِشقَ کي شاباسِ، جِنهِ مَحبتِي ميڙِئا.

٤

ڪَؤنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پَؤُنرُ پري ۾ سُج

ٻنهِي سَندِي ڳالهڙِي عِشق اِيءَ اُهُج

توءِ نہ لَهين اُج، جي پِيو پِيَنِ پاڻ ۾.

٥

ٿئو حُضُورِي هاڻِ، سوجها پيِيَسِ سَرَ جِي

ڪُندري لَڌِي ڪاڻِ، پَکِيئڙي پاتارَ ۾.

٦

سَرَ سُڪي سالَ ٿئا، هَنجهَ هَرِيو ئِي پيرُ

ڪَنگُ ويچارو ڪيرُ، رَسي اِنَ رَمُوزَ کي.

٧

هَنجَهہ مِڙِيئِي هَنجهَہ، ميرو مَنجهن ناهہ ڪو

جِتي پيِينِ سَنجهَہ، سو سَرُ ڪِئائُون سُرَهو.

٨

آءُ اُڏامِي هَنجهڙا، سَرَ ۾ سارِيئَئِي

مَڃُڻُ مارِيئَئِي، پارهيڙِي پَهُ ڪَري.

٩

سَرَ ۾ پَکِي هيڪڙو چڱِي چانگاري

جيڪا رَضا رَبَ جي سا پَکيئڙو پاري

وَٽان ويچاري، وَڳَرَ سَيَ وَهِي وِئا.

د-١-١. وحده وائي ڪري= 'الله وحده' چئي. چڙهندي= اڏامڻ ۾ مٿي چڙهندي. لڙ= لڙيل پاڻي، ميري گندي پاڻي جو تلاءُ. پارڪ= پرڪا. پکيان= پکين جي. ٢. تار= تار پاڻيءَ کي. پٽون= لفظي معنيٰ: 'پٽون مڇي' (جيڪا وڏين مڇين جي پيٽ ۾ ننڍڙي آهي، جڻ هڪ ذرڙو آهي). اصطلاحي معنيٰ: ذرو، چمڪندڙ ذرو، موتي. هيرٽون= هيراڪ. ٣. ڪؤنر= ڪُوڙي (جو ٻوٽو جيڪو ڍنڍن ۾ ٿئي ۽ جنهن جي پاڙ اونهي پاڻي ۾ هيٺ زمين جي تري ۾، ۽ جنهن جو ڪنوَل گل پاڻيءَ جي سطح ڪان مٿي ٻاهر نڪري بيهي). ٤. عشق ايءَ اهج= عشق جو اهو اهڃاڻ. ٥. حضوري= لفظي معنيٰ: 'حضور' (نبي يا ولي جي حضور) ۾ ويندڙ. اصطلاحي معنيٰ= وڏي مان مرتبي وارو. سوجها پييَس= سمجهہ پييَس، ڄاڻ حاصل ٿيس. ڪنڌري= ڪوڏي، سپي ٽڪي. ڪاڻ= قيمتي ڏاتو جو وڏو ذخيرو، وڏي قيمت وارو وڏو ذخيرو. ٦. هرئو= آلو، سائو. رُموز ('رمز' جو جمع) = ڳجهيون ڳالهيون. رموز کي= رمزن کي، ڳجهن اشارن کي، ڳجهين ڳالهين کي. ٧. پيين سنجهہ= ڪين سانجهي ٿي، رات پئي (۽ هو اُتي لهي پيا). ٨. پارهيڙي= ميربحرن جو هڪ پاڙو، پکين جو شڪار ڪندڙ ميربحر. پهہ ڪري= رٿ ڪري، صلاح ڪري. ٩. چڱي چانگاري= چڱي ۽ لاتيون ڪري. پاري= پوري ڪري. وڳر= وَلرَ.

١٠

سَرَ ۾ پَکِي هيڪڙو پارهيڙي پَنجاهَ
سَنديءَ آسَ اللهَ لُڏي لَهرِينِ وِچَ ۾.

١١

دَلبو مَنجهِ دَرياهَ، پَسِي پَکِي آئِيا
ويچارا ويسَاهَ، آٽي اُتِ اَڙائِيا.

١٢

جيهَرَ لوڪُ جَپُ ڪَري اوهِيرَ اُڏامَنِ
پِٽون جي پاتارَ جا چيتارئو چُڻَنِ
ڪوهُ ڪَندا ڪي ٿَنِ، پارهيڙي پَهُ ڪَري.

١٣

ماڻڪَ چُوٽو جَنِ سَندو، هَنجهَ خُضوري سي
چِلڙَ ۾ چُهنجَ هَٽِي مَچِي ڪِينِ نہ اي
لوڪَ نہ لَکِئا تي، جيلاهَ پُوٽَنِ ٻَگنِ ڳَڏِئا.

١٤

لُڙُ جو هيٺِ لَئِي، وِنِنِ هَٽِي وِڃائِيو
پِيتو ٿَنِي پِيئِيُون جائُون مَنجهِ جَئِي
ٻوڙُون مَنجهِ ڍَهِي، ڪَنگَ ڪُجاڙِئا پائِيين.

١٥

پَکِي پيهِي نِڳَئا مَنجهان لِتَڙِيَنِ لَکَ
ڪَنِي ماڻڪَ ميڙِئا ڪَنِي رَتا پَکَ
پُنِيءَ لائي لَکَ، گَڏِئو هَنجهُه حَبِيبَ ڪي.

١٦

اَچو آبُ لُڙُ ٿِئو ڪالوڙِئو ڪَنگَنِ
اِيندا لَڄَ مَرَنِ، تِنهِ سَرَ مَٿي هَنجَهڙا.

١٧

جِنهِ پاڻِيءَ ۾ پُونئِرا، چِلڙُ چِڪَ ڳَهِٽِي
وِيا چِٽُ ڪَٽِي، تِنهِ سَرَ مَٿان هَنجهَڙا.

١٨

ڪُوڙِنِ ڪانيرَنِ، سُرَهو سَرُ وِڃائِيو
آڏيءَ راتِ اُٿِي ڪَري دَدا دانهُون ڪَنِ
سَندِي ذاتِ هَنجهَنِ، مُنهُ ڪوڙِيو موتِي چُڻِي.

١٩

هَنجَهہ نہ ٻَندَ ڳَجَنِ، پَکِي نہ وِجهجَنِ پِڃري
مَڃُڻِ مَرِي رَهَنِ، سارِيندي ڪي سَڄِڻين.

٢٠

لَلِي تي لاتِيُون ڪَيُون سَرَ ۾ سارِي راتِ
پَکَٽانڊِيُون پِرياتِ، هَنجَهہ هَٽَندي رَتِيُون.

وائي

هَنجَهنِ ڏاران هَيجُ، ڪيرَ ڪَرِيندي ٻَگنِ سين

١٠. سر= تلاء، ڍنڍ. ١١. دلبو= بدڪ جي شڪل جهڙو ڪاٺ جو بوتو (جيڪو مٿي تي رکي، شڪاري پاڻ هيٺ پاڻي ۾ ڳجهڙيو ترندو ايندو: پکي جي ليکي تہ هيءُ بہ ڪو ٻيو پکي آهي، سو اڏامندو ڪونہ، تان جو شڪاري وڃي ٽنگن مان جهليندس). ويچارا ويساه، آٽي اٽ اڙائيا= ويچارن کي دلبي واري انهيءَ ويساه. آٽي اٽ جهلائيو، قابو ڪرائيو. ١٢. جيهر= جنهن وير، جنهن وقت. جپ ڪري= آرامي ٿئي، سمهي. اوهير= ان وقت. پٽون جي پاتارَ جا= هيٺ تر وارا موتي. چيتارئو= ٻُوليو، جانچيو. ١٣. چوٽو= قوت، ڪاڌو. چلڙ= گندي گپ. چنهج= چنهب. ڪين= ڪائن. پوٽن ٻگن ڳڏئا= ٻگن سان ڳڏئا پوٽن، ڳڏيا وتن. ١٤. لُڙُ= تازو وَهي آيل لُڙائيل پاڻي. هيٺ لئي= لَئي جي وڻ هيٺ. وِنن هٽي وڃائيو= اهو پاڻي ڪنگن ڪانيرن وٽيون لاهي وڃائي ڇڏيو، انهن جي وٽين هٽي خراب ڪري ڇڏيو. جائون منجهه جَئي= جيري منجهه جائون (جيت) پئجي ويون. ڍهي= پاڻيءَ جي ننڍڙي ڍُبي، پاڻيءَ جي ننڍڙي ترائي. ڪنگ= اي ڪانيرا. ڪجاڙئا ٻوڙون پائيين= ڇاجي لاءِ تو ٻوڙون پائين. ١٥. پکي پيهي نڳئا= پکي اندر ٽبي هٽي پوءِ نڪتا. لِتڙ= گپ واري پيٽي. ڪني رتا پکَ= ڪن پنهنجا ڪنپ گپ ۾ لتوڙيا، پنيءَ لائي لکَ= لکن ڪي پنهنجي پويان لائي (= وڏي مانَ وارو ٿي). ١٦. ڪالوڙيو= ڪارو ڪيو، گهٽو ميرو مٽيءَ وارو ڪيو. ١٧. پُونئرا= پاڻيءَ جا ڪارڙا سنهڙا جيت. ١٨. وڃائيو= لُٻي ميرو ڪري ڇڏيو، وٽين سان وڃائي ڇڏيو. دَدا= ابوجهہ، موڙهل. منهن ڪوڙيو= منهن هيٺ ڪيو، ڪنڌ نمايو. ١٩. مڃڻ= متان. مري رهن= مري پون. ٢٠. للي= سهڻي اڇي هنجهہ. لاتيون= مٺيون ٻوليون ڍگهي لات واريون. پکٽانڊيون= ڪنيڙاٽيون. رتيون= رتجي پيون. وائي. هيج= پيار پريون خوشيون، محبت واريون خذمتون. انهن هنجهن (محبوبن، سندن سڪ ۾) مونکي سور سوڪڙي ڪري ڏنا ۽ ڏک ڏاج ۾ ڏنا. چلڙ نہ چوسيو= انهن هنجهن گپ ۾ چهنبون هٽي چلڙ ڪي نہ چوسيو.

سُورَ ڏِنائُون سُوڪَڙِي، ڏُکَ ڏِنائُون ڏيجُ
جَنِ چِلُڙَ نہ چُوسِيو، تِکو چِٽَنِ تيجُ
پَکِي پالُرَ هيرَئُون، مُورِ نہ چِٽَي ريجُ
اُونِهين سِين آرُ ڪَرِي، ڪَڏ نہ ڪَرِي ڪيجُ.

داستان پيو

١

ڪازايَلَ جِي ڪوڏَ، مون ڪِينجهَرُ سَبِ نِهارِئو
وَرِي وانهيري نہ وَرِئا، لَلا لاڪيٽِيءَ لوڏَ
هِنيڙِي جِنِي هوڏَ، سي هَنجَهڙا سَبِ هَلِي وِئا.

٢

هَنجَهنَ سَندِيءَ هيرَ، مون ڪِينجهَرُ سَبِ نِهارِئو
ڍَنڍَ ۾ پَکِي ڍيرَ، پارين پِريان ناهِ ڪو.

٣

هَنجَهنِ سِين هيڪارَ، جي گُڻُ ڪَرِي نِهارِيين
تہ ٻَگَنِ سِين ٻيهارَ، هُوندَ ٻيلُ نہ ٻَڌِين ڪَڏهِين.

٤

ٻَگا ڪوهُ ٻُجهَنِ، تہ سِپُنِ ۾ چا سِپجي
ڦِريو ڦَهيارَنِ ڪي وَرِئو واتَ وِجهَنِ
سَندِي ذاتِ هَنجهَنِ، مُنهُ لايو موتِي چُڻِي.

٥

لالُون لَتاڙِي، ٻَگا ٻِيءَ وِئا
چِٽَنِ چِلُڙَ ڪَنڊِيين پَکِي پُوتِ پِئا
اَمُلَ اُتِ ڪِئا، تانگهو جَنِ طَلِبِئو.

٦

پَکِي پِئا مَڇَنِ، هَنجَهہ سَدائِين ڏُٻرا
ماريءَ سندو مَنَ ۾ وِرهُہ ويچارَنِ
ڪَنبَنِ ۽ ڪَڍَنِ، موتِي جي مِهراڻَ جا.

٧

اَڇو پِئو اَڇاهُ، تہ اَئِين اَڇائِي اَبَهو
وِهَڻُ وَڙُ نہ آهِنجو لُڙَ پاڻِي لَلاهُ
سُسَرِ ڏِجي ساهُ، ڪُسَرِ ڪَنگَنِ قَبَرُون.

٨

ڪُسَرِ ڪَنگَنِ قَبَرُون، سُسَرِ ساگاهيجِ
هَنجَهہ، هُتي جي ڳالهڙِي ٻَگَنِ مَ ٻوليجِ
ماڻي ٽُون مَريجُ، چَئِجُ مَ ڪَهين چُهنجَ سِين.

٩

سَيَرَ سَرَ سَيِدُ چَئِي، پَلِي پاڻُ سُڃاڻُ
"اَلَستُ بِرَبِّڪُم قالُوا بَلِيٰ" اِيءَ اَصلُ جو اُهڃاڻُ
جاڻِي تہ جاڻُ، نا تہ ڍِبِيءَ ۾ ڍيرُ ٿِئين.

١٠

جِئَن قَطرَ چِٽِئو ڪُڙِهہ پِرِيين، تئَن ٻولي
ٻَجهنديئِہ هَنجَهہ

تکو چٽن تيج= اهي صاف تکو تيز وهندڙ پاڻي پين. پالُر= تازو پاڻي، گهڻو جهجهو پاڻي. ريج= گپ گاڏئون پاڻي، بينل سائو پاڻي. آر ڪري= دل لائي. ڪيج= چُر چُراند (ان ڍُبي واري پاڻي ۾ نہ گهڙي ۽ نہ اهو پئي). د-٢: ١. ڪوڏ= سک، ڏسڻ جو شوق. وانهيري= ويهڻ واري جاءِ. للا= هنجهن جو هڪ قسم، سهڻا هنجهہ. هوڏ= چِڪ، ڪشش، ملڻ ۽ پهچڻ جي تمنا. ٢. هيرَ= هيرَ جي ڪري، هير سببان. ٣. گُڻ ڪري= چڱائي ۽ قرب ڪري. ٻَگُ، ٻَگو= اڇو پکي (جيڪو تانگهي پاڻي ۾ هلي ۽ سنهي مڇي ۽ ٻيا پاڻي جا جيت کائي). ٻيل ٻڌڻ= گڏوگڏ هجڻ. ياري رکڻ، سنگت ٻڌڻ. ٤. ڪوه ٻجهن= ڇا سمجهن. سپجي= سِرجي، پيدا ٿئي. ڦهيارن ڪي= سنهي مڇي کي. منهن لايو= ڪنڌ هيٺ لاڙيو، منهن اندر ڪريو. ٥. لالون لتاڙي= لالون جتي هيون اتي مٿان گهمي. لالون= هت اصطلاحي معنيٰ= موتي. ٻيءَ وئا= ٻيءَ پيٽيءَ ويا، ٻيءَ جاءِ ويا. پُوت= ڪوڙا مٺيا مٽڪا ('موتي' نہ). اُت ڪِئا= ات ڪٿان آيا. ٦. وِرهہ= اوسيئڙو، ڊرپ. ٧. اڇو پيو= صاف پاڻي پيو. اڇاهُ= اي اڇا (للا) هنجهہ! اڇائي ابهو= ڪنهن بہ قصور يا ڏوهہ کان پاڪ اڇا ٿي بيهو. وڙ= ريت، گت، عادت. لڙ پاڻي= لڙ پاڻي تي. للاهُ= اي للا هنجهئو! سُسَر= سٺو سر، صاف سٺو تلاءُ، ڍنڍ. ڏجي ساهہ= مرجي. ڪُسَرِ= ڪني پاڻي واري تلاءُ تي. ڪنگن قبرون= ڪوڙن ڪانيرن جون قبرون. ٨. ماڻي ٽون مريج= ٽون حاصل ڪندي مري پئجان، پر ڪنهن کي بہ چنهب ڪولي نہ چئج، واتئون ورائي ويڻ نہ ڏج. ٩. سير= پاڻيءَ سان ڀريل. پلي پاڻ= پاڻ کي پلي (سير سرڻ کان). ١٠. قطر چٽئو= قطر چڱيو، ذرا ذرا چڱيو (قطر= شايد موتين جي ٻڳَ). ڪڙهہ پريين= پيٽ پريين. ٻولي ٻجهنديئہ= ٻولي گهُنجي ويندِئہ.

موتِي جي مِهراڻَ جا پُورا ڇُٽَجُ پَنجَ
اَڄُ ڪِ صُباح سَنجهه، ڏِيِيءَ ۾ ڍيرُ ٿِيين.

١١

هارِئا هَنجَهه ہَگَنِ سِين ڪيهِي ہَڌِيَئي ٻيلَ
ميرو مَنائيج تون، اچي ڪي اُڪيلَ
ڪَنگَنِ ساڻُ ڪُويلَ، لَلا جِم لُڙُ پِيين.

١٢

وَچِين نہ پيهِي، پِٽُونءَ لَئي پاتارَ ۾
ڪَنڊِيءَ ۾ ڪيهِي، حاجَ تُنهنجِي هَنجَهڙا!

١٣

وينو جِئَن وِماسِيين، حَيَرتَ پَئُہ مَ هَڏَ
لاٿيُون جي لِباس جِيُون سي چِپائي چَڏَ
آءٌ 'اسِين' ڪَن جي پاسي ٿَنِ ۾ اَڏَ
ٿَنُ طالِبَنِ گَڏِ، تہ ويجهو ٿِئين وِصالَ ڪي.

١٤

وينو جِئَن وِماسِيين، حَيَرتَ پَئُہ مَ هاڻِ
لَلَنِ ڪي لطِيفُ چَئي اچي سان آراڻِ
ڪَنگَنِ لَٿي ڪاڻِ، گَڏئو هَنجُهه حَبِيبَ ڪي.

١٥

وينو جِئَن وماسِيين، حيرتَ پَئُہ مَ هُورِ
اُونهون جو اچو وهَي گهڙِي تائين گهورِ
ڏِنيُون هَڏِ مَ ڏورِ، گهورِئو ڪَپُ ڪَسِينِ جو.

١٦

اَڏَءُ آڏِتُ اُيِرئو، وهاڻِي وانءُ پِئونرَ
چِيتاريج ۾ جي ڪَنڊا ڏاري ڪِئونرَ
مَتان مارِيئِي ٽئونر، ٿو لَئُہ لِڱو جِنِ سِين.

١٧

هَنجهڙا هيلانڊُ ٿِي گهُونو مَ گهوريج
پَسِي چِلڙُ چوئِيُون، پَڪَ مَ پُسائيج
سو سَرُ ساڱاهيج، جِتي پارڪَ پَڪِيين.

١٨

هَنجههَ مَ ميرو وَٽُ، جان ڪو جِيين ڏينهڙو
جِيءُ مَ گهنگهرِ گهَٽُ، سِرُ تان سَرَ ڪَيتَرا.

١٩

لَلِي لَئِي لاتِ، سَرَ ۾ ڪِئو سوجهرو
ہَگا ہاتاڙا ٿِئا وائِي ڪَنِ نہ واتِ
جُنگَنِ پَنهنجي ڏاتِ، نيئِي رَساڻِي روهَ ڪي.

پنج= اشارو اسلام جي پنجن رڪنن ڏانهن (يا نماز جي پنجن وقتن ڏانهن). ڏِيِي= ڏِيہ (ڏِيہ اڏين جنهن ۾ پڪي ڦاسن). ڍير ٿئين= هيٺو ساٺو ٿي پئجي رهين. ١١. هارِئا= هار ڪاڏل. هاريل، بي حال، ڪهُيل. ٻيل ہڏڻ= گڏ هلڻ، دوست ٿيڻ ۽ گڏوگڏ هلڻ. اُڪيل= فعل 'اُڪيلڻ' مان امر. ڪنهن شيءِ ڏي اُڪيلڻ= ۾ ڪرڻ، چاهڻ. ڪُويل= ڪويل ۾، ڪُويلو، بي وقتو. لَلا= اي للا هنجهه، اي سفيد سهڻا هنجهه. جم= جِئن مَ= متان. لڙ= لڙيو پاڻي، ميرو پاڻي. ١٢. پيهي= اونهين پاڻيءَ ۾ اندر گهڙي. پٽون= موتي. پاتار= اونهين پاڻي ۾ اندر تري تائين. ١٣. وِماسِيين= تون حيران پريشان ٿئين، ڳڻتيون ڪرين. لباس جِيُون= ٻاهريين ڏيکاءُ جون. ١٤. آراڻ= آر، وٽُنڊ، لاڙو. ڪنگن لٿي ڪاڻ= ڪنگن جي ڪاڻ لٿي، ڪنگن جي محتاجي ڇُٽي. ١٥. حيرت پَئُہ مَ هور= حيرت ۾ هور ۾ نہ پَئُہ، حيراني ۾ ڏپ ۾ نہ پَئُہ. گهور= لفظي معنيٰ: مڇيءَ مارڻ لاءِ ڳولا ڪر. اصطلاحي معنيٰ: مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪر. ڏنيون= مٿاهان ہنا (پاڻي بنا). ڪپ ڪسين جو= ننڍڙين واهين جو ڪپر. ١٦. اَڏءُ= اُڏامي وڃ. آڏت= سج. وهاڻي= وهاڻي رات ۾. چيتاريج= نظر ۾ ڪج، پهه ڪج انهن جو. ڪِؤنر= تازا گل. ٽؤنر= ٽئونر گلن جا، اهي گل جيڪي ٽؤنر ٿي ہوٽجي وڃن. ١٧. هنجهڙا= اي هنجهه. هيلانڊ ٿي= هير وارو ٿي ڪري، هِري ڪري. گهونو= ٿوري پاڻيءَ وارو ڍُبو. مَ گهوريج= ان ۾ گهڙي ڪاڏي لاءِ نہ ڦِرج. چلڙ چوئيون= گپ گاري وارو چُرون پاڻي، چلڙ مان چوئِل پاڻي. پڪ=ڪنپ. ساڱاهيج= موڪج، ان جي ساڃاهه ڪج، نظر ۾ رکج. پارڪ= پرڪ، پرڪا. ١٨. جيءُ م گهنگهر گهٽ= پنهنجو جيءُ جنجل ۾ نہ وجهه. سِرُ تان سر ڪيترا= جي سِر آهي، حياتي آهي تہ سَرَ گهڻائي ليي پوندا. ١٩. سَر= تلاءُ، ڍنڍ. ہاتاڙا= حيران پريشان. جنگن= همت وارن هنجهن.

٢٠

وِئا مورَ مَري، هَنجھُ نہ رَهيو هِيڪَڙو
وَطَنُ ٿِيو وَري، ڪُوڙَنِ ڪانيرَنِ جو.

٢١

سَرَ اُهيئِي اَڳِيَان، پَکِي پِئا پِئا
جَنِ لَمِئو تِي لاتِيُون ڪَيُون سي ويچارا وِئا
ماڳُو ماڳَ ٿِئا، ڪُوڙا ڪانيرا گهَڻا.

٢٢

سو پَکِي سو پِجرو، سو سَرُ سوئِي هَنجھُ
پيهِي جان پَرُوڙيو مُون پاهِنجو مَنجھُ
ڏِيل جَنهين جو ڏنجهُ، سو ماري ٿُو مَنجھِ وِڙهي.

وائي

هَنجَهڙا پَسانِ نہ سي، اُڏامي وِئا آنهيرَنِ تي
پَکِي جي پَرڏيهَ جا، ساجُهرُ وِئا سَرَ تي
موتِي جَنِ ماڳِنِ ۾، لالُون لَهَن تِتي
جَنِ جو عَهدُ اللهَ سِين، سي ڪِئن رَهَن هِتي
اُهي عَبدُاللطيفُ چَئي، پاڻِ وَهيا پَرتِي.

داستان ٽريو

١

پهرين ڪَاري نانگَ جي ڪو چِرڪِيلُ چِيڙ ڪَري
جي هَٽِي ڏنگُ، ڏسائِيو، ويجهو ڪِينَ وَري
جيڪي نُپِ مَري، جيڪي سِڪي صِحَت ڪي.

٢

ڪُپَرَ گاروڙِينِ سِين وَڏو وِڏَءِ وِيرُ
نانگَ نہ وِينديِن نِڪَرِي تو ڏَرَ مَٿي پيرُ
هِيءُ ٽَنِي جو ڊِيرُ، جَنِ جهُوناڳَڙهِ جَلائِيو.

٣

ڪوهُ جاڳائِي جِيجَنِ ڪي تو سُتَلَنِ هَٿُ هَٽِي
جو ڏاڙُون ڏاڙُنِ وينِيُون تہ وِڙهَندُئِي وِهُ وَٽِي
جَنِ جو ڏُوجُ ڏَٽِي، تون ڪِئن وِجهِين ويرُ تَنِ سِين.

٤

آسَڻُ جَنِ اَريجَ ۾ تَنِ جي وِهَ جو وَرَنُ ٻِئو
تَنِ جو ڪَنڊوئِي ڪَمُ ڪَري، جي مَٿِس پيرُ پِئو
پُرِيين آهِي پَڌرو تَنِ نانگَن جو ٻِهو
ڪَلِي ويرَ ڪِهو، جو سامُهون ٿِئي سَپَن ڪي.

٥

جَنِ جِيُون اوطاقُون اَريجَ ۾ مَٽِيُون تَنِ مَٿَنِ
ماڻِ مَرتَبو اُن جو وَسان ڪِينَ ڪَجَنِ
جو اوڏو وَجي اُنِ، تَنِ جوڪو ٿِيي جانَ ڪي.

---

٢٠. عام مفهوم موجب مور جي معنيٰ 'مور پکي' ۽ هنج معنيٰ 'هنجھ پکي'. پر هن سٽ ۾ 'ڪانيرن' جو ذڪر آهي. يعني هن بيت ۾ پاڻي جي پکين جو ذڪر آهي. جنهن جا ڪنهن سائيرڙا ۽ پڻ مور جي ڪنهن وانگر سهڻن چنن وارا. پهرين سٽ جي معنيٰ ٿيندي تہ سهڻي ۾ سهڻا مور هنجھ تہ مري وئا پر هنجهن جي جنس مان ٻہ ڪو هنجھ ڪونہ رهيو. ٢٢. ڏيل جنهين جو ڏنجھ= جنهن جو ڏيل ئي ڏنجھ آهي، جنهن جي صورت ئي آزار آهي (استعاري واري مفهوم ۾). ماري= شڪاري، جيڪو پکي ماري. وائي. آنهيرو، جمع آنهيرا= پکيءَ جي روزانو رات جي ويهڻ واري جاءِ، آکيرو. عهد= ٻڌل ٻول. وهيا= هليا، ويا. د-٣: ١. ڪوچرڪيل چيڙ ڪري= جن کي اڳ ڪاري نانگ جو چرڪ پيل هوندو، تن مان ڪو ورلو اهڙو هوندو جيڪو وري ٻيهر چيڙ ڪندو، نہ تہ ڪندو ئي ڪونہ. جي هٽي ڏنگ ڏسائيو= جيڪڏهن نانگ ڏنگ هٽي ان کي ڏسائيو (=ڏنگيو، ڪاٽو). جيڪي= يا تہ. ٢. ڪپر= ڪپر نانگ، ننڍڙو سنهو زهريلو نانگ. تو ڏر مٿي پير= تنهنجي ڏر (رهڻ واري ٻر) مٿي منهنجو پير آهي. ڊير= تڪيو، ماڳ. جن جهوناڳڙهہ جَلائيو= روايت موجب، جهوناڳڙهہ جا جوڳي وڏا جوڳي، جن جهوناڳڙهہ کي باهہ ڏني (۽ اتي نانگن کي ماريو). ٣. جيجن ڪي= اهڙن جيتن کي جيڪي ڇهڻ وجن. ڏاڙون= ڏانون. وَٽِي= ٺاهي جوڙي، پوريءَ طرح. ڏوج= ڏٽيندڙ، چوندبيندڙ. ٤. آسڻ= ويهڻ جي جاءِ. اريج= جتي ريج نہ هجي ۽ نہ ٿئي، سُڪل ٿُنل زمين. ورن= رنگ. ڪم ڪري= ڪارگر ٿئي، وڏو نقصان ڪري. پُرِيين= پرين ڪان وٺي، وڏن ڪان وٺي. ٻهو= ٻُڻ. ڪلي وير= مقابلي وقت. ڪهو= اهو ڪير ٿيندو آهي. سپن ڪي= وڏن وڙهندڙ زهريلن نانگن کي. ٥. مٽيون= 'مَٽ' يا 'مَٽِي' جو جمع. عام روايت موجب، ڪاري واسينگ نانگ جي مٽي ۾ 'مَڻ' آهي.

٦

ڪاري ڪُرُ لَڄي جي اَڻَ- ڪَڄاڙئو ڪاءِ
جاڙئان آندرِ جِيَ ۾ ڳُجهو تو ڳالهاءِ
اُتي اُو ساماءِ، جِتِ رَتي ناهي ريجَ جي.

٧

سَنهَان يانءِ مَ سَپَ، سُڪا جَنِي پيٽ
ٽَنِي جي چِپيٽ، جُنگَنِ کي جوکو ٿِئي.

٨

سَنهان يانءِ مَ سَپَ، وِياءِ واسينگَنِ جا
لَتاڙِيا لَطِيفُ چَئي چوريا وِجهَنِ چَپَ
ٽَنِي جِي جهڙَپَ، هاٿِي هَندَان نَہ چُري.

٩

موران موٺَڻُ مِيهَٽُو، نُوٽِي نانگَ نَہ ڪَنِ
ڪارايَلَ ڪارَنِ کي ڳارا ڪِئو ڳِهَنِ
وَٽيين وِهُ پِيَنِ، سِڪَ سُرڪِيين نَہ لَهي.

١٠

مَٽي جهڙَ جهيڙِينِ، مورُ ڪارايَلُ پاڻَ ۾
نُوٽِي نانگَ نَہ ڏِينِ، موران موٺَڻُ مِيهَٽو.

١١

سَپَ ڳپُرَ سَڄا ڳِهي، نانگَنِ ڳوليو ڪاءِ
ٽَنِي کي واجهاءِ، مَٽِيُون جَنِ مَٽَنِ ۾.

١٢

واتان جَنِي وِهُ وَهي، سي آيا اوڳارِينِ
جي آرَڻِ ٻَڌِي آئِيا تان نانگَ نَہ نِهارِينِ
ڏَنِيرَ ٽَن ڏارِينِ، ميلُ جَنِي جي مَنَ ۾.

١٣

ڪِنهِ ڪِنه ڪارِيءَ ذاتِ کي مور ٻہ مَٽائِينِ
لَتوڙِئا لَطِيفُ چَئي چُرِئا چَڪائِينِ
توڙِي ٽُپُ مارِينِ، ناتہ سِڪن صِحَتَ لَئي.

١٤

وِهُ هَٽين وِهُ پيرين، وِهُ جَنِي جي واتِ
ڪا ڪا ڪارِي ذاتِ، مورَنِ مَٽي ڇَڏِئي.

وائي-١

ڪُوڙِي راندِ، ڪُوڙو چَنڪو
لِڪَ سِينءَ لَلو پَتو
لِيو جِئَن لامين چڙهين، ڪِئو ڪارايَلَ ڪَنڪو

٦ ڪاري= ڪاري نانگ جو. ڪُر= ٻُڻ، پيڙهي. ڪَڄاڙڻ= ورچائڻ، تنگ ڪرڻ، چيڙڻ. اَڻ ڪڄاڙيو= بنا چيڙ جي. جاڙئان اندر= جاڙي جي اندران. ساماءِ= سامائي، وڏو ٿئي ريج جي= پوسل جي، پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي. ٧. چپيٽ= ٻِپُوڙ، چيبٽ. جُنگن کي= وڏن کي. ٨. وِياءِ= ڄَڻَ، ٻَچا. وياءِ واسينگن جا= جيڪي واسينگن جي ٻُڻ مان آهن. جهڙپ= سٽ، حملو. هندان نہ چري= جنهن هنڌ هوندو اتيئي ڪرندو. ٩. نُوٽي= نوڙت، نمت. ڪارايل= مور (نيري رنگ جي لحاظ سان). ڳارا ڪئو= نوڙين وانگر لڙڪايو، لامن وانگر وڪوڙيو. ڏگها ٽُڪر ڪريو. وٽيين وه پين= اهي وٽيون پري وهه پين، وڏا پياڪ آهن، نهايت زوردار آهن. سڪ سرڪيين نہ لهي= انهن جي سڪ ننڍين سرڪين سان نہ لهي، انهن جي اُڃ ڍُڪن سان نہ لهي. ١٠. مور ۽ ڪارايل (نانگ) جي ويڙهہ جو بيان آهي. مٽي جهڙ= جهڙ مٽي. ڪنهن وڻ تي. جهيڙين= جهيڙو ڪن، وڙهن. مور ڪُارايل = مور ۽ ڪارو نانگ. نوٽي نانگ نہ ڏين= سر نائي نانگ نہ جُهڪن. ١١. سَپُ ڳپُرَ سڄا ڳهي= (مور، سَپَ ۽ ڪپر سڄي جا سڄا ڳهي وڃي. نانگَن= نانگن کي. تني کي واجهاءِ= هو انهن وڏن نانگن جو ڳولو آهي جن جي مٽن ۾ مٽيون آهي. ١٢. هي وڏن زوراور سپن جو بيان آهي. سي آيا اوڳارين= سي آيا تہ مارين، ڪائين ۽ اوڳارين، يڪدم وڏو حملو ڪن، ۽ آڏن کي ختم ڪري ڇڏين. آرڻ ٻڌي آئيا= جنگ (وڙهڻ) جو قصد ڪري آيا. تان نانگ نہ نهارين= تہ پوءِ نانگن تي سندن نظر ئي نہ پوي، ڪين نانگ نظر ئي نہ اچن، نانگن تي سندن اک ئي نہ ٻُڏي. (نانگن ڏي ڏسندا بہ ڪين ۽ امالڪ وڙهندا). ڏنير= ڏنيَرَ، زبرا، زوراور. ڏارين= چيرين. ميل= ميرائي (دشمني). ١٣. ڪنهن ڪنهن ڪاري ذات کي = ڪارن نانگن جي ڪنهن ذات کي. مور بہ مَٽائين= مور بہ مَٽي ڇڏين، مور بہ مُڙي وڃن. لتوڙيا= لتاڙيل ٿيا (ڪنهن انهن کي لتاڙيو ۽)، جي اهي لتاڙجي پيا. چُرئا چڪائين= جي چُرئا تہ چنڪو چڪائيندا، ڪائيندا ۽ ڏاڍو ڏک هٽندا. ٽپ مارين= صفا مارين. صحت کي= صحت لئي. وائي-١. ڪوڙي راند= ڪوڙي بازي، اجائي ڪيڏ. ڪوڙو چنڪو= ڪوڙو ڪيل. لِڪ سين= هَوَ سين، ڏري سين، ذري جيترو. للو پتو= ناه نُوهہ، ڏيکاءُ ۽ بهانو. ليو= لاٽيون ڪيو. لامين چڙهين= وڻن جي لامن تي اڏري ويهين. ڪارايل= اي مور. ڪئو ڪنڪو= ڪنڪو ڪئو، ڪنڪي ڪري، وڏيون زوردار لاٽيون ڪري.

ڪِ تو ڪَنين نہ سُئو، شهبازَ جو سَٽِڪو.

وائي-٢

جي مان چارائِينِ، جيڪَرَ جيڏيون وو
ڪَرَهَ سَندانِ چارِيان
جي مان چارائِينِ وي ميان، تان مُئِي جِيارِينِ
پيرين آءٌ نہ پُڄَڻِي، ڪَرَهَلَ هُوءِ نہ جهَلِينِ
ڳُجهِي آءٌ نہ وَڃَڻِي، پَڌَرِ پِرِينِ نہ نِينِ.

وائي-٣

هوتَ بلوچَ جي آهِيان
پَلو جيڏيون! آءٌ جا بلوچَ جي آهِيان
ڪَنِيزَڪَ ڪيچِينِ جي، ناتَرِ نامُ سَڏائِيان
پيزارَ پُنهونءَ ڄامَ جي، اڪِينِ سانُ اُنائِيان.

◈

ڪنين نہ سئو= ڪنن سان نہ ٻُڌو. شهباز= وڏو طاقتور ماريندڙ پکي. سٽڪو= زوردار سٽ ۽ ڌڪ. وائي -٢. جي مان چارائين= جيڪڏهن مون کان چارائين، مون کي چارڻ لاءِ ڏين. ڪره= اٺ. ڪرهل= ڪرها، اٺ. پڌر= ظاهر ظهور. وائي-٣. ڪنيزڪ= ٻانهي. ناتر نامر= ناتر جي نالي سان (جٺن ناتر ٻانهي هُئي مومل جي). پيزار= جُتي. اُنائيان= ڪٺان.

سُر ڏهر

ذات الاهي جي ذڪر ۽ ياد الاهي ۾ رتل دلين طرفان حمد ۽ ثنا ڪي، آڳاٽي وقت کان وٺي صوفين درويشن جي سماع وارين محفلن ۾ ”سر ڏهر“ ۾ آلاپيو ويو. هن سُر جي پهرئين داستان جو موضوع ئي آهي ساري جهان جي خالق ۽ پالڻهار مولئٰ مهربان جي صفت ۽ ساراهه، ۽ سندس مهر ۽ ٻاجهه لا دعا. انهيءَ لحاظ سان، انهن بيتن کي فقيرن ذڪر طور سُر ڏهر ۾ آلاپيو. ساري جهان جي خالق ۽ پالڻهار جي وڏائي ۽ واکاڻ سان گڏ، هن زمين تي انسان جي عارضي زندگي جي حوالي سان ڪيس ترغيب ڏنل ته هي حياتي هڪ عارضي منزل يا مانجهاندي جو ماڳ آهي؛ انهيءَ ڪري ڏکيون رتائون رڻ ۽ وڏيون اميدون رکڻ بي سود آهن؛ ننڊ ۽ غفلت بدران بيداري ۽ سجاڳي واري حالت ۾ هجڻ ضروري آهي. اها سجاڳي ۽ بيداري ڌڻيءَ کي ياد ڪرڻ سان حاصل ٿيندي.

داستان-۲ ۾ جسوڏڻ آگري جي دور ۾ ڀنڀهل درياء ۾ پاڻي جي موج سببان ملڪ ۾ آبادي ۽ ماڻهن جي خوشحالي، ۽ ان بعد وري ڀنڀهل ۾ پاڻي جو گهٽجڻ ۽ سڪڻ، ماڻهن جو لڏڻ ۽ ملڪ جو ڦٽڻ هن داستان جو مکيه موضوع آهي.

داستان-۳. ۾ اڳئين وقت جي وڏي ارڏي ۽ اٽر سردار لاکي ڦُلاڻي جي ڳڻن ۽ ڳالهين ۽ ڏاڍاين جا اهڃاڻ ڏنل آهن. سندس ڳڻ اهو جو غريب اوڏڻ سان دل لاتائين، اوڏن جي لڄ پت رکيائين، ۽ کين پاڻ وٽ اجهو ۽ اوٽ ڏنائين. سندس ڏاڍائي اها جو هر طرف هَلائون ڪري مال ڦري ڪاهي راڄن کي لڏايائين: ريبارين ۽ جاڙيجن جا ته وڳ ڪاهيائين، پر اهي راڄ جيڪي ملڪ جي حاڪم راءِ ڪنگهار جي پناهه هيٺ هئا تن جون به لوڙيون هنيائين.

داستان چوٿون سنگهارن يعني مالدارن جو وڏي چاه سان مال ڏارڻ ۽ چارڻ، پاڻ ۾ گڏ رهڻ ۽ سندن صلح سانت ۽ اطمينان واري سماجي زندگيءَ جو آئينو آهي.

داستان پنجين ۾ ڪونجن جي اعلئٰ وصفن جا اهڃاڻ ڏنل آهن، ۽ ڪونجن تي ڪهل ڪرڻ ۽ کين نه مارڻ جي ترغيب ڏنل آهي. ڪونجن جون اعلئٰ وصفون اِهي جو اهي قوت ۽ چُوڻي خاطر ديس ڇڏي پرديس اچن، پر وطن نه وسارين ۽ وري پوئتي ورن. هو: اهي ٻاجهاري ٻولي ڪن، وڳر ڪري هلن ۽ هڪ ٻئي کان جدا نه ٿين، ۽ جي ڪا منجهائن پوئتي رهجي وڃي ته ان کي سنڀاري ساڻ ڪن. انهيءَ ڪري کين سندن واسطي دعا ته: شال ڌڻي پنهنجي ٻاجهه ڪري کين سندن وطن ۾ پنهنجن ٻچن سان ميڙي!

داستان پهريون

١

اَللهُ جِئَن نالوءِ، تِئَن مُون وَڏو آسَرو

خالِقَ تُنهِنجيءَ ڪانڌَ جو پَرو پانڌُ نه ڪوءِ

نالو رَبَ سَندوءِ، رَهيو آهي رُوحَ ۾.

٢

مِنو جِئَن نالوءِ، تِئَن مُون وَڏو آسَرو

صاحِبَ تُنهِنجيءَ سَگهَہ جو پَرو پانڌُ نه ڪوءِ

ڪو دَرُ ناهِ ڇهوءِ، مُون ٻِئا دَرَ گهَٽو نِهارِئا.

٣

جيڏو تُنهِنجو نانءُ، ٻاجَهه ٻہ اوڏِيائِي مَنگان

ري ٿَنڀِين ري ٿُوڻِيين، ٿُون ڇَپَرُ ٿُون ڇانءُ

ڪُڄاڙو ڪَهانءُ، توکي مَعلُمَ سَيَڪا.

٤

سَتُرُ ڪَرِ سَتارَ، آءٌ اُگهاڙِي آهِيَان

ڏِکِين ڏِڪٿارَ، ڏيئِي پانڌُ پَناهَ جو.

٥

مَ. ڪَرِ ڍولَ ڍِلو، ناتو نِماڻِيءَ سِين

ڪونهي ڪَمِيڻيءَ جو ٻِگرِ تو ٻِلو

تُنهنجو نانءُ نِلو، وَٺيو ويٺِي آهِيان.

د-١ :١. نالوءِ= تنهنجو نالو. الله جئن نالوءِ= جئن جو تنهنجو نالوئي ’الله‘ آهي (’الله‘ ذاتي نالو آهي خالق جو، ۽ لغت جي لحاظ سان لفظ جي اصل معنئٰ ’پيار‘ آهي). ڪانڌ= برداشت، سهڻ جي طاقت. پرو= پتو. پاند= ڊيگهه يا ويڪر جو ڇيڙو. پرو پاند= پوري ٿيندڙ حد. ٢. منو= ميناج وارو، وڻندڙ، پيارو. جهوءِ= تو جهڙو. ٣. ڇپر= مَنهن. ڪڄاڙو ڪهانءُ= توکي ڪئن ڪري چوان. معلم= معلوم. سيڪا= سيڪا ڳالهه، ساري سچي حقيقت. ٤. سَتُر= ڍڪ. ستار= اي سڀ جي ڍڪيندڙ ڌڻي! ڍڪٿار= هميشه ڍڪيندڙ. پاند= پَلَئُ. پناهه جو= بچاءَ جو. ٥. ڍولُ= اي پيارا سهڻا سائين. ڍلو= ڍرو. ٻگر= بغير، سواءِ. ٻگر تو ٻلو= توکان سواءِ ڪو ٻيو حيلو ڪونهي. نِلو= رڳوئي، اڪيلوئي.

٦

وَڏِي سَگهہَ سَندياءِ، ٻاجهُن پَريو آهِيين
مُون تان مِهرِ مَ لاهِ، آئُون تُنهنجِي آهِيَان.

٧

مِروُن كِينَ وَلَنِ، پَكِي كَنِ نہ پورهئو
جان ٿُون ڏِيندڙُ ٿَنِ، تان آسَ آسانهين نہ لَهي.

٨

مُسَنِ مُنهَ سَنَرا، كَريا گهَٽو كَلَنِ
سي تان وِسرِيَنِ، آيا جَنِ كَمَنِ لَئي.

٩

اَڏئو اَڏيندين كيترو، كَلَرَ كاڏِي پِٽِ
ٿُون نہ هُوندين هِتِ، كَهَگَلَ كَريين كَنِ كي.

١٠

ڊِگهي اَڏِ مَ مَنهين، پَكو اَڏِ مَ لانڌَ
لَڏِئو ٿَنِ وِرانڌَ، جَنِ صَبَاحَٽِي اَڏِيو.

١١

كَڏِهن مَڙهہُ مُقامَ ۾، كَڏهن ڳاڙهو گهوٽ
سَندو واريءَ كوٺ، اَڏِئو اَڏيندين كيترو.

١٢

ويئي 'كالَهہ' هَٽا، سا 'كالَهہ' نہ اِيندي كَڏهين
كالهُوٽِيءَ كالها، پِئو وِڄُ وَرهَنِ كي.

١٣

صاحِبَ تُنهِنجي صاحِبِي عَجَبَ جِهڙِي آهِ
وَڏِي سَگهہ سَندياءِ، پاڻَ وَهِيٽو آهِيين.

١٤

صاحِبَ تُنهِنجِي صاحِبِي عَجَبُ ڏِني سُون
پَنَ ٻوڙِينِ پاتارَ ۾ پَهڻَ تارِين تُون
جي گهُرِ اَچِين مُون، تہ ميريائي مانُ لهان.

١٥

ڄِتي ٽِيندا پَڙِرا وَعدا ۽ وَعِيدَ
سُتِجُ سَڏَ سَعِيدَ، لِلّٰهِ لَگِ لَطِيفُ چَئي.

١٦

سُتَا اُٿِي جاڳُ، نِنڊَرَ نہ كِجي ايتَرِي
سُلطانِي سُهاڳُ، نِنڊُرون كَندي نہ ٿِيي.

٧. مرون= جانور. وَلَڻُ= زمين گَڏڻ، كيڙڻ، كاهڻ. كين ولن= زمين كين كاهين، پنهنجي گذران لاءِ كا پوك كانہ پوكين. اسانهين= اسان كي بہ. ٨. مُسَنِ= مُٺَنِ، مشكلات ۾ ڦاٿلن ، حيران پريشان ٿيلن. منه سنرا= جن جا منه سنرا آهن، جيكي بي فكرا ٿي پنهنجا منهن ملوک كيو پيا هلن. كريا گهٽو كلن= اهي كريل جن كي گهٽي كل آهي (سي بہ مُسَنِ). ٩. اڏئو اڏيندين كيترو= كيترو پيو اڏيو اڏيندين، وري وري اڏيندين. كلر كاڏي= كلر جي كاڏل. كهگل= گاري سان لنب چنبي، نئين سر مرمت. ١٠. منهين= مَنهُن. لانڌ = وڏي لانڌ وارو. وراند= وڇينءَ جو، پوئين پهر شام جو. صَباحَٽِي= صبح وقت، صبح جو. ١١. مڙهہ= مردو، مئل بت. اڏئو اڏيندين= كيترو اڏيندين. ١٢. كالهہ= كالهوكي وير، كالهوكي مهل. كالهوٽيءَ كالها= 'كالهہ' واري 'كالهہ' كان وٺي، كالهوٽي ڏينهن كان وٺي. پئو وڄ= وٺي پئي، فرق پيو. (هي بيت چئن معتبر قلمي رسالن ۾ ڏنل آهي جن سڀني جي صورتخطي مان 'كالهہ' ۽ كالهوٽي كالها' لفظ جو گمان ٿئي ٿو، ۽ متن ۾ پڻ اهي لفظ ائين ئي ركيا ويا آهن. پر عام رائج معياري سنڌي ٻوليءَ ۾ "ويئي كالهہ هٽان" كونہ چئبو آهي، پر چئبو آهي "ويئي ڳالهہ هٽان". انهي ڄاڻ جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ اصل بيت شايد هن طرح هجي:

ويئي ڳالهہ هٽا، سا ڳالهہ نہ ايندي كڏهين
ڳالهوٽي ڳالها، پئو وڄ ورهين كي.

اُن 'ڳالهہ' ۽ 'ڳالهوٽي ڳالها' كي پهرين كاتبن 'كال' ۽ 'كالوني كالا' كري لكيو جن كي پوءِ 'كال ۽ كالوني كالا' كري پڙهيو ۽ لكيو ويو. ١٣. صاحب= اي، مالک سڀني جهان جا، اي مولي. پاڻ وَهيٽو= پاڻ پنهنجي ذاتي طاقت وارو، پاڻ پنهنجي قدرت سان قائم ۽ موجود. ١٤. عجب= وڏي عجب واري، وڏي حيرت ۾ وجهندڙ. پاتار ۾= هيٺ اُونهين پاٽيءَ ۾. ميريائي= گنهگار. مان لهان= مانائتي ٿيان. ١٥. وعدا= كيل انجام، كيل ٻول. وعيد= واعدا. سعيد= اي سعيد، اي سعادت وارا، سعادت بخشيندڙ، اي پيارا رسول. ١٦. ستا= اي ستل! سلطاني سُهاڳ= بادشاهي بخت.

١٧

ڪِين سُمهُ ڪين جاڳُ، ننڊ۾ نه ڪِجي ايتري

اِيءَ مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساٽيهُ پائيو.

١٨

هِي تان ٿورڙيون، جي تو پورا پائيون

راتيون پيون گهڻيون، جي تو اِينديون هيڪلي.

١٩

سُتي نه سرندياءِ، ڪرِ پچار پرينءَ جي

وِهامِي وِينِدياءِ، گهڻا هٿندين هٿڙا.

٢٠

جاڳڻُ مَنجهان جَسُ، آهي الله جَنِ کي

لاهي جو لَطِيفُ چئي مَتان قَلبُ ڪَسُ

وَرَنه ڪِجاهُ وَسُ، صُبحَ ساڻُ سَيِدُ چئي.

وائي

مُون ۾ عَيبَ اَپارَ، يا سَتارَ!

آءٌ جا طامعِ تُنهنجي آهِيان

هِڪ وِجايمِ ويسري،

جاڻِي سَڀِ جُمارَ

'اَمرُ' اوڏي نه وَجان،

'نهي' ڪِيَس نِڪارَ

هِنَ مُنهنجي حالَ جي،

توکي سُڌَ سَتارَ

جيڪِين وَهي وُجُود ۾،

سو جاڻين جاڻڻهارَ.

داستان پيو

١

ڪَرِ ڪي ڳالهڙيون، ڪَنڌا ڍورَ- ڏٽين جيُون

ڪِئَن سي راتڙيون، ڪَنهِ پَرِ ڏِينهَن گُذارِيين.

٢

ڪَر ڪا ويهي ڳالِ، ڪَنڌا ڍورَ- ڏٽين جي

اَڄُ پُڻ ڪِهڙي حالِ، ڪَنهِ پَرِ ڏِينهَن گُذارِيين.

٣

ڪَنڌا تو وَتاءِ، سَچُ ڪِ سيٹڻ لَڏِئو

مَجِرُ تو مَتاءِ، چٽئو پوءِ چُڳا ڪِئو.

٤

ڪَنڌا ڪُجاڙئا، اَيو آهين ريلَ ۾

پرين پُڄاڻئا، سُکِي بانگهو نه تِئين!

٥

جان تو هُنڙو سُورُ، ڪَنڌا ڍورَ- ڏٽين جو

مَتي لامُنِ ٻُورُ، هُوندَ نه چاڙهِيئِي هيٽرو.

١٧. ڪِين= ڪين ڪجهه، ڪجهه ٿورو. ايءُ= هن حياتي وارو هيءُ جهان. مانجهاندو= منجهند وارو ٿورو وقت، منجهند وارو ٿورو آرام، منجهند جي طعام ۽ ٿوري آرام وارو وقت. ساٽيهه= دائمي وطن. ١٨. پورا= اي ٿوري جاڻ وارا. پيون= قبر واريون. هيڪلي= اڪيلي. ١٩. سُتي= ننڊ ۾، غفلت ۾، ويسر ۾. سرندياءِ= تنهنجي ڪانه سرندي، تنهنجي پوري ڪانه پوندي. وهامي ويندياءِ= جواني ختم ٿي ويندياءِ، وقت هٿان نڪري ويندوءِ. ٢٠. جاڳڻ= بيدار رهڻ، الله جي عبادت ۾ سڄي رات سجاڳ رهڻ. جس= شاباس، ساراهه، نيڪ نامي. ورنه= اي سهڻا سورهيه، اي سهڻا گهوٽ، اي همت وارا. وس= وڏي همت. صبح ساڻ= صبح سينءَ، ويندي صبح تائين. وائي. جاڻي= جاڻي ٻجهي. امر= ڪو ڪم ڪرڻ وارو حڪم. نهي= ڪو ڪم نه ڪرڻ وارو حڪم. وَهي= گذري. د-٢: ١. ڪنڌا= اي آڳاٽي وقت جا بيٺل جهونا ڪنڌا! ڍور= درياءَ جي چوڙ وارن ڍورن مان هڪ ڍورو، درياءُ. ڍور- ڏٽي= ڍوري جا ڏٽي، پٽيهل جي ڍوري جا ڏٽي. انهن ڍوري جي ڏٽين جي ختم ٿي وڃڻ ڪان پوءِ، تون ڪيئن پيو پنهنجيون راتيون ۽ پنهنجا ڏينهن گذارين؟ ٣. سچ ڪِ= اهو سچ آهي ڇا؟ سيٹڻ= سڄڻ، تنهنجي پيارن سڄڻن. مجر= لامن جي چوٽين تي تازو ڦُٽل ڪُچ، گونچ ۽ ٻُور. چٽئو پوءِ چُڳا ڪئو= ڇڳا ڇڳا ٿي پيو ڇٽي (ڳوڙهن ڳاڙڻ سان تشبيهه). ٤. ريل= درياءَ جي ڇڏيل ريٽ ۾ (درياءَ هڪ پَرِ ڪائيندو ۽ پائيندو، نه ٻيءَ پر ريٽ ڇڏيندو. اها ريٽ واري ايراضي ريل آهي). پٽيهل واري ڍوري جي سڪڻ سببان تون انهن جي سِڪ ۾ سڪي نه وئين! ٥. متي لامن ٻور= موري ڦُٽي لامن جي چوٽين تي هيٽرو سارو ٻور هوند نه چاڙهيئي!

٦

جان تو هُئڙو وَڍُ، ڪَنڌا ڍورَ- ڏٽِين جو
پاٽان ڏيئِي ڏڍُ، موري مَجَرُ نہ ڪَرِين.

٧

جي تو هُئڙو گهاءِ، ڪَنڌا ڍورَ- ڏٽِين جو
هُوندَ نہ تو ڪِئا، موري مَجَر ٽارِيين.

٨

ڪَنڌا ٿُون ڪيڏو، جَڏِ پَريوئِي ڍورُ وَهي
جَسوڏڻ جيڏو، تو ڪو ڏِنو پيڙو.

٩

جَڏهن ڍاڳِي ڍورُ، ٻَئِي وَهَنِ ٻَليارَ ۾
تَڏهن تازِيين طورُ، هُئو جَسوڏڻ سِين.

١٠

ڍورُ نہ اڳِينءَ ڍارَ، مَهَندِ مَلاحَنِ لَڪِئو
موڙي چاڙهِئا مَڪُرا، پَسِي پاڻِيءَ پارَ
جَسوڏڻ جَيها يارَ، پئڙا وِيرَ وِماسَ ۾.

١١

پَنيهَلَ تو ۾ پُورُ، اڳِيُون ناهي آبَ جو
سُڪِنهِ ڪِهڙِي سُورُ، پِيئَءِ، واري وِچَ ۾.

١٢

سَڄُ ڪِ سُڪو ڍورُ، ڪَنڌيءَ اَڪَ ٿُلارِئا
جُنگَنِ چَڏِيو جورُ، سَرُ سُڪو سُونگِي گيا.

١٣

سانگِنَ سُڪو گاهُ، ڪَنڌِيين اَڪَ ٿُلارِئا
مِهراڻِي وَٺاهُ، رويو راڄُ رَضا گهُري.

١٤

سُڪِي ڍورُ ڌِهِيُون ٽِئو، ڪَنڌيءَ ڏنو ڪائو
پاڻِي پَنيهَلَ ۾ اڳِيون نہ آئو
ماڙهنِ ميڙائو، ڪَنِي ڪَنِي پيٽِيين.

١٥

سُڪِي ڍورُ ڌِهِيُون ٽِئو، ڪَنڌيءَ ڏِنِي ڪَرَ

---

٦. وڍ= گهاءُ، وڍ ۽ گهاءَ وارو سور. پاٽان= ويتر پنهنجي طرفان. ڏيئي ڏڍ= ڏڍ ڏيئي، لڏيندڙن ۽ ويندڙن سان همدردي ڪري. موري مجر نہ ڪرين= نہ وڏيڪ ڦٽين ۽ نہ ڀور ڪرين. ٨. اي ڪنڌا! تون ڪيڏو وڏو هئين. جڏهن هيءُ ڍورو پرجي ٿي وڙهو. جسوڏڻ= اڳئين وقت جي هڪ حاڪم يا سردار جو نالو. جيڏو= جهڙو، برابر. پيڙو= پيارو جوان. ٩. ڍاڳي= ڍوري جو نالو. ٻليار، ٻلياري= سمنڊ ۾ چوڙ واري نار(؟). تازيين طور= تازي گهوڙن جا طنبيلا، تازي گهوڙن جو لشڪر(؟). هئو جسوڏڻ سين= جسوڏڻ وٽ هئو، يعني تڏهن جسوڏڻ جي هلندي ۽ هاڪَ هئي. ١٠. اڳينءَ ڍار= اڳينءَ وهُڪَ وانگر، ان ۾ اڳيون وهڪرو ڪونهي. ملاحن لڪئو= ناڪئن صَحي ڪيو. مڪرا= ٻيڙا. پسي پاڻي پار= پاڻي جو نمونو ڏسي (تہ لاٽ ۾ آهي). وير= مانجهي مڙس. وماس= اوسيڙو، ڳڻتي. ١١. پنيهل= پنيهل جو ڍورو. پُور= ڀريل وهڪرو. سُڪنه= تون سُڪي وئين. ڪهڙي سور= ڪهڙي سُورَ جي ڪري (جو پيئہ واري وچ ۾). ١٢. ڪنڌيءَ= ڪنڌي سان، ڍوري جي ڪنڌيءَ سان. اڪ ٿلاريا= اڪ وڏي وڏا ٿيا ۽ ٿلاريا آهن. جنگن= وڏن جنگ ڍورن، وڏن جنگ جهازن. چڏيو جور= زور چڏيو. 'سر سڪو سونگي گيا'= اڳئين وقت جي خاص چوٽي تہ سر سڪو سونگي بہ ويا: يعني وڏي ڍنڍ وارو پاڻي سڪو تہ مڇي بہ ختم ٿي ۽ سنگ (محصول) وٺڻ وارا سونگي بہ ويا. ١٣. سانگُ= وڏي ڍوري مان پاڻيءَ جي گهٽائي ۽ اٿل سبُبان وهندڙ واهڙ، ننڍڙو ڍورو. سانگن سڪو گاه= سانگن ۾ پاڻيءَ جو زور ٽٽي ويو ۽ گاهہ سڪي ويو. رضا گهري= سردار جي رضا ۽ موڪل گهري (تہ هو اتان لڏي وڃن). مهراڻي وَٺاهَ= مهراڻي وٺان. مِهراڻو= اها ايراضي جيڪا درياءَ (مهراڻ) جي ڪچي ۾ هجي يا درياه جي پاڻي جي اٿل سبُبان سائي سبز هجي. سائي سبز جهنگ واري سيمر يا جوءِ جتي مالدار هجن ۽ مال چرندو هجي ۽ جتي جهنگ جا جانور هجن، شڪار وارو جهنگ. ١٤. ڌهيون (واحد. ڌهي، ڌرهي= پاڻيءَ جي ننڍڙي ترائي، ڌُبو)= ننڍڙيون ترايون ۽ ڌُبا ڌُبا ٿيو. ڪائو= لاٽ، پاڻيءَ جي وهڪ جي گهٽتائي. ڪائو ڏيڻ= پاڻيءَ جو لهڻ، هيٺ ٿيڻ. ڪنڌيءَ ڏنو ڪائو= ڍوري جي ڪنڌيءَ لڳ پاڻيءَ جي لاٽ آئي، ڪنڌيءَ وٽان پاڻيءَ لاٽ جي ڪَر ڏني. اڳيون= جهڙو اڳ ڀرپور ايندو هو. آئو (خاص لهجو آهي= آيو. ميڙائو= ماڻهن جو گڏجي ميڙ ٿيڻ. ڪني ڪني پيٽيين= ڪن ڪن جاين تي (جتي ڪٿي نہ، جيئن اڳ پاڻي ۽ آبادي واري وقت ۾ هو). ١٥. ڪر= لاٽ. ڪنڌي جو ڪر ڏيڻ= ڪناري لڳ پاڻي جي لاٽ جو ظاهر ٿيڻ.

جَنِ جي پاڳِن پَرَ، سي پِئا وِيرَ وِماسَ ۾.

وائي

جان تُون وَجي ڪيچ ڪُهي،
ڏيچ پارايا پِرينءَ کي
ڏُکُ مُنهنجي ڏِيلَ ۾، سَگهان ڪِينَ سَهي
آهٔ قوڙائِي مارئي، مُنهنجا واقِفَ وِئا وَهِي
پيئرَ هِنَ پَنيورَ ۾، ساريان ڪو نہ سَهي
مون مُئيءَ مَتان ڪيتَرا وِتَرا ڪانگَ لَئِي.

داستان ٽريو

١

لاکا لَجَ سَندِياءِ، اوڏِ اگلي آهِيَان
پَڪا سي پَرتاءِ، جي اَجهي تُنهنجي آڏِيا.

٢

اوڏئو جو اوڏِنِ، سو ڍِنگرُ ڍِلو مَ ٿِئي
جَنهِ پِرِ ويهِي ڪَنِ، ليگو لاکي جامَ سين.

٣

لاکي لَجَ ڪنئي، آسان اوڏٽِيَنِ جي
ڪَندو ڪانہ ٻئِي، اَڳُ وِسُوڙَلَ آهِيان.

٤

لاکا لَکَ هُئا، ڦُلاڻِيءَ ڦيرُ ٻِئو
آجا اوڏُ ٿِئا، پَلِئہِ لَڳِي جِنهِ جي.

٥

جي تون اوڏُ طَلَبِئِين، ٿِئان هِت نہ ڪو
وِئا لاکي لوءِ، سَنجهي نِهي ٽَنگڙا.

٦

ڇِنَلِ ڇَجَ هَٽَنِ ۾، ڪُلهَنِ ڪوڏارا
پورهِيي ڪارڻِ پيٽَ جي اُٿِين سَوارا
اوڏُ پِہ ويچارا، لاکا وَجِنِ لَڏِيو.

٧

اَڏي اَڏي اوڏُ، چَڏي وِئا پيڙِيُون
ڪانيايُون ۽ ڪوڏُ، پِئا آهِينِ پَٽَ ۾.

٨

وِڙهي ويلَ سَيَڪهِين لاکو لوءِ بَلوءِ
ڪَرڳَلَ ڪَندو ڪَچَڙي پِرِهَ ڦُتيان پوءِ
حَيفُ تَنِي کي هوءِ، جَنِ اَڻَ- سَنيوڙي آئِيو.

٩

پُڄان پُلِي پيرُ، وِڏو راءَ رِڪابَ ۾
ڪَڇ رَهندو ڪيرُ، لاکو لوڙائِنِ سِين.

١٠

ٺان ٺوڪينِ پِلاڻَ، سَدا هَٽَنِ ڪرڪرا
لاکي لوڙائِنِ جا اهڙائِي اهِجاڻَ

پَرَ= وڏا ور ۽ طُرا. وير= مانجهي مڙس. وماس= ڳُٽتي. وائي. پارايا= پيغام، نياپا. قوڙائي= جدائي، فراق. مارئي= ماري. وئا وهي= هليا ويا، گذري ويا. سهي= ساڃي. د-٣: ١. لاکا= اي لاکا. لج سندياءِ= آءٌ تنهنجي لج آهيان (جيتوڻيڪ آءٌ اگلي اوڏڻ آهيان). اوڏ= اوڏڻ. اگلي= گپ لڳل، ميري. پکا= اوڏن وارا پکا، منهنجي مائٽن وارا پکا. پرتاءِ= توکي پرتا آهن، تنهنجي ذمي آهن. اجهي تنهنجي اڏيا= تنهنجي پناه ۾ تنهنجي آسري تي اڏيل آهن. ٢. ڍنگر ڍلو مَ ٿئي= اهو جهوپو نہ ڍهي. ويهي ڪن= اوڏو ويهي ڪن. ٣. لج ڪنئي= لج پت جو ذمو ڪنيو. اڳ وسوڙل=اعتبار ۾ آندل، ويساهه ڪرايل (يقين ڏياريل). ٤. ڦلاڻي= ڦُلَ جو پٽ (لاکو پٽ ڦل جو). ڦلاڻيءَ= لاکي ڦلاڻيءَ جو. ڦير= پير، نوع نمونو. آجا= تڪليف کان آجا، ڏن کان آجا. پلئہ لڳڻ= دامن لڳڻ، پناهه ۾ اچڻ. ٥. طلبئين= چاهين ٿو، جي توکي گهرجن. لاکي لوءِ= لاکي جي ڳوٺ، لاکي وٽ. سنجهي= سوير. نهڻ= ٻڌڻ. نِهي= ٻَڌي. ٽنگڙا= نوڙين سان واڻيل (چار مثل) وڏا ڳوٽرا (جن ۾ وڏيون ننڍيون شيون وجهجن تہ جئن ڪڍڻ ۾ سولائي ٿئي). ٦. ڪوڏارا= اوڏن جون ڏِگهي مُنهن واريون ڪوڏريون. سوارا= سوير. ٧. ڪانيايون، يعني ڪانيون يا ڪويُون، جيڪي مٽي ڪوٽڻ ۽ ڪڍڻ سببان ٽيون هجن، اوڏن مٽي ڪنئي ۽ جيڪي ڪوپون ۽ ڪڏون ٽيون سي اتي موجود آهن، جيتوڻيڪ اوڏ لڏي چڏي ويا. ٨. لوءِ= ڳوٺ، وسين. لوءِ بلوءِ= ڳوٺ ڳوٺ مان. ڪرڳل= گوڙ گهمسان (حملي جو). حيف تني کي هوءِ = تن کي حيف هجي (جن اڳ نہ سنياليو). جن= جن جي متان. اڻ سنيوڙي= سنيريل ۽ تيار نہ هئڻ واري حالت. ٩. پُڄان= پُڄ کان، ڪڇ جي شهر پُڄ مان. پُلِي= ڪاوڙ ۽ قصد ڪري. راءِ= ڪڇ جو راءِ. لاکو راءِ. ڪڇ= ڪڇ ملک ۾. ١٠. ٺان ٺوڪين= ٺاهي پيا ٺوڪين (تياري پيا ڪن). هٽن ڪرڪرا= خارش لاهڻ ۽ صفائي لاءِ، گهوڙن ۽ اٺن جي پٺين کي ڪرڪرا هٽن. لاکي لوڙائن جا= لاکي ۽ سندس ساٿين لوڙائن جا.

ڏيئِي ٽَنگَن تاڻِ، کُوڪَ ڪاريندا ڪَڇَڙي.

١١

لاڪو لُوٽِي آئِيو، هَبِي پيئي هاڪَ
پاٿَرَ ڪانہ پَڇُڙي، ڏُونگرِ پيئي ڏاڪَ
اُئِيُون ۽ عِراق، گَڏيا تان گَهَٽِئِي ٿِيا.

١٢

جهُريي ڏيئِي جهوڪَ، ٻَنِيَان ٻَهرِ مَ نِڪَرو
لُوٽِي مٿان لوڪَ، لاکي ڪَئِين لَڏائِيا.

١٣

لاڪو نہ لاهي، هَني مَٿان هَٽَڙا
گهُونيرِيان گهيرُ ڪَري اَپوئِي آهي
وَڃئو سي ڪاهي، خاصِيُون جي ڪنگهارَ جِيُون.

١٤

لاڪو لَکيءَ تي چَڙهي، لَکِي لاکي هيٺِ
سونَهرِيُون سَرَ ڪِئو، پِيڙِيو ٻَڌي بيٺ
ڪندو ڏَمَرُ ڏيٺِ، صُباحَ ساڻُ سَيَڪَهِين.

١٥

لاڪو لَکِيءَ تي چَڙهِيو، لَکِي لاکي ساڻُ
چاري چاڙهي آئِيو، واسي راتِ وَٿاڻُ
جاڙيجو زِيانُ، ڪيڏو ڪَري وِئو ڪَڇَ سِين.

١٦

لاکا لَکَ سُڄَنِ، ڦُلاڻِيءَ ڦيرُ ٻِئو
جِنهِ پَرِ راڻا راڄِيا، ڪوٺَنِ ڏِٽِي ڪَنبَنِ
تِنهِ جو جاڙيجَنِ، سُتِي سَٽُنڪو نہ لَهي.

١٧

راءَ سِين رُنا جي، ٿَنِ جاڙيجَنِ جاڙَ ڪِي

ڏيئي تنگن تاڻ= گهوڙن جي تنگن کي تاڻ ڏيئي، تنگ ڪشي (حملي خاطر، گهوڙن تي چڙهڻ لاءِ تيار ٿي). ڪوڪ= دانهن. ڪاريندا= ڪرائيندا. ڪڇڙي= ننڍڙو ڪڇ، ڪڇ جو اتر الهنديون طرف، ڪاڇو ١١. لوٽي آئيو= لوٽي شهر تي آيو. (سنڌ مان ڪڇ ڏانهن راهَمُوڪِي واري واٽ سان ويندي 'ٿڙ پٽارو'، اتان پنج ميل اڳتي رڻ جو اوڪار لوٽو بندر جتان ڪان ٻَني جو علائقو شروع ٿئي. هبي پيئي هاڪَ= هبي جبل تائين هراس پئجي ويو. (هبو 'جبل' پاور جي ڏاڪٽي وٽ سان). پاٿَرَ يا پاوَرَ (مونث نالو) = ڪڇ ملڪ جو هڪ علائقو [اتران ٻَني (جو علائقو)، ڏاڪٽا هبو جبل، ۽ وچان پاٿر جو علائقو جيڪو الهندي ڪان اپرندي پيو وڃي، ۽ شهر 'نَريي' ڪان شروع ٿي شهر 'لوڏائي' تي پورو ٿئي ٿو. ان ۾ ٻيا مشهور ماڳ مڪان نُونداڻ، اَرنڙو، گهونيرِي، جهارو، جُمارا، نُونگڙي، ٿَلُ، ڏاڏُور، ٻِٻر، نِيرونو، جُهريو، لَهريو، نوڪانِي، ڪوٽاءِ، ڦُلاءِ، جُهرَڻ ۽ پوءِ لوڏائي جتي پاور پورو ٿيو. ملڪ سڄو مينهن تي، پر سڄي ڪڇ ۾ پاور جي زمين پلي]. ڪانہ پڇڙي= ڪانہ پهَري (ڪا اُٿ، ڳِئون، رڍ، ٻڪري ڪانہ پهري لاکي جي ڊپ ڪان). ڏونگر پيئي= ڏونگر ۾ پيئي، هبي جبل ۾ پئي. ڏاڪ= خوفائتي خبر، ڏاهہ، ڏاڪ. عراق= زبردست گهوڙا (عراقي گهوڙا، عربي نسل جا گهوڙا). گڏيا= ائيون ۽ عراق پاڻ ۾ ڪٺي مليا (گهوڙا اچي اُٺين کي رَسيا). گهٽئي ٿيا= گهٽا ٿي پيا. اصطلاحي معنيٰ تہ گهٽ ٿي وئي، گهمسان ٿي ويو [لاکو ۽ سندس لوڙائُو ساٿي پنهنجا گهوڙا ڀڄائي اچي ائين جي وڳن کي پهتا تہ انهن کي گهيري وڪوڙي ڪاهي ٿي ويا]. ١٢. جُهريو= 'لوٽي' ڪان جُهريو جبل ٻارهن ڪوه ڪن ڏکڻ-اوڀر. هڪ روايت موجب جهريءَ ڏونگر ۾ مٿي اترئين پاسي جيڪي پٿرن جي جاين وارا ڪندرات آهن سي راءِ لاکي جا محل هئا. جهريي ڏيئي جهوڪ= جهريي ۾ ئي پڪي رهائش ڪريو. ٻنيان= ٻَني مان، ٻَني جي علائقي مان ٻاهر نہ وڃو. لاکي ڪئين لڏائيا= لاکي لوڙيون هٽي ڪئين راڄ لڏائي ڇڏيا. ١٣. هني مٿان هٽڙا نہ لاهي= پنهنجا هٽ هني تان نہ لاهي، سندس هٽ هني ۾ آهن ۽ هر وقت سوار ٿيڻ لاءِ تيار آهي. گهونيري= پاوَر ۾ هڪ ماڳ. گهير ڪري= گهيرو ڪري. ڪنگهار= ڪڇ جو راءِ ڪنگهار، جهوناڳڙهہ جو راءِ ڪنگهار. ١٤. لکي= لاکي جي گهوڙيءَ جو نالو. سونهريون= تراريون. سر ڪئو= سڌيون ڪيو، تکيون تيار ڪريو. پيڙيو= ڇڪِيو. بيٺ= سندرو، سندري ۾. ١٥. لکي لاکي ساڻ= لکي گهوڙي سدائين لاکي جي سواري هيٺ آهي. چاري= جانچوس، خابرو. واسي= جانچوس. وٿاڻ= مينهين جو، مال جو. جاڙيجو= لاکو جيڪو 'جاڙيجو سمو' هو. ١٦. لاکا= اهي جن جو نالو 'لاکو' آهي. لک سُڄن= لک تا سُجهن، کي گهٽيئي تا سجهن. ڦلاڻي= ڦل جو، لاکو جيڪو ڦل جو پٽ. سٽُنڪو= ڊرپ. ١٧. راءَ سين= راوَ سين: لاکي راءِ سان. ڪڇ جي راءِ (ڪنگهار) سان. جاڙ ڪي= اَولي ڪئي، اجائي ڪئي. ڏاڍي غلطي ڪئي.

ڪِيئن ماٽِيندا سي، چوڏهن چارو ڪَچَڙو.

۱۸

جاڳو جاڙيجا، سَما سُڪِ مَ سُمهو
پَسو آنَ پَارا، لاکو تو لوڙِيُون ڪَري.

۱۹

اُپِي ڍِنگَرَ ڍارَ، ريبارِڻِ روئي رَڙِي
وَجِنِ اَڄُ وَڳَ هَنيو، سُئُمِ جي سُوارَ
ڪاڇِي ٻَنِهِي ڪِنارَ، ڏاکو هِنِ جو ڊِسيين.

۲۰

رَڙِي ريبارِڻ روءِ، واڙِي پايو وَڇِڙا
گرا وينڻ ڪنگهارَ ڪي، چينچَلَ اُپِي چوءِ
واڙِي وَڄُ نہ پوءِ، لاکو لوڙائُنِ سِين.

۲۱

ريبارِڻِ روئِي، واڙِي وِڏا وَڇَڙا
سَمُورا سوئِي، هَٽِي ساٿَ هيڪَلِي.

۲۲

رَڙِي ريبارِڻِ روءِ، اُپِي ڍِنگرِ جهَلَ
پَرِي هِتان پَلَ، ڪيتريون ڪاهي وِئا.

۲۳

ڍائِي وَڳُ مَ ڍارِ، هِنَ پَرائِي ديسَ ۾
چيهو چلڙُ چڪَ ٿيو، وَڳُ اُتاهِين وارِ
ڏِئمِ ڪالهہ پَرارِ، لاکو لوڙائُنِ سِين.

۲۴

خَبَرَ پَئِي ڪِلِنِ، سُٽِي پَئُہ نہ پَڇَنا
چارِيءَ مَتان چَٽَرون پاٽان اُيا ڪَنِ
لاکو مَتان ٿَنِ، اوچتو ئِي آئِيو.

۲۵

چارِيين چيٽراٽُو، وَڳَ وِهارِيين ويسَرا

ماٽيندا= پنهنجي ڪم ۾ آٽيندا، پنهنجي مال چارڻ لاءِ ڪتب آٽيندا. چوڏهن چارو= چوڏهن پاڳن وارو ڪڇ ملڪ (۱- ڪَنڊُ (۱- ٻَني ۲- پَچم ۳- ڪريڙ ٤- لوڍاٽِي ٥- پراڻر يا واڳهيلاڻ ٦- واڳڙ ۷- پاور ۸- ماڪَ ۹- اَبڙاسو گرڙو ۱۰- ڪَنڊُ ۱۱- چيٽاٽو ۱۲. ڪَنٺِي ۱۳- انجار ۱٤- مُنرُو)، جتي چوڏهين طرفين مال چري، جتي مال جي لاءِ چوڏهن چارا آهن، چرڻ جا چوڏهن پاسا آهن. ۱۸. جاڳو جاڙيجا= جاڙيجا! اوهين سجاڳ ٿيو. آن پارا= اوهان جي طرف، اوهان جي پاسي کان. لوڙيون ڪري= لوڙيون هٽي، چوپائي مال جا ڌاڙا هٽي، مال ڦري ۽ ڪاهي. ۱۹. ڍنگر ڍار= مٿان ڍَريل ڍنگر. ريبارڻ، ريباري قبيلي مان هئي ۽ ڪڇ جي راءِ ڪنگهار ڪيس پاڻ وٽ وهاريو هو جو مٿس موهت هو. ڪڇ جي روايت موجب ريبارڻ سهڻي هئي ۽ سندس نالو ئي چينچل هو. ريبارڻ راءِ ڪنگهار ڪي پنهنجي محبت ۾ قابو ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ لاکي کي روڪي، چاڪاڻ جو لاکو ريبارين جي وڳن جون لوڙيون هٽندو هو). وجن وڳ هنيو= انن جا وڳ زوري ڪاهيو وجن. سُئم جي سوار= جن سوارن بابت مون ٻڌو هو. ڪاڇو= ڪڇ ۾ جبل وارو اتر الهنديون علائقو، جبل جو ڪاڇو. ٻنهي ڪنار= ٻنهي پاسن سان. ڏاکو هن جو= هنن مال هٽندڙ سوارن جو خوف ۽ هراس. ڊِسيين= ڊِسين ٿو، ڏِسين ٿو، چؤطرف، چوڌاري. ۲۰. رڙي ريبارڻ روءِ= ريبارڻ بيٺي روئي رڙي. واڙي پايو= واڙ ۾ وجهندي. وڇڙا= مينهين جا ڦر. چينچل اپي چوءِ= راوَ ڪنگهار کي چينچل راڻي (ريبارڻ) سِڌيون بيٺي ٻڌائي، سڌا سنوان گفتا بيٺي چوي تہ: 'اي راءِ! هاڻي واڙي ۾ وڇڙا پون ئي ڪين ٿا، چاڪاڻ جو لاکو پنهنجن لوڙائن سين پيو ڦري ۽ مال ڪاهي (واڙي ۾ وڇڙا تڏهن وجهندا جڏهن مال جهنگ مان چري موٽي پاڻ تي ايندو ۽ ڏهائي ٿيندي، پر مال لاکو ڪاهيو ٿو وڃي، سو وڇڙا واڙن کان ٻاهر پيا گهمن). ۲۱. ريبارڻ روئي وڇڙا واڙي ۾ وڏا (جو مال جي موٽڻ جي مهل هئي، پر مال نہ آيو). سمورا سوئي= لاکو هڪ ئي وقت سڀ مال گڏي ٿو ڪاهي (ڪا ڇڏي ئي ڪونہ ٿو، جا پاڻ تي موٽي). ۲۲. پري= گهٽيون گهيري ۾ آٽي (اُنيون، مينهيون، ڳايون). پل= جهجهيون، گهٽيون. ۲۳. ڍائي= اي اٺ چاريندڙ ڍائي (ڍٽ جا رهاڪو). وڳ م ڍار= انن جي وڳ کي نہ آڻ. چيهو= چيهو گاهہ (جيڪو هيٺاهين ريجائين زمين ۾ بيٺل پاڻيءَ جي پاساڙن کان ٿئي.) چلڙ چڪ ٿيو= چيهو گاهہ چڪ ۾ لتاڙجي ويو آهي. اتاهين وار= انهيءَ ماڳ کان پوئتي موٽاءِ. پرار= پرئين پاسي. لوڙائن سين= لوڙ هٽندڙ ساٿين سين. ۲٤. اهي بهادر بي پرواهہ جيڪي خوفائتي خبر ٻڌن تہ بہ ڪلن ۽ پئُ جو سٽن تہ بہ نہ پڇن. چاري= جانچ ڪري خبر ڏيندڙ. اوچتو آئيو= مٿان اوچتو حملو ڪري آيو. ۲٥. چيٽراٽو= چيٽراٽو جبل، جنهن ۾ ٻين سيني جبلن کان گهٽا وڻ جيڪي اٺيون ڪائين (مالڪڏني فقير چيو تہ چيٽراٽو جبل چڙهڻ ۾ ڏکيو آهي، پر هن ۾ ڪيريون، ٻيريون، ڳُونديليون، ڳاگيون، ڳاگا، ڳگريون، ليار، ٿوهر ۽ ٻيا وڻ آهن). ۲٥. چاريين چيٽراٽو= اي اوٺار! تون پنهنجن وڳن کي چيٽراٽو تو چارين، ۽ وڳن کي ٻنا ڪنهن سار سنيار جي تو وِهارين!

لاکي لوڙائُنِ جو هي پهرو پَرياٽو
سَبِرُ سَنَراٽو، وَڳَ وَرائي واٽِ ٿِئو.

٢٦

صُلحُ ڪَرِ سَنگهارَ، جَتَنَ جاڙيجَنِ سِين
ٿُون وَڳَ ڇَڏِين تو ويسَرا، هُو چَمڪئا چوڌارَ
تو جيڏا تو يارَ، لاکي ڪَئِين لَڏائيا.

٢٧

لاکي لوڙِيُون ڇَڏِيُون، سَرهَا ٿِيا سَنگهارَ
چيٽراٽي چَوڏارَ، وانڍِيُون وَسَ چَرَندِيُون.

٢٨

لاکا لَڳئي ڏِينهَن، گهاڙيءَ ري ڪِيئَن گهارِيين
مَٿان وَسِي مينهِن، واٽُون وَلِينِ چانئِيُون.

٢٩

لاکا لَکَ هُئا، تون اگهوُني گهُونِ
جي پَري ٿُنهنجِي پُونِ، سي واهَرَ ڪَنهِ نہ وارِيون.

٣٠

لَکِي ۽ لاکو، بَئِي مُئا ٻاجَهہ ٿِي
قادِرَ لاٿو ڪَڄَ تان اَڍِيُون اولاکو
وانڍِينِ ۾ واکو، رِيٻارِي رَهِي ويا.

وائي

اوڏِڙِ اوڏي آءُ، توکي لاکي ڪوٺِئو
سَندو مِنِيءَ مامرو، لَٿو تو مَٿاءُ
راٽِيُون گهَٽِيُون راڄَ ۾، توتي ريڌو راءُ.

داستان چوٿون

١

وَنءُ ڪُنڍِيُون ڪاهي، سيڙهي سَنگهارَنِ جي
مِينهُن نہ مَنائي، جَنِي سَندا پَکَڙا.

٢

جي پائين وَسَ چَران تہ سَنگهارَنِ سِين گهارِ
جَنِي سَندي وارِ، چورُ نہ اَچي ڪَڏهِين.

پرياٽو= ڏس ۽ ڏهڪاءُ. ٢٦. سنگهار= گهڻي مال وارو، گهڻي ماهيي مال وارو. جَتن= جتن ڪرُ، حيلا ڪر. جاڙيجن سان= لوڙيون هڻندڙ جاڙيجن سان، لاکي ۽ سندس ساٿين سان. ويسرا= بي واها، اڻ سنڀاريا. چمڪئا= هتان هُتان ڏِڪَ ڏنائون، پڌرا ٿيا ۽ آيا. ٢٧. لوڙيون ڇڏيون= لوڙيون بند ڪيون. چيٽراٽي چوڌار= چيٽاٽي جبل ۾ ۽ ٻاهران چوڌاري. وانڍ= مال چارڻ سانگي ٿورو وقت رهائش لاءِ اڏيل پونگيون، وانڍين ۾ ويٺل ماڻهو. وس چرنديون= وس وارو گاه چرنديون. وانڍيون چرنديون (استعاري طور)= وانڍين وارن ماڻهن جو مال چرندو. ٢٨. گهاڙي= ڪاري واري علائقي ۾ هڪ ’گهاڙي‘ مشهور آهي جيڪا ’شيخاڻي گهاڙي‘ سڏجي ۽ جتان ڪڇ ڏانهن واٽون وينديون هيون. هڪڙي اهڙي اڳاڻي واٽ ڪي مولوي احمد جت مرحوم پنهنجي نظر ۾ مخاطب ٿيو هو تہ: ”تون واٽ کهڙي وار جيُ؟“. ڪڇ سان لاکو انهيءَ گهاڙيءَ تي لاکي جو اچڻ ۽ رهڻ ممڪن نظر اچي ٿو. ’ٽ‘ رسالي جي پڙهڻي ۾ گهاڙي بدران ’گهونيڙي‘ آهي، جيڪو ’پاوَرَ‘ ۾ مشهور مڪان آهي. ٢٩. اگهوني گهونِ= وڏو ۽ وڏي همت وارو. جي= جيڪي (اٺيون، مينهيون وغيره ڌاڙي ۾ آندل مال). پري= پناري، سنڀار. پري تنهنجي پون= تنهنجي پاٽاري تي، تنهنجي سنڀار هيٺ اچن. سي واهر ڪنهن نہ واريون= سي مال جي پويان ايندڙ پهر ۽ واهر ڪڏهن بہ نہ موٽايون (پوئتي ولِي نہ ويا). ٣٠. لکي= لاکي جي گهوڙي. بئي مئا= لکي بہ مئي ۽ لاکو بہ مئو. ٻاجهہ ٿي= ڌڻيءَ جي مهر ٿي، مولي جي مهرباني ٿي. اولاکو= ڏک، آزار. وانڍين ۾ واکو= وانڍين ۾ هُل هُڳاءُ، چوٻول (وانڍين ۾ گهڻا ماڻهو جيڪي هاڻي لاکي جي ڊپ کان آجا ٿي پيا الوليون ڪن). ريٻاري رهي ويا= ريٻارين جي لڏ لڏان ختم ٿي ۽ هو هاڻي ٽانيڪا ٿي ويٺا، هميشہ لاءِ رهي پيا. د-٤: ١. ونءُ= وڃ. ڪنڍيون= ڪنڍن سڱن واريون مينهيون، مينهن لاءِ سُڃاڻپ نالو. سيڙهو= پوک يا گاه جي جُوءِ واري زمين سان لاڳو ٻي دنگئي خالي زمين. سيڙهي سنگهارن جي= سنگهارن جي سيڙهي وٽ. سنگهارُ (جمع سنگهارَ)= مال جي ڌنڌي وارو جيڪو مال ڌاري، چاري ۽ سنڀاري، اهو ڀاڳيو جنهن وٽ فقط هڪ جنس وارو مال نہ هجي، پر هڪ کان وڌيڪ جنس وارو مال هجي. سارو سنگهار= جنهن وٽ سڀ مال هجي ۽ سدائين هجي. نہ مڃائي= نہ مڃي، مڃي ڇڏي نہ وڃي (۽ اتي ضرور وسي). ٢. وَسَ= وَسَ جو گاه، ساوڻ جي مينهن جي وس وارو گاه. چَران= چاريان (پنهنجي مال کي). گهار= گڏ گذار. وار= واڙ.

٣
جي پائِين وَسَ چَران تہ سَنگهارَنِ سِين لَڏِ
جَنِي سندي سَڌِ، چورُ نہ ڇُهي وَڇَڙا.

٤
جي پائِين وَسَ چَران تہ سَنگهارَنِ سِين لَڏِ
تہ هاڃي سَندِي هَڏِ، کُوڪَ نہ سُٽِي کَڏهِين.

٥
اَجهي جَنِ جي گهارِيان، جِيَنِ سي سَنگهارَ
ٻاجهہ جَنِي جي ٻارَ، اَنئِي پَهَرَ اَگوندَرا.

٦
جِيَنِ سي سَنگهَارَ، اَجهي جَنِ جي گهارِيان
مانَ لَهَنِئُون سارَ، وِچِينءَ وِلهِين ڏِينهَڙِين.

٧
پُورين پاندَ ٽِمَنِ، جهَڳَرَ جهاڳِي آئِيُون
کاڇو مينهَڙِيَنِ، مُندائِتو ماڻِيُو.

٨
مَنڊِيُون مَٽَ گَڙَنِ، جهوڪِين سُونهَنِ پَهيَڙا
سَندِي سَنگهارَنِ، جُوءِ جِيَارِي جَڏَڙيين.

٩
پَرِيا پاڻَ هَٿَنِ ۾، پَٽِين پَکُون پُونِ
نيڻَ مُنهِنجا رُونِ، سارِيو سَنگهارَنِ کي.

١٠
ڏَٺُ ڏارَنُ ڏارَ رَهَڻُ، اِيءَ نہ سَنگهارَنِ سِٽَ
کاهي اِيندا کَڏهِين مَٿي وانڍَ وَهِٽَ
جي هاڻُو هُونيئِي مِٽَ، تہ ٻہ اَبو لاهِ مَ اُنِ جو.

١١
کيرَ کَريندي رِيسَ، آيَلِ سَنگهارَنِ سِين
جَنِي جِيءَ خَمِيسَ، واڙِيُون واري ڇَڏِيُون.

٣. لڏ= لڏو کٽي گڏ هل. جني سندي سڌ= جن جو جتي سڌ سُجهي، سندن سَڌ پَٺ واري جوءِ. وڇڙا= ماهي مال جا ڦر. ٤. هاڃو= وڏو ظلم ۽ زيان (جو هاڻُو اڇي مال هٽي وجن ۽ مال ماري وجن). هَڏ= هرگز، کڏهن بہ. کوڪ= دانهن. ٥. اجهي= اجهي هيٺ، پناهہ هيٺ. ٻاجهہ جني جي= جن جي ٻاجهہ جي کري، مهر ۽ قرب جي کري. ٻار= ٻارڙا. اگوندرا= بي غما، خوش (جوکير تہ ملين) ٦. گهاريان= رهان، گذاريان. لهَنئون سار= اسان جي سار لهن، سنڀار کن. وچينءَ= پوئين وقت، وِئي وقت. ولهين ڏينهڙين= ڏکيين ڏينهڙين، ڏکن بکن وارن ڏينهن ۾. ٧. پور= سِڱ جو ور. پاند ٽمنُ= پاسا ٽمن، پاسن کان پاٽيءَ جا ڦڙا پيا ٽمن (مينهن جا سڱ پيا ٽمن). جهڳر= وڏو اجهاڳ پاٽي، جهڳ ۽ جهاڳ وارو پاڻي. جهاڳي آئيون= ٽري آيون. پاٽيءَ کي جهاڳي لنگهي آيون. کاڇو= کڇ ملک ۾، جبلن جي پر وارو پاڳو. مينهڙين= مينهين پٽارين. مندائتو ماڻيو= پوري وس ۽ گاهہ واري موسم ۾ چري ڍئو کيو. ٨. منڊيون مٽ گڙن= مانڊاٽين ۽ وڏين ماٽيَن جا وڏا آواز آهن (کير گهڻو آهي، ۽ کيترين ئي وڏين ماٽين ۾ ولوڙجي پيو، جن جي آوازن جي وڏي گونج پئي ٻڌجي). جهوکين= جهوکن تي، جتي سنگهارن جا لڏا لٿل آهن. جهوکين سونهن پهيڙا= مسافر جيکي جهوکن تي آرام لاءِ اچي ترسيا آهن. تن جي سٽاءِ سهٽي پئي لڳي. سندي سنگهارن= سنگهارن جي. جُوءِ= سنگهارن جي جوءِ. جياري جڏڙيين= جيکي جڏڙا، عاجز ۽ محتاج آهن تن کي (کير، ڏڌ، مکڻ ملڻ سان) صحت عافيت بخشي ٿي. ٩. پريا پاڻ= کير سان پريل وڏا ٿانءَ (وڏن وٽن مثل ٿانءَ). پٽين پکون پون= (انهن پريل پاٿن مان) زمين تي کير جا ڦڙا پيا ڪرن. رون= روئن. ١٠. سٽ= سٽاءُ، ريٽ (وَس ۽ مال وارا سنگهار گڏ گذاريندا: انهن وٽ اها ريت ئي کانهي جو ڏٺ ڏارين ۽ اکيلا جدا جدا ماڳن تي رهن). وانڍ= ڍنگر ڍار عارضي بستي (جتي مال وارا مينهن جي موسم ۾ رهن). هاڻو= مال ڦري کاهي ويندڙ. هُونيئي مٽ= تنهنجا مٽ مائٽ هجن. ابو= خوف خطرو، ڊپ. ١١. کير کريندي= کير کندي. آيل= اي ماءُ! (اي ماءُ، ٿوري مال واري مائي جيکا کير پئي ولوڙڻ لاءِ بچائي، سا سنگهارن ماين سان کهڙو پاڻ کي پيٽيندي!). جَني جيءَ خميس= جن سندن خميس واري ڏينهن . جن "جيءَ خميس" (پلي آئي خميس) جو ميڄتا وارو سپائتو ٻول کري. واڙيون= مال جي گڏ ٿي بيهڻ واريون پيٽيون. وار وارڻ= کو ڏينهن خير لاءِ مقرر کرڻ. واري ڇڏيون= خير ۾ ڏيئي ڇڏيون، واڙين جو سمورو کير خير طور وراهي ڇڏيو. سنڌ ۾ مال وارن پاڳين جي اها ريت جو هُو هفتي ۾ کو هک ڏينهن واريندا هئا ۽ ان واريل (مقرر کيل) ڏينهن (اکثر خميس، جمعو، سومار، اربعا) تي انهن ڏينهن وارو سڄو ڏُڌل کير مال جي خير طور وراهي ڇڏيندا: ان ڏينهن واڙيون واري ڇڏيندا، يعني سڀ مال وارو سمورو کير، وراهي ڇڏيندا. هن بيت ۾ ڏنل اهڃاڻ موجب، اصلي سنگهار يا وڏا سخي پاڳيا جيکي خميس جي ڏينهن سڄيون واڙيون واري ٿا ڇڏين، يعني سمورو کير وراهي ٿا ڇڏين.

١٢

ڪاڇو ۽ ڪوهيارُ، ڏُونگرُ سَندُنِ ڏيهڙو
ساجهُرِ نهي بارُ، ڪوهُ نہ ويئِينءَ اُن سِين.

١٣

سَنگهارَنِ ساري، ساٿِي ڏيجُ سَنيهَڙو
هيڪَلِ گهاري، مُنڌَ ڪاڇي ڪَنڌِيين.

١٤

جهڄان پَسئو جهوڪَ، آيَلِ سَنگهارَنِ جي
جَنِ تي پَهي پيارئا، مَنجهان مَٽَنِ موڪَ
لَڏي وِچان لوڪَ، اُني وِئڙا اُڪَرِي.

١٥

نئي نِهاريَمِ نارَ، تان پِرتِ پُراٽِي نہ ٿِئي
ويچارا سَنگهارَ، ڪَنهِ سائِي جي سانگِ وِئا.

١٦

جهوڪُون نہ جهٽِڪَنِ، وَڳَ نہ پَسان وَٽِ ۾
آيَلِ سَنگهارَنِ، جيڪُسِ چِٽراٽو چِتِ ڪِئو.

١٧

ڪيڏهان وِئا سَنگهارَ، جي هُوا هِنِي پيٽِيين
ڏورِ تہ ڏوريُون يارَ، ٻيلي ٻنهين ڪَنڌِيين.

١٨

ڪاڇي پيئي ڪُوڪَ، سَچُ ڪِ سَنگهارَنِ لَڏِئو
مادَرَ اُوءِ مَلوڪَ، اُني وِئڙا اُڪَرِي.

١٩

ڪاڇي ڪاهيائُون، سَچُ ڪِ سَنگهارَنِ لَڏِئو
مان تَڻُ مارِيائُون، پاٽان وِجهي گُوندَرين.

داستان پنجون

١

ڪُونجَن ڪي ڪِيمَ ڇَئو جي ٻاجهارو ٻولِنِ
سارِيو سانيِيڙَنِ ڪي رَڙيُون ڪِئو رُئَنِ
سائِين سَندا ٽَنِ، ٻَچا ميڙِيين ٻاجَهہ سِين.

---

١٢. ڪاڇو ۽ ڪوهيار= (هڪ معنيٰ:) سنڌ جي الهندئين جبل لاڳو ملڪ. ڪوهيار= خزدار. (ٻي معنيٰ) ٻئي نالا ڪڇ جي ڪن ڀاڱن جا. ڏيهڙو= سندن وطن، اصل ماڳ. نهي بار= بار ٻڌي، اُٺن يا ڏاندن تي لڏ ٻڌي. ڪوه نہ وئينءَ اُن سين= ڇو نہ ويئين انهن سان. ١٣. ڪاڇي ڪنڌيين= ڪاڇي جي وَٽن ۾، ڪاڇي جي ڪناري واري ڀاڱي ۾، (جتان سنگهار سانگ خاطر هليا ويا). ١٤. جهڄان= ڏک ۾ ڳوڙها ڳاڙيان، غم ۾ ماندي ٿيان. جهوڪ= ويهڪ وارو ماڳ، رهڻ واري جاءِ. پهي= واٽهڙو، ايندا ويندا، موڪ= عام جام. اُني= مينهَن وسڻ سان، برسات پوڻ تي. اُڪري= لنگهي پار وئا، پاٽيءَ جي کُهريءَ مان ٽپي ٻئي طرف مال چارڻ ويا. (غالباً سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري کُهريءَ جو اهڃاڻ، جنهن مان سنڌ جا ڀاڳيا مينهيون ٽپائي ڪڇ واري پاسي وس چرڻ ويندا هئا). ١٥. نئي= نئڙي. نهاريم نار= پاٽيءَ جي نار جيڪا هو اُڪري ويا هئا تنهن ڪي مون ڏٺو (تہ برابر سندن گس ۽ پيرا هئا ۽دستور موجب هو وس چرڻ وئا هئا پر وس جي مند پوري ٿي تہ موٽندا: تڏهن مون کي اطمينان ٿيو) تہ پرت پراٽي نہ ٿيندي (جو هو وري ايندا). سنگهار ويچارا (مال ڪاهي) مينهن تي موريل ڪنهن سائي گاه جي سانگي (ٻئي طرف اڪري ويا). ١٦. جهوڪون نہ جهٽڪن= جهوڪ وارن ماڳن تي ڪو ڀٽڪو ڪونهي، ڪو ڳالهاءِ ڪونهي. وٽ ۾= وَٽ واري ڀاڱي ۾. چٽراٽو= چيٽاٽو= ڪڇ مُلڪ جي هڪ جوءِ ۽ جبل، جتي گهٽا وڻ آهن. ١٧. هِنِي پيٽِيين= هنن پيٽين تي، هنن ماڳن تي. ڏور تہ ڏوريون= ڳول تہ ڳوليون. يار= پنهنجا پرين، سڄڻ ساٿي. ٻيلي ٻنهي ڪنڌيين= ٻيلي جي ٻنهي وَٽن سان. ١٨. ڪاڇي پيئي ڪوڪ= ڪاڇي ۾ ڏک جي دانهن پئجي وئي. سچ ڪ= شايد ائين جو. سنگهارن لڏئو= سنگهار لڏين ٿا (هتان وڃن ٿا). ١٩. ڪاڇي ڪاهيائون=ڪاڇي مان مال ڪاهيائون. مان تڻ= مان ڪي. وجهي گوندرين= ڏکن ۾ وجهي، غمن ۾ گڏي. د-٥: ١. ٻاجهارو ٻولن= ٻاجهاريون ٻوليون ٿيون ڪن، مٺيون دل وڻندڙ ٻوليون ٿيون ڪن. سانيِڙن ڪي= پنهنجي وڳر وارن ساٿين ڪي. ٻچا ميڙئين= ڪونجن ڪي سندن ٻچا ميڙئين. عام خيال تہ 'ڪونجون ٻچا روه ۾ ڇڏي ٿيون اچن، ۽ هتان پوءِ ٻچن جي اڪير ۾ ٿيون پوئتي موٽن.

٢

وَڳَر ڪِئو وَتَنِ، پِرتِ نہ چَنِ پاڻَ ۾
پَسو پکيئڙنِ، ماڻُهنئُون ميٺُ گهڻو.

٣

قِسمَتَ آنديُون ڪُونجڙيُون، وَطَنُ سَندُن روهُ
کَنهِ جو ڪونهي ڏوهُ، رِزقُ رازِقُ هَٿَ ۾.

٤

آيُون ڍورِ ڍَري، اَصُلَ سَندي آسَري
ڪَڙير پُونءِ ڪَري، پاڻان پير ڏُکويا پکَٽين.

٥

چيتا ڪِئو چُڪيجُ، بَداماڻيءَ بُٽَ ۾
نيٽين نَنِڊ مَ ڏيجُ، چيڙُون چِپَرِ آئيُون.

٦

چِڏِئو چِپَرَ وَٽِ، رڙهئو ريجاڻِي چُٽيِين
کُهي ڪيناري چاڙهيُون، پيون وِڪامَنِ هَٽِ
تو سِرَ مَٿان سَٽِ، ڏِيهاڻِي ماري ڪَري.

٧

ڪُونجَ نہ پَسين ڪَڪَ، ڏِبُ جَنِي سِين ڏِڪِ
ماريءَ ماري لَڪَ، وَڳَر هَٽِي ويڇُون ڪِ

٨

ماريءَ ميرا ڪَپڙا، بَغَلَ مَنجهہ بَندُو
مارِئو مِيرَ مَلُوڪَ، لَتاڙِئو لَکين چڙهي

٩

ماري مَرين شالَ، ڏِبُ وَجِنيئي ڏِهيُون
جِئَن تو اَچِي ڪالَ، وِڏو وِڇُ وَرهَنِ ڪي

١٠

ڪُونجَ نہ لَکِئو ٻاڻُ، جو ماريءَ سَندي مَنَ ۾
اوچِتي پرياڻُ، وَڳر هَٽِي ويڇُون ڪِئا

١١

وَڳَر ۾ وائِي، ڪالهہ تُنهِنجي ڪُونجڙي
سَرَ ۾ سارِينئِي گهڻو پيئڙ ۽ پائِي

٢. وڳر= ولر، گڏوگڏ ميڙا. پسو پکيئڙن= ڏسو تہ پکين ۾. ماڻهنئون ميٺ گهڻو= ماڻهن کان وڌيڪ محبت وارو ميلا آهي. آيون ڍور ڍري= ڍوري تي اچي ڍريون، اچي لٿيون. اصل سندي آسري= اصل واري آسري تي تہ اتي سندن چار هوندو ۽ اتي کين ڪا تڪليف نہ پهچندي. (الف) جيڪڏهن 'ڪڙيهر' پڙهجي تہ ڪڙيهر= وڏن سخت ڪڙن واري (ب) جيڪڏهن ڪڙير پڙهجي تہ ڪڙير= ڪڇ جي هڪ علائقي جو نالو. پون= زمين، پَٽُ. ڪري= پَڪي، ڪڙن واري. پاڻان پ ڏکويا پکٽين= پکي زمين ويتر ويچارن پکين جا پير ڏکويا. ٥. چيتا ڪِئو= پنهنجا هوش حواس جاءِ ڪري. چُڪيج چُڳيج. بداماڻي بُٽ= بداماڻي خاص نالو 'بُٽِ' جو: بُٽِ= ٻُنين وارو ملڪ، پٽن وارو ملڪ. چيڙون= شڪار ڪرڻ وار جون چيڙون، چيڙ ۾ آيل گهڻا ماڻهو. چپر آئيون= ٽڪر ۾ آيون، ٽڪر واري ملڪ ۾ (جتي ڪونجون لهن ۽ چڙ آيون. ٦. چپر وٽ= چپر جي وٽ، ٽڪر جي پر واري زمين (جيڪا خشڪ آهي، پر ماڻهن کان پري آهي). ريجاڻي= ر واري زمين، پوسل واري زمين (جتي گاهہ ۽ پوک آهي، ۽ جتي تنهنجو ماري شڪاري آهي). ڪينارو= ڪاساين جي مُنهين ڪاٺي جنهن تي ڪُنل پهرُو ڪي ڪلڻ لاءِ ٽنگين. سٽ= جُلهہ (مارڻ لاءِ). ٧. ڪونج= اي ڪونج. ڏِب= پکين ڦاسا لاءِ هڪ اٽڪل (ننڍي ڏب جو مثال: ڪارو يا ڀيو وڏو ٿانءُ مٿان ڪکن سان ڍڪيل، جنهن جو هڪ پاسو زمين تي ۽ ٻ آڏو سڌي ڪاٺي ڏيئي ذرا مٿي ايو ڪري بيهارجي: ڪاٺي ۾ ٻڌل سنهي ڏِگهي ڏور جيڪا پر ۾ لڪي ويٺل ماريءَ ج هٿ ۾: ٿانءَ هيٺان چوڳ وڌل (چڳڻ لاءِ داڻا وڌل)، جڏهن پکي (اڪثر جهرڪيون، هيڙها، ڪٻرون) ٿانءَ جي هيٺان اچ داڻا چڳن، تڏهن ماري ڏور ڇڪيندو تہ آڏ واري ڪاٺي ڪرندي ۽ ٿانءُ پکين جي مٿان اچي ويندو). ويڇون ڪيا= ڏار ڏار ڪيا، جدا ڪيا. ٨. ميرا ڪپڙا= گيڙو، ناسي، خاڪي، ميرانجهڙا ڪپڙا (پر اڇا نہ) انهيءَ لاءِ تہ لڪ ٿئي، ۽ شڪ پري کان ڏسي نهي نہ وڃي. مارئو مير ملوڪ= هو ملوڪ ميرن ڪي ماري (اشارو عزرائيل ڏانهن). لتاڙئو لکي چڙهي= (اهڙو زورآور آهي جو) پيرن هيٺان لتاڙيو، لکَ چڙهيو (بي پرواهہ ٿيو هليو) وڃي. ٩. ماري= اي مارين شڪاري. ڏب ۽ ڏهيون= پکين ڪي ڦاسائڻ لاءِ اڏيل آڏاڻا. وڇ= وٿي، فراق. ١٠. لکئو= صحيح ڪيو، سڃاتو. ٻاڻ= اٽڪل ڍنگ، ڦاسائڻ جي رٿ. پرياڻ= ڏهڪاءُ، چاڻ. وڳر= گڏ گذاريندڙ پکين (ڪونجن) جا ولر. ويڇون ڪيا= جدا ڪيا. ١١ وائي= پڇار، يادگيري. سَرَ= تلاءُ. سارينئي= سنيارينئي. ڦاهي= (توڪي) ڦاسائڻ واري ٽُلَ.

پَسين نہ ڦاھِي، جا مارِيءَ سَندي مَنَ ۾.

۱۲

روھِ راماٽا ڪَنِ، اَڄُ پُڻُ ھَلَڻ- ھارِيُون
ڪَرڪُلُ ڪونجڙِيُنِ، رائي ۾ راتِ ڪِئو.

۱۳

ڪُونجوُن ٻِيُون ڪُٽِڪَنِ، جيڪُسِ ھَلَڻَ- ھارِيُون
ٻَچا پوءِ اَئَنِ، وَڃَنِ وانڌا ڪَندِيُون.

۱۴

ڪالھونڪَرَ ڪُونجَ ڪَري اُتَرَ ڏي آلابَ
پرين پَسِي مَنجھِ خوابَ، وِھاڻِيءَ وايُون ڪَري.

۱۵

ڪوہُ نہ ڪُٽِڪِيين ڪُونجڙِي، روھِ نہ وِيئينءَ راتِ
اَڄُ تُنھينجي تاتِ، سَرَ ۾ سارَڻُ آئِيُون.

۱۶

وَڳَرَ وِئا وَھِي، ڪالَھ تُنھنجا ڪُونجڙِي
ڪَندِينءَ ڪوہُ رَھِي، سَرَ ۾ سُپيرين ري.

۱۷

وَڏي وَڳَرَ ھيرَئِين، چِٽِي نہ ٻِئَنِ گڏ
ڪُونجَ ڪَرِيندي سَڏَ، وِيئِي وِھامِي رائڙِي.

۱۸

وَڳَرَ اُڪِيري، سَرُ سارِئو سُورَ چَرِي
جھُريي جھِجَندي ڏي، سَنيھا ڪي سَڄَڻين.

۱۹

چِٽِي نہ اُپِي روءِ، سارِئو سُپيرِين ڪي
ھنيين جھِجَندي چوءِ، تہ آءٌ ڦوڙائِي آھِيان.

۲۰

چِٽِي چيتاري، ڪُونجَ ڪاچي ڪَنڊِيين
سَڳَرُ سو ساري، ھُئِي جَنہ جِي ھيرئين.

۲۱

وَڳَرُ وِساري، وينينءَ ڪِئَن ماتِ ڪَري
ڪِ تو نہ ماري، رُنِ جھُڻِ سَندِي سَڄَڻين.

۲۲

ڪُونجَڙِي ڪالَھ لَئِي سَڄَڻَ وِڏَمِ چِتِ
آءٌ جَنِ رِيءَ ھِتِ، گھَنگھَرِ گھاريان ڏِينھَڙا.

۲۳

مَ لَئُہ ڪُونجِي ماتِ ڪَرِ، چورِ مَ ھِنيين سَلَ
ٻُوڙھا مَتي ٻِلَ، جِمَ وِھاڻِيءَ وَھائِيين.

---

۱۲. روھِ= روھہ. راماٽا ڪن= وڏي آواز سان ڪَرڪَن، وڏيون دانھون ڪن، ھيڏانھن ھوڏانھن ڊوڙن (منجھن اھا ڦڙڦوٽ، سندن پنھنجي ملڪ ڏانھن اڏامڻ جي). ڪرڪُل= وڏو لڙ ۽ آواز. رائي ۾= ريتي واري پيٽي ۾ (جتي ڪونجون لٿل ھيون). ۱۳. ڪُٽڪن= ٻوليون ڪن. جيڪس= گھٽو ڪري ائين تہ، گھٽو ڪري پڪَ تہ. پوءِ= پوئِتان سندن اصل ماڳ ۾. وانڌا= وِٽيون (تڪي اڏامڻ ۾). ۱۵. (رات ٻيون سڀ ڪونجون سر (تلاءِ) مان گڏ اڏامي ھليون، پر ھڪ رھجي وئي، جنھن کي خطاب تہ): تو رات وچڻ لاءِ چو نہ ڪِٽڪ (ٻولي) ڪئي، ۽ ٻين سان گڏ پنھنجي وطن روھہ ڏانھن اڏامي وئين! اڄ تنھنجي سانگي ھو وري توکي سَرَ ۾ سنڀارڻ آيون. ۱۷. وڏي وڳر ھيرئين= ڪونج پنھنجي وڏي وڳر سان گڏ ھئڻ جي ھيراڪ آھي. چِٽي نہ = چڱي نہ. ڪونج ڪريندي سڏ= پنھنجي وڳر کي ٻوليون ڪندي سڏيندي ھن کي رات وِھامي وئي. ۱۸. وڳر اڪيري= پنھنجيءَ سٿ واري وڳر کي پئي ياد ڪري. سَر سارئو= سندن واسطي تلاءِ کي سيني طرفن کان جانچٽو (سارڻ= پوريءَ طرح جانچڻ، ڳولڻ). سور چري= سور ڪائي. جھريي جھجندي= جھرڻ جھجڻ واري حالت ۾، ڏک ۽ ھيٺائي واري حالت ۾. ۱۹. اُپي روءِ= بيٺي روئي. ھنيين جھجندي= ھانءُ جھجڻ واري حالت، ڏک ۾ ھيٺيءَ دل سان. ڦوڙائِي= فراق ۾، وڇڙيل. ۲۰. چيتاري= ھيڏانھن ھوڏانھن جانچي ڏسي، چڱيءَ طرح نھاري. سڳر= ساٿ. ساري= ڳولي، ياد ڪري. ۲۱. رنجھڻ= وِرونھہ، سڪ واري يادگيري. ۲۲. لئي= ٻولي ڪري. سڄڻ وِڏم چت= منھنجا سڄڻ منھنجي من ۾ وڌا، مونکي منھنجي پرينءَ جي يادگيري ڏياري. گھنگھر= ڦوڙائي ۾، فراق ۾. ۲۳. مَ لئہ= نہ ٻول، ڏک واري ٻولي نہ ڪر. چور مَ ھِنيين سَلَ= ھنيين جا سَل مَ چور، اندر جا گھاءُ نہ ٻڏاءِ، ڏک سور نہ ٻڌاءِ. وِھاڻي= وھاڻيءَ رات.

٢٤

مَ لَئُ ڪُونجِي ماتِ ڪَرِ، چورِ مَ هنيين چاڪَ
ڦنيُون جي فِراقَ، سي گهَرِ گهاريندِيُون ڪيترو.

وائي

مُنهِنجي ننڊَ نہ نيڻَنِ نيڻَنِ وو!

ڪالهُون پوءِ لَڳَنَ ۾

ڪالهُوٽِئان اَڄُ گهَٽِي ڪَر جهورڙي ڪيڻَنِ ڪيڻَنِ
هُوءِ نہ نِينمِ پاڻَ سِين، آءٌ جا وِيندَڙي سيڻَنِ سيڻَنِ
پيون سَڀِ واڳِيُون وَرَنِ سِين، آءٌ جا واڳِڙي ويڻَنِ ويڻَنِ
هنيِڙو ڏاڙهُونءَ گُل جِيئَن، روئِي رَتُّرِ ڪيڻَنِ ڪيڻَنِ

◈

وائي. ڪالهون پوءِ= ڪالهہ ڪان پوءِ. جهورڙي= ڏک ۽ زاري. ڪيڻن= انهن (جتن) ڪاڻ. سيڻن= ساڻن. واڳيون= گڏوگڏ. آءٌ جا واڳِڙي= آءٌ جا واڳيل آهيان، سلهاڙيل آهيان. ويڻن= ١. پياري پنهون جي پيار پرين ٻولن سان، ٢. لوڪ جي طعنن سان. ڪيڻن= ڪيڻان= سندن واسطي.

سُر آبري

سسئي جي پنجن سُرن ۾، باوجود ساڳئي پس منظر ۽ ساڳئي مرڪزي موضوع جي، هر سُر جي داستانن، ۽ هر داستان جي بيتن ۽ واين ۾، شاهه صاحب پنهنجي اعليٰ شعور ۽ شاعري سان مرڪزي موضوع جا نت نوان رخ روشن ڪيا آهن جن ۾ اعليٰ فهم ۽ فڪر جا ماڻڪ پريل آهن.

سر آبري جي شروع واري سٽ ۾ ئي سسئي جي پڪي پختي ارادي جو اظهار ٿيل آهي ته "اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي". هو جئن پئي سور سختيون سهي تئن پئي سنديس سڪ سرسي ٿئي. اُڃ، سُڄ ۽ رڃ سڪ وارن لاءِ ئي آهن، سو "ساڄن ڪارڻ سڄ، مر قبولي سسئي." جن کي اندر ۾ عشق جي اُڃ آهي پاڻي به تن لاءِ اڃو آهي. سسئي کي صلاح ته شروع کان ئي حجت ڇڏي عاجزيءَ سان پنهنجي پنهونءَ کي ڳولج، هٺ نه ڪج جو ڏونگر ڏورڻ وڏو ڏاکڙو آهي: اُتي سِڪَ ۽ سچي جذبي (لُڙُون) سان هلڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. پر اي سسئي! پنهور کي ڇڏ ۽ اٿي هل: پوءِ "لِيڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏينداءِ ڏس". هڪ طرف اها ترغيب، ته ٻئي طرف اُلٽي رمز ۽ رازو واري تاڪيد ته:

ويهه مَ مُنڌ پنهور ۾، هاڙهي هَڏ مَ هل
ڪُوڙي ڪج مَ ڪَڌهين، سچي ساڪَ مَ سل
جانب لئي مَ جَل، سُور وسارَ مَ سسئي!

داستان پهريون

١

اَوَلِ آخرِ آهِ، هَلَڻُ مُنهنجو هوتَ ڏي
پورهيو سَندو پورهِيَتن والِي ڪِيمَ وِڃاءِ
سو مُون ٿورو لاءِ، جِئن جِٿري مِلان جَتَ کي.

٢

ڏري ۽ ڏاري، سَٽ سُورَنِ جي سَسُئِي
پيپائِي پُنهونءَ ڏي نِرمَلِ نِهاري
لالَڻِ جي لَطِيفُ چَئي سُونهَ سَتِي ساري
پرِيتَڙو پاري، مارڳَ ۾ مُنڌَ مُئِي.

٣

جي سِجهائِي، سِڪَ، ته پُڻ سِڪي سَسُئِي
پِيتائِين پُنهونءَ کي، هَڏَ نه پَڳِيَس هِڪَ
اِنَ تَڙَ مَنجهان تِڪَ، ڏِني پاڻان اُڃ ٿِئي.

٤

پَسِي جهاجهہِ جَمالَ جِي، جَنِي پيتِي پِڪَ
اِيرِ اڳانجهو ٿِئو سُورُ ٿَنِي کي سِڪَ
هَڏِ نه پڳين هِڪَ، پَسڻِ ڏاران پرينءَ جِي.

٥

سَدا سائِرَ سِيرَ ۾، توءِ ٿَشنگِي تارِ
آهي اُڃَ اکين ۾ اجان مُون اپارَ
پُنهون پاڻُ پيار، اُڃ اُکنڊِي آهيان.

٦

مَحبتَ مَٽِين مَنَ ۾، ٿِنِ ٿَشنگِي تارِ
پِي پِيالو اُڃ جو، اُڃَ سِين اُڃَ اُٿيارِ
پُنهون پاڻُ پيارِ، ته اُڃَ سِين اُڃَ اُجهائِيَان.

د-١:٢. سٽ سورن جي= پنڌ جي سورن واري سَٽ. ڏري= ڏڄي. ڏاري= چيري (سٽ پنڌ جي، پُوري ڪري پُڄائي ڇڏي). پيپائي= پَٽ تي پئي آهي ته بہ. نرمل= صاف پاڪ، اُڃي اُجري. لالڻ= محبوب (پنهون). سَتِي= سَت سيل واري، سچي ۽ صاف پاڪ، ستيا واري. پريتڙو= محبت جو ناتو، عشق. پاري= پورو ڪري، نباهي. مارڳ= راهه، واٽ. ٣. سجهائي= ساڻي ڪئي، فنا ڪئي. هڏ= هرگز، مور، بنهه. هڪ پڃڻ= (الف) ڪاڪڙي هيٺ نڙي واري هڪي جو آلو ٿيڻ، ناپر ۾ اڃڻ (سخت گرمي ۽ سخت اُڃ ۾ هِڪِي پئي لڳندي). هڪ نه پڳيس= نڙي آلي نه ٿيس. طلب پوري نه ٿيس. (ب) هڪَ پڃڻ= سَڌ لهڻ، خواهش پوري ٿيڻ (جنهن شيءِ ڪاڻ جي سڌ هوندي، پر اها جي گهٽي ڪائبي ته هڪ پڃي پوندي، خواهش ختم ٿي ويندي، وري طلب نه ٿيندي). تڙ= گهٽي پاڻي وارو اونهو ڪوه، پاڻي وارو گهٽ ۽ گهيڙ. تِڪَ= گهٽي پاڻي وارو ڏِڪ، وڏو ڏِڪ، يڪي ساهي پي وڃڻ. ٤. 'منجهان جهاجهہ جمال جي'= جمال جي جاجهہ مان، حسن جي گهٽائي مان (جني پِڪَ پيتي آهي.) پِڪ= پاڻيٺ جو ذرو، آلاڻ واري ڦُڙي. اڳانجهو= گهڻو وڌيڪ. سڪ= تن کي سڪ سور، انهن کي سڪ جو درد. ٥. تشنگي= اُڃ.

٧

مَحبتَ سَندو مَنَ ۾ پُرِ پيالو جَنِ
پيڻِ پَرچاءِ ناهِ ڪو، ڪنہ جِنہ ڏاهَ ڏِيَنِ
جِنهِ نِهايَتَ ناهِ ڪا، تِنهِ سُجان سُجِ وَجنِ
تيلاهَ اُجِ مَرَنِ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

٨

سَدا سائِرَ سِيرَ ۾، اندرِ لَهي نہ اُجَ
پَسڻُ جو پِرينَ جو سا سَيائِي سُجَ
تيلاهَ مَرَنِ اُجَ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

٩

ساجَنَ ڪارڻِ سُجَ، مَرُ قَبُولِي سَسُئِي
اندرِ جَنِي اُجَ، پاڻِي اُجو اُنِ ڪي.

١٠

مَهند مُحتاجِي ڪَري پُنيءَ پيرُ ڪَڙيجِ
ڪَبِيلَياٽِي ڪيجَ ڏي حُج مَ هَلائيجُ
پاٽان ڏارَ پِريتڙو سَسُئي ساڻُ ڪَٽيجُ
اوڏي عَزازِيلَ ڪي ويجهِي تان مَ وَجيجُ
نا اُميدِي نيچُ، تہ اوڏي ٿِئين اُميدَ ڪي.

١١

مَهندِ مُحتاجِي ڪَري حُجَ وِجائِي هَلُ
عُذر خواهِي عاجِزِي سَسُئِي ڪِنهِ مَ سَلُ
ڏُونگرُ ڏُورَڻُ ڏاگڙو لَڱُون رءَ ڪونهي لَلُ
اِيءُ پَلائِيءَ پَلَ، جِئَن پاسي ٿِيڻُ پاڻُ ڪان.

١٢

مَ ويهُ مُنڊُ ماٽِ ڪَري، اُٿِي وِجهُ وڙولَ
سُتِينِ تان سَيدُ چَئِي، هَمَ غَمَ اَچَنِ هولَ
ٻَهُون پاري ٻولَ، ڪامِلُ ڏِٺِي ڪيچَ جو.

١٣

ويهُ مَ مُنڊُ پَنيورَ ۾، ڪَرِ ڪو واڪو وَسُ
جِمَ وِرچِي ڇَڏئين، سَندو گَنگَنِ گَسُ
ڏُورَڻُ مَنجهان ڏَسُ، پُوندءِ هوتَ پُنهونءَ جو.

١٤

ويهُ مَ مُنڊُ پَنيورَ ۾، ڪِجِ وَجڻُ سِين وَسُ
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چَئِي ڏُونگرُ ڏِيندءِ ڏَسُ

---

٧ جن محبت جو پُر پيالو پيتو آهي؛ جن جو اندر الاهي عشق جي نشي ۾ آهي. پرچاءُ= سرچاءُ، ڏاهہ. ڪنہ جِنہ ڏاهَ ڏِيَنِ= ڪنهن وڏي ڏاهہ (خبر) ڪان هو دلگير آهن. (ظاهري پيڻ سان انهن جو پاهت ئي ڪونهي؛ سي هِتي پيڻ سان نٽا سرچن، جو انهن ڪي اڳتي خطري واري خبر جو ڪام (سور ساڙو) آهي.) ڏاهہ= وڏي خطري واري خبر، وڏي ڪشالي جي ڄاڻ. هو انهيءَ سج واري پنڌ ۾ آهن جنهن جو پَرو پاند ئي ڪونهي. تنهن ڪري هو سدائين اُڄ ۾ آهن پوءِ ڀل ڪٽي وڏي درياء واري سير ۾ هجن. ٨. سائر= سمنڊ، دريا. سير= وڏو وهڪرو. اندر= اندر ۾، اندر جي (= سدائين گهٽي اونهين پاڻيءَ ۾، پاڻيءَ جي وڏي وهڪري يا سير ۾ آهن تہ بہ اندر ۾ جيڪا اُڄ آهي سا نہ لهي). پسڻ جو پرين جو= محبوب جو پسڻ سُڄ آهي (ڄاڪاڻ جو مقصد پوري ٿيڻ سان محبت واري اها سڪ ۽ ڇڪ باقي نہ رهندي). مرن اُڄ= سچا عاشق اڄ ۾ مرن، ۽ اڄ ۾ رهن جيتوڻيڪ اهي پاڻي ۾ هجن. ٩. انبر جني اَڄ= اڄ جن جي اندر ۾ آهي. اجو= اڄ وارو، اڄايل. ١٠. 'پُنيءَ پيرُ ڪَڙيج" 'پير ڪَڙڻُ'، معنيٰ پيرو ڪڻڻ ۽ پيرُ ليڪڻ (پيرَ جي نشان جي چوڌاري گول ليڪو ڪڍڻ). ڪبيلياٽي= جنهن سان ٻيلي نہ هجي. حج مَ هلائيج= حجت نہ ڪج، دعويٰ نہ رکج. پريتڙو= عشق (پنهنجي وجود کان سواءِ ٻيو فقط عشق پاڻ سان پيڙو ڪج). نيچ= نئيج، پاڻ سان وٺي وڃج. ١١. مهندِ= منڍ ڪان ئي، شروع ڪان ئي. محتاجي ڪري= محتاج ٿي ڪري. حُج وجائي= حُج ۽ دعويٰ ڇڏي. (الف) اي سسئي! عذر ۽ عاجزي اهڙا تہ وڏا ڳڻ آهن جو ٻئي ڪي ٻڌائڻ جهڙا نہ آهن؛ تون انهن تي پڪي پختي رهہ (هيءَ معنيٰ پهرين سٽ سان لاڳو ٿيندي). (ب) اي سسئي! بهانا ڪرڻ ۽ هيٺائي ڏيکارڻ اهڙا اوڳڻ آهن جن جي بہ ٻين کي صلاح نہ ڏي (هيءَ معنيٰ سٽ نمبر-٣ سان لاڳو ٿيندي). پلائيءَ پَل= پلائي جو چيهہ، وڏي ۾ وڏي پلائي، پَلان پل پلائي. پاسي ٿيڻ= پري ٿيڻ. پاڻ ڪان (پنهنجو پاڻ ڪان، آپي ڪان، اَنانِيَتَ ڪان). ١٢. وَڙول= ڳولا خاطر پُڇا. هم غم= ڳڻتيون ۽ ڏک. هول= وڏي ڳڻتي ويچار ۽ ڊپ. ٻهون= گهڻا، سڀ جا سڀ. پاري= پورا ڪري. ١٣. واڪو= وڏو سڏ. وس= وڏو حيلو، وڏي ڪوشش. ورچي= ڪڪ ٿي، ٽڪجي. گنگن سندو= اٺن سندو، ويندڙ قافلي وارو. ڏورڻ= گهڻو مسلسل ڳولڻ.

هَلِي پُنهون پَسُ، سِرَ پَرِ رِڙهِي سَسُئِي!

١٥

ويهُ مَ مُنڍَ پَنيَورَ ۾، هاڙهي هَڏِ مَ هَلُ
ڪُوڙِي ڪِجِ مَ ڪَڏهين، سَچِي ڳالهِہ مَ سَلُ
جانِبَ لَئي مَ جَلُ، سُورَ وِسارِ مَ سَسُئِي.

١٦

ويهُ مَ مُنڍَ پَنيورَ ۾ اُتِي رائو ريلِ
هيڪَرَ اُتِي هوتَ لَئي ٻَڌُ چِتائي چيلِ
ٽُڪيائِي تون ٽيلِ، تہ پَسِين جامَ پُنهونءَ کي.

١٧

سُکين ٿِيءُ مَ سَنرِي، پَسِي ڏُکَ مَ ڏرُ
پَٽِي ڪَرِ مَ پانهنجو، گهورِئو اڏَ مَ گهَرُ
ماري هَڏِ مَ مَرُ، مَچڻُ جِيءُ جِيارِئين.

١٨

سُکين ٿِئي نہ سَنرِي، ڏُکين ڪِينَ ڏري
اوري هَڏُ نہ اِيِيي، پُوري تان نہ پَري
سَرتِيُون ٿِي سَري، ٻِنهي ري ٻانيَڻَ کي.

١٩

لُڪَنِ ۽ لَڪَنِ، جَرَ جِراتِي سَسُئِي
ڪارَڻِ ڪوهيارَنِ، تہ پُڻُ چَڙهي چوٽِيين.

٢٠

لَڳِي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِڙوئي لُهسِئو
اَيَنَ مَنجهان آئِيو هَي هَي جو هُڪاءُ
طَيُورَنِ تَوارِئو پُنهونءَ پُجاڻاءُ
رَسِئو سوزُ شَبانَ کي وُحُوشَنِ وَتاءُ
مِرُوئَنِ موتُ قَبُولِئو، اَپِرِ اَفسوساءُ
بَرَ پُٽِ ڪَنِ بُڪاءُ، اُڪَنڊِئا آرِيءَ لَئي گهڻو.

وائي

مُونکي جهَل مَ پايو،
جيڏيُون! آءٌ هَلندي هوتَ ڏي
هيءُ جو بارُ ٻَنيورَ جو، لُونيءَ تان سَڀ لاهيو
ڪِينَ وِهنديس ڪُنڊَ ۾، نہ مون پَئہُ، نہ پانيو
وِهاري وَطَنِ ۾ شُهديءَ کي مَ سِڪايو
ڪُنڌِل ڪَجائِنِ ۾ چاڙهي هيءَ هَلايو
منهنجو پَنڌُ پُنهونءَ ڏي، ريبي تان مَ رَهايو
آهي عاجِزِينِ تي سُپيِّيان جو سايو.

داستان پيو

١

پَسِي ڏُونگَرَ ڏاهَ، جِمَ هَلَڻَ ۾ هِيٽي وَهِين

---

١٥. لفظي معنيٰ صاف آهي پر ڪن ٻين بيتن وانگر هي بيت النّي معنيٰ وارو آهي: جنهن ۾ 'ها' ۽ 'نہ' واري نفسياتي ڪيفيت ۽ ڪشمڪش جا اهڃاڻ سمايل آهن. اهڙا انوکا بيت شاهہ صاحب جي فهم ۽ فڪر جي هڪ خاص خصوصيت آهن. ١٦. رائو= بر بيابان. ريل= جهاڳ، لنگهہ ۽ پار پئہ. ٻڌ چتائي چيل= ساهي سندرو ٻڌ. ٽڪيائي= ٽڪل هوندي بہ. ٽيل= هلي پورو ڪر: پار پئي پوئتي ڇڏ. ١٧. سَنري= سهڻي صحتمند. پَٽِي ڪرڻ= ڦٽائي ڇڏڻ، ڊاهي پٽ ڪري ڇڏڻ (ڪڇي- لاڙي محاوري ۾ چوندا تہ: 'فلاڻي هِن شيءِ جي پَٽِي ڪري ڇڏي'). ١٨. ايِيي= بيهي، بس ڪري. پُوري= هلي، پنڌ پَئي. سري= بنا محتاجي جي بَسر ٿئي، گذري. ١٩. لُڪن= لُڪن، سخت گرم جهولن. لڪن= جبل جي سوڙهن لانگهن. ٢٠. شاهہ صاحب حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي محبت ۾ سرشار هو ۽ تمثيل طور پنهون، آري، راڻي، جکري وغيره مان سندس روحاني مراد نبي ڪريم صلعم آهي. هيءُ بيت حضرت نبي ڪريم جي هِن دنيا مان رحلت ڪري وڃڻ بابت آهي. طيُورنِ= پکين. شبان= ڌنار. وحوش= جانور. جهنگ ۾ ڌڻ جي جانورن کي ۽ پڻ ڌنارن کي سور ۽ غم ٿيو. اپر افسوساء= گهڻي ڏک مان، (يا) وڏو افسوس واقع ٿيو. بُڪاء= روڄ. اُڪنڊِئا= گهڻي اُڪير ۾ پيا. وائي. لوڻي= سَڙي، ڪميڻي. پانيو= اميد، خيال. شُهدي= نماڻي، سڪايل. ريبي= پنيلائي، پُلائي. عاجزين= هيڻين، بي واهين. وائي-٢. بازار= ميڙ، جڳ، لوڪ. پاهين= پوئتي. ڏاه= گولي، ٻانهي، خدمتگار. اَت= گهڻو، اصل، آخر (انت). د-٢:-١. ڏونگر ڏاه= جبل جا خطرا، جبل بابت خطري واريون خبرون. هيٽي وهين= هيٽي ٿي هلين.

لانچي لَکَ لَطِيفُ چَئي، پُنِي‌ءَ ڪيچين ڪاھِ
پُڇي پُورج سَسُئِي، بَلوچاڻِي باھِ
اِن وَڙائِتِ وَرَ جي، آسَرِ هَڏَ مَ لاھِ
جو اکِيئَڻون اوڏو آھِ، سو پرين پَرانهُون مَ چَئُ.

۲

هِتان ڪُٿي هُتِ، جَنِ رَکِيو سي رَسِيُون
ساجَنُ سُونہ سُرتِ، وِڪان ئِي ويجهو گهڻو.

۳

جيڪُسِ يادِ ڪِيَاسِ، وَرَ وَجي وَٽڪارَ ۾
جَلَدَ جَرِيدي پنڌِ ۾ اديُون اَڄُ تِياسِ
وجي ڪيچِ پُنياسِ، باروچاڻِي‌ءَ پاڄهہ سِين.

٤

وَڏا وَڻَ وَٽڪارَ جا جِتِ چِبُون ۽ چِيها
مَنزل دُورِ، مَن تَنها، اُتِ بولِڻِ ٻاٻِيها
رائِي پِيرَ رَتَ ڪِئا، لَڳي لَکَ ڏِينها
لکيي جُون لِيهَا، لوڙيان تِي لَکَنِ ۾.

٥

وَڏا وَڻَ وَٽڪارَ جا جِتِ جائُو جهمَر جهَرَ
ڪوسا تِپَنِ ڪَکرا، ٻِي دَمَ دَمَ تِپي ڏَرَ
ويچارِي ڏِئي وَرَ، پِيرُ نہ لَهي پِرِينءَ جو.

٦

وڏا وَڻَ وَٽڪارَ جا، جِتِ نانگَ سُڄَنِ نِيلا
اُتي عَبدُاللطِيفُ چَئي ڪِئا هَيڪَلِي‌ءَ حِيلا
جِتِ ڪُڙم نہ قَبِيلا، اُتِ رَسِجُ رَهبَرَ راهَ ۾.

٧

واقُفِ نہ وَٽڪارَ جِي، سَفَرُ سَنراڻُو
آڏا لَکَ لَطِيفُ چَئي جَبَلُ جوراڻُو
ڀِهرُوئِي پاڻُو، سَوَلو ڪيچ سَچا ڏِٺِي.

٨

واقُفِ نہ وَٽڪارَ جي اَڳَ نہ ڏِيهُ ڏِٺومِ
ڏونگرُ ڏوراپَنِ سِين، ڪاڻِي‌ءَ ري ڪُٺومِ
جيلاھ مُحِبُ مِنومِ، تي چُلُون ڪَريان چِپَرِين.

٩

واقُفِ نہ وَٽڪارَ جي، پاڻِي‌ءَ ڳَنيُم نہ پاءُ
جَبَلُ جَلَدايُون ڪَرِي تِکَ ڏيکاري تاءُ
لَڳي لَکَ لَطِيفُ چَئي، مَعذُورِينِ مَتاءُ
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ هوتَ هَيڪَلِي آهِيان.

١٠

واقُفِ جي وَٽڪارَ جا، وانءُ تَنِي جي سَڏِ
نِيئِي نِماڻِي‌ءَ نِجهرو اوِنِينِ پاسي اَڏِ
ساٿِين ساڻُ سَيدُ چَئي لَڏو لَڏي لَڏِ
سُکَ پِنيوران چَڏِ، تہ ڪاهي رَسِين ڪيچَ کي.

١١

سُونهان چائِنِ سُڌِ نہ ڏِين، سَسُئِي پُڇُ مَ سي
مَتان تو هِي ڪي، مُنجهائِينِ مارڳَ ۾.

١٢

هاڻِ نہ ڏِسجِي هنڌِ ڪِنہ سُڌيو جو سُونهُون
اُجهانئي ڏُونهُون، ڪَهُ جاٽان ڪيهي‌ءَ وِئا.

لانچي= ٻڏي. لک= چيلهہ (سندرو ٻڌي). بلوچاڻي باھ= بلوچن جي منزل واري باھ، قافلي جي منزل واري باھ. وڙائتي ور= قربائتي ڪانڌ، مهربان مڙس. (الف) اکيئڻون اوڏو آھ= اکين کي اوڏو آهي، آڏو نظر ۾ آهي. (ب) اکين کان وڌيڪ ويجهو آهي، نظر کان وڌيڪ ويجهو آهي. ٢. ساجن سونہ سرت= سونهن ۽ سُرت وارو سڄڻ. ٣. جيڪس= لاشڪ. وٽڪار= وندر جي ندي ۽ واري وارا وڻ، وٽڪار وارو ماڳ. جريدي= ترت تيار (پنڌ لاءِ). ٤. چبون ۽ چيها= ٻئي نالا پکين جا. منزل دور من تنها= منزل پري ۽ آءٌ اڪيلي. ٻاٻيها= ننڍڙا ڳيرا (پکي). لکيي جون= قسمت ۾ لکيل انگ جون. ليها= ليڪان، ليهون، ڪَهَلون. ٥. جائو= هڪ وڏي جبل جي لک جو نالو. جهمر جهر= گهاٽو جهنگ. ڏم= تملم زورائتي. ڏر= ڏرتي. ٦. نيلا= ڪارا. حيلا= وڏا وَس. ٧. سنراڻو= سخت ڏکيو. جوراڻو= ڏاڍو ڏکيو. ڀهروئي= ڀهريون ئي. پاڻو= منزل. ٨. تي= تنهن ڪري. چلون= تڪڙيون ڊوڙون، لُوهون، جُلهُون. ٩. جلدايون ڪري= تيزيون ڪري (سخت تپش جون، تيز تپيل ڇُهنبيارين پٿرين جون، لڪن جي لاهن چاڙهن جون). ١١. چائن= چوائن (پاڻ ڪي). مارڳ= واٽ. ١٢. سُڌيو= سُڌ وارو، ڄاڻ وارو. اجهانئي دونهون= ٻاهڙي وسائي، پنهنجو ماڳ ڇڏي.

١٣

ڪُجهاڙو ڏيئِي، آءٌ ڳڌِبي پِرينءَ ڪي
سِرُ تِي سُنتَ پانئِيان، سَڃيندِيَسِ سوئِي
اوڙڪ اُهوئِي، وِجهندِيَسِ پيشِ پُنهونءَ جي.

وائي-١

هُوءِ جي هلئا هوتَ سَوارا،
مون نہ وَهيٽا، پُنهلَ سَڳيٽا
سَسُئِي پُڇي ساٿَ جا اوطاقُون اوتارا
ٽَليون، ٽوُنر، هَلوُيُون، مَيَن سِرِ موچارا
آن ڪي وِيندا ڳڏِيا، آرياڻِي اِنَ پارا
مُونکي نِيندا پاڻَ سِين، ڪامِلَ ڪُرَ اُجارا.

وائي-٢

جيڏيُون آءٌ تان نہ،
چَوَندي لو، ڏُکَ ڏوراپو!
سِيڻَن ڪي صَرِيحُ لو!
سَڱَ نہ وَرَنِ سُپرين، مِنَٿَ موڻَن ماڻَ
پيئرُ! پيٽِي حُجَ جِي، ڪوهِياري سين ڪاڻَ.

داستان ٽريو

١

پُنهون چِڏيو پوءِ، جانِبُ جَبَلِ ڳوليئين!
تيلاهِين ٽَنگُون ڪَرين، جيلاهِين تون جوءِ
ساڃَنُ سُڃ نِهارِئين، ڏکِي ڏوهُ ڪِيوءِ
هاڙهي هوتَ نہ هوءِ، وَري پُڇُ وينِين کي.

٢

دَران مَنجهہ دوستُ ٽِئو، وَري پُڇُ پاهِين
عَبَثُ اڳاهِين، وَڃئو ڪُوڪِين ڪانڌَ کي.

٣

هوتُ تُنهنجي هَنجهہَ ۾ پُڇين ڪوهُ پَهِي
”وَ فِي اَنفُسَکُمِ اَفلا تُبصِرُونَ“، سوچي ڪَرِ صَحِي
ڪَڏهِن ڪانہ وَهِي، ڪا هوتُ ڳولَڻُ هَٿَ تي.

٤

ڪونهي اُتِ ڪوهيارُ، جِتِ تو پوري پانئِيو
پَنڌُ مَ ڪَرِ پَهاڙَ ڏي، وُجودُ ٽِي وَٽِڪارَ
ڏاريا پانئج ڏارَ، پُڇُ پِريان ڪَرَ پاڻَ تون.

٥

سَيئِي ساري سَسُئِي گهَرَ ڪُندُون ٿُون گهورِ
وَڃي ڏُورِ مَ ڏورِ، دَرانَ مَنجهہِ دوستُ ٽِئو.

٦

هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾ پُڇين ڪوهُ پَرياڻُ
”وَنحنُ اَقرَبُ اَلَيهِ مِن حَبَلِ الوَرِيدِ“، تنهنجو توهِي ساڻُ
پَنهنجو آهِين، پاڻُ آڏو عَجِيبَن کي.

---

١٣. سنت پانئيان= نذرانو ڪري سمجهان. سڃيندِيس= ڪٺي ڏينديس. اوڙڪ= اصل اهو سچو، ويندي پڇاڙي تائين. وجهنديس پيشِ پنهون جي= پنهون جي آڏو پيش ڪنديس. وائي -١. مون نہ وهيٽا= منهنجي هٿ ۾ ناهن. پنهل سڳيٽا= پنهل سان سڱ ۾ آهن. ڪُر اجارا= ڪُر کي اجاريندڙ، سهڻو ڪندڙ. وائي-٢. صريح= صاف صاف. سڱَ= سڱ جي ڪري، رشتي واري حجت جي ڪري. پيٽي حج جي= حجت جي جاءِ. د-٣: ١. چڏيو پوءِ= پوئتي ڇڏيو. ٽنگون ڪريين= تڪليفون ڪرين، تکيون منزلون ڪرين. جوءِ= سندس گهر واري، زال (پنهونءَ جي). سڃ نهاريين= سڃ ۾ ٿي نهارين، بيابان ۾ ٿي ڳولين. هاڙهي= هاڙهي جبل ۾. وينين کي= وينين کان، اهي جيڪي گهر ويٺيون آهن. ٢. دران منجهہ= گهر جي در کان اندر. پاهين= پوئتي هلي. عبث= اجايو. اڳاهين= اڳي وڃي، اڳتي ٿي. ڪوڪين= ڪوڪون ڪرين، دانهون ڪرين. ڪانڌ کي= پنهنجي ڪانڌ لاءِ. ٣. پهي= واٽ ويندا مسافر، پانڌي، قاصد. وَ فِي اَنفُسِکُم اَفلا تُبصِرون= ۽ اوهان جي اندر ۾ آهي، پوءِ نہ ڏسندا ڇا؟ وهي= هلي وئي. ٤. ڪوهيار= ڪوهہ وارو، جبل وارو پنهون. وجودٽي وٽڪار= 'وٽڪار' تنهنجو پنهنجو وجود ٿي آهي (وٽڪار= وٽڪار واري پيٽي، وندر ندي جي وادي وارا وڻ). ڏاريا= غير، ماسوا. پانئج ڏار= ڏار ڪري پانئج، اوپرا ۽ پراهان ڪري ڄاڻ. پريان ڪر= پرين لاءِ، محبوبن بابت. پاڻ تون= پنهنجو پاڻ تون پڇ. پنهنجو پاڻ ۾ ڳول. ٥. گهور= ڳول، جانچ. دران منجهہ= در کان اندر (گهر ۾). ٦. پَرياڻُ= پَريان وارا، پراهان، پراوا. آيت= ”۽ اسين ان کي ساهہ جي رڳ کان ويجها آهيون“.

٧

ووڙيم سَڀ وَٿاڻ، جارَ ڪارڻِ جَتَ جي
”وَاللهُ بِكُلِّ شَيءٍ مُحِيطٌ“، اِيءُ آرياڻيءَ اُهڃاڻ
سَڀ ۾ پُنهون پاڻ، ٻِئو ناهِ ٻَروچ ري.

٨

پيھي جان پاڻ ۾، ڪِيَمِ رُوحَ رهاڻِ
تہ نڪو ڏُونگرَ ڏيھہَ ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻِ
پُنهون ٿِيَسِ پاڻِ، سَسُئِي تان سُورَ ھُئا.

٩

پَرَ گهَران پاسو ڪَري، پُڄُ پريان ڪَرَ پاڻُ
سو تان تو هِين ساڻُ، جنهِ لَئِي جَفائُون ڪَرِين.

١٠

سوئِي ڳُٽِئو ساڻُ، سوئي ڏوريين سَسُئِي
ڪَڏهِن ڪَنِي نہ ٿِئو جُلَڻُ مَنجهان جاڻُ
پُڄُ پِريان ڪَرَ پاڻُ. تہ تون تِئائِين لَهِين.

١١

جو تون ڏوريين ڏورِ، سو سَدا آهي ساڻُ تو
لالَڻُ لَئِي لَطِيفُ چَئِي مَنجهِهين ٿِيءُ مَعذُورِ
مَنجهان پَهُ پَرُورِ. تو منجهِ آهِسِ تڪيو.

١٢

وَجين چو وَٽڪارِ، هِتِ نہ ڳولِين هوتَ ڪي
لِڪو ڪِينَ لَطِيفُ چَئِي، ٻاروچو ٻِئي پارِ
تِيءُ سَتِي ٻَڌُ سَندرو پِرتِ پُنهونءَ سين پارِ
نائي نيڻُ نِهارَ، تو ۾ ڏيرو دوست جو.

١٣

ڪُوڙِيُون پُڇَن ڪيڇُ، هوتُ نہ ڳولِين هِتهِين
جَنِ پُنهونءَ سِين پيچُ، تَنِ پيرين پَنڌُ وِسارِئو.

١٤

هَلُ هِنيين سِين هوتَ ڏي، پيرين پَنڌُ وِسارِ
قاصيداڻِي ڪارِ، ڪِينَ رَسائِي ڪيچَ ڪي.

١٥

هَلُ هنيين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرمَ پَنڌُ
رائي پُڄُ مَ رَندُ، رِڙهُ رُوحاني سَسُئِي.

١٦

هَلُ هنيين سِين هوتَ ڏي، چِپَرِ هَڏُ مَ چُلُ
آرياڻِي اَمُلُ، ڪايا ۾ ڪانڌُ ٿِئو.

١٧

هَلُ هِنيين سين هوتَ ڏي، چِپَرِ چُلُ مَ تُون
مَنجهان لَڌو مُون، ڪوهيارو ڪيچَ ڌَڻِي.

١٨

هَلُ هنيين سِين هوتَ ڏي، سِپِي ڪَڻُ مَ ساڻُ
جَنِي پانيو پاڻُ، سي آرياڻِيان اوري رَهِيُون.

١٩

ڪِجي جِئَن ڪيچين لِئِي تِئَن تان ڪِينَ ڪِيوءِ
وِيجهائي وِڏوءِ، وِڪَ نہ ڳنيئِي وِٿَري.

٢٠

ڪِجي پَنڌُ پُڇانِ تِي، ڪيچِينِ ڪارڻِ ڪِيئَن:
”بيخود هَلجُ بَرَ ۾“، آءٌ تو چَوان اِيئَن
”سِڪَڻُ ساجَنَ سِيئَن، مَتان مُنِي ڇڏئين.“

---

٧. وٿاڻ= جايون. جار ڪارڻ= جفا ڪارڻ. آيت: ”۽ الله هر شيء ڪي گهيرندڙ آهي“= هر شيء ڪي الله جو گهيرو آهي. ٨. بيت سسئي جي زباني چيل آهي ۽ معنيٰ صاف آهي. ٩. پَر گهران= ٻاهرئين پَرائي ۽ پَراهين گهر کان. پريان ڪر= پَرين لاءِ. جفائون ڪرين= ڏاڪڙا ڪرين. ١٠. جلڻ منجهان= هلڻ مان، هل هلان مان. پاڻ= پنهنجو پاڻ (ڪان پڇ). ١١. ڏوريين= ڏاڪڙو ڪري ٿي ڳولين. منجههين ٿيء معذور= پنهنجو پاڻ ۾ ماندي ٿيء، پنهنجي وجود ۾ وڏا وس ڪر. منجهان= پنهنجي اندر مان. په پرورِ= پتو ڪڍ، پار سڃاڻ. ١٤. قاصيداڻي ڪار= نياپن پهچائيندڙ وارو ڪم (قاصد موڪلڻ ۽ نياپن ڏيڻ سان پنڌ پورو ڪونہ ٿيندو، منزل تي ڪونہ پهچبو). ١٥. پيرين= پيرن سان. رائي= رائي جو، جبل جي رائي وارو. ١٦. چپرِ= چپر ۾، جبل ۾. چُل= هيڏانهن هوڏانهن هل. ڪايا ۾= تنهنجي ڪايا ۾، تنهنجي سرير ۾، تنهنجي جند ۾. ١٨. جني پانيو پاڻ= جن پاڻ ڪي ڪجهہ ڪري پانيو، ڪجهہ ڪري سمجهيو. آرياڻيان= آرياڻي پنهونءَ کان. ١٩. ويجهائي وڏوء= پنڌ وڏائي ڇڏيئي! ٢٠. بيخود هلج= خود ڪان سواءِ هلج، 'پاڻ' وساري هلج. ساجن سيئن= ساجن لاءِ.

۲۱

مَتان مُنٖي چِڏئين پاڻان پِريَتڙو
ڪَٿُوريءَ ڪُٽو، مَڙهي مَڙهج مُنهَ ۾.

وائي

غَفلَتَ يارُ گنوايو، ٻَڙِي جيڏِيُون!
ڪِيئَن ڪريان آئُون ڪوهُ ٿِئو
سُتِيَس تان ساٿُ ويو، اُٿِيَسِ تان ڏُک آيو
پُڇان ٿِي پُنهونءَ ڪي عَبَثُ تان اَنُ کايو
هوتُ هَلَندي جا ڪَئِي، سا مُون ڳالهِ سُٺايو.

داستان چوٿون

۱

هيجُ نہ هُوندو جَنِ، سي ڪِيئَن وِندُرِ ويندِيُون
وِهو وِچ رَهَن، سَهسِين سَڏَنِ وارِيُون.

۲

سَدائِتِي سَيَڪا، ٻُکَ نہ باسي ڪا
جيهِيءَ تيهِيءَ ذاتِ جي، جُنبَشَ ڪانهي جا
مُون سِين هَلي سا، جا جِيءُ مِنو نہ ڪَري.

۳

آئُڻ مَنجهِہ پَرِياڻُ، هُئو سَيِنِي جيڏِيِين
مُون سَياڳِيءَ ساڻُ، ڪيرِ ڇُلندِي ڇَپَرين.

۴

سُگَنِ وارِي سَڏَ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري
اَندَر جَنِي اَڏَ، ڏُونگَرُ سي ڏورِينديُون.

۵

ڏُونگَرُ نہ ڏوري، سِڪَڻُ جِيُون سَڏُون ڪري
گهَرِ وينِي گهوري، مَتان پِرِينَ چِندَڙو.

۶

اِئِين وَرِيتِيُون وَرو، آءٌ نہ وَرَندِي وَر ري
جاڏِي هِنِ جَبَلَ جو تانگهِيندِيس ٽرو
جَتَن ساڻُ ڏرو، نِيهُ نِبيرَڻُ نہ ٿِئي.

۷

اِئِين جي وَڃڻُ وارِيُون، وَڃو سَڀِ وَرِي
ڦوڙائِي فِراق جي سُڃي ڳالهہ ڳِري
ٻُنيان جَنِ ٻَرِي، ڏُونگَرُ سي ڏورِيندِيُون.

۸

اِئِين جي وَرَڻِ وارِيُون سَرَتِيُون سَڏِڙِيُون
آرِياڻِي پُنهونءَ جي ٻولِ نہ ٻَدِڙِيُون
جي لِکئي لَڌِڙِيُون، ڏُونگر سي ڏورِينديُون.

۹

ڏُڪائِيندِي ڏُونهَڙا، مُنڌَ سيٽانِي وَڃُ
پَرِياڻُو مَ پَڃُ، ساٿُ چَڙهندو لَڪِيِن.

۱۰

اَڄُ مَلِيندِيَس ماءُ، ڏاڇا ڪَندِيَسِ ڪَپَڙا
جِيجان جوڳِياڻِي ٿِيان، آيَلِ جهَلَ مَ پاءِ
هوتُ ڪوهياري لاءِ، ڪَنين ڪُنَرَ پائِيان.

---

۲۱. پريتڙو= قرب، نيه، عشق. ڪٿوريءَ ڪٹو= ڪٿوري جو ڪٹو. مڙهي= پڪيءَ طرح ڳنڍي ٹوپي. وائي. جيڏيون منهنجي غفلت جي ڪري پنهون مون کان ويو (ڏير ڪٺي ويا). ستيس تہ ساٿ هليو ويو. هاڻي ڪاٿڻ پيئڻ ڪي ڇڏي رڳو پنهون جي پڇا پئي ڪريان. هوت پنهون وڃڻ وقت جيڪي چيو سو اوهين مون کي ٻڌايو. د-٤: ١. هيج= وڏي خوشيءَ وارو جذبو. ٢. سدائتيءَ= ستون ڪندڙ. ٻک= توڻ جي تنگي، فاقهو. ٻکُ= جان جي قرباني. جُنبڻ= پنڌ ۾ محو ٿيڻ، پنڌ ۾ لڳي وڃڻ. جنبش ڪانهي. جاءِ= جنبڻ جي جاءِ ڪانهي، پنڌ ۾ وڏي شوق سان محو ٿي هلڻ جي جاءِ ڪانهي. جيءُ منو نہ ڪري= پنهنجي جان پياري نہ ڪري. ٣. پرياڻ= چوٻول، چوپچو، پهہ پچار ('اڄ پرياڻ ڪيوسين تہ فلاڻي پاسي هلنداسين. يعني صلاح مصلحت، پهہ پچار'). ٦. ائين= اوهين. نيه نبيرڻ= محبت پوري ڪري ڇڏڻ، محبت ڇني ڇڏڻ. ٧. ورڻ واريون= جن کي پوئتي وڃڻو آهي. ڦوڙائي= وڇوڙي. ٻُنيان= ٻنيي ڪان، گهرَ جي در ڪان، اندران گهران، پنهنجو پاڻ مان، پنهنجي اندر مان. ٨. ٻول نہ ٻڌڙيون= ٻول ۾ ٻڌل نہ آهيو. جي لکئي لڌڙيون= جن جي لکئي ۾ لکيل آهي، قسمت ۾ لکيل آهي. ٩. ڏڪائيندي ڏونهڙا= ويهندي منزلون ڪندي. سيٽاني= ساٿن ٿي ڳڏ. پرياڻو= ملڻ جي موقعي وارو قول، ڳڏجي ملڻ جي موقعي وارو ٻول، ملڻ جو موقعو. ١٠. ڏاڇا= سرخ، ۾ صحيح. داسا= گيڙو. ڪنين ڪُنر پائيان= جوڳياڻي ٿيان، فقير ٿي ڳولا ۾ ڦِران. ڪُنر= ڪاٺ جو والو.

١١

سُڻُ تو سَگَ نہ واٺ، ٻاتيَڻَ ٻَاروچَن سِين
ليڙنِ ڏٽِي لَڄائِيَا، ڪاهِياٺُون ڪَنواٺ
جهُونين ڏيئِي جهاٺ، سَبَبِ اِنَ سُتي وِئا.

١٢

مُونکي يانئي ياڄَ، ڏيرَ ڏوُراٽا هَلِيا
اڳيان اُتِي اُنِ جي خُوبَ نہ پَکَمِ ڪاڄَ
ميڙي آپَ- سَرَتِيُون نہ ڪي ڳَايَمِ ڳَاڄ
سا مُون هَتان نہ ٿئِي جيڪا رَسَمَ راڄ
آيَلِ! آئ اَڪاڄَ، ٻولُ ٻاروچي وِٺَرو.

١٣

تو جو ٻولُ ٻَروچَ، ويهِي ڪِئو وَٽڪارَ ۾
سوئِي ڀاڙِج هوتَ، مون جيهِي مَعذُورِ سِين.

١٤

ڀِهرين ٿُون پاريچ، پارَڻُ پوءِ پُنهونءَ تي
ٻولُ مَ وِساريچ، هُو جو ڪِيوءِ هوتَ سِين.

١٥

تو سِين ٻولُ ٻَهُون، سَهسين ساڄَنُ جي ڪَري
ڪَنديِنءَ توءِ ڪَهُون، جي نالو ڳِيَڙءِ نِيهَ جو.

١٦

سُٽِي ٻولَ سَندانِ، جِمَ سُمَهِين سَسُئِي
ڪَندِينءَ ڪُهُ ڪيٽان، جُهُ سي اُنِ اورانگهِئا.

١٧

سِجَ اُلَتي سَسُئِي رَتَ وَرَنو روءِ
نہ پهي نہ پانڌِي ڪو، جِنهِ ڪَرَ پُڇِي لوءِ
مُوڙهِي وجي توءِ، مونَڻَ جِي ڪانہ ڪَري.

١٨

چُلان مُنجهَنَمِ چاڪِ، پُران پُونِمِ پُرڪَٽا
متان ڪا مُنڌَ ڪَري مونَڻَ جي مَذاقَ
چِٽُ سَندو مون چاڪُ، هاڙهي هَڏُ هِيٽو ڪِئو.

١٩

پيرين پِئا پُرِڪَٽا، رَهَ ۾ گهَٽو رُنومِ
پاراتو پِرينِ ڪي ٿِپي تان نہ ڏِنومِ
چُڪِي تي چيومِ، سُواهَرُو! سَڄَٽين.

٢٠

پِٿُون پيرَ تِيامِ، ڀِهرِين پَرُوڙِيمِ ڪينڪِين
"ثُمَ لايَمُوتُ فِيهَا وَلايحيٰ"، هِهَڙا حالَ سَندامِ
جَڏِ ڪوجها ڪِرِتِ ڪِئامِ، هوتَنِ ڇَڏيو هَبَ ۾.

١١. واٺ= مائٽيءَ جو رشتو. ليڙن ڏٽي= انن جا مالڪ، انن وارا (بلوچ). لڄائيا= لڄائجي پيا. ڪين لڄ جو ٽڪو لڳو (جو پنهون وجي ڏوٻياٽي سان پرڻيو). جهونين ڏيئي جهاٺ= جهوٽن ۾ جهٽ ڪري، سسئي جي ننڊ واري حالت ۾ تڪڙ ۽ تيزي سان. ١٢. ياڄَ= (ٻٽائتي نہ پر) رول، رُلي آيل (پاٽيءَ ۾ ٿلي ٿلڪِي آيل). ڏوراٽا هليا= مون کان پري ٿي هليا. آپ- سرتيون= پاڻ جيڏيون. ٿئِي (ٻولي آهي) = ٿي، ٿي سگهي. اڪاڄ= سڪاڄ جو ضد نِڪار، ڪم سولو نہ ڪندڙ. ٻول ٻاروچي وٺرو= ٻاروچي جو ٻول مٿاهون آهي، وڏيڪ وزن وارو آهي. ١٣. ويهي ڪئو وٽڪارَ ۾= وٽڪار ۾ ويهي ڪئو (سسئي جي ساراه ٻڌي، پنيور ڏانهن ايندي، وٽڪار واري منزل ۾ ويهي جيڪو ٻول پنهون ڪيو تہ منهنجو سگ سسئي سان آهي). ١٥. ٻهون= گهڻا. ڪهون= پنڌ جون سٽُون، هَلِ هَلان واريون وڏيون منزلون. نالو ڳيڙءِ= نالو ورتئہ. ١٦. جمَ سمهين= متان سمهين، متان ڊپ لاهي ويسري ٿئين. ڪيٽان= ڪين. اورانگهئا (اورانگهڻ= متان وک ورائي وڃڻ، اورانگهي وڃڻ)= حدون ٽپي انهن اهي پنهنجا ڪيل قول اورانگهئا، هيتان ڪيا. ١٧. رت ورنو= رَت جي رنگ جهڙو (رت جا ڳوڙها ڳاڙي). پهي= قاصد. لوءِ= پنهون جو ماڳ. موڙهي وجي= منجهندي وجي، ٻُلي ٻُلجي پئي. ١٨. چلان= تيزيءَ سان هلان. پُران= هلان. پُرڪٽا= ڦلوهان. مونڻ جي مذاق= مونڻ جهڙي ڪِل واري ڳالهہ، مونڻ واري جُٽ جهڙي ڳالهہ. چاق= تنومند، صحتمند. چاڪ= چڪندڙ ڦٽ، چيريل ڦاڪ. ١٩. رَهَ ۾= راهَ ۾، راه جي ڏکهي پنڌ ۾. چڪي= ٽڪي، ٽڪس. تي= تڏهن. 'سواهرو'= اي سُواهرو! اي چڱي واهر ڪندڙ (اچو ۽ واهر ڪريو). ٢٠. پٿون= ذرا ذرا. ثُمَ لايَمُوتُ فيها ولايَحيٰ= پوءِ نڪي تہ ان ۾ مري ۽ نڪي تہ جيئي. ڪوجها ڪرت= مدا ڪم. هب ۾= بَر ۾، رڻ ۾.

٢١

چُڪِيءَ ڪي چَئي، ڪا جاڳائي جيڏيُون:
'ويڙو ساٿ وَهي، تو ننڊرائِي نہ لَهي'.

٢٢

چُڪَس سَبَ چَئِي، ماڙهُو شَهَرَ ڀَنڀورَ جا
سا مونِي ڪِيئَن مُئِي، جنہ جو جانِبُ جَتَ وَٺِي وِئا.

٢٣

مونٺَ جا مَذڪُورَ، جان ڪي چَيَس جيڏيين
پَريٽَ ڀِري پُورَ، پَهُچائي پُنهونءَ ڪي.

٢٤

مونٺَ ڪان اڳي مَران، مونِي مَران مَ ماءِ
لُڇي لالَڻَ لاءِ، پُونديَس شالَ پيرَ تي.

وائي

مَعلومُ حالُ حَبِيبَ! مُون ڪي دَردُ قَديمِي وو!
مُونڪي حُبَ حَبيبِي وو! مُونڪي دَردُ جَدِيدِي وو!
آلُودِي آزار ڪان، تو ڀَءَ تِيَس طَبِيبَ
شادِي ڏيئي صِحَتَ جِي، غمي لاهِ غَرِيبَ
اڳِهي تي آهُون ڪَريان، نَعرو مَنجهہِ نَصِيبَ
ڪاهِلَ آهِيان ڪُوڙِي، رَسِي لاهِ رَقِيبَ
حاذِقُ آهين هِنَ جو، آڇينِ شالَ عَجِيبَ
دَوا آهِين دِل جِي، ڀُڃ ڀُڃ رَهيان طَبِيبَ
اَللهَ! عَبدُاللطِيفُ ڪي ڪَوڙي لاءِ قَرِيبَ.

داستان پنجون

١

ڀَڄِي جان ڀَنڀور ڪان ڏُونگَرُ ڏوريو مُون
ڪاهي رَسِيَسِ ڪيچَ ڪي جِتي پاڻُ پُنهون
سَيَتِ آهِين ٿُون، قَضا ڪَندين ڪَنِ سِين.

٢

جِيَنَ ڪارَڻِ جِيڏِيُون، ڏِنمِ ڏيرَنِ ڏُکَ
ڀَڳِيَسِ جان ڀنڀورَ ڪان تان سُورَ مڙيئي سُکَ
لَٿِي مُون تان لُکَ، پُنهون ٿِيَسِ پاڻِهين.

٣

'پُنهون ٿِيَسِ پاڻِهين'، وِئو سَسُئِي جو شَرَمُ
هيڪلِيُون هَلَنِ جي، ڀَڄِي ٿَنِ ڀَرَمُ
جو وِنڌُرَ مَنجهہِ وَرَمُ، سو سؤدو سَرِٽُس هِتِهِين.

٤

'پُنهون ٿِيَسِ پاڻِهين'، وِئو سَسُئِيءَ جو سِينگارُ
"مَن عَرَفَ نَفسَہُ فَقد عَرَفَ رَبَہُ" اِهوئي آچارُ
جو وِنڌُرَ ۾ واپارُ، سو سؤدو سَرِٽُس هِتِهِين.

٥

'پُنهون ٿِيَسِ پاڻِهين'، ويئي سَسُئِيءَ جي سُونَہَ
"خَلَقَ آدَمَ عَلَيٰ صُورَتِهِ" وَٽِنِ مَنجهہِ وِرُونَہَ
چَرِي منجهان چُونَہَ، ڪَٽِي هوتَ هَنجهہِ ڪِي.

٢١. چُڪيءَ ڪي= ٿڪِيءَ ڪي. ساٿيءَ ڪي. وَهي= اڳتي لنگهي. ٢٣. مذڪور= ڳالهيون صلاحون. پريٽ= ڪَنياٽي سسئي. ڀريين پور= ڀرئين خيال ۾ آٽي، پنهون ڪي خيال ۾ ٻڏائي تہ هيئن ٿيون چونڊ ٢٤. پونديس شال پير تي= شال پنهون جي قافلي واري واٽ تي وڃي پهچنديس. وائي. معلوم حال حبيب= اي حبيب توکي منهنجو حال معلوم هجي. آلودي= پُسيل، پريل. شادي= خوشي. ڪوڙي= بي لڄڻي. رسي= پهچي. رقيب= (ع. رقبة) ڳچيءَ جو ڳٽ. نعرو منجهہ نصيب= مونکي نصيب ۾ دانهن جو نعرو مليل آهي. حاذق= وڏو ڄاڻو (طبيب). رهيان (سرائڪي)= رهي آهيان. ڪوڙي لاءِ= پنهنجو ڪر. د-٥: ١. سيت= سڀ ڪجهہ ڪندڙ، هر صورت ۾، هرجاءِ. قضا ڪندين= فيصلو ڪندين، ڏوهہ ڏيندين ۽ سزا ڏيندين. ٣. پنهون ٿيس پاڻهين= آءٌ پاڻ پنهون ٿي پيس. ڀرم= پردو. نيڪ نامي؛ 'ڀجي' مان بہ معنيٰ نڪري ٿي پر 'ڀڃي' وڌيڪ فصيح آهي. ورم= ١. ورگ (جتڪي)، رگ، رنگ ۽ رونق. ٢. ورم= ورن= رنگ، روشني. ٤. مَن عَرَفَ نفسہُ فقد عَرَفَ رَبہُ= جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. ٥. خلق آدم عليٰ صورته= الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت موافق خلقيو. وٽن منجهہ ورونہ= وٽن ۾ اها وائي تہ سسئي پاڻ 'الاهي صُورت' آهي. چري منجهان چونہ= هوت پنهون، هن چري کي چونہ مان (چُڪ مان، ڪڏ جي ڪنڊ مان جتي هو زمين اندر پيهي وئي هئي) ڪٽي پنهنجي هنجهہ ۾ ڪيو.

٦

ويئِي سُونهَ سَسُئِيءَ جِي، پُنهون ٽِيَسِ پاڻُ
سَيَنِي جي سَيدُ چَئِي، آهي اِتِ اَماڻُ
پَنيورَ جا پاڻُ، آڏا عَجِيبَنِ کي.

٧

اِيءُ پاڻُ نہ ٽِيي پاڻُ کان، پاٽان ٽِيي نہ پاڻُ
"وَالقَدر خَيرِه وَ شَرِه مِنَ اللهِ تعاليٰ" چولي ڏِسج جاڻُ
جاٽِي ڏِسجُ جاڻُ کي، جاٽِي مَنجهان جاڻُ
جئن مَ سُمَهِين سَسُئِي، پَئِجُ پَندِ پَرياڻِ
ٽئين هيڪاندِي هاڻِ، لالَنُ لاءِ لَطِيفُ چَئِي.

٨

وَهَمَ وِرساياسِ، نہ تہ پُنهون آہ پاڻُ هُئِي
پاڻُ وِجايُمِ پانهنجو پَئِي پريان جي پاسِ
رَتِي عِلمُ نہ راسِ، پَسڻُ ڏاران پرينءَ جي.

٩

ڪافين ڪاهِينداياسِ، موٽان تان ڪُرَ مِيهٽو
بانهِي باروچَنِ سِين سَڱَ نہ ساهِينداياسِ
"اَلفِراقُ اَشَدُ مِنَ المَوتِ"، هِتِي نہ هُونداياسِ
آهَ نہ لاهِينداياسِ، جِيري جَتُ ڏِسِي مَران.

١٠

جِيَڻُ جَتَ ڏارا، مَعذُور جو مَسَ ٿِئي
چانگَنُ سِرِ چَڙهِي وِئا ساٿِي سَوارا
اَڪِيُون اوتارا، پَسِئو رُونِ پُنهونءَ جا.

١١

هيڪَرَ هُئَنُ وِجاءِ، تہ ويجهِي ٿِئين وِصالَ کي
"وَاذڪُر رَبکَ فِي نَفسِکَ"، پَهِي اِيءَ پُجاءِ
لالَنَ کي لِيلاءِ، تہ پَوي باجهہَ پَروچَ کي.

١٢

هُئَڻُ هَڏهن ڇَڏِ، تہ اوڏِي ٿِئين عَجِيبَ کي
"مارَاَيتُ شيئًا اِلا وَرَاَيتُ اللهَ فِيه" نِيئِي اجها لوڏاهِين اَڏ
تہ هوتُ توڪان هَڏِ، پرين پَراهُون نہ ٿِئي.

١٣

جاٽِي سُجاٽِي، وِهان ڪِيئن مات ڪَري
اَندرِ آڳِ عِشقَ جِي اَپَرَ اَڏاٽِي
"اَلعِشقُ نارٌ اِذاَ وَقَعَ فِي القُلوبِ يُحرِقُ ما سِوي المَحبُوبِ"، ڪُوري اِن ڪاٽِي
آهي آرِياٽِي، پَئو سَرتِيُون سُڄِي ڪِينڪِين.

١٤

پيئَرَ آءٌ پورِي، مون سڱُ سُجاٽِي نہ ڪِئو
ڏِيندا مون ڏيرَ وِئا جهِجَڻُ ۽ جهورِي
لَڳِي جَن لوڙِي، ڏُونگرُ سي ڏورِينديُون.

٦. آهي اِتِ اَماڻ (اماڻ= امانت طور دفن ٿيل)= سيني جي جان يا حياتي هن جهان ۾ ڄڻ اماڻ آهي؛ اصل ماڳ اڳيون جهان آهي. پاڻ= جتي مال بيهي. پنيور جا پاڻ= هي جهان، (پاڻ= پانيا، خيال پنيور جا خيال ۽ ويچار، سي پنهونءَ آڏو رنڊڪ آهن، پنهونءَ تائين پهچڻ ۾ آڏو اٽڪاء آهن.) ٧. والقدر خيره و شره من الله تعاليٰ= بيشڪ خير ۽ شر ٻئي الله تعاليٰ جي طرفان آهن. پرياڻ= پهه، ارادو. لوح قلم ۾= لوح قلم ۾ جيڪي لکيو ويو. هيڪاندي ٿيين= ملين، گڏجين. ٨. وهم= غلط خيال. ورساياس= مونکي ڀُلايو. رتي علم نہ راس= پرينءَ جي پسڻ کان سواءِ ظاهري علم هڪ رتيءَ جيترو (= ذرو بہ) بہ پورو پڪو (مڪمل) ناهي. ٩. ڪافين= جبلين، جبلن ۾، جبلن ڏي. ڪُر= بنياد، پُري. ڪر ميهٽو= ڪر کي مهٽو، بنياد کي طعنو. ساهينداياس= سارينداياس، ڇڪينداياس. اَلفِراقُ اشد مِن الموتِ= فراق موت کان وڌيڪ سخت آهي. آه= آس، آسرو. ١١. هُئَڻ= آءٌ آهيان، پنهنجي هستي، پنهنجو وجود. فاذڪُر رَبک في نفسک= تون پنهنجي رب کي پنهنجي اندر ۾ ياد ڪر (پروڙ). لالڻ= سهڻو محبوب. ١٢. هئڻ= 'آءٌ آهيان' وارو خيال. هڏهن= ضرور بہ. مارايتُ شيئا اِلا ورايتُ الله فيه= مون ڪابہ شيءِ ڪانہ ڏٺي پر الله ان ۾ ڏٺم (مون اهڙي ڪابہ شيءِ ڪانہ ڏٺي جنهن ۾ الله نہ هو). نيئي= ڪٺي وڃي. اجها= گهر. ١٣. اَڏاٽِي= پڙڪا ڏيئي مٿي مچ ٿي. العشق نارُ- الخ= عشق باهہ آهي: اها جڏهن دلين کي لڳي ٿي تہ محبوب کان سواءِ ٻيو سڀ ساڙي ڇڏي ٿي. ڪوري ان ڪاٽي= آءُ ان ڪوري ساڙيس. سُڄي= سجهي، ڪنهن جو ڪٽي ڪو ڏس ڪونہ ٿو پوي. ١٤. پوري= موڳي. جهجڻ ۽ جهوري= مونکي ڏير (گهڻو ڏک) ڏيندا هليا ويا. لوري= جن کي عشق جي لئون لڳي.

١٥

اَڏيون آءٌ اَجاڻ، مون سَگَ سُڃاڻِي نہ ڪِئو
هُوندَ نہ سَنِيم هيٺرِي ڪوهِياري جِي ڪاڻِ
رَتِيءَ جِي رِهاڻِ، جيءُ اَڙايُمِ جَتَ سِين.

وائي-١

اَهُڪِيءَ آڳهُ آهي، وو آهي
مُونکي تان نہ ڇَڏِيندو ڇَپَرين
اَهُڪِيءَ آڌرُ آهي، وو آهي
مُونکي تان نہ ڇَڏِيندو ڇَپَرين
پُڇي پيو پين ڪي، لَڪَنِ ۾ لَڏَ لاهِي
آري اَگهاڙَنِ ڪي پُنهَلُ ڄامُ پَراهي.

وائي-٢

ڪِهَڙو سَگُ سِيَاڪو، هاري مُون هوتَنِ سِين
آءٌ هيڪَلي هَبَ ۾، نہ مُون مِٽُ نہ ڪاڪو
مُنڌَ پيادِي، پَنڌُ گهڻو، نہ مُون اُٺُ نہ ناقو
هُوءِ جا پَڪَ پُنهونءَ جي ڇَنِيان تِنہِ ڇُئاڪو
پَسَڻَ ڏاران پِرينءَ جي، فَقِيرِ پوءِ مَ فاقو
ڇَڙهي نہ سَگهان چوٽِيين، ڏُونگرِ ڪونهي ڏاڪو
پِرين پُڇَنديسِ پَبَ ۾، وَڻِ وَڻِ وِجهنديسِ واڪو
وِڇُ مَ پوءِ وِصالَ ۾، لَڪَ مَ پوءِ لِيَاڪو
آريءَ جو آٿَڻَ ۾ پُڇَنديسِ پاڻُ پهاڪو
اَنَ سِين عَبدُاللطِيفُ چَئِي، اَصُلِ مُون عِلاقو

داستان ڇهون

١

ڏِناٺُون ڏُکيءَ کي جُدائِيءَ جو جامُ
مَنگَلُ مُنهنجِي مَنَ ۾، ٻارِئو هوتَ حَمامُ
اَرِڳِ ٿِئو آرامُ، ڪاڪُلُ پَسِي ڪانڌَ جو.

٢

دَردُ نہ لَهي -دارُوئين، زُلفَ زورُ ڏِنومِ
ڪاڪُلُ ڪالهہ ڏِنومِ، رُخسارَ تي رُوپَ سِين.

٣

دَردُ نہ لَهي دارُوئين، زُلفَ ڪِيَسِ صافُ
سَندو ڪاڪُلَ ڪافُ، ماري مَعذُورِينِ کي.

٤

پَنيو جو پَنيورَ ۾، ڪاڪُلُ ڏِٺُم ڪالهہ
هَئِي ٿِئِي جي حالَ، زُلفَ جي ضَافَ ڪِئا.

٥

هاڻِ نہ جِيان جِيڏِيُون، زُلفَ ضافَ ڪِيَاسِ
ڪاڪُلَ آءٌ ڪُٺِياسِ، پَنيو جو پَنيورَ ۾.

٦

ڪاڪُلَ ڪُٺي جا، ڪَفَنُ تِنہِ ڪِينَ ٿِئي
مَنجهہِ شَهادَت سا، لُڏي ۽ لاڏَ ڪَري.

٧

ڏَڪا ڏُونگرَ ڄامَ، مَ ڪَرِ مَعذُورِينِ تي
توتي لَڄَ لَطِيفُ چَئي آهِي سَندِي عامَ

١٥. ڪاڻ= ميار. رتيءَ جي= هڪ لمحي جي، هڪ ذري جيتري. رهاڻ= پاڻ ۾ ورونهہ، ڪچهري. وائي-١. آڳهُ= اجهو، پرجهلو، مددگار. پين ڪي= جيڪي ڪريا پيا آهن، منزل ۾ ٿڪي پيا آهن تن کي بہ لڏ لاهي پيو پڇي ۽ انهن جي سنڀال لهي. پراهي= پهرائي. وائي-٢. سياڪو= عزازت. هاري= اي مُٺي. ناقو= (ع. ناقه= ڏاچي) اٺ. ڇُئاڪو= نرڙو ڦڙو. واڪو= وڏو سڏ. لڪ ۾ پوءِ لياڪو= لڪاءُ ۾، ديدار ۾ ذري جيتري دير نہ ٿئي. پهاڪو= ڏس پتو. علاقو= لاڳاپو، ڳانڍاپو. د-٦: ١. جدائي= اگهائي، بي وسي. منگل= ڪورو، مچ. حمام= سخت گرم. ارڳ= الڳ، جدا، ختم. ڪاڪل= وار. ڪانڌ= مڙس (پنهون). ٢. درد= سور. داروئين= دوائن سان. زلف زور ڏنوم= محبوب جي سهڻي ڪاڪل مون تي محبت جو زور وڌو. رخسار= ڳل. روپ سين= سونهن واري وڏي رنگ سين. ٣. ڪيس صاف= مونکي ضعيف ڪيو، هيڻو ڪيو، بي حال ڪيو، بيمار ڪيو. سندو ڪاڪل ڪاف= ڪاڪل جو (ٻهريون حرف) ڪاف جيڪو وار وانگر. ڪاف= ڪشالو، سختي وارو سمان (محبوب جي وارن جي هيبت). ٤. پنيو= ڪڪو وار، هلڪي سونهري رنگ وارو وار (ڪارن وارن جي وچ ۾ ٿورڙن پنين وارن جي ليڪ سهڻي لڳندي). ٦. ڪاڪل= پياري پرينءَ جي. وارن جي سهڻائي. ڪفن تنه ڪين ٿئي= انهيءَ ڪري، جو هوءَ شهيد آهي. منجهہ شهادت= شهادت واري منزل ۾. ٧. ڏڪا= رعب تاب، هيبتون، حملا. ڏونگر ڄام= اي وڏا جبل. سندي عام= عام خلق جي، عام غريبن جي.

آهي اَسُونهِين جي مَتي تو مَلامَ
پَرچي پُڄُ پيادِيين الله لڳِ علامَ
جا نُوازِي تو نامَ، سا هوتَ مَ ڇڏِج هيڪلِي.

٨

پيرَ پَٽائِين ڪُونٽرا ڏُونگرَ مَٿي ڏي
ڦَٽيا ڦَڻَ ڦَقِيرِ جا سِيرُون ٽِٽَڙا سي
جِهَڙي تِهَڙي حالَ سِين پُري پُنهونءَ ڏي
وَڃي مان وَري، ٻانهِيءَ ٻَندُڻُ جِنهِ سِين.

٩

اُنوئين اوناڪُ، ڪالهوڪو ڪاڏي وِئو
وِئو جاڳائي جيڏِيُون بِرهُ هِي بيباڪُ
ڇُرِ ڦُرِ ڪاري چاڪُ، سورُ سُمهاري ڪِينڪِين.

١٠

سُمَهَٽَا ساڙُو، جيڏِيُون جيڏُوئي ٽِئو
مُون سان نِنڊَرِ نبيرِئو، پِرِينَ جو پاڙُو
هوتَ لِنگهِئو هاڙهو، ٿُون اٽاسِي اوجهرِين!

١١

هَي هَي جي نہ هُئِي، تہ جَرَ جَرائِيو جِندَڙو
پَئي ڪَرتَ ڪَپارَ ۾ ڪَري رُڪُ رَئِي
سَندِي دَردَ دَئِي، هَي هَي هيناهِين ڪَئي.

وائي

مُون مُئيءَ ڏي اڄُ اِيندا،
هوتَ سَلامَتَ سُپِرين
پَلَڪَ لائي پانهنجي، نِيءَ کي اَتِ نِيندا
سَگَ نہ ڪندا سُک سِين، سُورَ سَگِيٽا ٽيندا
رَکِي ڳَل ڳَلَنِ تي، نِيهَ نِياپو ڏِيندا
پَريتِ نِيندا پاڻَ سِين، ڇوري تان نہ ڇڏِيندا.

داستان ستون

١

ڏورِ مَ ڏيهَ پِئو، پيرُ پَنهنجي پِرِينءَ جو
ويهَڻُ وانڙِين تي، ڪيچِين رِيءَ ڪِهو
وِندُرِ جو وِئو، سو الله واري آئِيين.

٢

وِندُرِ جي وَڃِنِ، سي مَرُ ٻَڌِنِ سَندَرا
ٻِيُون ڪوهُ ٻَڌِنِ، ڇوڙي جي ڇڏِيندِيُون.

٣

ڏيهُ ڏيهان ئِي ڏورِ، پَرڏيهان پَري ٿِيا
سيڻَن ڪارڻِ سَسُئِي پَئي پَراهِين پُور
'تو وَحين هوتَ حضُورِ، مُنهنجو جِيڻُ جيلاهِين ٿئي'!

مٿي تو ملامر (اصطلاح)= تنهنجي مٿان ذميداري (جيڪا پوري نہ ٿيندي تہ ملامت يا گلا مٿي ٿي ايندي). عَلامر= اي ناميارا. نوازي تو نامر= جا تنهنجي نالي سان نوازجي وئي آهي، مشهور ٿي آهي. ٨. پٽائين ڪونٽرا= پٽ ريشمر کان وڌيڪ نرمر. ڦڻَ، ڦن= پيرن جا پب ڇيلڙا ڦنَ ٻڌندا، جڏهن انهن جا ڳر پَڪا ٽيڻ لڳندا). سيرون ٽٽڙا= پيرن ۾ چير پئجي ويا. ٩. اُنوئين= ائن وارو، ائن سان. اوناڪ= اُونار. بيباڪ= بي ڊپو، بي پرواهہ. ڇرُ ڦُر ڪاري= چرڦر ڪرائي، پيو ڇُٽِڪي. چاڪ= وڏو چڪندڙ ڦٽ. ١٠. سمهٽان= نسمهڻ مان. ساڙو= سور. جيڏوئي ٽئو= ايڏو وڏو ٿيو. نبيرئو= جدا ڪري ڇڏيو. اٽاسي= اناسي، بي اثر. اوجهرين= ننبر ۾ جهوٽا کائين. ١١. هئي هئي= هي هي جي وائي، وڏي ڏک ۾ هَي هَي ڪرڻ. جي نہ هئي= اها هَي هَي واري وائي نہ هجي ها تہ. جر جرائيو= باهہ ساڙيو، تہ هوند ڏک ۽ غمر جي باهہ ساڙي ڇڏي ها. جندڙو= جان ۽ تن. پئي ڪرت ڪپار ۾= تہ جڻ ڪاپار ۾ ڪرت وهي ها، ۽ ان جو رڪ جسمر کي ذرا ذرا ڪري ڇڏي ها. دَئي= ڇپي، سوز سختي. وائي. نيءَ= ٻانهي. سور سگيٽا= سورن ساڻ سگيٽا. د-٧: ٢. سندرو= اجرڪ يا ٻي پوتي ڇڪي ڇيلهہ سان ٻڌڻ. سندرو ٻڌڻ= سندرو ٻڌي ملهہ وڙهڻ، گهوڙي تي چڙهڻ، يا مقابلي لاءِ ميدان ۾ اچڻ. ٣. ڏيهہ ڏيهان ئي ڏور= هن ڏيهہ کان گهڻو ڏور، ڏيهان ڏور. پئي پراهين پور= پري (وڃڻ) واري خيال ۾ پئي.

۴

هيڪانديءَ هوئِي، اُٺي راتِ رَوان ٿِئا
جيڏيُون جي مان وَسِ هُئا ته رَهايَمِ روئِي
ساهُ سَگِهي ۾ سُورَ جي، پُنهون وِئو پوئِي
رَهُ قَضا دَمُ ڪوئِي، ته هيڪَرَ هيڪانديِ ٿِيان.

۵

هَڏِ نه ساهُ سُڏيرُ، دِلِ دَرمانديِ دوستَ ري
پائي وِئو پِرتِ جو، زورآوَرُ زَنجِيرُ
جِيءُ جُسو جاگيرُ، هاٿي مِلڪَ هوتَ جي.

۶

عُمرِ سَڀِ اُڪَندَ سِين پُنهون جي پُڄَڻ
رِيسَ رِيزالِيُون ٿَنِ سِين ڪُجاڙي ڪي ڪَنِ
مارگِ جي مَرَنِ، وَڏا طالعَ ٿَنِ جا.

۷

وَڏو طالعُ تو، جِئَن لَڳِينءَ پيرَ پُنهونءَ جي
سَسُئي! اِنَ سُتُونَ ڪي رويو رويو رو
وينِي هِتِ مَ هو، هَلِين ته هوتُ لَهِين.

۸

وينِين وَراڪو ناه ڪو، سُتِينِ ڪونهي سَگُ
هوتُ هَلَندِين ڳَنِئو، اَنگهَنِ چاڙهي اَگُ
باسي پَئِي يَگُ، رڙهِي راهَ رَسِيُون.

۹

وينِي وَرِ نه پُونِ، سُتي مِلنِ نه سُپرين
ساجَنُ ٿَنِي ڪي مِلِي جي مَٿي رَندَنِ رُونِ
سي مَرُ رويو رُونِ، جَنِ مُسافِرَ سُپرِين.

۱۰

ڪَڙهِي ۽ ڪَڙِي، پَرِ ۾ پيرُ پُنهونءَ جو
سِڪَ بَڌائِين سَندَرو جانِبَ لاءِ جَڙِي
لَڪَنِ سِرِ لَطِيفُ چَئِي، مُنڌ جهيڙِي ۽ جهڙِي
پَٽِيءَ تان نه پَڙِي، جي عُمرِ سڀِ اِئِين ڪَري.

۱۱

ڪِ ڪي ڪَڙِيان پيرَ، ڪِ ڪَڙهان ڪيچَ ڏَٽِين ڪي
اِيءُ ڏَنءُ ڏيئِي ڏيرَ، پاٽان پَراهان وِئا.

۱۲

ڪَڙه پُڻ ڪيچَ ڏَٽِين ڪي، ڪَڙِ پُڻ پيرَ سَندانِ
اِنهِين پَرِ اُتانِ، پُندِينءَ مُنڌ پَهاڙ ۾.

۱۳

مَنجهان پَنءَ پَرُوڙِ، سَڀَ مَ پُڇجُ سَسُئِي
ويهي وَڏي ڊِڳَ مان ڏَئِي وِجهجُ ڏوڙِ
ته ٿُون ماڙِيين مُوڙِ، جي پَندَ اِهائِي پارِيين.

---

۴. هيڪانديءَ هوئي= پنهونءَ سان گڏ آرام سان ستل هئس، ان مهل. رهُ= بيهه، پاڻ جهل، پوئتي ٿيءُ. ۶. اڪند= سچي ۽ گهڻي سڪ. ريس= برابري. ريزاليون= ڪميٽيون، بي پٽيون. مارگِ= مارگ ۾، واٽ ۾. طالع= بخت. ۷. ستون= ٿنڀ، مضبوط پرجهلو. رويو رويو روءِ= روئي روئي وري روءِ. ۸. وينين= جيڪي وينيون آهن. وراڪو= مٽري مائٽري جو وَرُ، عزازت جو لحاظ لاڳاپو. انگهن= انگهن تي، تکين چوٽين تي، تکين نوڪن تي. اگُ= انگ= عضوو، جسم. يَگُ= واٽ جو خوف ۽ واٽ جو وَرُ. ۹. ويني= ويهڻ سان، وهندي. ور نه پون= پنهنجي وَرَ کي ڳولي نه لهن. سُتي= سمهڻ سان، سمهندي. ملن نه سپرين= محبوب سان نه ملن. مٿي رندن= ولڻن تي، راهن تي. رُون= رُئن. مَرُ رويو رُون= ڀَل رويو رويو رون، رئندي رئندي پيون رئن. ۱۰. ڪڙهي= تکي اُس ۾ تپي، پنهنجي اندر سور ۽ سوز ۾ ٻري. ڪَڙي= ائن جا پير لِيکي (پير ڪڙڻ= پير جي نشان جي چوڌاري ليکو ڪڍڻ ته چٽو ٿي بيهي). جهيڙي ۽ جهڙي= لڪن تي هلائون ڪري، همت سان هلائون ڪري مٿي چڙهي. پٽي= پيرن جي خاڪ. پڙي= برابر ٿئي. ۱۱. (سسئي ٿي چوي:) ڪِ ڪي ڪڙيان پير= يا ته ڪي پير ليکيان، پير ڪڙان. ڪِ ڪڙهان ڪيچ ڏٽين کي= يا ته سورن ۾ جلان ڪيچ ڏٽين لئي، يا ته جلان سڙان رئان رڙان. ڏنءُ= وڏي باه جيڪا وڻ ٽڻ ۽ پٽن جا گاهه ساڙي ڇڏي. ۱۲. (مٿئين بيت جي پهرين سٽ جو جواب ته): ٻئي ڪم ڪر: ڪيچين لاءِ ڪڙهه به ۽ سندن پير پڻ ڪڙ (سندن پيرو به کڻ). انهينءَ پر= انهيءَ ريت، ائين ڪرڻ سان. اُتانِ= مٿانِ، انهن جي مٿان. پُندينءَ= پَوَندينءَ، مٿان پوندينءَ، مِلندينءَ. منڌ= اي مُنڌ. ۱۳. پَنءُ.(نون غنو)= هڪ جو داءُ= هڪ، (واحد ڏٽي) ڪان پڇي پروڙ. ڏٽي= ڏوئي، ڇاٽي (ڏوڙ ڏنا، سونارن جي رک ۽ ڇار ڏئندا ڇاٽيندا ۽ سون جا ذرڙا ڳولي لهندا هئا). موڙ= موڙي. پند= نصيحت.

١٤

ٻارِيائِي تہ ٻارِ، ڦُوڪِ تہ لڳي اَنبَرين
هِتي جي هُئڻِ جِيون، وَٺُون سَڀِ وِسارِ
سمُوري سَرڪارِ، نيئِي رَکجُ ناهِ ۾.

١٥

قَدُ ٻَڌِي ٿُون ڪِينَ، پَهُچَندينءَ پُنهونءَ سين
جِئَن سينو ساهِيين سَسُئِي، ٿِيين ٿهوارُون تين نہ
مُنِي ٿيءُ مِسڪِين، حُجَتَ هوتُ وِڄائِيو.

١٦

ڪَڏِ پُنهونءَ ڪاهي، چاٽِيءَ مَنُ چَريو ڪِئو
اُتيي وينِي اوڍِهين سُتي پُٺِ ساهي
"اَلعِشقُ حِجَابُ بينَ العَاشِقِ وَالمَعشُوقِ"، لاشَڪُ تِي لاهِي
هِڪُ آريائِي آهي، ٻِئو سَرتِيُون سُڃي ڪِينَڪِين.

١٧

لِڇِي، ڪِينَ ڪُڇِي، آٽِي مُنڊَ اندرَ ۾
پَرِ ۾ پيرُ پُڇِي، لوڪَ نہ لَکِي سَسُئِي.

١٨

جي سُورَنِ سِجهائِي، توءِ چِيلهہ ٻَڌيو چوٽِيين چڙهي
لَڏائِين لَطِيفُ چَئي لالَڻَ لالائِي
سِڪَ پُنهونءَ جي سَسُئِي ميڙِي مِلائِي

ٻانيَڻِ ٻاڏائِي، هَبان وارِئو هوتُ ڪِي.

١٩

رائِي ڪِي رَنجُورَ، ٽَڪَرَ توءِ ٽاڪِئو چڙهي
لانچِئو لَڪَ لَطِيفُ چَئِي، هَلي هوتُ حُضُورِ
رَهيا سَڀَ رُڃِنِ ۾ سَسُئِي جا سالُور
ساجَنُ ميڙِئِسِ سُورَ، سُڪَ نہ ميڙِئِسِ سُپِرِين.

٢٠

ٻِلَرُ لَڳِسِ ٻاڻُ، پَسو جوءِ جَرا ٿِئِي!
سا مُنڊَ مَري نہ جِئِي، پيئِي پَڇاڙِي پاڻُ
سَسُئِي سُورَنِ ساڻُ، سَنيُوڙِي سَيدُ چَئِي.

وائي-١

ڪَرَها مَ ڪاهيو، ميان ڪيچي!
آءٌ آرِياڻِيءَ عَرضُ چَوَندِي
ڪَري هوتُ هَلَڻَ جِي، لُوٽِيءَ ڪي مَ لَڄايو
وَسِيلو وِلهِيءَ جو، آڳانِيو آئِين آهيو
پاسي ۾ پَرِيتَ جي جهِڪِي اُٺَ جهُڪايو
وِلهِيءَ جي وِيهانءَ ۾ واڄَٽَ سَڀِ وَڄايو
اُگهاڙِي آٽَڻَ ۾ پَنهنجِي هوتَ پَراهيو
سائِينءَ ڪارَڻِ سُپِرِين، صُورَتَ ڪي مَ سِڪايو

١٤. 'ٻاريائي تہ ٻار' = تو جا ٻاري آهي تہ هاڻي ٺاهي جوڙي ٻار. ڦُوڪ= ٻاهہ کي ڦوڪ. لڳي انبرين= ابرن ککرن کي لڳي. هئڻ جيون= هستيءَ جيون. وَٺُون= شيون (جيڪي هستيءَ کي وڌائين). سرڪار= پنهنجي حوالي ۽ وس واري هر شيءِ. ١٥. قد ٻڌي= ضد ڪري، برابري وارو مقابلو ڪري. سينو ساهڻ= مقابلي لاءِ ڇاتي ڪڍڻ، سينو ٻاهر ڪڍڻ. ٿهوارون= ذرا ذرا. حجت= پنهنجائي وارو عمل. ١٦. ڪَڏِ= پُٺِيءَ. چاٽِي= چاڙهہ، نفعو. ساهي= اڳتي هلڻ جي همت ٻڌي. العشق حجاب- الخ= عشق عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ حجاب (پردو) آهي. لاشڪ تي لاهي= لاشڪ اهو حجاب ٿي لاهي (جو پاڻ ئي پنهون ٿي پئي). ٻئو= پنهون کان سواءِ ٻئو ڪو (مون سميت). ١٧. لڇي= اندر ۾ پئي لڇي. ڪين ڪڇي= واتان ڪين ڪڇي، زبان مان ڪا ٻڙڪ ٻاهر نہ پئي ڪڍي. آٽي= گُداز ٿئي، ڳري، تڙڦي. لوڪ نہ لکي سسئي= ٻاهرئين لوڪ سسئي صحيح نہ ڪيو. ١٨. سِجهائي= بالڪل هيٺي ڪري ڇڏي، فنا ڪري ڇڏي. توءِ= تہ بہ. چيلهہ ٻڌيو= سندرو ٻڌي. چوٽيين چڙهي= جبل جي چوٽين تي چڙهي. لالڻ لالائي= لالڻ جي لالائي. هبان= هَب مان، بيابان مان. ١٩. رائي= سنهڙين پٿرين ۽ ريتي جي ريزن واري هوا ۽ زمين. لانچئو= لنگهيو، اورانگهيو. هوت حضور= هوت جي حضور ۾. سالُور= سهڻا لٽا ڪپڙا، لِباسَ. ساجنُ ميڙئِسِ سورَ= سورَ ڪيس ساجن ملايو. سک نہ ميڙئس سپرين= سکَ ڪيس محبوب سان نہ ملايو. ٢٠. ٻلر= ٻن لارن وارو، ٻن چوٽين وارو. ٻاڻ= تير. جرا ٿي= ذرا ٿي؛ پرزا ٿي. پيئي پڇاڙي پاڻ= پاڻ کي زمين تي پئي سٽي. سنيوڙي= سنبت ڪري هلي، هيج مان سنيري هلي. وائي-١. لوٽي= سڙي، جلي. ولهي= سڃي. آڳانيو= آڌر، آسرو. پراهيو= ڀهرايو، ڊڪايو.

ساڪِن ٿِي شَھَرَ جا مَعذُورَ ڪي مَرڪايو
پُنھون ڄامَ! پَريتَ سِين ويھي سُورَ وِرھايو
لاھي بارُ پَنھِور ۾ ويندو گھوٽَ وَناھيو
پُنھونءَ ڄاڃيئڙن ڪي، رَڌي ڪيڻَ ڪارايو
پرٽائي پُنھونءَ ڪي، نڪيٽي نِڪڙايو
ٻيلِي ٿِي ٻانيَڻَ سِين، ڏِڪين ڏيڄ ڏِڪايو.

وائي-٢

پِرِينِ جي پَنڌا، مونکي جي جھَلِيندِيُون
سي نہ پُڄَندِيُون
پَلي ڪَري آئيو، ٺاٺارو ڏيھا
پَکِي ڪُٽِ سَڃي ٿي، لَٺِي جاڪِ گَھرا
سَرتِينِ سُورَ پِرائِيا، ھاٽي ھِنَ ھَنڌا
تان ڪِين واسُ وِھائِيان، ٻاروچِي مُلا
تان ڪِين ڏُونگرُ ڏوريان، جان ڪُرھ اندر ساھ
مَتيُون موٽَڻَ سَنڌِيُون، تُون ھَٿِ آچِ مَ ماءُ.

داستان اٺون

١

اَڏَرَ نِڌَرِ ايري، سَڌِرِ تي سچي
سُپڪَ تيءُ سيد چئي، پھٽن مَنجھ پچي
معذور کي ماڙھو ڪِئو اولاڪن اچي
منجھان راھہ رَچي، ٺَٺڙي لال لطيفُ چئي.

٢

اَڏَر نِڌَر اَيَرِي اَسُونھِين آھِيان
لُڙڪَ لالَ لَطِيفُ چَئي وَرَ ـ رءَ وَھايان
ھيجان ھَنجھُون ھَبَ ۾ ھوتَنِ لَئي ھارِيان
جانِبُ ضَعِيفيءَ سين پُنھون پَھايان
پيھان پَچايان، جي مُون نِئو پاڻَ سِين.

٣

اَڏَرَ نِڌَرَ اَيَرِي، اَسُونھِينِ. آٿُون
چِيٺا چورَ چُنجُنِ ۾، بَرَ ۾ بَلائُون
موٽُ پُنھون پاھُون، مَتان مُحِبَ مَرِي وڃان.

٤

اَڏَرَ نِڌَرَ اَيَرِي، آھِيان اَسُونھِين
پَرڏيھِي پِرِين ڪِئا مَرَڻَ لَئي مُونھِين
سَسُئِي ساڻُ سَيدُ چَئي تَنگَنِ ۾ تون ھِين
ھارِي ڪِيئَن ھُونھِين، رءَ ٺَمَرُ سَڌُون ڪَري!

٥

اَڏَر نِڌَر اَيَرِي اوگِي اَوائِي
لاڳاپَنِ لَطِيفُ چَئي مُنڌَ رانئي رَھائِي
ڪانہ ٺَھارِي ٺَڪرِين ساٿُس سَڳائِي
جَلَڻُ جَڏائِي، آرِي لاھِ اَصِيلَ تان.

٦

اَڏَر نِڌَر اَيَرِي، غَمَن گَمائِي

ساڪن= رھاڪو. وناھيو= پرڻايو. ڪيڻ= طعام. نڪيٽيءِ نڪڙايو= نڪيٽي ڪري (سسئي کي پاڻ سان گڏ) وٺي هلو. ڏِڪين ڏيڄ ڏِڪايو= ڏِڪ ويھارڻ وقت ڏاج ڏيڪاريو. وائي-٢. پرين جي پنڌا= پرين جي پنڌان، پرين ڏانھن پنڌ ڪرڻ کان. ٺاٺارو= ٺامي، ڪُٽ ۽ جست جا ٺانءِ ٺاھيندڙ. ڏيھا= ڏيھہ مان، ڏيھہ ۾، ملڪ ۾. پکي ڪُٽ= اھا ڪُٽ (ڪُٽ جا ٺانوَ) جيڪا پگهل هئي سا سڃي ٿي. جاڪ= سونارن (۽ پڻ ٺاٺاري؟) جي ڏنڊي جو لفظ 'اجارڻ' واري معنيٰ ۾. ڪرھہ اندر= جان ۾. د-٨: ١. سپڪ= سخت. اولاڪن= اٺن. ٢. اڏر نڌر= بنا ڪنھن ٽيڪ يا آڌر جي، بي واهي. لال لڙڪ= رت جا ڳوڙھا. ھيجان= ھيج مان، خوشيءَ مان. ھنجھون= لاڳيتو وھندڙ ڳوڙھا. ھب ۾= بر بيابان ۾. پھايان= مڃايان، پرچايان. ٣. چيٺا چور= چور چيٺا (چيٺا شينھن جيڪي لڪي ڇپي حملو ڪن). چنجن ۾= جبلن جي چوٽين ۾، ڇُرن ۾. پاھون= پوئتي. ٤. تنگن ۾= سوڙھن لڪن ۾. ھاري= اي موڳي، اي موڙھل. ھونھين= اجايو. ري ٺمر= بنا سفر جي سامان (ڪاڏي پيتي پاٿي وغيره) جي. ٥. اوڳي= موڳي. اوائي= توائي، موڙھل. رانئي= ريجھائي. رھائي= پوئتي رھائي ڇڏي. ڪانہ ٺھاري= ڪانہ گڏجي ھلي. ٺڪرين= ٺڪرن ۾. سڳائي= سڳي ماٽي واري. ٦. غمن گمائي= ڏکن سورن ڪيس موڳو ڪيو.

سا کِئن وِهي ويسَرِي جا گهائُن گهمائِي
پيئِي پيش پُنهونءَ جي اُسَن ۾ آئِي
جا لُکَن لوسائِي، سا سيج چڙهندِي سَسُئِي.

٧

اَڌَر ٻِڌَر اَيِرِي، ويچارِي نہ وَري
لالَنَ لاءِ لَطِيفُ چَئِي پُرِي پيرَ پَرِي
ڪمِيٽِي ڪَرِي، ڪارُون ڪيچَ ڏٽِينَ ڪي.

٨

اَچِي عِزرائِيلَ، سُتِي جاڳائِي سَسُئِي
تِي ڏَوڙائِي ڏَلِيلَ، تہ پُنهونءَ ماڙهُو موڪليو.

٩

مُنڪِرَ ۽ نڪِيرَ ڪي جَڏهن ڏِنائِين
اکِيان اُتِي اُنِ ڪي پُنهون پُڇيائِين:
'اَدا اِئائِين، ڪو لَنگهيو ساٿ سَجَڻَ جو!'

١٠

ياجاٽِي تِي پورِ، پُنِيءَ ڪيچين ڪَڪَرا
رائو مِڙوئِي رَتَ سِين، ڪارِڻِ ڪانڌَ ڪَڪورِ
لانچي لَڪَ لَطِيفُ چَئِي، اُتِي ڏُونگَرَ ڏُورِ

جَتُ وِجِي تو زورِ، اَپُڙُ تہ اوڏِي ٿِئِين.

١١

پيئِي ٿِئِي پيمالُ، سا مُنڌ مَرِي نہ جِئِي
بُرِي هِنِ پَنيورَ ۾ هَڏِ نہ ڳِرهي حالُ
لالَنَ جو لَطِيفُ چَئِي وِساري نہ وِصالُ
پرِي ڪِجاهُ پالُ، هيءَ ڏاهِ ڏورِيندي ڪيتِرو!

١٢

نٿُون نِيهُ لڳُوسِ، ڳَري ۽ ڳالهيُون ڪَري
اورِيندي اَرَٿَ سِين، پُنهون يادِ پِئُوسِ
پَهو پَٽِ ڪَرِيوسِ، هُو هَٿُ اوڏاهِين رهيو.

١٣

جُٽُ پِٽِي پهہُ جهنگِ، هاڙهي پُڇُ مَ هوتَ ڪي
سُورُ سُبِيلِي سَسُئِي، لَکَ ٿهين سِين لَنگهہِ
تہ سُپيرِيان جي سَنگِ، مُنڌَ ميڙائو تو ٿِئِي.

١٤

ٽڪِيائِي ٽُرَ تيلِ، چَڙُهہ چُڪيائِي چوٽِيين
هَلَندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، پَوَ مِڙئِي پيلِ
اُتِي رائو ريلِ، وِيڻِينِ تان وارِي وري.

گهائن گهماٽي= زخمن گهاون ڪيس پنوائجڻ واري حالت ۾ آندو. اُسن ۾ آئي= گداز ڪيو، ڳاريو. لوسائي= ساڙي، جلائي. ٧. نہ وري= پوئتي پير نہ واري. ڪارون= منٿون آزيون. ٨. عزرائيل= موت جي فرشتي. دوڙائي= ڊوڙائي. دليل= ويچار. ماڙهو موڪليو= نياپي وارو ماڻهو موڪليو، پيغام موڪليو. ٩. مُنڪر ۽ نڪير= فوتي کان پڇاڻي وارا ملائڪ (سسئي مئي ۽ مَلڪ سندس پڇاڻي لاءِ آيا تہ انهن کان پهريائين اهو پڇائين تہ: ادا! اوهان وٽان ڪو پياري پنهونءَ جو ساٿ لنگهيو!). ١٠. ياجاٽي= پيچڻ جو ڏنڊو ڪنڊڙ، پيچيندڙ. ياناٽي تي پور= وڏي سرت ۽ همت سان هل هلان ڪري واٽ جا پٽر پوري ذرا ڪر. ڪڪور= ڳاڙهو ڪر. لانچي= جانچي، اورانگهي. اپڙ= همت سان اڳتي وڌ. ١١. پيمال= پائمال، لتاڙيل چٿيل، نيست نابود. ڳرهي= ڪنهن کي ٻڌائي. پري= راضي ٿي. پال= وَڙُ، ڀلائي. ڏاهہ= ٻانهي، هيٺي، ضعيف. ١٢. سسئي کي جڏهن پنهون سان عشق ٿيو، تڏهن اٿئي ويٺي پچار پنهونءَ جي هيس. چرخو پيريندي اوچتو پنهونءَ ياد پيس. هٿ وارو پهو تہ پٽ تي ڪري پيس، پر پهي وارو هٿ اُتي ئي متي رهيو (جو پنهون جي سڪ ۾ غلطان ٿي وئي). اهو هٿ جنهن ۾ پهو هوس سو اُتي جو اتي جهلجي ويو، يا ان طرف ٿيو جيڏانهن هوت ويا. ١٣. جُٽ پِٽي= جوٽون پِٽي، سٽرن تي هاءِ هاءِ وارا هٿ هڻي. پهہ جهنگ= جهنگ ۾ گهڙ (پنهونءَ کي ڳولڻ لاءِ). سُبِيلي= سنو راه رفيق. سپيريان جي سنگ= پيارن سڄڻن جي سنگت ۽ ڪچهري ۾ تنهنجو ساڻس ميلو ٿئي. ١٤. ٽڪيائي= ٽڪ واري حالت ۾ بہ. ٽر تيل= اڳتي وڌندي بر بيابان کي پوئتي ٺيلهيندي وڃ. چڪيائي= توڙي جو تون ٽڪي چُڪي پئي آهين، چُڪي چُور ٿي وڃڻ واري حالت ۾ پڻ. چڙهہ چوٽيين= جبلن جي چوٽين تي چڙهہ. پوَ= اڏُڪا، ڊپ، ڊچ. پيل= لتاڙي ڪائي ڇڏ، (اصطلاحي معنيٰ) خطرن کي خيال ۾ ئي نہ آڻ. اُڏڪا پولا پيچي ڇڏ. رائو= ريتي رائي وارو بَر، ريتي رائي وارو پنڌ. ريل= ريلي ڇڏ، پيرن هيٺان ڪدي پورو ڪري ڇڏ (جئن مينهن يا ٻوڏ جو پاڻي ملڪ ريلي ڇڏيندو آهي، سڄو ملڪ ٻوڙي ڇڏيندو آهي).

١٥

ٿَڪُ تہ ٿِيين ٿاءِ، پَهُتِي ڪانہ پَنڌُ ڪَري
سي لالَڻَ هَنيُون لاءِ، منجهان حُجَ هَلَنِ جي.

وائي

هوتَ سي هَلَڻَ هارا، ڪِيئَن ڪَريان آئُون اُن سِين
سُونهَن سُپيرِين جا اڳَڻِ اوتارا
ڪيچِين ڪَرَہَ پَلاڻِيا، مَيا سِي ٽِٽَڙَم مارا
پَسِئو آسَڻَ اُنِ جا، رُئندا نيڻَ ويچارا
ڪوءِ آئَڻُ بَنِ جيڏِيُون، ڪيڻَ سِي ٽِٽَڙَمِ ڪارا
وَجِن جَتَ جَڏِي ڪِئو، جي وِرُونهَڻَ وارا
آهِيان پَتِ پُنهونءَ جِي، ڪُنِرَ ڪَنديَسِ ڪارا
پيرُ مَ چِڏجِ پِرينءَ جو هَيِ هَيِ هٿَ اَسارا
انڊِينِ آهِين آسَرو، مونہِ مُحِبَ موچارا.

داستان ناٸون

١

وِيهُ مَ وِساري، پُڇا ڪَرِ مَ پَنڌَ جي
نِرمَلُ نِهاري، هَلَندِينِ تان نہ هَٿِ ڪِئو.

٢

اَوَجهَڙِ اَسُونهَنِ، ڏِيهُ گهٽُوئِي ڏورِئو
سَڳَرِ رِءَ سُونهَنِ، پَهُتِي ڪانہ پَنڌُ ڪَري.

٣

واءُ! وِڄاءِ مَ سو، پُنِي‍ءَ جِنہ پَنڌُ ڪَريان
چِنا چِپَرَ! پِرِينءَ جو پيرُ پَرِنيان تو
بَر بورائو جو، سو لَڳِي متان لَٽِيِين.

٤

واءُ وِڄائِمِ ڪالَ، پُنِيءَ جِنہ پَنڌُ ڪَريان
وَڃڻُ مُون وانٽي پِئو، هوٿَنِ ڪارَڻِ حالَ
جَبَلُ ڏورِيان جالَ، ڪارَڻِ پيرُ پُنهونءَ جي.

٥

ڪُهجُ مَ، اُجها ڪيهَ، گَردَ پَسُ گُنگَن جِي
ڏِڪِي منجهان ڏِيهَ، نِڪِرُ ناهِ ڪُلهِي ڪَري.

٦

ڏُورِ مَ تون ڏُورِيڄ، صَبُرَ ڪَرِ مَ سَسُئِي
پُرَڻُ چَڏِ پيرَنِ سِين، وِهَڻُ وِساريڄ
سُڌَنِ جا سَيدُ چَئِي لاڳاپا لاهيڄ
هِنيين ساڻُ هَليڄ، پَنڌُ پاسي پِرِ نِبَري.

٧

وِڪَ تِنہِ ويجهي ڪِي جا ڪُهِي ڪَنيائين
چِڪِي چِنائِين، پَنڌُ مِڙُوئِي پَبَ جو.

١٥. ٽڪ= ساٿي تي، پنهنجي طاقت ختم ڪر. ٿئين ٿاءِ= ڪنهن جاءِ تي، ڪنهن ماڳ منزل رسين. هنيون ’لاءِ‘= ’لا‘ ۾ هنيون، نابود ڪيون. منجهان حج هلن جي= جيڪي حج منجهان هلن، حجت ڪري ٿيون هلن، ويجهائپ ۽ سڃاڻپ پهچين پروسو رکي هلن. وائي. هلڻ هارا= هلڻ وارا، رواني ٿيڻ لاءِ تيار. اڳڻ اوتارا= اڳڻ تي آستانا، ٽاڪ، رهايشون، رهاڻيون، ڪچهريون. ڪره= ڪرها، اٺ. ميا= متارا مضبوط زورآور اٺ. ٽٽڙم مارا= مونکي مارينڊڙ ٿيا. ڪيڻ= ڪاڏا. طعام. ڪارا= گهٽي لوڻ وارا، اڻ وڻندڙ. جڏي ڪيو= معذور ڪيو، لاچار بيمار ڪيو. جي= (اهي جت) وروهڻ وارا= پيار پريون ڳالهيون ڪري تسلي ڏيڻ وارا. پت= لڄ پت، ننگ. ڪنر ڪنديس ڪارا= ڪَنن ۾ ڪارا والا وجهنديس. ٢. ڪُن ۾ رگيل ڪارا ڪپڙا، نِير بدل ڪپڙا پائينديس. هٿ اسارا= اي ضدي ويسرا تن من. د-٩: ٢. اوجهڙ= اوجهڙ ۾، ڏڪيءَ واٽ ۾. اسونهن= جيڪي سونهيون نہ هيون. سڳر= ساٿ واري رستي ۾، ساٿ ڪي. ري سونهن= سونهن ڪان سواءِ. ٣. واءُ= اي واءُ، اي هوا. چِنا چپر= خوشبوءِ دار جبل. پرنيان تو= توکي ٿي سونپيان. بورائو= سونهون. بر بورائو= بر بياباں جو سونهون. سو لڳي متان لٽين= اي واءُ! تون لڳي اهو متان لٽي ڇڏيين. ٤. واءُ وڄايم ڪال= ڪالهہ واءُ پنهونءَ جي قافلي جو پير مونکي وڃائي ڏنو. وانٽي پئو= ڀاڱي پئو، منهنجي نصيب ۾ لکيو. جال= سڄو سربستو، گهڻو. ٥. ڪُهج مَ= ٽڪي ساٿي نہ ٿج. ڪيهہ= ڌَز (جيڪا آڏو اڏامندي پئي نظر اچي). گرد= مٽي. گنگن جي= اُٺن جي. ناهہ= نيَستي، نابود. ناهہ ڪلهي ڪري= پاڻ تي نيستي وارو بار وجهي، پاڻ ماري. ٦. سڌن جا= سُڌين جا (سُڌيو جمع سُڌيا= خبرون ڏيندڙ)، سڌ ۽ چاڻ جي دعويٰ ڪندڙن جا. نبري= پورو ٿئي. ٧. ڪُهي ڪنيائين= ڪُهجي ڪنيائين، ٽڪجي ڪنيائين. چِڪي= پنڌ ڪي چڪي، پنڌ ڪي ڪاٽي.

٨

سئو ڪوهَن سَيَڪا ڪَري، تون کُهي ڪَڇُ وِڪَ
تاڻِ مَ مَنجهان تِڪَ، پَنڌُ پاسي پَرِ نِبَري.

٩

ڏُهلا مون ڏِينهَ ٿِئا، پيِيَمِ جامَ جَيُون
پَسِئو پَنڌُ پَهاڙَ جو ٿِئي رُوحُ رَيُون
لُڇِئو تِيان لَطِيفُ چَئِي ڪارَڻِ دوست ڏَيُون
پانيان لَڳَ لِيُون، جي سُورَ پِريان جا ساڻُ مون.

١٠

هيڪَلِيائِي هاڻِ، پُورِينديَسِ پُنهونءَ ڏي
ليڙَنِ سِين لَطِيفُ چَئِي پُنديَسِ پَنڌِ پَرِياڻِ
رُلِي ڇُلِي ڇِپَرِين ڪِنهِ پَرِ لاهِيان ڪاڻِ
ڪَنديَسِ ڪوهِيارَلَ سِين رائي منجهہ رِهاڻِ
آهِيان گَهٽو اَجاڻِ، پَرِ سُور پِريان جا ساڻُ مون.

١١

پُورِينديَسِ پُنهونءَ ڏي، هيڪَلِيائِي هيلَ
آڏا لَڳَ لَطِيفُ چَئِي سُورِيُون سُڄَنِ سيلَ
نَہ ڪَرَ بِيلِينِ بيلَ، جي سُورَ پِريان جا ساڻُ مون.

١٢

دوستُ ڏِنائِين دِلِ سِين وِرچِي تان نَہ وِهي
لانچِئو لَڳَ لَطِيفُ چَئِي پَهٽَنِ مَنجهہ پِهي
سَندي نِيهَ نِهي، ڪِي سَرفرازِ سَسُئِي.

١٣

آيَسِ ڪِينِ اوڏِي، وَٽا وايُون مَ ڪريو
سا مُنڌَ جِينديِ ڪيتِرو لَڳَنِ جا لوڏِي
ڪوهياري ڪوڏِي، ڇُلِي پيٽِي ڇِپَرِين.

وائي-١

وَڃي وَڃي ٿِينديَسِ ويجهِي،
پَسڻَ ڪارَڻِ پِرِينءَ جي
آڏا ڏُونگرَ لَڪِيُون، موتِڃُ مُحبُ مجيجي
آءٌ هَلنِدِي هوتَ ڏي، چَڏي راهَہ رَواجي
نُرُ گهُرجِي نِيهَ جو، آهيان آءٌ اَريجي
پُچان تِي پَنهارَ تو، آهِيان ٻَيڙَ ٻي جي
ڪَرَها ڪيچَ ڏَٽِينِ جا، جوڙي مَنجهِہ جَماڄِي
وينديِسِ تِهين وَرَ ڏي آهيان جوءِ جَنهين جِي.

وائي-٢

ادا ڙي ڏوتِي، آءٌ پُڇان تو ٿِي
ڪيچَ رَسَنديَسِ ڪِيئَن
ڪو ڏَسُ مُون نہ ڏِينءَ!
نہ آءٌ سَمِي نہ سُومِرِي، نہ آءٌ جَتِ نہ اوٺِي
آءٌ اُنِي مان آهِيان، جي بانيَڻَ پَڙهَنِ پوٿِي
پَرِيتَ ٿِينديَسِ، پِرِين پُڇنديَسِ، پَچاڙِينديَسِ پوتِي
سَنجهي ساٿُ سِڌارِئو، پُنهون پُچان پو ٿِي

٨. کُهي= اي کهي، اي پنڌ ۾ ٽڪل. کهي ڪٽج وڪ، ٽڪجي ڪٽج وڪ، ٽڪجي چور ٿين تہ بہ هڪ وڪ اڳتي وڌائج. تاڻ مَ= ڇڪ مَ (پنڌ کي). منجهان تڪ= ٽِڪائي مان، تيزيءَ سان. نبري= پورو ٿئي. ٩. ڏُهلا= ڏکيا. جام= اي پنهون جام. جَيُون= سنهڙا جيت جيڪي وارن يا چمڙي ۾ چُهٽن. ريون= سنهڙا ذرا ذرا. ديون= ذرڙا پرزڙا. ليون= لاهيون: لئي جا چونڙا وڻ. ١٠. پورينديس= هلنديس. پُنديس= پَوَنديس. پرياڻ= اهڃاڻ، رٽ، ارادو، پهہ، خيال. پنڌ پرياڻ= پنڌ واري پهہ ۽ ارادي ۾. ڪوهيارل= جَبل وارو سڄڻ (پنهون). ١١. هيل= هير، هينئر، هاڻي جو هاڻي. سوريون سڄن سيل= سورين جي ڀالن مثل آڏو پاهٽن جون چوٽيون ۽ چنهبون پيون ڏسجن. بيلين بيل= بيلين ساڻين سان گڏ. ١٢. ورچي= ٽڪجي. لانچئو= اورانگهيو. پهٽن منجهہ پهي= ٽڪرن منجهہ گهڙي. نهو= بُڻ بنياد. سندي نيه نهي= نيه جي بڻ سان، عشق واري ناتي. ڪي سرفراز= سرفراز ڪئي، ڪامياب ڪئي. ١٣. آيس ڪين اوڏي= آءٌ اچي ڪجهہ ويجهي ٿي آهيان. وَٽا وايون م ڪَرئو= اي وڻ اوهين (هوا ۾ هيبت وارا) آواز نہ ڪريو. ڪوهياري ڪوڏي= جا ڪوهياري سان ملڻ واري عشق ۾ آهي. ڇلي= وڏي جوش جذبي سان، وڏي لاڏ ڪوڏ سان. پيٽي= گهڙي. وائي- ١. مجيجي= حال محرم، حال ڪان واقف. نُر= آلاڻ، ريج. اَرو= جتي وهندڙ پاڻي نہ پهچي. پَنهار= پنهوار. ٻيڙ=°زال. جماجي= جمازي، پنڌ ۾ تِڪا هلندڙ. جوڙي منجهہ= جوڙو جوڙو ٿي هلندڙ. وائي -٢. ڏوتي= ڏُٽ چوندبندڙ. پچاڙينديس پوتي= پوتي يا ڪپڙو ڦرهي تي سٽينديس (ڪپڙا ڌئنديس). سڌارئو= روانو ٿيو.

سَنجهي وِئڙو سُپرِين، ساجَنُ پُڇان سو ٿي
رويو چِٽان رِڃُنِ ۾، هَي هَي هَڏَ ڪو ٿِي
هَلِج هوتَ پُنهونءَ ڏي، منجها نيهَ نِڪوٽي
آئڻَ وِجهي آگِ ۾، مَنجهان جوئِنِ جو ٿِي.

داستان ڏهون

١

آءُ اوراهُون سُپرين، وَڃ مَ اڳاهُون
ٿڪِي ڪٽي ٿَرِنِ ۾، ٻاڪارئو ٻانهُون
دَردَ جِيُون دانهُون، مُون مارِينديُون موٽَ تون.

٢

آءُ اوراهُون سُپرِين، ڏُکِيءَ ڏيجُ مَ ڏاگهه
وَتِ چَڏي مُون واگهه، آري وِئين عِشقَ جو.

٣

جيڏيُون جي مان وِسَهو، ڪينَ سُهيلِي سُکُ
بَرُ بورائو تَن ڪي، ڏُونگرُ جَني ڏُکُ
آرِيءَ جو اُهُکُ، رَهنُما راهَ ٿِئو.

٤

اُجهي مُنڌَ اوِيرَ. اَٿِئي پَهَرَ آٿَ ۾
وِئُس ويرِيپو ڪَري ڏُونگرِ چَڏي ڏيرَ
لَڙيي سِجَ لَطِيفُ چَئي پَبِ نِهاري پيرَ
ڪَهِي جا ڪُويرَ، سا هادِي ميڙِئين هوتَ ڪي.

٥

جي پانئين پِرينءَ مِڙان، تان پاندُ گِچِيءَ پائيج
ڪوهَ ۾ ڪِج ڪي ڪيرَتُون، لَکَنِ لِيلائيج
حُجَ مَ هَلائيج، تہ ٿَڪيائِي ڪِنه ٿاءِ ٿِئين.

وائي-١

پَلکَ نہ رَهي دِلِ تو رِي،

وَرُ ميان صاحبَ خانَ بَلوچا

اَٿَ چاريندِيسِ اُنِ جا، مَٿان ٿَڪَرَ توري
ڏِينديِسِ ماهُ مِرُوئَنِ ڪي، ڪُلهَنِ تان ڪوري
ڪانگَ ڪِيئمَ ڪيچَ جا، ماسُ چُنجُنِ سان چوري
چِلِي پَهنديِسِ چِپَرِين، جَبَلُ وِجهنِديِسِ جهوري
ڏُکَ لاهِينديِسِ ڏِيلَ جا ساڻُ عَجِيبَنِ اوري
پهُچايو پَرِيتِ ڪي، ٿَڪلِ ڪي ڪِنهِ توري
آرياڻِي عَبدُاللطِيفُ چَئي، سارَ لَهندَمِ سوري.

وائي-٢

توکي ڪِهڙي آندو سانگَ،

ٻاروچا پَنهِوار ۾

مَڇُڻِ ڪا ويجهي وجي، نِيهُ نسوروئِي نانگُ
توڏِنِ ڪِينَ توارِئو، وِئا چُپُ چُپاتِي چانگَ
چَئو ڪِين مِلندِيَسِ سَڄَڻين، لَٺُ ڪِيانڊَل ڪانگَ
اَدِيُون عَبدُاللطِيفُ چَئي، آندِي عِشقَ اٽانگَ.

چٽان= چوان. ڪوٽي= ڪوه ٿي، اهڙي حالت ڪيئن ٿي! نِڪوٽي= نگوڙي، چَري، پوري. منجهان جوئن جوءِ ٿي= وڏين همت وارين جوين مان تون بہ هڪ همت واري جوءِ ٿيءُ. د-١٠. ١. ٻاڪارئو= وڏا سڏ ڪريو، دانهون ڪريو. ٢. ڏاگهہَ= ڪائين جو وڏو ڏِڳ جنهن تي سَتِي عورت سندس مڙس جي مرڻ کان پوءِ چڙهي پاڻ ساڙي. آڳ، باهہ (وڇوڙي ۽ فراق جي). واگهہ= واگهہ شينهن (عشق وارو). ٣. جي مان وِسهو= جيڪڏهن مون تي اعتبار ڪريو. سهيلي= سٺا هيلي، چڱا رفيق. ڪين سهيلي سک= سک بہ ڪي چڱا رفيق ناهن. بورائو= سونهون. بر بورائو تن ڪي= بيابان پاڻ انهن لاءِ سونهون آهي. ڏونگرُ جني ڏکُ= جن جو ڏک ڏونگر آهي، جن جو ڏک ڏونگر جيڏو آهي. اهُکُ= اوکُ، اهنج، ڏک، درد. رهنما. راه ٿئو= آري (پنهون جي وڇوڙي ڏيڻ) وارو اهنج پاڻ راه جو رهنما (سونهون) ٿئو. ٤. اُجهي= هيڏانهن هوڏانهن هلي ۽ نهاري. اوير= ديرائتي. آٿ= اواٽ، اوجهڙ. ويريپو= دشمني. لڙيي سج= سج جي لڙي وڃڻ کان پوءِ، گهٽي وقت وڃائڻ کان پوءِ. ڪَهِي= هَلي، پند پَئِي. ڪوير= ڏکيي وقت ۾، اٽانگي وقت ۾. ٥. مڙان= ملان. پاند گِچيءَ پائيج= (عام معروف ۽ مقبول رسم مطابق) گندي گِچي ۾ وجهي بخشائيج. ڪيرتون= سڄڻ جي ساراه واريون صدائون. حج= حجت، ويجهائپ جي آدار تي ڪجهہ پاڻ مرادو ڪرڻ. ٿڪيائي= ٿڪل هوندي. ٿاءِ= ماڳ، منزل. وائي -٢. سانگ= ماڳ مٽائڻ (مالدار سانگين جو گاهہ جي سانگي هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ وڃڻ). نسورو= بالڪل، هوبهو. چانگ= چانگا. چَئہ ڪين= ڪجهہ تہ چئو (۽ واڌائي ڏي). عشق اٽانگ= اٽانگي عشق، ڏکن واري ڏکيي نيهہ.

وائي-٣

اڇي لاٽَڻَ لَٽِ لو،
مُئيءَ جو لوڙهُه لَکَنِ ۾

سرُ پريان تان صَدَقو، سِسِي تِٽڙي سَٽِ لو
هوتَ ڪَٿوريءَ هيرَئُون، مُون ۾ صابُڻَ چَٽَ لو
اَديُون عَبدُاللطِيفُ چَئي، گَهٽو مُون ۾ گَهٽِ لو.

داستان يارهون

١

ڪَنُ تِيءُ ڪيچِينِ ڪُڇِئو، ڪُڇُ مَ، تا ڪُڇَنِ
اِشارَتُون اُن جيون سُڪُوتان سُجَنِ
وَٽان ويهِي ٽَنِ، سُڻُ تہ سَوزُ پرائِيين.

٢

ڪَنُ تِيءُ ڪيچِينِ ڪُڇِئو، ڪُڇُ مَ، ڪُڇِيائُون
رَهِي نہ رَتِيءَ جيتَرِي اُنِي وَٽِ آئُون
وَڏي وِڏائُون، هُو جو وَڻُ هُئَڻَ جو.

٣

ٻَڌُ تہ ٻِيائِي لَهِي، 'آئُون' اِتِ نہ آهِ
ڪُڇَڻُ ڪَڍِي لاهِ، ڪَنُ تِيءُ ڪيچِينِ ڪُڇِئو.

٤

سَڏَ مَ ڪَرَ سَڏَنِ رِي، هَلَڻَ رِي مَ هَلُ
جَلَڻَ رِي مَ جَلُ، رُئَڻَ رِي مَتان رُئِين.

٥

اَڪِيُون لَٽَ اوٽارِيُون، ڪِنهِ پَرِ ڪَڙِيان پيرُ
لَٽِ لائِيندو ڪيرُ، مون جيهِيءَ مَعذُورِ ڪِي.

٦

اَڪِيُون آرِيءَ ڄامَ جِيُون، اَنڌِيءَ سِين آهِنِ
هُوءِ جي وَٽَ وِندُر جا، سي مُون سُنهائِينِ
ڏِسئو ڏيکارِينِ، پيشانِي پُنهونءَ جي.

٧

اَگُڻِ آرِيءَ ڄامَ جي ڪَنارو ۽ ڪوس
دِيَتَ آهي دوسُ، مارَڳَ ۾ مُيَنِ جي.

٨

لَڳندي لَڪَنِ سِينِ، آءٌ جي مَران ايئن
ماءُ مُنهنجي نِينهَ، تہ ڪَرَ لاٽُون لَڌِيُون.

٩

سَنڌِيُون سُورَ ڪَرِينِ، هنيُون ڏُکي هوتَ ڪي
پرِينِ جي پاڻَ ڏِنا سي سُتي سُکَ نہ ڏِينِ
جي ماڙهن کي مارِينِ، آءٌ تَنِ سُورَنِ کي سَڏَ ڪريان.

١٠

صَداَ وِڏِيَمِ سُورَ جِي، اَڳيان ڪوهِياري
جو نَجَسُ نِڪاري، سو پُنهون وِجهو پانڌَ ۾.

وائي-٣. لوڙهہ= جنازو، مُئل بُت. سَٽ= داءَ ۾ هنيل، قربان. د-١١: ١. ڪَنُ تي= ڪن تي پَئُہ، پوريءَ طرح ڪن ڏيئي ٻڌ. ڪِيچين ڪچِئو= ڪيچين ڪجهہ چيو (جيڪي تا چون سو ٻڌ). ڪچ مَ= تون نہ ڪچ، تون مَ چئو. تا ڪچن= هو تا ڪجهہ چون (سو ٻڌ). اشارتون= اشارن ۾ ڏنل اهڃاڻ، اشارا. سُڪُوتان= سُڪوت مان، ماٺ مان. سجن= سمجهہ ۾ اچن، سمجهي سگهجن. سوز پرائيين= توکي درد لڳي. ٢. ڪچيائون= ڪي چيائون. آئون= اَنانِيَت، پاڻپڻو. هئڻ= هستي. ٣. ٻيائي= دوئي. ٥. "اوٽاريون"= لَٽ جا اوٽارَ چڙهي ويا. 'اوراٽيون'، اورهاٽيون، يعني ڍڪيون، پُوري ڇڏيون. 'لَٽِ لائيندو'= اکين کان سواءِ مون انڌي کي ڪير لٽ مان وٺي هلائيندو، اصطلاحي معنيٰ تہ ڪير واٽ ڏيکاريندو. ٦. سنهائين= سونهائين، مونکي سونهون ڪن. آري ڄام جون اکيون جڏهن مون سان آهن، ۽ مونکي وندر جي وٽن (يا ورن) ڏانهن سونهون ٿيون ڪن. ٧. اگڻ آريءَ ڄام جي= آري ڄام پنهون سسئي جو محبوب آهي، ۽ محبوب وٽ عاشق لاءِ هميشه ڪنارو ۽ ڪوس آهي. راه (مارڳ) ۾ جيڪي مرن ٿيون، تن جي خون بها (ديت) خود پاڻ دوست ئي آهي (جنهن جي ڳولا ۾ موت واقع ٿئي ٿو). ٨. لڳندي= لڪن سين اٽڙندي، سامهون ٿيندي، لڪن مان لنگهندي. نينه= عشق. لاٽون لڌيون= شادي ڪئي؛ منهنجو نينه جڏهن نئون گهوٽ ٿيو. ٩. سنڌيون= سنڌن واريون جايون، ننڍا وڏا سنڌ. ماڙهن کي= ماڻهن کي. ١٠. صدا= عاجزن وارو سڏ، سوال، عرض. نجس= نجاست، ناپاڪائي، ناپاڪ شيءِ، گندگي. نکاري= نکاڙي، جدا ڪري، ڪڍي پري ڪري، ڌوئي صاف ڪري.

۱۱

مُنڍَ نہ منجهان ٿِنِ، پَسِي لَڳَ لُڏَنِ جي
جا پَرِ ڪاهوڙِيَنِ، سا پَرِ سِڪِي سَسُئِيءَ.

۱۲

سَسُئِيءَ ڪي سَڌُ ٿِئو، آسان اولاٽُو
پَنڌُ نہ پِڇاڻُو، اَڻَ ڪوٺي ڪانہ گهڙي.

۱۳

پَسو پَرائِنِ، سُورَنِ آڏِي سَسُئِي
پَرايا پَنهنجَنِ، وِجهَنِ ويچاريءَ تي.

وائي-۱

دَردَ مُنهنجي جا دارُون،
موٽُ سَبَاجها سُپِرين!
مُون لڳيُون، مُون وِسهو، مَحبت سَندِيُون مارُون
مائِٽِيئان مون سين گهٽا، ڪُسَنَ ڪِئا ڪارُون
سُڳَنِ مُون سين ڪِين ڪِئو، سُورَنِ لَڏِيَمِ سارُون
جَڙِيُون آهن جِيءَ ۾، تُنهنجِيُون پِي پَچارُون
چُرَنِ چُٽڪَنِ چِٽَ ۾، جِئَن سي گهَنڊِيءَ لارُون
پَسان شالَ پَرِ ڪَنهين جانِبَ جون جهَلَڪارُون.

وائي-۲

ڳالِهيُون هوتَ ٻاروچي ساڻُ، وو!
مُنهنجي جِيءَ جُون جيڏِيُون
چَلِي پيئَيسِ چِپَرين، سَڱَ تُنهينجي ساڻُ
چَڙهِي ڏاڍِين ڏُونگرين، پُرزا ڪَنديَسِ پاڻُ
رُلِي چَلِي چِپَرين جامَ وِڃايُمِ جاڻُ
هَتان هَڏِ نہ چَڏِيان سَندو نِيهَ نِڌاڻُ
نَصِيبُ ڪَرِ نَسُئِيءَ ڪي، پُنهون اُٺَ وَٺاڻُ.

❖

۱۱. منڌ= هيءَ عورت. لڏن= هبڪن، لرزن، ڏڪن. ڪاهوڙين= ڪاهوڙين جي، سخت محنت ۽ پورهيي وارن جي. ۱۲. سڌ ٿئو= سڪ جو سڌ ٿئو، پنهنجي پرينءَ پنيان هلڻ جو سڌ ٿيو. اسان اولاٽو= اسان لاءِ اهڙو ڏکيو سڌ، اوراٽو، روج رنج. پڇاڻو= پيءِ ماءِ وارو، مائٽرن ڏي هلڻ وارو، هيج ۽ خوشيءَ وارو. ۱۳. پسو= ڏسو. پرائن سورن آڏي سسئي= ڏسو سسئي پرائن سورن کي سامهون ٿئي ٿي، انهن جو مقابلو ڪري ٿي. وجهن ويچاريءَ تي= سسئي ويچاريءَ تي وجهن. وائي-۱. دارون= دوا، علاج. مون وسهو= مون تي اعتبار ڪريو. ڪُسَن= ڪ+سن= منهنجا سَنَ ۽ هر عمر جيڪي چڱا ساٿي نہ هئا، 'سَن' نہ هئا پر ڪُسَنَ' هئا. ڪارون= ٿورا، وَڙ، ڀال. ڪئا گهٽا ڪارون- گهٽا ٿورا ڪيا، وڏا وڙ ڪيا، وڏا ڀال ڀَلايا. سارون= سنڀالون. جڙيون= جڙ لڳل، پوتل. پچارون= ڳالهيون، يادگيريون، سنڀارون. چُرن چٽڪن- لُڏن لڳن، وڃن چُڀن. گهنڊيءَ لارون= چڙيءَ جون لارون. (چڙي جي ڪوپي اندر ہ لوهيون سنهڙيون سيخون جيڪي لُڏن ۽ ڪوپي کي لڳن تہ وڃن). جهلڪارون= حسن جون تجليون. وائي- ۲. نڌاڻ= ڇيهہ، آخري حد. نسئي= جيڪا نہ سُئي، جڻ هُئي ڪانہ (سسئي پاڻ کي 'نہ سُئي' ٿي چوي. اُٺ وٺاڻ= پنهنجي اُٺ جو وٺاڻ (جتي هو مرڻ کان پوءِ پورجي).

سُر معذور

سسئيءَ جو پياري پنهون پٺيان هلڻ، ڪشالا ڪرڻ ۽ سُور سختيون سهڻ، تان جو موت کي منهن ڏيڻ ۽ للڪارڻ بلڪ شهه ڏيڻ وارا نازڪ اشارا، ۽ سسئيءَ جي پاڻهي پاڻ سان ورونهه واريون نازڪ نفسياتي ڪيفيتون، هن سُر ۾ سمايل فڪر جا ڪي اهم اهڃاڻ آهن.

داستان پهريون

١

هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، کُهجَنِ ڪي ڪوتِيُون
پَهڻُ ٿَنِي پَٽُ ٿيي جي لالَڻَ لَئِي لوئِيُون
سَيي سُهيليُون سِڪ کي چُنجُون ۽ چوٽِيُون
ٻانيَنَ تِيءَ ٻوٽِيُون، تہ ڪُتا ڪِينَ ئِي ڪيچَ جا.

٢

ڪُتا ڪِينَ ئِي ڪيچَ جا، سَندا جي پُنُونهَ
اکِهين هُوندَ اُسُونهَ، جي جانارَنِ يادُ پُئين.

٣

ٿَنِ پِيئِي جانارَنِ يادِ، جي پارِيَلَ پُنهونءَ ڄامَ جا
سَندِي لالَڻَ لاڏِ، مُيان پوءِ مُندَ تِي.

٤

سَسُئِي پُڄَنِ سي، جي پارِيَلَ پُنهونءَ ڄامَ جا
وَڏِيو وينِي ڏي، ڪايا ڪيچَ ڪُتَنِ کي.

٥

ڏَڪا ڏُونگَرَ جا مِرُو، مَرُ تا مُون تي ڪَنِ
پُوندا ڪِينَ پَريٺَ تي، جِنهه جا سَڌَرَ سيڻَ سُڄَنِ
سَڱائِيءَ جي سَيدُ چَئي، آهي سُڌِ سَينِ
هُوءِ نہ هُوندَ ٿَرَنِ، پَرَ قَرابَتَ ڪَمُ ڪِئو.

٦

سَڌَرَ سِينِ سَڱُ ڪَري پَرڪَندِين پِيياس
ڪيرَ ٻَرهَمڻِ، ڪَنِ جِي، ڪيرُ ڄاٽِي ڪيٽاسِ
هُوندَ نہ سِندَ سُيَاسِ، پَرَ پُرِيِين ڪييسِ پَڌَرِي.

٧

مُون تان ڪِينَ چِيونِ، ڪُڄاڙِئان ڪيچِ وِئا
پُرِي پَبُ نہ جهَلِئا، هاڙهي ڪِين اُتونِ
سَبَرُ ساٿُ سَندونِ، وِئا لَتاڙِي لَڪِيُون.

٨

جِهَڙا ڪَڪَرَ اَبِ ۾، تِهَڙِي ڏُونگَرَ ڏِيٺِ

د-١: ١. کُهجن= ٽڪجي پون. ڪوٽيون= نِيَتَ جون ڪوٽيون، محبت ۾ ناقص. پَهڻ پاهڻ، پهاڙ، جبل. لوئيون= فراق ۾ سڙيل، جلي ويل. سُهيليون= سولِيون، آسان. چنجون= چنهنباريون چوٽيون. ڪِين ئي= ڪائن ئي. ٢. اکِهين هوند اسونه= هڪ تہ اکِهين تون اسونهين آهين. جي جانارن ياد پُئين= ٻيو جي تون جهنگ جي جانورن جي مُنهن چڙهين. ٣. سندي لالڻ لاڏ- الخ= مُيان پوءِ مُنڍ لالڻ سندي لاڏ تي= مُئي کان پوءِ بہ پنهونءَ کي ڏنائين، مُئي کان پوءِ بہ پنهون ڪيس سنڀاليو. سندي لالڻ لاڏ= لالڻ (پنهون) سار لڌي ڪيس سنڀاليو. ٤. سسئي پڄن= سسئيءَ جو پڄن. جي پاريل پنهون ڄام جا= جيڪي ڪتا پنهون ڄام جا پاليل آهن. ڪايا= پنهنجو جسم، پنهنجا عضوا، پنهنجي جند جان. ٥. ڏڪا= اُلرون، حملا. پوندا ڪين= مٿان پوندا ڪين، حملو ڪري ڏاڙهيندا ڪين. پريٺ= پرٽ، سسئي. سڌر سيڻ= وڏي همت وارا عزيز قريب. سڄن= سُڄهن، مشهور آهن. سڱائي= ويجهي مائٽي. هوءِ= جبل جا مرون. قرابت= پنهونءَ سان قريبي نسبت. ٦. سڌرسين سڱ ڪري= ڏاڍي سين پَرٽو ڪري. پرڪندين پيياس= پَرِيُونءَ ۾ منهنجو پير پيو، ڏوراهين پيٽين ۾ آءٌ هليس. ڪير ڄاٽي ڪيٽاس= ڪيس ڪير ڄاٽي سڃاٽي. سند= ساري سنڌ ۾ پُريين= پيڙهيين. ڪيس پڌري= مون کي پڌرو ڪيو. (آءٌ انهي ڪري پڌري ٿيس جو منهنجيون پيڙهيون نڪتيون تہ برهمڻ آهي، ڏوٻياڻي آهي. انهيءَ ڪري مونکي گهٽ ذات ڄاٽي ڏير چڙي وئا: هو چڙي وئا تڏهن آءٌ مشهور ٿيس.) ٧. ڪين چيون= مون ساٿن کو اڄايو ڳالهاءُ نہ ڳالهايو، مون ساٿن کو ڪارو ويڻ نہ ڪيو. پب نہ جهلئا= پب جبل بہ اڳتي وڏي آڏو ٿي ڪين نہ روڪيو. اتون= چيونِ. سبر= زوراور. لڪيون= لڪَ. ٨. تهڙي ڏونگر ڏيٺ= تهڙي جبل جي سِنّاءِ ۽ بيهڪ (جبل بہ ڪڪرن جيڏا ۽ جهڙا).

آڻون ٺهين هيٺِ، پيرُ نِهاريان پرينءَ جو.

٩

انگهَن چاڙهي اَنگَ، وِئو باروچو ٻِکَري
روئِي ڏنو رَنگُ، ويچارِيءَ وَٽِن کي.

١٠

اَڳهِن اَنگُ سَندونِ، وَهِي جيڏاهِين وِئو
کِهڙو ڏوهُ ڏِبونِ، سو مُنهُ آيو ساٿِيين.

وائي

خُوبي مَنجهِ خِفتَ، اي دوست دِقتَ
آهي عَبدُاللطيفَ کي
مَدحَ مُون کان نہ ٿِئي، سَندي سُورَ صِفتَ
هِجي کَريان هيجَ سِين، مُطالعُ مَحبَتَ
حُزنُ هوتَ پُنهونءَ جو رُڳيائِي راحَتَ
پريان جي پِستانَ جو فاقوئِي فَرحَتَ.

داستان ٻيو

١

ڏُکِيءَ ڏَمَرُ نانهِ، بُکِيءَ کِلَ نہ اُجِهي
اَگهاڙِيءَ وِهانهُ، وِئو ويچارِيءَ وِسَري.

٢

ڏُکيءَ ڏورَڻُ پاڻُ تي ويچارِيءَ وِڌو
ڏيل تنهِ جو ڏُکَ سِين سَيوئِي سِڌو
هُٺڙِس اَڳُ لِڌو، پوءِ ٽِي کَري پَنڌڙا.

٣

ڏُکي ٽِي ڏُڏورَ، لَهِسِي لاءِ پُنهونَ جي
ڏيئِي آڳِ اَتورَ، سَي نہ کاٽِي سَسُئِي.

٤

ڏُکِيءَ ڏِينهاٽِي، مُنِيءَ مَتِي هَٽڙا
تِنه پَرِ نہ کاٽِي، جِنهِ پَرِ پَسي پرينءَ کي.

٥

ڏُکِي ڏِکَ وِسارِ، سيجَ ڦِٽِي کَر سَسُئِي
پَٽِيين پيرُ نِهارِ، تہ آرياڻِي اُتان لَهِين.

٦

ڏُکي! ڏُکَ مَتِي کَري، وانءُ چَپَر پيهِي
گَڏبَٽِي ڏيهِي، سُوڏيُون ڏِينڌءِ خَبرُون.

ٺهين هيٺ= جبلن جي ڪنڌيءَ هيٺان. ٩. انگهن= ٽڪين چوٽين چنهبن تي، نيزن ڀالن جي چوٽين تي. انگ= عضوا، جسم. روئي ڏنو رنگ= رت جا ڳوڙها ڳاڙي رنگ ڏنو. ١٠. انگ سندون= سندن (ڏيرن جو) لکيو، سندن ٻاري ۾ اصل جي لکيي ۾ جيئن قلم وهي وئو. سو منهن= اهو رخ ورتائون جيڪو سندن لکيي ۾ هو، ائين ڪيائون جيئن سندن ٻاري ۾ لکيل هو. وائي. خوبي= سهڻائي، سُک، سهنجائي. خفت= خفگي، تڪليف. منجهہ دقت= بيماري ۾، اُهک ۾، آزار ۾. دوست دقت= اي دوست! عبداللطيف کي خفت ۽ دقت ۾ راحت آهي. مدح= تعريف. سندي سور صفت= سور جي صفت، ڏک ۽ سور جي ساراهہ. هجي کريان= اکر اکر ڪري پڙهان، زير زبر سان پڙهان. هيج سان= وڏي چاهہ سان. مطالع محبت= محبت جي ورق جو مطالعو. حُزن= ڏک. رڳيائي راحت= هوت پنهونءَ جو درد مون لاءِ سراسر راحت آهي. پريان جي پستان= محبوب جي پستان. فاقوئي= فاقه+ئي= بک ئي. فاقوئي فرحت= بک ئي فرحت آهي. د-٢: ١. ڏکيءَ ڏمر نانه= ڏکيءَ کي کهڙو ڏمر! بکيءَ کل نہ اجهي= بکي کٽان کلندي!! ويچاري اگهاڙي وهان (وارو ويس) ئي وساري ڇڏيو! ٢. ڏورڻ= ڳولا ڪرڻ وارو ڪشالو ڪرڻ، وڏا پنڌ ڪرڻ، پڇائون ڪرڻ. ڏيل= جسم، حواس ۽ سوچ ويچار. سڌو= پڇي پورو ٿي بيٺو. اڳ لڌو= اڳ لکيو. ٣. ڏڏور= ڏڏرجي سڙي، ڪچي پڪي ٿي جَلي، اڌ سڙي. اتور= (سسئي جي صفت) تور کان ٻاهر، وڏي وزن واري، بي بها. کاٽي= سڄي نہ سڙي (مُئي)، اڌ سڙي (سورن ۽ ايذائن لاءِ). ٤. مُنيءَ= مٺيءَ کي. متي هٽڙا= متي تي هٽڙا (متو هٽن ۾ جهلي پئي سور سهي). نہ کاٽي= نہ سڙي. ٥. ڏِک= شاديءَ وارو سک ۽ خوشي. پَٽي (جمع) پٽيون= کن ٻن ماڳن جي وچ ۾ وڏي ڊگهي ٽڪائيندڙ پنڌ واري سڌي زمين. پيرُ نهار= پنهونءَ جو پيرو کڻ. ٦. ڏک متي ڪري= ڏک قبولي. وانءُ چپر پيهي= وڃي جبل ۾ گهڙ. گڏبٽي ڏيهي= توکي پنهونءَ جي ڏيهہ جا ماڻهو ملندا.

٧

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين پسو پڻُون پُونِ
ڏاري جو ڏُونگر کي سو کِين چَيو چُونِ
آريءَ جي اَفسوسَ ۾ ماڙُهو مِرُو رُونِ
اِنَ پَرِ سيئِي هُونِ، هِنئڙا جَن هَجِي وِئا.

٨

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين آڏيءَ آهُون پُون
مُئي پُڄاڻا مُنڌَ کي روڏ رِڄَن ۾ رُونِ
پُوٺا اِيهَين چُونِ، تہ مُئِي اسان کي مارِيو.

٩

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين اوچنگارُون اَچَنِ
هَٽِي سانگِ سَسُئِيءَ کي کِلو کِئو کيچِين
جي هَتّان هوتَ مَرَنِ، هوتُ ٿَئِي جي هَنجهہ ۾.

١٠

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين وَڻَ ٽِڻَ وايُون کَنِ
وَٺان ويئِي جَنِ، وَڍِيءَ سي واڍوڙِئا.

١١

وَڍِيءَ سي واڍوڙِئا، رَتُ نہ ڏِنو جَنِ
مَوتُ قَبُولِيُو تَنِ، ڏِنو جَنِ ڏُکِيءَ کي.

١٢

کِنهِ جِنهِ ڏُکان ڏِي، پارايا کي پانڌِيين
سُورَ پَرِيائِين سي، ڳالهہ کِئائِين جَنِ سِين.

١٣

کو جو وَڍِيءَ وَڍُ، وَڻَ وَڍِيائِين وَڍَ سِين
ڏُکَ ڏُکِيءَ کي ڏِڍُ، جَنِ ڏِنِي سي ڏُکئا ٿِئا.

١٤

وَڍِيلِ تِي وايُون کَرِي، کُنَلِ کُوکارِي
هُنَ پَنَ پَنهنجا سارِئا، هيءَ هَنجهوُن هوتَنِ لَئِي هارِي

١٥

مُنِي تِي مُدعَا گهُرِي، مَوتُ ٿِئو مَوجُودُ
اَچِين تہ اَڄُ کَريان صَباح جو سُجُودُ
جيکي ني وُجُودُ، جيکي ميڙِ مُنِيءَ کي.

١٦

فَردا مُنڌَ قِنِي کِي، نَقدُ کَنيو نارِ
هُوءَ جا واڳَ وَلِهِيءَ جي ويرَم ڏِي مَ وارِ
جيکي مُنِيءَ مارِ، جيکي ميڙِ مُنِيءَ کي.

١٧

جيکي ميڙِ مُنِيءَ کي، جيکي مُنِيءَ مارِ
ڏُکِيءَ کي ڏيکارِ، هيکَرِ هوتَ اکِينِ سِين.

١٨

پَسَڻَ ڏاران پِرِينءَ جي، جهَلِي تان نہ رَهان
اَپَرِ عاجِزِ آهِيان لالَڻُ جان نہ لَهان

٧. پڻُون پون= پڻُون پيون پون. ڏکي سسئي پاران پيا جبلن کي پڻين. ڏاري جو ڏونگر کي= جو جبل کي چيري چڏي. هجي وئا= ڏک ۾ ڳري وئا. ٨. آهون پون= 'هاءِ هاءِ' واريون دانهون پيون پون. روڏ= رڄن وارا وڏا کارا کانوَ. رڄ= جتي پاڻي جو ڏيکاءُ هجي پر پاڻي نہ هجي. رِڄ= ('ر' جي زير سان). ٻوليءَ جو خاص لفظ آهي ۽ اڄ تائين ڳالهائجي ٿو. ٩. اوچنگارون= وڏي روڄ راڙي واريون رڙيون. سانگ= پالو. کلو کئو= جنگ مچائي. هتان هوت مرن= هوت جي هٿان مرن. ١٠. وڻ ٽڻ وايون کن= وڻ ٽڻ (تحسين ۽ آفرين واريون) ڳالهيون پيا کن. وٺان ويئي جن= جن وٽن جي پرسان لنگهي. وڍيءَ= وڍيل، وڇوڙي جي وڍيل (سسئي). واڍوڙئا= انهن وٽن کي وَڍَ وِڌا. ١٢. کنه جنه ڏکان= کنهن اهڙي تہ وڏي ڏک مان. پارايا= نياپا. سور پريائين سي= تن کي سورن ساڻ پريائين. ١٣. وڍيءَ= وڍيل کي، ڏک ۽ فراق ۾ وڍيل کي. وڍ= گهاءُ. ١٤. وڍيل= نڙ (ساز) وارو کپيل کانو. وايون کري= لاتيون کري. کُنَل= قرب ۽ فراق ۾ کنل (سسئي). کوکاري= دانهون کري. هُن= نڙ واري کاني. پن پنهنجا سارِيا= پنهنجا ساوا پن ياد کيا. هنجهون= ڳوڙهن جا مسلسل طور وهندڙ سيما (سنهڙو پاڻي). ١٥. مُني= مُنَل، فراق ۽ ڏکن جي ستايل. مدعا= مطلوب، مقصد. صباح جو سجود= صبح وارو سجدو. جيکي= يا تہ. ني وجود= وٺ وجود، حياتي پوري کر. ميڙ= سڄڻ سان ملاءِ. ١٦. فردا (فارسي)= سڀاڻي. نار= غورت. نقد کنيو= نقد سودو، هٿئون هٿ سودو (هِن هٿ وٺ، هن هٿ ڏي). سسئي 'سڀاڻي وارو واعدو' قٺو کري، اڄ جو اڄ هينئر جو هينئر وارو نقد سودو قبول کيو. مَ وار= نہ ورراءِ، نہ موڙ. ١٨. جهلي تان نہ رهان= کنهن بہ جهلڻ سان نٿي جهلجان. جان نہ لهان= جيسين تائين ڳولهي نہ لهان.

فردا مُون ڦِٽِي ڪي، وَعدي ڏي نہ وَهان
صَباحَ سِينءَ نہ سَهان، خواه ميڙيين خواه مارِيين.

۱۹

ڏِسَڻُ ڏِکان اڳرو، سَسُئِي آڻِ مَ شَڪُ
ٽِيءَ ٻانهِي ٻَر اوئِيُون، لَڌُ مَ پَسِي لَڪُ
وَرُ پُنهونءَ ساڻُ پَلَڪُ، ٻِن ٻارهَن ماهَ ٻِئَنِ سِين.

۲۰

هَردَمُ هوتَ پُنهونءَ جو ڏِسَڻُ پانئِج ڏِڪَ
وَرُ ٻاروچاڻِي لِڪَ، ڳوءِ ٻارهَن ماهَ ٻِئَنِ سِين.

۲۱

ٿورَ ـــ ويرَمِي ٿِيءُ، وَجهُ ويرَمَ نہ سَهي
ڏِيئِي مَرجُ ڏُونگرين جَتَنِ ڪارَڻِ جِيءُ
هَڏِ نہ هُوندو هِيءُ، ساهُ پِريان تان صَدَقو.

۲۲

اِڍيُون وَرُ اُگهاڙُ، وِهانءَ جِنہ وِسارِئو
جيڏيُون ڇَڏي جاڙُ، سَپِ نَنگيُون ٿِي نِڪرو.

۲۳

سَپِ نَنگيُون ٿِي نِڪرو، پَرهَڻَ ڇَڏي پوءِ
سا مَهندِ مِڙنِئان هوءِ، ڪَهي جا ڪِينَ ڪَٽي.

۲٤

ڪَهي جا ڪِينَ ڪَٽي، پِرينءَ پُهَتِي سا
وِهي ويڙهِجي جا، وَصُلُ تِنهِ وِجائِيو.

۲۵

اوڏو آ آڻِ ـــ هُوندَ ڪي، هُوندِئان هوتُ پَري
ساجَنُ ٿَنِ سَري، 'لا ءَ' سين لَڌِينِ جي.

۲٦

هورِنِ هاڙهو لَنگهِيو، ٿِيءُ جَرِيدِي جوءِ
هُوندَ جَنِي ڪي هوءِ، هوتُ نہ هُوندو ٿَنِ سِين.

۲۷

هورِنِ هاڙهو لَنگهِيو، مُنِي موسَٽُ ڇَڏِ
'لا' سِين اُٿِي لَڌِ، 'ڪِينَ' رَسائي ڪيچِ ڪي.

۲۸

هورِنِ هاڙهو لَنگهِيو، ڳوريُون پاسي ڳوٺُ
ڪيچِ ٿِني ڪي ڪوٺُ، 'ڪِينَ' جَنِي جي ڪَڇَ ۾.

۲۹

هورِن هاڙهو لَنگهِيو، ڳوريُون ٽِيون ڳَمَنِ
هاجي تان نہ هَجَنِ، ڏاران سِڪَ سَيدَ چَئي!

فردا= سڀاڻي. وعدي ڏي نہ وَهان= سڀاڻي جي وعدي تي ڀروسو نہ ڪريان. خواه ميڙيين خواه مارِيين= اي منهنجا موليٰ، جي تون مون کي ملائين توڙي ملڻ کان اڳ مارين. ۱۹. ڏسڻ= محبوب جو حقيقي ديدار. ڏک= شادي واري شاندار رسم. اڳرو= اجان اڳتي، اجان وڌيڪ. اوئيون (واحد اوئي)= سانداريون. ٻر اوئيون= در جو پاڻي ٻَر. پلڪ= گهڙي جو هڪ حصو. ٻن= ڪوءِ ٻيا، گهوريا. ۲۰. پنهون کي هر هڪ دم ۾ ڏسڻ، ڏِکَ (شادي) ڪري پانئج. لِڪ= ذري ڪن. ور ٻاروچاڻي لڪ= گهڻو ڀلي پنهونءَ واري (ٻاروچاڻي) ذري جيتري گذجاڻي ۾ رهاڻ. ۲۱. ٿور ويرمي= ٿوري ويرم واري، ٿوري گهڙي ترسڻ واري. جتن ڪارڻ پنهنجي جان ڏيئي جبلن ۾ مرج. هڏ نہ هوندو= هرگز نہ هوندو، هميشه لاءِ هرگز هيءُ ساه نہ هوندو. ۲۲. ور اگهاڙ= ڀل اها اوگهڙ. وهان= شادي، شادي واري جذباتي خوشي. جاڙ= ڏاڍائي، وڏائي واري ٽُندي. وڏ-ماڻهپي واري ڊرائي ۾ غفلت. ننگيون= خالي (هٿين خالي، هوڏ هستي کان خالي). ۲۳. پرهڻ= پوشاڪ، جسم جو ڍڪ ۽ آسايش واريون شيون. ڪهي= همت سان هلي، ڪشالي سان پنڌ ڪاٽي هلي. ۲٦. هورن= هوريَن، هلڪين، هلڪي بار وارين. جريدي= هڪ اڪيلي، تن تنها (بنا ڪنهن ثمر واري بار جي). هوند= مال ملڪيت، پنهنجي مال ملڪيت وارو گهمنڊ، پنهنجي پاڻ هئڻ واري هستي. هوندو= ساڻ هوندو، ملندو. ۲۷. مُوسٽ= مُوڙو، ڳنڍ، هڙ. مُوسٽ= موسو، بهانو (تہ مون وٽ ڪونهي). لا= نفي، نيستي. ڪين= نيستي، نابودي. رساڻي= رسائي، پهچائي. ۲۸. هورن= هلڪين، هلڪي بار وارين. ڳوريون= ڳري بار واريون (جيڪي پاڻ سان گهڻو ڪجهه کڻي هليون). پاسي ڳوٺ= (جتان نڪتيون تنهن) ڳوٺ جي ڀر پاسي ۾ ئي رهجي ويون. ڪيچ ٿني کي ڪوٺ= ڪيچ وڃڻ جو سڏ تن کي آهي. ۲۹. ڳمن= ڊريون ڳوريون ٿي رڙهن، آرس ۽ سستي واريءَ حالت ۾ پير پير تي ڪٽي هلن. ڳم= آرس، ٻُٽ ۾ ڳورائي. ڳمِي ڳمِي اٿڻ= آهستي ڊرو ڊرو ٿي اٿڻ. هاجو= وڏو نقصان، وڏي مصيبت. هاجي تان نہ هجن= اُهي ڀل تہ ڪا مصيبت سهن!

٣٠

نَڪا هِتِ نہ هُتِ ڪا، ڳوريءَ سَندي ڳالِ،
ڪانہ پَهُتِي مالِ، حالِ پَهُتِي هوتَ ڪي.

وائي

هَلُ هوتَن ڪارَڻِ حالَ،

شالَ سَگَرَ ٿِيندينءَ ساٿَ جي

ڪيچان آيو قافِلو، مَيَن مَتي مالَ
اِينديئِي بُوءِ بودانَ جِي، جهَلِجِ پَبَ پَهالَ
پوري پيئِنءَ مامَري، سُتي ڪِيئِي نہ سَنيالَ
تَڏهن توهِينِ ڪان وِئا، ڪاهِي ڪَرَها ڪالَ
جي پائِين جَتَنِ جي ويجهي ٿِيان وِصالَ
پُري پَبَ وَٽَنِ ۾ وِجهِجِ ڪا وَڙالَ
جِتي جَمازَنِ ڪي جَبَلَ ٿِيَنِ جَنجالَ
پُڇي پيادَنِ ڪي آرياڻيءَ احوالَ
پيرَ پَنهنجي پِرينءَ لَئي ڪوڏِ رَتائين ڪالَ
چڙهندي سِرِ چوٽِيين، لَڳَنِ ڪِيڙَسِ لالَ.

داستان ٽريو

١

هَلَندي هاڙهو مَٽِي، ڪَرَڻُ ڪوهَ پيامِ
اَرڏا آريءَ جامَ ري، ڳوندَرَ ڳَذِريامِ
لَڪِيُون لَڪَ لَطِيفُ چَئِي اورانگهَڻُ آيامِ
پُرَڻُ پُنهونءَ پُٺ ۾، اِيءَ سَعادَتَ سَندِيامِ
مَتِسِ ڪَمَر وِڏامِ، وِهان تان نہ وَسُ پِئو.

٢

هَلَندي هاڙهو مَٽِي، ڏِکَنِ مُنهنجا ڏوهَ
هوءِ اُونچَن سِرِ اُٺَنِ تي، هِيءَ پَنڌِ پِيادِي پوءِ
ليڙَن سِين، لَطِيفُ چَئِي، ڪِيئَن ڪَرِينديسِ ڪوهَ
اَڳِيان رائو سُڄِي روهَ، وِهان تان نہ وَسُ پِئو.

٣

هَلَندي هاڙهو مَٽِي سِسِي ڏِيندِيسِ ساهُ
لِڳَنِ تان، لَطِيفُ چَئِي، پاري نِٽُمِ پاهُ
ڪَندو ٻاجهہَ اللهُ، وِهان تان نہ وَسُ پِئو.

٤

هَلَندي هاڙهو مَٽِي، گُسان تان مَ گسان
لَڳَنِ تان لَطِيفُ چَئِي، رِڙهي مانِ رَسان
پُنهون شالَ پَسان، وِهان تان نہ وَسُ پِئو.

٥

هَلَندي هاڙهو مَٽِي، ڇَپَرَ مَنجهہِ ڇُلان
پابوهَ پُنهونءَ جامَ جي سَرِتِيُون ڪِيئَن سُلان
سارِئو تِنہ سَردار کي اَندَرِ روهَ رُلان
جامَن ڏانهُ ڄُلان، وِهان تان نہ وَسُ پِئو.

٦

وَڏو ڪيمَ وَٽا، اُونچا ڏُونگر مَ ٿِيو
ٽِمو مَ نيٽا، تہ پيرُ نِهاريان پِرينءَ جو.

٣٠. ڳوري= ڳري بار واري (جنهن پاڻ سان گهڻن شين وارو ٿمر ڪنيو). نمال= مال سان، مال جي ڪري (ڪا بہ مال ساڻ ڪٽي منزل مقصود تي نہ پهتي). حالِ= حال ۾ هجڻ سان، حالَ واري ڪيفيت ۾. وائي. حال= هاڻي ئي. سگر= واٽ. بودان جي= بودن جي، اٺن جي. پب پهال= پب جبل جو لڪ. پيئين مامري= معاملي ۾ پيئين، تون ڏک ڏاڪڙي ڪشالي ۾ پئجي وئين. وڙال= وڙول، پڇا. جمازن ڪي= اٺن کي. د-٣: ١. هلندي هاڙهو مٽي هلڻ وقت، هاڙهي ڪي پهچڻ جو پڪُ ڪري، اهو رُخ رکي هلڻ وقت. سعادت= نيڪ بختي. متان ڪم وڏا= ڪمن جي پورائي جي توڪل متس رکيم. ٢. ڏکن منهنجا ڏوه (اصطلاح)= مونکي سخت ڏپ ٿو لڳي، آءٌ وڏي هراس ۾ آهيان. اونچن سر اٺن تي= متي وڏن اٺن تي. ليڙن سين= اٺن سان مقابلي ۾. ٣. پاري= سخت سيءَ. پاهُ= اوجر، مچ (گر وارن اٺن کي پاهُ ڏيندا جنهن سان گر لهي ويندي.) ٤. وهان تان نہ وس پئو= پنهنجي وس پئي نہ ويهان. ٥. پابُوهَ= سَرهائي وارو پيار، پيار پري سرهائي. سُلان= ظاهر ڪري ٻڌايان. ٦. اي وَٽئو! منهنجي آڏو وڏا نہ لڳو: اي پهاڙ منهنجي اڳيان اوچا نہ ٿيو. ٽمو مَ نيٽا= اي نيڻ! ڳوڙها نہ ڳاڙيو.

٧

وارُو مُون وَٹاهُ، ڪا سُڌ سُونهَپ جي نہ ڏِهو
اِيءَ اِهائِي ڳالهڙِي، شَجَرَ سُٹيجاهُ
چوٹِيين چاڙهيجاهُ، تہ مُوڙهيءَ ڪو مُنهُ ٿِئي.

٨

پائِي حالَ هَلِي وِئا، ڪِنهِ ڪي سُورَ سُلان
ڪَٹِئُو لَڄَ، لَطِيفُ چئي، لَڪَنِ مَنجهہِ لُڇان
پانڌِي ڪيرُ پُڇان، جِئَن سُونهان مُون سُورَ ٿِئا.

٩

ڪَندا مُون پيرَنِ ۾ مَرُ جان لَڪَ لَڳَنِ
اَڱرُ آڱوٺي نہ مِڙِي، ڇِپُون پيرَ ڇِڄَنِ
وِيندي ڏانهَہ پِرِينِ، جُتي ذات نہ پائيان.

١٠

جُتيون سي پائينديون، جني پيرَ پِرِين
لاٽيون سَڀِ پرين، سَسُئِي سُپِيرِينِ ڪي.

وائِي

مُونکي ڇَڏَ مَ ڇَپَرِين، اي عاقِلَ پُنهون اَتورَ
ڇَپَرُ ڪَٹُورِي ٿِئو، ٻِي تازي ڦُلنِ قورَ
وَڻَ مِڙيئي واسِيا، لائِي ڪُنگوءَ ڪورَ
پَرچِئي ڄامَ پُنهونءَ جي، هِنيَڙِي لَٿا هورَ.

داستان چوٿون

١

مَرِي جِيءُ تہ ماٹِيين جانِبَ جو جَمالُ
ٿِيينِ هُوندَ حَلالُ، جي پَندِ اِهائِي پارِيين.

٢

مَرُ تہ مِڙِين سَسُئِي، اَجَلان اَڳي اَڄُ
جان ڪِين هُئين جِيَرِي، مُنڌ پَنيوران پَڄُ
پُنهونءَ ساڻُ پَهَڄُ، تہ مَلَڪُ المَوتِ مارِيين.

٣

مَرُ تہ مِڙِين سَسُئِي، جِيَڻُ آڏو جَتَ
هارِي ڪَرِ هِمَتَ، تہ ڏيئِي دَمُ دوستُ لَهِين.

٤

مَرُ تہ مِڙِين سَسُئِي، جِيَڻُ اوڏو جَتُ
پاٹِي هارِ مَ پَڌرو، روءِ مَنجهيئِي رَتُ
صَبُرُ وَڏو سَتُ، سِگهو ميڙِي سُپرِين.

٥

مَرُ تہ مِڙِين سَسُئِي، ويهِي جِيءُ مَ جوءِ
مُنڌ مَرٽان پوءِ، پَهُچَندِينءَ پُنهونءَ ڪي.

٦

اَجَلان اَڳي سَسُئِي، مُنڌ جِيرِيائِي مَرُ
ٿولِيان تِنهِ مَ ٿَرُ، جِنهِ رُوحَ وِڃايا راهَ ۾.

٧. وارو مون= (الف) آڏو منهنجي مقابلي وارا (ب) اي منهنجا مددگار. وَٹاهَ= اي وڻ- ئو (وڻن کي خطاب). سونهپ جي= واٽ جي رهبري جي. سٹيجاه= سٹجو. شجر= اي وٹئو! موڙهيءَ= منڌل کي. مُنه ٿئي= سنئين واٽ سامهون اچي. ٨. پائي حال= حال پائي. سُلان= سَليان، ہڌايان. ١٠. لاٽيون= جتيون لاٽيون. سڀ پَرين= هر حالت ۾ (گرم واريءَ ۾، ڪنڊن ۾، پٿرن ۾). وائي. اتور= جيڪو توري نہ سگهجي، وڏي وزن وارو، وڏو گهوڙهو ڳرو. قُلن قور= گلن جي ٽيڙ. ڪُنگو= لئي جي وڻ جي ڳاڙهيرڙي گلڪاري. ڪور= تازگي واري سونهن ۽ سرهائي. هور=ادڪا، ڏپ. د-٤: ١. مري جيءَ= موت کان اڳ ۾ مري (پاڻ ماري) پوءِ تون حقيقي معنيٰ ۾ زنده رهہ ۽ جيءُ [مُوتُوا قبل اَن تَمُوتُوا= مرو ان کان اڳ جو اوهين موت وگهي مرو]. ماٹين جانب جو جمال= محبوب جي جمال جو جلوو ڏسين پسين. حلال= پاڪ صاف. پند(ف)= نصيحت. پاريين= پوري ڪرين. ٢. مڙين= ملين (پنهنجي محبوب پنهونءَ کي). اجل= موت. اجلان اڳي= موت کان اڳ. پَهَڄُ= ملي هڪ ٿيءُ (پهچڻ= پَرَڻ، برابر ٿيڻ، پرچڻ راضي ٿيڻ). ٣. جيڻ آڏو جت= حقي طور جيڻ پنهونءَ (جت) جي آڏو ئي آهي. هاري= اي ٿڪي! ڏيئي دم= ڏيئي ساه، جند جان ڏيئي. ٤. جيڻ آڏو جت= حقيقي زندگي ان حقي محبوب (جت) جي حاضري واري آهي. سگهو ميڙي سپرين= محبوبن کي سگهو ملائي. ٦. اجلان= اجل کان، موت کان. ان (سچي سڪ واري) سَٿ کان جدا نہ ٿي (ٿري نہ وڃ) جنهن (حقي سجڻ ڏي) راهہ ۾ هلندي دم ڏنا (پنهنجا پساه پورا ڪيا).

۷

تو سامائي سَسُئِي، مَرَڻُ ڪِئو مُردارُ
ڪُپَرِ سِين ڪوهيارُ، لُوٽِي تو لَڄائِيو.

۸

جان ساماڻِينءَ سَسُئِي، تان ويسُ وِڙِنِ جو ڪَرِ
لاهي لَڄَ لَطِيفُ چَئِي، ٿِي بيڪارياڻِي بَرَ
تہ وِينڌهِين پُونئِين وَرِ، اڳيان هوتَ حُضُورَ ۾.

۹

تو سَگُ ساهُ ڪَٽَڻَ سِين، جِيڻَ گوشي جاءُ!
مَرَڻُ مُون سين آءُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

۱۰

جَبَلُ ماري جَڪَ، جو آڏو عَجِيبَنِ ڪي
توٽِي لَڪَنِ لَڪَ، سَڀِ لَنگهَنديَسِ سِڪَ سِين.

۱۱

اُونچو اُتاهُون گهڻو جِيَڻَ ڪي جَبَلُ
مَرَڻَ مُون سِين هَلُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَريان.

۱۲

پَر ۾ پَڇي پِرِينءَ ڪي مَري نہ ڄاتوءِ
"مُوتُوا" مُنڌَ نہ سوءِ، ڪَنڌُ ڪُڄاڙِئان ڪاٽِيين.

۱۳

مارَڳِ جي مَرَنِ، وَڏا طالِعَ تَنِ جا
پِيُون ڪُڄاڙِي ڪي ڪَنِ، ڪُوڙي دَعوِيٰ دوستَ سِين.

۱۴

ڇَپَرِ ڇُلِي جي، مَرِين مُنڌَ مارَڳَ ۾
قَدُرُ ڪيڇِينِ ڪي، پَئي تُنهنجي پَنڌَ جو.

۱۵

ڇَپَرِ اوتارا ڪَري ماڻِيائين مَزا
پَرِٽَ ڪي پَٻَ ۾ ڪارِئو پَنڌُ قَضا
وَسُ نہ ويچارِيءَ جو جيڪا رَب رَضا
مَتان جانَ جَزا، لاٿائِين لَطِيفُ چَئِي.

۱۶

ڇَپَرِ اوتارا ڪَري سينڌِي ٿِي مِرُوئَنِ
جيڪِين ڇِيُسِ جيڏِين سو نہ ڪئائِين ڪَنِ
مَعذُورِ مَرَڻُ مَنِ، ڪيڇِين لَئي قَبُولِيو.

۱۷

ڏينهان ڏاريءَ ويسُ، راتيان روئي رَتَ ڦُڙا
لَنڊِينِ جي لَبيسَ، ڪانڌَ ڪَمِيڻِيءَ ڪَنِئو.

---

۷. تو سامائي= تنهنجي سامائجڻ سان. مرڻ ڪئو مردار= موت کي مردار ڪري ڇڏي، اُن کي تمام گهٽ اهميت وارو ڪري ڇڏيو. ڪُپر= ڪُريت. ڪوهيارُ= ڪوهيار وارو، ڪوه وارو سجڻ) جو وطن. روايتي طور سنڌ وارن 'خزدار' کي 'ڪوهيار' سڏيو. لوٽي= لغت جي لحاظ سان معنيٰ 'سڙي'، اصطلاحي معنيٰ 'بي لڄي'. ۸. ساماڻينءَ= تون ساماڻئينءَ، عاقل بالغ ٿينءَ. وِڙ= نرلڄا، بي ننگا. ٿي بيڪارياڻي بر= بر بيابان ۾ بيڪ ڪري هل. هوت حضور= هوت جي حضور ۾، محبوب جي دربار ۾. ۹. اي جيڻ! تون پڇي پاسي ٿيءُ (گوشي جاءِ) ڇاڪاڻ تہ تنهنجو رشتو (سگ) 'ساهہ ڪٽڻ' سان آهي. اي مرڻ، اي موت! تون مون سين سونهون ٿي هل تہ تنهنجي پويان (پنهونءَ جي ساٿ جو) پير ڪڻان. ۱۰. جبل ماري جڪ= جبلُ پَلِ پيو جڪ ماري، پَخي ماري ۽ پنهنجي ڏاڍائي ڏيکاري. توٽي لڪن لڪ= (ان جبل ۾) توڙي ڪٽي لڪ اوچا لڪ هجن تہ بہ سَڀئي سِڪ سان لنگهي پار پونديس. ۱۱. 'جيڻ' (واري) لاءِ جبل گهڻو اونچو ۽ اتاهون آهي. ۱۲. پَر ۾ پڇي پرينءَ ڪي= پرينءَ لاءِ پنهنجي مُنهن سڪ سوز ۾ سڙي پڇي: تو مري نہ ڄاتو. 'مُوتُوا'= "مُوتوا قبل اَن تمُوتوا= مَرو ان کان اڳ جو موت وڪهي مرو: يعني پنهنجي اندر ۾ مري فنا ٿيو، پنهنجي نفس (جي خواهش) کي ماري ختم ڪريو. مُنڌ نہ سوءِ= اي مائي تو اهو 'موتوا' وارو ٻول ڪونہ ٻڌو (۽ مرڻ کان اڳ ڪانہ مُئينءَ) باقي هاڻي ظاهرداريءَ ۾ پنهنجو ڪنڌ ڇا لاءِ ٿي ڪاٽين! ۱۳. مارڳ= مارڳ ۾، راهہ ۾. مارڳ جي مرن= (محبوب جي ڳولا ۾ هلندي جيڪي) راهہ ۾ مرن. ۱۴. ڇپر ڇُلي جي= ڇپر ۾ ڇُلي، جبل ۾ پَئي، جبل ۾ گهڙي ۽ همت سان هلي. ۱۵. ڇپر اوتارا ڪري= جبلن ۾ منزلون ڪري. پريٽ= پرٽ، ڏوهياڻي. ڪارِئو= ڪرايو. رب رضا= رب جي رضا. جزا= پنهنجي ڪَئي جو عيوض، پنهنجي جوابداريءَ وارو بار. ۱۶. نہ ڪئائين ڪَن= ڪَن تي، نہ ڪيائين، نہ ٻڌائين. ۱۷. ڏاري= 'ڏاري' مونث ۽ مذڪر 'ڏارو'، اهو جو جنس جي چوري ڪري (ڪچي سنڌي)، جنهن کي سڃاڻڻ ڏکيو آهي؛ حقيقت ۾ چور، پر ٻاهران لباس ٻيو، اهڙو جو ان کي سڃاڻي نہ سگهجي. لنڊين= اوباش عورتن، بي پردي بدڪار مٽي اگهاڙين. لنڊين جي لبيس= لنڊين جي لباس ۾ (بيڪاري ٿي، هلندي ڳوليندي).

۱۸

ڏينهان ڏاريءَ رُوءِ، راتيان روئي رَتَ ڦڙا
مَنجهہِ ويچاريءَ وُوءِ، ٻَهران ٻِي ٻِئَنِ سِين.

۱۹

ٻَهران واهَ وِڙَنِ سِين، اَندرِ مُنڌَ ماتامُ
سَسُئِي سوجهي ڪَڍيا تَعَلقَ سَڀَ تَمامُ
نِيَسِ نِيہَ نِيامُ، ڏِسَڻُ ڏاريءَ ويسَ ۾.

۲۰

راتيان روئي رَتَ ڦُڙا، مُنڌَ مَرڪي ڏِينهَ
اَندَرِ نَعرو نِينه، ٻَهرِ واهَ وِڙَنِ سِين.

۲۱

ٻَهران ٻِي ٻِئَنِ سِين، مَنجهہِ ڪالهوڻي قالِ
سا تان ڻُون سَنيالِ، هُوءِ جا ڪِيئِہ هوتَ سِين.

۲۲

ڏِسَڻَ ڪَرَ ڏاري، اَندرِ سَتِي سَسُئِي
اِنهِين پَرِ آري، ڪانڌُ ڪَميڻِي ڪَئِيو.

وائي

ڪَا جَا ڳالهِ هُئِي، ٻاروچي جي مَنَ ۾
سِرُ سَگِرِ، پُرُ پيچَري، ڻُون جا لوڪَ سُئِي
سَسُئِي سَنگهَرَ پَٽِيين، ڪيرُ چَوَندو مُئِي
پَنڌُ ڪَريندي پِرينءَ ڏي، ڪَڌهن ڪانہ ڪُئِي
آن ڪا ڏِٺِي اوٺِيا، ڪيرَنِ پاسِ ڪُهِي.

داستان پنجون

۱

هَتين پيرين مُونڙِيين هَلجُ ساڻُ هِنيين
عِشقُ آريءَ جامَ جو نِباهِي نِيين
جان جان ٿِي جِيين، تان پاڙِج ڪو مَ پُنهونءَ سين.

۲

هَتين پيرين مُونڙِيين، ڪَهجُ ڀَرِ ڪَپارَ
مَتان چوري چَڏِيين پِريَتِڻي پَچارَ
توکي سَنڌَ سَسُئِي سَندي لَئُون لَغارَ
توڙي هُونِ هَزارَ، توءِ پاڙِج ڪومَ پِرينءَ سِين.

۳

هَتينِ پيرين مُونڙِيين، ڪَهجُ ڀَرِ قُدامَ
وِچ وَسِيلو ناهِ ڪو اوري آريءَ جامَ
هِنيين لائي هامَ، پاڙِج ڪو مَ پُنهونءَ سِين.

۱۸. ووءِ= هاءِ هاءِ واري درد جي دانهن. ۱۹. وِڙ= اڍنگا، روازي. ٻيءَ سٽ ۾ ٻہ پڙهڻيون: "سوجهي" ۽ "سوٽي". لغت جي لحاظ سان ٻئي صحيح آهن، پر 'سوجهي' ۾ سُرت ۽ سنڀال واري معنيٰ سمايل آهي. سسئي سوجهي ڪڍيا= سمجهي سنڀالي سڀ تعلق ڇڏيا ڪيا. نِيامُ= نِيَرُ= لغت واري معنيٰ: پڙو عورت جو، هيٺينءَ اوگهڙ جو ڍَڪُ (پهاڪو: "رَن پَئِي ٻُڏي، هيءُ پيو نِيَرُ نپوڙي") اصطلاحي معنيٰ: ڍَڪ، پردو. ۲۱. قال= قيل قال، اصل ڪيل ڳالهہ. سٽ جي معنيٰ= ٻاهران لوڪ سان ڪٿي دنيا جي وهنوار واري ٻي ڳالهہ هجي، پر اندر منجهہ 'ڪالهوڻي قال' هجي يعني ماضي واري اصل ڪيل ڳالهہ جي يادگيري هجي. اها قال يا ڳالهہ ("اَلستِ بَربکم قالوا بليٰ" واري) ياد ڪر، جيڪا تو پنهنجي پياري سائين سان ڪئي! وائي. سِر= رڙهہ. سگِر= ساٽ واري واٽ ۾. پُر= هل. لوڪ سُئِي= جڳ ۾ پنهونءَ جي سڱ سان مشهور ٿي. سَنگهر= پهوڙي جي لَڪ جي پريان ماٿري جنهن ۾ سسئي جي نالي سان قبر آهي. ڪُئِي= ڪوئجي وئي، ڍري ٿي وئي. ڪيرن پاس= ڪير جي وڻن وٽ. ڪُهي= ٿڪل ۽ ساٽي. د-٥: ۱. مونڙيين= گوڏن ڀَرِ (موناگوڏا). پاڙج ڪوم پنهون سين= پنهونءَ سان ڪو ٻہ ٻيو مٽ نہ ڪج، برابر نہ ڪج. ۲. ڀر ڪپار= مٿي ڀر. پريتڻي پچار= عشق جي پچار. سڄي سٽ جو مفهوم= اي سسئي! توکي 'لئون لغار' (عشق جي لغار) جي سنڌَ حاصل آهي، تنهنجو عشق تو وٽ سَنڌ آهي، تو لاءِ تنهنجو عشق سنڌَ آهي. ۳. قدام= اڳتي. ڀر قدام= اڳيرو. قدام(ع)=اڳ، آڏو، اڳتي. هام= (ع. هم) = ارادو. حام(ع)= گرمي ۽ تپش وارو. هن سٽ جي مختلف پڙهڻين مان هيٺيون پڙهڻيون بهتر معنيٰ واريون ٿي سگهن ٿيون: (الف) هنيين لاءِ هام= هنيين جي هام هڻي، پنهنجي ارادي کي مضبوط ڪري (ب) هنيين لاءِ حام= هنيين کي تپش ڏئي اندر کي گرم ڪري، بي پرواہ ٿي.

٤

هَتين پيرين مُونٽِيين سِرجُ ساهِ پَساهِ

هوتُ گَڏبُئِي هَبَ ۾ رَهبَرُ مَتي راهَ

جان جان ساٿئِہ ساهُ، تان پاڙج کومَ پُنهونءَ سين.

٥

ٽَتيءَ ٽَڏيءَ کاهِ، کانهي ويلَ وِهَڻَ جي

مَتان تِئي اُونداهِ، پيرُ نہ لَهين پرينءَ جو.

٦

ٽَڏيءَ ٽڪي نہ وِهي، ٽَتيءَ کَري تاڻَ

وِڌِي آ وَٽِڪارَ ۾ سَسُئِي پاڻُ سُڪاڻَ

پُڇي پَهَ پَکين کي پيئي مُنڌَ پَرِيَاڻَ

ڏِنس ڏيهَ وَٽَن جا تِنِ اَللهَ لَڳَ اَهِڃاڻَ

مانَ پَرِچي پاڻَ، اَچي آرياڻي وَرِي.

٧

توڻي وِلاڙُون کَرين، توڻي هَلين وِکَ

لِکيي مَنجهان لِکَ، ذَرو ضايَعَ نہ ٿِئي.

٨

لِکيو جو نِراڙِ، سو اَنگُ کِيَاڙِيءَ نہ ٿِئي

پاڙِئو ويٺي پاڙِ، جيکِين لَکيو لوحَ ۾.

٩

جِتي جيتِريون، لِکيُون لوحَ قَلَمَ ۾

تِتي تيتِريون، گَهڙِيُون گهارَڻِ آئِيُون.

١٠

کِئائِين کيچِين لَئِي جُسو جَلاوَتَ

چِڏي پيئِي چِپِرين هارِي سَپِ حُجَتَ

هُئِي نِماڻِي نِسَتَ، پَرَ پَنڌُ وِڌائِين پاڻَ تي.

١١

پَنڌُ نہ پَنڌَن جيترو، کِيئَن سُڃندي کيهِ

جيکَرَ کَريان رِيهِ، پَرَ چُوندا مُنڌَ چَرِي ٿِي.

١٢

چُونمِ مَرُ 'چَري ٿِي'، پَرَ جي سَڌُ سُٺِينِ

مَرُ مُونهِين کي ڏِينِ، ماڙهُو اَچِئو مِيهَڻا.

١٣

ماڙهُو ڏيئِي مِيهَڻا مُونکي کَندا کوهُ

صورتَ سُپيرِينِ جي، ڏِٺي کونهي ڏوهُ

چَپَرُ مَنجهان چوهُ، روئِي رَڳِينديَس رَتُ سِين.

١٤

جَڙُ جا هَنيَم جَتَ، تِنہِ ڳُجهيءَ ڳارِيَم جِندڙو

آٽِي اَندَرِ کوڙِئا کوهِياري کَرَوَتَ

سُورَنِ ساڙِي آهِيان سِکان کي صِحَتَ

اَندَرِ رِيلاءِ رَتَ، باهَرِ ٻاڦَ نہ نِکَري.

وائي

ويهُ مَ واٽَ وِرِچي، هو اَللهَ ميان!

---

٤. سرج ساه پساه= ساه پساه سان هر دم سان ذرو اڳتي وڌج. هب (ع. هبهاب)= رج بيابان. ٽڏيءَ ٽکي نہ وهي= ٽڏ ۾ ٽکجي نہ ويهي. سُڪاڻ= چڱي ڪاڻ، اها ڪاڻ جيڪا چڱي ڪري لاهجي. پاڻ- سُڪاڻ= پاڻ واري سُڪاڻ، پنهنجي سُڪاڻ، سسئي سُڪاڻ آهي، چڱي ڪاڻ نباهڻ واري، چڱيءَ پر ڪاڻ لاهڻ واري آهي. سسئي پنهنجي سُڪاڻ وٽڪار جي وٽن ۾ وڌي ۽ انهن کي بہ سُڪاڻ وارو ڪيائين جو هنن بہ ڪاڻ قبولي ڏس ڏنس. ٧. ولاڙ= پيري ڪٽڻ وقت، آڏو وڏو ڦيرو ڪري جانچڻ تہ پيرو اڳتي نڪري ٿو يا نہ، ولاڙون ڏيڻ، ولاڙون ڪرڻ= آڏا وڏا ڦيرا ڪرڻ. لکيي منجهان= جيڪي 'لوح' ۾ قلم لکيو تنهن منجهان، تقدير جي لکيي مان. ٨. لکيو جو نراڙ= جيڪي نراڙ ۾ لکيل، جيڪي ڇٺو پڊرو پيشانيءَ تي لکيل. پاڙئو ويٺي پاڙ= اهو اوترو ويٺي پورو ڪر، سهہ ۽ ڀوڳ. ١٠. جسو= جسم، بت. جَلاوت= (ع. جَلا) پڌرو، ظاهر (بنا پردي). جلاوَت (ع. جلوه= تحفو)= نذرانو، پاڻ قربان ڪيائين، پاڻ پرنيائين. هاري (ضعيف) سڀ حجت ڇڏي جبلن ۾ گهڙي (پيئي چپرين) رواني ٿي. ١١. کِيه= تکي تيز آواز واري رڙ. ريه= وڏي رڙ. ١٢. سڌ سٺين= سٺڻ ۾ اچن (منهنجا سڌ پنهونءَ کي سٺڻ ۾ اچن). ١٤. جڙ= سنهڙي لَٽون يا تار جنهن مان ڪن ٻن شين (چوڙين وغيره) کي ڳنڍجي. (اصطلاح طور) محبت جي لٽون يا تار، عشق جي جڙ. ڳاهيم= پيڙيم. جندڙو= جان، ساه پساه. وائي. واٽ ورچي= واٽ ۾ ورچي ڪڪ ٿي.

جي ڳَهَندِينءَ، تي لَهَندِينءَ وو!
پيرَ پَٽان ئِي ڳُونڌرا، رائي ڪِيَسِ رَڇي
مُنهُ ڪَرِ مَعذُورِينِ ڏي پُنهون جامَ پَرڇي
مُونکِي تِنهِ مارِئو جَتَنِ مُونکي جا ڇي
وِنڌَرَ وائڙِينِ تي ڪانڌِي ٿِيندمِ ڪيڇي
ڪَنِي اَچِي ڪا ڳَهِي، ڪَنِي اَچي ڪا ڇي
اَملَ پانيان اُنِ ڪي، ساڄَنِ مُونکي سا ڇي.

داستان ڇهون

۱

ڪيڇان اوري ڪيتريون معذوريون مُيون
واٽُون ويهه ٿيون، ڪُهُ ڄاڻان ڪيهيءَ وِئا.

۲

اوري آريءَ ساڻُ، سَسُئِي ڪِينَ سَمَجهِئو
ڪَري پيڪ پُنهونءَ سِين، پَڌَرِ وِڌائين پاڻُ
جَتِ وِڄايو جاڻُ، ٻانيَڻِ ٻاروچَنِ سِين.

۳

ٻَري تہ ٻيلِي ڳَهَٽا، ساٿِي پُڇِي سُڪُ
رفاقَتَ رِڃُن ۾ ڏُونگر ڪاري ڏُڪُ
آريءَ جو اُهُڪُ، مُون رَهنُما راهَ ٿِيو.

۴

ڏُونگرُ تہ ٻيلِي، نہ تہ ڏِڄي ٻَنِ ٻيلِين ري
سا ڪِئَن وِهي ويسَلِي جا سُورَنِ سَهيلِي
چوٽِيُون چَنبيلِي، جِئَن تِئَن جهاڳِي اُڪَتِي.

۵

تان جي هوتَ نہ ڳَنِ، جو ٽُون سَگَ سُٽِي سَرَهِي ٿِينءَ
لَکين ٻِيُون، لَطِيفُ چَئِي، ٻانهِيُون ٻاروچَنِ
اِنَ دَرَ مَٽي دادَلِيُون رُئَندِيُون رَتُ وِڃَنِ
سَندِي ذاتِ جَتَنِ، آهي اَباجهي ڳَهَٽو.

٦

هِتان ٿِي هَلَندِياسِ، سامُهين ساٿيہَ ڏي
سَونَ ڪَڙولا سَنگهَرُون ڏُونگرِ کي ڏِيندِياسِ
آيَلِ ٻاروچَنِ سِين ڪيسَريا ڪَندِياسِ
مِلِيَسِ تان مِلَندِياسِ، نہ تہ گهورِيَسِ ٻاروچَلَ تان.

۷

تان مُون پيئرُ پَئِي ناه ڪا، جانِ آرياڻِي اَڳَ
کوسو کوهيارَنِ جي واءُ مَ لڳي وَڳَ
ٻئا پُڻُ جَتَنِ جَڳَ، منهنجِي پِرت پُنهونءَ سِين.

وائي-۱

آئِين اَچِي پَسو، جيڏيُون وو!

هِيءَ جو وَهُ مُنهنجي جِندَڙِي!

هي جو حالُ مُنهنجِي جِندَڙِي!

پائي وِئڙا پيرَ ۾، مَنجهان گرسَ گسو
ڏيئِي وِئڙا ڏاهِ کي، سُورَنِ جو سَرسو
آٽُون ڏورِيندِي اُنِ کي، ڏيئِي ٿَنَ تَسو

ڳَهندينءَ= گهٽو پنڌ ڪندينءَ، تکو تکڙو پنڌ ڪندينءَ. تي لهندين= تڏهن ڳولي لهندينءَ. رائي ڪيس رڇي= رائي رڇائي ڳاڙها (رت وارا) ڪري ڇڏيس. جاچي= جاچئي، جيڪا ڳالهه ڪئي. ڪا چي= ڪا چئي، ڪا ڳالهه ڪئي. ساچي= سا چئي. د- ٦: ۲. اوري= پنهنجو حال بيان ڪري. پيڪ= گهٽي پيار وارو ناتو. پڌر وڌائين پاڻ= پاڻ کي ظاهر ڪري وڌائين (تہ اصل ۾ ٻانيڻ جي ڏيءُ هئي ۽ پوءِ ڪٽيءَ ڪيس نپائي وڏو ڪيو). ۳. ٻري تہ ٻيلي گهٽا- الخ= ٻريءَ کي ٻيلي گهٽا، ٻري (تپ) واري اگهي ۽ بيمار کي مدد ڪندڙ گهٽا. ساٿي پڇي سک= سُک (وارو) پيو ساٿي پڇي، پر ملن ئي ڪين. رفاقت رڃن- الخ= ڏک ئي آهي جيڪو رڃن ۾ بہ "ڏونگر جبل کي ٿو رفيق بنائي". ٤. ٻيلي همراه هجن تہ جبل جهاڳجي، نہ تہ ٻن ڏجي. سسئي سورن جي سهيلي آهي، ۽ سُور ساڻس ٻيلي ۽ همراه آهن، تہ پوءِ هو ڏونگر ڏورڻ کان سواءِ ڪيئن اجايو ويهي رهي! چنبيلي= سسئي (چنبيلي وانگر سُرهي). اڪتي= ٻئي طرف پار پئي. ۷. پئي= پَلُ، ڊپ. کوهيارن جي وڳ کي شال کوسو واءُ نہ لڳي. جتن جڳ= جتن جا جڳ، گهٽائي کي جت. وائي-۱. وَهُ= ويڌن، ڏکيو حال. ڪرس ڪسو= ڊين مثل ڪرس گاه جو ڪوسڙو (جوتو). ڏاهه= ٻانهي. سرس= چنبڙي ويندڙ مَسالو. تسو= اُڃ بک. ساه= ايذاء، چٽڪو.

ساءُ نہ آيان سُورَ جو، هارِيُون! ٿِيُون هَسو
مَتان ويهو ويسرِيُون! رڙهو تان رَسو
مُنداڻتي مِينهَ جيئن، ويروتارَ وَسو.

وائي-٢

پانڌي پِرِينَ جو،
آءٌ مانَ ڪو پَسان
پيئَرَ پَلين اُسهو، ڏُونگرُ ڏورَڻُ اَسان
مُندائتِي مِينهَ جِئن، ويلو ويلَ وَسان.

داستان ستون

١

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، تورا ڏينهَ ٿِئا
راتِين روزَ وِئا، عَبث آريءَ جامَ ري.

٢

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، سَهَسِين سجَ وِئا
هَلَڻَ وِيرَ هِئا، ديکي شالَ دَمُ ڏِيان.

٣

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، تُون تو لَهِين سِجَ
آءٌ جي ڏِيئِين سَنيهڙا نيئي پريان کي ڏِجُ
وَجي کيچ چَئِجِ، تہ 'ويچاري واٽ مُئي'.

٤

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، پويون ٿِئُم پَساهُ
سِڪَانَ تِي سَڪَراتَ ۾، رويو پُڇان راهُ
شالَ مَ وَجي ساهُ، پَسَڻَ ڏاران پرينءَ جي.

٥

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، عُمر تان ويئي
وِلهيءَ ڏِينهَ وِڃائِيا، سَرَتِيُون سَيئي
پيريءَ ۾ پيئي، اکيون آريءَ ڏي کٽي.

٦

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي جوڀَنُ وِئُڙُمِ جاڙُ
آڏو آرياڻيءَ کي چاڙهيڪا ۽ چاڙُ
مُون مُنيءَ کان نہ ٿِئي وَڏپَڻَ مَنجهہ وِلاڙُ
عُمرِ سَڀِ اُواڙُ، وِيئِمِ تي. واڪا ڪَريان.

٧

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، هِيءَ پُڻُ ڏِينهُ وِئو
نِهوڙي ناپَنُ سِين مُون کي نِيهُ نِئو
مُنيءَ موتُ ٿِئو، "پَيہ پَيہ" ڪندي پَنڌ ۾.

٨

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، مَتان آيو مَوتُ
واجهائيندي وَرهِ ٿِئا، هَئي نہ گڏئُم هوتُ
جيڪُسِ ٿِينديَسِ فوتُ، فَنا هِن فِراقَ ۾.

٩

آءٌ نہ گڏيَ پرينءَ کي، آيو عزرائيلُ
جوراڻي سِين جيڏِيُون نَڪو قالُ نہ قيلُ
آيو موتَ دَلِيلُ، مارِيندو مُراد کان.

١٠

وِلاڙِئو . وَٽين چڙهي، ڳِجهُن ٿِينديِ ڳاهُ

هسو= ڪلو. ويروتار= گهڻو گهاٽو، عام جام. د-٧: ١. تورا ڏينهہ ٿئا= ڪي تورا ڏينهہ ٿيا!!: يعني گهڻا ئي ڏينهہ گذري وئا. عبث= اجايا، بي مقصد. ٢. سهسين= هزارين، گهڻا ئي ڪي ڏينهہ سج اپري لهي وئا. هئا= هئان، هتان. هلڻ وير هئا= هتان هن جهان مان لاڏاڻي وقت. ٥. وِلهي= سجي، ڏکي. پيريءَ ۾= آخري عمر ۾ (جڏهن پساهہ پورا ٿيڻ وارا آهن). ٦. جوڀن وئو جاڙ= جواني ويساهي وئي؛ جوڀن مون سان جاڙ ڪري وئو= مونکي برغلائي مون سان جٽ ڪري وئو. آرياڻي پنهون تائين پهچڻ کان اڳ آڏو جبلن جا چاڙهيڪا ۽ چاڙهہ آهن. ولاڙ= پيري ڪٽڻ ۾ تک ۽ تيزيءَ سان آڏا ڦيرا ڪرڻ (۽ پيري جو رخ جانچڻ تہ ڪيڏانهن تو وڃي). اواڙ= واڙ کان سواءِ، مقصد جي دائري کان سواءِ. ٧. نهوڙي= جهلي گهڻي بيوس ڪري. ناپن سين= زوردار چنبن سين. پيہ پيہ= پرين پرين!. ٨. معنيٰ صاف آهي. ٩. عزرائيل= موت جو فرشتو. جوراڻي سين= زورآور سين، ڏاڍائي سين. نڪو قال نہ قيل= ڪجهہ پڇڻ جي واهہ ئي ڪانهي. موت دليل= موت جو دليل (جيڪو چڻ موت جو پيغام ٿي آيو). مراد ڪان= مراد پوري ٿيڻ کان (اڳ). ١٠. ڳجهن ٿيندي ڳاهہ= ڳجهن جو قوت ٿيندي (سسئي پڪو پهہ ڪيو آهي تہ هو پنهونءَ پويان ويندي، بيابان ۾ ڳجهن جو کاڄ ٿيندي). سسئي پنهنجي جند جان کي پنهونءَ خاطر سوريءَ تي چاڙهيو آهي.

سَسُئِي سُوريءَ چاڙهيو پُنهونءَ لَئي پَساهُ
هُوءِ مِرُوَن هيءَ ماهُ، ڪِينَ ڪَمِيٽيءَ رکِيو.

١١

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهي، رائو پَسئو روءِ
وِچان جو وِچُ پوءِ، سو ڪَنه پَرِ ڪَهي لاهِيان.

١٢

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهي اُونچَن مَتي اڄُ
لاَلَڻَ ڪارَڻِ لَڄَ، باسِيائِين بَرنِ ڪي.

١٣

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهي، ڏِئو پَٽوري لانگَ
سَسُئِي مورَ ٻَچَنِ جِئَن ٽاريءَ ٽاريءَ چانگَ
ڪانِڍِي ٽِيندِيَسِ ڪانگ، هُوءِ جي روڏ رِجنِ جا.

١٤

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهي، ڪِين جو ڏِنائِين
موتُ پِ مارِيائِين، پاڻُ تَنهين جِيءَ پُٽِ ۾.

١٥

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهي، پَسو سَگهَه سَنديِاس
آڏِيءَ وَڃئو آڪُڙي، نڪو پِيءُ نہ ماس
سوئِي سو سيٽاسِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.

١٦

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهي، ڏاڍو ڏوري ڏُورِ
سُپيرِيان جي سُورِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.

١٧

رُجنِ ۾ رَڙِ ٽِي، ڪَرَ ڪوِئَل جِي ڪُوڪَ
وَلولو ۽ وُوڪَ، اِيءَ تان آهَ عِشقَ جِي.

١٨

رُجنِ ۾ رَڙِ ٽِي، ڪَرَ چَتونءَ جِي چانگارَ
اِي عِشقَ جي اُبڪارَ، نَعرو آهي نِيهَ جو.

١٩

رُجن ۾ رَڙِ ٽِي، ڇِهڙي ڪَري نہ جوءِ
اِيئَن نہ عورَتَ هوءِ، اِيءَ تان آهَ عِشقَ جِي.

٢٠

رُجنِ ۾ رَڙِ ٽِي، ڪَرَ ڪُٽڪِي ڪُونجَ
نَعَرو مَنجهہِ نِڪُونجَ، اِيءَ تان آهَ عِشقَ جِي.

٢١

رُجنِ ۾ رَڙِ ٽِي، ڪَرَ سارَنگِيءَ جو سازُ
اِيءَ عِشقَ جو آوازُ، ماڙهو رگنِ مُنڌَ تي.

---

١١. ولاڙئو وٽين چڙهي= پيري لاءِ اوهاڙون ڏيئي وري وٽن تي چڙهي آڏو ڏسي. رائو پسيو روءِ= آڏو جبل جي ريتي واري واء وارو رئو ڏسي روئي (جو اڳتي ڪجهہ بہ نظر نہ پيو اچي). (مٿيان ڪشالا پئي ڪري ڇاڪاڻ جو پانئي ٿي تہ:) (الف) پنڌ ۾ دير ٿيڻ سببان وچان جيڪا وڏيڪ وٿي پئي ٿي سا ڪنهن ريت جلدائي ڪري پوري ڪريان (ب) پنهون ۽ منهنجي پيار واري ناتي وچان جيڪو وڇ ٿو پوي (فرق ٿو پوي) سو ڪنهن ريت پنهنجي ڪشالي سان ميٽايان، اها ميار ڪنهن پر لاهيان. ١٢. اونچن مٿي= وڏن ڏگهن وٽن تي. باسيائين برن ڪي= برن بيابانن ڪي باسيائين تہ جئن اهي ڪيس پنهونءَ تائين پهچائين. ١٣. پٽورو، پٽولو= مٿي جو ريشمي ڪپڙو ('پٽولا پنهواريون مور نہ مٿي ڪن'). مور جي سهڻن ٻچن وانگر جيڪي ٽاري ٽاري ۽ چانگ چانگ تي ويٺل هوندا آهن، سسئي بہ وٽن تي چڙهندي ائين پئي سونهي. روڏ= رڻ جا وڏا ڪارا ڪانگ. ١٤. ڪين جو ڏنائين= ڪنهن اهڙي منزل تي پهتي ۽ اهڙو جلوو ڏٺائين. جو موت ڪي بہ مارهائين ۽ پاڻ بہ ان جي پٽ ۾ مئي. ٥. آڪڙي= آٽڙي، ٽاٻڙي، ڪشالا ڪري (آڪڙ= ٽاٻو). ماس= سنديس ماه. سيٽاس= ساٽس (گڏ). پري پڙاڏا ڪري= ان (محبوب) جا پڙاڏا ۽ غوغاء پري پري تائين پيا پون (ٻڌجن). ١٧. رُج بيابان ۾ سسئي جي دانهہ ائين جو ڄڻ ڪوئل جي ڪُوڪ آهي. ولولو= جوش= جذبو. ووڪ= جوش ۽ جذبي مان تک ۽ تيزي واري دانهہ. سسئي جو اهو ولولو ۽ ووڪ حقيقت ۾ عشق جي آه آهي. ١٨. ڪر= ڄڻ تہ. اٻڪار= گرميءَ واري دانهہ، سسئي جي رجن ۾ رڙ عشق جي گرمجوشي واري دانهہ آهي بلڪ نيه جو نعرو آهي. ١٩. رجن ۾= زال ماڻهوءَ جي دانهہ وانگر دانهہ ٿي: پر ڪا عورت اهڙي دانهہ ڪري نٿي سگهي: هيءَ حقيقت ۾ عشق جي آه آهي. ٢٠. ڪٽڪي ڪونج= ڄڻ ڪونج ٿي ڪَرڪي. نڪونج= گهاٽي وٽراه.

وائي-١

ٿَنَ مَنَ مَنجھہِ ٿوارَ، ھو يارَ!

سَدا آھي سِڪَ جِي

سَدا آھي سُورَ جِي

ڇُري ڇُٽڪِي ڇتَ ۾، جِئَن سا گھَنڊِيءَ لارَ

پِٽي ڏورِيان ڏونگرين، مُونکي ٽُون اوسارِ

لَڳي اُج اکِين کي، سِڳھو موٺُ سَتارَ

پَسان ڪِيئَن پِريَٽُو، ڪاڏِي پرتِ پَچارَ

بَندِياٽِي بنيُورَ ۾ آھِيان آنھئان ڏارَ

مونکي ڇَڏِ مَ ڇِپَرين، آرِياڻِي آڌارَ

ڏِيان خِيزُ خزان ۾، بي تو مَنجھہِ بَھارَ

مُضرتَا مُونکي ٿِئا، حَڪِيمَن ھَزارَ

دَوا آھِيين دِلِ جِي وارُو واقفُ ڪارَ

آٽي ڏي عَليلَ کي مَعجُونُون موچارَ

آھي عبداللطِيفَ کي ٽُنھنجِي پِيہ پَچارَ.

وائي-٢

ھِيءَ گھايَلِ ھَڏِ. جھوري

ڪيڇي مُون نہ سَگِيٽا

عِشق آريءَ جامَ جي، ھِيءَ جھُونڙِي ھَڏ جھورِي

رَھي جا رُجنِ ۾، سا ڇِپَرِ ڇَڏِئو مَ ڇورِي

اَڊِيُون آرِياڻِيءَ لَئِي، ڏُونگرِ ٿِيندِيَس ڏورِي.

❖

وائي-١. گھنڊيءَ لار= ڇڙيءَ جي لوھي لار جيڪا ڇڙي ۾ لَڏي ٿي، لڳي ٿي، ۽ وڄي ٿي. اوسار= اڳتي منزل ڏي وڌاء، اڳتي ڪر. آنھئان= اوھان ڪان. خيز= ٽپا، اڇلون. خزان= سَرَء جي مند. مضرتا= نقصان ڪار، ايذاء ڏيندڙ. وارو= مددگار. عليل= بيمار. معجونون= طاقت واريون خاص شيون. پيہ= اي پرين. وائي-٢. ھڏ گھوري= پل تہ قربان ٿي. (مصراعون) جھونڙي= عمر ۾ نہ، پر درد ۽ فراق ۾ جھوني ڪيل. جھوري= زخمي ڪئي.

سُر ديسي

ڏيرن ۽ ڏاگهن جو بنڀور ۾ اچڻ، پنهونءَ کي پاڻ سان نيڻ ۽ سسئي جو ڏکن ڏولاون ۾ پوڻ هن داستان جا مرڪزي موضوع آهن. سسئي تي سرتين جو حرف ته جڏهن ڏاگها اڳڻ تي ڏنا هُيئي تڏهن انهن جا گوڏا ٻڌين ها ۽ نيرَ وجهي ڪرف هٽي قابو ڪرين ها. سسئي جو جواب ته:

جاٽان جي جتن، پوءِ پٽاندر هيترو
آءٌ ڪيئن مُلا تن، سرتيون سورَ پرائيان!

وڏيڪ اعليٰ فڪر جا نازڪ نُڪتا اهي جو باوجود ڏکن ڏاکڙن جي، سسئي سَوليون وايون ٿي واري ته: "جتا شال جِيو، جِيو ٿا جاڙون ڪريو"؛ "ڇا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينه ڏنگو مَ ٿئي"، "توڏن جون تڙپيڙ ۾ تريون ترڪن تان مَ"؛ "گُسڻ ٿئي مَ گس، پٽِي پوءِ مَ پرينءَ تي". وڏ ۾ وڏ ايترو ڏوراپو ته "پنهون پاڪ پُرس، هوتَ نه ڪجن هيڏيون!". پر سسئي جو پنهنجو پڪو پهُ ته "چنڻ تان نه پئو، هيءُ سگ نه چنڻ جهڙو"!

داستان پهريون

١

مُنِيَسِ جهَلِ مَهَارَ، ڪُنِيَسِ ڪاهِ مَ ڪَرَهو
مون نِماڻِيءَ جي نِجهُري، پيرو ڪج پَتارَ
ساجَنَ تو هان ڏارَ، ڏِنُمِ ڏِينهُ قِيامَ جو.

٢

ڏاگهَنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگرَنِ، تِنهين ڏِنمِ ڏُکَ
سي سَيَ پانيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوتَ جي.

٣

وِٺا وَرائي جيڏِيُون مون ڏُکِيءَ کي ڏُکَ
وينِي ساريان سُکَ، هيڪاندِيءَ هُئام جي.

٤

ڏاگهَنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگرَنِ، ڏُکنِ آءٌ ڏڌِي
پُچان پيرُ پُنهونءَ جو وِجهان وِکَ وَڌِي
لکيي آءٌ لَڌِي، نائه پٿَنِ ڪيرُ پَنڌُ ڪَري.

٥

ڏاگها ڪِيمَ ڏرو، اهنجو آرياڻِي اگِي ٿِيو
موڙِي مَجَر ٿارِيُون چانگا تا چَرو
آن تان حَرَفُ هَرو، مُورائِين مَعافُ ٿِئو.

٦

اڳڻَ مَتي اوپَرا، جَڏهِن ڏاگها ڏِنئه ڏِينهَن
وَنِي سَرَڪَ سَسُئِي، ويهُ وِهاڻِيءَ سِينئن
چوٽِي سِين چانگن کي، جَڙ جنجِيرَنِ جِيئن
ته هوتُ ٿُنهنجو هِيئن، پُنهون نه نِيائون پاڻَ سِين.

٧

اڳڻَ مَتي اوپَرا، جَڏِ ڏاگها ڏِينهَ ڏِناءِ
ڪُنجِيون جي ڪُرِفنِ جِيون ڪِنهِ جِنهِ لَلِ لِڪاءِ
وَنِي پاندُ پُنهونءَ جو، ويهِي راتِ وِهاءِ
ته صُبحَاڻِي سَندياءِ، ٿِئي سارُوڻِي سَسئي!

د-١: ١. مُنِيس= آءٌ مُني! ڪُنيس= آءٌ ڪُني! ڪرهو= اٺ. ٢. هيڪاند= گڏجاڻي، وِصال. ٣. وِٺا وَرائي= چوڌاري ڦِري آيا، ڏک ويڙهي وِٺا. هيڪانديءَ= هيڪاند ويل، پنهونءَ سان گڏ هئڻ واري وقت. ٤. ڏڌي= زخمي ڪئي، ڏکن سان مونکي ڏڏريو. لکيي آءٌ لڌي= لوح قلم جي لکيي مونکي جهليو. ٥. ڏرو= ڊجو. اگِي ٿيو= اڳتي آهي جيڪو اوهان جي سنڀال لهندو، اوهان جو اڳهُ آهي. مجر ٿاريون= مجر واريون ٿاريون جن تي ڪچڙو ٻورُ ۽ سنهڙا گلڙا (مجر) آهن. حرف هَرو= ميار وارو اکر، عتاب. ٦. اوپرا= اجنبي. وني سَرَڪَ= ١. پنهونءَ واري اٺ جي مهار جهلي قابو ڪري. [سَرَڪَ (ج) سَرڪُون= گهوڙي جي ڳچيءَ جي مهار، ڳچيءَ ۾ ٻڌل ۽ باقي رسو پرڻي ۾ ٻڌل. رائج ٻوليءَ ۾ گهوڙي جي سرڪ چئبو ۽ اُٺ جي مهارَ، پر اصطلاح طور هت سرڪَ معنيٰ اُٺ جي مهار]. ٧. ڏينه ڏناءِ= ڏينه جو ٿي ڏناءِ. اصل عربي لغات ۾ 'قُفلُ'، جنهن مان جمع 'قفلن' (جئن ڪاتبن لکيو آهي). صحيح آهي. لل= حيلي سان، سمجهه سان. ساروڻي= سنڀار، سجاڳي.

٨

اَڳڻ مَٿي اوپَرا، جَڏهن ڏِٺئہ اَٽ
ڏانيئہِ نہ ڏاگهَنِ کي، اوڳِي ساڻُ اَڳَٽ
تہ هُوندَ نہ تُنهنجي هَٽَ، سُورَ پرايا سَسُئِي.

٩

اَڳڻ مَٽي اوپَرا ڏِٺئِي جَڏ توڏا
وَنگِيَئِي نہ وارَنِ سِين، تَنِ گورَنِ جا گوڏا
تہ لَکَنِ جا لوڏا، هوندَ نہ سَنئہِ سَسُئِي.

١٠

ڏاگهنِئُون ڏيرن، جي آندا بَرڙ پَنيورَ ۾
هَٽي چيلهہ چَرا کِئا، وَهِ پَئي وَهڙَنِ
کُريءَ کُڙکو اُنِ جو، هوندَ سُتي سُئو سَپن
ڏاندَن ساٽ سَيدُ چَئي پيادِيُون پَهُچَنِ
جَن جو پيرُ نہ لَڳي پَٽيين، تَنِ آيَمِ ساڻُ اُنَنِ
گُنگَنِ ۽ جُنگَنِ، مُنڌَ اَسُونهِين ميڙئِين.

١١

اَڳِي اُٺَ رَڙَنِ، مون پيري ماٽِ تِي
پَلاڻِيندي پاڻُ ۾، کُڃئو کِينَ کُنَنِ
کاجا مامَ مُنَنِ، هِنِ پُڻ هُئِي هُنِ سِين.

١٢

ڃا جي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏِينهُ ڏِنگو مَ ٿئي
اُٺَنِ اوٺيئڙَنِ جي، ڃا وَهِيٽو ويرُ
هِيءَ کَميڻي کيرَ، ڃا اَمُرَ کي آڏِي ڦِري.

١٣

جَتَنِ جا جيڏِيون، هُئڙمِ سُکَ سَرتِيُون
پاندُ نہ ڇَڏِيان پرينءَ جو، جي هوتُ کَري هيڏِيون
مون کَميڻيءَ کيڏيون، اُميدُون اَصيلَ سين!

١٤

جَتا شالَ جِئو، جِئو ٿا جاڙُون کَريو
بانيَڻَ جو بَروچَ ري بيلي ناهہ ٻِئو
ڇِنڻُ تان نہ پِئو، هيءُ سَڱُ نہ ڇِنڻَ ڇهڙو.

١٥

جَتَنُ کَچ جَتَنِ جو، آيا کِين ايندا
وَٺِي پُنهون پانهنجو وَٿان تو وِيندا
دَمُ نہ دَمِيندا، سِڌارِيندا ساٿيهَہ ڏي.

١٦

جَتَ هَڏهين هُتِ، مون هِتِ هِينڙي حَلُ ٿِئا
چَنگل جَنِي چَوڦِرا، راحَتَ تَنِ جِي رُتِ
گُنگَنِ جي گُپَتِ، ڇيڙي وِڏِيَسِ ڇَپَرين.

---

٨. ڏانيئہ نہ= ڏانوڻ نہ ڏنئي. اوڳي= موڳي. هٽ= ڏِيل، جند. ٩. ونگيئي نہ= (رسن سان تن جا گوڏا) وکوڙي ٻڌءِ نہ، انهن کي ونگ نہ وڌئي. ١٠. ڏاگهنئون= ڏاگهن جي بدران، اٺن جي بدلي. بَرڙ، بَرڙ= ڏاند. چيلهہ، چيل= کُرن سان کوٽائي کري، زورائتا کُر هٽي زمين ۾ ڊگهي چَري کن. چَرا کئا= کڏا کيا. وَهِ پَئي= زور ۾ اچي، زور واري مستي ۾ اچي. وهڙن= جوان ڏڳن. کُريءَ کڙکو= ڏاندن جي کُري هڻڻ (کُرن کي زورائتو زمين ۾ هڻڻ) جو وڏي سڻکي وارو آواز. گنگن= اٺن. جنگن= زوراور سوارن. منڌ اسونهين ميڙئين= يا الله، هيءَ ويچاري زال جيکا رستي جي سونهين ناهي، واقف ناهي سا شال ساٿ سان ملائين. ١١. مام= راز جي ڳالهہ، رازداري. مئن= هنن مٺن اٺن. هِن پڻ هُئي هُن سين= هنن اٺن جي پڻ هُنن (ڏيرن جتن) سان هئي. ١٢. ڃاجي ڏنگا ڏير= ڏير کهڙو ڏنگا آهن (= ڏنگا ناهن). منهنجو ڏينه= منهنجو بخت. ڃا وهيٽو وير= وير کهڙو انهن جي وهيٽو آهي (=وهيٽو ناهي)، وير کو انهن جي وس آهي! امر کي= لکيي کي. ١٣. هيڏيون= هيڏيون زوراوريون، تکليفون. کيڏيون= کيڏيون وڏيون ۽ گهٽيون (اميدون). اَصيل= اصل نسل ۾ اشراف. ١٤. شال جئو= شال پيا جيئو (= سدائين سلامت هجو). جئو ٿا جاڙون کريو= شال جئو، ۽ پيا ڏاڍيون (جاڙون) کريو. ١٥. جتن کچ= ڏيان رکچ، حيلو کچ، بندوبست کچ. جتن جو= جتن بلوچن جو. دم نہ دميندا= دم نہ ترسندا، گهڙي دير نہ کندا. سڌاريندا= روانا ٿيندا. ١٦. هڏهين هُت= آهن ئي اتي کيچ واري رستي ۾. هنئڙي حل ٿئا= منهنجي دل ۾ ملي هک ٿئا. چنگل= چانگل= چانگا= اٺ. چوڦرا= چئني ڦرن ۾ پريل، چئني ٽنگن مٿان رانن ۾ پريل ۽ مَتل. رُت= رتيءَ واري روءِ، صحتمند بيهک بناوت. گنگن= اٺن. گپت= کپت.

۱۷

جَتَنِ وِڏيسِ جارِ، ناتہ هُيَسِ نِماڻي نِڪَٽي.
ٿئا پاڻَ قَرارِ، مون مَنُ گَڏي گوندرين.

۱۸

ڄاڻان جي جَتَنِ، پوءِ پٽاندَرُ هيٽرو
آءٌ ڪِئن مُلا ٿَنِ، سَرتيون سُورَ پرائِيان!

۱۹

جَتَنِ جارانو، ڪيچِين مون سِين ڪونہ ڪِئو
نالي سُيَسِ نِيهَ جي، مَتمِ بارانو
تيلاهِين طَعنو، ڏيئِي مون ڏيرَ وِئا.

۲۰

گورا وَجِنِ گامَ، ڏيرَن سندا ڏيهَہ تي
توڏِنِ جِيون تَڙَ پيڙَ ۾، تَريون تِرڪَنِ تان مَ
اونِيئڙَنِ آرامَ، لَنگهي پَبُ پَري ٿِئا.

۲۱

گُسترِ تِئي مَ گسُ، پَٽِي پوءِ مَ پرينءَ تِي
جِنهِ سَرِ ساجَنُ سُپِرين، تِنهِ اُٿَ مَ لَڳي اُسَ
پُنهون پاڪ پُرِسَ، هوتَ نہ ڪَجَنِ هيڏِيُون!

۲۲

لَڏِيندي لِباسُ، جَتَنِ جيڏوئِي ڪَيو
اَچي آريءَ ڄامَ جو وَڻُ وَڻُ منجهان واسُ
مِرو ڪِينمِ ماسُ، هَڏَ هَلندا هوتَ ڏي.

وائي

ڏاگهَنِ ڏيرنِ ساڻُ، ڪَرَهَنِ ڪيچين ساڻُ
متان ڪا ٻي لَنئُ لائي
آءٌ سُتِي هُو هليا، وَئڙا ڪَرَهَلَ ڪاهي
آسَڻَ اڳيان اُنِ جي، هِي 'ٻَرِ ٻَرِ' ڪِئو ٻاڏائي
ڏُونهِين مُنهنجي دِلِ تي، وِئڙا دوستَ ڏُکائي
آسَرَونِدي آهيان، اِيندَمِ واڳَ وَرائي
چِتُرَ ڏيئِي چِتَ ڪي، وِئڙا هوتُ چِپائي
جيڪا هُينِ مَنَ ۾، وِئڙا پنهنجِي پَڄائي.

داستان ٻيو

۱

ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پَرَدِيسِي ڪِهڙا پِرين
لَڏئو لاڏاڻا ڪِئو پَنهنجي ديسَ وَجنِ
پُڄاڻا پِرينِ، ڪِجي بَسَ پَنيورَ ڪان.

۲

نالي نِماڻِي، ٻاجهارِي ٻَروچَ رِي
ڪِئائِين سَگَ سَيدُ چَئي، ڄامَنِ سِين ڄاڻِي
پاڻِ تہ پَرِيناڻِي، تِيَسِ حِمايَتَ هوتَ جِي.

۳

پُڻُ تا پَلاڻِين، اوٺِي اَڄُ اُٻاڪرا
پَهَ پارسِيُون پاڻَ ۾، ڏيرَ ڏِيهاڙِي ڏِينِ
هوتُ پُنهون تا نِينِ، ٻاروچِي ٻولِي ڪِئو.

۴

پُڻُ تا پَلاڻِينِ، اوٺِي گهڻو اُٻاهَرا
هوءِ جي هَلَڻَ سَندِيُون ڳاهُون ڳالهائِينِ
مُونکي تا مارِينِ، سَڄَڻَ سَانبَاهِي ڪِئو.

---

۱۷. جتن وڏيس جار= جتن مونکي جار ۾ وڌو. جار= جنجار (جنجال) وڏو ڪشالو. نِڪَٽي= اڪيلي. قرار= يڪجاءِ، سڪيا سَولا. ۱۸. پوءِ پٽاندر هيترو= تہ پوءِ (بعد ۾) پاڇاندو هيءُ ٿيندو، آخر نتيجو هھڙو ٿيندو. ۱۹. جارانو= يارانو. بارانو= بار، ميار. ۲۰. گورا= جوان ڪنواٽ. وجن گام= وڏي وِڪ پيا وجن. تڙ پيڙ= تڪ تيزي ۾. ۲۱. لفظ "گسترِ" جدا جدا ياڳن ۾ جدا جدا اچارن سان ڳالهائجي ٿو. "گُسترُ" يا "دُسترُ" معنيٰ گهٽي سنهي نرم مٽي جنهن ۾ پير اندر هليو وڃي ۽ جيڪا اُڏامي رئي ڪري. پَٽي= سنهڙي ڌڙ (مٽي). پُرسُ= مرد، مڙس. پاڪ پُرس= اعليٰ درجي وارو صاف سڄڻ. ۲۲. لڏيندي= پنيور مان هلندي، سسئي کي ڇڏيندي. لباس= ٻيڪ. د-۲: ۱. سيڻ= ويجها عزيز، پيارا مائٽ (جن هڪ ٻئي کي سڱ ڏنا هجن سي پاڻ ۾ سيڻ ٿيا). ۲. ٻاجهاري= ٻاجهہ گهوري. ڄامن سين= سردارن سين. پرٽياڻي= ڏوٻياڻي. ۳. اُٻاکرا= هلڻ جي پهہ ويچار ۾، هلڻ هار. پَہ پارسيون= پارسي يا بلوچڪي زبان ۾ راز واريون ڳالهيون پيا ڪن. ۴. ڳاهون ڳالهائين= ڳاهن ۾ ٿا ڳالهائين، راز وارن ڍَڪيل لفظن ۾ ٿا ڳالهائين.

٥

مِڙي مُنڌَ ڏي آئِيُون ساهيڙِيون سَهجا
"السَفَرُ قِطعَةٌ مِنَ النار"، هارِي موٽُ هِتا
سَگَ "صَراطَ المُستَقِيمِ"، اُيين ڪينَ اڳِئا
ڪيچِي نِينڌءِ ڪِئا، جِنَ تُنهنجو نيہُ نِڀاڳ سين.

٦

جَڏهن "ڪُن فَيَڪُون" تَڏِ نِئو آرِياڻي ارواح
اَنگُ اڳهين لِکئو منهنجو ميثاقاه
"مَن طَلَبَ شيئا وَجَدَ وَجَدَ"، اُتو علي شاه
اَجان اِنَ حَدِيث جو آسَرو مون آهِ
پُنهونءَ جي پيزار تان مُنهنجو موٽُ مُباحُ
سرتيون دُعا ڪِجاهُ، مانَ ميڙائو مون ٿِئي.

٧

سَيا سِياهِي، آهي آرِيءَ جامَ ري
ڪَڏهن پَسبي ڪانہ ڪا، رءُ لالَنَ لالائي
ٿوڏ دِلِ تان دُورِ ڪري ساجَنَ صَفائي
"مَن لاشيخَ لَهُ فَشيخَهُ الشيطانُ"، اُن رءُ اُونداهي
ٿيو جا هَلي هيڪَلِي سا گيرَبَ گمائي
"مَن يَمشِي فِي الطريق بِلا شيخ ڪَمَن يَمشِي
فِي البَحرِ بِلا سَفِينَةِ" اِهڙي اَوائي
تِنهِ رءُ ٿوائي، ڪوڙين ٿِيَنِ ڪيترِيُون.

٨

پِنِيءَ تا پَرِين، ساٿِينِ سَنبَرَ هَٿَن ۾
لَيڙن جو لَطِيفُ چَئي، مونکي مَنجهہُ نہ ڏِينَ
هوتُ پُنهون تا نِينِ، اَڻ سُونهينءَ جو آجِڪو.

٩

جاڳائِي جَتَنِ، جي گورا گسِ هلائيا!
پَهُتِي رءُ پَهاڙَ ۾، شالَ اُٿَ مَ آگهنجَنِ
سُونهان جي سَردارَ جا، سي توڏَ مَ تَرَنجَنِ
لُطفَ ساڻُ لَطِيفُ چَئي، لَنگهئو بَرُ بوٽَنِ
تَنِ ڪِهڙو غَمُ گنگن، هوتُ حِماتِي جَنِ جو.

١٠

ڪيڙِي ڪيچايَنِ، گورا گسِ هَلائيا
لَڙئو چَڙهِئو چوٽيين، ڪَرِئو ڪُوهَ ڪَڙَنِ
لَتاڙِي لَطِيفُ چَئي لنگهِئو بَرُ بوٽَنِ
تَنِ ڪِهڙِي چُڪَ چانگَنِ، هوتُ حِماتِي جَنِ جو.

١١

اَجُ پہِ وَسائي اوٺيين، مَتي مارَگَ ماڪَ
پُنهونَ نِياڻُون پاڻَ سِين، تاڙِيُون يَجي طاق

٥. سهجا= سهج مان، تکڙ تيزي واري خير خواهي سان. السفر قطعة-الخ= سفر باه جو ٽڪرو آهي. هاري= اي هاري، اي هيٺي، هتان ئي موٽي وڃ. سگ صراط المستقيم- الخ= تنهنجو سگ "سڌي واٽ" وارو آهي پر تون ان تي نہ بيٺينءَ. ڪئا= ڪيئن. ٦. ڪُن فيَڪُونُ= خالق جو تخليقي امر (ٿيءُ تہ ٿي پوي ٿو يا ٿي پوندو). جڏهن 'ڪُن فيڪون'= جڏهن خلقت جي پيدائش ٿي تڏهن آرياڻي منهنجي روح کي پنهنجو ڪيو. انگ= آرياڻي سان منهنجو رشتو. ميثاقاه= روز ميثاق کان وٺي (تڏهن کان جڏهن روحن پنهنجي رب سان "قالوابليٰ" وارو وعدو ڪيو) مَن طلبَ- الخ= جڏهن ڪو ڪنهن شيءَ جي طلب رکي ٿو ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪري ٿو تہ ان کي ڳولي لهي ٿو). علي شاه= حضرت علي سائين رضہ. ان حديث جو= ان قول جو، ان ڳالهہ جو. پيزار= جُتي، (اصطلاح طور) پير، پيرو (جنهن واٽ سان پنهون ويو). ٧. سياهي= اونداه. ساجَنَ صفائي= ساجن جي صفائي، محبوب جي حسن جي تجلي. من لاشيخ له= جنهن جو روحاني رهبر (شيخ) ڪونهي، تنهن جو رهبر شيطان آهي. ان ري= ان حقيقت کي سمجهڻ کان سواءِ. هو جا هلي هيڪلي= جيڪا هيڪلي هلي تنهن کي غرور وڄايو. من يمشي...... اهڙي اوائي= اها صفا اهڙي پليل آهي. جئن جو ڪا راه وٺي رواني ٿئي ٿي سا ائين آهي جئن ڪو ٻيڙي کان سواءِ سمنڊ ۾ گهڙي. تنه ري= تنه مرشد رهبر کان سواءِ. ٨. پني= پنيءَ رات، لڙيءَ رات. پرين= پاڻي ۽ سفر جي ٻئي سامان سان پرين. سَنبر= ڳڙيا، ٻورا، ٿانءُ وغيره. آجڪو= پرجهلو، مَدارُ. ٩. هي جي، جت مونکي جاڳائي اٿ ڪاهين ها (تہ بہ سڀ خير ائٿي ها). آگهنجن، آڱنجن= سهڪن، ٻوساٽجن ۽ هيٺا ٿين. مَ ترنجن= انهن جا پير (هيٺان) نہ زخمي ٿين. ١٠. ڪيڙي= پنڌ سيڪاري (گورن ڪي). لڙئو= لوڏا ڪائي. ڪڙن= وڏيڪ سکن، وڏيڪ پختا ٿين. بوتن= اٺن. چُڪ چانگن= چانگن کي چڪ، چانگن کي هٻڪ ۽ رنڊڪ. حماتي= حمائتي، مددگار. ١١. اج پہ (پنهون کي وٺي ويندڙ) اوٺين تي، ساٽ واري رستي سان ويندي، مٿن ماڪَ وٺي. تاڙيون يجي طاق= در پيجي، ڏاڍائي ڪري.

”هَيهاتِ وَهَيهَاتُ“، سُجي تِي اوطاقَ
ڇُڪِيءَ چوري چاڪَ، هاڙهي هوتُ هَلِي وِئا.

۱۲

هَي هَي ڪِئو هاءِ، تِي پاڻُ هَٽِي سِرِ پاهَٽين
لَڌائِين لَطِيفُ چَئي، جُوءِ جَتن جي جاءِ
شُڪرُ بارَ سَنداءِ، سُتاڻي ساتِ مِڙي.

۱۳

ويٺِي ٻُڪي ٻافَ، جهولِي جهُٽڪَ جهُنِي ڪِي
آيَسِ ڏَنِ اُڻِنِ سِين، جَنِ پيرَ ڏُڌا ڏِڙ داڦَ
لَنگهِئا لَڪَ لَطِيفُ چَئي، توڏا تَڙٻنگَ تافَ
ڪيرِ لَنگهيندِي ڪافَ، اِيءُ ٻَرُ ٻِرهَمَڻُ ٻاسِيو.

۱٤

گئونرا هَلَنِ نَه گَسَ ۾، دَوڪَ دَهلِئا ڃِتِ
ڇَوسالَ ڏِيَ نَه چَلَڻا، تِي تَنگ نِهاري تِتِ
سُوڏي اُتَ سَيدُ چَئي، پوءِ پانچارِئَنِ پِرتَ
ان اڻانگي پَنڌَ جي، ڪا نيشَنِ پوءِ نِرتِ
سَسُئِي وَڏِيَ سَتِ، جا اِيهِيءَ پَرِ پَنڌُ ڪري.

۱٥

ٻَرُ وَڏو، بارُ گَهَڻو، ويجهو نَه وَٽڪارَ
لوچَڻُ جي لَطِيفُ چَئي، آ مَٿي مُنڌَ ميارَ
وَٽنڊُنِ تَه وَڙ ڪَندا، نَه تَه اڳين جي اختيارَ
ڪاڏِي ڏِئو ڪوهيارُ، ڪاڏي تِي هَٿَ ڪٽي.

وائي

ڇِيَسِ ڇِيَسِ وو جيڏيون، منهنجو لالَنُ آيو پيهي
لالَنُ آيو پيهِي، وِئڙا سُورَ سَپِيئِي
ڳالهيون ڪَنديَسِ ڳُجهِيُون، مُنهِ مُقابِلِ ويهي
ڪٽُوريءَ بارُ پَري، ڏُونگرَ آيَمِ ڏيهي

داستان ٽريو

۱

الله اڇَنِ اوءِ، جَنِ آئي مَنُ سَرهو ٿِئي
پَسان مان پَر ڪَنهين جَتَنِ سَندِي جُوءِ
لَنگهي لَڪَ لَطِيفُ چَئي، سُٽيان هوتَنِ هُوءِ
گولي ٿِيان گُلبوءِ، جي سُجاڻي ساٿَ ڏِٺِي.

’هيهاتَ و هيهاتُ‘= ڪيترو نہ پري! (يعني ڪيترو نہ پري هليا ويا! (عربيءَ ۾ اها چوڻي ائين آهي. ۽ شاهه صاحب سهڻي نموني ۾ آندي آهي. پر ڪن پڙهيلن ڀانيو تہ قرآن شريف جي آيت آهي سو سڄي آيت (هيهات هيهاتُ لمَا تُوعَدُون“ سورة المومنون، آيت نمبر ٣٦) ڪري لکيائون، حالانڪ ان آيت جي مفهوم سان ”هيهات و هيهاتَ“ جو ڪو واسطو ڪونهي. اصل ۾ اها آيت ان حوالي سان آيل آهي جو ڪنهن قوم ڏانهن الله جي طرفان نبي آيو ۽ کين سمجهايائين تہ پنهنجا عمل نيڪ ڪريو جو اوهان کي مرڻ بعد وري جيئرو ڪيو ويندو ۽ حشر جي ڏينهن اوهان کي پنهنجي ڪئي جو جواب ڏيڻو پوندو! قوم جي سربراهن نبي کي نہ مڃيو ۽ ماڻهن کي برغلايو تہ هي (نبي) جيڪي چوي ٿو سو سچ ناهي ۽ جنهن جزا سزا واري حشر جي ڏينهن جي اچڻ جو اوهان سان وعدو ٿو ڪري ۽ پڪ ٿو ڏئي سو تہ تمام گهڻو پري آهي.) ١٢. جوءِ جتن جي جاءِ= جتن جي جُوءِ واري جاءِ، اها جوءِ جتان جت ساٿ سان لنگهيا. شڪر بار سنداءِ= اي ڏٽي تنهنجا شڪرانا بجاءِ. سُتاڻي ساٿ مڙي= سَولي جاءِ تي، سولي ٿي ساٿ سان ملي. ١٣. ٻُڪَڻُ= هٿن جي ٻُڪَ سان پاڻي پيڻ، ٻُڪ ڀري منهن تي هڻڻ (هت معنيٰ: جهولي جي سخت گرم هوا آڏو مُنهن تي پئي سهي (چڻ گرم هوا پئي پيئي). جهولي جُهٽڪَ= جهولي جي جُهٽڪ (سُوسٽ). جُهني ڪِي= بي حال ڪئي. ڏُڌا= ڏُوڌا، ڳرا (چوندا ”ڏوڌو مڙس ڏگ“). ڏڙ، ڏڙ= (ڏَڙو جمع ڏَڙا= اُٺن جا پيرا (هيٺين پاسي وارا، پيرن جا نشان وڏا ٿلها ڏَڙهن وارا پير). داڦ= دافوڙا، داڦوڙا. تڙٻنگ تاف= وڏا اڙٻنگ ۽ ارڏا، ڏاڍا زوراور. ١٤. گورا، گئونرا= ننڍا ڪنواٽ. دوڪ= ٻن سالن جا وڏا ڪنواٽ جن ٻہ ڏند ڪڍيا هجن. ڇوسال= ڇئن سالن وارا اٺ. تنگ نهاري= مٿي چڙهي لڪ جانچي. پانچارئا= پنجن سالن جا پورا جوان اٺ. نيش= نون سالن جا وڏا اٺ. نرت= سماءُ، ساڃاهه، خبر. ايهيءَ پر= اهڙيءَ ريت. ١٥. بر وڏو= بر بيابان جو پنڌ وڏو. لوچڻ= وڏي ڪوشش ڪرڻ. وڙ ڪندا= ڀاڻ مرادو احسان ڪندا. وائي. ڇيَسِ ڇيَسِ!= آءٌ ڇِي پيس! مون ۾ ڄڻ نئون ساهه پئجي ويو. منه مقابل= آمهون سامهون. ڏونگر آيم ڏيهي= منهنجو پنهون جيڪو ڏونگر آهي (ڏونگر جيڏو وڏو ۽ اُتاهون آهي) سو مون وٽ آيو. شڪستي= ڀڳل ٽٽل، ڇُور ڇُور ٿيل. راض= راضپي، مهر، ٻاجهه. ريهي= ڀڳل کي ڳنڍيو. د-۳: ١. هوتن هوءِ= هوتن جي ائن کي هڪلڻ واري ’هُو هُو‘.

٢

ڪيچان اوري ڪِٿھين وَڻُ نہ ويساھين
ڪَميٽي ڪيچِين لَئي پُرج پَراھين
تاڇ تيڏاھين، وارج ڪا مَ وَرَڻَ جي.

٣

جھوڙا جَنِ جھلنِ ۾، هيرا لَکَ هَزارَ
لَڳا واٽ وَٽَن جا پُنهونءَ ڪي پالارَ
آن ڪي وِيندا ڳَڏِئا اِهڙِيءَ سِٽَ سُوارَ
’لَنگهِي ڪالھ قطارَ، تون اوني اَڄُ نِهارئين!‘

٤

ڪيچِي ڪالھ ڪَهِي وِئا، اَڍيُون آڌيءَ راتِ
جاڳان تان جيڪِين تِئو وِهاٽِيءَ پرياتِ
ڦوڙائو فَقِيرَ ڪي، ڏِنو جَتَنِ ڏاتِ
رَفِيعُ الدَرَجاتِ، پَرمَلُ پُنهون ميڙِئين.

٥

مون پانيو مِزمانَ، هَميشھ هُوندا پِرين
کُهي ڪَميٽي هَلِئا، ڪَهَل ڪِيائُون ڪانہ
ڏيئِي وِئا ڏاھَ ڪي، سُورَنِ جا سامانَ
جورو راتِ جُوانِ، جيڏو جَتَ ڪَري وِئا!

٦

پانيم جي سَرواڻَ، ڇُلائيندَمِ ڇپَرين
ڪانيَمِ هُوندَ پَلاڻَ، اُٺَ ڳَڏايَمِ اُنِ جا.

٧

ڪاڏي مُنھ مَڪرانَ جو، ڪاڏي ڪيچُ ٿِئو
هِهَڙو ساٿُ پَنيورَ تان ڪَڏهين ڪونہ پِئو
ڪوهيارو ڪامَ هَٽِي چوري چِتُ وِئو
جَنِي جَٿُ نِئو، تَنِ اُنَنِ گھوري آهِيان.

٨

ڪاڏي مُنھ مَڪرانَ جو، ڪاڏي پَريون پارُ
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چَئي، سُونھُون ٿِئو سَردارُ
جو مِڙَني جو مَهندارُ، سو موليٰ مونکي ميڙِئين.

٩

وَرَ ۾ ڪونھي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وڏو ڪيو
نِهاريندِيَسِ نِڪَٽِي بوٿَنِ ڪارَڻِ بَرُ
آڏو نَڪَرَ نَرُ، مَتان روھَ رَتيون ٿِئين.

١٠

وَرَ وَراڪا وِچَ ۾ لَڪين آڏا لَکَ
هُوءِ جي آڏا حَقَ، سي ڪندا ڪوھُ ڪُنيءَ ڪي.

١١

بِرھَ مَٿايِسِ بَرُ، نا تہ سُکِي ڪيرِ سَڏُون ڪَري
گَهٽو ڏورِيائِين ڏُکَ سِين ڏيرَنِ لَئي ڏونگَرُ
وَرِي آيَسِ وَرُ، سَفَرَ مُئِيءَ جا صابَ پِئا.

١٢

اُجھي ۽ مُنجھي، اَنئِي پَهَرَ آٿَ ۾

---

٢. ويساھين= ساھ کڻڻ جي جاءِ. پورج= پري پنڌ ڪج، ڪاهج. تاڇ= سک سوز ۾ ڇڪجي هلج. ٣. جھوڙا= ٽئونرن جا مُوڙا. پالار= پاند، لامُن جون لڙڪيل پوڇڙيون. ٤. ڦوڙائو= وڇوڙو. رفيع الدرجات= وڏي درجي وارو. پرمل= صاف پاڪ. ٥. ڏاھ= ٻانهي. جورو= زور، زبردستي، جور ۽ جفا. ٦. (سَسُئي تي چوي ٿي) جي مونکي اھو معلوم ٿئي ها تہ قافلي وارا سربراھ ڏير مونکي رڻ ۾ رلائيندا تہ آءٌ هوند انهن جا پلاڻ ساڙيان ها ۽ انهن جا اُٺ ماريان ها. ٧. پنيور تان ڪڏهن ڪونہ پئو= پنيور تي ڪڏهن ڪو نہ اچي لٿو. ڪام هٽي= لڪڻ هٽي (مونکي محبت جي چمڪ هٽي، پنهنجي اٺ کي لڪڻ هٽي تکڙو اتاري هليو ويو). چوري چت وئو= من مستان ڪري ويو. گھوري= گھولائو. ٩. وَرَ= ڀتار (پنهون). ڪونهي ور= ڏنگائي ڪانهي. ڏيرن وَرُ وڏو ڪيو= ڏيرن وڏي ڏنگائي ڪئي. نڪٽي= اڪيلي. نَر= پاسي ٿي. رتيون ٿئين= ذرا ذرا ٿئين. ١٠. هوءِ جي آڏا حق= اُهي حق جيڪي آڏو آهن پر پيڇٽا آهن (مثلاً، لڄ ڇڏي اڪيلي سر نہ هلڻ، غير محرمن سان ڳالهائڻ). سي ڪندا ڪوھ ڪنيءَ کي= سي حق مون کي ڇا ڪندا، مون تي ڪيئن لڳندا جو آءٌ اڳ مئل (ڪني) آهيان. ١١. مَٿڻ= ڪنهن منزل يا ماڳ تي پهچڻ جو قصد ڪري اوڏاهين هلڻ. برھ مٿايس بر= برھ هن کي بر ڏانهن هلايو. صاب پئا= پوري مقصد تي پهتا، سجايا ٿيا. ١٢. اُجھي= واٽ وڃائي ويٺڪي. آٿ= ڪُوات.

جنهِ گسِ ٻاروچا وِيا سو سرتيون تان نہ سُجهي
لَڪَنِ مَنجهہ لُجهي، لالَڻَ لاءِ لطيفُ چئي.

١٣

پَئي اَچَنِ پُورَ، وينِي پاٽان وِترا
گَهٽين پَٽين گهائيو گهَٽُ پريان جي گهُورَ
سَندا سَسُئِيءَ سُورَ، جَبَلَ پَسِي جاڳِيا.

١٤

پيئِي ڪٽي پَساهَ، ڏُکِي ڏيي وَٽ جيئن
اَڄُ ڪِ سَنجهہ صُباحَ، چُندا ڪي تہ مُنڌَ مُئي.

وائي

هوتَ نہ پائيمِ هِيئَن، چَڏي تون ڪو چَپَرِ وِيندين
لُڪُون لَڳنِ ڪوسِيُون، ڏاڍا تپَنِ ڏِينهن
عِشق آريءَ جامَ جي ڪِيَس نماڻِي نينهن
جهُونگاريندِي جهنگنِ ۾ پُوٺانِ راتو ڏينهن
آن جا چَڏي چَپَرين، سا ڪيچ رَسندي ڪِيئن
وِلهيءَ هِتِ وسائِيا سندا محبت مينهن.

داستان چوٿون

١

سَنجهي مون نہ سنڀاليو تہ اوٺي ڪَندا اِيئن
کُهي ڪَمِيٽي ڪِيئن، جَڏي راتِ جَتَنِ ڪِي.

٢

اگَڻَ اُهيئِي، جَتَ نہ پَسان جُوءِ ۾
اوطاقُون اُٺَنِ ري سُڃيون سيئِي
اگَڙِيُون روئِي، ماڳ نِهاري موٽِيُون.

٣

نہ ڪو ڪيچ پَنيورِ، نہ ڪو مائٽُ مُنڌَ جو
هورُ مِڙوئِي هِنَ ڪِي، هوٿَنِ ڪونهي هورُ
زاريءَ ڏاران زورُ، هَلي ڪونہ حَبيبَ سِين.

٤

چوري نِدوري، نہ ڪو مائٽُ مُنڌَ جو
سَوين هَلَنِ ساٿَ ۾ ڪَمي ۽ ڪوري
آءٌ پُٽُ آهيان اُنِ ۾ لَنگهي ۽ لوري
لَنگهائين لَطِيفُ چَئي ٿَرَنِ جي توري
آهيان اَجوري، تُنهنجي جورين جَبَلُ لَنگهيان.

٥

جَڏيءَ وَٽِ جالي، مانَ لِلّٰهِ ڪارَڻِ لِڪَ سِين
آهيان آريءَ جامَ جي هِتَ هُتِ حَوالي
عَيب مُون ۾ اڳرا، نِرمَلُ نِڪالي
پريتاڻي پالي، ڪامِلُ نيندو ڪيچَ ڏي.

٦

ٻانيَڻِ بيٺي آهيان، پَريئَنِ پالياس
حُسنَ هوتَ پُنهونءَ جي ماري موت وِڌياس
جانڪِيتان جِيندِياس، پُونديس وَرِ وِصالَ جي.

٧

پَرَ وَسَ ٿِئُمِ پَرياڻَ، پِرين وَسِ نہ پانهنجي
جيڏِيُون جي مان وَسِ هُئا تہ ڏاڪهَنِ وِڌمِ ڏاڻَ
هَئي مُنهِنجِي جاڻَ، ڪيچِيِنِ مان سان ڪِين ڪِئو.

لجهي= لچي، تڙقي. ١٣. پَئي= سُتي. پور= ڳڻتين جا پور، اونارَ. گهَٽُ= نڙي، ساهہ، دم. گهور= اکين جي پَري نظر. تيز تکي نظر. ١٤. ڏيي وٽ جيئن= ڏيي جي باقي ٿورڙي ٻچيل وٽ وانگر جيڪا آخري طور پئي ٽمڪي وائي. لُڪون= لکون. پوٺان= هلان. وِلهي= چوري، اڪيلي، هيڪلي. د-٤: ٣. ڪيچ پنيور (زير سان)= نہ تہ ڪو ڪيچ ۾، تہ نہ ڪو پنيور ۾. هورُ= اُڌڪو، ڳڻتيءَ ويچار. زاري= نيزاري. آزي. منٿ. ٤. هت پنيور ۾ آءٌ چوري ندوري آهيان: (هتان آءٌ بہ ائين هلان جئن (تنهنجي) ساٿ ۾ سوين ٻيا ڪمي ڪاسبي آهن: آءٌ بہ انهن ۾ لنگهي لوري مثل آهيان (جو گهَرَ) ڪندي ٿي هلان تہ ڪو مونکي ڏات ڏئي (جو پنهون آٽي ڏي). توري= ٻيل، رولو، ٻَدو. سسئي جي لاءِ چيل آهي تہ 'هي جا ٿرن جي توري' آهي (ٻَرن ۾ ٻَدوءَ مثل اڱلڙي گندڙي آهي). اجوري= ازوري، هيڻي، تنهنجي جورين= تنهنجي زورين،تنهنجي زورن جي آڌار تي. ٥. جالي= ٽڪي، ترسي. لڪَ سين= ذري گهَڙيءَ جيترو. نڪالي= ڪڍي. پالي= سنڀالي، پنهنجي ڪري. ٧. پروَس= پرائي وس. پَرياڻ= مَنهنجو وڏو پيارو پرين. ڏاڻ= ڏاوڻ. هَئي منهنجي جاڻ= هَئي جو مون ڪين ڄاتو. ڪين ڪئو= ڪجهہ بہ نہ ڪيو.

٨

هوتَن ڪانهُ هُئِي، مون پاٽَهين پيئِي پنهونءَ سين
ٻانهِي ٻاروچَنِ جي سَڳَرَ مَنجهِه سُئِي
ساموٽِي ڪِيئن مُئِي، جِنهِ جو هِنيُون هوتَ هٿِي وِئا.

٩

پَهتَن ڪِينَ پَروڙِئو، پِٽون پيرَ ٽِئامِ
"ثُمَ لايَمُوتُ فِيها وَلا يَحيٰ"، هِهَڙا حالَ سَندامَ
ڪوجها ڪِرتَ ڪِئامَ، جِئَن هوتن ڇَڏِيسِ هَبَ ۾.

١٠

رائو رَنجائو، مون نماٽيءَ جي نِجهُري
مُنهُ ڏيئي مون آئيو ڏُونگَرَ ڏولائو
سَرتيون ساجائو، ڪيچِينِ مون سان ڪونه ڪِئو.

١١

ڪالهُون پوءِ پرينءَ ڪي، روئان متي راهَ
وِئو ٻاروچو نِڪَري، سُورَ چَڪائي ساهُ
گَهٽَ ۾ لَڳَمِ گهاءُ، لالَڻَ جو لَطِيفُ چئي.

١٢

ڏوري ڏوري ڏيهُ، ٿَڪِيسِ تورو لاءِ مون
اُونچا پاهَڻَ پَٻَ جا، ڇِپَرَ ڪونهي ڇيهُ
هِڪُ پاهَڻُ ٻِئو پَرڏيهُ، موٽُ سَٻاجها سُپرين.

١٣

جَتَنِ سان جانڪُون، سَرتيون مون سَڳُ ٽِٽو
ڪُهِي ڪوهيارو وِئو، ٿَنُ ڇِنِي تانڪُون
آن پڻ ٿَڏهانڪُون، نِيهَ نِهوڙِي آهيان.

وائي-١

آئِين ڇا ڪي تا ڪَرَهَ قطاريو،
مون نِماڻِي تان ڪِي نه ڇيو
رَهو رات پَنهورَ ۾، تان ڪا گهڙِي هِتَ گهاريو
سَچو سُخَنُ سُپرين، قولُ پنهنجو آئين پاريو
موڙِي مَجرَ ٿارِيُون، ڇانگُنِ ڪي آئِينِ چاريو
سِڪِي جِنهِ سَڳُ ڪِئو، تِنهِ معذور کي مَ ماريو.

وائي-٢

جي سيٽانِي سَڳُ، تي تِي ڏُونگَرُ ڏوريانِ
وِئو ٻاروچو نِڪَرِي، انگهَنِ چاڙهي اَڱُ
ميڙِي ميندِيءَ گُلڙا، راتِ رَتائُون رَڱُ
مُون آنهِسِين نه ڪِئو ڇِنڻِ ڪارَڻِ سَڱُ
جان ڪوهيارو ڪيچَ ۾، تان مُون پَئي نه پَڳُ.

داستان پنجون

١

جِئَن سو هَرَڻِ- هُماءُ، سَرگردان سَنسارَ ۾
پَڪَ نه ڪوڙِي پَٽيين، ڏَر سِرڏري نه ساهُ
جيڪُسِ تِنهِ مُلاءِ، سَسُئي سُورَ پرائيا.

٢

راتِ ڏِنائِين روجهه، پانءَ ڪِ اوٺِي آئيا
پريتَڻِي پِرينءَ جي سِڪَڻَ ڪي سَٻوجهَ
اڳِي هُئي اَٻوجهَ، ڪِي سُورَ سِياڻِي سَسُئِي.

٨. هوتن ڪانهُ هُئي= هوتن کي مون سان سڱ ڪرڻ جي سِڪ ڪانهَ هُئي؛ هوتن کي مون ڏانهن مدي ڪانهَ هئي. ٩. ڪين پروڙئو= ڪين سڃاتو. پِٽون= ذرا. "ثُمَ لايَمُوتُ فيها ولايحيٰ"= پوءِ نڪي ٿو ان ۾ مري ۽ نڪي جيئي. ڪوجها ڪرت= ڪچا ڪم. ١٠. رائو= ريتي ڪڪري واري رئي. رنجائو= ڏڪ. منه ڏيئي مون آيو= مونکي سامهون گهٽو ٿي آيو. ڏونگر ڏولائو= ڏونگر جو ڏولائو، جبل (جي پنڌ) جو ڏکيو ڪشالو. ساجائو= ساجاه وارو برتاءُ، سڱ ۽ سڃاڻپ وارو برتاءُ. ١١. ڪالهون پوءِ= ڪالهه (جڏهن پنهون ويو تڏهن) کان پوءِ. ١١. سور چڪائي ساهُ= سور جو ساهه چڪائي. ساهُ= ذائقو. گهٽ ۾= اندر ۾. وائي-١. ڪرهه قطاريو= وڃڻ لاءِ اٺ تيار ڪري بيهاريو. ڪي نه ڇيو= ڪجهه نه ڇيو. وائي-٢. سيٽاني= ساڻن ني، انهن سان ئي. تي= تڏهن، تنهن ڪري. انگهن= انگهن تي، پالن جي چوٽين تي. اڱ= جسم. آنهِسِين= اوهان سان. پئي نه پڳ= پَئُ نه ڇير، ڊپ نه سُور. د-٥: ١. هرڻِ- هُماءُ= هڪ پکي مثل خلاءِ ۾ رهندڙ هڪ خيالي جانور. پڪ نه ڪوڙي پٽيين= پٽن تي يعني زمين تي ڪنهِ نه ڪوڙي، زمين تي نه لهي. ڏر= ڏرتي. ڏرَ سِر= ڏرتيءَ تي. ڏري نه ساهُ= ساهه نه ڏيئي. (بي معنيٰ) آسمان جو هڪ نکٽ. ٢. روجهه= مشهور جانور. سٻوجهه= سمجهدار. سياڻي ڪئي.

٣

روجهَن ڏِني راتِ، هوتُ ڳوليندي هَبَ ۾
ڪيچِينِ جي ڪَڙِيِ تِي، توءِ ٿَنِي جي تاتِ
ٻاروچاڻِي ذاتِ، مَنان مُئِي نہ وِسري.

٤

جَبَلَ ۾ جانارَ، سَرَهَ ڳَڏبَئِي سَسُئِي
پِنيءَ پوءِ پَوارِيين، ٻانيَڻ جِي ٻاڪارَ
هوتاڻِي هيڪارَ، موليٰ مونکي ميڙئين.

٥

ثَمَرُ نہ جَنِي ساڻُ، هوتُ حِماتِي ٿِنِ جو
پُوندا چيڄَ چِپَرَ ۾، پُنهون اِيندو پاڻُ
ٿِيندِي روحَ رِهاڻِ، لَحظي منجهہِ لَطِيفُ چَئِي.

٦

مَردَ جنہ ماتُ ڪِئا سَسُئِي لَنگهئو سو
جَبَلُ وَڏو جو، ٿُوڻِ مِڙيئي نِيہَ کي.

٧

جَبَلُ ماري جَکَ، جو آڏو عَجِيبَنِ کي
توڻِي لَکَنِ لَکَ، سَيُ لَنگهندِيسِ سِگَ سِين.

٨

آڏا آريجَنِ کي جَبَلَ سُجَنِ جالَ
اَهِين مِڙِيِ هَٿَ کَڻو، چِپَرَ مِڙان چالَ
روئِي ڪَندِيس رَتَ سِين لَڪَ مِريئي لالَ
موهِيسِ ڪِين مالَ، مَحبتَ وِڌيسِ مامرِي.

٩

چِپَرُ چَمَرُ پانئِيان، ڪانيُو ۽ ڪارو
پَبُ وِجهندِيس پُٺِ تي صُبُحَ سَوارو
وَجڻُ مون وارو، ڪِينَ وِهندِيَسِ وِچَ ۾.

١٠

چِپَرَ ۽ چَمَرَ، تا لَڳہ لَڳَنِ پاڻَ ۾
آڏا ڏونگر ڳِڙهہ ڳِرا، وِيڌ وِنگايُون وَرَ
آءٌ پِيادِي پَٽِيين، نِماڻِي نِڌَرَ
سوڙهِي جِتِ سَڳَرَ، اُتِ ٻاتاڙِين ٻيلِي ٿِئين.

١١

ڪِيَمِ نہ سيڻَ صَحِي، تہ ڪي چِلائيندا چِپَرِين
تِلِي تَڪَرَ چڙهئا روڏا ڪَري رَئِي
وِئو ساٿُ وَهِي، تو نندرائي نہ لَهي.

١٢

نڪا طَلَبَ طعامَ جِي، نڪا بُکَ نہ اُڃ
اَصُلِ اَباڻِي ڏيجَ تي ساري ڏِنِيمِ سُڄ
رائو رُلَڻُ رُڄ، ڪَمِيٽيءَ قُوتُ ٿئو.

---

٣. هب ۾= بر بيابان ۾. ڪيچين جي ڪڙي تي= ڪيچين کي جي ڪٽي ڪَڙي تي (ڪيچين جيڪڏهن ڪيس ڪڙو ڪيو). توءِ= تنهن هوندي بہ، تڏهن بہ. ٤. جانار= جانور. سرهہ= جبل جا ٽير، پهاڙي ٻڪر. پِنيءَ= پوئين رات، آڌيءَ کان پوءِ. پواريين (پِئو+ واريين)= خوفائتين پيٽين ۾. ٻاڪار= خوفائتي دانهن. ٥. ثمر= قوت، سفر ۾ ڪاڌي پيتي جو سامان ۽ خرچ. حماتي= حمائتي، حمايت ڪندڙ، مددگار. چيڄ= خوشيءَ جا ناچ، سِهرا. ٦. ٿُوڻِ= نمندي، هيڻاهين.
٧. جبل ماري جک= ڀل جبل پيو ٻَخي ماري (تہ هو مونکي آڏو روڪيندو). ٨. جال= گهڻا. اهين= اوهين. هٿ کڻو= دعا لاءِ هٿ کڻو، دعا ڪريو. چال= شال. موهيس ڪين مال= مونکي مال ملڪيت ڪونہ موهيو، ڪو نہ هرڪايو. ٩. چپر= سڀ جبل ۽ پهاڙ. چمر= جهڙ ۽ ڪڪر. ڪانيو= جبل جو نالو (ٿاڻي بولاخان ڪان اتر). ڪارو= جبل جو نالو (نوري آباد جي پريان هيٺين وادي ڪان اولهہ). پَبُ= جبل جو نالو (ڪراچي ڪان اتر اولهہ). وجهنديس پٺ تي= پُٺتي ڇڏينديس، ان ڪان اڳتي مٿي وينديس. ١٠. لڳہ= ڪڪر. ڳِڙهہ ڳِرا= شاهي ڪوٽن قلعن مثال وڏا جبل. وِيڌ= مشڪل، سخت. ونگايون ور= جبل جون ڏنگايون ۽ وَر وراڪا. پٽيين= پنڌ جي پٽين ۾. نڌر= بنا سهاري. سڳر= واٽ. ٻاتاڙين= پريشان ٿيندڙن. ١١. ڪيم نہ سيڻ صحي= مون سيڻن (ڏيرن) کي صحيح طور تي نہ سڃاتو. چلائيندا چپرين= مونکي جبلن ۾ روليندا. روڏا= اٺ (ڏيرن جا). وئو وهي= وهي وئو، لنگهي وئو. نندرائي= ننڊ جو گهيرٽ. ١٢. اباڻي ڏيج تي= اباڻن جي ڏنل ڏاج تي ئي مون منهنجي لاءِ (پنهنجي قسمت ۾ لکيل) سڄي سڄ ڏٺي.

وائي

منهنجو هنيَڙو تو هُنِ ساري، جيڏيون ڙي!
آئون جا هَلندِي ويندِي هوت ڏي
آئون جا ڪَهندِي ويندِي ڪيچ ڏي
هوتَنِ هَلڻُ مَنَ ۾، ڪيرُ گهڙي هِت گهاري
آسَرَوَندي آهيان، مانَ واحدَ آڻينِ واري
پَندَ اَڙانگا پَيُيون، مونکي ڪوهيارو تو ڪاري
سَچو سُخَنُ سُپرين، مانَ پُنهل پنهنجو پاري
جيرو اندر جِندَڙي، وِئو باروچَلُ باري
سِڪِي جِنه جو سَڳ ٿئو، سا مَعذورَ وِئڙا ماري
بانهي باروچل لاءِ، تِي تاڙي جيئن تَواري
وِڏا ڪَمَ ڪَرِيمَ تي، هِنَ ويچاريءَ واري.

داستان ڇهون

١

آڏ تِراڇا آهُڙا، ڏُونگرَ ڪي ڏاڪا
وَني وَرُ واٽَ ٿِئا بَرَ چَڙهي بانڪا
ڦَنيا ڦَڻَ فقيرَ جا چَڙهندي چَڙهاڪا
هَنِ جِيءَ اندرِ جا ڪا، سا وِئا پُڄائي پانهنجي.

٢

آڏ تِراڇا آهُڙا، ڏُونگرَ ڪي ڏاڪا
ڪِيَمِ آهَ عَجِيبَ ڪي سِڪَ مَنجهان ساڪا
پَئي هَتِيڪِي هوتَ ڪي ڪُوڪَ ڪَنين ڪاڪا
مُنهنجو وَسِ واڪا، پُڌڻ ڪَمُ بَروچَ جو.

٣

آڏ تِراڇا آهُڙا، ڏاڪا ڏُونگرَ ڪي
هُوءَ جي وَرَ وِندُرَ جا، مارِيندا مونکي
هاڙهو هيٺِيءَ ڪي، لنگهائيجِ لَطِيفُ چَئي.

٤

آڏ تِراڇا آهُڙا، وِندُرَ وَراڪا وَرَ
حُبَ جِنهِين ڪي هوتَ جي، سا ڏوريندي ڏُونگر
پَهُچائِين پَرورَ، لُطفَ سانڊُ لَطِيفُ چَئي.

٥

آڏ تِراڇا آهُڙا، وِنگا وَرَ واٽُنِ
جيرا، جِگَرَ، بُڪِيُون آريءَ لَئي آٽُنِ
ڪَشي ڪَنواٽُنِ، سَنيُوڙا سَيدُ چَئي.

٦

آڏ تِراڇا آهُڙا، وِندُرَ وَراڪا واڪَ
اُجهايَسِ اُونِين جي قُوڙائِي فِراق
پُنهون پَرمَلَ پاڪَ، واحِدَ لَڳِ وَرِيجُ تون.

٧

ڪوڏِرِ نہ ڪاتِي، جِنهِ سِينِ ٽَڪَرُ ٽاڪِيان
جيڪو جَبَلُ لَنگهِيانِ سو هَيبَتَ جو هاٿِي
پُنهونءَ جا پاٿِي، سا جَڙَ جِڙي نہ لَهي.

٨

ڪَرَڙا ڏُونگرَ ڪَهَ ڪَهٽِي، جِتِ واٽُنِ تي وارِي
آڏا لَڪَ لَطِيفُ چَئي، بَرَ سُجَنِ بارِي
جا منزَلُنِ مارِي، سا قادِرَ ڪيچ رَساٽِئين.

٩

ڪَرَڙا ڏُونگرَ، ڪَهَ ڪَهٽِي، جِتِ جَبَلَ گهُونا گهُون
ليڙَن جيون لَطِيفُ چَئي، اُتَ تَنگ تَوارُون پُونِ
جَنِ ڏنو پيرُ پُنهونءَ جو، سي ٽَڪين رُون نہ چُونِ
هُوندَنِ مَتي هُونِ، لاڳاپا هِنَ لوڪَ جا.

١٠

ڪَرَڙا ڏُونگرَ ڪَهَ ڪَهٽِي، جِت ماٺِرِ مَتاهِين

وائي. هوتن هلڻ= هوتن جو هلڻ، هوتن ڏانهن هلڻ. تاڙي جيئن تواري= تاڙي پکي وانگر مينهن لاءِ لاتيون ڪري. (تاڙو پکي آرهڙ ۾ ٻوليون ڪرڻ شروع ڪندو، ۽ عام روايت تہ مينهن کي تو سڏي، مينهن واري موسم (جولاءِ کان آگسٽ تائين) بہ تنواريندو. عام طرح ان جو رنگ هيڙهي جهڙو، اچي ڪنيءِ سان ٿئي. راقم تاڙي بابت گهٽي پڇا ڪئي پر معلوم نہ ٿيو تہ ڪٿي ٿو رهي يا ڪٿان ٿو اچي. هڪ پيري مون ننگرپارڪر ۾، نيري رنگ ۽ موڙ سان تاڙو ڏٺو). د٦: ١. آڏ تراڇا= آڏ ترڇا؛ سنوان سڌا نہ پر سامهان پاسيرا، اُڀا اٽاوا. آهڙا= ٽُڪيل پهڻ پٿر (آهڙڻ، آهوڙڻ= چَڪي يا جنبر جي پٿر کي ٽُڪڻ)، وچان وڍ وارا اڀا پٿر. ڏاڪا= چِپن مٿان چِپون. بانڪا= زوراور، بي پرواهہ ڦڻ= پيرن جا پٻ، پير (چيلڙن جا ڪَچا گُر= ڦڻ). هَنِ= هئن. ٥. آٽن= ايذائجن، ڪلمن. ڪشي ڪنواٽن= ڪنواٽن کي پوريءَ طرح تيار ڪري. سنيُوڙا= هلڻ لاءِ سنيريا، سنيري نڪتا. ٩. ڪرڙا= ڏاڍا سخت وڏا ۽ ڏکيا. ڪہ گهٽي= پنڌ جي منزل وڏي. گهونا گهون= شاهي وڏا ۽ نرالا. تنگ= تنگ ۾، سوڙهي لڪ ۾. توارون پون= ان جون رڙيون پيون پون (جو سوڙهو ڏکيو لڪ ٽا لنگهن). هوندن متي هون= جئرن تي ٿي آهن.

أتي عبداللطيف چَئي مِرُو مَهائِين
آرياڻِي آهِين، مَنهُن مَعذورِين جو.

١١

کَرڙا ڏُونگرَ ڪَهَ گهَٽِي جِتِ روڏا رِنگائي
سانگاپي سيٽن جي تِي وِندرِ واجهائي
رَهِيسِ رَسُ لطِيفُ چَئي، تي ڪميٽِي ڪاهي
آرِياڻِي آهي، مَنهُن معذورين جو.

١٢

کَرڙا ڏُونگرَ ڪَهَ گهَٽِي، جِتِ رِڻُ ٽِتو رائو
تِترُ ٽئي مَ تِنِ ڪي ڏُونگرَ ۾ ڏائو
جَڏ جامُ پُنهون جائو، تڏ ٽِئو سَولو طالِعُ ساٿ جو.

١٣

کَرڙا ڏُونگرَ ڪَهَ گهَٽي، جَبَلَ جاڏا جِتِ
لوچي مُنڌ لَطِيفُ چَئي تاڪُو پَسِئو تِتِ
هوتَ پَهُچجُ هِتِ، آءٌ تہ اوجهڙ نہ پَوان.

١٤

کَرڙا ڏُونگرَ ڪَهَ گهَٽي، جِتِ جَبَلَ جالارا
ڏِنرِ ڏادِين ڏُونگرين لَئي آريءَ آلارا
ڪَهَ ۾ ڪوهيارا، اَچجُ تہ اوڏِي ٿِيان.

١٥

کرڙا ڏُونگرَ ڪَه گهَٽِي، جِتِ جَبَلَ سُجَنِ جالَ
هاڙهي ڪي هَٿَ گهٽا، ڇِپَرِ مڙان چالَ

ڪيڇِي وِٽڙمِ ڪالهہ، تي ٽِي ڏُونگرَ ڏورِيان.

١٦

ڪِين واري ڪِين واٺ ڪِين پَهَڻَ ڪِين پيچَرو
هَلِي هاڙهِي سامُهِين لَڳِيَسِ اُجَ اُساٺ
ڳوڙهَنِ پَري ڳاٺ، اَپِرَ آلاپُون ڪَري.

١٧

ڪارا ڏِنرِ ڪانگَ، لَمَندا لَکَنِ ۾
چانڪ پَهَرَ پنهونءَ جي، هي وچان ٿي ويڙانگَ
نَڪا وَسِين وِچَ ۾، نڪا آنگ نہ چانگَ
سُپيريان جي سانگَ، مادرِ ماري آهِيان.

١٨

هيڏي شَهَرَ بَنبُورَ ۾ جي ڪا هُيَمِ ماءُ
بَڍِي سُورَنِ سَندرو ساٿُمِ هَلي سا
تون پرائِي ماءُ، متان ڇِپَرَ ۾ ڇُوتا ٿِئين.

١٩

سِڪي جان سُتِياس، تان سِڪَ سُمهڻُ نہ ڏِئي
جاڳِي سُتِيَسِ جَنِ لَئي، سيُ آيا تان نہ اُٿِياس
پيئرُ آءٌ پُلِياسِ، نا تہ سِڪَ سُمهڻُ ڇا لَڳِي!

٢٠

هوتَ نہ پَهُچان هوڏ، آءٌ پيادي پَنڌ گهَٽو
لَکَنِ تان لَطِيفُ چَئي، تِڪا وَجِنِ توڏ
اوڏِي ڪَري اوڏ، پَهُچائيجُ پُنهونءَ ڪي.

مَهائين= وڏا خطرناڪ. ١١. جت پنڌ جي وڏي منزل (ڪه گهٽي) ات اُنن کي رڙيون ڪرائي (روڏا رنگائي). سانگاپي سيٽن جي= سيٽن جي سانگي. وندر واجهائي= وندر (ندي واري جوءِ) کي ڳولي. رهيس رس= سندس ساراهہ ۽ سَرسي ٿي، قلمي رسالن ۾ اها پڙهڻي ائين آهي پر شاھ جي شاعري جي معيار کان گهٽ آهي. شايد اصل صحيح پڙهڻي ”رهيس رس رجن ۾ ٿي ڪميٽي ڪاهي“. منهن= ڍڪ، اجهو. ١٢. مسافري تي يا ڪنهن ڪم سان ڪيڏانهن ويندي جيڪڏهن واٽ جي سڄي پاسي ۽ سڄي هٿ تي ٽِتر تواريو تہ سَٽائو (سياڳو) چئبو ۽ جي کٻي طرف هولي ڪيائين تہ اٽائو چئبو. سسئي آس ٿي ڪري تہ جنهن ساٿ ۾ سندس پيارو پنهون آهي تنهن کي جبلن جي لڪن مان لنگهندي شال سوڻ سجايو ٿئي ۽ کٻي طرفان تتر نہ هولي. ١٣. تاڪُو= تڪيندڙ، اچو، بَڻُو. ١٤. جالارا= گهٽا ۽ وڏا. ڏنر الارا= چوٽون ڏنير، همت سان چڙهيس. ١٥. هٿ= ڪنهن وڏي جبل جون پاسي واريون شاخون. ١٦. هاڙهي سامهين= هاڙهي جبل کي سامهون. اپر= گهٽيون، وڏيون. الاپون= سڏ جون تواروُن، ڪوڪارون. ١٧. ڪارا ڪانگ= ڪارا وڏا ڪانگ روهہ جا، روڏ. چانڪ= چوان تہ. ويڙانگ، وڙانگ= وِڙواند= بدشڪل بيهودا. وسين= آبادي. نڪا آنگ نہ چانگ (محاورو)= نہ ڪا پھر نہ پڙلاءُ، نہ ماڻهو نہ ڇيڙو. سانگ= جدائي. ١٨. هيم ماءُ= منهنجي سڳي ماءُ هئي. ٢٠. هوت نہ پهچان هوڏ= اي منهنجا هوت! آءٌ هوڏ هٽي ڪانہ پهچنديس. توڏ= توڏا، اٺ. اوڏ= آڏو، اورتي، ويجهو.

٢١

پُڄان جي نہ پُڄان، وَڄڻَ سِين وَسُ ڳَريان
سَڳَرِ مان سُڄان، تہ رائي ۾ رَڙِي مُئي.

٢٢

ماٺِڪُ مِٺُ سَندومِ، اُونداهِيءَ ۾ سوجهَرو
حَشَرَ ويلَ حِسابَ ۾، ڇَڏي نہ وِيندومِ
ساري سَڌُ ڪندومِ، ڪوهيارو ڪيچ ڏٺي.

وائي-١

وِينديَسِ ڪيچ ڪَهِي، سيڻَن ساڻُ صَحِي
آئون جِينديَسِ تان نہ جَتَن ري
وِهان ڪِيئن ماٺِ ڪَري، هيڏو سُورُ سَهي
پيئَرُ هِنَ پَنيورَ ۾، سارِيان ڪونہ سَهي
اڳيان آريءَ ڄام جو وِٺَڙو ساڻُ وَهِي
صُبحِ ڏُونگَرُ ڏوريان، ڪَنهِ پَرِ راتِ رَهِي.

وائي-٢

ڪوئِي ڏُونگرُ ڏوريان، ڪوئي جَبَلُ جهاڳِيان
پُهچان وو ميان شالَ پِرينِ ڪي
لَڳَڙي پيرِ پِرينِ جي، آءٌ جا ڏونگرَ ڏوريان.

داستان ستون

١

ٻُرو ٻِگر بي، ڏِينِ پارسِيُون پاڻَ ۾
مون لوڏان ٿِي لَڪيا تہ هاجو ڳَندا هي
مارِيندا مونکي، پُنهون نِيندا پاڻَ سان.

٢

ٻُرون ڦُذا باٺ جَنِ، ٽانگ رَوان ٽيشِي
ڏِين پارسيون پاڻَ ۾، ايذ ٻِلُون ايشِي
ليڙا راتِ لَطِيفُ چئي ٻَذاٿُون نيشِي
پُنهون پَرويشِي، ڪِچ پيادِيءَ جي پنڌ ۾.

٣

ٻُرو ٻِگرِ بيلغان، مون نہ پَروُڙِي مامَ
ٿو داٿو ڪُشتغان، چِلِي چِپَرِ لامَ
اَچِي پَئي ٿَن سامَ، 'دُراه دُراه' ڪَنِ جي.

٤

جيڪَرَ رَوان روش، مَروشِي محبوبَ ڏي
مَنا ڳُشتئِي مولدِي، ڊِيما پنهون دوش
ٿئِي ڳَنواڪ مَنِي گوش، سُٽِي مانَ سَڳهِي ٿِيان.

---

٢١. سگر مان سڄان= ساٿ ۾ ۽ ساٿ واري واٽ ۾ مان مشهور ٿيان (تہ ويچاري رائي ۾ رڙي مئي). وائي-١. سهي= همدرد، سرتو جيڪو سٺي سهي، سمجهي ۽ حال پائي ٿئي. د-٧: ١. برو= وجو. بگر= جهليو. بي= سواءِ (=١. وجو اُٿو اٿ جهليو (هن سسئي) ڪان سواءِ. پارسيون= بلوچي ٻوليءَ جا لفظ، يعني بلوچي ٻوليءَ ۾ پيا ڳالهائين. مون لوڏان ٿي لڪيا= سندن هلڻي وارن لوڏن مان ٿي ڪين صحي ڪيو. ٢. برون ڦزا= پوئتي هلون، پوئتي موٽون. ٽانگ روان= ڪيڏانهن وڃان. ٽيشي= اوهان ڪان (انهن جي وائي تہ 'پوئتي موٽو'; پر آءٌ اوهان ڪان سواءِ ڪيڏانهن وڃان. ما= اسان. وَذي= پنهنجو. براٺ= ڀاءَ. برون= وٺي وڃون. ايذ= هتي. بلون= ڇڏيون. ايشي= هن کي (اسان پنهنجو ڀاءُ وٺي وڃون ۽ هن کي هتي ڇڏيون). ٻِذاٿون= بار سان لڏيائون، تيار ڪيائون. نيشي= وڏا نيش اٿ. پرويشي= پوئواري. ٣. برو= وجو. بگر= جهليو. بيلغان= يارو، ٻيليو! ('ٻيلي يارو اٿو، اُٺن کي جهليو'.) اها مام انهن جي مون نہ سمجهي. ٿوَ= ٿوُ، تپ. داٿو= ڏنائون، ڏيئي. ڪشتغان= مونکي ماريائون. چِلي چپر لام= جبل واري لانڊي ڏي روانا ٿي (پنهون ڪٺي جبل ڏي روانا ٿي مونکي بيمار ڪري ماريائون). دُراه دُراه= خوش خوش، بلوچي ۾ ٻليڪار ۽ خير عافيت جي خاص لفظ. (سسئي قسمت سان انهن وٽ اچي سام پئي جيڪي هوندئن تہ وڏا لائق آهن). ٤. روان= وڃان؛ روش= ڏانهن؛ مروشي= اڄ (جيڪر اڄوڪي ڏينهن جو اڄ ئي محبوب ڏي وڃان). مَنا= مونکي؛ ڳُشتئي= چيائون، مولدَي= مولِدئي= تون ٻانهي؛ ڊِيما= پويان؛ دوش= پنڌ پئو (مونکي چيائون تہ ٻانهي تون پنهونءَ جي پٺيان پنڌ پئو). ٿئِي= تنهنجو؛ گنواڪ= سڏ؛ مَني= منهنجو؛ گوش= ڪن (تنهنجو سڏ ۽ منهنجو ڪن، سو سٺي مان مضبوط ٿيان).

۵

مَهارُون مَيَنِ جِيُون، ڦذا ڦيريائُون
'مَروشِي جَبَلَ رَوُون' ايءِ وائي واريائُون
مونکي مارِيائُون، ٻاروچي ٻولِي ڳَري.

۶

ڦذا ڏيرَ ڦنگي وِئا، هُئا جوراٽا جَتَ
ايذ ننِدي ايگُوا، هُنِ پَلاٽِئا پَرَبتَ
ماڙهو ڏِينَمِ مَتَ، لَجَ بَلوچان نِشتغان.

۷

شَوا وَهاوَ شَموشِ، سِگھي مڙنِدِينءَ سسئي
ليڙن جو لطِيفُ چئي، گُنواک نہ ڪِئڙءِ گوش
روش مَروشِي روش، ڪاهِ تہ ڪيچين کي رسين.

۸

داسا داڪا داڙي، هَنداڙي هُئامِ
هُر داسا هِنَ حال جي هتي هوتَ ڏِنامِ
پَزِيري اِيندامِ، پائي پيچُ پِريتَ جو.

۹

پُنهونءَ سانُ پرِيتَ جو ڪو جو پِئڙُمِ پيچُ
ڪَنِديَسِ ڪشالا ڪافَ جا، هاڙهو پانيان هيچُ
ڪاهي مَٽنِديِسِ ڪيچُ، ديرو دوست پُنهونءَ جو.

۱۰

پُنهونءَ سانُ پِريتَ جو، ڪوجو پيچُ پِئومِ
پَنيي هِنَ پَنيورَ ۾، ويهَنُ وِهُ ٽِئومِ
مَتيون مونَڻَ سنديُون ڪاڪِيُون ڪيم ڏِئومِ
سَرتيون ساهُ سَندومِ، ٽِئو حوالي هوتَ جي.

۱۱

ڏُکيءَ کي ڏُکن جا ڏاجَنِ تي ڏاجا
لَڳِيَسِ نائُڪَ نِيهَ جي ڪُڙهِ اندرِ ڪاجا
ٽُرنِ ۾ ٽاجا، ڳَري مُنڌَ مِرُنِ سين.

۱۲

ڪو مُنهُ ڪُنُلِ آئيو، وَسِ نہ ويچاري
هوتَ تُنهنجي هَٿَ ري، پَهُچي نہ پاري
اَچِين جي آرِي، تہ پاندُ پُڄي لَڪُ لنگهِيان.

۱۳

ڪو مُنهُ ڪُنُلِ آئِيو، ويچاريءَ نہ وَسِ
هوتَ تُنهنجِي هَٿَ ري، گولِي ٽِئي نہ گس
ڪو ڏَسُ ڏُکيءَ کي ڏَسِ، تہ مُوڙهِيءَ ڪو مُنهُ ٽِئي.

۵. ڦذا ڦيريائون= پوئتي واريائون. مروشي= اڄ. روون= ويندا سون. ۶. ڦذا= پوئتي. ڦنگي وئا= ڪنيي وئا (پنهونءَ کي ٻڌي ڪٽي وئا). جوراٽا= ڏاڍا، زوراور. ايذ= هتي؛ نندي= ويهي، هجي، رهي؛ ايگُوا= اڪيلي. (هي پَلِ هِتي اڪيلي هجي، ائين چئي هنن پنهنجا شاهي اٺ پلاٽئا). لج= لج. بلوچان= بلوچن جي. نشتغان= ويٺي هجان (بلوچن جي لج آهيان، ٻاهر نہ نڪران ۽ ويٺي ئي هجان). ۷. شوا= رات، وهاو= ننڊ. شموش= وسار (راتين ننڊ وسار). گنواک= سڏ. روش مروشي روش= روز. اڄوڪي روز= اڄ اڄوڪي ڏينهن. ۸. داسا= هاڻي. داڪا، داڪان= هتان. داڙي= هتي. هَنداڙي= هِتي، اتي (هاڻي. هتي، هتڙي منهنجا پيارا پرين هئا). هُر= ڏس. داسا= هاڻي (پنهنجي حال جي ماجرا ڏسو جو هاڻي هتي ئي تہ تنهنجا هوت هئا، جيڪي مون کان هليا ويا). پزيري= بالاخر، آخرڪار (= اهي نيٺ آخر پريت جو پيچ پائي مون وٽ ايندا). ۹. پيچ= وراڪو. هيچ= ڪجهہ بہ نہ (منهنجي لاءِ هاڙهو جبل ڪجهہ بہ نہ آهي). مٽنديس ڪيچ= سڄو ڪيچ کي نظر ۾ رکي هلنديس. ۱۰. پنيو= ڳاڙهيرڙي پوري رنگ وارو، ڳاڙهاڻ تي مائل سهڻي وڻندڙ رنگ وارو- پنيا وار= ڳاڙها- پورا سهڻا وار. [اڪثر ٽوڪ ۽ ننڌڻ واري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ (واه! پنيي ڏاڙهي واه! اي سهڻا، تو هيءُ ڪم ڪيئن ڪيو!) پنيي هن پنيور= هن سهڻي پنيور ۾ (طعني طور). ۱۱. ڏکيءَ کي= ڏکي سسئي کي ڏکن جا ڏاجن مٿان ڏاج مليل آهن. نائڪ= تکي تيز چهنب، پالي جي چوٽي، اک جي اٽي. ڪڙهہ اندر= اندريون جسم، اندر قلب ۾. ٽرن= برن. ٽاجا= منڊل، شغل. ۱۲. ڪُنل= سڪ ۽ محبت جي ماريل. پاري= نِڪمي. پاند پڄي= پاند کي پُڄي، جهلي. ۱۳. تنهنجي هٿ ري= تنهنجي مدد کان سواءِ. گولي ٽئي نہ گس= گولي گس سان نہ لڳندي، گوليءَ کي گس هٿ نہ ايندو. موڙهي= مُنڌل.

١٤

ڪوهيارا ڪَهَل پَئِي، ڪو ساجَنَ مُنج سَلامُ
سِڪ تُنهنجِي سُپرين ڪِئو تَنُ تَمامُ
هَتين حاج وِهُ تِي، نيٽين ننڊَ حَرامُ
آءٌ دوست نہ سَهان دامُ، تون وِندرِ تو ويلا ڪَرين.

١٥

ڇِپَرِ هوتَ پُنهونءَ جِي جڏهن پيئِي بُوءِ
راڻِين وَرِي رُوءِ، گُوندَر لٿا گولِيين.

١٦

جڏهن پيئي ڇَڳَ، ڇِپَرِ هوتَ پُنهونءَ جي
پَرَهي وينيون پَٽَ، گُوندَرَ لَٿا گولِيين.

١٧

ڪَري ڪيچِي هَلِئا آيَلِ اوطاقون
سُڪيون نہ سيٽَنِ جي ماڳَنِ تان ماڪُون
نِسوريُون ناڪُون، سَڄي هَلِئا سُورَ جِيُون.

١٨

ڏيرَنِ ڏوهُ نہ جيڏِيُون، ماءُ مِڙوئي مُون
آءٌ اَسُونهِين، اوءِ سُونهان پِرين سندا پَرِيُون
اَصُلَ آريجَنِ جو پاندُ نہ پُڄتوسُون
جَنِ جو تون هِين تون، سي پيادِيون پَهُچائِيين.

١٩

جيڪُسِ آءٌ نہ تِيئَن، ڄِيئَن پِريَٽُو پِرينءَ سين
جي ٻَڌِي سُتِيَسِ سوگهو ڪَرِي، ڇِلورُ ڇاتِيءَ سيئَن
تہ ڪيچِي ڪاهي ڪَرَها مون ڪان وَجن ڪيئَن
ڏوهُ مُنهِنجي ڏينهَن، ناتہ گهَڻُو سَباجها سُپرين.

٢٠

سَڄي هَٽِ ساتِينِ جي مَ واٽَ مالارِي
ڏائي جا ڏِيرَنِ جي، مَٿِچ سا ٽارِي
مانَ وِرمَنَ وِچَ ۾ اولاٽي آرِي
اَسُونهِ ويچارِي، ڪَنہ پَرِ مِڙِي ڪيچَ کِي.

وائي-١

لَڳِڙِي آهِ لَغارَ، وو يارَ!

لُنئَ لُنئَ ۾ لالَڻِ جي
سَنڌَ سَنڌَ ۾ ساجَنَ جي
ميخُون محبتَ سَنديُون، هنيَڙي مَنجهہ هَزارِ
جَڙَ جَنِي جي جانَ ۾، لَڳِڙِي رِءَ لُهارِ
لوڏيان لوهُ نہ نِڪري، ڪِٽڪِئو مَنجهہِ ڪِنارَ
آءٌ سُتِي هُو هَلِيا سَنجهي ٿِئا سُوارَ
ڪُهِ سي جِيَڻَ ڏِينهَڙا جي پِرين پُنهوئان ڌار

١٧. اي آيل (امان)! ڪيچي اوطاقون ڪري هليا (الف) منهنجي مَن ۾ اوطاقون ڪري هليا ويا (ب) هت پنهور ۾ رهي ويهي اوطاقون ڪري هليا ويا. اجهو هاڻ ويا آهن! انهن سڀڻن جي ماڳن ٽڪاڻن تان اڃان ماڪون ئي ڪين سڪيون آهن. ناڪون= ناڻڪون، ڀالن جون چنهبون چوٽيون: سڃي= (ڀالن جي چوٽين سان) مونکي نشان ڪري. ١٩. ڇلورَ= ڇلي دار وارن وارو، گهنڊيدار وارن وٗارو (سهٽو پنهون). ٢٠. پهرين ٻن سٽن ۾ 'مالهاري جي سوڻ' ڏانهن اشارو (جيڪو ٿر ۾ اڃان تائين مڃين). ڪنهن پاسي ويندي جيڪڏهن واٽ تي مالاري پکي ڪٻي پاسي کان اڏاڻو ۽ سڄي طرف ويو تہ سوڻ سولو ٿيو ۽ واڌائي ملي تہ اڳتي وڃجي؛ پر جيڪڏهن سڄي طرفان اُڏاڻو ۽ ڪٻي طرف ويو تہ چئبو تہ سوڻ سولو نہ ٿيو، اڳتي نہ وڌجي پر پوئتي موٽجي. (هن بيت موجب سسئي ٿي چوي تہ: اي مالاري تون ڪٻي پاسي کان اُڏامي ساٽ جي سڄي طرف نہ وڃجان. (ڇو تہ ساٽ وارا اهو سوڻ سٺائو سمجهي پاٽان اڳتي هلندا)؛ پر سڄي طرفان اڏامي ڪٻي طرف واري وڻ جي ٽاري ڏي وڃجان (تہ مَن ساٽ وارا ويهي رهن ۽ تڪڙو اڳتي نہ وڌن). ورمن= ترسن. اولاٽي= ائن تان بار لاهي. اسونہ= اڻ سونهين.
وائي-١. لغار= محبت جي لغار، سڪ جي رَتي. لنئہ لنئہ= وار وار ۾. ميخون= ڪليون. جڙ= ڳنڍڻ واري تار. ڪٽڪئو منجهہ ڪنار= زخم، گهاء يا ڦٽ جي وٽ يا ڪنار ۾ ڇُٽڪيو.

کانگِن ڪانگيرا ڪِئا، چُڪِيءَ ڪي چوڏارَ
گھڻو اُڪَندي آهِيان، جَتَنِ جي جِنسارَ
جان ڪِين اورَڻُ پِرينءَ سِين، جان ڪِين پِرينءَ پَچارَ
آءٌ نِماڻِي نِڪَڻِي، دَمج تون دِلدارَ.

وائي-٢

هوتِنِ بنا نِي ميان، پُنهونءَ بِنا نِي ميان
درد فِراق!
اديون آريچَنِ جي آءٌ نِهوڙِيَسِ نفاقَ
ڏُونگرُ ڏورِئو نہ ٿئي، مون وِلهيءَ ڪانهي واڪَ.

کانگيرو يا کانگورو (جمع. ڪانگيرا، ڪانگورا)= ڪنهن زخميل ڪانءُ يا ڪنهن ٻي شيءِ جي مٿان ڪانگن جو گڏ ٿي اڏامڻ ۽ زور سان ڪان ڪان ڪرڻ. دمج= ڪر وارو ٿج، پنهنجو وڏو دم رکج. وائي-٢. نفاق= مخالفت. ولهي= ٽڪل، هيڻي. واڪ= سگهہ.

سُر ڪوهياري

غفلت واري ننڊ (نوم) جي سسئيءَ تي ميار، هن داستان جو مکيہ موضوع آهي.

لَيلَ نہ جاڳينءَ لِکَ سين ڪُلي نوم ڪئاءِ

سسئيءَ جو بہ پڇتاءُ تہ: ”آلوڙئو اکين، آيم ننڊر اياڳ جي“! پياري پنهونءَ پنيان پنڌ ڪندي سسئيءَ جو جبل سان پنهنجو حال اورڻ داستان-٢ جو مکيہ موضوع آهي.

داستان پهريون

١

لَيلَ نہ جاڳينءَ لِکَ سِين، ڪُلِي نَومُ ڪئاءِ
قُم تِي پَهُچ قَرِيبَ ڪي، اِجلِس تو نہ جُڳاءِ
مُني مِزمانن سين ويهي رات وِهاءِ
جيلاهَ نِندَرَ نِئاءِ، تي روزُ روئِين ٿِي راهَ ۾.

٢

لَيلَ نہ جاڳِينءَ لِکَ سِين، نومَ سُتِينءَ سَڀِ راتِ
اوڳي اُونِيڙَنِ جا پَهَ پُڇِين پرِياتِ
ٿِيءُ سَڳِرِ تَنِ ساٿِ، تہ پوري ڪِنهِ پالَ مڙِين.

٣

لَيلَ نہ جاڳِينءَ لِکَ سِين، سُتِينءَ راتِ سَڄِي
هِتان هوتاٽِينِ جيُون وِيُون خُرزِينُون کڄِي
پوري تُون پڄِي، سَبَبِ ڪِنهِ ساٿِ مڙِين.

٤

اِجلِس ڪَري اُٿيا، ٽواري توڏِنِ
’نَومُ‘ نوازي اُنِ جي مَرحَبَا موڏِنِ
رِڙهِي پَسُ روڏِنِ، ’اَليومُ سِيرُوا‘ سَسُئِي.

٥

غافِلِ غَفلَتَ چوڙِ، تُون ڪِئَن اُٽاسِي اوجهَرِين
هُوءَ چُپاتا چڙهي وِئا، وِجي پَهُتا تورِ
نيٽِين نِندَرَ اُڪوڙِ، جِمَ وَٽَن ۾ واڪا ڪَرِين.

٦

نِندَرَ ويرياٽِي هوءَ، جيڏيُون جِمَ سُمَهو
مَيخُڻِ مُون جِئَن روءَ، ڪا واڪا ڪِئو وِيڙِ ۾.

٧

سَنجهي رَهيين سُمَهي، غافِلَ مَنجهِ ڳهَرِنِ
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چئي، ڪَرڳِلُ ڪِيوءَ نہ ڪَنِ
سي ڪِئَن مُحِبِ مِڙَنِ، جي سَنجهيئِي سُتِيُون.

٨

آلوڙِئو اڪِيئَن، آيَمِ نِندَرِ اياڳَ ڪي
هاٽِي هِنَ بَنِيورَ ۾، گهارِيان ڪارَڻِ ڪَنِ

د-١: ١. هن بيت ۾ ’ذهسنامي‘ جي روايتي صنعت جي جهلڪ آهي. جنهن موجب، ٻين ٻولين جا توڙي سنڌي جا انوکا الفاظ بيتن ۾ آندا ويندا آهن. هن بيت ۾ عربي جا الفاظ پوتل آهن. ليل= رات. ڪُلي= سڄي (رات). نوم= ننڊ. قُم= اُٿي کڙي ٿي. اِجلس= ويهہ. تي= تيلاهہ، تنهن ڪري. ٢. ٿيءُ سڳر تن ساٿ= تن جي ساٿ واري واٽ ۾ هل. ڪنہ پال مڙين= ڪنهن پال پلائي سان پنهونءَ کي گڏجين. ٣. خُرزينون= سامان کڻڻ لاءِ ڳڙيا (چمڙي، ڏاس يا سڻ مان ناهيل وڏا ٻنا ٿيلها جيڪي اٺن ۽ گهوڙن تي رکجن ۽ ٻنهي پاسن ڏانہ لڙڪي بيهن). پوري تون پڄي= اي اوڳي! تون تڪو تڪڙو هلي شال ڪنهن حيلي (سبب) سان ساٿ کي پهچين. ٤. (پنهونءَ جا پائر سسئي جا ڏير رات جو) ويهي آرام ڪري (اجلس ڪري) اُٿن کي هونگاري سنيري اُٿيا. (انهن کي هڪ تہ) اُن (سسئي) جي ننڊ پئي نوازي (ڪاميٰاب ڪري)، ۽ ٻي اٺن کي (موڏن کي مرحبا مرحبا موڏن) جيڪي تيز تڪا هليا. (اي سسئي! پنهنجي آهستي رفتار سان پڻ) رڙهي پنڌ ڪري اٺن (روڏن) کي ڏِس: اڄ ئي (اليوم) رواني ٿي ۽ اڳتي جو سفر ڪر (’سيرو!‘ لغت جي لحاظ سان جمع جو صيغو آهي، يعني هلو، سفر ڪريو). ٥. اِٽاسي= جنهن کي ناس پتو نہ هجي، بي نڪي، بي اوني. اوجهرين= ننڊ ۾ جهوٽا کائين. چُپاتا= چپ چپاتا، ماٺ ۾. جم وٽن ۾ واڪا ڪرين= متان گهٽو پوئتي رهجي وڃين ۽) پئي جهنگ ۾ رڙيون ڪرين. ٦. ويرياٽي هوءِ= ويرياٽي ٿئي، ويرياٽي آهي. ٧. ڳهرن= ننڊ جي ڳهرن ۾. ڪرڳل= گوڙ. ٨. آلوڙئو، آلوڙيو= ننڊ لاءِ اکين آلاڻ ڪئي، اکين ۾ آلاڻ ٿي. ڪارڻ ڪن= ڪن لاءِ ڪن جي واسطي.

اَدِيُون اوئِٽڙن، هنيين سِين هاجو ڪِئو.

۹

جَڏهِن سُتِيُون جي، پَٽرِ پيرَ ڏِگها ڪَري
تَڏهِن تَنِي ڪي، ساڻ سُتئِي ڇَڏِئو.

۱۰

اِيءُ ڪَمُ ڪَميڻين، جِئَن سُتِينءَ پيرَ ڏِگها ڪَري
نندِران نِماڻين ڪي اوپالا اَچَنِ
ليٽِيين ڪِيئَن لَطِيفُ چَئي هارِي رِي هوٿَن
سي ڪِيئَن پُنهُون پَسَنِ، جن ڪي نِيرُ نِندِرَ جو.

۱۱

وَڏي جاڙ ڪِيَاءِ، جِئَن سُتِينءَ پيرَ ڏِگها ڪَري
دَر پَر اُپِيين دوستَ جي تہ سُر ہُرِ هُوندَ سُياءِ
اَصُلِ آريءَ جامَ جي سَڳي تون نہ سِياءَ
پُنهونءَ سِين پِياءِ، تون نياڳي نِندُرون ڪَرِين.

۱۲

سُتِيَسِ ڪِنه سَياڳَ ڪي پيئرُ ڏِيئي پَرُ
جَتَنِ جَڏاري ڪي جو وَنِي وِٽڙمِ وَرُ
آڏو ٽڪَرَ ٽُرُ، مَجُڻِ روهَ رَتِيُون ٽِئين.

۱۳

سُتِينءَ سَوارِي، مُنهُ ويڙهي مُئَنِ جِيئَن
ڏِنئي نہ ڏيرَنِ جا چوڏاري چارِي
مارِيندَئِي مارِي، پَرِهِ سُورَ پَرِين جا.

۱٤

مُنهُ ويڙهي مُئَنِ جِئَن سُتِينءَ سَنجهيئي
اوجاڳو اَکِينِ کي جانتوءِ نہ ڏِيئِي
هَٽان تو پِيئِي، تِي ڪَچو ڪيچِينِ کي ڪَرِين.

۱۵

توکي ڳِهَرَ ڳِرو ڪِئو، هُوءِ تا هوتَ هَلَنِ
ڳوڙها سِرِ ڳِلنِ، جِمَ وِهاڻِيءَ وَهائِيين.

۱٦

ڪِئِي نہ ڪَميڻِينِ جِئَن اوجاڳو اَجاڻَ
اَسارِي، اِهَڙِيءَ پَرِ پِيئِي ڪيچِينِ سِين ڪاڻَ
ٻانهِي چايو پاڻَ، تِي سَجِيُون راتِيُون سُمَهِين!

۱۷

جيڏِيُون جي مانَ وِسَهو تہ نِندَرِ مَ هيريو نيڻَ
اَصُلَ اَسارنِ جا سُتي وَهيا سيڻَ
وِهاڻِيءَ جا ويڻَ، تِيُون لُونِيون سَهَنِ لوڪَ ۾.

وائي

مُنهنجي شَهَرِ ڀَنبورَ ۾، ڳِلا ڪا مَ ڪَري
لِکيو تان نہ ٽَري، ٻَڙِي جيڏِيُون
ڳِلا ڪا مَ ڪَري!

جو سِينگارُ سَرَتِيين، سو مُون ناهِ ڳري
جهڙي تهڙي حالَ سِين، وَڃان پيرَ پَرِي
جِنه وَٽِ ويهي، هَلئا سَجڻَ سانگُ ڪَري

۹. پَٽرِ= پَٽراڻيءَ تي، هنڌ تي. ۱۰. اوپالا= طعنا، پِٽون، مَلامَتُون. ۱۱. وڏي جاڙ ڪياءِ= وڏي زوراوري ڪياءِ، تو وڏي ڏاڍائي ڪئي. در پر= دروازي لڳ. اپيين= بيٺينءَ، بيٺي هجين ها. سُر ہُر= پُٽڪو، ڪو آواز. سُياءِ= سٽين ها. سڳي تون نہ سياءَ= تون سڳي ۾ سياءَ ناهين، ويجهن عزيزن مان سڳي مائٽي ۾ ناهين. پنهونءَ سين پياءِ= پنهونءَ سان تنهنجو ناتو رشتو ٿيو، پاند اٽڪيو. ۱۲. ڪنهن سياڳ ڪي= ڪنهن نياڳ ڪي، نياڳ سبيان. جڏاري= جڏي، بيمار. روھ= جبل، ٽڪر. رتيون= ذرا ذرا. ۱۳. سواري= سوير ئي. چاري= جانچوسي، چوڪيدار. ماري= مارڻ وارا (سخت سور). پره= صبوح. ۱٤. ڪچو ڪرڻ= حرف رکڻ، ميار رکڻ، گهٽ ڪرڻ. ۱۵. ڳهر= ننڊر جي خمار، ننڊر جي اوٽارن. ڳرو= بي خبر. سِرِ ڳلن= ڳلن تي. وهاڻيءَ= پوئين رات، پرڀات. ۱٦. ڪميڻين جئن اوجاڳو= اوباش عورتون رات جو اوجاڳا ڪري ناچ ۾ ڳائڻ ڪنديون. اساري= ويسري. ڪاڻ= محتاجي. چايو= چوايو. ۱۷. مان وسهو= مون تي اعتبار ڪريو. ننڊر م هيرئو نيڻ= پنهنجيون اکيون ننڊر تي نہ هيرايو. اسارن= ويسرن، بي خبرن. ستي= ننڊر ۾ سمهڻ واري وقت. وهيا= هليا ويا. سيڻ= عزيز، سَجڻ. وهاڻيءَ جا= پرڀات جا، صبح جا. ويڻ= طعنا مهڻا. لونيون= بي لڇيون، خوار. وائي. لکيو= لوح قلم جو لکيو. مون ناه ڳري= مون وٽ ناهي. جنه وٽِ= جنهن وٽ هيٺ. هلئا سانگ ڪري= پري وڃي، هليا ويا.

لامُون تنهِ وَڻ سَندِيُون لوڏي لايان ڳري
قضا جا ڪَرِيمَ جي ڪِنهِ ڪان ڪِينَ ٽري
جيڪِين لِکئو لوحَ ۾، پاريان سو پري.

داستان ٻيو

١

ڏُونگرَ ٿون ڏادو، ڏادا ڏاڍايُون ڪَرين
مُون ٿنِ اندر تيئنَ وَهي، جِئَن وَڻُ وَڍي وادو
اِيءُ ڪَرَمَ جو ڪادو، نا تہ پٽرِ ڪير پَنڌ ڪَري.

٢

ڏُونگرَ ڏکَ سَنداءِ، پِرِينءَ ڳَڏِجان تہ ڇَوان
پنيءَ ٿِئين پَنوارَئُون، ٻئا وِنگا وَرَ سَنداءِ
ڇِڪي ڪانہ ڪَياءِ، پيرُ وِڃائي پِرِينءَ جو.

٣

ڏُونگرَ ڏَسُ پِرِينَ جو، ڪافَ نہ ڏِيين ڪو:
قطارئا ڪالَهہ وِئا ڪي توڏا وَٿان تو
هوتَ مُئيءَ جو هو، ڪو ساجَنُ اُنهين سات ۾!

٤

ڏُونگرَ ڏَسُ پِرِينَ جو، ڪافَ نہ ڏئين ڪَلَ
قِطارِئا ڪالَهہ وِئا ڪي توڏا توهِين جَهلَ
سُڻِي هوتَ هَڪلَ، مانَ ٻُڌِي ٻاروچَلُ وَري.

٥

ڏُونگرَ ڏوراپو، پِهرِين چُنڊِيَسِ پِرِينءَ کي
پَهڻَنِ پيرَ پٽون ڪِئا، ترِيُون چِنيُون تو
رَحَمُ نہ پِيوئِي رُوحَ ۾ قَدَرُ مُنهنجو ڪو
واڪو ڪَنڊِيَسِ وو، مُون سين جَبَلُ تو جاڙُون ڪَري

٦

ڏُونگرَ مُون نہ ڏُڪوءِ، اڳَ ڏُڪوئِي آهِيَان
تيلاهِين ٽنگُون ڪَرين جيلاهِين آءٌ جوءِ
سارِيان ڪونہ سُڪوءِ، سُورَ گهٽِيئِي سَنيَران.

٧

ڏُونگرَ ڏُکوئِنَ کي دِلاسا ڏِجَنِ
گهٽو پُڇجي ٿَنِ کي جَنِ وَٿان هوتَ وِڃَنِ
ٿُون ڪِيئَن سَندا ٿَنِ، پاهَڻَ پيرَ ڏُکوئِيين.

٨

ڏُونگرَ ڏُکَ پئي، ڪِئَمِ توسِين ڳالهڙي
پاٽان آءٌ مُئِي، سُورُ سُٽائي پِرِينءَ جو.

٩

ڏُونگرَ مُون سِين رو، ڪَڍِي پارَ پُنهونءَ جا
سَڄَڻُ هُئومِ هيڪَڙو، وِئو قُوڙائي سو
"جَفَ القَلَمُ بِمَاهُو ڪائِنُ"، وَهِي قَلَمُ وِئو
ڪِنهِ کي ڏِيان ڏوهه، مُون سِين ايرادي اِيئَن ڪِئو.

١٠

ڏُونگرَ ڏُکويُون، تو سِين اورڻَ آئِيُون
جي اڄَنَ قوڙايُون، ڏِجَنِ دِلاسا ٿَنِ کي.

١١

ڏُونگرَ ڏُکوئِنَ کي ڳِلِ نہ سُکا ڳوڙا
گهوڙا ڙي گهوڙا، وَڃَنِ جَتَ جَڏِي ڪِئو.

١٢

ڏُونگرَ ڏِينهاڙِي، پاڻُ مَٿانءِ ئي گهورِيَان
تو ۾ رِهاڙِينِ، سَدا ٻاروچَنِ جِيُون.

لايان ڳري= پنهنجي ڳچيءَ ڳل لايان. د-٢: ١. ڪرم= لکيو، نصيب. ڪادو= نتيجو، ڇڪ. پٽرِ= زمين ٢. پنيءَ= پوئين رات. پنوارئون= پَنڌ وارو، خوفائتو. ٤. قطارئا= هڪ ٻئي پويان قطاريل. توهِين جهل= تنهنجي ئي پرسان. ٥. چنڊيس= چَوَنديس. پٽون ڪيا= ذرا ذرا ڪيا. جاڙون ڪري= ڏاڍايون ڪري. ٨. ڏکِ پئي= ڏک ۾ پئي، ڏکاري ٿي. پاٽان= ويتر آءٌ پاڻ. ٩. پار ڪڍي= روئڻ ۾ پنهونءَ جون سهڻيون وصفون بيان ڪري. وئو قوڙائي= جدا ٿي ويو، مونکي فراق ڏيئي وئو. جف القلم بما هو ڪائن= سڪي ويو قلم، جيڪو لکڻو هو سو لکجي ويو (آيت). ايرادي= تقدير، ڌڻيءَ جي رضا. ١٠. اورڻ= ڏک بيان ڪرڻ، پنهنجو حال بيان ڪرڻ. قوڙايون= فراق واري حال ۾. ١٢. ڏينهاڙي= روزانو. مٿان ئي= اي جبل! تو مٿان. گهوريان= قربان ڪريان. رهاڙين= رهاڙيون، ڪچهريون.

١٣

ڪي جي ڪَديا پارَ، ڏکيءَ ڏونگرَ پاڻَ ۾
سُٽِي سا تَوارَ، مِرُو پِئا مامَرِي.

١٤

ڏُکِي ڏونگرُ پاڻَ ۾، ٻَئي وينا رُونِ
ڪِنهَ ڪي ڪِينَ چُونِ، مَنجهِنِ جو مَڄُ ٻَرِي.

١٥

سَڄَڻَ ميخُون ڏونگرين، ڏُونگر پُونيين ڪيرَ
اِهَڙا سيڻَ سُڌِيرَ، ڪِينَ لَهندِينءَ ڪي ٻِيا.

وائي

آهيان جَنِ سَندِي،
مُونکي تان سي نہ ڇَڏِيندا هوتا
پَهائِينديَسِ پُنهونءَ کي، آئُون ڳِچيءَ پائي ڳَندِي
وينِي آهيان واٽَ تي، آهيان آسَروَندِي
پِرينءَ پُڄاڻا هِتِهِين، رَتِي تان نہ رَهَندِي
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَرِيمَ جي، آئُون پرينءَ مِلَندِي.

داستان ٽريو

١

سُتي پُونِ چِرِڪَ، آيَلِ ٻاروچَنِ جا
پُنهونءَ جي پيڪانُ جِيُون راسِيُون مَنجهان رُڪَ
هَنيَمِ هوتَ ڪِرِڪَ، لوڏِيان لوهُ نہ نِڪَري.

٢

سُتِيَسِ تان ساٿُ وِئو، اُٿِيَسِ تان اُٿُ ناه
وِهاڻيءَ تِي ووَڙِيان، ڪيچِي وِئڙا ڪانهِ
جي مُنِيءَ مَنَ مانهِ، سي اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾.

٣

ڪُوڪِئو پُڇِي ڪوهُ، هَئي هَئي ڪِئو هَٿڙا هَٿِي
سا ڏُکائِي نہ ڏِئي مَتِي ڏيرَنِ ڏوهُ
رائو روئِي روهُ، مُنڌُ ڳُوڙهَنِ سين ڳَجُ ڪِئو.

٤

ڇَپَر پيرَ ڇِنامِ، آءٌ ڪَنهِ پَرِ هَلان ڪيچَ ڏي
ڏيرَنِ ڏُکَ ڏِنامِ، ڪِينَ ڏُکويَسِ ڏُونگرين.

٥

اَچِي رَسُ عَلِيلَ کي اَجها تُون آري
وَنِي ويچارِي، ڪَميِٽِي ڪيچِ نِئو.

٦

جيهِي جي تيهِي، ٻانهِي ٻاروچَنِ جي
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون ڪَميِٽِيءَ ڪيهِي
اصُلِ آريءَ جامِ جي پَلَئِہ آءٌ پيئِي
هُوءَ جا پائِنِ پيرَ ۾ تِنهِ جُتيءَ نہ جيهِي
وِساري ويهِي، تَنِ ڪيچِينِ کي ڪِيئَن رَهان.

٧

ٻانهوڻِي ٻانهِي، زر خريدَ جتن جي
سي ڪِئَن وَڃَنِ وِسَرِي، جي جِيءَ اَندرِ جانِي
اَگَڻِ اَمانِي، شالَ ڪيچِينِ جِي ڪامَ ٽِئي.

٨

جو سَڱَرُ سنئون مون، سو ئي آڇِئو جيڏِيُون

---

١٣. ڪديا پار= سڄڻ کي ياد ڪندي رئندي پار ڪديا. مرو پئا مامري= مرو بہ انهيءَ معاملي ۾ پيا، مرو بہ ڏڪارا ٿيا. ١٥. (سڄڻن ۽ ڏونگرن جي ڀيٽ جو دلپذير مثال تہ:) جبل زمين جا ڪلا (ڪير) آهن، پر سڄڻ جبلن جون ميخون آهن. وائي. پهائينديس= مڃائينديس، راضي ڪنديس (باقي معنيٰ صاف آهي). د-٣: ١. پيڪان= پنبٽيون (جيڪي جڻ تير آهن). راسيون= نوڪون، چوٽيون. ڪرِڪَ= لوهي لار. ٢. اُٿ= پنهون جي سواريءَ وارو اٺ، (جنس طور) ساٿ وارا سڀ اٺ. وهاڻيءَ= وهاڻي رات جو. پرهہ جو. ڪانه= ڪٿي، ڪيڏانهن. من مانه= من ۾، دل تي. ٣. ڪوڪئو= ڪوڪارون ڪيو. پڇي ڪوه= پهاڙ ۾ پڇائون ڪري. سسئي (منڌ) روئي روئي، جبل ۽ رائي ريتي کي پنهنجن ڳوڙهن سان ڳج پسائي ڇڏيو، يعني گهٽو پسائي ڇڏيو. ٤. ڪنه پر= ڪهڙيءَ طرح، ڪيئن. ٥ . عليل کي= بيمار کي. اجها= پرجهلا، پناه وارا. وني نئو= وني ويو. ٦. مون ڪميٽيءَ جي حجت ڪيهي= دعويٰ ڪهڙي (تہ هيئن ٿئي يا هيئن نہ ٿئي). پلئہ پيئي= پناري پئي، ساٿس منهنجو واسطو ٿيو. ٧. ٻانهي ٻانهوٽي= پُراڻي (پيڙهين کان وني ٻانهن جو اولاد) ٻانهي، ڪنيزڪ. ڪيچين جي. اگڻ اماني= سندن سامهون شال ڪا ٻي مُهت ۽ بي ماني نہ ٿئي! سڱر= رستو (پنهونءَ جي ساٿ وارو). جو سڱرُ سنئون مون= جيڪو منهنجي لاءِ سٺو رستو هجي، جيڪو منهنجي سڪ ۽ سچي نيه وارو سنئون رستو آهي.

پَئي پُراڻو نہ ٿِئي، اجان نيہُ نئون
تہ مُون ڏِينھَن سَنئُون، جي ڀِيھَرَ ٻاروچي مِڙان.

وائي-١

سَڳَرَ مَنجھِہ سُٽِين، يا اَللهَ!

سَڏَ مُنھنجا سُپرين

ڪاجا اُٽُڪَ اوڻِيين، ڪَرَهَلَ ڪوڏِ ڪَشِين
ڪامِلَ ڪَچِيءَ تَندُ جيئَن، ڳالهائِين ڳَنڍِين.

وائي-٢

مُونکي نيندا ساڻُو، ٻاروچا ٻاجھہ پَئِي، اَلو اَلو!
"لاتَقنطُوا مِن رَحمَةِ الله"، پِرِينَ چِيو پاڻُ
"اِن الله يَغفِرُ الذُنُوبَ جَميعا"، سَچو اِيءَ پَرِياڻُ
ڏِيندا وِئا ڏُکِيءَ کي اَلله لَڳَ اُهجاڻُ.

وائي-٣

اي ساٿي، اي پانڌي، ڪِيڏَڙِي ڪا ڪيچ پَچارَ
ڪا منھجڙي تو اي سائين! دوست سان هيڪار
اَيي پچي مُنڌ پھيڙا، سندا جي ڪوهيارَ.

داستان چوٿون

١

پَرَتَوو پُنھونءَ جو جھڙَ جِئَن جھالا ڏي
آءٌ تِنہِ آريءَ کي، وَنيو راهَ رُئان گھڻو.

٢

پَرَتَوو پُنھونءَ جو سَھائِي سِياہُ
مُنہُ ڏيئِي مُون آئِيو رَنگا رَنگِي راهُ
پھرين ڏِيندا پاهُ، پوءِ رَڱِيندا رَڱ ۾.

٣

پَرَتَوو پُنھونءَ جو، ڪِين چانئِين ڪِين اُسَ
قَريباڻِي ڪُسَ، آهي ڪَرَ ٻَڪَرَڙي.

٤

پَرَتَوو پُنھونءَ جو رُڳِيائِي راحَتَ
پانيان ڏيھہُ پَوارُئُون ساجَنَ لاءِ صِحَتَ
مِنِي مُصِيبَتَ، آهي آريءَ جامَ جِي.

٥

ڳائو نہ وائو، اڍيُون آريچَنِ جو
لَنگھي پَبُ پَري ٿِئا، ڇَڏي رِڻُ رائو
ڏيئِي قوڙائو، وِئا ويچاريءَ سُپرين.

٦

جِئَن جِئَن ٽَپي ڏِينہُ، تِئَن تِئَن سَجَڻُ سارِيان
پَکَھَرَ سائِي پَرِ ڪِي جِنہِ پَرِ وَسي مِينہُ
چالَ مَ ڇڙِي نِيئَہُ، ڪَميٽِيءَ جو ڪيچَ ڏي.

اجان نيہ نئون= منھنجو نيہ (عشق) اجان نئون آهي. ڏينہ سنئون= بخت سولو. وائي-١. سڳر= ساٽ واري راھ ۾. اُٽڪَ= اَڻ ٽُٽ. ڪر هل ڪوڏ ڪشين= اٺن کي تيز تکڙو پيا ڪاهين. ڪاملن جو شيوو آهي ڪچيءَ تند وارو نازڪ ناتو: اهي ساڳئي وقت ڳالهائين بہ ڳنڍين بہ (قابلِ ڪوري ساڳئي وقت وينلن سان ڳالهائيندا بہ پيا تہ ٽُٽل تند کي ڇِڳيءَ جو موڙ سان ڳنڍايندا پيا). وائي-٢. لاتقنطوا= الله جي رحمت مان نااميد نہ ٿيو. ان الله يغفر= "بيشڪ الله سڀ گناہ معاف ڪري ٿو". وائي-٣. سندا جي ڪوهيار= پنھون جا ڪوهياري. د-٤: ١. پرتوو= تجلو، جھلڪو (پنھون جي حسن جو). جھالا= جَھلڪا. ٢. سھائي سياہ= سھائي (روشني، روشن) نہ اهو ۽ سياہ (ڪارو، ڪاراڻ) بہ اهو. منہ ڏيئي مون آئيو= جيڏانھن ڪيڏانھن سامھون نظر آيو. رنگا رنگي راہ= گھڻن رنگن وارو سمان. اهو سمان، عاشقن سان محبوبن جي ان رنگين رَوش جو جھلڪو آهي جنھن ۾ ڪاري پاہ ۽ ڳاڙهي رڱ جي آميزش آهي؛ هو عاشقن کي پھريائين پاهيندا (چليندا) ۽ پوءِ رڱيندا (ملمر رڪندا). (ڳر واري اٺ جو علاج ائين ڪندا جو پھريائين ڳندرڪ، لاٽي جي ڪار يا ڪبڙ جي قليار تيل ۾ ملائي، ڳر جي مٿان بامر هٽندا جيڪا ڳر کي ساڙي صاف ڪندي. پوءِ ان جي مٿان رڱ وارو مَلمر مکيندا). ٣. ڪين چانئين ڪين اس= ڪجھہ ڇانءَ ڪجھہ اُس (ٿڌاڻ ۽ تپش، يا جلوو ۽ اونداہ، گڏوگڏ). محبوبن جي سختي ۽ آزمايش واري روش ائين آهي جئن ويچاري چيلڙي لاءِ ڪوس. ٤. سجڻ خاطر (ساجن لاءِ) پئو واري ملڪ کي بہ پاڻ لاءِ صحت (واري راحت) پئي پانيان. ٥. ڳائو نہ وائو= ڳائڻ ۽ ڳالهائڻ مان اصطلاح 'ڳائو وائو' ڪو پڙڪو ڪو ڳالهاءِ ڪونھي، ڪا چُڻ پڻ ڪو چوٻول ئي ڪونھي. هون پبُ جبل ٽپي پرتي ويا جتي رڻ رائو پيو اڇلي. قوڙائو= فراق. ٦. پکھر سائي پر ڪي= پکھر مون کي پسائي اهو ساڳيو حال ڪيو جئن مينھن وسي ڪندو آهي.

۷

جِئَن جِئَن پڇي راتِ، تِئَن تِئَن ساجَنُ سارِيان
مُونکي مُون پِرِينِ جي، تَنَ ۾ طَلَبَ تاتِ
ٻاروچاڻي ذاتِ، پيئڙُ ٻُکِي آهِيان.

۸

سُمَهو کِيمَ سَرَتِيُون، جيڏِيُون ڙِي جاڳو
هَلَڻَ جو هُلُ ٿِئو، سَنيوڙو ساڳو
ڏِينڊِي سُنگُ سَيَکا، لَکَ مَتي لاڳو
اَڊِيُون اوجاڳو، پيئڙُ مُون ياڳي پِئو.

۹

مُونکي جَنِي ماريو آن کي گَڏِئا سي
تَنَ ۾ طاقَتَ ناه کا اَدا اُنِي ري
سُورُ سَلِئُم تي، جيلانه ڳالهِ ڳِري ٿِئي.

۱۰

سُجائُمِ سيئِي، مُونکي جَنِي ماريو
پُنهونءَ پيکانَ پَچَندِئا، ٻِلهَڻَ ٿِئا ٻيئِي
ويڄَنِئُون ويئِي، ٿِي وَهيڻي سَڄڻين.

۱۱

سي ٿي سُجاڻان، مون کي جَنِي ماريو
لوھُو ناهِ لِڳَنِ ۾، سَندُ مِڙئِي ساڻا
دارُونءَ جا داڻا، ڏِنمِ هوتَ هَٿَن سِين.

وائي-۱

ٻاروچي ساڻُ ٻَڙِي جيڏيُون
هيکَرَ ٿِيان هيکانڊِي
چَڙهي نہ سَگهان چوٽِيين، دوستَ ٻِنا دِلِ مانڊِي
پُهچائيجُ پُنهونءَ کي، هيءَ پيادَڙِي پانڊِي
پيئڙُ هِنِ پنيورَ ۾، آئُون اَيرادڙي آندِي
پورهيتِ پُنهونءَ جامِ جي، بانڊِين جي آءٌ بانڊِي
کَرَمَ ساڻو کَرِيمَ جي، کيچي ٿِيندَمِ کانڊِي
نِماڻيءَ نَصِيبَ ٿئي پُنهونءَ پيرانڊِي.

وائي-۲

ڏيرَنِ مُلِ ڏادائِي، يا اِلاهي!
آئُون اَسُونهِين، اَوَتِر آڏا
سَوَلِي کَرِين سَچا ڏِٽي، اڳِيان اُونداهِي
آهي اَياڳَ اُنِ کي، جَنِي واٽَ وِڃائِي
رءَ فَضلَ رَبَ جي، مُوران ماڙِ نہ کائِي.

داستان پنجون

۱

رءَ قَرِيبَن ڦوٽُ کِئو وِيئِي وِرهِ چَران
اِنَ عَذابان اڳِهين مادَرِ چونہ مَران
اَڊِيُون سي نہ اوهان، جي مان سُورَ سَرِتِيون.

۲

رءَ قَرِيبَن ڦوٽُ کِئو، وِرهَ چَران ويئِي
ٻانيَڻَ کي ٻَروچَ رَءَ ٿِي ڏُکَن سان ڏِينِي
تو پُڄاڻان سُپِرِين آءٌ سُورن سانِيئِنِي
جا مَرضَن مَرِيئِي، سا سَرِتِيُون کِيئَن سَگهي ٿِئي.

۳

سَرِتِيون کِيئَن سَگهي ٿِئي، ويڙهي جا وِرهَن

---

۷. بکي آهيان= بيحد مشتاق آهيان. ۸. سنيوڙو= هلڻ لاءِ سنيريو، تيار ٿيو. ساڳو= اٺن جي قطار، ساٿ. سُنگ= محصول. لک= لنگهہ وارا لک. لاڳو= محصول. ۹. آن کي گڏئا سي= اوهان کي کي اهي گڏيا. سَلئُم= بيان کري ٻڌايم. ۱۰. پيکانَ= تير (پنهنجين ٻنهي اکين جا). پچندئا= زورائتا هنيا. ٻلهڻ ٿيا ٻيئي= ٻنهي اکين جي پنبڻين جا تير ٻِنا ٻِنا ٿي لڳا. ويڄنئون ويئي= ويڄن (طبيبن) جي علاج کان چڙهي وئي. ٿي وهيڻي سڄڻين= هاڻي وڃي سڄڻن جي هٿ وس ۽ حوالي ٿي (جن وٽ علاج آهي). ۱۱. لوھُو= رت. دارون= دوا. داڻا= گوريون. وائي-۲. ڏيرن مُل= ڏيرن وٽ. ماڙ= مدد، واهر. د-۵: ۱. ڦوٽ کئو= ڏئو کيو. وره چران= پنهنجي درد ۽ فراق کي کايان، پنهنجا ڏک سور کاوان. ۲. ڏيني= ڏيٺ ويٺ، ملاقات. آءٌ سورن سانيئني= سورن مون کي سانيئيو، پنهنجي پاڪر ۾ کيو (سانيئڻ= سامهون گڏجڻ وقت هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائڻ. سانيئجڻ= ٻن ڄڻن جو آمهون سامهون مُنهان مُنهن گس تي گڏجي وڃڻ وقت، هڪٻئي جو ٻئي کي ڀاڪر ۾ وکوڙجي ويس. مريئي= مروئي.

چِٽُ جِنهِ جو چُورُ ڪِئو ڏکويو ڏُکَنِ
پُچاڻا پِرينِ، اَڍيون اَکِهي آهِيَان.

٤

سَرتِيُون سَرهائِي، مُون تان ڏِني ڪانهَ ڪا
ڏِيهاڙِي ڏيرَنِ ۾ وَڃَڻَ جِي وائِي
جي نہ آءٌ جائِي، تہ عَيبُ نہ لَڳو اونِيينِ.

٥

جي حَبَ نہ هَلَڻُ سِڪِيُون، سي جَڏِيُون ميڙِ جَلِيلَ
لَنگهائي لَطِيفُ ڇَئِي نِجَنِ ڪيچِ قَلِيلَ
ثَمرُ تِئِڙَمِ سُجِ ۾ دوساڻا دَلِيلَ
وِساري وَسِيلَ، مَتانِ مارِڳِ ڇَڏِيينِ.

٦

اَچِئو اَچِئو چُونِ، 'وِيهُ'، وِئا تہ گهورِئا'
سَرتِيِن سانگُ سُڳَنِ سان، مُون چِئَنِ رَتُ نہ رُونِ
اُوءِ مَرُ وِينِيُون هُونِ، مُون سانگاٽُو سُورَ ٿِئا.

٧

سُڪِيُون سُورِيتِينِ جي ڪُهُ ٿِيون پٽر پُونِ
گهاءَ نہ لِڳِن گهٽ ۾، رِياءَ مان ٿِيون رُونِ
چِيتاريو نہ چُونِ، پارَ منهنجي پِرينءَ جا.

٨

پَسي اَچ اُساڻَ، ڏُونگَرَ ڪي ڏارُ پِئو
سَسُئِي سندي سُورَ جي لَڳَنِ مَٿي لاٽَ
چِپَرَ ۾ چُونچاٽَ، ڏِٺَمِ ڏُکوِيَنِ جا.

٩

پَسو جوءِ جَرا ٿِي، ٻلَرُ لَڳَسِ ٻاڻُ
سا مُنڌَ مَري نہ جيئي، پيئِي پَچاڙي پاڻُ
سَسُئِي سُورَنِ ساڻُ، سَنيُوڙِي سَيدُ چئي.

١٠

پاڙِي ناهِ پَرُورَ، تہ ڪا راتِ رَنجائي گُذرِي
ٻانيَڻِ ٻاروچَلَ جي گهائِي وِڌِي گهُورَ
پَلَٽِيَسِ پُنهونءَ جامَ جا پُورَنِ مَٿي پُورَ
هِڪ سَسُئِي ٻِئا سُورَ، وِئا پَڻِيندا پاڻُ ۾.

١١

پيئِيءَ اچن پُورَ، وِيني پاڻا وِترا
گهٽين پِتين گهائِيو، گَهٽُ پِريان جي گهُورَ
هِڪ سَسُئِي ٻِيا سُورَ، وِئا وَڳِندا پاڻُ ۾.

١٢

واٽُنِ صَحيُ وِئا، وَڻُ مَنجهاٽُنِ واسِئا
اِهڙا هوتَ هُئا، سُڄَ ڪِئاٽُون سُرهِي.

---

٥. حب ندي تي اهو نالو آڳاٽو عرب- اسلامي دور ۾ پيو: 'حَبحَبة' يعني ٿورو وهندڙ پاڻي. قليل= گهٽ، ٿورو (اصطلاحي معنيٰ) گهٽ، ناقص، ڪميڻيون. (جيڪي قليل يا ناقص آهن سي ڪيچ پهچائجن.)] وسيل= اي وسيلا. مارڳ (ڳ جي زير سان)= مارڳ ۾، راه ۾ (منزل تي پهچڻ کان اڳ واٽ ۾). ٦. سانگاٽو ٿئا= سانگ ڪري مون سان گڏ هليا. ("سانگاٽو" لفظ. سڱ يا سنگت سان لاڳو ڪونهي، پر "سانگ ڪرڻ" مان فاعل جي معنيٰ ۾ آيل آهي.) ٧. پٽر= پٽر اُهو جيڪو پٽيرجي، يعني گاهہ، ڪک، تڏا جيڪي زمين تي پٽيرجن. (جن جو ماڻهو مري ويندو سي پٽر پَٽريندا: گهر ۾ ماين جي ويهڻ لاءِ پٽيريندا ۽ ٻاهر مردن لاءِ. غم ۾ شريڪ ٿيڻ واوا ان پٽر تي ويهندا. پَٽر پوڻ= پٽريل پٽر تي سوڳ ۾ ويهڻ. سُوريتيون= اهي (زالون) جن جو ماڻهو فوت ٿيو هجي، اهي حقيقي غم ۽ ڏک واريون ٻيون پاڙي واريون جيڪي ڏک ۾ ناهن، سوريتين جي ڄاڻ سڃاڻ واريون جيڪي راڄ رسم طرح اچي پٽر تي ويهن: اهي (سکيون) سوريتين جي پٽر تي ڇوٽيون پُون؟ ريا مان ٿيون رون= راڄ رسم طور ٻين کي ڏيکارڻ خاطر ٿيون رئن. چيتارئو نہ چونِ= دل سان ساري نہ چون. پار ڪيڻ= مِنٿ سُرن ۾ فوت ٿيل جون وصفون آلاپڻ. ٨. پَسي= سَهي، ذائقو چَکي. لاٽ= دونهون، روشني. چونچاٽ= (الف) دانهون رڙيون (ب) چَنبا ۽ چاٽ (رت جا). ٩. جوءِ= منڌ (سسئي). جَرا ٿي= ذرا ٿي. ٻلَرُ= ٻہ- لارو، ٻن لارن وارو، ٻن انگهن وارو، ٻلهڻ. ٻاڻ= تير. پچاڙي= پاڻ کي هيڏانهن هوڏانهن اڇلي، پاڻ کي سَٽي. سنيوڙي= چست ۽ تيار رهي (اڳتي وڌڻ ۽ وڃڻ لاءِ). ١٠. رنجائي گذري= رنج ۽ غم واري حالت ۾ گذري. ٻي پڙهٽي، رات رنجاڻي گذري، ڏک واري گذري. ٻيءَ سٽ ۾ آيل پڙهٽي: "ٻروچن جي يا ٻاروچن جي"، پر اها صحيح ناهي: سيني ٻروچن جي نہ پر هڪ پنهونءَ جي. انهيءَ لحاظ سان صحيح پڙهٽي 'ٻاروچل جي'. ١١. پيئي= پيل، ليٽيل. وترا= وڏيڪ. گهائيو= گهٽ ڪيو، سوڙهو ڪيو. گهٽ= نرگهٽ، نڙي، وڳندا= گڏ هلندا، وچڙندا.

وائي

توٽي نِين نہ نِين، الو مِيان!

آئون اُني جي آهيان

زورو هِن ضَعِيف سِين ڪامِلَ ڪوهُ ڪَرِين
پيرين آءٌ نہ پُڄَنِي، ڪَرَهَلَ هُوءِ نہ جهَلِين
جَتَ پانهِنجِيءَ جُوءِ ۾، جانِبَ مانَ جَتِين
پڳَ پَدَمنئُون اڳِري، سُرڪِي مانَ سَڄِين
ٻانهِي ٻاروچا پانهِنجي، سَگِرِ مانَ سَڏِين.

داستان ڇهون

١

ڪِنهِ پَرِ رُئان پِرينءَ ڪي، روئِي نہ ڄاڻان
مَٿي ڪِئو پُوٽان، هَنجهُنِ هاڻا هَٽڙا.

٢

ڪِنهِ پَر رُئان پرينءَ ڪي، پُڄڻِ ناه پَچارَ
اَندرِ تِي آهُون ڪَرِيان، ڪاٽِي مَنجهہ خُمارَ
گِريِي جِي گُفتارَ، ٻِيءَ پَتِ ٻاروچَنِ ۾.

٣

ڪِنهِ پَرِ رُئان پرينءَ ڪي، پارُ نہ ڄاڻان پَنڌُ
ڪيچِينِ ڪارڻِ ڪَنڌُ، نَايو تِي نَعرو هَٽان.

٤

ڪِنهِ پَرِ رُئان پرينءَ ڪي، پارُ نہ ڄاڻان پيرُ
پَنڌُ مون پيڙو ٿِئو، سُورَنِ لايو سيرُ
آرِيءَ لاءِ اُلِيرَ، رَقصُ ٻاڳِي رَنَ جي.

٥

ڪِنهِ پَرِ رُئان پرينءَ ڪي، رُئڻُ مُون نہ رِهاءِ
ٻَرَنِ مَنجهہ ٻُڪاءُ، ٻِيءَ پَتِ ٻُڌمِ جيڏِيُون.

٦

ٻِيُون ڏيئِي ٻَنَ ڪي، هَلِجُ پاسي هيڪَ
وَرُ نہ سَهِي ويڪَ، تون ٽريڏِي ٽريڏايُون ڪَرِين.

٧

اَجان تون. اَواڻ، واڻان پاسي ويسَرِي
سُونهِين تِيءَ سُواڻ، تہ مَنجهان دِلِ ڏَڳُ لَهِين.

٨

مَتان ڪا مُنڌَ ڏِئين پانهِين پَسِي پَٻُ
اڳِيان ڪَئہُ مَ ڪَٻُ، اِيءَ قالِي آڏو ڪيچَ ڪي.

وائي. زورو= ڏاڍائي. ڪامل= وڏا چڱا ۽ اشراف. ڪوه ڪرين= ڇو ٿا ڪن. جَتِين= وڏيڪ ترسن. پدمنئون اڳري= پدمن ڪان وڏيڪ. سڄين= واري ڏين. سگر= راه ۾، واٽ ۾. د-٦: ١. ڪنه پَرِ رئان پرينءَ ڪي= ڪهڙي ريت پرينءَ لاءِ رئان (جو هو ٻڌي ۽ ملي). هٽڙا مٿي ڪئو پوٽا= ڏٽي ڪان دعا لاءِ هٽڙا مٿي ڪٽيو پئي هلان. ٢. پڄڻ ناه پچار= پڄڻ جي پچار ئي ڪانهي؛ ڪو پڇي ئي ڪونہ ٿو تہ ڪو ڇو ٿو روئي (ماڻهن ۾ اها پچار ئي ڪانهي). ڪاٽي= جلي، اِيذائِجي. منجهہ خمار= بي هوشي ۾. گريي جي گفتار= غم جي ڳالهہ. ٻيءَ پت ٻاروچن ۾= ٻروچن ۾ ڪنه ٻئي نموني ۾ آهي. ٣. پار نہ ڄاڻان پنڌ= پارَ جي خبر ئي ڪانهي؛ پارَ ڪيڏڻ واري رسم جي خبر ڪانهي، پنڌ جي پروڙ ڪانهي. نايو= ڪنڌ نمايو، ڪنڌ هيٺ ڪيو (رُئڻ ۽ پار ڪيڏڻ وقت سر هيٺ نميل آهي). تي نعرو هٽان= ٽي وڏي دانهن ڪريان. ٤. پار نہ ڄاڻان پير= پارَ ڪيڏڻ جو پير نہ ڄاڻان، طريقو نہ ڄاڻان، نمونو نہ ڄاڻان. پَنڌُ= وڏو شاهي روڄ راڙو. مون پيڙو ٿيو= مون تي وري ويو. لايا سير= واڻون لايون. اُلير= پڙڪو ڏيئي اُٿڻ، ڇرڪ ڀري اُٿڻ، ڪڙو ٿي ويهڻ، هاءِ هاءِ ڪري اُٿڻ. رقص= نچ ٽپ، بي حالي وارو ناچ، لوڇ پوڇ. ٻاڳي رن جي= هن رن جي حصي ۾ آيو، هن بيحال مٿي اڱهاڙيءَ ڪي ٻاڳي ۾ مليو. ٥. رهاءِ= رهائي؛ رئڻ مون سان نٿو لڳي. ٦. ڏيئي ٻَن ڪي= ٻيون ٻن وجهي، ڇڏي. ويڪ= ويڪر، وِٿي، نظر ڦيرڻ واري وٿي. ٽريڏايون ڪرڻ= هر ٻيري هر وقت هڪ جي ٻدران ٽري شيون ڏسڻ. معنيٰ ’شيون ٽيٽيون ڏسڻ‘)= ٽريڏائيون ڪرين. هڪ جي ٻدران ٽري ڏسين. ٧. اواڻ= اَجائي واٽ سان، ڪُواٽ سان. ويسري= واٽ ڪان اڻ واقف، ٻليل. سُواڻ= سنئين واٽ وٽندڙ. ڏڳ= صحيح رستو. ٨. اي منڌ! پَٻُ وڏو جبل آهي پر ان کي ڏسي متان ڊڄين ۽ پوئتي موٽ (پانهين) ڏين، متان پوئتي ورين. نکي سُسُ، نہ ڪين سست ٿيءُ: اها قالي ئي آهي جيڪا ڪيچ جي آڏو (رنڊڪ) آهي. قالي (ع. قالُ= ڳالهاء)= پاڻهين پاڻ سان ڳالهائڻ تہ ڪيئن ڪريان: هلان يا پوئتي وران، دل جا دليل ۽ وِسوسا. ڪَئہ مَ ڪٻ= سس نہ ۽ نکي هيٺي ٿيءُ.

٩

ڏاڍي لُڪَ لَڳَنِ جي، پَٽَنِ پوءِ پَڇاءُ
چَپَرِ ڪوسو واءُ، هَريا مُون نيڻَ ٿِيا.

١٠

"مَنزِلِ دُور مَن تَنها"، رِڻَ ۾ نڪا راهَ
جَبَلَ جوراٽا گھَٽو، ڏُونگَرَ ڏُکيا ڏاهَ
ويچاريءَ جِي وَرَ ري وِندرُ ڪانهي واهَ
هوتاڻِي همراهَ، اچِي رَسُ عَليلَ کي.

١١

"مَنزل دُور مَن تَنها"، جِت ساٿي نه پانڌِي
سسئي جي سِڙِيءَ سِين ڪيچَ ڏِٺِي ڪانڌِي
هي جا دوست دَرمانڌِي، تِنهِ کي پارس رسج پهِ ۾.

١٢

چِڻَن توءِ مَ چِڻُ، پاءِ اُميرِي اُن سِين
جي اوءِ اوڳُڻَ ڪَن ئي اسُئي، تہ تون ڳُٽاني ڳِڻُ
پُنيءَ لِڳِي پِڻُ، هِنَ سُونهاري سَنگَ ۾.

١٣

مَنزَلِ دُورِ مَ مَٽِ، چَڏِ مَ سيرُ سِڪَڻَ جو
لَئُون جِي واٽ ۾ لَٽِ، لَئُون رءِ حَيفُ هُوئڻَ کي.

وائي-١

زارِي سا ڳَنڍِيَسِ زارِي، اَلو اَلو!
ڪوهياري ساڻُ آءٌ جا ڳَنڍِيَسِ زارِي
ٻاروچي ساڻُ، آءٌ جا ڳَنڍِيس زارِي
ڪِينَ جِيندِيَسِ جيڏِيُون، سُورَ پِريان جي آءٌ مارِي
ڪَري ڪوهيارو هَليو، مُون سِين قِيامَتَ ڪارِي
هنڌُوئَنِ جِئَن هولِي ڪَري، مُون تُوڙِ مَتِي تان وارِي
مُونکي گِھَرَ گِرو ڪِئو، نِندرَ نِڌورِي آءٌ ٻَارِي
چُڪِيءَ کي چاڙهي نِئو، آٺِي سي بوتا بارِي
مان وِرمَنِ وِچَ ۾، اولاٽي اُٺَ آرِي.

وائي-٢

جِنهِ لَئِي آهِيان ڏُونگرِ ڏورِي، ماڙهُو چُونمِ پوري
تِنه ٻاروچي کي ٻاجَهه پَئي!
تِنه ڪوهياري کي ڪَهَلَ پَئي!
آٺُون سُتِي هُو هَلِيَا، لائي وِنڊا لورِي
روئِي رڳِيندِيَسِ رَتَ سِين، ساڻُ چُٺاڪَنِ چورِي
نِئو نماٽي پاڻَ سِين، چَپَرِ چَڏِئو مَ چورِي
ماڻَ موئَنِ سپرِيَن، آهيان جَنَ جِي گهورِي

---

٩. لُڪ= سخت گرم هوا. لڳن جي= جبل جي لڳن جي . پٽن پوءِ= پٽن ۾ پوي. پَڇاءُ= پڇڻ، ساڙو، جَلُ. هَريا= آلا، ڳوڙهن سان پريل. ١٠. منزل دور من تنها= منزل پري ۽ آءٌ اڪيلي. جوراٽا= زور وارا وڏا زبردست. ڏونگر= جبل ۾. ڏکيا ڏاهه= ڏکيا ڏس پتا. وندر= وندر (ندي) واري ملڪ ۾. واهه= مدد. هوتاڻي= اي هوت بلوچ. همراهه= راهه جا رفيق! عليل= معذور، بيمار. ١١. سڙِي= ڪاٺي. لوڙهه= جنازو، ميت. دلئان= دل من سان، سچي محبت سان. ١٢. اُميري= ڪوريءَ جو اُميرِي ڏيئي چنل تند کي ڳنڍڻ. پاءِ اميري ان سين= پاڻ کي انهن سان ڳنڍ. اسئي= اڻ-سئي= اڻ سُئل، جيڪا سُئل ٻڌل نہ هجي، گهٽ ڄاتل سڃاتل. ڳُٽاني ڳُٽان+ ني= ڳٽن ساڻ ني. ڳن= ڳنهه، انهن کي ڳٽن سان خريد ڪر. ١٣. مَ مٽ= مٽاءِ نہ، بدلاءِ نہ. سير= رستو. لئون= سڪ، عشق. هوئڻ کي= جيڻ کي. وائي-١. چڪي= ٽڪل، ساٿي ٽيل. ٻاري= بار کڻندڙ، وڏا مضبوط طاقتور اٺ. ورمن= ترسن. وچ ۾= منزل تي پهچڻ کان اڳ واٽ تي وچ ۾. اولاٽي اُٺ= اٺ اولاٽي، اٺن تان بار ۽ پاڪڙا پلاڻ وغيره لاهي. آري= پنهونءَ جا ڀائر، ساٿ جا سرواڻ. وائي-٢. لائي وِنڊا لوري يعني لوري، ڪاڻُ. چُٺاڪَنِ چوري: چوري= پرت وارو گهگهو، هيٺ تي ڊگهو، ڪُڙِيءَ ڊار گهگهو. هيٺين لاڙ ۽ ڪڇ جا جت بلوچ چوندا ئي "چوري" (چولي ٻي، جنهن کي ٽِي ڪڙا ۽ آڏو ڳنجيءَ مثل). لڳو مون لوري= لوري عشق جي، تانگهه ۽ سِڪَ جا سُڪَ ڦَٽائي چڏي.

سُر حسيني

”ٻُرو هو ڀنڀور، آرياڻيءَ اُجاريو.“ آرياڻي (پنهونءَ) جي وڃڻ کان پوءِ ’منهنجو ڪڄاڙو. ڀينر هن ڀنڀور ۾!‘ سسئي پانئي ٿي تہ ڀنڀور ۾ سيڻن (پنهونءَ جي ڀائرن) ڪي ڪا منهنجي ذات جي سُڌ پئي جو هو مون کان لڄارا ٿيا: ’ذات منهنجي ماءِ، ڪا ڪڇو ٿي ڪيڇين ڪي‘! جي آءٌ سندن پنهنجو هڏُ رت هجان ها تہ مونکي ’هوند نہ ڇڏين ها. (د-٣) سسئي جا سيڻ ٻاروچا، ڀنڀور ڀروڏي رونق هئا؛ پر پنهونءَ کي پاڻ سان ڪٺي ڪٺي پري وڃي پهتا. سسئي سندن پويان ويندي واٽ جي وٽن سان ٻاسون ٻاسيون تہ: جي پنهنجو پنهون وٺي ورنديس تہ ڏار ڏار کي پليڪار ڪنديس.‘ ”تتيءَ تايائين، جهولو منڊ جُهڙ ٿئو“: آڏو جبل، ٽڪر، ڇپون ۽ پاهڻ، ۽ ٻيا لڪ لانگها اُڻ سونهينءَ لاءِ ويتر ڏکيا ۽ ڏک ڏيندڙ لوڏا هئا! پر سسئي اهي سڀ پلنگ ۽ هندورا ڪري ڄاتا:

چِپُون ڇَپَر ڪٽِ، پَهڻ پٽراڻي پانئيان
سيڻن جيءَ سهٽ، ڏونگر ڏولي پانئيان.

شاهہ جي اعليٰ فڪر ۾ وصال کان فراق جو درجو مٿاهون آهي ڇاڪاڻ جو عاشق لاءِ جيڪي فراق ۾ آهي سو وصال مان نٿو حاصل ٿئي. ’سسئي ۽ سُورَ‘ داستان-٦ جو مکيہ موضوع آهي. ’هوءِ جي سُورَ سُڄِن، سي مون پينگهي ۾ پرائيا‘: آءٌ ڇايس تہ سُور، سامايس تہ سُکَ وئا. عشق جي پچار آزار واري آهي: ’سپيريان جي ڳالهڙي رڳو رنجائو‘. اهي جيڪي غم ۾ حال پائي ٿي رئنديون ۽ رئاريندون هيون سي اڄ آهن ئي ڪونہ؛ آءٌ پاڻ پئي پاڻهي پاڻ سان پنهنجا ڏک اوريان. سسئي جيسين تائين جئري هئي تيسين تائين ورچي ڪانہ ويئي؛ پياري پنهونءَ کي ڳوليندي سنياريندي آخر وڃي ڌرتي حوالي ٿي:

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويئي
وڃي پونءَ پيئي، سارينديِ کي سڄڻين.

داستان پهريون

١

لَڙُ مَ لاڙائُو ٿِئو، لاهہ مَ لَڏو، لَڏِ
تہ ساٿِ پِريان جي سَڏِ، مُنڊ ميڙائو تو ٿِئي.

٢

لَڙُ مَ لاڙائُو ٿِئو، هَلِي ڪَرِ هِمَتَ
سِڄُ مُنه ۾ سامُهون ڪَهَ ۾ ڪَڄِ مَ ڪَٿَ
تہ سُپيريان جي سَٿَ، ڳاڙهي سِڄِ ڳالهہ مِڙِين.

٣

لَڙُ مَ لاڙائُو ٿِئو، وَرَ چُونڊِينڊِي وَڄُ
آهي اِيءَ اُهڄُ، هاڙهي هَلَنڊِيَن جو.

٤

اُلَهي سِڄَ اوِيرَ، مَ ڪَرِ مَعذورِين کي
پَسِي مَران پيرَ، ڏُونگرِ ٻاروچَن جا.

٥

وينِي مون وِئو، لَڙِي سِڄُ لَکَن تان
آءٌ ڏورِينڊِي ڪيٿرو، پَهَڻَن پيرُ پئو

د-١: ١. لَڙُ مَ= پنڌ ۾ ٿڪجي موٽ نہ، ڍري نہ ٿي. ساٿ پريان جي سڏ= سڏ سان، سڄڻن جي ساٿ سان. ٢. ڪَٿ= تخمينو، اندازو (پنڌ جو). وڏي پنڌ ۾ هلندي جڏهن سج سامهون آهي ۽ اکين ۾ ٿو لڳي تڏهن مفاصلي يا منزل تي پهچڻ واري وقت جي ڪَٿ ڪٿان نہ ڪج (جو اجايو وقت ويندو ۽ دير ٿيندي) پر پَٺي هلج. تہ جيئن بيٺي سج (ڳاڙهي سج) ڪنهن ڳالهہ سان (سياڳ ۽ اتفاق سان) سڄڻن جي سٿ ڀيڙي ٿئين. ٣. ور چونڊيندي وڄ= (الف) ور= ڪانڄ جا ور، ور چونڊڻ= اڳ ڪنيل وَرَ پنڌ ڪندي جڏهن ڍرا ٿين تہ مٿي ڪٺي سولا ڪجن (ور ڪٽڻ= ڊوڙڻ يا تکي هلڻ خاطر، ڪانڄ جا ور ابتاڻي جي هيٺان ورائي ڇڪي مٿي ڪرڻ). يعني ڪانڄ جا ور سارينديِ، مٿي ڪندي، تکي تِکڙي پئي وڄ. (ب) ور= واٽ جا ور وڪڙ. يا پهاڙ واري پنڌ جا ور وراڪا لنگهندي تکڙي پئي وڄ. آهي ايءَ اُهڄ= هاڙهي جبل ۾ پنڌ ڪرڻ وارين جو اهو ئي اهڃاڻ آهي، اهائي سڃاڻپ آهي. ٥. پهڻن پير پئو= منهنجو پير اڇي پهڻن ۾ پيو آهي (پٿرن پهڻن واري پنڌ ۾ پيو آهي جتي هلڻ ڏکيو آهي).

سُورَنِ ساڻُ سِهو، اَڇي تِيُمِ جيڏِيُون.

٦

لَڙئو سِڄُ لَکَنِ تان راسِيُون رَتائِين
مونکي مارِيائِين، اَلهِي اُونداهِي کَري.

٧

وِئو سِڄُ وَٽَنِ تانِ راسِيِين ڏيئِي رَڱُ
مون جَنهين سِين سَڱُ، سو کوهيارو کيچ وِئو.

8

ٻيلِينِ ڏاران ٻَنِ، ڏِجي ڏُونگَرُ جيڏِيُون
وِڏِيَسِ وَراکَنِ ۾ کيرائي کَهُنِ
سَجَڻَ ڏُونگَرَ چوٽِيين، آڏا سيلَ سُڄَنِ
سي کِيئَن پنهون پَسَنِ، جَنِ کي نيرُ نَنگَ جو.

٩

سَرتِيون سُڄي سُڄ، متان کا مون سِين هَلي
پاٽِي ناهِ، پَنڌُ گهٽو، اڳيان رائو رُڄ
متان مَري اَڄ، کا ڏِئي پاراتو پُنهونءَ کي.

١٠

ڇِپَر جا سِينگارَ، وارِج واڱَ وِلهيءَ تي
ڏُونگر توهان ڏارَ، مون سين جَبَلُ تو جاڙُون کَري

١١

وِئو باروچو نِکَرِي، هاٿِي کَريان کِيئَن
سِڄَ اُلٽِي سِيئَن، سَٿُون ڏِينِدِيَسِ سُڄَ ۾.

١٢

لاڳاپا ئِي لاهِ، لَـٰظي ۾ لَطِيفُ چَئي

تِهان پوءِ پُڃاءِ، پِريان سندو پيچرو.

وائي

جي هُوندَ ڏِنائُون، وو جيڏِيُون!
حالُ مُنهنجو هِهڙو جهڙو

چَڙهِي نہ سَگهان چوٽِيين، مارَڳُ مَتاهُون
ڏُکِيءَ سَندي ڏيجَ ۾، ڏُونگرُ ڏِنائُون
هِنيَڙو ڏُندَڻُ پاڙَ جيئَن، چِکي چِنائُون
هِنيَڙو ڏاڙهُونءَ گُلَ جِيئَن، ريهِي رَتائُون
هُوءَ جي پَهَڻُ پَٻَ جا سي مَٽيان مُکائُون
هُونِ سلامَتَ سُپرِين، تان گهوري مَرُ آئُون
سو جي سُئومِ کَنَنِ سِين پَہُ جو کيائُون
ٻانهُون ٻيلَ نہ لاهِيان، پُنهَل کي آئون

داستان ٻيو

١

کِين ڏَرَ تَپي ماءِ، کِين جَرَ سَندِي سَڄَٽِين
هَلي ۽ واجهاءِ، ٻِنهِي جيرَنِ وِچ ۾.

٢

مَتئانِ مَتي مَڇُ، ٻَرِيُمِ ٻاروچَلِ جو
جيکِين ڇيو جيڏِيين سو سِيوئِي سَڄُ
اَمَڙِ اوري اَڄُ. تہ سِٽَ سُٽايَئِين سُورَ ڄِي.

٣

مَتي منجهان مِينهُ، پَسو جئَن پاٽِي وَهي
مون پانيو هيءُ نِينهُ، تان ڇِپُون جيري سَندِيُون.

سِهو= سنگت، لاڳاپو ۽ واسطو. ٦. راسيون رتائين= سج جا تندن مثل سدا ڪرڻا جيڪي سانوڻ جي جهڙ ۾، وچينءَ ويل، ڏرتيءَ طرف لڙن (چوندا: 'سج سانوڻ ۾ وچينءَ ويل راسيون ڪوڙيندو') فقط جڏهن ڪڪر هوندا تڏهن راسيون ڏسڻ ۾ اينديون. راسيون= جڻ متي سج جي ڪنار مان نڪتل روشن ڏورون جيڪي هيٺ ويندي زمين تائين لاڙيل: اهو لقاءِ رڳو وچينءَ ويل ڏسڻ ۾ اينو. صبوح جو راسيون متي وينديون ۽ زمين ڏانهن ڏاريل نہ هونديون (چوندا 'چنڊ واڙي واءُ، سج واڙي مينهن'). ٨. ٻيلين= ساٿين، مددگارن، ٻَن ڏجي= ڇڏي ڏجي، ڦٽو ڪجي. وراڪن ۾= جبلن واري واٽ جي ورن وڪڙن ۾. ڪَہَ جمع ڪهون= وڏا پند، پند جون وڏيون منزلون(انهن سسئي کي ٿڪائي ڪيرايو). سيل= ٽڪا وڏا ڪنڊا، جبل ۾ ٽڪين چوٽين وارا پاهڻ. نيرِ= ٻنڌڻ. ننگ جو= لڄ پت جو. ١٠. ڇپر جا سينگار= (اي منهنجا پيارا پنهون) جبل جا سينگار! ولهيءَ تي= اڪيلي هيٺي ڏڪويل تي. وائي. ههڙو جهڙو= ڏکيو اٻالو. چڙهي نہ سگهان ٽڪرن جي چوٽين تي جتي رستو (ماڳ) گهڻو مٿاهين تي آهي. د-٢: ١. ڏرِ= ڏرتي. ماءِ= جاءِ، ماڳ، پيٽي (واٽ واري). جر= سخت تپش (هڪ ڏرتي تتل ٻيو سڄڻ جي فراق واري تپش)، سسئي انهن ٻنهي ٻاهين جي وچ ۾ پئي هلي ۽ پنهون لاءِ واجهائي. ٣. سخت گرمي ۾ پگهر مينهن وانگر پيو متي مان وهي. مون هن نيه (محبت ۽ عشق) کي راحت وارو کري پانيو پر هيءُ تہ ڇيري (ٻاه) جون ڇپيون آهن.

۴

لَڳي مون کي لُوهَ، وِرهَ واٽون لائيُون
رازُ جنهين سين رُوحَ، سو ڪوهيارو ڪيچ وِئو.

۵

ٽِمَن نيڻَ رَتُ وَهي ڇُٽاڪا ڪِئو
مونکي ڏنءُ ڏِئو، اَئِين تا وجو اوٺيا!

۶

چَرخو آتڻَ وِچَ مان اَمڙِ وَجي آڻِ
ڪَتيُمِ جِنهين ڪاڻِ، سو وَجي ڪيچِ قرارئو.

۷

آتڻِ چُونمِ ڪَتُ، ٽاٽيان ٽندُ نہ نِڪري
پاٽان روئِي رَتُ، چَرخو مون چِڪَ ڪِئو.

8

اَمڙِ جي ڏِنوءِ، مُون جِئن هوتُ اکين سِين
چَرخو چيهاڙِيُون ڪَري، پيري هُوندَ پَڳوءِ
آتڻِ رَتُ رُنوءِ، ٽندُ نہ ڪَتيئي هيڪَڙِي.

۹

ٽاٽيان ٽندُ نہ نِڪَري، جِيءُ نہ منهنجو جاءِ
ساجَن ڏاران سَرَتيُون، سَڀُ ئِي مون نہ سُهاءِ
جِيڻُ ڪِينَ جُڳاءِ، آيَلِ ٻاروچَن ري.

۱۰

نڪو ليڪوئِي ٽِئو، نڪو ٽتو ڏِينهُ
ٿهان اوري نِيهُ، ڇنو آتڻَ ويريين.

۱۱

ڪُوءِ ڪَتَڻُ ٻَنِ ڪَپاهُ، ڪُوءِ آتڻُ ٻَنِ جيڏِيُون
ساجَنُ مُنهنجو ساهُ، هاجي مَنجهہِ هَٽِي وِئو.

۱۲

جِئن جِئن ٽپي ڏينهُ، تِئن تِئن تاٽي تِڪَ ۾
ڪو اڳانجهو نِيهُ، ٻانيَڻِ ٻاروچَن سِين.

۱۳

جِئن جِئن پڄي راتِ، تِئن تِئن تاٽي پَنڌَ ۾
پوريءَ ٻي نہ تاتِ، جيڪا سا جَتَن جِي.

۱۴

ڪاٽِيءَ کي ڪورا، جَبَلُ پَسِي جاڳِئا
گُونڌَرَ جا گورا، وَجَنِ جانِ جُدا ڪِئو.

۱۵

ڪُوءِ ٻولِي ٻَنِ ٻَروچُ، گهوري ذاتِ جَتَن جِي
مونکي ڇَئِي 'لوچ'، پاڻ پيهي وِئا ڇَپرين!

۱۶

ڪُوءِ هاڙهو ٻَنِ هوتُ، ڪوءِ پُنهون ٻَنِ پريتَمُ
مادَرِ مون موتُ، پَسڻَان پِرائيو.

۱۷

جان جِيين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ رِي
ٽَتِيءَ ٽَڏِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جِي.

۴. لُوه= لُک، سخت گرم جهولو. وره= سوز ۽ فراق. واٽون لائيون= منهنجي مٿان وري ويو جنهن سان روح جو راز، دل جي ڳالهہ ۽ دلي پيار. ۵. ڇُٽاڪا= وڏا وڏا ڦُڙا. ڏنءِ= وڏي باه جيڪا سڀ ڪجهہ ساڙي ڇڏي. اَئين= اوهين. ۸. چيهاڙيون= چيري ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري. پيري= ڦيري، ڦيرائي. ۱۰. اڳئين وقت ۾ آتڻ جي رسم موجب، پرڀات کان سٽ ڪتڻ شروع ڪنديون هيون ۽ ٻن پهرن تائين ڪتينديون هيون. ٻن پهرن جو ليڪو ٽيندو هو. نڪو ٽتو ڏينهن= اڃان ليڪي جي مهل ئي ڪانہ ٿي، ليڪو ئي ڪونہ ٽيو، جو سرتين ان کان اڳ مون کان جدائي ڪئي (يعني اڃان پياري پنهونءَ جي پٺيان منهنجي سفر جي سختي شروع ئي ڪا نہ ٿي جو سرتين مان ڪان منهن موڙيو). ۱۱. ڪوءِ= ڪوه ۾ پوي، ڪڏ ۾ پوي. ٻن پوي، ٻن ۾ پوي، ٻل ٻڏي. هاجو= وڏو نقصان، وڏي آزمائش. ۱۲. اڳانجهو= گهڻو اڳرو، ويتر وڌيڪ. ۱۴. ڪاٽي= جلي، سڙي. ڪورا= باه جا مچ. گورا= گوڙا= ڳٽن جا اوٺار. ۱۵. "لوچ"= "تہ تون پئي لوچ"، پٺيان لڳي پاڻ پتوڙ ۽ ڳول. ۱۶. ڪوءِ هاڙهو ٻن هوت= ڪڏ ۾ پوي هاڙهو جبل تہ ٻن ۾ پوي هوت. مون موت پَسڻان پرائيو= مون انهن کي پسنديئي، پسڻ مان، موت پرائيو. (ظاهري مقصد ۽ مطلب واريون شيون ملن ٿيون، تہ انهن جي سڪ ۽ چِڪ ختم ٿي وڃي ٿي؛ ڳولا، جستجو ۽ اڳتي وڌڻ وارو جذبو ئي ختم ٿي وڃي ٿو: انهيءَ لحاظ سان ڄڻ ماٺهو مري چڪو). ۱۷. جان جيين= جيسين تائين جئري آهين. ڪانهي جاءِ جلڻ ري= جلڻ کان سواءِ (وصال لاءِ) ٻي ڪا واه ئي ڪانهي، ٻي ڪا پيٽي ڪانهي.

وائي

شاديءَ جو سِينگارُ، آيَلِ! آيَلِ!

مَرِڪُ منهنجو مون پِرين

آهي ڳَهُ ڳِچِيءَ جو، ڏِئي هالُورا هارُ
آهي اَگهاڙنِ ڪي، جانِبَ جو جنسارُ
آهي ڪاڄُ ٻُڪِيين جو توڙان طعامُ تيارُ
اَعليٰ اَچو عيدَ ۾ دوساڻو ديدارُ
حُسنَ هوتَ پُنهونءَ جي، ڪَڪورِئو ڪوهيارُ
سُجَ ڪِيائين سُرهِي، واسِيائين وَڻڪارُ
ڇِپَرَ ڇِتُون مُڪِيُون، عَطرُ ٿِئو آوارُ
ڪوڙيين ٿِئا ڪيترا نالي تان نِثارُ
شَيدا صَلابَتَ جِي، گولي گِرفتارُ
گهوريا گهَرَ گهَٽِيءَ تان اَچِي جِئان آڏارُ.

داستان ٽريو

١

ٻُرو هو ٻَنڀورُ، آرياڻِيءَ اَجاريو
لاٿو سَيَهين لوڪَ تان هاڙهي ڏٽِيءَ هورُ
چوريون چُرَڻ سِکِيُون، پُنهون ڪِئائون پورُ
آيو سو اَتورُ، جِنهِ ڏُکيون ڏِکِ وِهارِيُون.

٢

ڀيئَرُ ڀنڀورا، ڀَڄو تہ اُٻهو
اَچِي اِنَ ماڳا، سَرتِينِ سُورَ پرائِيا.

٣

ڪُلهَنِ قاتو ڪَنجرو، مَتو اَگهاڙو
منهنجو ڪُڄاڙو، ڀيئَرُ هِنِ ڀَنڀورَ ۾.

۴

ڏُڪوِينِ اُهڃاڻُ، ڪُلهي قاتو ڪَنجرو
وَڃَنِ گُوندَرَ گَڏِيُون، لوڪَ نہ آڇِنِ پاڻُ:
'سُورَنِ اَسان ساڻُ، نَنڍي لاڪُون نِيهُ ڪِئو.'

۵

اَمَڙِ مُون اَماڻِ، ڀَنڀوران ڀَهَرِ ٿِي
مَڃُڻُ ڪا رِهاڻِ، مون تو موٽِي مَسَ ٿِئي.

٦

وَرُ لَڪَنِ جي لوڏِ، گهورِئا سُکَ ڀَنڀورَ جا
اَمَڙِ جي تون آڇِيين، سي ڪَمِ نہ اَچِنِ ڪوڏِ
هنِيين مُنهنجي هوڏِ، ٻَڌِي باروچَنِ سِين.

٧

ڏُکَنِ پُنيان سُکَ، سِکَها ٿِيندءِ سَسُئِي
پيرَ مَ ڇَڏِج پِرينءَ جو توڙي لَکَنِ لُکَ
ڏورِج پاسي ڏُکَ، تہ پوي ٻاجهہ ٻَروچ کي.

وائي. شاديءَ جو سينگار= نهايت سهڻو گهوٽ. هالوڙا= جهلڪا. آهي اگهاڙن کي= اگهاڙن کي جانب جي جنسار جو ڏِک آهي. ڇِتون= خوشبويون. مکيون= موکليون، اٽاريون. اوار= چوڌاري، جيڏانهن ڪيڏانهن پکڙيل. شيدا= قربان. صلابت= سهڻو سنئون قد، سهڻي هاني ڪاٺي. اچي جئان آڏار= جتان منهنجو پرجهلو (محبوب) اچي. د-٣: ١. اجاريو= اڇو ڪيو، صاف ڪيو. هاڙهي ڏٽي= هاڙهي (جبل) جي ڏٽي (پنهون آرياڻي). چُرڻ سکيون= چُر جو هنر سکيون= وڏيون هنر مند ۽ تخليقي صلاحيت واريون ٿي پيون. پنهون ڪئائون پور= (سندن ڪاميابي انهيءَ ۾ هئي جو) پنهونءَ کي نقاش ڪئائون. پور= ڇاپي جو نقش (ڪاٺ ۾ ڪوريل، جيڪو مُهر وانگر ڪپڙي تي هڻجي تہ ڊزائين نڪري). آتور= وڏي مان شان وارو. ڏک وهاريون= سهاڳڻيون ڪيون. ٢. ڀنڀورا= ڀنڀور مان. اُٻهو= مٿاهان ٿيو، ڪامياب ٿيو. ۴. ڏُڪوين اهڃاڻ= ڏُڪويلن جا پار اهي آهن. وڃن گوندر گڏيون= غم ۽ فراق سان هڪ ٿيو پيون هلن، غم ۽ فراق ۾ صبر سان پيون گهارين. لوڪ نہ آڇن پاڻ= پنهنجو ڏکيو حال ماڻهن کي نہ سلين. ننڍي لاکون= ننڍي هوندي کان وٺي. ۵. مون اماڻ= مون سان گڏجي هلي مون کي روانو ڪر (تہ اسان پاڻ ۾ پيار واريون ڳالهيون ڪري وٺون). رهاڻ= پاڻ ۾ ويهي حال اورڻ، هڪ ٻئي سان دل جون ڳالهيون ڪرڻ، وٽندڙ ڪچهري ڪرڻ. موٽي مس ٿئي= وري هن کان پوءِ نہ ئي ٿئي. ٦. وَرُ= ڀلي تہ هجي. لڪن جي لوڏ= جبلن جي لڪن تي لُڏي لڏي، لوڏا کائي چڙهڻ. ڪوڏ= ڪوڏاٽا، تنهنجيون مٺيون پيار ڀريون ڳالهيون. هوڏ ٻڌي= شرط ٻڌي (هنن سان گڏ هلڻ ۽ گڏ هجڻ جي).

۸

ووءِ ووءِ وَڃَنِ نِڳَڻا، گهوڙا! گهَٽِيءَ پُون
مادَرِ مٺان مُون، ڪانگ لَمَندا ڪَڍِهين!

۹

'ووءِ ووءِ' ڪَندي وَٽُ، مٺان 'ووءِ' وِسارِئين
رَنِدَنِ مَٿي رَٽُ، هار تہ مِلين هوتَ کي.

۱۰

'ووءِ ووءِ' ڪَندي وَٽُ، مٺان 'ووءِ' وِسارِئين
پاٽي هارِ مَ پَڌرو، روءِ مَنجهائِين رَٽُ
صَبَرُ وڏو سَٽُ، سِگها ميڙي سُپرين.

۱۱

رَنُنِ ڪارَڻِ جا هُئِي سا ووءِ ووءِ پُڻ ويئِي
پُنهونءَ کي پيئِي، رُئندِي ڪير رَتَ ڦُڙا!

۱۲

ڇنهِ جو ڏٽيان ڏارَ، ٻيلِي ناهِ پَنِيوَرَ ۾
تِنهِ ڪميڻِيءَ جي ڪانہ ڪِي ساٿَ لَڏِيندي سارَ
عالَمَ جا آڌارَ، وارِج واڳَ وِلهِيءَ تي.

۱۳

پُلئو سَڀُ پنيورُ، پُنِيءَ هوتَ نہ هَلِئو
شَهَرَ سُڄاتو ڪينڪِين آرياڻِي اُتورُ
ماڻِئو ٿِئي مورُ، جَنِي ديکِئو دِلِ سان.

۱۴

جَنِي ديکيو دِلِ سين، پُنِيءَ سي پِييُون
تہ پُڻُ ٿي وييُون، جي پُنهونءَ پاڻ لِڪائيو.

۱۵

مُئِي مَ ماريج، ٻاروچا پنيور ۾
پُنهون سا پاريج، جو تو آرياڻِي اَڳُ چيو.

۱۶

گهورِئو هِيءَ پَنِيورُ، مون سَڳُ ٻاروچَنِ سِين
آهي آرياڻِين جو، ديوانِيءَ کي دَورُ
سندو هوتَنِ هورِ، مَرڪُ ٿِئو مَعذورِ کي.

وائي

لَڳو مَنجهہ لَڪَنِ، آيَلِ! آيَلِ!
تازو پيرُ پُنهونءَ جو

۸. ووءِ ووءِ= وو هاءِ، وو هاءِ! وڃن نڳڻا= (پنهونءَ کي ڪنيو) نِڪتا ٿا وڃن. گهوڙا= گهوڙا ڙي! گهٽيءَ پون= تمام پري واري حد، پراهين پيٽي تائين نڪتا پيا وڃن، پيا وڃن ۽ گهٽو پري وڃي پهتا آهن. ڪانگ لمندا= آءٌ مرنديس ۽ منهنجي مڙه کي ڪانءُ لاءِ) ڪانگ لامارا ڏيندا. ۱۰. پڌرو= کُليو، ظاهري (اکين مان پاٽي نہ هار). منجهائين= اندر ئي اندر ۾. وڏو ست= طاقت، وڏي قُوت. سَگها= همت وارا. ۱۱. سا ووءِ ووءِ پڻ ويئي- الخ= پنهنجي ور ۽ پتار جي مرڻ تي زالون بيوهَ يا رنوڙ ٿي ڏک ۾ جيڪا 'ووءِ' ڪنديون هيون، سا ريت بہ هاڻ باقي نہ رهي (= رَنڻ واريون نہ رهيون) هاڻي پنهونءَ لاءِ ڪير رت رئندي! (جڻ سچي محبت ۽ سچائي ختم ٿي وئي؛ دلي ڏک باقي نہ رهيو ۽ رڳو رسمي ڏک رياء وارو رهجي ويو. ۱۲. ڏٽيان= ڏٽي ڪان سواءِ، ڏٽين مالڪن ڪان سواءِ. ٻيلي= مددگار. عالم جا آڌار= اي جهان جا پرجهلا، يا الله! ۱۳. پُلئو= گمراه ٿيو. پُنيءَ= پنيان. اتور= جنهن جي ڳرن ڳڻن واري وزن کي توري نہ سگهجي. نهايت ئي سهڻو سونهن ڀريو. 'سسئي پنهون جي ڳالهہ' جي روايتي پس منظر بدران، هن بيت ۾ هڪ خاص تمثيل سمايل اهي. شاه صاحب کي نبي صلعم سان عشق هو، ۽ پنهنجن ڪن بيتن ۾ تمثيل طور پنهون مان مراد نبي صلعم ڪري ورتائين (جئن تہ "پرتوو پنهونءَ جو" (يا) "ڇوريون ڇرڻ سکيون پنهون ڪيائون پور"). هن بيت ۾ اها تمثيل سمايل آهي تہ شهر مَڪو گمراه ٿيو جو هجرت وقت حضرت جن سان شامل ٿي نہ هليو؛ اهڙن وڏين وصفن ۽ وڏن ڳڻن واري سائين کي مکي جي شهرين نہ سڃاتو. ۱۴. هن بيت ۾ پڻ اڳئين بيت واري ساڳي تمثيل آهي. معنيٰ تہ: جيتوڻيڪ نبي صلعم هن ظاهري جهان مان پردو مٽايو (وفات ڪئي). تہ بہ جن ڪيس دل سان ڏٺو ۽ مڃيو هو سي اسلام تي قائم رهيا. ۱۵. هن بيت جي هيءَ سٽ مُعما مثال آهي جنهن جي معنيٰ تمثيل طور ائين ٿئي ٿي تہ: روحن ڪان سوال پڇندي رَب طرفان اها تصديق ٿي تہ: آءٌ ئي اوهان جو رَبُ آهيان؛ جي 'روح' سسئي آهي تہ پوءِ پنهون ئي ڪيس سنڀاليندو ۽ پنهنجو قول پاريندو! ۱٦. گهورِئو= قربان ٿيو. دور= ورد، ياد، سڪ، دِررو، نشو، عشق. هور= ڊپ، خوف (تہ هوت ڏاڍا آهن).

نَکين واءُ وڄائيو، جهوريو تان تہ جهَڪَنِ
ڪِهَ ڳتوريان اڳِري، هاٿِي جا هوٿَنِ
بورائو بَرَن جو، ريڙهي منجهہ رُڃَنِ.

داستان چوٿون

۱

لَڄايا مُونهان، ساڃهُرِ تي سينڻَ وِئا
پيين پنيوران، سُڌِ مُنهنجي ذاتِ جي.

۲

هُيَسِ جي آئُون، ٻانهي ٻاروچَنِ جي
هُوندَ نہ ڇَڏِيائُون، ڏُکِيءَ کي ڏُکَنِ ۾.

۳

آءٌ جي هُيَسِ هَڏُ، اڏِيُون آريچَنِ جو
ساٿُ لَڏِيندي سَڌُ، هُوندَ کوهيارا ڳَرِينِ مون.

۴

هُيَسِ جي سِياءُ، تہ ڪَڇُمِ ڏُکُ ڏيرَنِ تي
اَدَبَ وِڇان اُنِ سِين ڳالهہ نہ ڪَڇُمِ ڪاءِ
ذاتِ مُنهنجي ماءُ، ڪَڇو تِي ڪيڇِين کي.

۵

اڳِي اِيئَن هُيَاسِ، جِئَن پنهونءَ ذوتَمُ ڪَپَڙا
هاٿِي هِيئَن تِيَاسِ، جِئَنَ جَتَ نہ نِينَمِ پاڻَ سِين.

۶

ساٿِيَنِ سَنئِين نہ جاڳِئِين، پوءِ ڪُجاڙِئان روءِ
اِيءَ پَرِ ڪُپَرِ هوءِ، جِئَن هُو سانگِي تون سُمَهِين.

۷

ساٿي توءِ هَلَنِ، پَٽَرُ جي وارَ ڳَرِيان
جيڪَسِ پاروچَنِ، کو ڏِنو عيبُ اکِينِ سِين.

۸

نِيهَ مَ نالو ڳِنُ، پريتَڙِي پيرَ ٻِئا
سُورَنِ سانڱُ مَ ڇِنُ، وِرهُ وِهائِجُ وِترو.

۹

هوتُ نہ مَنيان ماءُ، ٻئو مالُ مِڙوئِي مَنيان
جَهِين جِي ساڄاءِ، رِڙهان تِي رَنڍَنِ ۾.

۱۰

مَرِي وِينديَسِ ماءِ، لَڪَ لنگهَندي لَڪِيُون
وَڃِي ڪيچ قَرارِئا جَتَ پَنهِنجِي جاءِ
روئِڻُ رَتُ جَڳاءِ، ٿَنِ هوتَنِ جِي هيڪاندِ لئي.

۱۱

جَفا وارِين جَسُ، جَسُ جَفا رءِ نہ ٿِئي
سُکَنِ ساٿُ وِڄائيو، گولِي ڇَڏِ مَ ڳَسُ
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چَئي ڏونگرُ آهي ڏَسُ
پُنهون هَلِي پَسُ، سِرَ پَرِ سِري سَسُئي.

۱۲

جويَنُ جانِبَ لاءِ، نيئِي وِجهُ نِڪُونَجَ ۾
روئِي روپُ وِڃاءِ، پُنهونءَ ڪارڻِ پَٻَ ۾.

۱۳

سَڄَڻُ ڏِنو جَنِ، تَنِ ڳچِيءَ سِرِ ڳَهُ ڪِئو
ٻيون ڪوهُ ٻُجهَنِ، قُدُر اِنِ ڪِيمياءَ جو.

ڪِهَ= دَزَ، سنهڙي رَئي جيڪا هوتن هاٿي سرهي آهي. بورائو= اها ڪه بورائو آهي؛ اها دَز ۽ رئي ساٿ واري جيڪا هوتن کي لڳي آهي (جيڪا هوتن هاٿي آهي) سا مون لاءِ بر بيابان ۾ ساٿ جي واٽ جي سڃاڻپ آهي ۽ مونکي پئي (انهيءَ سرهاڻ تي) ريڙهي. د-۴: ۳. هڏ= هڏو، سندن پنهنجو رت، پنهنجي ڄائي. ڪچو= عيب. ۴. سياء= ويجهي عزازت واري، ساڳي عزازت واري. ٦. ساٿين سنئين= ساٿ وارن (ڏيرن) سان ان ساڳئي وقت. ايءَ پَر ڪُپر هوءِ= اها تنهنجي ريت ڪُريت جهڙي آهي. سانگي= لڏڻ وارا. ۷. ساٿي= ساٿ وارا (پنهونءَ جا ڀائر). توءِ= تہ بہ. هلن= وڃڻ وارا ٿين. پٽر جي وار ڪريان= جيڪڏهن پنهنجا وار سندن آڏو پٽيريان، وڇايان. جيڪس= لاشڪ. ۱۰. لڪ لنگهندي لڪيون= لڪ لڪيون لنگهندي. ماءِ= جاءِ هتان هلندي ڪنهن. ماڳ تي (جبلن جا لڪ ۽ لڪيون لنگهندي). وڃي قرارئا= ٿانيڪا ٿئا، سکيا ٿيا. ۱۱. جفا= تڪليف، جفاڪشي. جس= ڪاميابي، مبارڪ. ۱۲. جانب کي ملڻ خاطر پنهنجو جوين ڪٽي اوڙاه (نڪونج) ۾ وجهہ، وڃائي ڦٽو ڪر. پنهنجي پنهونءَ خاطر تون پَٻَ پهاڙ ۾ رُلي روئي پنهنجو روپ وڃاءِ، پنهنجو حسن ۽ صورت وڃاءِ. ۱۳. ڳچيءَ تي، سر تي. ڳه ڪئو= ڳهٽو ڪيو (تي سگهي ٿو تہ اصل پڙهٽي ڳچيءَ سَرُ هجي، يعني ڌڙيءَ مثل ڳچي جو سهٽو سَرَ وارو ڳهہ).

١٤

ڏِنمِ اُتَ اکِينِ سِينَ، مانَ ٻاروچا هُونِ

جَنِي ڏاران پُونِ، موريسَر اکِينِ ۾.

١٥

سَڄَڻُ ڏِنو جَنِ، مونڻُ تَنِي ميهَڻو

ايءُ مَرِکُ معذورين، جنَ مَرَنِ پِريان جي پيرَ تي.

١٦

مُون جِئَن هوتُ اکِينِ سِين ڏٺو جي جيڏِينِ

تہ وِجا سَڀِ وِيينِ، پاٽا پينِيُون چِپَرِين.

١٧

مون جِئَن ڏِٺائُون، جي هوند هوتُ اکِينِ سِين

ڪَٽُ نہ ڪُچِئائُون، هوند مِڙِيئِي پِيئُون مامَري.

١٨

ساڻِي نہ پَسان سي، جي هُنَم هنِيين ٽُوٽِيُون

هاڻي ڪَنِي جي، وَڃئو اَگڻِ اُپيان.

١٩

ڪَهان تان ڪيچان پَري، وِهان تان وَٽ مُون

پِلِي ڏوريمِ پُون، عَبَٽُ آريءَ جامَ ڪي.

٢٠

ڪَهان تان ڪيچان پَري، سُمهان تان سِرَ هيٺِ

ٻاروچي سِين ڏيٺِ، جيڏيون جيهِيءَ پَرِ ٿِي!

٢١

ٻاروچي لاڏاڻِ، آن ڪا ڏِنِي ڏوتِيا

ماجُونِي رِهاڻِ، مون. سِين چِني هَلِيَا.

وائي

هوتَ هوتَ! اي هوتا!

ڏِينديَس ماهُ مِرُن کي، آئُون جَرا چِيءُ ڪَري

ڏيئي باهِ ٻَنڀور کي، آيَسِ تو ڳري

آءُ اوراهون سُپِرين، وَڃ مَ پِيَہ پَري

آرياڻي پُنهونءَ ري، هَڌِ نہ ساهُ سَري

جَندِري پايو جانَ ۾ ڏُکِي ڏُکَ ڏَري

مون ڏٺو مون وِسَهو، هيءَ وِرچِي تان نہ وَري

ڏُکِيءَ جي ڏيکارِيين، ڏاران مُنهَ مَري

پِيالي پِرِينِ جي موهِيَسِ ميٺَ ڳري

توکي توءِ نہ ڇَڏِيان، جي وِجان پُونءَ ٿَري

ڏَڙُ وِجهنديسِ ڏوڙُ ۾، مَتو ڏارَ ڏري

آريءَ جي عشق جي اندرِ آڳَ ٻَري

پِرِين ڪَٽِجُ پانهجيون اکيون ٻاجهہ پَري.

داستان پنجون

١

وَڏِي وَسَ هُئا، ٻاروچا ٻَنڀورَ ۾

وَڃِي ڏُور پِئا، سانگَنِ پُٺِيءَ سُپِرِين.

٢

ليڙَنِ لَنگهي لَسَ، مانباٽِئان مَٽي ٿِيا

وَنِي وَرُ واٽ ٿِيا، پُنهون جامُ پَهَسَ

١٤. موريسَرَ= اهي وارَ جيڪي چِپرن هيٺان نڪرن، اکين ۾ لڳن ۽ اکيون چنهبائين (اڳ ڳوٺن ۾ ڪي ڏاهيون مايون هونديون هيون جيڪي ڪنهن انڪل سان موريسر چِڪي ڪڍي ڇڏينديون هيون). ١٦. وِجا= وِديا، علم ۽ عقل، سمجهہ ۽ دانائي. پينيون= گهڙي پيون. ١٧. ڪٽ= ڪجهہ بہ نہ، ذرو بہ نہ. مامري= معاملي ۾، تڪليف ۽ ڳٽي ۾. ١٨. هنيين ٽوٽيون= هنيين جون ٽوٽيون، دل جو ٽيڪون، آڌر. اڱڻ اُپيان= اڱڻ تي ويهان (هاڻي ڪَن جي اڱڻ تي وڃان!). ١٩. ڪهان= ٽڪائڻ وارو وڏو پنڌ ڪريان. وهان تان وٽ مون= وهان تہ جڻ منهنجو پنهون مون وٽ آهي. پلي= پلجي، اجايو. ڏوريم پون= گهٽي زمين ڳوليم. عبث= اجايو. ٢٠. ڏيٺ= واقفيت، ملاقات ۽ محبت. جيهيءَ پر ٿي= ڪنهن اهڙي عجيب ريت سان ٿي. ٢١. لاڏاڻ= ساٿ واري لَڏ، ويندو ساٿ. مجٺ= هڪ پسارڪو وکر، ڪاٺڙيون جنهن مان ڳاڙهو رنگ نڪري (۽ جنهن سان اڳ سنڌ ۾ ڪپڙا رڱيندا هئا). ماجوٺو= (مؤنث. ماجوٺي)= ڳاڙهي رنگ وارو، ڳاڙهو. رهاڻ= محبت واري ڪچهري، دل گهري ورونهہ. ماجوٺي رهاڻ= ڳاڙهي رهاڻ، رس ڀري وٽندڙ رهاڻ. وائي. جَرا= ذرا ذرا. پِيَہ= اي پرين. هڌ نہ= هر گز نہ. ميٺ ڳري= ڳري ذائقي، ڳري نشي. پونءَ تري= زمين اندر. د-٥: ١. وس= پهر، ماڻهن جي وسندي. سانگن پُٺي= سانگ تي وڃڻ سان، لاڏاٽي سبباں، جدائي ڪري هلڻ جي ڪري. ٢. لس= لس ڀيلو. مانباڻ= مانباڻ جو ڀورو ۽ ٽڪر (جيڪو سنگهر کان اتر- اولهہ طرف آهي). منباٽئان مٽي وٺا= مانباڻ کان مٿا اڳتي ويا. پهس= پهريائين ئي، ترت تڪڙو.

هُئا وَڏيءَ وَسَ، ٻاروچا ڀنيور ۾.

٣

سَسُئِي سُڪائُون، وِيندي ڪِيون وَٽِن سِين
پُنهون وَٽي پاڻَ سِين اِينديِسِ جي آئُون
تہ وَٽِ وَٽِ واچائُون، ڏِينديِسِ ڏارَ سَيَڪَنهِين.

٤

ڏِني سِڪَ سَسُئِيءَ کي ٻِيلياڻِي ٻَروچَ
لوڪَ وِچان ئي لوچَ، پَهُچائِي پُنهونءَ کي.

٥

ڪوجو آهِسِ ڪوڏُ، ٻاروچاڻِيءَ ذاتِ سِين
هُوءِ جي چُونسِ 'ٻوڏُ'، تہ 'جيءُ' سُڻائي جَڳَ کي.

٦

ڪوجو مَتِس مِينهُ، آريءَ جي اُڪِيرَ جو
راتيان روئي رَتَ ڦُڙا، سُکِ نہ سارو ڏِينهُ
ٻاروچاڻو نِينهُ، مُنِيءَ مانو نہ ٿِئي.

٧

ڪُٺِيءَ لَئي ڪاڻِي، رَکِيَئِہ پِرتِ پُنهونءَ سِين
سُهيو سُکيو جِنڊڙو، وِڌءِ جيري ۾ جاڻِي
هاجو هوتاڻِي، تو صُباحَ ڪَندا سَسُئِي.

٨

ڪِيئَن اَڙايُئہ پاندُ، پَلئُہ پَرَڏيهَينِ سِين
مَتيون مُوڙهيَئہ سَسُئي، ڪِيئِي ڪوهِيارو ڪانڌُ
رُلي ياڻيَئِہ راندِ، ٻانيَڙِ عِشقُ ٻَروچ جو.

٩

لَڪين لوڙائُو، سسئي آهِن سُڃ ۾
بَرَ ۾ بورائُو، ڪَڻُ پِيادِي پَنڌَ ۾.

١٠

ڏونگرَ ڏنا نُونڙِ، مون پارڪو پُڇِئا
هيڪَلِيون هَلَن جي سي تاڪُن سَندِي تُونڙِ
اِيءَ اَهڪِي يُونڙِ، سُونهَن ري نہ سُتِري.

١١

مُسافِرَنئُون ماءُ، وِرهُ وِهايُم وِتِرُو
اَڇِي تِئَم اوچِتِي تَن سانگِين سِين ساجاءِ
جِيجان جهَلَ مَ پاءِ، هِنيُون هوتَ هَٿِي وِئا.

١٢

جِئَن جِئَن جهَلِي جَڳُ، تِئَن تِئَن مون تاڪِيدُ ٿِئي
ڳهِرئو تو ڳالهِيون ڪري وِرسئو پِٽِي وَڳُ
لوڪُ لَتاڙِي نندَر ۾، پُنِيءَ لالَڻَ لَڳُ
آرِياڻِي اورَڳُ، پَنيوران ٻهَرِ تِي.

١٣

وِندَرَ وَرَ ڏنامِ، ڪِيچِينِ ڪاڙِڻ ڪِيترا
ٻاروچا ٻاجهہ ڀَرِئا، جي گوشِي هوند گڏيام
تہ چِيتارِي چِيامِ، سَڀَ عَرضَ پنهنجا اُنِ کي.

٣. سُڪائُون ڪيون= باسون باسيون. واچائون= نذرانا (مثلاً 'هر ڏار' تي پوتيون وجهنديس). ٤. ٻيلياڻي= خدمتگار. ٻروچ= پنهون (سسئي کي سک ٻيلياڻي ڪري ڏني). لوچ= اڻ ٽُڙ، تلاش، جستجو. ٥. ڪوڏ= عشق. ٻوڏ= ٻِٽ واري ورندي (تہ: شال ٻُڏين، ڇا تيو اٿئي!). جيءُ= پيار ۽ دعا جو لفظ (شال پيو جيئن). 7. ڪُٺيءَ لئي= پنهنجي ڪُٺيءَ لئي، پڄاڻي لئي، ختم ٿيڻ لئي. سُهيو= سوُلو آرام وارو، خوش. هاجو= وڏو نقصان. صباح ڪندا= صبوح سوير ڪندا. ٩. لوڙائو= هاٽو، ڦرينڊڙ، ڏاڙيل. بورائو= سونهون. ١٠. ڏنا= مٿاهان ٻنا. نونڙ= هيناهيون، نمنديون. تاڪُن= تڪيندڙن= لِڪِي وجھ وٺي وڙهندڙن، چاري ٻيٺل چورن. ٽُونڙ= ڪاڙو، شڪار. يونڙ= يونء، زمين پند واري پَٽي. ١١. مسافرنئون= مسافرن ڪان. وره= فراق ۽ درد. سانگي= جيڪي سانگ ڪن، جيڪي اصل ماڳ ڇڏي ٻئي پاسي هليا وڃن. ساجاءِ= سڃاڻپ، ناتو. جيجان= اي جيجي امان، اي پياري امان. ١٢. جهلي جڳ= لوڪ مون کي جهلي. تاڪيد ٿئي= پنهونءَ جي پويان وڃڻ جو تاڪيد ٿئي. ورسئو گهمي وڳُ= لوڪ وڳ مثل موڙهو گهمي ڳهرئو تو ڳالهيون ڪري= ڳهر ۾، نشي ۾ تو ڳالهائي (سڄاڳ ڪونهي). وِرسئو پِٽي= پليو گهمي= ورسڻ= پلجڻ. اورڳ= اوڙڪُ، ڏسُ. اوڙڪڻ (گجراتي)= ڏسڻ، سڃاڻڻ. ١٣. وندر ور ڏنام= وندر ندي واري پيٽي ۾ مون ڳولا ڪندي ور وراڪا ڏنا، ڦيرا ڏنا. گوشي= هڪ پاسي تي، اڪيلا. چيتاري= پوريءَ طرح ياد ڪري، سنڀاري (تفصيل سان).

١۴

پيون سَڀ سَگَيٽِيُون سَرَتِيُون، مون چُڪَ (تو) سين چاءِ
اُندَرِ آهِہِ ڳالهڙي ڪوهيارِي جي ڪاءِ
لَڱمِ ڏرو واءِ، سَڄو سَگُ نہ سارِيان.

١۵

جي ڏُونگرَ مون ۾ ڏُڪَ، سي پَٿَر پُوِنَ مَ پرينءَ ري
وِهَڻُ مون وِهُ ٿِئو، ڪير سانديندِي سُڪَ
هُيَمِ هوئِنِ سِين چُڪَ، سَڄو سَگُ نہ سارِيان.

١٦

هِڪَ پاهَڻُ، پِيون پَٽيُون، ٽِرئا جَبَلَ جِتِ جاڏا
اَڳِيان اَسُونهِينِ ڪِي تا ٿَوَنگ سُجَنِ تاڏا
جي مُنِيءَ مُنهَ آڏا، سي ٽارج لَڪَ لَطِيفُ چئِي.

١٧

ماٺِ مارِينديئِي پِرينءَ جي، مَتان روئِين رَتُ
چوري چَڏِ مَ سَتُ، هِمَتَ هوتُ وِڃائيو.

١٨

ٿَتِيءَ تايائين، جهولو مُنڌ جهڙُ ٿئو
رائي رُنائِين، اُبهَرِي ڪِي اوٺِيين.

١٩

ڇِپُون ڇپَرَ ڪَٽِ، پَهَڻَ پَٽراٽِي پائِيان
سيٽَنِ جِيءَ سَهَٽَ، ڏُونگرُ ڏولي مون ٿِئو.

٢٠

ڏيرَنئون سُورَنِ ڪي سَئِين پَتين شاباس
هُوا هَماري پاس، بيلي ٽِتَّرِمِ ڇَپَرين.

٢١

حُسِيني جي هاڪَ، مادَرِ مارِي آهِيان
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُڪَ سِين، راتِيان چِڪَنِ چاڪَ
دِرجان پَرِ فِراقَ، متان پوئِمِ پِرينءَ سِين.

٢٢

جيڪِين فِراقان، سو وِصالان نہ ٿِئي
اَچِي اوطاقان، مُونکي پرينءَ پَرِي ڪِئو.

٢٣

قُرِي آءٌ فِراقَ، مونکي وصالان وِچُ پِئو
جي تي چِڪِيَمِ چاڪَ، سي پرينءَ گڏجِي پُورِيا.

---

١۴. 'چُڪ' جون هينيون ٽي معنائون. بلوچي لفظ 'چُڪَ' (ڇوڪري) جي بدليل صورت= مون ويچاري. چڪ= چڪي. "مون چُڪي توسين چاءُ": چُڪي= مفت ۾ ڏنل. هارايل راند ۾ توري شيءِ موٽائي ڏنل. (ٻار ڪوڏين جي يا ٻي ڪنهن جنس جي راند ڪندا، ۽ جي پوءِ ڪنهن سڀ ساريون هارايون ۽ ٻئي ڪَٽيون تہ هارائيندڙ کَٽڻ واري کي چوندو تہ "چُڪي ڏي": يعني تہ کٽيل سارين مان ڪجهہ مون کي موٽائي ڏي تہ راند هلايون). چُڪيءَ طور ڏنل معنيٰ بي ملهي ڏنل، بنا عيوض ڏنل، هار ۾ ڏنل. سسئي ٿي چوي تہ آءٌ سگيٽي ناهيان. پر چُڪيءَ ۾ ڏنل آهيان. ١۵. سانديندي سک= سکن کي پاڻ سان گڏ رکندي. چُڪ= ڪُنبُ (گهر جي، گهٽي جي، ڪپڙي جي)، تورو پاسو (سڄو نہ). ١٦. پٽيون= پنڌ جون پٽيون، ڊگهايون. جاڏا= وڏا شاهي سخت ۽ مضبوط. تونگ= سوڙها لڪ. تاڏا= اُبا، ڏکيا. ١٨. تايائين= جوش جذبي سان هلي. ابهري کي اُوٺيين= ابهري لئي اوٺين، اوٺين لاءِ ابهري (تکڙي تہ ڪين جلد وڃي پهچي). ١٩. ڇپون= وڏا ڳرا پٿر. ڇپر ڪَٽ= وڏي اوچي پلنگ واري کٽ برابر جنهن جي مٿان مهاري اڏيل. سيٽن= سڄٽن. سهٽ= سک ۽ چک. ٢٠. ڏيرنئون= ڏيرن کان وڌيڪ. سئين پتين= سوين پيرا. هماري پاس= اسان وٽ (مون وٽ). ٢١. حسيني جي هاڪ= 'درد ۽ فراق جي چوٽ: اهو اهڃاڻ ٻن معنائن سان نڪري ٿو: (الف) حسيني= حسيني سر يا راڳ (جنهن جو هيءُ بيت آهي). جي هاڪ= حسيني راڳ جو 'سڏ' جنهن ۾ سمايل درديلو اثر (تہ مادر ماري آهيان) (ب) حسيني واقعي، حضرت امام حسينؓ واري غم ۽ درد. هن معنيٰ لاءِ "حسيني جئن هاڪ" پڙهڻو پوندو. سيني رسالن ۾ "حسيني جي هاڪ" آهي. هاڪ= مشهوري. راتيان چکن 'چاڪ'= سور وارا ڏک لڳن: چاڪ تڏهن چکندا محسوس ٿيندا جڏهن ماڻهو رات جو سمهندو ۽ آرام لاءِ آتو ٿيندو. پوئم= مونکي جواب ڏيٺو پوي. ٢٢. فراق= پرين کان وڇوڙو. وصال= پرين سان گڏجاڻي. (جيڪي 'فراق' مان حاصل ٿئي، سو 'وصال' مان نہ ملي). اچي اوطاقان= منهنجي اوطاق تي اچڻ سان (مون وٽ اچڻ سان) پرينءَ پاڻان مون کي پري ڪيو. (سندس گڏجڻ سببان، مونکي جيڪا اڳين زوردار سڪ هئي سا مائي ٿي). ٢٣. قري آءٌ= وري آءٌ. وصالان= وصال مان. وچ پئو= وٿي پئي (منهنجي ۽ پرين جي وچ ۾). پوريا= ميٽيا، چُٽائي ڇڏيا.

وائي-۱

پنهون پريشانُ بَرِ بَرِ! نَ کو خانُ نہ مانُ
هَئي هَئي حالُ مُنهنجو!
مونکي بُکَ بوتِنِ جي، ناقي پانيان نانُ
شهرُ صِحرا پانئِيان، مون ليکي مَيدانُ
رُئان تِي رُجنِ ۾، آريءَ لَئي عُريانُ
پِنيان مُنهُ پَسڻَ لَئي، هِتي تِي حيرانُ
آهي آريءَ جامَ جو مونکي کارِي کانُ
ديوانيءَ کي دِلِ ۾، سُورَنِ جو سامانُ
وِجهج پکَ پينارَ تي، پِريمَ کائِي پانُ
کَڏهن ٿيندو کيچَ ۾، مُنيءَ جو مَکانُ
آهين عبداللطيف چَئي، آرياڻي اڳوانُ.

وائي-۲

آءٌ تِي چُلان چِپَرين،
جان باروچي باجهہ گهٽي
آئون پنهنجي پِرينءَ سين، وينديس واڳَ وَٽي
مَرُ جان پوئيمِ مُنهَ ۾ سَندي پرينءَ پَٽي
کانهي هِنَ پنيورَ ۾، ڏاران تو ٽَٽِي
توريءَ تيلُ نہ پائِيان، نکا سِيند ڦَٽي
کَنديِس وَسُ وِنڊُرَ ۾ ميڙيندومِ ڏٽِي
هَٿان هَڏِ نہ ڇَڏيان، آريءَ جي اَٽِي
آهي هوٿِنِ هَٿَ ۾ سَندي جِيءَ جَٽِي
کِينَ وِرمِئا وِچ ۾، جهُلِئا جهُندبَ هَٽِي
مونکي کوٺيو پاڻُ ڏي هاديءَ هٿُ کَٽِي
پنهونءَ ڏاران پَبَ ۾، ٻيلي ناهِ ٻَٽِي
جَتَنِ ڇَڏي آهيان، ڇَڏِ مَ کيچَ ڏٽِي.

داستان ڇهون

۱

ڏيکاريوس ڏکنِ، گُوندرَ گسُ پِريَنِ جو
سُونهائي سُورَنِ، کي هيکانڊي هوتَ سِين.

۲

سُورَ مَ ڏيهمِ ڏوڻَ، آءٌ اڳهين کانهري
جا پَرِ پاٽيءَ لُوڻَ، سا پَرِ مُنهنجي چِندڙي.

۳

سُورَ مَ وَجيجاهُ، سَجَڻَ جِئن سانگ وِئا
پِرين پُجاڻاهُ، آءٌ اوهان سِين اوريان.

۴

سُورَنِ سانگهارو، کَڏهن تان کونہ کِئو

وائي-۱. پنهون هُتي (جتي کيس کنيو ٿا وڃن) پريشان! اتي هو ٻين جي وس: نکو هوُ خان تہ نکو سندس مان! هئي هئي، هِتي هي حال منهنجو! بوتن جي= اٺن جي. ناقي= ناقي کي، اٺ کي. نان= طعام، کاڌو، ماني (پنهونءَ جي اُٺ کي ڏسان تہ جڻ مونکي طعام ملي ويو ۽ منهنجي بک لهي وئي). عريان= ننگي. کاري کان= هنڌائتو لڳل وڏو کان (جيکو کاري ضرب لڳائي ۽ ماري ويو). وائي-۲. چُلان= گهڙي پوان، گهڙان ۽ هلان. (آءٌ انهيءَ کري تي چپر ۾ چلان جو مون تي ٻاروچن جي گهٽي ٻاجهہ آهي). واڳ وَٽِي= (واڳ سان واٽجڻ ۽ ٻڌجڻ) گڏوگڏ ٽيڻ. پٽي= مِني. ٽٽي= چک، سک. اٽي= اڙي، رکيب (پير). جِيءُ جَٽِي= جيءَ جو جياپو، جيءَ جي جڙ. جُهلئا جهند ٻ هٽي= جُهند ٻ هٽي سوار ٿيا. ورمئا= ورچئا، ٻينا. جُهلئا= هَسوار تي هليا. ٻٽِي= ٻڙي! د-٦: ١. گوندر گس= گوندر جو گس، ڏکن واري واٽ. سونهائي سورن= سورن کيس سونهون کري. ٢. مَ ڏيهم ڏوڻ= مونکي ڏوڻ مَ ڏي، مونکي ڏکيا لوڏا نہ ڏي. کانهري= کاهلي، ٻهلڙي. جا پر پاٽيءَ لوڻ= جا پاٽيءَ جي لوڻ سان ريت (جو لوڻ کي ڳاري ڇڏيندو). ٣. مَ وڃيجاهُ= مَ وڃجئو. جئن= جئن جو، اهڙي حالت ۾ جو. سانگ وئا= لڏي وئا، جدا تي وئا. پڄاڻاهُ= کان پوءِ. اوريان= پنهنجا ڏک بيان کريان. ۴. سانگهارو= ٿورائي، گهڻتائي، ڇينوٽِي. وقفو، وٿي، (آبکلاني واري دريائي پاڻي ۽ کيتي جو اصطلاح. (سيپٽمبر ۾ جڏهن پاڻي گهٽبو هو تہ هر کَڙيي تي جيکي هُرلا هوندا هئا تن جي وَهُکَ لاءِ 'وارو' ٻڌندا هئا جنهن موجب کجهہ وقت (ٽي، ٻہ يا هڪ ڏينهن) منڍ وارا هُرلا وهندا هئا. ۽ ان بعد اوتري وقت لاءِ پوڇڙي وارا کندا هئا ۽ هر هُرلو 'هڪ جوڳ' (ٽي کلاک کن) يا اڃان بہ گهٽ وقفي جيترو وهندو هو ۽ پوءِ نہ وهندو (هلندڙ) جڏهن پاڻي گهٽو گهڻجي ويندو هو تڏهن 'سانگهارو لڳندو هو': يعني منڍ کان شروع

آيَلِ اوپارو، ٻاڙودو ٻوڙ وَهي.

٥

مُتِ مٿ سُورَنِ سَيَڪهين، مون وَٽِ وَٽاٽانِ
پَريون ڪَئو پُوٽانِ، وِئا وِهائو نِڪري.

٦

سُورَ نہ ساڳاهِينِ، ڏِينِ اُڌما اوچتا
مونکي مون پرينِ جا اَڻ مَيا آهينِ
لَڄُون جي لاهِينِ، سي مون گُوندَرَ گڏِئا.

٧

سانگهارو سُورَنِ، ڪَڏهن تان ڪونہ ڏنو
ٻائڙ ٻوڙ وَهَنِ، ڪالهوٽِئان اَڄُ گهَٽا.

٨

سُورَنِ لَڌو سَجهہُ، پاڻهين پيهي آئِيا
ڪِنهِ ڪي ڏِيان مَنجهہُ، مَرُ تا چُٽِڪَنِ چِتِ ۾.

٩

سُورَ مَ مَنجِ ساءُ، آءٌ نُوڪَٽِي آهِيان
وَجِيجُ مَ وِيلَ ڪَهين وِرهِ مون وَٽاءُ
تون پُڻ تَڏهن جاءُ، جَڏِ ٽِيان هيڪانڊِي هوت سِين.

١٠

سُورَ بہ پَٽَتُون پَتِ، هِيءُ چُٽِڪِئو ڪِين ٻِئو
پريتَڙي پرين جي، ماءُ مُنجهايَمِ مَتِ
پيئَرُ پَلِيءَ پَتِ، لَڳمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو.

١١

لَڳمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، اَمڙ جهَلِ مَ مُون
سَڀِ رَڳِيندِيسِ رَتَ سين ڪيڇان اوري پُون
مادَرِ مَٽان مُون، ڪانگَ لَمَندا ڪَڏهِين.

١٢

لَڳمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، ڪَرَها ٽِئا ٿَزاقَ
اَهڪِي جا اُنَنِ ڪي، سا مَيَنِ پوءِ مَ ماڪَ
اَڪَڙين خوراڪَ، پَسَڻُ پَرڏيهِيَنِ جو.

١٣

ڏَنءُ لَڳو، ڏُونگرُ ٻَريو، پيئرُ ڪاٽِي پُون
مَٿا لاٽو مون، سندو جِيَڻَ آسرو.

١٤

ڏُڪويُون ڏيها، جيڪُسِ لَڏي ويئيُون
هاٽِي ڪَنِ مُلا، پُڇان پرينِ خَبَرُون.

١٥

ڏُڪيون جان نہ مِڙَنِ، تان تان پَنَڻُ نہ ٿئي
ٻِيُون هُنهين هَٽَ هَٽَنِ، رُئنديون رُئڻُ وارِيُون.

١٦

سُورَ وِرهايان سَرَتِيُون، جي وِرهايا وَڃَنِ
ٻِيُون ڪوهُ ٻُجهَنِ، جَنِ سندا ٿَنِ سامُهان.

هو، ائين اڳتي پوءِ پيو هُرلو، پوءِ ٽيو هُرلو...... ويندي پوچڙي تائين). ٻائڙ ٻوڙ وهن= سور ٻائڙ ٻوڙ وهن، پريا وهن. گهٽا گهاٽا ٿين (سانوڻ ۾ جڏهن گهٽو پاڻي ٿيندو هو ۽ کڙيا پرجي ويندا هئا، تہ هُرلي واري پَڙوهي يا کُوهاڏي ۾ بہ پاڻي ايترو مٿي چڙهي بيهندو هو جو ٻائڙ ٻُڏي ويندو هو، يعني هرلي جي ڏينگي يا پانڊي جو هينيون پاسو مالهہ ۽ لوٽن سوڌو ٻڏو پيو هوندو هو. ان وقت هُرلو ٻائڙ ٻوڙ وهندو هو). ٥. مٿ مٿ= مُٿ جيترا ٿورا ٿورا. وٽاٽانِ= انهن سورن جا وٽاڻ آهن، گهٽائي ڪي آهن. پريون ڪئو= پريون ٻڌيو. پوٽان= ڪنيو پوٽان، آءٌ انهن کي ڪنيو پئي هلان. وهائو= خريدار. ٦. ساڳاهين= لحاظ ڪن. اڻ ميا= ماڻ يا ماپ کان ٻاهر، تمام گهٽا. ٨. سَجهہُ= سولو وَجهہ. منجهہ= راز. چٽڪن يا چُٽڪَن (اهي ٻئي پڙهٽيون صحيح)= ذري ذري ڏکن ۽ ڏکوئن، ايذاءَ جا ڏڪَ هڻن. ٩. ساءُ مَ مَنج= تک ۽ تيزي نہ گهٽائيج، ذائقو نہ بدلائيج. نوڪٽي= سڪايل، هيراڪ (هي لفظ ڳالهائڻ ۾ نہ ٻڌو ويو آهي). ١١. ٻاڻ= تير. پون= ڌرتي. ڪانگ لمندا= منهنجي مڙهہ (مثل جسم) کي کائڻ لئي مٿان کان اچي ڦيرا ڏيندا. ١٢. قزاق= ڏاڙيل (جو پنهون ڦري وئا). پوءِ مَ ماڪ= ماڪ نہ پوي (ماڪ اُنن کي هلڻ ۾ ڏکي آهي: ماڪ پوندي تہ پٽرن تي پير ترڪندا). اڪڙين خوراڪ= منهنجي اڪڙين جو قوت. ١٣. ڏنءُ= وڏي وڪوڙيندڙ باهہ. ڪاٽي پون= زمين ٻري وئي. ١٤. ڏُڪيون= ڏڪويلون، سورن واريون ڏڪايل. ڏيها= ڏيهہ مان، ملڪ مان. جيڪس= لاشڪ. ڪن ملا= ڪن وٽان. ١٥. ڏڪيون= ڏڪ واريون (جن جا پنهنجا پيارا گذاري ويا هجن). جان نہ مڙن= جيسين تائين گڏ نہ ٿين. پَنڻ= وڏو روج راڙو. هٽ هٽن= هٿ پنهنجن مٿن، ڳلن يا سينن تي هڻن.

١٧

پيڙي پيڙي بَنڌُ، سُورائتِي سَندَرو
ڪيچ پراهُون پَنڌُ، سُورَنِ رءِ نہ سُتِرو.

١٨

پيڙي بَڌُ بِيهارَ، تون سُورائتِي سَندَرو
ڏونگرُ توهان ڏارَ، ڪانہ ڏورِينڊِي ڏکَ سِين.

١٩

مڙو سُورَنِ وارِيُون ڪريون سُورَ پَچارَ
مُٺِ مُٺِ سُورَنِ سَيَکَهِين، ڪانهي سُوران ڏارَ
ڏِنَمِ جي ڏاتارَ، سي مون جهولِي پائِي جهَلِئا.

٢٠

وِرهُ جَنِ وَتاڻُ، سُورُ سَلامِي تَنِ جو
جَنِ لَڳو تَنِ لَڪِئو بارو چاڙو باڻُ
جيڏِيُون هي زِيانُ، مون سِين نِسوروئي نِنبَر ڪِئو.

٢١

تَن سُورَنِ ڪي شاباسِ، جَنِ مون سان گهارِئو
بيلِي تِئَڙَمِ چِپَرِين، هئا هَمارِي پاسِ
جَڏِ پُنهونءَ ڪي گڏِياسِ، تَڏِ ويچارا وَرِي وِئا.

وائي

ڪوهياري جي ڪاءِ، مارِينڊِيَمِ ماءُ
جا مَنَ اندرِ ڳالهڙِي
هوتَ هَلَنِ، آئُون وِهان، تہ ڪا اِيئنءَ جُڳاءِ
چڙهان ڏُونگرَ چوٽِيين، سُپيريان جي ساءِ
نِهارِينديَسِ نِڪَٽِي، هاڙهو هوٿَنِ لاءِ
موليٰ مونکي ميڙيين سَندِي جانِبَ جاءِ
سَسُئِي جي سِڙِيءَ کي اوڏاهِين اُٺاءِ
پانڌِيڙا پيرَ پَرِي، پِريان ڪي پُهچاءِ
پيراندِيءَ پُنهونءَ جي منهنجو لوڙهُ لَٽاءِ.

داستان ستون

١

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جَڏهِن تَڏهِن پِرِينءَ ڪي
ڏورِينديون ڏِسَنِ، اَگَڻَ عَجِيبَنِ جا.

٢

پُڇيوءِ تان پُورِ، نا تہ پُڇَڻُ هوءِ نہ پِرِينءَ ڪي
ڏورَڻَ واريون ڏُورِ، هَڏِ نہ آهِنِ هوتَ ڪي.

٣

ڏوريان ڏوريان مَ لَهان، شالَ مَ مِلان هوتَ
مَنَ اَندرِ جا اوتَ، مَچُڻِ سا ماٺِي ٿِئي.

٤

چَڏِيَمِ حُجَ هَلَڻِ جي، چُڪِيَمِ چاڙِيڪا
اَدِيُون آڙِيڪا، هِنيَڙي پِئَمِ هوتَ سِين.

٥

چاڙِيڪَنِ چڙهِي، چَڏِيَمِ حُجَ هَلَڻَ جِي
آڙِيڪَنِ اڙِي، هِنيَڙِي پِييمِ هوتَ سِين.

٦

چَڏِيَمِ حُجَ هَلَڻِ جِي، چاڙِيڪا چُڪِيامِ

---

٢٠. وره= بره= سڪ وارو درد، محبت ۾ درد ۽ فراق. وٽاڻ= ويهڻ جي جاءِ. جن لڳو= جن کي اهو درد لڳو. لڪئو= سڃاتو. باڻ= تير. وائي. سپيريان جي ساءِ= سڄڻن جي سڪ ۽ سانير. نڪٽي= اڪيلي. سڙي= ڪاٺي، مَيَتُ، جنازو. لوڙهہ= اوڏاهين مقام ۾، مَيت جو گهَرُ، قبر. د-٧: ١. ڏورينديون= پري پري تائين پڇائون ۽ ڪشالا ڪري ڳولڻ واريون. ٢. پُور= ارادو پڪو ڪري، رخ وٺي هَلُ. پڇڻ= پڇا ڪرڻ. پرينءَ ڪي= پرينءَ لاءِ، پرينءَ بابت. ڏورڻ= مسلسل ڳولا ڪرڻ. ٣. ڏوريان ڏوريان= ڪشالا ڪري پئي ڳوليان. لهان= ڳولي ڏسان. اوت= محبت جي پلٽ. مچڻ= متان. ماٺي= گهٽ. ٤. چاڙيڪا= چاڙهيڪا، جبلن جا چاڙهہ. چڪيم چاڙيڪا= چاڙهيڪا چڙهڻ مون کان چُڪي ويا، آءٌ چاڙهيڪن چڙهڻ کان چُڪي ويس. آڙيڪا= پيچ، وَراڪا. ٥. چاڙيڪن چڙهي= وڏي چاڙهہ (اوچائي) وارن لڪن تي چڙهي، لڪن تي چڙهندي. حج= دعويٰ. آڙيڪا= آڏو ڏکيا چاڙهہ ۽ وَر. وَر ۽ واٽ وارا گهيرا ڦيرا. آڙيڪن اڙي= منهنجي هنيين کي هوت سان آڙيڪن واري اڙي پئي، وَرَ وٽ واري ڳنڍ پئي. ٦. چاڙيڪا= چاڙهيڪن تي چڙهڻ وارا زور. چڪيام= منهنجا ختم ٿي ويا.

آرياڻيءَ جي آسَري، ڏُونگرِ ڏِينهَ لَڳامِ
پُڇج پِرين سَندام، وِرتيَسِ وِکَ نہ اُپڙي.

٧

وينِيَسِ وِکَ نہ اُپڙي، آرياڻِي تون آءُ
ڇُڪِيءَ توسِين چاهُ، پاسي پَرِ پيئِي رِڙهي.

٨

جيڪا ڪَندِي نِيهُ، مون جِئَن ٻاروچَنِ سِين
سِڪَڻُ سارو ڏِينهُ، چَڙهڻُ چاڙِيڪَنِ تي.

٩

جيڪا ڪَندِي سَڱُ، مون جِئن ٻاروچَنِ سِين
اَنگهُن چاڙهي اَڱُ، رُئندي سا رَتَ ڦُڙا.

١٠

جيڪا ڪَندي مَنجهہُ، مون جِئن ٻاروچَنِ سِين
مٿان ڳُلَنِ هَنجهہُ، ڪِينَ لاهِيندي ڪَڏهِين.

١١

جي هِتِ نہ هوتُ پَسَنِ، سي ڪنہ پَرِ ڪيڇِ پَسَنديُون
مُوڙهيُون توءِ وَڃَنِ، پيئَرُ هِنِ پَنيورَ ۾.

١٢

آءٌ ڏوريئين، شالَ مَ لهئين، پِرين هُئين پَري
هَڏهِنِ ساهُ سَري، تَنَ تَسَلِي نہ ٿِئي.

١٣

موٽِي ٿِئا مَعذور جا، حالَ نہ پائِي هوتَ
ڏِنيَمِ ڏاڍين ڏُونگرين جَتَنِ ڪارَڻَ جهوتَ
هِنيَڙو ٿِئو ٻہ پوتَ، وَهَم پريان جي وَڍِئو.

١٤

هوتُ نہ ڇُنيءَ پوڇُ، ڦاڙي جو ڦِٽو ڪَريان
هاڙهي جو بلوچُ، ڏاڍي ڪِنہِ ڏُکِ مِڙي.

١٥

هِنيون منهنجو هيڪَڙو سو تان هوتَ نِئو
ڪونهي ڪو ٻِئو، آءٌ جو آڇيان عامَ کي.

وائي-١

منهنجِي حُجَتَ ناهي واٽَ، ڪانهي واٽَ
ڄيجان ٿَنِ جَتَنِ سِين

ڪاٽِيءَ کي ڪانئي ٿِي، ڄيري ڄِي ڄَراٽَ
سبَبَ تِنہِ سُتي وِئا، جهُوتِي ڏِنيَمِ جهاٽَ
آهيمِ آريءَ ڄامِ جِي اندر منجهہِ اُساٽَ
تازو پيرُ پُنهونءَ جو لُڙِئو منجهہ لُڙاٽَ
ماريو ڪِيمَ مُنِيءَ کي ڪيڇي ڪاهي ڪَنواٽَ
نهارِينديِسِ نِڪٽِي، ڳوڙهَنِ پَرئو ڳاٽَ
ڏِنمِ ڏُکوِيَنِ جا ڇِپَرَ ۾ ڇُونڇاٽَ

پڇج= پير پري پڇجُ، پر گھور ڪج. وِرتيس= وِرچي پيس، ٽڪجي ساٽي تي پيس. ٧. اُپڙي= کُٻجي. ڇُڪيءَ= ٽڪجي ڇُور ٽيل کي. چاهُ= چاهہ، نيہ، عشق. ٨. ٻاروچن سين جيڪا مون وانگر نيہ لائيندي. (تنهن جو حال اهو ٿيندو جو) سارو ڏينهن سڪندي گذاريندي، ۽ جبل جي ڏکين لڪن چاڙهن (چاڙهيڪن) تي پئي چڙهندي. ٩. سڱ= محبت جو ناتو. انگھِن= انگهن تي، تکين چوٽين تي. اڱ= (جسم جو هر عضوو) پنهنجو جسم. ١٠. جيڪا ڪندي منجهہ= جيڪا پنهنجي اندر جو حال (منجهہ) بيان ڪندي؛ جيڪا پنهنجي اندر جو احوال ڏيندي. مٿان ڳلن= ڳلن مٿان. هنجهہ= ڳوڙها (اکين جا). ڪين لاهيندي= بس ڪانہ ڪندي. ١١. ڪنہ پر= ڪهڙيءَ ريت، ڪيئن؟ موڙهيون= ڍليون، منجهنديون. توءِ= تہ بہ. هن پنيور ۾= هن جهان ۾. ١٢. اي منهنجا پرين! توکي آءٌ پئي ڳوليان پر ڳولي نہ سگهان؛ شال! گهڻو پراهون هجين! هڏهن ساهہ سري= ڪٽي مون ۾ ساهہ بہ هجي (جيئري بہ هجان)، تہ بہ اندر وارو اطمينان حاصل نہ ٿئي (۽ تنهنجي طلب تانگهہ باقي رهي). ١٣. حال نہ پائي هوت= هوت حال پائي (همدرد) نہ ٿئا. جهوت= ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن سٽون ڏيڻ. ٻہ پوت= ٻہ ٽڪر (جئن ڪپڙو ٻہ ٽڪر ٿئي جڏهن وڍجي). وهم پريان جي وڍئو= منهنجو هينئڙو، پرين جي ياد ۽ فڪر ۾ وڍي ٻہ ڀاڱا ڪري ڇڏيو. ١٤. پوڇ= پُڇُ= ڪپڙي جو پاند، ڪپڙي جو ٽڪر، ڪپڙو ('پوڇ' جي معنيٰ کي نہ سمجهڻ سبيان، ڪاتبن ڦيرائي 'پوت' لکيو). ڏاڍي ڪنہ ڏک ملي= ڪنهن ڏاڍي وڏي ڪشالي سان ملي. وائي-١. حجت= گهاٽائي، ويجهائي، پنهنجائپ. واٽ= رستو، ريت، رسم. ڪاٽي= سڙي. ڄيري= ٻاهہ جي ڄيي. ڄراٽ= لهس، لپيٽ سبب تنہ ستي ويا= منهنجي سمهي پوڻ واري سبب جي ڪري وئا. جهوٽي ڏيئي جهاٽ= منهنجي ننڊر جي جهوٽي ۾ جهٽ ڪري ويا. اساٽ= اُڃ، خشڪي ۽ تپش. لڙئو منجهہ لڙاٽ= رائي ۾ اڏورو ڍڪجي وئو.

ڪَنديَسِ ڪيچَ ڏٽين لاءِ لَڪَن ۾ لُولاٽ.

وائي-٢

مونکي لَڪَ مَ لوڏو ڏي،

آئُون جا پَبَ پهوڙي آهيان

آرياڻي پُنهونءَ جو نِيهُ نِهوڙِئو ني

مون جيهيءَ مَعذورِ سِين، شالَ نہ ڪَندا چي

پَڳو هِنيُون سَڄو ڪندا، ڏيئي رُپي ري.

داستان ائون

١

آتڻُ اورانگهي وِئا، آءٌ تِي مَران ماءِ

پِٽون تِينديَسِ پيرَ تِي هَئي هَئي ڪري هاءِ

جِيئڻُ مون نہ جُڳاءِ، ڳَنگَنِ تان گوشو ڪِئو.

٢

آتڻُ اورانگهي وِئا، اڱڻِ مون افسوسُ

ديوانيءَ ڪي دوسُ، ساٿي ٿيندو سُڄَ ۾.

٣

آتڻُ اورانگهي وِئا، پُنيءَ توڏِنِ تاڻِ

ويهُ مَ مُنڌَ بنيورَ ۾، هُن پُڄَندينءَ هاڻِ

رائي منجهہ رهاڻِ، هَلُ تہ تِيئِي هوتَ سِين.

٤

آتڻُ اورانگهي وِئا، ڪَري ڪَميٽي ڪيئن

هاڻِ ڳَهُرجي هيئَنِ، تہ ڏِجي باهِ بنيورَ کي.

٥

آتڻُ اورانگهي وِئا، پارِي چَڙي پوءِ

آريجا اُٺَنِ تي، هِيءَ تان جَڏِي جوءِ

ڪِين هَلي، ڪِين هَٿَ ڳَٽي، ڪين رَڙِي، ڪين روءِ

ڪو پِريان ڪي چوءِ، تہ مُنيءَ مائُمُ آئيو.

٦

جاڻِي سُڄاڻِي، مونکي چَڏي هَلِئا

آءٌ ڪِيئَن چڏيان پانهنجو، اَديُون آرياڻِي

پَريُمِ جو پاڻِي، سو ڪيچِينَ ڪَمُ نہ آئيو.

٧

ڇڄُ مَ قطارا، ساٿُ چَڙهندو لَڪِيين

مَحُڻِ ٿِئين پُئا، وَڳَ وانٺُ ٿِي نہ لَهين.

٨

ڪاجا ڪِياٿُون، وائِي واري وِنگڙِي

آيَلِ اُنِ آئُون، ٻولِيءَ ٻاتاڙِي ڪَئِي.

٩

وائِي واري وِنگڙِي، ٻولِي ٻِي نہ ڪَنِ

الا ڪيچَ ڏٽينِ، مون سين پوءِ مَ مامرو.

وائي-١

مونکي چِپَرِ تان مَ چَڏيجاهُ، ٻاروچا!

لولاٽ= منٿون زاريون (تہ مونکي ڪو ڏس ڏيو). وائي- ٢. پب پهوڙي= پب جبل ۾ اندر گهڙيل، پيهي ويل. نهوڙيو ني= موت ڏانهن ٺو وني وڃي، صفا ماري ٿو. چي= ١. چيه= پڄاڻي، بس. ٢. چي (ٻولي)= چو، چالاءِ (نہ پڇندا). ري= ريه. ڏيئي رُپي ري= رُپي وارو ريهہ ڏيئي (ڳنڍيندا). د-٨: ١. آتڻ اورانگهي وئا= منهنجو آتڻ ٽپي هليا ويا، مونکي منهنجي آتڻ ۾ ڇڏي هليا ويا. پٽون= ذرا ذرا. ڳنگن تان گوشو ڪئو= انن ۽ ڏيرن تہ مونکي مَٽي پاسي تي ڇڏيو. ٢. اڱڻ مون افسوس= منهنجي اڱڻ تي مونکي غم آهي، منهنجي اڱڻ تي غم ڇانيل آهي. دوس= دوست (پنهون). ساٿي ٿيندو= پيڙو ٿيندو، ٻيلي ٿيندو، مددگار ٿيندو. ٣. پنيءَ توڏن تاڻ= اٺن پٺيان ڇڪي هَلُ. "هُن پڄنديںءَ هاڻ"= تون هنن کي پڄي ويندينءَ. ڄاڻي سڃاڻي= مونکي پوريءَ طرح سڃاڻي. ٧. مڇڻ= متان. پُئا= پويان، پوئتي. ٻيءَ سٽ ۾ 'وڳ' کان پوءِ وارو لفظ جن جدا جدا صورتن ۾ لکيل آهي تن مان هينين پڙهٽين جو گمان ٿئي ٿو جن مان معنيٰ نڪري ٿي (الف) وانٺُ، وانٺُ= نظر، نظر پوڻ. چوندا: "وانٺُ ڪر، يا وانئُ ڪر تہ هو شيءِ اچي ٿي"- يعني نظر ڪر، نهار ڪر (ب) وانٺِي= جَهندي (جهاز وانگر اڳ قافلي ۽ ساٿ وارا بہ جهنڊي ڪٽندا هئا). ٨. ونگڙي وائي= اُلٽي ٻولي، منجهائيندڙ ٻولي. ڪياٿون= ڏيرن بلوچڪي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو. آئون ٻاتاڙي ڪئي= مونکي ڳُٽتي ۾ وجهي ڇڏيو. مونکي منجهائي وڌو. ٩. مون سين پوءِ م مامرو= مون سان مامرو نہ پوي، مون سان سندن ڪا اٽڪٽ نہ ٿئي.

پَلئہِ لَڳي آهيان

چوري چَڏي چِپَرِين، ڪيچي ڪِيم وِجيجاهُ
چوري چِنِي آهيان، مون سِين نِيهُ نِباهي نيجاهُ
پُنهون منهنجو آن سِين، اَئِين ساٿ سَلامَتَ نيجاه
آرِياڻِي عَبداللطِيفُ چئي مون تي وَهِلو وَرُ ڪَرِيجاه.

وائي-٢

جان تون وَڃي ڪيچ ڪَهِي،
ڏيچ پارايا پِرينءَ ڪي.
١. ڏُک مُنهنجي ڏِيلَ ۾، سَگهان ڪِينَ سَهِي.
٢. آڳ ڦوڙائي مارِئي، مُنهنجا واقِفَ وِئا وَهِي.
٣. پيئَرَ هِنَ پَنيورَ ۾، سارِيان ڪونہ سَهِي.
٤. مون مُئيءَ مَتان ڪيترا وِتڙا ڪانگَ لَئِي.

داستان نائون

١

ڪاتِيءَ تان نہ ڪَنِهين، مَنُ وِنجهُلَڻَ وَڍِيو
مارِيَسِ سُور ٽَنهين، جو نہ جِياري جيڏِيُون.

٢

ڪاتِيءَ تان نہ ڪُنو، ماءُ مُنهنجو جِندَڙو
جَنِي ماءِ مُنو، سي جَتَ نہ پَسان جُوءِ ۾.

٣

جِيءُ منهنجو جَنِ، انگڙِيارو وَڍِئو
پُڄاڻا پِرينِ، سِبان سَڄو نہ ٿِئي.

٤

اَچِئو مَرُ اَچَنِ، باروچا بَنيورَ ۾
پُنِيءَ لَڳي جَنِ، ڪَمِيڻِي ماڙهو ٿِئي.

٥

روءِ وِسائي راندِ، پَهَ پَرُوڙِج ساٿَ جا
هوٿَنِ سِين هيڪاندِ، هُيئي باتري ڏِينهَڙا.

٦

رُئَڻُ ۽ راڙهو، مون نماڻِيءَ جي نِجهري
ڪُنَلِ ڪي قَلبَ ۾، قُربَ جو ڪاڙهو
هوٿَنِ لَئِي هاڙهو، رجائِيندِيَسِ رَتَ سِين.

٧

روئِي ڪَندِيَسِ ڪوهُ، هاٿي ڪو هوٿُ وَري
جيڏِيُون جيڏوئِي ڪِئو، سَيڻَنِ راتِ سَتوهُ
دروهِي اَٽيان درُوهُ، متان ڪا مون سِين ڪَري.

پارايا= پيغام، نياپا. سگهان ڪين سهي= ڪين ٿو سهي سگهان. ڦوڙائي= جدائي، فراق. مارئي= ماري. وئا وَهي= هليا ويا، گذري ويا. سهي= ساٿي. د-٩-١: ونجهلڻ، وجهلڻ، وجلڻ= (ع. وجل= سور، ايذاء)= فراق سببان پنهنجي اندر جو درد ۽ سور، رات ڏينهن وارو ٻاراٽو. (ٻاهران ڪنهن ڪاتيءَ نہ، پر مونکي اندر جي درد ٻاريو). جو نہ جياري= جيڪو صحت نہ ڏئي، ساهہ وارو نہ ڪري. ٣. انگڙيارو وَڍُ= سنئين سڌي ليک وارو نہ، پر انگڙي وانگر مُڙيل وَرَ وَڪڙ وارو وڍ؛ نئين ڪپڙي جي هڪ خاص ڪور جنهن بعد ٻن وڍيل ٽڪرن کي جوڙي سبڻ سان ڪپڙو ٻَر ۾ ڏيڍوٽو ٿي بيهي (اڳ هٿ جي اٽيل ڪپڙي جو ٻَرُ ننڍو هوندو هو. مرد جي گوڏ يا زناني پوتي لاءِ وڏي ٻر جي ضرورت هئي جيڪا ٻن طريقن سان، 'انگڙياري وَڍِ' يا 'پَٽيءَ وَڍِ' سان پوري ٿيندي هئي. جيترو ڪپڙي جو ٻر هوندو ان کان ڊيگهہ ۾ ٽيڻو ڪپڙو وٺبو؛ مرد عورت يا ٻار جي قد جي لحاظ سان وڏي ٻر يا ننڍي ٻر وارو ڪپڙو وٺبو. 'انگڙياري وڍ' لاءِ ڪپڙي کي ٽي تهہ ڪبو جئن ڊيگهہ ۾ ٽن حصن ۾ وراهجي بيهي. 'پَٽيءَ وَڍُ' وڍڻ توڙي سبڻ ۾ سولو آهي. پر 'انگڙيارو وڍ' خاص طرح سبڻ ۾ ڏکيو آهي ۽ جي ڄاڻو ڪاريگر نہ سبندو تہ گهُنججي پوندو. انهيءَ ڪري ئي بيت جي ٻيءَ سٽ ۾ ڏنل اهڃاڻ تہ پرين (ڪاريگرن) کان پوءِ سبان تہ سڄو نہ ٿئي. ٥. وسائي= اُجهائي، ختم ڪري، وساري. هيڪاند= گڏجاڻي، گڏ رهڻ. ٦. راڙهو= راڙو وڏو گهٽو روڄ. نجهري= نجهري ۾، غريباڻي گهر ۾. ڪاڙهو= وڏي تپش، وڏو مَچ. هاڙهو= هاڙهو جبل. رجائيندِيس رت سين= اکين مان رت جا ڳوڙها ڳاڙي پُسائيندِيس. ٧. روئي ڪنديس ڪوهُ= روئي چا ڪنديس، منهنجي روئڻ سان چا ٿيندو. هاٿي ڪو هوت وري= هاٿي منهنجو هوت پنهون ڪو موٽي ايندو (موٽي ڪونہ ايندو). سَتوهُ= ڏاڍ. دروهي اٽيان= قسم اٽوَ، وڏي قسم واري جهَل اٽو. متان ڪا مون سان دوهہ ڪري= متان ڪا مون سان مونکي مارڻ واري مڪاري ڪري، متان ڪا مون سان ڪارو جادو ڪري.

۸

ڪاٺيءَ مَ ڪانيو، مُنيءَ مَگَرُ مَ ڏِيو
هيڪَرَ اُجهانيو، ڏيئِي ٻُرَ لُهارَ چِين.

۹

ڪاٺيون لُونِيون اڪِيُون، ڪُنِيُون ڪِينَ ڪُڇَنِ
مُنِيُون ماٺِ نہ ڪَنِ، هَنيُون رَهَنِ نہ هوتَ ري.

۱۰

وَسي وِساٽِيُون، رَتو روئِي پِرينءَ ڪي
پِييُون ڪٽَنِ پَٻَ ڏي نَظَرَ نماٽيون
سي ڪِيئَن ٻيلاٽيون، جَنِ وِيندو هوتُ نہ وارِئو.

۱۱

ڪاٺِي ڪيرِنِ هيٺِ، ويٺِي روءِ رَتَ ڦُڙا
ڪا مون ٿِيندي ڏيٺِ، پِيهَرَ ٻاروچَلَ سِين.

۱۲

وَسِي وَسِي مِينهَ جئن لُٽي وِيَيس ڪيهَ
توءِ پِريان جي ڏيهَ، پيئِي پُڇي خَبَرون.

۱۳

پُنهونءَ پيرڙِيُون، ڳَهِرِ ڳَهَندي جي ڏنيون
سي مان سيرڙِيُون، نِتُ نِهارَڻُ آئِيُون.

۱۴

سُيَسِ وِچِ سَرَتِينِ، مُيَسِ مَرُ مَران
پورهِيتِ ٿي پَران، پاڙي پُنهونءَ جامَ جي.

۱۵

ماريو جي مَعذورِ، تہ هيڪارِهِين هورُ لَهي
ساجَنَ اَهنجي سُورَ، ڪِينَ جِيانَ ٿي ڪيڇِيا!.

۱٦

نَڪِين ٿِي جِيَان، نَڪِين مُئِي آهِيان
ساجَنَ ساهُ ڏِيان، توکي سارِيو سُپرِين.

۱۷

تون جي ڪالَهہ مُئِي، تہ ڪالَهہ ٿِي گَڏي پِرينءَ کي
مُئَنِ جي ماتامَ ۾ اِها ڳالَهہ هُئِي
ڪَڏِهن ڪانہ سُئِي، تہ ڪا سَگهِي ٿِي گَڏي سَجڻين.

۱۸

مَرُ مَتا ڏيئِي، پنهونءَ ڪارَڻِ پَٻَ ۾
تہ صَباحِ سَيئِي، واڪاٽِينئِي وِيٺيُون.

۱۹

مَري ٿِيندِيَسِ مُڄَ، جَتَنِ ڪارَڻِ جِيڏِيُون
ڳَري ڪوهيارو سُڄَ، وِئو ڇُلائي ڇِپَرين.

۲۰

مَرُ مَران مون ڪَمُ، اَوَ- ڪَمِي ڪانہ مَري
دوسَتَ پُڄاڻا دَمُ، شالَ مَ جِيَان جيڏِيُون!

---

۸. ڪاٺيءَ= سَڙيل، ٻريل. مَ ڪانيو= نہ ساڙيو، نہ جلايو. مُنيءَ= بي حال، مجبور، اڙيل، مصيبت ۾ ڦاٿل. مگر= وڏن ٽاندن واري باهہ، ڪوري وارو مچ. اجهانيو= وِسايو ۽ ٺاريو. ٻُر= پاٽيءَ ۾ وجهڻ، پاٽيءَ جو ٻوڙو ڏيڻ. ۹. 'ڪاٺيون' ۽ 'لوڻيون': ٻنهي جي ساڳي معنيٰ= سَڙيون جليون (پاراتي جو لفظ). هنيون (پاراتي جا لفظ)= هَنيل، ڏڪيل (ڏڪ لڳل، ماريل!). هوت ري= هوت کي ڏسڻ کان سواءِ. ۱۰. وَسي= مينهن وانگر وسي، ڳوڙها ڳاڙي. وساٽيون= وسامي ويون، بس ٿي ويون. پٻ= جبل جتان پنهون جي ساٿ جي وڃڻ واري واٽ. ٻيلاٽيون= رفيق، مددگار. ۱۱. ڪاٺي= سَڙيل، جَلِيل. ڪيرَ جمع ڪيرون= ٿر ۽ ڪوهستان جو عام وڻ. روءِ= روئي. ڏيٺ= ملاقات. ۱۲. ڪيه= مِٽي. توءِ= تہ بہ، تہ پڻ. پريان جي ڏيهہ= پرين جي ڏيهہ جون. ۱۳. پيرڙيون= پيرڙا، آهستي آهستي کنيل قدم. سيرڙيون= هلڻ وارا نشانڙا، واٽڙيون. نت نهارڻ آئيون= (وٽن پيون ۽) وري وري پئي انهن کي ڏسان. ۱۴. سيس= پٽري ٿيس. پَران= پوري پوان، نباهيان. ۱۵. معذور= هيٺي، بي حال، عاجز. هيڪارهين= مُرڳوئي، ماڳهين، اڳو پوءِ. هور= ويچار، اُڏڪو، اُٽتڻ. اَهنجي= اوهان جي. ڪين جيان ٿي= جيئري ناهيان، جيئري رهي نٿي سگهان. ۱٦. جيان= جئري رهي سگهان. ۱۷. تون جي ڪالهہ مئي= تون جي ڪالهہ مرين ها. ڪڏهن ڪانہ سُئي= اها ڳالهہ ڪڏهن ڪانہ ٻُڌي وئي. سگهي= ٿلهي متاري. ۱۸. متا ڏيڻ= ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اورچ ٿي وڏا حيلا ڪشالا ڪرڻ، وڏيون تڪليفون ۽ سختيون سهڻ. پٻ ۾= پٻ جبل واري واٽ ۾، پنهونءَ جي ساٿ واري واٽ ۾. ۱۹. مُڄ= (سڄن سرن جي تيلين کي ڪُٽي مُڄ ڪبو، تندون تندون ڪبو) ڪُٽيل تندون، پائمال. سُڄ= تباهي. ڇُلائي= رُلائي. ۲۰. اَو ڪمي، اڻ ڪمي= بنا ڪم جي، بنا ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ جي. دم= هڪڙو دم (بہ شال نہ جيان).

۲۱

اڄُ نِماڻا نيڻَ، ٻاجهارا ٻروچَ ري

وِرهُ وَٽِينديَسِ کَنِ سان، نہ مون سَڄَڻَ سيڻَ

وَرُ جي ٽِئِڙمِ ويڻَ، پُنهونءَ جا پَرديسَ ۾.

۲۲

مَتانَ چِيُءَ جَتَنِ، گهورِئو گهوري سَسُئِي

پاڙِي جي پُنهونءَ جا، کاروُن کَرِي تَنِ

کيچِ متان کا کا کَنِ، بي شُکرِي ٻَنيورَ جي.

۲۳

جيڏيون کوهُ پُڇَنِ، پَرِيُٽِ پيرُ پُنهونءَ جو

لُوئِيُون ٽِيون لُڇَنِ، ڏِنو جَنِ اکِينِ سِين.

وائي

لائي جُڙَ جَتَنِ سِين، آءٌ جا چَڙهيس نِيہ نِظاري

آءٌ جا کُنِيَسِ کوهياري

مَڄُ مُنهنجي مَنَ تي، ويو ٻاروچو ٻاري

ايندو، اٿم آسرو، واڳَ وِلهِيءَ تي واري

آري عبداللطيفُ چَئي، مون چاتو عشق اجاري.

داستان ڏهون

۱

واڪِئو واڪِئو وِکَ، پاٻوهيو پيرُ ڳَٽي

سي نہ چَڙهنديون ڏِکَ، موڙِي پيرُ مَٽَنِ جي.

۲

وِجهہُ وَڌندِي وِکَ، مَڃَڻِ لِکَ لَڪائِيين

ڏُکَ ٽِني کي ڏِکَ، حُبَ جَنِي کي هوتَ جِي.

۳

سَڌَنِ مَتي سَڌڙا، واڪو هَڏَ ۾ لاهِ

ماںَ ٽُنهِنجي ڪاءِ، سَڳَرَ ۾ سارَ ٿِئي.

۴

سَڌَنَ پُنِيءَ سَڌڙا، واڪو وِجهہُ وَٽِين

سَڄَڻُ پَندِ گهَٽي، ماںَ کوهيارو کُوکَ سُٽي.

۵

کُنِيَسِ کوهياري، هاڻِ نہ جِيان جيڏِيون

مادَرَ وِڌِيَسِ مَڄَ ۾، ٻاروچي ٻاري

مُيُون جو ماري، مون سو گُوندَرُ گَڏِئو.

۶

کوهيارو کيٽانِ، کيڻَ وَڃِي کاڏي وڃان

مون پانيو سيٽانِ، ڇَپَرِ کُنديَسِ پَنڌڙا.

۷

کوهيارو ٽِي کاٺُ، مُيُون ماري هَلِئو

هوئي مَرُ حَياتُ، آءٌ مُيائِي گهورِئِي.

۲۱. ٻاجهارا= ٻاجهہ گهرندڙ. وره وڻڻ= ڏک سور بيان ڪرڻ ور جي ٽئڙم= (اهي ويڻ) مونکي گهڻو سِيباٽا، منهنجي لاءِ آئت ٿيا. ۲۲. پاڙي= نوڪر، ٻانها. ڪارون ڪري تن= تن سان نيازمنديون خوشامدون ڪري. ۲۳. ڏٺو جن اکين سين= (پنهونءَ کي ملڻ لاءِ) لُهسيون، ڪاٽيون، سڙيون ۽ پيون سک سور ۾ لڇن، باقي جن پنهونءَ کي اکيين ڪونہ ڏٺو (تن کي کهڙي کل!) اهي چو پيون پير ڪٽڻ ۽ پڇائون ڪن. وائي. چڙهيس نِيہ نظاري= عشق ۾ نکري نروار ٿيس. چاتو عشق اجاري= مون آري (پنهون) جي عشق کي اِجاري ۾ ڪنيو آهي. د-۱۰: ۱. 'واڪئو واڪئو' يا 'وانڪئو وانڪئو' معنيٰ تکڙو تکڙو. پاٻوهيو= ناهي ٿاهي. ڏِکَ چڙهڻ= (شاديءَ جي سوڻ ۾ وَر واري ٿيڻ، سهاڳڻ ٿيڻ . مٽن= اڳتي وڌن، هلن. موڙي پير مٽن= پکي ارادي ۽ توفيق سان قدم اڳتي نہ وڌائن پر گهڻائي) موڙي پير رکن. ۲. وڌندي= اڳتي اڳتي وڌيل. مڃڻ= متان. لِک= ذرو بہ. لڪائيين= فرق ڪرين. ڏِک= (شادي جي رسم) شادي، خوشي. ۳. سڳر ۾ سار ٿئي= سانٺ ۾ سنڀار ٿئي، ياد گيري پوي. ۴. واڪو= وڏو سڏ. ۵. سو مون گوندر گڏئو= مونکي اهو غم پلئہ پيو، مونکي اهو ڏک لڳو. ٦. کيٽان= وڻن (ڏيرن وٽ). کيڻ= کيڏانهن. سيٽان= ساٿن گڏجي. پنهون (کوهيارو) تہ کيٽان ٿيو، کٿي ٿيو: هت آءٌ کيڏاهن وڃي کيڏانهن وڃان! مون تہ ائين پانيو هو تہ ساٿن (سيٽان) گڏجي جبل ۾ پنڌڙا کنديس. ۷. کوهيارو= پنهون. هوئي= هجي. مر= ڀَل تہ. حيات= جئرو، حياتي. ميائي گهورئي= مئي تہ بہ قربان ٿي.

٨

پاڙيچيءَ روئِي، چاڪَ مُنهنجا چورِئا
پَکِهَرُ وِڄهنديسِ پرينءَ جو، ڏکَنِ ۾ ڏوئِي
ساڄَنَ سَيوئِي، ساهُ اوهان تان صَدَقو.

٩

هُوءَ جي سُورَ سَڄَڻ، سي مون پيڻگهي ۾ پرائِيا
سانڍيياسِ سُکَنِ، سُورَنِ ڪارڻِ سَرِتيُون.

١٠

سِرِجي تان سُورَ، ساماڻِي تان سُکَ وِئا
اِهي ٻيئِي پُورَ، نِماڻِيءَ نصِيبُ ٿِئا.

١١

مُونهان مَهَندِ ٿِئا، سُورَنِ ٻَڌا سَندَرا
ڏُورِ نہ ڏوريُون اَنِ کِي، وِندُرِ جي وِئا
کَنديسِ کِينَ ٻِئا، هوتَ مَنائِي اَڳِيان.

١٢

اجان راتِ رَتومِ، کوڏِ کوهياري کَنجرو
روئِي پُسايومِ، سَوارو سُورَنِ سين.

١٣

سَرَتِيَنِ سَهجَ مَنجهاءُ، تِي کوڏِ وهايا کَپڙا
تَڏهن مُنهنجي ماءُ، تِي پَهڻَ آڇَئا پبَ جا.

١٤

کَڏهِن کَڏهن جيڏيُون، کو پَهُ اَچِئو پوءِ
سو پُڻُ ساٿو هوءِ، هُوءَ جو ساهُ سَريرَ ۾.

١٥

جيڪر کَريان اِيئَن، جيئَن کَميٽي کانہ کَري
سندو نالو نِينهن، هوند کَڏهِن وَٺي کانہ کا.

وائي-١

وَڄي وَڄي وينڙِي ٽِتي،
ڄِتي پيرُ سڄاتائين پِرينءَ جو
ڄِنه چيڙِي وِڏِيسِ چُپِرين سو کوهيارو کٽي
هُوءَ وَهيا وَٽِکارَ ڏي، هِنَ پوريءَ پانيا هِتي
مُٺِي ماري هَلِئا، کاجا پيين پِتي
پِٽون تيِنديسِ پيرَ تي، منجهان نِيہَ نِرتي.

وائي-٢

ڏُکِي ڏِينهاڙِي ڏي، ڏينهاڙِي ڏي
پارايا کي پانڌِيين
نِماڻِيءَ جو ناهِ کو، حامِي هوتُ هِتي
پورهيَتِ ڄَڏئو مَ پانڻ ري، کاڙِي جا کِجي
سُتي وِئا جي سُپرين، ساٿِي پُڄان سي
نِيءَ نِکَٽِي آهِيان، آرِي تو اَڄهي
پَلَئہ لائي پانڻ سِين، نِماڻِي نِجي
پَرِيتَ نِئو پانڻ سِين، چُپَرِ وِئاهُ جا ڄَڏِي.

داستان يارهون

١

سپيريان جي ڳالهڙي رُڳو رَنجائو
ڏُونگَرَ ڏولائو، ڏِيندا مون ڏيرَ وِئا.

٢

اُونءَ تان اونِينِ نہ کِئو، آرِيءَ اُٿَنِ جيئَن

٩. هوءَ جي سور سڄن= اهي ڏک جيڪي نهايت ڏکيا آهن ۽ اجان آڌو اڇڻ وارا آهن. سانڍيياس سکن= مونکي سکن سانڍيو، سکن مونکي نپائي وڏو کيو. ١٠. سرجي= پيدا ٿي، ڄائي. سرجي تان سور= جئن ئي ڄائي تہ سور شروع ٿيا. ساماڻي= وڏي ٿي، عاقل بالغ ٿي. ٻيئي پور= ٻئي فکر. ١١. مهند ٿئا= اڳتي وڏي ويا. ڏوريون= ڏاڪڙا کري ڳوليون. وندر= وندر ندي طرف. ١٢. رتوم= رڳيوم. کوڏِ کوهياري= کوهياري جي کوڏ ۾، پياري پنهون جي خوشيءَ ۾. کنجرو= کَهِين وارو چولو. سوارو= صبح سويرو. ١٣. سهج منجهاء= محبت ۽ مُسرت مان. کوڏِ وهايا= خوشي مان خريد کيا. وائي-١. وڄي وڄي وينڙي= هيءَ وڄي وڄي ويٺي. چيڙي= چکي. کاجا پيين پتي= کا جا ڳالهہ پتي (جگر) تي پيين، کا اهڙي ڳالهہ دل لڳين (اها ڳالهہ اها تہ سسئي جو سگ اسان جي شان وٽان ناهي). پٽون= ذرا ذرا. منجهان نيہ نرتي= نرتي نيہ مان، سچي صاف محبت مان. وائي-٢. پارايا= پيغام. کاڙي= سڙي، لُوني. کجي= آزار ۾ هَڄي. نِيءَ= کنياڻي، ڏوبياڻي. نِکٽي= صفا اکيلي. د-١١: ١. رنجائو= درد، ڏک. ڏونگرَ ڏولائو= ڏونگر جو کشالو. ٢. اُٿن= ڇَپُن، جئن آري انهن کي ڇيو هو: (کين ڇيو هئائين تہ آءٌ هتي هوندس باقي اوهان پل واپس وڃو).

ڪيچ پُڇي ڪِيئن، اِهڙِن اَباڻهَن سِين.

٣

اُونءِ تان اوئِين نہ ڪئو جِئن اُٺن آرِيءِ جامَ
بَرڪِي ٻاهَرِ نِڱيِ گاڏرِ منجهان گامَ
ساهُ ڏِنائِين سامَ، سُتِي سَنگهَرِ پَٽِيين.

٤

لَڪِيون آن پَرِ لِڪَ، ڪِين ڪوهيارا وِرِمِئا
جَنِي سَندِي سِڪَ، رُنَمِ راتِ رَتُ ڦُڙا!

٥

ڪوجو لَڳسِ ڪانُ، آرِيءِ جي عشق جو
ٿِي نِماڻِي نِيشانُ، چَڙِي سانگو ساهَ جو.

٦

ڏُوٿِين چَيُسِ "ڏُورِ، ڪيچُ اَڳاهون پنڌُ ٿِئو!"
پاٽان چَڙهي پُورِ، وِڪَ وِڌائِين وِتري.

٧

سو جي پَسان ڪيچُ، جو ڏِيهُ ٻاروچَن جو
پُنهون وِڌِمِ پيچُ، نِسوروئِي نِيهَ جو.

٨

پَسڻَ ڪارڻِ پريِنءِ جي هَلِي هيڪاندي
لڪيي مُنڍَ لَطِيفَ چَئِي ارادي آندي
پُنهونءِ پيراندِي، نِماڻِيءِ نَصِيبُ ٿِئي.

٩

اُوجهَڙِ وَتان آنءُ، ٻيون سَڀِ سَگَرَ ساٿَ جي
جا نِيهَ ڳِنهندِي نانءُ، سا مون جِئن پُندِي مامِري.

١٠

لَڪَڙِيارِيُون آڳَرِيُون، ٻاروچاٽو پِيرُ
اَچِي پَسو جيڏِيُون، تازو پنهونءِ پيرُ
ويچارِيءِ سِين وِيرُ، جَتَن جيڏوئِي ڪِئو.

١١

لُڇَڻُ نہ لاهِين، گوندَرَ هِنَ غَرِيبَ تان
پَرِ ۾ پَچائِينِ، جيجان جوشَ جَتَن جا.

١٢

هَئِي ٿو وجي هوتُ، آءٌ ڪِين اڳَيَرِي ٿِيان
مَتان چوءِ بلوچُ، 'ڪَميٽِيءِ مان ڪِينَ ٿِئو.'

١٣

نَڪِين ٿِيان سَگَ ۾، نَڪِين سَگَيِٽِي
آهيان ڪَميٽِي، ذاتِ ٻاروچِيءِ نہ جُڙان.

١٤

ڪَميٽِين هَتاءِ، ٿِيَنِ مُورائِين مَدِيُون
تون ڪر پاڻ- وَڙاءِ، مُوٺ سَباجها سُپرِين!

١٥

ڪيچ مَ خَبَرَ هوءِ، هِنَ مُنهِنجِيءِ ذاتِ جِي
مَتان پُنهون پوءِ، لَجَ پنهنجي لوءِ ۾.

٣. ٻرڪي= گرم ٿي، جوش ۾ اچي. گاڏر= ڪنياٽي. گام= ڳوٺ (ڀنڀور). سام= سام طور، امانت طور (سنگهر جي زمين کي پنهنجو پاڻ امانت طور ڏنائين). سنگهر= ڀنڀوٽي جي لڪ جي پريان سنگر جي مٿاري. ٦. چڙهي پور= پُور تي چڙهي، پور ۾ اچي، سڪ ۽ چڪ واري ڀهه ۾ پئي. وتري= وڏيڪ تيز تڪي. ٨. هيڪاندي= گهڻو. لڪيي= تقدير. ارادي= امر الاهي. پُنهون پيراندي= آءٌ مران تہ مونکي ائين دفن ڪن جو منهنجي قبر پنهون جي قبر جي پيرن کان ٿئي. ٩. گهوڙن هنيون= گهوڙن ڪنيون، ماريون. ١٠. لڪڙياريون= لڪدار (جن جو وچ مٿي ٿيل). اچي پسو- الخ= اُٿو ۽ اچي پير ڏسو، مون سان گڏ پير ڪڍايو. ١٤. مورائين= اصلان ئي، اصل کان وٺي. مَديون= (چڱايون جو ضد) ڍلايون. وڙ= ٿورو. پاڻ- وڙاءِ= پنهنجي ٿوري، پنهنجي وڙ سان (سٽ جي معنيٰ ٿيندي: اي سباجها سپرين! تون پاڻ پنهنجي وَڙان موٽ (ڪميٽين وانگر مون کان مدي ٿي، پر تُون پاڻ سجاڻي، پنهنجي ٿوري، پوئتي موٽي مون وٽ آءُ). ١٥. ڪيچ= ڪيچ ۾. مَ خبر هوءِ= خبر نہ هجي، خبر نہ پوي. پنهون پوءِ= پنهونءِ کي پوي. لڄ= لڄ ۾ پوي. پنهنجي لوءِ ۾= سندس پنهنجي شهر ۾، مطلب آهي تہ: متان پنهون سندس پنهنجي لوءِ (شهر) ۾ لَڄَ ۾ پوي، لڄارو ٿئي. ص ۽ ٻين رسالن جي ڪاتبن، ان کي 'سسئي جي لڄ' جي لحاظ سان، سسئي جي زباني 'منهنجي لڄ' ڪري لکيو تہ "متان پنهونءِ پوءِ، لڄ منهنجي لوءِ ۾". ڪن رسالن ۾ لوءِ بدران 'لوڪ' لکيو ويو: "متان پنهونءِ پوءِ، لڄ منهنجي لوڪ ۾". معنيٰ تہ متان پنهون لوءِ ۾، يا لوڪ ۾، منهنجي لڄ ۾ پوي، منهنجي ذات جي سببان لڄ ۾ پوي.

١٦

لَڳَمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو وَسان تي وِيياس
پُرزا پَبَ وَرَنِ ۾ پٿون تِي پِيياس
توڙي ماءُ مُياسِ، تہ پُڻُ ڪادِو ڪيچَ ڏي.

وائي-١

منهنجو ساهُ وِئو سيٽانِ،
آيَلِ آيَلِ وِهانَ ڪِيئن پنيور ۾
مونکي وِئا نہ وِسَرِي، نِيہَ پَرِئا نيٽانِ
سو ڪِيئن هنيَڙو جهَلِيان، جهجي جو ڪيٽانِ
مادَرِ پايو مُنديُون، ڪُوڪِيان وَرُ ڪيٽانِ.

وائي-٢

وسان تي وِيياس، آيل! آيل!
لڳم ٻاڻُ ٻَروچَ جو
پِيِيَمِ وِچُ وِصالَ ۾، سَنجهي آءٌ سُتياس
’ٻاڻُ‘ وِڃايُمِ پِيرَ تي، چُنِي ’آءٌ‘ چُنياسِ
آيَمِ اَنڌي لوڪَ سِين، مُنِي آءٌ مُنياسِ
الله اَنِ مَر وِسَران، ڏِني جَنِ جِياسِ.

داستان ٻارهون

١

آيا آسَ ٽِيامِ، ٻاروچا ٻَنيورَ ۾
پَسِي پَهَرَ پُنهونءَ جي نُہَ سِين نيڻَ نُريامِ
گُوندَرَ وِسرِئامِ، سُڳَنِ ساڳون مُڪِيُون.

٢

ٻاروچا ٻِئا گهٽا، منهنجو اَجهو آرِياڻِي
چُوندِي رَڪِتُمِ چِٽَ ۾، ساجَنُ سُڄاڻِي
جا وِندُرِ وِڪاڻِي، تِنہِ جو موٽڻُ مَسَ ٿِئي.

٣

ٻاروچا ٻِئا گهٽا، منهنجو پُنهون سَرُ سَيڻ
چانگي تي چڙهِي ڪري ڪندو وَرِ وِلهَڻ
مَٽي مَعذُورِين، هوتُ ڏرِيندو هَٿڙا.

٤

هُوءِ جا گهوري گهوٽَ جِي، تِنہِ ڪي چَري چُوڻِ
اَگهاڙِيُون عالَمَ ۾ هوتَ پُڄاڻا هُوڻِ
پَرا ٿَنِي پُوڻِ، ڏنو جَنِ اکين سِين.

٥

جي تون ڳالهائي، ماءُ ٻاروچا پُڇِئا
اَني جي وائي، هوندَ نہ وِييان وِسَرِي.

٦

ڏِٺان جي ٻَروچُ، مون جِئَن هوتُ اکين سِين
مونکي چِيان لوچِ، پاٽان پيئيُون ڇِپَرِين.

٧

ٻاروچو ٻِيءَ پَتِ، جِيڪُسِ ڏِنو جيڏِيين
مون جِئَن مُوڙهِينِ مَتِ، پَسَندِهِين پُنهونءَ ڪي.

٨

ٻاروچو ٻِيءَ رُوءِ، جِيڪُسِ ڏِنو جيڏِيين
سَنجهي ۽ صُبُوحِ، هُوندَ سُورَنِ ٿِيُون سَجهَڪِيُون.

---

١٦. ٻاڻ= تير (محبت جو). تي= تڏهن، تنهن ڪري. پٿون= ذرا. ڪادِو= ڇڪ ۽ سڪ. وائي-١. سيٽان= ساٽن. نيٽان= سندن نيڻ، سندن اکيون. ڪيٽان= ڪين، سندن واسطي. ڪوڪيان= رڙيون ڪريان. ور= پل تہ. وائي-٢. وِيياس= تڏهن ويس. لڳم ٻاڻ= جڏهن لڳم ٻاڻ. وچ= وٿي، وڇوڙو. وصال= گڏجڻ، گڏ هجڻ. ٻاڻ= ٻاٽپٽو. آءٌ= آپو، انانيت. پيير= منهنجو رشتو ٿيو، منهنجو سڳ ٿيو. آير= اَنڪِيَس، آءٌ اڙيَس. د-١٢: ١. پهر= ماٺهو. نُہ= سين= چوٽيءَ ڪان نہ تائين، مڪمل طور تي. نيڻ نُريام= منهنجيون اکيون نُري پيون. گوندر= غم. ساڳون مڪيون= ساڳون موڪليون. ساڳون ڏنيون، شاهديءَ طور نشانيون ڏنيون (تہ هاڻي سڪ ئي سڪ ٿيندا). ساڪ ڏيڻ= انب جي وڻ ۾ هڪ انب جو ڳاڙهو ٿيڻ (اها ساک، يعني جڻ قسم واري شاهدي تہ هاڻي ٻيا سڀ انب بہ جيڪڏهن پنبا ۽ پالبا تہ مٺا ٿيندا). ٣. سَرُ= پڳ جو ور، پڳدار. وڏو تلاءُ جو نہ ڪُني ۽ پيو پياري. ور= موٽ ۽ واهر، پرگهور، وَراڻ. ولهن= ڏکين ٻڪين، هيڪلين. معذورين= عيبدارين، اپاهجين. ٤. گهوري= ڳولائو. عالم= جهان. هون= ٿين. پَرا= خبرون. ٥. لوچ= ٻاڻ پٽوڙ. پيئيون= گهڙيون. ڇپرين= ڇپرن ۾، جبلن ۾. ٨. ٻيءَ روءِ= ٻئي نموني ۾، دل سان ۽ محبت سان. سَجهڪيون= بلائتيون، هتيڪيون، قابو.

۹

آنِ جي ڏِني جيڏِيُون، پُنهونءَ جِي پابُوهَ
سَنجهي ۽ صُبُوحَ، هُوندَ نہ وييان وِسرِي.

۱۰

مون جئن مُلاقاتَ، جي هُيَان هوتَ پُنهونءَ سِين
بانهُنِ وِجهِي واتَ، رِيهُون کِيان رُجنِ ۾.

۱۱

مَرُ مَعذورِ هُئان، اَللهَ چَگِي مَ ٿِيَان
رِڙهان ۽ رُئان، پُنِيءَ سَگرِ ساٿَ جِي.

۱۲

جَرَّ. جِيَري جَنِ سِين، مُئي پُٺُ سِين ٿَنِ
جي هِتِ نہ هوتُ پَسَنِ، سي کِنهِ پَرِ کيچِ پَسَنلِيُون!

۱۳

سُورَنِ سانڍِيَاسِ، پُورَنِ پالِي آهِيان
سُگَنِ جي سَيدُ چَئِي، پُکِي آءٌ نہ پِياسِ
جِڪُسِ آءٌ هُياسِ، گَرِي گُوندَرَ وَلَ جِي.

۱۴

نہ کي رُئڻَ واريُون، نہ کي اوسارِينِ
مُونهِينِ کِي مارِينِ، مُونهِين سَندا ڏُکڙا.

۱۵

ٻَڌو کِنهِ ٻانڌاڻِ، هنِيَڙو هوتاڻِيءَ سِين
پَليان پَليو نہ رَهي، پَرئو اچي پاڻِ
کاجا پِيئَسِ کاڻِ، نِبيريانسِ نہ نِبِري.

۱۶

کُهُ جاڻان کُهُ ٿِئو، کيڏانهَ ٿِي وڃان
هَٿ، گَرايون، آگَريون پيري سَبَ پَچان
ٻِئَنِ گِرِ گِجان، مون هارِيءَ هوتُ وِڃائيو.

۱۷

چِپُنِ چِنا پيرَ، هَلِي هَلِي ماء
کُوهيارِي جِي کاء، گِنهِيو پُٽان ڳالهڙي.

۱۸

چان ڪِ آيَسِ اڳاهِين، تان اُنهِين پيٽِي آهِيان
پِرتِ پَراهِينِ، هاڻِي مَران مَ جِيان.

۱۹

کُوهيارو کاري، پَنڌَ آڙانگا پَٽيين
سي ڏيہَ ڏيکاري، جي اَگِ نہ ڏِٺا کَڏهِين.

۲۰

جيکَرَ اَچِينِ هاڻِ، مون سارِيندي سُپرِينِ
کَريون رُوحَ رِهاڻَ، لَکَنِ مَنجهَ لطيفُ چَئِي.

۲۱

پَلِي کَري ٿِيومِ، هِيءُ سَگُ ٻاروچَنِ سِين
وَجِي کيچُ ڏِنومِ، پُنِيءَ لَڳِي جَنِ جي.

۲۲

سَرَتِيُون سُورُ پنهونءَ جو، سُجن ۾ شامِلُ
کوهيارو کامِلُ، مونکي ڏُکَ ڏيکارِيو.

۲۳

سُرتِيُون سَيوئِي ٿِئو اَندَرِ آرياڻِي
وينِي پَسان پاڻَ ۾ ڏُونگَرُ ڏِينهاڻِي
هُيَسِ جَنِ هاڻِي، سي کيچِي گَڏِيَمِ کَهَ ۾.

---

۱۰. ٻانهن وجهي وات= ٻانهن ۾ (درد ۽ غم کان) چڪ وجهي. ريهون= وڏيون رڙيون. ۱۲. جَرَّ= ميغ (محبت جي)، ڳانڍاپو. ۱۳. سورن سانڍياس= سورن مون کي سانڍيو، منهنجي حفاظت ڪئي ۽ مونکي سنڀاليو. پورن پاليس= ڳڻتين مونکي پاليو، نپائي وڏو ڪيو. جِڪُس، جُڪُس، جيڪُس= لاشڪ جو. گري گوندر ول جي= گوندر جي ول جي گري. غم جي ول جي.. (ڏکهي پاڙ جي) گري. ۱۵. ٻانڌاڻِ= ٻانڌاڻ ۾، بند ۾. پاڻ= وڏو پيالو جنهن ۾ اڪثر ڏاچين جو کير ڏهن. پرئو اچي پاڻ= گهٽ ٿيڻ بدران ويتر پريو اچي. کاڻ= محتاجي، گتِي. نبيريانس= جدا ڪريانس، پري ڪريانس، ڪنهن ڳالهہ تي بيهاريانس. ۱٦. پيري سب پچان= ڏک ۾ ورائي ٿي پچان. ٻئن گِر= ٻئن وٽ. ٻئن گهر= ٻئن جي گهر. گِجان= خدمتون چاڪريون، سک ۽ آرام. (گِجون ڏيڻ= پيار مان ڪنهن پياري عزيز جي مٿي کي هٿن جي موڙ سان آرام وارا زور ڏيڻ، خوشيءَ ۾ مبارڪ طور گِجون ڏيڻ.) ۱۷. گِنهيو پٽان= وٺيو وتان، ياد ڪيو پئي هلان. ڳالهڙي= ڳڻن واري ڳالهہ.

۲۴

جان جان هُئِي جِيرَي، وِرچِي نہ وِيٺِي
وَجِي پُونءِ پيٺِي، سارِيندي کي سَڄَڻين.

وائي-۱

ڪارُون وَسَ ڪِئامِ، وَس ڪِئامِ
ڏاڍي زورِ وِئـــامِ
مُئِيءَ جو مُحبُ نہ موٽِئو!
بَندَڻَ بارُوچَنِ جا، پيِنگهي مَنجهہِ پِئامِ
بَڏِي سُورَنِ سَندَرو، لوليِ ماءُ ڏِنِيامِ
آءٌ سِينڌِي سُورَ جِي، تِيلانہ سُورَ ٽِئامِ
جَنِ رءَ سَري نہ ساعَتڙِي، تَنِ کان پَرِي پَهَرَ پِئامِ
لَڪَنِ سِرِ لَطِيفُ چَئِي، لَٽِي لوڙهہ وِئامِ.

وائي-۲

پِرِيَنِ جِي ادا پانڌِي،
ڪَـرِ ڪا ڳالهڙِي
حِڪايَتَ هوٿَنِ جِي، ادا تو ڪا آندِي
ڏيئِي باهِ بَنِبورَ کي، جَتَنِ سِين آءٌ جاندِي
آهِيان آريجَنِ جي گولِي آٿُون باندِي
مونکِي پيتَم پيارِئو، خُمُرَ جِي آءٌ خاندِي
پَسَڻَ ڏاران پرينءَ جي مُنِي پَسُ هِي ماندِي
ڪَڏهِن تِينديِسِ ڪيچَ ۾ هوٿَنِ سين هيڪاندِي
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَرِيمَ جي، ڪيچِي تِيندَمِ ڪانڌِي.

❖

وائي-۱. ڪارون= منٿون. وس= حيلا. بندڻ= تنجڻ. سينڌي= واقف. لوڙهہ= مَڙهہ. وائي-۲. جاندي= ويندس. پيتم= پرين.
خمر جي آءُ خاندي= نشي جي آءُ هيراڪ، خواهشمند.

سُر راڻو

سُر راڻي ۾ توڙي ٻين سُرن ۾، شاه صاحب جو مقصد بيتن ۾ ڪنهن ڳالھ کي بيان ڪرڻ ناهي؛ ڳالھ اڳ ۾ مشهور آهي ۽ ان جي سيني کي خبر آهي: شاھ صاحب فقط ڳالھ جي ڪن چونڊ ٽاڻن جي حوالي سان، پنهنجي اعليٰ شاعري ۽ نازڪ خيالي سان گڏوگڏ اعليٰ فهم ۽ فڪر جا نِت نوان رُخ روشن ڪيا آهن. مومل ۽ سندس سهيلين جي هار سينگار واري ماحول، مومل جي مجازي حسن جي جلوي، ۽ راڻي لاءِ رات جاڳندي مومل جي انتظار کي جن لفظن ۾ ۽ جنهن انداز سان بيان ڪيو ويو آهي سو اعليٰ شاعري ۽ نازڪ بياني جو شاهڪار آهي. داستان ڏهين ۾ اعليٰ فهم ۽ ادراڪ جا اهڃاڻ ڏنل آهن. ڪائنات جي خالق طرفان انسان ذات جي ڀلائي لاءِ جيڪي ڀلارا آيا ۽ جن جي رهنمائي سان اونداهي مان سوجهرو ٿيو ۽ سڄو جهان سرهاڻ ساڻ واسجي ويو، انهن ڏانهن اشارا ۽ ڪنايا آهن. ان سلسلي ۾، ان 'نئين نياپي' جو ذڪر آهي جيڪو آخري نبي (صلعم) انسان کي پهچايو، ته ذات تي نه آهي: ذات پات جو ڀيد ختم ٿيو ۽ خالق مالڪ جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن؛ پر انهن مان جيڪي پاڻ پنهنجي سچي نيت سان ڏٽي ڏانهن ايندا سي ئي وڏي مانَ وارا ٿيندا:

نئون نياپو آئيو، راڻي مُلا رات
لڌي سون لطيف چئي ڪنا ڏاتر ڏات
ڪانه پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا.

داستان پهريون

١

ڪالَھ ڳَڏيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو بيڪارِي
ساميءَ سيلو سِرَ تي، مالَها موچارِي
ڏيئِي ڏيڪارِي، ڦَٺي دِلِ فقيرُ وِئو.

٢

ڪالَھ ڳَڏيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو رَنگ ٻَيُوتُ
سَرِئوسُون سُڪُوتُ، جوڳِيءَ سَندِي ذاتِ ڪان.

٣

ڪالَھ ڳَڏيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو بانَ ٻَرِي
سائِي سالَ ڪُلهَن ۾، سامِيءَ سونَ سَرِي
ڏيهُون خَبَرَ ڪَرِي، ڪا مومَلَ جي مَجازَ جِي.

۴

ڪالَھ ڳَڏيوسُون ڪاپَڙِي، جَهڙو ماهُ مُنِيرُ
فَيضُ فِراقُ فَقِيرُ، جوڳِي جاڳائِي وِئو.

۵

ڪالَھ ڳَڏيوسُون ڪاپَڙِي، پَهَرَ ڏِينهان پوءِ
سامِيءَ سونُ ڪَنَن ۾، رَتَ وَرَنو روءِ
ڪَرِئو ڳالهيون ڪاڪِ جِيوِن، چِنيون اُيو چوءِ
'جو مُنه مُومَلَ پوءِ، تِنهِ جو مونَٺُ مَسَ ٿئي.'

٦

بيڪارِيءَ ڪي ٻَرَ ۾ وِئو ڪَيفُ چَڙهِي
ڳالهِيُون ڪَندِي ڪاڪَ جِيُون ڳوڙها پِيَسِ ڳَڙِي
ڪا جا انگهَ اڙِي، جِئن چُنا ڦَٽَ چُڙِي پِيا.

٧

آءُ لانگوٽِيا لالَ، ڪِنهِ پَرِ ڏَنِيئِہ ڳُجَريون
آبُ ارتو اڪيين لُڙَڪَ وِهائِين لالَ
ڏِنئِي جي جَمالَ، سي سامِي ڪَهُ نه سُلائِيين.

د-١: ١. ڪاپڙي= وڏو جهانديدو، وڏي حوصلي ۽ ڄاڻ وارو. بابو= معتبر، مان وارو. بيڪاري= بيک وارو، ڪنهن بدلايل ويس ۾. سيلو= سيلي= سينهي مثل تاج. مالها= مڻين وارو ڪنٺو. ڏيئي ڏيڪاري= پنهنجو پاڻ ڏيکاري. ٢. رنگ ٻيوت= رنگ ۾ ٻريل، ميٽائين رنگ وارو. سڪوت= صبر ۽ آرام. ٣. بان ٻري= ٻَرِ جي رنگ وارو، مٽيءَ مثل رنگ وارو. سون سري= سون جي سرن سان. ۴. ماه مير= روشن چنڊ. ۵. پهر ڏينهان پوءِ= ڏينهن جي هڪ پهر گذرڻ بعد. رت ورنو روءِ= رت جي رنگ وارا ڳاڙها ڳوڙها پيو ڳاڙي. مُنهن مومل جي پوءِ= مومل جي مُنهن پوي، سامهون اچي. ٦. ڪيف= نشو. انگهه اڙي= انگڙي اٽڪي. ٧. لانگوٽيا= لنگوٽ ٻڌل. ڳجريون= ڳجر ذات جون زالون (مومل ۽ سندس ڀيڻيون، سهيليون ٻانهيون). ارتو= رَت ڳاڙهون، رت وارو. جمال= حسن جا تجلا. سُلائيين= سڃاڻيين، تون سڃاڻين.

٨

پِرهَ جو پَيدا ٿِئو، ڪِين سامِي ڪِين سِجُ!
مَتِّسِ رَتو مولهِيو جِئن سا ڪَکَرِ وِچُ
ڪَنهِين ڊِراءِ مَ ڊِجُ، گريون ڏي تون خَبَرُون.

٩

پِرهَ جو پَيدا ٿِئو، ڳاڙهائِيءَ جو ڳِچُ
سامِي چَئجُ سَچُ، ڪِتان اَچِين ڪاپَڙِي.

١٠

جوڳِي اِيئن جَرڪِئو جِئن اُونداهِيءَ ۾ آڳِ
آديسِي عِشق جِي لائي آيو لاڳِ
آيو تِنهِ سَياڳِ، جِئن ڪوسُ ڏيهاڙِي ڪاڪِ تي.

١١

جوڳِيءَ تي جَڙاءُ، نِسوروئِي نِيهَ جو
پَتَنگَ جِئن پيدا ٿِئو، سامِي سِجَ وَڙاءُ
آيو ڪاڪِ تڙاءُ، ڪُنوارِينِ ڪَکُورِئو.

١٢

سِجُ اُيرَندي جا ڪَري، سامِي سائِي رُوءِ
اَچِي ٿِي عَطَرَ جي منجهان مُگهَنُ بُوءِ:
'سا سَليهُون جُوءِ، جِتان لانگوٽِيا لالُ ٿِئين'!

١٣

سِجُ اُيَرندي جا ڪَري سامِيءَ سا وَٽِڪَ:
'سَهِي نَہ سَگهان ساعتَ سِين، تِنهِ جِي
راسِينِ جِي رونَق
ڪِي رَتائِين لاڪَ ۾، ڪِنِ ڏِنائِين پاڻِ پِڪَ
سَندِي سَوڊِلَ سِڪَ، ڪِيرِ ڪورُون جهلِيُون'.

١٤

جوڳِيءَ جاڳائِي، مارِي وِڏا مامِري:
'لَئُ لَڊُورِي ڪَنڊِيين اَڻ ـ مَيو آهي
وَجو جِي ڪاهي، تہ نِڪُون پَسو نِيهَ جِيُون'.

١٥

ڪاهي آيا ڪاڪَ تِي، پَسَندا مُومَلَ
ڪَنِي ريڪون رَتِيُون، ڪَنِي ڳاڙها ڳِلَ
مَسَڙيارا مَلَ، دانَهَ گهٽا ڌوڙِيا.

---

٨. ڪين سامي ڪين سج= (اصطلاح) سامي آهي يا سج آهي! گريون= سچيون سچيون، پيرائتيون. ١٠. جرڪئو= جهرڪئو، چمڪيو. لاڳِ= رنگيني، رونق (ميندي جو لاڳِ= رنگ). آيو تنه سياڳِ= (اصطلاحي معنيٰ) ڪنه نياڳ ڪنيس جو هو ڪاڪ جي قتل گاه تي آيو! ١١. جڙاء= (لفظي معنيٰ) مٽين موتين جڙُ سينگار. (اصطلاحي معنيٰ) وڏو ٺاٺ، حسن جو هڳاءُ. نسوروئي= سراسر. سج وڙاء= سج وانگر (وڙ= وجهه، نمونو). ڪنوارين= حسين ڪنوارين ڇوڪرين (مومل جي سهيلين ٻانهين.) ڪکورئو= مٿس محبت جو رنگ چاڙهيو. ١٢. سليهون= اسان ڪي سل، اسان ڪي ان جو ڏس ڏي. ١٣. وٽڪ= چمڪ. راسين جي رونق= مومل جي راسين جي رَنگت (جئن سج راسيون ڪيندو آهي تئن مومل جي منهن مان حُسن جون راسيون). پاڻ پڪ= پاڻ جي ڳاڙهي پڪ. ۾ مومل ڪي سوڊل (راڻي) جي جيڪا سڪ آهي، تنهن سنديس دل جي ڪورن ڪنارن ڪي جهليو آهي. (هن سٽ جي مفهوم مان، مومل ـ راڻي جي ڳالهه جو اهڃاڻ ٿو ملي تہ سوڊي راڻي بابت مومل غائبانہ خبرون ٻڌي مٿس موهت ٿي هئي). ١۴. جاڳائي= هوشيار ڪري. مارِي= شڪار وارا (راڻو ۽ ساٿي). وڏا مامَري= مامري ۾ وڏا (وڏي ويچار ۾ وڏا، وڏي جنجال ۾ وڏا). لَئُ= عشق. لڊوري ڪنڊيين= لوڊاڻي لڳ (ڪاڪ تي). 'لوڊاڻو' نالو سنڌي اُچار موجب آهي. ان تاريخي قلعي ۽ ماڳ جو اصلي نالو 'لَڊُورو' آهي. (جئن سلطان محمود غزنوي جي 'فتوحات' ۾ آيو آهي). هن وقت بہ اتي جا ماڻهو 'لُبُورو' يا لَبرو' چوندا هئا، جنهن ڪي تاريخي طور صحيح هجڻ جي ڪري قائم رکيو ويو آهي. البت هن بيت بعد ٻين بيتن ۾ عام سنڌي اچار موجب پڙهڻي 'لَڊاڻو' آهي. اَڻ ميو= گهڻو، بي انداز. نڪ (جمع) نِڪُون= اها واهي جنهن ۾ ڪوهه يا ڪوهر مان پاڻي ڪڍي وجهجي، جيڪا اڳتي وهي وڃي آواڙي يا آنهن ۾ پوي. نِڪُون پسو نيه جيون= عشق جون پرپور وهندڙ واهيون. ١٥. ريڪون= نئين نوجواني ۾ نڪرندڙ ڏاڙهيءَ جي سنهڙن وارن جون ريهُون. رتيون= رنگ ورتائون، سايون ٿيون. ڪني ڳاڙها ڳل= ڪي اجان ڳيرو آهن (سندن ڳل ڳاڙها آهن جو ڏاڙهي جي وارن جي ساوڪ نہ ٿي آهي). مَسڙيارا= نئين ريهہ، ڏاڙهيءَ وارا (نوجوان). مل= مضبوط مڙس، جامڙد. دانه= وڏي عقل واري (مومل: اشاري طور قبر). ڌوڙيا= ليٽايا.

وائي

مُومَلَ صَحي پَسندا

راڻا ۽ هَمِيرَ، مُومَلَ صَحِي پَسَندا
توڙي پَڙهِيا پِيرَ، مُومَلَ صَحِي پَسَندا
مَجِي رَضا رَبَ جِي، هِتان سَڀَ هَلَندا
اَصُلُ لِکِئو اَنگَ ۾، ٿِيندو تان اَدا
کُلُ نَفسٍ ذائِقَۃُ المُوتِ، سَچِي اِيءَ صَدا
کَلِمي ساڻُ لَڏائِيين هادِي هِن هَنِدا
سَهُکِي سَکَراتَ کَرِين، والِي وِيرَ وَدا
اَهُکِيءَ وِيرَ اَچِيجُ ٿُون، اَتي اَحمدا
مَتان چَڏِين مَکَڻو مَهَندان مُرشِدا.

داستان ٻيو

١

هَلو هَلو ڪاڪِ تَڙِ، جِتي نِيهَ اُجَلَ
نَ ڪا جهَلَ نَ پَلَ، سَيُڪو پَسي پِرينءَ کي.

٢

هَلو هَلو ڪاڪِ تَڙِ، جِتي نِيهَ پَچَارَ
ڪانِهي ٻِي ٽُوارَ، سَيُڪو پَسي پِرينءَ کي.

٣

هَلو هَلو ڪاڪِ تَڙِ، جِتي گهَڙجي نِيهُ
نَڪا راتِ نَ ڏِينهُ، سَيُڪو پَسي پِرينءَ کي.

٤

هَلو هَلو ڪاڪِ تَڙِ، چَرُون جِتِ چَڙهِن
ڪوڙين رَنگَ رَچَنِ، پانُوَراٽِيءَ پِڪَ سِين.

٥

لوڏِيِ لَکَ اَچَنِ، رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو
هيڪُ اَکِيُون، ٻِئا اَنگڙا، پَرِ ۾ تا پَچَنِ
سي ڪِيئَن ميندرا مَچَنِ، جي تو سوڍا
سُورِيءَ چاڙهِيُون!

٦

جي ڪاڪِ کَکورِئا ڪاپَڙِي ٿَنِ لَهي نَ لالِي
کَري ڪيپَ خُمارِئا مَئي پِي مَوالِي
کَري حاصُلُ هَلِئا ڪيفُ تَ ڪَمالِي
وَتَنِ وِصالِي، لُڏُوڻِئا لوڏِي ٿِئا.

٧

لُڏُوڻِئا لوڏِي ٿِئا، وَتَنِ مَنجهِہ وِصالَ
اَجُ اَرتو اَکِيين، ڪاڪِ پِيتائُون ڪالَ
ويئِي ويچارَنِ وِسَري صُبُحَ جي سَنيالَ
پِرِينءَ ڪان پاسِي ٿِئا ماموين مِثالَ
جانِبَ جي جَمالَ، رَڱِي پَسُ رِيڻو ڪِئا.

وائي. صحي پسندا= ضرور ڏسندا. ٿيندو تان ادا= ادا ٿيندو، پورو ٿيندو. کل نفس= سڀڪو ساهہ وارو موت جو ذائقو چکندو. اِيِ صدا= هي چوڻي. وير= وقت. ودا= وداع، وڇوڙو. د-٢: ١. ڪاڪ تڙ= (لفظي معنيٰ ڪاڪ جي تڙ تي، ڪاڪ واري کوہ تي. (اصطلاحي معنيٰ) مومل جي ڪاڪ محل تي. نيه اڄل= نيه جي اڄل، عشق جي چوٽان چوٽ. ٢. نيه پچار= عشق جي ڳالهہ. ۴. چرون جت چڙهن= رنگ ٺاهڻ ۽ پڪي ڪرڻ لاءِ چرون باهہ تي پيا چڙهن، رنگين ڪپڙن پائڻ ۽ سونهن وڌائڻ لاءِ رنگ پيا ٺهن. پانوَراٽي= پان واري (لال) پڪ. ۵. 'لوڊِي' (ڊ جي زير سان)= لوڏي= لوڌ وارا يعني حاڪم جي لوڌ وارا، جيڪي حاڪم سان گڏ هلن ۽ هلائون ڪن. لوڏي معنيٰ لوڌ وارا، شڪاري. جيڪي شڪار لاءِ هلن. هيڪ اکيون ٻيا انگڙا= هڪڙيون اکيون ٻيا عضوا (مومل ٿي چوي تہ منهنجيون اکيون ۽ منهنجا عضوا). پر ۾ پچن= اندر ئي اندر ۾ ٿا جلن پچن. ٦. ککورئا= عشق ۾ رَتا. جي ڪاڪ ککورئا= جن کي ڪاڪ ککوريو، جيڪي ڪاڪ ۾ ککور جي ويا. ڪاپڙي= وڏي حوصلي وارا، وڏا ڄاڻو ۽ وڏا خبردار تجربيڪار. ڪيپ= ڪيف، نشي. خمارئا= خمار ۾ ڪيا، نشي ۾ آندا. ڪيف تہ ڪمالي= پوري پڪي چوٽ وارو نشو. وتن وصالي= وصال لاءِ آتا ٿيا وتن. ٧. لبوڻئا (يا لبورئا)= لُڏاڻي ڪان، لُڏاڻي مان. لوڏي ٿئا= لوڌ جي ويا ناڪام ٿئا، مومل جي وصال ۾ ناڪام ٿئا. وتن منجهہ وصال= وصال جي تمنيٰ واري نشي ۾ پيا هلن. اڄ ارتو اکيين= اڄ ڳاڙهو رت ڳاڙئون پاڻي سندن اکين ۾ آهي (رت جا ڳوڙها پيا ڳاڙين)، ۽ ڪالهہ ڪاڪ ندي وارو ڳاڙهو پاڻي پيتائون (مومل جي عشق ۾ رَتا). پرينءَ ڪان پاسي= محبوب (مومل ڪان پري (واري حالت ۾). ماموين مثال ٿئا. جڻ ماموئي ٿي پيا جو هوش بدران غيبي ڳالهيون پيا ڪن. رڱي پس ريڻو ڪئا= عشق ۾ رڱجي رچي وئا (ريڻو= چڻي ڳاڙهي رنگ ۾ رڱيل ملير، هڪ خاص رڱيل ڳاڙهو بوڇڻ.)

٨

لُڊُوڻيا لَطِيفُ چَئي، ڳُڻُون ڳنياڻُون
وَڃي ڪاڪَ ڪَنڌِين ۾، لُڏُون لاٿاڻُون
چَڏي حِيلا هَلِئا، مُومَلَ ماڻياڻُون
پيرو پَڳاڻُون، آسَڻِ آرامِي ٿِئا.

٩

ويرِڻُون تارَ وِصالَ ۾ گهُورَنِ گهايا جي
تَن ڪاڪِ اوريائين چَڏي، وَڃي پِئا پَري
تَن ناٿرِ ڪِينَ ڪَري، مُومَلَ سِڪي جَن کي.

١٠

سُتا سي سُونهَن، جي هُئا ڪوڏيا ڪاڪِ جا
لُڊورِئا لَطِيفُ چَئي لَڏُو لوڏيڙَنِ
سي موئي مَسَ اَچَن، جي آسَڻِ آرامِي ٿِئا.

١١

ڪاڪِ چَڏياڻُون ڪُنڊَ تي پاڻان وِئا پَئي
لوڏيڙَنِ لَطِيفُ چَئي سوجهي ڪِئو صَحِي
مُومَلَ ماڳِ رَهِي، ٿِئو مِڙوئِي مَيندرو.

١٢

ڪاڪِ نہ جهَلِئا ڪاپَڙِي، موهيا نہ مَحَلَن
بائِنِ ۽ بانهِينِ جي بَنڌڻِ ڪِينَ بَجهَن
لَکين لاهُوتِينِ، اِهَڙِيُون اوريان چَڏِيُون.

١٣

اِهَڙِيُون اوريان ئِي چَڏي وِئا لاهُوتِي لَکَ
پايو پَڻِينِ وِيئِيُون ڪاڪِ ڏِجاڻِيُون ڪَکَ
پيئِي اِيءَ پَرکَ، تہ سوڍيون سِجهائي وِئا.

١٤

ڪاڪِ نہ جهَلِئا ڪاپَڙِي، موهيا ڪِنهِ نہ مالَ
سوڍيون سِجهائي هَلِئا، هَهَڙا جَنِي حالَ
جي چورِينِ ڏنا چالَ، تہ ۾ لاهُوتِي لَنگهي وِئا.

١٥

رَڃِي جي رينو ٿِئا ڪِينَ اُباڻجَنِ اوءِ
ڪُنبُ نہ ڪاري تِنهِ کي جو هالارِي هوءِ
توڻي ڏوبِي ڌوءِ، توءِ لالِي ٿنهين نہ لَهي.

٨. ڳڻون ڳنياڻون= لڏو ڳنياڻون، مَيڻَ واريون ڳڻون ڳنياڻون. ڪاڪ ڪنڌين ۾= مومل جي ڪاڪ وٽ (مقام جي حد ۾). چڏي حيلا هلئا= پنهنجي بچڻ واريون ظاهري ڪوششون ڪشالا ڇڏيائون تڏهن مومل ماڻيائون يعني منزل کي رسيا. پيرو پڳائون= ڪاڪ جو پيرو (هن جهان جو پيرو). ٩. 'ويرِڻُون تارُ'= يعني سمنڊ جي 'ويرَ ڪان بہ متي تارُ' ۾، تمام متي. گهورن= محبوب جي تکين تيز شوخ نگاهن. گهايا= ڦٽيا. جيڪي محبوب جي گهُورن گهايا سي ويرڻون تار وصال ۾ ٿيا). ناٿر= مومل جي چالاڪ ٻانهي. ١٠. ستا= جيڪي مئا ۽ وڃي خاڪ مٽيءَ ۾ ستا. ڪوڏيا ڪاڪ جا= ڪاڪ جا گهورا، موت قبولڻ وارا. لُڊورئا= لُڊوڻيا= لُڊوڻِي مان= هن جهان مان. لوڏيڙن= هن جهان جي شغل وارن. آسڻ= پنهنجي هميشہ واري ماڳ. ١١. پاڻان وئا پئي= هو پنهنجي ارادي سان پاڻ اندر پئي وئا. سوجهي ڪئو صحي= وڏي سوچ ڪري صحيح حقيقت کي سڃاتو، حق کي سڃاتو. مومل ماڳ رهي= جنهن جو نالو مومل سا پنهنجي جاءِ تي رهي. ٿئو مڙوئي ميندرو= (هڪ حقيقت جيْ ڄاڻ واري انهيءَ منزل تي پهتا جو هنن لاءِ هر جاءِ، هر شيءِ) سڀ ڪجهہ رڳو راڻو ئي راڻو تي ويو، راڻوئي راڻو نظر آيو. ١٢. ڪاپڙي= وڏي منزل وارا سچا سورهيہ عاشق. ٻنڌڻ= ٻند، ٻَڌُ. ٻجهن= ٻڌجن (جهڙن ٺهڙن کي مومل جي ٻاين ۽ ٻانهين پئي پنهنجن نازن نخرن سان ٻڌو ۽ قابو ڪيو؛ پر انهن جي ڇا مجال جو ڪاپڙين کي ڪجهہ ڪري سگهن). ١٣. اهڙيون= جيڪي ظاهري ڏيکاء سان موهي حقيقت واري راه کان رنڊائين. ڪک پائي پڻڻ= ڪک پڪيڙي ڪکن تي ويهي پڻڻ ۽ وڏو روڄ راڙو ڪرڻ. سجهائي وئا= گهائي زخمي ڪري وئا، ڏکي ڪيرائي چُرڻ کان چُور ڪري وئا. ١٥. رينو ٿئا= ريڻي وانگر رنگ ۾ سهڻا لال ٿئا. اباڻجن= رنگ ۾ ڪرن (هڪ ساريڪي سهڻي رنگ بدران ان ۾ ڪٽي ڪٽي ميراڻ اچي، داڳ ڏڙڳ ٿين). ڪنب= ڪٽيءَ جو ڪنب (جنهن ۾ ڪپڙا ڪنب تي چاڙهجن). هالاري= هالار جو رڱيل يا هالاري رنگ وارو (هالار= ڄام نگر، ڪاٺيا واڙ وارو طرف. اتان جو رنگ مشهور جيڪو ڪڇ جا ڪٽي توڙي ڏکڻ اولهہ لاڙ ۾ 'مُهڙا' جا ڪٽي ڪم آڻيندا هئا).

وائي

تان ٿُون ويهُ سَنبهَي ساٿِي!

ڪاڪِ هَلبو ڪَڏهِين

لَڪين لوبَرَ لُبُوٽو مَٽي، مَتي واٽَ وِٺا تِي
جِنهِ ڪي پُڇان سو چوي: آيو ڪونہ اُٺان تي
ڪونائو ڪَرِيمَ جو، آيو پَهِي پَرِئان تِي
حُڪمُ ڏِيندُئِي هَٿَ ۾، 'هاٿي هَلُ هِئان تي'.

داستان ٽيو

١

سونَ وَرَنيون سوڍِيُون، رُپي رانديون ڪَنِ
اَگرُ اوطاقُنِ ۾، ڪَٿُوري ڪَٿَنِ
اَپٽِياٿُون عَبِيرَ جا مَتي طاقَ ٽَڙَنِ
باٽَنِ ٻيلُون ٻَڌِيُون، پَسِئو سُونہَ سَڙَنِ
ٿِئا لاهُوتِي لَطِيفُ چَئي، پَسَڻَ لئي پِرينِ
اِجهي تا اَچِنِ، ڪاڪِ ڪَڪورِئا ڪاپَڙِي.

٢

جِهَڙا گُلَ گُلابَ جا، تِهَڙا مَٿَنِ ويسَ
چوٽا تيلَ چَنبيلِئا، هاها هُو هُبِيسِ
پَسِئو سُونہَ، سَيدُ چَئي، نِيهَ اَچَنِ تا نيسَ
لالَڻَ جي لِبيسَ، آتَڻِ اَگرُ نہ اُجهي.

٣

جهَڙا پانَنِ پَنَ، تِهَڙيون سالُون مَٿَنِ سائِيُون
عَطُرَ ۽ عَبِيرَ سِين تازا ڪِئاٿُون تَنِ
مَڙهياٿُون مُشڪَ سِين چوٽا سانڍَ چَندَنِ
سُونهَنِ رُپي سون سِين سَندا ڪامِڻِ ڪَنَ
ڪِيائِين لالَ لَطِيفُ چَئي، وَڏا ويسَ وَرَنَ
مَنجهِ مَرَڪِيَسِ مَنَ، تہ سوڍِي سِين سَڱ ٿِئو.

۴

جِنهِ ٽَڙِ ڏوڙُون ڏُونِ، چوٽا چَندَنَ چِڪَ ڪِئو
اَچَنِ ڀَونرَ ڀَنيُولِئا، پاٿِيءَ ٿَنهين پُونِ
راوَلَ رَتو رُونِ، ڪو وَهُ لَڳو واسُئين.

۵

مُومَلَ ڪي مَجازَ جا اَڪِين ۾ اِلماسَ
نہ ڪا عامَ نہ خاصَ، جي وِٺا سي وَڍِئا.

٦

مُومَلَ ڪي مَجازَ جا اَڪين مَنجهِہ اَنبُورَ

وائي. سنبهي= سنيري. لوبر= لبوٽي وارا. لبوٽو مٽي= لبوٽي وجھڻ لاءِ تيار ٿي. اُٺان= اتان. پهي= قاصد (عزرائيل). هئان= هتان.
د-٣: ١. سون ورنيون= سون جي رنگ جهڙيون (ڳاڙهيون ڳوريون). ڪٿوري ڪٿن= ڪٿن هنڌن تي ڪٿوري جي هٻڪار. اپٽياٿون= ڪوليائون. عبير جا طاق= عنبر جا پڙا، عنبر جون صندوقون. ٽڙن= ٽڙن ٿي، غسل وارن ماڳن تي. ٻاٽن= مُڪرين (گلن جي خوشبودار مڪرين). ٻاٽن= ٻاٽڻن، اُبٽڻن= ٻاٽڻ، ابٽڻ= خوشبوءِ دار جسم صاف ڪندڙ چاٽو. ٻيلون ٻڌيون= وري وري پيون ملجن، ٻيهر پيون لڳن ۽ اهي ٻہ سهڻي جسم ڪي لڳندي ڏسندي پيون ريس ۾ سڙن جلن. (ٻي معنيٰ) ٻاٽن= ٻٽورُن، ٽند ٽيلو ڪندڙ اُلهڙ جوانن (تن ٻيلون ٻڌيون، وري وري پيا اچن ۽ اچي واٽون لايائون). ڪاڪ ڪڪورئا= ڪاڪ جا رڱيل، ڪاڪ محل ۽ مومل جي ديدار لاءِ ڪڪوريل اکين وارا. ٢. تيل چنبيلئا= چنبيلي جي خوشبوءِ دار تيل سان واسيل. هبيس= هٻڪار وارا. ها ها هُو= چوڌاري وڏي واه واه واري هٻڪار. نيهَ= محبت جا نشا، عشق جا اوٽار. نيس= جهجها وهندڙ، مسلسل اڏما. لبيس= لباس. اگر= خوشبوءِدار وڻ (جنهن جي ڪاٺي جا ذرا ٽانڊن تي ڪرن تہ خوشبوءِدار دونهون ڪپڙن ڪي واسي ڇڏي). نہ اُجهي= نہ پوري پوي، نہ مقابلو ڪري سگهي (محبوب جي لباس جي خوشبوءِ سان ۽ آتڻ ۾ اگر جي خوشبوءِ جي جاءِ ئي ڪانهي). ٣. پانن پن= پانن جا ساوا پن. سالون= شالون. عبير= انبر. تازا ڪيائون= نئين سر واسيائون. مُشڪ ۽ چندن سان پنهنجن وارن جا چوٽا مَليائون. ڪامڻ= وڏي سونهن ۽ شان واري (مومل). ۴. ڏوڙون= وارن جون ڳُٿون (ٻہ ڏوڙون، هڪ هڪڙي پاسي واري ٻي ٻئي پاسي واري). چندن چڪ ڪئو= چندن سان ڳهٽو مَليو. ڀنيولئا= مست ٿئا. ڀُلجي موهت ٿيل. راول= نوجوان راوَ شهزادا. رتو رُون= رت ڳاڙئون رئن، سڪ ۾ ساٺا ٿي رت جا ڳوڙها پيا ڳاڙين. ڪو وَہ لڳو= ڪو جوش جذبن وارو وهڪرو، محبت جو مچ ۽ زور. واسُئين= واسُوئين= جن اتي واسو ڪيو، جيڪي مومل ڪي ملڻ لاءِ اتي سنبري آيا ۽ رهيا. ۵. الماس= هيرا (نهايت چمڪدار ۽ سخت ۾ سخت، ۽ تکا وڍيندڙ). ٦. انبورُ= لوهارن، واڍن جو اوزار جنهن سان سخت ڪتل ڪلين، ڪوڪن کي ڇڪي ڪڍن (انبوري ننڍي ۽ انبور وڏو). اصطلاحي معنيٰ= سختي سان ڇڪي اُکاڙيندڙ ڪشش.

هٿي حاڪمَن کي پَٽ نِهارِي پُورَ
گهوٽ پِهرِينءَ گهُورَ، گُجَرَ گهٽا گهائِيا.

7

گُجَرَ کي گجويلَ جون تارَنِ ۾ ٽَبرُونَ
هٿي حاڪِمَن کي زورَ پَريون زَبرُونَ
ڪاڪِ ڪَنڌيءَ قَبرُونَ، پَسو پَرڏيهِن جون.

۸

جا ڪَني رءَ خُونَ ڪَري، ڏرِ نِئو ماري ڏگَ
ڪوڏِئون قَرِيبَنِ جا، آرِ ڪَري ٿِي اَگَ
لالَ جَنِي جا لِگَ، تيرَ چَڪائي ٿَنِ کي.

۹

گُجَرَ گاروڙِيَنِ، اَچِئو آڏِيءَ اُيِيي
مَٿان پَئي ٿَنِ، ٻَڌا ٻاڻَ هٿَنِ جي.

۱۰

مُومَلَ ماري مِيرَ، آهيڙِينِ کي آڪِرِي
سوڍِيءَ گهَٽا سِجهَائِيا، پَڙهيا پَنڊِتَ پِير
هٿي ٿَنِ کي تِيرَ، مَٿيون جَنَ مَٿَنِ ۾.

۱۱

گُجَرِ گهَٽا گهائِيا، پاٽان لَڳِسِ گهاءُ
مينڌري مُلاءُ، لَڳِسِ ڪانُ ڪَپارَ ۾.

۱۲

مُومَلَ وِيِنِي مَينڌرو سَدائين ساري:
وَليون واس وَرنِيُون چانگِي کي چارِي
'جَڏهِن تَڏهِن جيڏِيُون اِيندم اوتاري
سوڍي سِين ساري، ڳالهيون ڪَنِيَسِ ڳُجهَ جِيُون.'

۱۳

چِتِ رانِيَائِين راتَّنِ کي، چَندن چِڪَ ڪَري
هاٺي اُنِي پيٽِيين وِرهُ وَراڪا ڏي
سوڍو سُج ڪري، مُومل ماري هَلِئو.

وائي

ڪِين جو ڪاڪ ٽَڙاء، ڪَرهي چَرهو چَڪئو
ڪَرهو سَرهو ڏيهَ ۾، نه تِنه ڏَرپُ نه ڏراء
پاهُ پرائي آئِيو، لالِي لُڏُوٽَڻاء
ڪَرهي ڪاٽِينا رَتا، نائي ناگيلاء
پِڪُون جي پائَنِ جون هاريائين حَلقاء
وَڳُ واسِيائين پانهنجو، سَڀَ ئي سُراهياء.

داستان چوٿون

۱

سَگُ ڪَري سِين سِينهَ، ڪَنڌُ مَ قيرج ڪيڏهِين

پَٽ نهاري= وڏو ميدان جانچي، وڏي کُليي ميدان ۾. پُور هٽي= موتمار ٽڪرون هٽي (پور هٽڻ= ٻن سانهه گهيٽن جو وڙهڻ وقت، پوئتي هٽي، وڏي وٿي تان ڊوڙي چوٽ ڪري ٽڪرون هٽڻ). پهرين گهور= پهرين تڪي نظر مان. گهوٽ= جوان پهلوان. گجر= مومل. ۷. گجويل= رُڪ. تبرون= 'ٽَبَر' جو جمع، چوٽي ڳن ۽ وڏي ڦر واري خاص قسم جي جنگي ڪهاڙي. زبُرون= (لغت جي 'قلب' واري تبديل جي نتيجي ۾=) ضربون، ڏڪ، گهاوَ. ۸. ڪني رءِ= ترار ڪان سواءِ. ڏر= ڏرتي. ڏرنئو ماري= ڪنيو ڏرتيءَ سان هٽي. ڏگَ= وڏا مضبوط سگهارا پهلوان، ڏگ مڙسَ. ڪوڏئون= وڏي خوشيءَ واري رئونشي مان. قريبن جا=ويجهن پيار وارن جا. اگَ= انگ، عضوا. آر ڪري ٿي= اکين جي تيز نگاه واري آر سان ٽنگ ٽنگ ڪري ٿي، سوراخن سان زخم ڪري ٿي. تير= اکين جي تيز نظرن نگاهن جي تير. ۹. گاروڙين= وڏي سڪ وارن ستايلن، گهٽو سهندڙ سڪايلن. آڏي اييي= اڳيان آڏو اچي. مٿان پئي تن= تن جي مٿان پئي، تن مٿان آفت ٿي اچي. ٻڌا ٻاڻ= ٻڌا تير (حسن جا، عشق جا). ۱۰. آهيڙين کي= عام رولو شڪارين کي، عام خلق کي. آڪري= مهانگي، ڳري، وڏي قيمتي. آڪري= کهُري، اُتامري، پنهنجو زور ۽ طاقت ڏيکاريندڙ. ۱۱. گهائيا= زخمي ڪيا. مُلاءِ= وٽان، طرفان. ۱۲. واس ورنيون= جدا جدا قسم جي سرهاڻ واريون. ۱۳. رانيائين= ريجهايائين، هر ڪائي ريجهائي پنهنجو ڪيائين. چندن چڪ ڪري= پنهنجو پاڻ کي چندن سان چڪ ڪري (پنهنجي هبڪار ۽ حسن سان). وره= وڇوڙو ۽ فراق. وائي. چرهو= ڪاڏو، ڪاچ. پاهه= گر صاف ڪندڙ ۽ رنگ ۾ سهٽو ڪندڙ مصالحو. ڪاٽينا= ڏاٽيون. ناگيلاءِ= ناگيل ول جون. حلقاء= حلق مان، نڙيءَ مان. د-۴: ۱. سينه= شينهن.

رَمِج راڻي پُٽِ ۾ نِرتئون منجهان نِيه
اِيئن مَ وَسِجِ عام تِي، جيئن مُومَل وَسَنِ مِينهَ
سَندي حَشَرِ ڏِينهَ، سوڍو سارِيندِينءَ گهڻو.

٢

وَنئو وَجِجُ واٽ، ڪَنڌُ مَ ڦيرجُ ڪيڏهِين
لوڌي ڦيرِ لَپاٽ، لَڳنديئي لَطِيفُ چَئي.

٣

وَنئو وَجِجُ راهَ، ڪَنڌُ مَ ڦيرجِ ڪيڏهِين
اَڄُ ڪِ سَنجهه صُباحَ، نيئي ڏِريندئي ڏُوڙِ ۾.

۴

راڻو پانيو راندِ، وِجئو ڪِيئن وِڙ رانئِيين
وَرُ وِڏوڻو اِيهين، جئن پَرُ پُڄتوءِ پاندُ
هَٿَي پَڳِيءَ هيڪاندِ، سوڍو سارِيندِينءَ گهڻو.

۵

سوڍا تُنهنجي سُورَ، اَندر آڳِيون لائِيُون
راڻا رهاڻِين جا مارِنهُون مَذڪُورَ
طعنا ڏِينهُون ٽُورَ، آءُ تَ پَرچُون پاڻَ ۾.

٦

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِئو، چَڊِ راڻا ريڏائِي
مُنهنجي ميٽَ مَيندرا، عاقِلَ اڳلائِي
لَپيٽِجِ لَطِيفُ چَئي، ڪامِلَ ڪَچائِي
ڪِجِ معافِي مَدائِي، تَ سوڍا سُڪياڻِي ٿِيان.

7

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِئو، پَلُ مَ پَري جا
پريَمِ پِييُون ڳالهيون مُنيءَ مُون هَتا
ڪَميڻِين ڪَنا، ٿِين مُورائِين مَنِيُون.

٨

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِئو، پَرچُ، مَ وانءُ پَري
وِڌَم ڦَٽَ فِراقَ جي جهِتَ جي ڏَري
لالَڻَ جي لَطِيفُ چَئي، سُونهائِي سَري
لَڳين جي ڳَري، تَ سوڍا سُڪِياڻِي ٿيان.

٩

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِئو، راڻا چَڏِ رِياءُ
ميٽَ مَدائِيُون موٽُ تون، ڪري نِرتِ نِياءُ
لالَڻ جو لَطِيفُ چَئي، ڪونهي سُونهَ سِياءُ
اوڳُڻ ڍَڪي آءُ، تَ سوڍا سُڪِياڻِي ٿِيان.

١٠

ڪِيَمِ توبَهَ تَنِ ڪان جَڳَتُ جَنِ گواهُ
روز نِهارِيان نِڪَٽي، راڻا تُنهنجو راهُ
پَرچِي لَڳِ اَللهَ، موٽُ مِيان تُون مَيندرا.

رمج= هلج. نرتئون= نرت مان، وڏي سوچ ويچار سان. منجهان نيه= نيهن مان، عشق مان. وسج= مهربان ٿج، نوازشون ڪج. حشر ڏينه= حساب ڪتاب واري ڏينهن. ٢. ونئو وجج واٽ= سڌي واٽ ونيو وجج. لپاٽ= زوراٺتي چماٽ. لوڌي ڦير= لپاٽ جيڪا لڳي ته لوڌو ڦيرائي ڇڏي. ۴. راڻو پانيو راند= (اي مومل!) تون راڻي سان پنهنجي سڱ سنگت کي ٻارن واري راند سمجهيو. وِڙ= ڪرَ ماڻهو، بُرا بيهودا. رانئيين= ريجهائين، خوش ڪرين. ور= پتار (راڻو). وڏوڻو= ڪَنرِيو، ڪاوڙيو. پَرُ= پرائو، غير. پُڄتوءِ پاند= جهليوءِ پاند (غير جو پاند ورتوءِ). پڳيءَ هيڪاند= هيڪاند پهچڻ تي، سنگت ٽُٽڻ تي. ۵. آڳيون= باهيون. مارنهون= اسان کي مارين ٿا. مذڪور= يادگيريون. ٽُور= هڪ جيڏيون سرتيون. ٦. ريڏائي= نه ٺهڻ واري ارڏائي. ميٽ= ميسار، ڍڪ. لپيٽج= ويڙهي ڍڪج. سڪياڻي= سکن واري. ٧. پري جا= پري جاءِ، پري وڃ. ڪنا= ڪان، وٽان. مورائين= اصلي. ٨. مَ وانءُ= مَ وَنءُ، مَ وڃ. جهت= رخ، طرف جلوو، جهلڪ. (نثر ۾ پڙهڻي: جهت جي ذري، فراق جي ڦٽ ۾ وڌم. معنيٰ= محبوب جي ديدار جي ذري (جهلڪ، جلوي) مون کي فراق واري آزار ۾ وڌو). سونهائي= رهبري، رهنمائي. سَري= مون کي سَهائي ٿي، پاڻ پوي ٿي. ٩. رياءُ= ڳالهه کي سمجهي به بي ڪرڻ، دل ۾ هڪ ٻاهر ٻي ڪرڻ. نياءُ= انصاف، حق ڪرڻ. سونه سياءُ= سُونهن ۾ سياءُ، حسن ۾ برابر. اوڳڻ= منهنجا ڪلچڻ، منهنجيون مدايون ڍڪي= پردي ۾ رکي (وساري، معاف ڪري). ١٠. تن ڪان= تن گناهن کان (جيڪي مان طلسمي ڪاڪ محل ۾ ڪيا ۽ بي گناه ماڻهو مارايا). جڳت جن گواه= سارو جڳ جن تي شاهد آهي. نڪٽي= اڪيلي. لڳ الله= الله واسطي.

١١

سودي سِرُ نِئو، هِتِ ڪَرنگهَرُ سَگهُو
مَنُ ميندَري وَڍِئو، ڏِٻي ڏڙُ پِئو
راڻي جي رِهاڻِ کي سِکي ساهُ پِئو
پَسان کِي نِہ ہِئو، تو رِءَ آئَڻُ وِسِرِئو.

١٢

سودي مُنهنجي ساهُ سِين جيڏيون جيئَن کِئو
کَڙِي مون ڪاڪِ تي، آئَڻُ وِہُ تِئو
پَسان کِي نہ ہِئو، تِنه رِءَ اَکڙِيڻ سين.

١٣

ڪاڪِ کَڙهِي، وَڻَ وِئا، جَلِي مُنهنجي جانِ
رَکِي ڪامَ ڪَٽِڪِئو، مارِيَسِ تِنهِ گُمانَ
تِي جِيان منجهہِ جهانَ، سِگهو موٽِج سُپِرين.

١٤

ڪاڪِ کَڙهِي، وَڻَ وِئا، ہِرِئا مَحَلَ ماڳَ
سودي جي سَرتِيُون وِڏِيَسِ وَہِ ويراڳَ
سُورَنِ لايا ساڳَ، سگهو موٽِج سُپِرين.

١٥

ڪاڪِ کَڙهِي وَڻَ وِئا، ہِرِئا رنگ رَتولَ
تو پُڄاڻا سُپِرين، هِنيَڙي اَچَنِ هولَ
جي مُون سين ڪِيئِي قولَ، سي سِگها پارِج سُپِرين.

١٦

ڪاڪِ کَڙهِي، وَڻَ وِئا، لُونو لُڏاڻو
تو پُڄاڻا سُپِرين، آئَڻُ اُجهاڻو
مُيَنِ سِين ماڻو، مُناسِبُ نہ ميندَرا.

وائي

وهان ڪِيئَن ڪَري، مُون سِرِ باهِ ٻَري
راڻا تو رِءَ رِڻُ تي پانئيان
سوڍو سي سارينديُون، لَڳو جَنِ ڳَري
آءُ اوراهون سُپِرين، وَج مَ پيہ پَري.

داستان پنجون

١

ڏِيا تيلَ ڦُليلَ جا ٻارِئم تائِين ٻانگَ
ڍولو ڏِٺِ رَهائِيو کَنهِ سَڻاڻي سانگَ:
چانگي چڙهي آءُ تُون لال وَرائي لانگَ
ڪوڙين پتين ڪانگَ، اُڏايامِ اچيجُ تون.

٢

وينِي ٻاريان ٻانگَ سِين ۽ ڪوڙين اجُ قُنديلَ
هي هي هَنجهُون هاريان منجهان سِڪَ سَٻيلَ
متان مونکي ڇَڏِئين، جاني! لَڳَ جلِيلَ
آهَر تو اَصِيلَ، ڪانگَ اُڏايِمِ ڪاڪَ جا.

٣

اُپِي اُيارِئامِ، نَکٽَ سَڀَ نئِي وِئا
هيڪُ مَيو، ہِئو ميندَرو، راتِ سَڄِي سارِئامِ
ڳوڙها ڳِلِ ڳارِئامِ، سُورِجَ شاخُون ڪَڍِيُون.

١١. ڪرنگهر= سسيءَ ڪان سواءِ باقي پِنيءَ جي ڪنڊي وارو جسم، ڏڙ. ١٣. ڪڙهي= ٻَري. ڪام= لڪڻ. ڪِڙڪئو، ڪٽِڪئو= ڪڙڪي وئو، تڪڙو نڪري هليو ويو. ماريس تنه گمان= مون کي انهيءَ گمان ماريو آهي جو راڻو پنهنجو لڪڻ رکي هلِيو ويو (هو ڪاوڙ جي ويو). ١٤. ويراڳ= فراق، درد. وڏيس وَہ ويراڳ= ويراڳ مونکي سوڍي جي وَہَ ۾ وڌو. وَہُ= وهڪرو (سِڪ جو)، نيه، عشق. ساڳَ= ساڳا (مال جا)، قطارون. ١٦. رتول= ڇِٽا پَڪا ڳاڙها. رنگ رتول رنگارنگي جنسار (هندورا پلنگ وغيره). هول= ڊپ ڊاءَ، خوفائتا چرڪ. قول= پڪا ٻول، پڪا واعدا. ١٧. لونو= لهسيو، ٻريو. آئڻ= سرتين سان ويهي چرخي ڪتڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ وارو ماڳ. د-۵: ١. ڏيا تيل ڦليل جا= ڦلن جي خوشبوءِ دار تيل وارا ڏيا. ڍولو= راڻو. ڏِٺ رهائيو= ڏٺ ۾ جهلي ڇڏيو. سڻاڻي سانگ= ڏکيي ڪشالي. ڪوڙين پتين= ڪيترائي ۽ ڪيترن ئي قسمن جي واڏاين وارا. ٢. ٻانگ سينءَ= صبح جي آذان تائين، پره ڦٽيءَ تائين. لڳ جليل= الله لڳ! خدا جي واسطي. آهر تو= تنهنجي آسري. اصيل= اي عالي نسب! اي وڏي مُانَ شان وارا وڏُ- وَڙ! ٣. اُيارئام= مون اُيارئا= مون ويني اهي اُيرئا، مون اهي اڀرندا ڏٺا. نکٽ= نجوم جي اصطلاح ۾ چنڊ جون منزلون (Constelletions). نئي وئا= اولهه طرف گهٽو هيٺ لڙي وئا. ميو= پلو متارو اٺ (راڻي جو). شاخون ڪڍيون= راسيون ڪڍيون، صبح جو اڀرڻ بعد سج وڏيڪ چڙهو تي چمڪيو ۽ پاسن وارا روشن ڪرڻا ڪڍيائين.

۴

ڪَتيون ڪَپاران ويون، لُڏا وِئا لَڙِي
راڻو راتِ نہ آئِيو جِنهِ سين جِيءَ جَڙِي
موٽُ مُئِيءَ جا وَلَها چانگي تي چڙهي
سوڍِي لاءِ سَڙِي، ويئِي وِهامِي راتڙِي.

۵

پِرهَ لَکايا پارَ، موٽُ سِگهو تون مَينڌرا
ڍولا ڏِٺَ ڪَنڌين ۾، ساڃو ٿِيءُ سَوارَ
پيرو ڪِجُ پَتارَ، نِماڻِيءَ جي نِجهَري.

۶

شَمعَ ٻارِيندي شَبَ، پِرهَ ٻاڪون ڪَڍِيُون
موٽُ مَران ٿِي مَينڌرا، راڻا! ڪارڻِ رَبَ
تُنهنجِيءَ تاتِ طَلَبَ، ڪانگَ اُڏايَمِ ڪاڪَ جا.

۷

وَٽِ سورِيندي وَلَها، وِئو تيلُ ٻَرِي
آلا ڦَٽَ فِراقَ جا ٿَن چاڪَن ڪِيَسِ چَرِي
راڻي لاءِ رَڙِي، ويئِي وِهامِي راتڙِي.

۸

ڪَتِين ڪَرَ موڙِيَا، ٽيڙو اُيا ٽريئِي
راڻو راتِ نہ آئِيو، ويلَ ٽَرِي ويئِي
ڳوهِ سا ڪاڻِي راتڙِي جا پِريَنِ رءَ پيئِي
مونکي ڏنءُ ڏيئِي، وَجي ڍولو ڏِٺِ ڦرارِئو.

۹

سوڍِي ڏاران سَرَتِيُون، پِئو پِتِين ۾ پَنگُ
اُباڻِجي اَڄُ وِئو راڻا تو رءَ رَنگُ
هِنيين سان هاڃُو ٿِئو، پِئو اوسيڙي اَنگُ
مون تو هِي سِين سَنگُ، پُڇايو پُڇان پَهِي.

۱۰

راڻو ڪا راتِ وِئو ڪَري ڳالهِ ڳُجهِي
تِنهِ سان مَنُ مُنجهي، منهنجو پِئو مامِري.

۱۱

راڻو ڪا راتِ وِئو ڳُجهِي ڳالهَہ ڪَري
سوڍِي رءَ سَرَتِيُون هَڏِ نہ ساهُ سَري
وِجي مانُ وَري، آسائِتِي آهِيان.

۱۲

سوڍِي سُتي لوءِ، مون سِين جا ڳالهِ ڪَئي
سا جي پڌرِ پوءِ، تہ سَرَتِيُون ڪا مَ سُمهي.

۱۳

راڻا تُنهنجي راهَ تي ڏينهاڙِي ڏيکان
راڻا تو رِهاڻِ جِيُون رُوحَ اندرِ ريکان

۴. ڪتيون= ڪَتيءِ جو نکٽ، ثُريا. ڪپارا= ڪپار ڪان، ڪاپار تان. آئيون= مٿان چوٽيءَ تي آئيون، آسمان ۾ اتي آيون جو ڪنڌ ڪٽي مٿي نهارجي تہ بلڪل ڪاپار يا سر جي مٿان نظر اچن؛ پر جي ڪاپار جي مٿان نہ هجن ۽ گهڻو اولهہ طرف آسمان ۾ نظر اچن تہ چئبو تہ 'ڪاپاران ويون' يعني تہ موسم گهڻو مٿجي وئي ۽ ڪتيون ڪاپار تي نہ پر، گهڻو اڳتي اولهہ طرف وڏي ويون. لُڏا= ٻہ وڏا چٽا تارا جيڪي ٽيڙن جي پويان (هڪ ڏکڻ طرف ۽ ٻيو اتر طرف) آهن، مُنا پهريائين ڪتي ٿي ايري، پوءِ ٽيڙو تا اُيرن ۽ پوءِ لُڏا يا مُنا ٿا ايرن. اهي اونهاري جا نکٽ آهن ۽ هڪ ٻئي پويان هلند! ڪتيون سَر ڪاپار تي اينديون تہ اجان ٽيڙو ڪاپار ڪان اوڀر طرف هوندا، ۽ لڏا ڪاپار ڪان اجان ٿورو هيٺ (اوڀر طرف) هوندا. ۵. پره لکايا پار= پرڀات جا پار ظاهر ٿئا، پرڀات واري چٽائي ٿي. ڏٺ ڪنڌين= ڏٺ جي اوڀر وارين سرحدن ۾ (جيڪي ڪاڪ کي ويجهيون). ساڃو ٿيءُ سوار= سنيري سوار ٿي آءُ. نماڻيءَ جي نجهري= اجهي تي، ماڳ مڪان تي. ٦. شب= رات جو. ٻاڪون= شروع واريون چٽايون، ٿوري اجاڻ وارا آثار. ٧. وٽ= ڏيئي جي وٽ (ڪپه جي يا سٽ جي جنهن مان تيل مٿي چڙهي ۽ ٻري). سوريندي= مٿي ڪندي. ولها= اي گهوٽ! آلا ڦٽ= تازا رَتايل ڦٽ. چاڪن= چيرن (ڦٽن جي). وهامي ويئي= آڌيءَ کان گهڻو پوءِ تائين لڙي وئي. ٨. ڪَرِ موڙيا= مڙيون، لڙيون (سَر ڪاپار کان اولهہ طرف لڙيون). ٽيڙو اُيا= ان وقت ٽيڙو مٿي چڙهي آيا. ڳوهِ= ڪوهہ ۾ پئي، ڪڏ ۾ پئي (هي لفظ اڪثر ڳوءِ يا ڳُهِ- ڳُهِ ڪري لکيو ۽ اچاريو ويو آهي). ڏنءُ= وڏي ٻاهہ (جيڪا جهر جهنگ ساڙي). ٩. پنگُ= پَڳَ، پڳ، چير، ڏار، ڦوٽ. اباڻجي= ڦٽي (رنگ جو ڦِٽي وڃڻ). سنگ= سگ، محبت جو ناتو. پهي= قاصد. ١٢. لوءِ= ڳوٺ. ستي لوءِ= ڳوٺ ستي، جڏهن ڳوٺ ستل هو. پڌر پوءِ= پڌر پوي، پڌري ٿئي ١٣. ڏيکان= (سرائڪي) ڏسان. ريکان= ريکون، تارون تندون، ڪي ڪي ذريون. تو= تنهنجي.

محبت جون ميڪان، توسين لالَ لَپيٽيُون.

١۴

آءٌ راڻا راحتَ، ڏُوجَ ڏرتيءَ جا ڏِٽي
سِڪَنِ ٿِيُون سُهاڳِڻيُون سوڍا ٽُنهنجي سَٽَ
مون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامِلَ ڏِٽي ڪاڪِ جا.

وائي

ڏُور وِڃِئو ڏِينهه لائي، ڪا سوڍَل کي سَمجهائي
منهنجي راڻي کي ڪو رحمُ پَوي، ڏُور
وَڃِئو ڏِينهَ لائي
ميڙِ مُنجان ٿِي مينڌري، پانڌُ ڳچيءَ ۾ پائي:
سوڍا سُور ڳِرَهِيان، آءٌ ڪَرَهو ڪاڪِ وَرائي.

داستان ڇهون

١

مَيي ۽ مَينڌري ڏِٺي ٽِنڙم ڏِينهن
هاٿي ڪريان ڪِيئن، وِينِي ڳوڙها ڳاڙِيان.

٢

پَسُ توشڪُون تَڪِيا، سيئِي وِڇاڻا
پَسِئو (هَنڌَ) پَچِي هِنيُون، جي حَبِيبَنِ هاڻا
هِڪُ ڏُنگا ڏاڏاڻا، ٻِئو مونئو تان نه مَينڌرو!

٣

ڏِجاهُ ڍاٽِيءَ ڍولَ کي، سَنيهو ساري:
'مونکي ڦَٽُ فِراقَ جو تو مينڌرا ماري
اَچِين نه واري، ڪَرَهو ڪَمِيٽِيءَ تي!'

۴

سِگهو مونجُ سُپرين ڪَرَهَلَ کي ڪاهي
سوڍا سُورُ ٽُنهنجو اَندر ۾ آهي
تِنهِ هِنيين سين هاجو ڪِئو، مَنُ ٻِئو مُنجهائي
سوڍَل سِجهائي، مونکي وِئين تون مينڌرا.

٥

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِئو، اُٺُ اوراهُون ڇوڙِ
تو رءَ ڪاڪِ ڪَڙِي ٿِي، ساڻُ سِرڪنڌَ سوڙِ
اَچِي چَندَنِ چوڙِ، ته سوڍا سُڪياڻي ٿِيان.

٦

راڻا رُسَڻُ ڇَڏِ، وارِ ڪَرهو ڪاڪِ تي
حُبَ هِنيين سِين گڏِ، ته وَڃَنِ سُورَ سَنڌا ڪَري.

٧

ڪَرهو ڪَمِيٽِيءَ تي سوڍا وارِ سُڄاڻ
آءٌ ڪُهُ ڪَريان هِنَ ڪاڪِ کي، تَنَ توهِي ڏي تاڻَ
لاهي غيرَ گُماڻَ، اَگڙِ آءٌ اُڪَنڌِيين!

٨

جي نَنڍو تَهان ڪوهُ، وِڪِين آهي وِٽرو
وَڃِئو ڪاڪِ ڪَنڌِينِ ۾، پَهَسِ پَکيءَ ڄِئن پوءِ
اِنَ ڪُڙهِ سَندو ڪوءِ، مَيو مانو نه ٿِئي.

ميڪان= ميخان، ڪليون، جڙُون. لپيٽيون= ورائجي ويڙهجي ويون. ١۴. ڏُوج= ڏوڻُ، مختيار (ڏرتيءَ جا مختيار ۽ ڏٽي). ٻي پڙهڻي: 'ڏاج ڏرتي جا ڏٽي'، جيڪا پڻ صحيح آهي. ڏاج= جيڪي ڏرتي اپائي، سارو سپ اوپڙ، اَنُ وغيره: يعني 'اوپڙ اُپت جا ڏٽي!' سوڍا تنهنجيءَ سٽ= اي سوڍا! تنهنجي سٽ ۽ ڪچهري لاءِ. لاهه مَ هٽ= پنهنجي پناهه جا هٿ مون تان نه ڪڻ. د٦: ١. ميو= سهڻو متارو، اٺ. ميي ۽ مينڌري= ان سهڻي اٺ کي ۽ راڻي کي. ٢. سيئي وڇاڻا= اهي ساڳيا هنڌ پلنگ (جن تي اڳ تون خوش ٿي سمهندو هئين). حبيبن هاڻا= اهي هنڌ پلنگ جيڪي راڻي استعمال ڪيا. ڏُنگا= طعنا، مهڻا. ٣. ڏجاهه= تون ڏجان. اچين نه واري= جيڪر واري نه اچين! جيڪر لاڙي نه اچين! ۴. ڪرهل= اٺ. هنيين سين هاجو ڪئو= هيانوَ کي وڏو سور ڏيئي هٽي هيٺو ڪيو. سجهائي= سَنئي، بيحال ڪري. ٥. اوراهون ڇوڙ= هتي آڻي اٺ تان لهه ۽ واڳ وار. ساڻ سر ڪنڌ سوڙ= سر ڪنڌ (چندن سان به سوڙهي گهٽ آهي (۽ اهو خوشبوءِ ڇڏڻ وارو آهي). اچي چندن چوڙ= تون اچي چندن ماڻ، چندن جي سرهاڻ تازي ڪري. ٦. ڪرهو وار= اٺ واري آڻ، اٺ موٽاءِ. سنتو= ڏنگ، وڇوٽي، وٿي. سنڌا ڪري= وٿيون ڪري، جدا ٿي، پري هٽي. ٧. سڄاڻ= اي عقلمند راڻا! ڪرهو وار= پنهنجو اٺ واري آڻِ (مون ڏي اچ). تن توهِي ڏي تاڻ= منهنجي تن من جي تو ڏانهن ئي تاڻ (ڇڪ، ڪشش) آهي. غير گماڻ= غيرت (مون ۾ شڪ ۽ ڏوهه) وارا گمان. اڪنڌيين= سِڪايلن (جي اڱڻ تي آءٌ). ٨. جي ننڍو= جي عمر ۾ ننڍو آهي ته. ڪوهه= ڪهڙي ڳالهه! ڇا ٿي پيو! ڪهڙو ويچار! وڪين= وڪن ۾. وٽرو= وڏيڪ تکو. پَهَس= پهريائين، سيني ڪان اڳ ۾. ڪُڙهه= پُري، نسب (پشت به پشت ڪُڙهه ۾ سڻي بڻ وارا پاليل گهوڙا ۽ اٺ). مانو= هلڻ ۾ گهٽ، پنڌ ۾ مانو.

٩

آڳون ٻراڪون، سَرڪَنَ شاخُون، جِتِ چوڪا چَندَنَ ڪؤنرَ
مَيي سيئِي ماڻيا، جِت نہ پرنِ پؤنرَ
ڪُنئاريون ۾ ڪؤنرَ، ڪاهِ تہ پَسُون ڪاڪِ جا.

١٠

ڪيڏانہ ڪاهيان ڪَرَهو، چوڌِس چِترَاٽو
مَنجهہِ هين ڪاڪ ڪَڪورَئِي، مَنجهہِ هِين لُڊاٽو
راٽو ۾ راٽو، رءُ راٽي ڪِين ناہ ٿِئو.

١١

ڪيڏانہ ڪاهيان ڪَرَهو، چِترَاٽو چؤڌارَ
منجهہِ هين ڪاڪِ ڪَڪورَئِي، مَنجهہِ هين باغُ ٻَهارَ
ڪانهي ٻِي ٽَوارَ، ٿِئو مِڙوئِي مَيندرو.

١٢

ڪَرَها ڪارَڻِ ڪاهَ، توکي ڏَٽين ڊارئو
ساري ڏيج سَيدُ چَئِي، لُڊاٽي تان لاهَ
مُقابلو مُومَلَ سِين ٿِيندءِ سَنجهہِ صُباحَ
سوڍيءَ جِيءَ صلاحَ، ڪَونرَ چَرندين ڪاڪِ جا.

وائي

مَيو تون موٽاءِ، مونکي رُئندي راتِ وِهاءِ
سائينءَ ڪارَڻِ سُپرين، ميو تون موٽاءِ
گهَرِ مَهارا گهورِيا، سُرَهو مون نہ سُهاءِ
ڪاڪِئان وَجِڻُ ڪيڏهِين راٽا تو نہ رِهاءِ
سَئَمِ ساهيڙِين جا طعنا توهِي لاءِ
سوڍا سُڪياڻِي ٿِيان، پيرَ پَرِچِي پاءِ.

داستان ستون

١

راٽا تہ ڄاڻان، ڪِيئَن وِڏوٽِين وَلَها
اڇي ڪاڪ ڪَندين ۾ پَرِچِي ڏي پاٽا
تہ سوڍِل سِياڻا، ڳُجهہ ڳُرهيان ڳالهڙِي.

٢

راٽا نہ ڄاڻان، ڪِيئَن وڏوٽين وَلَها
پيئِي ڪِهَ ڪَنَنِ تي، ٿِئا پَلنگَ پُراڻا
جايُون گُلَ جَباتَ وَڻَ تو رءُ ڪُماڻا
ڏريائِي ڏُونرا ٿِئا، وَر رءُ وِهاڻا
مَيندرا ماڻا، تو رءُ ڪنديَسِ ڪَنِ سِين.

٣

جيڏيون مُنهنجي جِيءَ سِين راٽي رِڻُ ڪِئو
قَلبُ ڪاڪِ ڪَندِين ۾ پُرزا ٿِي پِئو
ٻُجهان ٻَهرِ وِئو، هنيُون هَنڌِ نہ اڳِئين.

٤

لُونِيَسِ لُڊاٽي، پَسان جو پرينِ ري
جيڏيون جيهائِي ڪي راتِ رُسِي راٽي

---

٩. آڪون ٻراڪون= قسم قسم جون ٻراڪون. سَرڪن شاخون= چَندن لامون، چندن جون ٽاريون. چندن ڪؤنر= چندن وڻ جا گلڙا. ماڻيا= ڪاڏا. پرن= اڏامي اچي ڦرن ۾ ڦيرا ڏين. ڪنئاريون= مومل ۾ سندس سهيليون. ڪؤنر= گل ۽ ٻُور (گلن ٻوٽن جا). ١٠. چتراٽو، چيترَاٽو= چوڌس= چئني طرفين، چؤڌاري. ڪڪوري= ڦٽي رنگن واري ٽي (ان ۾ گل ڦل ڦٽا ۽ رنگين ٿي). راٽو ئي راٽو= جٽ ڪٽ راٽو ئي راٽو آهي، راٽي ڪان سواءِ ٻئو ڪجهہ آهي ئي ڪين. ١١. معنيٰ ساڳي هن ڪان اڳئين بيت واري. ١٢. ڪاه ڪارڻ= وڏي پنڌ واري مسافري خاطر. لاه= ڦيرا، چڪر. سوڍيءَ جيءَ صلاح= سوڍي جي صلاح سان، ڪونر= ڪچڙا ٻُور ۽ گل ڦل. د-٧: ١. ڪيئن وڏوٽين= ڪهڙي ڳالهہ تان ڪاوڙئين. پاٽا ڏيڻ، پاٽو ڏيڻ= منزل ڪرڻ. ڳُجهہ= ڳجهي حال واري (ڳالهڙي). ڳرهيان= توسان پيار سان بيان ڪريان. ٢. ولَها= اي پيارا پتار! ڪِہ= ڪيهہ، دَزَ، سنهي مٽي. جايُون= گلن جو نالو، 'جاءِ جا گل'. جَبات وڻ= (زَباد= مشڪ، خوشبوءِ) خوشبوءِ دار وڻ. ڏونرا ٿئا= (مٽان مٽيءَ سببان) اڇا ٿيا. ڏئونرو رنگ= اڇو رنگ: مومل ٿي چوي تہ: ڳاڙها رتول وِهاڻا جيڪي ڏريائي يعني هڪ جاءِ تي پيا ئي آهن ۽ توڪان سواءِ استعمال ۾ ئي ناهن سي مٽان مٽي پوندي اڇا ٿي ويا آهن. ٣. رڻ ڪئو= وڏي تباهي ڪئي. قلب= هنيون، دل. ٻجهان= ٻانيان تہ. ٻهر وئو= هنيون جسم ڪان ٻاهر نڪري ويو. ٤. لونيس= ساڙيس، جلايس (مون کي ساڙيو جلايو). جيهيائي ڪِي= جهڙي جوڙي (جٽ) ڪئي!

هَلِبو هاٿي، ويرا ڪاڪِ وِهُ ٿي.

٥

ٿَنِ باغنِئُون بَس، جي ڪَنڌِيءَ ڪاڪِ ڪَڪوريا
سودِي رِءَ سرتِيُون ڪاڪِ نہ اچي ڪَس
راڻي پائي رَسُ، ٿَنُ بيڙِيءَ جئن تاڙِيو.

٦

ايندهِين مونئِين مَيندرا، وَڏِي جاڙ ڪِياءِ
وَرَڻُ نہ هوءِ وَلَها، هُندَ جَنِي مون جاڳاءِ
تہ سُتِيءَ جِي ساجاءِ، سوڍا سِکهيائي ٿِئي.

٧

هُئِي جي نہ هُئِي، توءِ راڻو رَنجُ رَکي وِئو
مارِيَسِ اِنهين مامِري، جئن سَيَڪَنهِ ڳالهِ سُئِي
ڪُڻَنَ ساڻُ ڪُهِي، وِئو نِهوڙِي نِنڊَر ۾.

٨

اَڄُ نہ پَسان سي، آٽڻُ ڪِتِمِ جَنِ سِين
هاٿي ٿَنِي ڪي، ڪَنڌِيءَ ڪاڪِ نِهارِيان.

٩

اَڄُ نہ ڳالهائِونِ، هُون ڏيهاڙِي نِجهري
پَسو پَهُ پِئُونِ، آئڻُ سُجو اُنِ ري.

١٠

اَڏِيُون آئڻُ وارِيُون، نِرجا نَڪَ ٿِئا
وَڏِيا تان نہ وِئا، پاڻان موريا مُنهہ ۾.

١١

موري مُنهِ وَڏا ٿِئا، وَڏِئا تان نہ وَڃَنِ
اَڏِيُون اناسَنِ، ٿَنِ ڪوجهَنِ ڪي ڪيئن ڪَريان.

١٢

سِگهو مونِجِ سُپرين، ڪانئِياسِ ڪَرَنِ
ڪُنِيَسِ ڪَلامَنِ، وجهئو وِيڻ وَڃَنِ جي.

١٣

سُٽِي طَعنو تُنهنجو، حالَ وِجايَمِ حَقَ
لَکين لوڏِي آئِيا، سودِي لاٿِمِ شَڪَ
ڏِنمِ ڪاڪِ ڪَهَڪَ، سِگهو مونِجُ سُپرين.

ويرا ڪاڪ= ڪاڪ جي ويرا= ڪاڪ جي پيٽي. وه ٿي= مونکي زهر ٿي ائي! ٥. باغنئون= باغن ڪان. نہ اچي ڪس= ڪش نہ اچي= نہ پانئي، نہ وٽي. رس= وڏو ڏکهو واجهہ جنهن سان ڪنڌيءَ لڳ بيڙي کي ڇڪي هلجي. ٦. جاڙ ڪياءِ= تو جٽ ڪئي. جني= ڪجهہ ترسي. مون جاڳاءِ= مونکي جاڳائين ها. ستيءَ جي= مون ستي جي ساجاءِ (مومل ٿي چوي تہ اي راڻا! تون ايندي ساڻ بنا وڏيڪ سوچ ويچار جي پوئتي وري وئين. اي وَلها! توکي ائين ورڻ مناسب نہ هو. جيڪر ترسي (جَني) ويچار ڪري مون کي جاڳائين (ها) تہ تو کي بروقت خبر پئجي وڃي (ها) تہ مون سان ڪير ستي پئي آهي. ٧. هئي جي نہ هئي= ڳالهہ ائين هئي يا نہ هئي، مومل ميار دار هئي يا نہ هئي. توءِ= تہ بہ. رنج رکي وئو= راڻو مومل مٿان رنج رکي وئو. مامري= اختلاف، غلط فهمي. سيڪنهن ڳالهہ سئي= سيڪنهن ڳالهہ ٻڌي (تہ راڻو مومل تي رنج رکي ويو آهي). ڪُڻن ساڻ= ميار جي 'حرفن' سان (مومل ڏوهاري ڪا نہ هئي پر ميار وارو ڪُٺو مٿس پيو) وئو نهوڙي= وئو برباد ڪري. ٨. آٽڻ ڪتم= آٽڻ ۾ ويهي چرخو ڪتيم. جن سين= جن سهيلين سين. نهاريان= ڳوليان پئي (راڻي جي رسڻ ڪان پوءِ اهي بہ هليون ويون). ٩. ڳالهائون= سندن ڳالهاءِ، انهن سهيلين جو آواز. نجهري= نجهري ۾، گهر ۾. هون ڏيهاڙي نجهري= اهي جيڪي (هن ڪان اڳ) هر روز گهر ۾ ئي هونديون هيون. پہ پئون= ڪو پُور پئونِ، ڏسو جو انهن کي ڪو خيال آيو (= تہ راڻي جي رسامي ڪان پوءِ مومل پاڻ بي حال آهي؛ وٽس ويهي ڇا ڪبو!) ١٠. نرجا نڪ ٿيا= اڻ سُهائيندڙ ڳالهيون منهن (اکين ۽ نڪ) سامهون آيون پر حالت نہ بدلي. تان نہ وئا= تہ بہ اهي (بي لڄائي وارا نرجا نڪ) وئا نہ. موريا= ڦُٽا ۽ وڌيا. ١١. مُنهِ= منهن ۾. اناسن= جيڪي ناسن ڪان سواءِ آهن، جيڪي بالڪل بي لڄا آهن. ڪوجها= جيڪي چڱا ناهن، جيڪي اٺوندڙ آهن. ١٢. ڪانئياس= ساڙياس، مونکي ساڙيو. ڪرن= ڪر ماٺهن، ڪميڻن. ڪلامن= ڪچن ڳالهائن، طعنن مهڻن. ويڻ= طعنن مهڻن وارا ڳالهاءِ. ١٣. حال وڃايم حق= پنهنجا حال ۽ حق وڃايم. حق (بيشڪ) پنهنجا حال وڃايم. سوڍا لاٿم شڪ= سوڍي منهنجا سڀ شڪ لاهي ڇڏيا (مون کي سندس همت ۽ حوصلي جي پوري پڪ ٿي وئي). ڪهڪ= ڪهڪاءِ، چير، ايذاءِ.

١٤

آءٌ طعني سُوڍِي ٿُنهنجِي، مون طعنوئي تون
سو ڪِين سَرِئو مُون، جو سَرَتيءَ ڪَنهِ نہ سَرِئو.

١٥

جان جان ناہ نَصِيبَ ۾ مُومَلَ مَينڌرو
پُونڊءِ، جِمَ پانهِين وَرِين، منجهان پِرت پَرو
راڻي لاءِ مَ رو، ويهُ طعني سِين واڳِجي.

١٦

مُومَلَ ناهي مَينڌرو توڻي مَنجهہ نَصيبَ
مون کي مون حَبِيبَ، تان ئِي طعنو تُنهنجو.

وائي

اَچُئو آتڻ واريون، طعنا ڏِينم تي
راڻو تيلاهِين رُنو، ڪَرَ سِين ڪِلِيمُ جي
مِهڻا تنهنجا مينڌرا، مونکي ڏيهُ سَجوئي ڏي
ڪارايان ڪيرُولِيُون، چاريان چانگي ڪي
پَٽرِ وارَ وِچائيان راڻو جي رِيجهي
ڪِيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، مونکِي سودو
سَجهُ نہ ڏي.

داستان اٺون

١

تون ڍاٽي ڍَٽ ڌَڻِي، تُون راڻو، تُون راءُ
مُومَلَ مُحتاجِيُون ڪَري عاجزِيُون اَڳِياءِ
هُوءِ جي قولَ ڪِياءِ، سي سِگها پاڙِج سُپرين!

٢

تون ڍاٽي ڍَٽ ڌَڻِي، ڍولا ٿُنهنجو ڍَٽُ
پائي ٽُراڙِي توريان تہ مُلڪُ نہ ٿُنهنجو مَٽُ
لاهي ڪَسَرَ ڪَٽُ، اَچِي ڪوڙِ قناتُون ڪاڪِ ۾.

٣

ڍَٽ مَ وَڃِجُ ڍولَ، ڪاٽِياري ڪاڪِ ڪَري
آءٌ اَڳِهِين آهِيان، ٻَڌِي ٿُنهنجي ٻولَ
توکي ساري سُپرين، هنئڙي اچَن هولَ
ٽِڪاٽا ۽ ٽولَ، وِسَهُ مون وِهُ ٿِئا.

٤

ڍاٽِي گهڻا اَچَنِ، رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو
تِنهِ سودي رءَ سَرِيرَ ۾ پِئا دُونهَ دُکَنِ
ڍاٽِي اکڙين، ويلَ نہ ڪِنهِ وسارئو.

٥

ڍاٽِي گهڻا اَچَنِ، مون مَنُ راڻي وَنگيو
ڪاچا لائي مينڌري لالِي ڪي لِڳَنِ
راڻو اکڙين، ڪَنهِين ويلَ نہ وِسَري.

٦

ڪِنهِ جِنهِ پُورَ پَچائِيُون، جِئَن اکيون آبُ نہ ڪَنِ
راڻي جي رِهاڻَ ري وِرُوٽيون وَتَنِ

١٤. سرئو= پلئہ پيو، حاصل ٿيو. ١٥. مومل مينڌرو= مومل کي مينڌرو (نصيب ۾ لکيل ناهي). جم پانهين ورين= متان پوئتي پير ڪرين. پونڊءِ منجهان پرت پرو= پرت مان توکي پرو (ڏس) پوندو. ويهہ طعني سين واڳجي= طعني کي قبول ڪري ويهہ. ١٦. مون طعنوئي تون= مونکي پل تنهنجو ئي طعنو هجي، تون ئي تہ منهنجو طعنو آهين. وائي. تي= تنهن ڪري. ڪرسين= ڪاريندڙ سان. ڪيروليون= ڪيرول وڻ جون ٽاريون ۽ ان ۾ لڳل ڪيروليون، 'ڪيروليون' وليون. پٽر= پٽر ڪري، زمين تي. سَجُهہ= پرچڻ جو وجهہ. د-٨: ١. ڍاٽي= ڍٽ جو رهاڪُو. ڍٽ ڌڻي= ڍٽ جو مالڪ. ڍٽ= ٿر جو چاڇري تعلقي ۽ عمرڪوٽ تعلقي (جي ڀاڱي) وارو علائقو. محتاجيون= تنهنجي محتاجيءَ واريون خدمتون. عاجزيون= عاجزيءَ واريون منٿون ميڙون. پاڙج= پورا ڪج. ٢. ڍوليا، ڍولا= اي ڍولَ. لاهي ڪسر ڪٽ= ڪس ۽ زنگ کي ڪٽ. لاهي ڪسر ڪٽ= ڪاوڙ وارو زنگ ۽ ڪٽ دل تان لاهہ. ڦناٽون= طنبوءَ جي ٻاهران چوڌاري ڪپڙي جون ديوارون. ڪوڙ قناتون= طنبو ۽ قناتون ڪوڙ، منزل ڪر. ٣. ڪاٽياري= ڪاٺ واري، جنهن ڏانهن ڪاٺ هجي، مياردار هجي. هول= ڊپ، خوف. وسِهہ= اعتبار ڪر، چاڻ تہ. ٤. ڍاٽي= ڍٽ وارا. روءِ راڻي جي= راڻي جي صورت وارو، راڻي جهڙو. ڍاٽي= راڻو. ٥. ونگيو= ڦٽو، وڪوڙي قابو ڪيو. ٻي پڙهڻي 'ونگسئو'= ونگيو. اڄان بہ ٻي پڙهڻي: وِنڌسئو= وِنڌيو، من ۾ سوراخ ڪيو ۽ منهنجي من کي محبت جي سڳي ۾ پوئي ڇڏيو. ٦. وِروٽيون وتن= سڪايون گهمن، ويڳاڻيون ٿيو پيون هلن.

سي مُنيُون ڪيئن مَڃَن، جي سوڍي سُوريءَ چاڙهيُون.

٧

سَڄين تہ مان سُورُ لَهي، اکيون پَري پاجهہ
راڻي جي رِهاڻِ ڪي ويڻِي وِجهان واجهہ
سوڍا اِنهِين ساجهہ، پَسُ توشڪُون ٽڪِيا.

٨

ڪَري موٽ مَينڌرو جي لُڏُوڻِيا لالُ
گَهرُ ٽِڙُ مِڙوئي گهوريان، هُونَدَ، پنهنجو حالُ
راڻي ڏاران راڄ ۾، مون نہ گهُرجي مالُ
سوڍي ڪي سَوالُ، ڪَريان تِي قُربَ جو.

٩

حالُ قُربانُ، مالُ قُربانُ، گهوريان لُڏاڻو
مون فِدائِتِي فقير جو رُسِي مَ راڻو
مُيَن سِينَ ماڻو، مُناسِبُ نہ مَينڌرا.

١٠

سِڪي هنيُون سَڌَ مَري راڻي جِيءَ رِهاڻِ
موٽائي سو مَينڌرو، اَللهُ اَگهِڙِ آڻِ
تان مون پَئي نہ ڪاڻِ، صُباحَ وِچ سَرَتِيين.

١١

مون گَهرِ اَچِي جي ٿِئي مَينڌرو مهماڻُ
آنَ نِي جهوڪيان آگِ ۾، جيري وِجهان 'جاڻُ'
تاڻي تُنُورَنِ ۾ پيري هَٽان 'ياڻُ'
پيگَنِ سُوڍو پاڻُ، گَهرُ ٽِڙُ گهوريان پرينءَ تان.

١٢

راڻا رِهاڻِيون، سوڍا ويڻِي ساريان
سَهسِين سِجَ اُلٽا، راتيون وِهاڻِيون
ڪوڙين مون ڪاڻِيُون، ڍولا ڍَڪي آءُ تون.

١٣

نہ وارثُ، نہ وَلهو، نہ سَڱُ، نہ سِياڪو
تو پُڄاڻا سُپرين، آئِم اولاڪو
پانڌيا پاراپو، ڏِجاهُ ڏاڻِي ڍولَ کي.

١٤

سَڱُ تُنهنجي سونُ کِي، اَڳِي هُيَسِ لوهُ
مَتو مَتائِنِ ناهِ ڪو، توبہ پِنان توهُ
ڏِسي واسِي ڏوهُ، ڍولا ڍَڪِ ڍِلائِيُون.

١٥

سَڱُ تُنهنجي سونُ کِي، اَڳِي هُيَسِ رِيءُ
معلوم توکي مينڌرا حالُ منهنجو هِيءُ
ڍولا ڍَڪَڻُ تِيءُ، ڪامِلَ ڪَڄائِنَ جو.

١٦

راڻا تُنهنجي راهَ تي ويڻِي ريليان رَوَ
دوست دِلاسو نہ ڏيين جانِبَ جيڏو جَوَ

٧. اکيون سجين= اکيون ڪٽي نگاه ڪرين. پري پاجهہ= پاجهہ پري= پيار سان نظر ڪري، رهاڻ= پياري وٽندڙ ڪچهري، واجَهہ وجهڻ= وجهہ پيچ جاچڻ، هيلا هلائڻ. ويڻي وجهان واجهہ= ويڻي حيلا هلايان. ساجَهہ= سَجهہ، سهولت، سَبب. توشڪون تڪيا= طعام پلنگ وهاڻا (اي سوڍل! تون ڪنهن سجهہ سانگي اچ ۽ اچي هتي جا عيش ماڻ جيڪي مون تولاءِ تيار ڪيا آهن). ١٠. سڌ مري= سڌ ۾ مري، سڌون ڪري پيو مري. مون پئي نہ ڪاڻ= مون تي ڪاڻ نہ پئي، آءٌ ڪاڻياري نہ ٿيان، مون تي ميار نہ اچي. ١١. آنَ= آءٌ، پاڻپڻو، پنهنجو پاڻ. جهوڪيان= اندر ڪريان، اندر باه ۾ وجهان. تنور= باه جو گُندلو، باه جو مچ. پيري هٽان= واڪي هٽان. 'ياڻ'= يانئڻ، پنهنجو پاڻ ڪي ڪجهہ ڪري يانئڻ، غرور. ١٢. ساريان= ياد ڪريان. رهاڻيون= (تنهنجيون منهنجيون پاڻ ۾) محبت پريون ڪچهريون. الٽا= لهي ويا (رهاڻيون ڪندي). راتيون وهاڻيون= راتيون وهامي ويون (صبح ٿي ويا). ڪاڻيون= ميارون. ڍڪي= پردي پَنِ ۾ رکي، وساري، بخشي. ١٣. ولهو= گهوٽ، پتار. سياڪو= مٽري مائٽري، عزازت. اولاڪو= وڇوڙو، ڏهاڳ. پاراپو= نياپو. ١٤. سون کي= سون ڪَيَسِ. مٿو= چيهہ. توه= رحم ڪرم، احسان، مهر. ١٥. رِيءُ= ريهہ. مَتُ. ڍڪڻ= ڍڪ، پردو. ١٦. ريليان رَوَ= پئي ليٽان، اُٿلان پٿلان (پاڻيءَ جو رو (وهڪرو) پَٽ ريلي ويندو آهي، پَلٽ ڪري ساري زمين مٿان وري ويندو آهي. جئن اٿل وارو پاڻي پلٽ ڪري پيو پَٽ کي ريليندو آهي، تئن مومل بہ جڻ پئي 'رو ريلي'، راڻي جي اچڻ واري واٽ تي بيهي، ويهي، سمهي، اُٿلي پُٿلي). جيڏو جَوَ= جَوَ جيڏو، ٿورو ڪجهہ ذرو.

توڙي سوڍِن سَوَ، تہ بہ مَٽِ نہ تنهنجو مينڌرا.

١٧

توکي مَعلوم مُنهنجِيُون، سوڍا سيئي
آڳانڊو ارواحَ کي آهن اُهيئِي
وِهکَ مون ويئي، پُڇايو پُڇان پَهي.

١٨

کَکوري کاکَ وَهي، راڻا پاڻۀ مَ رَٽ
سوڍا اِيءُ سَربَٽ، نِسوروئِي نِيهَ جو.

١٩

وينِي نِتِ نِهاريَان راڻا تُنهنجو راهُ
موٽائي ماڳِن ۾ آڻيندوءِ اَللهُ
سوڍا تو گُرِ ساهُ، ناٽَ راڻا گهٽا راڄَ ۾.

20

مِيان مَينڌرا موٽ، بَخشِ کَرِ بُڇائِيُون
تون گهٽڻ جو گهوٽ، مون وَرُ تون هِين هيکڙو.

وائي

نيئِي نيئِي ڏيڄ، پانڌِي پرينءُ سَنيهڙو
کالهہ کُمائِئا گُلڙا، سُکا مَتي سيجَ
تو لئي هنجهون هاريان، هِي جي منجهان هيجَ
جئن تو پيرو نہ کِئو، تان مون مُئي سُڻيج.

داستان نائون

١

کِينَ ساڱاهِيمِ سُپرِينَ جاڙُونِ کِيمِ جالَ
سيئي سوڍا کالَ، موٽِي آيِمِ مُنهَ ۾.

٢

کِينَ ساڱاهِيمِ سُپرِينَ جاڙُون کِيمِ جِتِ
سيئِي سوڍا تِتِ، موٽِي مُنه ۾ آئِيُون.

٣

کِينَ ساڱاهِيمِ سُپرِين، جاڙُون کِيمِ جي
سوڍا مونکي سي، موٽِي آيُون مُنهَ ۾.

۴

خاموشِي خَبَرَ جِي، مُومَلَ چَئِي، مون مَتِ
صَبرُ تو سُپَتِ، حَقِ مُنهنجي مَينڌرا.

۵

تو ۾ بَڌِيَسِ تي، جئن مُنهَ ۾ مَديون نہ ڏِيين
ڍولا ڍَکِيئِي جي، سي متان عَيبَ اُگهاڙِيين.

٦

جئن مُنهَ ۾ مَديون نہ ڏِيين، تو ۾ تي بَڌِياس
سوڍا ان سُهاڳَ کي، وينِي واجهاياس
ڍولي ڍَکيِياس، ڏيئي پانڌُ پَناهَ جو.

توڙي سوڍن سَوَ= توڙي سوڍا سَوَ مڙن تہ بہ تنهنجو مٽ کو نہ ٿئي. ١٧. منهنجيون= تنهنجي پيار جي ڪري توسان کيل منهنجيون پيار واريون ڪچهريون. آڳانڊو= آسرو، آڻت. وهک= هک جاءِ ويهڻ، آرام ۽ خوشيءَ. پهي= واٽ سان ايندا ويندا، پانڌي. قاصد. ١٨. کاک= ندي، ککوري وَهي= ککوريل (ذرا ڳاڙهيري) پاڻيءَ سان پئي وهي. ان ۾ جيکو پاڻيءَ وهي پيو سو ککوريل آهي. جڻ هيءَ ککوريل نيهن جو شربت آهي. ١٩. تنهنجو راهُ= رستو. تنهنجي اچڻ وارو رستو. تو گُر= تو وٽ. د-٩: ١. کين ساڱاهير= مون ڌيان نہ ڏنو، مون خيال نہ کيو، مون محسوس نہ کيو، نہ سمجهيو. جاڙون= زوراوريون، ڏاڍايون، مدايون. جال= گهڻيون. کال= کالهہ. موٽي آيون منهن ۾= مون کي سامهون آيون، منهن مقابل ٿيون، مخالف ٿيون. ۴. خاموشي خبر جي= مجموعي طور سان بيت جي معنيٰ تہ: راڻو رات جو آيو ڏٺائين تہ مومل سان کو مرد ستل آهي. کيس اها خبر پئي پر خاموشيءَ سان واپس هليو ويو. هو پوءِ بہ صبر سان خاموش رهيو ۽ اها خبر ٻئي کنهن کي کا نہ ٻڌايائين. سندس انهيءَ خاموشي ۽ صبر ۾، مومل لاءِ هک مت يا نصيحت هئي، تہ راڻي سندس ڍک ڍکيو آهي پر هو پاڻ بہ دانهن کرڻ بدران صبر سان پاڻ کي بي گناہ ثابت کري. ۵. تو ۾ ٻڌيس= تنهنجي محبت ۾ ٻڌجي قابو ٿي ويس. منهن ۾ مديون ڏيڻ= منهن تي مٺايون بيان کرڻ ۽ مهڻا ڏيڻ تہ توهئن کيو ۽ هُونءَ کيو! عيب اگهاڙي سامهون وِڻ ڏيڻ. ٦. تي= تڏهن، تنهن جي کري. ان سهاڳ کي= ان سهاڳ کي جنهن ۾ پتار عيب ڍکي تو. ويني وجهاياس= مون ويني واجهايو آهي (تہ اي راڻا، تون شال پرچين ۽ راضي رهين: من اهو منهنجو سهاڳ سلامت ٿي). ڍولي ڍکيياس= تہ جيئن ڍولو راڻو مونکي ڍکي، منهنجا عيب ڍکي: (ان لاءِ مون واجهايو آهي، موقعي جو انتظار کيو آهي).

٧

ڀائي آيُس پانڌَ ۾ سوڍا سَيِپيئي
ڍولا ڍِڪِجِ اِيِ، مَجُڻَ عيبَ اُپَٽِيين.

٨

ڍولي ڍَڪي آهِيان، هُيَسِ اُگهاڙِي
ڏيئي لِڪَ لاڙِي، ڪَڪَرُ ڪِئائيمِ ڪاڪِ جو.

٩

ڍولي ڍَڪِي آهِيان، هُيَسِ اُگهاڙِي اَڳَ
جوڙِي وچان جَڳَ، ڪڪَرُ ڪِئائيمِ ڪاڪِ جو.

١٠

ڍولي ڍَڪي آهِيان، هُيَسِ اُگهاڙِي اَتِ
پاري پنهنجي پَتَ، ڪَڪَرُ ڪئائيمِ ڪاڪِ جو.

١١

ڍولي ڍَڪِي آهِيان، هُيَسِ اُگهاڙِي آنءُ
رکي پنهنجو نانءُ، ڪَڪَرُ ڪِئائيم ڪاڪِ جو.

١٢

ڪَڪَرُ ڪِئائيمِ ڪاڪ جو، ڏيئي لاڙِي لِڪَ
هاڻي مَتي ڏِڪَ، چَڙهئو تِي چاڳَ ڪَريان.

١٣

سوڍا صَبرُ تُنهنجو، مَرڪُ لَڄايَنِ
’چُپُ‘ سين جي چوَنِ، اَدَبُ ڪِجي اُنِ جو.

١٤

سوڍا صَبرُ تُنهنجو، لَڄايَنِ مَرڪُ
نہ ڪُچَڻَ سِين نڪُ، رءُ رُڪَ راڻي وَڍِئو.

١٥

سوڍا صَبرُ تُنهنجو سَپِني سيڪاري
مُومَلَ جي واري، ڪُهُ جاڻا ڪوهُ ڻِئو.

١٦

سوڍا صَبرُ تُنهنجو سَپِني سُنهائي
’چُپُ‘ سِين چَلائي، چِٽيون جي چُٺَ جيون.

١٧

سوڍا صَبرُ تُنهنجو سيڪاري سَهَسَ
پُڄي تِئان پَهَسَ، مونکي نيئي نَصيب جهَلئو.

١٨

سوڍا صَبرُ تُنهنجو، مُومَلَ مَتِ ٿِئو
تو جو ڪالَهه ڪِئو، تِنه مَديون ميڻي ڇَڏِيُون.

---

٨. هن سٽ ۾ شاعريءَ جي ڪمال سان، اجرڪ جي ’ڪڪر‘ (چِٽَر) کي ڪاڪ جو ’ڪڪر‘ (ابر، بادل) ڪيو ويو آهي. لاڙ ۾ ڪَڪر جي چِٽَر يا ڊزائين واري اجرڪ عام مقبول آهي، ڪڪر جي اها ڊزائين ’لاڙي لِڪ‘ (نقش) واري آهي؛ لاڙي لِڪ سان ڪڪر ڊزائين نهيندي. مومل ٿي چوي تہ: راڻي لاڙي لِڪ ڏيئي مونکي ڪاڪ جو ڪڪر ڪري ڇڏيو (ڪاڪ تي جي ڪر بادل ٿئي تہ جڻ رنگ لڳي ويا! اجرڪ جي ڪڪر ڊزائين بہ لاڙي لک سان رنگ لائي ٿي، نهايت سهڻي ٿئي ٿي). ١٢. ڏڪ= شادي وقت ’ڏڪ وهارڻ‘ جي رسم. ڏڪ چڙهئو= شادي واري خوشيءَ ۾ اچئو. چاڳ ڪريان= انگل ڪريان. ناز ڪريان، مزا ماڻيان. ١٣. صبر تنهنجو= تنهنجي ماٺ (مومل ٿي چوي تہ: اي راڻا، تو مون سان ماٺهو سٽل ڏٺو، پر اِها ڪل ڪنهن کي ڪا نہ ڏنيئي پنهنجو شڪ پاڻ تائين ريئي منهنجو عيب نہ اُگهاڙيئي، منهنجي ڪوجهي ڳالهه ٻئي سان ڪانہ ڪيئي). مرڪ= سُهائيندڙ، نهندڙ، جڳائيندڙ. لڄايئي= لڄايلن لاءِ، جيڪي لوڪ اڳيان لڄي ٿين تن لاءِ. چُپ سين جي چون= جيڪي چپ (ماٺ صبر) وسيلي سمجهائن، جيڪي چپ ۾ رهڻ سان ئي سمجهائن. ١۴. راڻي نہ ڪچَڻ سان، پنهنجي صبر سان، بنا رُڪ جي (بنا خنجر يا ڪاتيءَ جي) جڻ مومل جو نڪ وڍي ڇڏيو، ڪيس لوڪ لڄارو ڪري ڇڏيو. ١٦. سُنهائي= گس لائي، سنئون هلائي. چِٽڻ جون= چوڻ جون، آڏو چِئي ڏيڻ واريون. چِٽيون جي چُٺ جون= اهي جيڪي آڏو چِٽو چئي ڏيڻ واريون آهن، اهي جيڪي سامهون ورندي ڏيڻ واريون آهن، اهي جيڪي بي ادب آهن، ١٧. سهس= سوين. پهس= اڳ ۾، اڳوات. (سٽ جي معنيٰ=) اي راڻا، تنهنجو صبر سَوَن کي تو سمجهائي؛ پر ان صبر ۽ سکڻ کان منهنجي (بد) قسمت مون کان اڳ اتي پهچي ٿي ۽ مونکي (ان سبق وٺڻ کان). جهلي ڇڏي ٿي.

١٩
سودا صَبرُ تُنهنجي ماڙهو کِي مُومَلَ
کُپرَ منجهان کَلَ، پيئِمِ پرين تُنهِنجي.

٢٠
سودا صَبرُ تُنهِنجو بي عَقلَن عَقلُ
آهي اَنگُ اَمُلُ، ماٺِ تُنهنجي مينڌرا.

٢١
موتِي آيو مُنهَ ۾، سودا صَبرُ جَن
سي لَجايُون لَڄَن، پَسِئو عيبَ اڳيَان.

٢٢
پَسِي عيبَ اڳيَان، سودا شَرمايُون
نَڪَ نِرجايُون، موٽِي آيَن مُنهَ ۾.

وائي

مَـينڌرا مـون کـي،
راڻا! ڄمر وِساري ڇَڏِيين
مونکي طعنا تُنهنجا، ڏيهُ مِڙوئي ڏي
مُنهَ ۾ مديون نہ ڏِيين، سِي مون ڏي سِيي
متان عيبَ اُپٽِئين، ڊوهَ جي ڏکَيئي
وِڏم ڦٽُ فِراقَ جو، ڄھَتَ جي ڏري.

داستان ڏهون

١
راڻي جي رِهاڻ مان کو آديسِي آئو
چوڏهينءَ ماهَ چَندرَ جئن کِئو سامِي سَهائو
لَٿو اونڌائو، جوڳِيءَ سَندِي جوتِ سان.

٢
راڻي جي رِهاڻ مان کو آيو آديسِي
ڪٿُوريءَ خُوشبُوءِ سين، وِلاتَ سَڀِ واسِي
سُوڌو سَناسِي، اُتاهِين ٿِي آئِيو.

٣
راڻي ريبارو، تو ڏانهَ مُکو تکڙو
لُڏوٽِيا لَطِيفُ چئي، مانجهي موچارو:
'صُبح سَوارو، کاڪِ گهڙندو کَرهو.'

۴
ٺُٺون نِيَاپو آئِيو راڻي مُلا راتِ
لَڌيسُون لَطِيفُ چَئي، کَنا ڏاتَرَ ڏاتِ:
'کانہ پُڇي تو ذاتِ، جي آيا سي اگهِيَا.

۵
راڻو رَبُ راضِي کَري مانَ وَرائي واڳُ
چَندَنَ سين چڳَ کِئو، مومَلُ لِنبي ماڳُ
سودِي جي سُهاڳَ، ڏِٺُ مِڙيئي ڏِکِئو.

٦
راڻي سندو رُوحَ ۾ پَسو پَڳھُ پُئومِ
بيڙي جيئن ٻَڌِي وئو سودو ساهُ سَندومِ
وِهَڻُ وِهَ ٿِئومِ، جاڳيو ٿِي جَرُ هارِيان.

---

١٩. ماڙهو کي= ماڙهو کئي، ماڙهپي واري کئي. کپر= کُريت (منهنجي)، ريت نيت خلاف منهنجي رَوِش (مومل چوي ٿي تہ: مون کريت کئي جو سومل کي مردانو ويس ڏيئي پاڻ سان گڏ سمهاريم جنهن کي ڏسي راڻو رسي ويو پر پوءِ منهنجو ڏک ڏکيائين. ان مان مونکي سندس اخلاق ۽ عظمت جو پتو پيو (منهنجي کيل کريت جي نتيجي طور مونکي اهو پتو پيو). ٢٠. بي عقلن عقل= بي عقلن لاءِ عقل. انگ (ف. انگبين)= ماکي. انگ= حرفت، چال. ٢١. راڻي سودي جو 'صبر' جن جي اکين آڏو آيو تہ اهي پنهنجن عيبن کي ڏسي لڄ شرم ۾ لڄڻ لڳيون. ٢٢. نک نرجايون= پنهنجيون بي لڄائي واريون هلتون، پنهنجيون بي حيائي واريون لغزشون. وائي. ڄهت جي ڏري مونکي فراق جو ڦٽ وڏو. ڄهت= رخ، لاڙو، محبت. د-١٠: ١. راڻي جي رهاڻ مان= (تصوف جي لحاظ سان) نبي صلعم جي ڪچهري مان، سندس ڏنل تعليم جي چاڻ مان. آديسي= عارف، درويش. سُهائو= روشني وارو ماحول. جوڳي= مُوَحد، عارف. جوت= روشني. ٣. ريبارو= قاصد. لدوٽيا= لُداڻي مان. مانجهي موچارو= چڱو ۽ وڏي طاقت وارو. صبح جو سويرو. کاک گهڙندو= کاک ۾ گهڙندو (هن بيت ۾، 'مومل جي کاک' کي قبر سان روايتي تشبيهہ وارو پس منظر سمايل آهي. ائين لڳي ٿو تہ هن داستان ۾ هن تشبيهہ وارا بيت شاهہ صاحب جڏهن پنهنجي عمر جي آخري ڏينهن ۾ چيا) ۴. ڏات= نوازش، بخشش (جنهن جو آخري سٽ ۾ ذکر آهي). ٦. پڳھ= بيڙي کي تڙ بندر تي ٻڌڻ جو رسو. پڳھ پوڻ بيڙي جو پڳھ جي رسي، سان ٻڌجڻ. جر هاريان= روئان ۽ اکين مان ڳوڙها ڳاڙيان.

٧

جَڳُ جِيھَين چوءِ، سوڍو تِيئن نہ سِڪِيو
راڻو تيئن نہ هوءِ، جئن ڪا لوڪَ لڪَ پَئي.

٨

ڪَثافَتَ جا ڪاڪِ جي سا مَيندري ميڻيام
اوڳُڻَ عيبَ سَندامِ، سَڀَ ڍولي ڍَڪي ڇَڏِئا.

٩

سوڍو سوائِي، ٻئو رُوءِ راڻي جي ناہ ڪو
لُڏُوڙِئا لَطِيفُ چَئي، لالِي تِنہِ لائِي
ڪانهي ٻِي وائِي، ٽِئو مِڙوئِي مينڌرو.

١٠

رُوءِ راڻي جي ناہِ ڪو، سوڍو سَيِنِ سُونہَ
لاتائِين لَطِيفُ چَئي مَتان دِلِينِ دُونہَ
ڪانهي ٻِي وِرُونہَ، ٽِئو مِڙوئي مَيندرو.

١١

سوڍا ٻِئا سُجانَ، پَرَ رُوءِ راڻي جي ناہِ ڪو
نِسوريائي نِيہَ جي ڪَسيائين ڪَمانَ
ڇَڏِي وِئا چوہَ ۾ دَعوائُون ديوانَ
ٻِي رهيائِي ڪانہ، ٽِئو مِڙوئِي مَيندرو.

١٢

پَلاڻِيائُون پَنڌِ ٽِئا، لَڏِيو لَطِيفَنِ
هَتان حَبِيبَنِ، ڪونہ ڏُڪويو ڪَڏهِين.

١٣

جا پُون پيرين مُون، سا پُون مَٽي سَڄڻين
ڏِڱَ لَنبا ڏُوڙِ ۾، اُپِي ڏِناسُون
ڏِينہَ مِڙيئي ڏُون، اُتي لوچِ لَطِيفُ چَئي.

وائي

ويھِي ويھِي سو هرگز هَلِبو،
پانديئـــڙا پَرَ ڏِيھي
ويھِي ويھِي سو البَتَ هَلِبو، ساٿيڙا پَرڏيھي
گڏُ گُذارِيئِي جَنِ سان، ساٿِ نہ هَلندَئِي سيئِي
ڏڙُ لَنيندَئِي ڏُوڙِ ۾، مَتان ڏاڪِين ڏيئي
کِھڙيُون کَپِيُون ڳالھڙيون، اُتِ پَرِ پنجوءِ ويھِي
اِيندَئِي مَلَڪ موتَ جا، ڳالھ ڪَندين تون ڪيھي.

---

٧. لوڪ لڪ پئي= لوڪ کي معلوم ٿي وڃي. ٨. ڪثافت= ميرائي، مدائي. ڪاڪ جي= ڪاڪ محل ۾ ڪيل گناهن جي (طلسم ڪرڻ، ڌوڪو ڏيڻ، ماڻهو مارائڻ وغيره). ٩. سوائي= سوايو، ٻين سيني کان وڌيڪ. لڏوڙئا= (لفظي معنيٰ) لُڏورئي ڪان، لڏاڻي ڪان. (اصطلاحي معنيٰ) ڪاڪ ندي جي ڳاڙهي پاڻي کان، مومل جي ڪاڪ محل کان، مومل جي ماڳ کان. لالي تنه لائي= تنهن عشق جي لالاڻ لائي. ١٠. دونہِ= دونھون، ڪس ۽ ڪاراڻ. ورونہ= پچار. ١١. سجان، سڃاڻ= وڏي ڄاڻ وارا. روءِ راڻي جي= راڻي جھڙو. نسوريائي نيہ جي= بالڪل ئي عشق جي. ڪسيائين ڪمان= ڪمان چاڙهائين (نشان هڻڻ لاءِ). ديوان= وڏا پڙهيا، پختا، اڪابر. ١٢. پنڌ ٽيا= روانا ٿيا، هليا ويا، لڏي ويا، (گذاري وئا، هي جهان ڇڏي وئا). لطيفن= سهڻن سڀاجهن. انهن پيارن سڄڻن جي هتان کو ڪونہ ڏڪويو، ڪنهن کي ڪو ايذاء ڪونہ پهتو. ١٣. پون= زمين. پيرين مون= منهنجي پيرن هيٺان. مٽي سڄڻين= منهنجي سڄڻن جي مٽان جيڪي زمين ۾ پوريل آهن. ڏڱَ= وڏا زبردست طاقتور مڙس. اُپي ڏنا سون= (پنهنجي اکين سان) بيٺي ڏٺا سون. ڏون= ۾ (هڪ ڄمر وارو ٻيو موت وارو).

سُر ليلان

چنيسر ۽ ليلان جو پاڻ ۾ ور ۽ وني وارو رشتو آهي. چنيسر جو ليلان تي پيار ۽ ڪلي طور تي اعتبار آهي؛ ليلان جو بہ پنهنجي وَر سان سچائي وارو ناتو آهي، پر هو خود خيال تي خطاوار ٿئي ٿي. چنيسر سندس خطائون ڍڪي ٿو، تان جو ليلان هار تي هرکي ٿي ۽ ڪونروءَ ڪان هار وٺي ڪيس چنيسر جي پيار ۾ پاڻ سان پتيار ڪري ٿي. اُن تي چنيسر ليلان کي ڏُهاڳ ڏئي ٿو ۽ پاڻ ڪان پري ڪري ٿو. جڏهن ليلان ڏهاڳ ڏسي ٿي تہ پشيمان ٿئي ٿي ۽ منٿون ڪري ٿي تہ من چنيسر راضي ٿئي!

هن سُر ۾، ور ۽ وني واري رشتي جي پيار ۽ اعتبار واري ماحول ۾، ڪانڌ جو وڙائتو ۽ وڏي ڪاند وارو هجڻ ۽ وني ءَ جو هرحال ۾ ور جي اعتماد تي پورو ثابت ٿيڻ واري اعلىٰ فڪر جا اهڃاڻ ڏنا آهن. داسڙو دليون پرکي ٿو؛ متان ڪا ليلان وانگر دل ڏيڻ بدران ٻاهرئين هار سينگار سان پاڻ وٽائڻ جي ڪوشش ڪري!

وصـل تنہ وڃائيو سينڌ سرمي سيئن
سا لوئي ليلان جيئن، مٽيون جنهن مِٽو ڪيو.

داستان پهريون

١

داغُ ٽُنهنجو دائمَا ماري مَعذُوري
سائينءَ ڪارڻِ سُپرين وڇهِ مَر ڏُوري
آءُ تون حُضُوري، تہ مَٽيُون وِجهان مَچَ ۾.

٢

مَٽيُون وِجهان مَچَ ۾، هائِيءَ هَٽان هارُ
پري جي پِتارُ، تہ ميريائِي مانُ لَهان.

٣

هائِيءَ وِجهان هارَ کي منجهان ڪارَ ڪٽي
ڦِڳائِي ڦِٽو ڪريان هَٽِ ساڻُ هَٽي
تو سِين چامَر ٽَٽِي، اڪِليُون اوڇيون ٽِيُون.

۴

مَٽِيُون سو نہ مٽيُون، جو تون پَسي هارُ هرکِيين
اَصُل آهي اَڳِهين سندو کُوڙ کَٽِيُون
اِنَ گهوڙِنِ هَنئي کَهٽِيُون، دوسنِئان دُور ڪِيون.

۵

جو تو مَٽيون پائيو، اَصل کُوڙو ڪَچُ
هِن ڏُتيري هارَ کي تون سوپي پانءِ مَر سَچ
هِتِ ٻَلهيون ڪَرِين ڪَچُ هُتِ حرفُ نہ هلنئي هيڪڙو.

٦

مَٽيُون هارُ هَٽِي، پَلنگَ سِرَ پِٽُون ڪَريان
جِنه تان چِٽُ ڪَٽِي، وِئو وِيندڙِيارو وَلهو.

٧

مَٽيين اُتي موهِجي چَرِئو چِٽُ ٽِئوءَ
هارُ ڪَٽِي هوڏُ مان ڪُڄاڙو سَرِئوءَ

د-١: ١. معذوري= هي معذوري (ليلان)، هي معذرت واري، ڪاٽياري، خطا وار. سائينءَ ڪارڻ= ڏٽيءَ جي واسطي. دوري= وڏي وٽي، وڇوڙو. حضوري= 'حضور' ۾ ويندڙ، وڏي درجي وارا. مٽيون= هار. ٢. هائيءَ هٽان= هائيءَ ۾ هٽان، هاجي ۾ هٽان. (هائي= حاوي) باهہ ۾ وجهان. پري= راضي ٿئي. پتار= ليلان جو پتار چنيسر. ميريائي= باوجود انهيءَ جي جو ميري آهيان، ميري هوندي، گنهگار هوندي. ٣. منجهان ڪار ڪٽي= خارَ مان ڪٽي (هائيءَ ۾ وجهان)، وڏي ڪاوڙ مان ڪٽي. ڦڳائي ڦٽو ڪريان= اڇلائي ڦٽو ڪريان. ٽٽي= ٽٽڪي، چڪ چڪان ڪري، توسين ٽٽي= توسين ڪشومت ڪري. اڳليون= ميريون، (اصطلاح طور هت معنيٰ) ويچاريون نماڻيون (جيڪي اڳ توکي ويجهو هيون). اوڇيون= ڏاريون ٿيون، دور ٿيون، اجنبي ٿيون. ۴. "مٽيون سو نہ مٽيون"= "هي مٽيو اهو (قيمتي مٽيو) ناهي". هرڪيين= سڏائتي ٿي پئين، جو تون ان لاءِ سِڪينءَ. ڪٽيون= ڪٽو، ننگ، ٻڙو. کوڙ ڪٽيون= کوڙ جو ڪٽو، کوڙو ٻڙو. گهوڙن هنئي= (اصطلاح) ماريي، نياڳي. ۵. ڏيترو يا ڏُتارو هارُ= ڏُتو، ڏوکو ڏيندڙ. ٦. پٽون ڪريان= ذرا ذرا ڪريان. وِيندڙيارو= مُندِيءَ وارو. ولهو= گهوٽ. ٧. موهجي= هرکي. ڪجاڙو سرئوءَ= چا وريوءَ، چا پلٽ پيوءَ.

اَڳھن اَنگُ وِنگوءِ، آيَءُ ڏنءُ ڏُهاڳَ جو.

٨

مَٽيين اُتي موهِجي هاري ڳيڙُءِ هارُ
ڪوڙيين ڪَيا ڪيتَرا اِنهين خَرَ خُوارُ
پَري وِئوءِ پَتارُ، آيِئي ڏنءُ ڏُهاڳَ جو.

٩

مَٽيين اُتي موهِجي، هارِي پاٽِئي هَسُ
تو پانيو مون سين هُوندا راڳَ رِهاٽِيُون رَسَ
وَري ويئي وَسَ، تي آيوءِ ڏنءُ ڏُهاڳَ جو.

١٠

مَٽِيين مَتي موهجي، مُوڙهِي ڪِيوءِ مَرَڪُ
چَئي چَنيسَرَ جامَ سين وِڏوءِ وڏو فَرَقُ
وَري وِئو وَرَقُ، آيِئِي ڏنءُ ڏُهاڳَ جو.

١١

مَٽيين مَتي جي هُئا تَن چَنرِن قيرِيَمِ چِٽُ
'هارُ ڪَنيندِيسِ' هوڏ سِين، ڪِين نيبهُ تيندُمِ نِٽُ
ڪُونروءِ جو ڪِرِٽُ، مُونهان مَتاهُون ٿِئو.'

١٢

جيڪَرَ پانيَان اِيئن، تہ ڪو دِلِ مَنيندو داسَڙو
تہ سُوڙهہَ لَڳندي سِينئن، هُوندَ هَٿين هارُ نہ جهَلِيان.

١٣

هُيَسِ گَهَٽو هُشيَارُ، پر ڪَلَ نہ پييَمِ ڪانڌَ جي
مُون پانيون موچاري ٿِيان هنيين وجهي هارُ
ڪانڌَ ڪُوڙيءَ جو نہ وٽيو سَئين پَتين سينگارُ
وَهمُ لَهي وِينجهارُ، تو دِليُون پَرڪي داسَڙو.

١٤

ساهيڙيون ۽ سَرَتِيُون ڪِلَن سَڀِ مَتامِ
چِڪُسِ ڪَمَ سَندامِ، جُونا ڏِنا جيڏِيين.

١٥

ٽِڙڪِي پَسِي ٽوڪُ، تِرِڪِي تَڪَبرِ پَئِي
اَچئو اَچئو 'اَڳلِي' چَئِي لِيلان ڪي لوڪُ
اَندرُ اوِيالَن سِين ساڙي ڪِئاٿُونسِ سوڪُ
ٻالاپَڻَ جو ٻوڪُ، وِئو ويچاريءَ وِسَري.

١٦

چَنيسَرُ چَوڙنگُ، ٻہ-رَنگو لوڪُ ٻِئو
تِنهِ سِين چَنئو سَنگُ، وَجئو هارَ هَٽَ چُهِين.

١٧

چَنيسَرَ جي چِٽَ ۾ ڪِين جو اَڳَ هُئو
تِهان پوءِ ٿِئو، مَٽيين سَندو مامرو.

١٨

ڏاهِي هُيَسِ ڏيهہَ ۾، سَرتِينِ مَنجهہِ سُجاڻِ
ڪا جا پييَمِ ڪاڻِ، جِئن مُنہُ مَتاهُون نہ ڪَٽان.

١٩

اَللهَ ڏاهِي مَ ٿِيان، ڏاهِيُون ڏُکَ ڏِسَنِ

وِنگوءِ= مُڙيل، ڏنگو اُلٽو (تنهنجو). ٨. ڳيڙءِ= ورٽئہ، ونٽئہ. پري وئوءِ= ڦري ويوءِ، ڪاوڙجي ويو. ڏنءِ= وڏي ساڙيندڙ جلائي ڇڏيندڙ باهہ. ٩. هاري= موڳي، نياڳي، وري ويئي وس= پاڻي مٿان وري ويو. ١٠. موڙهي= مُندل، چري. چَئي= آڏو ڳالهائي، منهن ماري ڪري. وري وئو ورق= پنو اٿلي وئو، ڀاڳ ڦٽي وئو، چنيسر توتان دل ڪٽي وئو. ١١. مٽيين مٽي= هار تي، هار جي وچ واري مٽيي تي. هوڏ سين= سَٽي ۾، سودي جي داءَ ۾. ڪين= (ٻولي آهي) ۽ پڻ، اجا ڪجهہ وڌيڪ. نيبه تيندم= منهنجو ٿيندو ۽ مون ساڻ ئي هوندو. ڪرت= عمل، ڻاهہ. ١٢. دل مٽيندو= (مون ڪان) دل ڦيرائيندو. سُوڙهہ لڳڻ= وڏي سختي لڳڻ. هار نہ جهليان= (ڪونروءَ ڪان هار وٺي) پنهنجن هٿن ۾ نہ ڪريان. ١٣. هنيين وجهي= ڇاتيءَ مٿان پائي. سئين پتين= ڪيترن ئي طرحن وارو. وهم لهي= پَهہُ پروڙي، خيال پرڪي، رخ پروڙي، ويچار ڪري. وينجهار= وڏو پارکو، وڏو داناءِ. ١٥. ٽڙڪي= ٽاٻو ڪاڏائين. ٽوڪُ= قيمتي شيءِ، هار. تِرڪي تڪبر پئي= ليلان ترڪي تڪبر ۾ پئي. 'اڳلي' چئي= لوڪ اچئو ليلان ڪي ميري مَدِي چئي. ٻالاپڻ جو= ننڍي هوندي وارو. ٻوڪ= شوق، خوشي. ١٦. چؤ رنگ= چئني طرفن ڪان سهٽو، چئن رنگن وارو سهٽو. ٻہ رنگو= ٻہ رنگ رکندڙ، ٻيائي وارو. سنگ= سنگت، ناتو. وجئو هار هٽ چهين= وجئو هار کي هٽ وجهين.

مون سِين مون پرينِ، پورائِيءَ ۾ پالَ ڪِئا.

وائي

اَگلِي آئُون، ڏولا مون نہ پَروڙِئو
خاوَندُ گنئي خطائُون، ڏولا مون نہ پَروڙِئو
چَنيسَرَ جي راجَ ۾ لَکين لِيلائُون
اُپيُون سي اَدَبَ ۾ بَڌئو اوءِ ٻانهُون
ڏولي تيلاهِين ڏيِلِي جيلانہ اَگلِي آئُون.

داستان ٻيو

١

وڏيرِي هُياسِ، چَنيسَرَ جي راجَ ۾
ڌُهلين دَمامين نَفِرين پَرَ ۾ پُڇِيياسِ
جيلاہ ڏولي ڏيلياسِ، تي ٿِيَسِ ڏُهاڳِڻ ڏيہَ ۾.

٢

وَڏيرِي هُياسِ، ميڙو مون گَرِ سَرِتِيين
هَٿِ ڇُهڻِ سِين هارَ جي ڪَڙي ڪانڌِ ٿِياسِ
ڏولي ڏيِلياسِ، آيَمِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

٣

آيَمِ مَنجهِہ ڏُهاڳَ، سَندا جوبَنَ ڏينهَڙا
مٽيين سَندي ماڻِري لَکين ڀَڳا لاڳَ
آءٌ سِڪان ڪي سُهاڳَ، تان پِرين پَهاڳُ ئِي نہ ڪَري.

٤

چانڪَ چَڙهنديَسِ گَٿ تي، رِيجهائِينديَسِ راءُ
اِهڙوئِي اللهُ، جو پورهيتُون پيشِ ڪَري.

٥

جو تو پانيو هارُ، سو سُورَنِ سَندو سَڱڙو
چَنيسَرُ چِتُ ڪٽِي، ٿِئو پورهَتِ جو پارُ
اوٽِتِ جو آچارُ، ڪانڌُ ڪَنهين سِين نہ ڪَري!

٦

چَئِي چنيسَر جامَ سِين لِيلان تون مَ لَڪاءِ
دوسَت تُنهنجو داسَڙو ڪانڌِ وَڏيائِي ڪاءِ
ڏولو ڍَڪُ سَندياءِ، عَيبَن ڪي آڏو پَئِي.

٧

چَئِي چَنيسَرَ جامَ سِين لِيلان لَڪاءِ مَ تُون
ايءُ ڪانڌُ ڪِنہِ جو نہ ٿِئي، نَڪا مُون نہ تون
رُونديُون ڏِنيون مُون، اِنَ دَرَ مَتي دادِليُون.

٨

ليلان جِمَ لَڪائِيين سوپِي ساڻُ سُجاڻُ
آهِيين گهڻو اَجاڻُ، مَچڻُ پُوري نہ پُئين.

٩

لِيلان جِمَ لَڪائِيين، چَئِي چَنيسَرَ ساڻُ
وَرَ سِين وِڙهئو اُٿيين، مُوڙهِي مُنُہ پاڻُ

پورائي= اڻ ڄاڻائي، ناداني. پال ڪئا= وڙڪيا، احسان ڪيا. وائي. ڪنئي= ڳمي، بخشي. ڏيلي= ڏلو ڪيو، گهڻ ڪيو. د-٢: ١. پر ۾ پڇيياس= مون کان راز ۾ ٿي پڇيو ويو: پنهنجيءَ پَر ۾ آءٌ پڇي ٿي وييس. ڏيلياس= مون کي ڏيلي ڇڏيو، مون کي گهڻ ڪري ڇڏيو. ڏهاڳڻ = بي سهاري، گهڻ مان واري، ڌڪايل. ٢. مون ڳر= مون وٽ. هٿ ڇهڻ سين= هٿ لائڻ سين. ڪڙي ڪانڌ ٿياس= ڪانڌ کي ڪڙي ٿياس. ٣. جوانيءَ وارن ڏينهن ۾ مون کي ڏهاڳ مليو. (اڳين غير اسلامي رسم موجب مڙس زال کي طلاق بدران ڏهاڳ ڏيندو هو: ڏيڻ وٺڻ بند ڪري پاڻ کان پري ڪري ڇڏيندو هو، هوءَ ڏهاڳڻ سڏبي هئي ۽ سماج ۾ ڌڪيا ڏينهن گذاريندي هئي.) لاڳ= شوق، سهج سينگار چاھ واريون خواهشون، لاڏ ڪوڏ. پهاڳ= رضامندو، پيار وارو پرچاءُ. ۴. چانڪ= چوان تہ ڪڏهن. پيش ڪري= اڳتي ڪري، شان مان وڌائي. ۵. چِتُ ڪٽي= دل مڃي. ٿيو پورهيت جو پار= ڳَتڻ واري (ڪونرو) جي طرف ٿيو. اوٽت= ناراضگي، رنج. آچار= معاملو، فيصلو. ڪنهين سين نہ ڪري= شال ڪهين سين نہ ڪري. ٦. چئي= آڏو جواب ڏيئي. م لڪاء= پاڻ پٽرو نہ ڪر. ڪاند= وڏي سَهہ، وڏو صبر. وڏيائي= گهڻي وڏي. ڪاند وڏيائي ڪاءِ= وڏي سهہ ۽ صبر وارو آهي، گهڻو سهندڙ آهي، گهڻو غم ڪائيندڙ آهي. ڏولو= سهڻو دوست (چنيسر). ڍَڪ سندياءِ= تنهنجي پرده پوشي ڪندڙ آهي. آڏو پئي= آڏو اچي ڍڪي، ڪلڻ کان بند ڪري. ٨. جم لڪائيين= متان پاڻ لڪائين، متان پاڻ کي پٽرو ڪرين. سوپي= اي بختاور! ساڻُ سجاڻ= سڄاڻ سان، وڏي سمجهدار (چنيسر) سان. مچڻ پوري نہ پُئين پوري نہ پوين، پهچي نہ سگهين. ٩. چئي= ڳالهائي. آڏا جواب ڏيئي. موڙهي= اي موڳي، اي منڌل. مُنُہ پاڻ= تو پاڻ کي منو

پوري ڪِيئِہِ پاڻُ، تي آيَہِ ڏنءُ ڏهاڳَ جو.

١٠

لِيلان جِمَ لَڪائِيين، ڇَڄي چنيسر ساڻُ
تو جو پانيو پانهنجو سو رِيساٽو راڃاڻُ
پاٽان ڏارَ پَرِياڻُ، ڪانڌَ ڪِنهِ جو نہ وَٽي.

١١

ڇَڄي چَنيسَرَ جامَ سِين لِيلان لَڪايوءِ
تو جو پانيو پانهنجو تِنهِ جو پَرو ڪونہ پيوءِ
ڳونروءِ ڪانڌُ سندوءِ، دَستِ ڪِئو داسڙو.

١٢

لِيلان لَڪَڻَ پانهِنجا سارِج سَيئِڙي
وَرَ سِين وِڙهئو اُٿِيين ڏوراپا ڏيئِڙي
ڪُہُ ڄاڻان ڪيهِي، چَنيسَرَ جي چِتَ ۾.

١٣

هُلِي هارُ وِئو، ٽِئو ڀَهانو بوڃَ جو
وَرَ تو وِلهِي ڪَرين ڏوراپا ڏِئو
هَٽان مُون پِئو، تُون ڪَمِين نہ ڪانديلا پِرين!

١٤

لِيلان لُڄُ مَ ايترو، اُتِي اَگَڻُ سُورِ
اَبو ڏاڏو گهورِ، پاڻُ سُوڏو پِرينءَ تان.

١٥

لِيلان لُڄُ مَ ايٽرو، ويئِي ڳالهِہِ هَٿا
چَنيسَرَ ڪانڌا، ڪونہ پُنو تو ڪاڄڙو.

١٦

سُتي خوابُ لَٽومِ، ڇان هُيَسِ هوتَ حُضُورَ ۾
گهَٽيون گهُمندي ڊولَ سِين، ٽُٺون نِيہُ لڳومِ
ڄاڳي ڄان ڏِٺومِ، تان پاٽان ڦِٽُ فِراقَ جو.

١٧

پيئَرُ پِنيءَ راتِ، مُون چَنيسَرُ چِتَ ۾
سُتو لوڪ نِنڊُون ڪَري، مُون پريان جي تاتِ
سَڄَڻُ سِينءَ پرِياتِ، مَنان مُورِ نہ وِسَري.

١٨

پيئَرُ پيرِئو داسڙو، چَنيسَرُ ڇَڄي
هِيءُ جو ڏِنيُ ڏهاڳَ جو سَگهان تان نہ سَهِي
مون ڪان تان پَئِي، تون ڪَمِ ڪانديلا سُپرين.

١٩

عَيبَ نہ اڇَڻُ ڏِينِ، مونکي مون پِرينِ ڏي
اَڳِئان اڪينِ ساٺُهان اُپائِي آهِينِ
اَوگُڻَ پاسي ٽِئِينِ، تہ ڊولا ڪِنهِ ڍَنگِ ٿِيان.

پاڻُ= (پاڻ کي ڪجھ ڪري) پانئڻ، غرور. ڏنءُ= (وڏي باه جيڪا سڀ ڪجھ ساڙي ڇڏي)، وڏي ساڙي واري سختي. ڏهاڳ= (چنيسر) پتار جو توکي گهر مان ڪڍي ڇڏڻ، توکي ڏهاڳ ڏيڻ. ١٠. جم لڪائيين= متان پاڻ کي پڌرو ڪرين. ريساٽو= ريس وارو، غيرت وارو، تنهن ريس ڪئي، تنهن کي غيرت آئي. راڃاڻ= وڏو راڃيو. پرياڻ= پار پتو، لاڳاپو. ١١. لڪايوءِ= تو لڪايو، تو پاڻ کي پڌرو ڪيو. پرو ڪو نہ پيوءِ= توکي پتو ڪو نہ پيو. دست ڪئو= هٿ ڪئو، پنهنجي هٿ ڪيو، پنهنجو ڪيو. داسڙو= چنيسر. ١٢. لڪڻ= لڇڻ. (هٿ معنوي لحاظ سان)= ڪلڇڻ. ١٣. هُلي وئو= مشهور ٿي وئو. هُلي هار وئو= مشهور نالو هار جو ٿي وئو تہ 'هار' جي ڪري ليلان کي چنيسر ڏهاڳ ڏنو. ٽئو ڀهانو بوڇ جو= انهيءَ ٻُچان جو ڀهانو ٽئو (پر حقيقت ۾ چنيسر کي ٻي ڪا ڪاوڙ هئي، جو ليلان کان ٻيون بہ خطائون ٿيون). ولهي ڪرين= سچي ڪرين، (پاڻ کان پري ڪري مونکي) اڪيلي ڪرين. ڏوپالا= ميارن وارا طعنا. ڪمين نہ= هوند صبر سان نہ سَهِين! ور= اي پتار. ڪانديلا= وڏي ڪانڌ وارا، وڏي سَهہ وارا. ١٤. اتي اگڻ سور= اتي اگڻ ٻهار (۽ چنيسر جي اڇڻ جي اميد رک). گهور= گهوري ڇڏ، قربان ڪر. ١٥. ويئي ڳالهہ هَٿا= تنهنجي هٿان ڳالهہ وئي، توکان خطا ٿي وئي. ڪانڌا= ڪانڌ وٽان. چنيسر پتار وٽان. تو ڪاڄڙو= تنهنجو ڪاڄ= تنهنجو ڪم راس نہ ٿيو. ١٧. پنيءَ رات= ٽريءَ رات، وِهاٽيءَ رات. ١٨. پيرئو= موٽايو، ڦيرايو (پنهنجي ان راءِ تان جو هو مون کي ڏهاڳ تو ڏي). چنيسرُ ڇئي= چنيسر کي ڇئي، چنيسر کي سمجهائي مڃائي. ڪم= سَهہُ، بخش ڪر. ڪانديلا= وڏي ڪاند وارا، وڏي سَت ۽ صبر وارا. ١٩. اوگڻ= ڪلڇڻ، مدايون. پاسي ٽين= پري ٽين. ڪنهن ڍنگ ٿيان= ڪنهن چڱي حال ۾ ٿيان.

وائي

مونکي وَرَ وَرِي، وارو ڏئين وَلَها
توکي ساري سُپرين آءٌ پُنديس ماڳِ مَرِي
توکي سَري سُپرين اسان تان نہ سَرِي
مُنهنجي تو ريءَ ناھِ کا ڳُجهاندَر ڳَرِي.

داستان ٽريو

١

چَنيسَرَ سِين چاڳُ، مَتان کا مُنڌ کَري
جان مُون پوءِ پَروڙِئو تہ هِيءَ نہ ماٿي ماڳُ
ڏمِرئو ڏُهاڳُ، سِگهو ڏِئي سُهاڳڻين.

٢

چَنيسَرَ سِين چاءُ، مَتان کا مُنڌ کري
کانڌ کِنہ جو نہ وَٽِي گيرَبُ ۽ گاءُ
جي ٽِڙي ٽورَڙياءُ، تہ توڙِ ٽَڙائي داسَڙو.

٣

لَکين لِيلائُون، چَنيسَرَ جي راڄَ ۾
ٻِيُون سِيئي سَگلِيُون، آگلي آئُون
صِدقَ صَدائُون، کهڙيون کَريان ٿَنِ سِين.

٤

کارا کَري کيسَ، مَتان کا مُنڌ وِرِسي
ڍولُ پَراهي ٿَنِ کي وِلَها جَنِي ويسَ
پَسي نہ لالَ لِبيسَ، ٿو ڍِليُون پَرکي داسَڙو.

٥

وَصُلُ تِنهِ وِجائِيو سِينڌِ سُرمي سِيئَن
سا لُوٺِي لِيلان جِيئَن، مَٽِيون جِنهِ مِٺرُ کِئو.

٦

ڏُهاڳَان سُهاڳِڻِيُون سَيِيئي کَنبَنِ
کوه جاڻان کي کَنِ، وارو ڏينڊو وَلَهو.

٧

ڏُبَرِيُون ڏُهاڳِڻيون، ميرا مُنہَ سَندانِ
ويهي وَرُ سيٽانِ، کانڌ نہ اوريو کَڌِهين.

٨

ڏوري لَهہُ ڏُهاڳُ، جِنهِ کَرَلاهُو داسَڙو
گهورِئو سو سُهاڳُ، جِنهِ ۾ پَسِين پاڻَ کي.

٩

ڏمرِيوئِي ڏَسِ، حيلو هُنهين هارَ جو
سُٽو سَبِ سُهاڳِڻِيُون، اِيءُ وَرُ نہ کَنهين وَسِ
دَعويٰ پِهرين ڏَسِ، پَجِئو تو پورا کَري.

١٠

جي کارُون آٽيين کانڌ کي، تہ روئِي ريجهائيج

وائي. ولها= اي گهوٽ. وارو ڏئين= اڳتي ڪرين، وَڌائين. ڳري= ڳلي، گهٽي، واھ. د-٣: ١. چاڳ= حجت واريون خوشيون، چلولايون. هيء= اها جيڪا اهڙو چاڳ ڪري. نہ ماٿي ماڳ= جاءِ تي ڪنهن هڪ ڳالھ تي هميشه نہ رهي. ڏهاڳ= رَناپو. سهاڳڻين= سُهاڳڻين کي. ٢. چاءُ= چاھ، چاهت. گيرب ۽ گاء= خودي ۽ غرور. ٽڙي ٽورڙياء= ٽورڙي ڳالھ تان مٽجي. ٣. صدق صدائون= صدق واريون صدائون، سچائي واريون ڳالهيون، سچائي واريون دعوائون. ٤. کيس= وار. کارا ڪري کيس= پنهنجا وار کارا ڪري، پاڻ کي سهڻو ڪري سينگاري. ورسي= ڀُلي، ڀنيولجي، وَهم ڪري تہ آءٌ ڪا شيءِ آهيان. ڍول= ڍوليو (چنيسر). پراهي= پهرائي، ڍڪائي. وِلها= ڪُهيا، ميرا گدلا، ڇنل ڦاٽل. لال لبيس= رنگين لباس. ٥. وصل= محبت جي گڏجاڻي. سينڌ سرمي سين= هار سينگار ڪرڻ سببان. لوٺي= ڌڪار جي وئي، مهڻي هاب ٿي. مَٽيون= هار. مِٺر= ماٺڙ، عزيز. مٺر ڪيو (اصطلاح طور)= پيارو ڪيو. ٦. وارو ڏيندو= پنهنجي پيار ۾ وڏي درجي وارو ڪندو. ولهو= گهوٽ. ٧. ڏهاڳڻيون= جن کي ڪانڌ ڏهاڳ ڏنو، پاڻ کان پري ڪيو. سيٽان= ساٽن، اُنهن سان. نہ اوريو= پيار ڀريون ڳالهيون نہ ڪيون. ٨. ڏوري لھ ڏهاڳ= ڳولي لھ. اهو ڏهاڳ. جنهن ۾ چنيسر پاڻ. ڪرلاهو هجي= ڪر لهندڙ، خبر لهندڙ هجي. پسين پاڻ کي= تون رڳو پنهنجو پاڻ کي ئي ڪجھ ڪري سمجهين. ٩. ڏس= سُڻاءُ، ان جي ائين سڃاڻپ ڪراءِ تہ هو وڏي ڏمر وارو آهي. حيلو= بهانو (اهو بهانو تہ هو ليلان سان هار سببان ڏمريو پر حقيقت ۾ هو سدائين ڏمر وارو آهي). پهرئين دس= پهرئين دس ۾، پهرين سنبت ۾ (دهل جي وڏي وڄت جو نالو 'دس'. شاديءِ ۾ 'دهل جو پهريون دس'، ٻيو دس...). ١٠. کارون آٽيين= حيلا ڪرين (پرچائڻ جا)، عاجزيون ڪرين.

سوبي اِنَ سُهاڳَ کي پوري پُرُ مَ ڏيج
لِيلان لِيلائيج، اِتَ آهي ماڳُ مِنٿَ جو.

۱۱

جي لِيلائي نہ لَهين تہ پُڻُ لِيلائيج
آسَرَ مَ لاهِيج، سَجڻَ سَباجها گهڻو.

وائي

مُون نِماڻِيءَ کي يا اَللهُ، ڍولو مَ ڍيلي
ڍولو ڍيلَڻَ سَنديُون، وايُون وَرُ کَري
پائي عَيبَ پَلئہ ۾، تو دَرِ آيَسِ تي
ڍولا ڏَکَڻُ جي تِئين، لوئيءَ لَڄَ رَهي
ڪَونُروءِ جِهڙيُون ڪيتَريُون لَکين لالَڻَ کي.

داستان چوٿون

۱

اوڳُڻَ ڪَري اَپارَ، تو دَرِ آيَسِ داسَڙا
جِئَن تو رُسَڻَ سَنديُون رُوحَ ۾ تہ مُون پيٺِي ناهِ پَتارَ
سائينءَ لَڳِ سَتارَ، ميٺِ مَدايُون مُنهنجِيُون.

۲

تان ڪا وائِي وارِ، دِلاسي جي داسَڙا
تون منهنجو وَلهو، آءٌ تو ۾ طمعدارِ
ڏِکي ڍولَ گُذارِ، لَڄَ منهنجي لوڪَ ۾.

۳

ڍولا ڍيل مَ مُونِ، ڪانڌَ ڪَميڻِي آهِيان
سِڪَ تنهنجيءَ سُپرِين پيري وِڏِيَسِ پُون
مون وَرُ ٿُون هِين ٿُون، تو وَرَ وَهُون ڪيتريون.

۴

ڍولا اولا نہ سَهان، آڏا اَڏِيئِي جي
تو وَرَ وَهُون ڪيتَريُون، مون وَرُ تون وَري
پِرتان پيرَ پَري، ڏُکِيءَ کي ڏِسيجُ تون.

۵

ڍولا ڪُجاڙِئا، ٻولايو ٻوڏ چَئين
آءٌ تو پيراندِئا، ڪَرَ موڙِئو وَرَ اُتِيان.

۶

هِتي هُتِي تون، آهِين سُونهون ساٿَ جو
اِي گناهُ نہ بَخشِين مون، جِئَن ڏٺِي آهينمِ داسَڙا!

۷

ڪوڙين ٿُنهنجيون ڪامِڻِيُون، تون ڪوڙين سَندو ڪانڌُ
مونکي ڇَڏِ مَ داسَڙا، تہ وَجان نہ وِٽاندَ
مون ڪِڇِيءَ ۾ پاندُ، تو چَنيسَرَ هَٿَ ۾.

۸

تون ڪونيين، تؤن ڊوهيين، ڏيين تون ڏهاڳُ
دوستَ ٿُنهنجو داسَڙا دِلِ اندر مون داڳُ

سوبي= اي بختاور! پرم ڏيج= ان سهاڳ تي پر نہ ڏج، زور نہ پرج. ليلائيج= پئي ارداسون ڪج، پئي ٻاڏائيج. اٿئي ماڳ منٿ جو= اهو ماڳ ئي منٿ جو اٿئي، اتي منٿ ۽ زاري کان سواءِ ڪو حيلو ڪونہ هلندو. ۱۱. ليلائي نہ لهين= ليلائڻ سان پنهنجي مراد نہ لهين. آسر= آسرو. د-۴: ۲. وائي وار= ڳالهہ ڪر، هائو ڪر (پرچڻ ۽ راضي ٿيڻ جي، دلاسي جي). ولهو= گهوٽ، ور. طمعدار= پلائي جي اميد رکندڙ. ڍکي= خطائون ڍڪي. گذار= پوري ڪر، پُوري ماڻ واري ڪر. ۳. ڍيل مَ= پري نہ ڪر، ڌڪار نہ. پيري وڏيس پون= پيري هنيس پون، مون کي ماري زمين داخل ڪري ڇڏيو. وهون= ڪنوارون، زالون. ۴. اولا= ڍڪ، پردا. ۵. ڪجاڙئا= ڇا جي ڪري، ڪهڙي سببان. ٻولايو= ٻولائي، چتائي. ٻوڏ چئين= 'ٻوڏ' وارو ڪارو ويڻ چوين (ٻوڏ!= پاراتي جو لفظ، معنيٰ تہ 'وجي ٻڏ'). ڪر موڙئو= ڪر موڙي، آرس ۾ اچي، آڪيڙ پيچي. ۷. ڪوڙين= ('ڙ' هينان زير سان، توڙي بنا زير جي پڙهڻ صحيح ٿيندو) (الف) ڪوڙ، ڪوڙي= ويهہ. ڪوڙين= ڪئين ويهون، ڪئين ڪيتريون (ب) ڪوڙ= ڪروڙ. ڪوڙين= ڪروڙين. ڪامڻيون= زالون، جويون. وٽواند، وڙواند= اجايو پنڪيل، پليل پنڪيل، بي ڪمو ڪميڻو. وٽاند، وڙاند= وٽواند، وڙواند. تہ وجان نہ وٽواند= تہ متان وڙواند ٿي نہ وتان. ۸. ڪونيين= سڏين، گهرائين (پيار سان). ڊوهيين= جهلين. ڏيين تون ڏهاڳ= تون ئي ڏهاڳ ڏين، تڙائين. داڳ= داغ (ڏک جو).

پانيان سَڀَ سُهاڳُ، جي مُون وَرَ وِهارِيين.

٩

لَڳَڻَ کِيمَ لَکيجِ، جِئَن مُون مُوراهِين ناهِ کو
مونکي مَلهائيجِ، وارو ڏيئِي وَلَها.

١٠

جي مان مُوڙهِي مَتِ، تہ تُون پاڻُ سُجاڻِج سُپرين
اَصُلِ اَوائِن جا عيبَ ڍَکين تُون اَتِ
اِي پِرين تُنهنجِي پَتِ، جِئَن وِلهِيُون ڍَکِين وَلَها.

١١

کانڌَ کَمِيٽِي آهِيان، هَلايان نہ حُجَتَ
چَنيسَرَ جي چِتَ، هُوندَ کَٿُ نہ لايان کَڌهِين.

١٢

ڏِئين جي ڏُهاڳُ، تہ سَنئُون سُهاڳُ آءٌ پانئِيان
تُنهنجو مونکي سُپرِينِ، سَيوئِي سَياڳُ
دوستَ تُنهنجو داڳُ، ڏُئان ڏوتو نہ لهي.

١٣

جي وِلهِي کَرِين وَلها، توءِ اڳڻِ تو آئي
کانڌَ نہ کوٺئين کَڏهِين ٻَرِ ٻَرَ ٻاجهائِي
وارِجِ کا وائِي، دِلاسِي جي داسَڙا!

١٤

ڏِئِين جي ڏُهاڳُ، جي مون وَرَ وِهارِئينِ
تُنهنجو دوسَ داسَڙا مُحب نہ ڇَڏيان ماڳُ
اَجهو ۽ تون آڳُ، وَڏو آهِينمر وَلهَا.

١٥

توٽي ڏي نہ ڏي، توءِ منهنجو وَلهو
آءٌ تِنهِ پَلي کي، پاڻُ پَرَنِيان کيتَرو.

---

٩. لڳڻ= لڇڻ، ڳڻ. کير لکيج= نہ ظاهر ڪج، نہ سارج. مونکي ملهائيج= منهنجو مان مٿاهون ڪج. وارو ڏيئي= مون کي پنهنجي پيار جو وارو ڏيئي. ١٠. موڙهي مت= مت موڙهي، سوچ منجهي پئي. تون پاڻ سجاڻج= تون پاڻ پنهنجو شان سڃاڻج (۽ منهنجي خطا معاف ڪج). اوائي= توائي، هلڪڙو، بنا سوچ ويچار جي هلندڙ. ات= گهٽا. ولهيون= ڏکيون بکيون، ٻڏٽڪيون. ولها= اي گهوٽ. ١١. (معنيٰ) اي منهنجا وَرَ! آءٌ بيشڪ ڪميٽي آهيان، پر آءٌ توسان ڪڏهين بہ حجت نٿي هلايان. چنيسر جي چت= چنيسر جي چِتَ ڪي، دل من ڪي. هوند= جيڪر، هرگز. ڪَٿُ= ڪس، ميراڻ، ٽڪو. ١٢. سيوئي= هر طرح ئي. ١٣. وِلهي ڪرين= ڏکي بکي اڪيلي ڪرين (ڏهاڳ ڏيئي پاڻ کان جدا ڪرين). توءِ= تہ بہ. ٻاجهائي= هيءُ ٻاجهايل، هيءُ ٻاجهہ گهوري. ٻر ٻر= هاءِ هاءِ! الا الا. نہ ڪوٺين= پاڻ وٽ نہ سڏين. وارج ڪا وائي= وري ڪا سولي واڌائي واري ڳالهہ ڪج. ١٥. توٽي ڏي نہ ڏي= جيتوڻيڪ هو ڏئي نہ ڏئي (يعنيٰ مونکي وارو ڏئي نہ ڏئي، ڀاڳ ۽ سهاڳ جو وارو). توءِ منهنجو ولهو= تہ بہ هو (چنيسر) منهنجو ور ۽ گهوٽ. تنه پلي ڪي= اهڙي مهربان ڪي. پاڻ پرنيان= پنهنجو پاڻ وڻايان. پنهنجو پاڻ سونپيان.

سُر ڪاموڏ

سُر ڪاموڏ ۾، نوري ۽ ڄام تماچي جي محبت جي حوالي سان اعليٰ انساني ڪردار جا رخ روشن ٿيل آهن. نوري ۽ ڄام تماچي جو ونبي ۽ ور وارو رشتو آهي پر ان رشتي جي نوعيت مومل راڻي يا ليلان چنيسر واري رشتي کان نرالي آهي. مومل ۽ ليلان ٻئي شاهي خاندان مان هيون. مومل ڪاڪ واري پنهنجي طلسمي رنگ محل سان راڻي کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو ۽ ليلان پنهنجي ئي خاندان مان سَوٽ چنيسر سان رشتي جو رنگ رچايو. انهن جي ڀيٽ ۾، نوري هڪ مسڪين مهاڻي جي گهر ۾ پليل يتيم ڇوڪري هئي؛ هو سوڀياوان هئي پر هن محض پنهنجي نياز ۽ ناز سان ملڪ جي بادشاهه کي پنهنجو گرويدو بنايو. ان عالي ظرف بادشاهه پڻ وڏي آڏوڏائي وارين سَمِين راڻين بدران، نماڻي نوريءَ کي سندس اعليٰ اطوارن جي ڪري نه فقط پنهنجي پٽ راڻي ڪيو پر مٿس عاشق ٿي پيو. نوري به نياز ۽ ناز سان گڏ پنهنجي ڏاهپ سان ڄام کي ريجهائي پنهنجو ڪيو.

شاعريءَ جي لحاظ سان، ڪينجهر ڍنڍ جي غريب گندرن جي رهڻي ڪهڻي واري ماحول جي عڪاسي ۽ ڪينجهر ڍنڍ ۾ نوريءَ سان گڏ ٻيڙي ۾ ڄام تماچيءَ جي شڪار جي منظر نگاري اعليٰ سنڌي شاعريءَ جا شاهڪار آهن.

داستان پهريون

١

تون سَمُو، آءٌ گندِري، مون ۾ عَيبَ اَپارَ
پَسِي لِيءَ لَغارَ، مَتان مان ڳِرِ مَٽيين.

٢

تُون سَمُو، آءٌ گندَري، مُون ۾ عَيبَنِ لَکَ
هِنَ منهنجي حالَ جي توکي سَڀَ پَرکَ
ڪارَڻِ رَب اَلکَ، مَتان مان ڳِرِ مَٽيين.

٣

تون سَمُو، آءٌ گندَري، مون ۾ عَيبَنِ ڪوڙِ
پَسِي ڪِڪِيءَ ڪوڙِ، مَتان مان ڳِرِ مَٽيين.

۴

تون سَمُو، آءٌ گندَري، مون ۾ عَيبَنِ وِيهَ
پَسِي مِئڪِي ڏِيءَ، متان مان ڳِرِ مَٽيين.

۵

تون سمُو، آءٌ گندري، مون ۾ عَيبَنِ لَکَ
پَسِي مِئڪا ڪَکَ، مَڇُڻ مان ڳِرِ مَٽيين.

٦

تون سمُو، آءٌ گندَري، مون ۾ عَيبَنِ جُوءِ
پَسِي راڻين رُوءِ، متان مان ڳِرِ مَٽيين.

٧

تون تماچي ٽڙ ڏٽي، آءٌ مُهاڻِي مي
ڪِڪِيءَ هاڻِيُون ڪاريُون، حالُ منهنجو هي
مون ڏُهاڳُ مَ ڏي، آءٌ جا نالي سِيَسِ تُنهنجي.

٨

مُهاڻِيءَ جي مَنَ ۾، نه گِيرَبُ نه گاءُ
نيٽِنِ سِين نازُ ڪري رِيجهايائِين راءُ
سَمُو سَين مُلاءُ، هيريائِين حِرفَتَ سِين.

د-١: ١. گندري= مهاڻي، 'گندرن' جي ذات مان هڪ مهاڻي. لِيءَ= ڪڪيءَ. لغار= ذرو. ليء لغار= ڪڪِيءَ جو ذري جيترو ڀاڱيٽ. مان ڳِر= مان ڪي (اڳين ٻوليءَ ۾)، ڳِر= ڪي. ڳِرس= ڪيس. ڳِرنِ ڪين). ڳِر= وٽ. چوندا: پڻ مان ڳِر (مان وٽ)، تو ڳِر (تو وٽ). ٢. عيبن لک= عيبن جا لکَ، لکَ عيب. الک= جيڪو لکي نه سگهجي. ٣. ڪوڙ= هڪ ڪوڙ= هڪ ڪروڙ. ڪڪيءَ ڪوڙ= ڪڪيءَ جي گهٽائي. ۴. عيبَن وِيه= وِيهه عيب، گهڻا عيب. مئڪي= مِئهَ+ ڪي، ميئن جي، مُهاڻن جي. ۵. عيبن لک= لکَ عيب. مِئڪا= مِئه+ ڪا، ميئن جا، مهاڻڪا. مڇڻ= متان (ش= مَڇڻُ، ظف= مَڇُڻِ. سٽ= مَڇڻُ). ٦. مون ۾ عيبن جوءِ= عيب مون ۾ جُوءِ ڪري وينا آهن، ٽڪاڻو ڪري وينا آهن. راڻين روءِ= پنهنجين ٻين راڻين جا سهڻا منهن، راڻين جا رخ (رايا). ٧. ٽڙ ڏٽي= ٽڙ جو ڏٽي، ڀاڻي جو مالڪ، ملڪ جو مالڪ. مي= ميئهَ، مهاڻي. نالي سيس تنهنجي= تنهنجي نالي سان مشهور ٿيس، تنهنجي هجڻ سان مشهور ٿيس. ٨. گيرب ۽ گاءِ= هٺ ۽ غرورُ. سين مُلا= ٻين سيني راڻين وچان. هيريائين= پاڻ ڏانهن مائل ڪيائين. حرفت سان= اٽڪل سان، حيلي سان.

۹

پابوڙو پيش ڪِئو، نُتُون نُوريءَ نيئِي
حاضُرُ هُيُون هَڪِيُون سَمِيُون سَيئِي
نوازِي نيئِي، گاڏيءَ چاڙهي گندَري.

۱۰

ڪُوءِ سَميُون ٻَنِ سُومَرِيُون، جي اَڇَنِ اُوڇيءَ ڳاتِ
وَرُسِي ڪِينجهَرَ ڄائِيُون جَنِ تَماچِيءَ تاتِ
راڻينِ مُلا راتِ، ماڻِڪُ ميءَ پرائِيو.

وائي

هِيري هَٿُ وِڏائِين، ويهي سائِيَنِ وِچَ ۾
نوازِشِ نُوريءَ جِي آهِ تَماچِيءَ تائِين
گندگيءَ گوشو ڪِئو، عَطُرُ اوتِيائِين
اَنڌا مَندا آئيا، سخا سَڌُ وِڏائِين
پَسو جُودُ جُوان جو، ڪو هَنڌُ ڪونہ مَنيائين
قيمت ڪَميٽِينِ سين جهِڙِي وَٽَ وَٺيائِين
موتِي مَڇيءَ هَٿَ تي ڪوڏِين جِيئَن ڪَيائِين
پَسو ايءُ پيدا تيو جوهَرِي جِيائِين
ماڻِڪَ مياڻِين ۾ چِلرَنِ جِيئَن ڇَٽيائِين
ڏيئِي سونُ سُوالَ ۾، رُپِي رِانڌِ ڪَيائِين
پاڻِيٽُ آڻي پاڻَ سِين، لَعلُون سَڀِ لُٽيائِين
فيروزا فَقِيرَنِ تان گهوري سَڀَ گهورِيائِين
اُتي عبداللطِيفَ چَئي اُڇلي اَمُلَ ڏِنائِين.

داستان ٻيو

۱

ميءَ هَٿَ ۾ مَڪُرِي، ڄامَ هَٿَ ۾ ڄارُ
سڄو ڏِينهُ شِڪارُ، ڪِينجهُرِ ۾ ڪالَهہ ۾.

۲

سمِيُون ڪَري سِينگارُ، راءُ رِيجهائِڻَ آئِيُون
ڄامُ هَٽَنِ ۾ ڄارُ، جهُلي جهَٻيرَنِ وِچَ ۾.

۳

گندَ جِني جي گوڏِ ۾ ڪَڏَنِ ڪالوڙا
لوڙِيُون ڪِينِ لَطِيفُ چَئي، آسَڻِ اَجوڙا

۹. پابوڙو= پٻڻ جو ٻجن وارو مولهيو. پٻڻ جي پن ۾ ويڙهيل سينگاريل گل. (= نونَ گلن جو گلدستو) هڪيون= هڪ جاءِ ۽ هڪ مهل. نيئي= نوري کي نوازي پاڻ سان وٺي ويو، گاڏي ۾ چاڙهي وٺي ويو. گاڏو= عام ماڻهن جون گاڏيون، ۽ حاڪم جو شاهي گاڏو. ۱۰. ڪُوءِ= ڪوهِ پيون، ڪڏ پيون. ٻَنِ= باراني علائقن ۾ پاڻي جهلڻ لاءِ وڏا ٻنا، ڪنهن وڏي ٻني لڳ وڏو پاڻي بيهي جنهن ۾ جيڪر ماڻهو ٻڏي پوي. ٻَنِ= ٻن پيون، ٻل ٻڏيون. (اصطلاح) ڪوءِ پيون ٻن پيون= گهوريون، صدقي ٿيون. اڇن اوڇي ڳاتَ= ڳاٽو مٿي ڪري هٿ ۽ وڏائي سان هلن، سامهون اڇن. ڪينجهر ڄائيون= ڪينجهر ۾ ڄاول غريب مهاڻيون. تماچيءَ تات= جن کي ڄام تماچيءَ جي تات آهي. ميءَ= مهاڻي (نوري). پرائِيو= ڪٽيو، پنهنجو ڪيو. وائي. هيري= هيري ۾ (نوريءَ جي ٻانهن ۾). هٿ وڏائين= ڄام تماچي هٿ وڌو. سائين= مڇيءَ وارن، مهاڻن، نوازش= سفارش، مهڻا. سمي ڄام عطر پلٽيو تہ گندگي هٽي پري ٿي. انڌا مندا= محتاج سوالي. سخا سڌ وڏائين= سخا جو هوڪو هلايائين. جود= سخا. ڪو هنڌ ڪونہ مَنيائين= ڪو ماڳ ڪونہ ڇڏيائين، ڪا جاءِ ڪانہ ڇڏيائين (هر جاءِ هر هنڌ سخا ڪيائين). ڪميٽين= سڃين، بيواهين. قيمت= قيمتي مال، نقد ناڻو. وٽ وٺيائين= ونڊ ونڊيائين، نقد ناڻو ونڊي ورهايائين. مڇيءَ هٿ تي= مياڻي جي ماڳ تي. موتي ڪوڏين جيئن ڪيائين= موتين کي ڪوڏيون ڪري ورهايائين، موتي بي ملها ڪري ڏنائين. جيائين= جتان جتان ڪان. چلرن جيئن ڇٽيائين= مڇيءَ جي چلرن وانگر اڇلي ڏنائين، رپي راند ڪيائين= (سوال جنهن ڪيو تنهن کي تہ سون ڏنائين) باقي. رُپي جي تہ راند لائي ڏنائين لُٽ لائي ڏنائين. پاڻيٽ= موتين جا ماده، نهايت اوچا موتي، ماڻڪ. فيروزا= قيمتي فيرواز، فيروزي رنگ وارا قيمتي مڻيا. امل= اَمُلهہ ماڻڪ. د. ۲: ۲. سميون= راڻيون سميون. راءُ= ڄام، بادشاه. ريجهائڻ= (پنهنجي رهاڻ سان) خوش ڪرڻ، (ڏسن تہ) ڄام جي هٽن ۾ ڄار آهي ۽ هو جهٻيرن (گهٽ حثيت وارن مهاڻن) جي وچ ۾ پيو جهومي ۽ جُهولي. ۳. گندَ ۽ ڪالوڙا= ڪُوٺيءَ جون پاڙون ۽ وڏا پڪا لوڙ (پٻڻ جي پاڙ وارو ٻهُ، ڪوٺيءَ جي پاڙ وارو لوڙُ). لوڙيون= ڪُوٺيءَ جي پاڙن وارا ننڍا ڪچا لوڙ. گند= پڪا لوڙهہ. آسڻ= ويهڻ وارا مڪان، رهڻ وارا هنڌ ۽ ماڳ. اجوڙا= ٻنا ڪنهن رت جي، بي رڻائتا.

ٺماچيءَ توڙا، وَٽِي ويچارَنِ سِين.

٤

گندَ جَنِي جي گوڏِ ۾، کُلھَنِ تي ڪُونڙيُون
اَنَ ناپي جِيُون اُنِ کي مَٿي تي مُوڙيُون
اَڄَن سَنيُوڙيُون، سَمي جي سلامَ تي.

٥

گندَ جَنِي جي گوڏِ ۾، پابوڙا پوشاڪَ
اُنِي جي اوطاقَ، راجا رِيجهِي آئيو.

٦

گندَ جَنِي جي گوڏِ ۾، پابوڙا پيِنامُ
اُني کي اِنعامُ، مَجرُ مِڙوئِي ٿِئو.

٧

ڪاڄَ جَنِي جو ڪِڪيُون، مالُ جَنِي جا مَڏَ
سَمي سيئِي سيڻَ ڪِئا، هيٺا جَنِي هَڏَ
ڄامَ پَرِتيئِي لَڏَ، ساٿِيڻِ جِي سَيدُ چَئِي.

٨

ڄارا ۽ ڪارا، مالُ جَنِي جو مَڪَرِيُون
ٺماچيءَ جي تَڪيي اَڄَن سَوارا
جي ميءَ مَڇيءَ مارا، سَمي سيئِي سيڻَ ڪِئا.

٩

ڪِڪيءَ هاٽِيُون ڪارِيُون، ڇِڇيءَ هاٿا ڇَڄَ
پانڊُ جَنِي جي پانڊَ سِين لَڳو ٺُئِي لَڄَ
سَمُو ڄامُ سَهَجَ، اُيو ڪَري اُنِ سِين.

١٠

ڪارِيُون ڄارِيُون ڇَڄَ ڇِپرِيُون، جِن جي مَحَبَتَ مَڇِيءَ سانُ
رَهَنِ وِهَنِ سِرِ بانڊِيِين، سَيئي بَدبُوءِ هانُ
لُڏَڙَنِ جيئن لَطِيفُ چَئِي، پاٽِيءَ وِجهَنِ پانُ
تَن مَلاحَنِ جو ماڻُ، سَمي سِرِ ڪِئو پانهنجي.

١١

ڪارِيُون ڪوجهِيُون ڪُوڙِيُون، مُنھَ ميريون ميِيُون
پاڪَرَ پائي پَنَ کي پاٽِيءَ ۾ پيِيُون
جي سامَ سَمي وِيُون، تَن تان لَٿو حَرفُ حِسابَ جو.

١٢

ڪارِيُون ڪوجهِيُون ڪُوڙِيُون، مُنھِ نہ موچارِيُون
وَنِي وينِيُون واٽَ تي ڪِڪيءَ جِيُون ڪارِيُون
اُنِي جِيُون آرِيُون، سَمي ري ڪيرُ سَهي.

١٣

پَنَ پَبڻِ، ڪُمَ ڪُوٽِيُون، مَٿي جَرَ جَرَڪَن
اڇي رهيا رِيلَ ۾ ڪارڻِ ڪالُوڙنِ
سَهسِين راڄ سِيدُ چَئِي پاسي ٺَن پَرَنِ
مڙِي مَلاحَنِ، راتِ ٺماچي رانِئِيو.

توڙا= اصل کان. وَٽِي= پسند پَئِي. ويچارن سين= مسڪينن سين. ٤. ڪُونڙيون= ڪوٽيون، سايون لامون ڪوٽين جون. ناپو= ڪَوٽيءَ جو ٻج (ڏسو بيت نبمر١٣). موڙيون= ڳنڍون ننڍيون پريون. اڄن سنيوڙيون= سرهائي مان سنيريون اڄن. ٥. پابوڙا= پبڻ جي لام جي چوٽيءَ ۾ ٻج وارو ٺئونر. ٦. پينام= (فارسي پَينہَ= ڪپڙي جو ٽڪر، ڪپڙو، لباس، پوشاڪ. پابوڙا= پن پابوڙا. مجر= پاٽيءَ ۽ ساون وڻن ٻُوڙن واري جوءِ جتي پاٽي ۾ مڇي: جنهن جي وڻن ۾ ٻُور ۽ ڪَڄُ. اُنهن کي مجر واري ايراضي محصول کان سواءِ معافي ۾ ملي. ٧. جن جا مڏ ئي انهن جو مال آهن، سرمايو آهن. ڄام پَرتي= ڄام کي پرتي. ساٿين جي= مڇيءَ وارن جي. ٨. جن جو مال ڄارا، ڪارا ۽ مڪريون. سوارا= ساجهر، سويرا. سيڻ ڪئا= مِتر ڪيا. ١٠. ڇپريون= ننڍيون ٽڏيون، تڏڙيون. بانڊيين= بانڊين تي. پاٽي لڳ وڏن ٻنڊن تي، پاٽيءَ ۾ وڏن ٻنن تي. ماڻ= درجو، مان. سر ڪئو پانهنجي= پنهنجي مٿان ڪيو، پنهنجي ذمي ڪيو. ١١. وَڙُ= وَجَهہُ، منهن مهاندو. ڪُوڙ= ڪوجهو وڙ، ڪوجهي جنس. ڪُوڙيون= وَڙ وَجَهہ ۾ ڍليون، ڪوجهيون. پَنُ= وڏو ڄارُ. ١٣. پن= پبڻ جا ويڪرا گول پن. پبڻ= نيلوفر. ڪوٽي= پبڻ مثل ڍنڍ جي پاٽيءَ جي ٻيءَ وَلِ. ڪُم= پَبڻ ۽ ڪوٽي ٻنهي جو ڪُم (ٻجن سان پريل گولو) ٿئي، پر پبڻ جي ڪُم ۾ اندر واري داڻ داڻ کي 'گبو' چئبو، ۽ ڪوٽي جي ڪم واري اندرين ان مثل داڻن کي 'ناپو' چئبو. جرڪن= چمڪن. ڪارڻ ڪالُوڙن= ڪالوڙن ڪيڻ لاءِ. 'ڪالوڙا'= ڪُوٽي جي پاڙن وارا وڏا لوڙ. پرن= پلجن، قوت گذر ڪن. رانئيو= ريجهائي راضي ڪيو.

۱۴

پَنَ پَبُڻِ ڪُرَ ڪُوڙِيُون، ڏوڏا ٻِههَ ڏاجونِ
نعمتَ لوڙُ لَطِيفُ چَئِي، ڪيَڻُ مَڇِي ڪاڄُونِ
رَهَنِ ٻَهَنِ سِرَ ٻانڌِيِين، ڏُوءِ دَرا داجونِ
پارَسَ سِين پاسونِ، لڳا تي لالَ ٿيا.

۱۵

ڦُوٽُ جَنِي جو ڪُوڙِيُون، پَرَهَنِ پاٻوڙا
پايو مُنهُ مِهراڻَ ۾، ڪَڍَنِ ڪالوڙا
جَنِ تي ڏَنَ هُئا ڏوڙا، سي سَڀَ اِنعامِي ٿِئا.

۱۶

ٽَڙِ ٽريون ڊِوئِينِ، ڪَنِ رِهاڻِيُون ريلَ ۾
رَڇَ پنهنجي راڄ ۾ ويٺِيُون سَموهِينِ
مُهاڻِيُون موهِينِ، تختُ ٺماڇيءَ ڄامَ جو.

۱۷

ڪُرَ ڪالوڙا ڪُوڙِيُون، پَهَتِ جَنِي جِي پَرِ
لائي لِينگَ لَطِيفُ چَئِي جُنبَنِ جَجهي جَرِ
گهوٽُ اُنِي جي گهَرِ، راجا ريجهِي آئِيو.

داستان ٽريو

۱

هيڏِيءَ ويرَ ڪِئاءُ، ڪِينجهُرَ ۾ باهِ ٻَري
نَڪو وَرنُ وِڄَ جو، نڪو چَندرَ اُهاءُ
لَٽو پانڌُ مُهاءُ، ميءِ چَڙهندي مَڪِرِي.

۲

نہ وَڍي نہ وِڪَڻِي، نہ ڪِڪيءَ لائي هَٽَ
ڪَرُ نايو ڪيتريُون مِڙِئو ڪَنِ مِنَٿَ
جا سَمي وِهارِي سَٿَ، ٿَنهِ سِين ريسَ نہ
ڪَنديُون راڻِيُون.

۳

نہ وَڍي نہ وِڪَڻِي، نَڪِين ڪِڪِي ڪاءِ
ڄامَ ٺماڇيءَ لاءِ، پاڪُ رَکيائِين پيجرو.

۴

نہ وَڍي نہ وِڪَڻِي، نہ ڪَٽي ۾ ڪاري
آهَنَ سَهَنَ ساهِميون، ڏُرئان نہ ڏاري
سا ئِي پَرِ پاري، جا گهَرِ سَمي جي سَپِجي.

۱۴. ڏوڏا= پبڻ جي پاٻوڙن اندر گول ٻج. ڏاجون= انهن (مهاڻن) جو ڏاجو يا ڏاج آهي، نهايت وڻندڙ ٽول آهي. ڪيڻ= ڪاڌو. ڪاڄون= سندن ڪاڄ آهي. ڏوءِ= مٺي پاڻيءَ جي ننڍڙي سنهڙي چلرن واري مڇڙي (ڊيگهہ ڏيڍ انچ ڪن). درا= دَرا، درڙو. دَري ٿيئي نالا مٺي پاڻيءَ جي چيلري مڇي جي جنس جا، ننڍڙي مڇي، سوا انچ ڪان ٽن انچن تائين، ٻنهي پاسي ڳاڙهو پٽو. داجون= انهن جو داجو (ڪاڌو آهي). داجو= ننڍڙي مٺي پاڻيءَ جي چيلري مڇي؛ 'شاڪر' جو ٻچڙو. پاسون= سندن (مهاڻن جو) پاسو. ۱٦. ٽڙ= ٽڙ تي، جتي ٻيڙيون اچي بيهن اتي. ٽريون= واحد 'ٽرَ'، هيٺيان ٿلهيون ڪاٺيون واڻي، مٿان گاهہ وجهي هڪ قسم جو ننڍڙو مَنهن ٺاهين جيڪو پاڻيءَ ۾ تري، ۽ هڪ ٻہ ڄڻا ان جي مٿان ويهي سگهن، ڪکن جي ٻيڙي. رڇ= هڪ قسم جو ڄار. سموهين= ڳنڍين ۽ سَولا ڪن. موهين= وڻڻ جهڙو سهڻو ڪن، سهڻو ڪري سينگارين. ۱۷. پهت= رسم، ريت، پَر. لينگ= ڪپڙي ٽڪر. لائي لينگ= ڪپڙي ٽڪرڙو ٻڌي (گوڏ ڪري). جُنبن= سٺو اندر ڪاهي پون. د-۳: ۱. هيڏيءَ وير= هيڏي اونداهيءَ واري وقت ۾. ڪئاء= ڪٿان! ڪيئن! ورن= روشن چمڪو. وڄ= ڪِوڻ. نڪو چندر. اُهاء= چندر اڀرڻ وارو سوجهرو. لٽو پاند مهاء= منهن تان پوتيءَ جو پاند لهي ويو(نوريءَ جو). ميء= مهاڻي مڪري= ٻيڙي. ميء چڙهندي مڪري= نوريء جو ٻيڙيءَ تي چڙهندي (ٽوري لوڏي سببان منهن تان پاند لهي ويو). ۲. ڪِڪيءَ= باس واري مڇي کي. ڪَرُ نايو= ڪنڌ نمايو. مڙئو ڪن منٿ= ڳڏجي اچي التجاءِ ۽ عاجزي ڪن. وهاري سٿ= سٿ ۾ ويهاري، راڻين سان گڏ وچ ۾ ويهاري. ۳. نڪين ڪکي ڪاءِ= نڪين ڪکي باس واري مڇي ڪائي. پيجرو= پنهنجي ٻت جو پيجرو، پنهنجو بدن. ۴. نہ ڪٽي ۾ ڪاري= مڇيون ڪاري ۾ وجهي مٿي تي نہ ڪٽي نہ وڪٽي. 'آهن' بنيادي لفظ آهي ۽ 'سَهن' پرتيءَ جو لفظ (جئن'ماني ڏاني') 'آهَن'، اهو وَٽ يا پٽر يا ٻيو ڪو ٽوري وزن وارو ٽڪر جيڪو ساهمي جي ٻئي پڙ ۾ وجهي اُتل پوري ڪجي، ٻئي پڙ برابر ڪجن. سائي پر پاري= اهائي ريت ڪري، مڇي واري نہ پر ٻي خانداني ريت رسم. سپجي= پيدا ٿئي ۽ پوري ڪئي وڃي.

٥

نَہ وَڍي نَہ وِڪَڻي، نَہ ماري نَہ ڏاري
ڪارو وِڏائين ڳوهَ ۾ نِرتئُون نِهاري
سائِي پَرِ پاري، جا گهَرِ سَمي جي سَڄِجي.

٦

ٻيڙو پوئي ٻانهَ ۾ ٻي نَہ ٻَڌي ڪا
تُوڏَرُ تِنهِ جُڳاءِ، سَمُو سِڪي جِنهِ ڪي.

٧

هٿين پيرين آرڪٽين، مُنهِ نَہ مُهاڻِي
جِئَن سَڳو وِچِ سُرَندَڙي، تِئَن راڻِينِ ۾ راڻِي
اَصلِ هُئِي اُن ڪي اَهَلَ چاماڻِي
سَمي سُڃاڻِي، ٻيڙو ٻَڌِسِ ٻانهَ ۾.

٨

ڪو جو ڪامَڻُ مي، آهي اڳڙِيَنِ ۾
تَنُ تَماچِيءَ جامَ جو نايُون پايو ني
عِشقُ اِيئَن ڪَري، جِئَن چارو جامَ ڪُلهي ڪِئو.

٩

ڇهَڙِي سِڄَ ڳَڪورَ، تِهَڙِي ميءَ اڪين ۾
ڪِينجهَرِ ٻنِهي ڳَنڍيين، ميئُون ٽِلَنِ مورَ
تماچِيءَ طَنبورَ، راتِ وڄايا ريلَ ۾.

١٠

جي جامان اڳي جائِيُون، تَن جِي نِرتِ نوريءَ ڪي ناهِ
نَہ مَنهن نَہ مارڪي، نَہ وَڄَنِ ڳَنهِ وِهانهِ
سي ڪِينجهَرِ ڳَنڍيءَ ڪانهِ، جَن تماچي ٽَڪيو.

١١

تِهڙو ڪِينجهرُ ۾ ڪِينَ ٻِئو، ڇهَڙي سُونهَ سَنڊِياسِ
مَڏَ مِياڻِيون مَڪُرا، مِڙئِي مَعافُ ٽِياسِ
رِيسُون راڻِينِ ڇَڏِيُون، وَهي ڪانهَ وَٽاسِ
مورِچَلُ مَٽاسِ، هَٽِي جامُ هَٿَنِ سِين.

١٢

چارو جامَ ڪُلهي ڪِئو، عِشقُ اِيئَن ڪَري
جَنِ وِهَڻَ نَہ ڏِنُسِ وَٽ ۾، تِنا سَلامِي سي
نورِيءَ نازَ ڪَري، عالَمُ اِنعامِي ڪِئو.

---

٥. ڏاري= (ٻُنجيل مڇي کي) چيري، ڏاري ٻہ ٽڪر ڪري. وڏائين ڪوه ۾= اڇلپائين ڪوه ۾، وڏائين ڪڏ ۾، ڦٽو ڪيائين. نرتئون نهاري= پوري طرح سوچي سمجهي. ٦. توڏر= موڙ مثل منهن وارو آڏو سينگار (بمبئي ڇاپي سنہ ١٣٢٩ھ ۾ ۽ پڻ آخري ڇاپي. ١٣٤٠ھ جي حاشيي تي فارسي ۾ معنيٰ لکيل: "توڏر مثل سهره مي بندند". لس ٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم 'ڏرَ ۽ توڏَرَ' ڳهن ۾ ڳڻيا آهن. ٧. آرڪڻ، آريڪڻ= منهن جو نوع نمونو، مهاندو. معنيٰ تہ: هٿن، پيرن، منهن مهانديءَ ۾ هو مهاڻي نٿي لڳي. جئن سرندي ۾ 'سڳو' سونهي ٿو تئن نوري راڻين ۾ راڻي ٿي سونهي! سڳو= رودو، زہ جو سڳو جيڪو وچت ۾ 'سا' وارو پريل سر يا بنيادي بيهڪ وارو سُر ڏئي (سرندي ۾ وچت لاءِ اٺ رُڪ جون تارون ۽ هڪ سڳو). اهل= هلڻ چلڻ وارو لاڙو، اٺ ويهہ ۽ هلت چلت وارو رُجحان. ڇاماڻي= ڇامن واري، وڏن ڇگن واري. ٻيڙو ٻڌڻ= رنگين ڏورو يا ڳانو جنهن ۾ سرهاڻ جي مُوڙي ٻڌل هوندي، جيڪو شاديءَ جي رسم طور ڪنوار ۽ گهوٽ کي ٻڌن (هن بيت مطابق سمي يعني ڄام تماچي پاڻ پنهنجي هٿن سان نوريءَ کي ٻيڙو ٻڌو ۽ ڪيس پنهنجي راڻي ڪرڻ جو شرف بخشيو). ٨. ڪامڻ= جادو. مي= ميءَ کي مهاڻيءَ کي، نوريءَ کي. نايون= زوردار جڪڙڻ واريون نهندبون جن سان ڪنهن شيءِ کي پختو ڪري جهلجي. نايون پايو= مُنڊيون پايو، جڪڙيون وجهئو. ني= ڪٽي ٿي وڃي. عشق اِئين ڪري= اهو عشق آهي جيڪو ائين ٿو ڪري جو ڄام کي مهاڻن وارو چار ڪلهي تي آهي. ٩. ڪڪور= سهٽي هلڪي ڳاڙهاڻ. ميئون= ميءَ جو جمع، مهاڻيون. ريل= ڍنڍ جي پاسارڙ (جتان پاڻي هيٺ لهي ويو، ۽ زمين جي سڌي پٽي ٻاهر ٿي). اهي سميون جيڪي اڳ ٿي گذريون تن جي نوريءَ کي خبر ڪانهي: اهي شادين ۾ مَنهن مارڪي وجڻ ۽ ٻي ريت رسم کان الڳ هيون، جن جو تڪيو ئي خود پاڻ تماچي هو سي ڪينجهر ڪناري ڪين رهيون. ١١. مڏ= پاڻيءَ جي وچ ۾ ڪاٺن جا وڏا شاهي ٺل جن جي مٿان گهر ۽ ٻيو سامان. مياڻيون= مڇيءَ وارا ماڳ (جتي مڇي مارجي گڏ ٿئي ۽ جتي وڪامي). مَڪُرا= وڏيون شاهي ٻيڙيون (مَڪُري= ٻيڙي). وَهي ڪانہ وٽاس= ڪا سنڌيس پَر ڏيئي ٻہ ڪانہ لنگهي. مورچل= مور جي کنين جو وڏو وڃڻو.

وائي

تِنه کي ڪيرُ چَوندو مي،
اِيءَ سَمي جا سَمَگئِي
سَمي جي سُهاڳ جو مِيندو ڳِتو مي
عالَمُ انعامي ڪِئو نوريءَ نازَ ڪَري.

داستان چوٿون

١

نہ ڪِنه ڄائو ڄامَ کِي، نَڪو ڄامَ وِياءُ
نندي وَڏي گندَري، سَپِنِ آه سِياءُ
”لَم يَلِد وَلَم يُولَد“، اِيءَ نَجابَتَ نِياءُ
ڪِبرُ ڪِبرِياءُ، تَختُ تَماچي ڄامَ جو.

٢

ٺَٽُ تَماچيءَ ڄامَ جو، تَماچي ٺَٽ راءُ
تَماچيءَ جي تَڪِيي، تُون تماچي ڪاءُ
تہ تون تَماچياءُ، تَماچي تي لَهين.

٣

ڄامُ تَماچي آئيو سُيَتِ ٿِي صلاحَ
مورُ مَرَڪِي هَليو سَندو راڻين راءُ
لَٿِي لِڪَ لَطِيفُ چَئي ڪيو شمسُ شُعاعُ
پيڙهيءَ وينو پاتشاه مَٿِس ڇَٽُ ڇُڳاءُ
ڪوڙين قناتُون لَڳِيُون مياڻين مَتاءُ
لٿو ڏنُ ڏيهاءُ، مَرُ ٿِيُون مَرڪَنِ مَڇيءَ وارِيُون.

٤

ڄامُ تماچي آئيو، وَري ٿِي وَراڻَ
ڪِينجهُرِ ٻِنهي ڪَنڌِيين راتو ڏِينهِ رِهاڻَ
پَرچي وينو پاڻَ، ٿِيُون مَرڪَنِ مَڇيءَ وارِيُون.

٥

سَيئِي سُهاڳِڻِيُون، سَپِنِ مُنهَ جَڙاءُ

وائي. سمگئي= اهو اچار راڳ جي لحاظ سان. اصل اُچار سَمَگي يا سمنگي= نوازي. د-٤: ١. تصوف جي لحاظ سان هن بيت ۾ توحيد جي تمثيل سمايل آهي ۽ هيءُ بيت جڻ ”لم يَلد ولَمَ يولد“ آيت جي تشريح آهي. نہ ڪنه ڄائو ڄام کي ”وَلَم يُولَد“ واري معنيٰ ۾ آندل آهي، ۽ ’نڪو ڄام وياءُ‘ ”لَم يَلِدِ“ واري مَعنيٰ ۾ (= نہ ڄام جو ڪو وياءُ آهي.) ڄام سڀني جو سياءُ آهي= مائٽ مهربان آهي. ”اي نجابت نياءُ= پر اهوئي: سندس اعليٰ شرف جو اهڃاڻ آهي. ڪبر ڪبريا= وڏي وڏائي وارو. ٢. پهريئن سٽ جي معنيٰ: هيءُ ٺٽ (ٻيڙين جي بيهڻ واري جاءِ يا بندر) ٺماچي ڄام جو آهي، ۽ ڄام تماچي ئي ٺٽ جو حاڪم ۽ مالڪ آهي. ٻيءَ سٽ جو آخر وارو لفظ اوائلي دور جي رسالن ۾ ڪاءُ، ڪاءَ يا ڪاءِ آهي؛ ب ۽ ٻين پوءِ لڪايل رسالن ۾ ڳاءِ يا ڳاءُ آهي. انهن سڀني لفظن مان صحيح لفظ ٻہ آهن: ’ڪاءُ‘ ۽ ’ڳاءُ‘ جيڪڏهن ’ڪاءُ‘ پڙهبو تہ هڪ معنيٰ ٿيندي ۽ جي ’ڳاءِ‘ پڙهبو تہ ٻي معنيٰ ٿيندي. ان ڪان سواءِ پوئين لفظ ’تماچي‘ ۾ بہ ٻہ معنائون سمايل آهن. هڪ ڳائيندڙ منگتي جو نالو تماچي، ۽ ٻي تجنيس واري معنيٰ ’طمع جي‘ يا ’طمع اچي‘. آخري سٽ ۾ بہ ٻہ پڙهڻيون آهن: ’تماچي ٺٽ لهين‘ ۽ ’تماچي تي لهين‘. انهن فقرن مان جيڪي معنائون نڪرن ٿيون. تن کي ڏيان ۾ رکندي، پوين ٻن سٽن جي معنيٰ هيٺين ٻن جدا صورتن سان ٿي سگهي ٿي. (الف) تماچي جي جاءِ (تڪيي) تي، ڄام تماچي اڳيان اچي، تون پنهنجي طمع ڪاءُ (طمع کي ڦٽو ڪر). (ب) تماچي= نالي منگتو: اي منگتا تماچي! تون ڄام تماچي جي آڏو ويهي ڳاءُ تہ تون ڄام تماچي وٽان (تماچياءُ) ’طمع اُچي‘ حاصل ڪرين، وڏي اُچي طمع واري شيءِ وٺي سگهين. ٣. سُيت ٿي صلاح= چڱيءَ پت واري رٿا ٿي. مور= ڄام تماچي. مرڪي هليو= سرخرو ٿي هليو. لٿي لِڪَ= ڳالهہ پڌري ٿي. ڇَٽُ ڇُڳاءُ= ڇٽو ۽ ڇُڳاءُ= ٽونئرن ۽ گلن جو سهڻو سينگار. ڪوڙين= ڪئين. قناتون= ڪپڙي جون ديواريون. (اصطلاح طور) طنبو طولان. مياڻين مٿاءُ= سڀني مياڻين ۾ جتي ڪٿي جشن ٿيا. لٿو ڏن ڏيهاءُ= ڏيهہ تان ڏن لٿو، ملڪ تان محصول معاف ٿيو. مرڪن= خوشيءَ ۾ سرخرو ٿين. ٤. وري ٿي وَراڻَ= وري ماڻهن جي آمد شروع ٿي، وري بخت وريو. ڪينجهر ٻنهي ڪنڌيين= ڪينجهر ڍنڍ جي ٻنهي ڪپن تي. ٥. سهاڳڻيون= سهاڳ واريون، ڄام تماچيءَ جي گهر واريون راڻيون. سڀن منہ جڙاءُ= سڀني جي منهن تي سونهن سوڀيا واري رونق ۽ ڏيا.

سَيَڪَنهِ پانيو پاڻَ ڪَي، ايندو مون گهَرِ راءُ
تان پينو تِنه دَراءِ، جِٺن پَسي پاڻَ لَجائِيُون.

٦

نُوريءَ جي نوازِئو، تِئو تَماچِي تي
گاڏي چاڙهي گندَري، ماڙهُو ڪِئو مي
ڪِينجهَرِ چوندا ڪي، تَہ سَچُ سَيائِي ڳالهڙي.

٧

سَرَ صَلابَت سُپرين، مَرڪَڻَ تون مَ مَريجُ
آهين نارُ اَکِينِ جو، وَٽان مُون مَ وِجيجُ
تَماچِي تَکِيجُ، ڪو ڏِينهُ ڪِينجهَرِ ڪَنڊيين.

٨

ڪو ڏِينهُ ڪِينجهَرِ ڪَنڊيين تُون تَماچِي تَڳُ
اُوچو تِئو اَڳُ، مون ڪَرُ مَلاحَنِ ۾.

٩

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، پاسي ۾ وَٽراهِ
اچِي وَجِي وِچ ۾ تَماچِيءَ جي ساءِ
لَڳي اُتَرَ واءُ، ڪِينجهَرُ هِندورو ٿِئي.

١٠

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، پاسي پِرين سَندامِ
ڪوڙيين ڪاجَ سِڌامِ، اڄ سِڌو ڪونہ رَهيو.

١١

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، ڪَنڌيءَ ڪونرَ ٽِڙنِ
وَري واهُوندَنِ، ڪِينجهَرُ ڪَٿُوري ڪِئو.

١٢

پَڪَنِ پوءِ پَچارَ، اَڄُ تَماچِي آئِيو
مَرڪَنِ مَلاحَنِ جا مَٿي بانڊِنِ بارَ
نَنڍي وَڏي گندَري پُويو پائي هارَ
وَڏي جامِ جَمارَ، جِنهِ مِياڻِيُون موڪِيُون.

١٣

پَڪا پَڪارِئو، جامُ تَماچِي آئِيو
گُوندَرُ لاهيو گندرِيُون، آتَڻُ اُجارِئو
مَڪُرِيُون سِين موتِيين سَهجان سِينگارِئو
ڪِينجهَرُ قرارِئو، سَمي جامَ سَمَڪِئو.

١٤

مَنهِن مَلاحَنِ جي آيو جامُ ڄُلِي

پانيو پاڻ ڪي= پاڻ ڏانهن ڪري پانيو تہ راءِ منهنجي گهر ايندو. پينو= گهڙيو. تنه دراء= تنهن (گهر جي) در اندر (نوريءَ جي در اندر). پسي پاڻ لجائيون= ٻيون سڀ اهي ڏسي پاڻ لڄي ٿيون. ٦. جي= جڏهن. تي= تڏهن. نوري جڏهن ڪيس نوازيو تڏهن ئي هو (وڏي نالي وارو) تماچي ٿئو. گاڏي چاڙهي= گاڏي ۾ چاڙهي (اصل آڳاٽي ٻولي جو لفظ گاڏو آهي (۽ نہ گاڏِي). معنيٰ عام گاڏي. ميءَ (نوري) ئي ڪيس عام گاڏي ۾ پاڻ سان گڏ وهاري، ماڻهپي ۽ عزت وارو ڪيو. ڪينجهر ۾ ڪي ضرور شاهدي ڏيندا تہ اها ڳالهہ ائين ئي آهي. ٧. سَرَ صلابت= سَروَ جهڙي قد ڪاٺي، قد ۾ سرو جهڙو سڌو سهڻو. سر صلابت سپرين= اي سَروَ قد جهڙا سهڻا سڄڻ. مرڪڻ= سدائين مرڪندڙ، خوش روءِ ۽ سرخرو. تڪيج= شال جيئرو هُجيج. ٨. تڳ= جيءُ، جيئرو هج. (منهنجي ڪري). مون ڪَرُ= منهنجو منهن، منهنجو ڪَرُ ملاحن ۾ مٿي ٿيو. ٩. جر= پاڻي. مجر= وڻن جي ساون پنن وارو ڪَڄُ ۽ ٻورُ. اچي وجي= هر ڪو پيو اچي وڃي. تماچيءَ جي ساءِ= تماچي (جي ديدار) جي سِڪ ۽ پياس واري آسيس ۾. هندورو ٿئي= سياري ۾ جڏهن اتر جو هلڪو واء ٿو لڳي تڏهن ڪينجهر جي پاڻيءَ جون هلڪيون چوليون ۽ لهرون (جام ۽ نوري واري) ٻيڙيءَ کي هندورو ڪري ٿيون چڏين. ١٠. ڪاج= خوشيءَ جا جشن. سِڌام= منهنجا پورا ٿيا. اڄ_ سڌو= پورو نہ ٿيل، غير مڪمل. ١١. ڪؤنر= گلڙا. وري= موٽي، وري شروع ٿي. واهوندن= بهار آڻيندڙ اولهہ- ڏکڻ جي هوائن (سياري پوري ٿيڻ تي فبروري جي پوئين اڌ ۾ اولهہ- ڏکڻ ڪُنڊ جي هوا لڳڻ شروع ٿيندي جنهن کي 'واهوندو' يا 'واهوندا' چئبو.) ١٢. ٻانڌا= پاڻيءَ لڳ يا پاڻيءَ ۾ وڏا ٻنا، وڏا ٻندوڙا. مڃي لاءِ وڏل چار وارا ماڳ. موڪيون= نلهايون، مياڻين وارن کي آباد ۽ خوش ڪيو. ١٣. پڪارئو= سهڻا سڏا ڪري اڏيو. آتڻ= ڪتڻ واري جاء. اجارئو= سهڻي صاف ڪريو. ڪينجهر= ڪينجهر ڍنڍ ۽ لاڳو علائقو. قرارئو= امن ۾ آيو ۽ آباد ٿيو. سمڪئو= بخشيو، ملاحن کي انعام ڪري ڏنو. ١۴. منهن= ماڳ تي، تڏي تي، ويڙهي ۾. ڄلي= پاڻ هلي.

ماڳين پيئون مَسنَدُون جهُڳين پاس جهُلِي
عَطرَ ۽ عَبِيرَ جي اچي چول چُلِي
ڪِينجهرُ سَڀُ ڪُلِي، اُنِي ڪي انعام ٿئو.

وائي

تو دَرِ آيَسِ سامَ، سَما جامَ!

سامَ تنهنجي

نہ سَمِي نہ سومَرِي، آهيان گندَرِي غلامَ
آهي مُنهنجِي مُنهَ ۾ مَڇِيءَ بُوءِ مُدامَ
سَمي ٻِنا سَرتِيُون، ڪينجهرُ پانيان قِيامَ
اللهَ، عبداللطيفُ چَئي، مون تان لاهِ مَلامَ.

◈

ماڳين= جدا جدا ماڳن تي. مَسندون= تخت واريون ڪٽون. جُهلي= شان سان ڪڇي. چول چلي= چولي لڳي، اوت ٿي.
وائي. سام= پناه ۾ آيل. سام تنهنجي= آهيان سام تنهنجي، آهيان تنهنجي پناهه ۾. ملام= ملامت.

سُر سورٺ

سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جو داستان سنڌ ۾ سخين ۽ سوالين جي سماجي ماحول جو يادگار آهي. مڱڻهارن طرفان ساراهہ سان سردارن جي مشهوري ٿي ۽ سندن ڪُوار (هَجوَ) سببان سربراهن جو نانءُ ناموس گهٽيو. انهيءَ ڪري سوالين جي سوال جي اهميت وڏي ۽ ڏاتارن طرفان انهن جي قدرداني ٿي. منگتن طرفان سوال جي صدا سدائين ڳائڻ وڄائڻ سان ٿي، ۽ ٻيجل بہ ڳائي وڄائي راءِ ڪنگهار کان سر گهريو. انهيءَ ڪري هڪ طرف هيءُ منگتن مڱڻهارن جي موسيقي ۾ مهارت جو داستان آهي، تہ ٻئي طرف هڪ وڏي ڏاتار جي سخاوت سان گڏ سندس راڳ سان عشق جو اهڃاڻ آهي: بلڪ راڳ جي رس ۽ اثر کان متاثر ٿي سر قربان ڪرڻ جو داستان آهي.

عام قصي جي اهڃاڻن ڪي، عام روايتي رنگ بدران، شاهہ صاحب نئين رنگ ۽ نون قدرن جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. شاهہ جي نظر ۾، موسيقي ۾ اثر پيدا ڪرڻ لاءِ 'نرتي تند' ۽ 'نياز' واري وڄت ضروري آهن. ٻيجل بہ راءِ ڪنگهار کي موهي وڌو جو "نرتي تند نياز سان ٻُرائي ٻيجل". 'سُرت نرت' موسيقي ۾ مهارت جا خاص مدارج آهن، ۽ نياز سان راڳ جو احضار (پيش ڪرڻ) اثر انداز ٿيڻ لاءِ ضروري آهي. ساز جي وڄت جي حوالي سان بہ شاهہ صاحب موسيقي جي تاثير جي اصليت سمجهائي آهي تہ حقيقت ۾ تاثير ساز ۾ سمايل ناهي، پر وڄائيندڙ جي اندر واري لئي ۽ نازڪ احساسن جي لهر آهي. هيءُ ڪو ٻاهرين تند جو تاڻُ ناهي پر وڄائيندڙ جي اندروني راز جي 'رُون رُون' آهي: اهي وڄائيندڙ جون آڱريون ئي آهن جيڪي ٽيون ساز کي ڇيڙين جيتوڻيڪ ٻڌندڙ ٿا ڀانئين تہ ساز ٿو سُر ڪڍي!

"ايءُ تاڻُ نہ آهي تند جو، ٿو رُون رُون ڪري راڙُ
هٿندڙ سندا هٿڙا، سيڪو چوي ساز."

داستان پهريون

١

اللهَ جي آسَ ڪَري ٻيجَلَ ڪِي ٻاڪَارَ
'لَاالٰہ اِلااللهُ مُحمدُ رَسُولُ اللهِ' رکيائين
ٽَندُنِ مَنجهِہ ٽوارَ
ماڙيءَ ۾ مَلُوڪَ جي سِيباڻِي سَردارِ
جيڪِين خَلقِئو خِلقِٺهارَ، سو مِڙوئِي ڏِنائين مَڱَتي.

٢

اللهَ جِي آسَ ڪَري هَلِي آيو هِتِ
جاچِڪُ اُيو جِتِ، سِرَ جِيُون صَدائُون هَٿِي.

٣

اللهَ جِي آسَ ڪَري هَلِي آيو هِيءُ
مالُ نہ مَنگي مَگڻو، جاچڪُ مَنگي جِيءُ:
'وَڍِ وَهلو ٿِيءُ، ساعَتَ صَبرُ نہ سهان.'

٤

اللهَ جِي آسَ ڪَري هَلِي آيُسِ هيرَ
هاتڪَ تو حَضُورَ ۾ پرتان پَري پيرَ
وِيرَ لَڳاءِ مَ ويرَ، وَڍِي ڏي تہ وَڃِي وَڃان.

٥

اللهَ جي آسَ ڪَري سُڻِي آيُسِ شانُ
مَڱَڻِ ڪِهڙِيءَ مَتِ سِين، نِسورو نادانُ
سو ڪو ڏياريين ڏانُ، جو طمعَ کي تَرڪُ ڪَري.

٦

آءٌ سوالِي سِر جو، آيُسِ اڳاهُون

د-١: ١. ٻاڪار= راڳ جي شروع واري وڏي 'ها' "هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو بہ عبادت جوڳو ڪونهي ۽ محمد (صلي الله عليه وآله وسلم) الله جو رسول آهي. اها توار سندس سرندي جي تندن ۾ سمايائين. سيباڻي سردار= اها توار سردار کي وڻي وئي. ٢. جاچڪ= منگتو، ڳائيندڙ فقير. ايو= بيٺو. سر جيئون= سر گهرڻ جيون. صدائون هٽي= وڏي سڏ سوال واريون گهرون ڪري. ٤. هير= هن وقت. هاتڪ= اي هاتڪ! اي حاذق! اي سياڻا! وير= اي دل وارا بهادر! اي وڏي عقل وارا داناء! .٥. طمع کي ترڪ ڪري= طمع کي ختم ڪري. ٦. آڳاهون= ڪافي دير اڳ، گهڻو اڳ.

مَتي ري مَسَ رکان پيرُ کڻي پاھُون
داتا سُڻُ دانھُون، جي گَريان کوڏِ کَپارَ جِيُون.

۷

تو دَرِ آيُسِ راڄيَا، ھِھڙو وَني حالُ
اُونائيج عَليلَ جو سَباجها سُوالُ
اَگڻَ مَتي آنهجي کَھي کِين قَوالُ
پَلا کَري پالُ، اَمُنُ ڏِيو اُنِ کي.

۸

تو دَرِ آيُسِ راڄيَا، ٻئا دَرَ کَري دُورِ
سائِلُ تو سَينِ ھَٽي، ھَردَمِ آن حَضُورِ
ٻئو نہ مَڱي مُورِ، اَمُنُ ڏيو اُنِ کي.

۹

تو دَرِ آيُسِ راڄيَا، ٻئا دَرَ ڏيئي ٻَنِ
کَھان جو کُماچَ سِينِ، سو سُڻُ سَباجِھي کَنِ
جا مَنگَ مُنهنجي مَنِ، سا توکي مَعلُمَ سَيَکا.

۱۰

ٻئا دَرَ ڏيئي ٻئِنِ کي، آيُسِ تُنهنجي دَرِ
سُونهارا سورَٺِ- وَرَ، کا مُنهنجِي کَرِ
پَلا پيري پَرِ، پالھو پاندُ پينارَ جو.

۱۱

کِين جو ٻيجَلَ ٻولِيو پِنيءَ ويھي پانَ
راجا رَتولُنِ ۾ سيباٽو سُلطان:
آءُ مَتاھون مَڱڻا، مُقابِلِ ميدانَ
گھوريان لَکَ لَطِيفُ چئي تُنهنجي قلمَن تان قُربان
مَتو ھِيءُ مِزمانَ، ھَلِي آءُ تہ ھِت ڏيان.

۱۲

مَنگَ نہ تُسِي مَڱڻُو، مِلِکَ نہ مَنگي مالُ
ڏاننِ- ٿُون ڏُورِ ٿِئي، کا جا کَٽسِ ڳالِ
آھي اِن خِيالِ، تہ ڏينِي ٿئي ڏاتارَ سِين.

وائي

ڏينِي سِينِ ڏاتارَ، ٿي موچارِي مَڱڻي
اَچي چارڻَ نہ چوريين، کاجا تَندُ تَوارَ
راڄيي سَباجهي سَتارَ ....
نِياڳَنِ نَوازَ ٿِي، تِلَنِ تا ٽاٽارَ
ھَٽَ ۾، لَنگھي جِيءَ پَتارَ ....

داستان ٻيو

۱

مَحلين آيو مَڱڻو، سازُ کڻي سُرَندو

مَتي ري= سر (ونٹ) کان سواءِ. مس رکان= ھرگز نہ رکان. دانھون= سوال جون صدائون. کوڏ= سرھائي سان (تہ سر ملندو). کپار= متو. ۷. اونائيج= ٻُڌي ان کي مان ڏج. عليل= بيمار، آس ۽ اميد جي ڳِتي ۾ ڳريل. کھي= ٻڌائي، ڳائڻ ۾ کا ڳالھہ تو کري! قوال= ڳائڻو. امن ڏيو= امان ڏيو، پناھ ڏيو. (اصطلاح طور) مان ڏيو ۽ مراد پوري کريو. ۸. سين ھٽي= صدا کري، سوال کري. آن حضور= اوھان جي حضور ۾، اوھان جي آڏو. ۹. کماچ= تارن واري ھک ساز جو نالو جيکو گزي سان وڄائجي. سنڌ ۾ مڱڻھار فقير اڳ کماچ ٻہ وڄائيندا ھئا. کي سال اڳ راقم ٿر ۾ کيل کچھري ۾ ھک فقير کي ساز وڄائيندي ٻڌو جو منھنجي لاءِ نئون ھو. پڇڻ تي چيائين تہ: 'کماچ' آھي. سباجھي کن= ٻاجھہ ڀريي کَن سان. منگ= گھر. ۱۰. تنھنجي در= تنھنجي در تي، تو وٽ. سورٺ ور= اي سورٺ جا ور. کا منھنجي کر= کا منھنجي ڀوئواري کر، منھنجو عرض اوناءِ. پيري پر= ورائي پر، آٽي پُر کر. پالھو پاند= خالي پَلئُ. پينار جو= منگتي جو. ۱۱. کين جو= اھو کجھہ. ٻوليو= ڳايو. پنيءَ= پنئيءَ رات جو، وھاڻيءَ رات جو. پان= منگتي، مڱڻھار. رتولن ۾= رنگين محلن ۾، رتولن پينگھن ۾. سيباٽو= دل کي وڻي ويو (اھو جيکو ٻيجل ڳايو). مقابل ميدان= روبرو. ۱۲. منگ= خيرات. نہ تسي= ان تي راضي نہ ٿئي. ملک= ملکيت. ڏانُ= ڏنل بخشش، عطا. ڏانن ٿون= انعامن کان. ڏور ٿئي= پري ٿئي، نہ قبولي. کٽس= وٽس. کاجا ڳال= کاجا ڳجھي ڳالھہ. ڏيني= روبرو ملاقات. وائي. ڏيني= روبرو ملاقات. چورپين= چورئين، وڄائيين. نواز ٿي= نوازش ٿي. ٽاٽار= ھلکڙا. د-۲: ۱. مڱڻو محلاتن ۾ سُرندو ساز کڻي آيو.

سِرَ جي صَدا سُرَ ۾، گهورَ هَٽِي گهُرندو
مَتي رِءَ مَلُوڪَ جي چارڻ نہ چُرندو
جهُونا ڳڙهہ جهُرَندو، پُندِي جهانءِ جهروڪَ ۾.

2

ساري راتِ صاحِبَ ڪي ڳڙهہ پَرِ ڳايائين
اُنسِ ماڻڪَ مِينہَ جان، هَٿِ نہ ڇُتائين
تي لائِقُ لَدائين، جي هو ميراثِي مَڱڻو.

3

چارڻ چَنگَ بَنگَ لهي، وَڃايو وِڏاڻ
سِرُ تان هَڏِ آسانُ، پَرَ مڱڻهارُ مَتي وَهي.

4

چارڻ تُنهنجي چَنگ جو عَجَبُ آهِم اِيءُ
هٿين اُيو هَٿَنِ سِين جِئرو رکيو جِيءُ
راتِ منهنجو رِيءُ، ڪاٽيو تو ڪماچ سِين.

5

ماڙِيءَ هيٺ مَلُوڪَ جي چارڻ چوريئو چَنگُ
مِرُو پِئا اُت مامَري، ريڌا پَسِي رنگُ
پيجَلَ لَڌو پنگُ، راجا تي راضي ٿِئو.

6

ماڙِيءَ هيٺِ مَلُوڪَ جي، ڪا جا ڪِيائين ڪُوڪَ
راجا رَنگَ مَحَلَ ۾، هَنڌِ هَنڌِ پيئِي هُوڪَ
'مَتو ڏي مَلُوڪَ، تہ ڏيهہ ڪي آءٌ ڏيکارِيان.'

7

ڪَنجهي ڪِيرَتِ ڪِينرو، واڄو وِلاتِي
هَنئِي تَندُ حُضُورَ ۾ تِنہِ پارَسِ پيراتِي
سُٽيڊِهين سُلطانَ ڪي ظاهر ٿِئو ذاتِي
ڪَڍِي تِنہِ ڪاتِي، وِڏو ڪَرَٺ ڪَپارَ ۾.

8

نِرتِي تَندُ نِيازَ سان ٻُرائِي پيجَلَ
راجا رَتولَنِ ۾ اُونائِي اَمُلَ
رازُ ڪَيائين راوَ سِين موچارِيءَ مَحَلَ
"اَنا اَحمَدُ بِلا مِيم"، سَينَ هَنئِي سائِلَ
کِنہ کِنہِ پيئِي ڪَلَ، تہ هردوئِي هيڪُ ٿِئا.

سر جي= راءِ ڏياچ جي سر جي. صدا= گهُر، سوال. گهور هٽي= گهور واري تند وڄائي. جهرندو= جهري ويندو. پندي= پوندي. جهانءِ= هاءِ هاءِ وارو غوغاء، (رئڻ جي) گونج. جهروڪ= اها جاءِ جتي راءِ ڏياچ اچي ويهندو هو ۽ رعيت سندس ديدار ڪندي هئي. ٢. ڳڙهہ پر= قلعي لڳ. اُنس = وُنس، ان جي مٿان وَسيا. هٿ نہ ڇتائين= انهن کي هٿ سان بہ نہ ڇتائين، هٿ بہ نہ لاتائين. تي= تنهن ڪري، انهيءَ ڪري. جي هو= جو هئو. لائق لڌائين= راءِ ڏياچ جهڙو سخي لائق مليس. ميراثي= ميراث وارو، ٻڌائتو. ٣. چنگ= واڄو. چنگَ بَنگَ لهي= چنگ جو بنگ لهي، ساز جو سَجهہ لهي، واڄي جو پورو وجهہ لهي، سُرندي جي تارن کي ملائي ان جي ڀرپور سُر جو فائدو وٺي. وڏاڻ= واڄو، سرندو. سر تان هڏ آسان= اهو سِر ڏيڻ تہ بهرحال سولو ۽ آسان آهي پر مڱڻهار اجان مٿي تو سُر وڄائي. مٿي وهي= اجان مٿي پيو ٻُرائي، اجا مٿي پيو آلاپ ڪري. ٤. چنگ= ساز. جئرو رکيو جيءُ = منهنجو 'جيءُ' اجان جئرو رکيو اٿئي (وڍي نٿو وجهين). رِيءُ (رِيحُ) = دم واري هوا، ساهہ. ڪاٽيو تو= هوند ڪاٽيو تو. ڪماچ= ساز جو نالو. ٥. چوريئو چنگ= ساز وڄائڻ شروع ڪيو. مامري پئا= حيران پريشان ٿيا. ريڌا پسي رنگ= راڳ جو رنگ پسي ريڌا. لڌو بنگُ= ٻيجل کي وارو مليو وئو، تي راضي ٿيو، تڏهن راضي ٿيو. ٦. ڪوڪ= راڳ جي تکي سُرائتي 'ها'. راجا رنگ ۾ محل ۾= راجا رنگ محل ۾ اها ڪوڪ ٻڌي. هوڪ= عام جام خبر. ملوڪ= اي سهڻا (راءُ ڏياچ). ٧. ڪيرت= ذڪر، صفت ثنا، ساراهہ. ڪينرو= ڪماچ. ڪنجهي= ڪنجهي جو، پٽل مثل ڪنجهي ڏاتو مان نهيل ڪينرو. واڄو= ساز. ولاتي= ولايتي. (عجيب ۽ قيمتي). هنئي تند= تند وڄائي (راڳ شروع ڪيو). پارس= تند جي وڄت، ۽ وڏي اثر واري. پيراتي= پيرائتي، سربستي، سُر ۾ پوري. اها تند سٽندي ئي، راجا (سلطان) کي ذاتي ظهورو ٿيو (تصوف جو اصطلاح)، مٿس ذات الاهي جو جلوو ٿيو. انهيءَ مرحليءَ تي راءِ ڏياچ ٻيجل کي سر وڍڻ لاءِ چيو ۽ هن ڪاتي ڪڍي راجا جو سر وڍيو. ٨. نرتي= وڏي نرت واري، وڏي اثر واري. ٻُرائي= وڏي چوٽ تي وڄائي. اونائي= غور سان ٻڌي. اَمُل= اها اَمُلهہ راڳ واري تند. راز= پنهنجي دل جو راز. اَنا اَحمدَ بِلا مِيم= آءٌ 'احمد' آهيان بنا 'ميم' جي (=احد). هر دوئي= ٻيئي. هيڪ ٿئا= هڪ (احد) ٿي ويا.

۹

ٻرتي تَندُ نِيازَ سان ٻيجَل ٻُرائِي
راجا رَتولَنِ ۾ وَرنائِي وائِي
کوناياٸين کوٺ ۾ ٻارٺُ ٻاجهان ئِي
راجا راڳائِي، هَر دوئِي هيڪُ ٿِيا.

۱۰

اِي تانُ نہ آهي تَندُ جو، تو رُون رُون ڪَري رازُ
هَٽندڙَ سَندا هَٿڙا، سَيڪو چوي سازُ
سَٽَ ڏيئِي شهبازُ، ٿِيءُ تہ ٿوڪُ پرائِيين.

۱۱

ڪا جا تَندُ ٽُنبيرَ جي سُتي سُئائِين
موٺِي مَڱڻهارَ کي پَرِ ۾ پُڇيائِين:
’ڪ تون مَڱڻو مالَ جو، ڪِ سِرُ مَڱين سائِين‘!
تان ڪَنڌَ ڏي ڪِئائِين، اِشارو آڱرُ جو.

وائي

تو تان سانگُ نہ ڪو، ماري مير وِڏوءِ
هيڏو ڦهرُ ڪيوءِ
مولِيٰ جا مَڱڻا، هادِيءَ جا مَڱڻا!
آيُون جو آسَ ڪَري، سو مَرُ پاندِ ٽُنهنجِي پوءِ

جِمَ موتايين مَڱڻو، اُپِي خاٿُون راڻِي چوءِ
ڏِنُئِي نامَ اللهَ جي، سو سِرُ سُڳنڌو هوءِ.

داستان ٽريو

۱

رِءَ مَصلِحتَ مَڱڻا قَصرِ ڪِينَ اچَنِ
نُورَ تَجلِي نُورَ سِين، ٿيو نينڻ پَسَنِ
خيمي ۾ ڪنگهارِ جي چانڊوٺا چمڪَنِ
لَڏائِين لَطِيفُ چَئِي سَندا ڏانڻ ڏِسينِ
تيلاهَ مُلڪَ ڏِٺينِ، مجئو مَڱڻهارَ کي.

2

ڪوڙين آيا ڪيرتِيا، پِتو پِتين پانَ
جَنِ ڳِڙهان ٻَهرِ ڳائِيو ظاهِرُ ساڻُ زبانَ
هيءُ منجهہِ پينو مَڱڻو اُپرِ سِين احسانَ
’اَلتَحياتُ لِلهِ وَالصلواتُ والطِيبَاتُ‘، ساراهي سُبحانَ
جِهَڙو پَلو پانُ، تِهڙا ڏانَ ڏياجَ جا.

۳

سَهسين آيا سورِٺِيا مانجهي مَڻيادارَ
جَنِ ڳِڙهان ٻَهرِ ڳائِيو سَهجان سَڀِ جمارَ
ٽُنبيري جي تَندُ جي اُت پهرِين هُئِي پَچارَ:

۹. ٻُرائي= مَٺي آواز جي وڏي چوٽ تي وڄائي. وائي= اها وائي يا اهو راڳ جيڪو ڳاياٸين. ٻارٺُ= راڳائي. ٻاجهان ئي= ٻاجهہ مان ئي. راجا راڳائي= راجا ۽ راڳائي. ۱۰. سِٽَ جي معنيٰ= اهو تند جو تان نہ آهي پر اهو راز آهي جيڪو تو رُون رُون ڪري (يعني وڄائيندڙ جي من جو راز ۽ ڪاريگري). سيڪوئي چوي تہ ساز ٿو وڄي، پر حقيقت ۾ اهي هٽندڙ سندا هٿڙا آهن (جيڪي هو ساز تي هڻي ٿو) جيڪي ٿا وڄائين (ڪاريگري وڄائيندڙ جي آهي، ۽ ساراهہ بہ وڄائيندڙ کي جڳائي). شهباز ٿيءُ= شهباز وانگر وڏي قوت ۽ طاقت وارو ٿيءُ تہ ٿوڪ پرائيين، يعني تہ ڪا ڪم جي ۽ قيمتي شيءِ توکي هٿ اچي. وائي. سانگ= سانگو. آيون= تون جو آيون. پاند تنهنجي پوءِ= پاند تنهنجي ۾ پوي، توکي ملي. جم= متان. اپي= بيٺي. خاتون راڻي= راءِ ڏياج جي ماءُ. چوءِ= چوي. سڳنڌو= سرهو. د-۳: ۱ رِءَ مصلحت= ڪنهن مصلحت ريءَ، ڪنهن رٿ يا ڳُهر کان سواءِ. قصر= قصر ۾، محل ۾. (منگتا ڪنهن مصلحت يا رٿ کان سواءِ شاهي محل ۾ ڪين ٿا اچن). هڪ شاهي محل جي روشنائي واري تجلي، ۽ ٻي ڏسندڙ جي اکين جي نور واري تجلي، اهي ٻئي تجليون ٿيون اٿ گڏجن؛ (محل کان سواءِ) راءِ ڪنگهار جي تہ خيمي ۾ بہ چئوطرف چانڊوڻ آهي. (اهڙي روشن ماڳ تي) لطيف ٿو چوي تہ ’مڱتي ڏسين جا ڏاڻ لڏا= چئني طرفن جا وڏا انعام اڪرام حاصل ڪيا.‘ ملڪ ڏٺين= رَاون راجائن. ۲. ڪيرتيا= ڪيرت ڪرڻ وارا، ڳائڻ ۽ ساراهڻ وارا. پِتو پِتين= جدا نمونن وارا. پان منگتا. ڳڙهان ٻاهر= ڳڙهہ کان ٻاهر. منجهہ پينو= اندر محل ۾ اچي بيٺو. اپر سين احسان= (مٿس) وڏي احسان (ٽيڻ جي) ڪري. اَلتحياتُ لِلهِ وَصلوات وَالطيبَاتُ =سڀ ساراهيون هڪ الله کي ۽ صلواتون ۽ مرحبائون. ساراهي سبحان= ائين چئي پيو الله سبحانه و تعاليٰ کي ساراهي. ڏان= انعام ڪراهہ. ۳. سورٺيا= ’سورٺيا ڏوها‘ ڏيڻ وارا ڳائڻا، سورٺ ملڪ جا ڳائڻا.

"آءٌ مَتاھُون مَگَڻا چڙھِي دَرَ دُئارَ"
توکي گھوٽَ گھُرائيو، خلوَتَ لاءِ کنگھارَ
"السلامُ عليکَ ايُّھا النّبِي" اي کِلي کِيائِين کِينکارَ
سُئو ۾ سَنسارَ، تہ مُلکُ ڏِنائِين مَگَڻِي.

۴

آءٌ مَتاھُون مَگَڻا، چڙھِي ۾ چوڏولَ
توکي گھوٽ گھُرائِيو راجا مَنجھہ رَتولَ
ٻيجَلَ تو سِين ٻولَ، وِھاڻِيءَ وَڏِڻَ جا.

۵

پائي پَٽ کَٽان، مون تان مُور نہ مَنگِئو
تازِي طَبيلَنِ ۾ گھوڙا گھَرِ گھَڻان
ھاڻيءَ کارَڻِ ھيکَڙي آءٌ کا تَندَ ھَڻان
جا مَتي تو مَٽان، تِنھِ سِرَ جو آيُسِ سيکڙو.

۶

ٻيلي ٻيئي پارَ، مُون نيٺين گھڻو نِھارِيا
چوري رکيمِ چِتِ ۾ ڏِسينِ جا ڏاتارَ
ھيءُ سِرُ توھان ڏارَ، ٻيجي کِنھِ نہ ٻولِيو.

۷

جاچِکَ تو جُھارَ، ڏھہ پيرا ڏِياڄُ ڏي
جِنھِ ۾ مالُ نہ مِريءَ جيتِرو، تون تِنھِ ۾ طمعدارُ
جي اَچي کَمُ کَپارُ، تہ وِيھہ پيرا وڏي ڏِيئِين.

۸

جوتو 'ڏيَڻُ' ڏِياڄَ پاڻيو، ايئن سِرُ سَيُکو ڏي
کِين نانھ جِھڙو ني، جو سَندَ ٿِيين سُوالِيين.

۹

'ڏيَڻُ' گھڻو ڏھلو، سِسِي ڏِيَڻُ سُکُ
سو تان ڏِياڄَ ڏُکُ، جو تَعلقُ رکي تَندُ سِين.

۱۰

جو تَعلقُ رَکي تَندُ سِين سو کِين پَلئہ پاءِ
مُونکي مَ موتاءِ، آءٌ اڳاھُون آئِيو.

۱۱

مون ڳُجھہُ پَنھنجِي ڳُجھہَ سِين رِندَ رَساڻِي لاھِ

در دُئار= محل جا در. خلوت لاءِ= خلاصي رھاڻ لاءِ. اَلسلامُ عَليکَ اَيُھاالنبِي= اي نبي توتي سلام. سئو= ٻڌو. ٤. چوڏول= ھڪ ڪرسيءَ مثل چڪو جنھن تي معزز مھمان کي ويھاري پوءِ واجھن سان چڪي متي محل تي چاڙھيندا ھئا. رتول= رنگ محل. ٻولَ= پڪا واعدا ۽ اقرار. وھاڻي= وھاڻي رات وقت، وڏيءِ اسر جو. ٥. پَٽَ= جمن، ڪشتو. پائي پٽ ڪٽان= ڪشتي ۾ ان جا ڪٽان خيرات طور پني. مون تان مور نہ منگيو= ائين مون ڪڏھن بہ ڪونہ پنيو. ھڪ ھاڻيءَ لاءِ بہ آءٌ ورلي ڪا تند وڄايان (ھاڻيءَ ونڻ لاءِ بہ آءٌ ڪو ڳايانَ!) مٽان= مٿيا. ٦. ٻيلي ٻئي پار= لس ٻيلي جا ٻئي طرف (ٻيلو سخي سبڙ جي سخا ڪان مشھور. انھيءَ ڪري اتي سر ڏيڻ واري سخي جي ڳولا ڪيم). چوري رکيم= جانچي رکيم. ڏسين جا= چئني ڏسين جا، سين پاسن جا. ڏاتار= سخي. توھان ڏار= توکان سواءِ. ٻيجي= ٻئي ڪنھن. نہ ٻوليو= نہ باسيو، ڏيٺو نہ ڪيو. ٧. جاجَڪ= اي جاجڪ. جھارُ= جس (جھار ڏيڻ= ساراھ ڪندي جس ڏيڻ. وڏائي ڏيڻ ۽ ساراھ ڪرڻ). جنھ ۾= جنھن مٿي ۾. مري= مرچ. ڪپار= مٿي جو ھڏو. ڪيپڙائي. ٨. ھيءُ ٻيجل منگتي جو حجت وارو ٻول آھي جو راءُ ڏياج کي چوي ٿو تہ: "ائين تہ سيکو سِر ڏئي! تون اجان ڪجھہ وڏيڪ ڪر." اھو وڏيڪ ڪرڻ وارو مفھوم ٻيءَ سٽ ۾ سمايل آھي تہ تون ناھ جھڙو ني: يعني تہ تون نيستي ۽ نابودي وارو عمل پاڻ سان ڪٺي وڄ جئن تنھنجي اھا 'نيستي' سوالين لاءِ سَند بنجي. تصوف جي مفھوم مطابق معنيٰ تہ: 'تون پاڻ کي جئري فنا ڪر، مرڻ کان اڳ پاڻ کي مار' (مُوتوا قبل اَن تموتوا). ٩. ھيءُ بيت راءُ ڏياج جي زباني چيل آھي، يعني تہ راءُ ڏياج پاڻ ٿو چوي: ڏيڻ= ھر ويل، ھر ڏينھن سڄي عمر تائين پيو نقد ناڻو ۽ مال متاع ڏيڻ. ڏھلو= ڏکيو. سسي ڏيڻ= ھڪ ئي ڀيرو سسي ودي ڏيڻ. سُکُ= سکيو سولو ڪم. جو تعلق رکي تندسين= جيڪو ساز جي تند توار سان ٿو تعلق رکي؛ يعني تند جي تار توار وري پئي سر ودِي' (اھو ڏکيو آھي). ١٠. (ھيءُ سٽ منگتي جي زباني چيل آھي). جو تعلق رکي تندُسين= جنھن جو تعلق تند سان آھي، تند جي سُر ۽ وڄت ۾ جنھن جي گھر ڪيل آھي. سو= سو سِرُ، سو مٿو. اڳاھون آئيو= گھڻو وقت اڳ آيل آھيان. ١١. ٻيجل ٿو راءُ ڏياچ کي چوي تہ: منھنجو ڳجھہ (تہ توکان سر گھران). پنھنجي ڳجھہ سان (تہ سر ڏيان) ملائي، سر ودِي لاھہ. رساڻي= ملائي. لاھہ= سر لاھہ، ودي لاھہ.

اَجَلُ آيو آهِ، پُٺيءَ تو پَلاٽيو.

۱۲

مَتو مُورِ نہ پاڙيان، تُنهنجيءَ تَندُ تَوارَ
سِرَ ۾ سَچَڻَ ناهِ کِين، موٽ مَ مڱڻهارَ
کِينهِين مَنجهہِ کَپارَ، لَڄيندو تو لاهِيان.

۱۳

جِيءُ مڱڻا هوءِ، جو تو مَتي سِرِ سَنو کيو
جو مُلِ مون نہ سَپجي، تان جي سو گھُريوءَ
تہ جُڳان جُڳِ ڏِنوءِ، ڏُنگهو ڏاتارن کي.

۱۴

مَتو مَتائين گھوريَان، مَتو تو مَتاءِ
سو مون ٿِئي نہ هَتاءِ، جِنهِ تون لائِقُ مَڱڻا.

۱۵

چارَڻَ ٻولِج کِين ٻِئو، گھُريوءِ سو گھوريان
ڳَڙهہ سورَٺِ ٿِي نہ پَڙي، جي تَندُنِ سان توريان
ڳُجهي آهِ ڳالهَڙِي، آءُ اوري تان اوريان

ڪُلهَنئون ڪوريان، ڪِ جاڃکَ جُسي سِين ڏِيئِين؟

۱۶

پَسي پاٽُ پُرِ ٿِئو، سَندو جادَمَ جُودُ:
مَنگَ وِهاٽي مَڱڻا، هيرَ مَتو موجُودُ
بَلکِ آهي بُودُ، ناقِصِي نابُودَ ۾.

وائي

مَتو ۾ ڪينڪارَ يارَ، ڏانَ ڏِيندوسَئِين مَڱڻا
مون مَن آهي موهِيو، ٽُنبي جِي ٽوارَ
ٻِيجي کِنه نہ ٻولِيو، هيءُ سر تو هان ڏار
لَڄيندو تو لاهيان، کِينهي منجهہ کَپارَ
مَچُڻُ موتِي کا ڪريين ڳِلا جي ڳُفتارَ
ڪُل نَفس ذائقةُ الموتْ، پَرُوڙِ اي پَچارَ.

داستان چوٿون

۱

سَرديءَ سالم نہ رَهان، گَرِميءَ ٿيان گُدازُ:

اجل= موت. مٿان پلاٽيو= تيار ٿيو. ۱۲. پاڙيان= برابر ڪري بدلايان، هڪ جهڙو ڪري ذي وٽ ڪريان. تنهنجيءَ تندُ توار= تنهنجي تندُ جي توارَ سان. موٽ مَ= تون نااميد ٿي يا رنج ٿي موٽ نہ. لڄيندو= لڄارو ٿي. ٿو لاهيان= ٿو وڍيان. ۱۳. جيء مڱڻا= (اي مڱڻا توکي جيءُ جس هجي جو تو منهنجي سر گهرڻ تي آسانگو ڪيو، رضامندو ڪيو (اڪتفا ڪئي). نہ سپجي= پيدا نہ ٿئي. تان جي= جي تو. سو گهريو= تو اهو گهريو (جي تون اهو ڪجهہ گهرين ها جيڪو مون وٽ هجي ئي نہ ها). جڳان جڳ= جُڳن تائين، هميشه لاءِ. ڏنگهو= طعنو. ڏاتارن ڪي= سخين ڪي (تہ هوند هميشه لاءِ سخين تي طعنو اچي وڃي ها، ٽڪو لڳي وڃي ها). ۱۴. مٿائين= تو مٿان. ٿئي نہ هٿاء= مون ڪان نٿو پڄي (تون تہ اجان بہ گهڻي انعام اڪرام جو لائق آهين ۽ تون جنهن انعام اڪرام جو لائق آهين سو تہ مون ڪان نٿو پڄي، باقي پنهنجو مٿو تنهنجي مٿان گهوري ٿو ڇڏيان). ۱۵. گهريوءِ= جيڪي تو گهريو. سو گهوريان= سو گهوري توکي ڏيان ٿو. ڳڙهہ سورٺ= سورٺ ملڪ جو ڳڙهہ، گادي وارو قلعو، جهوناڳڙهہ. نہ پڙي= تور ۾ پورو نہ بيهي، برابر نہ ٿئي. تندن سان= ساز جي تندن سان، تندن جي وڄت سان. اورَيان= راز واري ڳالهہ توسان ڪريان. ڪوريان= وڍيان. جسي سين= سڄي ڌڙ سوڌو. ۱۶. پاٽ= منگتو. پُر ٿئو= خوشيءَ ۾ پرجي ويو. جادم= سَمن جي نسبنامي ۾ وڏي ۾ وڏي ڏاڏي جو نالو. جود= سخا. سندو جادم جود پسي= جادم مثل راءِ ڏياچ جي سخا ڏسي. (هيءُ سٽ ۽ ٽريءَ سٽ ۾ راءِ ڏياچ جو ڏنل جواب آهي) منگ ڏان، خيرات، سوالين جي عام گهرَ. وهاٽي= پوري ٿي. هير مٿو موجود= هن وقت فقط مٿو ئي باقي بچيل آهي (يعني تہ نقد ناڻو ۽ مال جنس سڀ سوالين جي حوالي ٿي ويو؛ هن وقت ناقصي آهي، گهٽتائي آهي، کوٽ آهي). (مگر ناقصي ئي وڏي شيءِ آهي. 'بلڪ نابود واري ناقصي ۾ ئي بود آهي. بود= هستي، بقا. ناقصي نابودي نيستي. وائي. ڪينڪار= پلي ڪار، آجيان، مرحبا. ٻيجي= ٻئي. ٻوليو= ڏيٺو ڪيو. مچڻ= مٿان. ڪل نفس ذائقة الموتِ= هر ساهہ واري کي موت جو مزو چکڻو آهي. د-۴: ۱. سرديءَ= سردي ۾. سالم= چاق چگو ڀلو. گرميءَ= گرمي ۾ گداز= ڳريل، بي حال.

اَمُنُ ڏيڄ اَمانُ تون، سائِلُ هَٽي سازُ
رَبابِيءَ کي رازُ، خالِصُ ڏيڄ خَلِيلَ جو.

۲

سَردِيءَ سالِمُ نہ رَهان، ڪوسِي سَهان ڪانہ
اَمُنُ ڏيڄ اَمان تون دُور ڪَري ٻئا دانَ
پانڌپَ ڪائِي پانَ، وجهج پِڪَ پينارَ تي.

۳

مَرُ تہ آئِين مَڱڻا، مامَ پَرُوڙي مُون
جيڪا ڳاهَ ڳالهائِيين، سا سَڀِ سَمجهيسُون
تنهِ تي تُسج تون، جيڪِين پوئي پَٽَ ۾.

۴

تَندُ تُمهاري تانُ، ڪَهيو سو قَبُولُ پِئو
سِرُ تان آهي سَٽَ ۾، ٻئو ڪِين مَڱج ڏانُ
خاڪَ مِٽيءَ کا بانُ، ڪاٺئان پوءِ ڪُجهہ نَهين.

۵

ڏٺِي سَچِيُون ڏهہ سِيسُون جي متي هُيُون مان
وَڏِي نامَ الله جي هُوندِ ڏِهاڙي ڏيان
پر اِنهِينءَ لَڄَ مَران، جئن ڏَڙ متي سِرُ هيڪڙو.

٦

جي مَتي اُتي مُنهنجي هُئا سِرَن سَوَ هَزارَ
تہ تُنهِنجِيءَ تَندُ تَوارَ، هَرَ هَرَ وَڍِيم هيڪڙو.

۷

مَتي اُتي مُنهِنجي، جي ڪوڙين هُونِ ڪَپارَ
تہ واري واري وَڍِيان سِسِيءَ کي سَئو وارَ
تہ پُڻ تَندُ تَوارَ، مُونهان مَتاهِين مَڱڻا!

۸

جان تَندُ بَرابَرِ توريان سئو سِرَنِ پائِي
اَتَلَ اوڏاهِين تِئِي جيڏانہ ٻيجَلُ ٻُرائِي
سَڳٽو هَڏُ آهي، سِرَ ۾ سَچَڻَ ناهِ ڪِين.

۹

وَڍِ سِرُ، تيءُ سَرَهو، مَ ڪِين ڳاءِ مَ گهاءِ
جاچِڪَ تو متاءِ، مُلڪُ مِڙوئِي گهوريان.

۱۰

ٽيئِي پَرچِئا پاڻَ ۾، تَندُ ڪَنارو ڪَنڌُ:
"تنہ جهوئِي ناهِ ڪِين جو تو چارڻ ڪِئو پَنڌُ
اِيءُ شُڪرُ الحَمدُ، جِئن مَتو گهُريوءِ مَڱڻا."

هٽي ساز= ساز تي گزي تو هٽي، ساز وڄائي صدا تو هٽي. ربابي= رَباب جوءِساز وڄائيندڙ. خالص= هوبهو. خليل جو راز= ابراهيم خليل الله وارو راز (جنهن پنهنجي فرزند حضرت اسماعيل جي سر ڪاٽڻ جو پڪو عزم ڪيو). هيءُ بيت جڻ منگتي جي زباني چيل آهي جنهن ۾ هو راءِ ڏياچ کي امن لاءِ ارداس ٿو ڪري (تہ باوجود سر گهرڻ جي هو اول تہ ڪيس امان ڏئي) ۽ چوي تہ: اي ڏاتار! مون منگتي کي ساڳيو خليل الله جي راز (يعني سر وڍڻ) وارو مان ڏج. ۲. ڪوسي= گرمي. دور ڪري ٻئا دان= ٻيا سڀ ڏان ۽ انعام اڪرام ڇڏي پهريائين مون کي امن ڏج. پانڌپ= اي پانڌپ، اي پيارا! پڻ مهر ڪري، پنهنجي پانَ واري پڪ هن پينار تي وجهج. ۳. مر تہ آئين= ڀَل تہ آئين، ڀلي ڪري آئين. ڳاهَ= راز واري ڳالهہ. تُسج= راضي رهج. پٽ= خيرات ونڻ وارو ٿانءِ (وڏو پيالو). ۴. تند ۽ تان= وڄت ۽ آواز. ڪهيو= جيڪي ٻوليو (تنهنجي تند ۽ تان ۾ جيڪي تو چيو، جيڪو سوال تو ڪيو). سٽ ۾= سودي ۾. بان= رنگ، ورن، شڪل، صورت، هيءُ بُت ۽ بوتو. ڪاٺئان پوءِ= ڪٽجي وڃڻ ڪان پوءِ. ۵. متي هيون مان= منهنجي جسم يا ڌڙ جي مٿان هيون، ڪلهن جي مٿان هيون. ۸. پائي= ساهميءَ ۾ وجهي. ٻرائي= ساز کي چوٽ چاڙهي وڄائي. سڳٽو هڏ= خالي هڏن جو پڃرو. ۹. تيءُ سرهو= تيءُ خوش. م ڪين ڳاءِ مَ گهاءِ= (تون سر وڍ پر نڪين وڏيڪ ڳاءِ ۽ نڪين وڏيڪ گهاءِ. جاجڪ= اي ڳائيندڙ منگتا. ملڪ مڙوئي گهوريان= سر تہ ڏيان ٿو پر ملڪ بہ تو مٿان ٿو گهوريان. ۱۰. ٽيئي= هڪ تندُ، ٻيو ڪنارو، ۽ ٽريو ڪنڌ. پرچئا= پاڻ ۾ رس راضي ٿي ويا، ٺهي ويا. (هيءُ ۽ آخري سٽ اهي ٻئي راءِ ڏياچ جي زباني چيل) تنهنجي پنڌ برابر بہ ٻي ڪا شيءِ ڪانهي (جا توکي ڏيان). ڏٽي جي حمد ۽ شڪر جو تو (مون ڪان) متو گهريو جيڪو ڏيئي سگهان ٿو ۽ ڏيان ٿو(پر جي ڪا اهڙي شيءِ گهرين ها جيڪا مون وٽ نہ هجي ها تہ مون لاءِ وڏو لاچار ٿئي ها).

١١

گُلُ چنو گِرنارَ جو، پَٽڻ ٽِيُون پَٽِينِ
سَهسين سورَٺِ جِهڙِيُون اُپِيُون اوسارِينِ
چوٽو چارڻ هَٽَ ۾، سِرُ سينگاريو ڏِينِ
نارِيُون ناڏَ ڪَرِينِ، راجا راتِ رَمَ گيو.

١٢

ڏاتارَ ۽ مَگَڻي ڪونہ وَسِيلو وِتِ
سا ئي ٽَندَنِ تالَ جي، سا ئِي چارَڻ چِتِ
جي هُتي جي هِتِ، ڳالهہ مِڙيائي هيڪڙي.

١٣

مِيين ۽ مَگَڻي ڪا جا ڳالهہِ ڳُجهي
سا ٻايين ڏايين ٻانهِيين سوجهي تان نہ سُجهي
پِيا وِيرَ وِماسَ ۾، عاقِلَ وِٺا اُجهي
ڪوڙِين جي ڪَريمَ ري وِيئي مَتِ مُنجهي
هِڪُ ٻيجَلَ تي ٻُجهي، ٻي خَبَرَ هُئِي ڪنگهارَ کي

١۴

ڪَنِي ڪَنِي ماڻهُوئين پيئي ڪَلَ ڪائِي
رَسِئا جي رَمز ڪي، تَن پارسِي پائِي
'الانسانُ سري وَانا سِرُہٗ'، وَرَتِي ايءَ وائِي
راجا راڳائِي، هَر دوئي هيڪَ ٿِئا.

وائي

اَلوداع وو اَلوداع! جانئان ڪِئَڙَءِ جُدا
وو سورَنِيا ساري، معذورِ وِئين ماري
اَلوداع، وو اَلوداعَ، وو اَلوداع!
جانِي ڪَيڙَءِ جُدا، وو سورَنِيا ساري
هَڻُ تون تَندُ طريقتَ جِي، ٻئا سڀ واڃَڻ وساري
سورَٺَ سَرِتين وِچ ۾، اُپِي اوساري:
هيءُ جو آيو مَنگتو سو متارا ماري
دوسَ دوسنِئُون دُورِ ڪَري، ڏيا ڏيکاري.

◈

١١. گل= (استعاري طور) راءِ ڏياچ. چنو= ڪٽجي ويو، ڪاٽجي ويو (مري ويو). گرنار= شهر جهوناڳڙهہ سان لڳو لڳ اوڀر طرف وڏو شاهي جبل. گرنار جو= (استعاري طور) جهوناڳڙهہ جو، سڄي گرنار ملڪ جو، سڄي سورٺ ملڪ جو. پٽڻ (اڳيون اچار 'پ' جي زبر سان، اڄان تائين بہ رائج)= پٽڻ، پٽڪو، پٽڻ. اپيون اوسارين= بيٺيون اوسارا ڏين. چوٽو راءِ ڏياچ جو= راءِ ڏياچ جو چوٽو (مٿان وارن جو چوٽو هيٺان سر لڙڪيل). سر سينگاريو ڏين= سورٺ ۽ ٻيون سڀ راءِ ڏياچ جي وڍيل ڳچيءَ وارو رت اگهي، منهن صاف ڪري، عطر ڇٽڪاري سهڻو ڪري سينگاري پيون چارڻ کي ڏين. نارِيون= توبون. ناڏ= وڏا ڌماڪا. ڪرين= پيون ڪن (صبوح جو سوير، ڇاڪاڻ جو) 'راجا رات رم گيو'= راجا رات گذاري ويو. ١٣. سنڌ جي فقيرن درويشن توڙي سياڻن سگهڙن، ٻيجل جو مٿي ڪوٽ تي چڙهڻ ۽ راءِ ڏياچ جي حضور ۾ اچڻ واري تخيل مان (۽ صرف انهيءَ تخيل مان) نبي (صلعم) جو معراج تي وڃڻ ۽ حضور الاهي تائين پهچڻ واري تمشيل کي معنيٰ طور پئي ورجايو آهي، جيتوڻيڪ ٻين اهڃاڻن جي لحاظ سان اها تمشيل ناقص آهي. هن بيت ۾ انهيءَ تمشيل کان سواءِ بہ سڌي سهڻي معنيٰ موجود آهي). مِيين= راءِ ڏياچ. ڪا جا ڳالهہ ڳجهي= پاڻ ۾ ڪا جا ڳجهي ڳالهہ رکيل هئي. سوجهي تان نہ سُجهي= پوري نہ پروڙي. وير= وڏا سُڄاڻ. وماس ۾= فڪر ۾، ڳڻتي ۾. اُجهي= منجهي. ڪوڙين جي= ڪيترن ئي گهڻن جي. ڪريم ري= قادر ڪريم جي رهنمائي کان سواءِ. ١۴. ڪن ڪن ماڻهن کي ڪا ڪل پيئي. جيڪي انهيءَ راز کي رسيا تن اهو ڳجهہُ پروڙيو (پارسي پائي). انسان منهنجو ڳجهہ آهي ۽ آءٌ انسان جو ڳجهہ آهيان. هر دوئي= اهي ٻئي. وائي. راءِ ڏياچ جي زباني چيل آهي. سورنيا= اي 'سورنيا دوها' ڳائڻ وارا. معذور= هيڻو، بي وس. تند هڻ= تند وڄاءِ. طريقت جي= سُلوڪ جي. ٻئا واڃڻ= ٻيون وَڄتون. اپي اوساري= بيٺي اوسارا ڏئي. متارا= وڏا لائق، مٿيادار دوس دوسنئون= دور ڪري= وڇوڙي. ڏيا= حشمت، زور، رعب.

سُر رپ

’رپ‘ جي هڪ معنيٰ آهي سخت، ڳرو، زوراور؛ ۽ ٻي معنيٰ آهي سخت زمين. هي سُر ٻنهي معنويٰ لحاظ سان ڳرو ڳوڙهو ۽ سخت زمين وارو آهي، ڇاڪاڻ جو هن ۾ گوندر ۽ غم، سُور ۽ درد جو سمان سٿيل آهي. گوندر ۽ غم پياري پرينءَ جي وِره ۽ وڇوڙي مان لڳي ٿو، جنهن ۾ سُورن اُيرڻ، ڏينهن رات روئڻ ۽ جهوريءَ ۾ جهڄڻ واريون حالتون ۽ ڪيفيتون پيدا ٿين ٿيون. گوندر جي حقيقت ۽ گوندر ۽ غم وارين حالتن ۽ ڪيفيتن جو بيان، پهرئين داستان جو مرڪزي موضوع آهي.

گوندر کي هٿ پير ناهي، ان جي ڪا شڪل صورت ڪانهي؛ درد ۽ فراق اندر واري حالت ۽ ڪيفيت آهي جيڪا پياري پرينءَ جي وڇوڙي ۽ فراق مان پيدا ٿئي ٿي، ۽ جنهن ۾ سُور سَلا ٻَڌي اُيرن ٿا ۽ وڏي وڻ ٿين ٿا: ”وڻ جئن وره وڏن، شاخون ڪئو سرير ۾“. اندر ۾ محبت جو مچ ٿو ٻري جيڪو اُجهامي ئي ڪونہ ٿو: ”جهوري جهڄڻ جهانءِ، ماڻِ نہ اچي مون هنيين“.

درد فراق وارو حال هڪ ڳجهہ ۽ راز آهي جيڪو ٻين کي ٻڌائڻو ناهي ۽ رڳو پياري پرينءَ جي آڏو ئي بيان ڪرڻو آهي. پنهنجي نيه کي نِهائين وانگر اندر ۾ ائين ڍڪڻو آهي جئن ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري. ور ۽ وني‌ءَ جو ناتو ٻہ پيار ۽ محبت وارو نازڪ ناتو آهي جنهن ۾ ونيءَ جي پنهنجي وَر سان سچائي ۽ پيار، ۽ ڪانڌ جو ساڻس قرب ۽ مٿس ڪُلي اعتماد ۽ اعتبار وارو راز سمايل آهي.

داستان پهريون

١

گُوندَرَ ڪِئو غُرَقُ، ماءُ مُنهنجو جِندَڙو
ڏُکوِيَنِ مَرڪُ، مَتي سَڳَرَ پَندَڙا.

٢

گُوندَر گَڏِيياسِ، صِحَتَ نييَمِ سَجَڻين
مادَرِ مارِياسِ، ڦوڙائي پِرِينِ جي.

٣

گُوندَرَ وِڌو پيچُ، ماءُ مُنهِنجي جِيءَ کي
ڏکوِيَنِ جو ڏيجُ، رُوئڻُ رَتُ پِرِينِ لَئي.

٤

گُوندَرَ هَٿَ نہ پيرَ، وِرِهُ مَنجهِهين وِهَٽو
ڪُڙِه ۾ ڦَطارُون ڪَري، سُورَنِ لايا سِيرَ
مون جِيئن گهاري ڪيرَ، هيڪَلِي رِءَ سَڄَڻين.

5

ڪَنِي ڪَنِي ماڙُهوئين گُوندَرُ وَڏي وَٹُ
ٻَڌِي گوڏِ گَرَٹُ، ساڻو ڪَجِي سُورَ جو.

٦

اُني جِئن مورَنِ، اوِيڙَ وَلَهارَنِ ۾
سا پَرِ گُوندَرَ کَنِ، جُه ڦوڙايو سَڄَڻين.

٧

وَڻَ جِئن وِرِهَ وَڏَنِ، شاخون ڪِئو سَرِيرَ ۾
سَڄَڻَ مون مِلَنِ، ڳُجهہ ڳِرِهيان جَنِ سِين.

د-١: ١. گوندر= غم. ڪئو غرق= ٻوڙي ڇڏيو. جندڙو= جيءُ جان. ڏکوين= ڏک وارن، درد وارن. مرڪ= ٺهنڊڙ ۽ وٽنڊڙ. سڳر= راهہ، ساٿ جي قافلي وارو رستو. ٢. گوندر ڱڏيياس= آءٌ گوندر ۾ ڦاس. صحت نييَم سڄڻين= سڄڻ منهنجي صحت ڪٽي ويا. مارياس= مون کي ماريو. ڦوڙائِي= جدائي، وڇوڙي. ٣. پيچ= وراڪو، وڪڙ. ڏيج= ڏاج. ٤. گوندر هٿ نہ پير= غم کي هٿ پير ناهن، ڪو جسم ڪونهي. ورهہ= غم گوندر. مجهِهين وهٽو= اندر ۾ ئي وهندڙ آهي. ڪڙهہ ۾= اندر ۾. سير= واٽون .5. گوندر= وڇوڙي وارو غم. وڏي وٽ= وڏي قميتي شيءِ. گوڏ= گوڏ ۾، گوڏ جي مٿئين ولَي واري ڪمر پٽي (چيلهہ جي چوڏاري). گرٽ= گِرت (گجراتي)= ناڻو، پئسا. ڳنڍ (پئسن جي): ”جي هجئي گوڏ گرٽ تہ وجي پڌر اڏاءِ پونئرا“ (قصي ۾ ڳاهہ جو بيت). ٦. اُني= وُٺي تي، مينهن جي وس تي. مورن= ايرن، اُسرن، ڦُٽي نڪرن. اويڙ (اسم جنس)= هر سَلو جو زمين مان ڦٽي نڪري. وَلهارَ (جمع وَلهارَ)= هيٺاهين نشيب واري زمين جنهن ۾ گاهہ ۽ وٽراهہ. جُهُ ڦوڙايو سڄڻين= جئن جو وڇوڙيو سڄڻين، جئن جو جاني جدا ٿيا. ٧. وره= وڇوڙا، فراق. گوندر، غم. سرير ۾= بدن ۾. شال سڄڻ مون سان ملن، باقي ٻين کھڙن سان پنهنجي اندر جو حال اوريان، پنهنجي راز جي ڳالهہ ڪريان.

٨

سَلا ڪَري سُڪِيُون ڳالهيون مَنَ مَنجهان
ڪِنهِ ڪي حالُ چَوان، مَرُ ٿِيُون ڏُکَن ڏيلَ ۾.

٩

اُيريامِ انگورَ، سُتي سُپيرِينِ جا
ڪايو ڪايو سُورَ، لوچِئو لُڇِئو اُٿِيان.

١٠

جَڏهان ڪَرِ ٿِيامِ، ساجاهِ سُپيرِينِ سين
ٽَڏهانڪُون تِلَ جيتِرو، ويلَ نہ وِسَرِئامَ
اَندَرِ رُوحَ رَهِيامِ، سَجَڻَ اوطاقُون ڪَري.

١١

لائي جو وِئا، مَنجهين تو مَچُ ٻَري
سو اُجهامي ڪِئا، جِنه سورِيندَڙُ سُپرِين.

١٢

سُپيريان جي سُورَ جي ڪَنہ ڪَنہِ ڏُڪي ڏُڪَ
ڏُڪِيءَ وٺان ڏُڪَ، وَڃَنِ نہ ويرَ ڪَهين.

١٣

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونہ، گهورِئا سُکَ ڏُکَنِ ري
جَنِي جِي وِرُونہَ، سَجَڻُ آيو مان ڳِري.

١٤

سَؤ سُکَنِ سانٽي ڏيئي، سِرُ پُڻَ ڏيان سَٽِ
جي مُون مِڙي مَٽِ، تہ وِرهُ وِهايان هيڪڙو.

١٥

سَؤ سُکَنِ سَٽِ ڏيئي، وِرهُ وهايم هيڪڙو
مون ڪي تنهِ نيئِي، پيرُ ڏيکاريو پِرينءَ جو.

١٦

ڪَهَڻُ تہ ڪَچائي، سُورَ نہ سانڍِڻُ سُٽِرا
اجان تان آئِي، ڏيل مُنهنجي ڏُکَ سِين.

١٧

نَکا ڏِسان ڏُکَ سان، نَکا ڏُکوئِي
جَهِين سان روئِي، حالُ ڳِرهيان هوٿ جو.

١٨

نَکا ڏسان ڏُکَ سان، نَکا ڏُکَ پَچارَ
ڪانهي پِرتِ پَچارَ، لَٿُون ويچارِيءَ لَڏِئو.

١٩

چِئَن سو تَئِيءَ تَرو، ڪامي ڪُوري وِچَ ۾
مُونکي ڏِنو سَڄَڻين مَنجهان سِکَ سَرو
وَرُ جهيٽو ٻَرو، ڪَهِ قوڙائو سَڄَڻين.

٢٠

لاهِ مَ پَچارانِ، سُکِ مَ سُمهہُ جِندَڙا
ڪَرِ جهورِي ڪيٽانِ، ڪالهُوڻِئان اَڄُ گَهڻي.

---

٨. سلا ڪري= سلا ڪڍي، انگور ڪري. ٩. انگورجي= انگور ڪڍي، نوان ڦُٽي (سُور اپريام). لڇئو= لُڇندي. لوچئو= لوچيندي. فڪر ڪندي. سوچيندي. اٿيان= اٿان. ١٠. ساجاه= ادب واري جاءِ سڄاڻ. ويل= وير، دير. ١١. لائي جو وئا= (درد ۽ فراق جي) باھ لائي وئا. منجهين= اندر جو اندر. ڪِئا= ڪٿان. جنه سوريندڙ= جنهن ۾ ڪانئيون سوريندڙ، ڪانئيون اڪثي ڪندڙ. ١٢. ڏُڪي= ڏُڪي جيتري، دڪي جي تور جيتري، تولي جيتري (اڳ ۾ هلندڙ تور جي حساب سان، پنج دڪا يا تولا= هڪ آنو، چار آنا= هڪ پاءُ؛ چار پاءَ= هڪ سير، (جيڪو "ڪلو" کان وزن ۾ گهٽ هو). دڪي دڪ= دڪي برابر غم، ٿورڙو غم. ١٣. گهورئا= قربان ٿيا. وِرونہ= يادگيري. مان ڳري= مون وٽ. ١٤. سانٽي ڏيان= سودي ۾ ڏيان. سٽ ۾= سودي جي واڪ ۾. مَٽ= مٽا ۾، مٽا سٽا ۾. وره= وڇوڙو، فراق. ١٥. وهايم= خريد ڪيم. ١٦. ڪهڻ= چوڻ، چئي ٻڌائڻ، پڌرا ڪرڻ. سانڍڻ= اندر ۾ سنڀالڻ. سٽرا= سولا. اجان تان آئِي= اجان تہ منهنجي جان (ڏيل) تي ڪا گهڻي تڪليف اچڻي آهي. ١٧. حال ڳرهيان= حال اوريان، پنهنجو حال سڻايان. ١٩. تئيءَ ترو= وڏي تئي جو ترو. ڪامي= سڙي. ڪوري وچ ۾= اگرن جي سخت باھ واري مچ ۾. سرو= محبت جو شراب. ور= مر، چڱو. جهيٽو ٻرو= سنهو تپ (جو اندر ئي اندر ۾ جان کي ڳاري). ڪه قوڙائو سڄڻين= ڪڏ ۾ پوي وڇوڙو سڄڻن کان، پياري محبوب کان. ٢٠. پچارانِ= سندن پچار، سندن يادگيري. جهوري= غم، روڄ، زاري. ڪيٽانِ= سندن (ديدار) واسطي. (جهوري ڪر، ڏک ڪر).

٢١

جهوري جهجَڻُ جهانءِ، مون جَنِي جي نہ لَهي
آيَلِ اِيئن مَ ڀانءِ، تہ آءٌ ڪا جِيَندي اَنِ ري.

٢٢

جِهجي جهانءِ ڪَري، ماڻِ نہ اَچي مون هِنيين
سَڄَڻَ سي ساري، هو جَنِي جو هيرَڻُون.

٢٣

جاءِ نہ سَجو ڏِينهُ، هنيَڙو اوني وَڳ جِئَن
مون پِريان سين نِيهُ، چِنَڻُ ڪارَڻِ نہ ڪيو.

٢٤

مُوڙهو ڳِنهي نہ مَتِ، پَليان پَليو نہ رَهي
ڪاجا ٽِيَسِ ڀَتِ، جئن اَچو اوتائو پِرينءَ ڪي.

٢٥

هنيَڙو پِريان ڪَڏِهين ڏُکِ نہ ڏُڪويو
سُڪَنِ جان پِيو، تان قوڙايو سَڄڻين.

٢٦

ڪَنئو هومِ ڪَٽَ، هِنيَڙو ٻاجهان هوتَ جي
ڪَڙو هَٽِي قَلبَ ڪي لاتا لالَڻَ لَٽَ
سيڄَڻِ جِيءَ سَهَٽَ، ڪِي صَفائي ساهَ ڪي.

٢٧

لاهِيان جي نہ چِتان، اَللهُ اَنِ مَ وِسَران
مَڙهيو منجهاران، جِيءَ مُنهنجو جَنِ سِين.

٢٨

ڏُونگرِ لَڳِنِ ڏِينهَ، مانَ وَرُ ڪَنِ سُپِرين
ڪِيَسِ نِماڻي نِينهَ، آيَلَ ٻاروچَنِ جي.

٢٩

پَلِپَلِ تو پَليانسِ، پَلَڪُ نہ رَهي پِرينءَ ري
جِنهِ جهوريءَ ڪان جهَليانس، جهجئو تِنهِ جهوريءَ پُوي.

٣٠

ڀَلا پِرين پَرجهَلا، وِچِينءَ ڪِينَ وِرچَنِ
ڏِينِ بَرادُون ٻُڪينِ ڪي، عِيدُون اَگهاڙَنِ
تون ڪِيئن سندو ٽَنِ، ديوانا دَرُ مَنِيين.

٣١

لُوٽِيَسِ لاڳاپَنِ، ننگَ نِهوڙِيَسِ جيڏِيُون
ڪيرايِسِ ڪُنَنِ ۾ واري وَراڪَنِ
سڄَڻَ ڏُونگرَ چوٽِيين، آڏا سيلَ سُڄَنِ
سي ڪِيئَن پِرين پَسَنِ، جَنِ ڪي نِيَرُ ننگَ جو.

٢٣. اوني وڳ جئن= انن جي وڳ وانگر (جيڪو هَڪ جاءِ بيهندو ڪونہ، پر پيو هلندو). هنيڙو= منهنجو هانءُ (چُڪَر ۾، ڳُڻتين ۾ ڪڏهن ڪٽي تہ ڪڏهن ڪٽي). ٢٤. موڙهو= موڙهل، منجهيل (منهنجو هنيڙو). ڳِنهي نہ مَت= صلاح نہ وٺي، نصيحت نہ مڃي. پليان پليو نہ رهي= جهليان جهليو نہ رهي. ڀَت= عادت، ريت. ٢٥. ڏک نہ ڏڪويو= ڏک سان نہ ڏڪويو. سڪن جان پيو= سڪن ۾ جڏهن پيو. تان قوڙايو سڄڻين= ان وقت سڄڻن وڇوڙيو (هنيين کي). ٢٦. ڪٽ= زنگ، ڪس. ڪنئو هوم= منهنجي هنيين کي ڪٽ وارو ڪيو. ٻاجهان هوت جي= سڄڻن ڪان سواءِ. ڪڙو هٽي= سوڳهو ڪري جهلي. لاتا لالڻ لٽ= پياري محبوب مٽان جيڪي لَٽ چڙهيل هئا سي لاتا. سهٽ= مانجهہ، مهٽ سهٽ. ساهہ ڪي= ساهہ جي. ٢٧. چِتان= چت تان، من تان. مڙهيو= مڙهجي قابو ٿيو، ڳنڍجي سوڳهو ٿيو. منجهاران= اندران، اندر ئي اندر. ٢٨. ڏونگر لڳن ڏينهَ= (مون ڪان گهڻو پري) ڏونگر ۾ ڪين ڪي ڏينهن لڳي ويا. ور ڪن= ڦيرو ڪن (۽ مون وٽ اچن). ٻاروچن جي= محبوبن جي. ٣٠. وچينءَ= وچينءَ جو، ڀچاڙيءَ جو، ڀچاڙيءَ تائين، ويندي آخر دم تائين. ورچن= ڪڪ ٿين، ڪڪ ٿي مون ڪان مُنهن موڙ نہ ڪن. برادون= براد جي رات جا طعام. عيدون= عيد جي خوشيءَ ۾ خيراتون. در مٽيين= در مٽائين، سندن در ڇڏي ٻئي در وڃين. ٣١. لوٽِيسَ= ٻَرِيسَ، ساڙِيَسِ، ڪاڙِيَسِ، ڪانيسَ. لاڳاپن= واسطن. ننگ= (پنهنجائي ۽ عزت جو) ناتو (جنهن کي نباهڻو آهي؛ نہ نباهبو تہ اها شرم مرم جي ڳالهہ ٿيندي، لڄ واري ڳالهہ ٿيندي). نهوڙيس= ماريس. ڪيرايس= عزازت جي وراڪن (سڱن، ناتن) مون کي پابند ڪري جهلي ڪُنن ۾ ڪيرايو. سيل= سيلهہ، ڇهنبيارا ٽڪر. نيرُ= زنجير.

۳۲

سُوڌو سوالُ پُڇَنِ، توڻي جانِ جُدا ٿِئي
سَندا سُورَ پِرينِ، سانڍِي کِجَنِ سُوکڙِي.

33

هَرِئو هَٿُ ٿِئومِ، ڳُلِ وِهاڻو پُسِئو
سَڄَڻُ يادِ پِئومِ، صُبحاڻِي صُبوح جو.

۳۴

سُتي سَنيَرِئومِ، کو ڳُڻُ ٻاروچَنِ جو
کَنڌَ وِهاڻو پنو هَرِئو هَٿُ ٿِئومِ
سَڄَڻُ يادِ پِئومِ، جاڙَ جِيان تِي جيڏِيُون.

۳۵

سَڄَڻُ سَنيَرِئامِ، پِييَمِ کَرَ کَپارَ ۾
ڇهڙي تِهڙي حالَ سين وير نہ وِسرِئامِ
هَرِئا هَٿَ ٿِئامِ، نيٽَنِئُون نِيرُ وَهي.

۳۶

سَنيَرِئو جِيان، ڳالهيون پرين تُنهنجيُون
کهڙا ڳُڻَ ڳُڻيان، تورَنِ مَتو ناهِ کو.

۳۷

جُهُ سي سَنيَرجَنِ، سَهُ جَنِي سِين اورِيَان
لَٿُون لَٿُون هيٺِ وَڃَنِ، رَڳُون رَبابَنِ جِئَن.

۳۸

چَتُرُ رَهي نہ چِتُ، ويٺَنِ واڳِئو نہ رَهي
رَئِي لَنِجي نِتُ، هِنيڙو واٽَ وِرکَ جِئَن.

۳۹

چَتُرُ رَهي نہ چِتُ، سُورين صَبرُ نہ کَري
سَڄَڻُ ساري نِتُ، ويڳاڻو ٿِئو وِنجهُلِي.

۴۰

چوري چوري چِتُ، جان نَئِيءَ وِهاڻِيءَ نِکَران
نِيہَ کُرائِي نِتُ، پِريان سَندِي پيرَ ۾.

۴۱

چيتارِيان چُٽِکَنِ، سَنياريانِ صَحِي
اَندرِ رُوحَ رَهي، صورت سُپيرينِ جي.

۴۲

چيتارِيان چُٽِکَنِ، وِساريان نہ وِسرَنِ
ويرُون تارَ ڏُکَنِ، سَڄَڻُ پَڳِي هَڏَ جِئَن.

۴۳

چيتاري چُونڊِياسِ، ڳالهيون سڀ کي سَڄَڻين
جُهُ مُقابِلِ ٿِياسِ، تہ مِڙئِي وييمِ وِسرِي.

۳۲. سوڌو سوال= سڄئون ستو (ڏکائيندڙ) سوال. پڇن (۽ کا رک رکاءُ ئي نہ کن)= محبوب پڇن. پرين جا ڏنل سور اهڙا، جو سوکڙي کري اندر ۾ سانڍجن. ۳۳. هرئو= پُسيل (اکين مان کرندڙ ڳوڙهن سببان). ڳل وهاڻو= ڳل وارو وهاڻو. صبحاڻي صبوح= علي الصباح، صبوح سوير. ۳۴. ستي= سمهڻ ۾، ننڊ ۾. سنيرئوم= ياد پيوم. ٻاروچن جو= (اصطلاحي معنيٰ) محبوبن جو. کنڌ وهاڻو= کنڌ وارو وهاڻو، کنڌ هيٺ ڏنل وهاڻو. پنو= پسيو. هرئو= آلو. جاڙ جيان ٿي= ڏکيو جيان ٿي. ۳۵. سڄڻ سنيرئام= پرين ياد پئام. پييم کر کپار ۾= وٺي پييم، ور پييم، گهنج پييم(عموماً سوچڻ وقت نراڙ ۾ سنهڙا گنج پوندا آهن). نيٽنئون= نيٽن مان. نير= پاڻي. ۳۷. جُهُ= جڏهن جو جڏهن. سَهُ= ڳالهين کي سٽڻ ۽ سَهَڻ. سَهُ ڏيڻ= پيار سان سهڻ. سه جني سين اوريان= اها سَهَ جيکا هو ٿا ڏين، اها سه اوريان، ان جي ڳالهه کريان. ۳۸. چَتُر= خوش، باهوش، سجاڳ. چت= هنيو. ويٺن واڳئو نہ رهي= طعنن مهڻن سان گڏ (واڳئو) نہ رهي سگهي. رَئِي= رئجي رئو ۾ پرجي. لنجي نت= سدائين پيو لنجي. واٽ ورک جئن= واٽ لڳ بيٺل وڻ (ورک)، وانگر. ۳۹. سورين= سورن هوندي، سورن ۾. ويڳاڻو= وڇوڙي جي ويڳ ۾ (ويڳ= مٽي تي نشي ۽ موڳائپ وارو بار)، غم ۽ فراق ۾ ويڳل ٿئي. ونجلي= غم ۽ درد ۾ ڳوڙها ڳاڙي ۽ ڳري. ۴۰. نئيءَ= نميل. وهاڻيءَ= آديءَ کان پوءِ جڏهن رات صبوح واري طرف نمي ۽ وِهامي. نکران= روانو ٿيان. کُرائي= اکثر ڳکريءَ جي قر کي ٻتڻ لاءِ پير جي رسي. ۴۱. چيتاريان= سورن ڏي ڌيان ڏيان. چٽکن= ايذاء وارا ڏک هڻن (ڦٽن ۾ سور چٽکندو، ذري ذري ڏک هڻندو ۽ ايذائيندو). سنياريان= (بعضي) ساريانِ. صحي= تہ صحي، تہ چُٽکڻ کان سواءِ سور بَمجي بيهن، چٽکڻ کان سواءِ ائين ئي بيٺا هجن. ۴۲. ويرون تار= ويرئون تار (وير کان بہ وڌو تار پاڻي)، تمام گهڻو. پڳي هڏ جئن= عضوي جي پڳل هڏ وانگر. ۴۳. چيتاري= چيني، هک هک کري پوري تفصيل سان. چُونڊياس= چُونڊياس. جُهُ= جئن جو، جئن ئي. مقابل ٿياس= منهن مقابل ٿياس= روبرو ٿياس، آمهون سامهون ٿياس.

وائي

هاڙهو ڳاڙهو هوتَ، ڪيچي ڪالهہ لنگهي وِيا
سِبڪَ ٻاروچي نہ لهي مَتي تائِين موتَ
لَڳندي لَڪَن ۾، پاڻان تِيَسِ پوتَ
متان مونکي ڇَڏيين هِتِ هوتاڻِي هوتَ
ڏِينديَسِ ڏاڍي ڏونگرين توهِي ڪارَڻِ جهوتَ.

داستان ٻيو

١

سَجڻَ نہ سانييٺَ، ڳُجُهہ ڳرهيان ڪَنِ سِين
ڳالهيون اَندرِ پيٺَ، سَلا ٻَڌي موريُون.

٢

اَڳَڻِ آيا نہ سَهان، گهرِ وينِي گهُرانِ
مُنہَ مُقابِلِ سُپرِينِ، پَسئو تِي پَچانِ
وارُ نہ سَهان وِچ ۾ اَجان دَر ڏريانِ
ڳرا مَنجهہِ ڳُٽانِ، پِرين وِجهِبا پيٺَ ۾.

٣

ڳَرہِ مَ، ڳُجهو روءِ، پَڌر وِجهہُ مَ پِرينءَ ري
سُورَنِ سُيَرُ هوءِ، هِنيَڙا ڪُمَ ڪَٽَنِ جِيئَن.

۴

ڳليين مَ ڳَرهيجُ، روئي ڪِج مَ پَڌرا
تان سُوران ئي سَهيجُ، جَان لاهِيندَڙُ ڪو لَهِين.

۵

سُورَ مَ سَلَڻُ سِڪُ، پَڌرِ وِجهہُ مَ پِرت ڪِي
مَنَ اَندرِ مَجنون جان لِڪُون پائي لِڪُ
هِيءُ هَڏُ ڪَري مِڪُ، مَرُ مَنجهِهين ماٺَ تي.

٦

سَنئين نہ سيٽانِ، ناهِ اُبَتِي اُنِ سِين
وَنءُ سَهِي ويٽانِ، تو نہ سَرندِي تَنِ ري.

٧

نينڻَ نہ نِندرون ڪَنِ، پِڳو آرَسُ اکيين
اُجهامِئو ٻَرَنِ، توکي سارِئو سُپرِين.

٨

ياد ڪريان نہ جَنِ ڪي، نَڪِين وساريانِ
سَرِتيُون ساريانِ، ڳُجهو ڪري اُنِ ڪي.

٩

ڳَوَني ۽ ڳُونِي، پرين پَٽائين ڳَجَ جِين
جي مَنَ مَنجهُوني، سي ڪِيئَن وَڃَنِ وِسَرِي.

وائي. هاڙهو ڳاڙهو= (ٻنهي لفظ واري سَناء) هاڙهو جبل، ۽ هاڙهو جي پويان ڳاڙهو پرتي جو لفظ، جَئَن "ماني ڏاني، چريو ڪريو،" وغيره. سڪ ٻاروچي= سڪ ٻروچ جي، سڪ سڄڻ جي. لڳندي= ٺڪرندي، گهڙندي. پوت= ڏرُ (ڪپڙي جو)= ٺڪر ٺڪر. جهوت= ڪنهن طرف ٺڪري ڊوڙ، ٺڪري جهاتي. د-٢: ١. سڄڻ نہ سانييٺ= نہ سڄڻ، نہ سانييٺ. سانييٺ= ڳرهاتي، همدردي ۽ محبت جو پاڪر، ڳڏجاڻي، منهن ملاقات. ڳرهيان= ڳالهايان، اوريان. سلو ٻڌڻ= زمين مان ٻج جو ڦُٽي انگورجڻ ۽ ان بعد سائي ڏانڊي ٻڌڻ. ٢. گهر وينِي گهران= پنهنجي گهر ويٺي ڪين سنياريان. منه مقابل سپرين= سڄڻ منهنجي سامهون. پسئو تي پچان= ڪين ڏسئو تي (ديدار جي گرمي ۾) ڪامان پچان. وار نہ سهان وچ ۾= وار جي وٿي بہ پنهنجي ۽ سندن وچ ۾ نٿي برداشت ڪري سگهان، پر اجان چاهيان تہ پنهنجي دل اندر ڪريان. ڳرا منجهہ ڳٽان= پنهنجن ٽوزن ۽ وَڙن (ڳٽن) ۾ ڳرا آهن. پرين وجهبا پيٺ ۾= اهي پيارا پرين پنهنجي اندر ۾ ڪري سانديا. ٣. ڳرهہ مَ= چئي نہ ٻڌاء، ظاهر ڪري نہ چئو. سُير هوءِ= چگيءَ طرح پريل هڄ. ڪم ڪٽن جيئن= ڪُمَ جي ڪٽن وانگر. ڪُمُ= ڍنڍن تلائن ۾ ايرنڊڙ پبڻ ڪوٺي جي ول جو ڦر، گول ڳبو جنهن ۾ گهاٽا سنهڙا ڪٽا ڳوڙهو تيل. ۴. ڳليين= ڳلين ۾، گهٽين ۾ (ٻين جي آڏو). مَ ڳرهيج= چئي نہ ٻڌائج. سوران ئي سهيج= سورن کي ئي پيو سهج. ۵. سور مَ سلڻ سڪ= اهو نہ سڪ تہ سور ڪيئن سلجن، ڪيئن بيان ڪري ٻڌائجن. مجنون جان= مجنون وانگر. لڪون پائي= لڪي لڪي. هي هَڏُ ڪري مِڪُ= هن پنهنجي هڏ کي ڳاري ڳودو (مک) ڪري ڇڏ. ٦. سنئين نہ سيٽان= ساٽن. محبوبن سان نہ سنئين راهہ رسم، تہ نہ وري ساٽن ابتي ئي ٺهي ٿي. سهي ويٽان= سندن ويڻ سهي، سندن ڳالهاء سهي. ٩. گوني= رنگا رنگي. گوني= گوَن جهڙا، گوَن جي ڪپڙي جهڙا سهڻا ڳاڙها رنگين (گوَن هڪ قسم جو رنگين گلزاري وارو زنانو ڪپڙو). پٽائين گج جئن= پَٽَ جي گج وانگر، ريشم جي (رنگين پرت واري) گج وانگر. من منجهوني= من ۾ اندر.

١٠

اَندَرِ اَندَرِيُون، جِئَن ني وانجهي لَٽَ ۾
مون تَڻُ تيترِيُون، تہ ڪِيئَن مِلِبو سَڄَڻين.

١١

جِئَن سي ڪُوهِيءَ نارَ، وَهَنِ وارِيءَ گاڏئان
هنيِڙو پِريان ڏارَ، نِبيرِيانسِ نہ نِبَري.

١٢

ڪِين جو ڪُنيارَنِ، مِٽِيءَ پائِي مَنيو
تِهين مان تِرَ جيترِي جي خبر پَئِي ڪَرَنِ
هِي تان هُوندَ مَرَنِ، هُنِ اَگڻِ اوراتو ٿئِي.

١٣

نِيہُ نِهائِينءَ جان، ڍَڪِئو ڪوہُ نہ ڍَڪِئين
جُہ ڄَرَ ڄيرِي ڄَڏِي تہ ڪِيئَن پَڇَندا تان
سَندِي ڪُنياران، ڪَنِ ڪَريجا ڳالهڙِي.[1]

١۴

نِيہُ نِهائِينءَ جِيئَن، ڍَڪِئو ڪوہُ نہ ڍَڪِيين
جو ڄَرَ ڄيرِي ڄَڏِي تہ رَڄَ پَڇَندا ڪِيئَن
تون پَڻ ڪَريج تِيئَن، جِئَن ڪُنيارَ ڪَرِينِ ڪَمَ سِين.

١٥

نِهائِينءَ کان نِيہُ، سِکُ مُنهنجا سُپرِين
سَڙي سارو ڏِينہُ، باهَرِ ڀاڦَ نہ نِڪَري.

١٦

نيڻَ نِهائِينءَ جان، سُتي لوڪَ ڏُکِيا
اُجهامِئو ٻَران، توکي سارِئو سُپرِين.

١٧

رءَ پريان پَرديسَ ۾ وِرهَ وَڌي ڪِي ويڙ
اڪيون پارَ پرينِ جي سارو ڏِينهُن سُڪيڙِ
پانڌِي پَرورَ ميڙِ، جي ڪينءَ جون ڏِينَمِ خَبَرُون.

١٨

سُورُ جَنِي ڪي سَهَجَ جو تَنِ ڪي پُٽي نہ پارو
بارَڻَ بارِينِ نہ باهِ جو سَجو سيارو
آرَهڙُ اُونهارو، اُو لُڪَ لَکايا ڪِينَڪِين.

١٩

جهوٽُون ڏِيندي جهَنگَ ۾، ميان آءٌ مُياسِ

١٠. اندريون= ڳنڊيون ۽ گريون. وانجهي لٽ= بانس جي لٺ. مون تڻ= منهنجي تن ۾، منهنجي اندر ۾ (ڳٽين جون ايتريون ڳنڊيون آهن تہ سڄڻ کي ڪيئن ملان.) ١١. ڪوهيءَ نار= ڪوهيءَ جا نار. وهن واريءَ گاڏئان= واريءَ سان گڏيل پيا وهن. نار= پاڻيءَ جا سيما، ڪوهيءَ جي تري ۾ چوڌاري پاسن کان پاڻيءَ جون سنهڙيون نالڙيون پيون وهنديون ۽ وچ ۾ پونديون. نبيريانس نہ نبري= ميجايان نہ ميجي، سرچايانس نہ سرچي. ١٢. ڪين جو= ڪا جا شيءِ، ڪو جو مواد مصالحو. مٽيءَ پائي= مٽيءَ ۾ ملائي. مَنيو= ڳوهيو. جي خبر پئي ڪرن= ڪڙن ڪي= رقيبن بد خواهن کي خبر پوي تہ اهي ڪر يقيني طور مرن. هن اگڻ اوراتو ٿئي= باقي بچيل ٻين ڪڙن (رقيبن) جي اگڻ تي غم ڇانئجي وڃي. ١٣. نيہ= سڪ ۽ چڪ وارو ناتو. نِهائين= ڪنيارن جي آوِي (جيڪا باهہ کي پنهنجي اندر ڍڪي ٿي). ڄر ڄيري ڄڏي= جي ڄيري ڄر ڄڏي، جي ڀرڪندڙ باهہ پنهنجي ڀڙڪ ڄڏي. ڪن ڪريجا= ضرور ڪن لائجان، ضرور ٻڌجان. ١۴. رڄ= ٿانءَ. جئن ڪنيار ڪرين ڪمہ سين= جئن ڪنيار پنهنجي ڌنڌي ۾ ڪن (يعني آوِيءَ کي باهہ ڏيئي، ٿانون جي مٿان مٽي ورائي انهن کي ڍڪين). ١٦. سُتي لوڪ= ماڻهن جي سمهڻ کان پوءِ جڏهن ٻيا سڀ آرام سان سمهي رهيا. ڏکيا= ٻريا. اجهامئو ٻران= اجهامي وڃان ۽ وري ٻران، وڌو ڏک ۽ آزار سهان. ١٧. وره= درد، فراق. ويڙ= اها نشيب واري زمين جنهن ۾ پاڻيءَ جي ڪري وڻ ٿين، پاڻي پيو پوندو تہ وڻ پيا وڌندا ۽ ويڙ وڌندي. هت بيت ۾ معنيٰ تہ درد ۽ فراق وڌيو تہ وره واري ويڙ بہ وڌي وئي. سُڪيڙ= بي آرامي. ١٨. سهج جو= محبوب جي مهربانين جو، محبوب سان سگهوئي ملڻ جي خوشيءَ جو. سور= اوک، تڪليف (جيڪا مهربانين ۽ ملڻ واري انتظار سببان آهي). پُٽي نہ پارو= سخت سيء نہ هيٺو ڪري، نہ بي حال ڪري. لک= سخت گرم لوهہ، جهولو. لک لڪايا ڪينڪين= لک لڳڻ سان سندن ضعيفائي ظاهر نہ ٿي، لک سندن هيٺائي کي ظاهر نہ ڪيو. آرهڙ= هاڙهہ، لکن جهولن وارو سخت گرم چاليهو (ويساک/ مئي جي پهرين کان جيٺ/ جون جي ڏهين تاريخ تائين). اونهارو= آرهڙ کان پوءِ گهُٽ ۽ بند هوا وارو عرصو. ١٩. جهوٽون ڏيندي= هيڏانهن هوڏانهن مُنهن هڻندي، ٽڪرا ابتا سبتا ڦيرا پائيندي.

بازنِ کاجُ ٽِياسِ، سِگهو مونجُ سُپرين.

٢٠

جَرَ سِرِ ڪَوُنرَ ڪَرِين، رُوءِ تهڙي سَجَڻين
جُه لَهَرِين لوڏي چَڏِيا ٿبِ رَنگُ نه مَٽائين
پِرهان پاٻوهِينِ، وِچينءَ وَٽِکَ وِترا.

٢١

ڏَرَ جيڏو ڏَڙونِ، پاسنگُ مُورِ نه پُڇِٽا
عادَتَ عَنبَرَ جهڙي، ساڏَڻُ لوڪُ سندونِ
جيڏو پِرُ ڏِيُونِ، تيڏو سَهندَلَ سُپرين.

٢٢

ڪُڇَنِ ڪِينَ مُهَا، اوٿُون ڏِينِ اکينِ سان
اِنهين واتَ وِئا، پاٺُونڊَرَ ماٽِکَ پِرين.

٢٣

اَجُ اگَڻُ ڪيٽانِ، آسَرَ لَڳِي سوريَان
ڏُونگَرَ ڏِينهَ لَڳانِ، مانَ وَرُ ڪَنِ سُپرين.

٢٤

سِڄُ لَهِي سانجهِي تِي، وَٽين هَنئِي وَٽِکَ
ساجَنَ تُنهنجيءَ سِکَ، مونِئُو ماڳَ نِهارِيان.

٢٥

سِڄُ لَهِي سانجهِي تِي، وَٽين ڪئائُون وِيرَ
ڪِتي هُوندا هيرَ، صاحبَ منهنجا سُپرين.

٢٦

سِڄُ لَهِي سانجهِي تِي، ڪِتي هوندَمِ هيرَ
تي وانهيري وِيرَ، هُونِ سَلامَتَ سُپرين.

٢٧

سِڄُ لَهِي سانجهِي تي، پَکِي وِئا پيهِي
پِرين پَرڏِيهِي، حالُ ڳُرهيان ڪَنِ سِين.

٢٨

ڏِٺِي سو وارِيين واءُ، جو ميڙائو سَجَڻين
وَنِهينءَ واتَ مَٽاءُ، هنيڙي آسَرُ نه لَهي.

٢٩

ڍوليو وِئڙو ڍورِ، تي تِي سِيءَ ڳُذارِيان
مادَرِ مون مَ چورِ، ناته پَڌَرِ پُونڍِيسِ پِرينءَ ري.

بازن ڪاج= (اصطلاح طور) ڳجهن جو ڪاج. ٢٠. جَرَ سِرَ= پاڻيءَ مٿان، پاڻيءَ جو مٿاڇري تي. ڪؤنر= تازا نڪتل گل. جر سر ڪؤنر ڪرين= جهڙي سهڻائي پاڻيءَ مٿان نڪتل (نيلوفر) گل تا ڪن. روءِ تهڙي سجڻين= سهڻن سڄڻن جي منهن جي رونق بہ اهڙي آهي. رنگ نہ مٽائين= اهي سهڻا گل پنهنجو سهڻو رنگ نہ بدلائين. پرهان پاٻوهين= پرهہ ڪان ئي سندن پاٻوهہ آهي. پاٻوهہ= مُنهن تي مُشڪ، سَرهائي ۽ سهڻائي. وٽڪ وترا= رنگ جي سهڻائي ۾ ويتر وڌيڪ. ٢١. ڏر= ڏرتي. ڏڙون= سندن ڏڙو، سندن ماڻ، سندن تور ۽ ڳرائي. ساهمي يا ڪاني جي تور ۾، تور جو ڏڙو، هر پيري جيڪي تورجي ان جو وزن. ڏر جيڏو ڏڙون= سهڻن سڄڻن جو صورت جي سهڻائي ۽ ڳڻن جي ڳورائي جو وزن ڄڻ پوري ڏرتي جي تور جيڏو آهي. پاسنگ= اُٿل. پاسنگ مور نہ پڇٽا= هو اٿل ڪڏهن بہ نہ گهرن، ڪين اُٿل وٺڻ جي اصل ڪا ضرورت ئي ڪانهي. عادت عنبر جهڙي= سندن هر ادا عنبر جهڙي سُرهي آهي. ساڏڻ لوڪ سندون= هو سڄي لوڪ کي ٿا ساڏين، هو سڄُي لوڪ کي ٿا سنيالين ۽ سکي ڪن. ساڏڻ= سنيالڻ، پرگهور لهڻ. پهاڪو: ”جي ساڏين، سي واڏين“. پِرُ= بارُ. سهندل= سهڻ وارا. ٢٢. ڪڇن ڪين مها= (پيارا پرين تڪليف وقت بہ) واتان ڪين ڪڇن. اوتون ڏين= اکين کي سهڻو ڪري ڍارين، اشارن ۾ اهڃاڻ ڏين. انهين وات وئا= اها وات وٺي هليا، صبر ۽ نهٺائي واري اها وات وٺي هليا. پاٺوندر ماٽڪ= سچا ماٽڪ موتي. ٢٣. ڪيٽان= سندن واسطي. آسَرَ لڳي= آسري تي لڳي، اميد رکي. سوريان= ٻهاريان، صاف ڪريان (اڱڻ). وَر ڪن= ڦيرو ڪن، موٽي اچن. ٢٤. وٽڪ هٽڻ= روءِ مٽائڻ، رنگ بدلائڻ. وٽڪ= ڪاراڻ اونداهيءَ جي ڪري ڪاراڻ ڏسڻ ۾ اچڻ) ماڳ= ماڳ، اصلوڪي جاءِ (جتي تو ساڻ ملڻ ٿيو هو). ٢٥. وٽين ڪئائون وير= موٽي ماڳ تي اچڻ ۾ اوير ڪيائون (پکين جو سج لٿي وقت وٽن ۾ ويهڻ لاءِ موٽڻ واري تمثيل). ٢٦. وانهيرو= آکيرو. ٢٧. پکي وئا پيهي= پکي وٽن اندر وانهيرن ۾ وڃي وينا. ٢٨. ميڙائو= ميڙائيندڙ، ملائيندڙ. ونهينءَ وات= وهندڙ وات، آباد وات. آسر نہ لهي= اهو آسرو هجي تہ ڪڏهين هي وات وٺي لنگهندا ۽ ملڻ ٿيندو. ٢٩. ڍور= ڍوري تي، ڍوري طرف تي ٿي. تنهن ڪري ٿي. سيءَ ڳذاريان= سيءَ ۾ ڳذاريان، سيءَ سهان. پڌر پونديس= پڌرو ٿي ڏينديس، سڀ ڳالهيون چٽيون ڪري چونديس.

وائي

لائي جا وِڙان کي، ڪانڌ مُنهنجي ڪورا
اَچَن پرين پَتَنگئا، ڪَرَ ٻاٻيهَلَ جي ٻورا
سيڻين سَرَڪندُ سَپَجِي، عَطرُ پِريين اتورا
ڇِپَرُ ڪَٿوري ٿِئو، ٿِئو تازِڙي قُلَنِ قورا
ماءُ مارِيندُمِ ڪَڏهين هوتاڻِيءَ جا هورا.

داستان ٽريو

١

ڪَرِ ڪو پيرو ڪانڌ، مون نِماڻيءَ جي نِجهُري
پِرين تُنهنجي پاندَ، ڏولا ڍَڪِي آهيان.

٢

جي تُون قائِمُ ڪانڌ، تہ آءٌ وَرَ وِلهيائِي نہ ٿِيان
پَکِي ڇِنا پاندَ، ڳُنڍُ نہ ڄاڻي ڪو ٿِئو.

٣

ڪانڌ ٻِئِني ڪيتَرا، مون وَرُ وَڏي وَٽُ
مَٽان ڏِئِي هَٽُ، جِنہِ عَيبَ منهنجا ڍَڪِئا.

٤

ڪانڌ ٻِئِني ڪيتَرا، مون وَرُ وَڏي جُوءِ
لوڪَ نہ آڇي اُوءِ، جي ڏِسي ڏوھ اڪِيُنِ سين.

٥

ڪانڌ ٻِئِني ڪيتَرا، مون وَرُ وَڏي ڪانڌِ
پاٽان ڍَڪي پاندِ، جي ڏِسي ڏوھ اڪِين سين.

٦

ڪانڌ ٻِئِني ڪيتَرا، مون وَرُ وَڏي ذاتِ
لوڪَ نہ آڇي واتِ، جي ڏِسي ڏوھ اڪِيُنِ سين.

٧

ڪانڌ تُنهنجي پاندَ ري، سيءُ مَران سَيَ راتِ
ڪوڙين ڪَپاهَنِ ۾، جَپُ نہ اچي جاتِ
اَچِين جي پِرياتِ، تہ وِلهہ نہ سارِيان وَلَها.

٨

ڪانڌ! تُنهنجي پاندَ ري سَنجهي سيءَ مَران
ڪامِلَ! ڪَپاهَنِ ۾ پيئِي نار نَران
تارِيءَ تِنه ٽَران، جِنہِ وَرُ وِهاڻِيءَ آئيو.

وائي. وڙ (واحد، وَڙُ) = ٻُرا، وڙواند (جيڪي ٻين کي آزارين). وڙان کي= وِڙن کي= ڪميڻن کي. ڪورا= سورَ جي لاٽ، ڪورَ. لائي ڪورا= ڪورا لائي، ڪيمڻين کي (جيڪي اسان جي محبت کي قَنائڻ ۾ هئا تن کي سندن مقصد حاصل نہ ٿيڻ سببان) سُور جي ڪور لاتي، سخت ايذاء لڳو. منهنجا پيارا پرين پتنگئا اچن= سهڻن پوپٽن وانگر ٽلندا اچن. اچن پرين پتنگئا= محبت پرين ماڻن ۾ خماريا اچن. ٻاٻيهل= سهڻو ڳاڙهيرڙو ڳيرو. ٻاٻيهل جي ٻورا= ٻاٻهيڙي جي سهڻائي. سيڻين= سيڻن وٽ، پيارن سڄڻن وٽ. سرڪندُ= صندل، عُود، خوشبوءِ وارو وڻ. سپجي= پيدا ٿئي، ڄمي ۽ وڌي. اتورا= اتور، تور کان گهڻو. عطر پرين اتورا= پيارن پرين وٽ عطر اڻ ميو آهي. ڇپر= جبل ڪٿوري= ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ سان واسجي ويو. قلن قورا= گلن جي قَنِي اچڻ واري وڏيڪ سهڻائي. اورا= اور، سڪَ ۾ وري وري ياد ڪرڻ. د-٣: ١. پيرو= ڳهمرو، ڦيرو. نجهرو= جهونو گهرڙو. پاندَ= پَلئہ. تنهنجي پناھ جو. ڏولاَ= اي ڏولَ، اي پيارا پرين. ٢. پکي جا ڇنل پاند تو ڪانڌ کان سواءِ ٻيو ڪو ڳنڍي ئي ڪونہ سگهندو. ٣. ڪانڌ= پتار، ور، مڙس. ٻئني= ٻئن جا ئي. وڏي وٽ= وڏي قيمتي شيءِ، وڏي قيمت وارو. ۴ وڏي جوءِ= لفظي معنيٰ: مال جي چرڻ لاءِ وڏي ايراضي، وڏي ڪشادي زمين اصطلاحي معنيٰ= وڏي ڪانڌ وارو، وڏي صبر ۽ برداشت وارو. لوڪ نہ آڇي= لوڪ کي نہ ڏيکاري، ٻين ماڻهن ۾ پڌرا نہ ڪري. جي ڏسي ڏوھ اکين سين= منهنجا ڏوھ اکين سان ڏسي. ٦. وڏي ذات= وڏي ذاتي چڱائي وارو. وڏن ڳڻن وارو. لوڪ نہ آڇي= ٻين ماڻهن واتان چئي ڪونہ ٻڌائي. ٧. تنهنجي پاند ري= تنهنجي چادر جي پاند (کي مٿان پائڻ) کان سواءِ. ڪپاهن= ڪپاھ پيل سوڙين ۾. جپ= آرام. وِلهہ= سخت سيءُ. نہ ساريان= (جيڪو سيءُ مون کي لڳي تنهن کي) ياد نہ ڪريان. ولها= اي گهوٽ! ٨. تاري= پوئواري، سنڀار. ٽران= بچان (ٻڌان نہ) جنه وَرُ وهاڻيءَ آئيو= جنهن جو ڪانڌ وهاڻيءَ رات اچي ويو. ٩. سوڙ= ڪپہ سان ڀريل گرم سوڙ. ڳبرو= ٿلهي وڏي رلي. سہر سيءُ= ڏاڍو زوردار سيءُ. وهي وئو= ٽڪو گذري وئو. نڌر= هيڻا، ضعيف. نجهرا= پراڻا ڪکاوان جهوپڙا.

٩

نہ مون سوڙ نہ گبرو، سَبرُ سِيءُ پئو
نہ مون ڪانڌ نہ ڦوٽ ڪِينِ، جوڀَنُ وَهِي وِئو
ٿِني حالُ ڪِهو، نِڌَرَ جَنِي نِجهُرا.

١٠

نہ مُون سوڙ نہ گبرو، اُترُ اوتُون ڏي
سِيءُ سارِينديُون سي، جَنِي نِڌَرَ نِجهُرا.

١١

نہ مُون سوڙ نہ گبرو، اُتَرَ ڏِني اوٽ
چارئِي چُڻِيءُ پوٽ، مون ريڙهيندي راتِ ڳئِي.

١٢

اوچَڻُ گهُرجِي آجِڪو، پَڪو نہ پيتَمُ
دوسِتَ پُڄاڻا دَمُ، جا رَهي سا رَنَ ٿِئي.

١٣

اوچَڻُ گهُرجِي آجِڪو، جهُوپو سَهي نہ سيءُ
سُٺائيج سُوَڙ ڪي حالُ منهنجو هِيءُ
اگڻِ آيو ٿِيءُ، تہ ڏولا ڪِنهِ ڏِنگ ٿِيان.

١۴

وَرَسِين وِجهئو ڪاڻِ، ڪَرَسِين ڪِلُون پائِيين
پوري مُنڌَ آڇاڻِ، ڪَڻَ چِڏِئو ٿُهَ ميڙِيين.

١٥

سَڄيُون راتيُون سُمَهين، چِڏئو پيَہ پَچَار
پانيوءِ سَڀَ ڄمارَ، سڄَڻُ هُوندا مان ڳري.

١٦

ڍولُ مَ ڪٽي ٻانهڙِي، پرِهَ مَ ڪٽي پاندُ
آءٌ پنهنجو ڪانڌُ، لوڪان لِڪي رانئِيان.

وائي

نيئِي پريان ڪي ڏيجُ، تان ڪو نيہَ نياپو
ڪڏهن مون سين ڪونہ ڪِئو سيڻَن سياڪو
ڪڏهن مُڪائون ڪونہ ڪو ڏُکِيان ڏوراپو
اُٿمِ گهڻو اُنِ جو اَندرِ اولاڪو
وَجي ڏِجا مُئِيءَ جو پانڌِيا پاراپو.

---

٩. سوڙ= اندران ڪپهه پريل گرم اوڇڻ. گبرو= ٿلهو رلڪو. سبر= سخت، ڏاڍو. نڌر= هيٺا. نجهرا= جهونا جهوپڙا. ١٠. اتر= سياري ۾ اتر جي ٿڌي هوا. اوتون= اتر وارو ٿڌو واء مسلسل پيو لڳي. ١١. چارئي چنيء پوٽ= چُنيء جا چارئي پلاند. ريڙهيندي= ڇڪيندي. رات ڳئي= رات گذري. ١٢. اوڇڻ= سيءُ ۾ پاڻ کي ڍڪڻ جو ڪپڙو، رلي. آجڪو= ٿمر،ڪاڏو پيتو. جا رهي= جا بچي، جا پويان جئي. ١٣. جهوپو= جهوپڙو. سُوَڙ= وَڏ وَڙو، وڙائتو. ڪنهن ڍنگ ٿيان= ڪنهن ڇڱي حال ۾ ٿيان. ١۴. ورسين= پنهنجي ڪانڌ سان. وجهئو ڪاڻ= ميارون رکين، ڪاوڙ لڪائين. ڪر= بيهودو غير ماڻهو. ڪلون پائيين= وري وري ڪلين. ڪڻ ڇڏيو ٿه ميڙئين= داڻن کي ڇڏي ٿُهن کي ٿي ميڙين (وَرُ داڻو آهي، ڪر ٿُهه آهي)! ١٦. ڍول= پيارو پتار. مَ ڪٽي ٻانهڙي= ٻانهڙي مَ ڪٽي، سندس پيار ڀري ٻانهن جيڪا منهنجي مٿان ورايل آهي سا نہ ڪٽي. پَره مَ ڪٽي پاند= پره پنهنجا آڇاڻ وارا ڪنارا ظاهر نہ ڪري، پرهہ نہ ڦٽي. رانئيان= ريجهائيان، راضي ڪريان، خوش ڪري پاڻ تي ڇڪَن ڪريان. وائي. سيڻ= پيارن عزيزن (سيڻُ= جن سگ ڏنو هجي). سيڻ ۽ سياء= سيڻ= ڪي ٻہ ٻاهريان جن ڪان سگ وٺجي. سياء اهي جيڪي ويجهي مٽي وارا عزيز. سياڪو= سياء وارو برتاء، پاڻ جهڙو برتاء. (شريڪ= پري جي جيڪا راڄداريءَ ۾ پاڻ سان شريڪ هجن، پر ڏي وٺ ۾ انهن سان ريت وارو برتاءُ ٿيندو، ۽ نہ ساڳيو سيائن وارو). سياڪو= سيڻن واري ريت، حجت وارو برتاءُ. منهنجن پيارن سيڻن مون سان سياڪي واري حجت ڪانہ هلي؛ مون تي پاڻمرادو مهربان رهيا ۽ وڏا ٿورا لاتائون. اولاڪو= ڳڻتي، الڪو، فڪر. پاراپو= پاراپو، پيغام.

سُر پورب

هيءُ 'سُلوڪ' جو سُر آهي: يعني سالڪن ۽ سندن منزل مقصود تي پهچڻ واري پنڌ جو سُر آهي. سالڪن کي، هيڪڙائي حق مڃيندڙ مُوَحد هندو فقيرن جي تمثيل سان پوربي، ڪاپڙي، سامي، سناسي، جوڳي، آديسي جي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. جن جي منزل مقصود 'ناٿ' آهي تنهن کي ملڻ لاءِ هو پورب پُورين (وڃن) ٿا؛ يا 'ناني' ۾ هنگلاج تي پهچڻ لاءِ پنڌ ڪن ٿا. تمثيل ۾، پورب جڻ آخري منزل ۽ دارالبقا آهي جنهن ۾ ابدي زندگي ماڻڻ لاءِ سالڪ فقير هن جهان مان ڪشالا ڪري راهي ٿين ٿا.

داستان پهريون

١

پُورَبَ مارِيياسِ، ڪَنهِ دَر ڏِيان دانهَڙِي
مَتيُون ڏِيندي لوڪَ کي چَري پاڻ تِيَاسِ
جَنِي نہ جيهياسِ، مان لَئُ لَڳو ٿَنِ سِين.

٢

پُورَبُ پُورَبُ تَبِ ڪَرُون، جَب هنِيَڙِي آوَنِ پُورَ
سِڪَندِيءَ کي سڄڻين نِڪُونَ لايُون نُورَ
مارِيَسِ اِنَ مذڪُورَ، جِٺن ساجَنُ سُڄي نہ مِلي.

٣

ڪينرَ ڳِٽِي ڪاپڙِي، صُبُحِ ٿِئا ساڄا
پُورِيائُون پُورَبَ ڏي وَڄائي واڄا
هُوءِ جي سامِي سَباڄا، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

٤

ڪَمَرَبَسَتا ڪاپَڙِي سامِي سِيئِي
هِڪڙا ٻِئَنِ کي، هَلِئا ڏَسَ ڏِيئِي
سِڱِڙِيُون سِيئِي، وَڄائي واٺ ٿِئا.

٥

ڪَمَرَبَستا ڪاپَڙِي، جَنِ ڪَڙَنِ ۾ ڪَچڪولَ
ڳِلا ۽ غيبَتَ جا سَڀَ پَڳائُون پولَ
ڳوٺِ ڪِجائُنِ ڳولَ، ڳَڏِجَنِ مان ڳداوَ ۾.

٦

ڪَمَرَبَستا ڪاپَڙِي چَلَڻَ جِيُون ٿا چُونِ
سِڱيون سَناسِين جِيُون وِڃئو پُورب پُونِ
جوڳِي هِتِ نہ هُونِ، ڪِينِ تِڪَندا ڪاپَڙِي.

٧

مون پوربي نہ پڇئا، جوڳي جاڙ ڪري
هنِيُون جن ڳري، سُڌيون سنديون سڄڻين.

٨

پُورَبَ وِئا پيهِي، تان مون ڳهَٽو نِهارِئا
سُڌَ نہ مُڪي سَڄَڻين، جيهِي نہ تيهِي
هُئا پَرَڏيهي، وَڄائي واٺ ٿِئا.

د-١:١. پورب = پورب ديس (جيڪو منهنجو وطن، جتي منهنجي پرينءَ جو ديس)، مارِيياس= مون کي ماريو (سڪ ۽ فراق سڄڻ جي). جني نہ جيهياس= آءٌ جَنِ جهڙي ناهيان، جن جي برابر ناهيان. مان لَئُ= منهنجو نيهن. ٢. تب ڪرون= تڏهن ٿي ڪريان. نِڪَ= ڪوهہ سان لاڳيتي اڏ، جنهن ۾ ڪوهہ مان پاڻي ڪڍي وجهجي ۽ پاڻي وَهي وڃي آنهن يا آواڙي ۾ پوي. نڪون لايون= وَهندڙ گهاريون ڪيون. نور= نيڻين، اکين (مان وهندڙ ڳوڙهو). ساجن سڄي نہ ملي= سڄڻ سُڄهي پيو تہ ڪٿي آهي پر ساڻن ملڻ مشڪل هجي. ٣. ڪينر= فقيرن جو واڄو (ڪينرو= سُرندي مثل ساز). ٿئا ساڄا= تازا توانا ٿيا. پُوريائون= رخ رکي روانا ٿيا. ٤. ڪمر بَستا= چيلهن ٻَڌل، جَن جي چيلهن کي پٽا يا پوتيون ٻڌل آهن (پيدل پنڌ ڪرڻ وارا چيلهہ چڪي ٻڌندا تہ جئن مضبوط ٿي پنڌ ڪري سگهن). سگڙيون= ننڍڙا سڱ (جانورن جا، جن کي مٿان چوٽيءَ وٽان وڍجي ۽ هيٺيان وڏي پاسي کان پڻ وڍجي، اهي اندران پورا ٿين، ۽ مٿان چوٽيءَ وٽان زوردار ڦوڪ سان وڄن). ٥. ڪچڪول= ڪشڪول، ڪِستا. ڪڙن ۾ ڪچڪول= ڪِستا ڪَڙن ۾ ٻڌل (ڪِستن ۾ لوها ڇلا يا ڪڙا، جن ۾ سٽ جو وڏو ڪڙو جيڪو ڪستي لٽڪائڻ لاءِ ڪلهي ۾ وجهجي). پڳائون پول= پولا پڄي ڇڏيائون، شڪ دليل پلي ڇڏيائون (تہ ڪا سندن ڳلا غيبت تي ٿئي). ڪجائن ڳول= سندن ڳولا ڪج. ڳداوَ= ڳدائي. ٦. چلڻ جيون ٿا چُون= هتان هلڻ ۽ اڳتي وڃڻ جون پاڻ ۾ ڳالهيون ٿا ڪن. وڃئو پورب پون= پورب ۾ وڃئو پون= پورب تائين انهن جا واڄا ٻڌجڻ ۾ اچن.

٩

جُوءِ جيڏاهِين جوڳِيين، نِتُ تيڏاهين نيڻَ
آيَلِ آديسِينِ جا وِروُهَ ٽِيَمِ ويڻَ
ڪَري سَناسِي سيڻَ، هنيَڙي حالُ پِرائيو.

١٠

جُوءِ جيڏاهِين جوڳِيين، نِيڻَ تيڏاهين نِتُ
آيَلِ آديسِين ڪي ڏي چاريڪا چِتُ
سامِينِ جو سَنگتُ، سارِئو ٿِي سُورَ چَران.

١١

جُوءِ جيڏاهِين جوڳِيين، اُنَ مُنه اڳڙيُون
سَڳا سيليُون سِڱيُون تَنِ سِين تُنبڙيُون
مُونڪي جَنِي مارِئو، اُنِ تي اَڳڙيُون
اُن جِيُون عبداللطيف چئي، مَرڪَنِ ماڳَ مَڙهِيُون
ڪوڙي لَڪَڙيون، چُندا ڪِين چِيلَنِ وِئا.

١٢

جوڳِي جُڳُ چِڏي، پُرِئا پُورَبَ پارَ ڏي
لاهُوتِي لَطيفُ چئي، هَليا لالُ لَڏي
وَاللهُ يَدعُو اِليٰ دارالسلامِ، صاحبُ سِڀِنِ سَڏي

هَئي هَئي هِنَ هَڏي، هَمَهَ ڪي حيرانُ ڪِئو.

١٣

پُورَبَ پُورِيائُون، مَتي راهَ رَوان ٿِئا
هِيءُ گهَرُ گهوريائُون، اڳانديائُون اڳِيان.

١٤

جان مَڙهيانِ مُنهُ پائيان، جوڳِي وِئا جاميرَ
ٻِئا پُوڄِيندِيَسِ ڪيرَ، ڏُونڌاٽِيءَ ڏُوپُ ڏَري.

١٥

پُورَبيا پُوري وِئا آسَڻَ اَڄُ صُبوحِ
ڪٿُوري خُشبُوءِ، آهي آديسِي گيا.

١٦

پُورَبيا پوري وِئا آسَڻَ آڏيءَ راتِ
سُيَمِ نہ سَناسِين جيون پَچارُوَن پِرِياتِ
جوڳِي ڪا جا ذاتِ، مِٿَ نہ مَعذُورِينِ جا.

١٧

خِيما جَنِ کَٽي، مَتي پُورَبَ مَنڊِئا
آيَلِ آديسِينِ ڪي پَسِئو ٽِيان پَٽِي
جِيءَ ۾ جَڙَ هَٽِي، نانگا وِئا نِڪِرِي.

---

٩. جُوءِ= اها پيٽي جتي هو اڪثر هوندا آهن. وِروهَ ٽيم= وروهه ٽٽڙم، وندرِ ٽٽڙم، مون سان حال پائي ٿيا. ويڻ= آديسين جا ويڻ، آديسين جا ٻول ۽ گفتا (جيڪي مون ٻڌا جڏهن هو هتِ هئا). سيڻ= مٽ، سڄڻ. حال پرائيو=١. حال حاصل ڪيو، حال واري ڪيفت ماڻي. ٢. سڪ ۽ سور وارو حال پرائيو. ١٠. نيڻ تيڏاهين نت= اکيون سدائين اوڏاهين آهن. چاريڪا ڏئي= واجهائي، چتائي، نهاري. سُور چران= (خاص محاورو) سور سهان. ١١. ان مُنه= ان طرف. تنبڙيون= سُکل ڪدُو جون يا چمڙي جون ننڍڙيون تُنبيون. ان تي اڳڙيون= انهن جي ڦاٿل لباس تي اڳڙيون لڳل آهن، انهن جو لباس ليڙون ليڙون ٿيل آهي. مرڪن= ٻهڪن سهڻيون سُتريون پيون لڳن. ڪوڙي لڪڙيون= ڪاٺڙيون ڪوڙي، ڪاٺين سان واٽ جا نشان ڪري. چُندا ڪين چيلن وئا= چيلن ڪي ڪين ڪجهہ چوندا ويا (تہ انهيءَ واٽ سان يا اهڙي طرح هلجئو). ١٢. جُڳ چِڏي= هيءُ جُڳ ڇڏي، هيءُ ماڳ مڪان ڇڏي، هي ملڪ ڇڏي. لال= رنگ ۾ رتل، نيهن ۽ سڪ ۾ رتل. وَاللهُ يدعُوا اِليٰ دارالسلام= الله سلامتي واري گهر ڏانهن ٿو سڏي (پنهنجن بندن کي ڏٽي پاڪ سلامتي ۽ خير عافيت واري پاسي ٿو سڏي). هن هڏي= طمع ۽ حرص. همه ڪي= سڀني کي. حيران ڪيو= حيران پريشان ڪيو. ١٣. پورب پوريائون= پورب جو رخ ڪري اوڏاهين هليا. هيءُ گهر= هي دنيا وارو هتي جو گهر، هيءُ جهان. آڳانديائون= دل من سان ڳنڍيائون. ١٤. مڙهيان= مڙهين ۾. منه پائيان= اندر نهاريان. جامير= جوڳين جي صفت، جامن وارا، فقيرن جي روايت موجب پورب طرف ڪنهن ماڳ جو نالو (جئن اجمير، تئن جامير). ڏونڌاٽِيءَ= اها وٽي جنهن ۾ ڏوپ وجهي دُکائجي. ١٥. آسَڻَ= ٽڪاڻا، اهي ماڳ جتي هو ٽڪيا ۽ رهيا. سٽ جي معنيٰ تہ: انهن آسڻن ۾ سندن ڪٿوري جهڙي خوشبوءِ سا باقي آهي، پر آديسي هليا ويا. ١٧. متي پورب منڊئا= مٿي وڃڻ لاءِ ٻڌي تيار ڪيا، پورب تي (ڏانهن) سفر لاءِ ٻڌي سولا ڪيا.

وائي-١

سائين سَگَ سَندومِ، مَ ڇڇي سِين جوڳِيين
هَلَڻَ جو هِنگلاج ڏي آديسِينِ اُتومِ
نيئِي پُورَبِ پارَ ڏي ويراڳِينِ وِڌومِ
سوئِي تِيرٿَ تَڪِيو، سوئي پَنڌُ سَندومِ
هُو جو تِيرَٿَ تَڪِيو سامِينِ سُنهايومِ.

وائي-٢

ويڙِيين منجھ وَڙالَ،

آن ڪي ڳَڏِئا هوتَ مُنهنجا

ماءُ مُنهنجي جوڳِيين، ڪَنِين ڪُنرَ لالَ
ڪڪورِيائُون ڪَپڙا، رَتائُون رُومالَ
وَتَنِ ڏُورَ پَڪلِئا، ڪِنهِ سان ڪَنِ نہ ڳالَ
ٿَنِ ڄاٽي ڄَڻائُون ڇَڏِيُون، چوٽا ڇَڳِيءَ چالَ
ڪامِي گوري وِچَ ۾ پاڻَ ڪَيائُون پيمالَ
بابُو بيڪاري ٿِئا، وَتَنِ منجھ وِصالَ
ڇَڏو جيءَ ڄِيارِئو جوڳِينِ جي جَمالَ.

وائي-٣

آسَرو آهي، موٽي ايندا مون نہ ڇَڏِيندا پاڻُ پَسَندا
پَٽَرِ وارَ پِرِينِ لَئي ويهُ تون وِڃائي
ڏُکَ لاهِيندا ڏيلَ جا ڳُجهو ڳالهائي
ڪالهِ سَناسِي سِڱِيُون وِتڙا وَڄائي
اِيندا آديسِي وَرِي ڏُونهِيُون ڌُکائي
مونکي نِيندا پاڻَ سِين، اِي سَگَ ساڳاهي.

داستان ٻيو

١

نانگَنِ ڪِينَ نَمائِيو، ناٿَ نَمايو نِيَهَ
مَڙهِين اُنا مِينهَ، جوڳِيان سَندي ذاتِ ڪي.

٢

نَڪِين نَمَنِ ناٿَ ڪي، ناٿُ نہ نَمائِينِ
جاٽَرا ڪَنِ نہ جوڳَ ڪي، جوڳُ نہ جُهارِينِ
آديسِي آڏِين، اُهڃاڻِيُون الِماسَ جِيُون.

٣

جا ڳُرَ ڏِنِي گودڙِي سا مونکي ٿي مَرَڪُ
چيلا ماري چَرَڪُ، اودِي ويهُ اَدَبَ سِين.

۴

ڳُرَ جا ڏِنِي گودڙِي سا ٿِيي لاهِيندي لَجَ
سَندا تِنهَ سَهَجَ، چيلو چُندو ڪيترا.

۵

ڳُرَ جا ڏِنِي گودڙِي سا مون ڳَهٽو سُهاءِ
نيئِي رَساٽي ماءِ، اودِيين جي اَدَبَ سِين.

وائي-١. سائين= اي سائين. سگَ سندوم= منهنجو سگ. اتوم= چيوم، مونکي چيو. سُنهايوم= مون کي سونهايو، مون کي ڏيکاريو. وائي-٢. ويڙيون= غيرآباد ايراضي ۾ هينيان زمين جا اهي ٽڪرا جن ۾ گهٽا گهاٽا وڻ هجن. وڙال= وڙول، ڳولا لاءِ ڀڄا ڳاڃا. ڪُنر= والا. ڏورڙ پَڪلئا= ڏورڙ ۾ ڀيوت ٽيل. ڄڻائون= وارن جون ڏگهيون ڇڳون. چوٽا= مٿي چوٽيءَ تي وارن جا ويڙها. بيڪاري ٿئا= بيک ڪيائون، پنهنجا مُنهن مهانڊا ۽ اطوار ڦيرايائون، پاڻ لڪايائون. وائي-٣. پٽر= پٽيرِ، وڇاءِ. ايءُ سگَ ساڳاهي= هي سگ مانائتو ڪري، هيءُ ناتو چڱيءَ طرح نباهي. د-٢: ١. ناٿ= وڏو گرو، وڏو جوڳي. نانگا= ننڍا فقير، ننڍا جوڳي، چيلا. نمايو= مٿا ۾ آندو، راضي ڪيو. مقصد جي لحاظ سان سٽ جي معنيٰ تہ نينهن يا سچو عشق ئي آهي جنهن سان ناٿ نمائي راضي ڪري سگهن. سچن جوڳين جي مڙهين ماڳن تي ئي مينهن وٺا. ٢. جاٽرا= نٽڙت وارو سلام ۽ ديدار، نٽڙت واري پيروي. جُهارڻ= وڏو ڪري مڃڻ ۽ واکاڻ ڪرڻ. جوڳ نہ جهارين= جوڳ واري مٿي جي مڃتا ۽ واکاڻ ڪين ٿا ڪن. الماس= هيرو (اصطلاحي معنيٰ) سچ، سچي حقيقت. هن بيت ۾ رسمي جوڳ ۽ رسمي جوڳين ڪان مٿي جيڪي اعليٰ ۽ افضل آديسي آهن، تن جو بيان آهي. ٣. مرڪ= ٺاهہ، سونهن. چيلا= اي چيلا (جن هڪ چيلو ٿو پنهنجي ٻئي ساٿي چيلي کي چوي). چرڪ= چرخ، چوٽيدار جُهنڊ. چرخ مارڻ= چادر سان گول چوٽيدار سان جُهنڊ ماري ويهڻ. ۴. سهج= سهج، ٿورا ۽ وَڏ احسان. ۵. سُهاءِ= سهائي ٿي، ٺهي ٿي، سهٽي لڳي ٿي. رساٽي= رَسائي، پهچائي. ماءِ= ماڳ منزل مقصود.

٦

گُلَ گُلَ پَسِي گودَڙِيا، گهڻا مَ. پائيج
سوئِي سُڄاڻيجُ، هِيءُ هُو آهي هيڪڙو.

٧

سامِي تون سُلوڪَ کي هَتان هَڏ مَ ڇَڏِ
لَڏِيندَنِ سِين لَڏِ، تہ رَهِين تون راڄُ ڪَري.

٨

لَنگهِہ لاهُوتان ڪاپَڙِي، ڏُونهِين ڪيمَ ڏڪاءِ
اوري ڪَرِ مَ آسَرو، پَري پيرُ مَ پاءِ
جِنهِ جِي جاءِ نہ ماءِ، وانءُ تَهِين سِين واڳئو.

٩

لانگوٽِي لائي، وانءُ ويراڳِينِ سامُهُون
ٻَڌُ سُورَنِ جو سَندَرو مَنجهاں سِڪَ ساهي
اَنِي وَٿِ آهي، اوچَڻُ ڳالهِہ اَگهاڙَ جو.

١٠

سامِي مَڙهي سَندياءِ، سامُهِين مُون سيلَ ٿِي
اِيءَ تان ڪوهُ اَڏياءِ، جان نانگا وَجِين نِڱئو.

١١

جي تُون چيلو چائِيين تان پَرِ گُروءَ جي پارِ
هَوائُون هِنگلاجَ ڏي وِيندي سَڀ وِسارِ
نانگا ناٿُ نِهارِ، سامِي وَڏيءَ سِڪَ سِين.

١٢

جي تون چيلو چائِيين تہ ٿيءُ گُروءَ جي گسِ
ڏُکَ پاڻُ کي ڏَسِ، ناٿُ نِهارِج نيہَ سِين.

١٣

جوڳِي ٽِينِ نہ يارَ، ڪَنهِين ساڻُ قَريبُ ٿِي
مُون مُلاقِي جَن سِين، تَن پُورَبَ جي پَچارَ
اَنئِي پَهَرَ اُنِ جي آهي نانِيءَ ڏانهَہ نِهارَ
لائي وِئا لَطِيفُ چَئي اَندرِ مَنجهہ اَپارَ
سامِين ساڻُ سَتارَ، لاهُوتِي لالَ ٿِئا.

١٤

جِيَاسُون جوڙَ ٿِي، جوڳِي لاٿو جارَ
سَندو پُورَبَ پارَ، آچِئاسُون اِيندَنِ کي.

١٥

جِيَاسُون جوڙَ ٿِي، جوڳِي ڏِنوسُون
مُلا تَهِين مُون، حاصُلُ ڪِين حالُ ڪِئو.

١٦

جِيَاسُونِ جوڙَ ٿِي، جوڳِي ڏِنوسُون جان
هو سَڳَ جَنهِينءَ سان، سامِي سو سانِيِيٽيو.

---

٦. گل گل= جدا جدا قسمن جا گل (پَرت جا) جيڪي گودڙي تي لڳل آهن، يا اهي گل جيڪي باغن ۾ آهن. رنگ روپ. سوئي= اهو ئي هڪ (مالڪ خالق). ٧. سُلوڪ= هلڻ، هَلُ هَلان وارو طريقو. لڏيندن سين= لڏيندڙن سين، هتان هلڻ وارن سين. ٨. لاهوتان= لاهوت مان، لاهوت واري هتان جي ماڳ مان (هت مراد "لاهوت واري صوفيانہ منزل" ناهي، پر هتان جو هڪ زميني ماڳ لاهوت). دونهين ڪير دڪاءِ= دونهين دکائي ويهہ نہ. جاءِ نہ ماءِ= تان نہ ٿاڪ. واڳئو= گڏيو. ٩. لانگوٽي= ننڍي لانگ واري ڌوتي (جيڪا لانگ ڪڍڻ ۽ ٻڌڻ سان مٿي ٿي بيهي). لانگوٽي لائي= لانگوٽي ٻڌي. ويراڳي= ويراڳ وارا، درد فراق وارا، جن دُنيا کان منهن موڙي ڇڏيو هجي. اوچڻ= ڍڪ. ڳالهہ اگهاڙ جو= اوگهڙ واري ڳالهہ جو. ١٠. مڙهي= ٽِڪاڻو (جتي سامي رهي ٽڪي). سامُهين مون سيل ٿي= منهنجي سامهون سيلهہ ٿي، منهنجي آڏو وڏا سيلهہ ڪنڊا ٿي (منهنجي لاءِ آزار ٿي.). نانگا وجين نڱئو= اي نانگا، تون نڪرئو وڃين ٿو هليو (مڙهي اڏين ٿو تہ اتي هميشہ لاءِ ويهين ڪونہ ٿو، پر سگهوئي ان کي ڇڏي وڃين ٿو هليو).
١١. تان پر گروءَ جي پار= تہ پوءِ گروءَ جي پيروي ڪر، سندس ريت جو پابند ٿيءُ. هوائون= خواهشون. هنگلاج ڏي ويندي= هنگلاج ڏانهن وڃڻ واري پنڌ ۾. ناٿ نهار= ناٿ کي ڳول. ١٣. ملاقي= ملاقات. ناني= نانيءَ جو جبل جتي هنگلاج وارو تڪيو آهي. سامين ساڻ ستار= عيب ڍڪيندڙ سڀاڄهو سائين تن سامين ساڻ آهي، سندن پرجهلو آهي.
١٤. جياسون= جئرا رهياسون، زنده ٿياسون. جوڙ ٿي= گڏجاڻي ٿي. جار= ڏک. ايندن کي= جيڪي وڃن اچن ٿا. ١٥. جوڳي ڏنوسون= اصل وڏو جوڳي ڏٺوسون. مُلا= وٽان. ڪين= ڪين ڪجهہ= گهڻو ڪجهہ. ١٦. سانيِيٽيو= سامهون ملي ويو، آڏو گڏجي مون سان ملي هڪ ٿي ويو.

١٧

دِل ڏوتائِين ڏُکَ سِين، ڏاگِا هَڏِ نہ ڏوءِ
لاھُوتِي لَطِيفُ چئي، رُوحان اَندَرِ روءِ
کونہ ڏُنوسُون کوءِ، سَناسِي ۽ سُورَ ري.

١٨

وِلهُون ويلا واءِ، جوڳِين جهَلِئا جانَ ۾
اَجهو ري اَللهُ، کونهي ڪاپڙِين جو.

وائي-١

جَنِ ڪي مَنَ ۾ مالا، جوڳِي سيئي
جَنِ ڪي مَنَ ۾ مُندرا، سامِي سيئي
گَڏِئا گورکناٿ کي، سَتَ گروءَ جي سَنگا
پيتا سي مڙهيءَ ۾ ڪري الاالله.

وائي-٢

توبَہَ! توبَہَ! اِيءَ طَلَبَ،
ٿُنهنجِي دَران مَنگان
مونکي پِرِينِ ميڙِيين، سائين ڪَنهِ سَبَبَ
جي مُون هَٿان ڪارِيين، ڪَمَ موچارا رَب.

---

١٧. لفظ صاف آهن، پر مقصد واري معنيٰ آهي تہ: لاهوتي (لاهوت، واري منزل تي پهتل جوڳي) ڏاڳن ڏوئڻ واري رسم ڪري ئي ڪونہ: هو ڏوئي ٿو تہ دل کي ڏوئي ٿو ۽ درد سان ڏوئي ٿو. روحان اندر روءِ= روحاني طور اندر ئي اندر ۾ روئي ٿو. سناسي ۽ سور ري= هجي سناسي ۽ سور نہ هجيس! ١٨. وِلهون= سخت سيءُ ۽ سرديون. ويلا= بک جا ويلا (جيڪي ويلا لنگهڻ ۾ گذرن). واءِ= سخت واءُ، لکون ۽ جهولا. وائي-١. من ۾ مالا= اندر ۾ مالها، تن ۾ تسبيح. مُنِدرا= والا. من ۾ مُندرا= ٻاهران ڪنن بدران اندر من ۾ پاتل والا. ست گروءِ جي سنگا= سچي گروءِ جي سهاري ۽ سنگت سان. وائي-٢، توبهَ! توبهَ! گناهن کان توبه ۽ وري توبه. تنهنجي دران= اي ڏاتي منهنجا! تنهنجي در تان، تو وٽان ميڙئين= ملائيين. ڪنہ سبب= ڪنهن سبب سان حيلي سان. ڪارِيين= تو ڪرائيين.

سُر رامڪلي

سُر پورب وانگر سر رامڪلي بہ سلوڪ جو سُر آهي، يعني سالڪن ۽ سندن منزل مقصود تي پهچڻ واري پنڌ جو سُر آهي. سُر پورب وانگر سُر رامڪلي ۾ بہ سالڪن کي اڳين مُوحد هندو فقيرن جي تمثيل سان جوڳي، سناسي، سامي، آديسي، ڪاپڙي جي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. مجموعي طور سان، ٻنهي سُرن جو موضوع ۽ ماحول ساڳيو آهي، پر معنوي لحاظ سان سر رامڪلي سر پورب ڪان وڌيڪ وسيع معنيٰ وارو سُر آهي جو ان ۾ سچن فقيرن جا وڌيڪ اهڃاڻ ڏنل آهن، ۽ پڻ ناقص جوڳين کي تنبيه ڪيل آهي ۽ ڪين سچي ۽ پڪي ٽيڙ جا سبق سيکاريل آهن. سُر پورب ۾ 'پورب' ئي منزل مقصود آهي؛ سر رامڪلي ۾ پڻ 'پورب' سالڪن فقيرن جي خاص منزل آهي پر ان سان گڏ فقيرن جي عملي ڪردار جي تشريح ڪيل آهي. سڀ ڪان وڌيڪ خاص ذڪر جوڳ ۽ جوڳين فقيرن جو آهي. ڪن داستانن جا شروعاتي بيت سناسين (داستان-٣)، سامين (داستان-٤) يا ڪاپڙين (داستان-٦) جي نالن سان آهن جيڪي خاص معنوي نالا آهن. سر پورب توڙي رامڪلي ۾ جوڳين، پوربين، سامين، سناسين، آديسين، ڪاپڙين، بابُن يا ويراڳين جا نالا جدا جدا فرقن جي فردن طور آندل ناهن، پر اهي سڀ سالڪن فقيرن جا متبادل نالا آهن.

داستان پهريون

١

جوڳيئڙا جهانَ ۾ نُوري ۽ ناري
ٻري جَن ٻاري، آءٌ نہ جِيَندِي اُنِ ري.

٢

جوڳيئڙا جهانَ ۾ هُئا مَنجهہِ حِمامَ
آرامَا اَرڳِ ٿِئا، اوڏا نہ آرامَ
ڪِئائُون قِيامَ، آءٌ نہ جِيندِي اُن ري.

٣

جُسي سَندو جوڳِيين مون نہ گهُرجي ماهُ
سامي منهنجو ساهُ، آءٌ نہ جِيَندِي اُنِ ري.

٤

سَتُرُ سِگَڙِيَنِ سِين لَحظي لاتائون
ڪِينَرَ ڪُنِي آهِيان اُنِي جي آئُون
مونکي مارِيائُون، آءٌ نہ جِيَندِي اُنِ ري.

٥

ٻُوليان ۽ ٻُنڊِيانِ، وِئا ويراڳِي نِڪَري
صُحبَتَ جا سَنديانِ، آءٌ نہ جِيَندِي اُنِ ري.

٦

وَتُنِ وينِي آهِيان ڏِسئو ڪِينَ ڏِسانِ
جَنہِ جهوڙِي ناهِ ڪِين، سا ڪا سونہَ سَندِيانِ
پَسِئو ڪِينَ پَسانِ، آءٌ نہ جِيَندِي اُنِ ري.

٧

مَران، مَتو پِنيان، ٻِهاريان نيڻانِ
سُخَنَ جي سَندانِ، آءٌ نہ جِيَندِي اُن ري.

٨

واڄَٽَ ويراڳِينِ جا، مون ڪي وَڏِي وَٿُ
سونُ سَيوئِي سِگِيُون، پَسِي ڪِينَ مَ ڪَٿُ

د-١:١. نوري ۽ ناري= هڪڙا نوري (نور يا روشني وارا) ٻيا ناري (نار يا باه وارا). ٻري جن ٻاري= جن پنهنجو پاڻ کي ٻاري ٻين لاءِ ٻاري، جن پنهنجي جان جلائي، ٻين لاءِ روشني ڪئي. 2 حِمام= موت، موت واري حالت. مڇ، آڙاهہ (هيءُ جهان هنن لاءِ آڙاهہ ۽ عذاب هو). ارڳ= الڳ، جدا. قيامَ= ٻيهڪ ڪيائون، صبر ڪري ٻيٺا، پنهنجي مُول متي تي پڪا ٿي ٻيٺا. ٣. مونکي جوڳين جي جسي (بدن) جو ماهُ (ماس) نہ گهرجي (مونکي سندن شفقت ۽ راضپو گهرجي). ۴. ستر= پردو، حجاب. سگڙين سين= سگڙين جي واڄي سان. ڪينر= انهن جي ڪِينر (جي واڄي). ۵. ٻُنڊِ= خوشبوءِ. ٻُنڊيانِ= آءٌ سندن خوشبوءِ سِنگهان (۽ اها خوشبوءِ سڃاڻي ڪين ٻُوليان). ٦. ڏسئو ڪين ڏسان= ڏسان پِئِي تہ بہ جڻ ڪا نہ ٿي ڏسانِ (ڏسڻ مان ڏِٺو نٿو ٿئي). ڏسان پئي پر پانيان تہ ڪين ڏٺم ئي ڪين، سو وري ڏسان جڻ ڪين نہ ڏٺم. جنہ جهو= جنهن سونهن جهڙو ٻيو ناهہ ڪو. ٧. مران متو پِنيان= سندن فراق ۾ مران ۽ متو پِنيان پئِي. نيڻان= سندن اکين کي، سندن نظر کي، سندن ديد ۽ ديدار کي. سخن= پيارا ٻول ۽ گُن وارو گفتا. ٨. واڄٽ= واڄا (سُريلا ۽ درد وارا). وڏي وِٿ= وڏي مٽيا، وڏي قيمتي شيءِ. سون سيوئي سگيون= سندن سگيون سيوئي سون آهن. ڪينَ= ڪجهہ نہ، نيستي. مَ ڪٿ= اندازو نہ ڪر. معنيٰ تہ: سندن ڪين (ڪجهہ بہ نہ) واري حالت ڏسي سندن مال ملڪيت ڌن دولت جو اندازو نہ لڳاءِ، سندن سگيون ئي ساري سون برابر آهن (سندن ڌن دولت جو ڪاٿو ئي ڪونهي).

ويساهي ويلَ ڪنهين پُورَبِ وِينڊُ پَٽُ
هَلُ ڪنيائُون هَٽُ، آءٌ نہ جِيندي اُنِ ري.

۹

واجَڻَ ويراڳِينِ جا، مون وَٽِ وڏو مالُ
مَقالان مَهندِ ٿِئا، ڪِينهين وَٽِنِ قالُ
حاصُلُ جَنِي حالُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۰

سُتِي سيجَ هُياسِ، مونکي آءَ اُٿارئو
جَنِي جاڳاياسِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۱

هَي هَي ڪِئو هَٽَ هَٽان، جوڳِي وئُرا جاٽَ
پيهي وِئُرا پاٽِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۲

سامِي سَفَرِ هَليا، ڪو جو پُڇَنِ پَنڌُ
جَنِ هيناهون ڪَنڌُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۳

مِٽَ نہ مَعذُورِينِ جا، جوڳِي جاٽَ نہ نِينِ
اِنهين ۾ آهِينِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۴

نانگا نانِي هَلِئا، ويراڳِي وِئا
ڪِينرَ ڪاپڙِيَنِ جا صُبُح تان نہ سُئا
هُوءِ جي هِتِ هُئا، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۵

نانگا نانِي هَلِئا، سامِي سِپِيئِي
وِهڪَ مون وِيئِي، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۶

نانگا نانِي هَلِئا، چيلا چيلهہ ٻَڌَنِ
هَئي هَئي ٿا هَلَنِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۷

نانگا نانِي هَلِئا، هَئي مُنهينجي حالِ
هُوءِ جي ڪَهِيا ڪالَ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۸

نانگا نانِي هَلِئا، لوڪان ڪَري لِڪَ
وِيئِي مون وِهڪَ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۱۹

جيڪِي مونکِي نِي، نائہ نانگا وانءُ مَ نِڪَري
پَهَہ پَروڙِيَمِ پَٽَ جا، ڪِينرَ منجهان ڪي
هاٿِي جي هَنيئِي، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۲۰

جيڪي مون ڪي تاڻِ، پَڳهُ پائي پاڻَ سِين
هُو جي هَنيئِي هاڻِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

ويساهي= توڪي انهيءَ ويساهہ ۾ چڏي تہ اجان اتي ئي آهن، پورب ڏي هليا ويندئي. پٽ= (سندن هي) ٽولو، سُنگ. هل ڪنيائون هٽ= هنن هٽ ڪنيو آهي؛ (ان سڏ کي سڃاڻي) تون اٿي هل. ۹. واجڻ= واڄا. مال= ڌن. مقالان= مقال کان، زباني ڳالهہ کان. مهند ٿئا= اڳتي ٿئا، اڳتي آهن (زباني ڳالهين کان اڳتي آهن). ڪينهين وٽن قال= وٽن محض زباني ڳالهہ ڪانهي (پر حال وارا آهن). ۱۱. جاٽ= جاترا، جاترا، زيارت. پاٽ= (الف) پَٽِ، پنڌ واري پَٽ ۾ پيهي وئا، ويندي ويندي گم ٿي ويا (ب) پاٽ= پاٽ= پاٽ پوڄا ۾ محو ٿي ويا. ۱۳. مٽ نہ معذورين جا= معذورن ۽ بيمارن جا هو مائٽ ناهن (يعني جيڪو هلندي هلندي واٽ ۾ بيمار ٿيندو تنهن کي ڇڏي هليا ويندا. اها سندن ريت آهي). جوڳي جاٽ نہ نين= آءٌ معذور آهيان ۽ مونکي جوڳي جاترا تي پاڻ سان گڏ، نٿا وٺي وڃن. اِنهين ۾ آهين= انهين رڻ ۾ آهن (تہ هنن کي ڇڏي هليا هلون). ۱۵. وهڪ= ويهڪ، هڪ جاءِ ويهڻ واري عادت. مون ويئي= مون کان ويئي (هاڻي آءٌ پڻ انهن پٺيان هلنديس). ۱۶. چيلا چيلهہ ٻڌن= (الف) چيلا خدمت ڪندي، نانگن جي چيلهہ تي وَڍي ٿا ٻڌن، سندري طور ڪپڙو ٿا ٻڌن (ب) نانگا اڳتي روانا ٿيا، هاڻي چيلهہ پنهنجي پنهنجي چيلهہ ٿا ٻڌن تہ هو بہ روانا ٿين. ۱۹. جيڪي= يا تہ. ني= وٺي وڃ (نہ تہ هليو نہ وڃ). مون جوڳين جي هن ٽولي (پٽ) جا ڪي پَهَہ ۽ ارادا سندن ڪينر واري واڄي مان پروڙيا. هاٿي جي هنيئي= هاٿي تو جيڪي ڪينر تي هٿ هنيا، تو جيڪي واڄا ڪيا. ۲۰. تاڻ= ڇڪ. پڳهہ پائي= ٻيڙي وانگر پڳهہ وارا رسا ٻڌي ڇڪي پاڻ سين گڏ. هنيئي= تو جيڪي ڪينر تي هٿ هنيا، تو جيڪي واڄڻ وڄايا.

۲۱

جيڪي مون نِهو، ناتہ جاڻ مَ وَڃو جوڳِيا!
ڦُوٽَ مُنهِنجو ڪاپَڙي، سِڱَڙيَن سِهو
ڦِري ڦُوڪَ ڏِهو، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۲۲

سَڱا سيليُون ٽُنبِيُون ڏاڳا ڏوتائون
پاڻَ پنهنجو پرينءَ سِين پَرِ ۾ پوتائون
رَتو رُناٺون، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۲۳

سُوڏو سِڱَڙيَن سِين ڪِين جو ڪَهيائُون
هُوءِ جي هَنيائُون، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۲۴

وَڃائي واٽَ ٽِئا، جوڳِي جُڳاڻي
هُئا جي هاڻي، آءٌ نہ جِيندِي اُن ري.

۲۵

صُبح سِڱَڙيُون ڪَڍِي وِئا وَڃائي وِيرَ
ڏوريان ڏوريان نہ لَهان تَنِ بيراڳين بَهِيرِ
آسَڻَ جَنِ عَنبِيرَ، آءٌ نہ جِيندِي اُن ري.

۲٦

ميڙيون پاڻُ پَريون ڪِئو جوڳِي جَلائِينِ
سامِي سِڱَڙين سِين خُودِيءَ کي ڪانئِينِ
هُوءِ جي تارَ نہ ٽِڳائِين، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۲۷

پَسِئو آسَڻَ اُنِ جا اَڇِي نہ آرامُ
ڪِينَرَ ڪُنِي اَهِيان ٽِنِي جي ٽمامُ
مونکي ٽِئو ماتامُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۲۸

پَسِئو آسَڻَ اِنِ جا اوچَنگارُوَن اَچَنِ
آيَلِ آديسِين جا مونکي ماڳَ مُهنِ
پاٽان وِڌِيَسِ پَٽَ تي لاهي لاهُوتِينِ
جي راڙي مَنجهہَ رَهَنِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۲۹

پَسِئو آسَڻَ اُنِ جا اَندوها اَچَنِ
ڪِينَرَ ڪاپَڙِين جا صُبح تان نہ سُڄَنِ
وَڏِي ياڳِ پِرَنِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۳۰

پَسِئو آسَڻَ اُنِ جا ٻانهُنِ وِجهان واٽ

۲۱. نهو= نئو، پاڻ سان گڏ وني وڃو. سِهو= آسرو، آٿت. سڱڙين سهو= سڱڙين جو سهو، سڱڙين جي واڇي جو آسرو. سٺ جي معني تہ: اي ڪاپڙي! سڱڙين جو واڄو منهنجو آٿت آهي، منهنجو قوت آهي (جيڪو مون کي ٽِڳائي ٿو). ڦوڪ ڏهو= ڦوڪ ڏيو. ۲۲. سڱا= سڱا ڏاڳا، سڱن ڏاڳن جا ڳانا. سيليون= ويڪريون ڳوٽريون جن ۾ پنهنجا ٽول ٽڳا وجهن. جن کي هٿ ۾ ڪٽن (ٻيون گبريون يا بگريون (= بغليون) جن جا ڪَرا ڪلهن ۾ وجهجن ۽ اهي بغلن هيٺان لٽڪن). ۲۳. سُوڏو= سڌو سولو. ڪهيائون= چيائون. هنيائون= سڱڙيءَ تي ڦوڪون هنيائون، ڪينر.تي هٿ هنيائون ۽ وڄايائون. ۲۴. وڃائي= سڱڙيون وڄائي. واٽ ٽيا= واٽ وني راهي ٿيا. جڳاڻي= (الف) وڏي جُڳ جا (ب) وڏي جوڳ وارا، جوڳاڻي. هئا جي هاڻي= جيڪي هاڻي هت هئا، ڪجهہ ٿورو اڳ هت مون وٽ هئا. ۲۵. وير= ڏاها، وڏي چاڻ وارا. بهير= قطار. بيراڳين بهير= تن ويراڳين جي قطار. آسڻ جن عبير= جن جا آسڻ عبير آهن، جن جي ويهڻ واريون جايون عنبر جهڙيون سُرَهيون آهن. ۲٦. پاڻ= (الف) مال جو پاڻ، دونهين دکائڻ لاءِ (ب) پائڻ= پنهنجي هستي ۽ هئڻ. خودي= هستي پاٽپٽو. ڪانئڻ= جلائين، ساڙين. تار ٽڳائڻ= تاري ٽڳائڻ، ڪو حيلو هلائي بيمار کي بچائڻ. هوءِ جي تار نہ ٽڳائين= اهي جيڪي (سندن ريت رسم مطابق چڏي هليا وڃن ۽) ڪو حيلو ڪري، بچائي، کي ڏينهن جٿرو رهڻ نہ ڏين. ۲۸. آسڻ= ويهڻ واريون جايون، تڪيا. ماڳ مُهن= ماڳ ٿا ڏکوئين. راڙي منجهہ= روڄ منجهہ، غم منجهہ. ۲۹. اندوها= اڪين اڳيان اونداهيون (ڏک ۽ جدائي سببان). نہ سُڄن= نٿا سُڄن، نٿا سٽجن. وڏي ياڳ= وڏي ياڳ جي ڪري، منهنجو وڏو ياڳ ٿئي جو ان جي ڪري پرن. پرن= (راضي ٿي) پَيرو ڪن، اچن. ۳۰. ٻانهن وات وجهڻ (اصطلاح) = ٻانهن ۾ وات وجهڻ، ٻانهن ۾ چڪ وجهڻ، چريو ٿيڻ، ديوانو ٿيڻ.

جي ڪَھيا ڏونه ڦلاتَ، آءٌ نہ جيندِي اُنِ ري.

۳۱

آسَڻَ وَٽِ آھُون ڪَرِيان، وَسِ نہ مُنھنجِي واٽُ
لَڳُمِ لاھُوتِينِ جو مَنجھان ڪِينَرَ ڪاٽُ
ھَلَڻُ جَنِ ھيھَاتُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۳۲

بابُو بِيڪارِي ٿِيا، اَڄُ نہ آسَڻَ وَٽِ
خُودِي ڪانئِي ھَلِيا، پِيرُ نہ لايئُون پَٽِ
ھَي ھَي جَنِي ھَٽِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

33

بابُو بيڪارِي ٿِيا، يَجي ڇَڏيائون ياڻُ
نِسوروئي نانهِ جو نانگن وَٽِ نِڌاڻُ
سَرِڪندُ جَنِي ساڻُ، آءٌ نہ جِيندي اُنِ ري.

۳۴

بابُو بيڪارِي ٿِئا، آسَڻَ وَٽِ نہ اَڄُ
نِسوروئي نانهِ جو سامِي ڪَنِ سَھَجِ
ھِنيڙا ٿَنِ سِين ھَجُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۳۵

نڪِين ڳُڻِن پاڻَ سِين، نہ ڪو ساٿُن پاڻُ
اِھڙو جَنِ اُھجاڻُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۳٦

پاٽِھين وينا پاڻَ سِين پَرِ ۾ پَريَاٽِينِ
سامِي سَڦرِ ھَلِيَا، آسَڻُ اُجھائِينِ
رُخصَتَ رُئارِينِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۳۷

پاٽِھينِ وينا پاڻُ سِين پَرِ ۾ پَرياٽِينِ
ھُوءِ جي ھَلَڻَ سَندِيُون ڳَاھُون ڳَالھائِينِ
وَجِڻُ وِجائِينِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۳۸

پاٽِھين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ ڪَنِ پَرِياڻُ
اِھَڙا جَنِ اھجاڻُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۳۹

لڪين ڪِئا لِسَان سِين لاھوتِينِ لوڙا
گھوڙا ڙي گھوڙا، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۴۰

ويراڳِينِ وَرَنَ، ڏِسڻُ گَھَٽو ڏِھلا
ھڪ ٻولَڻُ ٻوڙَنِ سِين، ٻِئا سَندا فانِيُنِ فَنَ
ڪِين گھُرِجنِ ڪَن، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

۳۱. منجھان ڪينر ڪات لڳم= سندن ڪينر جي واڇي مان درد جو ڪات لڳم. هيهات= پَري ڏور. ۳۲. بابو= وڏا بابا جوڳي، وڏا ڪاپڙي. بيڪاري ٿيا= بيڪ ڪيائون، صورت مٽائي پاڻ لڪايائون. خودي ڪانئي= پنھنجي هستي ساڙي. پير نہ لايئون پٽ= خودي ڪي جلائڻ سان هو ابدي مرتبي ۽ منزل وارا ٿيا، جو وٺا تہ پٽ تي پير ئي ڪوڻہ لڳو.(اصطلاح) پير پٽ تي ئي نہ لڳڻ= نهايت تيز تڪڙو وڃڻ (هو نهايت تيز تڪڙا ويا). هي هي= هاءِ هاءِ واري وائي. جني هٽ= جني وٽ. جوڳين وٽ. ۳۳. ياڻ= پنھنجو پاڻ يانئڻ ڇڏيائون. نانہ جو= نِيستيءَ جو، هستي وڃائڻ جو. نڌاڻ= آخري مقصد. سرڪنڊ= چندن (جو سرهو ڪاٺ)، سرهاڻ ۽ سُڳنڌ (جن وٽ، جن سان).
۳۴. نسوروئي= بالڪل ئي. نانہ= نيستي. سهجُ= ٺاهُ سينگار. هَجَ= مِلي پاڻ وڃاءِ. ۳۵. پاڻ سين= پاڻ (ہٿو ڪو). نہ ڪو ساٿن پاڻ= نہ ڪو ساٿن پنھنجو پاڻ، پنھنجو هئڻ ۽ هستي. ۳٦. پر ۾ پرياٽين= مخفي طور هڪ ٻئي ڪي اهڃاڻ ڏين، هڪ ٻئي سان اورين، هڪ ٻئي سان راز سلين. اجھائين= وسائين. رخصت رئارئين= رخصت سان رئارين، وڃڻ سان ڏک ڏين. ۳۷. ڳاهون= راز واريون ستون. هلڻ سنديون= ڳاهون= رواني ٿيڻ واريون ڳجھيون ڳالھيون. وڃڻ وڃائين= وڃڻ ڪي مخفي ڪري ڇڏين، رواني ٿيڻ ڪي راز ۾ رکن. ۳۹. لسان سين= زبان سين. لوڙا= زوردار ٻول (نصيحتن جا)، چٽا تاڪيد وارا گفتا (هدايتن جا). ۴۰. ورن= رنگ، مهاندا. ڏهلا= هيٺا، ڪوماٽيل. ٻولڻ = چڱي ڳالھ چوڻ. ٻوڙن سين= ٻوڙن ماڻهن سان (دنيا جا ماڻهو جيڪي چڱي ڳالھ ٻڌڻ نٿا چاهين) فانين سندا فن= هنن فقيرن جن پاڻ ڪي ماري فنا ڪيو آهي تن جا اهي ڪارگر حيلا آهن (جو ٻوڙن ڪي سرلو ڪن ٿا). ڪين گھرجي ڪن= ڪين ڪين ڪجھہ ڪن ڏيٺو آهي (سندن طرف متوجھہ ٿيٺو آهي).

٤١

وارُو ويراڳين ڪي ويلَ مَ وِساريج
قَدَمَ ڪاپڙِينِ جا لِيلائي لَهيج
پيِرَت پَسئو پَٽَ جي وَڄَڻ ڪي وجيج
راتو ڏِينهِ رڙهيجُ، آءٌ نہ جِيندِي اُن ري.

٤٢

قَدَمَ ڪاپڙِينِ جا لَڳا ۾ لاهُوتَ
جَنِي سِين ياقُوتَ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

٤٣

"جُزُ" وڃايو جوڳِئين، "ڪُلَ" سِين آهِن ڪَمُ
آسَڻُ جَنِ عَدَمُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

وائي

سَندڙِيانِ سِگڙي، ڳالِهہ ڳجهڙي
مون مارِيندي ڪَڏهِين

جا وَڃائِينِ جَتڙا، نہ تِنهِ تُڙ جهڙي
مُرلِيءَ ڪي جِنهِ ماٺُ ڪِئو، نہ تِنهِ تُلَ تُنبڙي
توڏِي تاري جِنهِ تي نہ سا گهَندَ گهَندڙي
ڏارِئو جِنهِ ڏِياچ ڪي تَندُئان تِنهِ تِڪڙي
نہ سِري، نہ سِندِ ڪا، نڪا هِندِ هِڙي
ڪوڙين واڄَٽَ ڪيتَرا لَڪين لائِيندڙِي
ڪَڙِي ڪُلاٽَنِ ڪي، مَحبتَ وارَنِ مِنڙي
مثايان مِٽي گهڻو، چندان جَنِ چِگڙي
وَنءُ اُونائي اُنَ ڪي، ويهُ مَ ڪَڻُ وِڳڙي
بيخُودَ بابُو سي ٿِئا، بُرندي جَنِ بُڏڙي
جا ساراهِيلَ سُبحان جِي، تِنهِ واڪاڻَ کِهڙي
سَهسين .سُرُودَنِ ڪي پاڻان پوءِ وِجهَندڙي
گهاندار مِرُو موهِيا، هِيءَ ماڙهو مُهَندڙي
آهي عبداللطيف چَئي مُئا جِيارِيندڙِي.

داستان ٻيو

١

جي ڀانئِينِ جوڳِي ٿِيان، تہ سَگَ سِيئِي ڇَڏِ
اوڏو تِي اَلِفَ ڪي مَنُ مِيمَ سِين گَڏِ
هِتان لاهُوتِي لَڏِ، تہ ڪُرَ ڪي گَڏِجين ڪاپڙِي.

٢

جي ڀانئِين جوڳِي ٿِيان تہ سَگَ سَيئِي ڇِنُ
مَٿي دَرِ دوستَنِ جي نانگا ڪِيمَ نِنُ
پَٽِ تَنِي جي پِنُ، جَنِي پُڄِي نہ پُڇِئو.

٣

جي ڀانئِين جوڳِي ٿيان تہ طَمَعَ ڇَڏِ تَمامُ
گولا جيءَ گولَنِ جا ٿَنِ جو ٿِيءُ غُلامُ

---

٤١. وارُو= (ويراڳين جي صفت) جيڪي وارو ٿيا آهن، جيڪي پوئتي ورن پيا ۽ وڃڻ وارا آهن. پيرت= پيرن جا نشان= پيرن جي نشانين سان ٺاهيل پيچرو. پٽ= ساڱئي مول متي وارن ويراڳين فقيرن جو ٽولو. وڃڻ ڪي وجيج= تون بہ سندن پويان ائين وڃجانءِ جو وري نہ موٽين. ٤٢. لاهوت= وارو ماڳ، پٻ جبل کان اڳتي شاهہ بلاول نوراني جي اوريان هڪ ماڳ جو نالو "لاهوت لا مڪان" جتي شاهہ بلاول بہ چلا ڪڍيا. ٤٣. جز= جزو، ڪنهن شي يا نظريي جو جزوي حصو، هي ڪائنات جيڪا خالق جي جملي خلقت جو هڪ جزو آهي. ڪُل= هي سڄي خلقت ۽ تخليق "جز" آهي ۽ خالق ئي "ڪُلُ" آهي. عدم= فنا. آسڻ جن عدم= جن جا تڪيا فنا ۾ آهن. وائي. سندڙيان= سندن. نہ تنهن ٽُل= نہ تنهن برابر. توڏي= سهٽي. ڪلاٽن ڪي= ڪنّيل دل وارن ڪي، ڪوڙن ڪي. چندان= چٽان، چيتان، ڏيان سان. اونائي= ٻُڏي. ٻرُندي= وڃندي. پوءِ وجهندڙي= پوئتي ڪندڙ. گهاندار= وڏا شاهي. مهندڙي= مُهڻ واري، زير اثر ڪرڻ واري. د-١ :١. سگ= عزازٽون، سنگتون، لاڳاپا. الف= الله. ميم= محمد (صلي الله عليہ وسلم) لاهوتي= اي "لاهوت" جي درجي وارا، اي هيڪڙائي حق وارا. ٢. ڇن= ڪاٽِ، قطع ڪر. ڪيم نِن= هيٺو ٿي نہ ليلاءِ، روئي دانهون نہ ڪر. پٽ تني جي پن= تن فقيرن جي ٽولي کان گهر، تن فقيرن جي ٽولي سان گڏجي ڀکيا ڪر. (رسالن جي پرهٽي "پٽُ" آهي ۽ ان لحاظ سان اها معنيٰ ٿيندي. پر جي اصل لفظ "پٽُ" (=پيالو، ڪستو، ڀکيا وٺڻ وارو ٿانءِ) هجي تہ پوءِ معنيٰ ٿيندي تہ انهن فقيرن واري "پٽ" ۾ پن. پڄي نہ پڇئو= (الف) ورائي ورائي نہ پڇئو (تہ پيالي ۾ ڪيتري ڀکيا آهي، يا ڪيتري خيرات ملي آهي). (ب) اُٿي، پيالو وٺي ڪونہ ڏٺو ۽ پڇئو (تہ ڪيتري ڀکيا آهي). ٣. طمع ڇڏ تمام= سڀ لالچ ڇڏ. شمشير= ترار. ڪينو= دشمني، بدخواهي.

صَبُرَ جي شمشيرَ سين ڪَرِ ڪينِي ڪي قتلامُ
تہ نانگا تُنهنجو نامُ، لِکجي لاھُوتَ ۾.

۴

جي پانئين جوڳِي ٿِيان تہ پَرِ جوڳِين جي پارِ
لوڪان لِڪِي لُطِيفُ چَئي مَنَ ۾ مالا وارِ
سَهُہ سَياڳِي آرِ، آڳي جي اَدَبَ سِين.

۵

جي پانئين جوڳِي ٿِيان تہ مُوركَ مَنجهِهين مَرُ
تَنُ ڪُڏِي، مَنُ حُجرو، گهورِجِ پنهنجو گهَرُ
دَرِ ٿِي پُورِجُ دَرُ، ڳولا ڪِجُ مَ ڳوٺ ۾.

۶

جي پانئين جوڳِي ٿيان تہ تَرڪُ طَمَعَ ڪي ڏي
نانگا وَجي ناٿَ جي تائِبُ ٿِيءُ تَڏي
ويراڳِي وُجُود کي لاشڪُ چَڏِ لَڏي
جو اَجهائُون اَڏي، پَري پُورَبُ اَنَ کي.

۷

جي پانئين جوڳِي ٿِيان تہ ڪِينَ پِيالو پِيءُ
نانه نِهارِي هَٿَ ڪَري آئُون اَتِ نہ ٿِيءُ
تہ سَندو وَحدَتَ وِيءُ، طالِبَ توڙا ماڻِيين.

۸

جي پانئين جوڳِي ٿِيان تہ مُنهَن ۾ مُندرا پاءِ
ڪَنَن ڪِينَ وِجائيو جَن ۾ ڪوري ڪَڪَرَ وِڏاءِ
چَڏِ چادَرَ، ڀَڏُ چمڙو، جُتِي تونہ جُڳاءِ
تہ سامِيڙا سَندياءِ، ڳَرَ وَتِ ڳِلا نہ ٿِئي.

۹

جي پانئين جوڳِي ٿِيان تہ سِڱِيُون سيلِيُون چَڏِ
ڏُونهِينئُون ڏُورِ ٿِيءُ، مَڙهِي مُورِ مَ اَڏِ
سُپيريان جي سَڏِ، نانگا وانءُ نِڳِئو.

۱۰

جوڳَ نہ جوڳُو تُون، ڪَرِين پَچارُون جوڳَ جيون
هِڪو پَنڌُ پِرين جو، ٻِي تُنهنجِي ٻُون
سامِي سيڻَن ڏُون، رُونداٸِي رَتُ وِئا.

۱۱

جوڳِي هُونِ نہ جِيَرا، پائي جوڳُ مَ جِيءُ
هارِئا هُن ڪَنَن سِين سُڻُ سَنيهو اِيءُ
وِجائي وُجود کي پاڻان پاسي ٿِيءُ
هَڏهِن ڪونهي هِيءُ، تو اَسارا "آئُون" چَوِين.

لاھُوت= صوفي سالڪن جي "ناسُوت" واري منزل کان پوءِ ٻي منزل جو نالو، وڏيڪ وڏي منزل. ۴. پر جوڳين جي= ريت رسم جوڳين جي. پار= پوري ڪر. مالا وار= تسبح پڙھ. ۵. مورڪ= اي مورڪ. ڪُڏي= چلي ڪڍڻ ۽ عبادت ڪرڻ لاءِ بالڪل ننڍڙي ڪوٺڙي (ميين شاھ ڪريم جي درگاھ تي فقيرن جون اهڙيون ڪڏيون). تن ڪڏي= پنهنجي تن کي ڪڏي ڪر. من حجرو= من کي حجرو ڪر. دَر ٿي= اندر ٿي، پنهنجو پاڻ پنهنجي اندر ۾ پوري. ٦. تائب ٿيءُ= توبہ ڪر، ميجتا مڃ، فرمانبرداري ڪر، ناٿ جي تڏي تي وڃي تائب ٿيءُ. لاشڪ= يقين سان. وجود= هئڻ هستي. چڏ لڏي= لڏي چڏ، هتان لڏي وجود کان ڏار ٿيءِ، پنهنجو پاڻ کان پري ٿيءِ. اجهائون= اُجها واريون جَايون، سک ۽ آرام واريون جايون. ٧. ڪين پيالو پيءُ= ڪين جو پيالو پيءُ، نانه ۽ نيستي جو پيالو پيءُ. آئون ات نہ ٿيءِ= اتي ائين نہ ٿيءُ تہ "آءٌ بہ آهيان". ويءُ= وڏي گاھ سائي واري زمين جنهن ۾ مال چري ۽ ڍئو ڪري. وحدت ويءِ= توحيد جي ڍئو وارو ماحول ۽ قوٽ. ٨. مُندرا= ڳول چلا، ڳول والا. ڪنن ڪين وڃائيو= ڪنن توسان ڪا تڪليف ڪانہ ڪئي. ڪوري= ڪپي. ڪڪر وڏاءِ= وَڏِ وڏاءِ. چڏ چادر= پاڻ ڍڪڻ ۽ پردي پوشي واري چادر چڏ. ڀڏ چمڙو= چيلھ تي رڳو چمڙي ٽڪر ڀڏ (جيڪو اوگهڙ ڍڪي). ٩. سڱيون= وڄائڻ جا ننڍڙا سڱڙا. سيليون= ويڪريون ڳوٽريون هٿ ۾ ڪٽڻ جيون. ١٠. جوڳ نہ جوڳو تون= تون جوڳ جي لائق نہ آهين. ٻُون= پنهنجي مطلب واري پچار. ١١. جوڳي هون نہ جيرا= جيڪي صحيح سچا جوڳي آهن سي عام وانگر ڪائيندڙ پيئندڙ (جٽرا) ناهن. پائي جوڳ مَ جيءُ= تو جَوڳ اختيار ڪئي (پاتي) آهي تہ پوءِ ڪائڻ پيئڻ جيئڻ چڏ. هارئا= اي هيٺا هارايل! اي موڳا موڙهل! هُنِ ڪنن سين= اندر وارن انهن ڪنن سين. هڏهن ڪونهي= هرگز ڪونهي، آهي ئي ڪونہ. پاڻان پاسي ٿيءُ= 'پاڻ' کان پري ٿيءُ. هيءُ= ظاهري صورت ۽ لباس وارو هيءِ انسان، هيءِ ظاهري جڳ جهان. آسارا= بي خبر، بي حسَ غافل.

١٢

وينو پُڇين پَرُ، ڪَرِ هِيارَ هَلَڻَ جي
اَڄُ آديسِي مَرُ، صُباحَ مَرَندو سَيُڪو.

١٣

جوڳِي ٽُنهنجي جوڳَ ۾ ڳالِهه گهُرجي ڳُجُ
سَڳا سيليُون چَمڙا، اِيءُ پُڻِ ڪُوڙو ڪَڄُ
وَڏيو ڇيرِيو ڇِڇريو، پَرِ ۾ ايو پَڄُ
سوئِي ٻارِجُ مَڄُ، جِئَن ٻاهَرِ ٻاڦ نہ نِڪري.

١۴

سامِي چائِين، سُڪَ طَلَبِين، سُڪين نہ سامي
اَجان اورِيين پَنڌَ ۾ وينئين وِسامي
گُرَ ڪي تون نہ گَڏِيين چائين اِنعامِي
دائِمُ مُدامِي، پُورو رَهجُ پرينءَ سِين.

١٥

سامِي چائين، سُڪَ طَلَبِين، هومَ هُوندَن جيئن
لاهُوتِي لطيف چَئي، آديسي نہ اِيئَن
سي ڪاپَڙِي ڪِيئَن، جي ڏَرِين تَعَلقَ تَڪِيا.

١٦

سامِي چائين، سُڪَ طَلَبِين، هُوندَنِ جِئَن مَ هو
توڪي ويسَ وِجائِيو، ويسُ وِجايو تو
سامِي آهي سو، جنهِ پاڻُ وِجائي پُورِئو.

١٧

سامِي چائِين، سُڪَ طَلَبِين، ٽَسا ڏئين نہ ٽَنَ
مِنهَ ڪِئو ماڙُهنِ ڪان پِنِي اَٽا اَنَ
ڪاپَڙِي تو ڪَنَ، ڪِين ڇِيرايا چَسَنِ ڪي.

١٨

سامِي چائين، سُڪَ طَلَبِين، وارِيين نہ ويراڳُ
لاڳاپا لطيف چَئي ڇڏي جوڳِي جاڳُ
جِئَن تون پُٽين سَنَرو اِيءُ آديسِي اَياڳُ
لاهُوتِيئڪو لاڳُ، مَرِي جِيءُ تہ ماڻِيين.

١٩

جيڪي جوڳُ مَ پاءِ، ناٿَ نانگنِ سِين ناٿُ وانءُ
سامِي سي مَ لڄاءِ، مُنڍان جي مَرڪَٽان.

٢٠

جيڪِي جوڳِي ٿيءُ، ناتہ وانءُ نِرِجا نِڪرِي
ڪَهُ تو ڪَنَ ڪَپائِيين، جان نہ سَهنڊِين سِيءُ
پَڄُ پَراهُون ٿِيءُ، مَتان لانگوٽِيا لَڄائِيين.

٢١

جِندا هو مَ جوڳَ رءَ، جِندا جوڳَ مَ پاءِ
ڪُوڙِي ڪِڄُ مَ ڪَڏِهين، سَچِي ڪامَ سُلاءِ
پَهُچَڻِ پارِينداءِ، مَتان رامُ رُسائِيين.

---

١٢. پَرُ= پر سال، اڳيون سال. هيار= هينئر، هن وير. ١٣. وڏيو ڇيريو ڇڇريو، پر ۾ اَيو پڄ= وڏيل ڇيريل ڇڇريل حالت ۾ تون پنهنجي مُنهن پيو پڄ (جئن ٻين کي خبر نہ پوي). ١۴. چايين= چوائين، پاڻ کي سڏائين. سک طلبين= تون سک گهرين. سکين نہ سامي= سکن سان کو سامي کونہ ٿيو. وسامي ويهڻ= ڪر يا پنڌ ڪندي ٿڪجي ٿَڪي ويهي رهڻ. انعامي= انعام وارو (مونکي انعام مليو آهي). پورو رهج= هر ڳالهہ ۾ هر حال ۾ امر کي پوري ڪرڻ وارو ٿج. ١٥. هوم= هوءِ مَ، ٿيءُ نہ. هوندن= هوند وارن، سکن وارن. آديسي نہ ايئن= آديسي انهيءَ طرح نہ هوندا آهن. سي ڪاپڙي ڪيئن= اهي ڪاپڙا ڪيئن چئبا. ڏرين تعلق تکيا= تعلق تکيا ڏرين، واسطا ۽ آسرا رکن. ١٦. چايين= چوائين. هوندن= هوند وارن، آسودن. هو= هوءِ، هج. ويس= سامي وارو لباس. وڃائيو= ڀُلائيو، بيڪار ڪيو. پورئو= پنڌ ڪيو. ١٧. ٽسا= اُجون بکون. ٽن= جسم کي، پاڻ کي. مِنه= مِنهنُ، بهانو. ڪين= ڪين ڪجهہ، انهيءَ لاءِ تہ. چسن ڪي= چسن لاءِ: ڪائڻ پيڻ لاءِ. ١٨. وارِيين نہ= اختيار نہ. ويراڳ= دنيا کي ترڪ ڪرڻ وارو طريقو. سنرو= تازو توانو، خوش. لاهوتيءَ ڪو لاڳ= لاهوتيءَ جي درجي وارو رنگ. ١٩. جيڪي= يا تہ. جوڳ مَ پاءِ= جوڳ اختيار نہ ڪر. ناٿ وانءُ= ناٿ ڏي وڃ. منڍان= اصل کان. مرڪٽان= مرڪندڙ. (جيڪي سندن سهڻن لڇڻن جي ڪري جتي ڪٿي مانائتا ۽ مقبول ٿي رهن.) ٢٠. نرجا= هنيلا، ضدي، بي اثرا. متان لانگوٽيا لڄائيين= متان ٻين لانگوٽين کي (جيڪي رک ۽ ادب ۾ آهن) تون لڄي ڪرين. ٢١. جندا= جهندا، موڙهل وارن وارا. جوڳ رءَ= جوڳ رءَ نہ هوءِ= جوڳ ۾ هج. سچي ڪامَ سُلاءِ= سچي ڳالهہ پڌري نہ ڪر. پارينداءِ= پوري ڪنداءِ (مراد).

۲۲

ڪَنَ ڪَنائي ڪاپَڙي، جندا تِيءُ مَ جُوءِ
جيڪِين پُڇِين پُڇُ سو، گُنگا نِين نہ گوءِ
'سِرَ سَپاين وِڪِيا'، سو ڪَ نہ سامي سوءِ
لَنگهہ لاهوتِي لوءِ، عَجزُ ڪِين آڏو ڪَري.

۲۳

ڪَنَ ڪپائي ڪاپَڙي، جِندا تِيءُ جوانُ
ڪاهِ تہ لَڳيئِي ڪانُ، ناگَنِ هٿان نِيہَ جو.

۲۴

ڪَنَ ڪپائِين ڪاپَڙي، اِيءُ زَنانو جوڳُ
سامِيءُ سُجاڻَ پئو هِڪَ ڏُئِي ٻئو دوڳُ
جَنهِ وِڙَ ڀانيو پوڳُ، رامَ ٺَنهين ڪي ريٻئو.

۲۵

هِي جي ڪَنَ ڪَپارَ جا سُوڌو سي نہ سُٽِينِ
اَندَرِ جي آهِينِ، سُڻُ سَنيهو اُنِ سِين.

۲۶

پُوڄا ڪارِ مَ پاڻَ ڪي، ڪوءِ راوَلَ ٻَنِ رُجاتُ
لِباسان لَطِيفُ چَئي پَلِ ويراڳِي واٽُ
مَنُ ماري ڪَرِ ماٺُ، تہ تِيرَٿُ پَسِين ٽڪِيو.

۲۷

پُوڄا ڪارِ مَ پاڻَ ڪي، پَلُ پُوڄا ڪان پاڻُ
لاهُوتِي لَطِيفُ چئي سَڌَ نہ ڪٽَنِ ساڻُ
چَڏَنُ تعلق ٽڪِيا، اِيءُ آديسِينِ اهڃاڻُ
ڄاٽِي ڇَڏِي ڄاڻُ، پُرِئا پُورَبَ پارَ ڏي.

۲۸

پُوڄا ڪارِ مَ پاڻَ ڪي، جوڳِي رَڪِجُ جوڳُ
خَلقَ خادِمَ جِئَن ڪَرِين، اِيءُ راوَلَ وڏو روڳُ
ٻَڳَنِ ڪونهي پوڳُ، نانگا وَڃِنِ نِڳِئا.

۲۹

پُوڄا ڪارِ مَ پاڻَ ڪي، سَمُجهہِ ڪين سامي
تِيءُ سُورَنِ سِين سَنرو، ويهہُ مَ وِسامِي
خَطرا ڇَڏِ خامِي، تہ نانگا رَسِين ناٿَ ڪي.

۳۰

ڪُوءِ گودَڙَ ٻَنِ ڳَبَرِيُون، ٽِئِي ڪدائون ڪانءِ

۲۲. ڪن ڪپائي= ڪن ٽوپائي. گنگا نين نہ گوءِ= جيڪي گنگا آهن يا گنگن وانگر رهن ٿا (۽ ٻين سان بنا هڪ ٻئي جي ڳالهائي، پڇي پروڙي نٿا سگهن) سي گوءِ نہ کٽندا، سي سڀ کان اول ڪاميابي حاصل نہ ڪندا. سَپايا= سَپَن وارا، نانگ جهليندڙ جوڳي. سر سپاين وڪيا= سَپن جهليندڙن پنهنجا سَرِ وڪيا (جو لالچ ۾ پئي، نانگ جهليائون جن ڪين ڪاڏو ۽ هو مُئا). سوڪ نہ سامي سوءِ= اي سامي، اهو (تہ سر سپاين وڪيا) تو ڪونہ ٻڌو ڇا؟ لوءِ= ڳوٺ، وَسِين. عجز ڪين آڏو ڪري= ڪين ڪجهہ پنهنجي عاجزيءِ ذريعي (نياز نئڙت سان لوءِ لنگهي اڳتي ٿيءُ). ۲۳. ڪَن ڪنائي= ڪن ڪپائي. جندا تيءُ جوان= اي جندا، تون جوان ٿي. ڪاهہ= هل، اڳتي وڌ. لڳيئي ڪان= نيہَ جو ڪان لڳيئي. ۲۴. ڪن ڪپائي(۽ والا پائڻ) زنانو جوڳُ آهي. ساميءِ سجاڻ پئو= سچي سامي لاءِ اهو لازمي آهي تہ ٻيائي (ڏُئي) ۽ سٽي (دوڳ) کي سڃاڻي (۽ پاسو ڪري). وڙ= نڪار، نامراد. ڀانيو پوڳ= ڪاڏو، پيارو ڪيو. ريٻئو= ٺڳيو، ڀُلايو. ۲۶. پوڄا ڪار مَ= پوڄا ڪراءِ نہ. راول= گهڻن رسالن جي پڙهڻي راولَ (ل تي زبر سان) آهي. جنهن مان هيٺيون معنائون نڪرن ٿيون. (الف) اي راولَ، اي شهزادا جوڳي. (ب) جيڪڏهن راولَ کي جمع سمجهجي تہ: راولَ ڪوءِ پيا، راجا ڪوءِ پيا، شهزادا ڪوءِ پيا، وڏي شان مان وارا ڪوءِ پيا. پنجن رسالن (ٺ-۱ سٽ نٽ نپ لد) ۾ راولُ (پيش سان) آهي ۽ معنيٰ: وڏي شان مان وارو. ڪوءِ پيو راولَ ٻَنِ پَئِي رجات (=رجوعات يا ميجتا، ماڻهن جي). پڻ هڪ روايت موجب، شاهہ صاحب پنهنجي فقير راول جو نالو آندو آهي. لباسان= لباس ڪان، ٻاهرئين ڏيک ذريعي ٻين کي برغلائڻ ڪان. ۲۷. ڇڏڻ تعلق ٽڪيا= ڇڏڻ تعلق ۽ ٽڪيا، يعني لاڳاپا ۽ رهڻ وارا ماڳ. ڄاٽي= پڪي ارادي سان. ۲۸. رڪج جوڳ= جوڳ جي ريت رسم پوري پڪي ٻجا آڻج. روڳ= بيماري، خرابي. ٻَڳَن= ٽڪرو نڪري ويندڙن. ڪونهي پوڳ= ڪاڏو ۽ طعام ڪونهي، ڪاڏي جو ڪو فڪر ڪونهي (پيٽ جي ڳڻتي ڪانهي). ۲۹. تيءُ سورن سين سنرو= سورن هوندي تون پاڻ صحتمند ٿيءُ. ويهہ م وسامي= اجهامي نہ ويهہ. ٽڪجي ساٿو ٿي ويهي نہ رهہ. ۳۰. ڪوءِ= ڪوهہ پون، ضايع ٿين. گودڙ= ٽلهيون ڳريون گودڙيون. ٻَنَ= ٻن پون، ضايع ٿين. ڪدائون ("ڪِدا" جو جمع)= فقيرن جي رلي. ڪانءِ= ساڙ، ٻار.

جيڏاهين جوڳُ وِئو، نيڻَ تيڏاهين نانءِ
پٽو اِيهين پانءِ، تہ سِگُيُون سامَتَ هَٿَ جي.

٣١

ڳُوءِ گودَڙَ ٻَنِ ڳبرِيُون، ڪانءِ مَ ڪِدائون
جِندا وَجي جوڳَ سِين لَهَجُ تون لائون
اِيئن ڪُهُ اتائُون، تہ 'سگُيُون شامَتَ هَٿَ جِي'.

٣٢

پُوري پَئي رَهُ، اُپٽي اُجُهہ مَ ڪاپِڙِي
اُلا جي عِشق جا سي تون سَهيو سَهُ
پُڃُ پاڻَ کي پَهُ، هِنگلاجِ جي هَلَڻَ جو.

٣٣

نسورِيائِي نانهِ جي دِلِ ۾ ڌُونهِين پاءِ
آٽي آڳَ عِشق جي لاهُوتِي تون لاءِ
جِندا تِئن جاڳاءِ، جِئن سا آتش آبُ ٿِئي.

٣٤

ڪَري مَرِجِ ڪاپِڙِي، ڳُرَ وَتِ گدائِي
اِشارَتُون اَنَ جِيُون، وانءُ ڪِپِي ڪائِي
راوَلَ رُباعِي، اِيءَ اِنهِين ڳالِهہ جِي.

٣٥

پانئِين آءٌ جوڳِي ٿِئو لائي لِڳَ ٻِيُوٽ
تو سارِيڪا ڪاپڙِي پيتا ۾ لاهُوتَ
جي پِرت پِريان سِين پُوٽَ، تَنِ ويسَ وَرائي ڇَڏِيا.

٣٦

اَندَرِ نہ ساهُ سُڪائِيينِ، ٻَهَرِ سُڪايِينِ ٻانهُون
مُنا مُنئِي پاڻَ کي، ڇَئِينِ "آديسي آئون"
او پَنڌُ پَراهُون، جِتي نظرُ ناٿَ جو.

٣٧

سُپيريان جي ڳالهہ کي سامِي ڪِين سَمجهُ
نانگا تون نانيءَ ڏي ڪِيم آديسِي اُجُهہ
ويهِي تون وُجُودَ مان ڳولي لَهجُ ڳُجهُ
ٻِي ڏانهَ هَڏِ مَ ٻُجهُ، اَلکُ اتي ئي ڪاپڙِي.

٣٨

ڪَرِيو ٺَڪَبرَ ٺَڪِيا، حِيلا ڪِئو هلنِ
مُوڙها تان نہ لَهَنِ، لَمِي راهَ لَطِيفُ چئي.

وائي-١

وِيهُ مَ ويسَرِي، تان ڪين اور الله سِين

جوڳُ= جوڳ وارن جو ٽولو. نانءِ= ڍار، نهار. پٽو= وَت. ايهين پانءِ= ائهن ئي جاڻ. سامت= آرام ڏيندڙ(؟). هٿ= هوڏ، هستي. ٣١. متئين بيت ۾ هر شيءِ ڇڏڻ جي تاڪيد هئي، ۽ هن بيت ۾ ڪٽڻ ۽ سنڀالڻ جي ترغيب. ڪُهُ اُتائون= چو چيائون. 'سگيون سامَتَ هٿ جي'= سگيون جسم کي آرام ۾ آڻڻ لاءِ آهن= سگيون ڪارائتيون آهن جو انهن جو واجو هٿ جي هستيءَ کي هيٺ ڪري ٿو. ٣٢. پوري پَئِي ره= اکيون ٻوٽي (ماٺ ڪري پيو اندر ۾ سوچ). اپٽي= اکيون کولي، ڏسي وائسي. اُجهہ مَ= (جيڪي نرالا رنگ ڏسين تن ۾) مُنجهہ نہ. اُلا= ڄڀيون. پڇ پاڻ کي پهہ= پاڻهي پاڻ کان پهہ پڇ، پهو پڇ، واٽ پڇ. ٣٣. نانه جي= نيستي جي، نابودي جي. دونهين پاءِ= دونهين دکاءِ، جاڳاءِ= اها باه ائين وڌاءِ ۽ تيز ڪر. سا آتش آب ٿئي= اها باهہ پاڻي ٿي پوي. ٣٤. ڪري مرج= (ساري عمر گروءَ وٽ) گدائي ڪري مري وڃج. اشارتون= اشارن ۽ رازن رمزن جون ڳالهيون. ڪپي ڪائي وڃڻ (محاورو)= ڪائي ڪپائي ڇڏڻ. وانءُ ڪپي ڪائي= اندر پيٽ ۾ وجهي ڇڏ، اندر هنئين ۾ هنڊائي ڇڏ. راول= اي مانائتا وڏا چيلا. رباعي= منظوم نُڪتو، سهڻي سنّاء واري اهڃاڻي، سهڻي صلاح. ٣٥. پانئين آءٌ جوڳي ٿيو= تون ائين ٿو پانئين تہ آءٌ جوڳي ٿي ويس. لائي لڳ ٻيوٽ = ٻيوت سان لڳ لائي، لڳن کي ٻيوت ملي. تہ تو ساريڪا= تو سنوان، تنهنجي جوڙ وارا. پيتا ۾ لاهوت= وڃي لاهوت ۾ گهڙيا، وڃي لاهوت واري منزل تي پهتا. سٽ جي معنيٰ تہ: جيڪي پرين سان پرت ۾ رَتل پوتل آهن، تن (هي ظاهري) ويس متائي ڇڏيا. ٣٧. سپيريان جي= پيارن سڄڻن جي. اُجهہ= منجهہ، هيڏانهن هوڏانهن ڳول. ٻي ڏانهن= ٻي پيٽي ڏانه، ٻي ڪنهن جاءِ ڏانهن. ٣٨. ڪريو تڪبر تڪيا= ٺڪبُر ۾ رهي ڪري. حيلا ڪئو هلن= بهانا ڪيو پنڌ ڪن. موڙها تان نہ لهن= اهي پليل تڏهن تہ نتا سڃاڻن. لمي راه= ڏکهي واٽ. وائي-١. ويهہ مَ ويسري= أساري يا غافل ٿي نہ ويهہ. تان ڪين= گهٽو نہ تہ ٿوروئي، ڪجهہ نہ ڪجهہ، وري بہ ڪين ڪجهہ.

مَحبَتَ جي ميدانَ ۾ سُجي ڳالھ ڳري
سي پڻ رُوندا رَتُ، وِٺا مِلِئا جي مري
سُتي ساجنُ نہ ملي، خَبَرَ اِيءَ ڪري
اِنَ اوسيڙي آڌيءَ اُٺِ، تون ڪيئَن ڏِبَ ڏِري
ويئِي ميرائِي مَنَ تان سيڪا ڳالھ سَري
لَطف ٿئو لطيف چئي، وَرَ ڏي دِلِ وَري.

وائي-٢

راوَلُ رَهي نہ راتِ،

منهنجو راوَلُ رَهي نہ راتِ
متُ نہ مَعذُورِنِ جا، ڪاجا جوڳِي ذاتِ
لَڳِمِ لاھُوتِينِ جو منجهان ڪينَرَ ڪاتُ.

داستان ٽريو

١

مونا طُورِ سِينا سَندا سَنَاسِين
سَجدِي ۾ سَيدُ چئي گوڏا گودَڙِيَنِ
فَكَانَ قَابَ قَوسِين اَو اَدنيٰ، نانگا اِيئَن نمَن
كُلَّ مِنَ عَليهَا فانِ، باقِي ڪِين بَچَنِ
اللهُ وَلِي الذين آمنوا يُخرِ جُهمِ مِن الظلمَاتِ
اِلي النُورِ، اِهڙيءَ پرِ پرَنِ
وَخر مُوسيٰ صَعِقا، تا جوڳِي جُنگَ جَلَنِ
مازَاغُ البَصرُ وَمَا طَغيٰ، اِهڙيءَ رَوِش رَوَنِ
مُشاهِدو مَحبُوب جو اُتي آدِيسِينِ
بِي يُبصِرُ بِي يَسمَعُ بِي وِصالَ وَهَنِ
بِي يَمشي بي يَنطقُ، تا اِهڙي چالَ چَلَنِ
سيدُ چئي سَندِينِ، ڪَلَ پُڇِين تون ڪِهڙِي.

٢

مُونا طُورسِينا سَندا سَناسِين
پُورَبِ گنيو نہ پاڻُ سِين بُغضُ بيراڳِينِ
ردا آهي رازَ جي اوڇَڻُ آدِيسِينِ
قُربُ ڪاپڙِينِ، نُهَ چوٽيءَ سِين ڏِکيو.

سُجي=سجھي، معلوم ٿئي. ملئا جي مري= جيڪي مرڻ کان اڳ مري (پنهنجو پاڻ ماري) پنهنجي پرينءَ سان مليا. ڪري= سچي، پڪي پختي. ڏِبَ= وڏي ٿلهي ڳري. ڏري= ڏري آهين، آهستي ۽ پوئتي پيل آهين. سري= سِيبائي. قبوليت ۾ آئي. وائي-٢. راول= (الف) پيارو سهڻو جوڳي (ب) راول نالي فقير. فقيرن جي روايت موجب شاھ صاحب هيءَ وائي راول فقير جي وفات وقت چئي. د-٣: ١. مُونا= گوڏا. طورسينا= جبل جو نالو جتي حضرت موسيٰ کي الاهي تجلي نظر آئي. سندا سناسين= درويشن فقيرن جا گوڏا (هو جئن عبادت ۽ مراقبي ۾ گوڏا اپا ڪري ويهن ٿا تئن سندن گوڏا طور سينا مثل اُپا آهن. سندا سناسين= درويش فقير سدائين مراقبي ۽ عبادت ۾ آهن ۽ سندن گوڏا طور سينا وانگر سدائين مٿي اُپا آهن.) (مراقبي واري حالت کان سواءِ) گودڙي پوش فقيرن جا گوڏا سجدي واري حالت ۾ آهن. قرآن شريف جي سُوره النجم جي آيت (٩) "ٻن ڪمانن جي فاصلي تي اجان بہ ويجهو"- يعني حضرت نبي ڪريم (صلعم) جڏهن معراج تي ويو تہ الله جي حقيقت ازلي کي ايتري قدر ويجهو هو. درويش فقير بہ ايترو ويجهو وڃي ٿا ناٿ (مرشد) جي آڏو ڪند نمائين. قرآن شريف جي سُورهَ "الرحمن" جي آيت(٦٢) "سڀ شيءِ تي فنا آهي" مطابق اهي درويش پنهنجو پاڻ فنا ڪري ٿا ڇڏين ۽ باقي بچن ئي ڪين ٿا. قرآن شريف جي سُورهَ "البقر" جي آيت (٢٥٧) "جن ايمان آندو الله سندن دوست آهي، ۽ ڪين اونداهي مان ڪڍي روشني ڏي آڻي ٿو". هو اهڙيءَ پر ۾ (ايمان سان ۽ ڌڻي جي سدد ۽ ڪرم سان) پورا رهن ٿا. قرآن شريف جي سُوره "الاعراف" جي آيت (١٤٣) "۽ پوءِ موسيٰ غش ٿي ڪري پيو" مطابق اهي جوڳي پيا تجلي ۾ جلن. قرآن شريف جي سوره "النجم" جي آيت(١٧) "نہ اک ڪنهن طرف ڦري ۽ نہ حد کان لنگهي وئي". "بي يُبصِرُ بِي يَسمَعُ بِي وصال"= جنهن جي معنيٰ تہ ڌڻي چوي ٿو تہ (منهنجو پيارو بندو مون سان ڏسي ٿو، مون سان ٻڌي ٿو، مون سان سندس وصال." هي قول غالباً تفسير آهي قرآن شريف جي سوره "مريم" جي آيت نمبر (٤٢) جو تہ (اذا قال لابيه يا أبت لمِ تعبدُ مالا يَسمعُ ولا يُبصِر ولا يُغني عنک شيئا). حضرت ابراهيم پنهنجي پيءُ کان پڇيو تہ اي ابا! تون ان کي ڇو ٿو پوڄين جيڪو ٻڌي نٿو، ڏسي نٿو ۽ تنهنجي ڪا پورائي نٿو ڪري. سيد ٿو چوي تہ: "تون سندين ڪهڙي خبر پڇي ڪهڙي پڇندين!" ٢. پورب ڪنيو نہ= پورب ڏانهن ڪنيو نہ، پورب ويندي ڪنيو نہ. بغض= ڪينو. ردا= چادر. نهہ چوٽيءَ سين= پيرن جي نهن کان وٺي مٿي جي چوٽيءَ تائين.

٣

مُونَا طورُ سِينَا سَندا سَناسِينَ
”طالبُ المولیٰ مَذَڪرُ“ اِيءُ ڪَلامُ ڪَئائُون ڪَنِ
سُڪَنِ ڪي سَيِين پَرين پُجهِي ڏِنائُون پَنِ
اَلفُ آديسِينِ، چوري رکيو چِٽَ ۾.

٤

مُونا جَنِ مِحرابُ، جُسو جامعَ تَنِ جو
قِبلَه گاهَ قَلب ڪَري تَنَ ۾ ڪَنِ ثوابُ
تَحقِيق جي تَڪَبِيرِ چَئِي جِسمَان ٿِيا جوابُ
تَنِ ڪِهڙو ڏوهہُ ثوابُ، جَنِ هِنيڙي هادِي حَلُ ٿِئو.

٥

سامِي ڪامِي پِرينءَ لَئِي ڪُسِي ٿِيا ڪَبابُ
اوتِينِ اَرتِي گاڏئُون منجهان اَڪِينَ آبُ
جهَڙو ڏِسَنِ ڏوهہَ ڪِي، تِهَڙو تَنِ ثوابُ
سَندو جاتِ جوابُ، تون ڪِئَن پُڇِين تَنِ ڪِي.

٦

سامِي چَئِجي تِنه ڪي جِنه سَيَنئَان سَري
پَرَ گهَرِ وَجي ڪِينڪِينِ، گهَران ڪِينَ گهُري
پُنيءَ پيرَ پُري، حقيقت هادِيءَ جي.

٧

سَناسِي سِيئِي، جي آدَما اَڳِي هُئَا
اورِيان اورِينِ عامَ سِين، پَرِيان پَرِيئِي
تَنِي ڪي ڏيئِي، بادِ وِجاءِ ۾ ٻِڪِئَا.

٨

مَنجهہِ مَحَبَتَ مَڄُ، ٻَهَرَ ڏَوُنرا ڏوڙ سِين
ڇَڏِيائُون ڇَرِ لَهي ڪُوڙَ ڪُلڪَڻُ ڪَڄُ
اوڳَڻِ اوڏا نہ ٿِيا، ڳُڻَ ڪِئائُون ڳَچ
جِئَن سَڙَنِ تِئَن سَچُ، جِئَن سِڪَنَ تِئَن سَنرا.

٩

جِتي ايرُ نہ پيرُ سا جُوءِ سُجاتِي جوڳِيين
اُتِي ڏِيئِي پيرُ، آسَڻُ آديسِينِ ڪِئا.

١٠

وِينا ٿِي وهُسَنِ، پايو مُنهُ مُونَنِ ۾
جوڳِي جاتَرا ڪَنِ، جُه آيا اُلوُهِيَتَ ۾.

١١

آيا اُلوهِيَتَ ۾، لاهُوتُ لَنگهِئو جَنِ
منجهان تَنِ جُسَنِ، حرفُ نہ سُجِي هيڪَڙو.

١٢

نِڳَئا ناسُوتانءِ، مَٽيائُون مَلڪُوتَ ڪي

٣. طالب المولیٰ مُذڪر= مولیٰ جو طالب مڙس ماڻهو آهي، همت ۽ حوصلي وارو آهي. سيين پرين= هر طرح، سيني پاسن کان، سيني لحاظن سان. الف= الله. ٤. مونا جن محراب= جن جا گوڏا (سندن ويهڻ واري حالت ۾) ڄڻ محراب آهن، ۽ جن جو جسم ڄڻ جامع مسجد آهي. قبلہ گاھ قلب ڪري= هو پنهنجي دل (قلب) کي قبلو ڪري، پنهنجي تن اندر طواف (تواب) ٿا ڪن. ”تحقيق“ واري منزل ۾ تڪبير چئي (پاڻ کي ڪُهي ڇڏيائون ۽) هن ظاهري جسم (جي تقاضائن ۽ خواهشن) کان پنهنجي ذاتي حقيقت کي الڳ ڪيائون. ٥. ڪامي پرينءَ لئي= پرينءَ لئي ڪامي پچي، پنهنجي جان جلائي. ارتي گاڏئون= رت گاڏئون، رت وارو (پاڻي) اکين منجهان پلٽين (اوتين) ۽ هارين. جات جواب= ذات جو جواب (تہ اوهان جي ذات ڪهڙي). ٦. سينئان سري= جنهن کي ٻين جي سهاري جي ضرورت نہ هجي، ڪنهن جو محتاج نہ هجي. پَر گهر= پرائي گهر، ٻئي ڪنهن جي گهر. پنيءَ پير پُري= پنهنجي گروءَ جي پير تي هلي. ٧. تني کي= اورين کي. باد وجائڻ= هوا ۾ اڇلائڻ. ٨. محبت مڄ= اندر ۾ محبت جي مڄ سان ڀاڙها. ڏئونرا= اڇا ڇر= اڇائي. ڳڻ ڪئائون ڳچ= (الف) ڳڻ وڏي ٽڪرا ڪري ڇڏيائون (ڳچ ڪيائون)، يعني ڳڻن کي ٻہ ڇڏيائون= اوڳڻن توڙي ڳڻن کان آجا ٿيا (ب) گهڻا (ڳچ) ڳڻ ڪيائون. ٩. جتي اير نہ پير= جتي ڪنهن جو وڃڻ ڪونہ ٿئي، جتي ڪا پهر ئي ڪانهي. ١٠. وهسن= سرهائي ٿين. مونن ۾= گوڏن ۾. جاترا ڪن= ديدار ڪن (الک جو). جه= جئن جو. آيا الوهيت ۾= ”الوهيت“ واري منزل ۾ آيا، ”هيڪڙائي حق“ ۾ محو ٿيا. ١١. منجهان تن جسن= تن جي بدن مان، تن جي واتان توڙي بدن جي اشارن مان. حرف نہ سجي هيڪڙو= هڪ حرف بہ نہ نڪري (جو هو محويت واري ماٺ ۾ آهن). ١٢. نڳئا= نڪتا. ناسوتان= ناسوت واري منزل مان. ناس(ع)= ماڻهو. ناسوت= ماڻهن وارو ماحول ۽ ان جا تعلق ۽ لاڳاپا، ماڻهن وارو جڳُ ۽ جياپو، ماڻهن جي جڳ واري منزل. مٽيائون= ڦهڻ لاءِ سِڌو رخ رکيائون. ملڪوت= الله تعالیٰ جي تخليقي ڪائنات کي سنڀالڻ واري تدبير ۽ قوت.

جوڳِي جبرُوتان، وَڃائي واٽ ٿِئا.

١٣

جَنِ اُڃهئو تَنِ نہ پُڇهئو، وِيئِي گڏيَنِ وِيرُ
ڏوري ڏِٺائون ڏُکَ سِين پاڻَ مَنجهيئِي پِيرُ

١٤

ڪيهي ڪامَ ڪاپڙِي ايهيءَ رَوَسَ رَوَنِ
نَڪا دِلِ دوزخَ ڏي نَڪِين بهِشتُ گهُرَنِ
نَڪو ڪَمُ ڪُفارَ سِين، نَڪا مُسلمانِي مَنِ
اُيا اِيئَن چَوَنِ، تہ پِرين ڪِجاهُون پانهِنجو.

١٥

نا اميدِي آجِڪو، اوچَڻُ آديسِين
سدا سُکُ وَسَن، طالِبَ او تقدِيرَ تي.

١٦

"لا" لَڳِي "لا" ٿِيا، "لا" لَڪِئو جَنِ
عَدَمَ جي اوڙاهَ تي ڪِئا آسَڻَ آدوتِينِ
گردائِئو گَنگَنِ، گردابَ ڪي گِيانَ سِين.

١٧

لُنگ ڪَڍِيائون لانگَ، موٽِي ڪَنِ نہ مَسحو
جا اِسلاما اڳِي هُئِي سا سُٺائون ٻانگَ
سامِي ڇَڏِي سانگَ، گَڏِيا گورگناٿ ڪي.

١٨

آڏِيءَ آديسِيَنِ جون ڏُونهيون ٿِيون ڏُکَنِ
سي وَري واجهائِينِ ڪِينَڪِين سامِي ڏانہ سُکَنِ
لاهُوتِي لُڪَنِ، اُجاري آجا ڪِئا.

١٩

پُوري مَڙهِ مَهيسَ، ڪِنهِ تيرَٿِ وِئا ٽڪڙا
جوڳِي جُنبِي هَلِئا ڪِنهِ ڏوراهين ڏيسِ
اُنِ اَکِهينِ تي ڪِئا پَہ مٽي پَرديسِ
اُنِي جي آديسِ، سارِيان گهٽو سَيدُ چَئي.

٢٠

مَڙهہ پُوريا، ماڻَ ٿي، ٽَڪِيينِ ناهِ توارَ
آسَڻَ مَٽي اُنِ جي نِتِ تِمايَمِ نارَ
سامِي سَپِ جمارَ، ڏيئي ڏُکُ ڏُورِ وِئا.

وائي

تَنِ ڳَٽَنِ ڳِهَرَ وِڃائي، هو مائِي!
جوڳِينِ مون سِين جي ڪَيا
ننبر تنهين ڪي ناهِ ڪا جا آديسِين اُنائِي
اکِينِ آرَسُ ڇَڏِئو، دِلِ ۾ ناهِ دَغائِي
هيڪائِي هيڪُ ٿِئا ٻُجهَنِ تان نہ ٻيائي
"اُنِ اللّٰهَ وِترُ يُحِبُ الوِتر" ايءَ اُنِي لاءِ آئِي.

جبروتان= جبَروت واري منزل مان. جبروت= عالم جبروت. مٿاهين سالڪانہ منزل. وڃائي واٽ ٿيا= واڃا وڃائي واٽ سان ٿيا (هنن واٽ هٿ ڪئي). ١٣. جن اڃهئو= جيڪي تڪليفون ڪري هيڏانهن هوڏانهن هليا. تن نہ پڇهئو= تن نہ پروڙئو. ويئي گڏين وير= هنن کي هڪ جاءِ وينئي ئي وڏو ڄاڻو (وير) رهبر ملي ويو. ١٥. آجڪو (ع. آذُوقه)= قوت، ثمر. اوچڻ= ڍڪ. نا اميدي آديسين لاءِ آجڪو ۽ اوچڻ آهي. تقدير تي= الله تعاليٰ طرفان ڏنل ڀاڳي ۽ ڪيل فيصلي ۽ ورهاڱي تي. ١٦. "لا"= (عربي) نہ. نانہ ڪين، نابودي، نيستي. "لا" لڳي= "لا" سان لڳي. "لا" ٿيا= "نانہ" ٿيا، "ڪين" ٿيا، "نابودي" واري منزل تي پهتا. "لا" لڪئو جن= انهن "لا" کي سڃاتو. عدم= نانہ، نابودي. اوڙاهہ تي= تارَ اونهائيءَ ۾، وچ ۾. گردائئو= ڦيرايو. گرداب= اوڙاهہ جي ڪنن ڪي. گيان= ڄاڻ. ١٧. لنگ ڪڍيائون لانگَ= لانگ وچان ڏوتيءَ جو هڪ ڇيڙو ورائي لنگ ڪڍيائيون. ريتون رسمون ترڪ ڪري نانگا ٿيا. مسحو= جتي پاڻي نہ ملي، اتي خاڪ تي هٿ هڻي وضوءِ وارا ارڪان پورا ڪرڻ. موٽي ڪن نہ مسحو= (ترڪ ڪرڻ ۽ لاڳاپن لاهڻ کان پوءِ) وري مسحي ڪرڻ واري پابندي نہ ڪيائون. هنن (احديت واري) اها ٻانگ ٻڌي جيڪا اسلام کان اڳ هئي. ١٩. مڙهہ= آسڻ، مڙهيون. مهيس= وڏا جوڳي. جنبي هلئا= ڪست مان ڪاهي هلئا. وائي. ڳهر= ننڊ جي ڳهر، اُونگهہ. هو مائي= اي امان. رموز سين= رمزن سين. ڪانئي= ساڙي. جلائي. اُنائي= ڪٽي ڇڏي (ننڊ) "انِ الله وِتر يُحبُ الوتر"= تحقيق الله ايڪائي ايڪ آهي ۽ اڪيءَ کي ئي پسند ڪري ٿو.

داستان چوٿون

۱

ڪِنهِ ڄِنهِ ڪُنا ڪاتَ، ڄِئَن سامِي مُور نہ سَنرا
ڏِينهان ڏکِي ڏِيلَ ۾، سُورُ سَڄيائِي راتِ
سَندِي جوڳِيان ذاتِ، جانڪيتان جَڏارِئين.

۲

سامِين سَمَرُ سُورَ، گوندَرُ گبرِيَن ۾
جوڳِين جَڙئا جِيءَ ۾ پيغامَنَ جا پُورَ
آديسِي آسُورِ، وَڃائي واٽَ ٿِيا.

۳

گوندَرَ گبرِيَن ۾، سامِي سُورَ سِبَن
ڪِنهِ ڄِنهِ ڪَيفَ ڪَڪورِئا ڪِڄِئو ڪَڻَ هَٽَن
سَونڪَو سَناسِين، آهي پُورَبَ پَنڌَ جو.

۴

رُوحَ ۾ رَهين رامُ، ٻَهَر ٻولِينِ ڪِين ٻِئو
وِيهي ڪِئو نہ وِچ ۾ آديسِين آرامُ
ڪَري هِيءَ حرامُ، نانگا گَڏِئا ناٿَ ڪي.

۵

رامُ رَهين ۾ رُوحَ، ٻَهَر ٻولِينِ ڪِين ٻِئو
سَدائين سَفَرِ ۾ مَتا تِٽَڙَنِ مُوهَ
ٿَنِ سامِينِ جي صبُوحَ، سارِئو تي سُورَ چَران.

۶

راتِيان رُڻِ جهُڻِ رامَ سِين، ڏِينهان گَڻِ سَنانَ
جوڳِي سي اَنانَ، وَٽون جَنِ وِراهِيُون.

۷

مَتا مُوهَ ٿِئانِ، سَدا سُوئيتا ڪاپڙِي
ڪوٺي ڪِنهِ نہ پُڇِئا، تہ ڪِ اَندَرَ اَندوهِيانِ
جيڪا جَمارانِ، سا مَنجهِ گوندَرَ گذري.

۸

جوڳِيءَ ڪي جُڳَ ٿِئا مَتي سِين ميري
اڪيون اَلڪَ سامُهِيون پُونءِ ڏي نہ پيري
ڪَڪا وارَ ڪُلهَنِ تي ڄَراٽِئا ڄيري
لُڙڪَ لالَ، لَطِيفُ چَئي، ڪَنبي ۽ ڪيري
نِيهُ نہ نِبيري، سُورَ چَري تِئَن سَنرو.

۹

مَتي ڪان مَتي وِڃي جوڳِيءَ ڏِني جُوءِ
اوڏو ٿِئو اَلڪَ ڪي وَڃي رُوءِ بَرُوءِ
بابُوءِ چَکِي بُوءِ، مَنجهان باغَ بَقاءَ جي.

۱۰

ڄَرَ ڄَراٽِينِ ڄِندَڙا، صُورَتَ سارِيَنِ سِيءَ
اَيِينِ گهَٽي اَدَبَ ۾، عادَتَ سَندِيَنِ اِيءَ
جوڳِينِ پنهنجا جِيءَ، لِلّٰهِ ڪارَڻِ لُوپِئا.

د-۴-۱. ڪنه ڄنه= ڪنه اهڙي (گهائيندڙ). سَنرا= صحتمند، خوش. ڏيل ۾= بت ۾. جانڪيتان= جئن جو، جڏهن بہ. جڏارئين= اٽڪيل، بيمار. ۲. سامين سَمَرُ سورَ= سورَ سامين جو سمر آهن. گوندرُ گبرين ۾= سندن گبرين ۾ گوندر (غم ۽ فراق) پريل آهي. جڙئا= گڏ جوڙي ڇڏا. پيغامن جا= الهامي هدايتن جا. پور= پهہ، خيال. ۳. سامي سور سبن= گبرين ۾ گوندر ۽ سور ٽا سبن. ڪيف= نشي. ڪڪورئا، مخمور ۽ سَرها ڪيا. ڪجئو= زور ڏئو، پوري زور سان. ڪڻ= سَئي سان ٽوپي جو ڪڻ، ٽوپو. سونڪو= انديشو. ۴. ڪين ٻئو= ٻيو ڪين ڪجهہ، ٻي ڳالهہ. وچ ۾= منزل تي پهچڻ کان اڳ واٽ تي، وچ منزل ۾. ڪري هيءَ حرام= هي ظاهري زندگيءَ وارو وهنوار، هيءَ دنيا وارو خفو ۽ نفعو. ۵. رهين ۾ روح= روح ۾ رهين، سندن اندر ۾ رام ئي رهيو آهي. مُوهَ= ميرا ۽ منڌل وار. سور چران= سور کاوان. ٦. رڻ جهڻ= اورڻ، نام جپڻ. سنان= وهنجڻ. اَنان= وڏي خيال خمار وارا. وٽون= ٽول ۽ شيون، ڪم جون شيون. قيمتي شيون. ۷. موه ٿئان= ميرا، ۽ منڌل وار ويڙها ۽ پندا. سُوئيتا= سُوءِ ۾، غم ۾. تہ ڪ اندر اندوهيان= تہ ڪين اندر ۾ اندوه آهن؛ وڏا غم ۽ فڪر آهن. ۸. متي سين ميري= ميري مٽي سان رهندي. الڪَ= ڏٽي مالڪ. ڄراٽيا= سيڪ ۽ دونهين ۾ ڪاراٽيا. ڄيري= باهہ جي ڄيي. ڪنبي= ٿڙڪي (ڏٽي جي خوف کان). ڪيري= ڪيرائي (اکين مان ڳوڙها). نہ نِبيري= نہ ٽوڙي. سورچري= سور کائي، سور سهي. ۱۰. ڄر ڄراٽين= سيڪ ۽ دونهين ڄراٽي ڪارا ڪيا. لُوپِئا= اوڪا ڪيا، جنجال ۾ وڌا.

۱۱

سانگو ڪَنِ نہ ساهَ جو، اُترَ اوٺ نہ ڏِينِ
جِئَن پارو پَواڙا ڪَري تِئَن سُمَرٽِيُون سورِينِ
جهُوپا نہ جوڙِين، مَڃُڻُ پوئِينِ وِٺُ وِصالَ ۾.

۱۲

پارو پَواڙا ڪَري لَڳِي اُترَ مُٺِ
لاهُوتِي لطيفُ چئي ڪَنِ جُسي سِين جُٺِ
پَوڻِ نہ ڏِينِ پُٺِ، مَڃُڻُ پوئِينِ وِٺُ وِصالَ ۾.

۱۳

هَرَ هَرَ ڪَنِ هَرنامُ، ڌُونِ ڏِينهاڙِي ڌوتِيا
جَنِ نہ رِيجهايو رامُ، ناٿُ نہ نمي تَنِ کي.

۱۴

هَرَ هَرَ ڪَنِ اُميسَ، ڌُون ڏينهاڙِي ڌوتِيا
جَنِ نہ ماري ميسَ، ناٿُ نہ نمي تَنِ کي.

۱۵

گهندَنِ پاسي گِهندَ، گَڏُ گَذارينِ گودِڙِيا
پَليتيءَ کان پانهِنجا پاڪَ رکائُون پِندَ
نانگا ڪَنِ نہ نِندَ، وِئا رُئندا رامَ ڏي.

۱۶

جِهَڙا ڪَٽِجَ ڪَڳَڙا، تِهَڙا جايَنِ ڦُلَ
تَنِ سامِين جي سَڌَ مَران جَنِ گودَڙِينِ ۾ گُلَ
اَندرِ مُلَ اَمُلَ، ٻَهَرِ کوجها ڪاپَڙِي.

۱۷

اَرتو اکِيَنِ مان وَهي، مَتان ڳَلَنِ ڳاڙَ
کوري ڪَنَنِ وِچَ ۾ ڦَچَ وِڌائُون ڦاڙَ
هَٽِي توبہَ تاڙَ، نانگا نِسورا ٿِئا.

۱۸

اکيُون آلوماهُ، سَدا سَناسِيَنِ جِيُون
واري نيڻَ نِنداءَ، جانکي جهَلِيا جوڳِيين.

۱۹

اَڏَ لَڳِيُون آهِينِ، ڇيجان سَنديُون جوڳِيين
ويهِي وِهائِينِ، ڪا ڦضاني راتَڙِي.

۲۰

ڪي جي سَڳا سُورَ جا وينِي وَٽيائُون

۱۱. اتر اوٺ= اتر واري اوٺ، سياري ۾ اتر جي سيءَ واري هوا کان آڏ. پارو پَواڙا ڪري= سيءَ لهي ۽ لڳي، زور سان لڳي. سمرٽيون= تسبيحون. سورين= چورين. ڦيرائين (تڪڙو تڪڙو ڏٽيءَ جو نام جَپنَ). وٺ= وٺي. وصال ۾= (مالڪ سان) گڏجاڻي ۾. ۱۲. لڳي اُتر مُٺ= اُتر جي هوا واڪي سان لڳي. ڪن جسي جٺ= پنهنجي بت کي گهڻو ڏکيو ٿا ڪن. پوڻ نہ ڏين پُٺ= پُٺيرا نہ ٿين (سيءَ کان بچڻ جي ڪوشش نہ ڪن، پر هميشہ اتر جي واءَ ۽ سيءَ کي سامهون ٿي ويهن). ۱۳. هر ڪن هرنام= هردم هر گهڙي ڏٽي جو نام جَپن. ڌون= ڌُئن. ڌوتيو جمع ڌوتيا= اهو ڪپڙو جيڪو گوڏ مثل چيلهہ تي وڪڙ ڏيئي لانگ ڪڍي ٻڌجي، (يعني هڪ آڏو لانگ وچان ورائي، پويان پنيءَ جي وچ تي چيلهہ تي وَڪڙ ۾ ٽنبيل هجي). ۱۴. اُميس= پرارٿنا، بندگي. ميس= هيائي، اندر ۾ هڪ ٻاهر ۾ ٻي. ۱۵. ب رسالي ۾ "گهندن پاسي گهندٻ" ڪري لکيو ويو آهي. "گهندٻ" معنيٰ واڇا. سيئي سانت ۽ سلوڪ سان هڪ ٻئي سان گڏ رهڻ ۽ اٿن ويهن. پِندَ= پنهنجا پاڻ، پنهنجا جسم. ۱٦. ڪٽج= ڪڪ ۽ ڪاٺڙيون. تهڙا جاين ڦل= ڪٽج ڪڪڙا (فقيرن جي آسڻ جا) ۽ پڪين جاين وارا گل ڦل پاڻ ۾ برابر آهن، جهڙا هو تهڙا هو. جن گودڙين ۾ گل= (الف) جن جي گودڙين تي پرت جا گل لڳل آهن (ب) جن جي گودڙين اندر گل (سهڻيون قيمتي شيون) آهن. مل امل= مُل کان مٿي انهن جو مُل آهي. تمام وڏي مل وارا. ٻهر کوجها= ٻاهران ميرا، لانجها. ۱۷. رت گاڏئان ڳوڙها اکين مان وهي پيا ڳلن تي ڳاڙ ڪن. ڦچ= چير. تاڙ= سخت وٽيل رسي يا سڳي جو چار مثل ننڍو واٽيل ڳوٽرو جيڪو اٺ جي هوٺ ۽ مٿي تي پارائجي: ڏنگي اٺ کي اهو تاڙ هٽبو تہ قبضي ۾ رهي. توبهہ تاڙ= توبهہ جو تاڙ، توبهہ جو سخت ڪڙو. نِسورا ٿئا= ناميا نروار ٿيا. ۱۸. آلو ماهہ= ڪچو گوشت (رئڻ ۽ ڳوڙهن سببان ڪچيون اکيون). ننداءِ= ننڊ کان. جانکي= پوريءَ طرح، پختا ڪري. ۱۹. اڏ لڳيون آهين= انهن جون اکيون پوريءَ طرح ننڊ ۾ لڳل ناهن (ڪين پوري ننڊ آهي ڪاني)، پر اڏ لڳيون آهن. ويهي وهائين= ويهي گذارين. ڦضاني= بعضي ڪڏهين. ۲۰. (الف) سڳا= ڌاڳا. وٽيائون= وٽ وڪڙ ڏيئي ڌاڳا ڪيائون.

پُويو پاتائون، ساجا ڪِئو سِڳَين ۾.

٢١

اَڪولِيندي اُٿِيا، وِيِنِي وَٽيائُون
اُنِي جِي آئُون، ڪِھڙِي ڳالھہ ڳِنڍِ ڏِيان.

٢٢

ڪِين جو ڏِنائون، ڏِسِي سو ڏُورِ ٿِئا
وِهَڪَ نہ ڪِئائُون، اُپِيڻُ عَينُ اُنِ جو.

٢٣

جوڳِيڙا پاڙي، ڪَرَ نہ هوا ڪَڏهِين
وِئا مَڙهہ تاڙي، ڪالھہ وَڃائي سِڳِيُون.

٢٤

اَجان سي آهِين، جي سَزاوارَ سِڳَينِ جا
وِينا وڃائِين، جي سَناسِي تون سُٽِين.

وائي

مَڙهِنئُون موڪَلَ، ڪالھَہ ڪَندا وِئا ڪاپَڙِي
بابُو ڪَنِ نہ بِڪِيا، نَڪا وَلَنِ وَلَ
ڪَڏهِن اَٿَرَ سامُهَان، ڪَڏهن ڏُونهَن جهَلَ
هُن سيڪِيندي هَٽڙا، مون ڳاڙيندي ڳَلَ
جَرَ جَرائِين جِندَڙو، ڪوري ڪانِينَ ڪَلَ
چِيرِي چِندَنِ ڪاٺَ جِئن، سُورَ ڏِنائون سَلَ.

داستان پنجون

١

بُڪ وِڌائُون بَگرِيين جوڳِي ڪَندا جُڄ
طَلَبَ نہ رَکَنِ طعامَ جي اُوتِئو پِينِ اُڄ
لاهُوتِينِ لَطِيفُ چَئِي مَنُ ماري ڪِئو مُڄ
سامِي جهاڳِي سُڄ، وَسونءَ کي ويجها ٿِيا.

٢

بُڪَ اُنِي جِي بڪِيا، ڏُوڙِ اُنِي جو ڏُوپُ
ڪِئائُون سو رُوپُ، جِئَان لوڪ لَڄَ ٿِي.

٣

ڦُوتِ ڪَڙايا ڪاپَڙِي طَعامَ نہ طامائو
سَينَ هَنيائون سُڄ ۾، پَهَرَ نہ پينائُو
اَوسَرِ آسائو، اُنِي گوندرِ گَڏِيا.

٤

ڦُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙِي، طَعامَ نہ طَمعدارَ
سَينَ هَنيائون سُڄ ۾ جوڳِي ڪِنهِ نہ يارَ
اَوسَرَ جي آڌارَ، اُنِي گوندرِ گَڏِئا.

٥

ڦُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙِي، بُڪَ چَڪِيائُون بُوءِ
وِئا نيرانا نِڪَرِي جوڳِي مَنجهان جُوءِ

پويو پاتائون= انهن سڳن کي سڱين جي سوراخن مان پوتائون. (ب). سڳا= اهي سڳا جيڪي سڱين جي سوراخن مان لنگهائي هار مثل ڳنڍجن ۽ سڱيون لٽڪائي ڳچيءَ ۾ وجهجن. سناسين لاءِ اهي سڳا سُور جا (سڪ ۽ محبت واري درد جا) آهن. پويو پاتائون= اهي سڱين جي سوراخن مان پوئي (لنگهائي) پاتائون. ساڃا ڪنو= وٽي پڪا ڪري. ٢٢. وهڪ= ويهڪ، هڪ جاءِ ويهي رهڻ. اُپيڻ= اٿي ڪڙو ٿيڻ. عين ان جو= انهن جو چٽو پڪو دستور. ٢٣. پاڙي= پاڙي ۾، قريب ۽ ويجها. ڪر نہ هئا= جڻ هئا ئي ڪونہ. مڙهہ= آسڻ، مڙهيون. تاڙي= تاڙيون تاڪ ڏيئي، بند ڪري. ٢٤. سزاوار= لائق. وائي. مڙهنئون= مڙهين مان. موڪل= موڪلائي. بڪيا= پِن. نڪا ولَن وَل= نڪا ڪيتي واڙي ڪن. دونهن جهل= دونهن لڳ ويهن: سندن هٿ سيڪڻ ۽ منهنجو ڳوڙها ڳاڙڻ (تہ متان وڃڻ جو پهہ تا ڪن). سور ڏنائون سل= مونکي سورن جا سل (چُيندڙ سوراخ) ڏنائون. ڪوري ڪانين ڪل= باهہ جي ڪوري سندن جسم جي چمڙي ساڙي ڇڏي. د-٥:-١. بگريين (= بَغليين)= بغل وارين ڳوٿرين ۾، گبرين ۾. جج= ڏِئو. من= پاٽپٽو. مُج= ڪُٽيل واڻ وانگر، چٽيل. وسون= وسين، وسندڙ پيٽي. ٢. بڪ انهن جي پن آهي (جيڪا اهي گهري بُک آهي)، ۽ ڌوڙ مٽي انهن جو ڌوپ (جنهن جو هو واس ڏين). روپ= صورت، مهاندو. جِئان= جنهن ڪان. لوڪ کي لڄ ٿئي= لوڪ لڄي ٿئي. ٣. قوت= ڏِئو. ڪَڙايا= ڪَڪ ڪري ڇڏيا. وسين، وسندي. پهر نہ پنيائون= وسين وسندي ۾ هو پنڻ وارا ناهن، ماڻهن ڪان گهرڻ وارا ناهن. اَوسَر= سوڪ، ڏڪار. آسائو= آسا ڪندڙ، چاهيندڙ. اُني= مينهن وسڻ ۽ آباد ٿيڻ واري حالت ۾. گوندر گَڏيا= هَم غم ۾ پيا، ڏکيا ٿيا. ٤. طعام نہ طمعدار= طعام جا طمعدار ناهن، ڪاڏي جي ڪا طمع ڪين اٿن. ٥. بک چکيائون بوءِ= بُک جي بوءِ چکيائون (بک ڪين وٽي).

اَوَسَرِ آجا اوءِ، اُنيءَ گونڌرِ گڏِئا.

٦

ڪَسي چيلهه ڪَسا، ڏِيلَ ڪِئائون ڏُٻرا
لاهُوتِي لَطِيفُ چئي تَنَ کي ڏِينِ تَسا
گروءَ جي گسا، پاسي ڪَن نه پاڻُ کي.

٧

ڪَسي ساڻُ ڪَسَنِ، ڏِيلَ ڪِئائون ڏُٻرا
پيٽُ نه هيريَئون پانهنجا چوري ساڻُ چَسَنِ
اِهَڙيءَ راهَ رَسَنِ، ڪاپَڙي ڪابُولَ ڏي.

٨

نَڪِين طَعامُ تُنبِين ۾، نَڪِين گَبرِيَنِ
مون پُڻ مُلا تَنِ، حاصُلُ ڪِين حالُ ڪِئو.

٩

نَڪِين هيٺِ نه بيٺِ، نَڪِين گَبرِيَنِ ۾
رامُ ڪِئائون ڏيٺِ، وِجَنِ ڪِينَ ڪُلهي ڪِئو.

١٠

جا بَرادَ بُتَنِ جي سا اَج بُکَ آديسِينِ
روزا رِندَ رَکَنِ، عِيدَ نه اوڏا ڪاپَڙي.

١١

گندِي ۽ گِراهُ، جَنِ سَناسِينِ سانڍِيو
اُني کان اَللهُ، اَجان اَڳاهُون ٿيو.

١٢

گولا جي گراهَ جا، جُونا سي جوڳِي
ڦِتَلَ سي ڦوڳِي، جَنِي شِڪَمَ سانڍِئا.

١٣

سَبيرِيءَ سَيدُ چَئي جي تا پُڇَنِ اَنُ
تَنِ ڪاپَڙين نه ڪَنُ، جوڳِي چائِينِ جاڙَ تا.

١٤

جيئَن تا پُڇَنِ اَنَ کي تِيئَنِ جي پُڇَنِ پَنڌُ
رِڙهِي لَڌائون رَندُ، لَتِينِ لُکَ لَطِيفُ چئي.

١٥

جيئَن تا پُڇَنَ اَنَ کي، تِئَن جي پُڇَنِ اَللهُ
ته رِڙهي لَڌائون راهَ، لَتِينِ لُکَ لَطيفُ چَئي.

١٦

پيٽَن جو پَٽُ ڪَٽِي سو جي سُڃاڻَنِ
ته بَرَ ۾ بيکَ لَهَنِ، پِهَرُ نه پُڇَنِ ڪاپَڙِي.

١٧

اُسکُ جَنِ اويرَ، سي سانجهِيءَ رَهَنِ سُمَهِي
لاهُوتِي لَطِيفُ چَئي آڏيءَ ڏِينِ اُلِيرَ
اٿئا لوڪُ سُتو پَسي، پِئا سامِي مَتي سيرَ

اوسَر آجا اوءِ= اوسر ۾ هو (سورن کان) آجا آهن، ڏک غم کان ڇٽل آهن. ٦. کسا= ڪَشا. چيلهه ڪسا= چيلهه وارا ڪشا. تسا= اُجون (تسو= پاڻي نه پيڻ ۽ اُڃ جهلڻ). گسا= گس تان. ٨. نڪين ڪاپڙين جي تُنبين ۾ طعام ته نڪين گبرين ۾ (هو توڪل تي آهن: ڪاڏو پاڻ سان ڪڻن ئي ڪين). ڪَين= نانه، نيستي. ٩. نڪين= نه ڪين، نه ڪجهه. بيٺِ= بيٺ ۾ ٻڌل، چيلهه سان ٻڌل. گبري= بگري= بَغلي، بَغل ۾ لڙڪندڙ ڳوٿري (جنهن ۾ شيون هجن). ١٠. بَرادَ= گيهه، کير، کُٽي وغيره طعام جيڪو بُتن تي پيڻا طور ڏجي. براد بتن جي= بتن جي مجتا طور پيڻا. سا اج بک آديسين= بتن واري براد آديسين لاءِ اج بک آهي (هنن لاءِ براد بدران اج بک وڏيڪ آهي). اهي رند روزن (اج بک) ۾ آهن، باقي عيد (جي طعامن) کي ويجهائي ناهن. ١١. گندي= چادر، ويس وڳا. گراه= مانيءَ جو گراه، ڪاڏو ۽ طعام (پيٽ لاءِ). اجان اڳاهون ٿيو= اجان گهڻو اڳتي ٿيو (۽ اتي پهچي نه سگهندا). ١٢. گراه جا= مانيءَ جي گراه جا، ڪاڏي پيتي جا، پيٽ جا. جونا= ڪوڙا. ڦتل= راهه کان ڦريل. ڦوڳي= ڦوڳ مثال رس ۽ رطوبت کان خالي، بي ڪَما، بي ڪار. جني شڪمَ سانڍئا= جن پنهنجن پيٽن جي سنڀال ڪئي. ١٣. سَبيريءَ= (صبوح جو) سَويرَ ئِي. ”تن ڪاپڙين نه ڪن“ ”تن ڪاپڙين کي ڪن“ ئي ناهن جو سٽن ۽ سمجهن. ”ڪن ڦاڙ“ جوڳي ۽ ڪاپڙي جيڪي ڪنن ۾ ڦچ وجهن ۽ پڻ وڏا گول والا پائين: ”ڪن“ واري اها صورت جڻ سندن سڃاڻپ آهي. ”تن ڪاپڙين نه ڪن“ مان مراد ته انهن کي اهو ”ڪَنُ“ جيڪو سندن سڃاڻپ آهي سو آهي ئي ڪونه. ١٤. تيئن جي پڇن پنڌ= تيئن جي اڳتي پنڌ ڪرڻ لاءِ پڇا ڪن، پنڌ جي ڳڻتي ۽ اونَ ڪن. رند= واٽ. لُکَ= گرم هوا، تپش. جسم جو ڪاڙهو. ١٧. اوير= دير (سان سمهڻ). اسک جن= اوير جن لاءِ اسک (ڏک) آهي. اُلير= يڙڪي، اُچانگ. (ڦڙتيءَ سان اٿي ڪڙو ٿيڻ). سير= واٽ، پيچرو.

ڪيڏانهَ ڳندا پيرَ، جهُ مڙوئي مَتو ٿيو.

۱۸

وِچينءِ ويراڳِينِ جِي مَتي ڪَڄَ ڪُوڪَ
ساڙي سِڪَ سَنها ڪِئا مَحبَتِي مَلُوڪَ
ٿَني سَندِي هُوڪَ، جيڪَرَ جوڳياڻي ٿِيان.

۱۹

وِچينءِ ويراڳِينِ جِي مَتي دُونهِن دُوسَ
ساڙي سِڪَ سَنها ڪِئا بيراڳِي بيهُوسَ
اِيءَ نانگنِ جِي نامُوسَ، جِئن پَٽَ نہ ڳڻنِ پاڻَ سِين.

۲۰

وِچينءِ وينا هُونِ، سانجهِيءَ رَهَنِ سُمَهِي
آڌِيءَ راتِ اُٿِي ڪَري راوَلَ رَتو رُونِ
وِهاڻِيءَ وائَنِ تي پاسا ڪوڙيو پُونِ
مَهيسِي مُنهُ پانهنجو ڏاران ڏوڙِ نہ ڏونِ
ڪِنهِ ڪي اِيئَن نہ چُونِ، تہ اسين آديسِي آهِيُون.

۲۱

وِچينءِ وينا هَنِ، سانجهِيءَ رَهَنِ سُمَهِي
ٻُڪَ مَرَندي بکِيا ڪِنهِ ڪان ڪِينَ گهُرَنِ
ڦُڪِي فقِيرَنِ، ماڳهان پِئِي ماٺِ جِي.

۲۲

ڳُوندَرِ ڳُذارِئو ڪاپڙِي پَڌَرِ وِجهَنِ نہ پاڻَ
ٿَنِ آيَلِ آديسِينِ جِيءَ رُئان ڪاڻِ رِهاڻَ
هِتِ نہ پَسجَنِ هاڻَ، وِئا ويراڳِي نِڪَري.

۲۳

نہ ڪِلَنِ نہ ڪِينِ ڪِينِ، نہ ڪِينِ ڳالهائِينِ
ڪِنهِ جنهِ ۾ آهِينِ، سا پَروڙِڻَ ڏاڪَڙو.

۲۴

ٿَنِ اکين اُتا سُکَ، ڪِلَندي ڳڻَنِ جي
پرِينِ پاٻوهڻَ سان ڏورِ ڪِئا سَڀِ ڏُکَ
ماٺِهن ليکي ٻُکَ، سامِي سُورَ سَنها ڪِئا.

۲۵

ڪِنهِ جِنهِ ڪيپَ خُمارِئا، پَنوارِئا پُوٽَنِ
ڳالهيون گهلي لوڪَ سِين پَڌَرِ پَئِي نہ ڪَنِ
سونڪو سَناسِينِ، آهي پُورَبَ پَنڌَ جو.

۲۶

جوڳِيان سَندِي ذاتِ جِي ٻولِي ٻُجهارَتَ
ڏورَڻُ گهٽو ڏاڪَڙو هَلَڻُ ۾ حيرتَ
عَجَبُ عِبارتَ، پَهُ پَروڙَڻُ اُنِ جو.

۲۷

آديسِي آديسُ، هِئان ڪَري هَلِئا
ڪاپڙِينِ قَلَبَ ۾ ڪِئو ڏوراڻو ڏيسُ
ويراڳِيٽون ويسُ، راوَلَ ڍَڪي رَمِئا.

۲۸

ويراڳِي وَاڳِي، ڏِينِ ڏِينهاڻِي ڏيلَ ڪي

۱۸. ڪَڄَ= ڪڄ ڪانڙين تي (باه ٻارڻ لاءِ، دونهي دکائڻ لاءِ). ڪوڪ= سڏ. هوڪ= هاڪ، ساراه واري مشهوري. ۱۹. دوس= تڙ پيڙ، سوڙها ميڙ. بيهوس= بي- هُوس، جيڪي ٻئي ڪنهن کي نہ هوسين، ٻئي جي بدخواهي نہ ڪن. پٽ= پنڻ لاءِ جَمن، پيالو. ۲۰. وچينءِ= وچينءِ جي وقت، سج لهڻ کان اڳ واري وقت. رتو رون= رت ڳاڙهيون رئن. پاسا ڪوڙيو پون= پَئجي رهن. مهيسي= وڏا آديسي جوڳي. ۲۱. ڦُڪي= ٻُڪي. ماٺ جي= صبر سان ماٺ ۾ رهڻ جي. ۲۲. پڌر نہ وجهن= پاڻ کي ظاهر نہ ڪن. رئان ڪاڻ رهاڻ= انهن جي رهاڻ لاءِ رئان (سڪان ۽ رئان تہ ڪڏهن ساڻن رهاڻ ٿيندي). ۲۳. نہ ڪين ڪين= نہ ڪين ڪجهہ ڪائن. ڪنه جنه ۾ آهين= ڪنهن اهڙي ڳالهہ ۾ آهين، ڪنهن اهڙي ويچار ۾ آهن. سا پروڙڻ= سا (ڳالهہ) صحيح ڪرڻ، سمجهڻ. ڏاڪڙو= ڏکيو ڪم. ۲۴. اُتا= چيا، موڪليا. سُک= سلام، سهنج، آرام. پاٻوهڻ= مشڪڻ سان اچڻ. ۲۵. ڪيپ= نشي. پَنوارِئا پوٽن= خمار ۾ مست ٿيا پيا ڦرن. گهلي= موڳي، موڙهل. لوڪ سين= عام سين. پڌر پئي= ظاهر ٿي. سونڪو= فڪر، اوسيڙو. ۲۶. ٻجهارت= ڳجهارت. ڏورڻ= پنيان هلڻ ۽ ڳولڻ، پنيان هلڻ ۽ پيروي ڪرڻ. پہ پروڙڻ ان جو= انهن جي خيال کي سمجهڻ ۽ صحيح ڪرڻ. ۲۷. آديس ڪرڻ= چيلي جو گروءَ کي آديس آديس ڪرڻ، ادب وارو سلام ڪرڻ. قلب ۾ ڪئو= دل ۾ رکئو. راول= سي شهزادا اڳواڻ. رمئا= هليا. ۲۸. واڳي ڏيڻ= رسو وجهڻ، جهلڻ، ضابطي ۾ رکڻ.

راوَلَ رَتين مولهيين سامِي سُهاڳِي
لَٺون جهين لاڳِي، سو جوڳِي پَسان نہ ڃيَان.

٢٩

ويراڳِي واري، اَللهَ اَگَڻِ آٽيين
ڏُکَ لاهِيندا ڏيلَ جا ٺُهَنِ جِئن تاري
اِيندَمِ اوتاري، ڪِينئَن جون ڏِيندَمِ خَبرُوَن.

وائي

ڪاپَڙِي ڪَنڇير،
وِٺا ويراڳِي نِڪَرِي
دِلِ هَٽِي وِٺا دَردِ سين
ڦورُو هُٺا فقِيرَ
هَٽِي وِٺا حِلمَ سين
سِڱيون منجهہ سَرِيرَ.

داستان ڇهون

١

ڪَنَ- ڦَٽَ ڪاپَٽَ ڪاپَڙِي، ڪَنَ جي ڪَنائِينِ
لاهُوتِي لَطيفُ چَئِي ماڳَ نہ مَنائِينِ
هُوءِ جي خودِيءَ کي ڪائِينِ، هَلو تڪيا پَسُون ٺَنِ جا.

٢

ڏُونهان جَنِ ڏُکائِيا هَلِي مَٿي هَٽَ
خاڪَ جَنِي جي ڪَٽَ، هَلو ٺَڪيا پَسُون ٺَنِ جا.

٣

ڪَنَ- ڦَٽَ ڪاپَٽَ ڪاپَڙِي، لُنگَ لانگوٽِيا لالَ
لاهُوتِي لَطيفُ چَئِي ڪَنه نہ موهِيا مالَ
هِهَڙا جَنِي حالَ، هَلو ٺَڪيا پَسُون ٺَنِ جا.

٤

ڪَنَ- ڦَٽَ ڪاپَٽَ ڪاپَڙِي، ڪَنوٽِيا ڪَنَ ڏارَ
هَلَنِ هُو هنگلاڄ ڏي بابُو چَڏي بارَ
جي ڪِينَ قبُولٽهارَ، هَلو ٺَڪيا پَسُون ٺَنِ جا.

٥

ڪَنَ- ڦَٽَ ڪاپَٽَ ڪاپَڙِي، ڪَنوٽيا ڪَنَ- چِيرَ
سَدا ويهَنِ سامُها عاشِقَ اُٺَرَ هِيرَ
ٺَسا ڏيئِي ٺَنِ کي ساڙِيائون سَرِيرَ
هُوءِ جي فَنا ٺِئا فقِيرَ، هَلو ٺَڪيا پَسُون تن جا.

٦

ڪَنَ- ڦَٽَ ڪاپَٽَ ڪاپَڙِي، ڳَلَ- ڦَٽَ ڳاڙهِيءَ رُوءِ
پَنڊُ جَنِي جو پُورَبَ ڏي مُشڪِ ڪٿُورِي بُوءِ
هَنڌَ جَنِي جا هُوءِ، ڪِينهِين ڪالهہ ڪَٽِي وِئا.

رتين مولهيين= ڳاڙهن پڳڙين سان. سهاڳِي= سهاڳ وَارا، بختاور. جهين لاڳِي= جنهن لڳائي. ٢٩. ٺُهن جِئن تاري= جِئن تهہ تاربا آهن (ان چنڊڪبو تہ ڇڄ سڄي ڪپي هلائبو تہ تهہ ان ڪان جدا ٿي ڇڄ جي ڇيڙي ڏي ويندا جتان چنڊڪي سان ٻاهر ڪرندا). ڪينئن جون= خير جون، خوشيءَ جون. وائي. ڪنڇير= جن جا ڪن چيريل، جن جي ڪنن ۾ چير آهن (جن ۾ والا يا پاپڙا پيل آهن). هٽي وِٺا= ماري وِٺا، ڦري وِٺا. سڱيون هٽي وِٺا= سڱين جا واڄٽ هينين ۾ هٽي وِٺا. د-٦-١. ڪنَ ڦٽ= جن جا ڪن ڦاٽل (چيريل، وڏا سوراخ ڪيل) آهن. ڪَنڦاڙ. ڪَنائين= ٽوپائين، وڍائين. خوديءَ کي ڪائنين= خوديءَ کي جلائين، ساڙين. تڪيا= آسڻ. ٢. ڪن ڦٽ= ڪَنڦاڙ. ڪاپَٽ= ڪاپڙي جو مخفف (ڪاپٽ= ڪاپٽي= ڪاپڙي)، ۽ ”ڪن ڦٽ“ سان لاڳو پرتي جو لفظ. ڪنوٽيا= جن جي ڪنن ۾ والا يا پاپڙا هجن. ڪَنيائين= ٽوپائين چيرائين. هٽ= ”هٽ جوڳين“ طبقي جو آسڻ. خاڪ جني جي ڪٽ= جن جي ڪٽ (ويهڻ لاءِ) خاڪ آهي. ٣. لنگ لانگوٽيا= جن جا لُنگ نڪتل آهن، جن کي لانگوٽا ٻڌل آهن. نہ موهيا= نہ هِرڪايا، نہ حرصايا. ۴. ڪن ڏار= والن ۽ پاپڙن جي ڪري جن جا ڪن هيٺ ڍريل آهن، جن جون پاپڙيون هيٺ تي ڇڪيل آهن. ڇڏي بار= ڳرو بار ڇڏي هلڪا ٿي هلن (ڏکيي ۽ وڏي پنڌ سببان)، لاڳاپن ۽ واسطن جا بار ڦٽا ڪري هلن. ڪين= نانه، نيستي. قبولٽهار= سدائين قبول ڪرڻ وارا، جيڪي سدائين نانه ۽ نيستي ۾ آهن. ٥. ڪن چير= چيرايل ڪنن سان. ٺسا= اُجون. سرير= پنهنجو جسم، پنهنجو اندر. فنا ٿِئا= نابودي واري حال ۾ ٿيا. ٦. ڳل- ڦٽ= جن جي ڳلن تي بہ چير آيل. ڳاڙهي روءِ= بيوت مٽي ۽ سينڌر مان مليل منهن. مشڪ ڪٿوري بوءِ= پنڌ جي صفت، مشڪ ڪٿوري جي بوءِ سان واسيل واٽ. ڪالهہ ڪٽي وِٺا= ڪالهہ پنهنجا ٽول ٽڳا ڪٽي هليا ويا.

٧

ڪَنَ- ڦَٽ ڪاپَٽ ڪاپَڙِي جَنِ ڇَڏِيون ڇاڻِي ڇَڻائُون
خُودِي ڪانيائون، هَلو تہ ٽِڪيا پَسُون ٽَنِ جا.

٨

سَدائِينِ سفر ۾ رَمَنِ متي راهَ
جَنِ جي اَلَکَ سِين آگاهَ، هَلو ٽِڪيا پَسون تن جا.

٩

ڪِنهِ جِنهِ سَناسِي سُورَ ۾ جٽئن وَتَنِ تا وَهلورَ
باهَرِ ٻولِي ٻئي پَرِينِ، ڳَهَٽَ ۾ ڳهايَلَ ڳهورَ
چِتَ جَنِي جا چُورَ، هَلو ٽِڪيا پَسُون ٽَنِ جا.

١٠

ڪِنهِ جِنهِ سَناسِي سَورَ ۾ وَهلورِئا وَتَنِ
اَنئِي پَهَرَ اَلَکَ جو ڪو وَڏُ ويراڳِينَ
سَدائِينَ صاحِبَ يَر تا ڪاپَڙِي ڪَنبَنِ
جي راتو ڏِينهَ رَمَنِ، هَلو ٽِڪيا پَسُون ٽَن جا.

١١

جوڳِي جَڳَ نہ وَڳِ، جَڳُ نہ ڏِنو جوڳِيين
آديسِي عالَمَ ڪَان لاهي چُرِئا لَڳِ
سامِي ٽِڪا سُرَڳِ، هَلو ٽِڪيا پَسُون ٽَنِ جا.

١٢

ٽِڪيا پَسُون ٽَنِ جا هَلِي منجهان حالَ
ڪوڙين ڪَنوٽِينِ جا پيئَرُ پانيان پالَ
سامِينِ جي سَنپالَ، منهنجو چِتُ چَڱو ڪيو.

١٣

ٽِڪِيا تاڪيائون، وِئا رَمَندا رامَ ڏي
ڪِجان خَبَرَ نہ لَهان ٽَنِ آديسِينِ آئون
ڪَنهِن ڪُوڻِ ڪنيائون، ڪاڏي وِئا ڪاپَڙِي.

١٤

ڳَٽي ڪِدائون هَليا، جوڳِي جيڏاهين
آءٌ پُٺِ اوڏاهِينِ، ٽَنَ ڪي ٽَندو پائِيان.

١٥

نہ ڳِندا، نہ ڳَبَرِي، نہ لانگوٽِي، نہ لينگَ
پَنگا جَنِي پينگَ، صاحِبُ ٽَنِي سامُهُون.

١٦

نہ ڳِندا، نہ ڳَبَري، نہ لانگوٽِيءَ ليڙَ
جيڏانهَ ڪَرِينِ پيڙَ، تيڏانهَ صاحبُ سامُهُون.

---

٧. ڇاڻي= ڇاڻي ٻڇهي. ڇڻائون= متي جي وارن جون ڏگهيون جهٽون، مٽي جا ڏگها ميرا ليڙون ليڙون وار، پڻدا. خودي ڪانيائون= خودي کي ساڙيائون، پاڙپٽي کي ختم ڪيائون. ٨. رمن= هلن، پنڌ ۾ رهن. الک سين= ڌڻيءَ سين. آگاه= ڄاڻ، ساڃاءِ. ٩. ڪنه جنه سناسي سور= سناسي ڪنهن اهڙي سور ۾ آهن. ٻئي پرين= ٻي طرحين. وتن تا وهلور= وهلور پيا وجن، ماڻهن کان پري پيا ڀڄن، ٽڪرا گوشائتا پيا هلن. چت جني جا چور= جن جا اندر چور ٿيل (جن جي اندر ۾ آئون آهيئي ڪانہ ۽ جن جي ميس ماريل آهي). ١٠. وهلورئا وتن= وتن تا وهلور. وڏُ= گهاء، مالڪ جي ميتا ميڻ جي فڪر ۽ ڳٽتي جو گهاء. صاحب= ڌڻي، مالڪ. راتو ڏينهن رمن= راتو ڏينهن پنڌ ۾ آهن ۽ پيا هلن. ١١. وڳڻ= هيڏانهن هوڏانهن هلڻ رُلڻ، بي مقصد پيو هلڻ. جَڳُ نہ وڳ= جڳ جي وڳڻ ۾ ناهن، عام وانگر ملڪ ڏسڻ واري چال ۾ ناهن، جڳ سان وڳڻ کان پري آهن. جُڳ نہ ڏٺو جوڳيين= سچا جوڳي سدائين ست- جڳ ۾ ئي آهن؛ هنن جيڪو ڪلجڳ آهي تنهن ڏي نهاريوئي ڪونهي. عالم ڪان= هن دنيا ڪان. لاهي چُرئا لڳ= لڳ لاڳاپا لاهي هليا. سرڳ= بهشت، سانت سلامتي وارو ماڳ. ١٢.= حالُ= فقيرن جو الاهي نشي ۾ مخموري وارو حال، بيخودي وارو حال. سنپال= يادگيري ۽ حفاظت. ١٣. تڪيا تاڪيائون= تاڙيون تاک ڏيئي آسڻ پوريائون. ڪجان= سوچان ۽ خفي ٿيان، تنگ ٿيان. ڪُوڻ= ڪُنڊ رخ، طرف. ڪنهن ڪوڻ ڪنيائون= نہ معلوم ڪهڙيءَ ڪنڊ تي يا ڪهڙي رخ تي هليا ويا. ١۴. ڪدائون= ٺيڙ، ٿانءَ. تن ڪي= پنهنجي تن ڪي، پنهنجو پاڻ ڪي. تندو پائڻ= پڪو وٺيل سڳو ٻڌڻ ۽ اوڏان چڪڻ. ١٥. ڳِندا= ٿلها رلڪا (ڳندي= رلي). ڳبري= بگري (بَغلي)، بَغل ۾ لٽڪائڻ واري ڳوٿري. لينگ= ڪپڙي جي سوڙهي پٽي جنهن کي لانگ مان ورائي ڪجهہ اوگهڙ ڍڪجي. پنگا= جهوپڙا، آسڻ. پينگ= صفا خالي (جن ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي). ١٦. ليڙ= لينگ. پيڙ= هلڻ جي پيڙ، هلڻ جي تڪڙ ۽ تِک.

١٧

نہ گندا، نہ گبرِي، نہ لانگوٽِيءَ لِڪَ
جيڏانهہ ڳَٺِنِ وِڪَ، تيڏانهہ صاحِبُ سامُهُون.

١٨

نہ گندا، نہ گبرِي، نہ ڪَڇين ڪاڇوٽِي
سامين ٻارِي سَچ ۾ بابُنِ باهوٽِي
جوڳِي جَبَرُوتِي، وَڃائي واٽَ ٿِيا.

١٩

هُوءِ جي ٿِئا هَرڪيسِ، تَنِ لَڳِي ڪِينَ لَباسَ سِين
وَتَنِ وِلهي ويسِ، لاهُوتِي لَطِيفُ چَئي.

٢٠

پِنيءَ پَڙڳَ ڪَنِ، باهِيُون بيراڳِيَنِ چِيون
هَلو تہ سيکيُون هَٽِڙا مَتي ئَنِ مَڇَنِ
مُلا سَناسِينِ، مون جَڙُ لَڳِي جانِ ۾.

٢١

پَريندَهِين پيرِ ٿِئا، چِڏي گنجو گامُ
ويهِي ڪئو نہ وِچَ ۾ ئَنِ آديسِين آرامُ
گروءَ سَندي گس ۾ ڪِئائون ئَنُ تمامُ
رَهَہ ۾ ڳَڏِيَنِ رامُ، ڪَسان چُٺا ڪاپَڙِي.

٢٢

رينگڙِيَارا رَمِيَا، لوئِيَسِ لانگوٽِينِ
مُنهنجو جِيءُ جَلائِيو آنڌرِ آديسِينِ
لانجهِيُون لاهُوتِينِ، چوري ڏِنيون چِٺَ ڪي.

٢٣

چيلهِ چِڪَرِ، ڳُلِ سِڳيُون، مَٿَنِ مُڳهَٽَ موڙَ
جوڳِي اِهڙِيءَ جوڙَ، مُون ويسَرِيءَ وِڃائيا.

٢٤

پَٽَ چِڏِيائُون پَٽَ ۾، ڏَندَ چِڏِيائونِ ڏُورِ
مَهيسِي مَعمُورِ، وَجي ڪالَهہ ڪُلُ ٿِئا.

٢٥

پَٽَ چِڏِيائون پَٽَ ۾، ڏَندَ چِڏِيائون ڏِسُ
آلآئِشان اڳِي ٿِئا، موٽِي ٿِينِ نہ مِسُ
هيءُ چِڏِيائون حِسُ، وَجي ڪالَهہ ڪُلُ ٿِئا.

٢٦

ڪَشي ڪاڇوٽِي، نانگنِ ٻَڌِي نيهَ جي
سُڪُ نہ سُتا ڪَڏهِين لاهي لانگوٽِي
جِهڙا آيا جَڳَ ۾، تِهڙا وِئا موٽِي
ئَنِي جِي چوٽِي، پُورِبِ تِيندِي پَڌِرِي.

١٧. لِڪ= ٽورڙو ڪو ڪپڙو، ڪا سنهڙي اڳڙي (اها بہ اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪانہ اٿن، ۽ صفا نانگا آهن). ١٨. ڪڇين= ڪڇن ۾. ڪاڇوٽي= ڪڇ ۾ ڪٽڻ واري ڳوٿري، بگري (بغلي). باهوٽي= باهڙي. جبروتي= جبروت جي درجي يا منزل وارا. ١٩. هر ڪيس= (الف) هَرَڪيسِ= هر رنگ، هر رنڱ ۾ رتل (ب) هرڪيسِ= ڏٽيءَ واري رنگ ۾. تن لڳي ڪين لباس سين= (الف) تن جي دل لڳي ڪين پوشاڪ سين، ڪپڙن سين (ب) سي سچ جا طالب آهن، ۽ تن جي پوي ئي ڪين ٻاهرئين ڪوڙي ڏيک ويک سين! وتن= گهمن، هلن. ولهي ويس= ولهي ويس سان، اٻالي ويس سان. ٢٠. پنيءَ= وهائيءِ رات جو. پَڙڳ ڪن= جهڙڳا ڪن، تيز ٻرن. ٢١. پريندهِين= شروع ٿيڻ ساڻ، اُٿندي ئي. پير ٿئا= پيچري يا واٽ سان ٿيا. جتي اڳ ويندڙن جا پير لڳل آهن. ڪئائون تن تمام= پنهنجو جسم جهوري چڏيائون. ڪسان چُٺا= پنڌ لاءِ، ڪَس (ڪشن) ٻڌڻ کان آجا ٿيا، پنڌ ڪان چٺا. ٢٢. رينگڙيارا= لِينگڙيارا، لانگوٽي جي لينگ وارا. رميا= هليا ويا. لوئيس= جلائَيس، ماريس (مونکي ماريو). لانگوٽين= جن کي لانگوٽيا يا لانگوٽيون ٻڌل آهن. لانجهيون= اپرايون، هيٺايون، ماندگيون. ٢٣. چيلهہ چڪر= چيلهہ کي چمڙي جي وڌيءَ جا وڪڙ. ڳلي سڱيون= ڳل جي پاسي ڪان ڪلهن وٽان لٽڪيل سڱيون. مُڳهٽ موڙ= منڌل پندَن وارن جا جهنڊ، ۽ منهن وٽان لڙڪندڙ ليڙون (موڙ مثال). ٢٤. پٽ چڏيائون= پيالا ۽ جمن ڦٽا ڪيائون. ڏند چڏيائون ڏُور= ڏندي پري اڇلايائون. مهيسي= وڏا جوڳي. معمور= (الف) مٿيا سان ڀريل (ب) مخمور. ڪُلُ ٿيا= "جُز" مان وڌي "ڪُلُ" ٿيا، "الڪ" سان هڪ ٿيا. ٢٥. مِسُ= (الف) ميل ملاوت واري حالت، لڳ لاڳاپن وارو ماحول (ب) ٺامو، ناٺي وارو وهنوار. حسُ= احساس وارو حُواس، هن دنيا جو احساس، هن دنيا جا محسوسات. ٢٦. ڪشي= چڪي. ڪاڇوٽي= لانگوٽي. چوٽو.

وائي

شالَ سي اوڏڙا آهِنِ،
پَلڪُ پريان ري نہ رَهان
اُپٽِري نِتِ نِهارِيان تَنِ واٽون ويراڳِينِ
اُتَرُ اَجهو جَنِ جو، بُڪَ بُکيا تَنِ
نَڪِين هيٺ نہ بيٺ ڪِين، ڪِدا تان نہ ڪٿَنِ
لوڪَ سُتي ئي ڇڏيا آسڻَ آديسِين
اڳرُ چَندَنُ اُيري، منجهان ڏُودَ دُنهِينِ
پَسِي آئون پُرِ ٿِي، تَنِ صُورَتَ سَناسِينِ.

داستان ستون

۱

رَهيا اَئِي راتِ، صُبُح وِينڌءِ صابِري
لَئون لَئون مَنجهہ لَطِيفُ چئي ڪَرِ تَنِي جي تاتِ
سَندِي جوڳِيان ذاتِ، ٻِئِي پِيري پاڳِ مِڙِي.

۲

اڳِڻِ آهِنِ اَڄُ، صُبُح وِينڌءِ صابِري
ڪِجِ ڪو ڪاپڙِينِ مان رُوحَ رُچَندو رَڄُ
پِير اُنِي جا پَڄُ، مَتان سِڪِين سَناسِينِ ڪي.

۳

تانِ ڪِين ساٿُنِ اور، جان آهِنِ اوطاقُنِ ۾
ڏَهہَ ڏَهہ پيرا ڏِينهَ ۾، پاڻُ مَتائِنِ گهورِ
وِئا جو هنگلورِ، تہ ڪَرَمين مِلَنڌءِ ڪاپڙِي.

۴

تان ڪِين وَٿِنِ وِيهہُ، جان آهِنِ اوطاقُنِ ۾
سامِي سَقرِ هَلِيا ڏُورِ چِتائِي ڏِيهہُ
ڇَڏِي سُکَ ساٽيهہُ، مَتي گنگا گِڃِئا.

۵

تان ڪِين وَٿِنِ وَڄُ، جان آهِنِ اوطاقُنِ ۾
سامِي سَقرِ هَلِيا راهَ چِتائِي رُڄ
اِهڙو جَنِ اَهُڄُ، سي ڪَرَمِين مِلندا ڪاپڙِي.

۶

تان ڪِين وَٿِ آ، جان آهِنِ اوطاقُنِ ۾
وِئو تَنِ نہ وِسَري لاهُوتيڪو لا
فَنا ۽ فِراقَ جو سامِينِ چکئو سا (٤)
وٺان تو وِيندا، ڪاپڙِي ڪابُولَ ڏي.

۷

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾ جاڳَرُ جوڳِينِ جو
سارِي سَناسِين ڪي رُوئنڊِينءَ تان. رو
پَسُ پاڙئان تو، لاهُوتِي لَڏي وِئا.

۸

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾ طالِبَ تَوارِينِ
آديسِي اُٺِي وِئا مَڙهيون مون مارِينِ
هُوءِ جي جِيءَ کي جِيارِينِ، سي لاهُوتِي لَڏي وِئا.

۹

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾ سَندِي جوڳِينِ جوڙ
سارِي سَناسِين ڪي ڪامِي تِيَسِ ڪوڙ

وائي. شال سي اوڏڙا آهن= شال سي ويجها هجن (جو ڪين ڏسي سگهان). اُپٽِري= ڪنڌ مٿي ڪري، پٻن تي بيهي، مٿي ٿي. اتر اجهو جن جو= اُتر جو سير وارو واءُ انهن لاءِ اولو آهي. بک بکيا تن= تن جي بکيا بُک آهي (هو سوال ڪري بک ٽا گهرن). نڪي هيٺ= نہ هيٺ تي وڏي چادر يا ڊگهي لانگوٽي ٻڌل. نہ بيٺ ڪينِ= نہ ڪين ڪجهہ چيلهہ سان ٻڌل. انهن آديسين، لوڪ ستوئي جو پنهنجا آسڻ ڇڏيا (۽ روانا ٿي ويا). اگر چندن اپري= اگر ۽ چندنِ جي خوشبوءِ مٿي نڪري. منجهان دود دنهين= انهن جي دڪايل دونهين جي دونهي (دود) مان. پُر ٿي= مخمور ٿي. د-۷: ۲. روح رچندو رڄ= روح وڻندو ڏيئو. پَڄُ= (الف) پُڄي، هٿ سان پهچي پيرين پئو (ب) زور ڏي (پيرن کي). ۳. اور= صحبت ڪر. هنگلور= هنگلاج. ڪرمين= ڀاڳين. ۵. راهہ چتائي= رَڄ واري واٽ وٺي. اهج= اهڃاڻ. ڪرمين ملندا= ڀاڳين ملندا. ٦. لاهوتيڪو= لاهوتين وارو. لا= نانه، نيستيءَ وارو لاتعلقي. ساء= وڻندڙ احساس. ۷. جاڳر= رات جاڳيندي ڳالهاءُ ۽ غوغا. روندين تان رو= تون جيڪڏهن رئندين تہ پل رو. پاڙئان تو= تنهنجي پاڙي مان. ۸. توارين= هڪ ٻئي کي سڏ ڪن ۽ پاڻ ۾ ڳالهائين. ۹. جوڙ= گڏ ويهڻ واري سِٿاءُ. ڪوڙ= سُڪل ڳل.

مَنَ جَنِي سان موڙ، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.

١٠

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾ سَندي جوڳِيان ذاتِ
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُکَ سِين، رُئَڻُ سَڄِيائِي راتِ
تَنِ جِنِي جي تاتِ، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.

١١

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾ تازا پَٿَرِ کَکَ
ڏُونهِين ڏُکَڻُ ڇَڏِيو پيئِي اُڏامي رکَ
سامِي کَٿي سَنکَ، وَڃائي واٽَ ٿِيا.

١٢

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾ سَندِي بابُنِ بُوءِ
ڏورِيان گهوريان نہ لَهان راوَل رَتِيءَ رُوءِ
هُيَمِ جَنِ سِين هُوءِ، سي آديسِي اُٿِي وِيا.

١٣

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾ سَندِي بابُنِ باسَ
وِئا ويراڳِي نِڪَرِي وِلها ڪَرِي واسَ
جَنِ جِي اَندَرِ ۾ اُداسِ، سي لاهُوتِي لَڏي وِئا.

١٤

جوڳِي نہ جاهِلَ، پَنڌُ پَريندهِين سِکِئا
کَنِ سِين کَنِ نہ کِلَ، پُوتارَهِيا پِرينءَ سِين.

١٥

ڏُونهِين ڏنڊُ نہ لاٽَ، نہ سي جوڳِي جُوءِ ۾
وِئا ويراڳِي نِڪَرِي، چِتَ جَنِي سِين چاٽَ
گهٽا نِهارِيَمِ گهاٽَ، تَنِ سامِين جي صحبت ڪي.

١٦

ماءُ مُنهنجي جوڳِيين کَنين کُنَرَ لالَ
آن ڪي ڏِنا ڪالَ، وِيندا واٽَڙِيُنِ تان.

١٧

هَي جي هُئا هِتِ، مَٿَنِ هُوندَ حَقُ ٿِئو
جوڳِين جِي جُڳتِ، سارِئو تِي سُورَ چَران.

١٨

هي جي هُئا هاڻِ، تہ مَٿَنِ هُوندَ حَقُ ٿِئو
پيهي وِئا پاڻَ، مَڙهيون مون مارينِدِيُون.

١٩

هي جي هُئا هِتِ، تہ مَٿَنِ هُوندَ حَقُ ٿِئو
مَڙهيئون مُورَتَ مَتِ، مانَ وِسَرِئونِ ڪِين لَهان.

وائي-١

جوڳِي جَڳِ گهٽا، مون وَهُ ويراڳِينِ سِين
پاڇِي کَنِ نہ پاڻَ ڪي تُنبِيءَ مَنجهہ ڪَٽا
وِئا ويراڳِي نِڪرِي، جَنِي مُنهِ مَٽا
آيَلِ آديسِينِ جا مونکي گُنَ گهٽا
سارِيون سَناسِين کي وِيني هَٿَ هَٽان
مونکي نِيه نِهوڙِئو، تُنبِي جِيئَن ٽَٽان
لاهوتِيءَ- ڪِيُون لَطيفُ چَئِي، لَڳِيم جِيءَ جَڙان.

من جني سان موڙ= من جي جن ڏي اهل، من جو جن ڏانهن لاڙو. ١١. سَنک= سمنڊ جا وڏا ڏگها ڪوڏ جيڪي ڦوڪ سان وڄن.١٢. بابُن بوءِ= وڏن مک آديسين جي بوءِ (پاڻ تہ ڪين آهن پر سندن ڪا باس بوءِ بہ ڪانهي). گهوريان= گهور ڪريان، گهوليان. راول= شهزادا، سهڻا. رتيءَ روءِ= ڳاڙهي پيشانيءَ سان، ڳاڙهي رونق سان. هُوءِ= گهٽي گهاٽي محبت. ١٣. ولها ڪري واس= پنهنجا آسڻ خالي ڪري ويا، اڪيلا ڪري ويا. ١٤. کن سين کن نہ کل= ٻئي کنهن سان بہ کل خوشي نہ ڪن. پوتا رهيا= ڳنڍيا رهيا، محوَ رهيا. ١٥. سندن دونهين جو ڏنڊ يا ڪا لاٽ ئي ڪانهي (ڪو نشان ئي ڪونهي، جو هو هليا وئا). چت= دل. چاٽ= لڳاءُ، محبت. گهاٽ= رستا. ١٦. کنين کُنر لال= کنن ۾ ڳاڙها والا. ١٧. هي جي هئا هُت= هتي هجن ها تہ جيڪر منهنجي مٿن حجت هلي ها. جُڳت= جوڳ واري رهڻي ڪهڻي ۽ رهاڻ. ١٨. پيهي وئا پاڻ= پنڌ جي وڏي منزل ۾ پيهي پري هليا وئا. ١٩. مَڙهِيئُون= مڙهيءَ مان، مڙهي ۽ ۾. ”مورتَ مَتَ“ مورتين واري ”مَتَ“. مان وسرئون= شال ڪين وسري هجي. ڪين لهان= انهن متجهان ڪي ڪجهہ ڳولي لهان، هٿ ڪريان. وائي- ١. جڳ گهٽا= جڳ ۾ گهٽا. مون وہ= منهنجو لاڙو ۽ نيه جو ناتو. ويراڳين= ورهہ وارن فقيرن سان، محبت ۽ فراق وارن سان. ڪٽا= جني منہ مٽا= جن جي مُنهن ۾ مٽيا، ڏيا ۽ روشني. مون کي گن گهٽا= سندن مون سان ڪيل گن گهٽا. هٿ هٽان= پڇتايان، هاءِ هاءِ ڪريان (تہ هو هليا ويا، ۽ هتي ناهن). تُنبي جيئن ٽٽان= تنبي جئين وَڃان (=درد جون دانهون ڪريان). لاهوتيءَ- ڪيون= لاهوتيءَ واريون. لڳين جيءَ جڙان= لڳيم جيءَ ۾ جڙون، محبت جون ميخون.

وائي-۲

شُڪُر آڻِ بجاءِ، آهيين اَهلُ اللهَ سِين
گهوڙو هِنَ گِروهَ ۾، حمدَ ساڻُ هَلاءِ
سُرَهِي هِنَ سِلَڪَ سين، پُڄي ڪين پُڄاءِ
ٿيءُ تہ ٿوڪَ پرائيين لاشڪَ ٿني لاءِ
ترڪُ ڪَر طلبَ سِين، لاهوتِي مَ لَڄاءِ
خودِي ڪَڻُ مَ پاڻ سِين، جوڳِينِ وَٽِ جَلاءِ
مَهندان مَشائخن جي چوَڻُ سَپُ چَلاءِ
ڪامُ تُنهنجو ڪاپڙِي سامِينِ وَٽِ سَماءِ
آسَڻَ اڳِيان اُنِ جي ٻَر ٻَرِ ڪِئو ٻاڏاءِ
سيهو جا سونُ ڪَري تِنهِ صُحبَتَ ڪي مَ سِڪاءِ
سُرَهِي سَناسِين جي سُٽِي ڪا سُٽاءِ
آهِمِ آسَ اِسَمَ، جي ڏاڳو تون ڏُلاءِ
اَللهَ عبداللطيفَ ڪي اُني وَٽِ اگهاءِ

وائي- ۲. اهل الله= الله وارا. سلڪ= جماعت. ڪين پڄاءِ= ڪجهہ پڄاءِ. ٿيءُ= تني لاءِ ٿيءُ، تون پاڻ کي ڪنهن مان مرتبي وارو ڪر. ٿوڪ پرائيين= وڏا مقصد ماڻين. ترڪ ڪر= پنهنجو پاڻ ترڪ، پنهنجو پاڻ وڃاءِ ۽ ٻيا اسباب ترڪ ڪر. لاهوتي= الله وارا. مشائخن= وڏن عارفن ولين. چوڻ سپ چلاءِ= پنهنجيون ڳالهيون ڇڏ. ڪام= تنهنجو ڪم، سعيو(ڪم جو). سماء= سمائجي اگهائجي. آسڻ= ٽڪيو. ٻر ٻر ڪئو= وڏي چاهہ ۽ اوسيڙي سان. ٻاڏاءِ، عرض گذار ۽ زاري نيزاري ڪر. سرهي= سرهي ڳالهہ. اسم= الله جو اسم ذات. ڏاڳو تون ڏلاءِ= تنهنجو پنهنجو ڏاڳو تون پاڻ ڌوئي صاف ڪر. اني وٽ= انهن الله وارن وٽ.

ٽيهہ اکري رامڪلي

۱

اَلفُ اَڪرُ مَنَ ۾ ڪِئو ڪاپڙِين
سي حَرفَ ڏاران هيڪڙي ٻِئو ڪِينَ ٻُجهَن
فَرضُ فَنا فِي الله جو عَينَ عِبادَتَ اُنِ
”قُل هُو اللهُ اَحدُ“ تا منجهان پِرت پَڙهَن
سَعادَتَ سَرِيَن، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙِي.

۲

ٻِي ئون بَرتَڻُ ناهِ ڪو ڪِدا تان نہ ڪَٽَن
گُلوبَندُ نہ گودڙِي، نہ ڏاڳا ڏڙڪِين
ڇَڪَرَ چَمڙو چيلهہ تي ٻَهڳَڻَ ڪِينَ ٻَڌَنِ
”ترڪُ الدُنيا واجب“ اِيءَ عادَتَ عارِفَنِ
ٻِيون ڏيئي ٻَن، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙِي.

۳

تِي ئون توشو تُوڻِ ڪا ڏُرئان نہ ڏارين
ڏُڪئا سُڪئا ڏِينهَڙا ڳَهَڻَ اندر ڳهارين
تَوَڪَلَ ڪِئائون تُرَهو ٻِي وائي نہ وارين
”قُل هُو الرحمان آمَنا بِهِ“ اِتي اختيارين
پَرِ جَڳِي پارين، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙِي.

٤

ٿي ئون ثابِتُ سَندَرو جوڳِينِ ڪي جَڙِئو
ٿَنِ حَرفُ سُڃاڻِي هيڪڙو منجهان پِرتَ پَڙهئو
”لا مَقصُودُ فِي الدارِينِ اِلاهُو“ ڳَهَڻِ ۾ ڳِهاڻَ ڳهڙئو
جَنِ ڪي مَنَ ۾ مُحِبُ مِڙِئو، سي گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙِي.

٥

جِيمِ ئون جوڳيئڙَن جي جان نِهارِيَمِ جُوءِ
عقلُ اُتِ اوجهُون ٿِئو، هُوءِ هَلِئا مَتي هُوءِ
مونکي اِنَ مَذڪُورَ جي باسَ نہ پيئِي بُوءِ
”الحُبُ للهِ والبُغضُ للهِ“ خاصِي سَنديَن خُوءِ
وِجي رُوءِ بَرُوءِ، گُر ڪي گَڏِئا ڪاپڙِي.

٦

حي ئُون حالُ پرائِيو ٿَنِ آديسِينِ احوالُ
نابِہ ڪِئائُون نَفسَ کي منجهان زُهدَ زَوالُ
”لَن تَنالُوا البِرَ حَتيٰ تُنفقوا“ پاڻُ ڪِئائُون پيمالُ
نانگا ٿِئا نِهالُ، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙِي.

۷

خي ئون خَشيَتَ خوفَ ۾ ڪِئائون ڪِيني کي قَتلامُ
دَرِجي دَراءَ الله جي ڪوجهو ڪَنِ نہ ڪامُ

آئي اُنِ جي باب ۾ آيت ايءَ اِنعامُ
"اِنَ الذِينَ يَخشونَ رَبهُم بالغيبَ لَهُم مَغفرة"
پَروڙيئون پيغامُ
خطرا لاهي خامَ، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

٨

دال ئون دُونهُون دردَ جو دِلِ ۾ دُکائِينِ
آٽِئو آگِ عِشقَ جي چِقمقُ چُهٽائِينِ
جِيءَ پَنهنجو جوش ۾ پَلپَلَ پَچائِينِ
"اَلعِشق نار اِذا وَقعَ فِي قُلوبِ العارفِين" تا
ماتمُ مچائِينِ
خطرا سي ڪانئِينِ، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

٩

ذال ئون ذِڪُرِ رَبَ جو ويلَ نہ وِسارِينِ
سَناسِي سُبحَانَ ڪي سَدائين سارِينِ
تَسبِيحَ جي تَرارَ سِين مُلحدَ ڪي مارِينِ
"جَزآئُهُم عِندَ رَبِهم" اِتي اختيارِينِ
پَرِ چَڱي پارِينِ، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

١٠

ري ئون راضي رُوحَ ۾ مَتي رَبَ رَضا
مچيائُون مَحبتَ سِين قادر جِي قَضا
"رَضِي اللهُ عَنهُم وَرَضوا عَنهُ" جوڳين اِيءَ جَزا
ڏيئي ساهَ سَزا، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

١١

زي ئون زاهِدَ زُهدَ سِين پُختا ٿِئا پَچِي
ڪَدي چَڏيائون ڪُڙهِ مان ڪوجهي ڳالهه ڪَچِي
اُبنا عِبادَتَ ۾ مانجهي مَردَ مَچِي
"وَما خَلقتُ الجِنَ والانسَ اِلاليعبُدُونِ" سُٽِئو سُڌَ سَچِي
اُڪَندَ ساڻُ اَچِي، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

١٢

سِين ئُون سَهجان سيجَ تي سامي ڪِينَ سُمهنِ
نيڻَ نہ هِرِئُون نِنبرَ سِين، خُوشِئُون خوابَ نہ ڪَنِ
جاڳَنِ سَندو جِيءَ ۾ وِردُ ويراڳِينِ
"النومُ عَلي المُحِبِ حَرام" اِيءَ ڪلامُ ڪِئائُون ڪَنِ
اِهڙَنِ اُهيجاڻَنِ، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

١٣

شِينَ ئُون شَرِيعتَ جا تابعَ ٿيا تَمامُ
ٿَنِ ڪي طَرِيقَتَ جِي مَنَ ۾ ميخَ مُدامُ
هَلَنِ حَقِيقَتَ ۾، مَعرفتَ مَقامُ
"اِنَ الذِينَ آمَنُوا وعَمِلُوا الصالِحاتِ" آهي ٿَنِ آرامُ
جَنَتَ پِيتائُون جامُ، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

١٤

صادئُون صَبُرُ سِڪِيا ڌُريان ئِي ڌُٽِي
اُبَنّا اِنهِين ڳالهه تي حُزُنِ پاڻَ هَٽِي
"اِنما يُوفِي الصابِرُونِ اجرهُمُ" سَرها ٿِئا سُٽِي
پَلِيءَ پِٽَ پِٽِي، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

١٥

ضادئُون ضَلالَتَ ڪان پاسِي ٿِئا پَري
منجهه مُراقبي مَحو ٿِئا ڪامِلَ قلبُ ڪَري
مالا پوئِين مَنَ جي پڙهَنِ وِرد وَري
"فَلَهُم اجرِ غِيرُ مَمنون" سامِين سَڀُ سَري
پاڻِئان ٿئا پَري، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

١٦

طي ئُون طالِبَنَ ڪي ڪو جو پَهُ پِئو
پَرَ يُون يُوڻَنِ پُڇَندا پِيُون بَنِ ڏِئو
فَرضَ فَنا فِي الله جو اُتَنِ عينُ ٿِئو
"طَلبُ اللهِ قَبلَ ڪُلَ شيءٍ فَرِيضة" چِٺِ تان نہ جهو
سُجاڻِي سِهو، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

١٧

ظي ئُون ظاهِرُ ذوقَ سِين پَنجَئِي ڪَنِ پُورا
هَلَنِ واڻَ سَماعَ ۾ ڳاري ڳِلِ ڳوڙها
سَناسِي سَيدُ چَئِي، پُورَبَ ۾ پُورا
"هُو اللهُ الواحِدُ القَهارُ" سامِي منجهه سُورا
تِي چاڪَنِ سِين چُورا، گُرَ ڪي گَڏِئا ڪاپڙي.

١٨

عَين ٿُون عارِفن جِي آهي ڳالھ عَجيبَ
پاڙهين ڳهائِن گهٽ ۾، پاڙهين ٿن طَبيبَ
وَنن واٽ وِڇڙي ڪِئو نِرتِ نَجيبَ
"الايمانُ بَين الخَوفِ والرجاءِ" هَلن اِتِ حبيبَ
ٿِئا قادرسين قريبَ، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

١٩

غين ٿُون غُربَتَ جندڙي سَدا سَناسِين
دِرڇئو دِراءِ الله جي پُوربَ منجهہ پُڇن
رِءِ رُخصتَ رامَ جي ٻِئو ڪِينَ ٻُجهَن
"اِنَ اللهَ هُوَ الرزاقُ" سامين سَڌَ سُڄن
جوڳِي جُنگَ جَلن، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

٢٠

فِي ٿون فِڪَر فِراقَ ۾ آديسي آهِين
سَڳا سيليون ڳبِريون جوڳِي جَلائِين
"اِن الذين فَتنُوالمؤمنِينَ" سناسي ساهِين
سَنگت سَنوارِين، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

٢١

قاف ٿون قَرابَتَ ڪُرمِ ڪان ڇني ڇَڏيائون
لاهُوتَ ۽ جَبرُوتَ جا اُهُڃ آنداٿُون
مَلڪُوتَ ۽ ناسُوتَ ۾ گهڙي گهارياٿُون
"فَبَصَرُڪ اليوم حدِيدُ" اِيهين اُتائون
سَڳُرُ سارِياٿُون، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

٢٢

ڪاف ٿُون ڪَري ڪُرنشُون ٻَندي اُيا ٻانهُون
اُپِي اَلکَ سامُهُون رَتو رُناٿُون
سَناسِين سَيدُ چَئي مِليون مُداٿُون
"وَلسَوف يُعطِيڪ رَبُڪ فترضيٰ" چَنو چِياٿُون
لائِق لَڏاٿُون، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

٢٣

لامَ ٿُون سي لاهُوتَ ۾ سَدا سَيرَ ڪَرِين
عِلمَ حِلمِ جا اُٿهين اڇئو پَهَ پُورِين
لَڏئو لامَڪانَ ۾ عِشرتَ سِين اورِين
"واللهُ عَليٰ ڪُلِ شيءِ قَدِيرُ" چَپَن ڪي چورِين
سامِيڙا سورِين، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

٢٤

مِيمَ ٿُون مِلڻُ حَق جو اَصُلِ آديسِين
جوڳِيڙا جَهانَ ۾ اِهڙِي چالِ چَلَن
لاهُوتِي لَطِيفُ چَئي منجهان حُبَ هَلَن
"اِن اللهَ يُحِبُ المُحسنِين" خوشِيان خُوابُ نہ ڪَن
وِردُ ويراڳِين، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

٢٥

نُونٿُون نانءِ هَلِيا سامِي سَپيئِي
اُڪندَ ۾ آديس جي وِهڪَ ٿِن وِيئي
سَناسِي سِڪَڻَ ۾ اوتِن اُرتوئي
"لا تَتحرڪُ ذرة الاباذنِ الله" وِسَرِيَن ٻي وائِي
راوَلَ رَتَ روئِي، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

٢٦

واءُ ٿُون وَرقُ وِصالَ جو ويراڳِي وارِين
وَرئُونِ واءُ وِصالُ جو اُڪندَ ۾ آهِين
سَناسِي سَيدُ چَئي لوڪَ نہ لڪائِين
"واللهُ غالبُ عَليٰ امرهِ" پَرِ چڱِي پارِين
لاهُوتِي لَڏِين، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

٢٧

هِي ٿُون حَرفُ حِسَابَ جو پَسڻُ تِين پَري
وَجِي وَحدانِيتَ ۾ هَلَن پير پَري
ڳُجهہ اَندر جِيون ڳالهيون ڪِنہ سِين ڪِين ڪَري
"لايَفُوتُ وَلايَموتُ"، سامِين ڪِينَ سَري
ڪَڙو منجهہ ڪَڙي، ڳَر ڪي ڳَڏِئا ڪاپڙِي.

٢٨

الف ٿُون آديسِين ڪي سَدا سُورَ چَرَن
اَندر ٿَن آديسِين ڪي محبت مَڄ ٻَرَن
اُلفَتَ عَزِيزي ناھ ڪا نَڪِين جَنگ هَلَن

الله لطيف بعباده يرزق من يشاء" آيت اِيءَ پڙھن
سَناسي سَھڙن، گُرَ کي گڏئا ڪاپڙي.

۲۹

لاٿون لَڏي ھَليا جوڳي مان جايَن
وَنُن واٽ وِچڙي ڪَنھن کي ڪِينَ چَوَنِ
منجھان مَھرا مَڙھِيُون پَٽَ ڪِئو پائِيِنِ
"والقدرُ خيره وشره مِن الله تعالي" اِنھين اُھجاڻَن
سامِيَڙا سَنڪَن، گُرَ کي گَڏِئا ڪاپڙي.

۳۰

يي ٿُون يَرڪَ مَڪانَ ۾ ھَلن اُيَسرا
سامِي سَفَرِ ھَلِئا ڏوراٽِي ڏيھا
اُھُج آنداٿُون اِھڙا جَنِ منجھ ناھي داءِ
"فاذکُروني اذکُرکُم" سامِيڙَن سا راھَ
جوڳي وِئڙا جاءِ، گُرَ کي گَڏِئا ڪاپڙي.

رامڪلي: ٽيھ ڏينھن

۱

ٽيھ ڪاپڙين جي پھري ڏينھ پروڙ
سگھان ساعت نہ ھيڪڙي، چارئي پَھرَ چُورَ
سدائين سَيدُ چَئي سَناسي ۾ سُورَ
جوڳي ساڻُ ضُرورَ، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

۲

ويھي ويراڳين جو ٻئي ڏينھ ٻُڌمِ حالُ
اُنِ جا ڏاڍا ڏُوڙ پَڪَلِئا، جوڳيَانَ زَوالُ
ٽَنِ جاٽِي جَناٿُون ڇَڏِيُون، چوتا چَڳيءَ چالِ
ويچارا وُجُود جي ڪنھن سان ڪَنِ نہ ڳالِ
نانگا ٿِئا نِھالُ، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

۳

ٽرئي ڏِينھ ٽِمڪائِينِ، دُونھيون دائرَنِ ۾
ميڙئو ڪَڙَڄ ڪانِيُون، جوڳي جَلائِينِ
سَندِيُون ڪامَڻ خَبرُون آديسِين آھِينِ
ڳُجھُ نہ ڳالھائِينِ، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

۴

چوٿِين ڏِينھ چَوگانَ ۾، ڪَنھن جَنھن پہ پئا
وَھَمَ پريان جي وَڍِيا ٽَنِ ۾ ڪُوڙ ڪِئا
اَندرِ آديسِين کي اَچَنِ جوش جِھا
سامِي سُون ٿِئا، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

۵

ڪَنھن جَنھن پُورَ پَچائِيا پَنجين ڏِينھِ پَئِي
اَندرِ آديسِين کي سُورَنِ شاخَ ڪَئِي
مَحبَتَ جي ميدان ۾ لاشڪَ پيا لَھِي
اُن کي ساري راتِ سَيدُ چَئي گُوندَرَ مَنجھِ گئي
ڪَريو سيڻَ سَھِي، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

۶

پيا ڪَنھن پَرياڻَ ۾ ڇَھين ڏِينھ ڇَٽِي
اَندرِ آديسِين کي ڏُرئان ئِي ڏَٽِي
ٻَري ٻاجھارا ڪِئا ڪانئي خاڪِ ڪَٽِي
پنئو پَنجَ ڪَٽِي، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

۷

سَتين ڏِينھ سَيدُ چَئي ڏاڍا ڏوتائون
اُپي اَلَڪَ سامھون ٻانھُون ٻڌائون
رُوحُ پنھنجو رام سِين پَرِ ۾ پوتاٿُون
وَڏي ڪنھن وِلاتَ جا اُھُجَ آندائون
ڳَٽِئو ڪِدائون، لِڪا يُوٽِن لوڪَ ۾.

۸

اَنئِين ڏِينھ اُپي وِئا جوڳي جاءِ بَجاءِ
سا پَرِ سامِي سِکِئا جا پَرِ جوڳَ جُڳاءِ
وِيرئون تارِ وُجودَ ۾ اُنِ کي رامُ رھيوئِي آھِ
ڪَنھن ڪمائِي لاءِ، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

۹

نوئِين ڏِينھِ نيٽَان، اوجاڳي اُجارِئا
سَباجھي ٻاجھہ ڪِي، سُجاڳِي سيٽَانِ
جِتي نظرُ ناٿَ جو، اُتي اوتاران
اِھي اُھجاٽان، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

١٠

ڏهين ڏينه ڏکَ ٿئا پرين پابوهيا پَسُ
وَرَقُ جي وِصَالَ جا واري ڪِئائون وَسُ
لڏائون لَطيف چئي سندو گُروءَ گَسُ
جوڳين ڪَٿِئو جَسُ، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

١١

ڪارهين ڏينهِ ڪَرَمُ، وَرِئو ويراڳِينِ جو
جوڳين جاتائون پُنيون هَلِي وِئا حَرَمُ
دائِمُ جهَليو دَمُ، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

١٢

بارهين ڏينه بَئِي، اُن جيون مَنَ مُرادُون پُنيون
جوڳِي اِن جاتاءَ ڪي تي سِڪئا سيئي
سَمانا سيئِي، جي گُرَ گڏجي آئيا.

١٣

ٿِيَنِ سِڪَ سَيدُ چَئِي تيرهين ڏينهِ تمامُ
گَنگا لُوتِي گودڙِيين جرُ پيتو اُتِ جامُ
وينا هئا وُجود ۾ نانگا وَنيو نامُ
ڪَهيو اِيءَ ڪَلامُ، لِڪا يوٽن لوڪ ۾.

١٤

چوڏهين ڏينه چَلِي وِئا جوڳِي مَتي جُوءِ
اُتي آديسِين جي لَڳِي سينَ صُبوح
راوَلَ اِنهين رُوءِ، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

١٥

پَهَ ۾ پنڌرين ڏينه ٿا سامي ڪَنِ سَدا
ڪَري آيا ڪاپَڙِي منجهان گامَ گدا
ڪَنهِ جَنهِ ٻول ٻَڌا، لِڪا يُوٽنَ لوڪَ ۾.

١٦

سورهين ڏينهِ سَيدُ چَئِي ڪابُولي ڪاهِينِ
چوٽا چاڙهئو چيلهه تي سَناسِي ساهِينِ
ڪينَ قَنديلَ ڪَجَ مان لاهُوتي لاهِينِ
اِنهين ۾ آهِينِ، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

١٧

سَترهين ڏينهِ سَنباهِيُون، سامِينِ سِٽائُون
ڪَٽا ڪَچڪولَنِ ۾ ڳُولِي ڳُتائُون
اُتِيا آديسي هَلئا جوڙِي جَتائُون
سِڪَ نہ سَلتائُون، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

١٨

اَرڙهين ڏينه اُٿِئا ڏاڳِنِ ڪي ڏوئِي
سامِي سُکَ نہ سَنيَرِئا ڪونہ ڪَڏهِن ڪوئِي
هُئڙِنِ سَوز سَماءَ جو جَڳَٽَ ۾ جوئِي
ڪَنهن سِينَ اورِين ڪِينڪِين سَناسي سوئي
لنگهائين لَطيفُ چَئِي رات سجي روئِي
سامِي سيئِي، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

١٩

اُوڻيهين ڏينه اَمُرَ ۾ آديسي آهِينِ
سي لَکَ لِڪئي مان ڪاپَڙِي نہ لاهوتي لاهِينِ
نَڪِين اَڏئائُون نِجهُرا نَڪِين ٿا ڏاهِينِ
وينا وِراهِين، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

٢٠

وَرَن وِيهين ڏينه تي سامي سُجاڻِئو
پاڻَ پَچائِنِ پُورَ ۾ آديسِي آڻِئو
مالائُون ماڻِئو، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

٢١

اللهُ ايڪِيهين ڏينهَ تي ويراڳِيين واري
ڪَڏهن ايندا ڪاپَڙِي گَنگا گرنارِي
لَڪا لاهُوتِينِ ڪي ڪنهن ڏُکَ ڏيکاري
اِهڙا آچارِي، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

٢٢

باوِيهين ڏينه ٻاڻَ لڳو آديسين اچي
ڪَنهن جَنهن ڪَيفَ ڪَڪورئا منجهان مَچَ مَچي
لانگوٽِئا لالَ ٿِئا اِنهين پَرِ پَچي
هَلِي وِئا هنگلاج ڏي راوَلَ راتِ رَچي
لَهيو سُڌِ سَچي، لِڪا يُوٽِنِ لوڪَ ۾.

۲۳

ٽِريويهين ڏِينهِ تِمائي نانگا هَلِئا نينهن
ڪِين وِسارين ڪاپڙي سَباجهائِي سينهن
جهِجهِئو جهيڻِيءَ جهيڻ، لِڪا يُوٽِڻ لوڪَ ۾.

۲٤

چوويهين ڏِينهِ چَلَڻ جي ڪي ويراڳِين وائِي
ڪَري هولِ هَلِئا سَناسِي سائِي
آديسِي اُڪِيرَ ۾ لالَ پريان لائِي
سامِي سَوائِي، لِڪا يُوٽِڻ لوڪَ ۾.

۲۵

پَنجويهين ڏِينهَ پُوربِينِ آڻيندو الله
وَنگي وِرهَن ويڙهئو ساڻُ سَناسِين ساهُ
آيو آب اکِين کي اُڪَندئو ارواحُ
سِڪَ تنهن سامِيءَ ساهُ، لِڪا يُوٽِڻ لوڪَ ۾.

۲٦

ويراڳِي وارِنِ کي ڇَويهين ڏِينهِ ڇوڙِين
لايو خاڪِ لِڱنِ کي جَنائون جوڙِين
سِڱيون نِئو سُج ۾ ڪاهوڙِي ڪوڙِين
ويتَرِ تا ووڙِين، لِڪا يُوٽِڻ لوڪَ ۾.

۲۷

سَتاويهين سِرَ تي يوڳِي وِجهَن پاڻُ
لايو خاڪِ لِڱنِ کي ٿا پَتوڙِين پاڻُ
ڳِدائُون ۽ گودڙِيون سَدا سامِينِ ساڻُ
اُني جاتو جاڻُ، لِڪا يُوٽِڻ لوڪَ ۾.

۲۸

اٺاويهين اُنِ کي سَندِي پَنڌَ پَچارِ
سامِينِ سازَ سَوان ڪِئا ٽَندُ وَڄائِي تارَ
ڳَنِ مَدائي ڪانڪا موچارا مٽيارَ
پاڻُ پَليتيءَ ڪان پَلِي ٿِئا ڏُرئائِين ڏارَ
اِهڙِيءَ ساکَ سَچارَ، لِڪا يُوٽِڻ لوڪَ ۾.

۲۹

اُوڻٽِريهين آئِيا سَناسِي سَرتاجَ
حاصُلُ حُسنِينِ جي هِي سَڀ ٽِيندي حاجَ
پَسَڻُ ڪارَڻِ پرينءَ جي وينا وِجهَن واجهَ
ساڌُو اوءِ سَڪاجَ، لِڪا يُوٽِڻ لوڪَ ۾.

۳۰

پوري ٽِريهين پرينءَ سِين مِڙِي ٿِئا موجُودُ
نسوروئِي ناهِ جو سامِي ڪَنِ سُجُودُ
لا طمعَ لاهُوتَ ۾ وِڃائِين وُجُودُ
سِڪَ منجهاراءِ سُودُ، لوڏِي لوڙِي آئِيا.

سُر آسا

سُر آسا وڏو معنوي سُر آهي، جنهن ۾ مجاز ۽ حقيقت بابت ڳرا ڳوڙها معنوي اشارا ڏنل آهن. هن سُر ۾ ڪنهن روايتي پس منظر يا ماحول بدران،·تصوف جي رازن رمزن وارو فڪر سمايل آهي جنهن ۾ مجاز ۽ حقيقت جي ڳوڙهن مسئلن، صوفيانه فڪر جي اُتن اشارن ۽ سالڪن جي سلوڪ وارين منزلن ۽ مرتبن جا اهڃاڻ ڏنل آهن. داستان ٻئي، ٽئي ۽ پنجين ۾ 'مجاز' جا مختلف نوع نروار ڪيل آهن. مثلاً مجازي عشق ۾، اڪين جون عادتون ۽ اٿيون بازيون معنيٰ واريون آهن. چڻ هي سچو جهان مجازي سونهن جي ڪمال جو جامع (مسجد) آهي جنهن جو محراب محبوب جو منهن مبارڪ آهي؛ محبت جي راز ڪي سانڍڻ جي ترغيب ۽ ان راز ۽ ڳجهه جي ماهيت ڏانهن اشارا آهن. داستان پهرئين، چوٿين ۽ ستين ۾ 'حقيقت' جا ڪي خاص پهلو روشن ڪيل آهن. داستان پهرئين ۾ سچي سالڪ جو محبوب الاهي جي وصال لاءِ ڪشالو ۽ ان ڪشالي وارين منزلن ۽ حالتن جو ذڪر آهي جئن ته 'حيرت جو مقام' ۽ ان مقام تي 'حوصلي' ۽ 'ادراڪ' جي بي حالي ۽ بيوسي. داستان چوٿين ۾، 'ترڪ'، 'طلب'، 'تحقيق' ۽ 'ڪُل' جهڙن تصوف جي ڳوڙهن نُڪتن ۽ ٻين اُتن اشارن جا اهڃاڻ ڏنل آهن، ۽ پڻ سلوڪ ۾ پختگي جا سبق سمجهايل آهن. تصوف ۾ 'ڪُل' نالو الله تعاليٰ جو آهي جيڪو معرفت ۾ الله جي ذاتي نالي ۽ ٻين سيني نالن جو جامع آهي. ظاهري معنيٰ ۾ به 'ڪُل' سيني جزن ڀاڱن جو جامع آهي؛ ڪوبه جزو يا ڀاڱو بذات خود 'ڪُل' ناهي ۽ ڪنهن به جُزي يا جزن ڀاڱن ڪي ڏسڻ سان 'ڪُل' ڪين سڃاڻبو. ڪامل بصيرت وارن سالڪن کان سواءِ ٻين جي نظر ناقص آهي جو هو جزن ڪي ڏسندي ان ڪي ڏسڻ ۾ رهجي ويا ۽ ڪُل ڪي ڪين سڃاتائون. داستان ڇهين ۾ محبت جو راز ۽ ان راز جي ماهيت ڏانهن اشارا آهن. آخري باب ستين ۾، سالڪ جي 'تسليم' ۽ 'رضا' واري منزل مرتبي جا اهڃاڻ سمايل آهن.

داستان پهريون

١

لُڃان ٽِي لاحَدَ ۾، هادِي لَهان نه حَدُ

سُپيريان جِي سُونهَ جو نُڪو قَدُ نه مَدُ

هِتِ سِڪَڻُ بي عَدَدُ، هُتِ پِرين پَرواهِ ناهِ ڪا.

٢

ڪا جا پَرَ پِرِيَن، نه سا سُئِي نه ٻُڌِي

مَتيُون سَڀِ مُنجهَن، اِهَڙِي ڏِٺي قَضِيي.

٣

نُڪو ڏيگهُ نه وِيلُ، نُڪو مُنهُ مُهاڙُ ڪا

اِيءُ اُهوئِي ڪيلُ، ڪُورُ پَرُوڙِي ڪِينَڪِين.

٤

حوصِلو حَيرَتَ ۾، ڪَري ڪِينَ دَرَڪُ

حُسنَ سَندو حَقُ، ڪُورُ پَرُوڙِي ڪِينَڪِين.

٥

حوصلو حَيرَتَ ۾ ويچُون ٽِي وِئو

حُسنُ حَقَ سَندو، ڪُورُ پَرُوڙِي ڪِينَڪِين.

٦

حوصلو حيرَتَ ۾ وڃي ٽِئو ويچون

مَحَبَتَ جيون ميچُون، ڪُورُ پَروڙِي ڪِينَڪِين.

د-١: ١. لڃان ٽي= ڦٽڪان ٿي. لاحد= حد کان ٻاهر، 'لاحد' واري منزل ۾. هادي= اي هادي، اي رهبر، اي مرشد. سپيريان جي= محبوبن جي. نڪو قد نه مد= نه ڊيگهه نه اوچائي= سندن ڊيگهه اوچائي حد حساب کان ٻاهر، بي حساب. هِتِ= عاشقن وٽ، هُت= پرين وٽ. پروا= پرواهه، غرض، ڪاڻ. ٢. ڪاجا= ڪا اهڙي. پَرِ پرين= پرين جي ريت. سُئِي= سڻڻ ۾ آئي. متيون= حوصلا. اهڙي ڏٺي قضيي= اهڙي قضيي ڏسندي، اهڙي عمل ڪي ڏسندي. ٣. نڪو ڏيگهه نه ويل= نه ڏيگهه نه ويڪر= نه ڪي ظاهري حدون. نه ڪي ظاهري سڃاڻپ جا اهڃاڻ. ڪيل= تماشو، مَندلُ. اُهوئي= اهوئي حق حقيقت وارو، بيچُوني وارو، الک وارو. ڪور= انڌو. ٤. حوصلو= سُرت، سمجهه، بيداري. حيرت ۾= 'حيرت' واري مَقامَ ۾، (صوفين جي اصطلاح ۾). درڪ= سڃاڻڻ، محسوس ڪرڻ. ڪري ڪين درڪ= درڪ ڪري ئي ڪين= محسوس ڪري ئي نه سگهي، سڃاڻپ ڪري ئي نه سگهي. حسن سندو حق= اهو حق جيڪو حسن جو آهي (تنهن ڪي). ڪور پروڙي ڪينڪين= انڌو سڃاڻيئي ڪين سگهي. ٦. ٽئو ويچون پرزا پرزا ٿيو، ٽٽي ويو، بي نتيجي ٿي ويو. ميچون= اشارا.

٧

حوصلو حَيرَتَ ۾ آهِ نہ مَتي عامَ
محبَتَ سِندِي مامَ، کُورُ پَرُوڙي کِينڪِين.

٨

حوصلو حيرَتَ ۾ وَجي لَڄاڻو
ويچارو ڪاڻو، ڏِسي تو ڏِسَڻَ ڪي.

٩

حَقِيقَتَ هَٽِي، مُنهنجِي جانِ جُدا ڪَئِي
هِڪُ پَساهُ پِرينءَ ري سگهان تان نہ ڪَٽِي
ڏَٽِي ۽ ڏَٽِي، رَهيو آهِم رُوحَ ۾.

١٠

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جي ظاهِرُ ڪَريان ڏَري
لَڳي ماتِ مِرُنِ کي ڏُونگَرَ پَوَنِ ڏَري
وَڃَن وَڻُ ٻَرِي، اوِيڙُ اُيَري ڪونہ ڪو.

١١

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، ظاهِرُ ڪَريان زَبانَ
ٽاڪَرَ تِڪي ڪانَ، لَڳي ماتِ مِرُنِ کي.

١٢

سَنئين سُنهائي سَيَڪا، ڪا مُون مُنجهائي
طَلَبَ ۽ تَحصِيلَ سَپُ اورِيائِين آهي
مان تَڻُ تِتِ لائي، جِتي آهِ نہ ناهِ ڪا.

١٣

جِتي "آهِ" نہ "ناهِ" ڪا، اِيءُ خاڪِيءَ جو خِيالُ
جانِبَ جو جَمالُ، پَسَّڻان پَري ٿِئو.

١٤

جِتي "آهِ" نہ "ناهِ" ڪا، اِيءُ خيالُ خاڪِي
پِريان جِي پاڪِي، پَسَّڻان ئي پَري ٿي.

١٥

وِردَ وَظِيفا وِسَرِئا، نَڪا رَهِي نَمازَ
هِنيَڙو بَحرِي بازَ، چوري چَنبَن ۾ ڪِئو.

١٦

روزا ۽ نمازُون، اِيءُ پُڻ چَڱو ڪَمُ
اُو ڪو ٻيو فَهَمُ، جِنهِ ۾ پَسڻُ پِرينءَ ڪي.

١٧

ڪيهِي پُڇِين ڪالَهہ ڪَرَ، نَڪا اَڄُ صُباحَ

٧. حوصلو حيرت ۾= 'حيرت' جي مقام ۾ حوصلو هئڻ، يا حوصلو رکڻ. آھ نہ متي عام= اهو عام سان لاڳو ناهي. مام= ڳجهو اشارو، ڳجهارت. ٨. وجي لڄاڻو= لڄي ٿي پيو، پنهنجي ڪوتاهيءَ سببان شرمسار ٿي پيو. ويچارو ڪاڻو ڏسي تو ڏسڻ ڪي= سڄو جيڪي ٻنهي اکين سان ساٻئي وقت ڏسي سگهي ٿو، ڪاڻو ان ڏسڻ جو اڌ، منو حصو ڏسي ٿو: سڄي ڪي ڏسڻ لاءِ هو (ڪاٽي اک واري پاسي کان) ڪنڌ موڙي وري ڏسي ٿو. ويچارو ڪاڻو سڄي ڏسڻ کي وري ڏسي ٿو، هو ڏسڻ کي ڏسي ٿو. ٩. حقيقت= حق واري حقيقت، ازلي حقيقت، حقيقت وارو جلوو، حقيقت وارو ادراڪ ۽ احساس. هٽي= اثر انداز ٿي. منهنجي جان جدا ڪئي= مونکي (جڻ) ٻي جان ڪيو. ڏٽي ۽ ڏٽي= فقط هڪ ڏٽي. ١٠. اويڙ= اهو سڀ جيڪي زمين مان ڦُٽي اُسري. ١١. ٽاڪر= ٽڪرين واري پيٽي، ٽڪرُ. ٽڪي ڪان= ٻيهي ڪانہ، رهي ڪانہ. ١٢. سنئين سُنهائي= سڌي واٽ جي سونهپ ڪرائي، سنئين واٽ ڏيکاري، طلب ۽ تحصيل= علم جي طلب ۽ تحصيل. سپ اوريائين آهي= اهو سڀ اورتي آهي، اهو سڄو ابتدائي عمل آهي (جو شاگرد پڇي ٿو، استاد سندس رهبري ڪري ٿو، ۽ شاگرد تحصيل ڪري ٿو، سمجهي پختو ٿئي ٿو). اها ابتدائي درجي واري سونهپ آهي. مان تڻ= مان کي، منهنجي چت کي. آه ۽ ناه= هئڻ ۽ نہ هئڻ، موجود ۽ غير موجود، وجود ۽ نيستي. ١٤. پاڪي= پاڪائي، پاڪ هستي، پاڪ وجود. ١٥. ورد= وظيفا (ورد ۽ وَظيفا ٻئي ساڳي ڳالھ). وظيفو= عبادت طور، جيڪي ڪجھ روزانو مقرر وقت تي لازمي طور پڙهجي). بحري باز= (هن سٽ جي لحاظ سان بحري نالي باز (عام ٻوليءَ ۾، 'بحري باز' معنيٰ سڀ کان وڏيڪ زوراور باز، پڻ عام ٻولي ۾ 'باز' اسم جنس طور بازن جي سيني قسمن لاءِ استعمال ٿيندو. پر بازن جي جدا جدا جنس جي لحاظ سان، 'باز' جدا ۽ 'بحري' جدا آهي، 'ڏُرو' نر، ۽ 'باز' ان جي مادي آهي: "جهڳڙ" نر، ۽ "بحري" ان جي مادي آهي). ١٦. او ڪو ٻيو فهم= پر (ظاهري فرض ادا ڪرڻ ڪانسواءِ) اڃا اهو ڪو ٻيو اداراڪُ آهي، اها ڪا ٻي سُڄيتائي آهي، جنهن ۾ حقيقي محبوب جو ديدار ٿو حاصل ٿئي. ١٧. ڪالھ ڪر= ڪالھ کي، ڪالھ جي، ڪيهي پڇين ڪالھ ڪر= ڪالھ جي خبر ڪهڙي ٿو پڇين! نڪا اڄ صباح= حقيقت ۾ تہ نڪو 'اڄ' تہ نڪو 'صباح'

وانءُ ٿهين سِين واڳيو جو پرين مَنجهہ پَساهَ
رَمُ رَبانِي راهَ، مَتي حالَ هُوشِيارُ ٿِي.

١٨

اَحَدَ جي اِسرارَ کي جُنبي ڏِنو جَنِ
سي موٽي ڪِينَ پَسَنِ، ڏاران هاديءَ هيڪڙي.

١٩

مُئي هاٿيءَ سِين مَامِرو اَچي پيو انڌَنِ
مَناڙِينِ هَٿَنِ سِين، اَکِيِنِ ڪِينَ پَسَنِ
فِي الحَقِيقَتَ فِيلَ کي سَڄا سُڃاڻَنِ
سَندِي سَردارَنِ، بَصِيرَتَ بِينا ڪَري.

٢٠

ڳالِهہ پريان جي ڳُجهہ جِي، ڳالِهہ مِڙيائِي ڳُجهہُ
هِنيڙا اُجهُہ مَ مُنجهُہ، تہ پرِينئُون پَري نہ ٿِئين.

٢١

آهي اُونداهِيءَ جو شِرَڪُ سَهائِي
چِٽي چِٽائِي، اَلِفَ جِي عَمِيقَ ۾.

٢٢

سُتي جا ساجاءِ، سا جاڳَندي نہ ٿِئي
تِهان پوءِ مون ماءِ، نيڻَ هيرايا نِندَر سِين.

آهي (هڪ تہ 'وقت' جي حقيقت اها آهي جو ان ۾ ڪالهہ، اڄ يا صباح آهن ئي ڪين: ٻيو تہ زندگي جي حقيقت بہ اها آهي جو جنهن دم ماڻهو جيئرو آهي اهو اڄ صباح جيئي سگهي ٿو، پر ٻئي دم ۾ هو مري سگهي ٿو ۽ هن لاءِ اڄ يا صباح ٿئي ڪا نہ). واڳيو= ڳنڍيو. جو پرين منجهہ پساهہ= ان محبوب سان جيڪو هن وقت تنهنجي ساهہ پساهہ ۾ آهي، جيڪو هلندي دم ياد ڪرڻ سان آهي. رم= هل. رباني راهہ= رب طرفان مقرر ڪيل واٽ تي، الاهي قانون واري راهہ تي. "حال"= هلندڙ وقت. متي حال هوشيار ٿي= هلندڙ وقت ڪي سجاڳيءَ سان سنڀال (جو "حال" ئي هلندڙ زندگي جي حقيقت آهي). ١٨. احد= هڪ ئي هڪ. "احد" جو اسرار (يعني تہ: "احد" "احد" ئي آهي: اڪيلو "هڪ" ئي آهي ۽ ان جي پويان "ٻہ" يا "ٻيو" آهي ئي ڪونہ. جُنبي= پوري ارادي ۽ جنبش سان اڳتي وڌي. هاديءَ هيڪڙي= هڪ هاديءَ جي. ١٩. مامرو اچي پيو= معاملو پيش آيو، مسئلو پيش آيو. انڌن= انڌن کي (مُئل هاٿيءَ سان اچي ڪم پيو). مناڙين= مٿان هٿ ڦيرائي زور ڏيئي پيا خيال ڊوڙائين تہ ڪهڙي شيءِ آهي! اکين ڪين پسن= (ڇاڪاڻ جو) اکين سان تہ ڏسي نہ پيا سگهن (جو جلدي سڃاڻي وٺن). في الحقيقت= حقيقت ۾، حَقي طور. فيل کي= هاٿيءَ کي. سڄا سڃاڻن= اکيين سڄائي سڃاڻن. سندي سردارن= سردارن جي. بصيرتَ= صحيح سڃاڻڻ واري سُرت ٻرت. بِينا ڪري= ڏسندڙ ڪري، اکين سان توڙي اکين بنا داناء بينا ڪري. سالم نظر وارو سڄي ئي سڄي شيءِ کي سڃاڻي سگهندو: ڪاڻو، ٽيڏو يا انڌو پوري سڃاڻپ نہ ڪري سگهندو. مولانا جلال الدين رومي پنهنجي مشهور ڪتاب "مثنوي" ۾ هي نقل هن طرح آندو آهي تہ: ڇئن (انڌن) ڄڻن گهگهہ اونداهيءَ ۾ هاٿيءَ کي هٿ لاتا: جنهن ٽنگن کي هٿ لاتو تنهن چيو تہ "ٿنڀ" آهي: جنهن ڪنن کي هٿ لاتو تنهن چيو تہ وِڃڻو آهي: جنهن سونڍ کي هٿ لاتو تنهن چيو تہ نَلُ آهي ۽ جنهن پڇ کي هٿ لاتو تنهن چيو تہ رسو آهي. مطلب تہ "جُزي" کي جانچڻ سان. "ڪُلُ" نہ سڃاپندو. يعني پارٽ (part) کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ سان "هول" (Whole) کي سمجهي نہ سگهبو. شاهہ صاحب مثنوي کي پڙندو هو ۽ شاهہ صاحب جي وقت ۾ جيڪي علم وارا سنڌ ۾ هئا سي بہ مثنوي مان واقف هئا. بهر حال "مثنوي" سڄي علمي دنيا ۾ مشهور هئي جنهن ڪري هاٿين واري نقل جي سيني کي سڌ هئي. انهي ڪري شاهہ صاحب ان نقل جو تفصيل ڪونہ ڏنو بلڪ هن بيت ۾ ان جي مکيہ ٽاڻن ڏانهن اشارو ڪيو. آخري سٽ ۾، شاهہ صاحب وک وڌائي هڪ وڏو معنوي نُڪتو سمجهايو تہ جيڪي روحاني طور اعليٰ مرتبي وارا (سردار) آهن ۽ (جن جي تدبير جڻ تقدير آهي ۽ جن جي رضا جڻ الاهي رضا آهي) سي انڌن کي بہ سڄو (بينا) ڪري سگهن ٿا. ٢٠. پرين جي ڳجهہ يا راز واري ڳالهہ، سراسر ڳجهہ ۽ راز آهي، ۽ راز ۾ ئي رهندي. هنيڙا= اي من، اي دل، تون (انهيءَ "راز" جي اونهائي جي تلاش) سببان اُجهہ ۽ منجهہ نہ، پُل ۽ پَنڪ نہ، متان پرين ڪان پري ٿي وڃين). مطلب تہ عقل واري ڳولا ۽ تلاش بدران عشق واري لُڇَ ۽ لُوچ ۾ رهہ. ٢١. "اونداهي" جو شرڪ (شريڪ) "سهائي" آهي: "سهائي" کي مڃبو تہ "اونداهي" ان جو شرڪ ٿيندو. الف (الله) جي اونهي اسرار (عميق) ۾ ئي حقيقي چٽائي (سَهائي) آهي. ٢٢. سُتي= سمهڻ واري حالت ۾، ننڊر ۾. ساجاءِ= سُرت سڃاڻڻ واري سمجهہ. جاڳڻ واري حالت ۾. ماءِ= يڪ جاءِ.

٢٣

سَجَڻَ سَنيُون کَنِ، لوکان ليکي وِنگِيُون
سَندِي سُپيرِينِ، پَرِ پَروڙڻُ ڏاکڙو.

وائي

پرِيَنِ ٿُون پوءِ، موٽِي موٽِي نہ وِهامِي راتِ
راهَ رَمَندڙي روءِ
ڦوڙائو فقِيرَ کي، قادرَ کوهُ ڏنوءِ
چڙهيا ڏادِين ڏُونگرين، سيٽِنَ سانگُ نہ کوءِ
اَڄِي اوراهُون ٿِئي، ساجَنَ سانگُ سَندوءِ.

داستان ٻيو

١

اَيرَندي ئِي سڄُ، پرينءَ جي نہ پَسَنديُون
سي بَئي کَدِي ڏِڄ، اکڙيُون کانگَنِ کي.

٢

مونکي اکڙِيَنِ، وَڏا تورا لائِيا
تَپڻَ پِرِينَ پَسَنِ، کُٽان جي کَرَ سامُهيُون.

٣

اَکڙِيُون پِرِيَنِ ري جي کِين ٻئو پَسَنِ
تہ کَدِي کي کانگَنِ، نِوالا نيڻَ ڏِيان.

٤

نيرانائِي نيڻَ، نيئي آڇِ پِرِيَنِ کي
سَتَرِ کاڏا کيڻَ، جُهُ ڏِنو مُنهُ مَحبوب جو.

٥

ٿَنِ نيڻَنِ کِي نيرانِ، جَنِ ساجهُرِ سيڻَ سانيِيڻَئا
جِيءَ جُسي ۽ جانِ، کَرَ حَضُوري حَجُ کِئو.

٦

اَکِيُون عَلي الصُباحِ، دوستُ ديکڻَ آئِيُون
اُيِيندِيُون اَرداسَ ۾، ٻِي نہ کَنديون کاهَ
رَچَندِيُون ري پاهَ، پَرچَنديون پريَنِ سِين.

٧

کِين جو کيڏاهِينِ، اکيون پَسِي آئِيُون
تاڻِينِ تيڏاهِينِ، پيئُون پاڻَ مُنهائِيُون.

٨

کِين جو کَنهين پارِ، اکيون پَسِي آئيُون
ٿِيون ديوانيون دِلِ ۾، اَپرَ لَڳِينِ آرِ
تِهان پوءِ قرارِ، سُتيون کِينَ سَيدُ چَئي.

٩

کِين جو وَجي اَڄُ، اکيون پَسِي آئِيُون
سيٽِنِ کِيو سَهَجُ، لالُون ٿِيون لَطِيفُ چَئي.

١٠

کين جو وَجيِ کالَ، اکيون پَسِي آئِيُون
لالُون کِيُونءَ لَطِيفُ چَئي، جانِبَ جي جَمالَ
ٿِئا نيڻَ نِهالَ، جَنِي دِلبَرُ ديکِيو.

١١

اکين کي آهِينِ، عَجَبَ جِهڙيون عادَتُون

---

٢٣. سنيون کن= سوليون، سهٽيون ريتون کن. ونگيون= ڏنگيون. پر= ريت. ڏاکڙو= ڏکيو مسئلو، ڏکيو کم. د-٢: ١. ايرندي ئي سڄ= سج ايرڻ ساڻ، ڏينهن ٿيندي ئي. پرينءَ جي نہ پسنديون= جيکي اکيون محبوب جو ديدار نہ کنديون. ٢. تپڻ= تہ ٻہ، انهيءَ صورت ۾ ٻہ. کر= رقيب، بدخواه. کٽان جي کر سامهون= جيکي آءٌ بدخواه رقيب ڏي ئي اکيون کٽان. ٣. نوالا نيڻ ڏيان= نيڻ نوالا کري ڏيان، اکيون ٽکرا ٽکرا کري ڏيان. ٤. نيئي آڇ= کڻي وڃي پيش کر، کڻي وڃي نذرانو کر. ستر کاڏا کيڻ= (جڻ) ستر طعام کاڏا. ٥. نيران= نيرن. ساجهر= صبح جو سوير. سانيڻئا= سامهان ديدار هيٺ ايندا. حضوري حج کئو= حضور ۾ وڃي هج کئو. حرم ۽ مقدس مقامات تي سياڳي وار تي حج پڙهيو. ٦.علي الصباح= سوير صبوح جو، صبوح ٿيندي ئي. ديکڻ= ڏسڻ. اپيينديون= بيهنديون، مٿي پنجي بيهنديون. ارداس ۾= عرض داشت کڻي، ادب سان سوال کندي. رچنديون= ککوربيون، خمار مان ڳاڙهيرڙيون ٿينديون. ٧. تاڻين= ڇکين. پاڻ منهاڙيون= پاڻ پنهنجي منهن، پاڻمرادو. ٨. کنهين پار= کنهن پاسي، کنهن ڏسَ تي. اپر لڳين= گهڻي لڳين. آر= محبت، سک. قرار= قرار سان، آرام سان. ٩. سيٽن= سڄڻن. سهج= خوشيءَ مان ساڻ سهج، ٿورو ۽ وَڙ. لالون ٿيون= رنگ ۾ رتيون، ککريون.

سُورَ پَرائي ساڻَ جا وجئو وِهائِينِ
اُتي لَئُون لائِينِ، جِتِ حاجَتَ ناهِ هَتيارَ جي.

١٢

اڳڙِيَنِ آرامُ، ڪَڏهِنِ تان ڪونہ ڪِئو
هَنيُون منجهِ حِمامَ، ڪاٽِيُون گوري وِچَ ۾.

١٣

اڪِينِ ڪي آرامُ، پرينءَ ڏاران نہ پِئو
ٿِيَنِ تي تَمامُ، جي پَسَنِ مُنهُ مَحبوبَ جو.

١٤

اڪيون پريمِ تُنهنجِيون، ڪَٽاري جي ڪارِ
ڪوڙِي ڪَڻُ مَ سُپرين، چاڪَ وِجهَنِ چَوڌارِ
ساجَنَ سَنئُون نِهارِ، تہ وَجِنِ سُورَ سَنڌِيون ڪَيو.

١٥

اڪِينِ ڪي آئون، جانڪي جهَلون پائِيَان
ڪوڙِي ڪَڻُ مَ سُپرين، چاڪَ وِجهَنِ چَوڌارِ
ساجَنَ سَنئُون نِهارِ، تہ وَجِنِ سُورَ سَنڌِيون ڪَيو.

١٦

اڪِينِ ڪي آئُون، جانڪي جهَلُون پائِيَان
رَءِ جَهِين جي رَتِيُون، سو سوجهي سونَنائون
پَسَنِ پَراهُون، اورانگهي عالَمَ ڪي.

١٧

اڪِينِ ڪي آهِينِ، وَڏا واجهہ وِڙهَڻَ جا
اُپِيُون مَندي مامِرو، جهيڙو نہ لاهِينِ
جِئَن سي ڪَڪَرَ اُبَ ۾ تِئَن آگميُون آهِينِ
جهُڙِ ڦُڙِ نہ لاهِينِ، وَسَنِ ساوَڻَ مِينهَن جِين.

١٨

اڪِينِ اَدَبُ جَڏِئو، ڪوجها نَظرَ ڪَنِ
ڪَرَنِ ساڻُ ڪِلَنِ، پيِيُون وَهِ وَرَنَ سين.

١٩

اڪِيُون تان عيدَ، ڪانهي عِيدَ اڪِيَنِ ري
خوشي ۽ خَرِيدَ، ويئِي ويچارِينِ وِسَري.

٢٠

اڪِيُون مون نہ وَهيٽِيُون، اڪيون پنهنجيءَ مَتِ
اُتي وَجِي اَٽڪِيُون جِتي جان ڪَپِتِ
نَڪا ڳالهہ نہ ڳِتِ، جِيءَ ڏِني رءَ نہ جُڙي.

٢١

اڳڙِينِ آرو، مُونهان پُڇي نہ ڪِئو
اُتي وَجي اَڙِيُون جِتِ چَوَڻُ نہ چارو
هِنيَڙو ويچارو، واڻون جهَلِئو وِنجهُلي.

---

١٢. هَنيون= ماريون. حمام= تيز تپش، موت واري حالت. ڪاٽيُون= جليون، سڙيون. ڪورو= باهہ. ١٤. ڪَٽاري جي ڪار= ڪَٽاري وانگر. ڪَٽارو= گولائون خنجر. ڪوڙي= اکين ڪي ڪوڙي، گهوري. ڪَڻُ مَ= (گهورڻ کان پوءِ) نظر ڪڻ م. نظر پاسي نہ ڪر. چاڪَ وجهن= (پل تہ) چير وجهن. سنڌيون ڪيو= وٿيون ڪيو (سورَ وجن وٿيون ڪري، پري ٿي وجن. ختم ٿي وجن). ١٥. جانڪي= زور سان جهلي. جهلون پائيان= جهلي رنڌڪون وجهان، روڪيان. سونَنائون= ساجن کي نظر ۾ رکي سڌو اوڏانهن رخ رکيائون. ١٦. رءِ جهين جي رتيون= جنهن جي ڪري رچي رَءُ ٿيون، پوريون رچي ويون سو سوجهي سُونَنائون= سو جانچي، ان ڏانهن رخ رکيائون. ١٧. وڏا واجهہ= وڏا ڪارگر نمونا، وڏا موقعا ۽ طريقا. اپيون= بيٺيون. مامرو مندڻ= جهيڙو مچائڻ. اپيون مندي مامرو= معاملو مچائي بيٺيون. آگميون آهن= جُهڙ ڪري آيون آهن، مچي آيون آهن (وسڻ لاءِ). ١٨. ڪوجها نظر= اَڻ سونهندا نظر، ميرا نظر. ڪرن= رقيبن، بدخواهن. وَهِ پوڻ= مخالفت ۽ مقابلي وارو رخ اختيار ڪرڻ، ضد پوڻ. پيون وه ورن سين= پنهنجن ورن سين ضد ۾ پيون، سڄڻن سان سامهيون ٿي بيٺيون. ٢٠. مون نہ وهيٽيون= منهنجيون محتاج ناهن. اڪيون پنهنجيءَ مت= پنهنجي سوچ ۽ ارادي واريون آهن. جتي جان ڪپت= جتي جان جي ڪپت آهي، سر ڏيڻ جي سٽ آهي. نڪا ڳالهہ نہ ڳت= ڀي ڪا ڳالهہ ڳت نہ آهي، ڀي ڪا مصلحت آهي ئي ڪا نہ، ڀي ڪا سوچ ويچار جي ڳالهہ ئي ڪانهي. جيءُ ڏني ري نہ جُڙي= بس، جان ڏيڻ کان سواءِ ڪو ٽاهہ ئي نہ ٿهي، ڪو سرچاهہ ئي نہ ٿئي. ٢١. آرو= آرُ، لاڙو. جت چوڻ نہ چارو= جتي چوڻ جو چارو ڪونهي، جتي منٿ ڪرڻ جي ڳلي ئي ڪانهي. ونجهلي= ڏکن سورن ۾ ڳري، درد ۾ دانهون ڪري.

٢٢

وَسَنِ ۽ وِهُسَنِ، ڏينهاڙِي ڏِسَڻَ لَئِي
جِئَن جِئَن پِرين پَسَنِ، تِئَن تِئَن تَشا نِينهَن جا.

٢٣

وَسَنِ ۽ وِهُسَنِ، ڏِينهاڙِي ڏِسَڻَ لَئِي
ڏِسِي ڏِسِي آئِيُون، توءِ تلاشُون ڪَنِ
ڍايُون نه ڍاپَنِ، ڪا جا اَجِ اکِينِ کي!

٢٤

ڏِسَنِ ڏِينهاڙِي، توءِ تَرسَنِ اوڏِهين
آيا سُجاڻِي، نيڻَ نِهاري پِرينءَ کي.

٢٥

ڦيرِ مَ تون اُبَتِ، ڪَنُ سُبَتِيُون سُپرين
مونکي موهي جَن سِين ماري ڳِيڙِئِي مَتِ
اِيءَ پِرين تُنهنجي پَتِ، هاڻِ جَڏو جِيي نه مَري.

٢٦

جِتِي آٽي چَڏِيئِي، اُتِي ئِي آهِنِ
سي سُباجهيون اکِيُون ماڳُ نه مَٽائِينِ
جِيٽِي لِکَ لاهِينِ، ته ڪَڍِي ڪانگَن کي ڏِيان.

٢٧

جِتِي آٽي چَڏِيئِي اُپِيُون آهن اُتِ
پيو پَرُوسو نه پَتِ، اکيون اوهان جي آسَري.

٢٨

ڪُتِيُون ڪِينَ ڪِسَنِ، ڪِنهِ جِنهِ آگَرِ اُپِيُون
پِيِيون پَنبِڻِينِ ۾ ڪُوري جيئَن ڪامَنَ
لاٽُون ڪِئو لُوسَنِ، لاٽَ لاءِ لَطِيفُ چَئِي.

٢٩

ڪُتِيُون ڪِينَ ڪِسَنِ، ڪِنهِ جِنهِ آگَرِ اُپِيُون
نيٽِين جهيڙو پاڻَ ۾، ويٽِين ڪِينَ وِڙهنِ
اکِين ۽ پِرِينِ، پُورِيون پاتِيُون پاڻَ ۾.

٣٠

اَجُ پُڻِ اکڙِيُون، سارِئو رُونِ سَجَڻَ کي
جانِبِ جي جَمالَ ڏانهه تاڻَنِ تِيون ٽَڪَڙِيُون
جي وَهَمَ پِريان وَڪَڙِيون، تَنِ اَجِ اکين کي نه لَهي.

٣١

اَجُ پُڻِ اکڙِيُون، سارِئو رُونِ سَجَڻَ کي
جانِبَ جي جَمالَ ڏانهه تاڻَنِ تِيون ٽَڪَڙِيُون
جي وَهَمَ پِريان وَڪَڙِيون، تَنِ اَجَ اکِينِ کي نه لَهي.

وائي-١

تَنِ اکِينِ آءٌ آڙائِي، بَڙِي جيڏِيُون
ڪَنهن دَر ڏِيان دانهِڙِي

٢٢. وسن= ڳوڙها ڳاڙن. وهسن= خوشي ڪن. ٢٣. ڏسي ڏسي آئيون= وري وري ڏٺائون. توءِ تلاشون ڪن= ته به پيون نهارين. ڍايون نه ڍاپن= ڍئو ڪندي به نه ٿيون ڍاپن. ٢٤. ڏينهاڙي= روزانو. ترسن= سڪن ۽ واجهائن. اوڏهين= ان سڄڻ ڏانهن. نهاري= جانچي، تلاش ڪري. نيڻ سجاڻي آيا= اکيون پنهنجي پرينءَ کي سڃاڻي آيون، سندس ئي ديدار ڪري آيون. ٢٥. ڦير مَ تون ابت= تون اکيون ابتيون نه ڦير (ڪاوڙ نه ڏيکار، لا غرضائي نه ڪر). مون کي موهي جن سين= جن اکين سان مونکي موهي ماري. ڳيڙيئي مت= تو منهنجي مت ڪسي ورتي، تو مونکي ديوانو ڪيو. ايءَ پرين تنهنجي پت= اي محبوب هيءَ ته تنهنجي وڏائي ۽ شان جي ڳالهه آهي (جو مهر ڪرين، راضي ٿي توجهه ڪرين). جڏو جيي نه مري= هيءُ جڏو تنهنجي محبت ۾، هيءَ بيمار، هي اگهو عاشق، جيي نه مري= (اهڙي نازڪ حالت ۾ آهي جو) نڪي ٿو چڱو ڀلو ٿئي، نه نڪي ٿو مري). ٢٦. جتي آٽي چڏيئي= اي پرين جتي تو چڏيون (جتي تو پاڻ ڏيکاريو ۽ تو ۾ نظر ڪري بيٺيون، اتي ئي آهين). جيٽي= جيڪر، جي ڪٽي. لِک لاهين= ذرو گهٽتائي ڪن. ٢٧. پروسو= آسرو، اعتماد. پت= ٽيڪ، آڌر. ٢٨. ڪُتيُون= جتي ڪُپي ويون. ڪسن= اتان چرن، هيٺ مٿي ٿين. ڪنه جنه آگر اپيون= ڪنهن اهڙي آگر ۾ بيٺل آهن، ڪو اهڙو آگر ڪري بيٺيون آهن. آگر= گهٽ ۽ گرمي وارو جهڙ. ٢٩. نيٽين= نيٽن واري نموني سان. نيٽين جهيڙو پاڻ ۾= هيءُ جهيڙو نيٽين سان ۽ نيٽن وارو آهي. ويٽين= ويٽن سان= آمهون .سامهون ڳالهائڻ سان. پوريون پاتيون پاڻ ۾= پاڻ ۾ پوريون ڪري چڏيون. ٣٠. سارئو= ياد ڪيو. رُون= رُئن. تاڻن تيون= چڪين ٿيون. جي وهم پريان وَڪڙيون= جيڪي پرين جي خيالن ۽ پورن ۾ وڪڙيل آهن، سوڳهيون آهن. وائي-١. آڙائي= اٽڪائي، ڦاسائي.

ڦِڪِيون ڏيئِي ڦِڪِيُون، ويڄَن آءٌ وِرچائِي
حُسنُ جو حَبِيبَ جو تِنهِ لاليءَ آءٌ لُچائِي
اُلفَتَ ڪَرِ مَ اُنِ سِين، قُربَ جا ڪَڙائِي
صُحبَتَ سُپِيرين جي، مِنِي آهِ مِنائِي.

وائي-٢

اي ميان سَڄَڻ توري توري
ڪيئن رَهندا نيڻ مُنهِينجا
جَنِ جو آڌرُ تون
جِئان اَلهي اُپِري، توڙي تِئان پَري
توءِ وَجِبو ئَنِ ڏي، اکڙيون پيرَ ڪَري.

داستان ٽريو

١

ڇا ڪي وَڃِئو ڇو، بيلِي ٽئين بِئَنِ جو
وَٽُ ڪَنجَڪَ ڪَرِيمَ جِي جَڳَ جو والي جو
سَهُڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان.

٢

موهِيندوءِ مَجازُ، تورين گهٽين ڏِينهڙين
هٽان چَڙِ مَ بازُ، هارِيا حَقِيقَتَ جو.

٣

مَجَازِي موهي، ڪَڏِهن وِينڊءِ نِڪِري
اکڙيُون اوهي، جِمَ وِهين وِسَهِي.

٤

مونکي ماءُ مَجاجَ، پِڄاري جِيئن پڄئو
هَٽَنِ چِڙِي حاجَ، ويئِي سارَ سَرِيرَ مان.

٥

ديک مَ تون سِين ٿَنِ، هِي جي مَجازياٽِيُون مُنهُ ۾
ڪِينَ سُجاتو سُپرين نِهاري نيٽَنِ
پِرين سي پَسَنِ، بِيئِي جَنِي بُوٽِيُون.

٦

ئئون نِيهُ لَڳُوسِ، راتِ رَمَدي ڍولَ سِين
سو سِينگارُ ٿِئوسِ، صُباحَ وِچ سَرتِيين.

٧

نِيهُ سُجاڻي نيڻَ جي، وِچان سي وِصالَ
عَيبُ عاشِقَنِ جو سَبَبُ جِي سَنِيالَ
جو هُوءِ ٿئا پائي حالَ، تہ ويئي وِچوٿَڻ وِسَرِي.

ڦڪيون= وات مان ڦڪڻ جون دوائون. ڦِڪيون= بي اثر. ويڄن= طبيبن. ورچائي= ٽڪائي. لچائي= مونکي لُڇايو، لوڇ پوڇ ڏني. قرب جا ڪڙائي= قرب جنهن کي ڪڙايو آهي، جنهن کي قرب يا پيار منهن پئجي ويو آهي. وائي-٢. جئان= جتان، جنهن جاءِ تان. الهي= سج لهي. تئان= تتان. توءِ= تہ بہ. د-٣: ١. بيلي ٽئين= ڪَمي ٽئين، نوڪر ٽئين. ڪنجڪ= گهوڙي جي سنجن ۾، هَني جي ٻنهي طرف لٽڪندڙ چمر جو پٽو جنهن کي ٻنهي طرفان ماڻهو جهلي هلن. ڪريم= الله. جڳ جو والي= سڄي جهان جو مالڪ. سهڪي= سڪيو. ٢. موهيندوءِ= ڏکيو ڪندوءِ، توکي ڏک ڏيندو. تورين گهٽين ڏينهڙين= ڪن ٿورن يا گهٽن ڏينهن ڪان پوءِ، ڪن ٿورن يا گهٽن ڏينهن ۾. مجاز= مجازي عشق، ظاهري صورت وارو عشق. هاريا= اي موڳا! اي احمق! حقيقت= حقيقت وارو عشق، حقيقي صورت، دائمي صورت، حق حقيقي. (اي هاريا! تون حق حقيقت وارو باز (جذبو، عشق) هٽان نہ چڙ). ٣. اکڙيون اوهي= اهي ئي اکڙيون (جن توکي موهيو آهي). جم= جئن مَ، متان. وهين وسهي= وسهي ويهين= انهن تي اعتبار ڪري ويهين. ٤. ماءُ= اي ماءُ (ماءُ، جي همزي تي پيش رهندو، جو اسم مونث جي اعراب نہ ڦرندي). مجاج= مجاز. پڄارو= جيڪو ڪپهہ پڃي، ڪپهہ کي ٽوڙي اکوڙي ڦوندا ڦوندا ڪري. سارَ= سنڀار، سڄاڻي، جس. سرير مان= جان مان. ٥. ديک م تون سين تن= تون تن سان نہ ڏس. مجازياٽيون منهن ۾= تنهنجي منهن ۾ مجاز واريون آهن، مجازي صورت جون موهيل آهن. انهن مجازي نيٽن حقيقي سڄڻ ڪين سڃاتو. بيئي جني ٻوٽيون= جن اهي ٻئي (ظاهري مجازي) اکيون ٻوٽي ڇڏيون (۽ اندر جي اکين سان ڏٺائون). ٦. رمدي= هلندي. صبوح جو اهو نيه سرتين ۾ سندس سينگار بنيو. ٧. نِيه سڄاڻي نيڻ= نيه جي جن نيٽن سان محبت واري سڃاڻپ آهي، سي نيڻ وِصال جي وچان رنڊڪ آهن، وصال ڪان رنڊين ٿا. نيڻ تہ هڪ سبب يا وسيلو آهن، پر عاشقن لاءِ ڪنهن بہ سبب يا وسيلي کي سنڀالڻ (۽ ان تي ڀاڙڻ) وڏو عيب آهي. جي عاشق ۽ معشوق حقيقي معنيٰ ۾ حال پائي ٿيا (ملي هڪ ٿيا تہ) وچ واري آڏ (سبب ۽ وسيلي واري) خود بخود وچان نڪري وئي.

٨

قِران قيريدارُ، سَدا شوقُ پرين جي
مانَ سَجيهُون يارُ، اکا اکڙيُون کٽِي.

٩

نيٽين نَظَرُ نِيهَ جو، جِتي جوڙِجَنِ
ساهُ اُنِي تان صَدَقو اَندرُ سِين عُضوَنِ
لاهي سِرُ لَطِيفُ چَئي، انگَ پُڻ آڇجَنِ
قَلبُ قُربانِي ڪَريان مَتان دِلِ دوسَنِ
هنيين ۽ اکينِ، پاهِ هيڪانڊِي پرينِ لَئِي.

١٠

اکِينِ ۾ تِي ويهُ، تہ آءٌ واري ڏِکِيَان
توکي ڏِسي نہ ڏيهُ، آءٌ نہ پَسان ڪِين ٻِئو.

١١

تارَنِ ۾ کَرِ ٽڪيو، وَنينِ ۾ تِي وِيهُ
پِرين اکينِ ۾ پيهُ، تہ آئون اچارو ٿِيان.

١٢

ڪَران وِجهُ مَ واتِ، ڍولَ هَمارِي ڳالهڙِي
مَيُڃُڻُ رَتِيءَ راتِ، اورَڻ ۾ اُوٽِي وَهي.

١٣

سِکَ سِکائِي سِکُ، سِکَ نہ آهي سُترِي
لِکَ لِکوتِي لِکُ، تہ ڪَرنِ خَبرَ نہ ٿِئي.

١٤

ڪَرُ ڪارِيندو سي، ماٺو جَنِ پِريتڙو
جوشَ جَلايا جي، ماري تَنِ ماتُ ڪِئو.

١٥

ڪَرَ ڪي ڪِپُرُ ڪاءِ، نانگُ مَٽيارو نِڪِري
اُيو جو اُوناءِ، سُرِپُرِ سَندِي سَڄڻين.

١٦

ڪَرَ جا ڪَڌَ ڪنئي، پَوَڻَ ڪارَڻِ پرينءَ جي
تِنهِ ۾ پاڻَ پَئِي، غِيبَتِي غارُ ٿِيو.

١٧

الله ڪَرَ جِيَنِ، ڪَرُ مَ مَرِي هيڪڙو
اَسان ۽ پرينِ جون اُمِيدُون پُڄَنِ
تِهان پوءِ مَرَنِ، سَڙِي اِنهين سُورَ ۾.

١٨

الله ڪَرَ جِيَنِ، جي پاڙِي رَهنِ پرينءَ جي
پُنيون مون پَسَنِ، اُمِيدُون سِين سَڄڻين.

١٩

آءٌ سي ڪَنڌِي سيڻَ، راتڙيُون جاڳنِ جي
جَنِي سِندا نيڻَ، اوجاڳي اُجارِيا.

٢٠

لُڏِي آيا لالَ، پاٻوهِي پَيدا ٿِئا

٨. سجيهون= هو اسان کي سجي، هو اسان کي آڏا هٽي. آکا= داڻا (جيکي شاديءَ وقت گهوٽ کي هڻن). اکڙيون کٽي= پنهنجيون اکيون سامهون کٽي. ٩. نيٽين نظر نيه جو= نيٽن جي نظر نيه واري آهي، پوءِ جتي بہ نيڻ لڳائجن (جوڙجن) انگ= عضوا. آڇجن= قربان ڪجن. پاهِ= پاهت، سک ۽ محبت. ١١: تارن ۾= اکين جي تارن ۾. ونين ۾= تارن جي ماڻڪين ۾. پيه= پيهي وڃ. اڇارو ٿيان= اڇين اکين وارو ٿي پوان، (تنهنجي آڏو ٿي ويهڻ جي ڪري) منهنجيون اکيون جڻ اڇيون ٿي وڃن ۽ ٻيو ڪجهہ ڏسي نہ سگهان. ١٢. ڪران= ڪرن کي (اي ڍوليا، ڪرن جي وات ۾ اسان جي ڳالهہ نہ وجهہ). رتيءَ رات= (اسان جي) رهاڻ ۾ رتل رات. اورڻ ۾= هڪ ٻئي سان حال اورڻ ۾. اُوٽي= اٿپوري، پوريءَ کان گهٽ. وَهي= گذري. ١٣. سک سکائي سکُ= تون پنهنجي سک کي سکائي سِکُ. ١٤. ڪر= رقيب، بد خواه. ماٺو= گهٽ. پريتڙو= نينهن، عشق. ماري تن ماتُ ڪئو= تن ڪرَ کي ماري مات ڪيو. ١٥. ڪپر= ڪپر نانگ، زهريلو نانگ. نانگ مٽيارو= مٽيارو نانگ، مَڻ وارو نانگ. اپو جو اوناءِ= جو بيٺو اونائي، ڪن ڏيئي سٽي. سُر پُر= ڳالهہ، جا جهلي جهلي آهستي آهستي ڪجي. ١٦. ڪڌ ڪنئي= ڪڌ کوٽي. پوڻ ڪارڻ پرينءَ جي= محبوب جي ان ۾ اندر ڪِرڻ خاطر. غيبتي= گلا خور، بدخواه. غار ٿيو= تري ۾ هيٺان هيٺ ويو، نگوسار ٿيو. ١٧. ڪر جين= بدخواهہ رقيب شال پيا جين. ١٨. پنيون مون پسن= مانَ سڄڻن سان منهنجيون اميدون پوريون ٿينديون ڏسن. ٢٠. لڏي آيا= مَلهي آيا، ٽلي آيا. لال= سهڻا محبوب. پاٻوهي پيدا ٿيا= مُشڪندي اچي نڪتا.

ساجَنُ اکيون جي کٽي تہ ڪوڙين پانيان پالَ
مُنهنجِي ناهِ مَجالَ، ڪو ويڻُ ورائي وارِيان.

۲۱

لوڏان ئِي لَڪُ لَهي، پاٻوهيو پَروڙِ
اَکَڙِيُون پَرپُورُ، سَجي توءِ سُهاڳِڻيُون.

۲۲

آيا پرين گهُرَنِ، اوتارو اکينِ ۾
ويڙو ڏِيان ويڪرو، وَنِينِ مَنجِهہ وِهَنِ
آءٌ ڏِينديِ ڪي ٿَنِ، مَٽي تارَنِ ٽَڪِيا.

۲۳

تان جي ٽِيَنِ سامُهان پُنيرا سُونهَنِ
سَنئون وَرائِي سُپرِينِ مُنهَ جي مُون ڏي ڪَنِ
تہ رَڳُون سَڀِ رَچَنِ، ٿَن ۾ تازائِي ٿِئي.

۲۴

پَساهَ سِينِ پَسان پِرينِ، ساهَ سِينِ سُڃاڻا
اِيهي ٻہ ٽاڻا، اُچِي رَهيا رُوحَ ۾.

۲۵

مَنجهان مُنهِنجي رُوحَ، وَڃي ساجَنُ وِسرِي
تہ مَرُ لَڳِي لُوهَ، ٿَرَ ٻاٻِيهو ٿِي مَران.

وائي-۱

اللهَ سائين سائين، پُٺان مَ پِرِينَئُون پاهِين
هنِيَڙي آسَرَ اوڏاهِين
وَڏي آسَرَ آه اوڏاهِين
جِتي ديرو دوستَ جو، سا ڪِيئَن پُونءِ اڳاهِين
پَنِيِيُون پِري آئِيُون، آيَلَ مون اُتاهِين
قَلَمُ جَنِ جي هَٿَ ۾، سي سيڻَ سَڀاجها سائين
بَندِيءَ جِي بازارَ ۾، شالَ مَ لِکَنِ لائِين.

وائي-۲

جيڏيون آءٌ ڪا پاڻَ وَهِيٽي آهِيان
ڪا مون سارَ لَهيجا!
واڳَ ڏٽينِ هَٿَ ۾، ڪيڏانه ڪَرَهَلُ ڪاهيان
جيڏانهَ وارِينمِ سُپرِينِ، پيرُ اوڏاهِينِ پايان
قَلَمُ ڪاتِبَ هَٿَ ۾، آءٌ ڪا لِکِيي مان لِکَ لاهيان.

داستان چوٿون

۱

ديکِيندي دِيدارَ کي "ڪُلُ" سُڃاڻُون ڪِينَ
تازي طَبيلَنِ ۾، آهِ اِحاطو زِينَ
هُئا جي اَمِينَ، سي حِسابان هَڃِي وِئا.

ويڻ ورائي واريان= سامهون ڪو جواب ڏيان. ۲۱. لوڏان= لوڏ ۾، هلڻ ٽلڻ ۾. لک لهي= (ان لوڏ ۾ ئي) لکن جا لک لهي. پاٻوهيو پروڙ= پر ڪيس مشڪندي تہ ڏس (جو اجان ويتر وڌ آهي). سجي= سامهون اکيون کٽي، پرپور نظر سان نهاري. توءِ سهاڳڻيون= تہ بہ ان حالت ۾ اهي سهڻيون ۽ سهاڳ واري خوشي ۾. ۲۲. ويڙو= خلاصو ڪشادو گهر. ونين ۾= اکين جي ماڻڪين ۾. مٽي تارن ٽڪيا= اکين جي تارَن مٽان هنڌ وهاڻا. ۲۳. تان جي ٿين سامهان= توڙي هجن سامهان، توڙي پٺيرا تہ بہ سهڻا پيا لڳن. ۲۵. تہ مر لڳي لُوه= تہ ڀل لڪ لڳي، ۽ آءٌ ٿر جي ٻاٻيهي وانگر مران. ٻاٻيهو= ننڍڙو سهڻو ڳاڙهيرڙو ڳيرو (هڪ نازڪ پکي جيڪو هاڙهہ ۾ (مئي، جون ۾) سخت جهولي جي لُک لڳڻ سان سڃي مري پوندو آهي). وائي-۱ پٺان مَ پرينئون پاهين= پرين کان پوئتي پئجي وڃان، پوئتي نہ رهجي وڃان). سا ڪيئن پونءِ اڳاهين= اها پيٺي يا جاءِ پري ڪيئن چئبي. بازار ۾= هلندڙ وهنوار ۾، ليکي ۾. شال مر لکن لائين= شال ڪا گهٽتائي واري ڳالهہ نہ لِکن. وائي-۲. پاڻ وهيٽي= پنهنجي وس. ڪا مون سار لهيجا= ڪا منهنجي خبر لهجؤ، ڪا منهنجي سنڀار ڪجؤ. ڪرهل ڪاهيان= (پنهنجي حياتيءَ جو ڪرهو يا) اُٺ ڪاهيان. لک لاهيان= ذرو گهٽايان. د-٤-١. "ڪُلُ"= سڀ، جملي (ديدار ڪندي سڄي صورت ڪانہ ڏٺائون (رڳو ان جو جُز) ڏٺائون). تازي گهوڙا طبيلن ۾ بيٺل آهن، پر انهن جو احاطو (جملي جوڙ) انهن جي زينن جي ڳاٽيڻي مان ٿو ڪجي. (زين= جيڪا سواري لاءِ گهوڙي جي پٺيءَ تي رکجي). جيڪي ڳاٽيڻي لاءِ امين (فيصلو ڪندڙ) مقرر هئا، سي اهو حساب پورو صحيح ڪيئن ڪندي.

٢

ديکِيندي ڊِيدارَ کي کِينَ سُجاتُئون ”کُلَ“
تازِي طَبيلَنِ ۾، آهِ اِحاطو جهُلَ
هُئا جي اَمُلَ، سي حِسابان هَجِي وِئا.

٣

ديکِيندي ڊِيدارَ کي ”کُلُ“ سُجاتُئون کِين نہ
جانِبَ مَنجهان جِين نہ، مَحرُوم ٿِي مَري وِئا.

٤

ترکُ کَرِ ترک کي، وَڃَڻَ کَنا وَڃُ
آهي اِيءُ اَهَڃُ، سُٽِي سُٽائيج تون.

٥

تَحقِيقَ جي تون پَري مَتّي رِءَ کٽيجُ
بانهُنئان ٻَهَرِ تي کُشتي کَمائيجُ
سَنڌَنِ رِءَ ساري، جَنگهَنِ رِءَ جُليجُ
جا حاجَ هَٿَنِ رِءَ نہ ٿِئي سا ٽُندو تي کَريجُ
هَکَلَ حَقِيقَتَ جي بوڙو تي ٻُڌِيجُ
اَندو تي پسيجُ، مُشاهدو مَحبُوبَ جو.

٦

اکِ اَلِٽي ڏارِ، وانءُ اَلِٽو عامَ سِين
لاهوارو لوکُ وَهي، تون اُوچو وَهُہ اوپارِ
مَنجهان نُوڇ نِهارِ، پُرِ پُنِيرو پرينءَ ڏي.

٧

هَٿَنِ سِين حاجَ کَرِ، نيٽَنِ سِين نِهارِ
اُيا اَگَڻَ پارِ، پَسُ پَنهنجا سُپرِين.

٨

اکيونِ سيئي ڏارِ، جَنِ سان پَسِين پرينءَ کي
ٻِئي ڏُونه کِيمَ نِهارِ، گهَٽو ريسارا سُپرِين.

٩

وَنِيَنِ ۾ وِصالَ جي تان کا کانِي پاءِ
ڏُوبينائِي ڏُورِ کَري مَعرفَتَ مَلهاءِ
سُپيرِيان جي سُونهَ ۾ رُخنو کونہ رهاءِ
اکِ اَشهَدُ چاءِ، تہ مُسلِمانِي ماٽِيين.

١٠

سُرمو سَياهِيءَ جو رَنَنِ کي رهاءِ
کانِي کارائِيءَ جِي پُرسُ تي مَ پاءِ
اکِين ۾ اٽکاءِ، لالائِي لالَڻ جي.

١١

سُرمُو سُفيدِيءَ جو جڏهن پاتو جَنِ

---

٢. جُهل= رنگين ڪپڙي جو پوش جيڪو سواري وقت سينگار لاءِ اٺ يا گهوڙي جي پٺيءَ تي وجهجي. امل= املهہ، بي مثال سمجهہ وارا داناءَ. ٣. جين نہ= جئن نہ، جڻ نہ. محروم ٿي مري وئا= محروم ٿي مري وئا، (ڪجهہ نہ پرائڻ، ڪجهہ نہ حاصل ڪرڻ واري) محروميءَ جي حالت ۾ مري وئا. ٤. ترک ڪرڻ= جيڪي ڪجهہ هجي سو ڏيئي ڇڏڻ ۽ لاطمع ٿي هڪ مالڪ ڏانهن متوجهہ ٿيڻ. ترک ڪر ترک کي= انهيءَ ترک ڪرڻ واري رسم کي بہ کي بہ ترک ڪر. وڃڻ= سيِ لڳ لاڳاپا لاهي پري ٿيڻ. وڃڻ ڪنا وڃ= انهيءَ وڃڻ واري رسم کان بہ تون وڃ (پري ٿيءُ يا اڃان بہ اڳتي لنگهي وڃ). اهڃ= اهڃاڻ. سٽي سٽائيج تون= تون اهو ڇڳيءَ طرح سان ٻڌي؛ پوءِ ٻين کي پڻ ٻڌائج، تون بہ ٻڌج ۽ ٻين کي بہ ٻڌائج. ٥. تحقيق= تصوف ۾ ”تحقيق“ واري منزل. پري= ڳنڍ، بار (سو متي تي نہ پر متي کان سواءِ کٽيج). هن سٽ ۾ توڙي ايندڙ سٽن ۾، عام عمل يا عام رسم جي برعڪس الٽي عمل جي ترغيب ڏنل آهي. هي صوفين جي ”مام“ آهي. اها سر کاهوڙي ۾ پڻ ڏنل آهي تہ: ”ويجهو ونءِ مَ واٽ کي. کَهجُ ڏونه کُواٽ“. ٦. الٽي= ابتي. وانءُ= وَهُہ، برتاءَ ڪر. لوک وهي= لوک هلي. وهہ اوپار= اوپارو هل. نوچ= ذري گهٽ اکيون ٻوٽي نهارڻ واري حالت. پُر پنيرو= پنيرو هل. ٩. ونين ۾= اکين ۾. وصال جي= محبوب سان گڏجي هڪ ٿيڻ جي. کاني= سَرائي (سرمي واري). تان کا کاني پاءِ= ضرور کا تہ کاني پاءِ. دوبينائي= ٻنو ڏسڻ، هڪ بدران ٻہ ڏسڻ. معرفت= حقيقي ڄاڻ. ملهاءِ= ان کي مان ڏي ۽ متاهون ڪر. رخنو= رنڊڪ. اک اشهد= ”اشهدُ“ واري اک. اشهد= شهادت جي کلمي جو مُخفف= شهادت جو کلمو (اَشهدُ اَنّ مُحمدًا عَبدُهُ وَ رَسُولُهُ). مسلماني ماٽيين= مسلماني وارو درجو ماٽيين. ١٠. سياهيءَ جو= ڪاراڻ وارو. رنن کي= زالن کي. کارائيءَ جي= ڪاراڻ واري سرائي. پرس= مرد. پُرس تي= پرس تي ڪري، مرد تي ڪري. اٽکاءِ=جهل. لالائي لالڻ جي= لال رنگ. ڳاڙهي سهڻي محبوب جي.

تڏهن ڏِٺي ٿِي، اَچائِي عالَمَ جي.

١٢

سُرمُو سُفيدِيءَ جو جڏهن پاتو جَنِ
تڏهن ڏِٺي ٿَنِ، رونق رينٽي جهڙي.

١٣

ڳاڙهو ئِي ڳاڙهو، ڪارو پَسَنِ ڪينڪِين
اَکڙِينِ پاڙو، وَجي ڪِئو لاک سِين.

١٤

جِهَا تان نہ تِهَا، نيڻ پريان جا نائُڪون
ڪوڙين ڪُنا ڪيتَرا اِلماسِينِ جِها
پَسِي پَرِ اِها، عَجَبُ ٿِئو اَجَلَ کي.

١٥

اَجُ پُڻِ اکڙِينِ سِين ڪوٺي ڪُناٿُون
ماهُ وَڍِي انگڙا ڪري، ڪَرنگهرُ چَڏِياٿُون
وَتَواصَوا بالحق وَتَواصَوا بالصبر، ايهين اُتاٿُون
مُرڪي مارياٿُون، ڪِلِي گهايو سَجڻين.

١٦

نَظرُ نَزدِيڪون، سَهي نہ سَگهانِ ساعتَ سين
پَسَڻُ پَري سَندونِ، آءٌ نالي گِيڙِي نِجهُران.

١٧

ڏورِجُ ڏِيو هَٿَ ڪَرِي، ڏورِ مَ ڏِيان ڏارَ
ڪوڙين لَکَ هَزارَ، اِنَ اُنداهِي اَنڌا ڪَيا.

١٨

جو تون ڏِيو پانئِيو، سو سُورِجُ سَهائو
اَنڌنِ اونڌائو، جي راتِ وِهامِي ڏِينهُ ٿِئي.

١٩

ڏورِ مَ رءِ ڏِئي، ڏورڻُ گهڻو ڏاڪڙو
تان تان هوئِجُ حُجرِي جان جان يار هُئي
جَڏِ پاسي پاڻُ ٿِئي، تڏهن چَڏِج ٽَڪيو.

٢٠

وَجي رَسُ وَجڻُ کي، وَجڻَ کي وَجيجُ
لِڪان تون لِڪيجُ، لوڪان لِڪي ڪونہ ڪو.

٢١

وَجي رَسُ وَجڻُ کي، وَجڻُ پُڻِ وِڄاءِ
لوڪان پاڻُ لِڪاءِ، لِڪان پُڻِ لِڪيجُ تون.

٢٢

آءٌ ڏوريئِين، شالَ مَ لَهئِين، پرين هوئِين پَري
هَڏِ نہ ساهَ سَري، ٿَنِ تَسَلِي نہ ٿِيي.

١٢. سفيديءَ جو= لالائي جو. رينٽو= (ٻانڊٽي مثل ٻڏل) ڳاڙهو مليرُ. ١٣. ڳاڙهوئي ڳاڙهو= فقط ڳاڙهو رنگ ئي ڏسن. پاڙو ڪرڻ= هڪ ٻئي سان گڏ گهر ڪري ويهڻ. لاک= جيڪا ڳاڙهي ٿئي. ١٤. جها تان نہ تها= جيها تيها ناهن پر پرين جا نيڻ چهنبيارا آهن، پُوچڙيارا آهن. نائڪ= تکي چوٽي، چهنب. ڪوڙين ڪنا= محبوب جي نيڻن ڪيترائي ڪنا. الماسين جها= جيڪي الماسين جهڙا هئا، جيڪي هيرن جهڙا سخت هئا. الماس= هيرو. ١٥. ماه= ماس (بت جو). انگڙا ڪري= عضوا عضوا ڪري. ڪرنگهو= ڪرنگهر، ڳچيءَ وارو هڏو. وَتوا صوابالحق وتوا صوابالصبر= ۽ جن حق جي تلقين ڪئي ۽ جن صبر ڪيو. ايهين= ائين ئي. اُتاٿون= چيائون. مرڪي= مشڪي. ١٦. نظر نزديڪون= سندن نزديڪي وارو ديدار. سهي نہ سگهان. ان جي سٽ سهي نہ سگهان، ان جو جلوو جهلي نہ سگهان. پسڻ پري سندون= ڪين ڏسڻ نهي ٿو پري کان، سندس پري کان ئي ديدار بهتر. آءٌ نالي گيڙي= آءٌ تہ سندن نالي وٺندي. نجهران= جهجان، سڪ ۽ ڏک ۾ ڳران، ونجهلان. ١٧. ڏورج= ڳولج. ڏِيو= نڪر جو ننڍڙو ڪُپڙو جنهن کي تيل سان ڀري، ان تيل ۾ ڪپه جي وَٽ (ڍگهيرڙي وٽيل ڪپه) وجهي، ان وٽ جي چوٽي ٻاهر ڪڍي ان کي تيلي ڏيئي ٻاربو. (ڏيئو روشنيءَ جو نشان آهي، ۽ اونداهي جو سونهون آهي. اڳ جڏهن اليڪٽرسٽي يا بجلي بتيون ڪين هيون تڏهن ڪا شيءِ اونداهيءَ ۾ ڳوليندا هئا تہ ڏيئو هٿ ۾ ڪري ڳوليندا هئا). ١٨. جو تو ڏيو پانئيو= تو جيڪو ڏيئو ڪري سمجهيو، سو حقيقت ۾ روشن سج (سورج سهائو) آهي. انڌن اونڌائو= انڌن لاءِ هميشه اونداهي آهي، جيتوڻيڪ رات وِهامِي ڏينهن ٿئي. ١٩. رءَ ڏئي= ڏيئي کان سواءِ. ڏورڻ گهڻو ڏاڪڙو= ڳولا ڪرڻ هڪ وڏو ڪشالو آهي. تان تان= تيسين تائين. هوئج حجري= حجري ۾ هجان؛ جان جان يار هئي= جيسين تائين دوست اتي هجي. پاڻ= دوست. ٢٢. آءٌ ڏوريئين= آءٌ توکي ڳوليان. مَ لهئين= توکي ڳولي نہ سگهان. تڻ مَ ملين= مون نہ ملين (مون کي انهيءَ لاءِ نہ ملين تہ جئن) منهنجي وار وار مان تنهنجي لوچ ۽ تڙپ نہ لهي.

٢٣

آءٌ ڏوريئين، شالَ مَ لَهَئِين، ٿَڻُ مَ مِلين تون
لَئُون لَئُون منجهان مون، لَوچَ تُنهنجِي نہ لَهي.

وائي

سَمِيع بَصِيرُ حَيُ هميشه

سو سائِين سَدائِين

هيڏي هوڏي هَٿَڙا، ڇا ڪي چو پائِين
"وَ فِي اَنفُسِڪُم اَفَلا تُبصِرُونَ" اِيءَ ڏسڙو ڏِنائِين
جانَ ڪو جِيين ڏِينهَڙو، تان ڏوري لَهُه مَنجهائِين.

داستان پنجون

١

مُنهُ مِحرابُ پِرينءَ جو، جامعُ سَڀُ جَهانُ
سَيوئِي سُبحَانُ، ڪيڏانه ڪَري نِيتيان.

٢

حَبِيبَنِ هيڪارَ، مَنجهان مِهرَ سَڌُ ڪِئو
مونڪِي سَڀَ جِمارَ، اورڻَ اُهوئِي ٿِئو.

٣

پِريان سَندي پارَ جِي مِڙِئِي مِنائِي
ڪانهي ڪَڙائِي، چَکين جي چِيٺ ڪَري.

٤

جيڪين ڏِنائُون، سو سِرُ ڏيئِي سَهُه جِندَڙا
مَ چَئُہ ڇِنائُون، اِي پُڻ ٻُڌِئو سَڄَڻين.

٥

جيڪين ڏِنائُون، سو مان ڳُڻُ ڳِنڍِ ٿِئو
مونڪي پُڇِئائُون، تون ڪِئَن اِيهين ٿوڪَ سِين.

٦

مَيَن مَتي ٿَمرا، ڳُهينَ سَڌُ ڪَرِين
ساٿُ نِباهِيو نِين، اِيءَ پَرِ سَندِي سَڄَڻين.

٧

اَوَڳُڻَ رُسي سَيُڪو، ڳُڻين پرين رُنامِ
ليڪيمِ جي لِسانَ سِين، سي ڪَرَ ڪِينَ ڪِئامَ
پاڻُ وِڄائِي پانهنجا، ٿورا ٿوڪَ هَنيامِ
"بَندگي اَفگندگي شرمندگي"، اها ميڙ مُڪامِ
پرين ٿَب پَرتامِ، "آئُون" جَبَ اُٿ ڳِئِي.

٨

اَلَتيمِ جا هَنِيان، سا نہ سَلِتيمِ ساهَ ڪِي
سُپِيريان جي ڳالهَڙِي لِڪايمِ لوڪان

٢٣. لئون لئون منجهان= وار وار منجهان. لوچ= تلاش، سڪ. ٿڻُ= مونکي. وائي. سميع= سدائين سڻندڙ. بصير= سدائين ڏسندڙ. حَيَ= هميشه حيات. سو سائين سدائين= سو سائين سدائين سڻندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. ڇاڪي= ڇالاءِ. چو پائين= چو هٿ پيو هڻين. وَفِي انفُسِيڪُم اَفَلا تُبصِرُون= اوهان جيءَ جي اندر جان ۾ آهي ڇا پوءِ اوهان اهو نٿا ڏسو (۽ سمجهو). د- ٥: ١. محبوب جو منهن محراب آهي، ۽ جهان سڄو جامع مسجد آهي (جنهن جو محراب محبوب جو منهن آهي). سيوئي سبحان= سڀ جاءِ، هر جاءِ سبحان (ذاتي پاڪ) آهي. ڪيڏانه ڪري= ڪيڏانهن منهن ڪري. نيتيان= نيت ڪريان. ٢. مهر= راض، قرب. سڀ جمار= ساري حياتي. اورڻ= ورائي ورائي چوڻ، ورد ڪرڻ. ٥. سو مان ڳڻ ڳنڊ ٿئو= سو ڳڻ (سو احسان) مون ڳنڊ ٻڌي سانديو. تون ڪيئن انهين ٿوڪ سين= تون ڪيئن اها شيءِ (ٿوڪ) ڪنيو پيو گهمين. ٦. مَيَن متي ثمرا= اُٺن متي ثمر (ڪاڏي جو سامان) لڏيل ۽ ٽڪل ماندن (ڳهين) ڪي پيا سڌين (۽ ڪاڙو پيتو ڏين). ساٿ نباهيو نين= اهڙيءَ طرح قافلو (ساٿ) توڙ منزل تي پهچائين. ايءَ پر سندي سڄڻين= پيارن سڄڻن جي اهڙي اُتم ريت آهي. ٧. ليڪيم= تفصيل سان چيم، ڇنا ڪري ڳڻيم ۽ چيم. لسان سين= زبان سين. سي ڪر= سي شايد، ڪين ڪئام= پورا ڪين ڪيم (اهو قصور ڪيم جو شايد جيڪي چيم سو پورو ڪين ڪيم). ٿورا ٿوڪ= ڪي ٿورڙا ٿول، ڪي ٿورڙا ڪيل ڪم، احسانن وارا ٿورڙا ڪم. پاڻ وڃائي پانهنجا= پاڻ پنهنجا ڪي ٿورڙا ڪيل ڪم مون وڃائي ڇڏيا. بندگي افگندگي شرمندگي= اي سڄڻ منهنجي ٻانهپ! منهنجي ڪوتاهي، ۽ منهنجي ئي شرمساري! اها ميڙ مڪيام= اها ميڙ موڪليم، پنهنجي پاران اها منٿ ڪرايم. پرتام= مون سان پرتا. آئون= انانيت، پاٽپٽو، خود سَري. اٿ ڳئي= وئي هلي. ٨. التيم= چيم. هنيان= هنيين ڪي، دل ڪيي. سانہ سلتيم ساهہ ڪي= سا پنهنجي ساهہ ڪي بہ نہ سڻايم (جا دل ڪي سڻايم سا ساهہ ڪي بہ نہ سڻايم). محبوب جيڪا ڳالهہ چئي، سا لوڪ کان لڪايم.

ويئي مون وَسان، تي پَڌرِ پيئِي پِرينءَ ري.

٩

مُون تان لِڪائِي گهَٽُو پَرَ رُوئڻَ ڪِي روشَنُ
رَسِيو رِيزالِن کي زَردِيءَ مَنجهان ظَنُ
ويرِي مون وَرَنُ، ڳالهِ ڪَيائِين ڳُجهه جِي.

١٠

مِنايان مِنو گهَٽو، ڪَڙو ناهِ ڪَلامُ
سُڪُوتُ ئِي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.

١١

سِڪِين ڪُهُ سَلامَ کي، ڪَرِيين ڪُهُ نه سَلام
پِئا دَرَ تَنِ حَرام، هِيءَ دَرُ جَنِي ديکِئو.

١٢

رُنِي جا رِهاڻِ، سا پَهَٽِي نه تِئِي
ڪنهِ ڪَرَ وِجهِي ڪاڻِ، پاٽان نِيهُ نِڪارِئو.

١٣

رُنِي ناهِي رِيتِ، پَهَٽِي پاهَٽُ ناهِ ڪو
پَسو مَنجهِ پِرِيتَ، جيهائِي جوڙَ وَهِي.

١٤

گهُندِڙِي مَ لاهيج، پائِي جا پِرِيتِ سِين
ڪو ڏِينهُ تڳائيج، رُسَڻَ سَندِي رِيتَ سِين.

١٥

هَرَ هَرَ هَرَڙائِي، وَڃڻُ دَرِ دوسِتَنِ جي
پاڙي ڏانه پِرِينِ جي اُجهه مَ اوائِي
اَلهِڙِ تِي مَ آڃ تون واٺهڙِنِ وائِي
لائِيندَئِي لطِيفُ چَئِي سُوران سَرهائِي
ڳُجهي ڳالهان ئِي، پِرتِ وَنِجي پاڻَ ۾.

١٦

پِٽون پَرُوڙِي جَنِ، جَڙان هَٽِي جَکوڙِيا
تُون ڪِيئَن اَڳيان تَنِ، پُورا پاسُنگَ پائِيين.

ويئي مون وسان= پر جڏهن منهنجي وسان وئي (ماڻهو منهنجي بي حالي ڏسي سمجهي ويا). تي= تنهن جي ڪري، تڏهن. پڌر پيئي= پڌري ٿي پئي. پرينءَ ري= پرين کان سواءِ (بين ۾ پڌري ٿي پئي)، پرين کان ڪئي (پر بين پڌري ڪئي). ٩. مون تان لڪائي گهٽو= مون تان گهٽو ئي لڪائي (سپيريان جي ڳالهڙي). پر روئڻ ڪِي روشن= پر منهنجي روئڻ ان کي پڌرو ڪيو. ريزالن کي= بدخواهن کي، رقيبن کي. زرديءَ منجهان= منهنجي منهن جي پيلي زرد رنگ مان، منهنجي منهن جي بدليل رونق مان، منهنجي هيٺائي واري حال مان. ظنُ رسيو= شڪ ٿيو، ڪين پتو پئجي ويو. ويري مون ورن= منهنجو رنگ (ورن) ئي منهنجو دشمن (ويري) ٿيو. ڳالهه ڪيائين ڳجهه جي= ان بدليل رنگ ڳجهه جي ڳالهه پڌري ڪري وڌي. ١٠. منايان= منائي کان وڌيڪ. ڪلامُ= مخبوب جي ڳالهه. سڪوت= ماٺ (محبوبن جي) سڪوت ئي= سندن اها ماٺ ئي ڄڻ (سندن موڪليل) سلام آهي. ١١. تون (محبوبن کان) سلام لاءِ ڇو ٿو سڪين. ڪرين ڪُهُ نه سلامُ= تون پاڻ ڇو نٿو وڃي سلام ڪرين. سڄڻن وارو اهو دَرُ جن ڏٺو تن لاءِ ٻيا در حرام آهن. ١٢. رُني= (محبوبن جي) رسڻ واري حالت ۾. جا رهاڻ= جيڪا رهاڻ (عاشق ۽ محبوب جي وچ ۾ آهي). پهٽي= پرتي، پرچاءَ واري حالت ۾ نه ٿئي، پرچندي نه ٿي ٿئي. ڪر= رقيب، بدخواهه. وجهي ڪاڻ= ڪاڻ وجهي، گلا ۽ گهٽ وڌائي ڪري، ويڇو وجهي. وچ ۾ ڪوٽ وجهي (محبوب کي عاشق کان رسائي، رَسامو وجهي). پاٽان= ويتر. نيه= سِڪ ۽ محبت. نِڪارئو= نئون ڪيو، چمڪايو، وڌايو. ١٣. ريت= (اصطلاحي معنيٰ) جيڪي ڪجهه ڪرڻ جڳائي، جڳائتي رَوِش. پاهت= ناهه، صلح محبت جو ناتو، ميل موافقت. رني ناهي ريت، پهٽي پاهت ناهه ڪو= نڪو رسڻ ئي جڳائي ته نڪو پرچڻ سان ئي ناهه ٿهي، رسڻ ۽ پرچڻ واري روش ۾ ڪا خوبي ڪانهي. جيهائي= ڪِيهي جيهي (سهٽي). جوڙ وهي= موافقت ۽ محبت واري مخلوق پئي هلي (پڪي پڪڻ ۽ ٻيا جيت جانور سڀ گڏ ساٿ ۾ پيا هلن). ١٤. گهندڙي= منهن ۾ (محبوب جي ماڻي جو) گهنج. تڳائيج= جياريج، جٽرو رکج. ١٥. هرڙائي= هلڪائي. اُجهه مَ= جهوتون نه ڏي، اجايا ڦيرا نه ڪر. اوائي= توائي، بي خبر بي خيال. الهڙ= نئون سيکڙاٽ. آڃ مَ تون واٺهڙن وائي= واٽ ويندن کي پنهنجا پيغام ۽ نياپا نه سٽاءِ. لائيندئي= اهي پيارا سڄڻ توکي لائيندا. سوران سرهائي= سورن مان سرهائي، غمن مان خوشي. ڳالهان= ڳالهه مان ئي، ڳالهه سان ئي. ڳجهي پيغام ۽ نياپي سان ئي ونجي= ونڊجي، وراهجي. ١٦. پٽون= سنهڙا موتي. پاسنگ پائڻ= تور ۾ اڻلون ڪڍڻ.

١٧

جِئَنِ جِئَنِ ڏَمَرَ ڪَنِ، تِئَن تِئَن نَشا نِيهَ جا
مَحبتَ مَحبُوبَنِ، ماڻي مان مَعلُوم ٿِئي.

١٨

جيڪين ڏِناٺون، سو سَيوئِي صحتَ
مَ چَٺُ آزارُ اُنِ ڪي، مَ ڪِين مُصيبتَ
ڪُهڻُ قَرِيبتَ، ڪونڌُ پَرِ پرينِ جي.

١٩

ڦُٽو قوڙائو، وَرِئو وَرَقُ وِصالَ جو
مونکي ڏِنو سَڄَڻين ڏوران ڏيکائو
هِنيَڙو اڳِ ڏائو، ويتِرِ پرينءَ پَراهِئو.

وائي

دِلِ لائي دُورِ نہ جا،

آئُون تُنهنجي دَرسَ ديوانِي

تون موٺُ مِيان! دِلِ لائي مَنُ لائي دُورِ نہ جا
قاضِي پَڙهئا پُڄُ رهيئان، هِتِ ناهِ طبيبان دِي جا
اَڪِينِ آڳَمَ لائِيا، لالَڻَ توهِي لاءِ.

داستان ڇهون

١

لوڪان لِڪي سَيُڪو، لِڪان لِڪي ڪونہ
اُٿِيي ويٺي اونَ، اِنَ اَلِتِي ڳالِهَ جِي.

٢

لوڪان لِڪي سَيُڪو، لِڪان لِڪي ڪونہ
سَچِي جِهڙِي سونَ، مُنهِ نہ پيئِي ماڙهُوئِين.

٣

مَتِيُون سَڀِ مُنجهاءِ، پاڻُ چِڏي اُو جاڻُ تون
پهرِينِ پاڻُ پٽُون ڪَري پرين پوءِ پُڇاءِ
وَحدَتَ ساڻُ وِجاءِ، ڪَثافتَ ڪَثرتَ جِي.

٤

جِتي ماڻِڪَ ماڳُ، تِتي چوران تَڪِيو
سَنئُون تَنِ سَياڳُ، اَمُلَ جَنِ اوباهِيو.

٥

چورُ اُپوئِي چوءِ، تہ آءٌ اُهوئِي آهِيان
جي اَسِي اَڪِينِ هوءِ، توءِ لِڪيي ڪي ڪونہ لَهي.

٦

جي پائِين پرينءَ مِڙان تہ سِڪُ چوران ڪِي تاتِ
جاڳَڻُ جَشَنُ جَنِ ڪي، سُڪُ نہ ساري راتِ
اُجهي بُجهي آئِيا، وائِي ڪَنِ نہ واتِ
سَلي سُورِيءَ چاڙهِئا، بيانُ ڪَنِ نہ باتِ
توڙي ڪُسَنِ ڪاتِ، تَبِ ساڳِي سَلَنِ ڪِينڪِين.

---

١٧. ڏمر= غصا. نشا نيه جا=عشق جا اوتار. ماڻي مان= رسڻ جي بهاني مان. ١٨. ڪهڻ قريبت، ڪونڌ پر پرين جي= عاشقن کي ڪوٺي، سڏ ڪري ڪهڻ، اها محبوبن جي ريت رسم آهي. ١٩. ڦُٽو= ويو. قوڙائو= وڇوڙو، فراق. ورئو ورق= ڪتاب مان چڱي فال پئي، اهو ورق وريو جنهن ۾ واڌائي هئي. وصال= ڳنڍجاڻي. د-٦: ١. لوڪان= ماڻهن کان. لڪان= لِڪ کان. اونَ= ڳڻتي. الٽي ڳالهه= ابتي ڳالهه، مخفي معنيٰ واري ڳالهه. ٢. سچي= سچي حقيقت. جهڙي سون= سون جهڙي جنهن ۾ ڪو ڪوٽ ڪونهي. منه نہ پيئي= سلهون نہ آئي، سمجهه ۾ نہ آئي. ماڙهوئين= ماڻهن کي. ٣. متيون= (پنهنجيون) سمجهه واريون ڳالهيون، عقل واريون تجويزون. سڀ مُنجهاءِ= سڀ منجهائي ڇڏ پاڻ چڏي= پنهنجو پاڻ کي ڇڏي، آپي کي ڇڏي. اوجاڻ تون= هُن کي ئي تون پروڙ، جاڻ تہ رڳو هوئي آهي. پٽون ڪري= ذرا ذرا ڪري وحدت= الله جي هيڪڙائي، هيڪڙائي حق. وجاءِ= ختم ڪر. ڪثافت= گهاٽائي، ٿولهه. "ڪثرت"= گهڻائي (مخلوق جي). ٤. ماڻڪ ماڳ= ماڻڪ جو ماڳ، جتي ماڻڪ موتي آهي. چوران تڪيو= چورن جو تڪاڻو، چورن جي جاءِ. سنئون تن سياڳ= تن جو بخت سنئون آهي، زور آهي. امل= املهه ماڻڪ. اوباهيو= ڪٽي پاسي ڪيو. ٥. اپوئي= بينوئي. آءٌ اهوئي آهيان= آءٌ اهو ساڳيو ئي (چور) آهيان. اسي اڪين هوءِ= اسي اکيون هجن. لڪيي کي ڪونہ لهي= جيڪو آهي ئي لڪل، تنهن کي ڪو ڳولي نہ سگهي. ٦. پرينءَ مڙان= محبوب کي ملان. چوران کي تات= چورن جي سجاڳي ۽ سنڀار واري ريت. جاڳڻ جشن جن کي= جن لاءِ اوجاڳو ڪرڻ خوشي آهي. اُجهي= هيڏانهن هوڏانهن ڦري منجهي. بجهي آيا= سکي آيا، سجاڻي (تہ ڪٿان وڃڻو آهي ۽ ڪيئن وڃنو آهي). وائي ڪن نہ وات= ان ڳالهه کي جيڪا هو سمجهي آيا تنهن کي واتان نہ وائين. زبان سان ظاهر نہ ڪن. سلي= ڪين جسم ۾ سَل ۽ سوراخ ڪري. تب ساڳي سلن ڪينڪين= تہ بہ اصل ڳالهه (ساڳي) جي سچي نہ ڪن. اصل چورايل شيءِ (ساڳي) نہ ڏسين. (چوراڻي ڏنڌي جا بہ خاص اصطلاح آهن: "ساڳي" (=اصل چورايل شيءِ، زيور جانور وغيره) ۽ "ويڳي" (ساڳي جي عيوض ۾ ٻي شيءِ (زيور، جانور وغيره) جيڪا پاسي وڃي ۽ ڏني وڃي. چوندا ساڳي نہ ويڳي ڏيندا سون.

٧

پاڙِهين هاڙو، پاڙِهين واهَرو، پاڙِهين چورَنِ گڏِ
ڪِنہَ ڪي ڳريان سَڌِ، جِئَن پانهنجِيُون هَنيُون پاڻُ ڏي.

٨

چُپ ڪَرِ چَپَ مَ چورِ، پُور اَڪيون ڏِڪَ ڪَنَ
تہ جا مُورَتَ مَنجهان مَنَ، تِنهِ مُشاهِدو ماڻِيين.

٩

ڪَنِ ڳهرِجي ڪَلِمو سِپڪِي سُڻَ لاءِ
فِڪرَ سِين ڦيراءِ، تہ هَمہَ ڪي حَقُ چئِين.

١٠

اِيئَن چَوَندي ڪيرَ، تہ آءٌ ساجاري سِين سَڄڻِين
دائِم اَنَ دَربارِ جا ڦِرَندا پَسان ڦير
جَنِ حُضُورِي هيرَ، ڪَري تَغِيرِي تَنِ سِين.

١١

مَتان ڀانيين تون، تہ تِيَس ساجاري سِين سَڄڻِين
رُونديون ڏِنيون مُون، اِنَ دَرَ مَتي دادِليُون.

١٢

لَڪين سَئِين مِهرانَ، آٿِي سَپَ اُدمئا
سڙان مَنجهين مانَ، ٻَهرِ ٻاڦَ نہ نِڪري.

١٣

سُج وَسَندِي تَنِ ڪي جوشَ جَلايا جي
طالِبَ جي تَحقِيق جا، نِيہُ تَنِي وَٽ نِي
تيڏي پَسي ٽِري، هُو تان آهي هيڪَڙو.

١٤

وِياسُون پاڙان، سَپُ ٽِياسون سُپِرين
پاڙِهين جِي جاڙان، رَتِي رَهِي نہ هيڪَڙِي.

١٥

سُتوئِي سيجَ ڳهُرِين، جَفا ڏِيين نہ جانِ
صُلِحَ رءِ سيڻانِ، مَتان نُونڊين نہ چڙهِين.

١٦

سُتوئِي سيجَ ڳهُرِين، جَفا ڏِيين نہ جِيءَ
پهٽي ڏاران پيءَ، مَتان نونڊين نہ چڙهِين.

١٧

صُلِحُ جَنِ سَڄَڻَ سِين، سيجَ ماڻِيندا سي
"اَلذِين آمَنُوا وِ ڪانُوا يَتقُون" اِنَ پَرِ اُيا جي
سي نيئِي نُونڊين تي، چڙهين ڏِڪينَ چاڙهِيا.

وغيره) جيڪا باسي وجي يا ڏني وجي. (چوندا: "ساڳي نہ، ويڳي ڏينداسون"). ٧. هاڙو= مال هٽندڙ، زوري ڦُر ڪندڙ. واهرو= ڦريل مال کي موٽائڻ لاءِ واهر ڪندڙ، مَدتو ٿيندڙ. پانهنجيون هنيون= جيڪي هن پاڻ هنيون، هن پاڻ ڦريون. پاڻ ڏي= پنهنجو پاڻ موٽائي ڏي. ٨. مشاهدو= ديدار. ٩. ڪن ڳهرجي ڪلمو= ڪن تي آٽڻ ڳهرجي جيڪو گفتو (ڪلمو) هجي سو. سپڪي سڻڻ لاءِ= سڄي ڳالهہ سڻڻ لاءِ. فڪر سين= غور سان. ڦيراءِ= خيال کي ڦيراءِ هلاءِ؛ فڪر سان نظر کي ڦيراءِ. همہ کي= سڀ کي. حق چئين= حق سمجهي حق چئين. ١٠. ساجاري= ڄاڻ سڄاڻ رکندڙ، ويجهي سڃاڻپ واري. ڦرندا پسان ڦير= حڪم احڪام بدلندا ڏسان. حضوري هير= حضوري درٻار ۾ وڃڻ جي هير، شاهي درٻار ۾ حاضري جي عادت. تغيري= حالت جي مَٽ، درجي جي بدل، زوال واري حالت. ١٢. مهراڻ= درياءَ. آٿي= ڀرجي. اُدمئا= اڌمن ۾ آيا، اڌما ڏنائون. سڙان منجهين ماڻ= مان اندر جو اندر ۾ ئي جلان. ١٣. سج وسندي تن ڪي= تن لاءِ سُج ۽ ويراني بہ وَسندي ۽ آبادي آهي. "تحقيق"= صوفين وٽ، سُلوڪ جو هڪ درجو. نيہ تني وٽ ني= پنهنجي سڪ ۽ درد وارو حال (نيه)= انهن وٽ ڪٽي وڃ (پنهنجو حال انهن سان اور). ٽيڏي پسي ٽري= ٽيڏي ڪي هڪ بدران ٽي شيون نظر اچن پر شيءَ تہ هڪڙي آهي. ١٤. وياسون پاڙان= اسين پنهنجو پاڻ کان وياسون. اسين پاڙپٽي کان الڳ ٿياسون. پاڙهين جي= پاڙپٽي جي، خوديءَ جي. ١٥. جفا ڏيين نہ جان= پنهنجي جان کي جفا نٿو ڏين. تڪليف نٿو ڏين سختي نٿو ڏين. سيڻان= ساڻن، سڄڻن، ساڻن صلح کان هاءِ سڄڻن سان صلح کان سواءِ. نونڊ= ڪونڊ (سر ڏار ۽ ڏڙ ڏار واري حالت ۾) وڏيل ڏڙ. نونڊين چڙهڻ= عاشق جو محبوب جي هٿان قتل ٿيڻ ۽ سندس ڏڙ جو لهڻ، محبوب جي آڏو شهيد ٿيڻ واري منزل ماڻڻ. ١٦. پهٽي ڏاران پيءَ= پيءُ (محبوب) جي پرچاء ۽ راضپي (پهٽي) کان سواءِ. ١٧. الذين آمنُوا و ڪانوا يَتقُون= جن ايمان آندو ۽ جن تقويٰ (پرهيزگاري) ڪئي (پاڻ کي هر گناهہ کان بچايو). ان پر اُيا جي= انهيءَ طرح جيڪي پڪا ٿي بيٺا. سي نيئي= سي محبوبن وٺي وڃي نونڊن تي چاڙهيا، پٽري طرح (شهادت جي) سيج تي چاڙهيا. ڏِڪ= وَناه واري سيج.

١٨

جي ٿِئا حَلُ حَبِيبَ سِين، سُمَهڻُ ٿَنِ صَوابُ
نيڻَ هيرائي نندَر سِين، خوش ڪِئائون خُوابُ
اوسِيڙو عَذابُ، دِلِئان دُورِ ٿَنِ ٿِئو.

١٩

نا اُميدي نُورُ، اُميدَ اُونداهہ اُن کي
سَندو ساجَنَ سُورُ، سَرِئو ٿَنِ سُکُ ٿِئو.

وائي

کِين اُني ۾ آهي،

هُوءِ جي جهُونا پَسجَنِ جهُوپِڙا

اِنَ دَرِ سيئِي اَگهِئا جَنِ کي کونہ چِتائي
ڏاريان پانئِين ڏارِيُون، پاڻُ پِريان سِين ڪائي
"اِن اَولِيائِي تَحتَ قَبائِي" پنهنجا پاڻُ پَراهي
"لا يَعرِفُهُم غَيري"، پَرَ کي کِينَ پَسائي
پَنهنجيون چَڏي پَٽَ ۾، رِڙهہُ اُني جي رائي
خِدمَتَ ڪَرِ خُلقَ سِين، پاندُ ڳچيءَ ۾ پائي.

داستان ستون

١

سَيئِي سُبحَان جي ڪَرِ حَوالي ڪَرَ
ٿِيءُ تَحقِيقُ تَسلِيمَ ۾ لاهي غَمَ وَهَمَ
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصِلُ ڪَري حاجَ تو.

٢

سَيئِي سَنئِين ڪَرِين، ڪومَ مُنجهائِين راهَ
سَجَڻَ جي صَلاحَ، لائُون لَڳو ميڙِيِين.

٣

تَنُ تَسبِيحَ، مَنُ مَٽِيُون، دِلِ دَنبُورو جَنِ
تَندُون جي طَلَبَ جِيُون وَحدَتَ سِر وَڄَنِ
"وَحدهُ لا شَرِيڪَ لَہُ" اِهو راڳُ رَڳَنِ
سي سُتائِي سُونهَنِ، نِندَر عِبادَتَ اُنِ جي.

٤

نَکَ مَ ويهج پِٽِين جي نَرِيي پاسِ نَري
ٻيلِيَن سِرِ ٻَري، مُنہُ پَنِي مَرِيج تون.

٥

جي کِيڙِيءَ يَرِ ڪَنبَنِ، نانگَ ۾ نَمَنِ اُنِ کي

---

١٨. جي ٿئا حَلُ حبيب سين= جيڪي پاڻ "فنا" ٿي، محبوب ۾ ملي هڪ ٿئا، جيڪي محبوب ۾ فنا ڪائي ملي هڪ ٿئا. سمهڻ تن صواب= سمهڻ تن لاءِ ثواب آهي. ١٩. انهن لاءِ "نااميدي"، چڻ روشني آهي، ۽ اميد انهن لاءِ اونداهہ آهي. جن سَرِئو= جَن کي پَلئہ پيو، جن کي ساماڻو، جن کي ٿيو. وائي. کين= کين کجهہ (= گهڻو کجهہ). جهونا پسجن جهوپڙا= اهي جهوپڙا، جيڪي جهونا ٿا نظر اچن. کونہ چِتائي= جنکي کو کونہ ڏسي، جن ڏي کو کونہ نهاري. ڏاريا ان کي ڏاريو کري پانئين، پر هو پاڻ محبوبن سان گڏ ويهي ٿو ڪائي. د-٧: ١. سبحان= سڀ ساراهہ واري الله سائين "سبحانه و تعالىٰ". تحقيق= بلاشڪ، يقيني طور. تسليم= پاڻ کي الله جي سپرد ڪرڻ، الاهي رضا کي پنهنجو ڪري مڃڻ. تون تحقيق تسليم ۾ ٿيءُ= تون يقيني طور "تسليم" واري حالت ۾ ٿيءُ. حاصل ڪري حاج تو= تنهنجي حاجت پوري ڪري. تنهنجي طلب توکي حاصل ڪري ڏئي. ٢. سنئين ڪرين= (يا الله تون) سنئين واٽ سان لائين. سڄڻ جي صلاح= (الف) حضرت نبي ڪريم جي سفارش سان (ب) سڄڻپائي جي صلاح موافق. لائون لڳو= برو بدڪار. ٣. جن جو تن تسبيح آهي، من تسبيح وارو مٽيو آهي، ۽ دل الله جو نالو وڄندي دنبوري وانگر وڄي ٿي. تندون= دل جون، طلب جون، سڪ جون. وحدت سر وڄن= "وحدت" جي چوڻي تي وڄن. "وَحده لاشريڪ لَہُ"= هو (الله) اڪيلي سر ۽ لاشريڪ آهي. سندس ڪو شريڪ ڪونهي. سي= اهي جن جو ذڪر پهرين سٽ ۾ شروع ٿئي ٿو. سونهن= سهڻا ٿا لڳن، انهن کي ائين جڳائي. ٤. نڪ مَ ويهج= ذري جيترو بہ نہ ويهج. پٽين جو نريو پاسو= ايرنديون پاسو، جتي پاڇو وَري چانءِ ٿئي، ۽ پَٽَ نري. پٽين جي نريي پاسي نري= پٽين جي انهيءَ چانءِ واري نريل پاسي ٽڏو ٿي نہ ويهج (اتي هل ۽) ٻيلين سر ٻري= ساٿين سان گڏ گرميءَ ۾ پچي. منهہ پڻي مريج تون= غم ۽ ڏک ۾ پنهنجو پساهہ پورو ڪج. ٥. کيڙيءَ ير ڪنبن= ڪِٽلِي کان ڏڄن. انهين يئي يڄن= اهڙي ڏپ ۾ يڄي پاسو ڪن.

آگو اَمُنُ ٿِنِ ڪري جي اِنهِين ڀَئي پَجَنِ
مُشاهدو مَحبوب جو اَپَرُ لاءِ اُنهنِ
"اِن اولِيائِي تَحتَ قُبائِي"، ٻوڙا ڪِينَ ٻُجهَنِ
ڳُجَهان ڳُجُهہ وَجِنِ، اَحدَ جي اِسرارَ ۾.

۶

چگِنِ ساڻُ چگائِيون، اِيئِنِ سَيڪو هوءِ
تو جِئَن ڪَري نہ ڪوءِ، ٻُجَنِ ساڻُ ڀَلائِيُون.

۷

ويني جَنِي وَٽِ، ڏُکندو ڏاڍو ٿِئي
سا مَجلِسِ ٿِي مَٽِ، جي حاصُلُ هوءِ هزارَ جو.

۸

ويني جَنِي وَٽِ، ڏُکندو ڏورِ ٿِئي
تون ٿِني سِين ڪَٽِ، اوڏا اَڏي پَڪَڙا.

۹

جَنِي سَندِي جِيءَ ۾ ڀَتون ڀَتين ٻوڏُ
ڪَهڙو ڪَريين ڪوڏُ، هِنيَڙا پَسِي ٿَنِ کي.

۱۰

جو ڪَهندُ سَهندُ سامُهُون، پِرتِ ٿِهين سِين پارِ
نِيهُ جَهِين سِين نِبَهي، ٿَنہَ سِين تون مَ ٿوارِ
هَڏِ مَ واڻ وِسارِ، ٿِيءُ نِرالو نِبَري.

۱۱

مُورڪَ مامَ نہ ٻُجهَڻا، آنڪا جِهَا اَڪَ
پَڪا جي نہ سُپَڪَ، مَ ڪَرِ ميڙو ٿَنِ سِين.

۱۲

چُوندَنِ ڪِيمَ چَئيجُ، ويڻَ ورائي سامُهان
ڪا مَتَ قِيمَتَ جِهڙي، روزُ ڏَمَرَ ڪي ڏيجُ
ويڻَ مَ ورائيج، تہ سَبِ دَرِ سُهاڳِي ٿِئين.

۱۳

سُٽِي ويڻَ ڪَنَنِ سِين وارِج ڪِيمَ وَري
هادِيءَ جي هِدايَتَ جِي آهي اِيءَ ڳِرِي
جَنِي ساهَ سَرِي، ٿَنِ ماريو نفسُ ماٿِ سِين.

۱۴

هو چُونئِي تون مَ چَئہُ واتان وَرائي
اَڳِ اَڳرائِي جو ڪَري خطا سو ڪائي
پَلئہ ۾ پائي، وِيو ڪيني وارو ڪِينَڪِين.

۱۵

اَڻَ چُوندَنِ ڪِين مَ چَئہُ، چُوندَنِ چِيو وِسارِ
اَنئِي پَهَرَ اَدَبَ سِين پَرِ اِهائِي پارِ
پايو مُنہَ مُونَنِ ۾ غُربَتَ ساڻُ گُذارِ
مفتِي مَنجهہِ وِهارِ، تہ قاضِي ڪاٽِيارو نہ ٿِئين.

مشاهدو= ديدار. اپر= وڏيڪ اهر. "ان اوليائي تحت قبائي"= تحقيق اولياء منهنجي جامي هيٺ آهن. ٻوڙا ڪين ٻجهن= اهي ٻوڙا ٿيو ڪين پيا ڪن لائن ۽ سمجهن (يعني پاڻ کي انهيءَ قول موجب مطمئن ڪين پيا ڪن تہ ڪو هو ڏٽيءَ کي ويجها آهن، پر پيا ڏٽي کي ڳولن ۽ اوڏاهين وجن). هو ڳجهوئي ڳجهو "احد" جي اسرار ۾ پيا وجن (هيڪڙائي حق واري ڳجهہ کي پيا ڳولين). ٦. ائين سيڪو هوءِ= ائين سيڪو ڪري. ٻجن= ٻچڙن. ٧. ويني جني وٽ= جن وٽ ويهڻ سان، ويهڻ سببان. ڏکندو= سور، آزار. ٨. ڏور ٿئي= پري ٿئي. ڪٽ= گهار، گڏ گذار. ٩. ٻوڏ= ڪنهن جي طرفان (ڪاوڙ يا نفرت وارو جواب تہ:) "ٻوڏ!" يعني توتي ٻوڏ هجي، تون ٻڏي مر. ڪوڏ= خوشي. ١٠. جو ڪهند سهند سامهون= جيڪو چوندڙ ۽ سهندڙ سامهون، جيڪو سنئون سڌو سامهون چوي ٿو ۽ پڻ پاڻ سهي ٿو. نيہ= سڪ ۽ محبت. نِبهي= گذري اچي، پورو ٿي اچي. مہ توار= آڏو ورندي نہ ڏي، سوال جواب نہ ڪر. نرالو نڪري= پر تون نڪري نرالو ٿي هل. ١١. مورڪ= موڳا، احمق. مام= راز. نہ ٻجهڻا= نہ سمجهڻا، نہ سمجهڻ وارا. سپڪ= پڪا پڪل (جيڪي نرم ٿين ئي نہ). ميڙو= ملاقات، گڏجاڻي. ١٢. چوندن= (گهٽ وڌ) چوندڙن. ويڻ= گفتا (جواب ۾). ويڻ ورائي سامهان= آڏو موٽائي جواب ۾ گفتا نہ ڪيج. سب در= هر در، هر گهر، هرجاءِ. سهاڳي ٿئين= خُوشي ماڻين. ١٤. هو چُونئي= هو چون ٿي. واتان ورائي= وات مان موٽائي. ڪيني وارو= حسد وارو، اندر جي ساڙ وارو. ١٥. اڻ چوندن= اڻ چوندڙن. چوندن چيو= چوندڙن جيڪي چيو. مونن ۾= گوڏن ۾. مفتي= فتويٰ وارو. قاضي= اي قاضي، اي انصاف ڪندڙ. ڪاٽيارو= گلارو، قصور وار.

١٦

هو چُونئِي تون مَ چَئہُ واتان واري ويڻُ
سَہِن سِہن سَيدُ چَئي، مَنُ ماري ڪَرِ ميڻُ
ڪاندِ وَڏوئِي ڪيڻُ، ڪِيني مَنجهان ڪِينَ ٿِئي.

١٧

نِمي ڪِمي نِهارِ تون، ڏَمَرَ پاسو ڏِڪُ
منجهان صَبرَ سُڪُ، جي سَنوارِئا سَمُجهِين.

١٨

نِمي ڪِمي نِهارِ تون، ڏَمَرُ ڏولائو
ٿِيين ساجائو، جي اُيِيين اِنهين پيرِ تي.

١٩

ڪَمُ ڪِمندَنِ ڪَٿِيو، هارايو هُوڙهَنِ
چَڪيو نہ چُوندَنِ، هُو جو ساءُ صَبرَ جو.

وائي

مَوتُ مُندَ نہ آهي، تائِبُ ٿِئو تَڪڙا
"عَجلوا بالتوبة قَبلَ المَوتُ"، وِيهُہ تون ويرَمَ لاهي
پِريان ڪارَڻِ پاڻَ کي سِکهو ويهہ سَنباهي
اَجَلُ اَسارَنِ کي ڪامَ وَٺيو تو ڪاهي
وِڏائِين وَڏِڻَ لَئي ڳِنُ کُهاڙِيءَ پاهي
عِمارَتُون اَنڌنِ چِيون ڊاهيو تو ڊاهي
نبا گهوٽ گهَرَنِ ڏي ڪِنهِ وَڏِيءَ وِيرَ وَناهي
اُتي عبداللطيفُ چَئي، نِبا ڪَفَنَ پَراهي.

---

١٦. ڪاند= صبر، سهپ. ڪيڻ= طعام. ١٧. نمي= نئڙت ڪري. ڪمي= صبر ڪري، سَهِي. ١٨. ڏمر ڏولائو= ڏمر ڪرڻ وارو رستو آهي. ٿيين ساجائو= تون هوند ساجاء وارو ٿئين. ايِيين= بيهين انهي پير تي، انهي رستي تي. انهيءَ اصول تي.
١٩. ڪمندن= جيڪي سهن ۽ صبر ڪن. هوڙهن= جيڪي تڪڙ ۽ تيزي ڪن. ساء صبر جو= صبر جو مٺو ساء، مٺو ذائقو. وائي. موت مند نہ آهي= موت جي اچڻ جي ڪا مند نہ آهي (ڪنهن وقت بہ اچي سگهي ٿو). "عَجلُو بالتوبة قبل الموت= تڪڙا ٿي توبهہ ڪريو موت کان اڳ. ويرم لاهي= دير کي ڇڏي. اسارن کي= ويسرن کي، غافلن کي. موتَ، وڍڻ (مارڻ) لاءِ ڳن ڪهاڙيءَ ۾ وڌو. وناهي= پرٽائي.

سُر مارئي

'سُر مارئي' جو پس منظر عمر مارئي جو قصو آهي جيڪو وطن جي حب ۽ محبت جو داستان آهي: اهو سنڌ جي هڪ ڳوناٺي نياڻيءَ جي ست سيل ۽ سنڌ جي هڪ عادل بادشاهه جي صبر ۽ انصاف جو داستان آهي. هن ۾ جهوپڙين ۾ رهندڙ جهانگين جي ڏکي مگر آجي ۽ محبت ڀري رهڻي ڪهڻي کي، ماڙين محلن ۾ رهندڙن جي عيش آرام واري زندگيءَ تي فوقيت ڏنل آهي. هي سنڌ جي غريبن جي اشرافت ۽ خودداري جو داستان آهي، بلڪ سنڌ جي اعليٰ سماجي قدرن جو آئينو آهي جنهن ڪري صدين کان وٺي سنڌ ۾ هنذين ماڳين مشهور رهيو آهي.

'وطن جي حب' هن سُر جو مرڪزي موضوع آهي، ۽ مارئي جو ڪردار انهيءَ حب ۽ پيار جو روح آهي. حقيقي پيار صرف ملڪ يا ملڪ جي ماڻهن ۽ مائٽن جي ڪري نہ آهي، پر سندن زندگي جي اعليٰ قدرن، اخلاقي خوبين ۽ ڳڻن ڳالهين جي ڪري آهي، جن کي شاهه صاحب هن سُر جي بيتن ۽ داستانن ۾ سهڻائيءَ نموني سان ساراهيو آهي.

داستان پهريون

١

اَوَلُ نامُ اَللهَ جو مِڙِنئُون مَتاهُون:
ڪِئن ڪَري قَبُولِيَان عُمرَ کي آئُون!
رازِقَ رَضائُون، مون مَٿي تي مَجِيُون.

٢

وَطَنُ مُون مَلِيرُ، قَضا آندِيَسِ ڪوٽَ ۾
چانڪِ پيئندِيَسِ پِرينءَ سِين، پاٽُرَ جو پَنِيرُ
هاجا ڪِئو هَمِيرُ، بِاللهِ ني تو بَندَ ۾.

٣

بِاللهِ آهيان بَندَ ۾، ڏُئان ڪِيئن ڏَبَرُ
وِيڻَ وَراٽِي ناه ڪا، سومَرو سَبَرُ
مِيان! مهربانُ ڪرين اِلاهي عُمَرُ
ويڙِ پَسان سو وَرُ، جيڏانہَ عالَمَ آسرو.

٤

ڳُوءِ آسُون عُمَرڪوٽَ جون، وَرُ جهَنگرُ ۾ جهُوپِي
جو اباڻِن اَڏيو ڳُڻَن سِين ڳُوپِي
وِيندِيَسِ وِيڙِيچَنِ ڏي، لوهُ پَڇِي لُوپِي
چِيڙَ آءٌ چُوپِي، سِڪَ لاهِيندِيَسِ سومرا!

٥

ڳُوءِ آسُون عُمَرڪوٽَ جون، وَرُ وِهَڻُ وَسِڪاري
منهنجو ٽُورُ ٽَلِيَنِ ۾ / چِيهَا ٽو چاري
مَري رَهندِيَسِ ماڳِهين ساهيڙِيون ساري
ڏِائِي ڏِٿَ ڏاري، اَٿمِ اُني مِينهَڙين.

٦

ٺنگان آهيون نِڱَئا اسين مارُوَ لوڪَ
ٿَرَ کي ڀانيُون ٽوڪَ، جو ڏِڪَ ڏِاٽيئَڙَنِ جو.

د-١:١. مڙنئون مٿاهون= سڀني کان مٿي. رازق رضائون= رازق جون رضائون. ٢ چانڪ= چوان تہ جيڪر پاٽُر= ٿر سان لاڳو هڪ علائقي جو نالو. پنير= اڪڙي مثل هڪ وڏو ٻوٽو ۽ ان جي ٻج وارا ڦوٽا، ڪَپُئي. هاجا= وڏا ظلم. همير= امير، بادشاهه (عمر سومرو). بالله= قسم الله جو. ني ٽو= ڪٽي ٽو وڃي. ٣. ڏبُرُ= سادا ٽلها ڪپڙا، رلّيون ۽ رلڪا. ويڻ وراٽي= گفتي جو جواب، سوال جواب. سومرو= سومرو بادشاهه. سبر= ڏاڍو ميان. الاهي= ڏٽي، عمر کي مهربان ڪرين. ان جي من ۾ مهر وجهين. ويڙ= ويڙ ۾، پنهنجي جهنگ واري جوءِ ۾. جيڏانه= جنهن ڏانهن. ٤. ڳوءِ= ڪوهہ ۾ پون. آسون= اميدون، خواهشون. وَرُ= ڀَل، مر. جهنگر ۾ جهوپي= جهوپي ۾ جهنگر. جهنگر= پراڻو ٽورڙو سادو سامان. ڳڻن سان= چڱن لڇڻن سان، سُلڇڻاين سان. ڳوپي= ڇڪي سوڙهو ڪري (اڏيو). لوپي= لُٽي ڦري ڀڃي. ٥. وسڪاري= وسڪاري ۾، سانوڻ جي مينهن ۾. ٽُور= سَنُ، مون جيڏيون ۽ مون جيڏا. ٽلي (جمع) ٽليون= ڀٽن جي وچ ۾ هيٺاهين سڌي زمين. چيها= چيهو گاهه. ڏائي= مقرر جاءِ جتي ملڻ جو انجام (اصل پڙهڻي 'ڏيئي' آهي، پر ڏائي يا ڏائي وڏيڪ معروف آهي. چوڻي: 'چور ڀڃندا ڏايون ڪندا' يعني جاءِ مقرر ڪندا تہ سڀ اتي اچي گڏجن). ٦. ننگان- (لفظي معني) ننگ وڙ کان (اصطلاحي معنيٰ) عام ريت رسم کان. نڱئا= نڪتا، جدا ٿيا. ٽوڪ= وڏي وَٽ. ڏاٽيئڙن جو= ڏِٽ ۾ رهندڙن جو (ڏِٽ، ٿر جو هڪ ڀاڱو آهي).

٧

سَدا جَنِ پَرياڻُ، پانڌي پَکي لَڏ جو
وِئا ڳِڙُنِ ساڻُ، مارُوئڙا ٿرِ اُڪِري.

٨

وِئا ڳِڙُنِ ئي ساڻُ، مارُوئڙا ٿرِ اُڪِري
تَني پُڄاڻا هاڻِ، جاڙَ جِيان تي جيڏِيُون.

٩

اوڏا جان هُئا، تان نِتُ نِياپا آئِيا
مارُوئڙا مَليرَ ڏي واري وَڳَ وِئا
تَني ڏُونهَ ڪِئا، ڏيئي ڏوراپا چائِيان.

١٠

"اَلَستُ بِرَبِڪُم" جَڏهن ڪَنِ پِيومِ
"قالُوا بَلىٰ" قلبَ سِين تَڏهن تِتِ چِيومِ
تهِين وِيرَ ڪِيومِ، وَچَنُ ويڙِيچَنِ سِين.

١١

نَڪا "ڪُن فَيَڪُونُ" هُئِي، نڪا مُورتَ ماهَ
نَڪا سُدِ ثَواب جِي، نَڪو غرضُ گُناهَ
هيڪائِي هيڪُ هُئِي، وَحدانيتَ واهَ
لَکيائِين لَطِيفُ چَئِي، اُتِ ڳُجهاندَرَ ڳاهَ
اَکِينِ ۽ اَرواحَ، سائي ساجاءِ سومرا.

١٢

نَڪا "ڪُن فَيَڪُونُ" هُئِي، نَڪو لِڱَ لَحمُ
بَنيو هو نہ بُتَ ۾ اجان ڪو آدَمُ
مون مارُوءَ سِين سَڱُ، سوئِي آهي سومَرا.

١٣

چَئِي "ڪُن فَيَڪُون" جَڏِ خَلقِيا رُوحَ خُدا
گَڏُ جِتِ گُذرانُ هو، جَڙَ لَڳِي تِنهِ جاءِ
مون ماروءَ سِين ساجاءِ، سائي آهي سومَرا.

١٤

نَڪا "ڪُن فَيَڪُونُ" هُئِي، نَڪا هُونگَ نہ هُون
سَجڻُ تِنهِ ساعتَ ۾ اُيِي ڏِناسُون
مون مَنَ تَڏهانڪُون، مِلِي ملاقات ڪِي.

١٥

قِسمَتَ قَيدُ قَوِيءُ، ناتَ ڪيرَ اچِي هِنِ ڪوٺ ۾
آٽي لِکِيي لوحَ جي هندُ ڏيکارِيُمِ هِيءُ
پَرچِي ڪِينَ پَهُنوارَ رِءِ، جانِ جُسو ۽ جِيءُ
راجا راضي ٿِيءُ، تہ مارُنِ مِلي مارُئِي.

١٦

قِسمَتَ قَيد ڪِيَاسِ، ناتَ ڪيرَ اَچِي هِنَ ڪوٺ ۾
"وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيه مِن حَبلِ الوَرِيدِ"، وَطِنَ آءٌ وينلِياسِ

٧. پرياڻ= پَهہ، خيال، ڏس پتو، اهڃاڻ: جن جو پار پتو ۽ پهہ اهو جو سدائين پکي جي لڏ سان پنڌ ۾ (پانڌي) آهن. سي پنهنجا ڳڻ ساڻ کڻي، ٿر لنگهي اڳتي هليا ويا. ٨. وئا ڳڙن ئي ساڻ= پنهنجا سڀہ ڳڻ پاڻ سان کڻي وئا. جاڙ جيان تي= پاڻ کي ڏکيو ڪري جيان ٿي، اجايو جيان پئي. ١٠. "اَلستُ بِربڪُم"= (خالق ڏٺي روحن کان پڇيو تہ). 'ڇا آئون اوهان جو رَب (پالڻهار) ناهيان؟ "قالوابَلىٰ"= (روحن) چيو تہ" هائو" (بيشڪ، برابر). تهين وير= ان مهل (جڏهن ڏٺي تعالىٰ روح خلقيا ۽ ڪانئن پڇيو). وچن ڪيوم= هائو چئي وعدو ڪيوم. مفلوظات صبغت الله شاه رحہ ۾ هيءَ بيت انهيءَ طرح ڏنل آهي ۽ پڻ هيٺينءَ طرح فارسيءَ ۾ ان جو ترجمو ڪيل آهي:

آواز الست ازان روکه در گوش آمد "قالوابَلىٰ" بصدق قلب
آن گاه گفته ام- ازان گاه شده ست مرا رفتن بجانب ويريچيان، اي دوستان.

١١. "ڪُن فَيَڪُون" (قرآن شريف جي آيت جا الفاظ)= ٿيءُ، پوءِ ٿي پوي ٿو. (الله تعالىٰ جڏهن ڪا شيءِ خلقي ٿو تہ امر ڪري ٿو تہ "ڪُن" (= ٿيءُ)؛ پوءِ اها شيءِ ٿي پوي ٿي. نڪا مورت ماہ= نڪا چنبر جي صورت (هئي). ثواب ۽ گناہ جو بہ وجود ڪونہ هو. فقط 'الله' جي هيڪڙائي يا وحدانيت هئي. ڳجهاندر ڳاہ= راز وارو راز. سائي ساڄاءِ= ساڳي سڪ ۽ سچائي واري ساڄاءِ پنهنجي ماروءَ سان. ١٢. لڱ= جسم، عضوو. لحم= گوشت. بت ۾= بت جي صورت ۾. ١٤. نڪا هونگ نہ هون= نہ ڪو آواز هو نہ ڪو پڙلاءُ. اُيي ڏِناسون= سڄڻ بيٺو هو ۽ اسان سندس آڏو پئي ڏٺاسون (اسان کي ان ساعت ۾ بہ سڄڻ پئي ڏٺو). ١٥. قسمت قيد= قسمت جو قيد، قسمت ۾ لکيل قيد، نصيب ۾ لکيل بنديخانو. قوي= جنهن مان ماڻهو ڇٽي نہ سگهي. لکيي لوح جي= لوح قلم جي لکيي. ٦. وَ نَحن اَقربُ اِليهِ مِن حَبل الوَريد= اسين ان کي ساه واري رڳ کان ويجها آهيون (قرآن شريف)= الله تعالىٰ پنهنجي بندي کي سندس ساه واري رڳ کان ويجهو آهي.

مارُنِ کي مِلَندياس، ڪوٺيون ڇَڏي ڪوٽَ جون.

۱۷

”قيدُ الماۤءِ“ ٿئوم، هِتِ آڙانگي گهاريَان
”هِناکَ جِسمِي وَالفُوادُ لَدَيکُمَ“، هِنيُون هُتِ سَندومِ
قادِرُ شالَ ڪَندومِ، ميڙائو سِين ماروئِين.

۱۸

”قيدُ الماۤءِ“ ڪَهَنِ جو، سو مُون پاند پئو
”جَفَ القَلَمُ بِمَا هُو ڪائِنُ“، وَهِي قَلَمُ وِئو
اِيءُ قضا ڪَمُ ڪِئو، جئن ٿَرِ ماروُ آۤءٌ ماڙيين.

۱۹

جِهَڙو ”قيدُ الماۤءِ“، تهڙو بَندُ نہ ڪو پِئو
”جَفَ القَلَمُ بِمَا هُوَ ڪائِنُ“، لَهي نہ تِرُ تِئا
عُمَرَ تو هَٿا، شالَ آجائِي ٿِئي آجڙيين.

۲۰

گهنگهَرُ گهارِڻُ مون ٿِئو، رءِ اعرابِينِ اِتِ
”بَکَتِ العَينَينِ فِي هَواکَ دَمَا“، پُڄان ساڻُ پِرتِ
مون اکيون تَنُ تِتِ، جِتي جَنَبُ جِيڏِيين.

۲۱

هي هَنڌَ ماڙيون هاڻِ، ساڙيان سَڀَ ڏيهِينِ ري
”ڪُلُ شَيٌ يَرجِعُ اِلَيٰ اَصلِهِ“، تِي جهجان جهانگين ڪاڻِ
پِرِي پنهنجي ياڻِ، پسان مُلکُ مَلِيرَ جو.

وائي

پَرچَنِ شالَ پنهوارَ،
ڍولا ماروُ مون سين
پَرچَنِ وو!

پائي آيَسِ پاندَ ۾ اوگُڻَ عيبَ اَپارَ
مون مُورائِين مَدِيُون، آهِينِ سيڻ سَتارَ
قضا آنديس ڪوٽ ۾ لکيي جي لَغارَ
ميخون محبت سَنديُون هنيڙي منجهہ هَزارَ
اَنا مِينه مَليرَ ۾ ٺَرِ ٺَرِ پوءِ ٺارَ
مُون جيڏيون مليرِ ۾ پِيَنِ پسُ پَهنوارَ
عمر چاريان ان جا ٻَڪرَ شالَ ٻيهارَ
آهِين عبداللطيف چَئي سَرَها سيڻ سَنگهارَ.

داستان ٻيو

۱

اوٺي ڳوٺي آٽِيين ڪو هُتي جو هِتِ هيرَ
تہ ڪِنا جي ڪوٽن جا سي ٿين سُرَها سيرَ
آۤءٌ تہ اکيين اگهان، جي پاٽرُ ڏنئِين پيرَ
لِلهِ لَڳَ لَطِيفُ چَئي، توڻ لاءِ ڪِيمَ اويرَ
ڪونيين گهاري ڪيرَ، مَحلين مُنجهي مون هِنيُون.

۲

الله اوٺي آٽيين، جي نِيَاپا نِينِ
آۤءٌ اُني جي آهيان، توٽي مون نہ مَجِينِ
مَسُ مُنهنجِي هٿ ۾ ڪاغذَ ڪي اٽِينِ
لُڙڪَ نہ لِکَڻُ ڏِينِ، ڪِرِئو پُونِ قَلَمَ تي.

---

۱۷. قيدالماءِ= پاڻيءَ جو قيد، داڻي پاڻي جو قيد (جتي داڻو نصيب ۾ لکيل هوندو، اُوس اتي ئي گهارڻو پوندو. هِناکَ جِسمي- الخ= هتي منهنجو جسم آهي ۽ دل اوهان وٽ آهي. ۱۸. ڪهن جو= جيڪو چون ٿا، جنهن جي ڳالهہ ٿا ڪن. مون پاند پئو= منهنجي پاند ۾ پيو، مون کي مليو. جَفَ القلم- الخ= قلم سڪي ويو ان وقت جيڪي هن لکيو (جيڪو لکيائين سو لکيائينءَ ۽ سکي ويو). قضا= ازل واري فيصلي. ۱۹. لهي نہ تِرو تئا= تتان تر جيترو بہ نہ گهٽجي. آجڙيين= آجڙين کي، پهنوارين کي. ۲۰. گهنگهر گهارڻ= ڏکيا ڏينهن ڪاٽڻ. رءِ اعرابين= بَدوين کان سواءِ (استعاره طور)، ٿر بر ۾ رهندڙ ماروئڙن کان سواءِ. بَکت العَينين فِي هَواکَ دَمَا= تنهنجي سڪ سوز ۾ اکيون رت رنيون. تن تت= جسم اُتي جتي جنم جيڏيين. ۲۱. ڪُلُ شيءِ يَرجِعُ اِلَيٰ اصله= سڀڪا شيءِ پنهنجي اصليت ڏانهن ٿي موٽي. پِري= ڦري، وري، وري خوش ٿي. پنهنجي ياڻ= پنهنجي ياڻ تي= پنهنجي حال جي ياڻ تي، پنهنجي ماڳ تي.
د- ۲: ۱. اوٺي= اي اوٺي قاصد. ڳوٺي آٽيين= جيڪر تون منهنجو ڪو ڳوٺ وارو وڻي اچين. ڪنا= گندا. سير= گس، گهٽيون. سرها ٿين= خوشبوءِ وارا ٿين، صاف سٿرا لڳن. جي پاٽر ڏنئين پير= جيڪي پير هن پاٽر ۾ ڏنا (جن پيرن سان هو منهنجي وطن ۾ گهميو). ڪوٺين= (ڪوٽ جي) ڪوٺين ۾.

٣

پُهي سُکُ پيرين کيهَ، کو نيهَ نِياپو آئِيو!
اَتِ اُڪَندِي آهِيان، تِنِ ڏوتِين تن ڏيهَ
سَندِي جا ساٿِيهہ، کيهَ ڳُٺوري پانئِيان.

٤

نکو اير نہ پير، نکو اوني آئِيو
مون وَٽِ آيو ڪونہ ڪو پاٿُران پَري پيرُ
ڪِتابَتُون ڪيرُ، ڏِيندُم ڏِهاين جيون.

٥

نہ ڪا خَبَرَ نہ ڪو خوابُ، نکو اوني آئِيو
هُتي جَنِ هت اچي ڏنو ڪونہ جَوابُ
هَميرَنِ حِسابُ، ڪُهُ جاڻان ڪِيئن ٿئو!

٦

اُتان اوني آئِيو، خَبَرَ اِيءَ ڳري:
وِسارِج مَ وَرَ ڪي، پَئِجُ مُنڌ مَري
وِيندِينءَ اُتِ وَرِي، ڪو ڏِينهُ آهِين ڪوٽ ۾.

٧

اُتان اوني آئِيو، خَبَرَ ڪِينءَ ڳري
ٻِنهِي پارين ٻاجهہ تي، پَٽُ مَ مُنڌ مَري
وِيندِينءَ ويڙ وَرِي، ملير اُنِي مِينهَڙين.

٨

ڪو ڏِينهُ آهِين ڪوٽ ۾، لوئِي هَڏَ مَ لاهِ
ڪامَڻِ آنهِ جي ڪُرَ جِي آڏِ وَڏائِي آهَ
هِتِ مَ پاڙِج هيڪڙو پاٿُرَ جي پَساهِ
سَتِي سِيلُ نِباهِ، مَلِيرِ وِينِدينءَ مارُئِي.

٩

عُمَرَ اوني آئِيو ڪاڪاڻِئان ڪالَ
اُنا مِينهَ مَلِيرَ ۾، جَرَ ٿَرَ پَرِئا جالَ
هَئِي مُنهِنجِي حالَ، جِئَن مُندون سارِئو نہ مَران.

١٠

جو ڏيهَ ڏاڏاڻِئان آئيو، پيرين تِنه پُئان
سانگائيتيون سيد چَئِي، سَنديون چِتِ چُئان
هِتِي تان نہ هُئان، حَرَفَ لَتِي هيڪَڙِي.

١١

جو ڏيهَ ڏاڏاڻِئان آئيو، ڏِنُمِ تِنهِ طعنو:
سَرتِيَنِ سِيلُ چَئايو، جورِ هَٽِي جانو
پائي ويهُ مَ پَلنگين، ڳچِيءَ سِرِ ڳانو
مَتان لَڪَ، لَطِيفُ چَئِي، ڪانءِ مَ خزانو
ٿِئو سَڌُ سَمانو، حَرَفَ لَتِي هيڪَڙِي.

١٢

عمرَ مارُئڙِنِ جو ٿَرَ ٿَرَ اَندرِ ٿانءُ
سَپَ تُنهنجو سومرا وينا ڳِنهَنِ نانءُ
اُتي وِينِديِسِ آنءُ، لوئيءَ لَجَ مَتي ڪَري.

٣. پُهي سُک پيرين کيهَ= قاصد سکيو هجي ۽ پير مٿيءَ هاڻا هجن! (هي قاصد کي مبارڪ جو سلام هو تہ هڪ آيو آهي! وڏو پنڌ ڪري آيو آهي). ڪو نيه نياپو آئيو= اي قاصد، سڄڻن طرفان ڪو محبت جو پيغام آيو آهي. (= آندو اٿئي؟) اَتِ= تمام گهڻو. کيه= سنهڙي مٽي، ڌڙ. ٤. نکو اير نہ پير= (محاورو) هن طرف ڪو اچڻ وارو ڪونهي، ڪنهن جي اچڻ جو اهڃاڻ گمان ڪونهي. پاٿران= پاٿر مان= منهنجي ساٿيهہ مان. ڪتابتون= لکتون. ڏهاين جون= ڏيهہ وارن جون. ٨. آنهِ جي= اوهان جي. ڪُر جي= پيڙهي پُري جي. آڏ وڏائي، فخر ۽ آبرو. پاٿُر جي پساه= وطن جي دم برابر هتان جو هڪڙو ساه بہ برابر نہ ڪج. ستي= اي سَتيا واري، اي پاڪباز! ٩. ڪاڪاڻئان= (ڪاڪو = چاچو) ڪاڪي جن وٽان، اباڻي پار کان. پرئا جال= سپ جهجهي پاڻيءَ سان پرجي ويا. ١٠. پئان= پوان. سانگائيتيون= سانگي سان، موقعي سان. مهلائتيون (ميارون). سنديون چت= دل من واريون. چئان= چوان. حرف لتي هيڪڙي= ان هڪ ميار لٿي (اها ميار تہ آءٌ ڪا هت خوش ٿي ويٺي آهيان يا مون ست سيل نہ رکيو آهي؛ عمر بادشاهہ مون کي ست سيل جي تصديق سان آجو ڪندو تہ اها ميار لهي ويندي ۽ آءٌ بنا دير موٽي پنهنجن مارن وٽ وينديس). ١١. سيل چوائيو= ست سيل رکڻ جو تاڪيد چوائي موڪليو. جور هٽي جانو= زور وارو جانو پري، وڏي منٿ ڪري. لڪ= ڏکيو لنگهہ، ڏکي آزمايش وقت. ڪانءِ مَ= ساڙ مَ، جلاءِ مَ. خزانو= سونهن ۽ ست سير جو خزانو. سَمانو= سولو، خير ۽ مانَ وارو. ١٢. ٿانءُ= ٿاءُ، ماڳ، مڪان. لوئيءَ لج مٽي ڪري= لوئي جي لج کي مٽاهون ڪري، لوئي جي لج سان مٽي کي ڍڪي.

١٣

عُمَرَ ماروئڙنِ جا ٿَرَ ٿَرَ اَندرِ ٽاڪَ
لاٽائُون لَطِيفُ چَئي مَٽان لوئِيءَ لاڪَ
عُمَرَ اتمِ آڪَ، ڦِرِئو ٿِي پَن چَران.

١٤

ٿَرَ لَيا، ٽاڍيلَ ٿي، ڦِرِئو چَرنِ پَنَ
هنيَڙي راتِ اُڪِيرئو، مارُوءَ ڪارڻِ مَنَ
زيريون لاهِ ضعِيفَ تان، اَلا ڪَرِ اَمَنَ
سَرتِيَنِ ساڻُ سَمُنَ، مُنهنجِي ونئي وَلهارَنِ ۾.

١٥

سي ٽاريلا ٿَرنِ ۾، جي مان گهٽَ گهُري
وَطَنِ وَسَ وَسنديُون، هنيَڙي نِتُ هُري
اَندرِ چِٽَ چُري، وِرهُ ويڙيچَنِ جو.

١٦

سَهسين سيبا ڪَنجُري، لوئِي لِيڙ ٽِيامِ
اباڻَنِ جي آسَري ڪَتي ڪانہ ڪِيامِ
جا ڏِتِ ڏِڪييام، تِنہ جو پَرورَ پَنُ رَهائِيين.

١٧

سَهسين سيبا ڪَنجُري، لِيڙُون تِي لوئي
واسي وارَ نہ ويڙهِيَان، ڏارين سِين ڌوئِي
مَليرُ مِڙوئِي، مَرڪِي شالَ مَلهائِيان.

١٨

سِبي سيبا ڏي، پوريءَ نِيہُ نہ لَڄِئو
ڪَتيءَ وَٽيون ڪَٽيون، سِبي سيري سي:
مَڃُڻُ چُوئمِ ڪي، تہ لَڄايَئِي ٿَرَ ڄائِيُون.

١٩

اَڳِڙيارو ڪَنجرو، لوئِي سِين لِيڙنِ
هِڙُو حالُ ونئي ڪري، وڃان مَنجهہ ٿَرنِ
مارُو مانَ چُون، هُئِي اَسانهِين آسَري.

٢٠

سَتِيءَ ڳالهہِ سُئِي، سَرتِين سِنجَڻُ ڇَڏِئو:
’ماروئڙي محلن ۾، اڳي ڪانہ هُئي
عُمرَ آءٌ نہ مُئِي، اِنَ اويائِنان اڳَ ۾.

٢١

مارُيءَ چَڙهِي سُومَرا، آءٌ هَٿِ لڄاٽِي
هَٽان مون مَ هارجي، پاٽَرَ جو پاٽِي
ٻولِي ٻاٻاٽِي، ونئي شالَ ويڙِ وڃان.

١٣. ٽاڪ= رهڻ ويهڻ جا هنڌ. لاٽائون= مارن (هت مند ۾) لوئيءَ تان لاڪ لاٽي، لوئي کي لاڪ سان رتائون. آڪ= شايد. ”آڪُ“ يا ”آڪَ“ جي ڪا ٻي معنيٰ هجي جيڪا هن وقت معلوم ناهي. جيڪا معنيٰ ’آکہ‘ (سرائڪي)’آکڻ‘ مان’آکَ‘ يعني چوڻ ۽ اَمُر (مارن چيو تہ لوئي نہ لاهجان). پوئين فقري پهرئو مارئي عمر. ١٤. لَيا= ٻريا (مينهن جي وسڪارن سان). ٽاڍيل= ٽاڍل، ٺڏائي (مُند جي). ڦرئو= مال سان گڏ ڦرئو، مال سان گڏ مال ڀرائي هليو. پنَ چرن= گاه چرن= مال کي گاه چارين. زيريون= پيرن واريون لوهيون ڪڙيون، پيرن جا بند. سمُن= گڏجاڻي جو انجام. ١٥. جي مان گهٽ گهري= جن کي منهنجو اندر ساري. ١٦ سيبا= ٽوپا. ڪنجرو (ڪنجري)= چولو (چولي جنهن جي پويان. پُني خالي). ڪانہ ڪيام= مون ڪانہ ڪئي، ڪانہ پاتي. ڏِت ڏِڪييام= ڏِت ۾ جا ڏِڪير (پاتم)، جا ڏِت مون کي ڏِڪائي (پارائي) .پن رهائيين= پردو رکين. ١٧. ليڙون= ريڙون، ڌاڳا ڌاڳا. واسي= خوشبوءِ سان سُرها ڪري. ڏارين سين ڌوئي= ڏارين سان گڏ ويهي ڌوئي. مرڪي= مان واري ٿي. ١٨. پوريءَ نيہ نہ لڄئو= ويچاري سڪ ۽ محبت جو ناتو نہ لڄايو. سيري = سِرڪائي (سوليون ڪري). (ٻي پڙهڻي) ڳوريءَ نيہ نہ ڪچوئي“. ڪَڇُوئو= چولو. نيہ= پيار= سانگو. چولي جو سانگو نٽي ڪري ۽ پئي ان کي سُيون هڻي ۽ سيبا ڏئي. ١٩. اڳڙيارو= اڳڙين وارو= ڦاٽل، جنهن کي اڳڙيون لڳل هجن. ٢٠. سَتيءَ ڳالهہ= ستيءَ جي ڳالهہ (مارئيءَ جي ڳالهہ تہ هوءَ وڃي عمر بادشاهہ جي محل ۾ ويٺي آهي). سُئي= پڌري ٿي، سئي ٻڌي ٿي. سنجڻ= ورَت واري پاٽي ڪڍڻ. ماروئڙي- الخ= (اها ڳالهہ) اَن اويائنان= ان طعني مهڻي کان. ٢١. لڄاٽي= لڄي ٽيس. پاٽر جو پاٽي منهنجيٰ هٽان نہ هارجي، وطن جي لڄ ۽ ساک منهنجي هٽان ڪچي نہ ٿئي. ٻولي ٻاٻاٽي= اباڻن جي ٻولي (تہ لوئيءَ جي لڄ رهي).

٢٢

هِڪُ سِري هِڪُ ساهُ، ٻئو ناه جو ٻئي ڏيان
ڄاڻي هڪ اللهَ، سو تان ڪِيتَ خريدَ ڪِئو.

٢٣

هنيون هڪ هُئو، سو پُرزا تي پئو
ڪِين ڪيرين، ڪِين ٻيرين، ڪين وَلهارين وِئو
مُنيءَ موٽُ ٿِئو، تون تو ساهِ ڳٽائين سُومَرا.

٢٤

هنيُون هِڪُ هُئومِ، جو مون ڏنو پرينءَ کي
ٻئو تان ڪونہ ڪِئومِ، جو آءٌ آڇيان عام کي.

وائي

ويڙيچَنِ ڏي ويندِي، عُمرَ!

آئون مارُوئڙن ڏي وِيندِي
ڏيہَ ڏاڏاٽين پَکڙين

سَگَرَ ساهيڙين سين، ساٿيهَ مَنجهہِ سَنِيندي
اُنا مينهن مَليرَ ۾، ڏاڳا ڏُبَرَ ڏُوندِي
گولُون گولاڙَنِ جون جهِپي ساڻُ جهَٽِيندِي
ڪوڪَڙَ ڪُنديرَنِ ۾، ڦُوڪِئو ڦَڪَ پَرِيندِي
عيدَنِ بَرادَنِ تي ڪيهَ مانداٽا ڪِيندي
وجي شال وَطَنِ ۾ ڪِرڙَ ڦُوَت ڪَرِيندِي
جهُوپا جهانگيڙَن جا، آءٌ ماڙِينِ تي نہ مَنِيندِي.

داستان ٽريو

١

ميندِيا ڏوءِ نہ مارُئِي، پِيئَسِ پَهُنواريون چِتِ
راڄ رُئاري، هَنجهُون هاري، هِيءَ هُتِي جي هِتِ
آهِسِ پاٽَرَ پارَ جو ڪِجَڻُ ۽ ڪِپَتِ
وِينگسِ ويڙيچَنِ رءَ مَسَ سُٽي ڪا مَتِ
سُومَرا سُپَتِ، ڪَرِ تہ ڪوٺيئان نِڪَرِي.

٢

ميندِيا ڏوءِ نہ مارُئي، آهِسِ مَنِ مَليرُ
ڪَدِي تہ ڪاڻِ لَهي هِتان هيءَ هَميرُ
ڪاٺڙِ پِيَنِ ڪِيرُ، جي امانَتَ اُتِ وِجي.

٣

مِينديا ڏوءِ نہ مارُئي، نہ ڪِلي نہ ڪاءِ
عُمَرَ جي انصاف جا وِيني واساما ڳاءِ:
هيءَ جا ڪِيَئِي هاءِ، سا مَهندان اِينديئِي مُنہَ ۾.

٤

مِينديا ڏوءِ نہ مارُئي، ٽِيَسِ ڳُرنديون وارَ
سَتيءَ سيئي ساريا جي پاٽَرَ جا پَهُنوارَ
عُمَرَ اُنهون ڏارَ، مُورِ نہ وِهي ماڙيين.

٥

ميندِيا ڏوءِ نہ مارُئي، مَحلين مارُوئان ڏارَ
پايو ميٺُ مَليرَ ري مُنڊَ نہ ويڙهي وارَ

---

٢٣. ڪيربون ۽ ٻيريون= ٽر جا ٻہ وڻ (ڪيرءِ ٻير). ولهارُ= ڇن، هيٺاهين نشيب واري زمين جنهن ۾ وڻ هجن ۽ پوسل هجي. ساهَ= سيِ ڳهہ (سرڪان وني پيرن تائين)، ’ڳهن جي ساهَ‘. ڳٽائين= ڏٿين (گهڙائين= نئين سر تيار ڪرائين). وائي. پکڙين= پکڙن ۾، پکن ۾. سنيندي= ڪُنيندي، ڇاٽيندي. ڏاڳا ڏٻر= رليون رلڪا. ڪوڪڙ= سڪل پيرون. ڪنديرن ۾= ٽاون ۾ جن ۾ ڪوڪڙ رکيل آهي. د-٣-١: ميندِيا= سامهان ڳٽيل وار. پاٽر پار جو= پاٽر واري ملڪ جو، پنهنجي وطن جو. ڪجڻ ۽ ڪپت= مسلسل ڳُنڪو ۽ غم. وينگس= شانائتي عورت، مارئي. ويڙيچن رءِ= وطن وارن جي ڳالهہ کان سواءِ. مس سٽي= ٻڌي ئي ڪانہ. سُپت ڪر= سني پت ڪر، سهٽي ريت ڪر. ٢. مليرُ= پنهنجو سهڻو ملڪ (ملير جهڙو). ڪدِ= ڪوٺ مان ڪدِ (۽ مارن ڏانهن اُماڻ). ڪاڻ لهي= حرف لهي. ميار لهي، گلا لهي. ٣. واساما: هيءُ لفظ ڪتي بہ ڳالهائڻ ۾ نہ ٻُڌو ويو. ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ’واساما ڳائڻ‘ جي معنيٰ= ڳٽتيون ڪرڻ، خيال ڪرڻ، دليل ڊوڙائڻ، ڪنهن جي اون يا اوسيڙي ۾ ويهڻ. يعني مارئي عمر جي انصاف جي اون پئي ڪري تہ ڪڏهن انصاف ڪندو. انهيءَ جي لحاظ سان، ’واُساما ڳائڻ‘ جي بدران ’اوساما ڪائڻ‘ صحيح ٿيندو. واساما ڳائڻ مان مراد ڳڻ ڳائڻ، نيڪيون ڪرڻ. هاءِ= هائي، ڏاڍ. مهندا اينديئي= (جزا ۽ سزا واري ڏينهن اڳيان سامهون ٿينديئي. ٤. ڳرنديون= مُوڙيون، ڳنڍيون ڳنڍيون. ٥. پايو ميٺ= مٽي ۾ ميٺ وجهي (= وهنجڻ لاءِ ميٺ وجهي وهنجي).

جا هُتيجَنِ هارَ، سا ڪِيئن وِهَندِي ڪوٽَ ۾.

٦

مِيندِيا ڏوءِ نه مارُئِي، ڪونهي اُنِ اوچاهُ
عُمَرَ جي انصاف جو پِٽَسِ ڪَنِ پَڙاءُ
وِيئِي چوءِ اللهَ، مون تي مِنٿَر نه موٽِئا.

٧

مِيندِيا ڏوءِ نه مارُئِي، ٿِئَسِ گُڙُلُون ڳاهُ
ڪِينَ ڳَٽنديَسِ ڪوٽَ ۾، پاٿُرَ ري پَساهُ
سَرتيون ڏِيان ساهُ، جيڪَر مِلان مارُوئين.

٨

مَحلين ماندِي مارئي، ماڙيين ڪِي مَلُورَ
اَٽِيا سَٽِيا نه ڪَري، سُونهَ وِجايَسِ سُورَ
پِٽَسِ لوهَ لَطِيفُ چَئِي، لَٽَسِ ڪوڏَ ڪپُورَ
چِٽَ جَنِي جا چُورَ، سي مَڪِي مَرَڪُ نه ڪَندِيُون.

٩

مارُوئَڙِي روئِي، نِيايا چائِيا
آن جو ڳُتو جيڏِيُون مِيندِي وَرُ سوئِي
لاٿُمِ نه ڏوئِي، ساڻُ سَرَچي سومَرِي.

١٠

هُنَ پَٽندي پُونِ، گَسُ نه لَڳِيَمِ گَسَ جي
آيَس عمرڪوٽ ۾، ٿِئو مَٿو ميرو مون
جادُنِ پِيئِيُون جُون، آءٌ ڪِيئَن مَرَڪان مارُوئين.

١١

ڪَرِئُو مُهاڙُ مَليرَ ڏي، روءِ اُپِي چوءِ:
سَهَجُ سُورِي پانئِيان، سومَرا سَندوءِ
مِلڪَ مارُوءِ جي آهيان، جور نه ٿِيان جوءِ
سو قَلبُ ڪوٽِ نه هوءِ، جو هُتيجَنِ هَٿِ ڪِئو.

١٢

ڪَرِئُو مُهاڙُ مَليرَ ڏي، اُپِيائِي آهي
جا مَٽي ڏِنِيَسِ مارُوئين، سا لوئِي نه لاهي
سومَرا ساهي، تِنه سَتِيءَ وِجُهمَ سَنگهَرُوُن.

١٣

جا عُمَرَ تو مِلُ عِيدَ، سا هُنِ سوءِ وَرتي سُومَرا
وِيئِي وِيچارَنِ وِسَرِي، خوشي ۽ خَرِيدَ
سِڪَڻَ ڪِئا شَهِيدَ، مارُو جي مَليرَ جا.

١٤

آءٌ ڪِيئَن سوڙيين سُمَهان، مون وَرُ گهاري وِلِ
ڪَتيرِيءَ تان ڪِلَ، عُمَرَ اِهڙي مَ ٿِئي.

١٥

آءٌ ڪيئَن سوڙيين سُمَهَان، مون وَرُ گهاري سُج

هار= رهڻ واري هيراڪ. ٦. ڪونهي ان اوچاه= مارئي ڪان ڪجهه به نٿو اچهي (اڪيلي سر هو بيحال آهي). پر عمر جي انصاف جو ڪن تي پڙلاءُ پيس. (انهيءَ ڪري آئت آيس ۽) ويئي چوءِ اللهَ= ويئي چوي ته يا الله ڇو مون تي منٿر نه موٽيا= اجان تائين مائٽ نه موٽيا. ٧. ڳُڙلون =ڳُڙ جهڙا (چوندا: 'وارڳڙ ٿيا پيا آهن')= منڌل مُوڙهل. ڳاه= هڪ ٻئي سان لڳل سوڙها گهاٽا (ميندِيا ٿيس ڳُڙلون ڳاه). ٨. ملور= ملول، غمگين، ڏُکاري. لٽس ڪوڏ ڪپور= ڪافور. ڪافور جي خوشبوءِ وارا لاڏ ڪوڏ لٽس. چٽَ= چيتا، حوصلا. مکي= ڪافور مکي. ٩. چائيا= چوائيا، موڪليا. ميندي ور= ميندي جو ور. ١٠. هن پٽندي پون= هن پونءِ پٽندي، ٽر جي زمين تي هلندي. گُس= مٽي، دَز. گس جي= واٽ جي. جادن= چٽڙن ۾، وارن ۾. ١١. روءِ اُپي چوءِ= پئي روئي ۽ بيٺي چوي (ته سهج سوري پانئيان...) سهج= سک، خوشامد ۽ آڌرڀاءُ. جور= زورِ= زور سان. قلب ڪوٽ نه هوءِ= منهجو من ڪوٽ ۾ ڪونهي، ڪوٽ ۾ خوش ڪونهي. هُتيجن هٿ ڪئو= هُتي جي ماروئڙن پنهنجي هٿ ڪيو. ١٢. اپيائي آهي= بيٺي آهي. ساهي= (هڪ معنيٰ) جهلي ڇڪي (ٻي معنيٰ) سهسائي= تنگ ڪري مجائي. ١٣. تو مُلِ= تو وٽ. هُنِ= هنن (ماروئڙن). سوءِ ورتي= عيد سوءِ ڪري ورتي= عيد ملهائڻ بدران انهن سوءِ ڪئي، غم جو اظهار ڪيو. ويچارن ماروئڙن ڪي عيد جي خوشي ۽ خريد وسري وئي. سڪڻ ڪين شهيدن مثال ڪري ڇڏيو. ١٤. سوڙيين سُمَهان= سوڙيون اوڍي سمهان. مون ور= منهنجو ڀتار (مارو). گهاري وِلِ= ولهه گهاري، ٻاهر سخت سيءَ ۾ بنا اوڇڻ جي سمهي. ڪتيري= ڳتيءَ واري، لوئي واري (مارئي). ڪِلَ= ٽوڪ. ١٥. گهاري سج= سج ۾ گهاري، سج ۾ رهي (جتي اوڍڻ، ڪائڻ پيڻ لاءِ ڪا شيءِ ڪانهي).

وَرُ اَباڻَنِ سِين اَجِ، ڪُوءِ سَربَتُ تنهنجو سومَرا.

١٦

جارين نارِين نِيسَ، آءٌ ڪيئن ويڙ وِسارِيان
ڏُرڪَنِ تيون ڏاٿيلِيُون ڪُلهن ڪارا ڪيسَ
عُمرَ ماري ميس، وِهان ڪِيئن وَطَنِ ري.

١٧

وَرُ سي وَطَنَ جائِيُون، صَحرا سَترُ جَنِ
گولاڙا ۽ گگرِيون اوچَڻُ اَباڻَنِ
ويڙهيا گهمَنِ وَلِيين، جهانگي منجهہ جهنگَنِ
مونکي ماروئڙَنِ، سُج ڳِٽائي سيجَ ۾.

١٨

پَلَرُ پيَڻُ، اَنَ اوڏَڻُ، جَنِ جا پير مَٿي پَٽ پاڪَ
ويهڻُ وَٿاڇَنِ ۾، اَنِ جي اَجوڪِي اوطاقَ
پاڻُ نہ پَسَنِ پاڻَ کي، ويچارا ويباڪَ
عُمَرَ اوءِ نہ عاقَ، ڏُکِئا جِمَ ڏُکوئِيين.

١٩

ڪارا ڪبڙَ ڏيهہَ ۾، ٻئا وارِيءَ مَنجهہِ وَٿاڻَ
ساٿِينِ کي سَيدُ چَئي پَرِئو ڏِينَ پاڻَ
عُمَرَ اِيءَ اَماڻَ، ثابتُ رَکجُ سُومَرا.

وائي-١

ڪارا ڪبڙَ ڪُوهَ، ٻيرِين ۽ ٻُوهَ،
آءٌ سيئِي وينِي سارِيَان

اَنَا مِينهہَ مَليرَ ۾، ٿهڪِي اَيا ٿُوهَ
سُتي سَجَڻُ سارِئا، راتِ مُنهنجي رُوحَ
هَلَنِ هيلُون، ٻَڌَنِ ٻيلُون، مُدَ موچارِيءَ مُوهَ.

وائي-٢

مُنهنجو مَنُ مِيَان، واڳئو ويڙيچَنِ سِين
قضا آندِيس ڪوٽ ۾، ڪنهن کي ڏوهُ ڏِيان
ڪانڌُ نہ ڪنديس ڪو ٻئو جانسِين تِي جِيان
آءٌ ڪيئن لوئِي لاهِيَان، ڪارڻِ ٻِنِ ڏهان
حرفُ لَٿي هيڪڙي، هِتي تان نہ هُئان
پَهِي پاڪي پَنڙي، پرينِ ساڻُ پيان
ڪيرُون ڳَٽيرِينَ کي، وڃِي ڏيهہِ ڏِيان.

ور اباڻن سين اج= اباڻن سان گڏ اُج پلي. ڪوءِ سربت تنهنجو= ڪڏ ۾ پوي شربت تنهنجو (اڳين ٻولي ۾، ڪن لفظن ۾، 'ش' بدران 'س' اچار ڪيو ٿي ويو. اجان تائين ٻاهر ڪن جاين تي راقم ائين ٻڌو. 'سربت ۽ سومرا' پڙهڻ سان شعر واري خوبي وڌي ٿي. 'شربت' پڙهڻ بہ صحيح ٿيندو.) ١٦. جارين= جاريون. نارين= ناريون، برسات جي پاڻيءَ جون وَهُڪون. نيسَ= گهڻو مينهن ۽ پاڻيءَ جون پَلٽون. ڏُرڪن= ڏُلڪن، ڳمي ڳمي هلن، ڳوريون ٿي ڏار سان هلن. ڏاٿيليون= ڏڻ واريون. ڪلهن ڪارا ڪيس= سندن ڪارا ڏگها وار پيا ڪلهن تي ڪرن. ماري ميس= پنهنجي ميس ماري، پنهنجي آڻ ڇڏي. ١٧. ور سي وطن جائيون= اهي منهنجيون وطن جايون پليون، اهي پل تہ خوش رهن. صحرا ستر جن= جن جو ڍَڪ پردو (ستر) ٿر (صحرا) آهي (جتي ماڻهن جي اچ وڃ ڪانهي). گگريون= گولاڙن جون وليون، گگريون (وليون) اباڻن جو اوڇڻ آهي (انهن ولين جا پاند ۽ پن انهن جو لباس آهي). ويڙهيا گهمن= ولين سان وِيڙهيا گهمن، ڍڪيا گهمن ڳِٽائڻ= ڪنوار کي ڏاج ۾ ڳهڻا ۽ ڪپڙا سوغات ڪري ڏيڻ، شادي تي آيل ڄڃ وارين کي اُهي سڀ هڪ هڪ ڪري (= ڳِٽي) ڏيکارڻ. ١٨. پٽ پاڪ= ٿر ٻر جا پٽ پاڪ. آهن جو اتي ڪا گندگي ڪانهي. وٿاڇن ۾= نندڙن وٿن ۽ ٻُوڙن جي ڇانو ۾. اجوڪي= بنا جوڪي جي. (ٻي معنيٰ) نرالي. اوءِ نہ عاق= انهن کي عاق نہ ڪر، انهن کي آس اميد مان نہ ڪڍ (هو تنهنجي انصاف جي مِلڪيت ۾ پتيار آهن). ١٩. پاڻ= وڏا تاسرا (وڏا پيالا ۽ وٽا. اماڻ= امانت. وائي-١. ٻيرين (ٻولي آهي)= ٻيريون. ڪارا ڪبڙ= اهي ڪبڙ جن جا پيرون ڪارا. ٻوه= ٻُوڙي جو نالو. ٿهڪي ايا= ڪُلي ظاهر ٿيا، پڇي رنگين ٿي نڪري ٻيٺا. هيلون ٻيلون= ان (ٻاجهري، ترن) ڪي يا ڏٿ ڪي پورڻ لاءِ هلرون. مد= مند. مُوه= سنڌ جي پاسي واري ٿر جي ڪنار، موهر. وائي-٢. واڳئو= ڳنڍيو. ٻن ڏِهان= ٻن ڏينهان. حرف لٿي= ميار لٿي، ڪوٽ ۾ اچڻ واري ميار لٿي (= ڪوٽ مان آجي ٿيڻ سان). پَهي ۽ پاڪِي ٻئي ساڳي ڳالهہ= بالڪل گهٽي ڇڏڙي پَنڙي رب.

داستان چوٿون

١

سُونہَ وِجايَمِ سومَرا، مارُو مَسَ مَجِينِ
ڏُنگا ڏاڏي پوٽِيينِ ڪَنِ ڏِنا ڪي تيون ڏِينِ
جي مان لوہَ لاهِينِ، تہ ڪوٺِينِ ۾ ڪِينَ هُئان!

٢

سُونہَ وِجايَمِ سُومَرا، سَگرَ جهَڙِي سُونہَ
دِلِ ۾ ڏکي ڏُونہَ، منهنجو مُنہُ ميرو ٿِئو.

٣

سُونہَ وِجايَمِ سومرا، ميرو مُنہُ ٿِئومِ
وَجِھُ تِتِ پِئومِ، جِتِ هَلَڻُ ناهِ حُسنَ ري.

٤

سُونہَ وِجايَمِ سُومَرا، هِتي اچي هاڻِ
ڪِيئن لَهنديَمِ ڪاڻِ، حُسنُ مون هِتِ وِئو.

٥

سُونہَ وِجايَمِ سومَرا، ڪوجهو ٿِئُم ڪَمالُ
وجان ڪِيئن وَطَنَ ڏي، هِهڙو وَني حالُ
جي مون ڏِين جمالُ، تہ پَسان مُنہُ پَهُنوارَ جو.

٦

سُونہَ وِجايَمِ سُومرا، وَطَنِ وجان ڪِيئن
حُسنَ ڏاران هِيئن، پَسان ڪِيئن پَهُنوارَ کي.

٧

سُونہَ وِجايَمِ سومَرا، پَسان ڪِيئن پَهُنوارَ
ڏُٺِي جا ڏرارَ، تِنهِ رَءِ رُوءِ رُڃَڻُ ناہ ڪو.

٨

سُونہَ وِجايَمِ سُومَرا، عُمرَ ٿِيَسِ اَسِيرَ
مارُو منجھ مَليرَ، مون سِين هِتِ هِيئن ٿِئو.

٩

سُونہَ وِجايَمِ سُومَرا، ٿِيندِيَسِ ڪِيئن قبُولُ
ڪونهي سُهُڪُ سُولُ، پوچي مُنہِ پَهُنوارَ سِين.

١٠

مُنہَ موچارا ماروئين، مَليرُ جَني ماڳُ
ناقِصَ نوازي گهڻا سندو ٿَنَ سَياڳُ
اکرُ مون اَياڳُ، حُسنَ تي هِيئن ٿِئو.

١١

اُنهين جو اَياڳُ، ڪونهي قادِرُ ڪو ٻِئو
"قُل لَن يُصِيبُنا اِلاَ مَاڪَتبَ اَللهُ لَنا هُوَ مولنا"،
اِيءُ مَعذرَت ماڳُ
سَيوئِي سَياڳُ، مارُئِي مَساوِي ٿِئو.

١٢

نِيرُ نہ لَهي نِيہَ جو، لوہَ جا وِٺا لَهي
ڪنجيون جي قُفلن جيون، سيٽَن هَٿِ سَهِي
وِئڙا راڄ رَهِي، ڏِيان ڏوراپا ڪَنِ ڪي.

د-٤-١. سونہ وجايم= مون سُونہ وڃائي، منهنجي سونہ باقي نہ رهي آهي. مس مجين= مس قبول ڪن (جي موٽي وڃان تہ). ڏنگا، ڏُگها= طعنا. لوهہ= ڪڙيون ڪڙا ۽ بند. ٢. سِگر= (الف) سوائي سهڻي. (ب) ڄام اُڏيءَ ۽ هوٿل پري جي سهڻي ڌي 'سَگر'. ڏُونہ= دونهون، غم ۽ درد جو دونهون. ٥. جي مون ڏين جمال= جي منهنجا مارو مون کي جمال ڏين ٧. ڏُٺي= چونڊي، چونڊي پسند ڪئي. رُوءِ رُڃڻ= مُنهن جو مرڪڻ، منهن جو رنگ سهڻو ٿيڻ. ٩. ٿيينديس ڪيئن قبول= قبوليت ۾ ڪيئن ايندیس، ڪيئن قبول پونديس. سُهڪُ= سڪ. سُولُ= سهڻائي، نفعو، فائدو. پُوچي منہ= پُوچي مُنهن سان، ڪوجهي مُنهن سان. ١٠. مُنهن موچارا انهن ماروئن جا آهن جن جو ملير ۾ ماڳ مڪان آهي، جيڪي ملير ۾ رهن ٿا. انهن جو بخت ناقصن کي بہ نوازي ٿو، عيبدارن کي بہ اعليٰ ڪري ٿو. اکر= انگ، لکيو. اکر مون اياڳ= منهنجو اياڳ (بدبختي) وارو انگ ائين آهي. حسن تي هيئن ٿئو= تنهن ڪري منهنجو حسن هن طرح ٿئو (= ڪوجهو ٿئو). ١١. قادر ساڳيو آهي، ڪو ٻيو ڪونهي. پر اهو انهن جو پنهنجو ئي اياڳ آهي. (آيت) "چئو (اي پيغمبر!) تہ جيڪي الله اسان لاءِ لکيو آهي، ۽ هو اسان جو موليٰ آهي، ان کان سواءِ اسان کي ٻئو ڪجهہ بہ نٿو ٿي سگهي." سيوئي سياڳ= اهو اياڳ بہ سڀ سياڳ ئي آهي. ١٢. نِيرُ= لوهہ جي ڪڙن وارو بند ڪنڌ ۾ زنجير (جيڪو اٿ جي اڳين پيرن ۾ پوي). قفلن جون= ڪُرفن جون. سيٽن هٿ= سڄڻن جي هٿ ۾، پيارن پرين جي هٿ ۾. وئڙا راڄ رهي= راڄ رهي وئڙا. رهجي ويا. رهيا (محاورو)= نست ٿيا، ڪجهہ ڪونہ ڪيائون.

١٣

نِيَرُ نہ لَهِي نِيهَ جو، لوهَ جا لَهِي وِئا
مارُنِ ڏاران مارِيين، ڏُهلا ڏِينهَ ٿِئا
ڏيهِي ڏُورِ وِئا، ڏِيان ڏوراپا کَنِ کِي.

١٤

ڇِڪِي ڇِڪيَمِ چاڪَ، وَنهِين وِيڙِيچَنِ جا
واجهِيندي وِصالَ کي فاني ڪِيَسِ فِراقَ
سيئِي سارِيَمِ سومَرا، ٿَرِ جَنِي جا ٿاڪَ
مارُوءَ جي اوطاقَ، گهڻو اُڪَندِي آهِيان.

١٥

مُنهُ منهنجو سُومَرا، مَرُ ميروئِي هوءِ
ڏُوتوءِ ڏِٿُونرارَنِ ۾، متان مارُو چوءِ
ڳِنهِي وجان لوءِ، لارُوَن جي لِڙکَن جيون.

١٦

سِيلَ يَجڻَ جِي سومَرا، مونکي مَٽِ مَ آڇِج پاڻُ
گهَٽين تورين ڏِينهَڙِين، هِتان وينديَسِ هاڻُ
مَجُڻُ پوئِمَ ڪاڻِ، مَهندان ڪا مَليرَ ۾.

١٧

سيل يجڻ جي سومرا، مَٽ مَ آڇج مُور
گهَٽين تورين ڏينهڙين وِينديَسِ هُتَ حُضورِ
مَجُڻُ تِي مَلورُ، کَنڊُ مَٿاهون نہ کَٽان!

١٨

سِيلَ يَجڻَ جِي سومرا مَٽِ مَ آڇِج ميرَ
گهَٽين تورين ڏِينهَڙين وِينديَسِ هُتِ هَمِيرَ
مَجُڻُ منجهہ مَليرَ، کَنڊُ مَٿاهون نہ کَٽان.

١٩

مارُوءَ جي مَذکُورَ جِي سُڌِ نہ سُومَرِين
سَنکو ناهِ سَرِيرَ ۾، تي اَلبيليون اُٿين
سَتَرُ سي سِگَنِ، جَنِ ويڙيچو وُجُودَ ۾.

٢٠

هِنَ مُنهنجي حالَ جو ورهُ نہ ويڙيچَنِ
عُمَرُ اَباجهو گهڻو، سانگُ نہ سُومَرِينِ
چُران تان چُورُ ٿِيان، نِيرَ کِينَ نَمَنِ
هِکُ لِگين لوهَ چُرَنِ، بِي وَجَلَ ويڙيچَنِ جي.

وائي

عُمَرَ آءٌ مَري تان نہ ڇڏيندي، لو!
مِٺي مارُوئڙَنِ جي
مِينهين اُنين مارُئِي، لالَنَّ ساڻُ لَڏِينديِ
سِڙِي مُنهنجِي سومَرا، ٿَرين کِينَ ٽِڪِيندي
هَميراڻا هَٿڙا، مِهرِي کِين مَجِيندي
جهُوپو جهانگِيڙَنِ جو، ماڙِيءَ سِين نہ مَٽِيندي.

داستان پنجون

١

جِهَڙِي آيَسِ جِيئَن، تِهَڙِي وجان ٿَنِ ڏي
لالائِيءَ جا لَطِيفُ چَئِي، کَرِ مُنڌَنِ اُنا مِينهن

---

١٣. نيرُ= تلهو زنجير (قيد بند وارو). ڏهلا= ڏکيا. ١٤. ڇکي ڇکيم= چاڪ= وڏا قٽ (فراق جا). ڇکي وري ڇکيم. ونهين= سُکين سَتابن. واجهيندي= واجهائيندي. وصال کي= وصال لاءِ= پنهنجي مٺي ماروءَ کي ملڻ لاءِ. ٿاڪ= مقرر ماڳ، مدامي ويهڻ جا ماڳ. اوطاق= ماڳ مکان، گهر. ١٥. مر= پل تہ. ميروُ هوءِ= ميرو هجي. متان مارو چوءِ= متان منهنجو مارو چوي تہ 'تو وڏ گهراڻين ۾ ويهي (منهن) ڌوتو'. ڏٿونرارا= اڇي لباس وارا، سفيد پوش. ڳنهي وجان= ساڻ کڻي وڃان. لوءِ= ڳوٺ ڏي، وطن ڏانهن. لارون= مسلسل وهندڙ لڙهيون. ١٧. سيل يجڻ= سَت يجڻ. مَٽ= مَٽي ڳالهہ. هُت حضور= هُت پنهنجي ماروءَ آڏو، ماروءَ وٽ. ملور= ملول، ڏُکاري. ١٨. پوئم ڪاڻ= ڪاڻ پويم، ڪاڻياري ٿيان، مَياردار ٿيان. ١٩. مذڪور= ڳالهہ، ريت رسم. سنڪو= ڊرپ. البيليون اٿن= البيليون ٿيو اٿن، ڏک ۽ ستر کان بي فڪريون ٿيون اٿن، پنهنجي مرضيءَ سان، نندر مان جڏهن وٺين تڏهن اٿن پر جن جي من ۾ مارو آهي سي ڏک پردو ٿيون ڏيان ۾ رکن. ٢٠. وِره= درد، ڏک. اباجهو= بي باجهو. نمن= مڙن. چُرن= گسن، لڳن. وجل= ونجهل، ڏُکيندڙ اُٽڻ، سور، ايذاء. وائي. مري تان نہ ڇڏيندي= مري وينديس تہ بہ نہ ڇڏينديس. مينهين اُنين= مينهين وسندين. سِڙي= کائي (ميت واري)، جنازو. ٿرين کين ٽکيندي= ٿرن تائين کڻي وڃڻ ۾ کانہ ٽکائيندي. مِهري= زال. مجيندي= قبول کندي. د-٥-١. جهڙي ستي ٿي آيس تهڙي ماروئڙن ڏي وڃان.

ماڙِيءَ لَڳُمِ ميهَڻو، سَپَ جماندَرَ سِيئَن
تِيَسِ ڪاٽياري ڪانڌَ جي، هِتي اچي هِيئَن
ڪَنڌُ گُٽنديَسِ ڪِيئَن، مَنهن مارُوئڙَنِ جي.

٢

جِهَڙِي آيَسِ جيئَن، تِهَڙِي وڃان ٿَنِ ڏي
”قِران ۽ قُر چارِيان“، هنِيُون چَئيم هِيئَن
وڃان ڪِيئَن وَطَنَ ڏي، ڪاڻِ لَهَنديَمِ ڪِيئَن!
مُندائتي مِينهَن، سُونهان سَرِتيَنِ وِچَ ۾.

٣

هيڪَ نہ جي ڄاياس، ٻِئو ڄاپَندِهين جي مَران
گَنگَهَرُ گهٽو ٿِياسِ، ڄاپِي مارُوئڙَنِ کي.

٤

پَڪا پُهُنوارَنِ ڏي ميوا مَڄَرَ مَڪَ
عُمَرَ اَت اُڪَندِئو حال هَماري حَقَ
لوئِي ۽ لَڪَ سَمُن سُپيرِين سِين.

٥

سَڪَرَ سيئي ڏِينهَ، جي مون گهارِيا بَندَ ۾
وَسايَمِ وَڏَ ڦُڙا متي ماڙِيءَ مِينهَ
واجهاڙِيسِ وِصالَ کي، تِيَسِ ٿوانِي تِينهَ
نِيرُ منهنجي نِيهَ، اُجاري اَچو ڪيو.

٦

اَللهَ! اِيئَن مَ هوءِ، جِئَن آن مَران بندَ ۾
جِيئڙو جَنجيرَنِ ۾ راتو ڏِينهان روءِ
پِهرِينِ وڃان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄَنمِ ڏِينهَڙا.

٧

بَندِي ٻِئا قرارَ، آءٌ ٿِي لوچان لوهَ ۾
مَٿي تَنَ تَوارَ، سَدا سانبِيڙَنِ جي.

٨

آءٌ بَندِياڻِي بَندَ ۾، ڪِ ڪي ٻِئا بَندِ
ڪِ مُونهِين لَڳو ميهڻو، ڪ مُونهين ڪَڙو ڪَنڌِ
مَران جي هِنِ هَنڌِ، نِجاهُ مَڙهُ ملير ڏي.

٩

حَقاڻُو مون هُتِ ٿِئو، آءٌ هِتِ بَندِياڻِي
ساري ساڏوهين کي، ڪوٽِيين ڪُماڻِي
لَڳِمِ لوهَ لطيفُ چَئي، وينِيَسِ وِساڻِي
مَنان مارُوءَ جِي نہ لَهي ڪَپَتِ ڪِڄاڻِي
سَمُنِ سَچاڻِي، اُني آهِمِ اُنِ سِين.

١٠

منهنجو تورُ تَلِيَنِ ۾، آءٌ هِتِ بندياڻِي
مون ڏاڏاڻي ڏيهَ ۾، ڦِڙَهِ ۽ لاڻِي

سپ ڄماندر= سڄي عمر. ڪاٽياري= مياردار، حرفي. ٣. هڪ تہ ڄاپان ئي نہ ها، (پر ڄايس تہ ائين ٿئي ها جو ڄاپڻ سان ئي هوند مران ها. گهنگهر گهٽو ٿياس= آءٌ ڄاپي، وڏي ٿي ٻنهنجن ماروئڙن لاءِ وڏو جنجال ٿي پيس! ٤. پَڪا= (الف) پڃي ويا آهن (ميوا) (ب) ڪرڙن جا پڪا. گهڻائي ٻيا ميوا پر خاص ٻہ ميوا، هڪ مڄر ٻي مڪ. مڄر= ولين وڻن جا گل ۽ گونچ. مَڪَ= ڄارين جا سڪل پيرون. اَت= گهڻو. حالُ هماري حَقَ= (منهنجي) حال حق ۾ اُڪنڊ وارو ٿيو. آءٌ هن حال حق ۾ پنهنجن ماروئڙن جي سڪ ۾ اڪير ۾ آهيان. لوئي ۽ لڪ= (الف) لوئي ۽ ٻئن جا لڪ (ب) هيءَ لوئي هن لڪ (چيلهہ) سان، (سمن)= پنهنجن پيارن مارنِ سان منهنجي ملڻ جو انجام. ٥. سڪر= چڱا. مون وڏ ڦڙا مينهن پنهنجي ساٽيهہ جي جهوپن بدران ماڙي ۾ وسايا. واجهاٽيس= جئن ۽ جيترو مون پنهنجي ماروءَ کي ملڻ (وصال) لاءِ سڪ ۾ ساريو سنڀاريو تيئن آءٌ وڌيڪ تازي تواني ٿيس. منهنجي نيه نِيرَ کي ويتر اجاري اڇو ڪيو. ٦. لوءِ= پنهنجي ماڳ، پنهنجي ڳوٺ ۽ گهر. ٧. بندي= قيدي. قرارَ= چُپ ۽ آرام وارا. لوچان= ڳڻتيون ڪريان، ڏکي ٿيان. لوه ۾= ڪڙين، زنجيرن ۾ (بند ۾). مٿي تن توار= منهنجي تن من تي سدائين پنهنجن سڄڻن ساٿين جي سڪ جي توار آهي. ٨. ڪِ ڪي ٻئا= يا ڪي ٻئا بہ. مونهين= مونکي ئي. ڪڙو ڪنڌ= ڪڙو ڪنڌ ۾. نِجاهُ، نجاءُ، نِجائو= ڪٽي وڃجو. مڙهہ= جنارو ٩. حقاڻو= حق وارو، حق، مڙس، ڀتار، ڪانڌ. ساڏوهيون= ڄاريون جيڪي پيرون ڪن. ڪوٽيين= ڪوٽ جي ڪوٽين ۾ لوهہ= لوهہ جون ڪڙيون، قيد جا بند. وساڻي= بي حال ٿي. مَنان= من تان. ڪپت ڪڄاڻي= اُڻتڻ، ڳڻتي ۽ فڪر. سمن= ملڻ جو وعدو. ١٠. ڦِڙه= هڪ قسم جو ٻُوڙو. لاڻي= هڪ قسم جو ٻوڙو.

ڪَنديس رِهاٽِين، مارُوءَ پاس مَليرَ ۾.

١١

لوءِ وَجي ڪو چوءِ، منهنجو مارُوئڙن کي:
'ڇانگان ڇڄي ڇيلڙو، جي ڪَنهِ جو هوءِ
صَحِي وَڙولِينِ سوءِ، آءٌ ڪِيئن وِيَسِ وِسَري!

١٢

جي ڪَرَ لَڌائُون، تہ بَنديءَ بَندُ نہ ساريو
مارُوئڙَنِ آئُون، جيڪُس وِيَسِ وِسَرِي.

١٣

جيڪَرَ ڪِينَ جِيَانَ، جاڙَ جِيان تِي جيڏيُون
اکيون مُنهُ مَليرَ ڏي، کهڙو نَڪُ نِيان
ڪَنهِ کي ڏوهُ ڏِيَان، اُڳهِين مُنهنجي انگَ ۾.

١٤

واجهائي وَطَنَ کي آءٌ جي هِتِ مُياسِ
گورَ منهنجي سُومَرا ڪِجِ پَهنوارَنِ پاسِ
ساري ڏين سرتيون منجهان وَلِينِ واسِ
مُيائِي جِياسِ، جي وِجي مڙهُ مَليرَ ڏي.

١٥

واجهائي وَطَنِ کي، ساري ڏِيان ساهُ
بُتُ منهنجو بَندَ ۾، قَيد مَ ڪَريجاهُ
پَرَڏيهياڻي پِرينءَ رِءَ، ڏارَ مَ ڏَريجاهُ
ٿَڌي وَسائجاهُ ٿَرَنِ جِي، مِٽِي مُئِيءَ مَٿاهُ
جي پويون ٿِئي پَساهُ، تہ نِجاهُ مَڙهُ مَليرَ ڏي.

١٦

واجهائي وَطَنَ کي ساري ساهُ ڏِيانَ
هِيءُ سِرُ ساٽيهُ سامُهُون منهنجو نِجُ مِيان
مُقاميائي مارُوئِينِ وجي ٿَرِ ٽِيان
مُيائِي جِيان، جي وَجي مَڙهُ مَليرَ ڏي.

١٧

ڳَچِيءَ ڳانا لوهہ جا، زيريون ۽ زنجيرَ
پَيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺِيَنِ اندرِ ڪِيرَ
چاري چوڳانَنِ ۾، واهِيتَ ڪَنِ وَزِيرَ
چَنَنِ ڇڄي آهِيان، اِهڙِيءَ سِٽَ سَرِيرَ
مارُو جامَ مَليرَ، پُڇِجُ ڪِين پَنهوارَ کي.

١٨

چَنِ نہ ڇڄي هيٺِ، ڪُڇَنِ آهيان ڪوٺ ۾
لوئِيءَ سِين لَطِيفُ چَئي، پيڙيو ٻَڌان بيٺِ
سَرهيون سي سَرِتيون، وَطنِ جَنِي ويٺِ
اُت سَپِجي اُنَ سَسَنَ جِي، هِتِ رَچائِن ريٺِ
ماڙِيان شالُ مَليرَ ۾، مُندائِتي ميٺِ

رِهاٽين= رِهاٽيون ('رِهاٽين' جمع واري صورت خاص طرح ناري جي اتر ۽ گهوٽڪي ضلعي واري ٻاڱي جي ٻولي آهي. چوندا: مينهين، ڳائين (مينهيون، ڳايُون)). ١١. لوءِ= ڳوٺ، وطن. چوءِ= چوي، ٻڌائي. منهنجو= منهنجو پيغام. ڇانگان= ڇانگ، مان، ولر مان. وڙولين= پُڇائين، ڳولين. ١٢. ڪر= (منهنجي) خبر، سنڀار. نہ ساريو= نہ ڳڻيو، ڏک سور وارو ڪري نہ ڄاتو. ١٣. جيڪر ڪين جيان= آءٌ هوند جئري نہ هجان. جاڙ جيان تي= وڏي تڪليف ۾ جيان پئي، لاچار جيان پئي. ڪهڙو نڪ نيان= ڪهڙي منهن سان وڃان، ڪهڙي سرخرو ٿي وڃان. اڳهين= اُڳ ئي لکيل. ١٤. مياس= مري ويس= مري وڃان. گور= قبر. ١٥. واجهائي= (سڪ ۾) نهاري نهاري. ساري= سنڀاري سنڀاري. منهنجو مڙهہ هت بند ۾ نہ جهلجو (ڪوٽ ۾ دفن نہ ڪجو). ڏار مَ ڏريجاهہ= جدا (قبر ۾) نہ رکجو. وسائجاهہ= وسائجو. نجاهہ= نِجَئُو، کڻي وڃجو. ١٧. زيريون= هيٺ پيرن جون ڪڙيون ٻيڙيون. پَيڪڙا= پَيُرَ+ ڪڙا= پيرن جا ڪڙا. چوڳانن ۾= ڪوٽ جي ٻاهران چوڌاري کليل ميدان ۾. واهيت ڪن وزير= وزير مٿان نظرداري ڪن. چنن ڇڄي آهيان= مارُوئڙن جا منهن ۽ ڇَنا، تن کان جدا ٿي آهيان. اهڙي سٽ سرير= منهنجي سرير سان اها سِٽاءُ آهي، منهنجو اهو حال آهي. مارو جام مليرَ= اي مَلير جا مارو جام! ١٨. چَنِ= چنو، مُنهُن. ڇڄو= آڏو ورانڊي طور وڌايل منهن. ڪُڇَنِ= ڇني جي ابتڙ ٻي ٽورڙي، ڇانءِ. ڪڇن= ڇني کان سواءِ. پيڙيو ٻڌان= ڇڪي ٻڌن. وطنِ جني ويٺ= وطن ۾ جن جي رهائش= سپجي= پيدا ٿئي. اُن= پشم. سَسَا= ننڍڙا گهيٽڙا. ريٺ= ريٽ= رڱ ريٽي وارو لباس. ميٺ= مندائتي ڌُٽ جي ميٺ (پڪن، سگرن، پيروئن، گولاڙن وغيره جي). ڏيهيا= اي منهنجي ڏيهہ وارا، وطن وارا.

ڏيهيا مون سين ڏيٺِ، ڪا مَدَدَ ڪِجاهُ ماڙيين.

١٩

ڇَنِ نہ ڇَڇِي آهِيان، ڪُڇَنِ ۾ ڪوئَنِ
اِينڌهِينِ پيِيمِ اُبَتا، پيڪڙا پِيرَنِ
هَٿَ ڪَڙِيون هَٿَنِ، جَنگهُون بانهون ڪاٺَ ۾.

٢٠

هتين هَٿَ- ڪَڙولَ، هِنيَڙي پيِيَمِ هُنَ جا
سانگِي سارِيَمِ سومَرا، جي ڍاٽِي پاسي ڍولَ
باباڻن سِين ٻولَ، ڪِئَمِ نہ ڪوٺ وِهَڻَ جا.

٢١

هَتين هَٿَ- زَنجيرَ، هِنيَڙي پيِيَمِ هُنِ سان
مارُو منجهہ مَليرَ، آءٌ اُڪَنڊِي ڪوٺَ ۾.

٢٢

زيريين بيڙيين لوهہَ ۾، ڳَنِين ٽِيَسِ ڳاهُ
سَنئُڪي سَندي سُومَري، هَڏِ نہ چاڙهِيُم ماهُ
سرتيون دُعا ڪِجاهُ، تہ پَرَمُ ياروڙِيءَ رَهِي.

٢٣

ڪانڌُ نہ ڪَنڌِيَسِ ڪو ٻِئو، ڪٽيروئي خُوبُ
ميروئِي مَحبوبُ، اُسان مارو مَچِئو.

٢٤

ميرِي جي ڏُبِرِي، مَرُ مَتِي تي هوءِ
متان مارُو چوءِ، تہ واچا ويئي وِسَرِي.

٢٥

اجان ڪَتي ڪالَ، جا متي ڏِنِيَمِ مارُوئِنِ
سا ڪيئن لوئِي لاهِيان متان لِڳن لالَ
مارُنِ مِڙِي شالَ، ڏهيُون توءِ ڏيکارِيان.

٢٦

اَڏُ لوئيءَ جو انگ تي، اَڏَ ۾ ٻچا ٻارَ
اِهَڙا جن اطوار، تن جي سامَ پريتڻِي سومرا.

٢٧

جيڪُسِ اُنا مِينه، مُونهان پوءِ مَلير ۾
ڪالَهہ سجوئِي ڏِينهُ، اڪڙِيَنِ اُڪِيرئو.

وائي

رَهِي منجهہ مَليرَ، مون تان ڪوهُ ڪِئو
مون تان ڪِينَ ڪِئو

مون هَتان منهنجا ڏٿِي، سَهسين ٿِئا صَغِيرَ
پَکي منجهہ پَهُنوارَ جي، ڪوڙين ڪِئَمِ ڪَبِيرَ
تون ڏِئي مون ڏٿي دِلاسو دِلگِير.

داستان ڇهون

١

لينگڙيارِي لوءِ ۾ جَنبِي لاءِ ٽِياسِ
ٿَني تان تَرَ جيترو پَلڪُ نہ پَڇِيياسِ
جهَروڪَنِ جهوريو هِنيُون، ڪونِين آءٌ ڪَنياسِ
مارُنِ مُونجهہَ مُياسِ، ماڙين مارِيَسِ ڪِينَڪِين.

ڏيٺ= ملاقات. ڪجاهہ= اوهين ڪجئو (ملاقات ۽ مدد). ١٩. پيڪڙا= پيرن جا ڪڙا. ٢٠. ڪڙول= ڪڙولا، لوهہ جا ٽلها ڪڙا. هن جا= هنن مارن جا (هَنن جي محبت ۽ يادگيري جا). پاسي ڍول= ڍول وٽ، منهنجي پياري مارُو وٽ. ٢٢. زيريون بيڙيون= هيٺيون پيرن ٽنگن واريون ڪڙيون زنجيرون. ڳٽ= ڳچيءَ جا (ڪڙا). ڳنين= ڳنن ۾ (انهيءَ حالت ۾). ٽيس ڳاهہ= آءٌ ڳاهجي رهيس، ڳهُنجي رهيس، سخت چيپاڻجي رهيس. سنئڪو= ڌپ. هڏ نہ چاڙهيم= پنهنجن هڏن تي گوشت نہ چاڙهيم، مٽس ڪانہ، ٿلهي ڪانہ ٿيس، سُڪي ڳري رهيس. ياروڙي= رڍ جو قسم= رڍ جي اُن جي ڪٿيءَ جو پرم= شان. ٢٣. ڪٽيرو (ٿر جي ٻولي)= ڪٽيءَ وارو. ٢٤. ڏبري= رَلي، ٿلهي پوتي. واچا= وچن، وائي (ماروئڙن واري). ٢٥. ڏهيون= ٻچيل ڏاڳا ڏورا پُوچڙ (لوئي جا). ٢٧. جيڪس= ياناءِ تہ، لاشڪ. مونهان پوءِ= مون ڪان پوءِ، منهنجي وڃڻ کان پوءِ. اُڪيرئو= اڪير ڪئي، سڪ ۾ سنيارئو. وائي. صغير= صغيرا گناهہ. ڪبير= ڪبيرا يا وڏا ڏوهہ. دلاسو= بخشش جو دلاسو. د-٦-١. لينگڙياري= ليڙون ٽيل ڪپڙن سان، ڦاٽلن ڪپڙن سان، اپري ۽ اپالي. لوءِ ۾= پنهنجي ڳوٺ ۾. نہ پڇيياس= نہ پڇيو. مونکي نہ پڇيو. جهروڪو= محل جي مٿين ديوار مان آڏو ٻاهر نڪري بيهڻ واري جاءِ (جتان بادشاهہ رعيت کي ديدار ڪرائين). مارن مونجهہ= ماروئڙن جي مونجهہ ۾، ماروئڙن لاءِ ڏک ۽ سڪ ۾، ماڙين ماريس ڪينڪين= مونکي ماڙين ڪونہ ماريو آهي پر ماروئڙن جي سڪ ۽ ڏک ماريو آهي.

٢

ٿَرَنِ ٿيلِي نہ مَران، مون مارُو مَ ٿيلين
پَٽَ پَريِي پَهنوارَ جا مَرُ ٽِيون ڏُنگا ڏِينِ
اَمُرُ جي نہ مَڃِينِ، سي ڏوٽِي ڏولائي پِئا.

٣

آءٌ ڪِيئن ڇَڏيان سومَرا، ٿَنِ پَهنوارَنِ پَچارَ
جَڙَ جَنِي جِي جانِ ۾ لَڳِي رِءَ لُهارَ
ميخون محبت سَندِيُون، هِنيَڙي مَنجهہ هزارَ
ڪارو پاٽي ڪُوهَرِين سِنجيان آءٌ سَوارَ
بَڪَرَ شال بِيهارَ، عُمَر چاريان اُنِ جا.

٤

پَهنوارَنِ پابوهِيو، وَريا واهُوندا
سارِيَمِ سيڻَ سَيدُ چَئي، گاڏيليُون گُوندا
پِٽَنِ پَرِ هُوندا، پُنگا پِتارَ جا.

٥

پَهنوارَنِ پابوهِيو، ڪِي وَسَ واهُوندَنِ
لَٿو سيءُ لَطِيفُ چَئي، پَڌو قَنُ قُرَنِ
پائُرِ ڏِنيون پُنِيُون نَنڍِن نورايَنِ
اوءِ تا ڳوريِنِ ڳُنڍِري سرتيون مٽان سَسَنِ
عُمَرَ اُنَ اڳوندَرِي پاسي ڪانڌُ ڪَتَنِ
ڪاٿُرِ ڪَٽيون خاصِيُون اونچيون اُت اُڇَنِ
ڪَديو پيڻُ ڪَهَنِ، مَلِيرِ ڳَهِڙين مارُئِي.

٦

پَهنوارَنِ پابوهِيو، ڪي واهُوندَنِ وَسَ
عُمَرَ اُنهِين ڏِيهَہ جا ڏوٿِين ڏِٺَمِ ڏَسَ
وَلِيون وَڻُ ڦُلاريا، لُلُرُ نِڳئو لَسَ
آٽيو وِجهن آهرِين سَندا ٿُوهن ٽَسَ
ميوا مَڃَرَ ماڪِيُون، سَيَڪا چُڳَنِ چَسَ
ماڙِيءَ وِهي مَسَ، مَلِيرَ وِينڊِي مارُئِي.

٧

آٽِينِ ۽ چاڙهِينِ، ڏُٿَ ڏِينهاڙِي سُومَرا
سَٽا ڪِئو سيدَ چَئي سانئُون سُڪائِينِ

---

٢. ٿرن ٿيلي= ٿَرَن جي ٿيليل تي ڪري، تہ مان نڪتل تي ڪري. مون مارو مَ ٿيلين= شال منهنجا مارو مونکي نہ ٿيلي ڇڏين. ڏُنگا، ڏونگا= طعنا مهڻا، ڏاڍا ڏوراپا (جيڏيون منهنجي پياري ماروءَ جا پل تہ مونکي اوپالا ڏين، مبار وارا ڏوراپا ڏين). امر= الاهي امر، تقدير. ڏولائي پئا= ڏک ۾ پئا، وڏي تڪليف هيٺ آيا. ٣. ڪوهرين= ڪوهرن تي، ٽڙن تي. سنجيان= ورت واريان ۽ پاٽي ڪيدان. سَوار= صبح جوُ سويرو. ٤. پنهوارن پابوهيو= پنهوار سرها ٿيا. وريا واهوندا= واهوندن وارا واء وري لڳا. واهوندي جو واء= الهندي- ڏکڻ جي ڪنڊ وارو واء جيڪو سياري جي پوري ٿيڻ تي (مارچ ڪان) لڳڻ شروع ٿئي. گاڏيليون= قداور زالون، سهڻيون سرتيون. گُوندا= (الف) سرتين جي لباس جا گوندا (ب) ٻڪرين يا رڍن جي ڦرن جا ننڍڙا واڙا. پِٽن پر هوندا= (مارئي مند سارِيندي چوي ٿي تہ:) اجان هن وقت منهنجي پَڙ پتار جا پراٽا چؤنئرا ۽ منهن پِٽن جي پر تي هوندا (سياري تائين رهڻ پِٽن تي مٿي هوندو جو مٿي سيءُ ڪونهي ۽ هيٺ تلين ۾ سيءُ هوندو). ٥. ڪي وس واهوندن= واهوندن جي واء مينهن وساريو قنُ= ڦرن جي ڪَچڙن ڳُرن جو پڪو ٿيڻ، ڳُرن جي پڪائي. پائر ڏنيون پنيون= پائر ۾، رڍن جي ڦرڙن پنيون ڏنيون= پنين تي اُن آندي (انهن جي پنين تي اُن آئي). نوراين يا نوراپن= ننڍڙا ڦر جيڪي ٿورو وڏي وڏا ٿيا هجن. سَسَن= صاف اڇي اُن وارين رڍن جي ٻڻ وارن ڦرن. اڳوندري= (اصطلاح طور) صاف سٺي (جنهن بابت ڪا ڳُٽِتي نہ هجي). اونچيون= پليون. اُڇن= اوڇي ۾ اڇن، اُڇي تيار ٿين. ڪديو پيڻ= ڪوري ڪپڙي لڳل پيهجي ڪديو. ٦. (مارئي پنهنجي خواب خيال جي ڳالهہ تي ڪري تہ) ڏوٿين ڪي ڏسجو هن وقت واهوندن جي وس ڪان پوءِ اتي ڪهڙو مانداڻ متل آهي. للر= ٻوٽڙو جنهن جي ڀاڄي رڌجي. ٽَس= سڪل ٿوهن جا ٽڪرا (ٿوهہ وڍي ٽڪرا ڪري، ڪڏ ڪوٽي واري ۾ پوري ڇڏبا، ڪجهہ وقت ڪان پوءِ انهن جو ڪڙو رس واري چوهي ويندي ۽ ٽس ٽڪرا مال جي ڪائڻ لائق ٿيندا). چس= ذائقو، وٽ، ميناج. ٧. آٽين ۽ چاڙهين= آٽڻ ۽ چاڙهڻ وارا، بنا رکيل توڻ جي، توڪل وارا (جيڪي روزانو جڏهن ڪا شيءِ ملي تڏهن ڪٽي اڇي پچائين ڪائين). سَٽا ڪئو= سَٽليون ناهي. سانئون= سنهڙي سائي داٽي وارو گاهہ ۽ اُنُ.

منجھان لَنبَ، لَطِيفُ چَئي، چاڙُر چاڙھِينِ
پُلاءُ نہ پاڙِينِ، عُمَرَ آرھاڙِيءَ سِين.

٨

ٿَنِ وَنھيَنِ ويڙيچَنِ ۾ سَدائِين سُڪارُ
چُونديُو آڻيُو چاڙھِين سندا ڏونرنِ ڏارَ
جَنِ جو ويڙِين سِين واپارُ، سي ڏوٿِيَ هُونِ نہ ڏبرا.

٩

مَٿِنِ ٿُوہَ ٿَسَڪَڙا، چِڪَندڙا اچِن
ڳڙيون ڪيہ پَڪَليُون پَڳھَرُ سِين پيرَنِ
اِيءُ وَرُ ويڙيچَنِ، مون لوڏائِين لَکِيو.

١٠

ٿوري قوت قَرارِئا وَڏي سُبَرَ سَتِ
ڪُتين ڪيہ پَڪُلِئا، پُوٽَنِ اِهڙِيءَ پَتِ
پَهُنوارڪِي پَتِ، پيھِي پُڄُ مَليرَ ۾.

١١

پاٺھي پَچِي پيئيُون، رِءَ واهِيَتَ رِءَ واڙِ
جُوءِ ڪُشادِي جيڏِيين، مَليرَ موڪَ مُھاڙِ
اُتِ اَباڻا جِنہِ جا، سا ماڙِيءَ مُورَ مَ چاڙِ
جي اُڪَنڊِيُون آراڙِ، لوہَ ٿَنِي ڪي لاهِيين.

١٢

سَنھينءَ سُئِيءَ سِبِيو، مون ماروءَ سين ساہُ
ويٺِي ساريان سُومَرا، گولاڙا ۽ گاہُ
هنيُون منھنجو هُتِ ٿِئو، هِتِ مِٽِي ۽ ماہُ
پَگَنِ مَنجھہِ پَساہُ، قالِبُ آهي ڪوٽَ ۾.

١٣

سَنھين سُئِيءَ سِبِيو، مون ماروءَ سِين مَنُ
هَٿِي ڳَنَ حِلِمَ جا، ٺہ وِڏائون ٿَنُ
ڪِيئَن ٽوپايان ڳَنُ، اَباڻِيءَ اِبرِ ري.

١٤

جئَن ڳنڊيون منجھہ ڳنڊيرَ، تئَن مون مَنُ مارُوئڙَن سِين
سي ماروئڙا ٿَر ٽِئا جي ڳِٽَنِ جا ڳِھيرَ
ٿَنِي ري هَمِيرَ، گھَنگھَرِ گھاريان ڏِينھَڙا.

لنب= گاھ جو ھڪ قسم، سنھڙو سڌو گاھ جنھن جي چوٽيءَ ۾ (پچڻ وقت) چانورُ جھڙو سنھڙو داڻو ٿئي جيڪو ڏٿ طور چانور (چاڙر) ڪري رڌجي. پاڙين، پارين= برابر ڪن، مَٽُ ڪن. آرھاڙي= آرھڙ (مئي- جون) جو ڏٿ (سگر، پڪا ۽ پيرون)، جن جي مٺي رس ۾ ڪا شيءِ، رڌجي، آرھڙ جي ڏٿ وارو طعام. ٨. ونھين= سُڪين. ويڙيچن= ويڙ وارن، وطن وارن. چنڊئو= چونڊيو. چاڙھين= رڌين، سندا ڏئرن ڏار= (اصطلاحي معنيٰ) گھڻا جھجھا ڏونرا. ويڙين سين واپار= ويڙين سين واسطو، ڏُٿ چونڊڻ لاءِ جن جي ويڙين ۾ اچ وڄ. ھون نہ ڏبرا= ڏبرا نہ ھئن، بُک ۾ ضعيف نہ ٿين. ٩. ٿوہَ ٿسڪڙا= ٿوھن جا ٿس يا ٿسڪڙا (ننڍڙا ڳترا) تن جون وڏيون ڳريون پَريون (مٿن تي). چڪندڙا اچن= پگھر ۾ چڪندڙا اچن. ڪيہ= سنھڙي مٽي، ڌَڙ. ڪيہ پڪليون= مٽيءَ سان پريل. ور= (اصطلاحي معنيٰ) ھلڻ جي لوڏ. ١٠. ٿوري قوت قرارئا= ٿوري رزق تي راضي، ٿوري کاڌي تي ڍايل. سبر= ڏاڍي، مضبوط. ستِ= صبر سان، صبر ۾، سگھہ سان، وڏي طاقت ۾. ڪتين ڪيہ پڪلئا= ڪتين ۾ مٽيءِ ھاڻا. پوٽن= گھمن ڦرن. پَنھوارڪي پت= پنھوارن جي ريت رسم. ملير ۾= سھڻي سائي ٿر ۾. ١١. پچي پيئيون= پچي ويون (ٿر ۾ ماروئڙن جون ڀنيون). رءِ واھيت= بنا ڪنھن واھيءَ جي. رءِ واڙ= بنا ڪنھن لوڙھي جي. جُوءِ ڪشادي= وڏي پيٽي، وڏو مُلڪ. جيڏيين= جيڏين جو. ملير موڪَ مُھاڙ= سھڻي ٿر (ملير) جو مُنھن گھڻو وڏو آھي. اُت= اھڙي وڏي ڪشادي ملڪ ۾. چاڙ= چاڙھہ. جي اڪنڊيون= جيڪي سڪن ٿيون. آراڙ= آرھاڙ= آرھڙ جي ڏٿ (پڪا، پيرون، سگر) لاءِ. لوہ= ڪڙيون، قيد و بند. ١٣. مون ماروءِ سين مَنُ= منھنجي ماروءِ سان منھنجو من. ڳنُ= پڪا پختا ٽوپا. حلم جا= نھٺائيءَ جا. صبر جا. ٺہ وڏائون= ٺہ ۾ وڏائون، ٺہَ طور وچايائون. ٺہُ= رَليءَ جي ھيٺئين تر واري پڙ جي مَٿان ڀھريائين لِھہُ (سبنھيون پراٽيون اگڙيون) ٺہَ طور وجھبيون، لِھہُ جو ٺہُ ڏبو. ٿنُ= منھنجو جسم، جيءُ. اِبر= سُئي. ١٤. ڳنڊير= گاھ جنھن جي ڏگھين لامن ۾ ڳنڊيرين مثل ڀَن. ڳِٽن جا ڳھير= گھڻن ڳٽن وارا، وري وري ڳٽ ڪرڻ وارا. گھنگھر گھاريان= ڏک ۾ گذاريان. ڏکيا ڏينھن گذاريان.

١٥

جئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍيَر، تئن مون مَن مارُوئڙن ڄيون
پييون لَس لَطِيفُ چئي، هنيَڙي مَنجهہ هَميرَ
وَڃي منجهہ مَليرَ، سَڀ ڇوڙينديس سُومَرا!

١٦

وَنهيان ٿِيَن وَتاڻَ، ڏوگاهي هَنيَانِ جي
اوءِ پيٽيون ۽ ياڻَ، موٽِي مارُنِ اَڏِيا.

١٧

تورا مَنجهہِ ٿَرَنِ، مون سين مارُوءَ جي ڪِئا
عُمَرَ اَنِ ڳَڻَنِ، آءٌ ڪِئن لوئِي لاهِيان.

١٨

هَڏِ نہ پَڙان هيڪَڙِي، توري ٿَرَ ڄايَن
مونکي ماروئڙَنِ، ميري ڪَري نہ مَنِئو.

١٩

تورا نہ تورا، مون سين مارُوءَ جي ڪِئا
ڀَلائيءَ ڀيرا، ڳَڻِي ڳَڻِيان ڪيتَرا.

٢٠

هِتِ جي گهاريمِ ڏِينهَڙا وطن رءِ ويهي
اوءِ مارُو ڏِيندمِ مُنہ ۾، ڏاڏاڻا ڏيهي
ڀَڪَنِ ۾ ڀيهِي، شالَ مَحلَنِ ڄي مَرُ ڏُئان.

٢١

پاڇاهِي نہ پاڙِيان، سَرتيون سُئيءَ ساڻُ
ڏِڪي اُگهاڙَنِ ڪي، ڪِينَ ڏِڪيائين پاڻُ
ڀِيهَرَ ڄاپِي ڄاڻُ، اِبرَ جي اوصافَ ڪي.

وائي

عمر آءٌ ايندڙو پچان ڪوءِ

عمر ميان وِيندڙو پڇان لوءِ
ڄتي مارُو اَلو!
پَهي پهنوارَنِ جو، ڪالهہ نہ آيو ڪوءِ
مٿي ماڙيءَ مارُئِي، رُئاري ۽ روءِ
پَنڌان ڪارئو پَهيڙا، ڪِين جو اُپِي چوءِ:
'مِلڪ مارُوءَ جي آهِيان، جورِ نہ ٿِيان جوءِ
سَهَجُ سُوري پانئِيان سومَرا سَندوءِ'
وطن جَنِ وِساريو، حيفُ تَنِي کي هوءِ
اتي عبداللطيفُ چئي، سدا ساڻونُ هوءِ.

داستان ستون

١

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، مارُوءَ سَندا مون
پَٽولا پَهنوارَ ڪي، عُمَرَ آڇ مَ تون
وَرُ لوئِيءَ ڄي لُون، ڏاڏاڻَنِ ڏِنيامَ جا.

٢

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، لُونءَ بَرابَرِ لَکَ
رُپو جِنهِ رَدِ ڪِئو، ڪوڙِ تِهين ڪي ڪَکَ

---

١٥. مون من= منهنجي من کي، منهنجي من ۾. لس= سڄي هنيين ۾، سڀ سراسر. ١٦. ونهيان= سُکيا سرها. وتاڻ= رهڻ وارا ماڳ (ماروئڙن جا ۽ انهن سان گڏ مال جا). ڏوگاهو= ڏُکار. ڏوگاهي هَنيان جي= جيڪي ڏُکار زبون ڪيا، تباهہ ڪيا). (اصل پڙهڻي "ڏوگاهي هنيان جي" هئي جنهن کي فقيرن "ڏوگاهي هئان جي" ڪري پڙهيو). پيٽيون= ماڳ ۽ جايون. ياڻ= ياڳين جي رهڻ ۽ مال جي ويهڻ وارا ماڳ. ١٨. هڏ نہ= هرگز نہ، ڪڏهن بہ نہ. پڙان= برابر ٿيان. ميري ڪري= ميري مدي ڪري، گهڻ سمجهي. نہ منيو= ڏيئي نہ ڇڏيو. ٢٠. گهاريم= گذاريم. ڏيندم منہ ۾= (ميار طور) آڏو ڏيندم، سامهان ڪندم. مَرُ= مِٺي، گندگي. ٢١. پاڇاهي= بادشاهي. پاڙيان= مٽ ڪريان، برابر ڪريان. سُئي ٽوپي سان ٻين کي ڍڪيو. ڄاپي= ڄمي. اِبر= سُئي. اوصاف ڪي= وصفن ڪي (اصطلاح طور) توري ڪي، احسان ڪي. وائي. ايندڙو ڪوءِ= وطن مان ايندڙ ڪو قاصد. ويندڙو لوءِ= وطن (لوءِ= ڳوٺ) ڏانهن ويندڙ قاصد. جتي= جنهن لوءِ ۾. پهي= قاصد. پنڌان ڪاريو پهيڙا= قاصدن کي پنڌن ڪان روڪي جهلي. ڪين جو اُپي چوءِ= ڪا جا ڳالهہ ٻيئي چوي (چوءِ). جور= زور سان، زوري. سهج= سک، هيج. د-٧-١. سڳڙا= رنگين سڳڙا جيڪي ڳهن ۽ سينگار طور پائجن. پٽولا پٽورا، پٽ جا ڪپڙا. ور= پل تہ هجي. لون= سنهڙا سڳڙا. ٢. لون برابر لک= لُون لکن جي برابر آهي. رُپو= چاندي. ڪوڙ= ڪروڙ، تنهن جو ڪک بہ ڪروڙ برابر آهي.

مون مارُوءَ جو مَکُ، تيلُ نہ لايان ٽُنهنجو.

٣

مون مارُوءَ سِين لَڏِيُون، لوئِيءَ ۾ لاٿُون
سونِ بَرابَرِ سَڳِڙا، مونکي ٻانهُنِ ٻَڌاٿُون
عُمَرَ کِيئَن آٿُون، پَٽُ پَرهيان سومَرا!

٤

اَجوکا اُٿَنِ جي ڏينهان جَهڙِ جهانپي
مارُوئڙا مَليرَ ۾ قِرَن سِين فاقِي
آءٌ کِيئَن اُنِي ري، مُنهِ مِنايون لائِيَان.

٥

ڇَڏِ سَبَرايُون سُومَرا، عُمَرَ لَڳِ اَللهَ
ٿِئَمِ نہ ٿورا ڏِينهَڙا، ماڙِيين ڳارِيَمِ ماهُ
سِکَ مُنهنجي ساهَ، مارُوءَ جِي مَسَ لَهي.

٦

پَٽُ نہ پَرهيان سومَرا، جانکِيستان جِيَان
آءٌ کِئَن لوئِي لاهِيان، کارَڻِ ٻِن ڏِهان
جانسِين تي جِيان، کانڌُ نہ کَندِيَسِ کو ٻِئو.

٧

پَٽولا پَهُنواريُون مُورِ نہ مَٽي کَنِ
جُهُ لالَ رَتاٿُون لوئِيُون تہ سالِنِئُون سُونهَنِ
اَنَ ايلاچَنِ اَگِرِي، بَخمَلَ بافتَنِ
سَکَرَ پانيان سُومَرا کَتِي ان کَنهبَنِ
جا ڏِنِيَمِ ڏاڏاڻَنِ، سا لاهِيندي لَڄَ مَران.

٨

اَرمَقَ هَڏِ نہ اوڍِيان پَٽولا پَنچِيرَ
ٻانڌڻان ٿِي ٻَنِ ڏِيان اَرغَچَ ۽ عَبِيرَ
شالَ مارُوءَ سِينَ ماڻِيان کَٽِي جهَڙِي کِيرَ
اَندَرِ اُجَ اُکِيرَ، مونکي پِرين پَهُنوارَ جِي.

٩

لوئِڙِيارِي آهيان، واريان تان نہ وَرَقُ
سانڍِيَمِ سُپِيرِين لَئِہ، لوئِيءَ اندر لَکُ
کَنڌِ کاسو، پَٽِ پاسو، ڏِنُمِ تَنِ تَرکُ
سَندو مارُوءَ حَقُ، جان جِيان تان پارِيان.

١٠

کارا کَرايِنَ ۾، سونَ اسان کي سُوءِ
وَرُ جيڏِين سِين جُوعِ، فاقو فَرحتَ پائِئِيان.

١١

کَرايِنَ کَرُوڙَ جا چُرِڙا کُوڙا جَنِ
سو مَرکُ مارُوئڙنِ، جِئان لوکَ لَڄَ ٿِئي.

١٢

جَنِ کَرايِنَ کَڇَ جا، وَرُ ساهيڙيون سي
اُتِ اُکَنڊِي آهِيان، مَنهِ مارُوءَ جي

مون مارُوءِ جو مک= مون کي پنهنجي مارُوءِ جو سرهو مک سونهي. ٤. اجوکا= بنا کنهن مقرر وقت يا جاءِ جي، اجوڙا. ڏينهان= ڏينهن جو. جهانپي= پي. فاقي= فاقي ۾، بک اڃ ۾. ٥. سبرايون= ڏاڍايون. ٦. پرهيان= پهريان، پايان (لباس طور) ٻن ڏهان= ٻن ڏينهان= ٻن ڏينهن لاءِ (جن ۾ آءٌ هت ڪوٽ ۾ بند آهيان). ٧. مٽي کن= مٽي تي کن، سر تي کن. جُهُ= جيئن جو. سالنئون سونهن= پَٽ جي شالن کان وڌيڪ سهڻيون لڳن. ايلاچن= (اعليٰ قسم جي) ايلاچ ڪپڙي کان توڙي بخمل بافتن کان وڌيڪ. سکر= شانائتي. کٽي= لوئي، کٽي جو لباس. کان کنهبن= رنگارنگي کنهبن ڪپڙن کان. ٨. ارمق، پٽولا، پنچير، ٻانڌڻا، ارغچ، اهي سڀ قيمتي ڪپڙن جا قسم. جهڙي کير= کير جهڙي اڇي، صاف سفيد. ٩. لوئڙياري= لوئي واري. واريان تا نہ ورق= (اصطلاح) اصليت نہ مٽايان، ريت رسم نہ بدلايان. لکُ= چيلهہ جو لک. کاسو= وڏو شاهي وٽو (اصل ۾ ڪاٺ جو). کنڌ کاسو= کنڌ هيٺان کاسو (وهاڻي طور). پٽ پاسو= پٽ تي پاسو (کوڙيل سمهڻ ويل). ڏنم تن ترک= تن کي ترک ڏنم، جسم (جي سک) کي ڦٽو ڪري ڇڏيم. سندو مارُوءِ حق= پنهنجي ور مارُوءِ جو جيڪو مون تي حق آهي. جان جيان تان پاريان- جيسين جئري هونديس تيسين پورو پارينديس. ١٠. کارا= کارا سڳا ۽ ڳانا. سوءِ= ماتم. جُوع= بک. فاقو= بک اڃ. فرحت= راحت. ١١. کَروڙ= کرڙ جي ڪاٺيءَ جا. کراين= کراين ۾. لوک کي جنهن کان لڄ ٿئي، مارُوئڙن لاءِ اهو مرک آهي، مارُوئڙن کي سو سونهي. ١٢. کراين کڄ جا= کراين ۾ کڄ جا چوڙا.

پَکَنِ سِين نہ پاڙيان، هنڌَ هِتي جا هي

اهلَ اباڻنِ کي، مَري شالَ مَلهائِيان.

۱۳

سي ساهيڙيون سارين تو، سِيلُ جَنِي جو سَچُ

مارُوءَ رءَ مَ مَچُ، سِيهو پانئج سونَ کي.

۱٤

ساهيڙيون سارين تو، سَچُ جَنِي جو سِيلُ

نَکو قالُ نہ قِيلُ، اُنِي جي اَدَبَ ۾.

۱۵

پيئي پاڻ مَران، اچي کَنِ کَرَ لَهان

قادِرَ کِئا گهٽا، ڏُکيءَ سَندا ڏينهڙا.

۱٦

کيئن ڏُٺاريان ڏَبرا، ويندِيَسِ کِنه وِهاهِ

مون مُلِ مارُو ناهِ، اَچا اوڍيان کِنهِ کَي.

۱۷

جِئَن عُمَرَ اَچو تون، تئن آءٌ مَرکان وِچ مارُوئين

مُنه نہ ميرو مون، سِيلِ تُنهنجي سومَرا.

۱۸

مَ کِين رُوءُ، مَ رَڙُ کِين، مَ کِين هَنجُون هارِ

جِهڙا اَچَنِ ڏِينهَڙا، تِهڙا ويني گهارِ

ڏُکَنِ پُٺِيءَ سُکڙا سِگها ٿِينِ سَنگهارِ

لَٿا لوهَ لَطِيفُ چَئي پَرُوڙِج پَهُنوارِ

پيڙيون نيئي پارِ، توتان بَندُ ٻِدا ٿِئو.

۱۹

مَ کِين رُوءُ، مَ رَڙو کِين، مَ کِين کَرِ دانهُون

سُتي لوکَ لَطِيفُ چَئي، ٻيئي کَڻُ ٻانهُون

لَڏِيئي جِتِ لاٺون، سو ماڳُ پَسَنديِنءَ مارُوئِي.

۲۰

سُٽي ساٿيهَ ڳالهڙي، وِهُسي ويڙيچي:

'سَڀِ سُڌِ پيئيمَ سُومَرا هِتي هُتي جي

پيئَرَ ۽ پيچي، سُوايا سارِينِ مون.

۲۱

'سُٽي ساٿيهَ ڳالهڙي، لَهي وِئا لوهَ

اَندرَ جا اَندوهَ، لَٿا ڏُکَ سُکَ ٿِئا.

وائي

تان تون پَرِ پَرُوڙِ، لَڏَڻَ ضَرُورِ

سومرا! سِيلُ مَ ڀَڃُ سَتِينَ جو

ڏِينهَ ڏُهلا پانئِيان، پَهسِ پريان جي پُورِ

اُپي اَرداسُون کَري هَمِيراٽي حُضُورِ

مونکي ويلَ ٴنہ وِسَرِي، مارُوءَ سَندي مُورِ

سانبِي سارِيمِ سومَرا، ڏِيهِي وِئڙا ڏُورِ.

اهل= ريت رسم. اهل اباڻن کي= اباڻن جي ريت رسم کي. ۱٤. سيل= پاڪائي ۽ پردو. ('قال'= هن چيو. قيل= هيئن چيو ويو.) نکو قال نہ قيل= سوال جواب، پُڇ پچان، هيئن هون. ۱۵. اچي کن کَر لهان= ٻئن جي کيئن اچي خبر لهان. ۱٦. ڏبرا= سادا ٿلها ميرا کپڙا. کيئن ڏٺاريان= ڇا جي کري ڏٺاريان! وِهاهِ (قافيي جي لحاظ سان)= وهانءُ، شادي. ويندِيس کنه وِهاهِ= کهڙي وهانء تي ويندِيس! مون مُلِ= مون وَٽ. کنه کي= کنه جي خاطر، کنه کي ڏيکارڻ لاءِ. ۱۷. سيل تنهنجي سومرا= اي سومرا تنهنجي سيل جي کري، تنهنجي ست ۽ پت جي کري؛ تنهنجي شرافت جي کري. ۱۸. مَ کين هنجون هار= نہ کي ڳوڙها ڳاڙ. پيڙيون= پيرن ٽنگن جون ڪَڙيون (کاٺ واريون). ۱۹. ٻيئي کڻ ٻانهون= دعا لاءِ ٻئي هٿ ۽ ٻانهون کڻ. ۲۰. ويڙيچي= ويڙ جي رهندڙ، ٿر جي ويڙين جي رهڻ واري. وهسي= خوش ٿئي. ويڙيچي= ويڙ جي رهندڙ، ٿر جي ويڙين جي رهڻ واري. وهسي= خوش ٿئي. سوايا= سهٽي سوَڻ وارا، سهٽي مند وارا. وائي. پر= ريت. دستور، حقيقت (تہ هتان هي جهان ڇڏيو). سيل= ست ۽ پت. ڏهلا= ڏکيا، تکليف وارا. پهس= پهريائين. پهس پريان جي پور= (روزانو) ڏينهن شروع ٿيڻ ساڻ آءٌ پنهنجي سڄڻ جي سنڀار ۾ آهيان، مونکي سندس پور پون ٿا. ارداسون (عرضداشت)= عرض، سوال. هميراٽي حضور= سومري بادشاه جي درٻار ۾ (هيءَ بيٺي سوال کري). ويل= روزاني کم ۽ اٿڻ ويهڻ واري ويل (ماروئن جي رهڻي کهڻي ۽ ريت رسم). سانبي= هر عمر ماروئڙا.

داستان اٺون

١

هِن مُندَ مارُو سَنَرا، ويڙيين وَڳَ وارِينِ
چَنين چِيڪارئو چِيلَڙا، پَٽينِ پَهَرائِينِ
نيڻَ مُنهِنجا اُن کي جهجئو جَرُ هارِينِ
تاڙا ٿوارِينِ، مِينهَ وَسندا موٽُ تون!

٢

هِن مُندَ مارُو سَنَرا، ڪاڻُڙَ ۾ خوشحالِ
ڪِهُ مانڌاٽو مَڪَٽِي، جيڏيون آٽِينِ جالَ
اُتان اوٺي آئيو کَهِي مون وَٽِ ڪالَ
سَتيءَ جي سَيدُ چَئي ڪا ساٽيهه منجهه سَنيالَ
لِڳَنِ تان لطيفُ چَئي لوئي لاهِ مَ لالَ
پَلو ڳَندو پالَ، مِينهَ وَسندا موٽُ تون.

٣

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڏِنگرَ ڊارَ رَهَنِ
پاٽِي پوڄُ پَٽَن ۾، پَڪي پاندِ پِيَنِ
هِنَ کي لوهَ لَطِيفُ چَئي، هُوءِ ڪاڻُڙَ منجهه ڪِلَنِ
ڪاٺُونبا ڪاڄَنِ، مِينهَ وَسندا موٽُ تون.

٤

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ساٽيهه مَنجهِ سُڏِيرَ
هِنَ کي لوهَ لَطِيفُ چَئي، ڪوٺِينِ اَندَرِ ڪِيرَ
مِها منجهه مَليرَ، مِينهَ وَسندا موٽُ تون.

٥

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، جِيَائِي جالِينِ
چارِئو لَنبَ لَطِيفُ چَئي، واڳهين وِهارِينِ
ڪيٺائي ڪاهِينِ، مِينهَ وَسندا موٽُ تون.

٦

چُرَنِ چُٽِڪَنِ چِتِ ۾، هِنئَڙي نِتِ هُرَنِ
"لَيسَ ڪَمَثلِهِ شَيءُ"، پَسَڻُ اِيءُ پرِينَ
پَڪا پَهُنوارَنَ، نيئي اَڏيا نانهِ ۾.

٧

چُرَنِ چُٽِڪَنِ چِتِ ۾، گهارِين مَتي ڳهَٺَ
ڪِهَ، مانڌاٽُو، مَڪَٽِي، ڍوئِنَ پاسي ڍَٺَ
پَهُنوارَڪي پَڳَڙينِ وَڄِي ڪريان وَٺَ
ساٽيهه مَتي سَٺَ، ڳَندِيَسِ پَڄِي ڳَڙَنِ کي.

٨

چُرَنِ چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، هُرَنِ مَنجهِ هنِيين
لُطفُ ٿِئو لَطِيفُ چئي مِهَرَ ڪَئي مِيين
ڏُکيءَ کي ڏِيين، سَرَهايُون ساٽيهه جون.

٩

چُرَنِ چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، هُرَنِ مَنجهِ هنِيان
ڪَڏُ بنڌياٽِي بَندَ مان، موڪلَ ڏي مِيان
وڃي ڏيهِ ڏِيان، ڪِيرُون ڳتيرِنِ کي.

١٠

چُرَنِ چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، سَدا منجهه سَرِيرَ
لَڏي ڪِنهِ لوءِ وِئا، مارُو منجهه مَليرَ
وِينِي پوڄان پِيرَ، مانَ مِلنِمِ ڪَڌِهين.

د-٨-١. سنرا= خوش. ويڙيين= ويڙين ڏانهن، ويڙين ۾. ويڙ= مال لاءِ گاه واري جُوءِ. چنين= چنن ڏانهن، چنن ۾. چَن (ج) چَننون= وڏي هيٺاهين نشيب واري ايراضي جنهن ۾، وڻ، ٻوڙا ۽ گاهه هجي. جهجئو= ڏک ۾ ڳوڙها ڳاڙئو، غم ۾ ڪانهلا ٿئو. ٢. ڪه، مانڌاٽو، مڪٽي= ڏٿ وارا ٻُني گاه ۽ انهن جو ان (ڏٿ طور ڪائجي). ٣. ڍنگر ڍار= رڳا ڍنگر. اُيا ڪوڙيل ۽ اُجها ڪيل. پوڄ= گهڻو. پڪي پاند= پڪي جي پانڌَ، پڪي جي ڊيگهه جيتري مفاصلي تي. لوهه= لوها ڪڙا. ڪاٺُونبا= سانوڻ جو ڳَنو ڏٿُ. ٥. هن بيت جي ٽن سٽن ۾ ٽن ماڳن جا نالا آندل آهن: جيائو، واڳهين (جي پِٽ) ۽ ڪيٺائو. ٦. هنئڙي نِت هُرن= هنئڙي ۾، دل ۾ سدائين رکي رکي ياد اچن. 'ليس ڪمثله شيءُ'= ڪا شيءِ (الله پاڪ) جهڙي ۽ ان جي برابر ناهي. نانه ۾= نفي ۾، نيستي ۾. ٧. گهارين متي ڳهٽ= منهنجي ساهه تي آهن. ٨. هُرنِ= ذري ذري دل تي چڙهن. ميين= مالڪ. عمر بادشاه جيڪو راضي ٿيو ته مارئي موٽي پنهنجي ملڪ وڃي. ٩. هنيان= دل.

١١

چُرنِ چِٽِڪَنِ چِتِ ۾، رَهيا اَندرِ رُوحَ
اُني وِئڙا اُڪَرِ مارُو مَتي مُوهَ
ويرُون وِلوڙِنِ جون ساريان گهڻو صُبوح
وَرُ سي ڪارا ڪُوهَ، سِنجهَڙِ جي ساٿيهَ جا.

١٢

ڪاروڙِئان ڳَڻِي ويڙيجهپَ وِئا
سيڻَ مُنهنجا، سَيدُ چَئي، هاڻي هِتِ هُئا
پَسي پَدَ اُنِ جا لَڙي لُڙڪَ پِئا
ڏيهي ڏورِ وِئا، ڏيان ڏوراپا ڪَنِ کي.

١٣

آڏيءَ اُٿينِ تي، جيلانهَ پاڻي پاتارَ ۾
وارو ويسرينَ کي ڏِينهان ڪونه ڏي
مون ڪَميڻيءَ کي، مٿان ڪُوهَ ڳَڻي وِئا.

١٤

ٻيرَ ڳنياڻُون ٻَرَ ۾، پِيارينِ پَهُون
سِنجَنَ سانيڪَنِ تي وَڏيءَ ويرَ وَهُون
پايو جَرُ جَندَنِ ۾، ڪوڏان ڪَنِ کهُون
ڏينهان ڏِينهَنِ نَئُون، مونکي وِرهُ ويڙيچَنِ جو.

١٥

سِنجي سِنجي ڳُوهڙا، ويڙهي وِئا وَرَتَ
مونکي مارُوئڙن جي هنيڙي ۾ حَيرتَ
چِٽِڪَنِ اندرِ چِتَ، سانٻيڙا ساڏوهِيُون.

١٦

پُوڻَ پُٽِڪو نه سُڻيان، ٻُري نه ٻَڪَرَ دانهَ
ميان ماروئڙن جا اُوٺا پَسان آنهَ
جَنِ سانِيڪا سِنجِئا، سي ڏِٺي ڪِئڙم ڪانه
ڀَڪا ڳَڻِي پَرانهَ، جِڪُسِ لَڏيو لوئڙِيارِيين.

١٧

پُوڻَ پُٽِڪو نه سُڻيان، پِنيءَ جو پُوٽَنِ
سِنجَڻَ واريون سُتِيُون وَڃي ويڙ وِٽَنِ
پِئا سيڻَ سَڙِنِ، تَرهي ٻِنهي ڳَنڍِيين.

١٨

سَڀِ نه وڃي سُتِيُون، اڃان ڪي سنجَنَ
پِيون سي پَهرَنِ، جي اُڃائِجي آئِيُون.

١٩

عُمَرَ ٿِيَمِ اَپارَ، وِرهَ وَٽيان ڪَنِ سِين
ڏوٽيڙا ڏُورِ ٿِئا، ٽِڳان جَنِ ٽوارَ

١١. ويرون= مهلون، ويلون. موه= موهر، مهراڻي طرف. ١٢. ڪاروڙو ۽ ويڙيڱهپ ٻئي ماڳ ڏيپلي تعلقي ۾. (اصطلاح طور) هِتان لڏي هُت وِئا. ١٣. اُٿين (ٻولي آهي)= اُٿن تي= تنهن ڪري جو. پاتار ۾= (کوهه ۾) گهڻو هيٺ تر ۾. ويسرين کي= دير ڪندڙن کي. ڏينهان ڪونه ڏي= (سوير آڏيءَ جو انهيءَ ڪري ٿيون اٿن جو کوهن تڙن ۾ پاڻي تورو ۽ بالڪل تري ۾ آهي؛ جي ڏينهن جو ٿيون وڃن ته سوڙهه سببان ڪين ڪو وارو ڪونه ٿو ڏئي). ١٤. ٻيرَ (ع. ٻئُر)= کوه. پهون= ٻڪريون. سِنجن= پاڻي ڪڍڻ لاءِ وَرت وارين. سانيڪن تي= انهن کوهن تڙن تي جيڪي سٽ پَرهه اونهان آهن. وهون= نوجوانن جون نوجوان زالون. جندرا= پاڻي پرڻ خاطر دلن رکڻ جا ڪيجاوا. ڪوڏان= ڪوڏ مان، خوشيءَ مان. کهون= تڪا پند، تڪيون وڪون پند واريون. وره= نيهُ. ١٥. سنجي سنجي= تڙن جي سنجٽ سنڀالي، وَرت واري واري، پاڻي ڪڍي ڪڍي. حيرت= سڪ ۽ پريشاني، مونجهه. چِٽڪن= هُرن. سانبيڙا= ساٿي ۽ سانگي. ساڏوهيون= چاريون (پيرُن واريون). ١٦. پُوڻَ= پرڻي، قرٽي، ڳپي (جنهن جي مٿان واجهه واريل ۽ چڪڻ سان قري). ٻُري نه= ڪنَ تي چٽائي سان نه پوي. اوٺا= گهٽ پريل. آنه= پاڻيءَ جا آواڙا (جن مان مال پاڻي پئي). سانيڪا= سٽ پرهه اونهان تڙ (کوه). سنجئا= جن سنجٽ رکي (پوڻ، ورت وغيره رکيا) پاڻي ڪڍيو. ڏٺي ڪئڙم ڪانه= سي منهنجي موليٰ ڪيڏانهن ڪِئا، ڪٿي ڪيا. پرانه= پري. جڪُس= پانءِ ته، شايد. ١٧. پوڻ پُٽڪو= ڳپي يا پرڻي جو آواز. پنيءَ= پنيءَ ويل، پرياٽ کان اڳ واري رات جو. پوٽن= پُوٽن جو= ڳپينَ يا پوٽين جو (پٽڪو). ويڙ وٽن= ويڙ جي وٽن ۾، وٽن هيٺ. سيٽ= واجهه. ترهي= کوه يا تڙ جي (اها گماني معنيٰ آهي: ٻوليءَ ۾ راقم ڪٿي به ترهو (’ت‘ جي زبر سان، معنيٰ کوه يا تڙ) ڪونه ٻڌو- نبي بخش). ١٨. پيو سي پهرن= پاڻي پيو وري ٿيون جهنگ چرڻ وڃن (= بي حال ٿي وري ٿيون سامت ۾ اچن، وري ٿيون حال واريون ٿين). ١٩. اَپار= اڪيلائي، اها حالت جو ڪو ڪر نه هجي.

سِڻائُون سَنگهارَ، گُوهَڻِ تان گَٿِي وِئا.

٢٠

وَرُ اُهائِي وِيرَ، جِئَن ڏَڻُ تُسِي تَڙِ آئِيو
سَرتين ڏٿُ سَبيلَ ڪِئو، اڱڻِ دِوئي ڏِيرَ
هِنِيُون اُنِ جي هيرَ، تو جهڄي جهَروڪَنِ ۾.

٢١

ٿَرِ ٿُوهَرَ، پَرِ جهُوپَڙا، ٻارَڻُ جَنِي ٻُوهَ
اَنا مِينهَ مَليرَ ۾، ٽِرمَڻُ لَڳا ٿُوهَ
راتِ مُنهنجِي رُوحَ، سُتي سَڄَڻَ سارِئا.

٢٢

گُوهَرَ ٿُوهَرَ ٿَرَ، جِتِ سانِيڪا سَتِيُون
چارِينِ اُت چاهه پِئو، ڦوڳِنِ پاسي ڦَرَ
ڪِيئَن لهَندَمِ ڪَرَ، جِئَن مارُو پاڻَ اَپارِيا.

٢٣

ڏِٿين پَٽين ڏِيرَ، مَهِينَ مارُوئَڙَنِ جا
پاٽُرُ سَڀُ پَچِي پِئو، گهَرِ گهارِيندِي ڪِيرَ
جَنِ هيڪاندِيءَ هيرَ، تِني ڦوڙائو مَ ڏِئين.

٢٤

مَتي ٿَرَ رَهِي، وِئا گُذاري ڏِينهَڙا
ڪَڏهِن ڪونہ آئِيو پَهُنوارَنِ پَهِي
وِئَڙا سي وَهِي، جَنبُ گُذارِيمِ جَنِ سِين.

٢٥

پاسا پولَڙِيَنِ ۾، ٻانهُون سِرِ ٻيئِي
اڪيون نَڪُ اَريجَ رءَ، ڏِمايمِ ٿِيئِي
ڏُورِ ٿِئا ڏِيهِي، پِرين پاٽُرَ وَٽِ ۾.

٢٦

مونسين ماروئڙيون، ڪِهڙِيءَ رِيتِ رُسَندِيُون
چوٽِيءَ ۾ چيڙُ پِئو، پِيَنِ رَتُ جَيُون
نيٽين نِندَرِ وِهُ ٿِي ساري ساڏهويون
هِتي جي هُيُون، تہ سُڌَ پِيين سِيلَ جِي.

٢٧

ٽاجا ٿَرَ بَرَ جهَلَ، پَڪا پاٽُرَ وَٽِ ۾
سيئِي سارِيو سومرا، اَڇي آبَ اُجَلَ
ٿَن سانبِيَنِ وِڏمِ سَلَ، ڏِني جَنِ ڏِينہَ ٿِئا.

٢٨

سَتِي تُنهنجي سَتَ ۾، ڳالِهہ گهُرجي ڳُجُ
سارِئو سانبِيَڙَنِ ڪي، پَرِ ۾ اُپِي پَڄُ
ساڻُ امانَتَ اَڄُ، تہ تيين سَمانِي ساٽيهہَ ۾.

---

٢٠. ور= پل سَرهي، سدا چڱي! وير= گهڙي، وقت. تُسي= ٿسي ۾ گذاري. ڏڻ تسي= مال جو ڏڻ تسي وارو وقت ڪاٽي، پاڻي پيئڻ لاءِ تڙ تي آيو. سبيل ڪئو= گهڻو گڏ ڪيو. جهڄي= غم ۾ ونجهلي، ڳري. ان جي هير= سندن انهيءَ عادت جي يادگيري ۾. جهروڪن ۾= چاڄي وارن ڪنهڙن ۾. ٢١. ٿر ٿوهر پر جهوپڙا= ٿر جي ٿوهرن لڳ سندن جهوپڙا. ٻارڻ جني ٻوهہ= جن وٽ ٻارڻ لاءِ ٻُوهَ جا ٻُوڙا آهن. ٢٢. سائيڪا= اونهان سٺ پرهہ تڙ. ستيون= سَت واريون. چاهِ پئو= چاهَ چئو، وڏي شوق مان. اَپاريا= گهڻن ڪمن وارا، گهڻو مشغول. ٢٣. ڏير= ڏِڳ (اُن جا، ڏُٽ، گاهہ جا). مَهين= سُڪين ستابن (مَنهيون= ونهيون= سڪيو). پڇي پئو= ان ۽ ڏٽ سان پڇي تيار ٿيو. هيڪاندي= هيڪاندِ، گڏ رهڻ، گڏجي گذارڻ ۽ ڪم ڪرڻ. هير= عادت. ڦوڙائو= وڇوڙو. ٢٤. پنهوارن پهي= پنهوارن جو پهي، پنهوارن جو قاصد. جنبُ= سڄي حياتي. ٢٥. (پهرين ٻن سٽن ۾ مارئي ٿر واري پنهنجي رهڻي ڪهڻي ياد ٿي ڪري): پولڙين ۾= ٻڪرين جي ڦولڙين ۾ (پٽ تي سُمهندي هيٺان ٻڪرين جون ڦولڙيون جن تي ٻانهون، سر ۽ ٻئي پاسا پيا لڳندا هئا). اَريج رءِ= اريج ڪان سواءِ، خشڪيءَ ڪان سواءِ (= سدائين ريج ۾= نڪ ۽ اکيون هميشہ آليون) اکين ۽ نڪ مان پاڻي ڳاڙيم. (پر لاچار آهيان، ڇا ڪريان جو) منهنجي وطن وارا، پاٽر جي وٽ سان رهندڙ، مون ڪان پري ٿئا! ٢٦. ڪهڙيءَ ريت رسنديون= ڪهڙيءَ ڳالهہ جي ڪري رنج ٿينديون! چيڙ= چيڙهہ، تيل ۽ مَرُ جو سٽپ جيڪو وارن ڪي ڳنڍي ڳوپي ڇڏي. جيون= جُونئين مثل سنهڙا جيت. ساڏهيون= چاريون. ٢٧. ٽاجا= تازا، صاف سهٽا لڳندڙ. آب اُجل= وڏي رئڻ سببان اکين مان وڏي پاڻي جي وَهُڪ. سانبين= جيڏين ساهيڙين. وڏم سل= هنئين ۾ سوراخ ڪيا. ٢٨. ستي= اي ست واري (مارئي!) تنهنجي سٽ ۾ ڳالهہ گهرجي. ڳج= تنهنجي ست جي پڪي ثابت ٿيڻ ۾ گهڻو ڪجهہ گهرجي. پر ۾ اپي پڄ= پنهنجي اندر ۾ پئي ڪڙهہ. ساڻ امانت= امانت ساڻ، امانت وانگر (جهڙي اصل هئين تهڙي). سَماني= مقبول.

۲۹

جُهران جهجَان تي، جئن پَسٽان پَري ٿئا
اَللهَ اونِي آڻيين، جو کِينءَ جِي خَبَرَ ڏي
مَنَ مُنهنجي کي، واکو لهي ويڙ جو.

۳۰

ٽکا جهَلَ نہ پَلَ، ٽکو راڻُرُ ڏيهَ ۾
آڻئو وِجهَن آهُرين، روڙِئو رَتا گُلَ
مارو پاڻَ امَلَ، مَلِيرونِ مَرَڪٽو.

۳۱

سُتي لَڏمِ سُهِٽو، لوئِيءَ ۾ ليٽِي
تہ مَنڊِي پايو مَٽَ ۾ وِلوڙيان ويٺِي
پَکي آءٌ پيٺِي، کيرُون ڏينمِ جيڏيُون.

وائي

آءٌ ماروءَ جي آهيان، مونکي ماروءَ جو آسَرو
مارُو مون نہ ڇَڏيندو
ميڙو ٿيندو مومنين، قضا پاڻُ ڪَريندو
اُتي مَلِيرَ جائِيُون سَڀ نوازي نِيندو
والِي تِي وَڳَ جو، هِئائِين هَلَندو
ڪوثِي ڪوثَرَ ڪَنڌِيين پاڻِي پيارِيندو.

داستان نائون

۱

جُهُ سي لوڙائو ٿِئا جَنِي پَرِ رَهَنِ
مارُوُ منجهه ٿَرِنِ، ڪِنهِ دَرِ ڏيندا ڏانهڙِي.

۲

جُهُ سي لوڙائُو ٿِئا جَنِي سَندِي ڏِيرَ
مارُوئڙا فَقِيرَ، رَهِي رَهندا ڪيتِرو!

۳

جي گهَرِ گهاريمِ ڏِينهڙا هيڪانڊِيءَ حُضُورِ
سيئِي سِڪان سارِيان، پَچان پائِرَ پُورِ
هَمِيراڻا هُٽڙا ڪِين مَڃِيندِيَسِ مُورِ
سَنجهِي سَتِ گُذارِيان، اچي شالَ اَسُورِ
دَران ٿِيان مَ دُورِ، ماروءَ جامَ مَلِيرَ جي.

۴

اَتِ اُڪندِي آهِيان، عُمَرَ آءٌ اڪاڄَ
سُومَرا سَڪاڄَ، جهَلِ مَ بَندَ جهجَندِيُون.

۵

اَڄِ اَڏِنگا وِيڻَ، مونکي مُڪا جيڏيين:
هارِي! هَمِيرَنِ جا جِڪَسِ ڪاڏئي ڪيڻَ
سانبِيڙا ۽ سيڻَ، ڪِ تو وِڙا وِسرِي!

۶

وِيٺِي ڪوٽَ وَٽَنِ ۾ ڪامڻِ ڪُوارِي
مَلِير ساريو مارُئي، رويو رُئارِي
اَللهَ اوتارِي، مُنڌ ماروءَ جي ميڙِيين!

۲۹. تي= انهيءَ ڪري جو. پَسٽان= پسڻ ڪان. ڪينءَ جي خبر= خير واڌائي. واڪو لهي ويڙ جو= من تان ويڙ جو واڪو لهي، دل تان وطن جي ڳڻتي لهي، ٿر واري جهنگ (ويڙ) جو اُلڪو لهي. ۳۰. راڻر= حاڪم جو محصول. آهُرين= آهُرن ۾ (مال جي لاءِ ڪاٺڻ وارن) ڪُونارن ۾. رتا= ڳاڙها. مليرون= سندن ملڪ ملير. مرڪٽو= سَرهو سونهن وارو. د-۹-۱. جُهُ= جئن جو. لوڙائو= لوڙيون هٽندڙ، مال (جانورن)جا ڌاڙا هٽندڙ. جني پر= جن جي پاڙي ۾. ڪنهن در= ڪنهن جي در. ۲. جُهُ= جئن جو، جڏهن جو. لوڙائو= لوڙيون هٽندڙ. جني سندي ڏير= جن جو ڏِي، جن جو سهارو ۽ آسرو. ۳. هيڪانديءَ حضور= (ماروءَ جي) حضور ۾ گڏجي، مارو‌ئڙن سان گڏجي. سيئي= سيئي ڏينهن. پچان= جَلان، سڙان. پائر پُور= پائر جي پُور ۾، (پنهنجي وطن) پائر کي ساريندي، ياد ڪندي. ڪين مڃيندِيس= ڪين قبوليندِيس. ست گذاريان= ست صبر ۾ گذاريان. اچي شال اسور= شال اسر جو (منهنجو مارو) اچي. ٤. اُڪندِي= سڪايل (مارن لاءِ). اڪاڄ= نڪمي، بي سمجهه، نڪار. سڪاڄ= سڃاڻ، عقلمند. بند جهجنديون= بند ۾ جهجهڻ واريون، قيد بند ۾ مارو‌ئڙن لاءِ سڪ ڏک ۾ زاروزار رئندڙيون. ۵. اڏنگا ويڻ= ڪُريتا طعنا. مُڪا= موڪليا. هاري!= (عتاب وارو خطاب) ماري، مُئي! جڪس= لاشڪ جو. ڪيڻ= ڪاڏا. سانبيڙا= ساٿي. سيڻ= پيارا مائٽ. ٦. ڪوٽ وِٽن ۾= ڪوٽ جي ديوارين لڳ، ڪوٽ جي ديوارين جي پر ۾. ڪامڻ= مان شان واري زال (مارئي). ڪُواري= قيد بند ڪي نندي، قيد بند جي شڪايت ڪري. الله اوتاري= يا الله، هيءَ منڌ ماروءَ جي ماڳ تي (ماروءَ سان) ملائيين.

۷

جِهاَ جي تِهاَ، مون مارُو مَڃئا
مون جيڏيون مَليرَ ۾ چُوندِنِ موکَ مِها
منهنجي آهَ اِها، کيرائِيندِي کوٺ کي.

۸

توٽي ٽُوٽَ پچن، گجوريون لامون کري
ساءَ نہ تِنہ اچن، سگرَ جو ساٽيهہ جو.

۹

آما پانيان اَک، گَبِڙ گٽوريان اَگِرا
پَٽيان پِريان پيٽَ کي، ماکيان مِني مَکَ
کوکڙ کنديرن ۾، ڦُوکيو پِريان ڦَک
وَرُ هلاکي سين حق، کوءِ وَڏائُون وِڙن سِين.

۱۰

مارُوءَ پاسِ مَليرَ ۾ ڏوئِي مَرُ مَران
پاٽِي واري پانهنجو، ويندِيائِي وَران
تورو منجهہ ٿران، هُوندَ لَڳِي لوئڙِيارِيين.

۱۱

مارُوءَ پاسِ مَليرَ ۾، هَميشہَ هُئان
پيرين تِنہِ پُئان، نئِي وِهاٽِيءَ نُورَ سِين.

۱۲

جي لُوڻُ لِڳنِ لائِيين چِيري چِيري چَمُ
مون کُرَ اَڳِي نہ کِئو، اِهڙو کوجهو کَمُ
جان جان دعويٰ دَمُ، تان تان پِرتِ پَهنوارَ سان.

۱۳

ايءُ نہ مارُنِ رِيتِ، چِئن سيڻَ مَٽائِنِ سونَ تي
اَچِي عُمرکوٽَ ۾، کَنديسِ کانہ کُريتِ
پَکَنِ جِي پِريتِ، ماڙِيءَ سين نہ مَٽِيان.

۱۴

پانڌِي پِرين پَهنوار جو، مون وٽ جو آئو:
اُنا مِينہ مَلير ۾، سَڀُ ڏيہُ سُوائو
باجهَرَ پَکِي باجهہَ ٿِي، لٿو ڏوگائو
جو سَرتِينِ ساجائو، سو هنيڙو هِتِ نہ وِندُرِي.

۱۵

پانڌِي پرين پَهنوار جو آيو کالهہ کَهِي:
وَٺا مِينہ مَليرَ ۾ وئڙا ڏکَ لَهِي
ڏٿَ پَچِي ڏيهہَ ۾، گهٽي مَوکَ مَهِي
ويڙِيچَنِ وَهِي، سِڱُون لاهِيان سُومَرا.

۱۶

پانڌِي پِرينءَ پَهنوارَ کي، چِيمِ تيئن چئيج
سَندا سَنگتَ ڏينهڙا، وَرَ مَ وِساريج
کونِيين کُنِي آهِيان، سِگهي سارَ لَهيج
مُٺِ مانڌاٽِي مُنجيج، تہ نِيرَ ۾ نٿُون کريان.

۱۷

پانڌِي پِرين پَهنوارَ سِين روئِي کِجِ رهاڻَ

۷. جهاجي تها= جهڙا جي تهڙا. مڃئا= قبول ڪيا. موک= جهجها. مها= ميها. ۸. ساء= ذائقو، سواد. ۹. آما= انب. مک= ٻُور جيڪي پچي پيرون ٿين. کوکڙ= سکل پيرُون. کندير= پيرون، تن جي رکڻ لاءِ خاص ٿانءِ. ور هلاکي سين حق= پنهنجي حق سان گڏ هلاکي پلي، تکليف يا نقصان پلو. کوءِ= کوه ۾ پون. وڏائون= وڏيک فائدا. وِڙن سين= ٻُرن سان، بد خواهن سان. ۱۰. مارُوءَ پاس= مارُوءَ وٽ. ملير ۾، سهڻي سائي ٽر ۾. مر= ميل، مٽي، ميراڻ. واري= ورت واري. ورت واري پري. ويندِيائي وران= ويندي ٿي پاٽي پري وري موٽان (= ٽڪڙا وارا کري گهٽو پاٽي پريان). هوند لڳي= پل تہ لڳي، مر تہ لڳي. لوئڙيارِيين= لوئي وارين کي (منهنجي وطن وارين کي). ۱۱. ٻيءَ سٽ ۾، وهاٽيءَ کان اڳ واري لفظ جون جدا جدا رسالن ۾ هيٺيون پڙهٽيون جن مان ٻہ معنائون نڪرن ٿيون: (الف) نئي، نٻي= نئي، نمي نِوڙي (پيرين پوان). نئي وهاٽيءَ نورسين نئين= نئينءَ، نئينءَ وِهاٽيءَ نُورَ سين= وِهاٽيءَ راتِ جي روشني ٿيندي ساڻ. ۱۲. مون کُرَ= منهنجي پيڙهي، منهنجي ٻُڻ. دعويٰ دم= دم جي دعويٰ، جيئڻ جي اميد. ۱۳. سيڻ= پنهنجا سڄڻ. مٽائن= وکڻن. کريت= ڪچي ريت، کُڏي رسم. مٽيان= بدلايان، سودي ۾ ڏيان. ۱۴. آئو= (ٻولي آهي=) آيو. سُوائو= سٺائي واہ وارو (جيڪو مينهن آٽي). ڏوگائو= ڏکار. سرتين ساجائو= سرتين هيرئون، سرتين جي ساجاہ وارو. ۱۵. موک= گهٽي. مَهِي= مکڻ کيڻ کان اڳ ولوڙيل گهٽو ڏٿونرو. ۱۶. وَرَ مَ وساريج= اي منهنجا وَرَ! وسارجانءِ نہ. مٺ مانڌاٽي= مانڌاٽي (ڏٿ) جي مٺ. منجيج= موکلج. نِيرَ ۾= قيد بند ۾. نٿُون کرڻ (اصطلاح)= نٿون لٿل ڏٿ (ان، ميوو وغيره جنس) چکڻ، نئين لٿل ڏٿ جي وٽ کرڻ. ۱۷. رهاڻ= دلي گفتگو، ورونهہ.

جئن تَرِ وِجُون اُنِيُون، تئن آن سُورَنِ ساڻُ
ڪِجان ڪا وَراڻِ، ڏُکَنِ ڏيلُ ڏهيون ڪِئو.

١٨

پانڌِي چئجُ پُهنوارَ کي، جورَ هَٽِي جانا
پيڪڙا پيرَنِ ۾، ڪَرايَنِ ڪانا
آن رِءَ اَمانا، گهَنگهَرِ گهاريان ڏينهڙا.

١٩

پانڌِي پرين پُهنوارَ جا نِيَاپا نِي ڪي
ساري ڏيجُ سَرتِيين يادِ پُونئِي جيڪي
وَليون وَڻُ ڦُلارِئا، ڪِرڙَ پَڪا ڪي ڪي
سَگَرَ ڪِينِ سرَتِيُون، سيئَنِ جئن سيڪي
زيرِ پَجَنِ جي ڪي، تہ مِلان پِرينءَ پُهنوارَ کي.

٢٠

پانڌِي پرِينءَ پُهنوارَ کي، ساري ڏيجُ سَلامَ:
سِيلُ نہ پَڳو سومَري، مَتِسِ ناهُ مَلامَ
سَنڌي اُمتَ جامَ، رَکئو پَنُ پُهنُوارَ جو.

٢١

ڪَنيائون ڪاڻُڙَ مان ساري حاجَ هِئا
لائي لَڏَ لَطِيفُ چئي، پَريين ٿَرِ ٿِئا
ڏلهي ڪُوهَ ڏِسِ ڪَنهين وِيڙِيچا وِئا
ڇَڏِي ڳُڻَ وِئا، مارُوئڙا مَلِيرَ ۾.

٢٢

جهَجها ڏيجِ جُهارَ، مُنهنجا مَلِيرَ ڄائِيين
آسَرَ پَرِي آهيان، پَرچَنِ مان پُهنوارَ
ويڙِيون ۽ وَلهارَ، ڪِ سُوايا سارِينَ مون!

وائي

رُوندي راتِ وِهاءِ، مونکي رويو راتِ وِهاءِ!
عمر ميان سومرا!
آئون بندياڻِي بَندَ ۾، ڪِ ڪي بَند ٻِئا
مونکي ڏيهان نِڪَرِي، بہ ني توڪَ ٿِئا
هڪ عمر مَنديا مامَرا، ٻئو مارو ٿر ٿِئا
عمر بندياڻين سين، جورو تو نہ جُڳاءِ!

داستان ڏهون

١

'زُمَرِ' 'زُخرِف' سومرا، 'حَمدُ' جَنِي جو هَنڌُ
"اِهدِنا الصِراطَ المُستَقِيمَ"، اِيءُ پُهنوارَنِ پَنڌُ
بارِي لاهي بَنڌُ، تہ مِلان مارُوئڙَنِ کي.

انيون= وسيون. وَراڻِ= موٽ، گهمرو. ڏيل= تَنُ. ڏُهيون= ليڙون ليڙون. ١٨. جانا هَٽُڻ، جانا پرڻ= نَڪ تي سڄي هٿ جي آگر هٽي توبهون ڪرڻ، منٿون زاريون ڪرڻ. پيڪڙا= پيرن جا ڪڙا. ڪانا= ڏِگها نال. آمانا= امن ڪان سواءِ. گهنگهر گهاريان= ڏکن ۾ گذاريان. ١٩. پُونئي= پونئي. نياپا= اهي جو مارئي مند ياد ڪري چوي ٿي تہ: هيءُ اهو وقت آهي جڏهن وليون وڻ ڦلاريا آهن، ڪي ڪي ڪرڙ پڪا آهن ۽ سرتيون سانڍي رکيل سگر سيڪي ٿيون ڪائن. زير= زيريون، زيريون ٻيڙيون، هيٺ ٽنگن ۾ ڪڙيون. ٢٠. سيل نہ پڳو سومري= بادشاه عمر سومري سَتُ نہ پڳو، سِيل نہ پڳو. ملام= ملامت، گلا. سندي امت جام= اُمتَ جي سردار (نبي ڪريم صلعم). رکئو پن= پَنُ رکئو، پردو رکيو. ٢١. ڪاڻُڙ= عمرڪوٽ ڪان ڏکڻ- اوڀر وارو ٿر جو ڀاڱو جنهن جي زمين نهايت ڀلي ۽ آباد آهي. ساري حاج= سڀ ڪم سنڀاري سولو ڪري. لائي لَڏَ= لَڏ پاڻ سان لائي، لَڏ پاڻ سان وٺي. پريين ٿر ٿئا (ڪاڻُڙ ڪان ڏکڻ) پريين پارڪر واري ٿر ۾ پهتا. ڏلهي= مٿان ڏاڪا ڏيئي، مٿي وجهي، پوري بند ڪري. ڳُڻ= چڱايون، ڀلايون، نيڪيون. ٢٢. جُهار= نيڪ پيغام، سلام. ڪِ سُوايا سارين مون!= (سڪ وارو سوال تہ ڇا اُهي ويڙيون ۽ ولهار. جيڪي سُوايا آهن اتي ڪو مون کي بہ ياد ڪن ٿا!). سَوايا= سڻائي واءُ وارا (جيڪو سانوڻ ۾ مينهن وسائي). د-١٠-١. زُمَر= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٢٩) جو نالو. لفظي معنيٰ: جماعت، ٽولو، ميڙ. زُخرُف= قرآن شريف جي (سوره نمبر (٦٢) جو نالو. لفظي معنيٰ: سونو سينگار، سوني ساهہ، سونا ڳهہ ۽ جنسار. حمد= سوره الحمدُ، قرآن شريف جي پهرين سُوره 'فاتحه' لفظي معنيٰ: سڀ ساراه، سڀ تعريف. اِهدنا- الخ= الحمد شريف جي آيت= (اي اسان جا رب!) اسان کي سنئين سڌي واٽ ڏيکار. پنهوارن پنڌ= ماروئڙن جو گس، پنڌ پيچرو. باري= باري تعاليٰ، رب پاڪ.

٢

’زُمَرِ‘ ’زُخْرُف‘ سومرا ’قُل‘ جَنِي جو قُوتُ
’فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ‘، ساڻيهَہ ۾ ثابُوتُ
جُنبِي وِئا جَبروتَ ۾، ماڙيائون مَلكُوتُ
لَڳا ۾ لاهوتَ، پَڪا پَهنوارَنِ جا.

٣

’زُمَرِ‘ ’زُخْرُف‘ سومرا، ’سَبح‘ منهنجا سيڻَ
وَرُ ڏِٺُ ڏاڏاڻي ڏيهِ جو، ڪوءِ تُنهنجا ڪيڻَ
وَرُ ويڙِيچاڻا ويڻَ، ڪوءِ سونُ تُنهنجو سومَرا.

٤

’زُمَرِ‘ ’زُخْرُف‘ سومرا، ’سَبح‘ سيڻَ سَندامِ
بَندَ ۾ بَدوِيَن لئي ڳوڙها نِتُ ڳاڙيامِ
عُمَر اباڻَنِ کي ڏِني ڏِينهَ تِيامِ
ويڙِيچا وُجُود مان ڪَنه ويلَ نہ وِسَريامِ
پاندِي روز پُڇيامِ، اُپِي اباڻَنِ جا.

٥

’زُمَرِ‘ ’زُخْرُف‘ سومرا، حُدنِ ۾ ’حجُراتِ‘
سُورَنِ ڪارڻ سَرِتِيُون ’رَعدُ‘ مُڪائون راتِ
هَميشَهَ ’حِجرِ‘ ۾ لَئِنِ لَطِيفي لاتِ
مون تَنِ تَنِي جي تاتِ، اورِينِ جي ’اَحقاف‘ ۾.

٦

’زُمَرِ‘ ’زُخْرُف‘ سومرا، مارُو مون مَهندارِ
”اُولائِکَ اَصحَابُ الجَنة“، ماڳَ سَندُنِ موچارِ
”وَسَقاهُمْ رَبُهُم شَرابا طَهُوراً“، پِينِ پوڄَ پَهنوارِ
ويروتارَ وُجُودَ ۾، پرينِ جي پَچارَ
سباجها سَتارَ، مونکي مارُنِ ميڙِيين.

٧

’زُمَرِ‘ ’زُخْرُف‘ سومرا، مارُو ’مومِنُ‘ پاسِ
اعرابِي ’اَحقافِ‘ ۾ رَهِي وينَمِ راسِ
مارُنِ مُلا ماڙِيين ايرادِي آندِياسِ
وَطَنِ آءٌ وِينديَاسِ، وَرِئو وَرقُ وصال جو.

٨

’فاتحَه‘ ’بَقَرَ‘ سومرا، وَطَنُ ويڙِيچَنِ
’نَحلُ‘، ’حجر‘، ’بَنِي اِسرائيلَ‘: اِيءَ پَنڌُ پَهنوارَنِ

٢. ’قُل‘= يعني ’قُل هُوالله‘. (قرآن شريف جي سوره ’اخلاص‘ نمبر (١١٢) جي پهرين آيت). فاذكروني اذكركم= (الله تعاليٰ طرفان انسان ذات کي هدايت تہ) ”پوءِ مونکي ياد ڪريو تہ آءٌ اوهان کي ياد ڪريان.“ جبروت ملڪوت ۽ لاهوت= تصوف ۾ سالڪ جون منزلون. ٣. سَبح= ”سَبح اسم ربکَ الاعليٰ“، يعني قرآن شريف جي سوره ’الاعليٰ‘ نمبر (٨٧) جي پهريون لفظ. سبح= ساراھ ڪر. وَرُ= چڱو چوکو سدائين هجي! ڪوءِ= ڪوھ ۾ پوي، ڪڏ ۾ پوي. ڪيڻ= ڪاڏا، طعام. ويڙيچاڻا= ويڙيچن جا، وطن وارن جا. ويڻ= ڳالهاءِ، طعنا. ٤. بدوين لئي= ٿر وارن سانگين لئي. (ٿر بر ۾ رهندڙ ۽ پاڻي ۽ گاھ جي تلاش ۾ مال ڪاهي هلندڙ ماروئن پنهوارن جي رهڻي ڪهڻي عرب جي بدوين جهڙي؛ انهيءَ لحاظ سان، ٿر جا مارو ماڻهو ۽ پنهوار= (استعاري طور) بَر جا بَدوِي). ٥. حُجرات= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٤٩) جو نالو، لفظي معنيٰ: حُجرا، ڪَمرا. حُدنِ ۾ (ڪاتبن غلط ڪري ’حَدُنِ ۾‘ (حجرات سوره کي= حُدِي طور ڳائڻ ۾. (حُدِي= قافلي ۾ اُٺن هلندي هُونگارڻ وارو سُر). رَعد= قرآن شريف جي سُوره نمبر (١٣) جو نالو؛ لفظي معنيٰ: گوڙ (ڪنوڻ واري ڪڪر جي). حجر= قرآن شريف جي سُوره نمبر (١٥) جو نالو؛ لفظي معنيٰ: پٿرائون پيچرو. لئن= لَوَن، ڳائين. احقاف= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٤٦) جو نالو؛ لفظي معنيٰ: ’ڊگها وَرن وڪڙن وارا پنڌ، پيچرا. ٦. ”اُولائک اصحاب الجنة“= ”اهي جَنت وارا آهن، جَنتي آهن.“ و سقاهم- الخ= انهن کي پنهنجي رب پاڪ شراب پياريو. ويرو تار= تمام گهڻي، بيحد (پرين جي پچار). ٧. ’مومن‘= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٤٠) جو نالو؛ لفظي معنيٰ: ايمان وارا. اعرابي= شهر ڪان پري ٻاهر بر جو رهندڙ، بَدوي. رهي وينم راس= ٺهي جُڙي وينا. مُلا= ڪان، وٽان. ايرادي= تقدير، لکيي. ٨. فاتحہ قرآن شريف جي پهرين سُوره (اَلحمدُ) جو نالو؛ لفظي معنيٰ کوليندڙ، شروعات ڪندڙ. بَقره= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٢) جو نالو، لفظي معنيٰ ’ڳئون‘. نحل= قرآن شريف جي سوره نمبر (١٦) جو نالو؛ لفظي معنيٰ ماکيءَ جي مَک. حجر=قرآن شريف جي سوره نمبر (١٥) جو نالو؛ لفظي معنيٰ ’پٿرائون پيچرو.‘ بَني اسرائيل= قرآن شريف جي سُوره نمبر (١٧) جو نالو؛ لفظي معنيٰ ’هک سامي قبيلي يا قوم جو نالو.

'سَجدہ'، 'اَحزاب'، 'سَبا' منجھين 'رُوم' رَھَنِ
نيئِي اَڏيا اَمَن ۾، پکا پَھنوارَنِ
مونکي منجھان تَنِ، پِئا لوہَ لَطِيفُ چَئي.

٩

'فاتِحہ' 'بقر' سومرا، جَڙيائون سِين جانِ
اَپرَ 'آلِ عِمرانِ' سِين قربُ ٿِئو کيٽانِ
هُوءِ جي سُخنَ سَنڌانِ، سي ٿِي وينِي سارِيان.

١٠

'توبہ' جَنِي تَنِ ۾، اندرِ اُنِ 'اَنفالِ'
'يُونُس' رکِي جانَ ۾، پِئا حقيقَتَ حالِ
جي وِڌا 'هُود' وِصالِ، سي سانبِي سارِيُمِ سُومَرا.

١١

'توبہ' جَنِ جي تَنِ ۾، 'نَمِلِ' نِهايَتَ
'اعراف' اباڻَنِ کِي، 'فاتِحہ' ۾ فرحَتَ
'لُقمانِ' جاءِ لَطِيفُ چَئي، سَجدَہ ساڻُ صِحتَ
'نِساءَ' 'نُورَ' نِيتَ، مونکي مارُنِ ميڙِيين.

١٢

'توبہ' جَنِي تَنَ ۾، سي 'نَملِ' نِهارِينِ
'قُل يا'، 'قَدسَمِعَ'، 'جاثِيَة'، دل 'دُخانِ' ڏرِينِ
'تَبارَ'، 'تَبَت'، 'اِذاجاءَ'، 'اِذازُل' سِين اورِينِ
جيکِين پَهنُواريون پَھرِينِ، سو مُيَسرُ سَڀُ مَليرَ ۾.

١٣

'شُوريٰ' شَهَرُ سُومَرا اُنِي جو آھي
لَڏي وِئا لَطِيفُ چَئي 'قَصَص' ڏونہ کاھي

سَجدَہ= قرآن شريف جي سوره نمبر (٣٢) جو نالو؛ لفظي معنيٰ سجدو. اَحزاب= قرآن شريف جي سوره نمبر (٣٣) جو نالو؛ لفظي معنيٰ 'ٽولا' (جيکي شروع وارن مسلمانن خلاف يکمشت ٿيا). سَبا= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٣٤) جو نالو؛ لفظي معنيٰ يمن جي سبا شهر جا ماڻهو (حَمير يا سابئين). رُوم= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٣٠) جو نالو؛ لفظي معنيٰ 'رومي سلطنت' (رومن ايمپايَر). امن= صلح سانت (جتي کوبہ فساد نہ هجي). منجهان تن= تن جي سک ۽ محبت منجهان، سک ۽ محبت جا لوہ= لوھہ جا ڪڙا ۽ بند. ٩. آل عمران= قرآن شريف جي سوره (نمبر ٣) جو نالو؛ لفظي معنيٰ 'عِمران جو ڪٽنب'. ١٠. توبہ= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٩) جو نالو؛ لفظي معنيٰ توبهہ، پڇتاء، هميشہ لاءِ گناهہ کان بس. اَنفال= قرآن شريف جي سوره نمبر (٨) جو نالو؛ لفظي معنيٰ جنگ ۾ هٿ آيل مال، مال غنيمت. يُونُس= قرآن شريف جي سُوره نمبر (١٠) جو نالو؛ لفظي معنيٰ نبي حضرت يونس جو نالو. هُود= قرآن شريف جي سوره نمبر (١١) جو نالو؛ لفظي معنيٰ هُود نبي جو نالو. وِڌا وِصال= وصال ۾ وِڌا، جن کي هُود کان وصال حاصل ٿيو. سانبي= ساڻي. ١٩. توبہ= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٩) جو نالو؛ لفظي معنيٰ 'هميشہ لاءِ بس وارو پڇتاءُ'. نَمِل= قرآن شريف جي سوره نمبر (٢٧) جو نالو؛ لفظي معنيٰ 'ماڪوڙي'. اعراف= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٧) جو نالو؛ اسم خاص: ماڳ جو نالو؛ اسم عام: بلند مقام، بلنديون. فاتحہ= قرآن شريف جي پهرين سوره (الحمد). لقمان= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٣١) جو نالو؛ لفظي معنيٰ (اسم خاص) لقمان نالي اڳئين جُڳ جي هڪ وڏي ڏاهي جو نالو. سجده= قرآن شريف جي سوره نمبر (٣٢) جو نالو؛ لفظي معنيٰ سجدو. نِساء= قرآن شريف جي سوره نمبر (٤) جو نالو؛ لفظي معنيٰ 'زالون'. نُور= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٢٤) جو نالو؛ لفظي معنيٰ روشني. ١٢. 'قُل يا'= قُل يا اَيُهاالڪافرون" (چئو: اي ڪافرو!) قرآن شيف جي سوره "ڪافرون" (نمبر ٩) جا شروع وارا الفاظ. قَد سَمِعَ= قَد سَمِعَ الله (تحقيق الله ٻڌو)، قرآن شريف جي سُوره مُجادله (نمبر ٨٥) جا شروع وارا الفاظ. جاثية= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٤٥) جو نالو؛ لفظي معنيٰ 'گوڏن ڀر'. دُخان= قرآن شريف جي سوره نمبر (٤٤) جو نالو؛ لفظي معنيٰ 'دونهون'، ڌُند. تَبارَ= تبارڪ الذي بيده المُلڪُ (= وڏي برڪت وارو آهي اهو (الله) جنهن جي هٿ ۾ بادشاهي آهي)، قرآن شريف جي سُورَہ مُلڪ (نمبر ٦٨) جو پهريون لفظ، معنيٰ وڏي برڪت وارو. تَبت= تبت يد اَبي لَهَبٍ (= وڃجن ٻئي هٿ اَبولهب جا)= قرآن شريف جي سوره لهب (١١) جو پهريون لفظ معنيٰ 'وڃجي وَڃن'. اَذاجاء= اِذاجاءَ نصرُالله (= جڏهن الله جي مدد ٿي)= قرآن شريف جي سُوره 'نَصر' (نمبر ١١) جا پهريان ٻہ لفظ: معنيٰ جڏهن آئي مدد. 'اذا زُل= اِذا زُلزلت الارضُ (= جڏهن ڌُٻائي ويندي زمين)= قرآن شريف جي سُوره 'زلزال' (نمبر ٩٩) جو پهريون لفظ ۽ ٻئي جو ڀاڱو. مُيسَر= آساني سان دستياب، بلڪل موجود. ١٣. شُوريٰ= قرآن شريف جي سُوره (نمبر ٤٢) جو نالو؛ لفظي معنيٰ مشورو، صلاح صواب. قصص= قرآن شريف جي سوره نمبر (٢٨) جو نالو؛ لفظي معنيٰ ڳالهہ، قصو.

واحِدَ وَرائي، ڳَهي 'قاف' وِئامَ جي.

وائي

منهنجو مَنُ مَلير،
كوٽَنِ ۾ آءٌ كِيئن گهاريان
پيان شال پَكُون كَري، پاڻُر جو پَنِيرُ
مون جيڏِيون ملير ۾، كِليو پيِن كِيرُ
سرتيون پسان سومرا، جٺري لاهہ زنجيرُ
اُنِ كي عبداللطيف چئي، ساري تو سَريرُ.

داستان يارهون

۱

جانكِين سَتِيين سِيرُ، تان كِينُ وِهنديَس كوٽَ ۾
سِپَ سَمُندرين سَپَجي، نَديءَ پِئي نہ نِيرُ
جئن اُوءِ اَبرَ آسَري، تِئن منهنجي مَن مَليرُ
كاٽُڙِ پِيَن كِيرُ، جي امانتَ اُتِ وَجي.

۲

جَرَ ۾ سِپُون جِيئن، آهِن اَبرَ آسَري
كُونجُون سارِين روهَ كي، مون تَنَ اَندرِ تِيئن
هُتِ وَعدا وَجِڻَ جا، هِتِ نہ پانيمِ هيئن
كوٺيين وِهان كِيئن، جي نظربَندي نہ هُئان.

۳

سِپَ سَمُندرين سَپَجي، اَبرِ آساروس
ٻاڙو پيي نہ ٻِپڙي مِٺو مُنهِ لڳوس
ماٽِكَ تي مِڙيوس، جئن تنگَ كَديائين تارَ ۾.

٤

سِكو سَپِ سَرتِيُون، سِپُنِ مُلا سِيرُ
ٻئو مَنائي نِيرُ، اُپيون اَبرَ آسَري.

۵

سِكو سِپُنِ كان، سرتِيون ريتِ سِكَڻَ جي
مَنگَنِ جَرُ مَٺان، اوري كَنِ نہ آسَرو.

٦

ڦُهري كِئا، پُٺَنِ ۾ وِڄُنِ وَڏاٽا
سُورَ اُنِي جا سُومَرا، مونكي عُمرَ اُڏاٽا
اُنِي وِئُڙا اُكَري عُمَرَ اَباٽا
ٻَكَرَ ٻاباٽا، پَسان شال پَرِ كَنهين.

۷

وِڄُڙِيَن ويسَ كِئا، موتِي آئِي مُندَ
اَكِيون اَباڻَن ڏي، بَسِ نہ كَرِنِ بُندَ
هيئن نہ تِيَس هُندَ، جي كَرَ لَڏاڻُون كَڍهِين.

۸

تِنهِ كُوٽِ تي كِواءِ، جا ڏِسِ ڏاڏاڻَن جي
ساريو سانبيڙَنِ كي، رَويو راتِ وِهاءِ
سُونا كِيمِ سَهاءِ بنداياٽيءَ كي بَندَ ۾.

قاف= (ق) قرآن شريف جي سوره (نمبر ۵۰) جو نالو. وائي. مَليرِ= مليرَ ۾، ملير ڏي= سهٽي سائي ٿر ڏي. پكون كري= پچاڙيءَ وارا ڦُڙا ڦُڙا كري. پنير= هڪ ٻُوٽي جا ڦُلَ (ٻج وارا)، كَپوئي. د-۱۱-۱. جانكين= جيسين تائين. سَپجي= پيدا ٿئي. نديءَ پئي نہ نير= (سپ) نديءَ جو پاڻي نہ پئي. اوءِ ابر آسري= اها سپ جهڙ (مينهن) جي آسري تي رهي ٿي. كاٽڙ= (منهنجي وطن) كاٽڙ ۾. ۲. روهہ= جبلن پهاڙن وارو ملڪ (كونجن جو). مون تن اندر تيئن= منهنجي اندر ۾ تيئن پنهنجي وطن جي سڪ آهي. هُت واعدا وڃڻ جا= هُت ٿر ۾ منهنجا موٽي وڃڻ جا كيل واعدا. هت نہ پانير هيئن= هت ائين نہ پانير تہ كو هن طرح بند رهنديس. ۳. ابر آساروس= جهڙ مينهن تي ئي سندس آسرو آهي. ٻاڙو= كارو پاڻي. ٻپڙي= ٻن پڙن واري، سپي. مٺو منهن لڳوس= مينهن جو پاڻي چكيائين. تي مڙيوس= تڏهن مليس. تنگ كديائين= سٽون ڏنائين، كشالو كيائين (سپي مٿي پاڻيءَ جي سطح تي اچي ذري ذري منهن كڍندي، يا كو وقت يكو منهن كڍي هلندي تہ من كا مينهن جي ڦڙي وات ۾ پوي). ٤. سپن مُلا= سپن وٽان. مٺائي= مٺي، ڇڏي. نير= پاڻي. اپيون= مٿي سڏيون بيٺيون. ٦. ڦُهري= نكري ڦري. وڏاٽا= جشن، خوشيون. اُڏاٽا= اُدميا. اُكري= ٽپي، ٿر جي هڪ پاسي كان ٻئي پاسي. ۷. وڄڙين= كنوڻين. ويس كئا= تجلا كيا، رنگارنگي چمكاٽ كئا. مند= ساوڻ جي مند، مينهن جي مند. بُند= بوند، وهندڙ ڳوڙها. ۸. كُوٽِ= كُندِ (طرف جي). كِواءِ= كنواءِ، كِنوي، چمكي. ڏس= طرف. سونا= سَهائپ وارا ويٺ حرف ۽ ميار وارا مهٽا.

٩

ڪَنهِ ڪِوَندِيءَ ڪُوٺِ وِئا ڪاهي ڏَٺ ڏرارَ
پاٽَرَ جا پَهنوارَ، موليٰ مونکي ميڙيين.

١٠

جِت پُنگا پَٽون پيٽِيُون، تِنهِ ڪُوٺِ ٽِيون ڪَوَنِ
پاٽَرِ سَڀُ پُسائِيو، وَسِي وِجُڙيَنِ:
ماروءَ رءَ مَ مَرَنِ، اَللهُ هِي آسائِتِيُون.

١١

جِتِ پُنگا پَٽون پيٽِيُون، تِنهِ ڪُوٺِ تِي ڪِواءِ
سا وِجَ پَسئو وِندُران، مون رُوندِي راتِ وِهاءِ
سِليتِيءَ سُهاءِ، مارُو جو مَلِيرَ جو.

١٢

جهُڙِ ڦُڙِ مَتي مارُوئِين، جِت چيها چِلڙَ چِڪَ
اَندرُ تو اُجَ مَري، ساهُ اُني جي سِڪَ
پِيان شالَ پَهيون ڪَري تِئان ڏيئي تِڪَ
وَرُ پِريان سين پِڪَ، بِئا پاڻَ پَريائِي گهوريا.

١٣

جهڙ ڦُڙِ جِتِ ٽِيَان، اُتِ اَڏِيائون پَڪَڙا
هِنَ منهنجي حالَ جو، قَدُرُ نہ ڪيٽانِ
آن جِڪُسِ وِسِريان، مارُو ڦُوتِ قَرارِئا.

١٤

اُنَنِ مِينهَ گهٽا، ٽِيَنِ موڪَ مَلِيرَ ۾
اَڪڙيون آبَ پَرئو، اُنهِين ڪُوٺِ ڪَٽان
مارُن شالَ مِڙان، ڪوئيون چِڏي ڪَڍِهين.

١٥

ٿَنِ ساڏوهِين سَڏَ مَران، ڏِنگا جَنِي ڏارَ
پُٽِي سان پَتارَ، پاٽَرِ پيرون چُونڊِيان.

١٦

جي ڏُريائين ڏارَ، وَڍِي وَڻَ جُدا ڪِئا
تَنِ سُڪَنِ کِهڙِي سارَ، تہ اُنا مِينهَ مَلِيرَ ۾.

١٧

جَنِي راتو ڏِينهَ، اَڪڙيون مَلِيرَ ڏي
هاٽِي ڪندين ڪِيئَن، تَنِ عُمرَ آسائُنِ سِين.

١٨

پاران پيهِي آئيو مَليران مارُو
وَريا وَهارُو، هاٽُو سَڀ هيٺا ٿِئا.

١٩

آيو ڪيرُ ڏيهاءَ، جِنهِ ڪَرَ پُڇان خَبرون:
'وِجُون اُنِ وَراءَ' (ڪي) راتِ ماروءَ تي وُنيُون!'

٢٠

ڪَندِ لَنگهِيندِي ڪاڻِ پِييَمِ پَهنُوارَنِ سِين

---

٩. ڪونديءَ ڪُوٺِ= اُها ڪُندِ جنهن تي ڪنوڻ پئي ڪنوي. ١٠. پُنگا= جهوپڙا. پيٽيون= ماروئڙن جي اٽڻ ويهڻ، هلڻ چلڻ، پَهرڻ، ڦرڻ واريون جالون، ماروئڙن جا ماڳ مقام. تنه ڪوڻ ٽيون ڪِوَن= انهيءَ ڪندِ تي ڪنوڻيون ٽيون ڪنون (جت مارن جا ماڳ مقام آهن). ١١. سيليتيون= جن تي وچ جو روشن 'سيلو' پوي ٿو يا 'سيلي' پوي ٿي. سهاءِ= سُهائي ٿو، ڪٽي ٿو. ١٢. چيها= چيهو گاهہ. پَهي= بلڪل گهٽي چڊڙي رب، يا ٻيو ڪو پاٽيٿ (چوندا "پَهي پاڪي"). ٻي پڙهٽي "پهيون پري"= پاٽيٿ ۾ ٻوڙي پري. تِڪَ= گِيت. پِڪَ= ٿانءَ ۾ ٻچيل ڪير يا ٻي ڪنهن پيٺ واري شيءِ جو ٿورڙو ذرڙو. پاڻ= وڏا شاهي تاسرا (وَٽا). ١٣. ڪيٽان= ڪين، انهن ڪي. وسريان= ڪين وسري ويس. قوت قرارئا= قوت وارا ٿيا. ١٤. اُنن= انهن (مارن) تي وٺا. موڪ= گهٽائي (مينهن ۽ پاٽي جي ۽ ٻي هر شيءِ جي) ڪوڻ= ڪند، ڏس (مارَن واري). ١٥. ساڏوهيون= چاريون (چارين جو هڪ قسم). پُٽي= گڏ هلي پئي: ١٦. ڏريائين= منڊ ڪان، شروع ڪان. جدا ڪئا= جدا ڪئا وئا. ١٨. پاران= ڏيهہ وارن وٺان. پيهي آئيو= اندر لنگهي آيو. وهارو= واهُرو. هاٽو= ڏاڙا هٽندڙ، ڏاڍائي ڪندڙ. ١٩. ڏيهاءَ= ڏيهہ ڪان، وطن ڪان. جنه ڪر= جنهن ڪان. وَراءَ= ور، پاسو، طرف. اُن وَراء= انهن جي پاسي. اُنِ وڙاء= انهن جي وڙ جي ڪري، هو وڙائتا آهن انهيءَ ڪري. ٢٠. ڪَندِ= ٿر جو جهنگ. لنگهندي= مَٽيندي، ان مان گذرندي (جڏهن عمر بادشاه ڪنيو پئي آيو). ڪاڻِ پييم= آءٌ ميار هيٺ آيس، آءٌ حرفي ٿيس.

أتي عبداللطيفُ چَئي رُنو سَڀَ رِهاڻِ
هن هِيٺائِيءَ هاڻِ، مُنهُ متاهُون نہ ڪَڻان.

۲۱

عُمَر اڄُ ڳَڏِيامِ، ڏوتِي اُنهِين ڏِيهَ جا
پارايا پِرِينِ جا اُپِي اَنِ چِيامِ
لَهي لوهہ وِئامَ، لُطفَ ساڻُ لَطِيفُ چَئي.

۲۲

مارُن ڏاران ماڙِيين، آءُ جي ڏِيان ساهُ
سِڙِي مُنهنجي سُومَرا قيد مَ ڪريجاهُ
ساٿيهَ ڏي سَيدُ چَئي، ڪِلِي ڪٽيجاهُ
مارُنِ مُئِي نِجاهُ، تہ لوئِيءَ جي لَڄَ رَهي.

۲۳

اُنِي تِي وَراڻِ، ڪِينءَ واڏايُون آئِيُون
لَتِي لوئڙِيارِيين، مِڙِنِي ڪي مُنهَ ڪاڻِ
صُلحُ واريو سُومَري، چَئي پَهُنوارن پاڻِ
هَمِيرِنئُون هاڻِ، مُهَٽُ لَهندي مارُئِي!

۲٤

ڪَٽِيءَ مَنجهِہ خِلافُ، رَهيو نہ رَتِيءَ جيتَرو
لَتو لوئڙِيارِيين ڳُونڌَر جو غِلافُ
ميرا لاتا مارُوئِين سَڀَ اوڍِيائُون صافُ
مَليرُ مِڙوئِي مَعافُ، عُمَرَ اِنعامِي ڪِئو.

۲۵

وَرِئو وَرَقُ وِصالَ جو، موڪَلَ جُڙِي مون
”لَحماً طَرِياً وَتَستَخرِجُونَ حِليَةً تَلبسُونَها“،
ٿَنَ ۾ ’تون هين تون‘
مَنَ منجهارا مون، آهي مارُوُ جامُ مَليرَ جو.

وائي-۱

ٿَپُ ٿَرِيائِين، سَمُنبرِ وِڏائِين،
نِئائِين مَرَضُ مومِنِ تان

دَردُ پاڻُ دَردَ ۾ ٻُڌو باجهہ ڪِئائِين
اَگها سَڀَ سَگها ٿِئا، ڏُکندو ڏُورِ نِئائِين
گِروهَ گودڙِيَنِ جي، سِلڪَ صِحتَ ڏِنائِين
ميڙِي مُرِيدَ پانهنجا، رَحمتَ هيٺِ رَکِيائِين.

وائي-۲

ڪَٽِيءَ منجهہِ ڪٽيائين ڪٽيائين،
مارُوُ جامُ مَليرَ جو

پَرَچِي پنهوارَنِ سِين، لوئِي ڏيجُ لَڏائين
سِيلُ نِباهي سومَري، پنهنجِيءَ پَرِ پچِيائين
جهُوپو جهانگِيڙَنِ جو ماڙِيءَ سِين نہ مَٽِيائين
سونَ بَرابَرِ سَگِڙا ٻانهُنِ ۾ تہ ٻَڌائين
مارُوءَ پاسِ مَليرَ ۾، چَسا سَڀِ چِکيائين
گولون گولاڙَنِ تان جهَپِي ساڻُ جهَٽيائين
سَگَر ساهيڙَنِ سين ڪاتُونبا ڪاڏائين
اتي عبداللطيف چَئي شَرمُ رکين رَبَ سائين.

❖

رِهاڻِ= سيني رهاڻ وارن، رهاڻ ۾ ويٺلن. ۲۱. پارايا= پيغام. اُپِي= بيهي. ۲۲. سڙي= جنازي واري کائي، جنازو. مُئي نجاه= هيءَ مُئي مارُن وٽ ڪٽي وڃجانءِ. ۲۳. اُني= مينهن جي مند آئي ۽ مينهن وُٺو. وراڻ= موٽ (ٻاهر ويل سڀ موٽيا). ڪينءَ واڏايون= خير جون مبارڪون. مُنہ ڪاڻ= ڪنهن حرف سببان حجاب، ميار. چئي پنهوارن پاڻ= سومري خود پاڻ پنهوارن کي چئي صلح واريو. صلح جي آڇ ڪئي. هميرنئون= هميرن وٽان. مهٽ= مان. ۲٤. خلاف= غير، ٻي ڪنهن ڳالهہ جو گمان. رتيءَ جيترو= ذري جيترو. ڳونڌر جو غلاف= غم جو ڍڪ. ميرا= ميرا ڪپڙا. انعامي ڪئو= ماروئن کي انعام ۾ ڏنو= هر طرح جو محصول معاف ڪيو. ۲۵. موڪل جُڙي= موڪل مونکي ملي. لمحا طريا= قرآن شريف جي سوره ’فاطر‘ جي آيت نمبر (۱۲). لفظي معنيٰ: (دريائن ۽ سمنبر مان). تازو گوشت ۽ جنسار (سون، موتي وغيره) ڪيو ٿا جيڪو پهريو ٿا (اصطلاحي معنيٰ) ٿر جو تازو طعام ۽ صاف سنو سادو لباس. تن ۾ تون هين تون= اندر ۾ ’تون هين تون‘ خوشيءَ جي لهر لڳي. وائي-۱. سمنبر وِڏائين= سمنبرَ ۾ وڏائين. اها ٻاجهہ ڪيائين جو درد پاڻ درد ۾ ٻڌي ويو. ڏکندو= آزار، ايذاء. گروه گودڙين جي= گودڙين وارن جي گروه (ٽولي) کي. سلڪ= واٽ. (الف) سلڪ صحت= صحت واري واٽ. (ب) سلڪ= ٽولو، گروه (سالڪن جو). سلڪ صحت= سالڪن جي سنگت کي صحت ڏنائين. وائي-۲. ڪٽيءَ منجهہ. ڪٽيائين= ڪٽيءَ جي لڄ پت رکي، ڪٽيءَ منجهہ رهي (بادشاهہ جا ڪپڙا نہ پائي). پنهنجيءَ پر پچيائين= پنهنجي طرفان مخفي جانچ ڪرايائين. چسا=لذتون. سگر ساهيڙين سان= سگرن کي ڪاتونبا ڪري ڪاڏائين.

سُر سُنهِڻي

هن سُر جو پس منظر 'سنهڻي ۽ ميهار' جو داستان آهي جنهن ۾ مجازي محبت جا آثار نمايان آهن. باوجود ان جي حقيقت محبت واري هي مام، مجازي عشق کان الڳ آهي. هت سنهڻي پاڻ عاشق آهي، ۽ جيتوڻيڪ ظاهر ۾ هڪ ميهار سندس محبوب آهي پر سنهڻيءَ جي نينهن جو ناتو ئي نرالو آهي. هيءَ داستان انوکي عشق ۽ نرالي نينهن جو داستان آهي: هت 'نيه تک نرالي' آهي. ساهڙ ۾ سنهڻي کا صورت ڏٺي جنهن جي ديدار لاءِ حال کان بيحال ٿي، پاڻ کي درياهه ۾ ٿي وڌائين ۽ کهڙي منجهه حساب، هئڻ منهنجو هوت ري. حقيقت ۾ هوءِ ان صورت الاهي جي گهوري هئي جيکا ساهڙ ۾ ڏٺي هئائين! سنهڻيءَ جو ساهڙ ازل کان اڳ هو: "ساهڙ جا سينگار، ازل کان، اڳي هئا."

شاهه صاحب جي اعليٰ عرفان ۾، سنهڻيءَ جو عشق 'احديت' واري مقام تي هو. کن سالکن جي طريقي ۾ هن تلميح ۾ سمايل معنيٰ کي 'حقيقت محمدي' سان تعبير کيو ويو آهي.

داستان پهريون

١

وَهَ تِکَ، واهُڙَ تِکَ، نِيهَ تِکَ نِرالي
جَنِ کي عِشقُ عَمِيقَ جو، سي خُلَتَ خَيالي
وارِيِين سي والِي، هِنيَڙو جَنِي هَٿِ ڪِئو.

٢

اَنِڌيءَ وَڄُون، کَنڌيءَ وَڄُون، ٿنگَڻان لَهي نہ تِکَ
صورَتَ جا ساهڙَ جِي، ڏِيلَ مُنهنجي ڏِکَ
واهُڙَ ٿَنِي وِکَ، جَنِ سانياران سُپرين.

٣

واهُڙَ وَهَنَ نَوان، اَجان وَهُ اَڳِي ٿِئو
گَهرِ وِينِيون گهڻا کَريو سَرتيون سَڳَ سَنوان
صورَتَ جا ساهڙَ جِي سا جي ڏِٺِي آن
تہ هُوندَ نہ پَليو مان، گهِڙو سَپَ گهڙا ڪِٽِي.

٤

جيڏيون ڏنيان جِي، صورتَ ساهڙَ ڄامَ جِي
سُک ٿِي سُتيون کين کين، کانڌَن پاسي کي
هوندَ مُونهانئِي اَڳِي، گهِڙو سَپَ گهڙا گِٽِي.

٥

ڏنيان جي هيڪارَ، صُورتَ ساهڙَ ڄامَ جِي
سُک ٿِي سُتيون کينَ کِين پِري سانُ پَتارَ
گهِڙيون گهِڙنئا ڏارَ، کاهي پيبون کُنَ ۾.

٦

ساهڙُ مون جِتَن سَرتُيون! جِي ڏِسو سَيِيئي
تہ سُمهو کِين سُکِ ٿِي، وَرَ پاسو ڏيئِي
مُونهان اَڳِيئِي، گهِڙو سَپَ گهڙا گِٽِي.

٧

جيڪين ڏنو ماُن، سو جي ڏنو جيڏيين
گهرَ وَرَنِ ئِي سان، هوندَ گهڻِن گهوري ڇڏئا.

٨

گهِڙَنِ واريون ٽَڙن تي گهِڙَنِ گهٽيئِي
سَيَکَا چِئِي: آن سُونهَڻِي لَئہ پِريان پيئِي

د-١-١. وَهَ= پاڻي جو تکو وهڪرو، وڏي وَهَ وارو، دريا جي سير وارو وهڪرو. وَهَ تِک= وه واري وهڪري جي تکائي. واهُڙَ= درياء جي ڪَچي ۾ درياء جي چاڙهه وقت، پاسي کان جيکي بيا ڦاٽ ڦاٽي نڪرن. واهُڙ تک= واهڙ جي وهڪري واري تِکائي. نيه تِک نرالي= (وَه ۽ واهُڙ جي تک بہ تيز آهي پر) نيه (عشق) جي تک (تيزيءَ ۾) اجان ئي کا نرالي آهي. عميق جو= اونهي (درياء) جو. خُلت= پيار واري دلي دوستي. سي خُلت خيالي= سي دلي پيار ۽ دلي دوستيءَ جي خيال ۾ آهن، اهي گهاٽي محبت ۾ مست ۽ مخمور آهن. وارِيين سي والي= موٽائي آڻي ملائين سي موليٰ. ٢. انڌي= درياء جي پرين پر. کنڌي= درياء جي هِن پَر. تنگ= سوڙهو (گهڻ ويکر ۽ گهڻ عُمق وارو). ٿُنگِڻان= درياء جي سوڙهي وهڪري مان. لهي نہ تک= پاڻيءَ جي وهڪ جي تيزي گهڻ نہ ٿئي. ڏِکَ= سامهون. ٣. نوان واهڙ= تازا واهڙ جيکي درياه جي چاڙهه وقت پاسي سان ڪَچي ۾ وهن. وَهُ= وڏو وهڪرو درياء جي سِير وارو. ٤. ڏنيان جي= اوهان جي ڏٺي هجي، اوهان جي ڏسو. کانڌن پاسي کي= اوهان مان کي بہ پنهنجن کانڌن سان گڏ. ٨. لَئہ پِريان پيئي= پرين خاطر درياء ۾ گهڙي. لَئہ پريان پيئي= پرين جي عشق ۾ پيئي.

صُباحَ سَيبِئِي، پَسبِيُون پاتارَ ۾.

٩

ڪَنڌيءَ پَرِ ڪِلا، ڏونهان دوست ميهارَ جا
لَهرِين مَنجهه لَطيف چئي، دَهلجُ ڪيَمَ دِلا!
گولِيءَ ڪي گِلا، متان ساهڙُ سَمُنِ جي ڏِئي.

١٠

ڪَنڌِيءَ اُپِيون ڪيتريون 'ساهَڙُ' 'ساهَڙُ' ڪَنِ
ڪَنِي سانگو ساهَ جو، ڪي گهوريَس ڪِئو گهڙَنِ
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙَن جي.

١١

ڪَنڌِيءَ ڪَنَ ڏِنامِ، سانيارنِ ساهَڙَ جي
آسانگي اَرواحَ جي اُپِي ٽَڙَ تَڪِيامِ
وَڏِي ويرَ لڳِيامِ، گهِڙان گهورِئو جِندَڙو.

١٢

پَرينءَ پَر پِريتَ مان تو ساهَڙُ سَڏُ ڪَري
جي نہ گهِڙان موٽِي وِجان، تان ڪا ساهَ سَري
مَرُ جان پَتِ پَري، گهِڙان گهورِئو جندَڙو.

١٣

گهِڙِي گهَڙو هَٿِ ڪَري، ٻهُون نِهاري ٻَنگُ
"سَر دَر قَدَمِ يار فدا شُدِ چه بَجا شُد" وَصُلَ اهوئِي وَنگُ
"اِين بارِ گرانِ بُود، اَدا شُد چهِ بجا شُدَ" آجو ٿيو سَڀُ اَنگُ
راتِ جَنِي جو رَنگُ، آران سي اُڪارِيين.

١٤

گهِڙِي گهَڙو هَٿ ڪَري، ٻهُون نهاري ٻَنگُ
"وَ اَمَا مَن خَافَ مَقَامَ رَبِهِ"، اِيي لنگهيائين لَنگهُ
سِڪَندين ڪي سَيدُ چئي، ڪِينَ جَهلِيندو جهنگُ
راتِ جَنِي جو رَنگُ، آرَان سي اُڪارِيين.

١٥

گهِڙِي گهَڙو هَٿ ڪَري چيلهه ٻڌي چوٽو:
گوتي ۾ گوتو، اچي ڪومَ آجاڻ ڪي.

١٦

گهِڙِي گهَڙو هٿِ ڪَرِي، سانگو چڙي ساهَ

صُباح= سياڻي. پسبيون= پڌريون ٿينديون. پاتار ۾= اونهي عميق پاڻي ۾. ٩. ڪِلا= مينهن جي وٿاڻ جا ڪِلا. دونهان= وٿاڻ جا دونهان (ڍاڳيا مال کي مڇرن کان بچائڻ لاءِ وٿاڻ تي دونهان ڪندا). دهلج ڪيم= نہ ڊڄج. سَمُن= پاڻ ۾ گڏجاڻي جي ڏينهن ۽ وقت لاءِ ڏنل پيغام، گڏجاڻيءَ لاءِ مقرر ڪيل وقت ۽ ماڳ. ١٠. اپيون= بيٺيون. گهوريس!= متان گهور ٿيس! صدقي ٿيس! گهاگهائي گهڙن جي= وڏي چاهه ۽ سَرهائي سان جيڪي وڏي واڪي گهڙن، جيڪي ٻولائي گهڙن. ١١. ڪن ڏنام= ڪنن تي آواز پيام، ٻڌام. سانيُرُ (جمع= سانيَارَ)= چڙو. سانيارَ= چڙا (جيڪي ساهڙ جي مينهن ۾ ٻڌل). سانيارن ساهڙ جي= ساهڙ جي چڙن ڪي. آسانگي ارواح جي= روحاني جياپي خاطر. اپي ٽڙ تڪيام= گهڙڻ جا گهيڙ بيني نهاريم (= گهڙڻ ۾ ذرا دير ڪيم). ١٣. ٻَنگ نهاري= وَجهہ جانچي. 'يار جي قدمن ۾ سر قربان ٿيو، پر اها ڪهڙي بجا آوري ٿي (ڪهڙو فرض بجاءِ ٿيو: قرباني تہ اجان ئي ڪا وڏي ڪرڻي آهي!) وصل جو اهوئي راز آهي. "هيءَ تہ پاڻ هڪ وڏو بار هو جيڪو لٿو، پر اها ڪهڙي ادائگي ٿي"! پاڻ هر عضوو (انگ) ان بار کان آجو ٿيو. رات جني جو رنگ= جن جو جشن رات ۾ آهي (رات جو درياهہ ۾ گهڙڻ ۽ ترڻ ۾ آهي). آران= آر مان= درياهہ جي وڏي تکي پلٽ مان. ١٤. ٻَنگُ= وَرُ، وَجهہُ، لانگهو، گهيڙ. ٻهون نهاري= گهڻو جانچي ڳولي. سُوره 'نازعات' جي آيت نمبر- ٤٠، (سڄي آيت: وَاَمامَن خاف مَقام رَبهِ وَنهي النفسَ عن الهويٰ= ۽ اهو جيڪو ڊنو پنهنجي رب جي آڏو بيهڻ کان ۽ جهليائين نفس کي سَڌ کان.) لنگهہ= گهيڙ، لانگهو. جهنگُ= درياهہ جي ڪڇي جو جهنگ، درياهہ جي ڪنڌيءَ لڳ جهنگ. رات جني جو رنگ= جن جو رنگ رات سان آهي، جن جو چاهه چهچٽو رات ۾ آهي. آران= آر مان، درياهہ جي تکي سير مان. اُڪاريين= لنگهائين، سلامتيءَ سان ٻئي پار پهچائين. ١٥. چيلهہ ٻڌي چوٽو= چيلهہ سان چوٽو ٻڌي. چوٽو= (هيٺين پوشاڪ جا) پاند لانگ هيٺان ورائي ڇڪي چيلهہ سان ٻڌڻ. گوتي ۾ گوتو= غوطي ۾ غوطو. ١٦. سانگو چڙي ساهَ جو= ساهَ جو سانگو لاهي.

ويچارِيءَ وَڏيون ڪَيُون دانھون منجھ درياہَ
بَرَ بانھُن چَڏِئو، ويِيَس چُڪِي واہَ
مدد رءِ ميھارَ جي، غَرضَ سَڀَ گُناہ:
نورِي ڪَرِ نِگاہَ، تہ ساھَڙُ لنگھيان سِيرَ ڪي.

١٧

گھڙي گھڙو ھٿِ ڪري، ٻوڙيائين ٻانھُون
ويچارِيءَ وڏيون ڪَيُون، وِچِ درياہ دانھُون:
"موتِ مُحبَ پاھُون، تاڪُنَ تڪِي آھِيَان".

١٨

گِھڙِي گھڙو ھٿ ڪَري"الاھي توھار"!
چُوڙا ٻِيڙا چِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙھيَسِ وارَ
جَنگھَہ جَرُڪي واتِ ۾، سِڀِي ڪي سينسارَ
لَڪين چُھتيَسِ لوھڙِيون، ٽِيليُون ٽرنيُون ڏارَ
مِڙئا مَڇَ ھَزارَ، ياڳا ٽيندِي سونھَڙِي!

١٩

ساھَڙَ ڏارَان سُنھَڙِي اَڏُوتِي آھي
ڪَنديُون جو ڪاھِي، پاسي ٿِھين پاڪُ ٿِيِي.

٢٠

ساھَڙَ ڏارَان سُنھَڙِي، نِسوري ناپاڪَ
نَجَاسَتَ نانھِ ڪَري اُني جِي اوطاقَ
ھُوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ، پاسي ٿِئِي پاڪُ ٿِيِي.

٢١

ساھَڙَ ڏارَان سُنھَڙِي، ھِيءَ تان جُنبِي جوءِ
ھِنَ پاڙِيءَ سين پاھِنجو مُورِ نہ مَتو ڏوءِ
جي پِرِينءَ پاسي ھوءِ، تہ ڪَرَ توڏِيءَ ٽُڙُ ڪِئو.

٢٢

ساھَڙَ ڏاران سُنھَڙِي، ھِيءَ تان جُڪِي زالِ
توڏِيءَ ٽپُ شُروع ٿئو، ھي ھيٺِيءَ جي حالِ
جَڏِي ري جمالَ، اگھِي ٿِي آھُون ڪَري.

٢٣

ساھَڙَ ڏاران سُنھَڙِي، آھي مَنجھ آزارَ
ڏَمَ پاسِي ۾ ڏُڪندو، صحت وَٽِ سَنگھارَ
توڏِيءَ سندي تَنَ جِي دَوا ۾ ديدارَ
جي پَسي مُنہُ ميھارَ، تہ سِگھيائِي سَگھِي ٿِيي.

٢٤

سَدا پُڇُ مَ سُنھَڙِي اُونداھِيءَ اَڌَ راتِ
پِريان ڏي پِرِياتِ، وانءُ ڏيناري ڏِينہ ڪي.

٢٥

وَرُ اُونداھِي رِاتڙِي، ڪَہ چانڊُوٽي چانڊاٽان
اوري ميھاران، مُنہُ مَ پَسان ڪو ٻِئو.

ٻَرَ= زور. ويِيس چُڪي واہَ= واہَ چُڪي ويس، ڪو حيلو باقي نہ رهيس، ڪو بچاءُ نہ رهيس. غرض سڀ گناہ= پنهنجا ذاتي مطلب سڀ گناہ، نفساني مقصد سڀ حرام. (چئي تہ:) اي نُوري، اي نور پريا ساهَڙ! ڪر نگاہ= مدد ڪر، حفاظت ڪر. ١٧. ٻوڙيائين ٻانهون= ٻانهون پاڻيءَ ۾ هنيائين (ترڻ لاءِ). پاهون= جلدي ۽ هن طرف. تاڪُن= مارينڌڙ جانورن. تڪي آهيان= مونکي نظر ۾ ڪيو آهي. ١٨. "الاهي توهار"= "الاهي توهار" ڪري گهڙي. الاهي توهار= يا الاهي! تو آهار آهيان، تنهنجي مدد جي آسري آهيان. (ساڳي معنيٰ ۾ ڪم شروع ڪندي چوندا "الله توهار"= يا الله تنهنجي مدد جي آسري سان (هيءُ ڪم ڪريان ٿو). ٻيڙا= ڪَراين ۾ ٻدل ٻيڙا، ٻيڙن ٻڙن وارا ڳانا. لوهڙيون، لُهڙيون، لُوهٽيون= لُهڙ جنس واريون مڇيون جيڪي ڪَنڊو هڻن. ٽيليون= ٽرنيون. (اصل پڙهڻي "ٽرنئون"؟)= 'ٽيليون' سان 'ٽرنيون' پرتي جو لفظ آهي (معنيٰ ساڳي). ياڳا ٽيندي= ٽڪرا ٽڪرا ٽيندي. ١٩. اڏوتي= اڻ ڏوتل. ميري، ناپاڪ. ٢٠. نسوري= صفا سڄي. نجاست= ناپاڪائي. ٻانه ڪري= نابود ڪري، وڃائي. اُني جي اوطاق= ان ساهڙجي اوطاق، ان جي ماڳ. (سنهڙي انهن کير پياڪن ميهارن (= ساهڙ) وٽ ويندي وهندي پاڪ ٿئي. ٢١. جُنبي= ناپاڪ. مور نہ متو ڏوءِ= هرگز مٿو نہ ڌوئي. تہ ڪر= تہ هوند. توڏي= سنهڙي جو مجازي نالو. ٢٢. جُکي= جُکيل، آزاريل. ٢٣. ڏم پاسي ۾ ڏکندو= ڏمِ پاسي ۾ جڻ هڪ آزار آهي. تن جي= جسم جي (مرض جي). ٢٤. سدائين 'اونداهي اڌ رات' واري وقت جي پڇا نہ ڪر. ٢٥. ور= پل، پل تہ اونداهي هجي. ڪَهِ= ڪوہ ۾ پوي، ڪڏ ۾ پوي. چانڊوٽي چانڊاٽان= چانڊوڪي چنڊاٽن جي (اهي جيڪي چنڊا آهن).

٢٦

سائِرَ ٻوڙِي سُنهَڻِي، نہ کَنهِ ڏوري ڏِنَدَ
اکِين مَنجهہ اُکَندَ، مُيائِي ميهارَ ڏي.

وائي

مُنهنجيُون سَيئِي ماءُ، آيَلِ مَنَ مُرادُون پُنِيُون
جهَڙِي ٻِرِيَان ڳالهڙِي، تهَڙِي ٻي نہ ڳاءِ
ڪجِي تاَن ڪوڏُ ٿِيي، سُجي تان سيباءِ
وانءُ داتا جي دَرَ تي، شُڪُرُ جنہ سُهاءِ
ڪانهي حَدَ حَمدَ جي تہ ڪَريان لالَنَ لاءِ
ڳَڻيو ڳَڻيان ڪيتَريون، وَڏيون وَڏايَاءِ
سو مون هَٿان نہ ٿئي، جيڪين تو جُڳاءِ
تو سَجيون تو سَنديون، سِڪَنِ توهِي ساءِ
اَجَ تُنهنجِيءَ اُجيُون، لوچَن تو هِي لاءِ
دِلِ دانهُنِ ري نہ رهي، مونکي ماتِ جُڳاءِ.

داستان ٻيو

١

وَٽَنِ وينا ڪانگَ، وِچِين ٿِي ويلا ڪَري
گهَڙِي گهڙو هٿِ ڪري، سُٺِي سانجِهيءَ ٻانگَ
سيئِي ڏُونِدي سانگَ، جِتي ساهَڙُ سُپِرين.

٢

منهِ جهِين جي مون، ڏنو مُنهُ ميهارَ جو
آهِمِ سَاهَ سَنئون، سو ڪِئَن گهڙو گهورِيَان!

٣

گهڙو پڳو تہ گهورِئو مَرُ چُورُ ٿيي چُوڙو
”طَالِبُ المَوليٰ مُذَڪَرُ“، اِيءَ ٻُڏنديَنِ ٻُوڙو
ڪوڙهيو ڏمُ ڪُوڙو، مونِ مَيهارُ ٿِي مَنَ ۾.

٤

گهڙو پڳو تہ گهورِئو، مَرُ ڀيڻَ ٿئي ٻانهِين
”طَالِبُ المَوليٰ مُذَڪَرُ“، اِيءَ پَرِ اَسانهِين
پُٺَان مَ پانهِين، مَهندان مُنهِ ميهارَ جي.

٥

گهڙو پڳو تان گهورِئو، پاٽان هو حِجابُ
واجَبُ وَجِي وُجُودَ ۾، رهيو روحُ رَبابُ
ساهَڙُ رءَ ثُوابُ، آءٌ گهَٽوئِي گهورِيَان.

٦

گهڙو پڳو تان گهورِئو، پَجي تان مَ گهَڙِي
چڪَڻِ تان چڙهي، پَسان مُنهُ ميهارَ جو.

٧

گهَڙو پڳو تان گهورِئو، آسَرَ مَ لاهيج
”لاتَقنطُوا مِن رَحمَةَالله“، تُرهي اِنَ تَريج
حَبِيبَاٽي هيجَ، پَسين مُنهُ ميهارَ جو.

٨

گهَڙو پڳو، مُنڌَ مُئِي، وِئا وَسيلا

---

٢٦. سائر= وڏو درياء. سنهڻيءَ کي ڏوري ڏِنڪو نہ ٻوڙيو پر وڏي درياء ٻوڙيو). مرڻ بعد بہ سندس اکين ۾ ميهار جي سک هُئي. وائي. ڪوڏ= بيحد خوشي. سجي سُجهي سيباءِ= سيبائي (وٽي). سُهاءِ= سونهاءِ، سونهي. تو سجيون تو سنديون= تو پنهنجيون نظرون (مون طرف) کيون. سکن توهي ساءِ= تنهنجي ساءِ (قرب) لاءِ پيون سکن! د-٢-١. وٽن وينا ڪانگ= ڏينهن پورو ڪري، رات لاءِ وڃي وٽن تي وينا. وچين= اڳينءَ کان پوءِ ۽ سج لٿي کان اڳ وارو وقت، وچين نماز وارو وقت. ويلا ڪري= وڃڻ جي ڪري سانجهيءَ ٻانگ= سانجهي نماز جي ٻانگ. ڏونڊي= ڳولي سانگ= واهڙ، گهڻگهيڙ. ٢. منهِ= بهاني جي ڪري، بهاني سببان. گهوريان= گهوري ڇڏيان، ڦيري ڦٽو ڪري ڇڏيان. ٣. گهورئو= صدقي ٿيو. چور ٿئي= پُڃي پُري اٽو ٿئي. طالب المولیٰ مُذڪرُ= موليٰ کي ڳوليندڙ مردانو آهي، باهمت آهي. ٻُوڙو= بچاء، آسرو. ٤. ڀيڻ ٿئي= مُڙي ڏوڙي ٿي وڃي. (ٻانهين= چوڙي جي) ٻانهين، ٻانهن واريون سڀ چوڙيون. اَسانهين= اسان جي. پُٺان مَ= پوان نہ. پانهين= پوئتي. مهندان= آڏو. ٥. حجاب= پردو، ڍڪ ('تصوف' جو خاص اصطلاح= طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ پردو). ثواب= اجر، چڱائي، نيڪي، ('صواب' مان بہ معنيٰ نڪري ٿي.) ٦. گهڙي= ملڻ واري گهڙي، وصال واري گهڙي. چڪڻ= پاٽيءَ ۾ آڏو چاڙهہ واري سخت زمين. ٧. آسَرَ= اميد، آسرو قرآن شريف جي سُورَہ 'زُمَر' (نمبر ٣٩) جي آيت جو وچون ڀاڱو. معنيٰ= اوهان آسرو نہ لاهيو الله جي رحمت مان. حبيباٽي هيج= پيارن دوستن جي پيار ۽ خوشيءَ ۾. ٨. وِئا وسيلا= سڀ آڌار ۽ ذريعا ختم ٿي ويا، باقي نہ بچيا.

سارَ ڇڏيائين سيرَ ۾، هَئي رَهيا حيلا
سُنهڻيءَ جا سِيلا، وَحدتَ سپ وِجائيا.

٩

گهڙو ڀڳو، مُنڌَ مُئي، وسيلا وِئا
تهان پوءِ سُئا، سُنهڻيءَ سَڏَ ميهارَ جا.

١٠

جَڏهن وَسِيلَنِ، لوڙهي ڇَڏِي لُڙَ ۾
پَراڙان پِرِيَنِ، تَڏهِنِ پُڇي سُونهڻِي.

١١

پاڻُ مَ ڪَڇُ پاڻُ سين، وَسيلا وِسارِ
لُڙُ لنگهائي سُنهڻِي پِرتِ وِجهنديئي پارِ
سي تُرتُ لنگهنديون تارِ، اُڪَنڊَ آڳُهُ جَنِ سين.

١٢

پاڻُ مَ ڪَڇُ پاڻُ سين، رِءَ وَسيلي وانءُ
مَتان سائِرَ سُونهڻي، پِرتِ وَنجي پانءُ
نِيهَ ٻُڏنهدي نانءُ، وانءُ پِريان جي پارَ ڏي.

١٣

پاڻُ مَ ڪَڇُ پاڻُ سين، رِءَ وَسيلي وَڏُ
لالَنُ تَنِي لَڏُ، عشقُ جَنِي جي اَڳِ ۾.

١٤

پاڻُ مَ ڪَڇُ پاڻُ سين، وَسِيلا وِڃاءِ
عِشقَ ساڻُ اَناءِ، پيرُ پِريان جي پارَ ڏي.

١٥

پاڻُ مَ ڪَڇُ پاڻُ سين، رِءَ وَسِيلي وَڃُ
پيلو پيري پَڇُ، اُڪَنڊَ ڪَنُ عَمِيقَ ڏي.

١٦

آڳَهُ عشق واريين، جَڏهِنِ ڪنيا جَنِ
تَڏهن رَسئا ثَنِ، مِهڻا مُحَبُ ميهارَ جا.

١٧

ڪونهي آڳَهُ اِهڙو، جهڙي مَحبتَ مَنِ
اُپيون اوريين پارَ ڏي، ڪُوڙيون ڪَڪَ پُڇَنِ
نَدي ثَن نيڙُ ٿِئي، جي تُرهي رِءَ تَرَنِ
سِڪَ رَساڻي سُنهڻِي، اَصُلِ عاشِقَنِ
سي جهليون ڪِينَ ڪُنَنِ، پُڇَنِ جي ميهارَ ڪي.

١٨

پُڇَنِ جي ميهارَ ڪي، پُڇي سي ميهارُ
"فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ"، اِيءُ پروڙِ پارُ
تُرهو تَنِي بارُ، عِشقُ جَنِي کي آڪِرو.

١٩

عشقُ جَنِي کي آڪرو، تُرهو مَ ٿئي ثَنِ
جي ساهَڙَ کي سِڪَنِ، تَنِي جَرُ جَندرو ٿئي.

٢٠

تُرهو آڄ مَ تنه کي جنه عشقَ سين آڳاهَ
پُڇي مَس مَلاحَ، سائِرُ مَٽي سُونهڻِي.

رهيا (ٻولي آهي)= رهجي ويا، ڪنهن ڪم جا نہ ٿيا. سِيل= سَت، پرهيز، سَتُر. سينگار. سنهڻيءَ جا سيلا= سنهڻيءَ جي جدا وجود واريون وصفون. وحدت سپ وڃائيا= وصال ۾، هيڪڙائي حق ٿيڻ سان، سُنهڻيءَ جو جدا وجود ختم ٿي ويو، هوءَ حق سان ملي هڪ ٿي وئي. ٩. لفظي معنيٰ صاف آهي (هن وجود جي وڃائڻ سان، حق سان هڪ ٿيڻ سان، حق جا آواز سهڻي جي ڪنن تي پيا). ١٠. لُڙ= درياء ۾ پاڻي جو وڏو چاڙهہ ۽ متان ڏنڊ. پراڙان= پاران، پَرينءَ ڪنڌيءَ کان. ١٢. سائر= درياء. پانءُ= پير، پرت ونجي پانءُ= پرت جو پير ونجي، پرت جو پيچرو ونجي. ١٣. وڏ= اڳتي وڌ، اڳتي هل. لَڏ= لڏل وٽ. ١٥. پيلو= ڪچو (دلو)، پوري طرح پڪل نہ. اڪنڊ= سِڪ، عشق. عميق= اونهو پاڻي (درياء يا سمنڊ جو)، اوڙاهہ. ١٦. آڳہ= ٻچاء جا وسيلا، اڳتي جا آسرا. ١٧. اپيون= بيٺيون. ڪَڪُ= ٻُوڙا (ٻچاء جا). نيڙ= ننڍو واهڙ. رساڻي= پهچائي. ١٨. قرآن شريف جي سُوره 'بقره' جي آيت نمبر ١٥٢ جو پهريون اڌ. معنيٰ= 'پوءِ ياد ڪريو مونکي تہ آءٌ ياد ڪريان اوهان کي.' تني بار= تن لاءِ بار آهي. آڪرو= وڏيڪ زور، وڏيڪ غلبي وارو. ١٩. مَ ٿئي= ميسر نہ ٿئي، نہ ملي، نہ هجي، تن کي ترهي جي ڪاڻ ڪانہ ٿئي. جر= وڏو پاڻي. جندرو= ڪجائي مثل هڪ پيچرو جنهن ۾ ٻہ دلا پاڻيءَ جا رکي سگهجن ۽ گڏهہ تي لڏجن. تمام ٿوري مقدار وارو پاڻي، ٿورو پاڻي. ٢٠. آگاهہ= آگاهي، سڄاڻپ، ساڃاهہ. پڇي مس= ورلي پڇي= (= ڪانہ پڇي). ملاح= ٻيڙين وارا ناڪئا. سائر مَٽي= درياء کي ڇتائي گهڙي، سڌو درياء جو رخ ڪري.

وائي

سچا سائرَ مونکي تون!
اي وَنهيان واهڙ مونکي تون!
نيئِي، نيئي، اَولِ پِريان جي پارَ ڏي
سندو جِيَڻَ آسرو، مَنان لاٿو مون
ڪُنَ جي ڪارُونيارَ جا، سي آن پانيان پُون.

داستان ٽريو

۱

ڪَرڳِلَ ڪُوچَ ڪُنَ گهڻا، جَرَ واڪو جائِين
پاڻُ اُڇلي آبَ ۾، وَهَ سِر وِڏائِين
لَهرون لنگهيائِين، لُطف ساڻُ لطيفُ چئي.

۲

ڪَرڳِلَ ڪُوچَ ڪُنَ گهڻا، جِتِ ڏڙڪو منجهہ درياهَ
اچئو اُتاهين گهڙي، سانگو ڪري نہ ساهَ
ساهڙ جِيءَ صَلاحَ، ٻارِ لنگهيائين ٻاجهہ سِين.

۳

دَهشتَ دَمُ درياهَ ۾، جِتِ هَيبتَ هُلاچو
وِرجي ويرِينِ وِچَ ۾، ڪاڏي وِئو ڪَچو
ساهڙُ ڄامُ سَچو، ساڻِي ٽِيندُمِ سِيرَ ۾.

۴

دَهشتَ دَمُ دَرياهَ ۾، جِت سَنّاٽا سينسارِ
بيحَد ٻاگُو ٻَحَرَ ۾، هَيبتناڪَ هزارَ
سارِيان ڪانہ سَرِيرَ ۾، طاقتَ توهان ڌارَ
ساهَرَ ڄامَ سَتارَ، سِگهو رَسجُ سِيرَ ۾.

۵

دَهشتَ دَمُ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪَڙڪا ڪُنَ ڪَرِينِ
ٻِچَلَ ٻانڊِي ٻارِ ۾، لَهرِيون لوڏا ڏِينِ
سَنّاوَرَ اُتِ سَهمِيَا، سِيڻاهيا نہ سَندبِنِ
جِتِ وِيرِيُون واٽَ نہ ڏِينِ، تِتِ ساهڙ سِيرَ لنگهائيين.

۶

دَهشتَ دَمُ درياهَ ۾، جِتِ ڪَڙڪو ڪُنُ ڪَري
اُت توڏي تاڪُنَ وِچَ ۾، مَٽان وِيرَ وَري:
'ساهڙ منهنجا سُپرِين! آءٌ پرتان پير پَري
هادِي هَٿَ ڌري، اُونهين مان اُڪارِيين'.

۷

دَهشتَ دَمُ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪُنَن جا ڪَڙڪا
سَهي ڪِينَ سَمُونڊر جا مانڊِي دِلِ ڌَڙڪا
ساهڙ! سُڻجُ ڪا، فَريادِي فَقيرَ جي.

وائي. سائر= درياه. ونهيان= شاهوڪار، سُکيا. واهڙ= درياء. اول= ڇولِ، ٺيلهہ، ٺيلهہ. منان= من تان. آن= آءٌ. پون= پکي) زمين. د-۳-۱. ڪرڳل= گوڙ وارو وڏو آواز، گجگوڙ، گهمسان. ڪوچ= پاڻيءَ جو گولائي وارو ڦيرو، گهيرو، گهمرو. ڪُن= پاڻيءَ جو هيٺ تي ڇڪجڻ (جڻ هيٺ ڪنهن خال ۾ پيو وڃي) ۽ گولائي وارو گهيرو ڪري مٿان ڪوه ناهڻ. د-۳-۱. جر واڪو= جر جو واڪو، جهجهي پاڻيءَ وارو ڪڙڪو. جائين= جتائين. وَه= وڏو وهڪرو، سير. وه سِر= وهڪري ۾، سير ۾. لطف سان= ڏٺيءَ جي ڪرم سان. ۲. ڪرڳل= گوڙ وارو، گوڙ. ڪوچ= پاڻيءَ جو گولائي ۾ ڦرڻ، ڦيرو، گهمرو. ڪُن= پاڻيءَ جو گولائي ۾ هيٺ تي ڇڪجڻ ۽ گولائي وارو گهيرو ڪرڻ. ڏڙڪو= درياء جي گوڙ جي ڏڙ ڏڙ. ٻار= پاڻيءَ جي ٻار (سير ۾ پاڻي جي ذرا هيٺاهين جهول جنهن ۾ ٻيڙي پوي تہ مشڪل سان ٻاهر نڪري سگهي). ٻاجهہ سان= موليٰ جي مهر سان. ۳. دَمُ= وڏو زور. هيبت= خوف. هُلاچو= گجگوڙ. وِرجي= پُري ختم ٿي. ڪچو= درياه جي وچين وهڪ جي ٻنهي پاسن وارو ٻاگو ۽ جهنگ جيڪو آبڪلاني ۾ ٻڏي. ٤. سَنّاٽا= وڏا زبرا، طاقتور. سينسار= واڳون مثل پاڻيءَ جو جانور جنهن جي مُنهنار سنهي ڊگهي ٿئي. ٻاڳو= واڳون. ۵. ڪرين= (ٻولي آهي) ڪُن. ٻچل= زوردار هوا سببان ٻن ڇولين جو ٽڪر، لڙهندڙ شيءِ (ڪاٺ وغيره) جي ٻن ڇولين جي وچ ۾ اُٿل پٿل. ٻانڊي= وڏو لڙهندڙ ڪاٺ (ٻانڊي= ننڍي لڙهندڙ ڪاٺي). ٻار= درياء ۾ پاڻيءَ جي ٻار. سناور= (ف= شناور)= تارُو. سهميا= ڊڄي بيٺا. سيڻاهيا= سيڻاهن وارا، سيڻاه تي ترندڙ. نہ سندبين= گهڙڻ جي جرئت نہ ڪن. ٦. توڏي= نوجوان مادي اُٺ جيڪا سمنڊ لڳ ڊيلٽائي دريائن مان ٻہ ٽڪڙي تري وڃي. (استعاري طور) ننڍي نيٽي نوجوان زال، سنهڻي. تاڪن= مارڻ لاءِ تڪيندڙ جانورن. مٿان وير وري= ايڏي عشق سان پٺي تري جو وِير جي مٿان پئي وري.

٨

ڏهشتَ ڏمُ ڏرياهَ ۾، جتَ ڪُنَنِ جو ڪَڙڪو
ڪونهي ڪاڻيارينِ جو تارَ ٻنا تُڙُ ڪو
آهِمِ اُنهين پارَ جو دِلِ اندرِ ڏڙڪو
پَڄِي سِڪَ سيدُ چئي، سِيرَ سَندو سَڙڪو
والِي ڪِڄ وَڙُ ڪو، تہ پارِ لنگهيان آءٌ پاڄهہ سِين.

٩

ڏهشتَ ڏمُ ڏرياهَ ۾، جت لُڙُ لَهريُون لَسَ ليٽَ
آٽِيو اوپارَن ۾، ٻانڊِي ٻوڙِي ٻيٽَ
جتِ چِڪَڻُ جِي چِپيٽَ، اُت ساهڙُ سِير لنگهاءِ تون.

١٠

ڏهشتَ ڏمُ ڏرياهَ ۾، جتِ تِکيون ٿوارُون
مُنهنجيون ماڻَ ميهارَ کي، پَهچَنِ پُڪارُون
لَهہُ ساهڙُ سَنيارُون، تہ لَهرينِ لوڏِي نہ مَران.

١١

ڏهشتَ ڏمُ ڏرياهَ ۾، جتِ جايُون جانارِنِ
نَڪو سَندو سِيرَ جو، مَپُ نہ مَلاحَنِ
ڏَرِندا ڏرياهَ ۾، واڪا ڪِئو وَرَنِ
سَچا ٻيڙا ٻارَ ۾، هَلَنا هيٺ وَڃَنِ
پُرزو پيدا نہ ٿِئي، تَختو مَنجهان تَنِ
ڪوجو قَهرُ ڪُنَنِ ۾، وِتا ڪينَ وَرَنِ
اُتي اُٽَتارُنِ، ساهڙُ سِيرَ لنگهائيين!

١٢

ڏهشتَ ڏمُ ڏرياهَ ۾، ٻئا اَت اُبَتا آرَ
ڪَپَرَ ڪارُونيارَ جِي، ڪَنڌِي ناهہ ڪنارَ
ٻَلائن ري ٻَحرَ ۾، سُجهي ٻي نہ ٿوارَ
مونکي مُحِبَ مِيهارَ، اڄي آرَ اُڪارِئين.

١٣

ڏڙهڙَ ڏنُونسَ ڏرياهَ ۾، جتِ لَهرين ڪَنِ لوڙا
سَهسين اڄئو سِيرَ ۾ ٿين سيٽهايا سوڙا
جي تارُو هُئا توڙا، تَنِ هُٽَبُ پانيو هيڪڙو.

وائي

مَدَتَ تِيءُ مِيهارَ يارَ!
ساهڙ! سائرَ سِيرَ ۾
اُونهان ڪُنَ، اَٿانگهَہَ تڙَ، اوَلِيين مون آڌارَ

٨ ڪڙڪو= تيز تکو آواز. ڪاڻيارين جو= ڪاڻ وارين جو، جيڪي حاجتمند آهن، جيڪي محبت ۾ مجبور آهن. تار ٻنا= وڏي اونهي پاڻيءَ ڪان سواءِ، سير ڪان سواءِ. تڙُ= ڪنڌيءَ لڳ ٻيڙين جي بيهڻ جيُ جاءِ، حفاظت سان بيهڻ وارو ماڳ. تار ٻنا تڙڪو= سير واري اوڙاهہ ڪان سواءِ ڪو ٻيو تڙ (محفوظ ماڳ) ئي ڪونهي! سَڙڪو= تيز تکي آواز وارو سٽڪو. پڄي سڪ سيد چئي- الخ= اها سڄڻ جي سِڪ ئي آهي، اهو عشق ئي آهي جيڪو سير جي سٽڪي ڪي ٽوڙي ٿو (۽ پار پهچائي ٿو). ٻي پڙهڻي ٻ رسالي جي= پڄي سگهہ سيد چئي= پڄن جي طاقت ڪي سير جو سٽڪو پڄي ٿو. وڙ= احسان. ٩. لُڙ= درياءَ ۾ پاڻي جي چاڙهہ سبباں ڏنڊ ۽ لڙاٽ. لس= اونهي پاڻيءَ جي مٿين لسي سطح، اونهو پاڻي. ليٽ= پاڻيءَ جي ليٽ (ڇڻ مٿاهين تان هيٺ ليٽي ٿو)، هيٺ تي پلٽ. اوپار= اوپارو= پاڻيءَ جو اوپارو وهڪرو. ٻانڊي= درياءَ ۾ لڙهندڙ ٿلها ٻُنڊَ. چِڪڻ= وهڪري ۾ آڏو سخت زمين وارو رنڊائيندڙ دڙو، جنهن ڪي پاڻي ڪائي نہ سگهي ۽ لڳي چڙهي وري پوئتي وري. چڪڻ جي چپيٽ= چڪڻ چاڙهہ وارو آڏو ڏک. ١٠. ٿوارون= پاڻي جا تکا ڪڙڪا. پڪارون= دانهون، سڏ. لهرين لوڏي= لهرين ۾ لوڏجي. ١١. جايون جانارن= جانورن جون جايون، خوفناڪ جانورن جا ماڳ. سَنڌو= دنگ. مَپُ= حيلو، وجهہ. مپ نہ ملاحن= ملاحن جو ٻہ حيلو نہ هلي، ملاحن جي ٻہ جاءِ ڪانهي، ملاح ٻہ هيٺ پاڻيءَ جي اونهائي معلوم ڪري نٿا سگهن. ١٢. اٿ= گهڻا. ابتا= اوپارا. آرَ= پرپور سير واري پلٽ. ١٣. ڏڙهڙ= پاڻي جو سٽڪو، ڏڏڪو. ڏونس= ڏُم. لوڙا= وڏا آواز، ڪڙڪا. سيٽهايا= سيٽاهن وارا، جيڪي سيٽهہ تي ترن. ٿين سوڙا= سوڙها ٿينَ= ڏکيا ٿين. توڙا= اصل ڪان (سچا). هُٽَب= ترندڙ جي ٻن ٻانهن وارو فاصلو (ٻانهڙيو تارو، ٻانهون هٽي ترڻ وارو، پهريائين هڪ ٻانهي اڳتي اڇليندو ۽ پوءِ ٻي. انهن ٻن اڇلن وارو مفاصلو= هڪ هُٽب). وائي. سائر سير ۾= درياءَ جي سير ۾. اٿانگهہ تڙ= اهي تڙ جيڪي ٿانگهي نہ سگهجن، جن تڙن مان گهڙي پرينءَ ڪنڌيءَ تي پهچي نہ سگهجي. اونهان گهيڙ، اوليين مون آڌار= اي منهنجا آڌار، شال تون مون ڪي اوليين= ٿيلهي ٿيلهي پار پهچائين، پرينءَ ڪنڌيءَ واري تڙ تي پهچائين.

ڏينهَ ڏھلا ڏمَ سِين، آھيان آھَان ڏارَ
ٻچَلِ ٻَانڌي ٻَار ڪَري، اَت اُبَتَا آرَ
ٽيلهي گهڙي سونهَڙي، آگَهَ رءِ آڏارَ
ڪَاري راتِ، ڪچو گهڙو، توڏِي ڪِي ٿوارَ
سَنيُوڙو سيٽاهِ سِين سِگهو رَسُ سَنگهارَ
اوراران آهُون ڪَريان، پُهچان شالَ پَرارَ
سُٽِئُو جهَانءِ جِهجِي هِيُون سانيَارا سَنيارَ
آيَم ريلي ريءِ سين، اللهُ تو آھارَ
تار تَرَنڊِيس، پرين پَسنڊِيَسِ، وِينڊيس وَٽِ وَچَارَ
پُورينڊيس پارُ مَٽِي، سَهَسِين جي سينسارَ
گولِي گهاگهائي گهڙي، جَڪَن ٿا جانارَ.

داستان چوٿون

١

تَڙ تَڪَڻُ، تارِ گهڙڻُ، اِيءُ ڪاٺيارَنِ ڪَمُ
ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِينهَ ۾ ڏِئي ڏوارَاپَا ڏَمُ
عَقُلُ مَتِ شَرمُ، تِريئِي نِيهَ نِهوڙِيَا.

٢

گهيڙان ڪَري نَہ گهُورَ، تَڙ تَڪَڙِ ڪان نَہ لَهي
جَنهَ ڪي سِڪَ ساھَڙَ جي، پُورَنِ مَٽي پُورَ
ڪارِيءَ راتَ ڪُنَنِ ۾ وَھمَنِ ڪِي وَھلُورَ
جِنهِ ساڻُ پِرِيان جا سُورَ، تَنهِ نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾.

٣

جِئَان وَهي تِئَان واٽَ، ڪُوڙيُون پُڇَنِ ڪَپَرا
جَنِ ڪي سِڪَ ساھَڙَ جي سي گهيڙَ نَہ پُڇَنِ گهاٽَ
جَنِي عِشقَ اُساٽَ، سي واھُڙُ پائِين وِڳڙِي.

٤

ڪنهِ جنهِ گهيڙ گهڙي، جِين اَوَتُڙ تُڙ تِئُوسِ
سالِمَ وِيئي سُونهَڙِي، ڪُنَنِ ڪِينَ ڪِئُوسِ
اُھَسُ اَڪڙِينِ ۾ پِريان جو پِئُوسِ
حَقان حَقُ ٿِئُوسِ، ھُئِي طالِبُ حَقَ جِي.

٥

هيءُ پَرِ هيءُ هَندُ وسِ، ڪوُڙو تِئُسِ قريبِ ري
روزِ ڏِينهاڙِي راتِ ڪي، مَٽي پارَ پنڌوسِ
عشق جو عبداللطيف چئي، نِکو سِڪ سَنڌوسِ

ڏھلا= ڏڪيا. آھَان ڏارَ= اوھان ڪان ڏار. درياء جي سير سختيءَ جو بيان: جتي ٻچل وڏن لڙھندڙ ڪاٺن کي هيٺ ٻار ۾ غرق ڪري. ٻچل= ٻن طرفن وارو آمهون سامهون پاڻيءَ جو ڦيرو ۽ گهيرو. ٻار= ڪُن واري سوڙهائي ڪان وڏيڪ ويڪر واري پاڻيءَ جي هيٺ تي چڪ. ابتا آرا= پاڻي جا ابتا زوردار ڦيرا. ٽيلهي= گهڙڻ وقت ٻنهي ٻانهن سان پاڻيءَ کي پوئتي ڌڪي. آگَه رءِ آڏار= ڪنهن آگه (وسيلي) ۽ آڌار ڪان سواءِ. سنيوڙو= سنيريل، تيار. اوراران= اوراڙ ڪان، اورئين پاسي ڪان. پرار= پراڙ= پرين ڪنڌي. سانيارا= سامهون درياء جي ٻئي طرفان. سنيار= چڙا (مينهن جا جيڪي وڄن پيا). سٽئو جهانءِ جهجي هنيون= تن جي واڄي جو مسلسل هلڪو منو آواز ٻُڌيو دل پئي تڙڦي. آيم ريلي ريءِ سين= هڪ تکي وهڪري ۽ ٻيو تيز طوفان سان منهنجي اچي پئي آهي. آيم= مُنهن مقابل ٿيس، منهنجي اچي اڙي آهي. ريلو= (اصطلاح طور) درياء جو تکو وهڪرو. ريءِ= رِيح، هوا، سخت هوا. الله توآهار= يا الله! تنهنجي ئي آڌار تي آهيان. وچار= وچن وارو، ميهار. پورينڊيس= رخ رکي ترنديس. پار مٽي= پريون پار نظر ۾ رکي. سهسين جي سينسار= جيتوڻيڪ ڪٽي سوين سينسار هجن گولي گهاگهائي گهڙي= هي هيٺي ضعيف اتي وڏي چاھ ۽ ڪوڏ مان پئي گهڙي (جتي جاندار بہ ڏڪن جڪن ٿا). جڪن ٿا= ڏڪن ٿا (خوف مان). جانار= جاندار. د-٤-١. تڙ تڪڻ تارِ گهڙڻ= گهيڙ گهٽ نهارڻ ۽ درياء جي سير ۾ گهڙڻ. ڪاٺيارين ڪم= اهو ڪاٺ وارين جو ڪم آهي، جيڪي غرض واريون آهن، محبت ۾ مجبور آهن تن جو ڪم آهي. ٢. گهيڙان ڪري نہ گهور= گهڙڻ وقت گهيڙ ڪانہ نهاري (جتان اچي اتان گهڙي پوي). تڪڙ= تڪڙ ۾. تڙ نہ لهي= تڙ نہ ڳولي. تنه ندي ناه نگاه= تنهن کي ندي نظر ۾ ئي ڪانهي، تنهن جي نديءَ تي اک ئي نٿي ٻڏي. ٣. جئان وهي= جتان لنگهي. عشق جي اُساٽ= عشق جي گهٽ. ٤. اوتڙ تڙ ٿئوس= اڻاٽو تڙ (گهاٽ) هن جي لاءِ سڻائو تڙ ٿئو. سالم ويئي= سڄين لڱين سلامت لنگهي وئي. اُهس= اُهاءِ. ٥. هن‌ڌوس= هن جو ماڳ آهي. ڪُوڙو ٿئس= هن کي نہ وڻيو. پار= درياء جي ٻئي پار، پراڙ. پنڌوس= هن جو پنڌ آهي، وڃڻ آهي. سنڌوس= هن جو سنڌو، ڏنگ، حد.

ساهڙ ساهہ نَدُوسِ، نيرُ پاڻي نِيهَ جو.

٦

توڏي توڙائين، نِيهَ نُوازي سُونهڻِي
ڳِچيءَ هارُ حَبِيبَ جو لائِقُ لَڏائين
کوڙين سندو کارڻي مُحمدُ مچيائين
سَو تَڙُ سُونائِين، جيڏنهَ عالَم آسَرو.

٧

هُئِي طالب حَق جي توڏي لاکُون توڙُ
نہ مَلاحُ، نہ مَکُرِي، نَکي ٻَڌِي نوڙُ
پاڻِي پِنِيءَ ٻوڙُ، سُنهڻِيءَ ليکي سِير جو.

٨

وجي کُنَ کَپِيندِي، سُنهڻِي منجهان سِکَ
هَڏِ نہ پِڳِيسِ هِکَ، مَحبَتِي ميهارَ جِي.

٩

سُنهڻِيءَ ليکي سِيرَ جو پاڻِي پِنِيءَ هيٺ
ٻَڌئو ٻِره بيٺ، وجي کَپِيندِي کُنَن کي.

١٠

توڏي، ٿُهائِينَ جي سي هتهين چِڏِ حِرصَ
ساهَڙَ ڏارَان سُنهڻِي، کوئيون کُنِ کِرِسَ

وَڏِي اِيءَ وِرِسَ، جِئَن ڏمَ وَٺِ ڏينهَ گُذارِيين.

١١

ساري سِکُ سَبَقُ، شَرِيعَتَ سَندو سُنهڻِي
طَرِيقتان تِکو وَهي، حَقِيقتَ جو حَقَ
مَعَرفَتَ مَرکُ، اَصُلِ عاشِقَن جو.

١٢

پَلِ پَلِ تي پَلِي، ڏمَ ڏِيهاڙِي کيترو
پَسِي دورُ درياهَ جو وِچان کينَ وَلِي
کاريءَ رات قَرِيبُ ڏي مَنجهان حُبُ هَلِي
نہ کَنهِ جهولَ جهَلِي، هُئِي سَمُن پُورِي سُنهڻِي.

١٣

جهولَ نہ جَهلِي سُنهڻِي سائِرَ سَٽَ سَندياسِ
جَنهِ اِهڙِي جائِي عاجِزا، سا مَرُ مَرکي ماسِ
پسين جي پِئاسِ، تہ کِين عِشقُ آڻِيين.

١٤

نکا جهولَ جهليسِ، نہ تانگهو نہ تارُ کِينِ
ڏمُ ڏِينهاڙِي کيترو پَرَ ۾ تو پَلِيسِ
تان تان جِيءُ جَليسِ، مل جان نہ ميهارَ کي.

نَدُوسِ= کنيوس. ٦. توڏي= سنهڻي. توڙائين= اصل کان، ازل کان. کوڙين سندو کارڻي= کوڙين جا کرِ کندڙ. سونائين= مٽيائين، جانچي نظر ۾ رکي هلي. ٧. لاکون توڙ= توڙ کان وٺي، اصل کان وٺي. مَکُرِي= ٻيڙي. نکي ٻڌي نوڙ= درياء اکرڻ لاءِ نوڙ کانہ ٻڌي. نوڙ ٻڌڻ= واهڙ جي ٻنهي پاسن تي آمهون سامهون، مضبوط ڪاٺ کوڙي، هک جي چوٽيءَ کان ٻيءَ جي چوٽي تائين پکو نوڙ (ٿلهو واجهہ) ٻڌڻ ۽ ان ۾ ڪڙي وجهي ان ۾ ٻيڙيءَ واري رس ٻڌڻ. ٻيڙيءَ کي ونجهہ يا ڳن سان هلائڻو ۽ نوڙ واري ڪڙي بہ اڳتي وڌندي هلندي. ٨. هِک پِڄڻ، هکي پڄڻ= تارون ۽ نڙيءَ جي وچ واري ياڳي جو آلو ٿيڻ، ٿورڙو ذرو اُڄ تي چنبو پوڻ. ٩. پنيءَ هيٺ= ايترو ٿورو ۽ ننڍو پاڻي جيکو پِنيءَ کان هيٺ بيهي. بيٺ= سندرو. برہ بيٺ= عشق جو سندرو. ١٠. ٿُهائين جي= جيکي اُپارن، هرکائين. کِرِس= ٽک تخمينا، کنهن کم ۾ هئڻ جا بهانا. وِرِس= پُلَ، ويسر، گمراهي، غلطي. ١١. شريعت= ظاهري اسلامي قانون وارو رستو. الاهي قانون واري راہ. سنئين سنڌي راہ. طريقتان= طريقت مان. طريقت= راہ. معرفت= حق جي ڄاڻ. حقيقت= صوفي طريقي جي چوٿين منزل جنهن ۾ سالک حق سان گڏجي خود حق ٿيو پوي. ١٢. پَلِي= جهلي، روکي. ڏمر= سنهڻي جي مڙس جو نالو. دور= زور، چاڙهہ وارو وهکرو. وَلِي= پوئتي موٽي. جهول= درياء جي پاڻيءَ جو اصطلاح. (وڏي چاڙهہ واري وهکري ۾ بعضي کٽي وچ تي عارضي طور پاڻيءَ جي سطح هيٺ ٿي ويندي. پائيندڙ درياء کٽي اونهي کاڏ کري ويندو جتي لاٽ کان پوءِ بہ پاڻي نري بيهندو. اهو نريل بينل اونهو پاڻي ٿِتو هوندو). سمن= مجازي محبت ۾، مقرر وقت ۽ ماڳ تي ملڻ لاءِ کيل وعدو، گڏجاڻي جو انجام. سمن پوري= سمن تي پوري، پوري وقت ۽ ماڳ تي پهچڻ واري، انجام تي پوري. ١٣. سائر سٽ سندياس= سنديس سٽ سڄي درياء کي پار کرڻ تي آهي. سائر= (سڄو) درياء. سَٽ= چوٽ، جُلهہ. سندياس= سنهڻيءَ جي. عاجزا= (ع. عاجزہ= ضعيف) ڏيءَ. ماس= ماڻس (سنهڻيءَ جي ماءُ). پسين= ڏسين. پئاس= سندس پيءُ. تہ کين= تہ اجان کجهہ وڌ.

١٥

سِهُ سيَارو، پاڻي پارو، جت جَرَ جُهڳَهَ ۾ جهولَ
مَنَ اَندرِ مِيهارَ جا هِنيَڙِي اَچَنِ هولَ
جيلاهَ ٻَڌِيسِ ٻولَ، تي اَٽانگا آرَ ٽَران.

١٦

ٻانڍِي جي ٻيلِي ٽِيين تہ حالُ گُرهيَان هِيءُ:
’سَگهو ساعتَ نہ ڄِندَڙو جَرَ ۾ منهنجو جِيءُ
ساوَڻَ سِيارو پانئيَان وَهَ پريان جي وِيءُ
پارِ جَنِي جو پِيءُ، وَڃَڻُ واجِبُ ٽَنِ تي.‘

١٧

اَدا ڙي ٻانڍِي، توکي کَڙهان کِ پاڻَ کي
سُوڌِي خبَرَ سَڄَڻين توکا ٽَڙِ آندِي
تون پَاتارين پانڍِي، اسان پَنڌُ پِرِينِ ڏي.

١٨

واهُڙَ پَرِيُون مَ پاءِ، تو پُڻِ ليکو ڏِٺُو
سَدا سانوَڻَ ڏِينهَڙا، هِيَهِين نہ هُونداءِ
وِهاڻِيءَ وِينداءِ، اوپَرَ اُتاهان لَهِي.

١٩

واهُڙَ وَهين مَ جارَ، سُڪِي ٻيلاٽيُون ٽِيين
پَسان ٽُنهِنجي پيٽَ ۾، لاٽا لُوٽَ ليَارَ
جِئَن تو سَڀ جُمارَ، آسائِتيُون ٻوڙِيُون.

٢٠

مَحبَتي ميهارَ جون دَلِ اَندرِ دُونهيُون
آٽيو وِجهي آرَ ۾ ڏي لوهاٽو لُوهيُون
جي ساهُڙَ جِون سونهيُون، سِيرَ سِراڙو ٽَنِ کي.

٢١

کَڙِ کَڙِ کُنَ مَ وَڄُ، ٻانڍي ٻوڙ مَ ٻارِ ۾

---

١٥. سِهُ سيارو= تهہ سيارو، پورو سيارو، سخت سيارو. جَرَ جُهڳَهَ= پاڻيءَ جي (تيز وهڪري سببان) جُهڳَ، پاڻي جي جَهڳِي واري اٿل پٿل. هول= اُڌما (اندر جي سِڪ ۽ چِڪ جا). جيلاهَ= انهيءَ ڪري جو. ٻڌيس ٻول= ٻول ۾ ٻَڌِيسِ، ’الست‘ واري وعدي ٻڌيس. تي= تيلاهہ، تنهن ڪري. اٽانگا آر= درياءَ جي وهڪري جا سخت تڪا تيز ڪُنَ. ١٦. ٻانڍي= اي پاڻي ۾ لڙهندڙ ڪاٺ! جي ٻيلِي ٽئين= جي مون سان جوڙُ ٽئين، ساٿي ٿئين. حال گُرهيان= دل جو هيءُ حال سڻايان (جيڪو پوين ٽن سٽن ۾ آهي). سگهو= چاق، چڱو ڀلو. وَه پريان جي= پرينءَ جي وَهَ ۾ (عشق ۾). ساوڻ سيارو ۽ ويءُ پانئيان= ساوڻ واري تار درياءَ کي ٻہ سياري وارو تانگهو ۽ وڏي راحت وارو ڪري پانئيان. ويءُ= مال لاءِ جهجهي گاهہ ۽ پاڻي واري جوءِ، ڍِئو ۽ خوشي واري جوءِ. پار= درياءَ جي ٻيءَ پَر. پيءُ= پِيءُ، محبوب. ١٧. ادا ڙي ٻانڍي= اي ادا لڙهندڙ ڪاٺ. توکي کڙهان= تنهنجي ڏاکڙن تي ڏک ڪريان ۽ توسان همدردي ڪريان. کِ پاڻ کي (کڙهان)= يا پاڻ تي غم ڪريان، پاڻ تي ليهون ڪريان. سوڌي خبر= سَولي خير جي خبر. سڄڻين= سڄڻن جي. ٽَڙِ= تڙ تي، هن تڙ تي، هتي (اسان وٽ). پاتارين پانڍي= پاتالن جو پانڍي، اونهن عميق وهڪرن ۾ هلندڙ. اسان پند پرين ڏي= اسان جو پند پنهنجن پرين ڏي. ١٨. واهڙ= اي درياهہ. پَريون پائڻ= پائيندڙ درياءَ جون ڪنڌيءَ واريون شاهي ڀڪون ڪيرائڻ ۽ ٻوڙڻ. پريون مَ پاءِ= ڪنڌي واريون ڀڪون نہ ٻوڙ. سانوڻ ڏينهڙا= سانوڻ مهيني ۾ چاڙهہ وارا ڏينهن. وِهائيءِ ويندءِ= پورا ٿي ويندءِ، ختم ٿي ويندءِ. اوپر اُتاهان لهي= اُتاهان اوپر لهي ويندءِ= وڏا چاڙهہ لهي ويندءِ. ١٩. جار= جال. جهجهو، جهجهي پاڻي سان. ٻيلاٽي= درياءَ جي پيٽ ۾ مٿاهين اوچي ايراضي جنهن تي پاڻي نہ چڙهي ۽ جنهن جا وڻ سڪي ويا هجن. لاٽا= لاٽي جا ٻوڙا جيڪي سُڪيءَ ۾ ٿين (جتي پاڻي جي وهڪ نہ هجي). لوٽ= ڍِگها. لوٽ ليار= ليار جا ڍِگها وڻ. آسائتيون= آسن اميدن واريون. ٢٠. دونهيون= ڀاڳيا مال کي مڇرن کان بچائڻ لاءِ پاڻ تي دونهيون ڪن. سنهڻي ٿي چوي تہ: ميهار جون دونهيون منهنجي دل اندر آهن. لوهاٽو= لوهاٽو درياءَ (درياءَ جو اهو وهڪرو جيڪو شهدادپور- نصرپور وٽان هو. هن دور (سال ٢٠٠٨) تائين ڪٿي ڪٿي اڃان تائين، درياءَ جو اهو ڦٽل پيٽ ’لوهاٽو‘ سڏجي. آر= پاڻيءَ جي تکي پلٽ واري سير جيڪا کُن ڪري. لُوهيون= سٽون، وهڪري جون تيزيون تڪايون (لوهاٽو درياءَ پنهنجي وهڪري جي تڪاين ۽ تيزين سان، لڙهندڙ يا ترندڙ شين کي آٽيو آر ۾ هٽي). سِراڙو= سَٽ پنڌ جي، هڪ تکي ڊوڙ (پنڌ جي). ٢١. اي کُن! کڙ کڙ ڪري وڄ نہ (پنهنجو زور نہ ڏيکار). ٻانڍي= لڙهندڙ ڪاٺ. ٻار= پاڻي جي هيٺ چوهي چِڪ.

تو گهڙنديس اڄ، جي اَبتا آرَ ڪَرين.

۲۲

سِياري سهَ رات ۾ جا گهڙي وَسندي مينهَ
هَلو تہ پُڇُون سُنهَڻي جا ڪَري جاڻي نِينهُ
جِنهِ ڪي راتو ڏِينه، ميهارُ ئِي مَنَ ۾.

۲۳

لَهِر مِڙوئي لالَ، وَهَڻُ ڪَٿوريان وِترو
اوبارا عَبِيرَ جا جَرَ ۾ اَچَن جَالَ
ڪُنَن گهِڙي ڪالَ، سِڪَ پِريان جي سُنهَڻِي.

۲۴

تُرهي سَندِي تارِ ۾، رِٽَ نہ رَکيائِين
بَندَڻَ جي بِڌَڻَ جا، چِڪي چِنائِين
درياهُ سجو دَمَ ۾، لَئُہ سين لنگهَيائِين
پِريان پِيتائِين، منجهان سِڪَ ساهَڙ ڪي.

وائي

ڪوهُ جاڻا (وڻا) ڪيڏاهين،
منهنجو تَنُ ٽَٽي تيڏاهِين، ميان سائين!
ڏونهِين دوست ميهارَ جِي، ڏِيي جيئن ڏنائين
ساري سُپيرِين ڪيِ، رَتو رُنائين:
'جيڏانهَ عالَمِ آسَرو، هِنِ پڻ آهِ اوڏاهِين.'

داستان پنجون

۱

اَڏيون سَڀَ اَندامَ، چِڙَنِ مُنهنِجا چورِيا
لارُن جا لَٽون لائيِ سا ڪِئن آڇِيان عامَ
لَڳِيَسِ جِنه جِيءَ لامَ، سو دِلاسا دوستُ مُهِي.

۲

چوڏارِي چِڙَا، ٻُرَنِ ٻيلاڻِن جا
سُتي سَنيارَنِ جو پِيمِ ڪَنِ پَڙَا
وِهَڻُ مُون نہ وَڙَا، سُٽئو جهانءِ جِهڃي هِنيُون.

۳

چِڙَنِ چورِي آهيَان، سُڪ تي سُمهان ڪِيئَن
سارِيان ساهَڙَ جامَ ڪي ڏَه ڏَه پيرا ڏِينهَن
ميهارَ مَرَڻُ سِيئَن، نِيرُ پاڻم نِيهَ جو.

۴

ڪارا ڪُنَ، ڪارِي ٽُڳِي، گَرهَڙَ ڪَنِ گَڙڪا
مَئي مَتي مِهراڻَ جا ڏُپارَا دَڙڪا
ويندي ساهَڙَ سامُهان جهولَ ڏَنسِ جهَڙڪا
اَچِي پيئِي اُٿهين جت سيرَ سَندا سَڙڪا
گَرڪَنِ جا ڳَڙڪا، سُونهان ٽِٽَڙِسِ سِير ۾.

۵

گَرڪن خوش ڪِيَاسُ، مَحبتي ميهارَ جي

توءِ= تہ بہ، تان بہ ضرور. ابتا آرَ= اوپارا ڦيرا ۽ وهڪرا. ۲۲. سياري سهَ راتِ= سِه سياري رات ۾: سِهَ سيارو= ٿهہ سِيارو، پُور سيارو. ۲۳. لال= ڳاڙهي (اصطلاح طور) سنهڻي. وَهَڻُ= درياء. سِير وارو وهڪرو. ڪٿوريان وترو= ڪٿوريءَ کان وڌيڪ خوشبوءِ دار. اوبارا= هُبڪارون. عبير جا= عَنبر (جي خوشبوءِ) جا. جال= بيحد، گهڻا. سِڪ پريان جي= پرين جي سڪ سببان. ۲٤. بچاء لاءِ تار ۾ ترهي ڪٽڻ سندي رٽ مُنڍان ئي ڪانہ ڪيائين. جيڪي بَنڌڻِ (سهارا) ساٿس هئا سي بہ چني ڇڏيائين. لَئُہ= عشق. د-۵-۱. اندام= عضوا (جسم جا). چِڙن= ميهار جي چڙن. لارُن= چِڙن ۾ وڄندڙ لارُن. ڪيئن آڇيان= ڪيئن، ٻڌايان. لڳيس جنه جي لام= جنه جي پناه ورتم، جنهن تي سڄو ڀروسو رکيم. مُهِي= (شال) موڪلي، مُنجي. ۲. ٻُرن= زورائتا وڄن. سنيارن جو= چڙن (جي آوازن) جو. پيم ڪن پڙاء= ڪن تي پڙهلاء پيم. وهڻ مون نہ وَڙا= (نہ وڃڻ ۽) ويهي رهڻ منهنجو وڙ ناهي، منهنجي شان وٽان ناهي. جهانءِ= چڙن جي واڄي جو هلڪو منو آواز. ۳. چڙن چوري آهيان= چڙن جي آواز مونکي تڙڦايو آهي. مرڻ سيئن= مرندي گهڙيءَ تائين (= جيستائين مون ۾ ساهہ آهي). ٤. ٽُڳي= اونداهي رات. گرهڙ= وڏا گهارا. گڙڪا= گڙ گڙ ڪري وهڻ وارا گوڙ. ڏپارا= ٻنهي طرفن جا ڇيٽا. جهول= پريي درياء جي وهڪ ۾ پيدا ٿيل پاڻيءَ جي سطح ۾ هيٺاهين. جهڙڪا= وڏا لوڏا سَڙڪا= سٽڪا. گرڪن جا ڳڙڪا= وڏن چڙن جا واڄا. ۵. ڪرڪن= وڏن چڙن (جي آوازن).

پَسَڻَ ڪارڻِ پِرينءَ جي، آڏي اُتيياسِ
سُتي جاڳاياسِ، سانيَرَ سُپيرينِ جي.

٦

جياريِسِ سَنيارَ، ڪوهُ ڪَرينڊمِ گڏجي
وِيرِٽون تارِ وُجُودَ ۾ پِرينِ جي پَچارَ
سي ڪِئن سَجَڻَ ڏارَ، جي هِنيين ۾ حَلُ ٿِئا.

٧

ٻيلي پارِ ٻرِي، مونکي چَڙَنِ چورِئو
مَحبَتَ جا ميهارَ جي سا هنيَڙي منجهه هُرِي
مَتي جهوڪَ جُهرِي، پُنڊِيَسِ مُنهِ ميهارَ جي.

٨

هُنَ پَرِ سُيَمِ هوُءِ، سُتي سَنيارَنِ جي
چِٽُ چَڙَنِ چورِئو، جَنُنڪُ تِيَم ڏونه جُوءِ
مَحبَتِي ميهارَ جِي باللهِ پييَم بُوءِ
وَجِي رُوءِ بَروءِ، ڏيکيان دوست ميهارَ کي.

٩

هُنَ پَرِ سُيَمِ هاڪَ، سُتي سَنيَارنِ جِي
مَحبَتِي ميهارَ جي چَڙَنِ چورِئا چاڪَ
اُنِي جِيءَ اوطاقَ، وَجڻُ واجِبُ مون پِئو.

١٠

ڪِٿي ٿِئو ميهارُ، ڪِٿي تو گهَندُ گُهڙي
ڪِٿي دونهين دوستَ جي، ڪِٿي پَريون پارُ
جُهُ مون سَڀِ جِمارَ، جَرَ ۾ جهوٽون ڏنيُون.

١١

وَچُنِ سِين وينِي، سُورَ وِياچِي سُنهَٽِي
آن کا ٽِي ڏينِي، مينهِنِ جي ميهَار سِين.

١٢

ٻَڇِيءَ پايو ٻانهَ، وينِي روءِ وَڇُنِ سان
لايَان لالَ لِڳَنَ کي، اَئِين جي چَرو ڪانهَ
آءٌ اوهان جِيءَ دانهَ، سدا پُوٽان سَنرِي.

١٣

ميهاران مِرڪَ، پيتائين پريمَ جِي
تنه مُنڌَ مَتوالِي ڪئي سَندي ساءَ سُرڪَ
لَڳِيسِ ڪامَ ڪِرڪَ، لوهان تِڪِي لطِيفُ چَئي.

١٤

مَري تان مَ ميهَارُ، وَتاڻُ وِلهو مَ ٿئي
وَڇُنِ جي وَچارَ جو، وِنگو ٿئي مَ وَارُ
ساهڙُ مون سينگارُ، ماڙهن ليکي مِيهٽو.

وائي-١

مونکي کا مَ جَهلي، سيڪا پاڻ پَلي
آءٌ وِڏڙِي نِيهَ اَجَلي
ويندِي آءٌ پارَ پِريان ڏي، مونکي ڪامَ جهلي
پَسِئو ڏونهيون دوستَ جيون، جيءُ منهنجو جَلي
ڏمُ ڏِيهاڙِي ڪيترو پَرَ ۾ تو پَلي
مَحبَتِي ميهارَ جو سُورُ مُونهين کي سَلي.

وائي-٢

نَهين نَهين مَيڏي وَس، وو!
ٻِنا دِلبر هي دِل ماندِي
سِڪان ٿي سِينگارَ کي، بَاب نہ منهنجي بَسِ
مونکي مَت ميهارَ ري ڪانہ اچي ٻي ڪَسِ

سانيَر= چڙو. ٦. جياريس سنيار= سڄڻن جيڪا منهنجي سنڀار (يادگيري) لڌي، تنهن مونکي جياري ڇڏيو. ويرٽون تار= تمام گهڻي. ٧. ٻيلي پار= ٻيلي جي طرف. هُري= جاڳي، پيدا ٿي. جهُري= ساڙي ٿي، وڏي تڪليف ۾ ماندي ٿي. ٨. هُوءِ= چڙن جي مٺي واڄي واري لئي. جنُنڪ= ذوق، چاهه، سڪ. جُوءِ= ميهار جي رهڻ واري سِيمَ (ايراضي). ٩. هن پرَ= درياءَ جي هِنئي پار. چاڪ= ڦٽ. اوطاق= ماڳ. ١٠. گهندُ گهڙي= گهندُ وڄي. جُهه= جئن جو، جڏهن جو. جهوٽون ڏنيون= (ميهار واري تڙ تي پهچڻ لاءِ) سٽون ڏنيون. ١١. وياچي= وندي، بيان ڪري. ١٢. ٻڇيءَ= وڇن جي ٻڇيءَ ۾. اوهانَ جيءَ دانه= اوهان جي دانه جي سهاري تي. ١٣. مرڪ= سُرڪي جي ذرڙي. متوالي ڪئي= مخمور ڪئي. ڪام ڪرڪ= ڪرڪ جي ڪام، ڪرڪ چڙيءَ جي لار (= لار جو مٺو آواز). وائي-١. 'سَلي'= سوراخ ڪري، آزار ڏئي. وائي-٢. باب نہ منهنجي بس= منهنجي باب ۾ بس آهي ڪانہ، مون لاءِ سِڪ جي پڄاڻي آهي ئي ڪانہ. ڪانہ اچي ٻي ڪس، يعني= ٻي ڪش= ٻي صلاح ڪش ڪانہ اچي، وڻي ئي ڪانہ.

دَردَ دَسِي آهِيَان، دردُ مُونهين جو دَس
سُکَ نہ پُڇي سُنهَڻِي، ڏُکَ ڏُکِيءَ کي ڏَسِ.

داستان ڇهون

١

ڪامان، پَچان، پَڄُران، لُڇان ۽ لوچان
تَنَ ۾ تَونسَ پِريان جِي، پِيَان نہ ڍَراپان
سَمندُر مُنهِ ڪَريان، توءِ سُرڪِيائِي نہ ٿِيي.

٢

ڪامان، پَچان، پَڄُران، ٻَران ۽ ٻَڙڪان
اُڇرئو پَوان آرَ ۾، تَرسان نہ ڪِنہ تَڙ ڪان
ڪارِي ڪارُونيار ۾ واڳُن جئن وَڙڪان
لَهرِينِ ۾ لَڙڪان، ساهُڙَ رَسِجُ سِيرَ ۾.

٣

ڪامان پَچَان، پَڄُران، سَڙان سارِي راتِ
ٻَن ٻِئائِيءَ کي وِجهِي، ڪَر پريان جي تاتِ
سيرُون سَنديون سَڄڻين اَيرنِ آڏيءَ راتِ
نَڪِين هَٽِ نہ ساتِ، ڏيهاڙِئُو چِنگِ چڙهان.

٤

پَسِي دُورُ درياهَ جو، وَرِي ڪيئن وِهَان
مَحبَتَ کي ميهارَ جي سِسِي ساهُ ڏِيان
وَڃِي جَالَ جِيَان، لالَنَ پَرِ لَطِيفُ چئي.

٥

ڪَرڪَن ڪئو ڪَڙو، مُنهنجو مَنُ ميهارَ ڏي
آڏو لُڙُ لطيفُ چئي، لهرِيُون لَسَ لَڙو
چارِي تِتُر چَڙو، ٻُرِي ٻيلاڻِ جو.

٦

ڪارِي راتِ، ڪَچو گهَڙو، اُٿَرِيهِين اُونداهِي
چَندرَ نالو ناهَ ڪو، دَرياهَ دَڙُ لائِي
ساهُڙَ ڪارڻِ سُنهَڻِي، آڏِيءَ تي آئِي
اِيءَ اَمرُ اِلاهِي، نہ تہ ڪُنَنِ ۾ ڪيرَ گهڙي!

٧

ڪارِي رَات، ڪَچو گهَڙو، نَڪا سِيڻهِ سَانُ
وِجهِي، ويرَمَ نہ ڪَري، پريان ڪارڻِ پاڻُ
مَحبتَ کي مِهراڻُ، سُڪِي سَيُ پَٽُ ٿئو.

٨

ڪَارِي راتِ، ڪَچو گهَڙو، مَتان وَسي مِينهُ
هِڪَو پئو بيراهَ جو، ٻِئو سَانبارَان سينهُ
شَالَ مَ ڇِڄي نِيهُ، گهَڙان گهورِئو چِندَڙو.

٩

مَتان گهَڙِين سُنهَڻِي، اَڄُ درياهَ ۾ دَمُ
ڪارِيءَ رَاتِ ڪُنَن ۾، ڪِهڙو آئِي ڪَمُ!
مَتان جاڳِي ڏَمُ، پُڇِي پاڙي وارِيُون.

١٠

پُڇِي پاڙِي وارِيُون، ڪوهُ ڪَرِيندو ڏَمُ
ڪَارِي راتِ ڪُنَنِ ۾ ڪاڻِيارِنِ جو ڪَمُ
هِيءَ هَڏو ۽ چَمُ، گهورِئو مُحِبَ ميهارَ تان.

د-٦-١. ڪامان= جلان. پچان= گهٽو سڙان. پَڄُران= سڙي ذرا ذرا ٿيان، ٻري ذرا ذرا ٿيان. لڇان= ڦٿڪان. لوچان= ٻُٽيءَ ۾ ڳاهه ٿيان، پريشان حال ٿيان. تؤنس= گرمايش، پياس. سمنبر منه ڪريان= سمنبر وات ۾ وجهان (پيان)، سمنبر کي سامهون ڪري پيان. توءِ= تہ بہ. سرڪيائي= هڪڙي سُرڪي. ٢. ٻڙڪان= ٻڙهڪان= ٺهڪان. اُڇرئو= ڇڪجي، اڇلجي پوان. آر= پاڻيءَ جي تکي اونهي وَهڪَ. وڙڪان= هيڏانهن هيڏانهن پئي هلان. ٣. سيرون اَيرن= جسم ۾ سڪ سور واريون سُوٽون ايرن، سيڪوريون ايرن. چنگ چڙهان= سڪ ۽ فڪر ۾، چنگ جي واڃي وانگر پئي وڃان. ٤. دور= وڏو چاڙهہ ۽ زور. وري ڪيئن وهان= پوئتي موٽي ڪيئن اچي ويهان. محبت کي ميهار جي= ميهار جي لاءِ. جال جيان= سدائين جيان، هميشہ لاءِ جيان. ٥. ڪرڪَن= چڙن (جيڪي ميهار جي مينهين ۾ ٻڌل آهن). ڪئو ڪڙو= اٿاريو، سجاڳ ڪيو. لُڙ= درياء ۾ پاڻيءَ جي چاڙهہ جو. لس= سمورو، سَراسر. لس لڙو= لس لڙهو، لڙهي (قطار) تي لڙهو لهرين جو. چاري= سونهون. ٻُري= وڃي. ٧. ڪچو گهڙو= اڻ پَڪل دلو. وجهي= پاڻ کي (درياء ۾) وجهي. محبت کي= محبت آڏو، محبت اڳيان. ٨. هڪو= هڪڙو. بيراه= بي راهي، اواٽ (جي نہ واٽ هجي ۽ نہ واٽ جي خبر پوي). سانباران= سامهون پرئين پار کان، آڏو ٻئي پار کان. سينهن= شينهن (عشق جو). مَ ڇڄي نيه= نينهن جو ناتو نہ ٽُٽي. ٩. دم= وڏو چاڙهہ. ١٠. ڪريندو (ٻولي آهي)= ڪندو.

١١

ڏينهاڙي ڏمُ ڪري ڏمَرُ مَتي مون
تِنهِ ڪي اچي تون، پِريم ڪوهُ نہ پَليين!

١٢

گهرُ نہ وَرُ، نہ وَٽُ ڪا، آهِم مَنِ ميهارُ
اِنَ اوسيڙي اُٿيان، سَنجهي ڪَري سينگارُ
پِرين تُهنجو پارُ، پَسان مَان پَرِ ڳَنهين.

١٣

گهرُ نہ وَرُ، نہ وَٽُ ڪا، ميهارُ ئي مون مَنِ
سَاهڙُ ڏاران سَرتُيون وِڃهان ٻِيون ٻَنِ
"مَن لَهُ المَوليٰ فَلَهُ الكُلُ"، ڪِجُ اَهِائِي ڪَنِ
جي سَنگهارَنِ سِڪَنِ، سي گهرِ گهاريندِيون ڪيترو.

١٤

هنَ پَار نہ هُنَ، ويچَاري وَهَ وِچَ ۾
نِيَجُ نِهَاري نہ گهڙِي، تنهِ ۾ پِئَسِ ٿُنَ
آگا ساڻُ اَمُنَ، آرَان پارِ اُڪَارِيين.

١٥

نہ اوراڙِ پَرَارِ، ويچَارِي وَهَ وِچَ ۾
سُڪِيءَ ڏنِيءَ سُپرين، ٻئو مڙوئِي تارِ
گِهڙُ تون، ڪيم نِهارِ، ٻُڏَنِ سين ٻاجهُون ڪَري.

١٦

سَاهَڙُ سُڪِيءَ ۾ ٿِئو، هِيءُ پاڻِيءَ مِنجهه پُنُو
سَندو ڪَڄَ ڪُنُو، تارِ ٿَرَندو ڪيترو!

وائي

هوئِجِ هُشِيَارِ، خبردار
تِرِڪَڻِ آهي تَڙَ ۾

ڪُڏُون ڪُوبا، چِڪَ چِڪَنديُون، تان ڪين نئي نَهارِ
آڏِيءَ سي آڪَڙَنديُون اڪيون جَنِ ڪَپَارِ
مون سُئو مَلاحَنِ ڪان، تَڙَ اڙانگا تارِ
پَڪو ڪَڇُجِ پاڻَ سِين، پِرين تُهنجو پَارِ
ڳُوءِ آٿَڻُ، ٻَنِ جيڏُيون، ڏيراٺِيون ڏُئارِ
پُنديِنءَ مُنه ميهارَ جي، ڏمَرَ وَٽِ ڏينہ مَ گهارِ
هوٿُ هَلَندَينَ ڳَنئو، وِهَڻُ مُنڌَ وسَارِ
وِيندي واناڙُوئَنِ ڪي، پَٽِي ڪيمَ پَچَارَ
ساهَڙَ ڪي سُڻُ سُنهَڻِي، ٻِچَلَ آڏِي ٻارَ
ٿَار تَرَندِينءَ، لُڙُ لَنگهندِينءَ، عشقَ جي آڌارِ
پَانڌُ مَ ڇَڏج پِرِينءَ جو، پِهين جي پاتارِ
ٽِيندءَ سَڌُ ساهَڙَ جو، توڏِي ٽِيءَ ٽَيارِ.

داستان ستون

١

سَانڊهِ سَبُ دَرياهُ، پَري ڪَنڌِي پَارَ جي
ڇِڪي چوليءَ ۾ گهڙِي، جتي جِيءَ وِڻاهُ
پَسِئو ڏوهَ ڏڪي هنيُون، آرَ مَتي اَروَاحُ
جي توهُ ٿِئي تو ڏانهُ، تہ وِيرِ وَهِيٽو ناهِ ڪِين.

---

١٢. وٽُ= قيمتي شيءِ. اوسيڙي= الڪي ۾، ڳڻتيءَ ۾. اُٿيان= اُٿان. ١٣. جنهن جو الله آهي تنهن جو سڀ ڪجهه آهي. سنگهارن= سنگهارَن لاءِ. مال وارن لاءِ، ميهارن لاءِ (= ساهڙ لاءِ). ١٤. نيچ= اوزار، سندَ (دِلو). نهاري= جانچي جونچي. آران پار= دريا جي آر مان، پرتي پار لنگهيائين. ١٥. اوراڙ= اورئين پاسي. پرار، پَراڙ= پرئين پاسي. وَهَ= وڏي وهڪري، وچ سير. سُڪيءَ ڏنيءَ= متاهين سُڪل وَٽِ، متاهين سُڪل پَرِ، پاڻيءَ کان مٿي بيٺل سُڪل ٻنو. ٻُڏن سين= ٻُڏندڙن سين، ٻُڏي وئا تن سين. ١٦. پُنو= پورو ٿي ويو، پڇي پري وِئو. سندو ڪَڄ= ڪَڄ جو، ڪچي (اڻ پڪل) مٽيءَ جو. تار ترندو ڪيترو= ڪيترو تار ۾ ترندو، ڪيترو تار مان ترندو (= ڪونہ ترندو، آخر پڇي پُري ويندو). وائي. نئي نهار= هيٺ نئڙي نظر ڪر. آڪڙنديون= ٿاٻڙنديون. تنهنجو پار= تنهنجو درياء جي ٻئي پار آهي، پري آهي. ڏُئار= بدبخت. پَٽي ڪيم پچار= هرگز انهن سان ڪا پچار نہ ڪر. ٻچل= پاڻيءَ جي ٻہ طرفي چولي ۽ ڇڪ. ٻار= پاڻيءَ جي هيٺ تي ڇڪ. پَهندين= گهڙنديِنءَ. پاتار= پاتال ۾، اونهين عميق ۾. د-٧-١. سانڌَہ= يڪو سڄو (پري تائين ڏسڻ ۾ يڪو درياء ۽ پرين ڪنڌي ايترو پري جو ڏسڻ ۾ ئي نہ اچي). پارُ= پريون طرف (درياء جو). ڇڪي= همت سان ٽڪي ٽڪڙي ٿي (چوليءَ ۾ گهڙي). توه= مهر، مهرباني. وِير= درياء جي وڏي چولي. وير وهيٽو= وير جي وس ۾.

٢

آڏِيءَ اُڏاٽو، هِنيَڙو مون هَٿَن مان
وَهِ پئو واهڙُ ٿري ساهڙُ سِيباٽو
پيچ پِنيءَ پاٽو، پيہَ جو پَسِي آئيو.

٣

جيڏانهَ چِتَ چاهُ گهڻو، آرَ پہ اوڏاهين
وَهي وَهُ واکا کِئو تکو تِئائين
ميهَرُ مِلائين، لَهرِن مَنجهِہ لطيفُ چَئي.

٤

مُنهُ اکيون ميهارَ ڏي جَنِ رکيون جوڙي
ڏاران سَنڊبَر سَيد چَئي، تارِ تَرن توڙي
تِني کي بوڙي، سائرُ سَگهي کِينَ کِينِ.

٥

پَليان پَليو نہ رَهي، نِرتو نيہُ نِبارُ
گهڙان، گهورِئو جِندڙو، اُٿلَ مون اُپارُ
جَني مَنِ ميهارُ، هَلَڻُ تِني حَقُ ٿيو.

٦

ڪاڏي وِجي ووءِ، وَهڻُ وِچارِنِ مَٽِئو
ڏوڙِي پُڇي ڏيهہ جا، جَرَ سِرِ اُپي جوءِ
شِڪَستي، سيد چَئي، چيهَانَ ڪَرِئو چَوءِ
ساهڙ! سَانگُ سَندوءِ، شالَ اَچي اوراهُون ٿِئي!

٧

ڏمُ ڏِيهَاڙي ڏي، سَندا ميهَرَ مِيهَڻا
جَهِليان ٿِي جهولِيءَ ۾، پَلَہ پَايو سي
مَرُ تان چاليهہَ چَئي، سَڳان سُپيرِين جي.

٨

ڪيرَ ڪُنَ، آءٌ ڪيرَ، ڪيرَ ڏمَرَ سَهي ڏمَ جا
قُضا رِءَ ڪيرَ ڏري مَٿي پاٽِيءَ پيرَ
پينَرَ پِنِي ويرَ، لِڌو تي تِي لوڙِيَان.

٩

جيهَرَ لوڪُ جهپُ ڪري، ذرو جاڳَ نہ هوءِ
اوهيرَ اُچئو اُڏِيُون، پَهُ پريان جو پوءِ
جي ڪَچو چُونِمِ ڪوءِ، توءِ مَرڪُ پانيان مِيهَٽو.

١٠

جيڪِين ڏِٺَہ ٿار ۾، ڪَنڌِيءَ سو (مَ) ڪَهيجُ
جَرُ وَڏو، جَهاجَهہَ گهڻِي، پاندُ مَ پُسائيجُ
ساهڙُ ساڳاهيجُ، تہ ثابتُ لنگهين سِيرَ مان.

١١

ڪا جا ڪُنَ ڪَرِينِ، پِنِيءَ پُٽِ جُهڻِ پاڻ ۾

---

٢. اُڏاٽو= اڀري مٿي ٿيو، مٿي جدا ٿيو. وَهِ پوڻ= وَه ۾ پَوڻ، عشق جي وه ۾ پوڻ، عشق جي پور ۾ پوڻ. وَه پئو= عشق جي پُور ۾ پَئي، عشق جي چوٽ چڙهي. ساهڙ سيباٽو= ساهڙ کي سيباٽو، ساهڙ جو سيباٽيل. پاٽو= پاڻ (مال جو). پيہ= پرين. ٣. آرُ پہ اوڏاهين= يعني دل جو لاڙو بہ انهيءَ طرف آهي. آر (رُ جي زير سان)= پاٽيءَ جي تمام تکي گهيري وَاري وَهُڪ، معنيٰ ٿيندي تہ جنهن طرف وڃڻ لاءِ مونکي تانگهہ آهي، آرُ وارو خطرو بہ انهيءَ طرف ٿئي آهي. وَهُ= تکو وهڪرو، سِير درياء جي. ٤. رکيون جوڙي= جوڙي رکيون= ٺاهي بيهاريون. سَنڊبر= اوزار (جيڪو ترڻ لاءِ ڪارگر ٿئي، سيڻاه، ساندارو، تنبو وغيره). سائر= سمنڊبر، درياء. ٥. نرتو= نرت وارو، نرت سان ڪيل، سچو. نبار= نج، صاف، پاڪ. اٿل= جذبات جي اٿل، ڪشش، ڇڪ (عشق). مون اپار= منهنجو اپار آهي، مون کي اپاريندڙ آهي، مون کي اڳتي وڌائيندڙ آهي. ٦. وهڻ= واهڙ (جنهن جي ڪنڌيءَ تي سندن پاڻ يا ماڳ هو). وچارن= ميهارن. مٽئو= بدلايو. ڏوڙي= پاڇيا، مال وارا (ڪير وارا). جر سر= جر جي مٿان، درياء جي ڪنڌيءَ تي. شڪستي= پڳل، هيٺي، ڦٽيل. چيهان= دانهون. چوءِ= چوي پئي. سانگ= مال جو ماڳ، پاڻ. ٧. چاليهہ= هڪ نہ پر چاليهہ مهڻا. سڳان سپيرين جي= پرينءَ جي سڳ سببان، پرينءَ سان منهنجي ناتي جي ڪري. ٨. ڏمر= ڪاوڙون. قضا= رضا رباني، تقدير. وير= مهل. پني= پڇي پئي. پني وير= مهل پُسي پئي (اصطلاح) گهڙي. گسي وئي= بخت ٽٽو. لڌو= لکيو، نصيب. ٩. جيهو= جنهن وير جڏهن. جپ ڪري= آرام ڪري. اوهير= ان وير. پوءِ= پوي. ڪچو= مهٽو. ڪچو چونم= مونکي مهٽو ڏين. ١٠. تصوف جي اعليٰ فڪر ۾، سالڪ جيڪي ڪجهہ تار ۾ مشاهدو ڪري سو عام کي نہ ٻڌائي. سهڻيءَ کي نصيحت ڪيل تہ جيڪي ڪجهہ تار ۾ ڏسي، سو ڪنڌيءَ تي اچي ٻين کي نہ ٻڌائي. ١١. پنيءَ= پنيءَ رات، وهاڻيءَ رات. پڻ جهڻ= رُڻ جهڻ.

اکيُون اُنهين آبَ کي آڏيءَ اُکيرِينِ
توٽي تِکُون ڏِينِ، تہ پڻ اَڄ اُنِي کي نہ لهي.

١٢

ڳورا ٻَئِي پَارَ، هِيُون حَيرَتَ ۾ پئو
وِهَان تان ويرَم ٿيي، نِيهَہ ۾ پوءِ نِهَارَ
وَڄان تان وَاکو ٿِيي، پَاڙي پوءِ پَچَارَ
هُتي وَعدي وَارَ، هتِ سوٿُون ڏِينئِ سَرتيُون.

١٣

جَا هَڙَ اَندرِ جِيءَ، ساهَڙَ ٻَڌي ساهَ کي
سا هَڙَ ڇُڙي نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِءَ
ساهَڙَ ميڙ سَمِيعَ، تہ سا هَڙَ ڇُڙي ساهَ جِي.

١٤

ههَڙي تان نہ هُيَاسِ، عشقَ اُٿيارِيَس اوچتي
پَڌرِ پوءِ پِيياسِ، سَتُرُ سِکَ وِڃائيو.

١٥

جان جان هُئِي جِيَري وِيئِي نہ وِيساندِ
لُڙهِي لَهرِن پاندِ، مُيَائِي ميهارَ ڏي.

١٦

کَنڌِيءَ جهَلِئو کانهَ، عاشقُ اُيو آهُون کَري
تو کِئن ٻوڙي سُنهَڻِي، ٻيلِي مُنهِنجي ٻانهَ
دَرياهَ توتي دانهَ، ڏِيندُس ڏِينهَ قِيَامَ جي.

وائي

پوءِ مَ پَاڙيچِيءَ سَارَ، ڏمُ مَ جَاڳي لو!
آءٌ جا ويندَڙي مُلِ ميهَارَ
آءٌ جا ويندڙي وَٽِ مِيهَارَ
مُونکي تِتي ميڙئين جِتي کُنڌين جِي قطارَ
ٻُرَنِ ٻيلاَينِ جا، سَانيَارَانَ سَنيَارَ
گهرِ گهرِ گلا جَا وَهي، پَاڙي پوءِ پَچَارَ
آءٌ تي لِکيو لوڙِيَان، خَلقَ وَجِنَ تا گَارَ
مُنهِ چڙهِئو مهٽا ڏِنا مونکي کالهہ کُنيارَ
آٽي کِيرا کوڙَئا سَانيارانَ سَنگهارَ
وڄُ مَ پوءِ وصَالَ کي سَباجها سَتار.

داستان ائون

١

ساهَڙَ جا سينگارَ، اَزلَ کان اڳي هُئا
نَکا "کُن فَيکُون" هُئي، نَکا ٻِي پچارَ
مَلَکَنِئان مَهندَ هُئي، توڏيءَ جي ٽوارَ
محبت ساڻُ ميهارَ، لاَئِئِين لَنئُہ لَطيفُ چئي.

١٢. ويرم= دير. پوءِ نهار= نهار پوي، ڏسڻ ۽ انتظار ڪرڻ ٿئي. واکو= لڙ، گوڙ. پوءِ پچار= پوي، گلا هلي. سوٿون= سور جون سوٿون. ١٣. جا هڙ= جيڪا هڙ، جيڪا ڳنڍ (محبت جي). سميع= سدائين سڻڻ ٻڌڻ وارا سائين (يا الله). ١٤. ههڙي= هن حال جهڙي (جو محبت ۾ بدنام آهيان). اٿياريس= مون کي اٿاريو، مون ۾ سک کي جاڳايو. پڌر پوءِ پيياس= پوءِ آءٌ پڌري ٿياس (جڏهن سک منهنجو ستر وڃائيو). ستر= پردو. ١٥. ويئي نہ ويساند= ٿورڙي ساهي ڪٽي بہ نہ ويئي. لهرن پاند= لهرن سان لڳي. ١٦. کنڌيءَ جهليو کانہ= درياه جي کنڌيءَ تي، کانهن جي ٻوڙن کي هٿ ۾ جهليو. عاشق= ميهار، ساهڙ. وائي. مل= وٽ. کنڌين جي= کنڌين مينهين جي. سنيار= چڙا. پاڙي پوءِ پچار= پاڙي ۾ گلا پئي پوي. کيرا= کلا (مينهين جا). سانيارا ن= درياه جي پار کان. سنگهار= وڏي مالدار (= ميهار). وڄ م پوءِ= وِڻي نہ پوي. د-٨-١. ساهڙ جا سينگار= تصوف جي هڪ فڪر موجب، 'ساهَڙ' مان مراد الله سائين جيڪو ازل کان اڳ هو ۽ جنهن سڄو جهان خلقيو. توڏي (سنهڻي) انساني روح آهي جيڪو ملڪن کان اڳ هو ۽ جنهن 'قالوابلي' چئي پنهنجي خالق سان ناتو پڪو ڪيو. هن بيت بابت مختلف معنوي ويچار ٿي سگهن ٿا، پر مکيہ ناتو آهي "ساهڙ جا سينگار" جنهن کي پوءِ 'سنهڻي جا سينگار' ڪري پڙهيو ويو؛ انهيءَ پڙهڻي سان هي بيت ڀهريائين گ رساليٰ (سنہ ١٢٠٧هہ) ۾ لکيو ويو. فقيرن اعليٰ فڪر واري معنيٰ بدران ظاهري ڳالهہ کي ورتو تہ سينگار زال جا ٿيندا آهن ۽ نہ مرد جا ۽ انهيءَ ڪري 'ساهڙ جا سينگار' بدران 'سنهڻي جا سينگار' پڙهيائون پر بيت جي اصل پڙهڻي 'ساهڙ جا سينگار' هئي جيڪا هيٺين بيت ۾ پڻ موجود آهي:

مَرجُ وٽ ميهارُ، متان موٽين سُهڻي
ساهڙ جا سينگار، مَڃڻُ ڏمَ ڏيکارئين.

(هلندڙ)

٢

گهيڙ لنگهي گهاري، ميثاقان ميهار ڏي
”اَلستُ بِربِڪُم قالُوابَليٰ“، پَرِ اِها پَاري
ڏسئو ڏيکاري، پِرتِ پِريان جو پيچرو.

٣

”اَلستُ“ اَرواحَن کي، جَڏهِن چَيائون
مِيثاقان ميهارَ سِين لَڏيُون مُون لائُون
سي مونَن کيئَن پاهون، جي مَحفوظان مَحوَ ٿيون.

٤

”اَلستُ“ اَرواحَن کي، جَڏهِن چيائين جِيئَن
”قالُوابَليٰ“ قلبَ ۾، ٿئو تَقاءُلُ تيئَن
مَحبَتي ميهار جي، آءٌ نِهوڙي نيهَن
سَرتِيُون ساهَڙَ سِينءَ، هَلَڻُ مون حَقُ ٿِئو.

٥

”اَلستُ“ اَرواحَن کي، جَڏ اَمرُ ڪئو اَحَدَ
هو مَنَ ڪَادِو ميهار ڏي، سُنهَڻيءَ سَڪَڻُ سَڏَ
دِلو دَورَ دَرياهَ جي، ڪئو ارادي اَڏَ
جيڪِين آيُسِ ڏُونهَ عَدَدَ، سو پَاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

٦

”اَلستُ“ اَرواحَن کي، جَڏ فرمايو فَتاحَ
هو مَنَ ڪَادِو ميهار ڏي، سُنهَڻيءَ سِڪَڻُ ساهَ
دِلو دورَ دَرياهَ جي ڪِئو اِرادي اَداهَ
جيڪِين آيُسِ ڏونهَ اللهَ، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

٧

”اَلستُ“ اَرواحَن کِي، جَڏهن فائِقَ فرمايو
هو مَنَ ڪَادِو ميهار ڏي، سُنهَڻِيءَ کي سعيو
دِلو دور درياهَ جي، اوڏاهين آيو
جيڪِين هاديءَ هَلايو، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

٨

”اَلستُ“ اَرواحَن کي جَڏهِن فرمايو فائِقَ
هو مَنَ ڪَادِو ميهارَ ڏي، سُنهَڻيءَ سڪَڻُ سِڪَ
جيڪِين آيُسِ ڏهُون حَقَ، سو تِي پَاري موئَڌ پاتارَ ۾.

٩

”اَلستُ“ اَرواحَن کي جَڏهِن چَيَائين
هو مَنَ ڪَادِو ميهَارَ ڏي سُنهَڻيءَ سَدائِين
جيڪِين آيُسِ اوڏاهِين، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

ڪُن فَيَڪُونُ= هيءُ فقرو قرآن شريف جي پنجن سُورن جي آيتن ۾ آيل آهي: (١) سُوره 'اَنعام' جي آيت نمبر (٧٣) (٢) سوره 'نحل' جي آيت نمبر (٤٠) (٣) سوره 'مريم' جي آيت نمبر (٣٥) (٤) سُوره ياسين جي آيت نمبر (٨٢) ۽ (٥) سوره 'غافر' جي آيت نمبر (٦٨). معنيٰ ته جڏهن جنهن به شيءِ کي الله تعاليٰ حڪم ڪري ٿو ته ٿي پَئُ!“ ته پوءِ ”ٿي پوي ٿي.“ (سوره مريم جي آيت) ”جڏهن ڪندو آهي ڪو ڪم پوءِ رڳو چوندو آهي ان کي ٿيءُ ته ٿي پوندو آهي.“ نڪا ”ڪُن فيڪون“ هئي- الخ= اجان ڪابه جوڙ جڙيل ڪانه هئي. توڏي= (لفظي معنيٰ) نوجوان اٺ ويايل طاقتور مادي اُٺ جيڪا ٻين اٺن کان اڳ ۾ پاڻيءَ مان تکو تري وڃي. (استعاري طور) سنهڻي. ملڪنئان مهند= مَلڪن جي پيدا ٿيڻ کان اڳ لَئُ، لنئُ= عشق. ٢. گهيڙ لنگهي گهاري= گهاري جو گهيڙ لنگهي (پار پئي)، درياء جو گهيڙ ٽپي (ميهار ڏي وئي). ميثاق= پڪو وعدو. ميثاقان= روز ميثاق کان، ميثاق واري ڏينهن کان، پڪي وعدي واري ڏينهن کان. (جنهن جو ذڪر اڳتي ٻي سٽ ۾ آهي). اَلستَ بَربڪُم= (قرآن شريف جي ستين سُوره 'اعراف' جي آيت ١٧٢). سڄي آيت جي معنيٰ جنهن مان روحن واري اقرار جي چِٽائي ٿئي ٿي سا هن طرح ته: جڏهن ورتو تنهنجي رب بني آدم کان، سندس پُٺين مان انهن جي اولاد کي، ۽ اقرار ورتائين انهن کان انهن جي جانين تي: ”ته ڇا نه آهيان مان توهان جو رب، چيائون هائو“، اسان اقرار ڪيو! (پوءِ) متان چئو قيامت جي ڏينهن ته اسان ان کان بي خبر هئاسون.“ پَر اها پاري= اها ريت رسم ضرور پوري ڪري. ڏسئو ڏيکاري= پاڻ ڏسيو ٻين کي ڏيکاري. پرت پريان جو پيچرو= پرين جي پريت جو گس. ٦. فتاح= الله. سنهڻيءَ ساه= سنهڻي جي ساه جي سڪڻ. ارادي= اصل جي امر، تقدير. اداه ڪئو= ادا ڪيو، پورو ڪيو. ڏونه الله= الله جي طرفان. ٨. اَلستُ= اَلستُ بِربڪم (= ڇا آءٌ اوهان جو رب ناهيان؟) فرمايو= چيو (ارواحن کي). فائق= مٿاهين موليٰ، رب پاڪ. ڪادِو= سِڪ ۾ ڇڪيل. سڪڻ سڪ= بيحد سڪ. ڏونه حق= حق جي طرفان. پاري، پوڳي. پاتار ۾= اونهي درياءَ ۾.

۱۰

"اَلستُ" اَرواحَنِ کي جَڏهن جاڳايو جَلِيلَ
سَنئين راهَ سَڌِ ڄَئي، سُونَٽُون سَبِيلَ
وَحدَتَ جي وادِيءَ ۾، قُدر وِٺا قَلِيلَ
دَرياهَ جي دَلِيلَ، لوڙهي لهَوارا ڪِئا.

۱۱

سائِرَ سَهَسَ گجَنِ، توءِ سَهَجُ نہ مَٽي سُنهَڻِي
تہ ڪي نِيهَ ڇڄَنِ، پَر ڪَهين پِرِينِ سين.

۱۲

سُپيريان جي ٿُرهي، ٻُڏي هَٽ مَ لاءِ
سُيان تان چُنداءِ، اسان تو اُڪارئو.

۱۳

سُپيريان جي ٿُرهي، ٻُڏين توءِ مَ لَڳُ
جان ڪو جيين ڏينهَڙو، پُر اُبتي وَڳُ
پاءِ تيڏاهِين پَڳُ، ناهَ جيڏاهِين نِجُهرو.

۱۴

سُڪيءَ ڄِيءَ سَانباه ۾ جَڏهن ٻُڏيون جي
سَاهَڙُ تِنِي ڪي، ٻيلِي ٻِنهِي ڪَنڌِيين.

۱۵

سُڪيءَ ڄِيءَ سَانبَاه ۾، ٻُڏين توءِ ٻُڏُ
ڪَڪَ، ڪَانڊيرا، ڪَانئُون، ميڙي ٻَڌُ مَ مَڏُ
نڪو سَاهَڙُ سَڏُ، نڪا سُڄي سُونهَڻِي.

۱۶

سُڪِيءَ ٻُڏَنِ جي، سَاهَڙُ ساٿي ٿَنِ جو
لَهرِين سِرِ، لَطِيفُ چَئي، ڪُلَهنِ چاڙهيو نِي
جي پُڇَنِ پَنڌُ پَري، ٿَنِ اُمَاٽي اورَهُون.

۱۷

جي ٻُڏان تان ٻَنِ، مَرُ اولِجَان اُنِ پارَ ڏي
ڪَنڌِيءَ اُچِي ڪارِٽِي، مانَ ٻَرِ ٻَر ڪَنِ
مُيائِي سِين ٿَنِ، هيڪَرَ اُتي نِڪَران!

وائي

اَچِي اولَڙِي ڪيرَ! ڪيرَ!

وَٺان پاڻيءَ وارِيين
نالي سُڄي سونهَڻِي، ذَاتِ نہ ڄاڻَان ڪيرَ
گهڙِي گهورَ نہ جهلِي، پَٽِ نہ ڪُٺس پيرَ
ڳُڙيون ڪُنهنبي رَتِيُون، ميندِيءَ رَتَڙَس پيرَ
هيڏِيءَ ويلَ وَٽِنِ ۾، هِيءَ ٻَانهياري ڪيرَ
سَنيوڙو سِيٽاهَ سين، هٽ گهُرِجين هيرَ.

---

۱۰. جليل= الله پاڪ. سُونٽئون= ورتائون، وٺي هليا. سبيل= واٽ. قدر وٺا قليل= ڪي ٿورڙا وٺا. دليل= اُڌڪي، خيال، خوف. ۱۱. سائر= درياهہ، سمنڊ. سهس= سوين، هزارين. گجن= گوڙيون ڪن. سَهجُ= شوق وارو جذبو، خوشي ۽ سک وارو جذبو. تہ ڪي= پلا ڪي نيهَ= سک ۽ عشق جا ناتا. پر ڪنهين= ڪنهن بہ پَر، ڪنهن بہ ريت، ڪنهن بہ طرح. ۱۲. ٿُرهو= ڪکن ڪانئين جو ٻَڌل چوڪٺ جنهن تي هڪ يا بہ ماڻهو ويهي وڏي پاڻيءَ مان پار اُڪرن. ٻُڏي (ٻڏي)= ٻُڏندي، ٻڏڻ وقت. سيان= (ع= صباح) سباڻي، پوءِ ڪڏهن چُنداءِ= چونداءِ= توکي چوندا. ۱۳. ٻڏين= جي ٻڏين پيو. توءِ مَ لَڳ= تہ بہ ويجهو وڃي نہ لڳ. پُورُ= وهڪرو، موج، ٻيڙي جو پار وڃڻ وارو گهمرو. پُور ابتي= اُبتي پُور ۾. اوياري وهڪري ۾، اُبتي رخ ڏي. پڳ= پير. پاءِ تيڏاهين پڳ= تيڏانهن قدم کڻ. ناهِ= نفي، نيستي، نابودي. نجهرو= جهوپڙو، قِتل اجهو. ناه جيڏاهين نجهرو= جيڏانهن نابوديءَ جو ماڳ آهي. ۱۵. سانباه= جُلهہ واري سنبت، تکي چڙهائي وارو سمان. (اصطلاحاً) درياهہ جو وڌندڙ چاڙهہ ۽ وهڪرو، ٻوڙيندڙ چاڙهہ. سُڪي جي سانباه= (النّي ۽ گوڙهي معنيٰ ۾، درياهہ جي پاڻيءَ جي تکي چاڙهہ بدران) سُڪي جي جلهہ واري سنبت، سکي طرف جو چاڙهہ. ٻڏين توءِ ٻڏ= ٻڏين تہ ڀل ٻڏ. ڪک، ڪانڊيرا وغيره ميڙي (ٻڏڻ کان بچڻ لاءِ) اوچو مڏ نہ ناهہ. نڪو ساهڙ= اهڙي 'حال' ۾، ظاهري نالن ۽ صورتن واو ڪوبہ باقي نٿو رهي، نڪو ساهڙ تہ نڪا سنهڻي. ۱۶. ساٿي= گڏ، مددگار. لهرين سر= لهرين مٿان. پڇن پنڌ پري= پري وارو پنڌ پڇن، پڇن تہ پنڌ ڪيترو پري آهي؟ ۱۷. تان ٻن= تان ٻن پوان، برباد ٿيان. اولجان= ٿيلهجان (پاڻيءَ ۾). ڪارٽي= واهرو، مددگار. ٻر ٻرڪن= ڪهَل ڪن، افسوس ڪن. ميائي سين تن= مئل حالت ۾ بہ هنن وٽ (پاڻيءَ مان) نڪران. وائي. اچي اولڙي= لُڙهي آئي. گهورَ= هَل هلان. ڪنهبي رتيون= ڳاڙهيون. سنيوڙو= سامهون تيار، آڏو بيٺل. هٽ گهرجين= اي ساهڙ، تون هٽ آيو گهرجين.

داستان نائون

١

ٽِڙِ نہ گهڙي ٽُورُ، توءِ مَنَ ڳاڍو ميهارَ ڏي
ڏاڍو ڏورُ ڏرياهَ ۾، سِڪَڻُ وَڏو سُورُ
مَنَ ۾ موجَ ميهارَ جِي، پَهسِ پِريان جو پُورُ
بيلي ٻِنهي ڳنڍيين، نِتُ نِهارِي نُورُ
مَنجهان جَرَ ضَرُورُ، ڳَچي کي کو مَ ٿِيي.

٢

ڳانڍِي ڪَنگَ ٿِئاسِ، وَهَڻِ جَنازو سُنهَڻِي
ٻَگا جي ٻيئَنِ جا، ڪُلها تن ڏِئاسِ
اکيين مَلَڪَ ڏِئاسِ، توءِ مَنَ ڳاڍو ميهارَ ڏي.

٣

اُيو ٽِڙِ ميهارُ، مَلاحَنِ سَڌَ ڪَري
آنَ پِڻَ وِجَهان هَٿَڙا، اَئِين پِڻَ وِجهو ڄارُ
ڳهورِيُون ڪارُونيارُ، مانَ مِڙَنِهُون سُپِرين.

٤

ميهارُ مَلاحَنِ کي اُيو آچِي اَڄَ
آن پِڻَ وِجَهان هَٿَڙا، اَئِين پُڻَ وجهو رَڄَ
سَنڌِيءَ ڪُنَ ڪُڙَڄَ، مانَ هُونِ سَلامَتَ سُپِرين!

٥

ميهَارُ ٻَلاحَنِ کي اُيو ڳَري سَڌَ
ادا، اِنِهين پارَ جا موڙِي اَچو مَڌَ
وِئا جي وَهَ ڳڏَ، هَلو تہ ڏوريون سُپِرين!

٦

جتي پيرَ پِرَنِ، پَريُون پَوَنِ پَواريُون
ٿانگهَہ نہ لِيي ٿارُوئين، مَپُ نہ ماڻيئڙنِ
ڳَنڍِيءَ اُيا ڪيتَرا سيٽاهيا سَنڪَنِ
تون ڪِيئَن ٿَنِ ٽَڙَنِ، اَچِئو اَسارِي گهِڙين!

٧

پَريُون پَرِ ڏَرياهَ، پَسُ جي پارِ پَوَن ٿيون
ٻُڌُ تَوَڪَلَ تُرهو، آهَرَ سانَ اَللهَ
جَنِ ساهَڙَ سانُ صَلاحَ، سي ڪِينَ ٻُڏنديون ڪَڏِهين.

٨

سَانيَارَان سَڌَ ڪِئو، اُيَا چُونِمِ آءُ
هِڪُ تِڪوئِي ٿارِ وَهي، ٻِئو لُڙُ لَهرِيُون ۾ واءُ
ساٿِي جَنِ اَللهُ، ٻُجهان سي نہ ٻُڏندِيُون.

٩

سَانيَارَان سَڌَ ڪِئو اُيَا چُونِمِ اَڄُ
هِڪُ تِڪوئِي ٿارِ وَهيَ، ٻِئو هَٿِ ڪَمِيٽِيءَ ڪَڄُ
ساٿِي جَنِي سَڄُ، ٻُجَهان سي نہ ٻُڏنديُون.

د-۹-١. (الف) ٽڙ نہ گهڙي= ٽڙ ۾ نہ گهڙي، درياء واري گهيڙ ۾ نہ گهڙي. ٽور= هر سن، هر عمر، هڪ جيڏيون (ب) ٽور (= ترڪ)= سهڻو محبوب، ميهار (پاڻ نہ گهڙي ۽ مون ڏانهن نہ اچي). توءِ= تہ بہ. مَنَ ڳاڍو= من جي ڇڪ، دل جو لاڙو. پهس= پهرين سٽ، پهريون پهريون. نُور= اکين جي روشني- اکيون. ضرور= ضرر، نقصان (شال پاڻيءَ ۾ ڪچي دلي کي ضرر نہ پهچي!) ٢. ڳانڍي= جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ، ڪٽي هلندڙ. ڪنگ= ڪنگ پکي. وهڻ= وهڪري ۾، سير ۾. ملڪ ڏئاس= ملائڪ ڏنائين. ٣. ايو ٽڙ= ٽڙ تي بيٺو. آن= آءٌ. ائين= اوهين. گهوريون= ڳوليون. ڪارونيار= وڏو اونهون پاڻي. مڙنهون= اسان کي ملن. ٤. ايو آچي آڄ= پاڻيءَ جي آڄ بيٺو ڏيکاري (تہ ان ۾ گهڙن ۽ ڳولا ڪن). سندي ڪن ڪڙڄ= ڪُنَ جي ڪُنڊ پاسي ۾. ٥. موڙي اچو= ڦيرائي اچو. مڌِ= ٻيڙين جي مٿان اڏيل گهر ۽ ڪاٺ ڪاٻاڙا. وَهُ= وهڪرو. ٦. پير= ڦيرا (تکي وهڪري جا). پرن= ڦرن. پريون= پَر واريون پڪون. پُون= ڪرن (پائيندڙ دَرياءَ سبٻان). پواريون= پئہ واريون، خوفائتيون. ٿانگهہ= ٿانگهائي (جتي هيٺ پير ڪُپي). ٿاروئين= جيڪي ٿارو آهن تن کي. مپ= وجهہ، وس. ماڻيئڙن= اهي جيڪي ماڻيءَ تي ترن. سنڪن= ڪنبن. اساري= بي خبر، ويسري. ٧. پريون= پر واريون شاهي پڪون. پر= پرسان، ڪنڌيءَ لڳ. پار= پَرينءَ پَر. پون ٿيون= ڪرن ٿيون. آهر= آڌار. صلاح= سلٽ. ناتو. ٨. سانيارن= سامهون درياء جي پرئين پاسي کان. ايا چُونمر= (سڄڻ) بيٺا مونکي چون. ٻجهان= ڄاڻان تہ= يقين اٿم.

١٠

هاري حَقُ رَکيجُ، سانيَاران سَاهڙُ جو
خُوابُ خِيالُ ۽ خَطرا، ٿئي تَرکُ ڏيجُ
اَندرُ آئِينو ڪري، پَرِ ۾ سو پَسيجُ
اِنهين راهُ رَميجُ، تہ مُشاهِدو ماڻيين.

١١

هاري رَکجُ حَقُ، سانيَاران ساهڙُ جو
خُوابُ خِيالُ ۽ خَطرا، ٿئي ڏيجُ تَرکُ
ڪَريين غَيرُ غَرَقُ، تہ مُشاهِدو ماڻيين.

١٢

لَيا ڏِنءِ لارَ، سَانيَاران سَاهڙُ جا
هنيُون هِت نہ وِندُري، ڏراڙِنئُون ڏارَ
مُنهنجو مَنُ ميهارَ، پَڳهيو پاڻُ ڳري.

١٣

گهڙِي ۽ گهوري، مٿان پرين جِندڙو
مَحبتَ جا مِهراڻُ ۾ تلَ تَسُو توري
ڏمَ وِڏِي ڏوري، ٿاتَ ڪُنَنِ ۾ ڪيرَ گهڙي!

وائي

اڪيون پيرَ ڪَري وڃجي
وو وڃجي! پر وڃجي
سُپيريان جي ڳالهڙِي، ڪنه سان ڪِين ڪِجي
لِڪائي لوڪَ کان، ڳُوٺان ڳُجهڙِي نِجي
مَحبتِي ميهارَ جو، سُورُ نہ ڪنه سَلِجي.

داستان ڏهون

١

ٻُڏندي ٻُوڙِنِ ڪي، ڪي هاڻڪَ هَٿَ وِجهن
پَسو لَڄَ لطيف چئي، ڪيڏِي ڪي ڪَگهن
جيڪي ڪَنڌِيءَ ڪَن، نا تہ ساٿُن وَڃَن سِيرَ ۾.

٢

ڪَچِي ڪاني ڪَانهَ، ٻُڏا ڪَڏي ٻارِ مان
لَنگهائي لطيفُ چئي، يا ڌُرئان ڪَري دانهَ
ڪَگهن جي ڪَماحَقُون آهي ڳالهہ اڳانهَ
يا ٻُڏندنِ ڏِيَنِ ٻانهَ، نا تہ ساٿُن وَڃَن سِيرَ ۾.

٣

جان ڪي ڪَنڌِيءَ ڪَانهَ، تان تاڻي ٻَڌِجُ ٽُرهو
هَٿُ پِريان جي هٿَ ۾، ٻئي ڪي ڏجُ مَ ٻَانهَ
سنڌِي ڪَپَرَ دانهَ، ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي!

٤

هاواڻا هُلَنِ، ڪَپَرَ ڪارُونيارَ جا
لَهرون لَڙَ لَطيفُ چئي، پيلي تي پُلَنِ
ڪَچو جَنِ ڪُلَهنِ، آگا ٽَنِ اوباهِيين.

٥

آهِيين هتِ اَماڻُ، ٻَڌُ ٽُرهو ٽَارِ جو
لَهرِينِ لَڪَ لَطيفُ چئي، جَهلئا جُنگَ جوانُ

---

١٠. هاري= اي هاري، اي مُني! رميج= وڃيج، هلج. ١١. رکج حق= توتي جيڪي حق آهي سو سنڀالي پورو ڪج. غير= ٻيو (ان ساهڙ کان سوال کو ٻيو). پنهنجي محبوب مالڪ کان سواءِ ڪو ٻيو. مشاهدو= الاهي ديدار. ماڻيين= توکي حاصل ٿئي. ١٢. ليا= ٻڌا، ٻڌل. لار= ننڍڙا ڦر. (مينهين جا). ڏراڙنئون= ڏنارن کان سواءِ. پڳهيو= ور وَراکا ڏيئي ٻڌي سوگهو ڪيو. ١٣. تل= تر. تسُو= ذرا. تل تسو توري= تمام ننڍڙيون ذميداريون بہ سنڀالي پوريون ڪري= وڏيون همتون پئي ڪري. وڏي ڏوري= ڏوري ۾ وڏي، ڏولائي ۾ وڏي. د-١٠-١. ٻڏندي= ٻڏڻ وقت. ٻوڙن ڪي= ڪانه يا گاهہ جي ٻوڙن ڪي. هائڪ= (ع. حاذق) سڄاڻ. جيڪي= (اڳين ٻولي) يا تہ. ڪنڌيءَ ڪن= تاري ڪنڌيءَ پيڙو ڪن، ڪنڌيءَ تي پهچائين. ٢. ڪچي ڪاني ڪانه= ڪانه جي ٻوڙي جو ڪچو ڪانو. ٻڏا= ٻڏندڙ. ٻار= تکي وهڪري وقت پاڻيءَ جي اونهي چڪ واري هيٺ جهميل سطح. ڪماحقون= پوري حق مطابق. اڳانه= اڳاهين. ٣. جان ڪي= جيسين، تائين ڪي. ڪنڌيءَ= ڪنڌيءَ تي، پرسان. تاڻي= چڪي. ترهو= ڪکن ڪانهن جو ٿلهو، جيڪو تري ۽ جنهن تي ماڻهو ويهي اندر وڏي پاڻي مان اُڪري سگهن. ٤. هاواڻا= حملا، اڇڻ جا هُل. هُلن= مشهور ٿين، پيا ٻُڌجن. ڪارونيار= (اصطلاح)= پاڻيءَ جو وڏو چاڙهہ ۽ لڙ. پيلي تي پُلن= ڪَچي (دلي) تي مارو ڪن. اوباهين= ڪامياب ڪرين. ٥. اماڻ= امانت. تار جو= تار پاڻيءَ وارو، جيڪو تار مان اُڪاري.

اُونهين ڪُنَ آگهَنئا، آڏي پاٽي آڻَ
جي پِئا مُنهِ مِهراڻَ، تِنِ ٻانڌين ٻيٽُ نہ اُڇهي.

٦

ڪَچو ڪانءُ ڪُنيارَ، اوڳي ڪَٽِئو اُتِيين
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي "ٻيلي تي ٻُلڪارَ"
لوڙهئا لَکَ لطيفُ چئي، ڪوڙيين ڪارُونيارَ
اُڪارين آڏارَ، آران آنڪي واريُون.

٧

ڪَچِي ساڻُ ڪَهي، پَڪو پُڇِي نہ سُنهَڻي
لَنگهِئو لُڙَ لطيفُ چئي، وَچارَنِ وَهي
سا ڪِئن نِيهُ نهي، جنه ڪي نِيهَ نَڊو ڪَٽِي.

٨

اُونهين ۾ اوهَري، ڪَهي ڪَچي ساڻُ
سُپَڪَ جو، سَيدُ چئي، پُڇِي نہ پَرياڻُ
جَني پاسي پاڻُ، سي اَوتَڙان ئِي اُڪتيُون.

٩

انگُ پُسي رَنگُ ڪِئو، ڪوجو دَورُ دِلي
ہِرِ ہَر ٻيلِي نہ ٿِئو، ڪَچو مَنجِهہ ڪِلي
تُران تِي تارِ گهٽو تُنهنجي بَحر ٻِلي
ميهارومِ مِلي، آهِيان جَنهِ جي آسَري.

١٠

ٻانيمُ نہ پيلو، مونکي ڏاءَ ڏُٺائو
آنڪي مَتي اُسَري رُوحَ ڏِنو ريلو
تيلاهِين ويلو، پِٽم واهُڙ وِچَ ۾.

١١

ڪَدِئا جي ڪُلالَ، سي پَسِي خَالَ خُوش ٿِي
پاڻِيءَ چِنَرَ پُسائِيا، جَهلِي نہ ڏاءَ ڏمالَ
سُپَڪَ ٻانِيا سُنهَڻي جوبَنَ جي جَمالَ
آنڪي جا اَحوالَ، مَعلُمَ ٿِئا مِهراڻَ ۾.

١٢

ڪاري رات، ڪَچو گهڙو، نہ مون اڏي اڏَ
ساهَڙَ سُٽِجُ سَڏُ، آءٌ تو آهَرَ تارَ تُران.

١٣

ڪَچو تان ڪوه، پَڪو نظرُ پِريِنءَ جو
ساهَڙُ مُنهنجو سِپرين، ڏَمَ ڏِني تيي ڏوهُ
جي چِنرو جي چوهُ، پُورِينديس پارُ مَٽي.

١٤

آنڪو نِي آنڪو، ڪَچو آيُم ڪَمِ
جِيءَ جَني جا جَمِ، پَڪا سي پُڄَنديُون.

آگهنئا= رنڍيا ۽ سوڙها ڪيا. آڏي پاٽي آڻ= آڏو آڻ وجهي، آڏو ڏوهيءَ وارو ليڪو ڏيئي، جهَل ڏيئي. جي پئا منه مهراڻ= جيڪي مهراڻ درياء جي منهن پيا، ور چڙهيا. ٻانڌين= وڏن لُڙهندڙ ڪاٺن. ٻيٽ نہ اڇهي= ٻيٽ هٽ نہ اچي. ٦. اوڳي= موڳي. آڏارَ= اي منهنجا آڏار، اي وسيلا. آران= آر مان. آنڪي واريون= ڪچي پڪل ڏلي واريون. ٧. ڪچي ساڻ= ڪچي دلي سان. ڪهي= همت سان هلي (= تري). پڪو= پڪو دلو. وچارن= وچارن وٽ، ميهارن وٽ. وَهي= وڃي. نِهي= ٻَڌِي، بند ڪري (ختم ڪري). نڊو=ٻڌو. ٨. اوهري= گهڙي. سپڪ= پورو لال پڪل پڪو دلو. پَرياڻ= ڏس، پتو. جني پاسي پاڻ= پاڻ ڏٺي جن جي پاسي آهي. اوتڙان= ڏڪيي تڙان. اڪتيون= ٻاهر نڪتيون (درياء مان). ٩. انگ= اڪر، چِنر. رنگ ڪئو= رنگ ڪديو. ڪوجو دور دلي= دلي ڪي اهڙو ڪو (جُڙئو رنگ جو) چَلتو هو. ہَر ہَر= هاءِ هاءِ! منجهہ ڪلي= قلعي منجهہ. مقابلي منجهہ= ڏکيي وقت ۾. تنهنجي بحر بلي= تنهنجي بحر جي بلي، تنهنجي محبت جي موج جي آسري. ميهاروم= منهنجو ميهار. ١٠. پيلو= اڻ پڪل، ڪچو پڪل. ڏاءَ= رنگ، دلي جو ڳاڙهو رنگ ۽ چِنر (جهڙو جڻ پڪو). آنڪي= ڪچي پڪل. اُسري= مٿان پَرُ ڏيئي. ويلو= وِٿي، گهٽتائي. ١١. ڪُلال= (ف. گُلال) ڪنيار. خال= چِنر (دلي جا). ڏاء= رنگ (ڳاڙهو). سُپڪ ٻانيا= پَڪا سَمجهيا (دلي جا رنگ). جوبن جي جمال= پنهنجي جوانيءَ جي پُور ۾. آنڪي جا= آنڪي دلي جا، ڪچي جا، اڻ پڪل جا. احوال= حالُ. ١٢. اڏ= جهَل (جنهن ڪي جهلڻ سان بچاء ٿئي). تو آهر= تنهنجي آڌر تي. ١٣. ڪچو تان ڪوه= ڪچو آهي تہ پوءِ ڇا؟ جي چِنرو جي چوه= درياء ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو ڍرو هجي توڙي تکو. پُورينديس= هلنديس. پارُ= درياء جو ٻيو پار. مَٽي= چتائي. ١٤. آنڪو= اڻ پڪل(دلو). آنڪوني آنڪو= ڪچو سوئي ڪچو. جم= پريل.

١٥

پَڪا رَڃَ ڪُنيارَ جا، پَڪِي نِهائِين
مُونکي تِئائِين، پيلو پاڳي آئِيو.

١٦

چِٽرايوم چَئِي، عِشقَ پَئِي عَميقَ جي
آٿِي رَکِئُم آبَ تي مَٿي کُنَ کَهِي
لَهرِين مَنجِهہ لطيفُ چئِي، پُرزا ٿئو پَئِي
سُپَڪُ هو صحِي، پَرَ ڪَرَمَ گَٿِي ڪَچو ڪئِو.

١٧

جتِ پَڪو تو پُرزا ٿِيِي، تت ڪَچو کَنلو ڪيئَن
هُتِ حَقِيقت هِيئَن، هِتِ ٿِي نالا پُڇِين نِيہَ جا!

١٨

پيلي پُلائِي، پَسِي چِٽرَ چرِي ٿِي
"بَرِ بَرِ! بُڏِي سُنهڻِي" ويرِينِ ۾ وائِي
ڪَچِي ڪيرائِي، لاَلَ لهرِنِ وِچَ ۾.

١٩

ڪوجو وَريو واءُ، جئن ٻَرُ ٻانهُن چِڏيو
اڳِي اِنَ ٽڙاءِ، اُونداهِيائي اُڪَرَان.

٢٠

هَٽندي ٿڪَمِ هَٿَ، هنِيَڙي حُجُون چِڏِيُون
لَڪُ لَهرِينِ گَڏئو، موجون وَريون مَٿَ
نِيَمِ کُنَ قُوت، پِرُ پَليرا سپرِين.

وائي-١

آيَل! امَڙِ! تي جيَان تي جِيَان
جي سارِيئَمِ سُپرِين

گهڙو پَڳو تان گهورِئو، تان ڪين ٽرُ هنيان
اَدَبُ اَڪڙِيَنِ ڪي، ڏِيهاڙي ڏِيان
سَٿُون سُنهايَمَ پيچَرو ميهَارَن مِيَان
مَٿان ماٽِڪَ هيڪَڙِي، لَعلُون لَکَ ڏِيان
ساهَڙَ مَٿان صَدَقو، ڏَهَ ڏَهَ ڏَمَ ڏِيان
اچين عبداللطيف چئي تہ جانبَ نِتِ جِيَان.

وائي-٢

وينِي ڪِينَ وِساري، مَحبتَ وِڏَڙي ماري
سا ديوانِي يار وو! سا مَستانِي
دلبر جاني تو جياري
جنه ڪي سِڪَ ساهَڙَ جي، سا گهايَلَ گهَرِ نہ گهاري
ڏمُ ڏهيلو ڏڪِئو، سِرَ ۾ سوٽا ماري
بيلي پاسِ ٻرَنِ جي، ٽَنِ ڪَرڪِن وِڏيَسِ ڪاري
بيلي ٻنهِي ڪَنڌيين، مُحِبُ مينهِيُون تو چاري
هُونِ هُنگارُون، پُونِ پُڪارُون، ٽڙ ٽڙِ دوستُ ٽواري
هُوءِ جا پِڪَ پِرينِ جي، آهيان تِنهِ آساري.

داستان يارهون

١

جَرِ ٽڙِ تِڪَ ٽوارَ، وَڻِ ٽِڻِ وائِي هيڪَڙِي
سَيِيئي شَيءَ ٽِئا، سُورِيءَ سَزَاوَارَ
هَمَہَ مَنصُورَ هَزَارَ، ڪِهڙا چاڙهئو چاڙهئين.

٢

چُونِمِ جي هيڪَارَ، 'مَ وَنءُ موٽِي سُنهَڻِي'!

١٥. رَڃ= ٿانو. نِهائين= آوِي. پيلو= اڻ پڪل (دِلو). پاڳي آئيو= پَٽيءَ ۾ پيو. ١٦. چِٽرايوم= مون چِٽرايو (دلو). چڪي= خاص چَئي، تاڪيد ڪري. عميق= اونهو (درياه) عشقُ پئي عميق جي= اونهيءَ درياه جي عشق ۾ اچي. ڪرم= نصيب. ١٨. پُلائي= منجهائي. "ٻر ٻر، ٻڏي سنهڻي"= هاءِ هاءِ! ويچاري سنهڻي ٻڏي وئي! ويرين ۾= لهرين ۾. ١٩. ٻرُ= زور. اڳي انهيءَ ٽڙ تان تہ اونداهيءَ هوندي بہ اُڪرندي هيس! ٢٠. هٿ هٽندي ٿڪم= (پاڻيءَ ۾) ٻانهون هٽندي ٿڪم. لڪ= چيلهہ. لڪ لهرين گڏئو= لهريون چيلهہ چڏي مٿي ٿيون. مٿ= مٿي تان. نِيَم= ڪسيم. پِرُ= اچي پيڙو ٿيءُ. وائي-١. تي= تڏهن. هنيان= اي منهنجا هانءَ. وائي-٢. ڪرڪن= چڙن (جيڪي مينهن ۾ ٻڌل آهن). د-١١-١. جر ٽڙ= پاڻيءَ ۾، ڪهيڙ ۾. تک توار= تک جي توار، وهڪري جي وائي. شيءَ ٽئا= (اصطلاح) پورا ٿئا، ٺهي بيٺا. سوريءَ سزاوار= سوريءَ جي لائق. همہ= سڀ. چاڙهئو چاڙهئين= سوريءَ تي چاڙهيو پيو چاڙهين. ٢. چونم جي هيڪار= جيڪڏهن منهنجا پرين مونکي هڪ ڀيرو چون تہ 'اي سنهڻي! پوئتي موٽي نہ وڃ'.

ڏُونهينءَ پاسي دوستَ جي، گهاريان سَڀ ڄمارَ
ٻانڌيڙا ٻيهارَ، هُوندَ نہ لِڳين لائِيَان.

٣

جيڪي گهران مَ وَڃ، جيڪي موٽُ مَ سُنهَڻي
ٻِيُون پيري پَڄُ، هيڪڙائِي هَٿِ ڪَري.

٤

مَرِجُ وَٽِ مِيهارَ، مَتان موٽين سُنهَڻي
ساهَڙُ جا سِينگارَ، مَڃُڻ ڏمَ ڏيکارِيين!

٥

وَجان ڪِينَ وَري، هُندَ رِءَ ڇَڏي رَهي رَهان
ڏُونهينءَ پاسي دوستَ جي، ماڳِنهِ پئان مَري
نہ صُورَتَ، نہ سُونهَ ڪا، ڪيَسِ ڇتَ ڇَري
وِصالان فراق جي سُڃي ڳالهہ ڳَري
تيلاهِين تَري، مُنهُ ڳِنئو موٽِئو وَجان.

٦

آءٌ ڪِ نہ ڄاڻان اِيئن، تہ جَرَ گهڙيي جوکو ٿِيي
قضا جَا ڪَرِيم جِي تنه کان ڪَنڌُ ڪَڍيو ڪيئن
هِڪُ لِکيي ٿئي نِيهَن، آڻي اولِيسِ اولَ ۾.

٧

نہ ڪانِيءَ نہ ڪانهَ، نکو ڏوهُ قَلَمَ جو
انگُ اُتي ئِي لکئو، جت ٿئي جِي رَسي نہ ٻانهَ
ڪَنهِ کي ڏِيانَ ڏانهَ، جئن قضا قَلَم وَهائيو.

٨

ترَڻُ جا طعنا، سُهما ڏينم سَرتيُون
دَرِياهَ ديوانا، سُڻُ حَقيقَت حالَ جِي.

٩

تَران لَئہ طَعني، متي وَهَ واڪا ڪِئو
آڻي وِڌِيَسِ آرَ ۾، دَرِياهَ ديواني
قَلمَ جي ڪاني، آڻي اوليَسِ اولَ ۾.

١٠

تَران تان مَران، وَران تان وَهُ وِترو
مَنَ ۾ مُحِبَ ميهارَ جا، اڃِنِ گهُورَ گهَران
پَسئو پاڙي واريُون، ڏِسئو ڏوهَ ڏَران
وِچان ڪِيئَن وَران، ڪَنڌِيءَ مُنهنجو ڪارڻي.

١١

سڱَ تُنهنجي سُپرين، جيئَن تَران تئَن تار
تُونهِين رَهِين روحَ ۾، تُونهِين انگنئان ٻار
پرين تُنهنجي پار، واجهائيندي وَره ٿئا.

١٢

سڱَ تُنهنجِي سُپرِينِ ڪَپي ۽ ڪوري
سَگهان نہ چوري، ڏاڍو نِيرُ نِيهَ جو.

١٣

سڱَ تُنهنجِي سُپرين، اَندر ٿِي اَجهلَ
ٻِڙهڪِئو ٻاهرِ نکري، ڪُوري ڪانئي ڪَلَ
ري سِيراهِي سَلَ، مونکي ڏِنا سَڄڻين.

١٤

سِڱَ تُنهنجي سُپرين، اندر ٿِي اجهاڳَ
مَنجِهہ پِريائِين ماڳَ، پَلِٽئو پاريون ڪَري.

١٥

ڪِين تَران، ڪِين تارَ مون، ڪِين سگهان ڪين سَگهہ

ٻانڌيڙا= لُڙهندڙ ڪانڊا. لڳين نہ لايان= پنهنجن لڳن کي نہ لايان (= نہ تران ۽ نہ اهي منهنجن لڳن کي لڳن). ٣. جيڪي= يا تہ. ٤. مڃڻ= متان. ٥. هند= هوند. جيڪر. ڪيس ڇت ڇري= مونکي منهنجي دل ديوانو ڪيو. وصالان= وصال کان وڌيڪ. سڃي ڳالهہ ڳري= وڏي ڳري وزنائتي ڳالهہ ٿي سڃي (= فراق وصال کان وڌيڪ آهي). تيلاهين= تنهن لاءِ ئي، تنهن ڪري ئي. منهُ ڳنئو= پنهنجو منهُ ونئو. ٦. ڪِ نہ ڄاڻان= ڪانہ ڄاڻان. لکيي= ازل جي لکيي. اوليس اول ۾= مونکي ٿيلهي هنيو پاڻي جي چولين ۾. ٨. سهما= طعنا. ١٠. وهُ وترو= ويتر وڌيڪ تکو وهڪرو. گهران= گهران نڪرندي. ڪارڻي= ڪارڻ ڪرڻ وارو، مددگار. ١١. انگنئا= عضون کان، جسم کان، تن کان. ٻار= ٻاهر. ١٣. اجهل= جا جهلجي نہ سگهي. ٻڙهڪئو= ٺهڪئو. ڪانئي= ساڙي. سيراهي= واڍي جو اوزار جنهن سان سَل (سوراخ) ڪيجن. ١٤. اجهاڳ= بي انداز گهڻي. منجهہ= اندر ۾. پلٽئو= اُٿليو. پاريون ڪري= ناليون ڪري، اڏون ڪري. ١٥. ڪين سگهہ= ڪجهہ تون سگهہ ڪر.

آڏو ڏيج مَ گگهه، مُون هيڪلِيءَ وَلَها.

۱۶

سگ سگندين لاءِ، وِڇوڙيا ميڙ پرين
ايڏي سَگهه سَچَا ڏٺي، توهين كي جُڳاءِ
ٿَنُ جَنِي جو طالِبُو، مِهَرَ تِني كي پاءِ
ميڙائي جو ماءُ، كانگُ لوَندو كڏهين.

۱۷

ڏِني ٽئڙم ڏِينهَ، كُهُ چاٽان كِهڙا پرين
نينَهُ پَرچِي نِيهَ، پلئِيا پاريُون گري.

۱۸

ڏني ڏِينهَ ٽِئام، كُهُ چاٽان كهڙا پرين
وَلِين جيئن وَرئام، گوندَرَ غَمَ پرينَ جا.

۱۹

ڏِني ڏينهَ ٽِئام، كُهُ چاٽان كِهڙا پرين
سَهسِين سِجَنَ اَلِهي واجهائندي وِئامِ
ٿَنِ رءَ سالَ پِئام، جَنِ رءَ ساعَتَ نَ سَهان.

وائي

وَجي سَا راتِ وهاڻي
پَسَڻَ ڏاران پرينءَ جي
هِهِڙا اوڏا سُپرين، تون كِئن ننڊرَ رِهاڻي.

داستان ٻارهون

۱

ٻوڙين چاڙهين تون ڏٺي، ٻئي جي دَعويٰ رسي نَ دَمُ
هن مُنهنجي حالَ جو ميهَرَ ئي مُعلمُ
رَكُ پيلي جو پَرَمُ، جو اَوَتڙ پئو اجهورَ ۾.

۲

پاڻي سَهي نَ پيرُ، لَهرِ نِيَاپو نَ مُئي
آٽي ڏيندمِ كيرُ، سُڌيون سانپارنِ جيون.

۳

لَهريين لَكَ لِباسَ، پاڻيءَ پَسَڻُ هيكڙو
اُونهي هِنَ عَميق جي واري چَڏِ وِماسَ
جت ناهِ نِهايَتَ نِيهَ جي اُت كوءِ پنهنجي خاصَ
تَرَنَ جي تلاس، لاهِ نَ لالَڻَ لِگِ ٽِيين.

۴

نكو سَنڌو سُورَ جو، نكو سَنڌو سِكَ
عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاڻيءَ پاڻَ لَهي.

۵

عَدَدُ ناهِ عِشقَ جو، سُٽي تِيءَ سِياڻي
كانهي پُڄاڻي، مَهندان مُنڌ ميهارَ جي.

۶

گهڙئا سي چڙهئا، اِيهِين اٽيئِي
مَئي مَتي مِهراڻَ ۾، پَٽُ نَپو ڏيئي

گگهه= بَند، بندُ. وَلها= اي منهنجا گهوٽ. ۱۶. سگ سگندين لاءِ= سِكَ وارين سگندين لاءِ. وڇوڙئا= وڇڙيل. ميڙ= ملاءِ. ميڙائي جو= ملاقات جو. لوندو= ٻولي كندو. وائي. ننڊر رهاڻي= ننڊر سان رهاڻي، ننڊر سان رهاڻ ۾، ننڊر سان ياريءَ ۾. د-۱۲-۱. دعويٰ= حجت. دم= زور. معلم= ناكئو، سُكاڻي، رهنما. پيلو= اڻ پكل (نكر جو ٿانو، دلو). پرم= مان شان. اوتڙ= كنڌيءَ لڳ ڏكيي وهكري واري جاءِ جتي ٻيڙيون ٻيهن. اجهور= اونهون پاڻي. ۲. لَهَرِيين= لهرين جا. (الف) سمنڊ جي وڏي لهر جيكا پري كان كلندي (چمكندي) نظر اچي. (ب) درياءَ جي وڏي چولي. پاڻي سهي نَ پير= پاڻي پير كوڙڻ ئي نَ ڏئي (تك ۾ اونهائي سببان). نَ مُئي= نَ مُنجي. نَ موكلي. لهر نياپو نَ مئي= لهر اڳواٽ جاڻ نَ ڏئي (اوچتي ۾ تكي اچي مٿان كڙكي). سڌيون= خبرون سانپارنِ جون= اهي جيكي سانباران (سامهون درياءَ جي ٻئي طرفان) آهن، منهنجي پيارن جون. ۳. لباس= ڏيك ويك، نمونا. لك لباس= كئين نرالا نمونا. پاڻيءَ پسڻ= پاڻيءَ جو پسڻ، پاڻي جو ڏيك ويك. عميق= نهايت اونهو. هن عميق جي= (جهان جي) هن اونهي اسرار جي. واري ڇڏ= مِٽائي ڇڏ، ختم كري ڇڏ. وِماس= ڳڻتي، اٽڪڻ. كوءِ پنهنجي خاص= كڏ ۾ پوي پنهنجي خاص خواهش. تلاس= تلاش، تمنيٰ، سڌ. لالڻ لڳ ٽئين= لالڻ پيڙي ٽئين. ٤. عدد ناه عشق= عشق كو عدد ناهي، عشق جو مدار كنهن خاص مدت تي ناهي. پڄاڻي پاڻ لهي= جو پڄاڻيءَ تي پاڻهي لهي وڃي. ٦. چڙهئا= ٻي كنڌي تي وڃي چڙهيا، پار پهتا. مئي= پريل. متي= زور وهندڙ. مهراڻ= درياءَ. سنيوڙو= سنيريل، تيار سيٺاهه سوڏو.

تہ ميهارُ مِليئِي، سَنيُوڙو سِيٽاهَ سِين.

٧

تہ کَر کِيئَن سُئِي، جي سيرَ نہ گهڙي سُنهَڻي
هت حَيَاتيءَ ڏِينهَڙا، هَڏهن تان نہ هُئِي
ڇُکَي تِنهِ چَرِي کِي، جو ڏِنُسِ اُن ڏهِي
سُنهَڻِيءَ کِي سيدُ چئِي، وِڏو قُربَ کُهي
هُنهين هوندَ مُئِي، پَرَ ٻُڏِيءَ جا ٻيٽا ٿيًا.

٨

سَهَسين سائرَ ٻوڙيُون، مُنڍَ ٻوڙِئو مِهراڻُ
وَهِ وِڄايو پَاڻُ، هَٽي کَنڍُ کَپَڻ سِين.

٩

سو ساهُڙُ، سو سُنهڻي، سائرُ پَڻ سوئِي
آهي نِجوئِي، ڳُجهہ ڳُجهاندَرَ ڳالهَڙي.

١٠

جي تو بيتَ ڀانئيا، سي آيَتُون آهِينِ
نِئو مَنُ لائِينِ، پِريان سندي پارَ ڏي.

١١

جي قِيَامَ مڙَنِ، تہ کَرَ اوڏا سُپِرين
تِهان پَرِي سُڄَڻِ، واڏايو وِصالَ جيون.

وائي

کِهڙِي منجهہ حسابَ، هُئڻُ منهنجو هوتَ ري
گولِي پيچُ گناهہَ کان، کونهي سُولُ ثوابَ
نَکين تَقَاوَتَ ۾، نَکين منجهہ رَبابَ
خُديَان ئِي خوبُ ٿيين، لاهيين جي لُعابَ
پليتُ ئي پاکُ ٿيين، جُنُبئو منجهہ جُنابَ
هاديءَ سين هُن پارَ ڏي، رَهي ساڻُ رکابَ
چَنبو وجهي چورَ جيئَن "آءَ" جَهلِ عُقابَ
ديدُ وِڄاءِ مَ دوستَ جو، هَلي منجهہ حجابَ
کَثرتَ آهي قربَ ۾، اِدغامين اِعرابَ

٧. تہ کر= تہ هوند، تہ جيکر. سُئي= سُڄجي وئي، مشهور ٿي. سيرَ= سيرَ ۾، تار درياءَ ۾. هڏهن= هميشہ لاءِ. تان نہ هئي= تہ نہ هجي ها. ڇُکي= کير جي ڇُکي. جو ڏنو ان ڏهي= جيکو ان ميهار ڏُهي ڏنس. ٨. سهسين= سئو سوين، هزارين. سائر= سمند، درياءَ. منڌ ٻوڙئو مهراڻُ= هن مُنڌ (سُنهڻي) مهراڻ درياءَ کي ٻوڙي ڇڏيو. وَهِ= وَهَ ۾، وچ سير ۾. وڄايو پاڻ= پاڻ کي وڃائي. هٽي کنڌ کپن سين= کنڌيءَ کي مٿو هٽي. ٩. نِجوئي= نج ساڳي، اصل ساڳي. ڳجهہ ڳجهاندر= وڏي راز ۾، وڏي راز واري. ١١. جي= جيکر. قيام مڙن= قيامت ۾ ملن. تہ کر= تہ ڇڻ، تہ هوند. اوڏا= ويجهڙا. تهان. تنهن کان، ان کان. سڄن= سُجهن. وائي. هوت= پيارو سڄڻ. هئڻ= جيڻ. کهڙي منجهہ حساب= کهڙي ليکي ۾، کهڙي سبب جي کري. (مصراعون) 'کونهي سُول ثواب'. ٻي پڙهڻي 'کونهي سُود ثواب' ٻنهي مان معنيٰ نکري ٿي. (الف) سُول= سهڻو، سهڻائي. (چوندا: 'کم سُول ٿي ويو' يعني سهڻو ٿي ويو. چوندا: 'کونهي سُک جو سول'= سُک وارو سهنج کونهي). کونهي سول ثواب= ظاهري ثواب واري خيال ۾ معياري سونہ يا بلندي کانهي. کونهي. (ب) سود ثواب= ثواب ۾ سود کونهي. سود جو ثواب کونهي. (اي خدا جي بندي، گناهہ کان سو پيچ، باقي ظاهري ثواب واري رسمي حال ۾ کو نفعو کونهي!) تقاوت= پرهيزگاري. رباب= راڳ رنگ. (حق حقيقت، نکين ظاهري پرهيز ۾ تہ نکين راڳ رنگ ۾ آهي) خُديان ئي= خوديان ئي= پاڻهي پاڻ مان. خوب ٿيين= تون پاڻهي پاڻ مان رڇي وڃين، سهڻو صاف ٿي پوين، افضل ۽ اعليٰ ٿي پوين. لُعاب (لغت واريون معنائون)= (الف) پاڻيٺ، ڀڳ. لُعاب النحل= ماکي، چيڙهہ. (ب) لُعاب عنکبوت= ڄار کوريئڙي وارو. (الف) لايين جي لعاب= جي تون مٺو ٿئين. (ب) جي تون کوريئڙي وارو ڄار لاهين، منافقي ڇڏين. پليت ئي= (پنهنجو پاڻ مان جي چڱو ٿئين تہ پوءِ جي پليتي ۾ پيل هجين تہ بہ هوند پاک ٿي پوين!). جُنبئو= ناپاک، پليت. جناب= ناپاکائي. [٥-٦] 'رڙهي'= يعني هادي يا رهنما جو رکاب (رکيب) جهلي، رکاب سان گڏ رڙهي. چور کي= "آءَ" واري چور کي، 'انانيت' واري وهم کي. چور جئن= چور وانگر، جئن چور کي چنبو وجهجي. 'آءَ' جهل عقاب= 'آءَ' واري (مارينڌڙ) عُقاب کي جهلي سوگهو کر. ديد= نظر، ديدار. حجاب= ڍَک. کثرت= گهڻائي، گهڻا رخ، گهڻا جلوا، 'هيکڙائي' جون گهڻيون صورتون. قرب= ويجهائي (قرب الاهي ۾ بہ) 'آءَ' ۽ 'هو' واري 'کثرت' موجود آهي، ادغامين اعراب= 'ادغام' ۾ 'هُو' سان هک ٿيڻ، وارو حقيقي وصال، ادغامين اعراب= 'اعراب' جي 'ادغام' واري صورت.

سونہ ڳهين شيءَ ۾، جيڪين منجهہ تُرابَ
هوءِ جي جَهرَڪِئا جَرَ تي، سي تان سَڀ حُبابَ
فنا وجهي فَمَ ۾، ڪارڻ ٿيءُ ڪَبابَ

ڏي طَهُورا ٽَن کي جي سگهن لاءِ شَرابَ
مُنيءَ ڪِئا مَرض ۾ جاوا سَڀ جَوابَ
هُئڻ منهنجو هوتَ ري، کهڙي منجهہ حسابَ.

◈

[١٠-٩] سو= سو صبر، سوسَٽُ، سا سهپ، برداشت جي قوت. تراب= مٽي. جهرڪئا= چَمڪَئا. جر تي= پاڻيءَ (جي سطح) تي. حُباب= بوڙيا. فم= وات. فنا وجهي فَمُ ۾= فنا ڪائي. ڪارڻ ٿي ڪباب= ڪارڻ خاطر (علاج خاطر) ڪباب ٿيءُ، سبب ٿيءُ. طهورا= پاڪ شراب. جاوا= (الف) جاوَہ (ف= ياوَہ) بي سود، بي معنيٰ (ب) جايا (ع. ضائع)= ضايع. جاوا ڪيا= جاوہ ڪيا، 'بي معني' ڪري ڇڏيا، بي سود ڪري ڇڏيا. جايا ڪيا= (ضايع ڪيا) ۽ وِڃائي ڇڏيا، ختم ڪري ڇڏيا، مُني عشق جي مرض ۾ سڀ علاج (جواب) رد ڪري ڇڏيا. (۽ چئو چيائين تہ آءٌ پنهنجي پرين ڏي ويندي چاڪاڻ جو ان ڪان سواءِ منهنجو هت گهارڻ کهڙي ليکي ۽ شمار ۾ آهي. متفق طور تي روايت آهي تہ هي وائي شاهہ صاحب جو آخري ڪلام آهي. انهيءَ لحاظ سان هنن سٽن جي معنيٰ کي ائين سمجهڻ بہ صحيح ٿيندو تہ: شاهہ صاحب (سنهڻي جي زباني) پاڻ پنهنجي ڳالهہ ٿو ڪري تہ: هِن مُني، هن حياتي جي آخري وقت ۾ الاهي عشق جي غلبي هيٺ انهن سڀني جا علاج رد ڪري ڇڏيا (جن اڃان ڪجهہ وڌيڪ جيڻ لاءِ حيلا پئي ڪيا ۽ اهڙيون مصلحتون پئي ڏنيون) چاڪاڻ جو:
"کهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري"!

سُر سارنگ

سُر سارنگ ۾ سانوڻ جي مندائتي مِينهن جو مانداڻ منديل آهي: مينهن جي پالوٽ سان اجايلن جي اڃ لهي ٿي، مال سکيو ٿئي ٿو، سانگي سَرها ٿين ٿا، پرديس ويل پورهيت وطن ورن ٿا ۽ وڇڙيلن جا ميلا ٿين ٿا. مينهن الاهي رحمت آهي، ۽ ان حوالي سان هن سُر ۾ سنڌ جي سڪار ۽ سڄي جهان جي سک ۽ آبادي لاءِ دعا گهريل آهي. ان مرڪزي موضوع سان گڏ، (الف) سارنگ جي رنگن سُرنگن، اتران اُٿندڙ ڪڪرن جي ڪوڙن ڪنگرن، ۽ ڪنوڻين وڄڙين جي کيلن وارو ماحول ۽ مانداڻ (ب) ۽ سانوڻ جي فضا ۾ سوڀياوان سانگياڻين جي حسن ۽ جمال جا اهڃاڻ ڏنل آهن جيڪي شاعرانہ اعجاز جا من موهيندڙ مثال آهن.

داستان پهريون

١

لَڳَهَ پَسُ لَطيفُ چئي، آگَمَ ڪِئا اللهَ
پَلَرَ جي پالوٽ سِين، پَٽَنِ جهلئا پاهَ
واحد وَڏائي ڪِئا، مَتي گسَنِ گاهَ
سانگِينِ وريا ساهَ، اُنَنِ آبُ اگُوندَرو.

٢

لَڳَهَ پَسُ لَطيفُ چَئي، آگمئو آهي
وُنو مينهُ وَڏقُڙو، ڪَدِو ڌَڻَ ڪاهي
ڄَنَ ڄَڏي پَٽِ پَئو، ٿَمَرُ سَنباهي
وِهو مَ لاهي، آسَرو اللهَ مان.

٣

آگَمَ اِيئن نہ انگَ، جِهَڙو پَسَڻُ پرينءَ جو
سيڻَنِ رءِ سَيِدُ چَئي، رُوح نہ رُڃَنِ رَنگ
سَهسين ٿِئا سارنگَ، جانِي آيو جُوءِ ۾.

٤

جانِي آيو جُوءِ ۾، تيو قَلبُ قَرارُ
وَهلو وڃان ٿِي وِيو ڪَري غَمُ گُذارُ
نِظارو نِروارُ، پِيَہ پَسايو پانهِنجو.

٥

مِينهان ۽ نِيهان، ٻَئِي اکرِ هيڪَڙي
جي وَسَڻ جا ويس ڪَري تہ ڪَڪَرَ ڪَنِ ڪيهان
بادَلُ تِي بِيهان، جي آگَمُ اچَڻَ جا ڪَري.

٦

وَسِي ساري راتِ، صُبُحَ جو ساهُ ڪَٽي
مون جئن مِينهَ پِرين جِي، جي تن ۾ هوئي تاتِ

د-١: ١. لَڳَه= تورا تورا ۽ ڇڊرا متي چڙهندڙ ڪڪر، ڪڪر جيڪي اڇي لڳا آهن (گهڻن سيني رسالن جي پڙهڻي 'لَڳَهَ' آهي؛ البت ڻ-١، عل ۽ نپ جي پڙهڻي 'لَڳَهُ'. لَڳَهُ= پري کان نظر ايندڙ ۽ چڙهندڙ جُهڙ). آگم= مينهن کان اڳ وارو مانداڻ جنهن ۾ گهُٽ، گرمي ۽ تورا هلڪا ڪڪر ٿين. پلر= مينهن جو پاڻي، تازي وسيل مينهن جو پاڻي. پاه= آلاڻ وارو ڏڪُ، رنگُ، ليپو. پٽن جهلئا پاه= سڄا پٽ گاه سان ساوا ٿي ويا، ڏڪجي ويا. سانگين= مال وارن. وريا ساه= سانگين ۾ ساه پيا، سانگي سَرها ٿيا. اُنن= انهن جي مٿان وَسيو. اگوندرو= خوشي ڏيندڙ ۽ گهڻو. ٢. آگمئو آهي= مينهن جو مانداڻ متو آهي. وڏ قڙو= وڏين ڦڙين وارو مينهن. ڌڻ= مال جا ڌڻ. ڪدو ڌڻ ڪاهي= واڙن مان مال ڪڍو ۽ جتي گاه آهي اتي ڪاهي هلو. ڄَن= هيٺاهين ايراضي، نشيب واري زمين (جيڪا مينهن جي پاڻيءَ سان ڀرجي وڃي). پَٽِ پئو= مٿاهين پٽ تي چڙهو. ٣. ايءَ= ايئن= اهڙي طرح، اهڙا. انگ= رَنگَ، چٽرَ (=سُهڻايون). پسڻ= ديدار (صورت جو)، مهاندو، صورت. سيڻن= سڄڻن. ٻہ پڙهڻيون (الف) 'روح نہ رَڃَنِ رنگ'= روحَ رنگ ۾ نہ رڱجن. (ب) 'روح نہ رُڃَنِ رنگ'= روحَ کي رنگ نہ وڻن، رنگَ روحَ کي ڪَش نہ اڇن. ٥. مينهان 'مينهن' جو جمع. نيهان= 'نيه' جو جمع. ٻئي اکر هيڪڙي= ٻئي برابر آهن (مينهن آيو تہ ڪَڪر ڪيهون ڪندا، ۽ جي نيه لڳو تہ عاشق دانهون ڪندا) مينهن ٻہ جڏهن وسي تڏهن وس= نينهن ٻہ جڏهن لڳي تہ لڳي وڃي! ويس ڪري= ڪڪرن کي جوڙي اچي. ڪيهان= گوڙيون. بادل= جهڙ. آگر= مينهن جي اچڻ جا آثار. آگر اچڻ جا ڪري= مينهن وسڻ جا آثار ڪري. (اصطلاح طور) محبوب اچڻ جي ڪري. ٦. ساه ڪٽي= وٿي ڪري ، وقفو ڪري. مون وانگر جيڪڏهن مينه کي ٻہ پنهنجي اندر پرين جي سک ۽ چڪ هجي.

تہ وِهاڻيءَ پرِياتِ، هوندَ بادَلُ بَسُ ٿِي نہ ڪَري.

٧

مُحب منهنجا سُپرين آڻيئِي اَللهُ
توکيَ سارِئو ساهہُ، اُکَنڊِئو آهُون ڪَري.

٨

پِيہ پَسايو پانهنجو نِظارو ناگاهَ
لُٽو ڪَٽُ قُلُوبَ تان ٿِي وِرِهَڻُ واهَ
اُميدون اَرواحَ، پِيہ پَسَندي پُنِيُون.

٩

آگَمَ ڪئو اَڇَنِ، سَجَڻُ سانوڻُ مِينه جئن
پاسي ٿَنِ وَسنِ، جي سڀ جَماندَرَ سِڪِئا.

١٠

سَجَڻُ سانوڻُ مِينه جئن جُهٽِڪَنِ پاسي جهوڪَ
ڏِيندا پاهَ پِٽَنِ ڪي منجهان مينهَنِ موڪَ:
لَسَ پيارِينِ لوڪَ، آگَمَ ڪِئو اکينِ سِين.

١١

مينڍِيو مِينهَ پُسائِيو، سُري ٿو سيلو
پَڪي پيهِي آئيو رَحمتَ جو ريلو
ساجَنُ سَويلو، پيہجَ پِنيءَ گھَرِ آئيو.

١٢

ڪَڪَرَ مَنجھ ڪَپارَ، جُهڙُ نيٽَنِ- ٽُون نہ لَهي
راتِ مُنهنجي رُوح ۾ اُنا پِرين اپارَ
آءَ ساجَنَ لَهہُ سارَ، وِرہَ ويڙهِي آهِيَان.

١٣

ڪَڪَرَ مَنجھِ ڪَپارَ، جُهڙُ نيٽَنِ- ٽُون نہ لَهي
جهَڙا منهنجا سُپرين، تِهَڙا ميگھ مَلارَ
ڳَڻُ اکيون ڪِلُ يارَ، وَجِنِ سُور سَنڌا ڪِئو.

١٤

وَسڻُ اڱڙِينِ ڪان جي تون سِڪيين مينهَ
تہ هُوندَ راتو ڏِينهَ، بَسِ بُونڊَنِئون نہ ڪَرِين.

١٥

ڪَڪَرَ هُونِ نہ هُونِ، مَينہُ مَنجهائِين نِڪَري
سارِيو سُپيرِينِ ڪي لُڙڪَ لَڙيو پُونِ
سي مَرُ رويو رُونِ، جَنِ مُسافِرَ سُپرين.

١٦

اَندرِ جُهڙُ جهورَ وهي، ٻَهرِ ڪَڪَرُ نہ ڪوءِ
وَسائِيندِي وِڄڙِي حُبُ جَنهين ڪي هوءِ
لالَڻُ جَنِي لوءِ، سي اوڪاڙِينِ نہ اڪِيُون.

وهاڻيءَ پرِيات= پوئين رات پرِيات جي، پرِيات پوري ٿيڻ تي بہ وسڻ کان بس ئي نہ ڪري. ٧. اڪنڊِئو= اُڪنڊ ۾ اڇي، سڪندي. آهون= دانهون. ٨. پيہ= محبوب. ڪٽ= ڪس، ميراڻ، مونجهارو، غم. قلوب تان= قلبن تان، دلين تان. ارواح= روح جون. ٩. آگم= گهِٽَ (واءُ جو بند ٿيڻ) ۽ وسڻ واري سنڀاءَ سان ڪڪرن جو چاڙهہ ڪري اچڻ (سانوڻ واري مند ۾). سڀ جماندرَ= ساري ڄمار. ١٠. جُهٽڪن= ٿورو ٿورو آواز ڪن، آهستي آهستي مسلسل پيا ڳالهائين (سندن مسلسل ڳالهاءِ وارو پڙلاءُ= مينهن جي وسڻ وارو مسلسل آواز). جهوڪ= سانگين جي منزل، مال وارن جو پڙاءُ. پاهہ= مصالحو جنهن سان اُٺ جي گر لهي صاف ٿئي. (اصطلاح) ساوڪ واري رونق. موڪ= گهڻو، عام جام، مينهن جي پاڻيءَ جي جهجهي پلٽ. لس= سَراسر هڪ جهڙو، يڪو، جملي وڏي ايراضي ۾ پاڻي جي اڃَ. آگم ڪئو اکين سان= محبوب پنهنجي مدَ پريل آبدار اکين مان، آب پريل چشمن مان پيارين= عام جام سڪايل عاشقن جي اڃ لاهين. ١١. مينڍيو= مينڍا، پيشانيءَ جي مٿان سينڌ جي ٻنهي پاسي ڪنن تائين ڳوپيل چِٽرا (ننڍين ڇوڪرين جا، ڪنوارين جا). سُري ٿو= هلي پيو، جاري آهي (جهڙ، ڪڪر). سيلو= وڏو ويڪرو ڪڪر، وڏو جُهڙ. ريلو= مينهن جي پاڻيءَ جي وَهُڪَ. ساجن= سجڻ. پيہج پنيءَ= وڏي پرِيات جو، صبح سويلو. ١٢. ڪڪر منهنجي مٿي تي ڇانيل آهن ۽ اکين تان جهڙ نٿو لهي (جو وسن پيون، ڳوڙها پيون ڳاڙين)= آءٌ سراسر سڪ غم درد ۾ آهيان. روح ۾ اُنا= روح تي چڙهيا، ياد پيا. ورہ= درد فراق. ويڙهي آهيان= وڪوڙي آهيان، ورتي آهيان. ١٥. مينہ منجهائين نڪري= مينهن اندر مان پيدا ٿئي= غم ۽ فراق سببان زار زار روئڻ ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ، مينهن وانگر وسڻ. لڙڪ لڙيو پون= ڳوڙها ڳڙيو پون. رويو رون= روئي روئي وري رئن. ١٦. جهور وهي= مسلسل پيو هلي، ڪڪر پيا هلن ۽ وسن. ٻهر= ٻاهر اڀ ۾. وسائيندي وڄڙي= عشق جي ڪنوڻ عاشق جي اکين مان مينهن وسائيندي. لالڻ= محبوب. لوءِ= ڳوٺ، وطن. لالڻ جني لوءِ= جن جو محبوب وٽن وطن ۾ آهي (ڪانئن پري ناهي). اوڪاڙين= وسي بس ڪن.

۱۷

اَندر جُهڙُ جهورَ وهِي، ٻَهَرِ نہ بَرسي بُوندَ
سَجَڻُ جِنهِين هُوندَ، سي اوکائِين نہ اکِيُون.

۱۸

مون منجهيئِي مِينهُ، کوهُ ڪَرِينديسِ ڪَکَرِين
سَرلَو سارو ڏِينهُ، مون پِريان جو نہ لَهي.

۱۹

اکِينِ جا آگَمَ، مون تان لاهِ مَ سُپِرين
کَري مَلارَ مِينهُ جئن وَسِي لاهِ وَهَمَ
تو ڏِني مون غَمَ، ڏِينهَنِ جا ڏُورِ ٿِئا.

وائي

کَرُ مَرُ کامي پَچي، آءٌ وِيندي دَر دوستَ جي
جِئائِين ڏُجُڻُ تَکيو، سَجَڻُ تِئائِين اَچي
وَسِئو مِينهُ وَڏَ- ڦُڙو، کي سَٽائِي سَچي
نُورا پايو نِيهَ جا، دَر پَلِي جي نَچي.

داستان ٻيو

۱

مُندَ تي مَندَلَ وَڄئا، تاڙي کي تَوارَ
اڄ پُڻ مُنهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪِئا.

۲

مُندَ تِي مَندَلَ وَڄئا، ڳَوري پِيہَ ساري
وَڏَڦُڙو واکا کَري اَنو اُونهاري
گهنگهَرُ گهَرِئُون گَڏِئو مِينهِڙَنِ ماري
کَکَرَ اڄ کاري، وارو ڏِنو وِڄڙيين.

۳

سَڄو صافُ نہ اَيِري سَرلِي وِڃان سِڄ
مُنہ چڙهيو کي ماڙهئين ڏئي واڏايُون وِڄ
هنيَڙا کَپُ مَ کِڄ، سِگها مِلندءِ سُپرين.

۴

سَرلِي سُونهَنِ سي، جَنِ گهرِ سَڄَڻَ سُپرين
جي وانديون وَرَنَ ري، تَنِ کي مِينهَنِ ميڙِئا.

۵

کُٽکَن کانڌَ چِتَ ڪِئو، جُهڙُ پَسِئو جُهٽکَنِ
سُٽِيو رَڙ رَعَدَ جِي کَليون ٽيون کَنبنِ
وارِثُ وَري ٽَنِ، اَچِي شال اولو کَري.

۱۷. ٻاهر مينهن جي بوند ناهي پر منهنجي اندر ۾ غم ۽ فراق جو جُهڙ چانيل آهي جيڪو پيو وسي. جن وٽ سڄڻ هوندو تن جون اکيون خوشيءَ ۾ پيون وسنديون، وسي بس ئي نہ ڪنديون. ۱۸. منجهيئي= مون ۾ ئي. ڪوه ڪريِنديس= ڇا ڪنديس. سَرلو= جُهڙ ۽ مينهن (هلندڙ يا جاري مينهن جنهن ۾ وقفي وقفي سان ڪڪرن وچان ڪنهن ڪنهن وقت سج جو شعاع). مون پريان جو نہ لهي= مون تان محبوبن جو (سندس سڪ ۽ فراق ۾ غم رئڻ) بند نہ ٿئي. وائي. ڪر= رقيب. ڪامي پچي= سڙي. ڏجڻ، ڏجهڻ= دشمن. تڪيو= ويهڻ واري جاءِ. د-۲-۱. مند تي= سانوڻ جي مند تي، مينهن جي مند آئي. منڊل= سَر منڊل ساز. منڊل وڄڻ= سازن جو وڄڻ= گوڙين ڪنوٽين سان گڏ مينهن جي وسڪاري جو آواز. تاڙي کي توار= تاڙي پکي ٻولي ڪئي (تاڙو پکي جنهن بابت اڃان تائين معلوم ناهي تہ ڪٿان ٿو اچي، پر جون ڪان وٺي سيپٽمبر تائين ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ٻولي ڪندو. اهي چار مهينا سنڌ ۾ مينهن جي مند جا آهن. عام ويساه تہ تاڙي تواريو تہ مينهن ايندو). منهنجي يار وسڻ جا ويس ڪيا= (الف) منهنجي محبوب مون تي مهربان ٿيڻ ۽ اچڻ جا ارادا ڪيا (ب) منهنجي يار سانوڻ، وسڻ جا نمونا ڪيا (ڪڪر ڪڍيا، ڪنوٽيون ڪيون). ۲. پِيہ= پيارو وَرُ، پيارو پتار (جيڪو پورهيي لاءِ پرديس ويو آهي پر مينهن جي مند ۾ موٽندو). وڏڦڙو= وڏن ڦُڙن وارو مينهن. واڪا ڪري= وڏا آواز ڪري. اُنو= وٺو، وسيو. گهنگر= ڏک ڏولائو. ڪاري= گوڙ ڪري. وارو ڏنو وڄڙيين= وڄڙين (ڪنوٽين) ڪي وارو ڏنو تہ گهٽو مينهن وسائين. ۳. سَرلو= جهڙ. سَرلِي= گهٽن گهاٽن ڪڪرن وچان سوڙهين سنهڙين وِٿين وارو جهڙ ۽ مينهن جن مان اَڌ مُنو سج ذري ذري چمڪي. منہ چڙهيو= سامهون چڙهي. کپڻ ۽ ڪِڄڻ= پريشان ٿيڻ، بيحال ٿيڻ، چڙڻ، اُلڪو ۽ ڳڻتي ڪرڻ. کَپ مَ کِڄ= پريشان ۽ بي حال نہ ٿي ۽ نہ اُلڪو ۽ ڳڻتي ڪر. ۴. گهر= گهر ۾. وانديون= اڪيليون. ميڙئا= پنهنجا ور پتار. ملايا. ۵. ڪٽڪن= ڏک وارا ڏُنڊڪارَ (نڙيءَ مان نڪرندڙ آواز) ڪن. ڪانڌ چت ڪئو= پنهنجن ورن (ڪانڌن) ڪي دل ۾ ياد ڪيو. جُهٽڪن= روئن. رڙ= وڏو آواز. رعد= گوڙ. ڪليون= هيڪليون. ڪنبن= ڏڪن. اولو= ڍڪ، بچاءَ.

٦

ڪُڙڪَنِ ڪانڌَ چِتِ ڪئو، جُهڙُ پَسئو جهجَنِ
وَرِي وانديِنِ اُڏِيا پَکا سي ء پُسَنِ
اُتَرُ ڏاهي اُنِ جا تہ ڪِنهِ ڪي ڪارُون ڪَنِ
ڪَليون ڪِينَ ڪُڇَن، ويچاريون وَرَنِ ري.

٧

گَنيرَ گَتَ سِگَنِ، چَلَڻَ جي چاهِ پَئي
هندُوا خَيرتَ ۾ پِئا، لالِي ڪي لَبَنِ
چِمَڪَنِ چوڏِسِ چَندر جئن وِڄُڙيون وِهسِنِ
لوچَن ٿيون لطِيفُ چَئي پَسَڻَ لئي پِرينِ
ڪيسَرَ ڦَريبَنِ، سَنباهي ساڻُ ڪِئا.

٨

اڳڻ تازِي، ٻَهرِ ڪُنديُون، پَکا پَٽِ سُونهَنِ
سُرَهِي سيجَ، پاسي پِرين، مَرُ تا مِينهَن وَسَنِ
اسان ۽ پِرينِ، شالَ هُونِ بَرابَرِ ڏِينهڙا.

٩

جهَڙِي لالِي لاڪَ جِي تهَڙي سارَنگَ سِٽَ
اِيئَنَ سي اَٻنِ اَنگِيا جِيئَن سي چُنِيءَ چَٽَ
بَرسيو پاسي پِٽَ، پَريائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

١٠

اَڄُ رَسِيلا رَنگَ، بادَلَ ڪَڍيا بُرجَ سِين
سازَ سارَنگيون سُرندَڙا بَجائِئين بُرچَنگ
صُراحيون سارَنگ، پَلٽِيُون راتِ پِدامَ تي.

١١

ٿَرُ گجِئو، بَرُ گجِئو، گجِئو ديسان ديسِ
واهَ ٿَنِي جي ويسِ، جي وِڄُون وَسَڻَ آئِيون.

١٢

وَسي ٿَڌِهن وَسَ، مُندَ مِڙيئِي مِينهَ جي
ڪَٽرُن ڪيٽا ڇِڏيا جي مِڙيون تي مَسَ
گابا متي گَس، ڏُڪَ نہ ڪَندا ڏُٻرا.

١٣

ڏَرَ رَيَا، ريجَ ٿِئا، ڪِي اوهِيرن اوڪَ
ميها ڇِيڙَ ڦَنگيُون، ٿِيا سَيئِي ٽوڪَ
چاڄَر ٿِي چِنُن ۾، مينهيُون چَرَن موڪَ
سَرهيون سَنگهاريون ٿيون پائين ٽَوسيُون طوقَ
لاٿِئين مَٿان لوڪَ، ڏوگاهي جا ڏِينهڙا.

١٤

رَحمَتَ پِريا راڄيَا، مولِيٰ مِينهَ وَساءِ

---

٦. ڪڙڪن= اٽڙ ڪن. جهجن= بيحد خوش ٿين. وري= ٻيهر. وانديِن= وانديِ تي ويٺلن. اتر= اتر جو مينهن ۽ ڇوهو واء. ڪارون= منٿون، ڪليون= ننڍي عمر واريون ڪنواريون. ورن ري= پنهنجن پٽارن ڪان سواءِ. ٧. گنيرَ= هاٿي. گت= چال، هلٽي (هاٿيءَ جي هلٽي سهٽي، پر هاٿي بہ پيا محبوب واري سهٽي هلٽي سکن) چاه پئي= شوق ۾ پئي. هندوا= مينهن وقت نڪرندڙ سهٽا ڳاڙها جيت، مينهن وَساڙا، مينهن جا ماما. لالِ ڪي لبن= (جئن جو) محبوب جي لبن لالائي ڪئي. وڄڙيون وِهسن= ڪنوٽيون خوش ٿين. لوچن ٿيون= سوجهن ٿيون، سوچن ٿيون، فڪرمند ٿين ٿيون. ڪيسر= زعفران، (اصطلاح طور) ڳاڙها سُرها ويس. ٨. تازي= تازي گهوڙا. ٻهر= ٻاهر، گهر ڪان ٻاهر. ڪنديون= مينهيون. پَٽِ سونهن= پٽ ۾ لڳل سونهن ڪن. ٩. سارنگ سِٽَ= سارنگ جي سٽاء، ساوڻ جي جُهڙ ۾ ڪڪرن جي سهٽي صورت. اُٻن= اڇي ٻاڦ مثل جڙندڙ ڪڪرن. انگيا= هڪ ٻئي سان جوڙي بيهاريا. برسيو= وسيو. ڪِراڙ= ڪراڙ واري ڏندي، گهٽن ڪرڙن واري ڏندي، پٽ شاه لڳ ڏکڻ پاسي واري ڏندي. ١٠. رسيلا= گهاٽا ۽ ڇٽا. برج سين= برج مثل چوٽيءَ سان. بَجائِئين= وڄايائين. برچنگ= (شاعرانہ اختيار وارو) ساز جو نالو. پَدام= ماڳ مڪان جو نالو. ١١. گجئو= گڙيو (۽ وسيو). واه ٿني جي ويس= تن جي سهٽي ويس ڪي واه واه! ١٢. وس= مينهن جو وسڻ ۽ ملڪ آباد ٿيڻ. ڪٽرن= ڪٽر مينهن ۽ ڳاين. ڪيٽا ڇڏيا= لتن هٽڻ ۽ ڦرڻ گهرڻ واري ڏنگائي ڇڏي. جي مِڙيون تي مس= (اهي ڪٽرون) جيڪي مس مس ٿي مِڙيون. يعني ڪير ڏيڻ لاءِ بس ڪري بيٺيون، راضي ٿيون. ڏڪ نہ ڪندا ڏٻرا= ڏوگاهي ۽ ڏڪار جا ڏُڪ ڳاين ڪي ڏٻرو نہ ڪندا. ١٣. ڏَر= ٻنا. رَيا= پريا. اوهيرن= مينهن جي ٽورن ٽورن وسڪارن. اوڪ= وارو وار. ڦُنگي، ڦنگيون= سانگريٽي ول (ع ف. سماروغ). جنهن جي ڏانڊي سِڌي اُڀي لمبي، ان جي لامن جون چوٽيون ٻار پٽي ڪائن ۽ ڪاٺڻ ۾ سُرهيون. سيئي ٽوڪ= سڀ شيون. چاڄر= ٻاڙيءَ جي اَڄ. چِنن ۾= هيٺاهين ۾، نشيب وارين اراضين ۾. ٽوسي (ج) توسيون= طوقن وارو ڳچيءَ جو ڳهہ، ڏهري. ١٤. رحمت پريا راڄيا= اي موليٰ مهربان.

ماڻهون ڏِيين مانِيين، ڏڻ ڏِيين سِين ڳاهَ
ايڏي سَڳهه سچا ڏٽي، توهي ڪي جُڳاءَ
ميڙائي جي ماءِ، ڪانگُ لَوندو ڪَڏِهين.

وائي

ڳهٽو ڳهرِجَن ماءُ، اَجُ ڳهرِجَن ماءُ
سجڻَ سانوڻ مِينهَ جئن

اوچي ماڙيءَ ڏئو ٻَري، ٻاهِر ڦُڙيءَ نڪاءُ
آءٌ پنهنجي پرينءَ ڪي لوڪان لِڪِي راءِ
ڪونجَ ڪُڪي، مورُ چِڙِڪي، پپيهل پِي پِي ڳاءِ
سَجڻُ آيو مون ڳِرِي، جِيئڻُ مون جُڳاءِ
ڪيرِ موهِيندو وَلهو، ڏيئي ٻانهَ ڳراءِ.

داستان ٽريو

١

اَجُ پُڻ اُتَرَ پارَ ڏي ڪَڪَر ڪَيائِين
مُنڌائِتَن مِينهَن جي رُتِ نه روڪيائِين
پَلرُ پَلٽيائِين، سَنگهارَن سُکَ ٿِئا.

٢

اَجُ پُڻ اُتَرَ پارَ ڏي ڪَڪَريون ڪاريُون
وَسي تو وَڏڦُڙو، ٿهڪَن تيون تاريُون
لَٿِين لُکَ لطيفُ چَئِي ڍِايون تاساريون
پِچَندي پَٽاريُون، وَرِي وَٿاڻين آئِيون.

٣

اَجُ پُڻ اُتَرَ پارَ ڏي ڪَڪَر تو ڪَري
واحِدُ وائِڙِينَ تي خالِقُ ڪَندُ پَرِي
پاساڙِئان پَري، سانگِ مَ وِڃن سُپَرين.

۴

اَجُ پُڻ اُتَرَ پارَ ڏي ڪَڪَر تو ڪَري
وَسِئو سي پَري، جي ڏڙ ڏينهن ڪانئِيا.

٥

اَجُ پُڻ اُتَرَ پارَ ڏي ڪارا ڪَڪَر ڪيسَ
وِڄُون وَسڻَ آئِيون ڪَري لالَ لبيسَ
پِرين جي پَرديسَ، سي مونکي مِينهَن ميڙِيا.

٦

اَجُ پُڻ اُتَرَ پارِ ڏي ڪَڪَرَ ڪِي چوٽِي
مُنڌائِتِي مِينهَن جي کِنوڻِ نه ڪوٽِي
آءُ لالَڻَ موٽِي، ڳهورِئا رُسَڻَ ڏِينهڙا.

٧

اَجُ پُڻ اُتَرَ پار ڏِي تو ڳجي ۽ ڳڙِي
وڄڙِين وَراڪا ڪَيا، وڏي تيزَ ٽڙِي
وَسِي وَڏڦُڙي، پَريا ٽَلَ ٽرائِيُون.

٨

اَجُ پُڻ اُتَرَ پارَ ڏي ڪَڪَر تو ڪَري
روضي پاس رَسُولَ جي پَلِٽئو پَٽَ پَري
وِڄُن ساڻُ وَري، ته سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

٩

اَجُ پُڻ اُتَرَ پارَ ڏِي ڪَڪَر ڪَيائِين

ماڻهو ڍِيين= ماڻهن کي ڍِئو ڪرائين. مانيين= مانين سان، ان سان. ميڙائي جو= وچڙيل سنگهارن کي ملائڻ جو. ماءِ= هڪ جاءِ، ساڳي جاءِ. ڪانگ لوندو= ڪانگ واڌائي طور لوندو، واڌائي واري ٻولي ڪندو. ڪڏِهين= ڪڏهين نه ڪڏهين، ضرور ڪنهن وقت. وائي. ماءُ= اي امان! راءِ= رائينديس، ريجهائينديس. ڪير موهيندو= پيار سان پنهنجي ڪندو. ولهو= ڳهوٽ، ور، ڀتار. ڏيئي ٻانه ڳراءِ= ڳچيءَ وٽان ٻانهن ڏيئي. د-٣-١. اتر پار= اتر طرف (سنڌ ۾ سانوڻ جو مينهن گهڻو ڪري اتر- اوپر طرفان ايندو آهي). رُت= موسم. پلر= مينهن جو پاڻي، پالار، پالهار. پلٽيائين= گهڻو وهايائين. سنگهارن= مال وارن. ٢. ٿهڪن تيون= کلن تيون (لفظي معني)، سايون ٿي لُڏن لَمڪن تيون. لُک= اُج ۽ اوس. ڍِايون= پاڻي پي ڍِئو ڪيائون. تاساريون= اجايلون. پچندي= وسندي مينهن ۾ پُسندي. ٣. ڪڪر تو ڪري (الف) ڪڪرن کي تو اپ ۾ آڻي، ڪڪرن کي تو ٺاهي. ڪند= وڏا تلاء. پاساڙئان= پاساڙن کان (پاساڙا= پٽن جا پاسا). ۴. ڏڙ= وڏا ڦوڙ، وڏا ڏار ڏار ۽ چلها. ڏينهن= سخت گرم ڏينهن. ڪانئيا= ساڙيا. ٥. ڪيس= ڪارا. لبيس= لباس. ٦. ڪوٽي= جيڪا ڪوٽ ڪري، ڳسائي ۽ نه اچي، اچڻ جو وعدو پورو نه ڪري. ٩. ڪيائين= ڏٽي تعاليٰ ڪَيا.

روضو پاڪَ رَسولَ جو ريجهي رَيائين
آٽي ڏِنائِين، عالمِ آبُ اگوندرو.

١٠

ڪَڪَرَ پَسو اَيَ ۾ اُتران جي اَچَنِ
اَبَرَ سَندي اوج ۾ وِجون وَراڪا ڪَنِ
وَسِي وَڏَڦُڙَنِ، ساٿيهُ سَڀِ سُکي ڪِئو.

١١

اُبون، ڪَڪَرَ، ڪَيَرُونِ، اُتَرَ ڏي آهِينِ
جو آگَمُ ڪَري آئِيُون تہ مُند نہ مَٽائِينِ
مَتان لوڪَ لَطيفُ چئي، گُوندَرَ گمائِينِ
پَلَرُ پِيارِينِ، اُچَنِ آبُ اگوندرو.

١٢

بَرَ وَٺا، ٿَر وٺا، پريُون ٽرايُون
پِرهَ جو پَٽَنِ تي ڪَنِ وِلوڙا وايُون
مَڱَڻَ پَرِيَنِ هَٽڙا سَنگهاريُون سايُون
ساري ڏَهَنِ سامُهيُون ٻولهايُون رايُون
ٻانهِيون ۽ ٻايون، پَکي سُونهن پانِهنجي.

١٣

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وَٺا، وَٺو جيسَرَميرُ
آگَمَ ڪري آئِيُون پاٽُر پَري پيرَ
لاٽائُون لطيفُ چئي واندين مٿان ويرَ
سُرهَا ڪِئائُون سيرَ، سَرهيون سَنگهَاريون ٿِيُون.

١٤

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وَٺا، وٺي ڪَڇَ ڪِنارَ
پُوجاڙيءَ پَٽَنِ تي ڏَسُ نايائون نارَ
سَباجهي سَتارَ، لاٽا ڏُرِتَ ڏيهہَ تان.

١٥

حُڪمُ ٿِيو بادَلَ کي تہ سارنگَ ساٽَ ڪَجِنِ
وِجُون وَسَڻَ آئِيُون ٺَہ ٺَہِ مِينهَن ٺَمَنِ
جَنِ مَهانگي مَيڙِيو سي. تا هَٽَ هَٽَنِ
پَنجن مان پندرهن ٿئا، ائين تا وَرق وَرَنِ
ڏُڪاريا ڏيہَ مان مُوذِي سَڀ مَرِنِ
مِينهيون پاڻَ مَراديون ٿَڏا ٿَر چَرَنِ
وهُکي جَنِ وِرَهيه ٿِئا، مونئو سي مِڙَنِ
وَري وَڏيءَ وَسَ جون ڪِيون ڳالهيون ڳنوارَنِ
سَيِدُ چَئي سَپِنِ، آهي توهَ تُنهِنجو آسرو.

١٦

واڳِنا جي وَجَهَ سِينِ، رُبُ نہ سُجاڻَنِ
ميڙيان ميڙيان ڪَنِ، اِيءَ ميڙَ مُهندِينِ ڪَڏهِين.

ريجي= رجائي. ريائين= پوريءَ طرح پريائين. عالمِ= عالم ۾، جهان کي. اگوندرو= بي غمو، خوشيءَ وارو. ١١. اُبون= ٻاڦ جهڙا ڪڪر. ڪيرونِ= هڪ ٻئي پويان قطارون ۾ سنگهرُون. مند نہ مٽائين= ضرور وسن، وسڻ جي مند نہ مٽائين. گمائين= گنوائين، لاهين، ختم ڪن. آب اگوندرو= صاف سنو پاڻي جنهن ۾ ڪو ميل نہ هجي. ١٢. وَٺا= وسيا، وُٺا. ترايون= تانگهيون ڪڏون، ويڪرا تانگها تلاءَ. وِلوڙا= ڏڌ يا کير جا ولوڙا. ڪن ولوڙا وايون= ولوڙا وايون پيا ڪن، ولوڙا آواز پيا ڪن، ولوڙن جا آواز پيا اچن. سنگهاريون= مال واريون. ساري ڏهن= سنڀاري ڏهن (تہ جئن ڪا ڳئون ڏهڻ کان سواءِ رهجي نہ وڃي). سامهيون= سامهون ايندي ئي (جڏهن جهنگ چري، وٿاڻ تي اچن پيون). ٻولهايون رايون= ڳئن جا ٻہ قسم. (رنگ جي لحاظ سان). ٻانهيون= خدمتگار. ٻايون= سانئڻون. ١٣. جيسر مير= جيسلمير. آگم ڪري= گرمي گهٽ ۽ مٿان ڪڪر ڪري. آئيون= ڪنوٽيون ٿيون، وڄڙيون آيون. واندِ (جمع) وانديون= اصل ماڳ مڪان يا ڳوٺ کان ڪجهہ مفاصلي تي ٻاهر، مال جي سنڀال خاطر، عارضي رهائش لاءِ اڏيل جهوپڙا. واندِي= (ج) وانديون= اڪيليون (جن جا ور ٻاهر پورهيي لاءِ ويل ۽ پاڻ اڪيليون). سير= اڇڻ وڃڻ جا گس ۽ پيچرا. سرهيون ٿيون= خوش ٿيون. سنگهاريون= مال واريون. ١٤. ڪڇ ڪنار= ڪڇ جي ڪنار، ڪڇ ملڪ جي سرحد واري وٽ. پوجاڙي= پوجاڙيءَ جو، پوئين پَهرَ. نايائون= ڪڪرن ۾ وڄن نايا، پَلٽيا. نار= پاڻيءَ جا نارا. ١٥. ساٽ ڪجن= مينهن لاءِ (ڪڪرن، گوڙن، ڪنوٽين وڏ ڦڙن واڪن جون) رنگ رونقون ڪجن. مهانگي= مهانگي لاءِ، سهانگو خريد ڪري پوءِ مهانگو ڪري وڪڻڻ لاءِ. ١٦. واڳنا= ڳنڍيا، واسطيدار ٿيا، هريا. وجہ= وجہ معاش، ملندڙ وظيفو، ملندڙ مال ۽ پئسا. مُهندين= مارينديں.

۱۷

بِرهَ منجهارا بوندَ، اچي جي عالَمَ کي
تَہ 'هَي هَي' بانگَ هُوندَ، ٻي ٻولي ٻُجهنِ ڪانہَ ڪا.

وائي

اکيان ميگهہ، مَلارَ، صُورَتَ تُنهنجي سَڀُ جَڳُ موهيو
سَجَدو فِيلَ فِي الحالُ ڪِئو، پَسي مُطلبَ نُورَ نروارَ
جاڻِ وَقتَ وَريامَ جي، ڪِريا ڪُنگرا ڪوٽ ڪُفارَ
آڳي آسمانِ جو- توکي ڪارِئو سَيرُ سَتارَ
"وَلَسوفَ يُعطِيکَ رَبُّکَ فَترَضيٰ"، توسِين قادِرَ ڪِئا قرارَ
اَکَنڊِئا جي اَبرَ کي، سي سَرهَا ٿِئا سَنگهارَ
موکَل تي مِينهنِ کي دوستَ هَٿان دِلدارَ
آهِن ڪَرَمَ ڪَرِيمَ جا اَحمدَ ساڻُ اَپارَ.

داستان چوٿون

۱

سارنگُ سِينگاري، وڄُون وَسڻَ آئِيُون
مونکي ڪنوڻ خوش ڪيو جا ڪَڪَرَ ۾ ڪاري
جُهڙِنِ جُهونگاري، لاٿُم ڪَٽُ قُلوب تان.

۲

آڱمِجي آئِيُون، اُتران ڪَري اُورِ
جي پِرين هُتَڙا ڏُور، سي مونکي مينهَن ميڙِئا.

۳

سارنگُ سِينگاري، وڄُون وَسڻَ آئِيُون
اُڃِئا لَکَ لطيفُ چَئي پَلَرُ پِياري
وِڄُڙِينِ واري، ڪَعبي تي ڪَرَ نائِيا.

۴

مَڪي ڪان ٿِي موٽِيُون اُنيون تي عرفاتَ
روضي پاڪَ رَسولَ جي ريجهہ ڪَيائُون راتَ
وِڄُڙِيُون پِرياتِ، موٽي مِصرِ آئِيُون.

۵

روضي تان رَسُول جي وِڄُڙِينِ ڪِئو وارو
پَرِياڻُون پيرَ پَئي نَظَرَ سِين نارو
هادِيءِ پَرِ حُڪُمَ سِين هر ٽُڙُ تاسِيارو
نِرمل نِظارو، پِيَہ پَسايو پانهِنجو.

۶

واهُندَ-ئان وِڄُ ٿِي، ڳُڙيو ڏُونہُ ڳنباٽَ
ڪُنڊيون ڪاهي ڪَسِ ڪَريو، وَڄُون ڪَريو واٽَ
سَنگهارَنِ سُکِ ٿِئا لَٿي اُڃَ اُساٽَ
جُهڙِ ڦُڙِ ڏيئِي جهاٽِ، پُسائِيندو پَٽِيُون.

۱۷. برہ= وِرہ، درد، فراق. بوند= مينهن جي سنهڙي بوندار. تہ 'هي هي' بانگ هوندَ= تہ هوند جهان ۾ 'هئي هئي' جي وائي هجي ها. ٻي ٻولي ٻجهن ڪا نہ ڪا= ٻي ڪا ٻولي ماڻهو ڄاڻن ئي ڪانہ ڪا (اها ئي هڪ 'هئي هئي' واري ٻولي هُجين ها). وائي. هي وائي جناب نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي شان ۾ 'ابرِ رحمت' هجڻ جي اعتبار سان. اکيان= اکيون. اکين ۾ (مَحبوب جي). پسيءِ مطلب= حضور جن جي ڏاڏي عبدالمطلب جي چمڪندڙ پيشاني ڏسي، 'فيل' نالي هڪ ڪاهن سجدو ڪيو (تہ هن جي پُٺيءَ مان نور وارو نبي پيدا ٿيندو). ڪُنگرا= ايران جي شهنشاہ جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڪريا. ڪارِئو= ڪرايو. سير= معراج وقت سير. وَلسَوف يُعطيکَ- الخ= قرآن شريف جي سوره 'الضحيٰ' جي آيت نمبر (۵)= 'سگهوئي تنهنجو رب توکي ڏيندو ۽ تون خوش ٿيندين'. ابر کي= جهڙ کي. سنگهار= مالدار. احمد پاڻ سڳورن (صلي الله عليہ وآله وسلم) جو ٻيو نالو. د-۴-۱. وڄون سارنگ کي سينگاري وسڻ آيون. سارنگ= ساوڻ واري مينهن جي مند. جا ڪڪر ۾ ڪاري= جيڪا ڪاري ڪڪر ۾ آهي. جهونگاري= هَلڪيون هَلڪيون گوڙيون ڪري (مينهن وسائي). ۲. اور= تِک ۽ تيزي. ۳. سارنگُ سينگاري= سارنگ (ساوڻ واري مينهن جي مند) کي سينگاري. پَلرُ (پالار، پالهار)= مينهن جو تازو پاڻي. پياري= سارنگ (فاعل) ٿو پياري. واري= ورائي، وري. ڪر نائيا= ڪَکرن جا ڪَرَ ناتا. ڪر= چوٽيون. ۴. ريجهہ ڪيائون= ريجهي خوش ٿي گهڻو وسيون. ۵. وارو= وري وري وسڻ. پير پَئي= گهُمرا ڏيئي، گهمرا ڪري. تاسيارو= اجايل. ۶. واهُندئان= واهُند (ماگ) واري طرف کان، اتران. ڏونہ ڳنباٽ= ڳنباٽ ڏانهن (ڳنباٽ جو قلعو، ڳنب مٿِي جي قلعي وارو ماڳ، پٽ شاہ کان اوير ويجهو اوير ۽ ٽنڊي آدم ڏانهن ويندڙ رستي جي اتر طرف هو. (راقم قلعي جي ڳنب وارين پٽين جا ڪنبر ڏٺا هئا). ڪُنڊيون= مينهيون. ڪس ڪريو= ڪس سان ڪريو، ڇن مان ڪڍي مٿي ڪنڌيءَ تي ڪريو. وَڄون= نُنڍيون پاڏيون. ڪريو واٽ= ڳس سان ڪريو، پري ڪاهي وڃو. ڏيئي جهاٽ= جهٽڪو ڏيئي، اوهيرو ڪري. پٽيون= زمين جون پٽيون، گهڻو ملڪ.

٧

سارَنگَ کي سَعيو، توکي سَعيو نہ ٿِئي
گَڙي ٿو گنباٽ ۾، آيو کِين آيو
مَتان اِيئن ٻانيو، تہ بادلَ وَسِي بَسِ کِي.

٨

وِڄون وَسڻ آئيُون سارنگُ سينگاري
بَرسِي ٻَناري، پريائين پَٽ پُراڻَ جا.

٩

پري پٽ تي آئِيو، سارنگُ سَهجَ منجها
کِڙيُون کنٺهارَ جِئن وِڄون اُترَ واءِ
سَرَ سُکا سبز ٿِئا، ڊامَڻَ ڊِٻَ کِيا
پَهِري پَٽِنِئا، پَريائين کُنَ کِراڙ جا.

١٠

گُنگوجِي- ٿان گوڙ تي، کَهيو کاهُوجِيءَ ڏانهَ
وُٺو مينهُ وَڏڦُڙو ڇُري پَريائين چاهَ
ڏيئي پَٽَنِ پاهَ، پَريائين کُنَ کِراڙ جا.

١١

پَريائِين کُنَ کراڙ جا، وُٺو وارياسو
گُوٽيتيءَ کنوَڻَ جو چڱو چَوماسو
ماکاٽِيءَ تَاَن موٺيو ڏيئي پُهِيءَ پاسو
خالقَ کِئو خاصو، ڇيهو چُکِيءَ کَندِيين.

١٢

ڇيهو چُکِيءَ کَندِيين، کَئائين گڙنگ تي گُلَ
هَڏا کُنِئان هَليو پَري تَرايُون تَلَ
آندئين آبَ اُڇَلَ، مَٿي باغ بَهاريو.

١٣

ڍَٽِ ڍُري پَٽ پيئيُون، آيُون عُمَرکوٽ
پُساياٿُون پَلَرَ سِين سُکا پَٽ جي سوٽ
ڇَئِنچَلَ ڏيئي چوٽ، سامارو سَرِ کَئو.

١٤

ڍَٽ ڍُري پَٽ پيئيُون، آيون کاهي کاماري
وَٺا پَٽ پُراڻِ جا، وَٺيون ساماري
کَکَر ۾ کارِي، پَسو وِڄُڙِيَن ويسَ کِئا.

١٥

ڍَٽِ ڍُري پَٽ پيئيُون، ٿِئا وَلهارين وِيءَ
شمسُ قَمَرُ نہ پاڙِيان سيڻَن جيءَ شَبيهَ
جي جانِي اَندرِ جِيءَ، سي ٻرين پيهي کَهرِ آئِيا.

١٦

ڍَٽ ڍُري پَٽ پيئيُون، آيُون اَبُوءَ جَهلَ

---

٧. گنباٽ ۾= گنباٽ طرف. آيو کين آيو= جاڻ تہ آيو. بس کي= برسات ختم کئي. ٨. برسي ٻناري= ٻناري ماڳ تي وسي. پُراڻ جا پٽ= پُراڻ درياءَ واري وهڪري وارا پٽ. پُراڻ (عام مؤنث طور استعمال ٿيندڙ)= سنڌو ندي جو اڳيون وهڪرو جيڪو نواب شاهہ ۽ سڪرنڊ جي وچ ڊاري اوڀر- ڏکڻ طرف ڦريو ۽ (موجوده وقت جي نواب شاهہ، سنجهوري، ميرپورخاص ۽ ڊگهڙي تعلقن مان وهندي، 'جهڏي' ۽ نئين کوٽ کان هيٺ ڏکڻ طرف ٻناري وٽان وڃي ڍوري ناري سان گڏيو). ٩. پري= راضي ٿي. سهج منجها= چاهہ ۽ ذوق مان. کڙيون= چمڪيون. کنٺهار جئن= کنٺهار جي گلن وارو رنگ کري. اتر واءِ= اتر واري واءِ لڳڻ سان. ڊامڻ= گاهہ جو نالو. پهري= پکڙي، هلي چلي. ١٠. گنگوجي-ٿان= 'گنگوجي' ماڳ کان. کهيو= هليو (مينهن). کاهوجي= ماڳ جو نالو. چاهہ= وڏا اونهان ڏر، کوهہ. ڏيئي پٽن پاهہ= پٽن کي پاهہ ڏيئي، پٽن کي ڌوئي صاف کري. ١١. کُن کراڙ جا= کِراڙ ڍنڍ جا اونهان پاسا. وارياسو= کنهن پٽ يا پاسي جو نالو. کوڻ= کُنڊ. کوٽيتي= کوڻ واري، کُنڊائتي، اتر جي کنڊ واري. ماکاٽي= ماڳ جو نالو. پُهي. ماڳ جو نالو. ڇيهو= گاهہ جو نالو. چُکي= ماڳ جو نالو. ١٢. گڙنگ= ماڳ جو نالو. گُل کئائين= وڏي وس کري گاهہ ۽ گل کيائين. هڏا کنئان= هَڏا کُٽ يا هڏا کُٽي ماڳ کان. تل= وڏيون هيٺاهيون ايراضيون. باغ= ماڳ جو نالو. ١٣. ڍٽ ڍري= ڍٽ واري پاسي کان ڍُري، آهستي آهستي وڌي پٽ پيئيون= 'پَٽ' واري ٻاڳي تي وسيون (وڄون). پلر= پالار، مينهن جو پاڻي. سوٽ= سُکل ۽ سخت. ڇئنچل= (سهڻي صفت) سهڻي (سارنگ). ڏيئي چوٽ= چوٽ ڏيئي، وڏي سَٽ ڏيئي. سامارو= ساماري وارو ٻاڳو. سر کئو= سڄو مينهن سان ڍکيو، سڄي کي مينهن هيٺ آندو. ١٤. کاماري= کاماري تي. کامارو= مشهور ماڳ جو نالو. ويس کيا= رنگا رنگي تجلا کيا. ١٥. ولهار= نشيب واري ايراضي (جنهن ۾ مينهن جو پاڻي بيهي). شمس قمر= سج چنڊر. پاڙيان= برابر کريان. سيڻن جي شبيہ= سڄڻن (محبوبن) جي صورت سان. پيهي= اندر گهڙي. ١٦. ابُوءِ جهل= ابو جبل لڳ.

پيئيون پارڪرَ تي، ڪَري آبَ اُڇَلَ
ٿَرايُون ۽ ٿَلَ، سَڀ پَريائون سِڪَ سِين.

۱۷

ڏَٺ ڏُري پَٽ پيئيُون، وِڄُون ويسَ ڪَري
مينهَن وَسِي مُلڪَ جا ڇَڏيا ٿَلَ پَري
قادِرَ ڪَرَم ڪَري، سُڪا پَٽَ ساوا ڪَيا.

۱۸

ڏَٺ ڏُري پَٽِ پيئيُون، پاسي پارڪَرَ
سَڀَ پَرياڻُون سَرَ، پَلَرَ جي پالوٺ سِين.

۱۹

اَڇِي اَڇَ اُڪتيُون، ڪِئائون پُرِ پُراڻَ
وَسي وِڄُڙيَن ڪاڻَ، لاٿِي ڪَڇَ وَٽَنَ تان.

۲۰

ڏيئِي ريڄُ راڻڪَ ڪي، ڪيائِين لُوٽَڙِيءَ تي لَلُ
ڏَلهي ڇِڏيائين ڏُڙهه ڪي، پَڌريي پريائين پَلُ
آڻيئين آبَ اُڇَلَ، موڪَلَ تِي مِينهَن ڪي.

۲۱

موتِي مانداڻَن جي جُڙِي ڪَيائين جوڙَ
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ٻَهِ ٻَهِ ٻَنڌين ٻوڙَ
اُنَ جا عالَمَ ۾ خاوند ڪِئا ڪوڙَ
سارنگَ لاٿِي سوڙَ، ساندهِ سَهائو ٿيو.

۲۲

موتِي مانداڻَن جي پري ڪَئائين پيچَ
وِڄون وَسڻَ آئيُون، سارَنگُ چَڙهيو سيجَ
تِنه نُوٽيُون سَڀِ نَوازيُون، ڏِنَن ڏيئي ڏيچ
ٻِجَ ڳَٽِي پَٽِ هَلِيَا هاري منجهان هيج
راضِي منجهان ريجَ، عالَمَ سَڀُ آبادُ ٿئو.

۲۳

موتِي مانداڻَن جي واري ڪِئائِين وارَ
وِڄُون وَسَڻَ آئِيون چوڏَسيين چَوڌارَ
ڪي اُنيون استنبول تي، ڪَن مَٽِئو مَغربَ پارَ
ڪي چَمڪن چينَ تي، ڪي لَهَن سَمَرقند سارَ
ڪي رَمِي ويئون رُومَ تي، ڪي ڪابُلِ، ڪي قنڌارَ
ڪي دِلِي، ڪي دَکَنِ، ڪي ڳَڙَنِ مَٿي ڳِرنارَ
ڪي جُنبيُون جيسَرَ ميرَ ڏي، ڪي بيڪانيرِ ٻَڪارَ
ڪي پُريون پنجاب ڏي، ڪي هَلِنِ مَٿي هالارَ
ڪَنِي پُجُ پڄائيو، ڪَنِي ڏَٺَ تي ڏارَ
ڪَن اَڇِي عُمَرڪوٽَ تان وَسايا وَلهارَ
سائِين سَدائين ڪَرِين مَٿي سنڌُ سُڪارَ
دوستَ مِناَ دِلدارَ، عالَمُ سَڀُ آبادُ ڪَرِين.

وائي

آئِي مُنـدَ مَـلارَ،

آءٌ ڪُنهَنبا ڪَنديَسِ ڪپڙا

وَسَڻَ جا ويسَ ڪَئا، اَڄُ مُنهنجي يارَ
لَٿِي ڪَسُ قُلوبَ تان، تاڙِي ڪِي ٿوارَ
اُتران تي آئيو ڪَڪَرُ ڪارونيارَ
روضي پاسِ رَسُولَ جي اُنو آبُ اپارَ
ٿَرَ بَرَ وِڄُون وَٺيون، سرها ٿيا سنگهارَ.

❖

پارڪر= ايراضيءَ جو نالو. ۱۹. اڇ= اڇ تي (اڇ هڪ ماڳ جو نالو ننڍي باگي طرف). اڪتيون= نڪتيون، پهتيون. ڪئائون پر پُراڻ= پُراڻ جي ڊوري ڪي پاڻيءَ سان پريائون. ڪاڻ لاٿي= ميار لاٿي (ڪڇ جي وٽن ڪي سائو ڪيائون).
۲۰. راڻڪ، لوٽڙي، ڏُڙهه ۽ پڌريو ماڳن جا نالا. ڏلهي ڇڏيائين= پري ڇڏيائين. پَل= گهڻو پاڻي. ۲۱. جڙي ڪئائين جوڙ= ناهي جوڙي سهڻي سنّاء ڪيائين. ٻنڌين ٻوڙ= 'ٻَنن' ڪي، وڏن 'ٻنڌن' ڪي ٻوڙيندڙ. ڪوڙ= ڊِڳ. سوڙ، سوڙهه= گهُٽ، تڪليف. ۲۲. نوٽيون= نمنديون، هيٺاهيون. ڏِنا= مٿاهيون. منجهان هيج= وڏي خوشيءَ مان. وائي. ڪنهبا= ڳاڙها، رنگين سهڻا، ڪنهنبي رنگ جا. منهنجي يار= (الف) منهنجي مالڪ، منهنجي سائين (ب) منهنجي سانوڻ. تاڙي= تاڙي پڪي.

شاھ جي رسالي جو ڪلام

سُر ڪيڏارو*

ڪيڏارو معنيٰ جنگ، ۽ سر ڪيڏاري جو مکيه موضوع بہ ڪربلا جي واقعي واري وڏي جنگ آهي جنهن ۾ امام عالي مقام ۽ سندس سورهيہ ساٿين شهادت ماڻي. ”حسن مير حسين جي سٽي جنگ جهان“.
هن سر جي بيتن ۾، شهادت لاءِ امام عالي مقام جي پڪي پختي عزم ۽ سندس صبر ۽ سورهيائي جا پيرائتا پار ڏنل آهن ۽ پڻ شهادت تي غم ۽ الم جو اظهار آهي. تصوف جي روحاني رمز ۾ ”ڪربلا جي قضيي“ کي الاهي اسرار جو اعليٰ درجو ڏنل آهي، جنهن موجب خالق مالڪ پاڻ ئو پنهنجن پيارن کي کهائي ۽ آزمائي.

دوست کهائي دادلا ئو محب مارائي
خاصَ خليلن کي سختيون سهائي
الله الصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي
اِئهين ۾ آهي، ڪا اونهين ڳالهہ اسرار جي.

داستان پهريون

١

ڏنو محرمُ ماهُ، سَونڪو شَهزادَنِ ٿئو
چائي هيڪُ اَللهُ، پاڻَ وَٽنديون جو ڪَري.

٢

ڏٺو محرمُ ماهُ، سَونڪو شَهزادَنِ ٿِئو
مَڪي مَديني ماڙهوئين رُنو مَٿي راهَ
تِنهِ واحِدَ کي واهُ، جو حُڪمُ هِهڙائِي ڪَري.

٣

محرم موٽِي آئيو، آيا تان نہ اِمامَ
مَديني جا ڄامَ، موليٰ مون کي ميڙئين.

٤

مِير مَدِينئان نِڪَري، ڏيرا ڏِنائُون
ڳانيءَ پاٽيءَ ڳاهَ کي ماڙهو مُڪائُون
چڙهندي چَيائُون، ٽِيندِي ويڙهَ وَڏاندَرِي.

٥

مِيرَ مَدِينئان نِڪَري رِڙها مَٿي رَندَ
گهوڙا ٽَنِ گهوٽَنِ جا، پُرِئا مٿي پَندَ
جِتي رَهِنِ راتِڙِي سي سُونهارا هندَ
ڪُلها ڪَرنگهَرَ ڪَنڌ، جُهرَنِ جهونجهارَنِ جا.

٦

ميرَ مَدِينئان نِڪَري، آيا نہ موٽِي
ڪارا رگِج ڪَپِڙا ادا نيروٽِي
آءٌ تِنه لئي لُوٽِي، جٺن مِيرَ مُسافِرَ مارِئا.

٧

سَختِي شهادَتَ جِي مڙوئي مَلارُ
ڏرو ناهِ يَزِيدَ جو، اِيءُ عشقَ جو آثارُ
ڪُسَڻَ جو قرارُ، اَصلِ امامَن سِينِ.

٨

سَختِي شَهادت جِي مَلارُ مڙوئِي
ڏرو ناهِ يَزِيدَ جو، آثارُ اُهوئِي
ڪُسَڻُ هو ڪوئِي، اَصلِ امامَن کي.

٩

سَختِي شَهادَتَ جِي، سُڻُ شادِيءَ جو ڏِينهُ
ڏرو ناهِ يَزِيدَ جو، اِيءُ نِسورو نِيهُ
محبتَ اُنو مِينهُ، عليءَ جي اولاد تي.

١٠

سَختِي شَهادَتَ جِي نِسوروئِي نازُ
کي رِندَ پَروَڙِنِ رازُ، قَضِيي ڪَربلاءَ جو.

---

* [رسالي جي عام مشهور بمبئي ڇاپي ۽ ٻين گهڻن رسالن ۾ ’سر ڪيڏاري‘ هيٺ جملي ڇهہ داستان ڏنل آهن. موجوده تحقيق دوران وڌيڪ ١٤ بيت ۽ ٣ وايون دستياب ٿيون جن کي ’داستان ستين‘ هيٺ رکيو ويو آهي. اهو داستان هڪ نئون اضافو آهي جيڪو هن تحقيق ذريعي پهريون ڀيرو شامل ڪيو ويو آهي.]

د-١-١. سونڪو= اُلڪو. ٤. ڏيرا ڏنائون= منزل ڪيائون. مڪائون= موڪليائون. ٥. رند= راهہ. ٦. لوٽي= لهسجي ڪاري ٿي. ٧. ملار= ملاري جي مند. آثار= اثر. ٩. محبت اُنو مينهہ= محبت جو مينهن وٺو.

١١

قضيو ڪربلا جو مڙوئي مَلارُ
ڳالهه سچيائي ڳُجهه جي، اِلاهي اِسرارُ
مالڪُ تيو مختارُ، پنهنجن جُون پرکون لهي.

وائي

مينديِ لاوڻ ڏي لال، جيوين شاهه مينديِ لاوڻ ڏي
جيوين قاسم شاهه سيج وِڇاوڻ ڏي
مينديِ تيڏي رَنگ رَنگيلِي، چوٽا لال گُلال
ما پيو ڏِٽڙِئي سِهرا قبر نِماٽيدي نال.

داستان ٻيو

١

جهيڙو لاهي يَزِيدَ، عَليءَ جي اولادَ سين
ڪانءَ پسندين عِيدَ، هُوندي جا حسينَ سين.

٢

جَنِي جهيڙيو اڄ، عَليءَ جي اولادَ سين
پئي تني جي پَڄ، جي جماعَتي يَزِيدَ جا.

٣

جَنِي جهيڙيو ڪالَ، عَليءَ جي اولادَ سين
هَئي تِني جي حالَ، جي جماعِتي يَزِيدَ جا.

٤

ڪِلي ويرَ ڪَنڪَ ۾، هَئي جي حَسَنُ هوءِ
پيڙو پنهنجي پاءَ تي هوندَ پَتنگَ جِئن پوءِ
آهي ڪيرُ ٻِئو، جو ڪَري هَلانِ مِير حُسين تي.

٥

ڪِلي ويرَ ڪَنڪَ ۾ سائُو سَڀ نہ هُونِ
پِڙَ تي سيئِي پُونِ، موٽَڻُ جَنِي ميهٽُو.

٦

ڪِلي ويرَ ڪَنڪَ ۾، پاکَرَ جو پائي
اَڄان اُنِ ڪي جِيَڻَ جو آسانگو آهي
سُورهيهُ سو چائي، جو رُڳوئي رڻِ چڙهي.

٧

حَسَنُ ناهِ حُسينَ وَٽِ، نہ ٻيلي نہ ٻانهُون
ساٿيهُ شهزادَنِ جو، آهي آڳاهُون
يَزِيدُ جُلاهُون، تيلانهَ ڪَري تو تڪڙيُون.

٨

حسنَ مِيرَ حُسينَ جِي سُئِي جَنگَ جَهان
اَڏاٽا اورِ ڪَري ڪارين پَڪِين ڪان
پِيءُ ڏاڏاٽا پاڻ، سَيِدُ سَڀَ مَلهائِيا.

٩

حَسَنَ مِيرَ حُسينَ ڪي رُنو تِنِ تولَنِ
گهرِ ماٽِهن جهنگ مِرُن اَيِنِ ۾ مَلڪنِ
پَڪِينِ پاڻُ پَچاڙِئو تہ لَڌيو هوتَ وَجِنِ
اللّٰه شهزادَنِ، سويون ڏِيين سَچا ڏٽِي.

١٠

حَسَنَ مِيرَ حُسينَ جو جَنِ نہ هِنيَڙي جارُ
خالِقُ رَبُ جَبارُ، ڪِينَ مَرهِيندو تِن ڪي.

١١

پاوَنگُ اُيو پِڙَ ۾ هَٽي هَزاري هولُ
جَنهورَ ۾ جَڙاءَ سين ڪامِلَ سِرِ ڪنگولُ
رَتو رَتَ رتولُ، مولهيو مِيرَ حُسينَ جو.

وائي

داغ سِيني پَر غم ڪا هي،
ماتم ڪاهي،
قاسم ڪا،
جَهندا جُهلِئا خبر نہ آئي،
سوز ڪرو شاهه حُسين ڪا.

١١. قضيو= واقعو. الاهي اسرار= الاهي راز. وائي. سهرا= موڙ. د-٢-٢. جهيڙيو= جهيڙو ڪيو. پئي تني جي= تن جي پران. ٤. ڪلي وير= جنگ وقت. ٥. سائو= جيڪي صبر ۽ همت سان سر ڏين. ٦. پاکر= ٻانهن واري وڏي زِرهه. اهي آسانگو= آسرو. چائي= چوائي. رڻ چڙهي= جنگ ۾ جُنبي وڃي. ٨. اور ڪري= تکا تيزيءَ سان. ڪارين پڪين ڪانءَ= اهي ڪانءَ جن جي پاسن وارا پک (کنيِ) ڪارا آهن. ١٠. جار= وڍ، ڏک. ١١. پاونگ= پهلوان.

داستان ٽريو

١

ڪُوپا ڪِلي ڪوڏِيا راوتَ ڪِينَ رَهَنِ
سائُوئَنِ سِرَ فِدا ڪَيا اڳيان اِمامَنِ
يُجاهِدُونَ فِي سَبِيلِ اللهِ، ڪَرُ اِهوئِي ڪَنِ
حُورُون هارَ ٻَڌَنِ، سِهرا شَهِيدَنِ کي.

٢

ڪوپا ڪِلي ڪوڏِيا، سائُو سِلَحدارَ
هِڪُ پائِرَ ٻيا پائِتيا ٽِئان جاني جِگرَ يارَ
آرڻ ۾ احسانُ چَئي صُوبا هُئا سَردارَ
حُورُنِ ٻَڌا هارَ، سِهرا شَهِيدَنِ کي.

٣

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾ اَهَل بيتَ آيا
ماري مِصرِيَنِ سين تن ڪُوفِي ڪنبايا
سڄ کي بِيبِيءَ جايا، اِهڙا سُورهيَہ سُپرِين.

٤

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾ آيا سَيدَ شيرَ
سڄُ لَهِي سانجهِي تِي مُنهَ اونداهِي ميرَ
هَٽَنِ هاتِڪَنِ کي، پانوَ پَري پير
ماري مصرِيَنِ سين ڏُوندَ ڪَيائُون ڍير
دَهلِئا اُتِ دِلِيرَ، پَسِي حَملو مِيرَ حُسين جو.

٥

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾ آيا جُنگَ جُوانَ
ڏِرتي ڏُٻِي لَرزي ٽُرٽِلِئا آسمانَ
ڪَرِہ هُئِي ڪانہَ، هو نِظارو نِيہَ جو.

٦

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾ مَرڪِي آيا مِيرَ
وڙهِي ويرِيَنِ سامُهان تِڪا هَنيائُون تِيرَ
هُئِي اِيئين تقديرَ، اَصُلِ اِمامَنِ سِين.

٧

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾ آيا پاڻَ امامَ
ماري مِصرِيَنِ سين ڪَيائُون ڪمامَ
ڪَپيائون ڪُوفِينِ جا اُتي اِزدِحام
ڪاڙهو تيو قيامَ، حادِثو حُسينَ جو.

٨

ڪَربَلا جي پِڙَ ۾ پاڻَ آيا پيهِي
پَہَ ڪَيائُون پاڻَ ۾ مُقابِلِ وِيهي
قَضا هِيءَ ڪيهِي، هئي هئي تِي حسين سِين.

٩

دوستَ ڪُهائي دادَلا مُحِبَ مارائي
خاصَ خَلِيلَنِ کي سَختيون سَهائي
اَللهُ الصَمَدُ بي نِيازُ سا ڪَري جا چاهي
اِنهِين ۾ آهي، ڪا اُونهِين ڳالهِ اِسرارَ جي.

١٠

ڪانڌَ ڪَلارين ڪَپڙين، وَرَ وَناهيون آءُ
جِتِ سانگين جي سَٿِ وَهي اُتِ وِڪَ وَڌَندِي پاءِ
تان تان ڀَنُہ مَ لاهِ، جان جان نُوڏين نہ چڙهين.

١١

جِهمَنديُون اڇَنِ، جهوليون جهُونجهارَنِ جيون
پايو ٻُڪَ ٻُهارَ جا اُن جون وَهُون واڪا ڪَنِ
پِٽِئو پارَ ڪَڏَنِ، رڻُ گَجِئو راڙو ٿِئو.

د-٣-١. ڪوپا= بهادر. ٢. ڪلي ڪوڏيا= جنگ جا جوان. راوت= شهزادا. سائو= صبر ۽ همت سان موت کي منهن ڏيندڙ. يجاهدون في سبيل الله= الله ڪارڻ جهاد ٿا ڪن. ٢. سلحدار= هٿيار پاتل. آرڻ= چنگ. احسان چئي= شاعر احسان فقير لانگاهہ چئي. ٣. مصرين سين= ترارين سان. ٤. هاتڪن کي= جنگ ڪندڙ هوشيارن کي. دهلئا= ڊنا. ٥. لرزي= ڇري ٽرٽلئا= ٽرٽلي ۾ پيا. ڪره= ڪراهت ڪاوڙ. ٧. ڪمام= ذرا ذرا. ازدحام= ڍير. ٩. الله الصمد= الله بي پرواهہ. اونهين ڳالهہ= وڏي راز واري ڳالهہ. ١٠. ڪلارين= ڪلر مثل ڪارن ڪپڙن سان. وناهيون آءُ= وناه ڪيو آءُ، گهوٽ ٿيو آءُ. سانگين جي= ترارين جي. نوڏين چڙهڻ= ڏڙ ۽ سسي ڏار ٿيڻ. ١١. جهمنديون اڇن= رت مان ٽمنديون اڇن. جهوليون جن جهولين ۾ شهيدن جا سِر ڪٽجي پيا اڇن. وهون= زالون. رڻ گجئو= جنگ جو ميدان تتو.

١٢

ڏِنو ڪالهه ڪَنهِين، جونجهارڪو جهڳڙو
هاٿِين هَڏَ مُڃائِيا، ريلي رَتُ نَئِين
يانئِين سا سَنئِين، جِتان جيءَ جوڪو ٿئي.

١٣

ڀَڳو آن نہ ڇَوان، جي ماريو تان وِسَهان
ڪانڌَ مُنهَ ۾ ڏَڪَڙا سيڪيندي سُنهان
ٽَپُڻُ لَڄَ مَران، جي هُونس پُٺِ ۾.

١٤

آيا اُجارِين، تَنگَ تَراريون تيورا
سانگيون سائُن هَٿَ ۾ ڪُلهنئُون نہ لاهِينِ
اُيائي آهِينِ، مَهائِين مَرَڻُ تي.

وائي

اَڄُ نہ آيو اِمامُ وا ويلا،

مومِنا ماتمُ واويلا

اَنَ نہ پاڻي اُنِ کي، نَڪو وَنڙُن مِينهَ
هِئا سَناڻي جَنگَ ۾ نَو راتيون نَو ڏينهَ
ڏُلڏُل گهوڙو شاهَہ جو، اُنَن لالَ پَلاڻي
شيرَ شهزادي لَڏِيو، سَيِدَ سيجَ نہ ماڻي.

داستان چوٿون

١

ڪا جا ڏِري ڏِنگري، ڪو جو وَريو واءُ
اَيِن ۾ اوسُ پيو سَفَرِ چڙهيو شاهُ
عَلِيءَ شيرَ وِياءَ، رڻ ۾ پيئي راتِڙي.

٢

مَرُ مَرِين، آءٌ روئِين، مونِ کي ڪانڌَ مَ آءٌ
مَچُڻُ تو پُٺاءُ، ڪَچو ڪَنمِ جيڏيُون.

٣

مَرُ مَرِين، آءٌ روئِين، مونِ کي آءٌ مَ ڪانڌُ
ڪَچَنِ وَڏائِي پاندَ، جِيَڻُ تورا ڏِينهَڙا.

٤

گهوڙَنِ ۽ گهوٽَنِ، جِيَڻُ، تورا ڏِينهَڙا
ڪَڏهن مَنجهِ ڪوٽَنِ، ڪَڏهن راهِي رِڻَ جا.

٥

فائِقُ هليا فِردوسَ ڏي جَنتَ سَندِيَن جُوءِ
فانِي فنا فِي الله ۾ هُوءِ سِين ٿِيا هُوءِ
رَب ڏيکارِيين رُوءِ، اُنِي جِيَ احسان کي.

٦

مون جهيڙيندي ڇَڏيا ڪاري ڪَکَرَ هيٺِ
ڪارا ڪُندَ هَٿَنِ ۾، اَرَلَ وَڇيرا هيٺَ
تي تَنِي سين ڏيٺِ، مونَڻُ جَني مِيهَٽو.

٧

بَهادُرَ گَڏئا بَهادُرين، ڪَڙَڳَ ڪِلولِ ڪَنِ
وِجهن ڏَڙَ ڏَڙَن تي، هوڪارِين هَٽَنِ
ڪِرَنِ ڪُونڌَ نَچَنِ، رِڻُ گجِئو راڙو ٿيو.

٨

هُئِي هِدايَتُ حُرَ کي اَزَلَ ۾ اَصُلاً
چڙهِي آيو جَنگِ تي هَلِي هُنَ پارا
ايندهين چيائين امامَ کي: گهوڙُس آن مَٿا
لاَيُڪَلِفُ اللهُ نَفسا الاّ وُسعَهَا، جيڪا پُڄَنديمِ سا
گهوٽَ ڀِر لڳا گهَا، اِي پُڻ شيرُ شهيدُ ٿِئو.

١٢. جهونجهارڪو= پهلوانن جو. مڃائيا= وڏائيا. ريلي رت نئين= نئين سر نئين رت ڪيو. ١٣. جي هونس پٺ ۾= جيڪڏهن اهي ڌڪ پٺيءَ ۾ لڳل هجنس (پچندڙ کي پٺيءَ ۾ ڌڪ لڳندا). ١٤. اجارين= صاف ڪن (جنگ لاءِ). سانگيون= تلوارون. مهائين= وڏا بهادر. د-٤-١. ڪا جا ڏري ڏنگري، ڪو جو وريو واء= ڪي اهڙا (منحوس) سوڻ ٿيا. اوس پيو= تاء ٿيو. ٢. تو پُٺاءُ= توکان پوءِ. ٣. ڪچن= ڪچن لچڻن، عيبن. ٤. رڻ= جنگ. ٥. روءِ= مشاهدو، زيارت. ٦. ارل وڇيرا= ننڍا جوان گهوڙا. ٧. ڪڙڳ= ترارون. ڪلول ڪن= ڌڪن تي ڌڪ هڻن. وجهن ڏڙ ڏڙن تي= مخالفن کي ماري سندن ڏڙ پيا ڏڙن مٿان اڇلين. هوڪارڻ= ہولائڻ. هوڪارين هٽن= آڏو ايندڙن کي ہولائي پيا ڌڪ هڻن. ڪرن ڪونڌنچن= پاڻ ڪرن تہ بہ سندن ڌڙ پيا لچن (ڦڙڪن). رڻ گجئو= گهمسان جي جنگ لڳي. ٨. حر= آزاد مرد جيڪو امامن سڳورن جي پاران وڙهيو ۽ شهيد ٿيو. ازل ۾= لکيي ۾، نصيب ۾. آن ٿيا= اوهان جي مٿان. لايڪلف الله نفسا الا وُسعها= الله هر ڪنهن کي سندس سهڻ سارو تڪليف ٿو ڏئي.

٩

حُرُ هَلِي آئِيو مانجهي مَردانُو
آهي عاشِقُ آڳ جو پَتنگُ پَروانو
مانَ راضِي ٿِيِي رَسُولُ رَبَ جو، نبِي تو نانو
هِيءُ سِرُ سَمانُو، گهوٽَ مَٿان ٿِي گهورِيَان.

وائي

وا ويلا وا ويلا ڪِئو مَلَڪَنِ رِڻُ ماتامُ
هَئي هَئي وو شاهَ حَسين سِڏاريو
ڪَربَلا جي پِڙَ ۾ خِيما کوڙِيائُون
جيڪا تقديرَ رَبَ جِي لکيو لوڙِيائون
ڪَربَلا جي پِڙَ ۾ آيا اَڄُ اَمِيرَ
جُهڙَ وَرائي جَهلِيا، طرَفَ سَندِي تَقدِيرَ
پَسِي سَختِي مِيرَ حُسِينَ جِي، رُنو نَبِيَن زارو زارَ
مَلَڪَ فَلَڪَ ڏَرتِي ڏُبِي، عَرشَ مَٿي اوچِنگارَ
فرزَندَ عَلِيءَ جا دادَلا، چيو بيبِي فاطِمَة
خُونُ چِڪِينديَس، ڪينَ ڇَڏِينديَس جانِي
اهنجو ڏِينه قِيامَة
فرزندَ عَليَ جا دادَلا، مون تان ڪوڙِ نپايا
بيبِي بَتول جَنتَ خاتونءَ پارَ
ڪَڍِي سِرگِري لايا.

داستان پنجون

١

ڏاڙهِي رَتَ رَتياس، ڏَندَ ته ڏاڙُهونءَ گُلَ جِئَن
چوڏِهِينءَ ماهَ چَندر جِئَن پِڙَ ۾ پاڳِڙِياس
ميڙِي ۾ مُحمدَ جي مَرُ مَرڪي ماس
تِنهِ سُورهَ کي شاباسِ، جو مَٿي پِڙَ پُرزا ٿيو.

٢

ڏاڙهي رَتَ رَتياسِ، ڏَندَ ته موتيءَ ڳُتِئا
چوڏهينءَ ماه چَندر جِئن پِڙَ ۾ پيشانياسِ
اَللّٰهُ نُورُ السمواتِ وَالأرض، جُلوو زميناسِ
سيماهُم فِي وُجُوهِهِم، مُنهَ ۾ مَڻِ ڳُتيِاسِ
ڪَڪرا ڪَربَلا جا مادرِ ميڙِيَاسِ
ڦٽَنِ اُتان رَتَ ڦُڙا عَلِيءَ تي اَگهياسِ
مِڙئي مَعافُ ڪِياسِ، خالِقَ بَدلي خُونَ جي.

٣

ڪُوفِيَنِ قهرُ ڪِئو، تئا جَماعَتِي يَزِيدَ جا
پَليتَنِ ڪي پِڙِ ۾ وَرَنهُ وَرِ پئو
سَٿَرُ هونِ سِهو، شيرُ شَهادَتِ رَسِئو.

٤

ڪُوفِي ڪَربَلا ۾ پاٽِي نه پيارِينِ
اُتي عَلِيءَ شاهَ ڪي شهزادا سارِينِ
نِڪِرِئو نِهارِين، چَڙهُ مِيرَ مُحمدَ عَرَبِي.

٥

ڪُوفِيَنِ ڪاغذُ لِکِئو وِجهِي وِڄُ اللهُ
اَسِين تابعُ تنهنجا، تُونِ اسان جو شاهُ
هيڪَرَ هيڏي آءُ، ته تَختُ تابِيني تُنهنجي.

٦

پِرهَ پَکِي آئِيو ڪَربَلان ڪَهِي
روضِي پاڪَ رَسُولَ جي تِنِه اُچي هاڪَ هَنئِي
ڏِنِيمِ رُڪَ رَئِي، چَڙهه مِيرَ مَحمدَ عَرَبِي.

٧

پِرهَ پَکِي آئِيو، صُبح سَوارو
روضِي پاس رَسُولَ جي، هَنيائين هاڪارو
مانجِهين ڪِئو مارو، چَڙهُ مِيرَ مُحمدَ عَرَبِي.

٨

پِرهَ پَکِي آئِيو ڪَربَلا مان ڪالَ

---

٩. هي سر سمانو= هي سر مانائتو ڪري (توتان قربان ڪريان). وائي. جهڙ ورائي جهليا= تقدير جي ڪارڻ آڏو آئي جنهن ورائي جهليا. ڳري لايا= ڳچيءَ سان لڳايا. د-٥-١. پاڳڙياس= سندس پڳ. ٢. موتيءَ ڳتيا= ڳتيل موتين مثل. الله نور السموات والارض= الله آسمانن ۽ زمين جو نور آهي. سيماهم في وجوهم= سندن پيشانيءَ تي (سجده جو) نشان آهي. ٢. ور پئو= گهيري ۾ اچي ويو. سٿرهون سِهو= شال سندن ستارو بلند هجي، شال سندن بخت بالا هجي. ٥. تابيني تنهنجي= تابع ني تنهنجي. ٦. ڪربلان= ڪربلا کان. رڪ رئي= رڪ جي رئي، ترارين جي ڪٽ مهٽ. ٧. هاڪارو= وڏو نعرو.

آهِ آلُودو رَتَ ۾، هَئي هَئي مَنجهان حالَ
گهوٽَ وَناهيا ڪالَ، ٻيلي مِيرَ حُسينَ جا.

٩

ڪَرَبَلا ۾ ڪُوڪَ، ساڄهرِ شهزادَنِ جي
عالَم جا مَلوڪَ، رُڪَ وهِي رڻُ جَهلِيا.

١٠

ڪَرَبَلا ڪَڪوري دُلدُلِ رَتا پيرَ
سَٿون ڏِيندي شيرَ، مٿان سِجُ مُرڪِئو.

١١

چارَ ٽراريُون چيلهہ سين ٻَڌي ٻہ پاڳُون
اڳِين جِيُون آڳُون، ڪَونر ڪِلي ۾ موڪِيُون.

١٢

گهوڙو گهوٽَ پَلاڻِئو، مَٿسِ زِينَ ڏري
عَلِي شاهُ پُٽَنِ کي بينو سَنڌُ ڪَري
قضا ڪيئن ٽَري، جيئن اَمرُ اِلاهِي آئيو.

وائي

چلو يارو مسلمانو، شهيدان ڪِنہ پَرِ ماراهَي
حُسين کُون نُور ڪا پيالا خدَا نی پر پلايا هَي

جِنهان دي گهوڙي ۽ ٻيڙي
تِنهان دي مال دي جهيڙي
وِجي ٿِئا خاڪ سِين پيڙي
جِنهان دي لَڪ تي ميڙي
سَدا مُڪ پان دي ٻيڙي
اُنهان ڪون ڪا ٻُئي ڪِيڙي
زُليخان مِصر ڪِي راني

يوسف ها مصر ڪا ثانِي
ڏُونهين وَڃ خاڪ ٿئي فاني.

داستان ڇهون

١

ڪَونر ڪِلي جا ڪوڏِيا جانڪِيتائين جِيءَ
مٿانَ اڙِنِ اُسرِي رُڪَ پيالو پيءَ
ڳاهُ ڳجُهنِ جو ٿِيءَ، وينِي جَنِ وَرهيہ ٿِئا.

٢

پاڪَ جَنِي جا پيرَ، ڪَتانِ هيٺِ نہ ڪوڙِئا
ٽَنگَ ٽرارين تِڇِئا، چِٽِئو پُونِ چِڳيرَ
ڏَڙ ٿَني جا ڏيرَ، ڳجهڙِيَنِ ڳُرِ لائِيا.

٣

ڇِپَرِ جيئن پهُون، تئن رڻُ ڳجهڙِين چانئيو
وَنڪا وَنڪَنِ سامُهَان ڊوڙيو ڏِينِ ڍهُون
ٽَنِ مَهاينِ وهُون، نِيرُ مهنگو ڪنديُون.

٤

ڳجهُون ڳوٺ نہ هُون، وَٽِنِ ڪلي ڪوڏِيُون
حَسَنَ مِيرَ حُسَينَ کي لَمِئو لاٿون ڏِينِ
ڳُتا اُڪولِينِ، چوٽا چُوڙِيلِيَنِ جا.

٥

ڳجهڙِيَنِ ڳارو، راتو ڏينهان رڻُ ۾
پِٽيون پُڇَنِ پاڻَ ۾: ڪنہ مُنہ ڪيڏارو؟
ڪِينِ ڪَڳَ- مارو، ڪانئرُ پيو ڪِنو ٿِئي.

---

٨. آلودو= پُسيل، پريل. ٩. عالم جا ملوڪ= امامن شهزادن جي صفت. رڪ وهي رڻ جهليا= سخت ترارين ۽ وڏي جنگ جهلي وڌا. ١١. اڳين جون آڳون= اڳين تي جيڪي آڳون هيون، انهن تي جيڪي ميارون هيون. ١٢. قضا ڪيئن ٽري= تقدير ڪٿان ٿي ٽري. د-٦-١. ڪونر (ڪنول)= سهڻا گل شهزادا. جانڪيتائين= جيترو ٿي سگهي اوترو سدا سلامت هج. اڙا= جنگ جي ميدان ۾ حملي واريون جايون. اُسري= اُيو ٿي. رڪ پيالو پي= ترار جا ڏڪ سهہ. ڳاهہ= جتي ڳجهون اچي مِڙن (= ڪاڏو). ٢. ٽنگ ترارين تڇئا= پيرن جا سهڻا پڪا ترا ترارين چلي ڇڏيا. چٽيون پون چڳير= پيرن هيٺان ماس جا ڳچ چٽي پيا پون. ڳر لائيا= پنهنجي ڪوڙي سان لڳايا. ٣. ڇپر= ڇپر تي، گاهہ جي ميدان تي. پهون= ٻڪريون. وَنڪا= وڏا ڪوليل ڪنپ. ڍهون= ٽڪرُون. مهاين= وڏن بهادرن. نير مهنگو ڪنديون= ڪپڙن کي ڪاري ڪرڻ لاءِ سڀ نير خريد ڪنديون (۽ نير مهانگو ٿيندو). ٤. ڳُتا= ڳتيل وار. ٥. ڳارو= ڪاڏو، ڪاڄ. ڪيڏارو= جنگ. ڪڳ- مارو= ترار جو ماريل.

٦

ڳائو ڳجهَہ نہ ڪاءِ، ماهي ماسَ نہ هيرَئِين
ويٺي ٿَنِ واجهاءِ، ڳَلَنگِيون جَنِ ڪپارَ ۾.

٧

اکيون ڪَڍُ مَ ڳِجهڙِي تارا تان مَ ڪاءِ
پِئو نہ پَسين پَٽَ ۾ ريگڙيارو راءُ
جؤنري جِنهِ جُوانَ جي لڳا نَوَ سَئو گهاءِ
راتِ جِنهِين جي ماءُ، روئِي پَرَنِئو رَب کي.

٨

ڪنبَ ڪُسَنِي ڳجَهڙِي لِڳين پوئِي واءُ
اَمِيرَنِ مَٿاءُ، جِئَن تو ڦُلين چانئون نہ ڪِيُون.

٩

ڳجُهنِ ويٺي ڳِرَهِيَا ڏنجها ڏُکَ گهڻا
ٽُنگِي لَتِيَنِ توڻِ جي سُورِہَ ساماٽا
ڪَندا راماٽا، ڪؤنر ڪِلي جا ڪوڏِيَا.

١٠

سُورِهَہ مَرِين سوبَ کي تہ دِل جا وَهَمَ وِسارِ
هَڻُ پالا، وِڙهُ ياڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍار
مٿان تيغ ٽرارَ، مارِ تہ مَتارو ٿِيين.

١١

هَٽَڻُ هَڪَلَڻُ بيلِي سارَڻُ مانجِهيان ايءُ مَرَڪُ
وِجهنِ تان نہ فَرقُ، رُکَ وَهندِيءَ راندِ ۾.

١٢

يَڄِي آئين يَڄَٽا، لَڄائِئِي ٻَئِي پارَ
وينِيُون ڪَنِ ڪُوارَ، مُنہَ مٿاهان جَنِ جا.

١٣

مُنہَ مٿاهانِ جَنِ جا سِي ڀِنئو ڪَڍَنِ پارَ:
جيڏيون هِنَ جُهونجهارَ، سَبَ اُجاري اَڇا ڪيا.

١٤

يَڄِي آئين يَڄَٽا لڄائِئِي مون سيڻَ
وينِيون وِجهنِ ويڻَ، مُنہَ مَٿاهَان جَنِ جا.

١٥

چَندرَ وِهاڻيءَ چَڙهَيا مَلَ مَدينِئان مِيرَ
اُن سين طَبَلَ بازَ، ٽبرون، ڪُنَدَ، ڪَتارا ڪِيرَ
عَلِيءَ پُٽَ اَمِيرَ، ڪَندا راڙو رُکَ سِين.

١٦

چَندرَ وِهاڻيءَ چَڙهيا مَلَ مَدينِئان گهوٽَ
اُن سِين طَبَلَ- بازَ، ٽبرُوُن، ڪُندَ، ڪَتارا ڪوٽَ
عَلِيءَ پُٽَ اموٽ، ڪندا راڙو رُک سين.

١٧

چَندرَ وِهاڻِيءَ چَڙهئا مَلَ مَدينئان جامَ
اُن سِين طَبَلَ- بازَ، ٽبرُوُن، نيزا ۽ نِشانَ
عَلِيءَ پُٽَ اِمامِ، ڪندا راڙو رُکَ سِين.

وائي

هئي ماتامُ؛ ٻرِ ماتامُ! اِمامَنِ جو ڪَرِهو
هئي ماتام شهيدن جو ڪرِهو
روئي رِوئي اکيُون رَتَ چو نہ يَرِئو
جيڪِين اِمامَنِ سِين ٿئو سو پاڻَ ڏٿي پَيدا ڪِئو.

داستان ستون

١

مِيرَ مَدِينِئان هَلِيا يَري مُبارَڪَ پيرَ
جِتِي پيينِ راتِڙِي سي سُونهَڻَ لَڳا سيرَ
ٻِي ڦضا پاري ڪَيرَ، حَسَنَ مِيرَ حُسينَ ري.

٦. ماهي ماس= مينهن جي ماس. ٧. ريڪڙيارو= نئين ڏاڙهي آيل نوجوان. جونري= جيري. ٨. ڦلين چانئون.نہ ڪيون= ڪنبَ پکيڙي چانءِ نہ ڪئي! ٩. ڳرهيا= ڏکيا ڏينهن گذارئا. راماٽا= زوردار. ١٠. آڏي ڍال مَ ڍار= جنگ بہ هيٺو ٿي دشمن اڳيان پنهنجي ڍال نہ اڇل. ١١. مارڻ= سنڀالڻ. ١٢. ڪُوار= (ٽُنهنجي) بَدي، گلا. شاهان= (النّي معنيٰ ۾) هيٺاهان، جهڪيل. ١٣. سبَ اُجاري اڇا ڪيا= (النّي معنيٰ ۾) ڪارا ڪيا. ١٤. وينِيون وجهن. ويڻ= ڪارا لفظ پيون چون، گلا جا گفتا پيون ڪن. ڪندا راڙو= راڙو ڪندا، مارڻ ۾ رڙائڻ وارا حملا ڪندا. ١٦. اموٽ= اٺموٽ. وائي. ماتام= هَي ماتام. ڪرهو= ڪريو. سو پاڻ ڏٿي پيدا ڪيو= ڪربلا جو قضيو تقدير موجب ائين ٿيو. د-٧-١. قضاپاري= قضا کي پورو ڪري، قضا کي پورو ڪري ڏيکاري.

٢

مِيرَ مَدِينئون نِڪَري پُرئا مَتي پَنڌَ
جِتي پِيئَنِ راتڙي سُونهارا سِي هَنڌَ
ڪُونڌَ ڪَرَنگهَرَ ڪَنڌَ، تا چَٽَنِ چُڳيرَنِ جا.

٣

ڪَربَلا جي پِڙَ ۾ خيما کوڙياٿون
جهيڙو يَزِيدَ سامُهون جُنبي جوڙياٿون
مُنهُ نہ موڙياٿون، پَسِي تاءُ ترارَ جو.

٤

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾ سُورهَ ساماٿا
ڪَندا راماٿا، ڪونرَ ڪِلي ڪوڏِيا.

٥

پِرهَ پَکِي آئيو لُڇئو لِيلائي
ڪَربَلا جي پِڙَ ۾ ايرادو آهي
چڙهِي رَسُ ڪاهي، مير مُحمدَ عَرَبي.

٦

ڍالَ ڍَڙڪو، پاکَ ڦَڙڪو، کُندَ ڪَڙڪو
مانجهي جت مَرَنِ
مصريَنِ مُنهَ ڪَيا، هَڏَ ڪَڙِ ڪَڙِ ڪَنِ
الله شهزادَنِ، سوڀُوَن ڏِيين سَچا ڏَٿي.

٧

ڍالَ ڍَڙڪو، پاکَ ڦَڙڪو، کُندَ ڪَڙڪو
مانجهيان اِيءُ مَرَڪُ
وِجهَنِ ڪونہ فَرَقُ، رُڪَ وَهَندِيءَ راندِ ۾.

٨

هوڏانهَ هُنِ هاڪارئو، هيڏانهہ هِي هَٿَنِ
سُرنايُون ۽ سُرِندَڙا ٻنهي پار ٻُرَنِ
گهوٽَنِ ۽ گهوڙَنِ، رڻَ ۾ لاٿون لَڏِيُون.

٩

ڳِجهُون ڳاڙهي وات، اَڄُ اُڏامِي آئيُون
پُڇَنِ ٽِيُون پرياتِ، تہ ڪِتي راوَتَ رانئيا.

١٠

سُورهَہ مَرِين سوڀَ کي تہ جَنگَ جامِي سِين جوڙِ
وَهَمَ حيلا خَطرا منجهان مَنَ واڍوڙِ
آرَڻِ جَا عِشقَ جي تنه ڪان مُنهُ مَ موڙِ
ناجِي نَفسُ نِهوڙِ، تہ رَازُ پَسين هِنَ رڻَ جو.

١١

سُلطاني سُلطانُ، ڪَلنگيون جَنِ ڪپارَ ۾
ڪيڏو شَرَف قرآنَ ۾، شاهَ تُنهنجو شان
ڪوفي ڪَربلا ۾، مارياٿون مِزمَانَ
مُنهَ ڪاري مَرَوانَ، لَعنتَ لِکِي لَعِينَ کي.

١٢

مُحَرمُ موٽِي آئيو، آيا تان نہ اَميرَ
مَدِيني جا مِيرَ، ڏاتَرَ مون ڏيکارِيين.

١٣

ڪَربَلا جو قَضِيو جَڏهن پوَي منجهہ جِيءَ
وَسَن تا وُجُودَ تي سَندا سُورَنَ سِيءَ
ڏُهٽَن ڏُنا ڏُکڙا ناني ري نَبِيءَ
فَرزَندَ ٻيبِي فاطِمَة پاڪ پيارا پِيءَ
وَالِي وارِثَ وِيءَ، رڻَ ۾ رُڪَ رَهائيا.

١٤

آيو عَلِي شِيرُ، مَرڪئو مَدِيني ڏَٽي
سونهاري سيدِ ري ڪُوٺَ پِڃندو ڪير
شيرَ وَرتو وير، پِڙَ ۾ پَواڙا ڪَري.

وائي- ١

اڄ مير مومنن جا مدينو ڇڏي هليا
مدينو ڇڏي هليا سي مدينو لڏي هليا
سڄ چنڊ مصطفيٰ ڏي يڪدل گڏي هليا
هئي هئي انڌارو ٿئو ان ري تارا لڏي هليا
اڄ مير مومنن جا مدينو ڇڏي هليا.

٥. ايرادو آهي= وجهڻ جو پڪو پهہ آهي؛ اي تقدير لکيل آهي. ٩. رانئيا= راضي ٿيا (= شهيد ٿيا). ١٠. جنگ جا مي سين جوڙ= جنگ جو جامو (لباس) پائي وڙهہ. واڍوڙ= وڍي ڪڍ. آرڻ= ڪيتي. ناجي= اي نجات جا طالب. ١٤. پواڙا ڪري= حملا ۽ هڪلون ڪري. وائي-٢. رڻ= جنگ.

وائي- ٢

سارو ڏينهن رڻ ۾ رهياسي امام
رڻ ۾ رهيا سارو ڏينهن رڻ ۾ رهيا
تون جا وچين ڪونجڙي هي هي ناني ڏيج سلام
مون کي ويرن ويڙهڻو هئي هئي مولا مينه وساءِ
سارو ڏينهن رڻ ۾ رهيا سي امام.

وائي- ٣

ياعلي، ياعلي، سر يتيمن جي آئي
آيو حڪم الله جو يا امام
ياعلي ياعلي سر يَتيمن جي آئي
بن وڇوڙو موت جو يا امام
هَي وو الا چارئي پهر جدائي
آيو حڪم الله جو يا امام
آتر پٽر ميڙي سائين الا بيبي ديڳ چڑهائي
جنهين ڪارڻ چاڙهيائين سي ڪرن لڙائي
آيو حڪم الله جو يا امام
ياعلي ياعلي سر يتيمن جي آئي.

◈

سُر ڏناسري

سر ڏناسري جو مکيه موضوع نعت، صفت ۽ ساراهه آهي. هن سر جي ڇهن داستانن ۾ هيٺين موضوعن وارا بيت شامل آهن. ١. مديني جي مير حضرت نبي ڪريم (صلي الله عليه وآله وسلم) ڪي صدا ۽ سندن صفت ۽ ثنا. ٢. ملتان جي ولي غوث بهاء الدين زڪريا رحه ۽ سندس سجاده نشينن جي ساراهه. ٣. حضرت بادشاهه پير دستگير بغدادي رحم جي ثنا ۽ سندس اولاد مان (هالن پراڻن جي) سيد عبداللطيف عرف قادري پير جي ساراهه. ٤. شاهه ڪريم، شاهه حبيب ۽ شاهه لطيف جي ساراهه. ٥. لڪياري لال سيد محمد راشد روضي ڌڻي جي سجاده نشين ۽ خليفي محمود سائين جي عقيدت ۾ چيل بيت. ٦. ۽ ٻيا صفت ۽ ساراهه جا بيت.

داستان پهريون

١

مَدِيني جا مِيرَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
جي سَرَنِ تُنهنجيءَ سِيرَ، پارِ لَنگهايين پهيڙا.

٢

مَديني جا مِيرَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا
اوکيءَ ويرَ امِيرَ، عاصي تُنهِنجي آسَري.

٣

مَدِيني جا مِيرَ، سُڻُ منهنجا سَڏڙا
عالَمَ جا اَمِيرَ، پارِ لنگهائج پهيڙا.

٤

مَدِيني جا مِيرَ، سُڻُ منهنجا سَڏڙا
جي لَڳا تنهنجي سِيرَ، سي پارِ لنگهائج پهيڙا.

٥

مَدِيني ڌَڻِي، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
تُنهنجِي آهِ تَڻِي، ٻِي ڪَندِي ساريان ڪانه ڪا.

٦

مَدِيني ڌَڻِي، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
خَطائُون گَڻِي، ڏِنا ڏوهَ بَخشيين.

٧

مَدِيني جا گهوٽ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا
ڪَجُ مُحَمَدَ موٽ، عاصِي تُنهنجي آسَري.

٨

مَدِيني جا گهوٽ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
اَجهي تُنهِنجي اوٽ، پارِ لَنگهايين پَهيڙا.

٩

مَدِيني جا گهوٽ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
جي لَڳا تُنهنجي چوٽ، سي پار لنگهائج پهيڙا.

١٠

مَدِيني جا شاهَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
ڪارَڻِ لَڳِ الله، سِگهو رِسجُ سيگهَ ۾.

١١

مَدِيني جا شِيرَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا
يَرِ مُبارَڪَ پيرَ، عاصِي تُنهنجي آسَري.

١٢

مَدِيني جا جامَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
آهيان تُنهنجيءَ سامَ، سِگهو رَسِجُ سُپرين.

١٣

مَدِيني جا جامَ، سُڻجُ مُنهنجا سَڏڙا
نَنڍا وڏا اُمَتِي اوباهين اَيامَ
جي سَرَنِ تُنهِنجي سامَ، سي پارَ لَنگهايين پهيڙا.

١٤

مَدِيني جا جامَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
جي لَڳا تُنهنِجيءَ لامَ، سي پارِ لنگهايين پهيڙا.

١٥

مَدِيني جا مَلَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
ري تو ٻِي نه جَهلَ، آهيان تُنهِنجي آسَري.

١٦

مَدِيني والِي، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا
اَجهو تون عالِي، ٻِي ڪَندِي نه آهِ ڪيڏهِين.

١٧

مَدِيني جا ماهَ، سُڻُ مَنهنجا سَڏڙا
ٻِئو نہ وَسيلو واهَ، آهيان تنهنجي آسَري.

١٨

وانءُ مدينئ مَگڻا، اکيون پيرَ ڪَري
سُنَتَ سِرُ ڌري، چُمِجُ چانئٺَ رَسولَ جي.

١٩

وانءُ مَدِيني مَگڻا، اکيون پيرَ ڪَري
جِتي ماڻڪِي مُحَمدَ مِيرَ جِي جَرڪِئو جوتِ ڪَري
پَسِي جوتِ جَمالَ جِي جت نُہ سِين نينڻَ ٺَري
پِرتان پيرَ پَري، ڪِجُ زِيارَتَ ذوقَ سِين.

وائي

منهنجي سَيِدَ سارَ لَهيجُ،
آءٌ جا پَلئِ لَڳِي پِيرَ تُنهنجي
ميان مُرِيدَ پنهِنجا، پرڏيهي پُڇيجُ
الله لڳ اکيون تَن ڏونه سُهِندِ سِين سجيجُ
حالُ منهنجو تان تون پيرُ (ﷺ) پَسيجُ
آهيان نِماڻي نِڪِڻي، مُنهنجي وَهلڙي وَهَر ڪَريجَ.

داستان ٻيو

١

شيخان سُونہَ بَهاوَدِينُ، نَبِيان نُورُ رَسُولُ
حضرتِ پيرُ حُضُورَ ۾ آه مولِيٰ دَر مَقبولُ
قادِرَ ڪَرِ قبولُ، اڳلايُون عِناتُ ڇَئِي.

٢

مِلُ مُلتانِي پِيرَ ڪي نوئِي نائي ڪَنڌُ
اڪڙين عِناتُ ڇَئِي آهِ اوڏاهين پَنڌُ
جئن تارَنِ ۾ چَنڊُ، تئن شيخان سُونہَ بهاودين.

٣

روضو شاه رُڪَنَ جو گوهر مٿس گُلَ
سَماعَ جا سَيِدُ ڇَئِي، هاتِڪَ ڪَرِين هُلَ
اهڙا پيرَ امُلَ، ڪوهُ نہ پيئيو پيئين.

٤

اُڄَ اوراهين پانئِيان، گهَلُو پانيان گهَرُ
لَنگهئاسون لطيف چئي سندو واهڙُ وَرُ
اِهڙو پيرُ سَيَرُ، هَلِي چو نہ پَليرو پيئنئين.

٥

راوِيءَ ريلَ ڪَنڌِين ۾ گٺورِيءَ جا ڪوڙَ
روزا ٻَئِي راولُ ڇَئِي، جِنسَ موچارِيءَ جوڙَ
لَتي ٿَن تان سوڙَ، جَنِي بهاء دينُ پيئئو.

٦

قريشي ڪرمُ ڪَري منهنجو حالُ پَسيجُ
حَشرَ ۾ هاشمِي نَبِيءَ نُورَ رَسيجُ
سو ڪو ڏانُ ڏيجُ، جو عَيبَن ڪان آجو ڪَري.

٧

مَڪي ۽ ملتانَ ڪي وِچان اٿَ ناه
هُتِ مُحمدُ ڪارِٽي، هِتِ بهاءالدينُ بَرجاءِ
سو مون سُڌُ سُهاءِ، شاهن جو صَمدُ ڇَئِي.

٨

موڙ مَ مُنہُ مُلتانَ ڪان، وَج مَ ٻِيءَ وِلاتَ
شاهَن جي صَمَدُ ڇَئِي جُڙي تِيءَ جَماتَ
ڪَندو پيرُ پَهاتَ، مخدوم مُرِيدَنِ تي.

٩

مُنهن مُناري سامُهون توٽي ڪافِرَ ڪَنِ
مَگَرُ مَتان تِنَ، ڏِينهاٽِي ڏورُ تِيي.

١٠

مُنہُ مُناري سامُهون، پَٽين مَٿي پيرَ
پيرُ نہ چَڏي پانهنجا توٽي ڏَڏ ڏقيرَ
شُرفَ تُنهنِجي شيرَ، نالائِق نُوازِئا.

١١

مُنہُ مُناري سامُهون ڏِنيمَ نُوري نِيلَ
بَرَنِ باهرِ مَنجهہ تا ڪوڙين جِتَ قنديلَ
حضرت جِي حضورَ ۾ زاريون ڪَنِ ذَليلَ
سَيِدُ پيرُ سَبيلُ، تو پوڄ پياري پَهيڙا.

١٢

مُنهُ مُناري سامُهُون، اکيون مَٿي راهَ
شرف ٿُنهنجي شاهَ، نالائق نوازِئا.

١٣

لِڳو تو لَهريون ڪَري نُورُ نِيلَڪُنِ ساڻُ
مون تان ڪَٽُ مَ پاڻُ، پُرياڏا پيڙهيءَ ڏٺي.

١٤

لِڳو تو لَهريون ڪَري نُورُ نِيلَڪُنِ وَٽِ
مون تان مِهرِ مَ مَٽِ، پُرياڏا پيڙهيءَ ڏٺي.

١٥

لِڳو تو لَهريون ڪَري، نُورُ نِيلُنِ پَرَ
منهنجِي لَهجُ ڪَرَ، تون اَهلُ قُريشي آهيين.

١٦

لڳو تو لهريون ڪري نُورُ نِيلُنِ هيٺِ
تُوسان منهنجي ڏيٺِ، پُرياڏا پيڙهي ڏٺي.

١٧

پيرانديءَ پيرَنِ جي جُنبِي ڪجِي جاٺ
جَنِي سَندِي واٺ، ماڻِڪَ لَيَنِ مَنگِئا.

١٨

پيرانديءَ پيرَنِ جي جُنبِي ڪجِي جاٺا
جَنِي جِيءَ واٺا، ماڻِڪَ لَيَنِ مَنگِئا.

وائي-١

تيري نيٺان دِي عادت ڪيهي!
نيٺان ڪون مَت ڏي
عاشق بِڪرا، معشوق ڪاسائي
ڪُهندا نماٺيان لَت ڏي
شاهه حسين فقير الله دا
پِن مَنگ ٽُڪرا وت ڏي.

وائي-٢

تُسان چَنگا ڪَرو چَنگي
مَئن تہ مَندِي، سائين مَئن تہ مَندي
مَندِي ڪُنُون جو هووَن مَندِيان
منڌي هَٽ جو ٿِيوَن منديان
دامن لِڳي دا شرم تسان نون
تون صاحب مئن تيري بندي
آپٽا ڪِيتا هر ڪو لوڙي
ڪوئي نہ ڏيوي ڪس ڪُون چنگي جوڙي
شاه حسين فقير الله دا
ترت طبيب رنگ بَرنگي.

وائي-٣

مِٽي سُون مِل رَهنا.
بابو جِي مِٽي سون مِل رهنا
هِتِ نہ هوسِين، اکثر چَلسين، ڇَڏي ٽول ٽڪاڻا
نيچي مِٽي اوپر مِٽي، مِٽي ڪا طُول وِهاڻا
دنيا دولت مال خزانا ڇڏي سڀ سِڏاڻا
نہ ڪَر گِيرب، چوڙ وڏائي، تيڏا نانءُ نِماڻا
شاهه حسين فقير الله دا، تان ڪِين سمجهه سياڻا.

وائي-٤

آپ سَڏاوين فقير،
تئن نون لج نهين آوندي
ساري رَين غفلت گذري، ڏينهان سَڏئيندئين پير
لوڪان ليکي اَن نهين کاوندا، لُڪ لُڪ پيوين کِير
آپٽا بار چا نهين سَگهدا، ڏيندا بيان نون ڍِير
شاه حسين فقير الله دا، نِت نِت رووي نِيرَ.

وائي-٥

ڦُبو ۾ مِلتانَ، گَجِئو غوثُ بهاوَدِينَ
نوئي سَڀ نوازِئا، شَرَفَ ٿُنهنجي شَانَ
پَهرائين پينار ڪي، ڌُهرا ڏيئي دانَ
اَگِلنِ ڪي اوڏو ٿِيي، گندا ڇَڏي تان نہ.

داستان ٽيون

١

مِيران شاهَ مَدَدَ ٿِيءُ تون جيلاني جاڳُ
غوثُ خطائُون ڳُمُ ڪَرِ، پيرِ اسان ڏي ياڳُ

سِگهو وارِ سَياڳُ، سائينءَ لِڳَ سَيدُ چَئي.

۲

ميران شاهَ مَدَدَ تِيءُ مُحيِ الدِينَ مَلي
آهيين عبدالطيفَ جو وسيلو وَلِي
حَسَنِي پَيرَ هَلِي، ڪَر ڪا ماڙ مُريدَ تي.

۳

ميران شاهَ مَدَدَ تِيءُ، دانهَ سُٽِي دادِي
آهيين عبداللطيفَ جو حَسَنِي تون هادي
بادشاهہ بغدادي، ڪَرِ ڪا ماڙِ مُريدَ تي.

۴

ميران شاهَ مددَ تيءُ، اَچي اَهُڪيءَ ويرِ
الله لَڳِ لَطيفُ چئي، يَرِ پازيءَ ڏي پيرَ
اَولاد عَليءَ شيرَ، ڪِجُ ڪا ماڙِ مُريدَ تي.

۵

تون داڙوُ تي دَرگاهَ ۾ حضرتَ پِيرَ هَلِي
مِيران شاهَ مَلِي، مدد ڪَرِ مُريدَ جي.

۶

مَدَدَ ڪَرِ مُرِيدَ جي سِگهو تون سُلطانَ
ڏيارئومِ ڏاتارَ دِلِ گهُرئا منجهان دَرگَهَ دانَ
آءُ دادُلا دَرگاهَ جا، داوُرَ جا دِيوانَ
ڪَنڊِي ساريان ڪانہ، مُحمدَ ﷺ ري بي مُورِهِين.

۷

پِيرَ منهنجا پاتِشاهَ سَڳورا شَريفَ
تون حمايَتَ هِيڻَنِ جي ڪوڙا جي ڪَثِيفَ
توڙي خَرَ خَفيفَ، تِپُڻ پازي نوازِجُ پانهنجا.

۸

مِيران مُرِشدَ منهنجا جيلانِي جنابَ
جي مون سين ڪوَنسَن خارِجي، سي تِيَن خرَ خرابَ
سُٽِي سَڏ سائِلَ جا اَتِي غوثَ گلابَ
ڪَرِ وسيلو وِيرَ ٿون محمد(صلعم) لَڳِ مَهتابَ
واحِدَ وَڏا ڪئا تو سندا خاوندَ سَڀِ خطابَ
صَمَدانِي شِتابَ، مددَ ڪَرِ مُرِيَدَ جي.

۹

مَددَ ڪَرِ مُرِيدَ جي گِيلانِي گُلزارَ
رکو پازِي پانهنجو پِير اڳيان پيزارَ
نوازي نادانَ ڪي بُڇئان ڪَرِ بيزارَ
اوِليَان رَڪِي اُن ڪي سيڙهيو سَنئين پارَ
جي مون ۾ عيبَ اپارَ، سي ڪِرَ تون نانہ نِگاهَ سِين.

۱۰

پِيرَ منهنجا پاتشاهَ پَلا پَرَڇهلا
جيڪي مُدَعِي مُنهنجا تِنَ ڪَرَنِ هَڻُ گلا
گهُٽي چَڏِ گُڏئِنِ جا گِيلَاني گلا
جَنِ سُجنِ جئن سَتائِيو بُڇَنِ بَرَمَلا
جا مَتي مون بَلا، سا بادشاه ڪَڍِ بغداد جا.

۱۱

پِيرَ منهنجا پاتشاه وَسيلا وريامَ
اَگهِئا ٿُنهنجا الله دَر ڪامِلَ سَڀَ ڪَلامَ
ڏِنِي توڪي ڏيهہ ڏٽي، ضَعِيفَنِ زمامَ
آهين آل رَسُولَ جو حَسَنِي تون هُمامَ
مَددَ ڪَرِ مُرِيدَ جي الله لَڳ عَلامَ
آءٌ سَيِدُ پِٺُسِ تو سامَ، مُرِشِدَ رَسُ محمودَ ڪي.

۱۲

متان منهنجا پِيرَ، دَنگرُ دِيلي چَڏيين
اونهون تون اُڪارِيين، صاحبَ شيخَ سُڌِيرَ
جيلاني جَهَانگيرَ، هَتِين جَهلِج هاٿِ مون.

۱۳

پِيرَ منهنجا مَلهڻا، واهَرَ ڪَرِ وَرِي
اُسان تو رِءَ ناهِ ڪا ڳُجهاندَرِ ڳِرِي
دستَگِيرَ دَرِي، اَپَتِ ڪا احسانَ جِي.

۱۴

تون پِيرن جو پاتشاه، تون پيرن جو پَرَمُ
الله لَڳِ اِحسان سين ڪِين نِهارج نَرَمُ
بغدادي بلالُ چئي رَڪُ وڏا شَيخ شَرَمُ
هيءُ جو گوندرَ غم، سو ميران لاهِ مريدَ تان.

١٥

پيرَ منهنجا پاتشاه بُلند بغدادِي
اَگهيين دَر الله جي، آهيين اولادي
دَستگِيرَ دادِي، اَگهايين اَبوجَهه جِي.

١٦

بادشاهُ بَغدادَ ۾ ڪُلُ پِيرَنِ جو پِيرُ
آڙِئن ڪي اوڏو ٿِئي، ڳُهڻِ پياري ڪِيرُ
صاحبُ شيخ سُڌيرُ، رَسِئو دَر رحمان جي.

١٧

پِيرُ منهنجو پاتشاه وَلِي سَڀَ وزِيرَ
هَلن حضرت پيرَ ڏي فوجون ڪري فقيرَ
جو سئونچو منجهه سَرِيرَ، سو غَمُ گيلاني ڪاٽيين.

١٨

پَلئُ تُنهنجو پيرَ، سَهجان پُڄتمِ سَيدُ چِئِي
لُڳاسُون لغام سين دِليٿون دستگِيرَ
تون بادشاهَ بَغدادَ جو، اسين سِنڌَ فقيرَ
ميان مريدن تان لاءِ اوسيڙو اَميرَ
جو سَئونچو مِنجهه سَرِيرَ، سو غمُ گِيلاني ڪاٽئين.

١٩

ڪَرِ قادِري پيرَ ڪَرمُ، مَتي پازِيءِ پانهنجي
جو مَنجهين مون مَرمُ، سو غم گيلانِي ڪاٽيين.

٢٠

ڪوجها پَسُ ڪَرِيمَ، جي آهِينِ تُنهنجي آسَري
پائي پنهنجي پاندَ ۾، سِکها ني سَليمَ
هَتان تو حَليمَ، وِڙُ پُڻُ وَجنِ واسِئا.

٢١

پِيرَ منهنجا پاتشاهَ جيلانِي جَلِيلَ
دادَلو درگاهَ ۾ خالق جو خَلِيلُ
حَسَنِي، هيٺو آهِيان تون واهرَ ٿِيءُ وَسِيلَ
داتا مُنهنجي دِل ڪي ڏي دلاسو ڏليلَ
ذِلَتَ ڪِٽُس ذليلُ، بادشاهَ رَسُ بَغداد جا.

٢٢

گِيلانِي- غَمَ ڪَٽُ، آهيين اَبوجَهنِ جو
ماڙڪَنِ ۽ موتينِ جو داتا اُپٽئو هَٽُ
جَنِ ويلو نہ وٺُ، پيرُ پَراهي ٿَنِ ڪي.

٢٣

صُبُحاڻي صُبُوحَ جو ڪِجي پيرَ سَلامُ
تِنه ڪابلَ جو ڪَلامُ، اَگهِئو دَرِ الله جي.

٢٤

صُبُحاڻي صُبُوحَ جو، پيرُ اُتِي تون پَسُ
جِنهين سندو ڳَسُ، ٽُرتُ رَساڻي توڙِ ڪي.

٢٥

صُبحَ جو سُوالُ، ڪِٽمِ پَنهنجِي پِيرَ ڪي
ميتَ مَدايون منهنجيون پَلا ڪَري پالُ
هِهڙو ڳِنهِي حالُ، تو دَرِ آيُس تَڪڙو.

٢٦

جو نوازِي ڏڏَ، آسَرو لاهِ نہ اُنَ جو
داتا سندي دَرَ تي لاهِ لنگها هِي لَڏَ
اوڏائين اوڏڙو، تون پَرِي ڪَرِ مَ سَڏَ
اَو گندَا ڪَري گڏَ، اگلنِ ڪي اوڏو ٿِئي.

٢٧

سَدا چَندَنَ چڪَ، هِنَ پيراٽي گنجَڙي
آڪَ ڪٿوري عنبرين، پاڪَ پَرمَلَ پڪَ
تِئان ڏيئي تِڪَ، ڪَهَن پِيَنِ پَهيڙا.

٢٨

داتا سندي دَرَ تي پَلَٽُ پاتائين
وَٽِئائين وِرهَ سِين، اَمُلَ آنڌائين
جا ڪِنه سُواليءَ نہ سَري سا ڳِتِ ڳِتئائين
گندبون ڪاڌائين، پائي ڇَڪَ چاٽٽِ ۾.

٢٩

آسَ لَڳِيَس آسَري، پيرَ تُنهنجي پار
اَپَرِ عاجِزُ آهيان، ڪَمُ نہ جاڻان ڪار
مَيَا مَحِيُ الدين موجَ ڪَرِ هِنَ نوئِي ڏونهِ نهار
خزاني خاوندَ جي مان ڪِين ڏانيءَ ڪي ڏِيار
والِي مون مَ وِسار، اَهڪيءِ ۾ عبداللطيفُ چَئِي.

٣٠

ساريان سَگهہ نہ ڪاءِ، زورُ نہ ذري جيتَرو
مٿان مون مَ لاهِ، پير پنهنجا هَٿڙا.

٣١

اَصُلِ آهي اهنجِي ڪامِلَ اِهڙي ڪار،
سو پاڙي پَنهنجي پار، جي وجهو تہ وَڙ پئي.

٣٢

اَجهو جي آڳُ، آهہ پنهنجي پِيرَ جو
سَنئُون ٿَنِ سَياڳُ، اَڪيين جَنِ اوڙڪئو.

٣٣

آءٌ آسائُو آهِيان پيرَ پَرَنِيان تو پاڻُ
هَٿُ مُنهنجو آرَسِي نِسورو نادانُ
جَنہ ۾ بوچَ بلالُ چَئي آهيان نسورو نادانُ
سَگر تُنهنجي ساڻُ، مون ڪي راهَ رَساڻيين.

٣٤

آءٌ پيراڻِي آهِيان پاڻِيءَ ڊوئي پاڻُ
هَٿِ گهڙو، سِرَ سينَهِين، ٿَنَ ۾ تاڻو تاڻُ
جي گوليءَ منجهہ گُماڻُ، سي موليٰ تون معافي ڪرين.

وائي

هيءُ گسُ پرِيَنِ جو، هيءُ هَٿُ هاديءَ جو
مٿان چَڙهو جيڏيون وسيلو وَلِيَنِ جو
تيندو .... مَرَڪُ مَعذُورِينِ جو
لاهُوتي لَڏي وِئا پَسو پارئان تو.

داستان چوٿون

١

وانءُ لَلاڻيءَ لوءِ، جِتِ وِلايَتَ وَٽ ٽِيي
مَعرِفَتَ مَڪانَ ۾، وَڻِ ٺڻ وائي هوءِ
ساٽيڙي سَيَڪِهين پاندِ پَنئو تو پوءِ
سَيدُ پِيرُ سَندوءِ، مانَ پَسِي حالُ هَٿُ ڪٽي.

٢

پنبٽيُون پيرَ ڪَري، پُرُ پيراڻي لوءِ
سَيدُ پيرُ سَيين پَرين مُرشدُ مِنو هوءِ
جي آيا اڳي پوءِ، سي رسئا حَقِ حَبيبُ چئي.

٣

پنبٽيون پيرَ ڪَري، ڪَرِ پَنا ڏي پَنڌُ
نمَ ڪَٽوُري ڪيوڙين وَٽين مُڪو ڳنڍُ
اَهِمِ آسابَندُ، پيراڻي پيزارَ سين.

٤

پنبٽيُون پيرَ ڪَري، پُرُ پيراڻي پارِ
ڏُنِي جَنِ ڏُئارِ، رَهي نہ رَتيءَ جيتري.

٥

قُبا ڪامِلَ پيرَ جا، مِهتِ موچارا ماڳُ
ساري وَٽُ سَيدُ چَئي وانءُ وَهلو واڳُ
جِنہ ڪوڙيين لاٿا ڪيترا مَٿان لَڳَنِ لاڳُ
توکي ٿَنِي سين ڪِئو سينڌو ڪَنہِ سَياڳُ
جي اِهڙا پير اَجهاڳَ، سي مَنَ ۾ رَکُ مِيوُن چئي.

٦

سَيدُ سُجاڻِي، ڪوهُ نہ پَرين پَهيڙا
اَهڪيءَ ۾ آڏو ٿئي، سُجنِ ۾ ساڻِي
لائِقُ لَلاڻِي، پيرُ ولايتُ وِٺرو.

٧

لَلاڻِي لَهرِ مُئي، سَيدُ مڙوئي سَچُ
جَلِي سَيُ جاءِ ٿئو، ڪُوڙِ ڪُلڪَڻ ڪَچُ
محبت جي ميدانَ ۾ مَرد بارِئو مَچُ
سَچَ منجهان ئِي سَچُ، ڪوهُ نہ پئين پَهڙا.

٨

سَيدُ پِياري سي، لُڪَنِ جي لَهِسئا
مَجازان ميون چوي، مُوران ڏارَ ڪَري
ماڻي ٿَنِي ڪي، مُشاهِدو محبوبَ جو.

٩

ميان صاحب پير منهنجا موچارا مُرشدَ
هُوءِ لنگهائج حَدَ، سُجي جا صراط جِي.

١٠

ميان صاحبَ پيرَ منهنجا مُرشِدَ موچارا
رکِين پيڙ پٽين ڪان سِيدَ سونِهارا

اسين تو هارا، تون داڙو ٿيءُ درگاهَ ۾.

۱۱

ميان صاحبَ پيرَ منهنجا سَڌَ سُٽڄُ تون شاهَ
آءٌ اوهان جو آهيَان ڪا مِهرَ ڪرهو مون ڏاهَ
اکيون لڳِ الله، ڪڻو پاڙيءَ ڏي پانهنجيون.

۱۲

ڪڻ پاڙيءَ تي پانهنجيون ميان مِهربانَ
ڪَرِ تون مِهرَ مُريدَ تي سَڀِ پَرين سلطانَ
دَران تو ديوانَ، اکهائِي سَگها ٿئا.

۱۳

ڪڻُ پاڙيءَ ڏي پانهنجيُون اکيون پَري ٻاجَهه
مِهرَ ڪَرِ مُريدَ تي سَپِين پَرين سَرتاجَ
اکيون پَري ٻاجَهه، ڪڻُ پاڙيءَ ڏي پانهنجيون.

۱۴

اکهائِي سَگها ٿئا جي پِئا اِهنجي پارِ
ٻئِي ڪٿِي ٻاجَهه سِين نِرمَلَ ٿون نِهارِ
تِني کي ٿَمَرُ ڇئي ٿُرت لَنگهايين ٿارِ
ڪامِلَ اهنجِي ڪارِ، اَصُلِ آهي اهڙي.

۱۵

مِيران مُرشِدَ مُنهِنجا حضرتَ پِيرَ حبيبَ
دادُلا دَرگاهَ جا نُوراني نَجِيبَ
سي نالائِق نَوازِيين گولا جي غِرِيبَ
جي لُڪُن آهِينِ لوڏئا ضلالتَ ضَرِيبَ
آءٌ قادِرَ جا قَرِيبَ، مَددَ ڪَر مُرِيدَ تي.

۱۶

صُبُحُ سو سَنيارِ، جوڙُ جِنهِ جو ناهِ ڪو
هَلُ هاشمِي حَبِيبَ ڏي، وَهَمَرَ سَپَ وِسارَ
ڏِني جِنه ڏُئارَ، رَهي نه رتيءَ جيتري.

۱۷

صُبحاڻِي صُبُوحَ جو سَيدُ جي سورَنِ
ڏارَتِ ڏُکَ لَهَنِ، مورا ٿَني مَڳٿين.

۱۸

جي آساڻُو آهيين، وانءُ پَلي جيءَ پٽ
مهتِ موچارا ڪُنگرا، روضي چِگَا چِٽَ
مُورَ مُنهنجا مِٽَ، ڏيندا جاءِ جَنتَ ۾.

۱۹

جي تون آساڻُو آئيو تان هَلِي پَسُ حَبِيبُ
ترت ۾ طيبُ ڇئي ٿيندو ترت طبيب
نُورانِي نَجِيبُ، وَٿونُ ڏِيندءِ وِترِيون.

۲۰

جي تون آساڻُو آهيين تہ هَلِي پَسُ حَبِيبُ
ٿُرتِ ۾ طِبِيبُ، ٿيندو وَڏَلُ وادوڙئِن جو.

۲۱

جان تون آساڻُو آهيين، تان پَري پِٽِ تي وانءُ
سونهاري سَيِدَ جو ننگُ موچارو نانءُ
تہ سهَجَ ڪَري توسانءُ، سَداهوئين سُرخُرو.

۲۲

جان آساڻُو آهيين تان پٽَ تي ڪَرِ پيرو
سونهاري سَيِدَ جو ديکُ وجي ديرو
تہ ٿُرتِ ۾ تيرو، مطلبُ مِڙوئِي ڪَري.

۲۳

وَڏَلَ وَڏوئِي، آهِمِ تُنهنجو آسَرو
ڏوبِينِ جان ڏوئِي، عُيبَن ڪان آجو ڪَرِين.

۲۴

سَيِدُ پِيرُ سَمُونڊر هي، جامَنِ سَندو جامُ
اَگهئو دَرِ الله جي، ڪامِلَ جو ڪَلامُ
اوڏو ٿئو عَظِيمَ ڪي، لَئہ سِين لائي لامُ
پُرِي پُڇو پانڌِيا سندو گوهَرَ گامُ
جَنِ ڏِنو لالَ لَطِيفَ ڪي آيو تَنِ آرامُ
ڪونہ رهيو ڪو خامُ، سَڀَ سُڪِي ٿئا صالحُ ڇئي.

۲۵

ميان صاحبَ پيرَ منهنجا پَلا پِٽَ ڏِٺِي
تُنهنجي آهِ تِٽِي، ٻِي ڪَنڌِي ساريان ڪانہ ڪا.

۲۶

توتي لَڄَ لَطِيفَ، هن منهنجي حال جِي

ڪِينهين ٻئا قُريبَ، ڏاران تو دوستَ مون.

٢٧

تون داڙوُ ٿيءُ درگاهَ ۾، ڪَرِ وِلهَن تي وَرُ
سَيدَ سارَ لَهيجُ تون، ميان ۾ محشَرَ
دائِمُ جَهليمُ دَرُ، تہ عَيبَنِ ڪان آجو ٿِيان.

٢٨

پيرُ منهنجو پاتِشاهُ نُوري نيڪَ خِصالُ
ڪَمِي ناهي قطرو تِنهِ ڪامِلِ جي ڪَمالِ
دُشمنَ تِنه دوست جا وِئا منجهہ وَبالَ
هَٽِي مُڪَ مُنڪِرَ ڪي ڪَري جانِ زَوالَ
خَواصَ تِنه خاصَ جا ڪوڙين ڪَهَنِ قَوالَ
جيڪي سنيارينِ جِتهِين، لهي ٿَنِ سنيالَ
وَرُ ڪندو وَڏَلَ شاه تي اَپارين افضالَ
جَواهَرَنِ جوتَ نِي جانِبَ جي جَمالَ
پياري پُرُ ڪَري پِرتَ جا پِيالَ
صحُبتَ تِنه سَيدَ جي ڪَڍي خامَ خيالَ
ڏِني لطيفُ لالَ، ٿئي راحَتَ رُوحَ کي.

٢٩

صالحَ ٿِيءُ سُڌِيرُ، سُڻُ هِنيين سِين هيڪَڙي
مَنجِهنءِ لَڳُ لَطيفَ جو، پَرِ ۾ پُڇجُ پيرُ
ڏاران مُنهَ مُرشِدَ جي، ڪُوءِ ڪندون ٻَنِ ڪيرُ
جو اِسمُ چوءِ اَميرُ، ويهہ تَنهِين سين واڳِجِي.

٣٠

داتا سَندي دَرَ تي ويني آه وَساڻِ
وَسُو پائي وَڻَ ڪي، طرفَ پانهنجي تاڻِ.

٣١

دائِمُ آهي دَرَ تي ڳنگا ڳُنهگارَ
اِيءَ ڪَريماٽي ڪارِ، جئن پُڄَنِ پَليئَنِ کي.

٣٢

پنبٽيُون پيرَ ڪَري، سَنبهُ ڏانه سَيدَ
جُمعَون شاهَ جَمالَ جو عبدَلطيفي عِيدَ
مَٽان مون مُرشِيدَ، قرضُ لاهِ قُبي ڏٽي.

وائي

الله ٻاجهُون ڪو نَهين ساٿِي
مئن قُردي آئِي چُپ چُپاتي
سِڪَ شاه رانجهن دِي ميان، ڏينهان جو راتِي
آکي لطيف فقير غريبي ڪِيجي
صبر شکر جي گهِٽنِي پيجي
دل ڪُون چا نصيحت ڪِيجي
نفس ڪُتي ڪون مارو ڪاتي
آکي لطيف فقير مَن پيا حُجري
ڪِتني سال ڳَٽيدي گُذري
اجان نهين پهُتي پِيَہ کي حُجري
من ڪِناري لاتِي.

داستان پنجون

١

پيرُ منهنجو پاتشاهُ اُتَرَ ۾ آهي
هيٺَنِ متان هَٽِڙا لائِقُ نہ لاهِي
آڳانڊو آهي، ڪامِلُ ڏِينه قِيامَ جي.

٢

پيرُ منهنجو پاتشاهُ، لَڪياري لالُ
مُرشِدُ ڏِئي مريدَنِ کي عاشِقِي احوالُ
پِي سي پَيڙا پُرُ ٿيا حقيقتي حالُ
منجهان نِيہَ نِهالُ، پيرُ ڪري پانديِن کي.

٣

پيرُ منهنجو پاتشاه لالُ لڪَياري
سُونهي تِنهِ سَيدَ جي ڪامِلَ ڪَچهَاري
دائہُ دلداري، تُو مُرشِدُ مريدَنِ کي ڏئي.

٤

جي تون آسائو آهيين تہ وڃ ڪَڙيي جي ڪورَ
عشقَ جي اُتي ٿِئي اَنئِي پَهَرَ اورَ
هَمَ غَمَ وَجنيئِي هورَ، پَسَڻَ ساڻُ پيرَ جي.

٥

جي تون آسائُو آهيين، تہ وَڃ ڪڙيي تي ڪاهي

ڏک تنهنجي ڏيلَ تان لائق سڀ لاهي
پيرُ تو پاهي، اُجاري اُچو ڪري.

٦

جي تون طالبُ تارِ جو تہ تان ڪيڏي مَ تورِ
ڪُڙيي وارو قلبَ ۾ آڏي اُٿي اورِ
ٻِيا ڏيهَ مَ ڏورِ، وانءُ پيراٺي پارَ ڏي.

وائي

هَر جاءِ آهي هادي، هَمہَ جاءِ هوندو هادي
پيرُ پنهنجو پاڻ سين
سَمرُ آهي سُج ۾، بَقا دارُ بَرادي
مِيوُن مُريدَنِ جي دانِهن سُڻيندو دادِي
ڪونيندو قُرب سِين، مَهندِ ڏيندو مُنادي
آهي عبداللطيف ڪي سوءِ اُسي ڪِي شادي.

وائي-٢

ڪونہ ٻُجهي ڳُجهہ دِل دا
هادي بِنا ڪونہ ٻُجهي ڳُجهہ دل دا
الله والِي ڪَرم ڪَريگا
رَب دليان دا قُفل کوليگا
اِيهي ڳالهيا چڱيان لوڪو، يار اساڏا دِل دا
روز اَزل ڪنون عشق پڙهيوسي
نام سائين دا در تي ڳِڌوسي
تِکي رمز نيٽان دي لوڪو، لوڪ واقف نهين تِل دا

داستان ڇهون

١

ڏنُ تون ڏناسري، ڏن تون بالا پيرَ
مَکي سَندا پاتِڙي، ثابتُ لنگهائين سِيرَ.

٢

وَليين ڪوهُ ڪمانڊَ، ڳُڙُ پيرنِئون سَپجي
هَلُ تہ هَلون ڪانڊَ، آڱرِ لائي ڳيڙو.

٣

مون پيراٺي ڳِجِڙي، هَلُ تہ هَلونِ ڪانڊ

ٻَري ڳٿوريءَ پانڌَ، ڄتان اُچي سَيڪو.

٤

اَچا پيرَ سَندامِ، آءٌ ميريائِي مَ ٿيان
وَهَرَ صَحِيُ ڳندامِ، اڳَ وِسُوڙِي آهِيان.

٥

سَيِدُ پيرُ سموندُر هي، اَنت نہ جاڻي ڪو
قِرِ قِرِ سيوا جو ڪري، ماڻِڪ پاوي سو.

٦

مون تُنهنجو آسَرو، مون تُنهنجو ڏڍُ
مٿان مون مَ ڪڍُ، پير پنهنجا هَٿڙا.

٧

مون تُنهنجو آسَرو، مون تنهنجي آسَ
ڳَرين ڪيمَ نِراسَ، جَنِي تُنهنجو آسَرو.

٨

وَسِيلو نہ وَسُ، پُنگيءَ پَرُ نہ ساريَان
پَتَڙُ ڏِيندو پاتِڙي، اُهڪِيءَ ۾ اَوَسُ
حالُ هَمارو پَسُ، سَندا روضَنِ راڄِيَا.

٩

اولي لَڳو اورِ، پانڌيڙا پيرَنِ جي
توڪي نِيندا توڙِ، پَلَءَ لائي پانهنجي.

وائي-١

ڏِن جوين دي نال
رُوپ، جوين دي نال
ڪُوڙي دنيا، ڪوڙا پَسارا، ڪِنهِ نہ نِيتِي نال.

وائي-٢

مئن تيڏڙي ديواني، مئن تيڏڙي مستاني
آ مل مَيڻون پيرَ پيارا
صُورت تيڏي ڪَعبا قِبلا، دل دي اندر جانِي
اکِيَان تيڏيان بَلَن مشعلانَ، جِس وچ جوت رَباني
مئن جا تيڏي تون مئن وچ وَسدا، مئن تان ڪِيتي قرباني.

وائي-٣

اَپڻي ويڻين دا چا غلام ڪِيتوئي

اکيان تيڏيان لعل شرابي، مَئي دا مَند پيتوئي
سرِ سَيد دي چوُرنگ چيري، کوڙين رَنگ رَتوئي
هوش اساڏا سُهڻا سائين، نيڻين نال نِيتوئي.

وائي-٤

تِلفُ نہ تولِئو جاءِ، ماڏُو نا ناتو نِيہَ جو
عشق نہ واڙيءَ پوکئا، عشقُ نہ هَٽِ وِکاءِ
عشق ڦُلوبان نِکَتا، چُن چُن هَڏيان کاءِ.

وائي-٥

ڪِس باغان دي مولي

وي تون ڪِس باغان دي مُولي

باغان وچ جو طوطا ٻولي، تون ڪِيا ٻولين چَنبُولي
باغان وچ جو چَڪُوا مَروا، تون ڪِيون گند گندولي
مُولي پَنان سوڌي تول وِڪاڻي، مُولي سائين قبولي.

سُر شينه ڪيڏارو

هن سر جي بيتن جو موضوع ”شينهن جي جنگ“ آهي: شينه وڙهي ته هاٿيءَ سان وڙهي باقي هيٺن تي حملا نه ڪري! ”اِي قيصر جو ڪم، جئن هاٿيءَ کي هٿ هٽي!“. سنڌي ٻوليءَ جي اڳئين دور ۾، شينه لاءِ ’سِينه‘ لفظ به استعمال ٿيندو هو.

شينهن جي هشمت ۽ حملي جو بيان، جنگ جي ميدان ۾ بهادرن جي بهادري ۽ سورهيائي سان پڻ لاڳو آهي. انهيءَ مناسبت سان، سر ’سِينه ڪيڏاري‘ جا بيت، جنگ ۾ بهادريءَ جي تعريف ۽ ترغيب لاءِ ڳايائون. شينهن سان لاڳو ٻيا جانور جيڪي پڻ مقابلي جي ميدان ۾ ڪُتجن ٿا جهڙوڪ تازي گهوڙا، باز ۽ بانشا، يا ڪُڙهه تي خبردار ڪتا تن کي به ساراهيو ويو آهي.

فصل پهريون

١

مَتي جنه مَدارُ، ڪاندِ تِنهِ جو ٽَڪِيو
پاڻُ اُونچو، عادتَ نيچي، اِيءَ سِينهان پَروارُ
ڪيسرَ ڪَرُ جُهارُ، ڏِني جِنهِ ڏارَثُ لهي.

٢

موڪِري ٽِري، چوٽِي ٽِري، چوٿو ڪِهَرُ پاڻُ
گجي تہ گيوَرَ هٽي، مِرُو ٻِئا آساڻُ.

٣

سَهسين مِڙِي سِيارڙا، جي جَنبُو جاڳَرَ ڪَنِ
تہ ڪِهَرُ ڪَنَ نہ اُبَڪي ڊِراءِ نہ ڊِرجي ٿَنِ.

٤

ڪُڙهو ڪيسَر وِياءُ، پَسو واڳهہ وِلاڙِئو
ٻيٺو باپ مُلاءُ، ذرو ضايع نہ ڪَري.

٥

ٻيٺو باپان وِترو ڪُڙهو ڪيسر پَسُ
آپ ڇِپاوَڻُ، پَرُ مارڻُ، ذات سِينهان جِي جَسُ
جِئَن وَجي دَمامَنِ دَسُ، تِئَن مَتي آڙَنِ اَسَري.

٦

اِيءَ قيصر جِي ڪارِ، جئن هاٿِيءَ کي هَٿَ هَٽي
جي ويهين واڳهين وِيڙهِئو، توءِ لانجهو ڪِيمَ نِهارِ
ڪِلي وير قرارِ، رءَ ڪِلي ٽِئي ڪانهرو.

٧

اِيءَ ڪيسر جو ڪَمُ، جئن هاٿِيءَ کي هَٿُ هَٽي
نِهوڙي نائِنُ سِينَ، دَمائيسِ نہ دَمُ
ڪِلي وير قدَمُ، ڪوڙي پَر ڳٽي نهين.

٨

روجهہ نہ پَڪِرجَنِ، مَتا جي ماهِ گهٽي
ڪِجي سَنگُ سِينهَنِ سِين، واڪي جي وَرَنِ.

٩

ڪِهَر قَصدُ ڪَباب سِين، مَڇِي مُورِ نہ کاءِ
جي سِينهان سَئُ لَنگهٽين، توءِ نہ لِکَ لَکاءِ
پيرُ تِتَهين پاءِ، جِتِ ناهِ مَجالَ مِروءِ جِي.

١٠

نِيهَ سِيچاٽي سِينهَ، ٽِرنهين قَصدُ ڪَباب سِين
راتِ ڪاڏاٿُون ڏِينهَ، تہ پُڻُ پُوٽِن ٻُکِيا.

١١

سَگِيٽِي تہ اُوچُ سگيٽِي، نيچُ سَگيٽِي ڪِرتِ وٽاهُ
جيلاهَ ڪِهَر سين مِٽري، تيلانه ڳٿُون سِرِ چَري ڳاهُ.

١٢

ڳٿُون مارِئو ڳَرَ چَڙهي، ڳَرَ چَڙهِئو ڳٿُون کاءُ
ڪِهرُ پَلاٽِي جي سَهي تہ لُون لُون لَکَ وڪاءِ.

١٣

ڪهرُ چوٿو، ڪَنَ ڪُرا، ڪَنڌُ قَريبو ڪوهُ
ڪُر ري ڪَرهَ نہ ٽِيي، پِتِ رءَ چِٽُ نہ هوءِ.

١٤

ڪيسر کي ڪِرندي، لَڪِڙي لَکَ پيوسِ
هَرنا هَٽُ نہ هَٽِي، گينوَرُ ڪونہ ڳَڏِئوس.

١٥

هاٿِي هِمَتَ سِين هَٽِي، هَرنا هَٽُ نہ ڏِي

سامهون اُچي جَن کي نهوڙي ٿَنِ ني
اِنَ کِهَرَ ڪنا کي، پَڳان پاڳين اُبهن.

١٦

ڪُڙها ڪَيسرا، وَرِيَمِ بُڪئو
لاهي هامَ هِيا، جَنبُو جِمَ جُهارِئين.

١٧

کِهَرَ گِري لَڳُ، جي هاٿيءَ جو هَڏُ گهُرين
پَسي وڏو وَڳُ، جَنبُو جِمَ نِهارِئين.

١٨

جَنبُو تہ جهونجهارُ، سِينهُ وڏي ئي سَتَ سين
وَنڪو ويرين ويڙهئو توءِ هَٿائي هَزار
ڪَيسرُ ڪِلِي وارَ، تو گسَ نِهاري گينوَرين.

فصل ٻيو

١

مُوران مانو نہ ٿئي تازي جو توڙان
هاٿِي جي هِيٺو وَهي توءِ گهَڻَ- مُلهو گهوڙان.

٢

ڪڻُ بورائو بازَ کي، ڳجهَہ جي ڪِجُ مَ ڳولَ
ڊوڙَ جَنهِ جي ڊُونڊَ ڏي، رڻُ ۾ وَتي رولَ
جو ٻهون پاري ٻولَ، سو هتان چَڏِ مَ شِڪرو.

٣

ڪڻُ بورائو بازَ کي ڳجهَہ مَ ڳري لاءِ
آهي اِنَ آنڊيءَ جي جِيفي پاسي جاءِ
ڪاڄُ اُهوئِي ڪاءِ، هُو جو قوتُ ڪِلابَ جو.

٤

ڪڻُ بورائو بازَ کي، ڳجهَہ کي ڏي مَ ڳِلُ
هُماءِ ڏي تون هَلُ، شِڪرو ساڻُ ڪٽِي.

٥

عاشقُ توءِ آزارَ سين جي مٽي وِجي ڳيجَ
جي وينو منجهہ ڪُريجَ، توءِ سيڇاڻي شِڪارَ سين.

٦

آهي عاشقن کي ڪاڙهو منجهہ ڪُريجَ
جي مَٽي وَجي ڳيجَ، توءِ نِهاري ڊُونڊَ ڏي.

فصل ٽريو

١

سَگبانَ جي سِينداڙئا، ٻَچئا تي ٻَهَنِ
ڦِرئا نہ فرمانَ ڪان مُلُ نہ موتيئڙنِ
ڪونهي ڏوهُ ڪُتَنِ، ڏاڪارِئا ڏاڙهين ٿا.

٢

جُهُ پارُ ڏِنائون يارَ جو پُنيءَ پيرُ ڪَڙينِ
ڦِرئا نہ فرمان ڪان، اِنهين ۾ آهِين
ڏِسِي نہ ڏاڙِهينِ، شبانَ جي سَگَ کي.

٣

ڪُتو طالِبُ ڊُونڊَ جو، اَسِين ڪُتي ڪِيڙ
ڇَهُنِي آهي ڇيڙ، ڪارايلَ جي ڪَنَ ۾.

٤

ڪُتو ڪُرتي هَڏِيُون، جوان مرد جِگر ڪاءِ
'الدُنيا جِيفَۃُ و طَلابُها ڪِلاب'، اِي هنيين سِين لاءِ.

٥

ڪُتا قَريبَنِ سين ڪَهڙو ڪَريين ڪوڏُ
هُوءِ جي چُونئي 'ٻوڏُ'، تہ دَران تون دُورِ ٿِيين.

٦

جَنِي سَندو آهيين سي جي چُونئِي ڦِٽُ!
تہ ڪُتا قَريبَنِ سِين پيري ٻَڏُ مَ ٻِٽِ
هُوءِ جي چُونئِي هِٽِ، تہ ڪاٽيارو ٿِين ڪُڙمَ ۾.

٧

جَنِي سندو آهيين سيئي چُونئِي هَڙُ
تہ ڪُتا قَريبَنِ سين دعويٰ پَئِي مَ ڏڙ
جَنِي وِڏوءِ وَڙُ، وَرِئو عاقِي ٿِئين اُنِ سِين.

٨

جَنِي سندو آهي سي جي چُونسِ آءُ
تہ لَڙُ لَهريون ۽ واءُ، ڪُتي سڀ قبوليا.

٩

ڪُتا قَريبَنِ سين پيڙي ٻَڌُ مَ ٻيٺِ

جَنِي سَندو آهِيين، سي جي چُونئِي 'هيٺ!'
جَنِ ڏيکارِيئِي ڏيٺِ، وَرِئو عاقِي ٿِيين اُنِ سِين.

١٠

ڪُتو چَئي، قَريبَ جا آهيون ساڏَ صَحِي
پِهرين باتِ بَهِي، پُڇُون پوءِ پانڌِيَنِ ڪي.

١١

نَڪِين آهِيُون چُوهَڙا، نَڪِين آهِيُون چورَ
هاڳاما ۽ هور، ڪُتا ڳَريين ڳَنِ تي.

١٢

ڪُهين تان آپ ڪُهُ، ڏَسِ مَ چوهَڙِيان
سَندا آهيڙِيان، آن نہ سَهندِي هَٽِڙا.

١٣

وينو آهي واٽَ تي، ڪُتو ڪُتِيءَ وَٽِ
پوتيون پانڌيڙَنِ جون، چيرئو ڪري چَٽِ
جا ڳلَرَ ۾ ڳهٽِ، سا پُونڇي تي پوريون ڪري.

١٤

جاڳايَسِ جَنبُورَ، ڪُتي قَرِيبَنِ جي
ڀهي ڀُڪي اُٿيو، گهڏِي منجهان ڳهُورَ
سَڀُ لاٿائين سُورَ، ڳِري هِنَ غَريبَ جا.

١٥

ماٺِ ڪِئو مارِينس، ڪُچُ ڪُتي سِين ڪِينَ ڪِين
پائي ڳَنٽُ ڳِچيءَ ۾، دَرِ دوستَنِ ڪارِيئَسِ
سا پَرِ سيڪارِينسِ، جَئِن ڀَهڻَ ڪان ڀَسِ ڪَرِي.

◈

سُر هير رانجهو

هير- رانجهي جو داستان هن سر جو خاص موضوع آهي. پنجاب ۾ هي داستان 'هير' جي سر ۾ ڳايو وڃي ٿو، سنڌ ۾ اڪثر مانجهه جي سر ۾ ڳائجي، ۽ جوڳ جي سر ۾ پڻ ڳائن. هن سر هيٺ ڏنل بيتن مان گهڻا سڀ معياري سرائيڪي شاعريءَ جا مثالي بيت آهن. فصل-٢ جي بيت نمبر ١١ ۾ شاعر نورنگ جو نالو آيو آهي. هن سر جي گهڻن بيتن ۾، مجاز ۽ محبت ۽ دانائي ۽ حڪمت جا دُر پوتل آهن.

فصل پهريون

١

رانجهن والا زهر پيالا، ڳجهڙي آيم پاجي
ماءِ پيُو ڪنُون چوري پيتم ڪِيتم روح راضي
دِل دِي قضا دل ئِي جاڻي، تون ڪِيا جاڻي قاضي.

٢

سُڻُ وي سَگ مئن سَگ تيڏا، تون سگ ميڏي دلبر دي در دا
ڪٿُوندي طعام سَٽيندي لُقما تيڪُون پاڪ نظر دا
اِهين لُقمي وچون هڪ لقما ڏيوين تہ ٿيوي قُوت قبر دا.

٣

دَرد وَنديان دي در اُتي مئن ڪَک ڳلي دا ٿيوان
لڳي واءِ تہ مئن اُڏر وڃ چُلهہ وچ جا سَٽِيوان
محبوب مَيڏي ڪَرَن اَراڻِپي، او ڦُوڪَن تہ مئن جيوان.

٤

چولي ميلي صابڻ تولا، ڪتنا مَلمل ڌووان
سيني اندر داغ رانجهن دا جيُون ويکان تيُون رووان.

٥

مَردِي آن مَر ويسان رانجهن، مَئن تون هير سَڏيسين ڪِيئُون
تيڏا شوق نال مَنجهيندي، چوٽڪ لائِيِ مَيئُون
ڳلي اَساڏي آ ميان رانجها، وَل وَل تاءِ نہ مَينون
تو جِهَا مينُون اور نہ ڪوئي، مئن جيهيان لک ٿيئون.

٦

ٿن پي ٽُڪڙا، مَن پي ٽُڪڙا جِيُون دَرزيان ديان لِيران
اِين لِيران چُون ڪفني سِيسان چَلسان نال فقيران
تو جيها رانجها اور نہ ڪوئي مئن جيهيان لک هيران.

٧

رانجهن هووي بَحري شِقرا، مئن بَن بَن طعاما ٿيوان
ڪَري ڪُلاتا لي جاوي، مينون ڪاوي تان مئن جِيوان.

٨

چوٽي چُوٽي مَک نہ دلبر، چوڙ تہ هووَن سادي
ڏون نيٽان دي ويکڻ ڪِيتي وسپهر نانگ وِراڏي
جي پَنِي سي يَج چُٽي اُٺون جي ڪڙي سي ڪاڏي.

٩

داغ دَروني، سَوز ماهِي دا، ڳهِن قبر وچ ويسان
سيج ڪيڙيان دِي مُور نہ ماٽان جي وچ دوزخ سَڙسان
مُنڪر تين نَڪِير اَڳُون مئن حرف اِهو ڳهِن پڙهسان
جي شَهَ رانجها مين نو ميلو، جو شه آکيا ڪَرسان
رُخصت ڀاجهون يار ماهِي دي وِچ جنت نا وڙسان.

١٠

ڪٿ اسان، ڪِٿ يار اساڏا، ڪِٿ ياران دي بستي
رانجها ڳسَن، ڪيڙا ڏسَن، ويک جِٽان دي مستي
ساري لوڪ وچون هڪ دوست ڪِيتوسي لوڪ تنان نون خُستي.

١١

اسان لوڪان دِي ڪاڻ نہ ڪائِي، لوڪ اسان تون وڳي
ٻَڪري وانگي آپ ڪُهايوسي، بي قدران دي اڳي
ڪَڍ ڪتاب قاضي ڪول مسئلا، عشق شرع ڪيا لڳي.

١٢

ڳڏِ نہ ڪاتي، ڏي نہ ڏڙڪا، مئن ڪُسڻ قبول ڪريسان
ماهِي ڪِيتي مرڻ قبُوليا، ڪيڙيان مُول نہ ويسان
جي ميان رانجها سڏ ڪريسِي، ڪُنڙيائِي سڏ ڏيسان.

١٣

چنبر مُبارڪ ٿَن ڪون ڪيها، يار جنهان دي رُنّي
ڳلِي ڪُوچي ڦِرن نِماڻي، دو نيڻان دي ڪُنّي
سَجڻ سانوڻ مِينه جِيُون، ڪيا جاڻون ڪِٿ اُئي!

١٤

لِک ڪِتابَت ٽِيُون ڏيوان جي دلبر نون پُهچائين
جيوين آکان تيوين آکين، ويندي پَل نہ لائِين
ڳل وچ ڪپڙا شير زبانا دَست پيران تي پائين:
نہ مئن سِر صحي غلام تساڏا دل دي مِهر نہ لاهين.

١٥

الف الله، تين ميم محمد، عَين عَلي ڪر جاڻان
عَرشان لَتيان چار ڪِتابان، پَڙهيان مسلمانان
وِچ تِنهان دي زيران زبران، مئن ڪِهڙا حرف سُجاڻان
پَر قلَم رَباني لِکيا ڪوئي ميني، مئن تنهن
دِي مَردِي جاڻان.

١٦

عِشق ڪَنون تِرئي تول پرايُم، سُور سِڪڻ ۽ سُمهان
وَتڻ ڪَنُون بابَل ماري، ڪَتڻ ڪنون امان
جي مئن جاڻان عشق ڏُهيلا، نَنڍِڙيائي مَر وڃان.

١٧

هِڪ سُهڻا، بنا دِل دا ڏاڍا، تِريجهي بيپروائي
آه ڪَران تان جَڳ جَلِي، ڪران ڪُوڪان داد نہ ڪائي.

١٨

ڪالي وال لَطيفان والي، اکيان بَلَن مَشعلان
نڪ ديان نوڪان ڏيوَن چوڪان، وَل وَل ڪُهن ڪَنگالان.

١٩

حاڪِمِ تِيوان، حُڪم هَلاوان، عشق اجاري پاوان
جو ڪوئِي عشق نہ جاڻدا، سو سڀ قَتُل ڪَراوان.

وائي-١

سمجھ نہ لايا نِيہ، سَهيوڙِي!
مئن سمجھ نہ لايا نيه
رات انڌاري حاڪم ڏاڍا
جُهڙ ڦُڙ وَسدا مِيه
چِلان تہ پُسي چولڙا
وَلان تہ تُٽي نيه
انڌر ڀِهان تان ڀَهڻ نہ آوي، ٻَهر ڀِهان تان ويڙها ڳاوي
عشق تہ ڪوئي شينه
سيني انڌر جهوڪ رانجهن دي، ٻيلي
ڳجدا شينه.

وائي-٢

هِير بيراڳڻ هوئي،
وو ميان رانجها، هير بيراڳڻ هوئي
رانجهن متي جو لال بوچڻ، هير متي جا لوئي
جَنهن تَڙ رانجهن مَنجهيان چاري
ڪو تَڙ سُونهائي مين سوئي.

فصل ٻيو

١

دلبر ميڏي رنگ سوني دي، ڪِيا ڪَميٽا سونا
سوني دي گهر سون سَپيجي ڪات ڪَريجي سونا
مئن فرياد فقير شِڪستي خير ڏهيجي سونا.

٢

چوٽي چُوٽي مُنه تي سُهٽي لُڙڪيان بَٽِي لائي
ڪُوڙي يار نہ ٿيون سچي توڙي نِت نِت ڪَرن وَڏائي
ڪاري ڪوه نہ ٿيون مِني، توڙي سئو مڻ گهت مِنائي.

٣

سُڻ ميان رانجها هيڪ اساڏِي، ڦيرا پاءِ ڪَڏاهين
آئي هي رُت ماه ساوڻ دي، چُليان ڦُلڻ وائين
مُنه ويکڻ ڪون اکيان سِڪَن، ڳل لڳڻ ڪون ٻانهين.

٤

مِل محبوبان مصلحت ڪِيتي چلُون عشق دي ميلي

خُوبان خوب پَريندَئي پاٽي هردم ويکڻ ويلي
ٻانهان ٻڌ سلام ڪِيتوسي جون گر ڪي اڳي چيلي.

۵

لَيا سُرما جوئيان پُوري وَرَن ڪانه
سُک نه سُتِي نال ڍولڻ دي، ڏي سِراندي ٻانه
جِنان ٻاجهون ساعت نه سهان، تِنان لايا مانه.

٦

ڪِٿ اسان، ڪٿ يار اساڏا، ڪٿ اساڏيا جَمان
اُپي سَرَ دي پکي هاسي، سانگ پيوسي لَمَان
اُنُوندي جوپن وَهندي پاٽي، ڪنهن نه گهتيا ٻَنا
رزق مهاران چِڪيان، وَس نه چوڙياسي چَمَان.

٧

آ ميان رانجها گهِن مصلحت ميڏي،
وِيچ منجهين گهِن ڳائين
منجهيان مِڙن هک ويلي، ڳائين سَنجه صُباحين
وَسَن مِينه پَريجَن تُوپي، لگڙي نال وتائين.

٨

ڪالِي رات ڪاليان مَنجهَيان وَيسان ڪالي ٻيلي
دِل دا محرم ڪوئي نه مِلئا جو چَلي اُس ويلي
اُپر چندر ڪر سَهائي، مان رانجهن سائين ميلي.

٩

دل درياء مَحبت ٻيڙي، ميڏي لهريين نال لَڙائي
اها جند چا صدقي ڪيتي، جي رانجهن نال رهائِي.

١٠

ڪَنڌِي اُتي ڪڙ ويک تماشي، اُنُوندي ٻاند لُڙائُو
ڪيئي آوَن غوطي کوندي، ڪئين آوَن آسائُو
دولت دنيا مال خزانا نهين نال نيباهو
اين دنيا دا ماڻ نه ڪرين، هيئي ساٿ لَڏائُو.

١١

درد فراق اساڏي دا خط قاضي ڪَنُون لکِيسن
قلم نِماڻي، ڪاغذ شُهدا، آهِ ڪَنون جَل ويسن
مشڪل پَينديا ٻار غمان دي، قاصد کهڙا نيسن
جِيندي سي تان ياد نه ڪِيتُن مَر ويسُون ياد ڳريسن
"نورنگ" جيهي نِماڻي ڪون گَل هَس تين
فاتحه ڏيسن.

١٢

درد فراق نه سَهسان صَحي، موت قبول ڳريسان
جي مَيڪُون شه رانجهن مِلسي تان سُهاڳڻ ٿيسان
جي پارُون آ ڏيوي ڏِکالِي، ته سَئو دريا تئون ترسان
سِر ميڏي وچ ڏون شادمانيان، يا مِلسان يا مَرسان.

١٣

عشق پِہ رَتا، مُشک پہ رتا، تون ڪيون رتا طوطا
نال پنبٽيان دي ڏاڳي وَنيي هارَ هَنجهين دا پوتا
سئو ورهيان دي زحمت جاوي، عشق نه جاوي ڏوتا.

١٤

درد فراق رانجهو دا مئن گهِن قبر وچ ويسان
ڪيڙي دي مئن هوئي نه هوسان ڪيا جي دوزخ سڙسان
مُنڪر نڪير اڳي مئن تان سبق اهو ڪڙ پڙهسان
پر شاه رانجهو ميڪون آڻ ملي، جو شاه ڪَهيا
سو مَنسان.

١٥

ٻيلِي ٻيلِي هرکو آکي مئن پي آکان ٻيلِي
ٻيلِي ٻيلِي نِڪل ڳيا، خالي رَهِي حويلِي.

١٦

گهٽي گهٽي مَيڪُون راتِ وِهاڻِي، شاهدي
ڏيوَن تاري
چندر ڪُليا تين چوڏهين هوئي، مليي يار پياري
ڪالا نانگ تِنهان ڪون کاوي جنهان دِلئان
دوست وساري.

وائي-١

وي ميان مار مَ چمڪان
تون تان ڏي نه جهٽڪان
عشق عقل دا راه وڃايا
سَڀ ئي علم حاصل ڪِيتوسي، جڏان شاه
درسن وِڪايا

ڪو جو علم حاصل ڪيتوسي تنه سبق
رانجهن دا پڙهايا
ڪوجو عشق بَنئا ٿن اندر، نِت نِت سور سَوايا.

وائي-٢

مئن چاڪان دي نال چڱهيڻي
سُڻو وي سهيليان محبت واليان
ذات زمات مئن چوڙ ڏِتي، وِرهه رانجهن
دي وَلهيڻي
پتر رانجهي دا بهون چڱيرا طول پلنگ تي مئن ليڻي
مَت ڪيڙي دي مول نه گهِنسان مئن نال
رانجهن دي وَليڻي.

وائي-٣

جنهن ڪِيتي جوڳڻ ٿئييان
جنهن ڪيتي سامڻ وو
مل سياليان ڏيوَن طعني، دل رانجهو نال لَئييان
ڳوءِ ڪيڙي دي طُول وِهاٽي، پار ماهي دي مئن پَئييان.

وائي-٤

رانجها وو! مَئِن تيڏڙي آهيان
پيارا وو! مئن تيڏڙي آهيان
اُون ئِين آندڙي بانهين وو!
مئن تيري واسطي رهي وو! مئن پيا وو!
مئن نون يال، وسار نهين وو!
چيٽڪ لائِئي مئن نون وو! ڪوڪ سٽاوان
ڪنهن نون وو!
شرم شال ساڏا هووي تئن نون
مئن تيري واسطي رهي وو! مئن پيا وو!
مئن نون يال، وسار نهين وو!

وائي-٥

دِلئان دُور نه ڪِيجي
پياري والڙي ڳالهڙي
رانجهن والا زهر پيالا، شربت ڪر پئيجي.

وائي-٦

ڪِنه نُون مئن آکان ٻول ڪي
گهايَل ڪِيتي مئي سُول سَجڻ دي
چَندر جو چڙهيا ڪُل عالم ويکي
رانجهو لَڏڙم ڳول ڪي
مئن رانجهن دي، رانجهن ميڏا، ڪيڙا گهَتڙم گهول ڪي.

وائي-٧

ميري تيري بابو
سارو جنم گيو
آديسي عالم ڪان رُنڙائي رهو
گورک گودڙين وٽ آسڻ تي آيو.

وائي-٨

ڍولڻ دا مئن نون، سجڻ دا مئن نون،
اوڳڻ پِي ڳٽين جيها
آپ نه آوي، لِکڻ جو نهين، نکو سار سَنيها
آئون لِکندي ڪيترو، اُن جا جي پارَ ايها
سَرهِي تيندي سسئِي، ڪُتلِ ڪي کوهَ ڪيها.

وائي-٩

دَرد رانجهن ءدي هَئي ماري
الله! بِرهه رانجهن دي..........
هيڪ گهڙي دي ويڳڻ ڪيتِي گهن گيا دل ساري
ڪوئِي حبيب طبيب بتاوي، ڏيوي داروُن دِل- قراري.

وائي-١٠

دارون ڪيتي لاوان، وي ميان!
مئن درد رانجهن دي سينڌِي
سيني اندر سُور مِترَان دا
جيوان تي غم کاوان وي ميان
ساٿر آهي سپرين
ساجَن صِحَت پاوان وي ميان
اَچڻُ وَس نه منهنجي، جي آٽِين ته آوان وي ميان.

سر بيراڳ هندي

'بيراڳ' جو هي هندي لفظ، معنيٰ ۾ 'ويراڳ' برابر آهي. 'بيراڳ' جي معنيٰ نفساني خواهشن کي مارڻ، ۽ بيراڳي ٿيڻ معنيٰ فقيري اختيار ڪرڻ ۽ تارڪ دنيا ٿيڻ. ٻي معنيٰ ۾، هندو فقيرن جو هڪ فِرقو جيڪو لوڀ ۽ موهه کان آجائي اختيار ڪري. هي سر هندي 'دوهن' ۾ چيل آهي جن مان ڪي ڪبير جهڙي وڏي عارف ۽ تلسي داس جهڙي وڏي شاعر جا چيل آهن. هن سُر جي پهرئين داستان ۾ وڏي پيار ۽ محبت وارا دلپذير دوها ڏنل آهن.

فصل پهريون

١

پَکُ نَهين، پاوَرُ نِهين، پَهچُ نَهين، پِي دُورِ،
اُڏِر نہ سَڪان سَڪيان، مَران سُور بَسُورِ.

٢

پَرَ هووَنِ تہ اُڙ مِلان، مُجهہ نِت نِت ماري پيڙ
جون جون ساجنُ سَنيران، تِيون تيون لاگنِ تِيرَ.

٣

سَجَنُ بِڇڙئا، دِن هُئا، رَين پَڙي ظُلماتِ
ڪَهو تہ قيامت دُور هَي، جا پَئي آئِي سات.

٤

سَجن بِڇڙن ڦِر مِلَنِ، ڪِئا جانُو ڪَب هوء
لوڪ مَرنا ايڪ هَي، مُجهہ نِت نِت مَرنا هوءِ.

٥

ساجن گَئي، دو دن پَئي، مَين جانُون وَرس پَچاس
پوِلِي پُڇِي پَندتان، دِن مين ڪِتني ماس؟

٦

ساجن ساجن ڪَر رَهِي، چَلِي نہ ساجن ساتِ
دُڪان ڪارن مين رَهي، مَرگ نہ ميري هاتَ.

٧

ساجن آيا هَر سُنيا، ڪِيا لي چَلُون سات
سِيس اُتاري پَئي دَرُون، ميري اي بِسرات.

٨

ساجن آيا هر سُٿِيا، ڪَيسي جُڳت ڪَرُون
ٿال پَري سچ موتِيان، اوپر نَينَ دَرُون.

٩

ساجن ٿر مَت بساريِي، هَر لاڳِي تيري پانءِ
هم جيَسي تُجهہ بَهُتُ هين، تم جَيسي هم ڪانه؟

١٠

سُولُ بِهانا، دُک دِوليا، بِره همارا ليک
آو ساجن تم ديک، هي هَمارا جِيوَنا.

١١

گُرو گوبِند دونو کَڙي، مين ڪِسڪي لاگُون پانءُ
هم بَلهارِي اُس گرو ڪي، جِس گوبند بتايا نانءُ.

١٢

گُرو گوبند دوهِين کَڙي، پاگين لگان مَين ڪانِه؟
مَين وارِي تِس گُروِ ڪي، جَس ني گوبند ملايا مانه؟

١٣

ليدي، پر لاڳِي نَهين، ڦُوڪ بانسِلِي مانهِ
گُروِ بيچارا ڪِيا ڪَري، چُوڪ چاڪِري مانه.

١٤

ڪانِي لاڳِي ڪَرم ڪي، ڪِسڪُون ڪَهِي نہ جاءِ
جُون گونگِي مَن سُپنا پِيا، تِيون پَچِتِ پَچِتِ تِن مانه.

١٥

ڪالُو ڪال ٿب مَنئِي جَب صقِلِي ڪي گهر جاءِ
اَنجَن ڪا مَنجَن ڪَرئِي، ڪَل مين ڪَرندُ لگاءِ
ماجِئي اِس ٿن ڪُون، مت مورچا پَڙ جاءِ.

١٦

چَمارڪي گهَر چندن گيا، نِت نِت ٽانڪي چامَ
چَندن بچارا ڪِيا ڪَري، جَب پَڙا نيچ سين ڪامَ.

١٧

صاحب تيرِي صاحِبي گهَٽ گهَٽ رَهِي سَماء
جيون مينڌِي ڪِي هاٿ مين، لالي لگي هَر جاءِ.

١٨

ڪالُو ڪال ٿب مِنِيي، جَب صِقلِي بانِي چِتراءِ

ٽوٽي پيچون سانديي، گانٺ بيچ رَه جاءِ.

١٩

ساجَن ڏاڳا پريم ڪا، مت تاڻئي چيتراءِ
ٽوٽي پيچُون سانڍئي گانٺ بيچ ره جاءِ.

٢٠

اري ڪبيرا ٻهر وِڪلاوين، اَنتر لوين نہ نام
ڪام ڪِيا هي لوڪ سين، جو پڙي ڏري سا ڪام.

٢١

تَن مَهِي، مَن ماٺلي، هم ٻلورٽهار
مَکڻ ڪبيرا ڪا گيا، ڇاڇ پيي سَنسار.

٢٢

بان جهروکي گِر پڙا، ڦر نہ جهروکي جاءِ
سجن مَن سين اُتر گيا، گر پاسي بَسي تو ڪِيا.

٢٣

آه ڪَرُون تان جَرُ جَلي، مُشڪُ ڪَرون تان جِيءِ
ڪو هووي سَخِي رَب ڪا، جو مُجهه آڻِ مِلاوي پِيءِ.

٢٤

آه ڪرون تو جَگ جَلي، اور چُپڪي لاڳي گهاءِ
اَيسي ڪَٺن جَگ مين، نِت نِتِ ڪَرُون اُپاءِ.

٢٥

پِي پِي ڪَر نہ پَپيها، پِيہ ڪا نام نہ لي
مَت ڪو وادِي هو بره ڪا، جو 'پِي' سُني جِيءَ دي.

٢٦

بِرهُ بُرا مَت ڪو ڪهي، برهه هَي سُلطانُ
جِس گهٽِ بِره نہ سَپَجي، او گهٽ هَي مَستانُ.

وائي

پِيا پِيا هو پِيا،
آڻِ مِلاوي ڪو ماڪُون ري پِيا
جِيوي جاني دائم قائم،
دوست همارا موري جِيا.

فصل ٻيو

١

اُس مَرني نون ڪِيا روئيي، جو گهر اپٽي جاءِ
رووي تہ ٻَندِي آپ ڪُون، جو هاٿِ هاٿِ ٻڪاءِ.

٢

جِس مَرني سين جَگ ڏري، وُه مَرن ميرا آنند
ڪَب مَرِيي، ڪب پائِيي، پُورَڻُ پَرمانندُ.

٣

مَرڻ هَي آسانُ، مُجهڪُون انديشا اورُ
پِيءُ سين پهتا جو نهين، ڪِيا بيتي تُورُ.

٤

مَرنا مَرنا هَرڪِوئي ڪهي، مَرِي نہ جاني ڪوءِ
ايڪ وار ايسا مَرئي، جو ڦِر نہ مَرنا هوءِ.

٥

نَينا تُم نَينين پَسو، دُورِ ٿهيري مانهِ
ساجن بَچڙيا جو ڪهي، پرين جانٺ نانهِ.

٦

ساجن ميرا ايڪ هَي، دُوجا ڪَرُون نہ ڪوءِ
دوجا ساجن تب ڪرون، جَب ڪُل دُوجِي هوءِ.

٧

ايءِ ڪاهو ڪِي ريت، جو ساجنِ بِڇڙا نہ مِلا
ويڪو ڪاٽ ڪِي پِريت، جُڳُ ڦُٽا ساري مُٺا.

٨

حد حد چَليا هر ڪوئِي، بيحد چليا نہ ڪوءِ
بيحد ڪي مَيدان ۾، ڪڙا ڪبيرا روءِ.

٩

سڀ جَڳ ٻانڌا ڪاچي ڏاڳي، ڪوئي وِرلا ڇُوٽا
اَوجهڙِ چليا سو گامِ پهتا، راهه چَليا سو لُوٽا.

١٠

سِڌارو تو سُڌ ڪَرو، بَيٺا آنڪ سِيباءِ
زبان هماري ڪاٽ لو، هم ڪا پي ڪَرَ جاءِ.

١١

سَمن گنڙي ڏول ڪي رَهي پَوَن سين ڦُول
دو گهڙي ڪا ديکهنا، آخر ڏول ڪِي ڏول.

١٢

ساجن هماري پاس هي، مِئَن ڍونيون ديس بَديس

ساجن بَسي سَرير ۾، ڍونڍون مار ڪَر ميس.

١٣

ساجن هماري پاس رهي، دن ٿوڙي دس بيس
ايڪ ايڪ لاک بَرَس ڪا، ايسي هون دن تِيس.

١٤

ساجَن پريت لڳاءِ ڪر، هرگز دور نہ جاءِ
تيري دشمن دور هون، تيرِي دور بلاءِ.

١٥

پيتَم پِريت لڳاءِ ڪي، ديسان دوُر نہ جاءُ
رَهُ هَمارِي نگري، مَين مانگون تُم ڪاءُ.

١٦

پيتم ايسِي پِريت ڪرو، جيسي ڪَک مَسيت
لاتون سات لتاڙيي، ڇوڙون ناه پِريت.

١٧

پيتم ايسِي پِريت ڪرو، جيَسي وِرک ڪَرَن
آپ جَلن سِر ڏوپ ۾، اوران ڇان ڪَرَن.

١٨

پيتم ايسي پريت ڪَرو، جَيسِي ريک ڪَرن
آپ جَلاوي سِر آگ ۾، اوران ڦوت ڪَرَن.

١٩

ڪيَي ڪِسُون نہ رَهي گل سَجَن ڪِي بانه
ڏلتي ڏلتي ڏُل رَهي جون ٽرورَ ڪِي ڇانءِ.

٢٠

ڪبيرا يہ جڳ جاتاهي جان سُون، راه پُلا گيوار
هِر سين پوڇا آرسون، ڪاڇ سُون هشيار.

٢١

ڪَبيرا ڪَلجڳ پڙا، ساڌو بني نہ ڪوءِ
ڪامي ڪِروڌي مَسڪرا، تِس ڪِي پُوجا هوءِ.

٢٢

جس مَنڊَل مين ساڌو نهين، هَر ڪي ڀَگتِ نانهِ
او منڊل مَسوان هَي، ڀُوت وَسي اُس مانهِ.

٢٣

ساڌو ڇَليا، نَڳ رهيا، نڳ پي ڇَلڻهارُ
آئي اُسيڪِي وارَ، جو ساچي ڪون جُونا ڪَهي.

٢٤

نَڳ ڇَلي، ناڪُر ڇلي، ڇَلي نڳڻهارُ
آئي تِنهانڪِي وارَ، جو ساچي ڪون جوناڪهي.

٢٥

سُپنا تُم جونا هَي، جونا سارا انيڪ
جَب سوتُون تب دو جَني، جب اُٺُون تب ايڪ.

٢٦

سُپنا تُم سُلطان هو، اُتم تيري ذاتِ
سَو ڪوهين ساجن بَسي، مُجھ آڻ مِلاوي راتِ.

٢٧

دَيانت ڪو سپ دک هَي، اَديانت ڪو هَي راج
بڙون سي ڪِيا بولنا، جو پيٽ پَرن سين ڪاج.

٢٨

گيا جوبن مانُ، ڇِٽي سپ جڳ موهيا
سوئي تيرڪمانُ، مارا پَرِ لاڳي نهين.

٢٩

پِي پِي ڪرون پيا نهين، پي گيا پرديس
ڳل وچ ڪفني، ڀَڀُوت لڳا ڪي، ڦِرُون ديس بديس.

٣٠

ساڌوڪِي سنگت پلي، بَن مُورک ڪا اخلاص
ساڌو ماري گن ڪري، دل ۾ ڪري تپاس.

٣١

ساچي جڳ راچي نهين، جُونا مَني نہ رام
ڪهَو ڪبيرا ڪَيسي بَنون دونو پاري ڪام.

٣٢

ڪَبير ڪَبير ڪيا ڪَرو، سوجهو آپ سَرير
آسا ترِشنا بَس ڪرو، تُم هَي داس ڪَبيرَ.

٣٣

نانڪ ڏنڊا نِت نيا، سُک نهين دِن رات

حرص و هوا مِٽئي نهين، نہ ڪج هاٿ نہ ساٿ.

٣٤

سانچ برابر تپ نهين، جوٽ برابر پاپ
نانڪ جس هِردي سَچ بَسي اُس ڪي هِردي آپ.

٣٥

نا ڪُج لِيا دنيا ني، نا ڪج ڪَدِ دِيا
ڏوهين ڳئي نانڪا، هٿون سنگ ڳيا.

٣٦

ٽُلسي طلب نہ ڇوڙيي، موت رزق سَڀ ساٿ
ڪا جَڳت سي روننا، قلم اُسِي ڪي هاٿ.

٣٧

تم چلو هم آوتي ڳيسي ڪٽو ڪَٽ
تيرا ڪاغذ بانچئا، ميرا ڪاغذ هٽ.

٣٨

تم داتا، هم مانگني، هم مورک مت نہ هِين
ميري چِيني تم ڳنديو، تم مت ميري چِين.

٣٩

تم داتا، جَڳ منگتا، تِيري ٻڙي بَلي دربار
تم قلندر ڪُل ڪا ڌني، هَم پل پل ڪَرون پُڪار.

٤٠

جَلتِي جَلتِي جل رهي، جَلتِي جَلِي نہ جاءِ
اڳن ڌُودي جَل بُجهي، جل ڪِي ڌُودي ڪهٽ جاءِ.

٤١

ڳيا جوبن پِند سي قِر ڪر نہ آوي سوءِ
ڇُوٽا تير ڪُمان سي قِر ڪِيُون آوت سوءِ.

٤٢

آٺ پهر چوسٺ گهڙي، لوهُو بَرست نين
سمن بَرچي پريم ڪِي جب لاڳي تب چَين.

٤٣

ڪاغذ نهين ڪِ مَس نهين، ڪِ ديس تُماري ريت
لِکڻ سُون آرس پيا، ڪِ گهٽ مان ڳئي پريت.

٤٤

ڌرتي سي ڪاغذ ڪَرُون، ليکڻ ڪَرون وَنراهہ
سارا سمند مَس ڪرون، تان ايڪ ڳُڻ لکيا نہ جاءِ.

وائي-١

راهہ مسافر لُٽِيان وي
وات مسافر لُٽيان
ڏُور ڳيان دي خبر نہ ڪائِي
پُڇ پُڇ ويندِيان نون مئن مُنيان
ڪوئِي آوي خبر سُناوي
لِک لِکدِيان مئن چٽيان
عشق گهايل دا اور نہ ڪوئي
ويچ پُڇدي مئن ٺڪِيان.

وائي-٢

اُوي نهين رهندي، يار نهين رهندي سجن نال اٽڪي
لُٽ چُٽي نون مين بيراڳن هوئي ڳل وچ پاوان هو پٽڪي
ويکو معشوقان دي ويکو محبوبان دي هو لٽڪي.

وائي-٣

جوڳي ڪِس ڪانہ مِيت
سامي ڪِس ڪانہ مِيت
جان تيري پياري، جان تيري پياري
نا ڪا هوسي ماتا گوپي، نا ڪا هوسي پريت
بره لائي ري ڳيا، اس منڊل ۾ ڪوئي نِيت
جس سنگ چَلي، اس ڪُون جهلي، آتا سجن مورا پيت
آيا سجن ميري گهر، دشمن ڪِي هوئي هار ميري جِيت.

فصل ٽيو

١

دادُو دعويٰ ڇوڙ دي، تہ هووي خير ڪا خير
نہ ڪِسيڪِي دوستي، نہ ڪِسيڪا بير.

٢

دادو دعويٰ ڇوڙ دي، بن دعويٰ دن ڪٽ
ڪِتني سودي ڪرگئي اس پاساري ڪي هٽ.

٣

ساڌُو مليا تو هَرِ مليا، اَنتَر رَهي نہ ريکُ
رام دُهائي سچ ڪَهُون ساڌُو آپ اَنيکُ.

٤

ڳُنن ڳسوٽي پيہَ ڪي، جُوتا ٽِڪيا نہ ڪوءِ
جو جِيتا هِي مر رهي، سئمکُ پاوي سوءِ.

٥

ساڌ سَڌاوڙ ڳُنن هي، مَت ڪوئي ساڌ سڌاءِ
ساڌو تب سَڌائِيي جب جِيتا هي مَرجاءِ.

٦

بَن ڪا ساجن پَنکي مَين تِس ڪي ٽيوان ساک
ساجَن پپيا جو هووي، پَن پن ٽِيوان دراک.

٧

گُرو مَري، تہ هَم مَران، ناتہ ميري مَري بَلاءِ
مئن اُسِ گُرو ڪا بالڪا، جوِ مَري نہ مَرنا جاءِ.

٨

سِڪيا پر سَمجها نهين، مَتِيا مَن ڪِي موه
پارس پَکُ سون پهچيا، رهيا لوه ڪا لوهہ.

٩

سَجَن پي بَهُوت نالي مِلِي اَنيڪ
جِس ديکِي ڇاتي ٺَري، سو لاڳن ۾ ايڪ.

١٠

ڪاهُو ڪِي ڪُڇ بَس نهين، ڏوري پريم ڪي هات
جون جون ناچي باندرا بازيگر ڪي سات.

١١

مانگ ڪَرتي پَسئو ڪَرِئا، پُول پَڙي سنگ مُوڇ
رام نام جانتي بن بيچ داڙهي دو مُوڇ.

١٢

ڏن ڏن مَڙهِي ساڌُو ڪِي جس مين اُنت بَينت رام
اور مِنِڪ سُون ڪر پلا جو هِينگ بَتاوي گام.

١٣

ڏن ڏن مَڙهي ساڌُو ڪِي جس ۾ اُنت بينت رام
جو مانگي هُوئِي لهِي، ايہ رامچندر ڪا ڪام.

١٤

نہ مَن هِلِي، نہ مالا هِلِي، نہ مُک سين بولي رام
انتر ڪي ڳٽ لڳ رهِي تو ڪِيا بَڪَن سين ڪام.

١٥

تلسي طلب نہ ڇوڙِيي نِيچَر نِيچي نامُ
منک مَجوري ڪِيتِي، ڪيا رکيگا رام.

١٦

بلبل رووي رَين دِن ڳهان يَئي گلزار
اُن ڪون قيامت آج هي جِن ڪُون بِڇڙي يار.

١٧

ڳَون سُني ڪِس نون ڪَهُون موري مَن انتر ڪي بات
موري ٽَن انٽر بِڇُون ايڪ ڪَروَت آوت جات.

١٨

تيري تو نَينا بَسِي ڏُور ٺُهيري مانہ
سجن بڇڙئا جو ڪهِي پريت جانت نانہِ.

١٩

ڳَوا سبِ تو ڪائِيي، چُن چُن ڪائِيي ماس
دو نينان مَت ڪائِيي، پِيَا مِلَن ڪِي آس.

٢٠

جِس ديکِي پاپ نہ رَهي. سوئي بَسي سرير
سوئي سَجَن ديکِيي جو ٽَن طاقت مَن ڌِير.

٢١

ڪاگر توڙا نِيه ڳهٽا مس سون لِڪا نہ جاءِ
ڇاگر ڪا پاني ڪاگر مين نہ سماءِ.

٢٢

ڪايا ڪون ڪاغذ ڪَرون ليڪن ڪَرون انگ
دو نينان ڪِي مَس ڪَرُون هرگز لکي نہ سَنگ.

٢٣

پاس نہ هينو پارهي، انگ نہ لاڳو ہاڻ

تم کون پوچون پندتا کِس پرگيو پراڻ.

٢٤

جَل ٿوڙا نِيه گهٽا لڳا پريم کا ٻاڻ
پيتم پيتم ڪر رهي اُس پر گيا پراڻ.

٢٥

لا اِله ڪر آرسي الا الله سين ديک
مُحمد صورت رَب ڪِي اُس ۾ ميم نہ ميک.

وائي

درد نہ جاني ڪوئي،

الو الو لوک بيگانا

درد نہ جاني

گهايل ڪِي گت گهايل جاني، اور نہ جاني ڪوئي
گهايل ڪُون جب ماهر مِليَا، رام سنگت رس هوئي
ساري جو مَيَن کي هيءُ تان صاحب سوئِي
الا ڦٽ فِراق جا، ڏکَ ڦِٽا ڪر ڏوئي.

فصل چوٿون

١

ساجن اَيسي پريت ڪرو، جيسي ڪنگنهار
آپ جلاوَن پر مِلاوَن ٽُوٽا سَندَ نهار.

٢

سجن ايسي پريت ڪرو جيسي سوپار سُچنگ
آپ ڪُتڪا هو رَهي، اوران رانگي رَنگ.

٣

نينا ڪا نبوا ڪرُوَن وَٽون ڪرُونگي جِيَ
لوهو آٽي تيل ڪرُوَن هم گهر آوي پِيَ.

٤

جس ڪون پر نهين پاور نهين، تِس ڪون ديتا هي بنراج
بوک لڳي ڪون بکيا مِلي، صاحب ايسا غريب نواج.

٥

سَپني ۾ ساجن مليا، پيڙ سُتي انگڙاء
ڏردي ڏردي نين نہ کُلي، متان اُکڙ جاء.

٦

سجن گمائي ڦِر روئيي، اي ڪاهو کي ريت
ساچي هووي پريت، تہ چَلدي سين چَل جائيي.

٧

صاحب بَيٺ جهروڪري، هر ڪا مُجرا لي
جَيسِي جِس ڪِي چاڪِري، ٽيسِي تِس ڪون دي.

٨

گُل ڦُل ڪاوڻ، پَن ڦِڳاوَڻ بينڪ جِيٽل ماه
تم چليئا هم اُڏرِئا پريت جانت ناه.

٩

آه ڪرُوَن تان جَر جَلي، مشک جهنگل جَل جاء
پاپِي جيوَڙا نہ جَلي جِس ۾ آه سَماء.

١٠

ڪبير مايا ڪُنجني پَڙي جهنگل ڪي پاء.
جون چاہو ڪي ڏند جين، ڪيچ ڪيچ مَرجاء.

١١

ڪَبير ڪوٺِي ڪاٺ ڪِي، آگ لَڳِي چوڏار
مَهِ پَڙئا سو اُو ڳَرِئا، چَلِئا ديکٽهار.

١٢

ڪَبير گهَر جَلايا اپنا ڏيئِي پَلِيتا هات
جو گهر جَلاوي اپنا سو چلي هماري سات.

١٣

ڪَبير اُت مَرِيي جِت ڪُوک نہ سُني ڪو
ماس جَناوَر کائِيي، ڏرم سَرُوِيي هوء.

١٤

ڪبير هُون واسِي اس ديس ڪو جت ذات وَرن ڪل نانہ
سَبدِ ميلاپو هو رهيو، ديهہ ميلاپو نانہ.

١٥

پڇٽ پِندان نون پائِيي، چَلتِ نہ پهچي ڪوء
ڪَبيرا راه اٽ ڦَنِي ٽاکي ٽاکي هوء.

١٦

چَڪِي ڦِرتي ديک ڪر ڳڙا ڪَبيرا روء

دو پُرّان کي بيچ ۾ ساجا رهيا نہ کوءِ.

١٧

چَڪِي ڦرتي ديک ڪَر مت ڪَبيرا رو
جس ني ڪوتنا پَڪڙا پريم ڪا سا جا رهيا سو.

١٨

ڪَهي لوُئِي سن ڪبيرا، تون چت ڪِلِي سون لاءِ
دو پُرّان کي بيچ ۾ سارا بَچي جاءِ.

١٩

دادو دنيا ايسي انڌلي، جيسي اَنڌلي گاءِ
واڇڙا سو مرگيا، ڪَڙِي چام چٽاءِ.

٢٠

دادو دنيا ايسي پولِي جا ڦِر ڦِر مانگي سون
لِگن والا لِڪ گيا، ڪاٽن والا ڪَون.

٢١

دادو دل دَرپَن ڪرو، هردي ڏرو لوهار
من ۾ مشڪل ڪو لڳي سُوجهو سرجنهار.

٢٢

بَڙا ڪَهاوَڻ بَڙا ڏک پاوَڻ، چوٽي ڪا ڏک ڏُور
جِس ڪِي جاءِ پَسِيي ڦر مِينا پر ڏُور.

٢٣

دنِ گيا رَين پَلٽي، چَڪُئي ڪِي پُڪار
هَم بِچلِئا جگ مِلِئا ڪيا ڪِيتا ڪلتار.

٢٤

دن گيا رين پلٽي ڪڙا چَڪوئا روءِ
چلو چَڪوئا اس ديس ۾، جت رين نہ پَلٽي هوءِ
نہ هم مران نہ تم مرو، نہ بڇوڙا پوءِ.

٢٥

پيتم پريت اِڇا ڪِي لائي تو ڏک پاءِ
سيوا ڪري بَبول ڪِي، انب ڪهان سون کاءِ.

٢٦

سُن پَنوَرا اب ڪِيا ڪَروُن، مورا آنڪن
سُون پي ڏُور
جَب چُوڪي تب چُوڪو، دل ٽن ڪا سينا چُور
هَم بِڇلي تم ڪول، سَر سدا رهو پَرپور.

٢٧

شُرفا پودا بَن آئيا، جوبن گيا رُوس
دوڙو لوڪو پَڪڙئو، چور چليا ڪَرَ مُوس.

٢٨

شُرفا چنيان چُن گيان، اپني اپني ڳُج
مئي پاپُون ڪي پِيا در در ماران ڇُهج.

٢٩

شُرفا ميندي رنگ لي اپني اپني انگ
رنگ سوئي چاهيي، جو چَلِي پِيَہ ڪي سَنگ.

٣٠

چَندن تيري باس ۾ موهِي سڀ بنراه
جَيسي ٽيسي لاڪڙي تيري نام بِڪاءِ.

٣١

صاحب ميرا سَمرت هي روُکي روٽِي دي
مانگ نہ ساڪون جهوپري مت روکيائي گس لي.

٣٢

ساڏو جهنگل ڪيا ڦرتا هي، جهنگل پاسي ڏُوڙ
اُوپر چَمڙي پيچ رَهِي، انتر ڪُوڙا ڪُوڙ.

٣٣

سنت بيچ پَلٽِئا نهين، جي جائي جهنگ انت
اونچ نيچ گهَر سَپجي تہ اُو سنت ڪو سنت.

٣٤

مُورک ڪون مَتيان ديني، گيان ڪاٿا جاءِ
ڪوئلا ڪَيُون نہ اُوجلي، جي سئو من صابن لاءِ.

٣٥

جاٽت ڪون سَڀ ڏک هي، اَجاٽت ڪون سُڪرام
مورک بيچارا ڪيا ڪَري جو پيٽ پَرَن سين ڪام.

٣٦

پان ڪرتي اِيُو ڪَهيا هَست ڪر پَريان
هم وِيتِي تم وِستوُ ڏيرو پا پريان.

٣٧

پان ڪِرتي اِيُو ڪَهيا سُن سا ڪَر بنراه

اُبکا بِچلئا کَب مِلِي، دُور پري کا جاء.

۳۸

برو قاصد ميرا نامه سجن کون روبرو ديجو
اگر احوال پُوڇي تو تم جلدي سي رو ڍِيجو.

۳۹

جُگ بِچلي سارِي مَرت هي، ويکو کانون کي پريت
پِيَ اُکسي نڪسِئا نهين اِي بُري جي ڪِي ريت.

۴۰

پريت ڪيجي سَکر سين، سکر پريت ڪِي لاج
سئسين مڙجگ مگ مَتي ناک.

۴۱

چَندن پاس اَرو ڪِرا، او پِي چندن هوء
سُکي کانِي سَرگند جِي، واسُ نه چَڏِي توء.

۴۲

اُرنها ڦل بيراڳ کا، کَنن پَنتِ دُور
اُرنو چَڙهي ته چاکي پريم کا رَس ڪِري ته
چکنا چُور.

۴۳

لال کهي اِکتال ۾ هُئا پرانا مال
جَني ڏاکي نَنگا ڪِيا، اکبر شاه جلال.

۴۴

جو کُج ڪِيَا سو هَر ڪِيَا، مئن نه ڪِئا ڪِيا
موري ناٿ
جِس ني اَنڌاري سُون ڍونڍيا هِيرا پايا هاٿ.

۴۵

هَم پَنڇي تم ڪَنول سِر سَدا رهو پرپور
ڪِريا تُماري چاهيي، ڪيا نَينين ڪيا دور.

۴۶

راڌا ويڌِي جَگ مليا، ڪايَل مليا نه ڪوءِ
ڪايَل سون مايل ملي تب رام يگت رس هوء.

۴۷

مَن ڪِي مَت مَت چَلِيي، مَن اوِراسون لي جاء
مَن ڪُون اِيُو مارِيي جيون ٽوک ٽاک هو جاء.

۴۸

کُج کَوني کُج کَرمَ گت کج پورب جَنَبُ ديک
بَڙا ڀاگ کبيرا کا جِنه پايا پُرس اَنيک.

۴۹

ري مِلني دُک کَٽيَا، سُک سين پيجِي رَين
جو سُک تي آکانا سُنيا سو سُک ديکئا نَين.

۵۰

چاکن ۾ سَپ کُج هي، ديگن ۾ کُج ناه
کبيرا اوُنرُ عجب هي جو ديک چاک رَک جاء.

۵۱

پَرڌَن پَٽر کرجان، پر ناري مات سَمان
اِتِ ڪِيي هَر نه ملي، تلسي داس ضمان.

۵۲

رَسُ مڙوئِي رام کا، وَهِي کينَ وِئو
چرڪَلِي چُهنج پَري ته کبيرا ڪوهُ ٽئو.

۵۳

پَٽر پوجي هَر مِلي، مئن پوجان پهاڙ
اس پَٽر سون چَکِي ڀَلِي پيسَ کائي سنسار.

۵۴

ساڌو جنگل کا ڦرتا هي، وِرجائِي نُوکَٽ
کَئِي سوداگر چل گئي اس پاساري کي هَٽ.

۵۵

سَمنا، ساجن سو کري جس مين لکن چتيس
جو پير پيڇهي نه جائي، کاٽي اپني سِيس.

۵۶

بَهتا پاني نِرملا، باندا گندا هوءِ
سامي تو رمَتا ڀَلا، داغ نه لڳي ڪوءِ.

۵۷

لامَا گُنگٽُ لاجَ گهٽيري، مورا هنسڪت هَلَن آءِ
نُوري ناٿ نه بَنِئا، ڪِه وَرُ کا مَنِياه.

۵۸

وَنَ جَلِئا وَنراهِ جَلي، جَلِي ته جيتَل ماه
هَمَ جلا جو پاک نهين، تُم جَلِي سو کاهِ.

٥٩

جَالِي جَالِي مٿن جَلون، ڦهري لگا گهاءُ
جا لِکِ ساسُ سَريرَ ۾، تا لکِ بيٺي ٻين بجاءِ.

وائي-١

آنند پِيو گر ڪِرپا ڪَرِي هُو چاه سَرِي
ٻُڌ آئِي سُڌ ڪِيا پُر ڪاسا
صِقلي من گليان نُواسا
گئِي ٻِرمَنا، سَنکِسا ٻسري
آنا حَد وانِي واچن لاگي
سَهج سَياه پِيو آنا راکي
جا هو ما ساهو ما ناه جوَهوءِ ماسا هوءِ بسري
اَچَر جو اَچر ما هوءِ سَمانا
پِياوي سَنتوگ گووَند پَهچانا
جَن لطيف ميرا مَن مانئا سُنن مَندل ۾ سُرت پَري.

وائي-٢

ايڪ هِي رَين رَهو، بابو!
دوُجِـي رات رهـو
نِهوڙي نيئنِ سِين، مُئيءِ کي مَ مُهو
جوڳِي جادوگر، وٺان مون مَ وَهو

وائي-٣

ڪِنه سين ڪهون،
ما جِي ڪِي پِيَ بن بات
هو موري جِي کي
جوڳِي هُوا سو چَل گيا،
ٻيٺي سُول سهُون.

وائي-٤

عَجب نَينِ تيري، سُرسَ نَينِ تيري
جَل وِچ ڪَنوَل، ڪَنوَل وچ مَدُئا،
جُون چاند ڪُون بادل گهيري
چُن پُن ڪَليان، سيج وِڇاوان،
آؤ پِيَا گهر ميري.

وائي-٥

انا نين کهن نه پان کهوائيي
هو رات ري
کر مايا پياون کن جي کانکن پوت لگائي
هو رات ري
شاه بهادر تم هي جانو، انگ انگ بهوت لگائي
هو رات ري.

سُر ڏول مارُوي

هن سر جي دوهن ۾ ڏول ۽ ماروي جي محبت جو داستان سمايل آهي. اصل ۾ هي سنڌ سان لاڳو مارواڙ ملڪ جي نرور واري پرڳڻي جو داستان آهي، پر هت جيڪي بيت آهن سي سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن جا چيل آهن: انهن مان ڪي اصل جا چيل آهن ۽ ڪي انهن جي پيرانِ چيل آهن.

فصل پهريون

١

اُتر واء ڪِوندي پهلِي موسم ميهِ
ٻالاپڻ رو نيهَ، والا جمَ وِساريين.

٢

اُتر ڏيسان آوٽيان، ڏکڻ ساوٽيان
ڍولو نروَر سيرِيين ڏڻ ٻڪَريان
پُڇو ڪُونجڙيان، تہ ڪونہِ هِياري سڄڻين.

٣

ڪُونجان راتِ ڪَريڙئو ٿولي ٿولي ٻيس
سُتي ڍول سنيرِئو، اُرلي ياڳي اِيس.

٤

ڍاڍِي جي ڍول مِلي، تہ ڍولا نِي ڪهيج
ڪرسڻ پَکو، ڪَڻ چڙيو، لائو آپ ڪريج.

٥

ڍاڍِي جي ڍول مِلي، تہ ڪهِئِي سِين لَج
اَکِيان ڪاجَل موهِيَان، تِلَڪ تسي پر ٻک
پہ پہ بوند پهوريين اوسٽ اَوسٽ لَک.

٦

ڏينيو لَکَ، مُنار ڪڙ، تِسڪَر جيسي تَکَ
سِسِي سَرو نيسرو، مارُو پاسي لَک(١)

٧

اُر سَنگا، نہ سِپيان، ڏند تہ ٻَنيهہ ٻاڻ
ڍول ثماري مارئي جيسا هَنج نياڻ.

٨

اُر سِنگا، نہ سِپيان، نين تہ ونگٽ وِنگ
ڍول ثماري مارئي، هٽي ٻاڻ نِهنگ
ماري مُنڌ نِسنگ، چاڙهي سِيگ مَلک جئن.

٩

اُر سِنگا، نہ سپيان، نين تہ منجو مَنج
ڍول ثماري مارئي، هٽي گهرندا هنج.

١٠

آمان پَکا آمِيَان، وَڻ پَکا وَٽِيَان
ڪوري ڪِرجَن سَپ لڪا، رَس وَهي نيٽان(٢).

وائي

مين تو نِگٽِي سا ڪنه سَنگ جائي
ري پيا! مون ۾ تو گن ايڪ نهين
ايڪ جو ڪُوجي، دُوجي صورت ناهين
تو سين لگا مورا جي
ري پيا مون ۾ توگنِ ايڪ نهين
شاهِ نجف ڪِي نوبت لاگي، پهِلي تڪور
سين جاڳي
ري پيا مون تو گن ايڪ نهين.

فصل ٻيو

١

ڍولا مارئي پاٿلي جيسي رَين ڪجُور
مُنه ميئِي گن گهٽي، تو ڪيئن چڏي ڏوُر.

٢

سيپ پٽائين پاتِلي، ڏريو ڏاج نہ ڪاء
ڪَريهَر جيسِي ڪامِني، هاٿ لڳي مَرجاء.

٣

ڍولا مارئي اَيسِي پاتِلِي، سيپ پَرِئو اَن ڪاء
تاء نہ جيري سنگ تو، مَت لَک ڪَرکي جاء.

---

(١) ٻي پڙهٽي= سِرکي سسو نيسرُ. (٢) ٻي پڙهٽي= ڪوري پکي ڪول.

٤

رَمهُون ناه نِسنگ، رَمَ اَرَوَرَ پاسي ڳَنڍ

ڳوشي ٽُري ڳَمان جيون ڳَيُو نہ ٽوٽي انگ.

٥

رَمهُون ناه نِسنگ، رَمِ اُرسين اُرلڳاء

ڦُلان پَري ٽارڙي، پَئونرا پکي نہ جاء.

٦

اُپي سُورج سامُهين مَٿو پَري ميٽ

تاُس نہ پِني پيٽ، هِيمِ وَرنِي مارُئي.

٧

ساچي ٽيان سيڳڙي، رِٽمل هاٿ ڳَري

وِڙهندي سِر ويريين ڪوڏ ڪسيسان ڏي.

٨

مَنُ چَڻي ميري چڙهان پَڳ ڏي پاوَٽيان

ڍولي سِين واتان ڳَران، ڳَل ڏي ٻانهڙيان.

٩

هَٿان ڳَريان ڏيوَڙا، آنڪليان ڪِي واٽ

ڍول پِروَڻ آئيو، جَمَڪَ وِڇايان ڪاٽ.

١٠

ڍولا پير سُپير ڳَر، اُر اُر سِين لاءِ

ڦُلان جَيسي ڪامني، هاٿ لڳي مَرجاء.

١١

مُنہ ميڻي ڳُن ڳَري، ڏِيٻوءِ لَڪَڙيان

انڌارِي ۾ ڏيکِجي وِجلِي سانوڻِيان.

وائي

مِلِئو مارو مونکي، حيلن چالن سان ملئو

چَوڪِي چارِي ڪيترا، بينا وائُون جهَلِئو

سارِي سُپيرين ڪي جيرو منهنجو جَلِئو

ڳهر جو محرم منگتو، عرض اُنهين اَلئو

ڪوڙين بانيَڻَ ڪيترا، وِجهَن ڳَڏنِ ڳَلِئو

سوئِي آيَمِ سُپرين، جِيءُ جنهين لئي جَلِئو

نِڳئو نُرورَ سيرئين، راجا رِٽمل مِلِئو.

❖

سر بسنت

هن سر هيٺ بهار جي موسم جي گلن ڦلن جي سونهن ۽ سرهاڻ جا بيت آهن. 'بسنت' هندي- اردو لفظ آهي ۽ هي موضوع اصل ۾ اتان آندل آهي.

۱

آئي رُت بَسنت کِي ڪِڙئا ڪنٺهار
اُتي ڳوري ويس ڪر آئي بسنت بهار.

۲

آئِي رُت بَنست کِي ڪنٺهار ڪِڙئا
ڪٿوري خوشبوءِ تي اچي پَٿُونر پڙئا
مونکي محب مِڙئا، لٿا ڏک ڏِٺو چوي.

۳

آئي رُت بسنت کِي، باغَنِ مُکِي مَند
اتي ڳوري ويس ڪر، آيو بَهار بَسند.

٤

آئِي بسنت بهار کِي، باغَنِ مُکِي بُوندَ
لالِي ويکو لال کِي هيکَرَ وجي هُوندَ
اُمَتَ جي آخوندَ، اوِيڙَ سَبَ اُيارِئا.

۵

اُڏمئا اوڏاڻ، رُتِ رَساڻِي سَجَٽين
لِڳي واءُ وَٽِنِ ڪي ڄاٽئا پَنَ پُراڻَ
پَرهياٿُون پَهراڻ، سُڪائِي ساوا ٿئا.

٦

آئِي بهار بَسنت کِي ڦُولي سَبِ وَٽراه
ايڪ نہ ڦولِي ڪيتڪِي سُڪتِي هي مر جاء.

۷

انگوري اور ڪيتڪي ڦُولِي ڦڳڻ ماه
جي سجن هو مَن ماه، تہ ڦل پَسئو ڦُولي [هنِيون].

۸

انگورِيُون ۽ ڪيتڪيون ڦوليون ڦڳڻَ مانه
رِءَ لالَڻَ لاکو چوي، سي آءٌ ڪريان ڪانه
جي سَجڻُ هُئي مون ٻانه، ڦُلَ پَسيو ڦُولي هنِيُون.

۹

انگورِيُون ۽ ڪيتڪيون ڦوليون ڦڳڻِ هيلَ
لالَڻَ رِءَ لاکو چوي سي آءٌ ٻانيان سيلَ
جي سجڻ هوئِن ٻيلَ، تہ ڦُلَ پَسيو ڦولي هنِيُون.

۱۰

رُتيان سَبِ پَلِيَان، ڪائِي نہ بَسنت جوڙ
جي وَڻَ پاري ساڙيا ٿَنِي مٿي موڙ.

۱۱

رُتيان سَبِ پَليَان ڪائي نہ بَسنت تُلَ
جي وَڻَ پاري ساڙيا ٿَنِي مَٿي گُلَ.

۱۲

پَٿُونر مَ پيرو لاهِ، جيئين واسُ وَٽِنِ ۾
ڪاڏُئِي پيٺئِي جَنِ سين سي وَڻَ ساريندا
اِيءَ نہ پَرِ سَندياءِ، جئن ڦُلَ ڏِسئو ڦِرئو وجين.

۱۳

پَئونرُ پِرينِ منجهہِ باغ، ڪَرِهَ ڪِئو گُلَنِ سين
پَلَ پَلَ وِچڙين پِينءِ ڪائين دِنِ ۽ ماه دماغ
اِهڙي دردَ دِماغُ، ڪَهَلائي ڪارو ڪِئو.

۱٤

ڪارو ڪوهُ ڪِئوءِ، پاڻُ پانهنجو پاٿهين
ڪو گل ڪِينهين ڪيتڪِي، لوچي تان نہ لَٿوءِ
پَئونر پرين ٿو جوءِ، راتيون ڏينهان باغ ۾.

۱۵

آئِي رُت بَسنتَ ڪِي، ڦَڳڻُ ڦُلارِئو
پيچَرو پرينءَ جو مونکي ڏاٿَرَ ڏيکارِئو
جڏ نِمِي نِهارئو، تي ڦُلَ ڏِسئو ڦاٿي هنِيون.

۱٦

گارا مَائِي ڪارَا، ڪارو ٿِهرين ڪِيئن
عجَبُ اٿُون اِيئن، ڪا سُٽاءِ سُڌِ صادقُ چَئي.

وائي

اَڄُ سَجڻُ گهَرِ آيمَ جيڏيون
اَللهُ اميدون پُڄايَمِ جيڏِيون

اڄ سَجَڻَ گهَرِ آيمِ جيڏيون

پيرين فقِيرين پُنديَسِ پيرين
ڪِيَمِ سُڪائون ڪيڏيون.

ٽيهہ اکري سسئي

١

اَلفُ اکرُ هيڪڙو، سَسُئِي ڪِئو صَحِي
هَلي هوتَ پُنوهہَ ڏي، ڪافُن مَنجهہ ڪَهِي
رانئي راتِ رَهِي، پَسي مان پُنوهہَ کي.

٢

بي- ٽُون بارَ ڪـٽي وِئا، ساٿـي سَـوارا
ڇڏي نماڻي ننڊَ ۾، ڪِڙڪِئا ڪوهيارا
ڏوبڻِ اُنِ ڏارا، ڪاڙهو ٽِئو قِيامَ جو.

٣

تي- ٽُون طلبَ تَنِ جي، اندرُ روحَ رهِي
سسئي جو، سيدُ چَي، وِئا ڏِيلُ ڏهِي
پُڇي روزَ پهِي، اَڊِيون! آريچَنِ جا.

٤

ٿي- ٽُون سَجڻَ لَنگهِئا، بُرون ڪري بارِي
هوءِ ڪاهي رَسِئا ڪيچَ ڪي، هِي پيرَ ڪٽي پارِي
وَسائي واري، اوڏِي ٽِي اُميد ڪي.

٥

جيم- ٽون جالَ جَتنِ، مارِئو معذورينَ کي
اَنگڙِيارو وَڊِئو، هنيُون مون هوتَنِ
قوڙائي ڦٽَنِ، اَندرُ منهنجو اَڌَ ڪِئو.

٦

حَي- ٽون حالُ حوالُ، آءٌ ٽِي ڏونگرُ ڏوريان
وِئو مون وِلهيءَ جو، جِيري جو جَمالُ
ڪري هوت حلالُ، ڪُهِي ڪميڻي هَلئا.

٧

خَي- ٽون سُتِيَسِ خواب ۾، ڪري مَنِ مُدامُ
پاسي منجهہ پُنوه جي، اندرِ ڪِئُم آرامُ
سُورَنِ جو سَرانجامُ، صُبح وَسايُم سِرَ تي.

٨

دال- ٽُون دِلِ ڦُري، وِئا نِماڻِي جو نِڪَٽِي
عشق آريءَ ڄام جو، ڇٽَ ۾ پيو ڇُري
هنيين نٿُ هُري، لالائي لالَڻَ جي.

٩

ذال- ٽون زاروزار، ٽي رُوئان رَتَ ڦُڙا
اَڇِي پيئِي اوڇِتي، محبتَ مارومارِ
ڏُکيءَ کي ڏيکار، پِرينِ پيشاني پانهجِي.

١٠

ري- ٽُون راضي ٽِيءُ، پاڻَ پَلائي پانهنجو
ساهُ مَتان ئي صَدقو، جانِبَ منهنجو جِيءُ
توٽي پوي سِيءُ، هيڪَلِيءَ کي حَبِ ۾.

١١

زي- ٽُون ٽِيَسِ زَوالُ، آءُ منهنجا سُپرينِ
بُري هِنَ پنيورَ ۾ هِڪَڙا ٽِئڙَمِ حالَ
قوڙائي جا فالَ، وِجهئو واٺ نِهاريان.

١٢

سين- ٽون سِياڪو، ڪَنديَسِ ڪوهيارَلَ سين
ڳَڏجڻَ سندو ڳس ۾، آهِمِ اولاڪو
ووءِ ووءِ جو واڪو، ساٿِمِ ٽِئو سَيدُ چَئي.

١٣

شِين- ٽون وَٺِي شاهُ، وِئا وِٺان مون نڪري
پورهتِ ڇڏي پَٽَ ۾، نِبرِ ڪيائون نہ نِگاهَ
سَنجهي ڪِئائون صلاحَ، مُنيءَ جي مَرڻَ جي.

١٤

صاد- ٽُون ساهُ پَساهُ، سُج ۾ ٽِئو سو ڳهو
لَڳُمِ باڻُ بَروج جو، وِيئَسِ پڻُ وَساءِ
ڳَنگن جي ڳساءِ، آيم بوءِ بهارَ جي.

١٥

ضاد- ٽون منجهہ بَرِنِ، وَڻُ ڪَٿُوري واسئا
ٻاڪارِئو ٻانهُون ڪٽان، ٽُڪي منجهہ ٽُرنِ
ڳوڙها سر ڳَلنِ، هي هي ڪَيو هاريان.

١٦

طي- ئون طالعُ ٿَنِ جو، جي هيڪانديُون سين هوتِ
ٿَنِ سالُورَ سقلات جا، پيچِي چڱا پوٺ
جَبَلَ ڏنيَم جهوٺ، اهڙَنِ اونيڙَنِ لئي.

١٧

ظي- ئون اُڄ زبانُ، ڪيچِي ڪري هَلِئا
ڄُلِيَ پيئيس ڇپرين، ڪارِي لَڳمِ ڪانُ
نِسَت سين نِڌان، جيڏو جَتَ ڪري وِئا.

١٨

عَين- ئُون شالَ اَچَنِ، سي بوتا نِهي بار
سُونهون جو ساٿُ جو، ڏِسان شالَ اکِيَن
وِندُرَ واٽڙِيَنِ، دِلاسا دِلگير ڪي.

١٩

غين- ئون غِفلتَ ڇَڏِ، ڇِنِ سِياڪو سَسئي
نِجهُرو نااُميديءَ جو، اوڏانھ نيئِي اَڏِ
تہ هاڙهي ڏٺي هَڏِ، چوري ڇڏي ڪين ڪين.

٢٠

في- ئون تو ڦاٽي، قلبُ لاءِ قريبَ جي
مُدامي مجلسِ ڪي، اندر مون آٽي
جهنگل ۾ جهاتي، پيڙي ٿيان پَتارَ سِين.

٢١

قاف- ئون قُربُ ساڻُ، ماري وِئا مُنڌ ڪي
ٻانهي ٻاروچَنِ لاءِ، پيئي پَچاڙي پاڻُ
ڄُلان پُوندمِ جاڻُ، اِهڙَنِ اونيڙن جو.

٢٢

ڪاف- ئون ڪريان ڪيئن، هنيون هوت هٽِي وِئا
وِئو ٻاروچو نِڪري، ڇِتُ مون چاڙهي ڇيئن
هوتَنِ ڏاران هِيئن، ڏُهلا مون ڏِينھ ٿئا.

٢٣

لام- ئون آءُ لُفتِ، ڇيڙي وِڌيَس ڇِپرين
چوريءَ چانگا ڇُرئا، ڱنگڻ ڪي نہ ڱفتِ
نِيَمِ سُورَ سُرتِ، اڳهي تي آهُون ڪريان.

٢٤

مِيم- ئون ٿيو مَهندارُ، ٻاروچو ٻيلين جو
سيني جو سيدُ ڇئي، سُونهون ٿِئو سَردارُ
جو مُلڪَ جو مَدارُ، سو موليٰ مونکي ميڙيين.

٢٥

نُون- ئون لڳو نِينھُ، ٻانيَڻِ جو ٻروچَ سين
راتيين روئي رَتَ ڦُڙا، مُنڌَ ڏولائو ڏِينھَ
محبت سندا مِينھ، ويچاريءَ وسائيا.

٢٦

واو- ئون واءُ وِصالي وارِ، آرامِي اَندرِ جو
چانگي سر چڙهي وِئو، ٻاروچو ٻي ٻارِ
وِلهي تي وٽڪارِ، سُڪو باغُ ٻنيور جو.

٢٧

هي- ئون لئي هيڪاند، اڳهي تي آهُون ڪري
ٻرہَ آءُ بلوچَ جي، پيري ڪَيَسِ ٻاندِ
ڪِنھ مان اَچي نہ ڪاندِ، پَسڻَ ڏاران پرينءَ جي.

٢٨

اَلف- ئون اولاٽو، ڇيجان ٿَنِ جَتَنِ جو
لنگهي پَبُ پَري ٿِئا، ڪئئون پَرڏيہ ۾ پاٽو
ساڄَنُ سيباٽو، ويچاريءَ وُجودَ ۾.

٢٩

يي- ئُون يا خُدا، والِي وارِ وطن تي
تہ گڏجي گُوندَرِ لاهيان، مَنَ جي سَڀ مُدا
جانِبُ ٿيي مَ جُدا، سدائين سيدُ ڇئي.

سرود کاریهل

"از گفتار تمر فقیر علیہ الرحمة"

١

جتي هٿا هنجڙا تتي ٻگا ٻٺا ٽٺا
ڪُوڙنِ ڪانيرنِ سين پَسو پَهِ پٺا
سي پاريڙي وِٺا، جَنِ تي سَنون ڏنيون سَرَن ۾.

٢

سَر سُتيئِي ڇڏئو پَسو پاريڙِينِ
وِٺين ساڻ وڃائيو ڪُوڙنِ ڪانيرَنِ
سندي ذاتِ هنجنِ، ڪِنه ڏوراٽين ڏيهِ وَهِي.

٣

هنجنِ سِين هيج ڪري، ڪندِيسِ ڪين ٻٺا
جَنِ تي سَنون ڏِنيون سَرنِ ۾ سي پاريڙِي وِٺا
ماڳو ماڳِ ٽِٺا، ڪوڙا ڪانيرا گهٽا.

٤

پارهيڙي پري وِٺا خبرَ ڏِيندَمِ ڪِيرُ
هنجَ ڪالوٽون پيرُ، لڳو آهي نہ لَهي.

٥

لڳو آهي نہ لهي پئو چٽڪي چِتِ
هاٽي ويئي هِت، گهنگهرِ گهاريان ڏينهڙا.

٦

گهنگهر گهاريان ڏينهڙا، اُنهِين رِيءَ آئون
اوٽارِجي اجُ وِئو، گوندَرِ گڏئائون
پييُون مون جائون، ڇُٽندي ڇِلُڙ ۾.

٧

ڇُٽندي ڇلڙ ۾، جائون پييُم جي
جَنِ تِي لمِئو لاتيون ڏنيون ويئِي ساريانْ سي
هاٽي اُنهيَن ري، ڏکيا ڏينهن گذارِيان.

٨

ڏکيا ڏينه گذاريان ٿنِ هَنجهن ري هاڻِ
ڪوڙنِ ڪانيرنِ سين ٿِيي نہ روحَ رهاڻ
ٿنِ پَکِينِ ڏارا پاڻ، جهُرِي من جهِيٽو ٿئو.

٩

جهُرِي مَن جهيٽو ٿئو هاٽي هنجن ري
لالون لَلَنِ ريءَ، ڪونہ ڏيندو ڪو ٻئو.

١٠

ڪونہ ڏيندو ڪو ٻئو للنِ رِيءَ لالُون
ٿني رِيءَ، تمر چئي، ٿِيُون جانيُون زوالُون
سارِئو سنيالون، اُني جِيُون اَجُ ڪري.

١١

اُني جيون اَجُ ڪري سنيالون سارِئو.
ماٺ نہ ڪري مون هِنيون ڏُتِئو ڏُتارئو
محبت جو مارِئو، سو ڪِينءَ سَگهو جِندڙو.

١٢

سو ڪِينءَ سَگهو جندڙو سَڄڻَ جو ساري
اونهي عشق عمِيقَ جي وڏو محبت هِي ماري
پارِئو تو پاري، رضا جا رحيم جي.

١٣

رضا جا رحيم جي، سا پاري هِي پِئو
عشقَ اُگهٽي جندڙو جَرا جِيءَ ڪِئو
سڙِي ساهُ وِئو، سنياري ڪي سڄٽين.

١٤

سنياري ڪي سڄٽينِ سڙِي وئو ساهُ
ويئي وڳرُ نِهارِيان جَنِ پوجَ ڏِنو هو پاهُ
آٽيندونِ اَللهُ، آسَرَ يَرِي آهيان.

١٥

آسر يَرِي آهيان وڳَرَ مانَ وَرَنِ
ٻيلون ٻَڌئو ٻپُڙا متي ڍِنڍ ڍَرَنِ
سانيي منجهِ سَرَنِ، الا! سيئِي آٽيين.

١٦

الا! سيئِي آٽيين وڳرِ اُنِ واري
ڦوڙائِي فراقَ جي وڏا ڳَجَ ڳاري
محبتَ هِي ماري، جهوري پاڻ جهُنُو ڪئو.

سرود سسئي

١

پرِيندهين پَنڌُ تي جَتَنِ ڪارڻ جوءِ
واڪا ڪيو وٽن ۾، رِيهُون ڪيو روءِ
طالِبَ ڪي تمرَ چئي ڏسُ ڏيرن جو پوءِ
ڪيچان اوري ڪوءِ، ڪجاهه غور غريب جو.

٢

ڪِجاهُ غورُ غريبَ جو موتِي ڪو ميان
پانڌُ نہ ڇڏيان پرينءَ جو جانسين تِي جِيَان
سِسِي ساهه ڏِيان، پُنهونءَ ڪارڻِ پَبَ ۾.

٣

پُنهونءَ ڪارڻ پَبَ ۾ تِي هيڪَرَ هيڪاندي
هُيَسِ هوت پُنهونءَ سين، آڏر تِنهِ آندِي
ڪيچ ڏٽي ڪاندي، تڏهن تِئَسِ تمرُ چئي.

٤

لَڪَ چڙهئو رڻ روءِ، ڪَري سَباجها سڏڙا
ايندن پُڇي خبرون، ويندن پيرين پوءِ
ڏيرن ۽ ڏاڳهن جو مونکي ڏسُ ڏئو
مُونهان ساٿ وِئو، پِٺِي ڏُونگر ڏوريان.

٥

لَڪَ چَڙهئو رڻ روءِ، ساتين ڪري سڏڙا
رِيهُون ڪِئو رُجن ۾، چيهون ڪئو چوءِ
طالب ڪي تمر چئي ڪو ڏس ڏيرِن جو پوءِ
ڪيچان اوري ڪوءِ، مان ٿئي غور غريب جو.

٦

سَنجهي مون نہ سَنيالئو، مارِيَسِ سُورَ صُبوح
نيڻ هيرائي ننڊ سين، جتن لنگهي جُوءِ
هاجو ڪري هُوءِ، آڏِيءَ اوءِ اُتي وِئا.

٧

سَنجهي مون نہ سنيالئو، صُبح سارِيمُ سُورُ
اُچئو اُونيڙن جا پَلپَل پَوَنِ پُور
جَتَنِ لاءِ ضرور، گهڻا گهارِيمِ ڏِينهڙا.

٨

سَنجهي مون نہ سَنيالئو، صُبحُ مارِيَسِ سُورَ
آڏِيءَ راتِ اُڏمِئو ڏِين پَلنا پُورَ
جَتَنِ جي ضرور، مادر ماري آهيان.

٩

ڏير ڏمرجي هليا بانڪا چڙهي بَرِ
جتن ڏاران جيڏيُون هِنيون جَرِ نہ ٺَرِ
ڪانہ ٻُڌي سُون ڪڏهِين اِهڙِي پَرِ ڪُپرِ
باروچا ٻَر ٻَر، رات نہ رهيا هيڪڙي.

١٠

ڏير ڏَمَرِجي هَلِئا بَرِ چَڙهِي بوتا
نِئو نِماڻِي پاڻ سِين هيڪَرَ اَئِين هوتا
مارِين تا مَعذورِ ڪي گُنگن جا گوتا
انهيءَ پَر پُهتا، رات نہ رَهيا هيڪَڙي.

١١

ڏيرَ ڏمَرجِي هَليا جهَلي مَينِ مهارُون
وِجهئو هَٿَ واڳن ۾ ڪَري ٻانيڻ ٻاڪارُون
وجي ڪيون وٽڪار ۾ چانگن چانگارُون
ڪِيَم وَس ڪارُون، رات نہ رَهيا هيڪَڙي.

١٢

ڏير ڏمَرجي هَليا پائي پاڳوڙا
ڏِينهه تتو، ڏنءِ متو، ڪامي تيس ڪوڙا
اُتي هليا اُس ۾ ٻِ پهرين ٻوڙا
مون ڳاڙيندي ڳوڙها، رات نہ رهيا هيڪڙي.

١٣

ڏير ڏمرجي هليا ڪاهي ڪيچ ڪنوات
لنگهياڻُون لطيف چئي گهيڙ گهٽيون ۽ گهاٽ
وَنِي وئا وصال جي سَندي وحدت واٽ
جهٽي ڏيئي جهاٽ، رات نہ رهيا هيڪڙي.

١٤

ڏيرَ ڏمرجي هَليا گس ڪري گورا
وَجَنِ ويچاريءَ جو جَٽ هنيو جورا

تمر فقير جا چيل ٢٧ بيت رسالي ۾ سر سسئي جي پنجن سرن هيٺ رکيل هئا جتان جدا ڪري هت رکيا ويا آهن.

ٻانيڻ ٻروچن لئي ڪامي تي ڪورا
هئي هنيين هورا، راتِ نہ رهيا هيڪڙي.

١٥

ڏيرَ ڏمرجي هليا، پائي ايندي پلاڻ
وجهي گوربندَ گنگن ڪي ڏيئي تنگن تاڻ
ڪارُون ڪيئمِ ڪيٽريون سَنجهي وِٺا سَرواڻ
پُنهون ناهِ پَلنگَ تي سيجَ سُجي ٿِي هاڻِ
مون وٽِ ٿِي مهماڻ، راتِ نہ رهيا هيڪڙي.

١٦

ڏيرَ ڏمرجي هَلِيا اُٺَنِ چڙهي اوءِ
وَجن ويچاريءَ سين هاجو ڪِئو هوءِ
پُنهون ڪارڻ پَبَ ۾ ڇُلئو ڇپر پوءِ
رَندَ نِهارِئو روءِ، راتِ نہ رهيا هيڪڙي.

١٧

ڏير ڏمرجي هليا چانگن تي چڙهي
ڪتان ڪوهيارل سان اديون دل اڙي
وجي وَرُ وَٽڪار ۾ گهاري مان گهڙي
ٻاروچا ٻڙي، رات نہ رهيا هيڪڙي.

١٨

ڏيرَ ڏمرجي هليا ڪَرَهَل قطاري
چڙهئا لَڪَ لَطِيفُ چئي توڏا ٿواري
ٻانيڻ ٻروچَن لئي رويو جَرُ هاري
اديون اوتاري، راتِ نہ رهيا هيڪڙي.

١٩

ڏيرَ ڏمَرجي هَلِيا، ڏيئي ڏوراڻا ڏسَ
وجي ٿئا وٽڪار ۾ ليڙا ڪاهي لَسَ
اوڳي اوٺيڙن جا پوءِ تي پُڇي گسَ
وَڏا ڪيئم وَسِ، راتِ نہ رهيا هيڪڙي.

٢٠

تِهين وير ٿمَرُ چَئي گهائي وييس ڳهٽ
ٻانيَڻ ٻروچَن جي ڪِئو ڦوڙائي ڦٽ
مادرِ هُيَسِ نہ مَٽُ، آڏِيءَ تي اُٿِي وِٺا.

٢١

آڏِيءَ تي اُٿِي وِٺا، ڪيچ رڪيائون ڪَرُ
گاڏرِ هِنِ گوليءَ جو وٺيو وَجَنِ وَرُ
جَبَلَ پاسي جَرُ، هارِ تہ مِلِين هوٺ ڪي.

٢٢

آڏيءَ اوءِ اُٿي ويا، ڪَرَ رڪيائون ڪيچ
ٻاروچاٽي پيچ، منهنجو مَنُ منجهائيو.

٢٣

منهنجو مَنُ مُنجهائيو جَتَنِ جي جَمالَ
وِڏو سُورُ سَرِيرَ ۾ ڪيچين جي ڪَمالَ
هوٺَ نہ پائِي حالَ، موٺِي ٿئا مَعذورِ جا.

٢٤

موٺي ٿئا معذور سين حال نہ پائي هوٺ
لڳندي ئي لڪن ۾ پاٽان ٿيس پوٺ
متي تائين موت، سِڪَ ٻاروچي نہ لهي.

٢٥

پاڻِ پيهي وِٺا ڇپرين، بروهي بُرفتَ
پُنهون نيائون پاڻِ سِين هاءِ ڪري حرفتِ
مونکي ڇڏي ماڳهين، هلئا سين حِڪمَتَ
جيڏي ڪَري جتَ، وِئمِ ڇُلائِي ڇپرين.

٢٦

پُٺِي ڏونگَرَ ڏوريان ڪيچين لاءِ ڪَڙهئو
پَهاڙَنِ متي پَبَ جي، وجان چوٽيءَ سينءَ چڙهئو
ڪَري ساجَنَ سوڳهو، سَندَمِ جِيءَ جَڙِئو
لَڪَنِ تان لَڙئو، پيرُ نهاريان پِرينءَ جو.

٢٧

مون سَڏيندي سَڏڙا، ساٿِي سَڏَ نہ ڏين
وِلهيءَ جي وَٿاڻَ تي توڏَ نہ ٿوارين
هيڏا هاجا ٿين، ٻُري هِنِ ٻنيورَ ۾

وائي-١

مُئِي مَ ماريجاه، ٻاروچا!
رَهو راتِ ٻنيورَ ۾

ڏکي ڏونگر وَٽ ۾، ڇُڪي ڇاڙهيجاه
موٽي مون معذور تي واڳون واريجاه
سانگياٽيءَ جا سُپرين، پُنهون پاريجاه
طالِبَ کي تَمَرُ چئي، مُحبَنِ ميڙيجاه.

وائي-٢

هاڙهي هَلي روءِ هلي روءِ

مَني پير هَٿن سان

واڪا ڪِئو وَرَن ۾، جَربَ ماري جوءِ
ڏينهَ ٿي مَنجهه ڏونگرين باژَ پکي جئن پوءِ
رائي ۾ رڙيون ڪَري گاڏرِ گامُ نہ ڪوءِ
آريچا انن تي، هيءَ تان جَذڙي جوءِ
پير پيادي پند ۾ رائي اُيي روءِ
ساٿين پُڇي خَبرون، پانڌين پيرين پوءِ
مَنيءَ ماتم آئيو ڪو پُري پُنهل ڇوءِ
آن جا ڇِذي ڇيرين، تِنهِ هاريءَ حالُ نہ ڪوءِ
ڪِڇا غور غريب جو ڪيچان اوري ڪوءِ
آريءَ جي اولاد جو شال سات سلامت هوءِ
طالب کي تمر چئي ڪو ڏسُ ڏيرن جو پوءِ.

وائي-٣

اوڏي آيسِ جا پِريان جي پيچري

ويجهي وِندُرَ جَنِ وَٽَنِ

جي تو اوڏا پانئيا، سي ڏونگرَ ڏور ڏسَنِ
مَدي نہ هُيَنِ مَنَ ۾، ڪيچان ڪوهُ اچَنِ
مَرڻُ منهنجي کي ڪِئو، هِي پَهُ باروچَنِ
سُونهن سَبگرَ پَٽيين، مَنهَ ماروُئَڙنِ
وِندُرِ وائِي جا وَهي، مونکي ساڻ سُلَنِ
آٽي بَدا اونيين موتي کي مَيَنِ
آئي لاٽيون اونِيين لَڏون يَرِ لَکَنِ.

سرود رامڪلي

١

ويراڳي واحِدَ سِين رَڪِجُ ڇاهُ ڇورِي
هِي جي ڪَنَ ڪِپارَ جا سي ڪامِلُ وِجهہُ ڪوري
منجهان ڏِيلَ ڏوري، ريجهائيج رامَ کي.

٢

ريجهائيج رامَ کي پري پَليءَ پَتِ
سناسي سنسار جي مُور وڃائج مَتِ
جا جڳائي جوڳ کي پارج سائي پَتِ
هَٽِي آديسي اَتِ، واٺءُ سگيون سناسي ڪٽي.

٣

سِگيون سَناسِي ڪَٽِي تيجُ پَريين پار
سَڳا سيليون سِگيُون ڏاڳا ڪيم ڏٺار
هِيءَ جا حاجَ هٿن جي سا ڪوڙي آهي ڪارِ
مَنُ مَنجهِين مارِ، تہ اوڏو تيين اَلکَ کي.

٤

ويراڳي واحدسِين، ڇتَ سِين رکجُ ڇاهُ
خانو وِينڌئي خاڪَ ٿِي جِنهِ ۾ اچي وڃي واءُ
ساڏو رَکجُ ساءُ، فِکرُ ساڻُ فقيرُ چئي.

٥

فڪرِ ساڻُ فقير چئي، هَلُ تون هيَائين
پُورج تِهِين پيرَ تي وِٺا جوڳي جِيائِين
تہ ڪاپڙي ڪيائِين، مانَ گُروءَ جي گسِ ٿِيين.

٦

مانَ گُروءَ جي گس تيين جي واحِدَ مُنهِ واٽِي
جوڙي جِتي جان ۾ تندون پائي تاٽي
تہ تحت لَفظان تَمَرَ چئي ميوا سپ ماٽِي
اُلوهيتان آٽِي، سُڏيون هي سَنسار ۾.

٧

جي پانيين تيان گس گُروءَ جي تہ واحِدَ مَنجهه واٽيج
تحت لفظان ثمر چئي ميوا سپ ماٽيج
اُلوهيت اُٽيج، سُوڏي هن سنسار ۾.

٨

سُوڌو هِنَ سنسارَ ۾ ويهِي وِيرَ وِجاءِ
ميخون محبت سَندِيُون تندون ٽُنبي پاءِ
تہ ساميڙا سَندياءِ، گُرَ وَٿِ گلا نہ ٿئي.

٩

گُرَ وَٿِ گِلا نہ ٿيي جي مَيلَ تارِيين تان مَنَ
آهِينِ جي اَندرَ ۾ سي ڪامِلَ اُپٽَ ڪَنَ
سَناسِي سَمُنَ، رکِجُ پورَبَ پنڌ جِي.

١٠

رکِجُ پُورَبَ پَنڌَ جِي سَمُنَ سَناسِي
جُنبِي ڪوهُ نہ جُهَارِيين ڪَروَٽُ ۽ ڪاسي
تہ اَندرِ اُداسِي، تونِ نانگا ٿِين نِڪٽين.

١١

جي پانيين نانگو ٿيان نِڪَٽي تہ پَرِ گُروءَ جي پارِ
گنگا، مَترا، گومتِي وجي جَمنا ڪي جُهارِ
هلڻ جي هنگلاج ڏي وائي ڪِيم وارِ
سَڳا سيليُون سِڳيُون ايءُ پُڻ ڪوڙي ڪارِ
مَنُ منجهِهين مارِ، تہ اوڏو ٿِيين اَلکَ ڪي.

١٢

جي پانيين اوڏو ٿيان اَلکَ ڪي تہ وَجِ رامَ سين راهي
سَناسِي سنسار جا ڇڏِ لاڳاپا لاهي
جتي جاڻا جوڳَ جي، اُتِ سامِي رَسُ ساهي
ڪاپڙي ڪاهي، گنگا پيٺِج گومَتِي.

١٣

گنگا پيٺي گومتي پُرجُ پُورَبَ ڏانهِ
ڪاسِي ۽ ڪَروٽَ جي، رَمي پُڇِجُ راهَ
دُئارڪا جي دَرَ تي تون نانگا ڪَرِ نِگاهَ
نانِي ۽ ناراڻ- سَرُ ساندِ منجهِهين ساهَ
اوڏو آهِ اللهُ، ڪوٽيسَر جي ڪُنڊَ ۾.

١٤

گنگا پيٺِي گومَتِي سامِي سيرِ ٿِئا
اَندر آديسين ڪي اَچَنِ جوش جِها
ويراڳِي واحِدَ لئي ڪِنهِ جِنهِ پَهِ پِئا
مَتي تيرٿ تَمرُ چَئي واڪِيندا وِئا
ٿَنِ ڪاپڙين ڪِئا، هَٽِي گَسَ هِنگلاج ڏي.

١٥

هَٽِي گَسَ هنگلاجَ ڏي، اُوءِ سامِي ٿِئا سِيرَ
جِتي جاڻا جوڳَ جي اُتِ مَرڪِي اُيا مِيرَ
هُتِ ڪيائون راضِي راضِي رامَ ڪي، هِت تا چائِنِ پِيرَ
تان پُڻ اِي تَقدِيرَ، مَجيندي مَحو ٿِئا.

١٦

ويراڳِي واحِدَسين رَکِجُ چاهُ چُري
نانگا پنهنجي ناٿ ڪي لَهِہُ منجهان گهٽ گهُري
سِرَ پَرِ تون سُرِي، گنگا پيٺِج گومَتِي.

١٧

ڪوٽيسَر جي ڪُنڊَ ۾ اُو رَهيو آهي رامُ
جَنِ سَناسِين سوريئو ٿَنِ اندرِ ٿئو آرامُ
ڪِروڌ ۽ ڪَامُ، اُن جي وئو وُجودان نِڪَرِي.

١٨

ويئي وُجودان نِڪَرِي اُنِ ڪي وَحدُ ۽ وَڏائِي
سُوڌي ٿِئا سَرِيرَ ۾ ماڻيائون مِنائِي
اُنِي ڪي آئِي، لَذتَ جا لطيفَ جي.

١٩

لَذتَ جا لَطِيفَ جي، سا مَنجهِهين ٿِئا ماڻِين
ثابِتَ بَڌِئو سَندَرا منجهان تِڪَ تاڻِين
اُهجاڻيُون آڻِين، پَسو پُورَبَ پارَ جون.

٢٠

پَسو پُورَبَ پارَ جي، خَبَرَ ڏِينِ ڪَرِي
ٽَڪِئا تاڪِي ڇَڏِئا ٿَنِ ويراڳِينِ وَرِي
سَناسِين سَرِي، پَسو جاڻا جوڳَ جي.

٢١

پَسو جاڻا جوڳَ جي سَرِي سَناسِين
ڪِيرَتَ جا قُلُوبَ جي سا ڪِي ڪاپڙين ڪَن
اوڏا ٿِئا اثبات ڪي مِيمُ رکيائون مَنِ
اوءِ وينا ئِي وِهسَنِ، ڪُجَنِ ڪِنهن سين ڪِيئَڪِين.

۲۲

ڪُجھَن ڪِنهن سين ڪِينڪِين، اوءِ ويٺائِي وِهسَنِ
وائِي واري وِنگڙِي ڪِي وَسِ ويراڳِينِ
لَڳِي لَئه لطيفَ جِي اندرِ آديسِين
بيون ڏيئي بن، پيهي وِٺا پاتار ۾.

۲۳

پيهي وِٺا پاتارَ ۾ تا وِهسَنِ وِيرُو ٽار
لَڳِي لَئه لَطِيفُ جِي تَنِ ڪي اندرِ مَنجھه اپار
ساميڙا سَتار، گُجِي گنگا گَڏِئا.

۲۴

گُجِي گنگا گَڏِئا پُوربَ پُنا جي
أهجاٽيون اِلماسَ جيون تَنِ ڳرِ تَمرُ چي
سامِي آهن سي، جِي لِڪا پوٽَن لوڪَ ۾.

۲۵

لِڪا پوٽَن لوڪَ ۾، سي پَڌَرِ ڪنهن نه پَرِ
باہُو سَبِ پيڙا ٿِئا، اوءِ دُئارڪا جي دَرِ
صَحِيحُ ڪِئائون سَرِ، هُوءِ جا وائِي وِنگڙِي.

۲۶

ڪَري وائِي وِنگڙِي پَلِي ڇڏيائون پاڻِ
نانگَن پنهنجي ناٿَ سين تي راتو ڏينهن رهاڻِ
هُتِ پُجندِهين هاڻِ، هِتِ منجھهين مَنَ مَحُو ٿِئا.

۲۷

مَنجھهين مَنَ مَحُو ٿِئا، وارِئائون وائِي
"ترڪُ الدُنيا راسُ ڪُلِ عِبادة" اِي اُنهين لئي آئِي
پُجَن ڪانه ٻِئائِي، اوءِ پيهِي وِٺا پاڻَ ۾.

۲۸

رامُ جَنِي جي رُوحَ ۾ سَناسِي سيئِي
اُتِين ڳهٽي ادبَ سين اُنِ جي عادتَ اڳيئِي
تَنِي ڪان تَمرُ چَئي پَڌَرُ نه پيئِي
سالِڪَ سيئِي، ڪٿِئو پُوٽَن ڳالهڙِي.

۲۹

رامُ جَنِي جي روحَ ۾ سَناسِي سيئِي
هَلِئا اوءِ هِنگلاجَ ڏي سالِڪَ سيئِي
تَنِي جي تَمرُ چَئِي پرتِ پَري پيئِي
اُنِ ڪي وِهامِي ويئِي، عُمرَ سَبِ اَلڪَ سِين.

۳۰

عُمرَ سَبِ اَلڪَ سين ان ڪي وِهامِي ويئِي
وِٺا وَجائِي سِڱِيُون پُورَبَ ۾ پيهي
ڏِسَندِهين ڏيهي، او نانگا نِسورا ٿِئا.

۳۱

رامُ جَنِي جي روحَ ۾، تَنِ ڪِئو ڪاپڙِينِ ڪمالُ
جَنِ پاتو تَنِ پائيو جانِبَ جو جَمالُ
تَنِي جو تَمرُ چَئِي، هوءِ موچارو حالُ
اوءِ نانگا ٿِئا نِهالُ، پُڄن گسُ گُروءَ جو.

۳۲

پُڄَنِ گسُ گُروءَ جو نانگا ٿِئا نهال
مَقالان مَهند ٿِئا ڪينهين وَٽِنِ قالُ
ڪِئائون حاصُلُ حالُ، پُري پورب پنڌ ڏي.

۳۳

پُري پُورَبَ پَنڌَ ڏي، ڪِئائون سُجاڻِي سُجُودُ
وِڃائي وُجُودُ، هيڪائي هيڪ ٿِئا.

۳۴

هيڪائي هيڪَ ٿِئا اوڏا سانِ اَحَدَ
هِيءَ ڇَڏيائون حَدَ، وِٺا مُطلَقَ مَحُو تي.

۳۵

وِٺا مُطلَقَ مَحو تي، سُجاتائون سوئي
تان آهي اُهوئِي، ڪَٿُ نه ڏِسنِ ڪي ٻئو.

۳۶

ڪَٿُ نه ڏِسن ڪِين ٻئو، پَسو ڏٽيان ڏارَ
سُتِ ڇڏيائون سارَ، پَرُوڙئان پَري ٿِئا.

۳۷

پَروڙئائون پَري ٿِئا، هِتِ ڇڏيائون هِيءَ
جوڳِينِ پنهنجا جِيءَ، پوئي ڇڏيا پرينءَ سين.

۳۸

پُوئي ڇَڏيائون پرينءَ سين، ٿِئا هيڪائِي هيڪُ
ساهَ ڏِنائون سيڪَ، اُهيئِي اڪسِير ٿِئا.

۳۹

اُهيئِي اڪسير ٿِئا جيڪي ڏٽيءَ ڏُٺا

جوڳي هِنَ جَهان ۾ سامِي سي سُٺا
ٿَنِي جا پُٺا، مَڇَ مانائي نہ ٿئا.

٤٠

مَڇَ مانا ٿي نہ ٿِيا جي جَلايا جوڳين
جئن عمر گُذري اُنِ ڪي تئن ٿپي تيزُ ڳَنِ
دُونهان تا دُکَنِ، ٿَنِي جا ٿمَرُ چئي.

٤١

ٿَنِي جا ٿمر چئي دُکن تا دُونهان
جَنِي چوري ڏِنا چِتَ کي لاهُوتِينِ لُوهان
سامِي تئا سُونهان، اُوائان واٺ ڳَنِهين.

٤٢

اُوائان واٺ ڳَنهين، سامِين لَڌو سيرُ
پُرئا پَري پيرُ، سيئي سونهان تئا.

٤٣

سَيئي سُنهان ٿيا واقفُ ٿي وينا
پاٽيءَ جئن پينا، پَسو سيڪنهن شيءِ ۾.

٤٤

پَسو سَيڪنهن شيءِ ۾، ڪَنهن هنڌ نہ ڇَڏبو هاڻ
"بِڪُلِ شيءِ مُحيطُ" اِي اُنِهين جو اُهڃاڻ
ڪَنِي ساجارِن ساڻ، تو ڳالهيون ڪري ڳُجهِيُون.

٤٥

ڳالهيون ڪَري ڳُجهيون پَسو سِين پَنهنجَنِ
سُڄاتائون سُپرينِ مُحَبُ ڪِئائون مَنُ
پِي نہ ڪِئائون ڪَنِ، آهِينِ اُوءِ اُنهِين سِين.

٤٦

آهِينِ اُوءِ اُنهِين ۾، ٿئا نہ ويسَلا وِيرَ
ٿَسا ڏيئي ٿَنَ. ڪي ساڙيائون سَرِيرَ
تيلاهَ ٿئا فقير، جوڳي هِنَ جَهان ۾.

٤٧

ڪالِهوڪو ڪاڏي ڳيو سندو جوڳين جوش
پُڇي ٿهين پَٽَ ڪي، هَڏَ نہ رهيو هوش
آسَڻِ منجهہ افسوس، آءٌ نہ جيندي ان ري.

حمد

مَلکا ذِکر تو گویم که تو پاکِي و خدائي
نهَ رومَ مَن بَجز آن ره، که تو آن راهِ نمائي

۱. تو خداوندِ یَمینِي، تو خداوندِ یَساري
تو خداوندي زَمِیني، تو خداوندِ سَمائي.

۲. همه درکارِ تو پُویَمِ، همه از فضلِ تو جُویَمِ
همه توحید تو گویم، که به توحید سَزائي.

۳. تو زَن وجُفت نه جُوئي، تو خُورو خفت نخواهي
اَحدا بي زن جُفتي، مَلِکا کامِ روائِي.

۴. نه نیازَت به ولادت، نه بَفرزند تو حاجَت
تو جَلِیلُ الجبرُوتِي، تو امیرُ الأمرائِي.

۵. تو حلیمِي تو کریمي، تو سَمیعِي تو بَصیري
تو مُعزِي تو مُذلِي، مَلکُ العَرشُ عُلائِي

۶. تو کَبیري تو خبیرِي، تو لَطِیفي تو رحیمي
تو غَفُورِي تو کریمِي، تو بشایانِ ثنائِي

۷. همه عزِي وجلالي، همه ذوقِي و کمالِي
همه نُورِي و سُرُورِي، نه تُرا چُون و چَرائِي

۸. نه زِ خاکِي نه ز بادِي، نه زِ آبِي نه زِ آتشِ
نهَ مَکانِي نه مَنازِلِ، نه نشیني نه بَپائِي

۹. نه سِپهرِي نه کَواکَبُ، نه بروجي نه دَقائق
که مَنمَ باهمه پُر عیبَ، تو از عیبُ جُدائِي

۱۰. نه تُرا خُوردن و خفتن، نه تُرا شِرکَت شاهِي
نه ترا صورت رنگِین، نه ترا عیب و خطائِي

۱۱. همه را عیب تو دانِي، همه را عیب تو پوشي
همه را رِزق رسانِي، که تو با جُود و عطائِي

۱۲. اَحدُ لَیسَ که بمثل، صَمد لَیسَ بفضل
لِمَنِ المُلکُ تو گفتي، که سزاوارِ جدائِي

۱۳. نه بُدَه خلقُ تو بودي، نَبُودَ خلق تو باشِي
نَتوان وصِف تو گُفتن، کِه تو دَر وصف نَبائِي

۱٤. نَتوان شَرح تو گُفتن، کِه تو در فهم نه گُنجِي
نه خوري نیز نه خُسپِي، نه گاهِي نه فزائِي

۱۵. لَبُ و دندانِ ‘سَنائِي‘، همه توحید تو گوید
همه را زِ آتِشِ دوزخ، زِ کرم باد رَهائِي.

حمد

آن حمد بیحد مر که ایمان داد
مُشت خاک را خداي پاک را
آن که آدم دَمیده رُوح را
داد ازِ طوفان نجات نُوح را
آن که فرمان کرد قهرش باد را
تا سَزایء داد قوم عاد را.

مثنوي

‘کَیفَ مدالظِلِ‘ نقشِ اولیا است
گو دلیل نورِ خورشید خدا است
اندرین وادي مَرو بي این دلیل
‘لا اُحِبُ الافلین‘ گو چون خلیل
رو ز سایه آفتاب را بیاب
دامنِ شهء شمس تبریزي به تاب
هِین که اِسرافِیلُ وقتند اولیا
مُرده را زِ ایشان حیاتست و نُما
اولیا را در دَرُون نغمها است
طالبان را زانِ حیات بي بها است
. نغمهايء اندرونِ اولیا
اَولا گوید کِه اِي اَجزاي لا
اولیا را خواب مُلکَ ست اَي فلان
هم چون آن اصحابَ کَهفند در جهان
اولیا اصحابُ کَهفند اَي عُنود
در قیام و در تقلُب هم رقُود
اولیا را هست قدرت از اله
تیر جسته باز گردانند زِ راهِ

دست را مَسپارِ جُز در دستِ پیرَ
حق شدست آن دست اُو را دستگیر
دستٔ تو از اهلِ آن بیعت شود
که 'یدُ الله فوق ایدِیهِم' بُود
مثنوي ما دُکانِ وحدتست
غیر واحد هرچه بیني آن بُتست
مثنوي ما دُکانِ وحدت است
وحدت اندر وحدت اندر وحدت است
مثنوي مولوي معنوي
هستِ قرآن در زبان پهلوي
خود غرضُ زین آبُ جان اولیاست
گو غُسُولِ تیر گیهاي شماست
آبِ خضر از جُوي نُطقِ اولیا
مِي خُوریم اي تشنه غافِل بِیا
آي فَلان ما را بهمت یاد دار
تا شویم از اولیا پایانِ کار
آن خیالاتي کلامِ اولیاست
عکس مَهرُویانِ بُستان خداست
ابلَهان تعظیم مسجِد میکُند
در جفايُ اهل دل جِدِ میکُند
مسجدي کِه اندر درونِ اولیاسِت
سجده گاه جمله آنجايِ خداست
اولیا اطفالُ حقُ آند این اي پِسر
در حضور و غیب آگه با خبر
گفت اطفال مَن اند این اولیا
دَر غریبِي فرد از کارِ و کِیا
جانها اِین دُلق پوشان مَن اند
صد هزار اندر هزارِ و یَک ثَنَ اند
مرتبهء اِنسان بدَستِ اولیا
سُفیهٔ خُون حیوان شناسش اي کِیا
عقلُ عقلَ اند اولیاء عقلها
بر مِثالِ اُشتران تا اِنتها

آن کِه گویند اولیا دَر کُه بُونَدَ
تاز چشم مرد ما غائبُ شَوَند
اولیا اهلِ دعا خود دیگرند
گه هَمِي دُوزندَ گاهِي مَیدَ رند
قوم دیگر مي شناسم ز اولیا
کِه دهنِ شان بسته باشد از دعا
تیغ در زَرادُ خانه اولیا
دِید آن ایشان شما را کِیمیا
هرکه خواهد هم نشیني با خدا
گه نِشینَد در حضورِ اولیا
چون شَوي دُور از حضورِ اولیا
در حقیقت گشتهء دور از خدا
یک زمانه صحبتِ با اولیا
بهتر از صد سال بودن در تُقيٰ
از حدیثِ اولیا نرم و دُرشت
تن مَپوشان زانکهِ دِینَت راست پُشت
نار خندان باغُ را خندان کُند
صحبت مردانت از مردان کند
گر تو سنگِ صخره مرمر شوي
چون بصاحب دل رسي، گوهرُ شوي
مهر پاکان درمیان جانشان
دل مده اِلا بَمِهرِ دِل خُوشان
رو غذايِ دل بَده از همدلي
رَو بَجُو اقبالَ را از مُقبِلِي
دست زن در ذَیل صاحب دولتي
تا زِ انعامش بیابي رفعتي
آن وَلي- حق چو پیدا شد ز دور
از سَرو پایَش همي مي ریخت نور
نورِ حق ظاهر بُودَ اندر ولي
نیک بین باشي، اگر اهل ولي
گر ولي زهري خورد، نوشي شود
ور خورد طالب، سِیه هوشي شود

ناقهء چسمِ ولي را بنده باش
تا شوي با روُح صالح خواجه تاش
همسري با انبيا بَر داشتند
اوليا را همچون خود پنداشتند
اوليا را داشتي در انتظار
انتظارِ رُستخيزت گشتِ يار
چونکه بيرنگي اَسير رنگ شد
مُوسي با مُوسيٰ که اندر جنگ شد
چون به بيرنگي رسي کان داشتي
موسيٰ و فرعون دارد آشتي
علمِ اهلِ دل نه از مکتب بود
بلکه از تلقين خاصه رب بود
بي کتاب و بي حساب و بي اديب
اوليا را حق کند علمي نصيب
گر شکال آرد کَسي بر گفت ما
از براۓ انبيا و اوليا
اين نمي بيني که قربِ اوليا
صد کرامت دارد و کار و گيا.

—

رحمة الله بر جنازهء مولوي
داد قرآن را لباسِ پهلوي.

غزل

بي حجابانه در آ از دَرِ کاشانهء ما
که کِسي نيست بجز دردِ تو درخانهء ما
گر بيائي بَسر تُربتِ ويرانهء ما
بيني از خونِ جگر آب شده خانهء ما
فتِنه انگيز مشو کاکِل مشکين بکشا
تابِ زنجير ندارد دلِ ديوانهء ما
مرغ باغ مَلکوتيم دَرين دَيرِ خراب
مي شود نُورِ تجلاي خدا دانهء ما
با احد در لحد تنگ بگوئيم که دوست
آشنائيم توئي غير تو بيگانهء ما
گر نکير آيد و پُرسد که بگو ربِ تو کيست؟
گويم آن کس که ربود اين دلِ ديوانهء ما
منکرِ نعره ما گو که بما عربده کرد
تا به محشر شنود نعره مستانهء ما
شکر لله که به مرديم و رسيديم بدوست
آفرين باد برين همتِ مردانهء ما
"محي" بر شمعِ تجليِ جمالش مي سوخت
دوست مي گفت زهي هَمتِ مردانهء ما.

ادبيات

هزار بار بشويم دهن ز مُشک و گلاب
هُنوز نامِ تو گفتن کمال بي ادبيست.

عاشقان را روز محشر تا قيامت کار نيست
کار عاشق جُز تماشا اين جمالِ يار نيست.

ابر گريد گاه گاهي چشم من مگريد مدام
از فراق يار جاني چشم را خانم حرام.

دل بدست آور که حج اکبر ست
از هزاران کعبه يک دل بهتر ست
کعبه بُنگاهِ خليل آذر ست
دل گُذر گاهِ جليلِ اکبرست.

بنالد بلبلِ مسکين که از گلزار دور اُفتد
قيامت آن زمان باشد که يار از يار دور اُفتد.

چُنان سودائي ليليٰ در سرم بُود
کجا پرواي کارِ ديگرم بود.

صُنفَ الکُتبُ الکثير المعنويٰ
ليس فيها کا الکتاب المثنوي.

إنني أبصرتُ في النوم الرسولُ
في يَديهِ المثنوي وهو يقولُ...